سنڌ جو مهراڻ

راورٽي

مترجم: عطا محمد ڀنڀرو

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو
حيدرآباد - سنڌ

سنڌ جو مھراڻ

مترجم

عطا محمد ڀنڀرو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد - سنڌ
پاڪستان

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا سڀ حق
۽ واسطا قائم

ڇاپو پهريون: ١٩٩٥ع
تعداد: هڪ هزار

قيمت: ٢٠٠ روپيا

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نيشنل هاءِ وي- نزد سنڌ ميوزيم
حيدرآباد- سنڌ
71000

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز
ٿيو ۽ اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري ميشرس آزاد
ڪميونيڪيشنز ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

سٿاءُ

صفحو

- ٻہ اکر — ٥
- مهاڳ — ٧
- سنڌو — ١٧
- وهاٽ، ٻهاٽ يا قديم بي دستہ — ١١٩
- چن ـ آب يا چندر ڀاڳا — ١٢٦
- راوي، روا، يا قديم اراوتني — ١٣٧
- ٻياه ـ قديم ٻپاشا يا وپاشا — ١٤٣
- سُتلج، سُتلاج يا شُتلاج — ١٥٦
- هاڪڙا، واهندا يا سنڌ ساگر ۽ چتنگ — ١٨١
- سرسوتي يا قديم سَرس وَتي — ١٩٢
- گهگهر يا قديم دَريشدوتي — ١٩٥

ٻه اکر

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيـــار اداري جي پروگـــرامن ۾ هڪ پروگرام اهو ٻه آهي ته ٻين ٻولين جي معياري ڪتابن جا سنڌي ۾ ترجما ڪرايا وڃن. هن ڪان اڳ اسان جنرل هيگ جي ڪتاب"سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو عـلائقـو" جو سنڌي ۾ ڇڪـو آهي. ان ڪـان عـلاوه اداري پاران مخدوم جعفر بوبڪائي جي ڪتاب حاصل النهج، انڊين ڪانٽريڪٽ ائڪٽ"، "سنڌ لئنڊ روينيـوائڪٽ ١٩٦٧ع"، جان بيمز جو ڪتـاب "هندوسـتـان جي زبانن جو جائزو" مخدوم مـحـمـد هاشم ٺـٽوي جو "رشف الزلال". جي آر هنٽر جو "سنڌو لکت جو بين الاقوامي لکتن سان لاڳاپو" ۽ ايس-آر راءُ جو "سنڌو لکت ۽ ٻولي" ڇپــجي ڇڪـــا آهن، هيءُ ڪتاب ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

ٽي سگهي ٿو ته راورٽي اجا وڌيڪ ڪتاب لکيا هجن، جيڪي اجا قلمي صورت ۾ موجود هجن. هن هندوستان ۽ پشاور مان ڪيترائي فارسي ۽ پشتو جا قلمي نسخا ڪٺا ڪيا هئا، جيڪي سندس نالي سان برٽش ميوزيم ۾ محفوظ آهن.

هونئن ته راورٽي جو هر ڪتـــاب اهم آهي، پر انهن مــڙني ڪتابن مان سنڌ ۽ پنجاب جي حوالي سان سندس ڪتاب "مهراڻ آف سنڌ" مڙني ۾ مٿاهون آهي. هن ڪتاب ۾ جاگرافي سان گڏ تاريخ جو ڪيتروئي قيمتي مواد قلمبند ٿيل آهي. هن مختلف تاريخي ڪتابن جي مطالعي ڪان سواءِ درياهن جا پراڻا وهڪرا پاڻ وڃي ڏٺا. مقامي ماڻهن ڪـان مـعلومـات حـاصل ڪئي، ان ڪـان پوءِ هن چنڊ ڇاڻ ڪري هيءُ ڪتاب تيار ڪيو. رورٽي تاريخ جو گهرو مطالعو ڪيو هو. تهنڪري هن پنهنجي ڪتـاب ۾ ڪيتـرن ئي هنڌن تـي پنهنجي مؤقف کي مـدلل ۽ وزندار بڻـائڻ لاءِ تاريخ جي مـسـتند ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. ان ڪـان علاوه هن ڪن ليکڪن جي ڳالهين کي مدلل نموني رد ڪيو آهي. ڪٿي ڪٿي سندس انداز طنزيه ۽ مزاحيه نظر اچي ٿو.

نهايت افسوس جي ڳالهه آهي جو اسان پنهجي شين کي وساري ڇڏيو آهي. ٻه سال کن اڳ "سنڌو درياهه" بابت لنڊن ۾ هڪ بين الاقوامي ڪانفرنس ٿي هئي. سنڌو اسان جو درياهه آهي. اسان جو فرض هو ته اسان ان قسم جي ڪانفرنس منعقد ڪريون ها. سنڌو درياهه تي ڪو سهڻو ڪتاب لکون ها. پر افسوس جو اسان هن موضوع تي ڪو ننڍڙو ڪتاب به ڪونه لکيو آهي. جيستائين ڪو نئون ڪتاب لکجي، تيستائين اسان اهو ضروري سمجهون ته هن موضوع تي لکيل ڪتابن جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري ڇپرايون. هن ڪان پوءِ اسان هن موضوع تي لکيل ٻين ڪتابن جا ترجما ڪرائي درياهن بابت سنڌي ۾ ڪتاب ڇپرائيندا سون.

راورٽي پنهنجي هن ڪتاب ۾ سنڌ کان سواءِ پنجاب جي درياهن جو تفصيلي احوال ڏنو آهي، انهن درياهن جا اڳوڻا تاريخي نالا ڪهڙا هئا؟ هُن انهن ڳالهين تي سهڻي نموني روشني وڌي آهي، خاص طور مهراڻ درياهه بابت هن وڏي محنت ڪري نهايت ئي قيمتي مواد ڏنو آهي - ايترو اسان کي ٻئي ڪنهن ڪتاب مان ڪونه ٿو ملي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ ملازمت دوران بنده جي اها ڪوشش رهي ته اداري پاران اهڙن موضوعن تي ڪتاب تيار ڪرايا وڃن، جن بابت يا ته ڪو ڪتاب موجود نه هو، يا گهٽي ڪوٽ هئي. اهوئي سبب آهي جو سنڌولکت ۽ درياهن بابت ڪتاب ترجمو ڪرايا ويا. هن کان اڳ ڪنهن به اداري انهن اهم موضوعن طرف توجه ڪونه ڏنو هو.

آخر ۾ آءٌ عطا محمد ڀنڀري جو شڪر گذار آهيان جو هُن راورٽي جي ڪتاب جو ترجمو تمام سهڻي نموني ۾ ڪيو آهي. اميد ته پڙهندڙن کي هيءُ ڪتاب پسند ايندو ۽ هن موضوع سان دلچسپي رکندڙ محققن لاءِ اهو مددگار ثابت ٿيندو.

تاريخ ١٠ ڊسمبر ١٩٩٤ع

نواز علي شوق
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد سنڌ

مهاڳ

سنڌوءَ جي وهڪري بابت مطالعي ڪرڻ جو مون کي شروع کان شوق رهيو آهي. ان موضوع تي مون ڪجهه ڪتابن ۾ مقالا پڙهيا آهن، جن مان هڪ سائين راورٽي جو لکيل ”سنڌ جو مهراڻ“ پڻ آهي، جنهن ۾ راورٽي تمام گهڻي محنت ڪئي آهي. اها ڳالهه پڙهندڙ ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ پاڻ پروڙي سگهندا.

هن ڪتاب ۾ مون کي ڪي نيون ڳالهيون نظر آيون، جيڪي سنڌوءَ تي لکيل ٻين ڪتابن ۾ ڪونه هيون. جيئن ته سنڌي زبان ۾ درياهن بابت ڪوبه ڪتاب موجود ڪونه هو، تنهن ڪري دل ۾ خيال ڪيم ته ڇونه ان ڪتاب جو ترجمو ڪريان، پر پوءِ ٻين مصروفيتن سبب اهو ڪم رهجي ويو.

جڏهن منهنجو پيارو دوست ڊاڪٽر نواز علي شوق سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو چيئرمين ٿي آيو ته مون کي تمام گهڻي خوشي حاصل ٿي. ڊاڪٽر شوق مون تي زور ڀريو ته آءُ راورٽيءَ جي ڪتاب ”مهراڻ آف سنڌ“ ۽ جنرل هيگ جي ڪتاب ”انڊس ڊيلٽا ڪنٽريءَ“ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريان. اها ڳالهه ڄڻ منهنجي دل وٽان هئي، تنهنڪري ٻيا سمورا ڪم ڇڏي انهيءَ ڪم ۾ لڳي ويس. ڏينهن رات هڪ ڪري جلد کان جلد ٻنهي ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ورتم، جن مان هڪ ”سِنڌ جو مِهراڻ“ اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

راورٽيءَ جي خاص خوبي اها آهي ته هُن ڪنهن ڳالهه کي ثابت ڪرڻ واسطي سرت ۽ سچائيءَ سان هر ذريعي کي شاهديءَ طور پيش ڪيو آهي. مستند ڪتابي حوالا ۽ اکين ڏٺيون شاهديون ڏئي پنهنجي لکت کي ويساه جوڳو بنائي ڇڏيو اٿس. هن ڪتاب لکڻ مهل

سڪندري مؤرخن، عرب تاريخدانن جا ڪتاب ان کان علاوه چچنامو، الهند، تاريخ فيروز شاهي، ٻيا مختلف تاريخي ڪتاب ۽ پنجاب جو لئنڊ سروي رڪارڊ سندس سامهون هئا. پاڻ ڪاهوڙي مڙس هو، تنهن ڪري جهنگ جبل جهاڳي وڃي اصلي ماڳن تي پهچندو هو.

راورٽيءَ جي بيان جو انداز ڏاڍو وڻندڙ آهي جڻ وينو ٿو ڪچهريون ڪري، پر ڪٿي ڪٿي منجهيل نظر اچي ٿو. اهو مونجهارو راورٽي جي لکت ۾ نه، پر ڪتاب ۾ ڏنل عرب ماخذن جي اڻ چٽين لکتن سبب پيدا ٿيو آهي. جن ڪڏهن سنڌوءَ کي آبِ سنڌ، ڪڏهن رُودِ سنڌ ته ڪڏهن وري مهراڻ لکيو آهي. اُن کان علاوه هُنن ڪابل، جهلم، چناب، راوي، بياس، ستلج ۽ هاڪڙي جو نالو وٺي ذڪر ڪونه ڪيو آهي، پر سيني لاءِ ”رُود“ لفظ ڪتب آندو اٿن. ”رُود“ قديم فارسي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وڏو درياه جنهن مان ڦاٽ نڪرن ۽ منجهس ٻيا وهڪرا اچي ڇوڙ ڪن.

راورٽي ٻڌائي ٿو ته مانسرور ڍنڍ کان وٺي سنڌ جي حدن تائين سنڌوءَ جا گهٽ ۾ گهٽ اوڻيهه ننڍا وڏا دائمي ۽ وقتي وهڪرا اچي سنڌوءَ ۾ ملندا هئا، جن مان گهڻا هاڻي سُڪي ويا آهن. ڪن جو پاڻي وري ايترو گهٽجي ويو آهي، جو سنڌوءَ تائين پهچڻ کان اڳ استعمال ٿي سڪي ويندا آهن، يا ٻنا استعمال جي رٿن پٽن ۾ ختم ٿي وڃن ٿا. سندس هيءُ به خيال آهي ته مهراڻ يا هاڪڙو سنڌوءَ کان به وڏو درياه هو، جنهن جي لٽ پوڻ ڪري ڪڇ واري ڏرتي نهي پئي، جتي اڳي سمونڊ هوندو هو. هو هن درياهه جو هماليه ۾ ان جي وٽ پاسي سوا ليڪ مان نڪرندڙ نَين ۽ ندين جي پاڻيءَ جو پيرو ڪڍي، نَون ۽ پراڻن وهڪرن جا ڏس پتا ٻڌائيندو، رٿن پٽن پوڻن پٽڻن ۾ لانگهن وٽان لنگهندو اچي ”ڪنڌارا“ ماڳ وٽ پهچي ٿو، جتان موج ڀريو مهراڻ موجوده سنڌ جي حدن اندر اچي داخل ٿيندو هو. سندس بيان مان پتو پوي ٿو ته مهراڻ ”ڪنڌارا“ وٽان ۽ سنڌو ڪشمور وٽان وهندو هو ۽

پوئين درياهه ڪشمور کان گهڻي وقت کان وٺي منهن ڪونه مٽيو آهي.

ڪو سمو هُو جو سنڌ کي درياهن جو ديس سڏيو ويندو هو. سندس اولاهين پاسي کان وهندڙ سنڌو سنڌ جا پَٽ ۽ پوٺا تليون ترايون پُسائيندو آن ۽ ڌنُ اُپائيندو ڏيهه مان ڌُرت ۽ ڌڪار تڙيندو وچي سنڌ واري سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. هماليه جبل مان نڪرڻ کان وٺي سمونڊ تائين سهسين وهڪرا اچي سندس سلامي ڀريندا هئا. جن مان ڪي ڍنڍون ۽ ڪي درياهه هوندا هئا. هن جون مکيه ڀرتي ڪندڙ شاخون جهلم، چناب، راوي، ڪابل، گومل، بولان، گاج ۽ بارڻ آهن. هنن مان پوين پنج نديون فقط مينهوڳيءَ جي موسم ۾ وهنديون آهن. منجهائن گومل ۽ بولان ۾ جهرڻن جو پاڻي ايترو ته ٿورو هوندو آهي، جو رستي ۾ استعمال ٿي کپي ويندو آهي. هاڻي به جڏهن چوماسو چوکو ٿيندو آهي ۽ چار ڪٽيون سجيه وسي پونديون آهن، ته سندن بچتو سچتو پاڻي وڏي اچي سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندو آهي. گومل جي پيٽ ۾ بولان وڏو ۽ دائمي درياهه هو. هن جي آبي ذريعن واري علائقي ۾ چشما تمام گهڻا هوندا هئا. جنٰ جو پاڻي ڪٽي ٻارهوئي پيو سنڌوءَ کي سَوايو ڪندو هو. جڏهن چوماسي ۾ پلرجي پالوٽ ٿيندي هئي، ته پاڻيءَ جو جهجهو مقدار ڪٽي ٻئي ڀريون ٻوڙيندو اچي سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندو هو. جڏهن هن جوءِ مان مِينهن مُنهن مَٽي ويا، ته جهرڻن جا وات به جَلَ ڏيڻ کان بند ٿي ويا. ان ڪري ڪيترائي دائمي درياهه ڦري موسمي ٿي ويا. هاڻي ته سنڌوءَ کي ساونڻ جي وڏن وسڪارن مهل مهينو ڪن مستي رهي ٿي، نه ته سکر ۽ ڪوٽڙي بئراج کان هيٺان سندس پيٽ مان واري وراڪا ۽ واڪا ڪندي ڏسبي آهي. اڳي ته سياري ۾ گوڙون ۽ گجڪارون ۽ ٻبر شينهن جيان راڙون ڪندو وچي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. ڪيس جَنِ ڪَنِ به ڪانه هئي، ته هن کي اڻ ڪئي جو به ليکو ڏيڻو پوندو. هو سيپٽمبر کان مئي تائين مانار ۽ ماٺ ۾ مُنڌل ۽ ڪن وسوڙن ۾ وڪوڙيل ڏسبو. ڪڏهن سندس تار پاڻي سُهڻيءَ جي ڀيلي کي ڀور ڪري وچي

ڪيئن ڪارونيار ۾ ڪَئن ۾ هنيو هو. تہ شاه لطيف دنبوري تي دانهون ڪري راڄ رڻاري ڇڏيا هئا. پر هاڻي جڏهن پاڻ سُڪيءَ ۾ ٻڏي ويو آهي تہ ڪير ڪنارن تي ٻيهي هن واسطي ڇئن ڳوڙهن ڳاڙڻ لاءِ بہ تيار ڪونہ آهي. ڀهريون تہ هن ڪي منگلا جا پئد پيرن ۾ پيا ۽ پوءِ تربيلا جا هٿڪڙول هٿن ۾ پيا. هاڻي تہ هن لاءِ ڪالا باغ ڊيم وارو ڳچيءَ جو ڳٽُ تيار پيو ٿئي. سندس سارو پاڻي ڪُرف ۾ ڪَڙن حوالي. اڳي ٻُڌو هيو سون تہ رڳو مارئي وچي بند ۾ بندياڻي تي هئي، پر هاڻي تہ سارو سنڌوُ وچي ڪوٽن ۾ قيد ٿيو آهي.

مٿي بيان ڪيل درياهن مان بياس ڪڏهن ستلج تہ ڪڏهن سنڌوءَ ڪي پئي ڀرتي ڪيو آهي. امير تيمور جڏهن ١٣٩٨ع ۾ پير خالص وٽان بياس پار ڪري دهليءَ تي حملي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو هو تہ رستي ۾ ڪيس ستلج نظر ڪانہ آئي هئي. سندس مؤرخن بہ هِن درياه جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. اهڙيءَ ريت اِبن بطوطه جي سفر نامي ۾ سندس بيان نظر ڪونہ ايندو. پر ان هوندي بہ ڪيس اجوڌن ۽ ابوهار جي وچ تي پاڻيءَ جي ڪاٻَٽِ نظر ڪانہ آئي هئي ۽ سندس چوڻ آهي تہ ان جُوءِ ۾ پاڻي جام هو. ائين ڪونہ آهي تہ تنهن زماني ۾ ستلج سڪي وئي هئي، پر ابوهار واري پيٽ مان وهي رهي هئي ۽ هيٺ وچي هاڪڙي ۾ چوڙ ڪري رهي هئي.

ڇيو ويندو آهي تہ پاڻيءَ جي تعداد جي لحاظ سان هاڪڙو سنڌوءَ کان گهٽو وڏو درياه هو، جنهن جي مکيہ ڀرتي ڪندڙ شاخ ستلج هوندي هئي. جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. هن درياه جي ٻي مکيہ ڀرتي ڪندڙ شاخ سرسوتي هوندي هئي، جيڪا ناهون ۽ ساڏوراءِ جي وچ واري "سوا ليڪ" واري جُوءِ مان وهي هلندي هئي. وچ تي سندس سارو پاڻي واريا سي علائقي ۾ گم ٿي ويندو هو ۽ پوءِ گهٽي فاصلي طئي ڪرڻ بعد برڪيرا Barah Khera وٽان اچي ظاهر ٿيندو هو. اتان هيءَ ندي اولهہ ڏکڻ وارو رخ اختيار ڪري، ڀيهوئا، فورس،

ماجهرا، تَهوانا، بَنهور، چِني ۽ چتنگ کان اتريون پاسو ڏئي، پُنير کان ڏکڻ اوڀر ويهه ميل هيٺ گهگهر سان وڃي سنگم ڪندي هئي.

سرسوتي کان سواءِ چتنگُ بہ هاڪڙي جي پرتي ڪندڙ شاخ هو، جيڪو ساڌو راءِ جي اُتر کان "سوا ليڪ" جي جابلو علائقي مان وهي ڪرنال کان نَو ميل اولهه ڏئي اولهه -ڏکڻ جو رخ ڪندو هو. ٿورو هيٺ سلطان فيروز جي ڪوتايل واهه جو باچتوُ پاڻي بہ اچي ساڻس ملندو هو. اتان کان جِند، رامراءِ جو اولهه ۽ اولهه ڏکڻ ڏئي بعد ۾ هانسي جو اوڀر پوءِ ڏکڻ ڏئي بيڪانير جي راڄڌاني پادرا کان مَٿي روت سر جو پاسو ڏئي گهٽو اڳتي وڃي هاڪڙي يا واهندا جي پرتي ڪندڙ شاخ گهگهر سان ملندو هو.

گهگهرَ بہ هاڪڙي جي پرتي ڪندڙ هڪ شاخ هئي، جيڪا ڪهلورجي جابلو علائقي جو پاڻي ڪٽندي هئي. ڪڏهن اهو بہ دائمي درياه هوندو هو. منجهس تمام گهٽو پاڻي هوندو هو. پر هاڻي اهو بہ موسمي وهڪرو بڻجي ويو آهي. هيءُ درياه ان علائقي جي اُتر اولهه کان وهندو هو، جتان سرسوتي ۽ چتنگ جا وهڪرا پاڻي ڪٽندا هئا. اهو وهڪرو اتان نڪري بَنهور کان ٿيندو، اولهہ -اولهہ -ڏکڻ منهن ڪري اَنبالا پهچندو هو. بعد ۾ فتح پور، پُنيري ۽ ڪهرام کان اڳتي ٿيندو هو تہ ان سان ڪونسِيلا ۽ پَٽيل نديون اچي ملنديون هيون. اگوندِ ۽ سمانا کان پوءِ ڪيتريون ئي نيون هن وهڪري سان ملي وينديون هيون. تهوانا کان هيٺ هن کي گاجي واه ۽ پنچ ند پڻ سڏيو ويندو هو. ان کان پوءِ وڏيڪ اولهہ ڏکڻ ڏانهن لڙي، ڪئتل ۽ هونگ -آلا اچي، ڊنبل ۽ سيرسا کان ٿيندوُ پيراج -ڪي -تِپيءَ وٽ پهچندو هو، تہ ڪيس "چوا" جو پاڻي اچي ملندو هو. پوءِ پتنير جو اتر ڏئي ۽ فتح پور پرسان وڃي هاڪڙي سان ملندو هو ۽ مختلف جاين تي مارڪندا، تلوهي، سُويتي، گمهَلا، کاندِ، پاڳ نهر، چُوا ۽ موهڙِ ندين جو پاڻي پڻ اچي هن وهڪري ۾ چوڙ ڪندو هو. ان کان سواءِ جيسلمير کان پوهہ ڪرن

ندي بہ اڄي هن سان ملنديُ هئي، جيڪا هاڻي سڪي وئي آهي.

هاڪڙو، ستلج، سرسوتي، چتنگ ۽ گهگهر جو پاڻي ڪٺي هيٺ هلندو اچي، بهاولپور جي موجوده علائقي ۾ دوش-آب جي ماڳ وٽ پهچندو هو، جتي سنڌو اچي هن درياه سان سنگم ڪندو هو جنهن ۾ ڪابل، جهلم، چناب، راوي جو پاڻي شامل هوندو هو.

دوش-آبَ واري وڏيءَ ڍنڍ مان سنڌوءَ نالي هڪ ننڍو وهڪرو نڪرندو هو، جيڪو ڪنڌڪوٽ ۽ شڪارپور جو پاسو ڏئي موهن جي دڙي ڪان ٿيندو وڃي منڇر ۾ ڇوڙ ڪندو هو. ان جو ڪجهہ ٿورو پاڻي ڪشمور ڪان مٿان سنڌوءَ مان ڇڄي اروڙ وڃي هاڪڙي جي اولاهين شاخ سان ملندو هو.

مٿيُ بيان ڪيل دوش-آب وٽان هاڪڙي نالي سان هڪ وڏو وهڪرو اڳتي وڃي وَنجهڙوٽ وٽ ہِہ درياهيءَ جي شڪل اختيار ڪندو هو. ننڍو ڦاٽ ونجهڙوٽ جو اولهہ ڏِئي اروڙ پهچندو هو ۽ اتي سنڌوءَ جي ننڍي وُهڪري سان وڃي ملندو هو.

اروڙ وٽان ہہ وهڪرا ڦٽندا هئا. جن مان هڪ سنڌو نالي هوندو هو جيڪو ناروءَ جي ڍوري، ڪوٽ ڏِجي، ڪوٽڙي ڪبير ۽ هالاڻيءَ ڪان ٿيندو سنڌ جو وچ ڏئي برهمڻ آباد ڏانهن رخ ڪندو هو. ٻيو وهڪرو ڏکڻ-ڏکڻ اوڀر ڏئي وهندو هو، جنهن کي هاڪڙو سڏيو ويندوهو. ونجهڙوٽ جي اوڀارين درياهي شاخ جو پاڻي سانگهڙ ڳوٺ وٽ اچي هن سان گڏبو هو. اهو گڏيل وهڪرو ڪلري وٽان وري ہہ درياهيءَ ۾ ورهائجي ويندو هو، جن مان اولاهيون سنڌوءَ جي برهمڻ آباد واري وهڪري سان وڃي ملندو هو ۽ اوڀاريون وڃي پُراڻ واري ڍوري سان ملندو هو.

هن احوال مان معلوم ٿيندو تہ سنڌ جي موجوده حدن ۾ اتر پاسي سنڌوءَ جا ہہ وهڪرا هئا. هڪ ڪشمور ڪان هيٺان تہ ڪڏهن

مٿان ڪنڌڪوٽ ۽ شڪارپور وارو وهڪرو هو، جنهن کي هاٽي سنڌ ڊورو سڏيو ويندو آهي، جنهن جُهڪر، موهن جي دڙي ۽ آمريءَ جون ثقافتون ڏنيون. اهو اڳتي وڃي منڇر ۾ چوڙ ڪندو هو، جتي پڻ هن دنيا جي قديم ترين تهذيب کي سرجيو هو. سنڌوءَ جو ٻيو ڦاٽُ ڪشمور کان مٿان ڪٿان نڪرندو هو ۽ سڌو ڏکڻ وچي اروڙ وٽ پهچندو هو ۽ اتان نڪري هَن ناروءَ جي دڙي ۽ ڪوٽ ڏجي جي تهذيبن کي جنم ڏنو. پوءِ ڪوٽڙي ڪبير ۽ هالاڻيءَ وٽان لنگهي چانهوءَ جي دڙي جو پاسو ڏئي، ور وڪڙ ڪندو اچي برهمڻ آباد پهچندو هو. سڪندر جي حملي وقت سنڌوءَ جا اهي ٻئي وهڪرا قائم هئا. چاڪاڻ ته جڏهن هن اروڙ پهچي ماهوٽن تي ڪاهيو هو ته هو خشڪيءَ رستي اوڏانهن وڌيو هو ۽ جنگي ٻيڙن جي ڪمانڊرن کي حڪم ڪيو هئائين، ته اڳتي هلي سندس انتظار ڪن. اها هڪ پڪي ثابتي آهي ته سنڌوءَ جو اروڙ وارو وهڪرو موهن جي دڙي ۽ ماهوٽن ڏانهن ائين ڪونه وهندو هو، جهڙيءَ ريت هاڻي نظر اچي رهيو آهي.

هن ڳالهه مان اهو به گمان ٿئي ٿو ته سڪندر بياس ڏئي دوش آب واري ماڳ تائين پهتو هوندو، پوءِ هاڪڙو ڏئي ونجهڙوٽ وٽان هاڪڙي جي اولاهين ڇاڙهه ڏئي اروڙ آيو هوندو. جيڪڏهن هو سنڌوءَ سان سفر ڪري ها ته ڪنڌڪوٽ ۽ شڪار پور وارو پاسو ڏئي ٻيڙين سميت وچي ماهوٽن جي پاسي ۾ پهچي ها. چچ جي زماني ۾ اهو وهڪرو ڪوٽڙي بدران ديهات وٽان وهندو هو ۽ ٻڌيه ڏانهن ويندي، هو ان ماڳ وٽان سنڌو آڪريو هو. اهو پراڻو پيٽ اڄ به ڏسي سگهجي ٿو. امير تيمور جي حملي کان ٿورو پوءِ ستلج ندي پنهنجو اصلي وهڪرو ڇڏي وچي لوه ـ وال وٽ بياس سان ملي، جن جي گڏيل پاڻي کي هرياري، نيلي ۽ گهلوءَ جو گهارو سڏيو ويندو هو ۽ اهو هاڪڙي کان ڌار وهڻ لڳو هو. اهڙي ريت ستلج هن درياه کان هميشه لاءِ ڌار ٿي وئي. سرسوتي اڳ ئي سڪي وئي هئي. گهگهر ۽ چتنگ ۾ اهو اڳيون

پاڻي ڪونہ رهيو هو. سانوڻ جي چئن ڪٽين تي ٻارهين مهيني ڪين ساه پئجي ويندو هو. اهڙيءَ ريت هوريان هوريان هاڪڙو سُڪي ويو.

سنڌوءَ جو تمام ٿورو پاڻي وچي اروڙ وٽ هاڪڙي سان ملندو هو، جنهن وهڪري جو مُنهن اروڙ ڪان موڙيو ويو هو، سو سنڌوءَ جو نہ، پر گهڻو ڪري هاڪڙي جو هو، جنهن جي ثابتي هيءُ بيت آهي:

هاڪ وهندو هاڪڙو، ٻڌندي ٻَنڌِ اروڙ
ٻِهہَ مچي ۾ لوڙهہ، سمي ويندا سُوڪڙي

خواجہ خضر جي آستان تي هڪ ڪَتبو لکيل نظرايندو، جنهن جي "درگاه عالي" لفظن مان ۳۴۱هہ جو سَنُ نڪري ٿو. معلوم ٿئي ٿو تہ اروڙ ڏانهن ويندڙ پاڻيءَ جي وهڪري هن سن جي ارد گرد رخ بدلايو هوندو. هي سال محمود غزنوي جي ڄمڻ واري تاريخ کان ويهہ سال ۽ تيمور جي حملي کان پوريون چار صديون اڳ آهي. پنجين صديءَ جي شروعات ۾ جڏهن محمود سومنات ۽ سنڌ تي حملو ڪيو هو، تہ ان وقت بکر جو قلعو موجود ڪونہ هو ۽ نہ وري سنڌس مؤرخن هن قلعي جو ذڪر ڪيو آهي.

ستين صديءَ جي پهرين چوٿائي ڌاران جڏهن ناصرالدين قباچہ سنڌ جو حڪمران ٿيو تہ ٻکر جي مضبوط قلعي جو ذڪر ملي ٿو. اهو قلعو ان وچ واري عرصي ڊوران ئي تيار ٿيو هوندو.

سمن جي حڪمرانيءَ وارو دور ۱۳۳۴ع کان شروع ٿيو هو. ان وقت تائين بکر واري وهڪري کي مُنهن مَٽئي پريا ٽي سو سال گذري چڪا هئا. ٽي صديون هڪ وڏو عرصو آهي. امڪان آهي تہ هن واقعي جو سما دور واري شاعر تي ايڏو اثر ڪونہ ٿيو هوندو، جو سندس زبان مان بيت جُڙي نڪري. نظر ائين اچي ٿو تہ سنڌوءَ ۾ گهٽي پاڻي اچڻ ڪري هن پنهنجو ڪنڌڪوٽ وارو مشهور وهڪرو مَٽي، پنهنجا ور وڪڙ ڇڏي، سڌو ڏکڻ اروڙ ڏي وهڻ شروع ڪيو.

سنڌوءَ جي وهڪري جي اها خاصيت رهي آهي، ته جڏهن مٽي وڪڙ ۾ ڦير گهير ڪندو آهي ته هيٺين وڪڙن ۾ گهٽي مٽ ست تي ويندي آهي. جڏهن هن ڪنڌڪوٽ وارو وڪڙ پيچي سڌو رخ اختيار ڪيو ته بکر ڏانهن وڪڙ ڪرڻ هن لاءِ فطري هو. سنڌوءَ ۾ جيڪي به وڪڙ موجود هئا يا آهن، سي بندن پڌڻ ڪري ڪونه آيا آهن. ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين سندس هر وڪڙ فطري لڳندو، ويندي بکر واري وڪڙ تائين. جيڪڏهن اڄ به سنڌوءَ پيٽ ۾ غير فطري ۽ اڳئين دور جهڙو بندُ پڌو ويندو ته انکي ڏاهي ڇڏيندو ۽ جيڪڏهن منجهانئس غير فطري واههُ به کوٽبو ته ان کي به واري ۽ ڇيڪو وجهي پوري ڇڏيندو. سنڌ ۾ سنڌوءَ جا ڇڏيل پراڻا هزارين پيٽ آهن، سي آخر ڪيئن ڇڏي ويو. بيٽ ۾ اهو واضح ڪونه آهي ته اهو بند قدرتي اچي ويو هو، جيڪو اڳئين وهڪري جي مُنهن ۾ اچي ويندو آهي ۽ اهڙا بند هر پراڻي وهڪري جي منهن ۾ اڄ به نظر ايندا يا اهو بند ماڻهن جي ڪوشش جو نتيجو هو. خير اهو ڪيئن به هجي پر هن سان مٽي ڏنل بيٽ جو ڪو واسطو ڪونه آهي، ڇو ته ان واقعي کي بيت واري عرصي تائين پورين تي صديون گذري چڪيون هيون.

درياه جي رخ بدلائڻ جو ٻيو واقعو امير تيمور جي حملي کان ٿورو اڳ پوءِ ٿو ڀانئجي، جڏهن ستلج ٿورو الهندي ۽ بياس غير فطري طور ٿورو اڀرندي ڏانهن لاڙو ڪري لوهي - وال وٽ سنگم ڪيو هو. انهن درياهن جي گڏيل پاڻيءَ کي هيٺ "گهلوءَ جو گهارو" سڏيو ويندو هو. جيڪو امڪان آهي ته هاڪڙي سان ملڻ بدران سِڌو سنڌوءَ سان سنگم ڪندو هوندو هو. ان ڳالهه جو به امڪان آهي ته چتنگ ۽ گهگهر جو ٿورو ٿَڪو پاڻي هاڪڙي جو قديم پيٽ ڏئي ريٽيءَ وسيلي اچي اروڙ پهچندو هوندو. امير تيمور هندوستان تي سنه ١٣٦٨ع ۾ حملو ڪيو هو. انهيءَ زماني ۾ سنڌ تي سمن جي هڪ مضبوط ۽ آزاد حڪومت قائم هئي. هاڪڙي ۾ پاڻي ٿورو هو، جيڪو اروڙ کان مٿان الهندي ڏانهن لاڙو ڪري پنهنجي اڳئين وهڪري جي منهن ۾ واري ۽

چيڪو اَڄلي پُوري سنڌوءَ جي وهڪري سان وچي ملندو هوندو.

۳۴۱هه واري ڀهرين درياهي تبديليءَ ڪري سنڌ جي ايرندي حصي وارا سُڪيا ستابا علائقا ڀينگ ٿي ويا هئا. جيڪا سنڌين لاءِ قيامت کان گهٽ ڳالهه ڪانه هئي. هن سان گڏ سنڌ جو وچون علائقو جيڪو اروڙ، ڪوٽ ڏجيءَ واري وهڪري سان آباد ٿيندو هو، سو به غير آباد ٿي ويو. پر پوءِ به ڪجهه پاڻي ۱۳۹۸ع تائين يا ڪجهه اڳ پوءِ واري عرصي تائين هلندو آيو، جڏهن اهو به بند ٿي ويو، تڏهن سنڌي شاعر واتان اهو شعر نڪتو ته پائنجي.

هنن حقيقتن مان اهو به پائنجي ٿو ته هاڪڙي يا مهراڻ جو وهڪرو سڪي ويو ۽ سنڌوءَ جو برهمڻ آباد وارو وهڪرو الهندي هليو ويو ته پراڻو ڊورو به سڪي ويو. اهو به نظر اچي ٿو ته عرب دور ۾ سنڌوءَ جو وهڪرو نصرپور کان گهٽو پري اوير پُراڻ ۾ وڃي پوندو هو، جنهن ۱۷۵۷ع ڌاران نصر پور کي ڇڏي وڃي حيدرآباد جي پر ورتي هئي.

مهراڻ يا هاڪڙي کي سنڌ وارا هاڪڙو، سنڌ ساگر، سانڪره ساگرو ۽ نارو به سڏيندا هئا. موجوده نارو به اڳوڻي مهراڻ جو پُراڻو پيٽ آهي، جنهن ۾ هاڻي سنڌوءَ جو بئراجي پاڻي وهندو آهي. سنڌس مڪيه چوڙ ڪڇ وارو سِيرُ ۽ پيا ڦاٽ هئا. چاڪاڻ ته هيٺ ٻنهي درياهن جو پاڻي گڏجي ويندو هو.

مختصر طور ائين چوڻ ۾ ڪو واڌاءُ ڪونه ٿيندو ته راورٽيءَ جو هيءُ ڪتاب مهراڻ بابت مُستند معلومات مهيا ڪري ٿو. هن ڪتاب مان مهراڻ جي مختلف وهڪرن، سنڌس پرتي ڪنڌڙ پين ندين بابت مفيد معلومات ملي ٿي.

عطا محمد ڀنڀرو

حيدرآباد
۱۵ نومبر ۱۹۹۴ع

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سنڌو

سڪندر پنهنجي حملي ۾، جيڪو رستو اختيار ڪيو هو، ان جي سڃاڻ ٿي چڪي آهي. هندوڪش جبلن ڪان وٺي ايراني نار تائين، هو جن ملڪن مان لنگهيو يا جيڪي درياهہ پار ڪيائين، تن جو ذڪر تاريخن ۾ موجود آهي. ايران جي فتح ڪان پوءِ هو افغانستان، پنجاب ۽ سنڌ مان لنگهي، پنهنجي وطن واپس وريو هو. هي اهڙي قسم جا موضوع آهن، جن مشرق جي عالمن ۽ مغرب جي مستشرقين جو ڌيان ڇڪايو. (١) ان ڪان پوءِ، ڪن چيني ياترين، فاهيان ۽ هيون تسانگ جا نالا ملن ٿا، جن مان پهريون سڪندر جي حملي ڪان ست سئو سال ۽ ٻيو هڪ هزار سال ڪن پوءِ هندستان آيو. تن بہ عالمن ۽ شاگردن کي پاڻ ڏانهن گهڻو متوجهہ ڪيو. هيون تسانگ جي وڌيڪ اهميت ان ڪري آهي، جو هن پنهنجي سفر کي وستار سان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هيءُ سيلاني هندوستان ۾ گهڻو وقت رهيو هو ۽ چيو ويندو آهي تہ هو ترڪي ۽ هندستان جي ڪن زبانن جو بہ ڄاڻو هو. پر هن ماڻهن ۽ شهرن جا نالا چيني زبان ۾ لکيا.

جيڪڏهن اسان هن موضوع تي لکڻهارن جي ڪتابن مان افغانستان جي سڃاتل ٿاڪن، ٿاڻن، ماڳن، مڪانن کي ڪڍي ڇڏيون، تہ اسان کي پتو پوندو تہ ڪن ليکڪن اتر- اولهہ هندوستان جي درياهن جي موجوده وهڪرن کي پنهنجي تحقيق جو بنياد بڻايو آهي. توڙي جو زيرِ بحث زماني ڪان وٺي اڄ تائين، سندن وهڪرن ۾ سوَ ڪان وڌيڪ ڦيرا اچي چڪا آهن، هو ٻہ هزار سال پراڻن (٢) وهڪرن جي ڪنڌين ۽ ڪنارن سان موجود شهرن کيٰ هاڻوڪن وهڪرن جيٰ پرين ۽ پاسن ۾ ڳولهي لهڻ جا جتن ڪريٰ رهيا آهن. مان هن ٿيل تحقيقات ۾ ڪو واڌارو ڪرڻ ڪونہ ٿو

گهران، پر منجهس ٻن چئن غلطين ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهيان. هن مان منهنجو مقصد اهو آهي تہ سنڌوءَ يا آب-سنڌ، انڊس (٣) ۽ پنجاب جي درياهن جي وهڪرن متعلق جيڪي اوٿايون ٿيون آهن، تن ڏانهن سندن ڌيان ڇڪايو وڃي ۽ انهن مان ٻن درياهن سان گڏ هاڪڙي، واهندا يا ٻاهندا درياهہ ۾ ايتري تہ تبديلي آئي، جو ان سبب سڪيو ستابو ملڪ، رڻ پٽ ۽ بيابان ۾ بدلجي ويو. سندن ڪنڌين ۽ ڪنارن سان وسندڙ وڏا ۽ ننڍا شهر ڀڙڀانگ ٿي ويا، بندر ۽ بازاريون مسائڻ جيان ماٺ ٿي ويون.

"گيوڪ خان" جڏهن پنهنجي ڏاڏي چنگيز خان يا خان اعظم مغل جي جانشين طور گاديءَ تي ويٺو، تہ هن پنهنجون فوجون مختلف ملڪن تي چاڙهي موڪليون هيون، جنهن جو ذڪر، طبقات ناصري جي مون واري ترجمي جي صفحي ١١٥٠ تي موجود آهي.

ان زماني ۾ مغلن هندوستان تي ٻہ حملو ڪيو هو. نيون مگتا مغل، ان زماني ۾ منگ يا هزارا قبيلي جي مغلن جو سردار هو، تخارستان ختلان (٤) ۽ غزني (٥) وارا ملڪ سندس حڪمرانيءَ ۾ شامل هئا ۽ هو هندوستان تي هلان ڪندڙ لشڪر جو مهندار هو. عمر جي لحاظ سان جهونڙو هو ۽ چنگيز خان جي مقرب ۽ منظور نظر عملدار جو پٽ هو.

هن، سال ٦٤٣ هہ، جيڪو ٢٨ مئي ١٢٤٥ع کان شروع ٿيو، ڪوه جد يا نهڪ سير کان دهليءَ تي هلان ڪئي ۽ سنڌ ساگر دوآبي واري علائقي جي اولهہ پاسي کان ملتان جي سرحدن ۾ داخل ٿيو. سندس مقصد هو تہ ڀهريائين ملتان ۽ اچ جي آس پاس وارن قلعن کي تباهہ ڪجي، پوءِ ملتان ۽ اُچ جي قلعن ۾ هٿ ڳنڍجي. ان زماني ۾ هن قلعي جو ڪوٽوال خواجہ صالح هو، جيڪو دهليءَ جي (٦) خزاني جي اعليٰ عملدار معين الدين هندو خان جو نائب هو ۽ اُچ جو قلعو جاگير طور کيس عطا ٿيو هو. ان دؤر ۾ ملتان وارو علائقو دهليءَ ماتحت ڪونہ هو، پر (٧) سيف الدين قرالخ يا قارالخ يا قارلڪ يا قرلڪ جي قبضي هيٺ هو.

جڏهن مغلن کيس سنڌو درياهہ کان پار پنهنجي ملڪ مان ڀڄائي ڪڍيو تہ هن ملتان تي اچي دنگو ڄمايو.

منزلن پٺيان منزلون هٽندو، مگتا اچي اُچ جي پرسان سنڌوءَ جي ڪناري سان پنهنجا خيما کوڙيا. اهو ان سال جي آڪٽوبر مهيني جي وچ هوندو. دهليءَ ۾ ان حملي جون خبرون، ان مهيني کان پوءِ رجب ۾ پهتيون. ملڪ حسن قرلخ، حالتن جو اندازو لڳائي ملتان خالي ڪري آب-سنڌ ذريعي سنڌو آستان يا سيوستان، جنهن کي سيوهڻ به سڏيو ويندو هو، طرف پڄڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس مقصد هو ته ديول يا ديبل (د ۽ ب پاڻ ۾ تبديل ٿي سگهندا آهن) تي قبضو ڪجي، جيڪو سنڌ (٨) جي سامونڊي ڪناري جو هڪ بندر هو.

مگتا، پنهنجون تياريون مڪمل ڪري، اُچ ڏانهن پيش قدمي ڪئي. طبقات ناصري جي مصنف جو چوڻ آهي ته پهريائين هن اُچ جي اوسي پاسي کي پيلي پينگ ڪري ڇڏيو. ” ماڻهن قلعي جي بچاءَ واسطي پنهنجي ويهن ئي نهن جو زور لاتو ۽ مغلن جي وڏي انگ کي جهنم اماڻيو.“ مغلن به ڏاڍا حيلا هلايا، پر ڪانئن قلعو فتح ٿي ڪونه سگهيو. پڇاڙيءَ ۾ هڪ مڪيه ماڻهو مارائي وڌائون. جڏهن ڪين خبر پئي ته دهليءَ جو لشڪر خود سلطان علاؤالدين مسعود شاهه جي مهنداريءَ هيٺ ويجهو اچي پهتو آهي، پوءِ ته قلعو فتح ڪرڻ جو آسرو لاهي ويٺا. مصنف جا پنهنجا اکر هن ريت آهن، ” جڏهن سلطان پنهنجي جاهه ۽ جلال سان شاهي ڦريرا ڦڙڪائيندو، بياس درياهه جي ڪنڌيءَ تي پهتو ۽ سندس لشڪر ڪناري (٩) سان ائين اڳتي وڌڻ لڳو، جيئن اڳ ۾ ئي بيان ڪيو ويو آهي. جڏهن اسلام جي لشڪر جي مغلن کي خبر پئي ته هر اول دستو اچي اُچ جي سرحدن کان سڏ پنڌ جي مفاصلي تي پهتو، ڪين پوِ بيهڻ ڪونه ڏنو ۽ مهاڏي اتڪائڻ کان اڳئي ڪڪ پن ٿي ويا. قلعو اسلام جي بادشاهه ۽ قدرت جي مدد سان مغل لعنتين (accursed) جي ظلم کان بچي ويو.“

مصنف، اچ تي گهيري جو وچور سان زڪر، طبقات جي آخري باب ۾ ڪيو آهي، پر ان جا حوالا ٻن اڳين بابت ۾ ڏنا اٿس. سلطان علاؤالدين مسعود شاهه جي حڪمرانيءَ جو ذڪر ڪندي صفحي ٦٦٧ تي لکي ٿو، ”ساڳي سال جي رجب مهيني ۾ اترين علائقن مان اطلاع پهتو ته مغل

ڪافر نامراد مگتا جي مهنداريءَ ۾ اُچ تي حملي ڪرڻ لاءِ پيش قدمي ڪري رهيا آهن. سلطان علاؤالدين مسعود شاهہ سندن مقابلي ڪرڻ واسطي ملڪ جي مختلف علائقن مان اسلام جي فوج گڏ ڪئي. جڏهن اهي بياس وٽ پهتا تہ مغل اُچ جو گهيرو ڦٽو ڪري هليا ويا. اهڙيءَ ريت مسلمانن کي فتح نصيب ٿي. ان زماني ۾ تاريخ جو مصنف، شاهي دربار ۾ ملازم هو ۽ جنگي مهم دوران پڻ موجود هو. هو عقل، فهم ۽ فراست جو مالڪ هو. لشڪر جي جهجهي انگ ڏانهن هن جيڪو اشارو ڪيو آهي، سو اعتماد جوڳو آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو: " تہ ايڏو وڏو لشڪر هو، جنهنجو ماضيءَ ۾ ڪو مثال ڪونہ ٿو ملي. جڏهن ڪافر مغلن کي اسلامي لشڪر جي جهجهي تعداد ۽ سندس بهادريءَ جي ڪارنامن جي سڌس پئي تہ هو پنهنجي منزل پٺي خراسان ڏانهن ڀڄي ويا."

ملڪ غياث الدين بلبن (١٠) متعلق سندس احوال آهي تہ ڪيس تخت تي ويهڻ کان اڳ ۾ الغ خان اعظم جي لقب سان سڏيو ويندو هو. مصنف لکي ٿو تہ ساڳي سال (٦۴٣ هہ)، مگتا، ملعون مغلن جو مهندار (١١) ۽ ترڪستان جي مَلِڪن جو اڳواڻ هو. هن طائقان ۽ ڪنديز جي سرحدن کان لشڪر وٺي پيش قدمي ڪري اچيّ سنڌ تي حملو ڪيو. هن ملڪ جي مشهور قلعي اُچ تي گهيرو ڪيائون. ان زمانيٰ ۾ اُچ ۽ منصوره وارا علائقا پاڻ ۾ هڪ هئا. امير ۽ نواب مقابلي کان لهرائي رهيا هئا. پر الغ خان اعظم سندسن مقابلي جو پڪو پهہ ڪيو. جڏهن شاهي علم ۽ نشان اُچ طرف روانا ٿيا، تہ لشڪر جي تيز پيش قدميءَ واسطي، الغ خان اعظم، شال سندن اقتدار دائم رهي، رهبرن کي دستي سپاِن اڳوات موڪلي ڏنو. خان اعظم فوج کي اڳوات ئي ٻڌائي ڇڏيندو هو تہ سندس ٻي منزل اٺ ڪوهہ پري هوندي. ڪڏهن ٻي منزل ٻارهن ڪوهن جي بہ ٿي ويندي هئي، تہ ڪڏهن وري انهيءَ مفاصلي کان بہ وڌي ويندي هئي. منزلن مٿان منزلون هٹندا نيٺ وڃي بياس جي ڪناري تي پهتا ۽ ان کي پار ڪري لاهور واري راويءَ تي وڃي رسيا. (١٢)

اهڙيءَ ريت هن شير دل مرس، مغلن جي مقابلي واسطي پنهنجي اٽل ارادن جو اظهار ڪيو آهي. سلطان ۽ سندس اميرن ۽ نوابن کي بلند حوصلا بخشيا هئائين. شاهي لشڪر منزل ·هنيو وينو هو، جو ٢٥ شعبان ٦٤٣ هه (١٦ جنوري ١٢٤٦ع) جو هيءَ خبر اچي پهتي ته مغل لشڪر، اُچ جو گهيرو ڇڏي پٺتي هليا ويا آهن. سندن پٺتي وڃڻ جو سبب اهو هو جو جڏهن الغ خان اعظم بياس وٽ پهتو ته شاهي ڪئمپ مان خط لکي الغ خان اوٽين وسيلي اچ جي ڪوٽ ۾ رهندڙ فوج ڏانهن موڪليا هئا. اوٽين کي هدايت ڪئي وئي هئي ته ڪين پڌايو وڃي ته شاهي فوج ۾ پيادل فوج جا بهادر سپاهي، جان نثار گهوڙي سوارن جا دستا ۽ بيشمار هاٿي، الغ خان سان هم رڪاب آهن. فوج جو ڪجهه حصو، جاسوسي ڪرڻ لاءِ، هراول طور اڳتي قلعي ڏانهن روانو ڪيو ويو هو.

اوٽي جڏهن اُچ جي قلعي (١٣) پرسان وڃي پهتا ته ڪجهه خط مغلن ملعونن (١٤) جي ور چڙهي ويا ۽ ڪي وڃي قلعي ۾ رهندڙ فوج کي مليا، ته انهن خوشيءَ کان وٺي دهل وڄائڻ شروع ڪيا. مغلن اهي خط پڙهي ورتا هئا. ڪين خبر پئجي وئي هئي ته اسلامي فوج ظفر موج پيش قدمي ڪندي اچي ويجهو پهتي آهي. ساڻن شاهي علم، نوبت ۽ نشان گڏ آهي. ڪين جڏهن اهو بہ پتو پئجي ويو ته گهوڙيسوار دستا بياس درياهه جي ڪناري سنڌ جي سرحدن وٽ پهچڻ وارا آهن، ته مغل مهندار جي دل ۾ اچي خوف ۽ ڪنبڻي ويئي."

مصنف پنهنجو بيان جاري رکندي چوي ٿو ته، "جڏهن مگتا کي هن عظيم لشڪر جي پيش قدميءَ جو پتو پيو، ته اچ تان گهيرو ڇڏي، جبلن جو پاسو ڏنائين، وڃي بياس (١٥) جي ڪناري تي پهتو ۽ درياهه جي ڪپ سان لهنوارو (١٦) وڃڻ لڳو. هن ماٺهن کان پڇيو ته اسلامي لشڪر تڪرين کان ڦري ايڏو وڪڙ ڇو ڪيو آهي؟ جڏهن ته ماروت ۽ سرستيءَ وارو رستو سڌو سهنجو ۽ ويجهو هو. ڪيس ٻڌايو ويو ته درياهه جي پيٽ (١٧) ۾ پيٽ ۽ واريءَ جون ٽٻون پيدا ٿي ويون آهن، تنهن ڪري اسلامي لشڪر کي اتان لنگهڻ ۾ تڪليف ٿئي ها. مگتا وراڻيو "ته پوءِ واقعي اهو وڏو لشڪر هوندو. ان سان مقابلي ڪرڻ جي

اسان وٽ سگهہ ڪانہ آهي. تنهن ڪري پوئتي موٽڻ ضروري آهي." ڪيس ۾ سندس لشڪر کي خوف ۾ خطرو وڪوڙي ويو تہ متان هو گهٽو ترسن ۾ سندن موٽڻ واري رستي تي دشمن قابض ٿي وڃي. (١٨) ان ڪري پنهنجي لشڪر کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي، ونئي پاڄ ڪيائون. اهڙيءَ ريت بيشمار هندو ۽ مسلمان جنگي باندين کي هن بهاني آجپو ملي ويو.

انهيءَ ڪان اڳ، جو آءٌ پنهنجي دليلن کي ڪنهن سند ۾ ثابتيءَ جو ٽيڪو ڏيان، بهتر اهو ٿو سمجهان تہ "دي لاسٽ روور آف دي انڊين ڊيزرٽ" (١٩) The Lost River of the Indian Desert جي عنوان سان، ڪلڪتہ رويو ۾ ڇپيل مقالي جو مختصر حوالو ڏيندو هلان.

زير بحث مقالي جي مصنف هاڪڙي جي سڪي وڃڻ يا سندس پاڻي گهٽجي وڃڻ جي زماني متعلق طبقات ناصريءَ کي پنهنجو ماخذ بڻايو آهي ۽ ٽڪرو بہ اهو ڪنيو اٿس، جيڪو ايليٽ جي "انڊين هسٽورين" جلد ٻئي جي صفحي ٣٦٣ تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهو ٽڪرو هندوستاني اسٽاف ڪاليج جي هڪ پروفيسر، مسٽر جي. ڊائوسن (Mr. J.Dowson) ترجمو ڪيو هو، جنهن لاءِ آءٌ اڳ ۾ بہ اشارو ڪري آيو آهيان، تہ ان جي فارسي غلط آهي ۽ اهو ڪلڪتہ مان ڇپايو ويو هو. اهو ترجمي وارو ٽڪرو ايليٽ جي ڪتاب ۾ موجود آهي. منجهس اڄ تي جملي جو مفصل احوال ڪونہ ڏنو ويو آهي. تنهن ڪري ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ "ڪلڪتي رويو" ۾ ڏنل دليلن جو بنياد فقط ايليٽ جي "هسٽورين" (٢٠) ۾ ڇپيل اقتباس تي مبني آهي. فاضل مصنف ڪجهہ غلطي ان ڪري بہ ڪئي آهي، جو هن "ڪلڪتي رويو" ۾ ڇپيل مختصر مواد کي پنهنجو ماخذ بنايو آهي، جنهن جو اظهار مان طبقات جي حاشيءَ ۾ بہ ڪيو آهي. هن ڪجهہ ٻيون غلطيون بہ ڪيون آهن. جتي ايليٽ درياهہ جي ڦاٽن Fissures ۾ ڊٻڻ جو ذڪر ڪيو آهي تہ مصنف ان کي درياهہ جو سڪي وڃڻ drought ڪري پڙهيو آهي. ڪانئس اها ڳالهہ وسري وڃي ٿي، تہ بياهہ يا بياس درياهہ ڪنهن زماني ۾ ستلج سان سنگم ڪندو هو ۽ سنگم ڪان پوءِ ٻنهي درياهن جا نالا ختم ٿي ويندا هئا ۽ ٻنهي جي گڏيل پاڻيءَ کي "هرياري"، "نيلي" يا "گهارو" سڏيو ويندو هو. ايليٽ جي

ڪتاب ۾ ڏنل ٽڪرو جنهنڪي حوالي طور ڪتب آندو ويو آهي، سو الغ خان اعظم جي بيان سان تعلق رکي ٿو ۽ واقعي جو واسطو سن ٦۴٣هہ سان آهي، جيڪو هن ريت آهي:

”هن سال منڪتي (منگو خان) ملعون (٢١) طاليقان ۽ قنديز جي پرپاسي کان هلي، سنڌ تي حملو ڪيو. .. دهليءَ جي لشڪر بياس جي ڪنارن تي پهچي درياهہ پار ڪيو ۽ لاهور وٽان راويءَ جي ڪناري تي رسيا. .. اعتبار جوڳن ماڻهن جو بيان آهي تہ جڏهن ”منڪتي“ کي خبر پئي تہ اسلام جي فوج شاهي نوبت، عَلم ۽ نشان جي اڳواٽيءَ ۾ ڏانهَسِ وڌندي اچي رهي آهي، تہ هو جبلن جو پاسو ڏئي وچي بياس جي ڪنارن وٽ پهتو ۽ ان درياهہ جي ڪنڌيءَ سان پٺتي هٽڻ لڳو. جيڪي قيدي (٢٢) پاڻ سان گڏ وٺي آيو هو، تن کان پڇيائين تہ اسلامي لشڪر جبلن وارو پاسو ڏئي ڇو آيو؟ اهو تہ تمام ڏکهو پنڌ آهي. جڏهن تہ سرستيءَ ۽ ماروت (ميرات ؟) (٢٣) وارو سڌو ۽ ويجهو رستو آهي. ان سان ڇو نہ آيا؟ ڪيس جواب ۾ چيو ويو تہ: ”درياهہ جي گهارن ۽ ڦاٽن ڪري لشڪر سولائيءَ سان گذري ڪونہ سگهي ها.“ (٢۴)

ڪلڪتہ رويو جي مقالي ”لاسٽ رِوَر“ جي مصنف، مترجم ۽ ايڊيٽر جو حاشيو ضرور پڙهيو هوندو. متن ۾ هن ريت لکيل آهي، ” از ڪثرتِ جر بر ڪنار آب راه نباشد“، جيڪو متضاد ۽ سمجهڻ جوڳو ڪونہ آهي. شاهي فوج لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ان درياهہ جي ڪناري سان پيش قدمي ڪئي. پٺي پاسي وري اهو ظاهر ڪيو وڃي ٿو تہ اهو رستو سفر ڪرڻ جي لائق ئي ڪونہ هو. سر ايڇ. ايليٽ جي مسودي مان اهو سڄو ٽڪرو ئي غائب آهي.“

مان سمجهان ٿو تہ هن ڏس ۾ مترجم ۽ ايڊيٽر ٻئي مونجهاري جو شڪار آهن ۽ پڪ سان ڳالهہ اها ئي آهي..شايد اهو بہ وساري ويٺا آهن، تہ هن اسلامي لشڪر کي لاهور وٽان درياهہ پار ڪرايو هو. ڇاڪاڻ تہ بياهہ جي ڪنارن سان سفر ڪرڻ سندس خيال مطابق مشڪوڪ هو. پيو تہ هن هڪ کي پيو درياهہ سمجهيو آهي. جيڪڏهن بياس جو ڏائو يا اوپاريون پاسو سفر ڪرڻ جي لائق ڪونہ هو، تہ ان جو مطلب هرگز اهو ڪونہ آهي تہ ان درياهہ جو ساڄو يا

اولاهيون ڪنارو بہ سفر ڪرڻ جي لائق ڪونہ هوندو. مٿي بيان تي چڪو آهي تہ بياس جي ڪناري سان اچ ڏانهن سڌي سفر نہ ڪرڻ جا اصلي سبب ٻيا هئا، توڙي جو سندس هڪ يا ٻئي ڪنارا سـفـر ڪرڻ جي لائق هجن بہ ها. اهو اشـارو هاڪڙي ڏانهن آهي، جيڪو ماروت جي پرسان وهندو هو ۽ "بياهہ" سان سندس لاڳاپو ڪونہ هو. اڳتي هلي "رويو" جو مصنف لکي ٿو تہ "ساڳي جلد جي صفحہ ٣۴۴ تي ساڳيءَ مهم جو حوالو ڏنوءِ ڏنو ويو آهي، پر ان ۾ فقط اهو لکيو ويو آهي تہ جڏهن سلطان علاؤالدين بياس جي ڪنڌيءَ تي پهتو تہ ڪافر اچ تان گهيرو ڇڏي هليا ويا."

هن هڪ جهڙي ٽڪري ۾ صحيح حقيقت اها آهي، جيڪا طبقات ناصريءَ جي اصلي فارسي نسخي ۾ موجود آهي ۽ منهنجي ترجمي جي صفحي ٨١٢ تي پڻ ڇاٿايل آهي. اڳتين جيان هتي بہ اسان کي اهو ڏسڻ ۾ ايندو تہ مصنف تفصيل ۾ وڃڻ کان لهرائي ويو آهي ۽ رڳو مغلن جي حملي جي بيان تائين محدود رهجي ويو آهي، جنهنجو ذڪر آءٌ هن مقالي جي منڍ ۾ ٿي ڪري آيو آهيان. (٢٦)

اچ تي حملي سان لاڳاپيل ڪهڙيون حقيقتون آهن؟ پهريون، دهليءَ جو لشڪر بياس اڪريو. اهو دهليءَ کان سڌي رستي وسيلي لاهور وٽي رهيو هو. ملڪ غياث الدين بلبن، جنهن کي پوءِ الغ خان اعظم (٢٧) جو لقب مليو، سندس ذڪر مٿي بہ اچي چڪو آهي، سلطان جو سپہ سالار اعليٰ بہ هو، يا ائين چئجي تہ هو صحيح معنيٰ ۾ فوجن جو مهندار هو. هن هندوستان جي لشڪر سان راوا يا راويءَ ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي. اسان کي الغ خان اعظم جي بيان سان لاڳاپيل ٽڪري مان معلوم ٿئي ٿو تہ، سندس اٿل ارادن مغلن کي اچ جي گهيري ڇڏڻ تي مجبور ڪري وڌو هو، جنهن جو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي.

اها رڳي هڪڙي حقيقت نہ آهي تہ هن حملي دوران مغلن پنهنجو مشهور جنرل مارايو هو، يا جيئن تفصيلي بيان ۾ ڇاٿايل آهي، تہ سندن حملي کي سخت ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو هو، پر دهليءَ کان لاهور ويندي لشڪر جڏهن بياس وٽ پهتو، تہ ملڪ غياث الدين بلبن (٢٨) اونٺين ذريعي قلعي اندر رهندڙ فوج ڏي خط لکي موڪليا هئا. ڪي خط ڇاٽي ٻجهي ڪيرايا ويا هئا. ان جو مقصد اهو هو

تہ جيئن اهي دشمن فوج کي هٿ اچن. ان زماني ۾ بياس درياھ پراڻي پيٽ مان وهندو هو. ستلج ۽ بياس جي پاڻيءَ جو سنگم بعد ۾ ٿيو ۽ هاڻي ٻنهي جي گڏيل پاڻيءَ کي هريالي، نيلي يا گھاري جي نالي سان سڏيو ويجي ٿو. انهن خطن ۾ اسلامي لشڪر کي ڪجھ وڏائي بيان ڪيو ويو هو، جنهن ۾ بي پايان لشڪر ۽ بي انداز هاٿين جو ذڪر هو. اهو ڪٿي وڌاءُ هو، پر حقيقت ۾ لشڪر ٿورو نہ هو، پر تمام وڏو هو، جنهن کي گڏ ڪرڻ ۾ گھڻو عرصو لڳي ويو هو. جڏهن لشڪر بياس ٽپي لاهور ڏانهن روانو ٿيو، تہ غياث الدين بلبن پنهنجي گھوڙيسوار دستن کي سنڌ جي سرحدن ڏانهن روانو ڪيو. سندس ٻيون فوجون باري دو آبي مان بياس جو ساچو ڪپ ڏئي، اڳتي وڌڻ لڳيون. جڏهن اوني اچ پهتا ۽ اندر قلعي ۾ رهندڙ فوج دهل ۽ شرنايون وڃائي، مغلن کي آگاھ ڪيو تہ سندن مددگار پهچي رهيا آهن، تہ مغلن بہ پنهنجي ناڪام حملن ۽ پنهنجي مشهور مهندار وڃائڻ کان پوءِ محسوس ڪيو، تہ هو اچ جي قلعي کي ائين سولائيءَ سان فتح ڪري ڪونہ سگهندا، جيئن شروع ۾ هنن سمجهيو هو.

ان کان سواءِ، ٻي بہ هڪ اهم ڳالھ آهي، جنهن تي ويچارڻو آهي، سا اها آهي تہ لشڪر جي دهليءَ کان لاهور ۽ راويءَ ڏانهن پيش قدمي ملتان کي تحفظ (٢٩) ڏيڻ واسطي هئي. ٻيو تہ مغل لشڪر ڪوھ جد يا نمڪ سر جبل کان اچ تي (٣٠) حملو ڪيو هو. انهيءَ ڪري اسلامي لشڪر ڪين ڊيڄاري رهيو هو تہ سندن واپسيءَ واري رستي تي هنن جو قبضو ٿي ويندو.

ڏيان ڏرڻ جوڳي ڳالھ اها بہ آهي، تہ نيون مڳتا مسلمانن جي هن پاسائتي پيش قدميءَ کان بلڪل باخبر هو. جڏهن انهيءَ طرف کان مسلمانن جي پيش قدميءَ جي ڪيس خبر پئي، تہ هن چيو تہ، "اهائي موٽڻ جي مهل آهي." اڳتي هلي مصنف لکي ٿو تہ، "جيڪڏهن اهي وڏيڪ رهي پوندا، تہ سندن واپس ٿيڻ وارو رستو ڪٽجي ويندو."

لشڪر جو دهليءَ کان اُچ بدران دهليءَ کان لاهور وڃڻ ۽ رچ مان سفر ڪرڻ جو ٻيو سبب اهو بہ هيو تہ اڳي بياس ۽ راوي ائين ڪونہ وهندا هئا، جيئن هاڻي وهندا آهن. حملي واري موسم ڊسمبر ۽ جنوري (٣١) واري هئي. ان رت ۾

درياهن کي مٿان وجي پار ڪرڻ وڏيڪ سولو هو. جنهن علائقي مان لشڪر پار اڪريو، اتي ماڻهن ۽ وهٽن کي ڪاڏو پاڻي سولائيءَ سان ملي ٿي سگهيو. ان کان سواءِ، ان علائقي جو صوبيدار بہ پنهنجي امدادي فوج، هن لشڪر سان گڏي، رواني ڪري ٿي سگهيو. (٣٢)

ان زماني ۾ بياس پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ ديپالپور کان وهي رهي هئي ۽ وهاٽ يا بهاٽ، چناب ۽ راويءَ سان ملتان کان اتر - اوير ڏس تي پاڻ ۾ ملنديون هيون. پنهي جو وهڪرو شهر جي اوير طرف کان هو. پنهي درياهن جو گڏيل پاڻي ملتان کان ٢٨ ميل پري ڏکڻ - اوير طرف اُچ کان صفا اوير ڏس تي بياس سان سنگم ڪندو هو. ان جي بدران هاڻي پنجاب جا درياهہ اُچ جي اولهہ طرف ملندا آهن. دهليءَ جي لشڪر هن رستي سان پيش قدمي اختيار ڪري، مغل فوج جي اتر - اولهہ طرف ڏانهن وطن ورڻ واري رستي تي قبضو ڪري کين ڊيڄاري ڇڏيو هو. انهن کي سنڌوءَ جي ڪناريءَ سان لنهوارو هيٺ وجي درياهن اڪرڻ کان سواءِ ٻيو رستو ڪونہ هو ۽ لاچار مگتا (٣٣)اٿين ڪيو. طبقات ناصريءَ جو ليکڪ ان زماني ۾ شاهي دربار سان وابستہ هو ۽ ان موقعي تي موجود هو. هو چوي ٿو تہ: جنهن وقت ”نيون مگتا“ کي اسلام جي لشڪر جي خبر پئي، تہ اهو راويءَ جو اوڀاريون ڪپر ڏئي باري دو آبي مان وڌندو اچي رهيو آهي ۽ اچ ڏانهن وڌڻ واسطي درياهن جي سنگم وٽ اچي پهتو آهي، تہ هن واپس ورڻ ضروري سمجهيو. مٿين ڪتاب جو مصنف (٣٤) ٻڌائي ٿو تہ، ”جڏهن فاتح فوج جي پيش قدمي ۽ شاهي علم ۽ نشان کي ويجهو ايندو ٻڌائين ۽ ڪيس اهي خبرون ملي رهيون هيون تہ گهوڙيسوار دستا اچي سنڌ جي سرحدن کي ويجهو پهتا آهن (ملتان جي ڏکڻ - ڏکڻ - اوير طرف جتي راوي ۽ ٻيا درياهہ بياس سان ملي رهيا هئا)..:. تہ هن ڪن ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي (پڪ سان اهي ڏيهي ماڻهو هوندا) تہ، ” اسلامي فوج جبل واري پاسي کان ڇو آئي آهي؟ جڏهن تہ اهو هڪ ڏکهو رستو آهي. سرستي ۽ ماروت وارو رستو سڌو ۽ ويجهو آهي.“ انهن وراڻيو تہ، ”ان جو سبب اهو آهي تہ (درياهن ۾) ٻيٽاريون پيدا ٿي ويون آهن، اسلامي فوج لاءِ اڪرڻ جو رستو ڪونہ هو.“

” ڪلڪته رويو“ ۾ مقالي جي مصنف غلط بيانيءَ کان ڪم ورتو آهي ۽ سندس

حـوالو هن ريت درج ٿـيل آهي، ” طبـقـات ناصـريءَ ۾ چيل آهي تہ جڏهـن سن ٦٤٣هـ ۾ مغلن اچي اُچ تي گهيرو ڪيو هو تہ سندن مقابلي لاءِ موڪليل لشڪر (جيڪو سلطان علاؤالدين جي شخصي ڪمـان هيٺ هو) مـاروت ۽ سرستي رستي پيش قـدمي ان ڪري نہ ڪئي، جو درياهہ اتان ڇڏي ويو هو ۽ پاڻيءَ جي اڻاٺ هئي.“ ڪهڙو درياهہ هو، ان جو نالو ڪونہ ٿـو ٻڌائي. ايليٽ جي ”هسٽورين“ جو بہ هن حـوالو ڏنو آهي، پر ان ۾ ڪاٿي بہ پاڻيءَ جي اڻاٺ drought جو ذڪـر موجود ڪونہ آهي. ان ڪـان سواءِ، مصنف جي ڪتاب ۾ بہ اهي لفظ موجود ڪونہ آهن، جن جو اهو مطلب نڪـري سگهي، تہ درياهہ ۾ پيـٽـاريون پيـدا ٿـي ويون هيـون. ان ڪري اتان لنگهڻ مـشـڪل هو. مـسـٽـر ڊائوسن بـہ ”راهہ نبـاشـد“ جو ترجمـو ڪيو آهي: ”مـبادا رستـو نہ هجي،“ پڪ سان ڪونہ ٿـو چوي، پر شڪ ڏيکاري ٿو. طبقات ناصريءَ موجب پڪ سان چئي سگهجي ٿو، تہ بياس ۽ ستلج پنهنجو وهڪرو ڪونہ بدلايو هو ۽ هاڪڙو وهي رهيو هو.

مصنف لکي ٿو تہ، ”ماروت“ هاٺي وچ برپٽ ۾ موجود آهي. پر ڪنهن سمي دهليءَ ڪـان ملتـان ويندڙ رستـو، ان جي ديوار هيـٺـان لنگهـندو هو ۽ سِرستيءَ ڪـان هاڪڙي جي ڪنڌيءَ سان بہ ٽي منزلون ڪري اُچ پهچي ويجهو هو. هن ڪان پوءِ، دهليءَ ڪـان ملتـان ويندڙ فوج ”ابوهار“ ۽ ”اجوڌن“ ڪان ڦرندي هئي. پر مـسـافـر جڏهن ويجهو ۽ تکڙو رستو اختيار ڪندا هئا تہ مـاروت رستي ملتان (٣٦) ويندا هئـا. اهي سڀ ڳالهـيـون ”پاڻيءَ جي اڻاٺ“ واري ڳالهہ وانگي سڀ اندازا آهن. اها هڪ حقيقت آهي تہ ماروت جي پرسان هڪ رستو تہ ضرور لنگهندو هو. پر اسان کي اهڙي ڪابہ ثابتي ڪانہ ٿي ملي، تہ دهليءَ ڪـان ملتـان ڏانهن ويندڙ لشـڪـر سدائين اتان گذريو آهي ۽ نہ وري مصنف ڪنهن ڪتاب ۾ اهو ڏيکاري سگهندو، تہ دهليءَ ڪـان مـاروت رستي ملتـان ويندڙ هڪ وڏو شـاهي رسـتـو هو، وٽس ڪا اهڙي سند ڪانہ آهي، جنهن جي آڌار تي هو چئي سگهي تہ دهليءَ ڪـان ملتـان ڏانهن لشـڪـر ويندي، ”هن دؤر ڪـان پوءِ ابوهار رستي سـان ويندو هـو“، يا ڪو اهڙو مثال ڏئي، جنهن ۾ ڪنهن لشـڪـر هن رستي کي وڏيڪ پسند ڪيو هجي.

گهڻو وقت پوءِ، ماروت واري رستي سان مسافر ۽ فوج لنگهندي هئي. سن ۱۸۳۰ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو ملازم آرٿر ڪونولي Arthur Conolly، ترين پٺاڻ سيدن جي هڪ قافلي سان گڏجي هن رستي سان لنگهيو هو.

ٻڌايو وڃي ٿو ته، "تنهن زماني ۾ نئنوال جي اولاهين ڇاڙهه سڪي وڃڻ ڪري رستو بند ٿي ويو هو. پاڻيءَ جو اهو آخري وهڪرو هو، جيڪو هاڪڙي سان ڳنڍيل هو ۽ هاڪڙو هن زماني ۾ (اٽڪل ۱۲۲۰ع) ۾ خشڪ ٿي ويو. مقالي جو مصنف "رويو" ۾ وري پاڻ ئي چوي ٿو ته، "هندوستان جي رڻ پٽ ۾ تاريخ کان اڳ واري دؤر کان وٺي اڄ تائين ڪا ٿوري تبديلي آئي آهي. سندس پراڻي نالي "مارس ٿلي" (موت جو علائقو) مان به اهڙي ثابتي ملي ٿي. ڇا " اُچ تي حملو" تاريخ کان اڳ جي دؤر سان واسطو رکي ٿو؟ فاضل مصنف اهو سمجهي ٿو ته هاڪڙي سڪي وڃڻ ڪري ئي دهليءَ جو لشڪر "ماروت" واري رستي ڏيڻ بدران دهليءَ کان لاهور وڃي ٿو. ٻين به ڪيترن هنڌن تي اهو لکي ٿو ته سومرن جو زوال به ان سال کان وٺي ۱۲۲۳ع تائين ۽ هاڪڙي سڪي وڃڻ ڪري ٿيو. هاڻي ۱۲۲۰ع سن ۷۱۶هه سن جي برابر ٿئي ٿو، جيڪو ۷ مارچ تي شروع ٿئي ٿو ۽ اُهو زمانو اچ واري حملي کان پورا ۲٦ سال اڳ آهي. سال ۱۲۲۳ع سن ۶۲۰هه سال جي برابر آهي، جيڪو ۳ فيبروري سان شروع ٿئي ٿو ۽ ٻنهي ۾ ٽن سالن جو فرق آهي. هي متضاد بيان آهن.

جيڪڏهن هاڪڙو درياهه ۱۲۲۰ع يا ۱۲۲۳ع ۾ سڪي وڃي ها، ته ٽيويهن يا چويهن سالن گذري وڃڻ کان پوءِ، ابوهار وارو رستو به "ماروت" واري رستي جيان بند ٿي وڃي ها. ڇاڪاڻ ته ٻنهي رستن جو گذر ساڳئي قسم جي علائقي مان ٿئي ٿو. ابن بطوطه، اُچ جي حملي کان ستاسي سال پوءِ، هاڪڙي درياهه جي هڪڙي پرتي ڪنڌڙ شاخ سان، ابوهار (۳۷) وٽان لنگهيو هو. هن پنهجي سفرنامي ۾ لکيو آهي، "ته اتي پاڻيءَ جي اٿاٿ ڪانه هئي."

سلطان ناصرالدين قباچه ترڪ (۳۸) به سنڌ ۽ ملتان تي بادشاهي ڪئي هئي. سلطان قطب الدين ايبڪ سن ۶۰۷هه (۱۱ - ۱۲۱۰ع)۾ لاهور ۾ چوغان ڪيڏندي

وفات ڪئي تہ مذڪوره ملڪ ڪيس ورهاست ۾ مليو هو. ان ڪان علاوه، ملتان، اُچ، تبرهندا (ڀٽنڊا جو پراڻو نالو)، ڪهرام ۽ سرستي (٣٩) ڪي بہ پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيو هئائين. هيءَ حقيقت اسان کي چٽيءَ ريت ٻڌائي ٿي تہ ان زماني ۾ "ڪاجي واهہ"، "هاڪڙو"، يا "واهندا" سڪي ڪونہ ويو هو. هن درياهہ جا پويان ٻئي نالا سنڌ ۽ ملتان جي تاريخن ۾ عام جام ملن ٿا. سلطان ناصرالدين قباچہ هاڪڙي درياهہ جي ڪنارن وارا سيئي مٿيان علائقا پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيا هئا، جيڪي سنڌ ۽ ملتان جي اوڀر طرف موجود هئا ۽ ان ايراضيءَ جي ڏکڻ طرف کان "چٽنگ" درياهہ ڦري ٿي آيو. اها هڪ ناممڪن ڳالهہ آهي تہ هن، اهو "موت وارو علائقو" پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيو هجي. هيءَ پڻ هڪ حقيقت آهي تہ سلطان شمس الدين التمش دهليءَ کان فوجون وٺي، سنڌ ۽ ملتان هٿ ڪرڻ لاءِ، ٦٢٥هہ (١٢٢٨ع) ۾، تبرهندا کان ڦري، قباچہ تي حملو ڪيو هو، سو بہ "هن رڻ پٽ مان" سفر ڪري پهتو. ان زماني ۾ بياس يا سندس پرتي ڪنڌڙ شاخون يا "سنڌ رُود" اڃ پرسان، اوڀر کان وهنديون هيون ۽ سلطان التمش جي پيڙين "اهراوت" ڳوٺ (٤٠) جي سامهون اچي لنگر هنيو هو. سندس سپہ سالار تاج الدين سنجر گزلڪ خان، جيڪو هراول جو مهندار هو، تنهن کي هاڪڙي تي آباد ٿيندڙ علائقي ونجهڙوٽ جو حڪمران مقرر ڪيو ويو هو. ان شهر کي اڄ ڏينهن تائين انهيءَ نالي پٽيان سڏيو ويندو آهي. پر اڳئين زماني ۾ اهو سڄو علائقو (٤١) انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو هو. هن مان اها ڳالهہ چٽي ٿئي ٿي تہ، جيڪڏهن هاڪڙو ١٢٢٠ع ۾ يا ١٢٢٣ع ۾ سڪي وڃي ها، تہ ان ويران علائقي جو تاج الدين کي حڪمران ڇو مقرر ڪيو وڃي ها! جاڪاڻ تہ قباچائي حملي وارو واقعو پنج سال پوءِ ٦٢٥هہ (١٢٢٨ع) ۾ ٿيو هو.

طبقات ناصريءَ جو مصنف ٻاڻ مڪتا مغل جي اُچ تي حملي کان چار سال پوءِ، ٢٤ ذوالحج ٦٤٧هہ (٣٠ مارچ ١٢٥٠ع)تي هانسي (٤٢) ۽ ابو هار کان ٿيندو، ملتان ويو هو ۽ هو شاهي فوج سان دهليءَ کان وٺي ملتان تائين گڏ هو. ٻئي سال جمادي الثاني جي مهيني (وچ آڪٽوبر ١٢٤٨ع) ۾ ملتان کان ماروت قلعي ۽

سرستي ڪان ٿيندو، هانسيءَ پهتو. "پنهنجي خراسان رهندڙ پيڻ" ڏانهن رقم موڪلڻ جي ارادي سان، اپريل مهيني جي پڇاڙي واريءَ گرم موسم ۾ ملتان ڏانهن روانو ٿيو هو. ڪيس روڪ پيسن جي بدران ۴۰ پانها ساڻ هئا (۴۳)، جيڪي هن پيسن موڪلڻ جي نيت سان ملتان ۾ وڪيا هئا. هن جيتوڻيڪ گرم رُت ۾ سفر ڪيو هو، پر هو پاڻيءَ جي اٿاٽ يا ٻدرياهه جي موجودگيءَ جو ذڪر ڪونه ٿو ڪري، ۽ نه وري ٻي ڪنهن مشڪلات يا رنڊڪ جو بيان ڪري ٿو. هن ڪان سواءِ، "ابوهار" ڪان نڪرڻ ڪان پوءِ، بياس جي ڪناري تي سندس ملاقات دهلي شهنشاهت جي هڪ وڏي امير، شير خان سان ٿي هئي. جيڪڏهن بياس درياهه پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ نه وهندو هجي ها ۽ وهڪرو مٽائي ستلج سان ملي ويو هجي ها، ته هيءَ ملاقات ممڪن ئي ڪانه هئي. هن ڪان علاوه، جيڪڏهن هڪ وڏو درياهه (هاڪڙو) ويجهي دؤر ۾ سڪي ويو هجي ها، يا منهن مٽائي ويو هجي ها ته سندس تاريخ ۾ اهڙو ذڪر ضرور موجود هجي ها. پيو ته (بياس جيڏو) وڏو درياهه، جنهن جي ڪناري تي ملڪ شير سان سندس ملاقات ٿئي ٿي، سو به پنهنجو پراڻو پيٽ ڇڏي، ويجهو ڪنهن ٻئي درياهه (ستلج) سان ملي ٿو وڃي، تنهن به ضرور پنهنجو اصلي وهڪرو مٽايو هوندو. اهڙيءَ ريت، جيڪو اڳي سرسبز ۽ شاداب علائقو هو، سو سيجو ۽ ويران بنجي ويو هوندو. گهڙيءَ ڪن لاءِ، جيڪڏهن اسان سوچيون ته وڏو ڦيرو اچي ويو هوندو، هر شيءِ ڏانوان ڊول ٿي وئي هوندي، پر هن مورخ انجو ڪوبه ذڪر يا اشارو ڪونه ڪيو آهي، سو ڇو؟ جيڪڏهن سوچجي ٿو ته، ان ڳالهه جو ڪو امڪان نظر نه ٿو اچي، ته هو ملڪ شير خان سان بياس جي ڪناري سان ملاقات ڪري سگهي ها. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن درياهه جو پاڻي سڪي ويو هجي ها، ته بياس جو نالوئي قائم نه رهي سگهي ها. هن رستي سان ملتان ويندي، (ابوهار ڪان) ضرور هاڪڙو درياهه ۽ سندن پيرتي ڪندڙ شاخون، جن ۾ ستلج ۽ بياس به شامل هونديون، تن مان اڪريو هوندو ۽ ماروت واري گس ڪان ويندي، رڳو هاڪڙو پار ڪيو هوندائين.

وري ٻئي هنڌ، صفحي ۷۸۲ تي چوي ٿو ته: هو ربيع الاول ۶۴۸هه (جون

۱۲۵۰ع) ۾ مذڪوره موقع تي ملتان پهتو هو. گهڻا ماڻهو هن موسم ۾ سفر ڪونہ ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن درياهہ سڪل هجن ها، تہ سندس اهو سفر ممڪن ڪونہ هو. سندس پهچڻ کان پہ ڏينهن پوءِ، ملڪ عزالدين بلبن ڪشلو خان (غياث الدين بلبن، الغ خان اعظم نہ ڪو ٻيو ڪو ماڻهو هو) اُچ کان اچي ملتان گهيرو ڪيو هو. تاريخ جو مصنف بہ مهينا (جولاءِ ۽ آگسٽ) اتي رهيو. ان زماني ۾ ملڪ بلبن ملتان تان گهيرو پٽي موٽي اُچ هليو ويو. ان واقعي کان پوءِ، هيءُ بہ ساڳئي رستي سان موٽي اچي دهليءَ پهتو. (۴۴) صفحي ۸۸ ـ ۷۸۷ تي، ملڪ بدرالدين سنقر صوفي، جنهن کي نصرت خان جي لقب سان سڏيو ويندو هو، جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ: سن ۶۵۷هہ (جيڪو ۲۸ ڊسمبر ۱۲۵۸ع تي شروع ٿئي ٿو) ۾ ڪيس دهليءَ جي اولهہ واريءَ علائقي جو صوبيدار ڪري موڪليو ويو هو، جنهن ۾ تبرهندا (جنهن کي بعد ۾ ڀٽنڊا سڏيو وڃي ٿو) سنم، جهجهار، لڪ وال (لکي وال) (۴۵) ۽ ٻيا سرحدي شهر ۽ بياس جا پتڻ شامل هئا، سي ڪيس ڏنا ويا. جنهن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ بياس اجا بہ پنهنجي پراڻي پيٽ مان وهي رهي هئي ۽ ندين جي وچ وارا مٿي بيان ڪيل علائقا، اجا ويران ڪونہ ٿيا هئا. جيڪڏهن بياس پنهنجو وهڪرو بدلائي ڇڏيو هجي ها ۽ ملڪ رڻ پٽ بڻجي ويو هجي ها، تہ سڪل بياس جي پتڻن جي نگراني ۽ ويران علائقي جي بچاءَ لاءِ ڪيس ان علائقي جو صوبيدار ڇو مقرر ڪيو وڃي ها؟ مغلن جا صوبيدار، جن ۾ عزالدين بلبن ڪشلو خان بہ شامل هو، سي بياس جي اولهہ پاسي تي قابض هئا. لاهور، ملتان ۽ اُچ بہ سندس تابعداريءَ ۾ شامل هئا. تاريخ جو مصنف اڳتي هلي بيان ٿو ڪري تہ " هن تاريخ جي لکجڻ تائين، ملڪ نصرت خان وڏي لشڪر سان گڏ ساڳئي علائقي (۴۶) جي نگرانيءَ تي مقرر آهي."

تاريخ جي هن فاضل مصنف ٻين بہ ڪيترن ئي هنڌن تي ساڳئي موضوع تي گهٽي روشني وڌي آهي. ۷۲۳ صفحي تي لکي ٿو تہ: جڏهن هو صفر ۶۲۵هہ ۾ ٻهريون ٻيرو واپارين سان گڏجي غزنيءَ کان اُچ پهتو هو، تہ سڏو ملڪ تاج الدين سنجر گزلڪ جي فوجي وانڍ ۾ ويو هو. ان زماني ۾ سلطان التمش،

ناصرالدين قباچا تي حملو ڪري اُچ تي ڪاهي آيو هو. ان واقعي ڪان ٿورو اڳ ملڪ تاج الدين ملتان جي ونجهڙوٽ (۴۷) علائقي جو صوبيدار مقرر ڪيو ويو هو. اهو علائقو هاڻي بهاولپور رياست ۾ آهي ۽ سڄو سيجو ۽ ويران لڳو پيو آهي. پر مذڪوره زماني ۾ ڏاڍو سکيو ستابو ملڪ هو ۽ هاڪڙي درياهہ تي آباد ٿيندو هو. اهو اتر طرف اُچ تائين پکڙيل هو. جيڪو درياهہ جي اوڀارين ڪنڌيءَ تي آباد هو. سلطان جي پٽ امير ۽ سرسوتيءَ جي صوبيدار لاهور جي طرف کان ڦري باري دوآبي مان اچي ملتان تي قبضو ڪيو هو.

طبقات ناصريءَ جي مصنف تاريخ لکي پوري ڪرڻ واري دؤر تائين بياس درياهہ جو ورڃائي ذڪر ڪيو آهي. انهن حقيقتن جو هتي جيڪڏهن مختصر بيان ڪجي تہ اجايو ڪونہ ٿيندو.

مان اڳيئي لکي آيو آهيان تہ ملڪ عزالدين بلبن ڪشلو خان ملتان فتح ڪرڻ واسطي ملڪ شير خان سنقر (۴۸) تي، سن ۶۴۸هہ (۱۲۵۰ع)۾ حملو ڪيو هو ان وقت خود مصنف اتي موجود هو. ملڪ شير خان ٿورو عرصو اڳ قرلغ ترڪ کان ملتان فتح ڪري ورتو هو ۽ قرلغ جي چوڻ تي ملڪ عزالدين ملتان جو قلعو شير خان جي حوالي ڪيو هو. ملڪ شير خان ملتان تي قابض ٿيڻ کان پوءِ اُچ کي فتح ڪيو. ان زماني ۾ ملڪ عزالدين ڪشلو ناگور ۾ موجود هو. اهي خبرون ٻڌي، هن هڪدم اچ ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي ۽ ڪيس بچائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي. سندس خيال هو تہ ملڪ شير خان ضرور ويچاريندو تہ جيئن تہ اسان ٻئي هڪ ئي بادشاهہ جا ملازم آهيون، تنهن ڪري اچ سندس حوالي ڪري ڇڏيندو. اهو ارادو ڪري سندس فوجي واڪ ۾ لنگهي ويو. ملڪ شير خان، جنهن لاءِ سمجهہ ۾ ائين اچي ٿو تہ هو پنهنجي دل ۾ سوچي رهيو هو تہ ملڪ عزالدين اندر ۾ غدار آهي، تنهن ڪري کيس تيستائين قيد ڪري رکيائين، جيستائين هن اُچ تان هٿ نہ ڪنيو. هن کان پوءِ، هو موٽي ناگور هليو ويو. مصنف جو چوڻ آهي تہ اُچ تان هٿ کڻڻ کان پوءِ، سڄي سنڌ ملڪ شير خان جي هٿ هيٺ اچي وئي. ناگور کان اچ تائين وارو رستو، جيڪو ملڪ عزالدين اختيار ڪيو هو، سو هاڪڙو

اڪري، اچ پهتو ٿي جيڪو لازمي موجوده رڻ پٽ منجهان گذريو ٿي. پر جنهن وقت ملڪ عزالدين ڪشلو پنهنجيءَ فوج سميت هن رڻ پٽ مان گذريو هو، تہ سندس لشڪر کي نہ تہ کاڌي خوراڪ ۽ پاڻيءَ جي تڪليف ٿي هئي ۽ نہ وري وهٽن لاءِ گاهہ داڻي جي (٤٩)ڪا کوٽ هئي.

سلطان ناصرالدين محمود شاهہ، شوال ٦٥٠هہ (جنوري ١٢٥٣ع) ۾ پنهنجو لشڪر ساڻ ڪري، اچ ۽ ملتان ڏانهن وڃڻ جي ارادي سان لاهور روانو ٿيو. انهيءَ نيت سان تہ اهي ٻئي قلعا ملڪ شير خان کان کسي ملڪ عزالدين ڪشلو جي حوالي ڪري، ملڪ شير خان، الغ خان اعظمؔ جو مائٽ هو. هن جي سندس خلاف فوج ڪشي الغ خان اعظم جي طاقت کي ختم ڪرڻ ۽ شاهي دربار مان ڪيس ڪڍڻ لاءِ پهريون قدم هو. سندس روانگي ڪيٿل Kaithal کان ٿي هئي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن بدايون، بانيہ ۽ ٻين صوبيدارن جون فوجون بہ پاڻ سان وٺيو اچي. فوج بياس جي ڪناري تائين بہ پهتي هئي، پر سازشي ماڻهو، جن اهو منصوبو تيار ڪيو هو، جن جي هٿن ۾ بادشاهہ ڪيڏي رهيو هو، تنهن ڪري اهي خان اعظم کي مليل جاگيرن هانسي ۽ سواليڪ ڇڏائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ شهنشاهہ پنهنجي فوج سميت، ٻئي سال جي پهرئين مهيني ۾ دهليءَ موٽي هليو ويو. ساڳي سال جي آخري مهيني ۾ وري بہ شهنشاهہ اُچ ۽ ملتان کي فتح ڪرڻ واسطي فوج وٺي روانو ٿيو. بياس وٽ پهچي، ملڪ شير خان جي ٻي جاگير تبرهندا ڏانهن فوج رواني ڪئي وئي. پر اها جاگير ملڪ شير خان جي ماتحت عملدارن جي نگرانيءَ هيٺ رهڻ ڏني وئي. پاڻ اتان ترڪستان، وڏي خان منگو خان سان ملڻ هليو ويو. اهي علائقا ملڪ شير خان کان کسي ملڪ ارسلان ۽ "سنجر چاست" جي حوالي ڪيا ويا. لشڪر بياس ڪونہ ٽپيو هوءِ سلطان اتان دهليءَ واپس موٽيو.

٦٥٣هہ ڌاري، غدار، ملڪ عزالدين بلبن کي اُچ ۽ ملتان جا علائقا حوالي ڪيا ويا. ظاهر ڳالهہ تہ اها نظر ٿي آئي، تہ جيئن ملڪ شير خان کي، مغل شهنشاهت جي وڏي حڪمران منگو خان سان روبرو ملڻ کان روڪيو وڃي. ملڪ شير خان،

هرات ۾ پين علائقن جي مغلن طرفان نواب شمس الدين محمد، جنهن کي ڪرائيت بہ سڏيو ويندو هو، جي معرفت؛ ايران ۾ (٥٠) هلاڪو خان سان مليو، جيڪو پنهنجي ڀاءُ منگوءَ طرفان اتان جو حڪمران مقرر ڪيو ويو ۽ کيس عرض ڪيائين تہ اُچ ڏانهن پنهنجي طرفان ڪو شحنا Commissioner موڪليو وڃي. سندس گذارش قبول ڪندي نوئن سالي يا سالن يا ساري (٥١) کي، مغل فوج سان گڏ سن ٦٥۴هہ (١٢٥٦ع) ۾ اُچ روانو ڪيو ويو.

سن ٦٥٥هہ (١٢٥٧ع) (٥٢) ۾، ملڪ عزالدين ڪشلو اُچ ۽ ملتان (٥٣) جي فوج وٺي بياس وٽ وڃي پهتو ۽ دوآبي طرف مٿي پيش قدمي ڪندو، دهليءَ جي پين باغي صوبيدارن (٥۴) سان وڃي مليو. سيني باغين جو گڏيل لشڪر پيش قدمي ڪندو، منصورپور، سمانہ ۽ ڪهرام ڪان وڃي نڪتو. سندن مکيہ مقصد اهو هو تہ ڪنهن حيلي بهاني دهليءَ (٥٥) تي قبضو ڪيو وڃي.

الغ خان اعظم ملڪ ۾ وري طاقت حاصل ڪري ورتي هئي ۽ شاهي لشڪر جي سپہ سالار طور سندن مقابلي لاءِ اڳتي وڌي رهيو هو. جڏهن هو ڪانئن ڏهن ڪوهن جي پنڌ تي پهتو، تہ هو ڪسڪي پڇي ويا. سندن پيا غدار دوست دهليءَ اندر بہ موجود هئا..انهن، ڪين قلعي جي ڦاٽڪن ڪولڻ جي آڄ ڪئي هئي. هو طوفاني رفتار سان اڍائي ڏينهن ۾ هڪ سؤ ڪوهہ پنڌ هٽي، خميس ڏينهن شام جو اچي دهليءَ جي قلعي وٽ پهتا هئا. الغ خان اعظم کي بہ سندن پهچڻ جون خبرون وڃي پهتيون هيون ۽ هو بہ تيز رفتاريءَ سان سندن ڪڍ لڳي پيو. ان عرصي دوران، قلعي اندر، جيڪي بہ غدار هئا، تن کي پڪڙي ورتائون. جڏهن ملڪ عزالدين بلبن مذڪوره شام جو قلعي وٽ پهتو تہ کيس قلعي جا دروازا بند ۽ مقابلي لاءِ لشڪر موجود ڏسڻ ۾ آيو. جمعہ ڏينهن صبح جو شاهي فوج الغ خان اعظم جي مهنداريءَ ۾ اچي قلعي وٽ پهتي. اهو وايو منڊل تاڙي، پيا باغي بہ پڇي ويا ۽ ملڪ عزالدين بلبن جون ملتان ۽ اُچ مان آندل فوجون، موقعو ڏسي اتان ڪسڪي ويون. باقي وٽس ڪي بہ سؤ يا ٽي سؤ ماڻهو وڃي بچيا. ڪنهن نموني سان هيءُ بہ پڇي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اهو جمادي الآخر (جولاءِ ١٢٥٧ع) هو.

ان زماني ۾ "نيون سالي"، يا سالن يا ساري، سنڌوءَ جي اوڀارئين علائقي ۾ پهچي، اچي اُچ تي قبضو ڪيو ۽ ملڪ عزالدين بلبن به ڪيس اچي سندس فوجي وانڍ ۾ مليو. ان ڪان پوءِ، مغل سپه سالار، ملڪ شمس الدين، محمد، ڪرا ت، جيڪو هن مهم ۾ ساڻس گڏجي آيو، مرضيءَ هوندي يا نه هوندي به ڪيس ملتان (٥٦) تي قبضي لاءِ روانو ڪيو. ڪنهن به سگهاري حڪومتَ نه هئڻ ڪري، شيخ بهاوالحق و دين ذڪريا ملتانيءَ ڏهه هزار دينار ڀري ڏنا، انهيءَ لاءِ ته جيئن ملتان عام ڦر لٽ کان بچي وڃي. ساليءَ ۽ ملڪ شمس الدين جي غلامن جي چوڻ تي ملتــان جي قلعي کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيائون. تزڪ ڪرات، چنگيــز خان کي ملتان (٥٧) جو صوبيدار مقرر ڪيو ويو. هن کان ڀهريائين هو هرات ۽ غور جو صوبيدار رهي چڪو هو.

ملڪ شير خان ۽ دهليءَ جي سلطان ناصرالدين محمود شاهه جو ڀاءُ، ملڪ جلال الدين مسـعود شاهه، ٻئي ڄڻا منگو خان جي دربار ۾ وڃي حاضر ٿيا هئا. مــغل فـرمــانرواء طرفـان سندن وڏي آجيــان ڪئي وئي هئي. ڪين واپس ورڻ جي اجازت ملي هئي ۽ ملڪ شير خان کي لاهور ۾ مغل صوبيدار طور مقرر ڪيو ويو هو. پر لاهور دهليءَ کان گهڻي دير الڳ رهي ڪونه سگهيو.

ٻيءَ تاريخ ۾ هن ريت لکيل آهي ته، "اُچ ۽ ملتــان جي مــامـري سنوارڻ کـان پوءِ، "نيون سالي" لاهور روانو ٿيو، جيڪو ان زماني ۾ ڪرات خان يا خوان جي قبضي ۾ هو." اصلي نسخي ۾ ائين ئي لکيل آهي. سالي ساڻس ڳالهائڻ کان پوءِ، ڏهه هزار دينار، ٽيهه خرار ۽ اُن سـٽي ڪپـڙي جا ڪجهـه ٿـان ۽ هڪ سـؤ غلام کـانئس ورتا. ان کـان پوءِ، ڪرات ملڪ، شـمس الدين مـحـمـد، جيـڪـو غور ۽ هرات جو صـوبيــدار هو، ســو مــغلن جي مــلازمت ڪرڻ کــان بچان ڪرڻ لڳو. ڇاڪاڻ ته هن ڪافرن جو طرف وٺي، مسلمـان ڀائرن کي قـتل ڪرڻ ڪونه ٿي چاهيو. هن کي گڏجي نيون سالي سان واپس موٽٿو هو، پر ان بدران هو غور هليو ويو.

ڪرات خان لاهور جو صوبيدار هو، پر دهليءَ جو (٥٩) مـاتحت ڪونه هو.

لاهور جو شهر تباهہ حاليءَ جو شڪار هو. هن شهر کي ٦٣٩هہ (۴۲-۱۲۴۱ع) ۾ مغلن ڦري لٽي تباهہ ڪري ڇڏيو هو. اتان جا ماڻهو لڏي ڪيڏانهن ڀڄي ويا هئا. ان کان پوءِ، هن شهر کي کوکرن اچي آباد ڪيو، جيڪو هڪ طاقتور جاٽ قبيلو هو. هن ماڻهن کي غلطيءَ وچان ”گکر“ ڪري بہ سمجهيو ويو آهي، (گهٽوڪري اها غلطي انهن ماڻهن ڪئي آهي، جنکي ٻنهي ۾ فرق جي ڄاڻ ڪانہ آهي) ۽ گکرن کي کوکر ڪري سمجهيو آهي. مغلن ۽ غدار بلبن کي سخت سزا ڏيڻ لاءِ دهليءَ ۾ وڏي فوج گڏ ڪئي وئي هئي. پر ان وقت ميوات ۽ پرپاسي واري جابلو علائقي ۾ وڳوڙي حالتون پيدا ٿي پيون، تنهن ڪري پهريائين انهن کي ختم ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو هو. هن معاملي متعلق طبقات ناصريءَ جو مصنف صفحي ۸۵۰ تي لکي ٿو تہ ”مغل فوجن لاهور، سنڌ ۽ بياس جي ڪناري وارن (٦٠) مسلمان ملڪن کي ڏاڍو پريشان ڪيو هو. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو تہ مذڪوره سبب ڪري وڳوڙي وايو منڊل کي منهن ڏيڻ مشڪل هو. ان وقت خراسان مان هلايو (هلاڪو) جا قاصد عراق کان ڦري، راڄڌاني دهليءَ جي پرسان اچي پهتا هئا.“

اهي قاصد هلاڪوءَ طرفان ڪونہ موڪليا ويا هئا. سندن لاڳاپو ڪنهن سڳاونديءَ جي مامري سان هو، جنهن جو ذڪر طبقات ناصريءَ جي صفحي ۸۵۹ تي موجود آهي. ان زماني ۾ ملڪ ناصرالدين محمود ڪوهہ جُدَ (٦١) جي پاسي بيانہ جي ڪنهن ڀاڱي جو نواب هو. سندس خواهش هئي، تہ هو پنهنجي ڌيءَ جو سڱ الغ خان اعظم جي پٽ کي ڏئي. ملڪ ناصرالدين محمود ان ارادي سان پنهنجا نمائندا خان اعظم ڏانهن موڪليا هئا. پر ملڪ ناصرالدين محمود ان زماني ۾ مغلن جو ملازم هو ۽ هلاڪو خان ايران زمين ۾ وڏي خان منگو خان جي طرفان حڪمران ۽ ملڪ ناصرالدين جو بالادست عملدار هو. تنهن ڪري هن اهو ضروري سمجهيو هو تہ الغ خان ڏانهن رشتي لاءِ قاصد هلاڪو خان معرفت موڪلي ۽ اهڙيءَ ريت سندس رضامندي بہ حاصل ڪري. ناصرالدين جي قاصد هجڻ جا فرائض قرلغ خان سر انجام ڏئي رهيو هو. جنهن سان هن ماڳن تي خان اعظم جو نمائندو بہ مليو هو. ملڪ ناصرالدين جي نمائندي سان ”مغل شاهوئا“ بہ گڏ هو.

جيڪو مغلن طرفان هن لاءِ انتظامي صلاحڪار مقرر ڪيل هو. تي سگهي ٿو ته سندس اچڻ جو مقصد شايد علائقي جي جاسوسي ڪرڻ هجي. قاصد ٿي اچڻ مان هن ڪجهه فائدو وٺڻ پئي گهريو. ڪين دهليءَ (٦٢) ۾ اهران ترسايو ويو. الغ خان اعظم فوج ساڻ ڪري (٦٣) طوفاني رفتار سان تيز هلندو وڃي ميوات مٿان ڪڙڪيو ۽ باغين مٿان زبردست حملو ڪيائين. بغاوت کي چيپاٽي ختم ڪيو ويو. باغين کي سخت سزائون ڏنيون ويون. پوءِ فوج موٽي اچي دهليءَ پهتي. الغ خان اعظم، سلطان کي مشورو ڏنو ته مغلن طرفان موڪليل قاصدن کي شايان شان آجياڻو ڏنو وڃي. ان نقطئه نگاهه کان سندن پر تڪلف ۽ شاندار آجياڻي جو بندوبست ڪيو ويو. ٻه لک پيادل هٿيارن سان فوج ۽ پنجاهه هزار هٿيار بند گهوڙيسوارن ۽ هاٿين جي وڏي انگ سندن آجياڻي جي جلوس ۾ حصو ورتو. سندن مقصد اهو هو، ته جڏهن قاصد موٽي خراسان وڃن ته اهڙيون خبرون وڃي مغل دربار کي ٻڌائين. اها حڪمت عملي ڪامياب ثابت ٿي. طبقات ناصريءَ جي مصنف جو بيان آهي ته "نيون سالي جي ڪمان هيٺ رهندڙ فوج ڏانهن هلايو (هلاڪو) اهي احڪام روانا ڪيا ته، جيڪڏهن سلطان (٦٤) جي حڪمرانيءَ جي حدن اندر، تنهنجن گهوڙيسوارن وڌڻ جي ڪوشش ڪئي، ته انهن گهوڙن جون چارئي ٽنگون ڪپيون وينديون. الغ خان جي مشوري سان الله تعاليٰ هندوستان کي بچائڻ ۾ مددگار ٿيو."

مٿيون حقيقتون ٻڌائين ٿيون ته زير بحث دور ۾ بياس اڃا به پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ وهي رهي هئي ۽ ستلج درياهه سان سندس سنگم اڃا ڪونه ٿيو هو. "لاسٽ رور" مقالي جو مصنف ڪلڪته رويو ۾ ايليٽ جي "هستورين" معرفت طبقات ناصريءَ جو حوالو ڏيندي، اُچ تي حملي جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو ته "جڏهن هيءُ (سلطان علاؤالدين مسعود شاهه) بياس جي ڪنڌيءَ تي پهتو ته ڪافر اُچ جي قلعي تان گهيرو پٽي هليا ويا." هتي "ٻنهي درياهن جي گڏيل پاٽيءَ جو اشارو به ملي ٿو." سلطان جي لشڪر سان مصنف خود پاڻ به آهي، پر ڪاٿي به ستلج جو ذڪر ڪونه ٿو ڪري ته اها ڪا بياس (٦٥) سان ملي وئي

هئي. اسان هتي اهو بہ ڏسون ٿا تہ، طبقات ناصريءَ جا حوالا غلط نموني پيش ڪيا ويا آهن ۽ مصنف پاڻ جيڪو ڪجهہ اڳ ۾ چئي آيو آهي، پاڻ ئي ان جي ابتڙ پيو لکي. اصل قصو هن ريت آهي تہ دهليءَ جيُ فوجن بياس اڪري، لاهور جي راويءَ ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي ۽ راويءَ جو ڏائو يا اوپاريون پاسو ڏئي، باري دوآبي يعني راوي ۽ بياس جو وچ ڏئي، اتر طرف کان اُچ ڏانهن وڌي رهيون هيون. اُچ وارن مقابلو ڪري مغلن کي پوئتي هٽائي ڇڏيو هو ۽ مغلن پنهنجو هڪ مشهور فوجي ڪمانڊر مارائي وڌو هو. جڏهن ڪين پتو پيو تہ اسلامي لشڪر سندن پوئتي هٽڻ وارو رستو بند ڪري ڇڏيو آهي تہ پوءِ، اُچ تان گهيرو پٽيائون ۽ پنهنجيءَ فوج کي ٽن حصن ۾ ورهائي، پويان پير ڪري ڀڄڻ لڳا." طبقات ناصريءَ جي ان سڄي ٽڪري ۾ ستلج جو ذڪر ڪاٿي بہ ڪونہ آيو آهي. مقالي جي ليکڪ وٽ آخر ڪهڙي ثابتي آهي، جنهن جي آڌار تي هو چوي ٿو تہ: طبقات ناصريءَ جي مصنف "ٻن درياهن جي ملڻ ڏانهن اشارو ڪيو آهي"، جڏهن تہ سندس تصنيف (٦٦) جي مذڪوره ٽڪري ۾ ستلج جو ماڳهين ذڪر ملي ئي ڪونہ ٿو ۽ نہ وري انِ دؤر جي ڪنهن ٻيءَ تاريخ ۾ اهڙو بيان ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

جڏهن بياس ۽ ستلج جو پاڻي آخر ۾ مليو، تہ ثابتي ڪٿان کانہ ٿي ملي تہ ستلج جو پاڻي بياس جي پيٽ مان وهڻ لڳو هو..پر ان بدران هيئن ٿيو جو، ٻنهي درياهن پنهنجا پراڻا وهڪرا بدلايا ۽ وچ تي وڃي سنگم ڪيو هو. سندن ڇڏيل پراڻا پيٽ اڄ بہ شاهد آهن. ان کان سواءِ، ٻنهي درياهن جي ميلاپ کان پوءِ، گڏيل پاڻيءَ تي ٻنهي مان ڪنهن بہ هڪ درياهہ جو نالو ڪونہ آهي ۽ ان کي هريالي، نيلي يا گهاري (٦٧) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. جيڪڏهن بياس پنهنجو پراڻو وهڪرو بدلائي، پنجتيهہ يا چاليهہ ميل اوپر طرف لاڙو ڪائي، دهلي صوبي جي سرحدن کي گهٽائي ها، تہ هن اهم حقيقت جو ذڪر مصنف ضروري ڪري ها. پر حقيقت اها آهي، تہ ان علائقي ۾ ستلج جي نالي واري وهڪري جو ڪوبہ وجود ڪونہ هو. هوءَ هاڪڙي درياهہ جي پرتي ڪندڙ شاخ هئي. تاريخ ۾ جيڪڏهن ان جو ڪو ذڪر نہ بہ آهي، تہ ڪا اُبوجي ڪانہ آهي. مصنف هاڪڙي

جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي ۽ نہ وري چٽنگ، چناب ۽ گھاگھر جو بيان ڪيو اٿس. انهيءَ جو اهو مطلب ڪونہ آهي تہ اهي درياهہ موجود ئي ڪونہ هئا. پر حقيقت هيءَ آهي تہ اهي درياهہ وهي رهيا هئا.

ملڪ عزالدين بلبن جي سن ٦٥٥هہ ۾، بياس جي ڪنڌيءَ سان اوپارين پيش قدميءَ کي بہ بياس ۽ ستلج جي سنگم جي ثابتي سمجهيو وڃي ٿو. اهو پڻ سمجهيو وڃي ٿو تہ ستلج وڃي بياس درياهہ سان ملي هئي. پر مان اڳ ۾ ئي پنهنجي ڪتاب جي ١٧۴ صفحي تي بيان ڪري آيو آهيان، تہ ملڪ عزالدين بلبن اهو زير بحث رستو آخر ڇو اختيار ڪيو هو. مان طبقات ناصريءَ مان ڪجهہ مختصر اقتباس بہ ڏنا آهن. جن مان اسان کي پوريءَ ريت پتو پوي ٿو تہ مصنف ٦٥٨هہ (١٢٥٩ع) جي دؤر تائين واقعات بيان ڪيا آهن، تہ بياس پنهنجو پراڻو پيٽ ڪونہ ڇڏيو هو. وڌيڪ اسان کي اها بہ پڪ ملي ٿي، تہ اَڄ تي مغلن جي حملي کان ڏيڍ سؤ سال پوءِ، ويندي سال ٨٠١ هہ (٩٨ـ١٣٩٧ع) تائين، جڏهن تيمور لنگ گورگاڻيءَ هندوستان تي حملو ڪيو هو، بياس پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ وهي رهي هئي. مان اوهان کي اهڙيون حقيقتون بہ پڌائيندس ۽ ڪيترا ماڻهو اڃا جيئرا آهن، جن کي اهو وقت ياد آهي، جڏهن بياس پنهنجي قديم وهڪري کي الوداع چئي رهي هئي ۽ ستلج بہ پنهنجي الڳ ۽ آجي وهڪري کي آخري سلام چئي، پاڻ ۾ مليون هيون. ماڻهو ڀنهي جي پاڻيءَ کي "وڏي ڊنڊ" Great Dan-dah جي نالي سان سڏيندا آهن ۽ گڏيل وهڪري کي هرياڻي، نيلي يا گھارو ڪري ڪوٺيو ويندو آهي.

مان هن حقيقت کي بہ سمجهي ڪونہ سگھيو آهيان تہ "تاتاري سردار قدرخان (منهنجي خيال ۾ اهو مغل هوندو. مغل تاتاري نہ آهن، پر ٻئي ترڪن جون شاخون آهن) سن ٦٩٥هہ ۾ پنهنجو لشڪر وٺي، جهلم، بياس ۽ ستلج اڪريو هو." ڏيان ڏيڻ جوڳي ڳالهہ هيءَ آهي، تہ مٿي پاڻ ليکڪ بيان ڪري آيو آهي تہ دهليءَ کان اسلامي فوجن اچي اَڄ جي ماڻهن کي مغلن کان نجات ڏياري هئي ۽ ان زماني ۾ ستلج بياس سان ملي چڪي هئي. مذڪوره واقعو هن واقعي کان

ٻاونجاهه سال اڳ جو آهي. هتي وري هن پاڻ ئي ستلج جو نالو بياس کان الڳ ڪري ڪونه ڏنو آهي. اڳتي هلي هو لکي ٿو ته "ڪيس جلندر وٽ شڪست ملي." وري لکي ٿو ته "ان ضرور ٻنهي جي سنگم واريءَ جاءِ کان مٿان ڪين پار ڪيو هوندو." مان سمجهان ٿو ته اڳين ٻن درياهن جو ذڪر معنوي طور ڪيو ويو آهي. باقي ٽئين جو نالو وٺي بيان ڪيو ويو آهي. هن جملي ۾ must جو اکر فقط پنهنجي قائم ڪيل پراڻي اصول کي هٿي ڏيڻ واسطي ڪتب آندو آهي، انهيءَ لاءِ جيئن سمجهيو وڃي ٿو ته ستلج، بياس سان ملي چڪي هئي ۽ بياس جي پيٽ مان وهڻ شروع ڪيو هئائين. پر اها حقيقت ڪانه هئي. هن تاتاري سردار ڪڏهن به ستلج پار ڪانه ڪئي هئي، جو جلندر ۾ شڪست کائي ها. ڇاڪاڻ ته ٻنهي درياهن جو گڏيل وهڪرو، جيڪڏهن ائين به هجي ها، جيئن هاڻي ڏسون ٿا ۽ قدر خان اولهه کان اوپر ستلج اڪري ها، ته جلندر واري دوآبي جي ايراضيءَ مان ئي ٻاهر نڪري وڃي ها. اهڙيءَ ريت، جلندر وارو علائقو، ڪانئس پورا اٺاويهه ميل اتر طرف رهجي وڃي ها. مذڪوره علائقو، بياس ۽ ستلج جي وچ تي آهي، جنهنجي ڏکڻ پاسي کان ستلج ڦري اچي ٿي. (ان دؤر ۾ ڪٽي کهڙي به رخ ۾ وهنديون هيون ۽ پوءِ به الائي ڪهڙي رخ ۾ وهنديون). ڪوهه جد يا نمڪ سر مان هلي، جيڪڏهن دوآبي ۾ پهچبو ته "جهلم"، "چناب"، "راوي" ۽ "بياس" کي پار ڪرڻو پوندو. هن ڳالهه کي به نظر ۾ رکڻو آهي، ته طبقات ناصريءَ ۾ اُچ تي حملي دوران ستلج جو ذڪرئي ڪونه ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري هرويرو ائين نه سمجهجي ته ستلج بياس سان ملي وئي هئي، ته پوءِ "قدرخان" تاتاريءَ جي جملي وقت اهو سمجهڻ گهرجي ته چناب ۽ راوي، جهلم سان ملي ويون هيون، ڇاڪاڻ ته انهن جو به مذڪوره حملي ۾ ذڪر ڪونه آهي.

مان هتي اهو به بيان ڪرڻ لازمي ٿو سمجهان، ته مرزا پير محمد ولد جهانگير ولد تيمور لنگ، ربيع الاول ٨٠٠هه (ڊسمبر ١٣٩٧ع) ۾ سنڌو درياهه اڪري اُچ تي ائين حملو ڪيو هو، جيئن ٦٤٣هه ۾ "نيون منگتا" ڪيو هو. ان زماني ۾ تاج الدين، سارنگ خان جو نائب هو، جيڪو لاهور ۽ ملتان جو صوبيدار هو. هن ڪيس

اُچ وارن جي مدد جي لاءِ وڏو لشڪر ڏئي روانو ڪيو هو. جڏهن مرزا پير محمد کي تاج الدين محمد جي اچڻ جي خبر پئي، تہ اُچ جي قلعي جو گهيرو ڇڏي، اڳتي وڃي سائنس مقابلي ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. ٻنهي جو مقابلو بياس درياهہ جي ڪناري تي ٿيو، جنهن ۾ تاج الدين محمد هارايو. درياهہ وري پار ڪرڻ ۾ ڪيس اوکيائي محسوس ٿي. جان بچائڻ جي تڪڙ ۾ ڪيترن ماڻهن بياس ۾ ٽپو ڏنو ۽ مري ويا. ان کان پوءِ، تاج الدين محمد تيز رفتاريءَ سان ملتان ڏانهن وڌڻ لڳو. پر پير محمد بہ سندس ڪڍ لڳو ٿي آيو. هن قلعي ۾ پناهہ ورتي، تہ هن قلعي کي لشڪر جو ڪڙو ڦيرائي ڇڏيو. جيڪڏهن بياس ۽ ستلج ٻئي درياهہ پاڻ ۾ ملي ويا هجن ها، تہ ملتان ڏانهن وڃڻ لاءِ ٻئي لشڪر بياس بدران گهاري مان اڪرن ها. پر اهي اجا پاڻ ۾ ڪونہ مليا هئا. راوي اجا ملتان کان اوپر وارو طرف ڏئي وهي رهي هئي ۽ بياس سان ڪانہ ملي هئي، جيڪا پنهنجي اصلي پيٽ ۾ ٿي وڙهي. ان زماني ۾ چناب، راوي ۽ بياس کان جدا ٿي پنهنجو الڳ وهڪرو بنائي ورتو هو ۽ گهٽو اولهہ تي سرڪي، وڃي ملتان جو بہ اوپر بدران اولهہ پاسو ورتو هئائين. اهڙيءَ ريت ملتان سنڌ ساگر دوآبي مان نڪري رچنا دوآبي ۾ اچي ويو هو ۽ اُچ بہ سنڌ ساگر دوآبي بدران بِست جلندر ۾ اچي ويو هو. درياهن جي ڦيرگير کان پوءِ، اچ ڪلهہ ملتان باري دوآبي ۾ ۽ اُچ گهٽي وقت کان هر دوآبي کان ٻاهر رهيو آهي.

اسان سن ٦٤٣هہ واري اُچ تي گهيري کان اڳ ۾ ستلج ۽ بياس جي ملي وڃڻ واري حقيقت متعلق گهٽو ڪجهہ لکي آيا آهيون.

هاڪڙي جو پراڻو پيٽ، ڪروڙوالا Kururwalla کان گهٽو ڏکڻ - اولهہ طرف ٢٩ ڊگريون ۽ ٥٣ فوٽ ويڪرائي ڦاڪ ۽ ٧٣ ڊگريون ۽ ٥٣ فوٽ ڊگهائي ڦاڪ تي موجود آهي. انهيءَ جا نشان سنڌ جي ساموندي ڪناري تائين ائين ملي ويندا، جيئن مان انهن انهيءَ جا گس پنڌ ڀڏايا آهن.

” ڪلڪتي رويو “ ۾ مقالي جي ليکڪ چيو آهي تہ هاڪڙي جي مٿين حصي کي سوترا Sutra چيو ويندو هو. منهنجي خيال ۾ اهو ستررُودا Satruda يا

ستروڊا Satroda جو بگاڙ آهي، جيڪو ستلج (۷۰) جو پراڻو نالو آهي. (تاتار جي حملي وقت، هن درياهه کي ستلادار Satladar سڏيو ويو آهي). اڳتي هلي چوي ٿو ته هاڪڙو، ساگرا جي سڌريل شڪل آهي. راجپوتانا ۾ سنڌ ۾ ”س“ جو اچار ”هه“ جي اچار ۾ بدلائي سگهبو آهي. هن ۾ هيءَ ڳالهه به وڌائي سگهجي ٿي ته اهو ساڳيو پراڻو رجحان ڪاٺياواڙ ۾ به ڏسڻ ۾ ايندو. (۷۱) پر هو اهو ڪونه ٿو ٻڌائي ته هاڪڙي جو ”ڪ“ ساگرا جي ”گ“ ۾ ڪيئن بدلجي ويو. ساگرا جو نالو (ڪن نسخن ۾ شاگرا به ڏسڻ ۾ اچي ٿو) تمام پراڻو آهي. المسعودي به اهو ساڳيو نالو قلمبند ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ان ڪان به آڳاٽو هجي (۷۲). هي وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته ”ستلج ۾ جڏهن پاڻي گهٽو ٿي ويندو هو ته سنڌس پاڻي نئي وال (نئي واليءَ جون به ڇاڙهون هيون هڪ اوپارين ۾ ٻي اولاهين) ذريعي بياس ماتريءَ ۾ هليو ويندو هو. .. هن زماني ۾ (آچ ٽي، سال ۶۴۳هه ۾ حملي دوران) هنن ٻنهي درياهن جو پاڻي پهريون ڀيرو پاڻ ۾ مليو هو. ان کان پوءِ، ٻنهي جي گڏيل پاڻيءَ کي به بياس جي نالي سان سڏيو ويندو هو.“ آخر هن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ جيڪڏهن ٻنهي پاڻين جي ملڻ کان پوءِ، انجو نالو بياس هو ته اڳ ۾ سنڌس نالو ڇا هو؟ اهو ليکڪ جي پهرئين ۽ پوئين بيان جي وچ ۾ تضاد کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه آهي. سنڌس مقصد هي آهي ته يا ته ڪيس هيئن چوڻ کپي ها ته سنڌس سنگم کان بعد، پوءِ اهو ڪاٽي به ٿيو ۽ ڪڏهن به ٿيو. ٻنهي درياهن مان ڪنهنجو به نالو ڪونه رهيو ۽ سندن گڏيل پاڻيءَ کي هريالي، نيلي يا گهاري جي نالي سان سڏيو ويندو هو ۽ ستلج ڪڏهن به بياس جي ماتريءَ ڏانهن ڏوڪي ڪانه وئي، ۽ نه وري بياس ئي ستلج ماتريءَ ڏانهن وهي آئي هئي. ڇاڪاڻ ته جابلو علائقي مان ٻاهر نڪري اچڻ کان پوءِ، بياس هڪ سنئي ميداني علائقي ۾ اچي ٿي، جنهن مان مون پاڻ به سفر ڪيو آهي. اهو خطو، جنهن مان ٻئي درياهه هاڻي وهن ٿا، سو سندن سنگم وارن ماڳن کان سنوت ۾ وڌيڪ سڌو آهي. بياس جي پراڻي پيٽ جو ساڄو ڪنارو، هن علائقي جي ٻين درياهن جي ڪنارن جيان اتاهون آهي ۽ هن درياهه ان ميداني علائقي جي اوپارئين حصي کي جڙ جدا ڪري بيهاريو آهي،

جنهن ۾ هيءَ درياهہ راويءَ واري علائقي کان داخل ٿيندو آهي. هيءَ خطو گنجي بر جي Ganji Bar گهٽي ڀاڱي تي مشتمل آهي. سندس ذڪر ٻين درياهن جي بيان ۾ اڳتي ايندو. بياس جو پاڻي جيستائين مٽي چاليهہ فوٽ چاڙهہ نہ ڪندو آهي، تيستائين ان جو پاڻي هنن اتانهن ڪنارن تان اٿلي ٻوڏ ڪونہ ڪندو آهي. بياس جو پراڻو پيٽ گڏيل وهڪري کان سراسري طور ٽيهارو ميل اولهہ پرو ٿيندو، جنهنکي هريالي، نيلي يا گهاري جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ستلج ۽ بياس پاڻ ۾ وچ تي ملنديون آهن. يعني ٻنهي مان هر هڪ پنهنجو پراڻو پيٽ ڇڏي نئون وهڪرو بنايو آهي. اهي ٻئي گڏجي هلڻ کان پوءِ جلدئي وري جدا ٿي ويون. پوءِ وري گهٽو هيٺ ملتان علائقي جي ڏکڻ - اولهہ طرف وڃي سندن سنگم ٿيو، جنهنجو ذڪر ڪنهن مناسب جڳهہ (٧٣) تي ڪيو ويندو. گذريل صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾، سندن ٻيو پيرو سنگم ٿيو هو. ٻنهي جي گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري تي ٻنهي درياهن مان ڪنهن جو بہ نالو ڪونہ رهيو، پر هڪ جدا درياهہ بڻجي ويو هو. جنهن ڪي پنهنجو جدا پيٽ هو، جيڪو اڄا سوڌو قائم آهي.

ليڪڪ اسان کي اهو پڻ ٻڌائي ٿو تہ، ”ٻنهي درياهن جي سنگم کان هيٺ واري وهڪري کي ستلج جو نالو ڏيڻ موجوده دور جي ڳالهہ آهي. هندن ۽ مسلمانن جي پراڻين لکتن موجب اهڙي ڪابہ ڳالهہ موجود ڪانہ آهي“. هن معاملي ۾ هيءَ ليکڪ بلڪل صحيح چوي ٿو. اٽڪل ٽي صديون ڪن اڳ، ابوالفضل آئين اڪبريءَ ۾ چيو آهي تہ، ”سنگم کان پوءِ، ٻئي درياهہ پنهنجو نالو وڃائي ڇڏيندا آهن. ٻنهي جي گڏيل پاڻيءَ کي ڊنڊ، هرياري، نرني ۽ ٿورو هيٺ ڪيس گهاري جي نالي سان سڏيو ويندو آهي“. تنهن کان پوءِ ”رويو“ جو ليکڪ، ”ٽاڊ“ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو، ”ٽاڊ پنهنجي ڪتاب“ ائنالس آف راجستان“ ۾ ٻڌائي ٿو تہ ڀٽي قوم جي ٻڌايل روايتن مطابق بياس کي گهارو سڏيو ويندو آهي. اڄ ڏينهن تائين ٻيڙائٽ فيروزپور کان هيٺان، بياس کي گهاري جي نالي سان ڪوٺيندا آهن. ستلج هڪ جديد قسم جو نالو آهي. هن درياهہ کي انهيءَ نالي سان فقط اهي ماڻهو سڏيندا آهن، جن جو يورپين سان لهہ

لاڳاپو آهي (٧٣).

مان اوهان کي هيءَ ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته درياهن جي سنگم کان پوءِ گڏيل وهڪري کي ڪڏهن ٻه ٻيڙا ٿٽ سَتَـلَج يا ستِلج جي نالي سان ڪوٺـيندا آهن. صحيح معنيٰ ۾ هن ريت چوڻ کپي ته بياس، سَتلج سان ملڻ بدران، سِتلج بياس سان ملندي آهي. يا ائين چئجي ته ستلج اڳرائي ڪري، ٿوري وقت لاءِ پنهنجو اصلي وهڪرو ڇڏي، ڏوڪي وجي لوه وال وٽ بياس جي وهڪري ۾ پئي هئي ۽ اهڙيءَ ريت بياس ٻه پنهنجو قديم وهڪرو بدلائي ڇڏيو.

" ڪلڪته رويو" تي ٽيڪا ٽپڻي بند ڪرڻ کان اڳ ۾، مان ليکڪ جي انهن ڳالهين ڏانهن ضرور اشارو ڪندس، جيڪي سندس ٿي بيان اندر ٽڪراءُ واري حيثيت رکن ٿيون. "رويو" صفحي ١٠ تي لکي ٿو، "جڏهن سلطان علاؤالدين مسعود شاهه بياس جي ڪناري تي پهتو، ته مغلن اچ جي قلعي تان گهيرو کنيو" اهو اشارو گڏيل وهڪري ڏانهن آهي ۽ ان وقت ستلج بياس سان ملي چڪي هئي".

سندس هيءَ بيان ته، "ستلج اڳرائي ڪندڙ ۽ بياس پنهنجي قديم پيٽ ۾ وهندڙ درياهه آ هي" کان سندس هيءَ ويچار بلڪل صحيح آهي، جنهن ۾ چوي ٿو ته "ستلج هاڪڙي ۽ نئي وال ڪانسواءِ ٻيو درياهه ڪونه آهي." وڌيڪ چوي ٿو ته ابو هار وارو سندس پاٽيءَ جو آ خري وهڪرو هو، جيڪو تيرهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ پنهنجي قديم پيٽ کي ڇڏي ويو. اها ٻي ڳالهه آهي، جو سندن سنگم ١٥٩٣ع تائين هري ڪي پتڻ وٽ ٿيندو هو ۽ پئي درياهه ١٧٩٦ع کان پوءِ ساڳئي پيٽ ۾ وهڻ لڳا. ان کان پوءِ بياس جي ڪنڌين وارو علائقو ويران ٿي ويو." (٧٤)

جيڪڏهن سندس پويان بيان صحيح آهن ته، سندس اڳيان بيا ن جن ۾ ١٢٤٥ع ۾ مغلن جي اچ تي گهيري جو ذڪر آهي، يا اهو ته" اهو گڏيل وهڪري ڏانهن اشارو آهي،" يا اهو ته "ان زماني ۾ ستلج بياس سان ملي چڪي هئي" غلط آهن. ساڳيءَريت اهو بيان ته اچ جي هن حملي کان پو ءِ، " دهليءَ کان ملتان ڏانهن ويندڙ فوجون ان ڪري سڌو ماروت، جي رستي سان نه ويون، جو هاڪڙو

درياهہ سڪي ويو هو." وري اسان کي اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ "ستلج يا نئي وال هاڪڙي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ آهي." ان کان پوءِ هو وري ٻڌائي ٿو تہ "اهي هميشہ ابو هار ۾ اجوڌن رستي ويندا هئا." سندس هي بيان ائين غلط آهن، جيئن سندس هيٺيان احوال بي بنياد آهن، جن لاءِ چوي ٿو تہ، "نئين وال جي اولاهين ڇاڙه هاڪڙي سان ڳنڊيل ستلج جي آخري شاخ هئي، جيڪا ١٢٢٠ع ۾ سڪي وئي، " ۽ اچ تي گهيرو هن نهر جي سڪي وڃڻ (٧٥) کان پنجويهہ سال پوءِ ٿيو هو."

ستلج، بياس، هاڪڙي جي قديم وهڪري، سندس پرتي ڪندڙ شاخن ۽ پنجاب جي ٻين درياهن متعلق، منهنجي جاگرافيائي ۽ تاريخي معلومات ڪلڪتہ رويوجي مقالي ۾ لکيل معلومات کان بلڪل مختلف آهي. ان هوندي بہ آءٌ "لاسٽ رور" سان سهمت آهيان. انصاف جي تقاضا بہ اها ئي آهي. ڇاڪاڻ تہ موجوده دور ۾ ليکڪ ئي اهڙو ماڻهو آهي، (٧٦) جنهن پهريون ڀيرو ان حقيقت ڏانهن اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي، تہ هاڪڙي نالي ڪو درياهہ، هندوستان جي هڪ رڻ پٽ مان وهندو هو، جيڪو ماڻهن کان ذري گهٽ وسري ويو آهي.

منهنجي معلومات جو چڱو خاصو حصو جاگرافيءَ سان لاڳاپيل هڪ ڪتاب تان ورتل آهي. ان جو ليکڪ هندوستاني ڏيهي ماڻهو ۽ سندس نسل، غير هندي قوم سان واسطو رکي ٿو. هن پنهنجو ذاتي مشاهدو ۽ مطالعو ڪري وڏي فهم ۽ عقل سان ١٧٩٠ع کان اڳ ان ڪتاب کي مرتب ڪيو ۽ مذڪوره ڪتاب ان ئي سال لکي پورو ڪيو، يا "ڪلڪتہ رويو" ۾ ليکڪ جي مقالي لکڻ کان فقط ٦ سال اڳ مڪمل ڪيو. جنهن ۾ مقالي جي ليکڪ پنهنجي بيان ۾ هيءُ حوالو ڪتب آندو آهي تہ، "بياس ۽ ستلج، پهريائين هڪ ئي پيٽ ۾ وهنديون هيون." وڌيڪ وضاحت لاءِ، آءٌ ان ساراهہ جوڳي "سروي رڪارڊ" مان ڪجهہ حقيقتون اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪندس.

سنڌوءَ، پنجاب جي درياهن جي وهڪرن جي تبديلين جي ذڪر ڪرڻ کان اڳ ۾ يا هاڪڙي يا واهندا جي سڪي وڃڻ جي احوال ڏيڻ کان پهريائين،

آءُ مسلمان مؤرخن ۽ جاگرافي دانن جا حوالا ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان. توڙي جو انهن جو وڏو ڀاڱو اجاين ڳالهين سان ڀريل آهي. جتي اسان کي اصلي ڪتاب ملي ڪونہ سگهيا آهن، تہ ترجمي ڪرڻ وارن جي ڏنل احوالن جي هجي تي اعتماد رکيو آهي، ڇو تہ انهن پنهنجن نسخن ۾ نالن ڏيڻ وقت زيرون زبرون ڪونہ ڏنيون آهن. جڏهن بہ ڪو ڪتاب ترجمو يا تاليف ڪيو ويندو آهي، تہ عربي رسم الخط، نقطن ۽ اعرابن نہ هجڻ ڪري وڏو مسئلو پيدا ڪري وجهندو آهي.

جن جاگرافي دانن جي جاگرافيءَ سان لاڳاپيل ڪتابن کي مون حوالن طور ڪتب آندو آهي، سي هي آهن: احمد پٽ يحيٰ پٽ جابر البلاذري، جنهن پنهنجو ڪتاب فتوح البلدان ٢٧٠هـ (٨٤ - ٨٨٣ع) ۾ لکيو (٧٧) هو. ابوالقاسم عبيدالله، جنهن کي ابن خردازبہ جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي، جنهن پنهنجو ڪتاب ٢٧٥هـ (٨٩- ٨٨٨ع) ۾ يا ٣٠٠هـ (٩١٢ع) کان اڳ لکيو. ابو زيدالحسن - سيراف جو رهاڪو هو. هن ابن خردازبہ کان ٿورو پوءِ لکيو آهي. هو ڪيس بصري ۾ ٣٠٣هـ (٩١٦ع) مليو هو ۽ پنهنجي تاريخي نڪتن کي سندس ڪتاب سان پيٺائي ڏنو هو. ابو حسن، جنهن کي المسعودي جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي. سندس ڪتاب "مروج الذهب و معادن الجوهر" آهي، جيڪو هن ٣٣٢هـ (٩٤٣-٤٤ع) ۾ لکيو هو. ابو اسحاق اصطخري (٧٨)، جنهن ٣٤٠هـ ۽ ٣٥٠هـ (٩٦١ع ۽ ٩٥١-٥٢ع) جي وچ ڌاري لکيو. ڪتاب المسالڪ و الممالڪ اڳئين بيان ٿيل ڪتاب کان ٿورو پوءِ، ۽ محمد ابوالقاسم پٽ حوقل جي زماني ۾ لکيو هو. ابن حوقل اشڪال البلاد ٣٣٦هـ (٩٧٦ع) ۾ لکيو، جيڪو مسالڪ والممالڪ سان گهٽين ڳالهين ۾ هڪ جهڙائي رکي ٿو. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ هو سنڌ يا ملتان ۾ ڪاتي اصطخريءَ سان مليو هو. انهن کان پوءِ، ابو ريحان، محمد پٽ احمد اچي ٿو، جيڪو استاد جي نالي سان مشهور آهي. ڪيس ابو ريحان البيرونيءَ جي نالي سان بہ ڄاتو سڃاتو ويندو آهي. هن ٤٢٠هـ (١٠٢٨ع)۾ يا ان کان ٿورو پوءِ (٧٩) لکيو هو. هي مورخ جميعت التواريخ ۽ فناڪتيءَ جو مکيہ ماخذ رهيو آهي. انهن بہ ايمانداريءَ سان سندس ڪتاب، تحقيق الهند کي ميتا ڏني

آهي. هن ڪان پوءِ، عبدالله محمد ادريسيءَ جو نالو اچي ٿو. هن ٻارهين صديءَ جي وچ ڌاري اٽڪل ٥٤٥هه (١١٥٠ع) ۾ نزهت المشتاق نالي ڪتاب لکيو. ان ڪان پوءِ، زڪريا قزوينيءَ جو نالو اچي ٿو، جنهن ادريسيءَ ڪان هڪ صدي يا ڪجهه وڌيڪ، پوءِ ٦٦١هه (١٢٦٣ع) ۾ اسرار البلاد نالي ڪتاب لکيو هو. هيءَ ڪتاب اڄ تي مغلن جي حملي ڪان ٿورو وقت پوءِ لکيو ويو. هن گهٽو ڪري مسير پٽ مهلهل (٨٠) عرب سياح، جنهن ٣٣١هه (٤٣-٩٤٢ع)۾ چين ۽ هندوستان جو سفر ڪيو، جي ڪتاب عجائب البلدان تان استفادو ڪيو آهي. هن جي ڏنل حوالن تي اعتماد ڪري سگهجي ٿو، تہ جن شهرن ۽ ماڳن جو هن ذڪر ڪيو آهي، سي ان وقت ضرور موجود هئا. سڀ ڪان پڇاڙيءَ ۾ ابن الوردي القرشيءَ جو ذڪر اچي ٿو، جنهن ٦٦٨هه ۽ ٦٨٤هه (١٢٨٥ع ۽ ١٢٦٩ع) جي وچ ڌاري ڪتاب لکيو. يا طبقات ناصريءَ جي لکجي پوري ٿيڻ ڪان ويهہ سال پوءِ لکيو ويو هو.

احمد پٽ يحيٰ، البلاذري پنهنجي ڪتاب فتوح البلدان ۾ بيان ڪري ٿو تہ محمد بن قاسم سنڌ جي فتح ڪان پوءِ ملتان ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي. مسلمانن اتي مندر جي هيٺان (بيت)لڌو جنهنجي ماپ لام ڏهہ هٿ ۽ منڊو اٺ هٿ هئي، منجهس تمام گهٽو سون رکيل هو."هتي عربي لفظ بيت ڪتب آندو ويو آهي جنهن جي معنيٰ "گهر" نہ آهي، ائين نہ جيئن عام ماڻهو سمجهندا آهن. ان جو مطلب "ڪوٺي" "ٻهرو" ۽ "ڪمرو" " خزاني رکڻ جي جاءِ" يا ٻيون اهڙيون معنائون بہ ٿي سگهن ٿيون. پر هتي خزاني جي ڪمري جي معنيٰ ڏيکاري ٿو، ۽ اها ڪا خاص ڳالهہ نہ آهي. هندو مندرن ۾ اهڙين جاين جو هجڻ هڪ عام ڳالهہ آهي. ۽ هر بت جي هيٺا ن اهڙو خزاني جو ڪمرو موجود هوندو هو. محمود پٽ سبڪتگين بہ سومنات جي مندر ۾، بت جي هيٺان، اهڙو ڪمرو ڏٺو هو. "بلاذري وڌيڪ چوي ٿو تہ، ان ڪمري جي مٿان هڪ سوراخ هو، جنهن مان هيٺ سون اڇليو ويندو هو. ان ڪري ملتان کي "فرخ" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، يا اهو مندر جنهن ۾ بيت، يا سون وارو خانو يا ڪمرو هو. ملتان

جي مندرن ۾ سنڌ جا ماڻهو سڪا يا پيتا طور سون ڏيندا هئا، يا عام ماڻهو جيڪي ياترا تي ايندا هئا، سي به پيتا طور سون ڏيندا هئا. ڪتاب جي هن مصنف سنڌ ۽ ملتان جي جاگرافي ڪان وڌيڪ تاريخ تي زور ڏنو آهي.

ابن خردازبه هن موضوع تي گهٽي روشني ڪونه تو وجهي سو به هن طرح لکي ٿو ته: ملتان کي فرخ ڪري سڏيندا آهن، يعني جتي مندر کي "بيت" يا سون رکڻ جي ڪوٺي آهي. چاڪاڻ ته محمد بن قاسم، جيڪو سنڌ جو فاتح ۽ (پنهنجي چاچي ۽ سهري) حجاج بن يوسف جو ڪمانڊر هو، تنهن هتان مندر جي ڪوٺيءَ منجهان سون جا چاليهه بهار هٿ ڪيا (٨٣) هئا. ان ڪان پوءِ هن جاءِ کي سون جو گهر چيو ويندو آهي. مهراڻ ڪان وٺي سر تائين جيڪا هند جي سرحد سان پهرين منزل (٨۴)آهي.

"ابو زيد الحسن سيرافي " چوي ٿو ته بت جنهنکي ملتان جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، يا خود ملتان، منصوره جي سرحد تي (٨٥) واقع آهي. ماڻهو پري پري ڪان ڪهي اچي بت جي ياترا ڪندا آهن. پاڻ سان عود ڪماري (ڪامرون ڪان سگند وارو ڪاٺ) کڻي ايندا آهن. سندس نالو ڪماري ان ڪري آهي، جو اهو ڪاٺ ان ملڪ ۾ ٿيندو آهي. اهو عود مندر جي خدمتگارن (داسن) کي ڏنو ويندو آهي.۽ اهي ان کي خوشبوءِ طور ڪتب آڻيندا آهن. اهو تمام قيمتي آهي ۽ سو دينارن ۾ هڪ مڻ ملندو آهي. واپاري اهو عود داسن يا پوڄارين ڪان خريد ڪري وٺندا آهن. هيءُ مورخ منصوره يا ملتان واسطي فقط ايترو چوي ٿو ۽ پوءِ خاموش ٿي وڃي ٿو.

المسعودي جو بيان آ هي ته "جيستائين ملتان تي حڪمراني جو سوال آهي ته اسامه بن لوئي بن غالب جي پيڙهيءَ مان ڪو ماڻهو اتان جو حڪمران آهي. (هڪ) نسخي ۾ "عثمان جي اولاد مان" لکيل آهي. (يعني بني عثمان) جنهن وٽ وڏي فوج آهي. ملتان مسلمانن جو ملڪ (٨٦) آهي. منجهس هڪ لک ويهه هزار ڳوٺ آهن. (هڪ نقل ۾ شهر ۽ ڳوٺ لکيل آهن، (٨٧) جيڪو ڪوڙ معلوم ٿئي ٿو.) اسان اڳ ۾ ئي ذڪر ڪري آيا آهيون ته ملتان ۾ ملتان جي نالي سان هڪ

بت آهي. جڏهن ٣٠٠ هه (١٣-٩١٢ع) کان پوءِ مان شهر ۾ پهتس ته ابو لهب المنابه پٽ اسد القرشي هو، (هڪ نسخي ۾ ابو دلاهت بن اسد ا لمنابه السميع القرشي لکيل هو.) ان ساڳئي زماني ۾ مان منصوره به گهمي ڏٺي هئي، ابوالمنذر، عمر بن عبدالله اتان جو حڪمران هو. مان سندس وزير رياحا سان به ملاقات ڪئي هئي، ۽ سندس پن پٽن محمد ۽ علي سان به مليو هوس. مان اتي هڪ عرب ملڪ ڏٺو، جيڪو سيد هو ۽ حمزه جي نالي سان مشهور هو. علي بن ابو طالب، عمر بن علي، جيڪي محمد بن علي جي اولاد مان هئا، تن جو اولاد، مان هتي گهٽي تعداد ۾ ڏٺو(٨٨). منصوره جي حڪمران ۽ اتان جي قاضي ابو شورابه جي خاندان وچ ۾ گهرا دوستاڻا لاڳاپا هئا. حقيقت اها آهي ته منصوره جو حڪمران خاندان ۽ قاضي ابوشورابه جو گهراڻو هبار بن اسود جي اولاد مان آهي، جيڪي بني عمر جي قبيلي سان تعلق رکن ٿا. سندن نسلي واسطو عمر بن عبدالعزيز قريشيءَ سان آهي، هي عمر بن عبدالعزيز بن مروان خليفه نه هو، پر ڪو ٻيو (٨٩)هو.

منصوره ۽ ملتان جي وچ ۾ پنجهتر سنڌي فرسنگ فاصلو آهي، جنهن جي فرسنگ ۾ اٺ ميل هوندا آهن. ان حساب سان منصوره ۽ ملتان جي وچ ۾ ڇهه سو ميلن جو پنڌ (٩٠) آهي.

ٻئي هنڌ لکي ٿو ته " هي ملڪ (ملتان) اسامه بن لوئي بن غالب جي تابع آهي هي شهر خراسان ڏانهن ايندڙ ويندڙ قافلن جو مرڪزآهي."

ڪتاب المسالڪ والممالڪ چوي ٿو ته، ملتان جو شهر منصوره جي اڌ جيترو ٿيندو ۽ ان کي فرخ بيت الذهب (خزاني وارو مندر يا سون واري ڪوٺي)چيو ويندو آهي. شهر جي چوڌاري سگهارو قلعو آهي. پر منصوره جو قلعو ان کان به مضبوط آهي. ملتان کي ڪهڙي سبب کان بيت الذهب چيو ويندو آهي، سا ڳالهه هيئنءَ آهي ته، جڏهن محمد بن قاسم ملتان فتح ڪيو هو، تڏهن ڪين پئسي ڏوڪڙ جي سخت لوڙ هئي. ڪين اتان تمام گهڻو سون هٿ آيو هو. پنهنجي ضرورت به پوري ڪيائون ته طاقت به حاصل ڪري ورتائون. ملتان کان

اڌ فرسنگ جي مفاصلي تي هڪ خوبصورت شهر آباد آهي، جتي اتان جو حڪمران رهي ٿـو. .. هو قـريشي ۽ سـام بن لوئي جي اولاد مـان آهي، جنهن ملتـان تي زوريءَقبضو ڪيو هو. جيڪو منصوره جي حڪمران جو تابع ڪون آهي، ۽ خليفہ جي نالي جو خطبو پڙهندو آهي. ابن حوقل جو بيان بہ اڳين مورخن جهڙو آهي، پر هي بيان ڪري ٿو تہ " ملتان کان اڌ فرسنگ جي فاصلي تي هڪ شاندار شهر آهي، جنهن کي چندرور سڏيو ويندو آهي. ملتان جو امير اتي رهندو آهي، ۽ جمع ڏينهن (نماز پڙهڻ)ڪانسواءِ ملتان ڪونہ ايندو آهي. ذات جو قرشي آهي. سندس پيءُ جو نالو سام پٽ نوح (٩٢) آهي. هيءُ پهريون ماڻهو آهي، جنهن ملتان تي قبضو ڪيو هو ۽ خليفي جو خطبو پڙهندو آهي.

ابو ريحان البيروني چوي ٿو تہ، "ملتان ۾ سورج ديوتا جو مشهور مندر هوندو هو، ۽ ان ڪري آڏتيہ جي طرز تي ٺاهيل هوندو هو. جڏهن سـام بن لوئي جي پونير (جنهن قرمطي مذهب اختيار ڪيو هو) ملتان تي قبضو ڪيو تہ جلم بن شيبان کي شڪست ڏيئي، ملتان جو امير بڻيو، تہ بت پيچي پور ڪري پوڄارين کي ڪهي ختم ڪري ڇڏيائين. شهر ۾ پوني تي امير جي ٺهرايل پڪين سرن جي. محلات کي جامع مسجد بنايائين (٩٤).پراڻي مسجد جنهن کي بني اميہ جا گورنر قائم رکيو پئي آيا، تنهن کي نفرت وچان بند ڪرائي ڇڏيائين " هيءَ هنڌ مختلف نالن جي ناتي سان ڀڏائي ٿو تہ، پراڻي زماني ۾ مختلف دورن ۾ ملتان جا جدا جدا نالا پئي رهيا آهن. ڪڏهن ڪيس ڪشت پور، تہ ڪڏهن ڪيشاپور، ڪڏهن هنس پور، تہ ڪڏهن بگ پور، ڪڏهن سنب پور يا سانب پور تہ ڪڏهن وري ڪيس مولستان سڏيو ويو آهي. مول، ڪنهن قوم يا اصليت ڏانهن اشارو آهي، آستان جي معنيٰ جاءِ آهي (٩٥).

هن مندر جي سون واري ڪمري ڏانهن اشارو ڪيو آهي، پر تمام هلڪو. ان سان گڏ هن پرَ يا تور جو حوالو ڏنو آهي، چوي ٿو تہ انجو سنڌ جي فتح ۾ واضح ذڪر آهي، جنهن جي تور بہ هزار فلوس يا فولس جي برابر هئي. (اهو فلوس ٽامي جو هڪ سڪو هوندو هو، جنهن جي تور هندستاني پئسي جي برابر هئي.)سندس

بيان اعتبار جوڳو ڪونہ آ هي، جو ان سڪي جي وزن ڪي ڊڳي جي وزن جيترو ٻڌائي (٩٦) ٿو." ٻئي هنڌ فرسخ يا فرسنگ جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ منجهس چار ميل يا سورهن هزار دريع آهن پر گز نہ آهن".

ان کان پوءِ ادريسي ٻڌائي ٿو تہ ملتان هند جي پرسان آهي. ڪي مصنف ان کي هند جيءَ سرحدن اندر ڄاڻائن ٿا. منصوره جيترو وڏو آهي ۽ کيس بيت ذهب جي نالي سان بہ سڏيو ويندو آهي. ملتان جو شهر وڏو آهي. چوڌاري قلعو اٿس. قلعي کي چار ڦاٽڪ آهن ۽ بسندس چو طرف پاڻي سان ڀريل کاهي آهي. کيس سون جي ڪوٺي وارو مندر يا سون جي ڪمري وارو شهر بہ ڪري سڏيندا آهن. فرخ ۽ بهار (يا وهار ڄاڪاڻ تہ وءِ ب ٻاڻ ۾ تبديل ٿي سگهندا آهن. ۽ وهار جو غلط اچار ڪيو ويندو آهي.) کي هڪ جهڙي اهميت آهي (٩٧). شهر جي پسگردائيءَ ۾ هڪ ننڍي درياه ذريعي (يا واه وسيلي) پاڻي آندو ويندو آهي، جيڪو سنڌ جي مهراڻ سان ڳنڍيل آهي. ملتان کان ميل کن پنڌ تي جند رور (جندور يا چندور يا ابن حوقل واري چندروار يا کن ٻين مورخن موجب جندرور) جو شهر آهي. منجهس گڏيل ۽ مضبوط ڪيترائي قلعا ٺهيل آهن (٩٨). ۽ منجهن پاڻي جام هوندو آهي. ملتان جو امير بسنت جي رُت ۾ آرام جا ڏينهن هتي گهاريندو آهي. ابن حوقل جو چوڻ آهي تہ قديم روايتن مطابق امير فقط جمع ڏينهن هاٿي تي سوار ٿي نماز پڙهڻ لاءِ هن شهر مان ملتان ويندو آهي." زڪريا قزويني، پنهنجي ڪتاب اسرارالبلاد ۾ ملتان جو ٿورو ذڪر ڪري ٿو.سندس ۽ عجائب البلاد جو بيان هڪ جهڙو آهي. سندس ٻيا حوالا بہ اڳين مورخن سان سهمت آهن. مندر لاءِ بہ سندس بيان ساڳيوئي آهي.

ابن الوردي القرشي، ٦٦٨هہ ۽ ٦٨٤هہ (١٢٨٥ع ۽١٢٦٩ع)جي وچ ڌاري لکيو آهي. ٻين جيان هن بہ ملتان متعلق تمام مختصر لکيو آهي، ۽ کيس فرخ، بيت الذهب ڪري لکيو آهي. يعني "اهو شهر جنهن ۾ سون جي هڪ ڪوٺي آهي."

ملتان متعلق اڳين مورخن بس ايترو ئي بيان ڪيو آهي، وڌ ۾وڌ ايترو

ذڪر ملي ٿو ته اتي هڪ مندر هو ۽ منجهس هڪ ڪوٺي هئي، جنهن ۾ سون رکيو ويندو هو. هنڪان پوءِ منصوره جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪو درياهن جي نالي سان هڪ اهم شهر آهي. ان جو ذڪر پورو ڪرڻ ڪان پوءِ مان اوهان کي ٻڌائيندس ته اهي اتان جي وهڪرن متعلق ڇاتا چون، يا انهن درياهن جي ڪنڌين ڪنارن سان ڪهڙا شهر آباد هئا.

ان متعلق ابن خرداذبہ ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو ٻڌائي. المسعودي جو بيان تمام مختصر آهي. فقط ايترو ٻڌائي ٿو ته، ملتان منصوره کان سنڌ جا پنجهتر فرسنگ پري آهي (٩٩). فرسنگ اٺن ميلن جو ٿئي ٿو. منصوره جي علائقي ۾ ڳوٺن جو تعداد ٽي لک آهي. ملڪ سڄو آباد آهي. چوڌاري ساوا ڪيت ۽ وڻراه (١٠٠) نظر ايندي. هيءُ ملڪ سدائين ميدن سان جنگ ڪندو رهي ٿو. ٻين دنگئي ملڪن سان بہ هن جا سدائين جهيڙا آهن. ملتان جيان هي ميدن جو علائقو بہ سنڌ جي سرحد ۾ آهي (١٠١). اهڙي ريت ان جا ڪيترائي وڏا ڳوٺ ۽ شهر آهن. هن شهر تي نالو منصور بن جمهور جي نالي پٺيان پيو آهي، جيڪو بني اميہ طرفان سنڌ جو امير هو (١٠٢). اصطخري اسان کي ٻڌائي ٿو ته، منصوره سنڌ جو شهر آهي، جنهن جي ڊيگهہ هڪ ميل ۽ موڪر بہ هڪ ميل آهي. ان شهر ۽ ڪجهہ نواحي وستيءَ جي چوڌاري مهراڻ جو پاڻي ڦري اچي ٿو. (جهڙيءَ ريت المسالڪ والممالڪ جي نقشي ۾ ڏيکاريل آهي) شهر جا رهواسي مسلمان آهن."

المسالڪ والممالڪ جي تصنيف، ابن حوقل جي تصنيف سان هڪجهڙائي رکي ٿي، جيڪو بيان ڪري ٿو ته منصوره کي سنڌيا جي نالي سان بہ سڏيو ويندو آهي (١٠٣). هيءُ سنڌ جو شهر آهي. همچورس ماپ هڪ ميل اٿس. شهر جي چوڌاري (شهر ۽ ڪجهہ زمين جي چوطرف) مهراڻ درياه جي هڪ ڇاڙهہ وڪڙ ڏيئي لڳهندي آهي. منصوره جڻ هڪ ٻيٽ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. منصوره جا ماڻهو قريشي ۽ هبار جي اولاد مان آهن. انهن ماڻهن مٿن قبضو ڪيو هو ۽ اڄا تائين سندن قبضي ۾ آهي. اهي ماڻهو پنهنجي لباس پوشاڪ ۾ عراقي لڳندا آهن، پر سندن بادشاهہ سنڌي لڳندا آهن (١٠۴)، ۽ سندن ڪنن ۾ والا يا ڪيوتيون پاتل

هونديون آهن. ابو ريحان البيروني هن شهر متعلق ڪا خاص معلومات ڪونہ ڏنيون آهن. ابو ريحان البيروني هن شهر متعلق ڪا خاص معلومات ڪونہ ڏني. هو رشيدالدين جي تاريخ سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. پر ٻئي باب ۾ دهلي جي بادشاهن جو بيان ڪري ٿو تہ سُاماني دور کان اڳ ۾ محمد بن قاسم حملو ڪري سجستان کان سنڌ ۾ داخل ٿيو هو ۽ بهمانو کي فتح ڪيائين. ان شهر کي منصوره ۽ ملتان کي معموره جو نالو ڏنائين (١٠٥).

ان جي ڇاپيل نسخي ۾ هيءُ ٽڪرو ڪجهہ مختلف لکيل آهي. ان ۾ بيان آهي تہ محمد بن قاسم المنابہ سجستان جي طرف کان حملو ڪري فتح ڪيو هو، ۽ بهمنواءِ مولستان جي شهرن تي قبضو ڪيو. پهرئين شهر کي هن منصوره ۽ ٻئي شهرکي معموره جي نالي سان سڏيو. بهمنوا لفظ اسان کي ٽن جاين تي لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن جي پڇاڙي ۾ واڌو اکر ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پر ٻين هنڌن تي اهو برهمن آباد لکيل آهي. وچ تي جيڪا (ر) آهي، ڪنهن ماڻهوءَ بعد ۾ ڳنڊي ڇڏي آهي، ان ڪري تہ جيئن اهو نالو برهمن لفظ سان ڳنڍجي وڃي اهو (ر) جو اکر ڪهڙي زماني وچ ۾ پيوند ڪيو ويو، تنهن جي خبر ڪانہ ٿي پئجي سگهي. پر رشيدالدين ۽ فخرالدين فناڪتي ٻنهي اٽڪل ڇهہ صديون اڳ ابو ريحان جي نسخي تان نقل ڪيو آهي. پر ابو ريحان کان هڪ صدي اڳ ۾ آيل سياحن بہ ايئن ئي لکيو آهي، ۽ اهڙو ذڪر مون بہ ڪيو آهي. منهنجو ارادو ڇپيل نسخي ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ جو هيو ۽ وڌيڪ ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ ڪونہ ٿو چاهيان. هيءُ بيان تہ "محمد بن قاسم بهمنو تي منصوره جو نالو رکيو، "ابو ريحان تان منهنجو اعتماد کڻائي ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اسان پوري يقين سان چئي سگهون ٿا، تہ جڏهن محمد بن قاسم کي سنڌ مان واپس گهرايو ويو هو، تہ بهمنو جي ڀرسان منصوره جوڪو وجود ئي ڪونہ هو. ڪن مورخن جو چوڻ آهي، تہ محمد بن قاسم جي پٽ ان شهر جو بنياد رکيو هو. اچرج جهڙي ڳالهہ اها بہ آهي، تہ ملتان تي رکيل نئين نالي کان عرب مورخ باخبر ڪونہ هئا. اچو تہ ڏسون تہ بلاذري هن موضوع تي ڇاتو چوي. ٻي اهم ڳالهہ اها بہ آهي، تہ خليفو منصور خلافت جي گاديءَ تي سنڌ جي فاتح محمد بن قاسم جي وفات کان پورا

پائيتاليهہ سال پوءِ نظر اچي ٿو.

ادريسي جو بيان آهي تہ مهراڻ جي هڪ ڇاڙهہ منصوره کي وڪڙ ڏئي لڳهندي آهي، پر اهو شهر مهراڻ کان ڪافي پنڌ تي آهي. (هو ٻئي هنڌ چوي ٿو تہ شهر همچورس هڪ ميل آهي) درياهہ جي ڇاڙهہ جو مکيہ وهڪرو منصوره جي اوڀر ڏس کان وهي ٿو. منصوره جو بنياد، بني عباس جي جعفر بن منصور جي دور ۾ رکيو ويو هو. هن خليفہ جي نالي پٺيان چار شهر آباد ڪيا ويا هئا. پهريون شهر بغداد عراق ۾ قائم ڪيو ويو. ٻيو منصوره سنڌ ۾ اڏيو ويو هو. هي وڏو ۽ دولتمند شهر آهي. منجهس ججهو واپار هلي ٿو. اتان جون جايون پڪسريون آهن. منجهن ڪاشي جون سرون ۽ ڳچ گارو استعمال ٿيل آهي. هندي (سنڌيءَ جي پراڪرتيءَ جي لهجي ۾) هن شهر کي ميرمان جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. (منهنجي نظر ۾ ميرمان نسخي جي غلطي آهي) هيءُ علائقو بہ ملتان ۽ شارو ساڻ (سيوستان ۽ موجوده دور جو سيوهڻ)جيان سنڌ سان واسطو رکي ٿو.

زڪريا قزويني، جنهن جو اڳي بہ ذڪر اچي چڪو آهي، تنهن مسير ابن مهلل تان نقل ڪيو آهي. جنهن پنهنجو ڪتاب ۳۳۱هہ (۹۴۲-۴۳ع) ۾ لکيو، تنهنجو بيان آهي تہ، ”منصوره کي ٻئي عباسي خليفہ جي نالي پٺيان سڏيو ويندو آهي. هن کي منصوره ثاني يعني ٻيو منصوره چيو وڃي ٿو. مهراڻ درياهہ جي هڪ ڇاڙهہ هن شهر کي وڪڙ ڏيئي لڳهندي آهي. شهر ڏاڍو گرم آهي. منجهس مڇر جام آهن. وڏو شهر آهي. مٺو پاڻي بہ منجهس ججهو آهي.“

ابن الوردي القرشي جو چوڻ آهي، تہ عباسي خليفہ جعفر بن منصور (۱۰۶) پنهنجي نالي تي اهڙا چار شهر ٺهرايا هئا. هڪ عراق (بغداد) ۾، ٻيو شام جي سامونڊي ڪناري تي ميسيسہ (Masisat) پرسان ۽ ٽيون ديار-مزار ۾” الرفيقہ وٽ آهي.“

هنن مورخن درياهن جي ڪنڌين ڪنارن ۽ وٽين پاسن ۾ جن شهرن جا نالا ڪنيا آهن، تن متعلق اوهان سان احوال اورڻ چاهيان ٿو.

ابن خرداذبہ جو بيان آهي، تہ برماسر (۱۰۷)کان ديبل تائين اٺن ڏينهن جو

سفر آهي، ۽ ديبل کان وٺي مهراڻ درياهہ جو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ جو ٽاڪ ٻن فرسنگن جي مفاصلي تي آهي."

مسعودي ٻڌائي ٿو تہ، "سنڌ جو مهراڻ درياهہ هڪ مشهور معروف پاڻيءَ جي ذريعي ڏنيمان وهندو آهي. ۽ اهو ذريعو سنڌ جي هڪ جابلو علائقي ۾ موجود آهي. ان ملڪ کي قنوج ۽ ٻڌا (۱۰۸) (ڪن نسخن ۾ ٻوڏا بہ آيو آهي) اهو ڪشمير ۽ قنڌار ۽ (۱۰۹)بہ لکيل آهي) طافين (طاقين يا طافين ۽ ڪن نسخن ۾ اطاقہ تي سگهجَ ٿو) مان وهندو ملتان جي سرحدن ۾ پهچي ٿو، جتي ڪيس سون جو مهراڻ سڏيندا آهن. انهي ڪري جو ملتان سون جي ملڪ هجڻ ڪري گهڻو مشهور آهي (۱۱۰)."

ملتان کان پوءِ مهراڻ منصوره (۱۱۱) جي حدن ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ ديبل جي حدن ۾ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. ڇوڙ ڪرڻ وقت گهڻين شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿو، جهڙوڪ ٻاگهڙ (باگهڙ يا واگهڙ چاڪاڻ تہ (ب) ۽ (و)پاڻ ۾ مٽجي سٽجي سگهندا آهن. (۱۱۲) جي علائقي ۾ سنڌبر يا سئنڌبر (يا سئنڌپور) نالي سان بہ سندس هڪ ڇاڙهہ يا ڦاٽ آهي.

هند جو بادشاهہ البلهري نالي هڪ شخص آهي. قنوج بہ سنڌ جو هڪ ملڪ آهي، ان جو بادشاهہ هڪ ٻوڏا يعني ٻڌ آهي. (ٻودهيا بروزه يا نروزه۔ مختلف نسخن ۾ مختلف پڙهڻيون آهن. ڇچنامي ۾ ٻوڏيہ لکيل آهي، ۽ اهو قنوج جي راجا جو لقب بہ آهي. قنوج جي نالي سان هڪ شهر بہ آباد آهي، جيڪو ملتان جي حدن ۾ واقع مسلمان حڪومت ۾ شامل آهي. اتان (ٻڌا) کان سنڌ جي مهراڻ سان گڏ درياهہ نڪري ٿو. هي ٻڌا قنوج جو راجا آهي ۽ هند جي راجا جو دشمن آهي. قنڌار جو راجا (ڪنڌارا يا ڪنڌارو، جنهن جو اڳ ۾ بہ بيان اچي چڪو آهي) سنڌ جي راجائن مان هڪ آهي. سندس ملڪ هڪ جابلو علائقو آهي، ان خطي جو نالو ِححج آهي. (ججچ يا ججچي بہ ٿي سگهي ٿو. اهو علائقو، اچ ۽ ڪنڌارو جي وچ تي ملتان جي سرحدن ۾ واقع آهي (۱۱۳). ججچ واهڻ سندس مکيہ شهر آهي، ۽ اجا بہ موجود آهي). اتان رايد يا رائد (۱۱۴)نالي

هڪ درياهہ وهندو آهي. انهن درياهن مان هڪ سنڌ جو مهراڻ بہ آهي. قنڌار (ڪنڌارا يا ڪنڌارو) کي راهبوط (اصل ۾ ال راهبوط ـ ال رهيوت بہ لکيل آهي، جيڪو پڪ سان راجپوت ٿي سگهي ٿو) جو ملڪ چيو ويندو آهي. پنجن مان ٽين ندي، جو نالو هاطل آهي (١١٥). جيڪا سنڌ جي جابلو علائقي مان وهي اچي راهبوط ملڪ قنڌار (ڪنڌرا يا ڪنڌارو) مان لگهندي آهي. پنجن مان چوٿون درياهہ ڪابل جي جابلو علائقي مان ايندو آهي (١١٦). اهو درياهہ بست، غزني دزعون (ٿي سگهي ٿو درغون، زرعون يا دازاعون هجي، اهو علائقو ڪٿي آهي ؟ ان جي صحيح هجي ڇا آهي؟ انجو مونکي ڪوبہ پتو ڪونہ آهي. هڪ نسخي ۾ ان جي بدران "نقش" ۾ وڏيڪ تہ هڪ لفظ "رستبرا" لکيل آهي.) طرف کان سنڌ جي سرحد تي واقع آهي. ارخاج ۽ راوار (يا داور يا داوَن يا داوَن) جا علائقا سجستان سان سرحدي آهن. پنجن مان پيا درياه ڪشمير مان اچن ٿا، جيڪو سنڌ ملڪ جو حصو آهي.

قنوج جي بادشاهہ پڌا، (١١٧)جو ملڪ هڪ سو ويهہ فرسنگن تي پکڙيل آهي: هڪ فرسنگ ٽن ميلن جي برابر آهي (١١٨). هن راجا کي چئن مکين ڳالهين ڪري چار وڏيون فوجون آهن. هر هڪ فوج ۾ ست لک يا نو لک ماڻهو آهن. ڏکڻ طرف واري فوج مانڪير جي بادشاه بلهري سان جنگ واسطي مقرر ڪئي وئي آهي. (اگ ۾ ڪيس هند جو بادشاه ڪري ڄاڻايو ويو آهي.) اتر واري فوج ملتان جي بادشاهہ ۽ مسلمانن سان جنگ لاءِ رکي وئي آهي. (ائين سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ جنهن قنوج جو اسان هتي ذڪر ڪري رهيا آهيون، سو ملتان جي ڏکڻ ۾ واقع هو)۽ ٻين فوجن کي جتي ضرورت پوندي آهي، اوڏانهن موڪليو ويندو آهي. " اهي پنج درياهہ (جنجو ذڪر اچي چڪو آهي)، فرخ بيت الذهب ملتان ۽ منصوره جي سرحدن جي وچ تي پاڻ ۾ ملندا آهن (١١٩). سندن ملڻ واريءَ جاءِ کي دوش ـ آب چيو ويندو آهي (١٢٠). هي فارسي زبان جو لفظ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي، پاڻين جي ملڻ جو ٿاڪ. اهو وهڪرو اتان وهندو الور ڏانهن ويندو آهي (١٢١). هي شهر، هن درياه جي اولاهين ڪناري آباد آهي ۽ منصوره جي

١

حدن ۾ واقع آهي. هنن ماڳن تي هن درياهه کي مهراڻ سڏيو ويو ٿو، ۽ اتان (کن نسخن ۾ ”تورو اڳتي “ لکيل آهي)، کان ٻه درياهيءَ ۾ ونڊجي ويندو آهي. ٻنهي وهڪرن کي مهراڻ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ۽ شاگره جي پرسان سنڌ جي (هند جي) سمونڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. اهو ماڳ منصوره جي حدن ۽ ديبل کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي (١٢٢). مڪران جي تيز کان (اوپر طرف)سنمڌ جو ساموندي ڪنارو آهي، جنهن ۾ مهراڻ درياهه يا سنڌ جي نهر جون شاخون ڇوڙ ڪنديون آهن. هيءَ ملڪ جو وڏودرياهه آهي. هن پاڳي ۾ ديبل جو شهر آهي. هند جو ساموندي ڪنارو بروص Baruz جي ساموندي سان وڃي ملي ٿو، جتان جا ماڻهو ڏڦا ڻاهيندا آهن. جن کي بروضي چيو ويندو آهي.

”منصوره جي حدن ۾ تي لک ڳوٺ ۽ وستيون آهن. (جن کي هندستان ۾ اسان موضع چوندا آهيون) جيڪي ساون ڊاون علائقن ۾ آباد آهن. هي ملڪ ميدن ۽ ٻين سان لڳاتار جنگ ڪندو رهيو آهي. ميد بنيادي طور سنڌي آهن. ملتان جو علائقو منصوره جي ماتحت آهي، ۽ ٻنهي جون سرحدون هڪ ٻئي سان دنگئي آهن. منصوره شهر تي نالو بني اميه جي هڪ گورنر منصور بن جمهور جي نالي پئيان پيو. سنڌ مسلمان حڪومت جي دنگ سان هڪ ملڪ آهي. هند ان کان گهٽو اوپر طرف آهي. نوفر پٽ فوت پٽ هام پٽ نوح پنهنجي اولاد ۽ پوئلڳن سان گڏ سنڌ ۽ هند آيو هو. اهي اتي وڌيا ويجهيا ۽ عروج حاصل ڪيائون. انهن سنڌ جي علائقي منصوره ۾ ٻه پاڻ کي مضبوط ڪيو. اها حقيقت ان روايت کي ٻه هٿي ڏئي ٿي ته نوفر پٽ فوت پٽ هام پٽ نوح هند ۽ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيو هو. اصطخري جو بيان آهي ته، ”سمند جو شهر ملتان جيان مهراڻ جي اوپارينءَ کڙ تي آهي. ٻنهي شهرن جي هڪ ٻئي کان ۽ درياهه کان ٻن فرسنگن (١٢٣) جي وٿي آهي. الور جو شهر ملتان جيترو وڏو آهي. انجي قلعي کي ٻه کوٽ آهن. شهر مهراڻ پرسان (پر مٿان نه) آباد آهي، ۽ منصوره جي حدن سان دنگئي آهي. نيرون، منصوره، ۽ ديبل جي اٽڪل وچ تي واقع آهي. سنڌجو درياه جنهنکي مهراڻ سڏيو ويندو آهي، هڪ جابلو سلسلي کان وهڻ شروع ڪندو آهي، جتان

جيحوَن درياهہ جون ڪيتريون پرتي ڪندڙ شاخون بہ وهنديون آهن (١٢۴).
مهراڻ سمند (قزويني ان کي سمندر ڪري لکيوآهي) (١٢۵)، جو پاسو ڏئي، ملتان جي حدن مان لنگهي، الور جي پرسان وهندو، (١٢٦)منصوره جي دنگ ۾ داخل ٿيندو آهي، پوءِ اتان ديبل جي اوپر ۾ سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو آهي. ان درياهہ جو پاڻي مٺو آهي (١٢٧). چيو ويندو آهي تہ، هن درياهہ ۾ نيل درياهہ جي واڳن جيترا وڏا واڳون ٿيندا آهن. هي درياهہ بہ نيل ندي جيان اٿل ڪندو آهي. جڏهن اٿل جو پاڻي لهي ويندو آهي، تہ نيل نديءَجيان هتي بہ پوکون ڪيون وينديون آهن. جنهنجو اڳ مصر جي بيان ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان. سنڌ رود (سنڌ ۽ هند جو درياهہ) ملتان کان ٽن منزلن جي پنڌ تي آهي. مهراڻ سان سنگم ڪرڻ کان اڳ ۾ بہ هن درياهہ جو پاڻي مٺو آهي." هيءُ ڏاڍو اهم بيان آهي، ڇاڪاڻ تہ هتي اسان کي ٻن وڏن درياهن مهراڻ ۽ سنڌ رود جو ڌارڌار ذڪر ملي ٿو. هيٺ ايندڙ بيان بہ وزنائتو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان مان اسان کي معلوم ٿيندو، تہ ٿورو اولهہ پرو ڪهڙيون تبديليون آيون، جن جو اڳ هينئر ذڪر ڪرڻ وارو آهيان. هيءُ وڏيڪ ٻڌائي ٿو، تہ مڪران گهٽو بر پٽ علائقو آهي، منجهس ٿوريون ڪي نديون آهن، جن جو پاڻي منصوره جي ٻنهي طرفن کان اچي مهراڻ ۾ پوندو آهي (١٢٨).

"سنڌ جا شهر هي آهن، منصوره، نيرون، ديبل، ڪلوي (ڪلري)، انڙي، بلوي (بلڙي)، مساواهي، باهراج، عربن جي پراڻي نقشي وارو بهروج (١٢٩)، جنهنکي ٽپڪن ڪانسواءِ لکيو ويو آهي) بانيا، منجابري (ٻين ان کي منجهابري ڪري لکيو آهي) سدوسان (شارو ساڻ يا سيوهڻ)، الزور (١٣٠) الروز)، وغيره . هند جا شهر (١٣١) ملتان جندرود (چند رود) بسمد ۽ سنڌان آهن (١٣٢).

مڪران جي ارمائيل کان ديبل تائين ڇئن ڏينهن جو سفر آهي. منصوره کان ديبل ڇهن ڏينهن جو پنڌ آهي. منصوره کان ملتان پهچڻ ۾ ٻارهن ڏيهن لڳن ٿا. منصوره کان فهمل اٺ ڏينهن، ملتان کان بسمد بہ ڏينهن، بسمد کان الروز (الور) ٽي ڏينهن، ان کان پوءِ انڙي چار ڏينهن، اتان کان ڪلوي (ڪلري) بہ ڏينهن ۽

ڪلري ڪان منصوره هڪ ڏينهن جو پنڌ آهي. بيانہ (اباسہ تپڪن ڪانسواءِ، (۱۳۳) منصوره ۽ فمهل جي وچ تي آباد آهي. منصوره ڪان فمهل هڪ ڏينهن جي پنڌ تي آهي. ديبل ڪان منجناري (منجباري) پهچڻ ۾ ٻہ ڏينهن لڳندا آهن. بيانہ ڪان منصوره تي ڏينهن لڳن ٿا. بيانہ ڪان فهمل ڇهہ ڏينهن ۽ ديبل ٻن ڏينهن جو سفر آهي (۱۳۴).

المسالڪ والممالڪ، جنهنجو آءٌ اڳ ۾ ئي ذڪر ڪري آيو آهيان، سو گهڻين جاين تي ابن حوقل جيان لڳي ٿو، ۽ ڪن جاين تي سندس خيال ڪجهہ مختلف بہ آهن. سندس بيان آهي تہ، ”ملتان ڪان بسمند يا سمند (هي لفظ اصلي نسخن ۾ ٻنهي نمونن ۾ لکيل آهن) ۽ اتان سنڌ رود تائين ٽن ڏينهن جو سفر آهي، بسمد يا سمد هڪ ننڍڙو شهر آهي. هي شهر، ملتان ۽ جنداور (اصلي نسخي ۾”ح “ آهي. اهو خالص عربي اکر آهي ۽ هندي نالن ۾ ڪڏهن بہ استعمال ڪونہ ٿيندو آهي.شايد اکر ”چ“ آهي، تہ لفظ چندراور يا ”ج “ آهي ۽ لفظ جندراور هجي)، ملتان جي درياهہ ”رود “جي اوپر واري ڪنڌي سان آباد آهي. هر شهر ۽ درياهہ هڪ ٻئي ڪان هڪ فرسخ جي مفاصلي تي آهن. (اصلي نسخي ۾ جيڪو سنڌ جو نقشو ڏنل آهي، ان ۾ شهر ۽ درياهہ جي وچ ۾ گهڻو مفاصلو ڏيکاريل آهي. ملتان درياهہ جي ڪناري ڪان گهڻو هجڻ ڪري نقشي ۾ موجود ڪونہ آهي). سمد يا بسمد جو شهر سکيو ستابو ۽ ملتان جيترو وڏو آهي. ان جي قلعي کي ٻہ ڪوٽ آهن، جيڪو مهراڻ درياهہ (۱۳۵) جي ٻنهي ڪنڌين سان آباد آهي. مهراڻ، ملتان پرسان وهي ٿو، جيڪو بسمند ۽ منصوره کي پاسو ڏيئي لنگهندو آهي، ۽ ديبل جو اوپر پاسو ڏئي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. سنڌ رود (۱۳٦)ملتان ڪان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. پاڻي مٺو اٿس، جيڪو مهراڻ رود سان ملي ويندو آهي. نيل درياهہ جيان منجهس واڳون آهن ۽ ان وانگي اٿل ۽ ٻوڏ ٿيندو آهي.

هتي وري ٻن وڏن درياهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جهڙيءَ ريت الادريسي مهراڻ (۱۳۷)سندرود يا رود سنڌ و هند جو ذڪر ڪيو آهي. پر مسالڪ والممالڪ

ڪجهہ اڳيرو وڃي، جند رود جو بہ ذڪر ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ، ” جند رود (جند رود يا چند رود هيءَ چندا وار ڪان جدا لفظ آهي، جنهنجو متي ذڪر ڪيو ويو آهي.) يا سمد رود بہ هڪ درياهہ آهي. ان جو پاڻي مٺو آهي، جنهنجي ڪنڌي سان جند يا چند جو شهر وسندڙ آهي. هيءَ درياهہ سنڌ رود ڪان هيٺ منصوره (١٣٨) جي حدن ڏانهن ويندڙ مهراڻ رود سان ملي ويندو آهي. اسين هاڻي تن وڏن درياهن ڪان واقف ٿي چڪا آهيون. پهريون سنڌو، آب سنڌ يا انڊس، ٻيو بياس ۽ سندس پرتيڪندڙ شاخون بهاٽ (١٣٩)، چناب ۽ راوا يا راوي آهي. جيڪي ان دور ۾ ملتان جي اتر -اوپر ۽ پوءِ اوپر طرف ڪان وهنديون هيون ۽ هن شهر ڪان اٺاويهہ ميل ڏکڻ -اوڀر طرف بياس سان ملي وينديون هيون، جيڪي جاگرافيدانن جو پنج ند يا پنج آب ٻڌائينديون هيون. ٽيون درياهہ هاڪڙو، واهندا يا سنڌ ساگر هو. ان زير بحث زماني ۾ ستلج، چتنگ، گهاگهر ۽ سرسوتي ان جون پرتي ڪندڙ شاخون هونديون هيون. هاڻي آءَ ابن حوقل ڏانهن اچان ٿو، جنهن جو چوڻ آهي، تہ بسمد هڪ ننڍڙو شهر آهي. هيءُشهر ملتان ۽ چندوار (هڪ نسخي ۾ چندوار آهي) ملتان رود جي اوڀارئين ڪنڌيءَسان آباد آهي. هن شهر ڪان درياهہ جو ڪنارو هڪ فرسنگ ٿيندو. بسمد جي شهر ۾ هر شيءِ جو سَڪر سٺائي آهي، جيڪو ايراضي ۾ ڪنهن بہ ريت ملتان ڪان گهٽ ڪونہ ٿيندو. هن جي قلعي کي ٻہ ڪوٽ آهن، جيڪو مهراڻ رود جي ڪنڌي سان آباد آهي (١٤٠).

ديبل، مهراڻ رود جي اوڀارين ڪنڌيءَ سان آباد آهي (١٤١)مذڪوره شهر هن ملڪ جو بندر آهي. هتان جا ماڻهو هن درياهہ جي پاڻي سان کيتي ڪندا آهن. ديبل جي پر پاسي واروعلائقو غير آباد آهي. (تنگ جو لفظ ڪتب آندل آهي جنهنجو مطلب غيرآباد نڪري ٿو). اتان جا ماڻهو واپاري آهن، جن هن شهر کي آباد ڪيو آهي.

نيرون، منصوره ۽ ديبل جي وچ تي ۽ مهراڻ جي اولهہ پاسي آهي. بهراج يا (بهرج الدهرج ۽ بهرج مختلف نسخن جون پڙهڻيون آهن)، مسواءِ، مسواهي

يامسوائي، سندوسان يا سدو سان (۱۴۲) ۾ هنبير يا هليہ يا هيليہ يا هالات يا هذا مهراڻ جي الهندي ڪناري سان وسندڙ شهر آهن. اهڙيءَ ريت، ايري، ادي، يا ايدي، يا اندي ۾ ابري ۾ فالوئي، دالوئي، (۱۴۳) مهراڻ جي اوپر طرف آباد آهن. اهڙي ريت جو، جيڪڏهن منصوره ڪان ملتان وڃبو تہ اهي ڪنارن ڪان چڱي پنڌ جي مفاصلي تي نظر ايندا.

”بلوي (۱۴۴) يا جلبوي مهراڻ جي ڇاڙهہ اِن جاءِ وٽ آهي، جتان درياهہ منصوره واري پہ درياهي ۾ وندجي ٿو. (جهڙيءَ ريت مسالڪ والممالڪ جي نقشي ۾ ڏيکاريل آهي، سدو ساڻ يا سيوهڻ جي آمهون سامهون).

فمهل جو شهر سيمور شهر جيترو وڏو، هندستان جي دنگ جي پرسان آهي. فهمل، مڪران، نديا (۾ سنڌي مورخن جي نڌيا) يا ملتان جون سرحدون سنڌ ملڪ ۾ آهن، بانيہ (۱۴۵) يا نانيہ، مانيہ، مانيہ يا مانيياه (سڀ صورتخطيون شڪ ڪان خالي ڪونہ آهن، ڇاڪاڻ تہ اصلي اکر بانيہ آهي ۾ پيا بنا ٽپڪن جي اکر آهن، مانہ يا نابنر ان جو مثال آهي) هڪ ننڍڙو شهر آهي، جنهنکي عبدالعزيز هباري القرشيءَ اڏايو هو، جيڪو هن قبيلي جو سردار هو. هن منصوره تي بہ قبضو ڪيو. مند جو شهر هندستان ۾ آهي. منجهس ڪافر رهندا آهن.

هاٿي سنڌ رود ۾ مهراڻ درياهہ جي سنگم سان لاڳاپيل اهم ذڪر ڪنداسين. اهو ميلاپ ملتان ڪان هيٺ ۾ بسمد (۱۴٦) ڪان مٿي ڪاٿي ٿيندو هو. (بياس ۾ سندس پرتي ڪندڙ شاخن جو احوال اسان اڳ ۾ ئي اوهان کي سمجهائي آيا آهيون)جند رود يا چند رود يا هاڪڙو درياه، سنڌ رود ۾ مهراڻ درياهہ جي سنگم ڪان هيٺ، منصوره ڏانهن ويندي رستي ۾ ڪاٿي مهراڻ سان ميلاپ ڪندو آهي. نده يا ندهيہ (۱۴۷) جو هڪ هموار وسيع علائقو آهي، جيڪو توران، مڪران، ملتان ۾ منصوره جي وچ تي آهي (۱۴۸). اهو علائقو خضدار سان تعلق رکي ٿو ۾ قندائيل ڪان پنج فرسنگ پنڌ تي مهراڻ درياهہ جي اولهہ طرف واقع آهي. هن علائقي جا پن ٿوهن وارا بختي اٺ مشهور آهن، جيڪي دنيا جي ٻين ملڪن ڏانهن موڪليا ويندا آهن (۱۴۹).

قصبہ ڪي ندھيہ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جيڪو رستي سان آباد آهي. هي واپارين جو شهر آهي، جيڪي ان ڪي قنداٿيل سڏيدا آهن (١٥٠). هن علائقي جي ماڻهن جا منهن مهاندا عربستان جي بدوين جهڙا آهن. سندن گهر ڪکن ڪانن (١٥١) جا جڙيل آهن. سندن وسنديون، مهراڻ درياهہ جي ڪنارن سان آباد آهن. ۽ ملتان ڪان وٺي سمونڊ تائين سندن آباديون پکڙيون پيون آهن. فمهل ۾ درياهن جي وچ تي مال جي چارڻ لاءِ ڪين ڪليل ويءَ ۽ ولهار ميسر آهن، جيڪي اوپر ڏس تي تڙيل پکڙيل آهن. انهن ايراضين ڪي هندستان سان وابستہ ڏيکاريو وجي ٿو. سندن قبيلا تمام گهٽا آهن. فمهل سندو ساڻ (سدو ساڻ يا اچ ڪلهہ جو سيوهڻ) صيد ور ۽ ڪ ساڻ (١٥٢) يا ڪناڻ ۽ ادينا ۾ مسجديون بہ آهن، جن جو بنيادمسلمانن رکيو آهي. مذڪوره شهرن جي وچ ۾ فاصلي جو ذڪر ڪندي هي ٻڌائي ٿو، تہ (سنڌين جي لکڻ موجب) منصوره ۽ نده جي سرحدن جي وچ ۾ پنجن منزلن (مرحلن) يا ڏينهن جو پنڌ آهي. منصوره ڪان فهمل تائين اٺ ملتان ڪان بسمد بہ، اتان ڪان الور تي، اتان ابڙي يا ايري چار، اتان ڪان فالدي يا فالوٺي چار منزلون آهي. فلادي يا فالوٺي (ڪن نسخن ۾ ڪلري لکيل آهي) ڪان منصوره هڪ ڏينهن جو پنڌ ۽ ديبل ڪان نيرون چار منزلون آهي (١٥٤)، لاڏڻ چار فرسنگ ۽ بانيہ (مانيہ يا مانياه يا جيٺن مٿي لکيو ويو آهي)(١٥٥)يا نانيہ منصوره ڪان هڪ منزل يا هڪ ڏينهن جو پنڌ آهي. مهراڻ درياهہ جي پاڻي جو ذريعو، جيحون درياهہ جيان هڪ جبل منجهان آهي. سندس پاڻي مٺو ۽ خوشگوار آهي. جيڪو اڳتي وڌندو اچي ملتان ۽ بسمد (١٥٦)جي حدن مان لنگهندو آهي. ان ڪان پوءِ الرور يا الروز ۽ منصوره ڪان ٿيندو، ديبل ڪان اوپر طرف سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. سنڌ رود جو پاڻي بہ مٺو آهي. ملتان ڪان ٽن منزلن يا ٽن ڏينهن جي پنڌ تي هيٺ مهراڻ سان اچي ملندو آهي.

ايليٽ ٻئي نسخي جو حوالو ڏنو آهي، سندس بيان آهي، تہ چند رود هڪ وڏو درياهہ آهي ۽ سندس پاڻي مٺو آهي، جنهن جي ڪنڌيءَسان چند رود جو شهر آباد آهي. هيءُ درياهہ، مهراڻ ۽ سنڌ رود جي سنگم ڪان هيٺ منصوره جي ڏس

تي مهراڻ سان ڪاٽي ملندو آهي. هيءُ نسخو بين تن ڪان مختلف آهي ۽ مان هن
کي ڪتب آندو آهي، جيڪو مسالڪ والممالڪ سان سهمت رکندو هجي. مون
مسالڪ والممالڪ منجهان ٻه حوالا ڏنا آهن. هن حوالي ۾ چند رود جو نالو
نامڪن پيو محسوس ٿئي. هيءُ نالو درياهه سان واڳيل يا شهر سان مُتعلق ڏسڻ
۾ اچي ٿو، تي سگهي ٿو ته اهو مٿي ڪٿي آيل هجي. نهر سنڌ ۽ ڪابل نديءَ
جي سنگم کي چڱي ريت جاچي ڏسي البيروني چوي ٿو،" بهاٽ درياهه کي جهلم
سڏيو ويندو آهي. ٿورو اولهه پرو آب - چندرا (ابن حوقل ان کي چند رود سڏيو
آهي، جنهنجو بيان اڳ ۾ اچي چڪو آهي)، جهارا وار (١٥٨)جي ماڳن وٽ
(ملتان کان اتڪل پنجاهه ميل مٿي) هن سان سنگم ڪندي آهي. ڪن نسخن ۾
جهاراوار کي جهارا رود ۽ جندراها Jandrahah، ڪري ٻه لکيو آهي. اهو ملتان
جو اولاهيون پاسو ڏئي وهندو آهي. بياس ساٿس اوير پاسي کان اچي ملندي
آهي. ان جي ملڻ ڪري اهو وهڪرو وڏي ويندو آهي. ان کان پوءِ اراوا (ايراوا،
طبقات ناصري جي راوا يا راوي) هن وهڪري سان ميلاپ ڪندي آهي.

نهر الڪاج (يا ڳاج، نهرالڪج، هڪ نسخي ۾ لج Laj (١٥٩)آهي، شايد
" ڪ "جي مٿئين اٽي ڏيڻ وسري وئي آهي، يا ان کي "ل"سمجهي "ڪ" واري
اٽي ڪانه ڏني وئي آهي، نهرالڪوٽ کان الڳ ٿي وڃي ٿي. اها ٻهاطل جي جبل کان
شروع ٿيندي آهي، ۽ هن وهڪري سان ملي ويندي آهي. بعد ۾ نهر شتلد جو
ڳڏيل وڏي وهڪري سان ميلاپ ٿيندو آهي. سندن سنگم واري هنڌ کي پنج - ند
چيو ويندو آهي. جيڪو ڪجهه هن چيو سو مون لکيو آهي. پر حقيقت اها آهي ته
منجهس وڏو مونجهارو آهي. جيڪڏهن هن جو بياس ڏانهن اشارو آهي، ته اسان
کي پوري ريت خبر آهي، ته چناب ساٿس يا سندس پرتي ڪندڙ شاخن سان
راويءَ جي ميلاپ کان مٿئين پاسي کان ڪانه ٿي ملي، جهڙيءَ ريت هتي سندس
بيان آهي. ان کان پوءِ شتلد جو ذڪر ڏيڪاري ٿو. نقل ڪندڙ درياهه جو اهو نالو
لکيو آهي، جيڪو ان زماني ۾ درياهه جو مروجه نالو هو. حقيقت اها آهي، ته ابو
ريحان جا سڀ حوالا جامع التواريخ تان نقل ڪيا ويا آهن. هاڻي اها خبر ڪانه ٿي

پوي تہ رشيدالدين جا پنهنجا حوالا ڪهڙا آهن ۽ خاص طور تي ان درياھ ڏانهن اشارو سندس پنهنجو آهي، يا بيروني جو جيڪو ٻہ درياهيءَ جي روپ ۾ وهندو، وڃي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. پر ان قديم زماني ۾ ائين ڪونہ هو. مان انهن حقيقتن جي ثابتي رشيدالدين جي حوالن مان ڏينڊس. سندس مذڪوره حوالا ابو ريحان جي وفات کان ٽي صديون پوءِ جي دور سان واسطو رکن ٿا. پر معلوم ائين ٿيندو تہ چڻ ابو ريحان تان نقل ڪيا ويا آهن. مان اهو ثابت ڪندس تہ ابو ريحان جي لکڻ (١٦١) کان پوءِ چار صديون امير تيمور گورگان جي حملي وقت شتلد، شتلج ياستلج جا جيڪي وهڪرا ڏيکاريا ويا آهن، سي تہ هيا ئي ڪونہ.

هاڻي سندس حوالا پڙهندا هلو. چوي ٿو تہ، " هن کان پوءِ گڏيل وهڪري جو پاڻي وڏي درياھ جي صورت اختيار ڪري ٿو. پوڙ واري رت ۾ سندس پاڻي ڏهن فرسنگن ۾ پکڙجي ويندو آهي. ٻين درياهن جي پاڻي کي ٻُڙڪائي ڇڏيندو آهي. پوڙ ۾ لڙهي آيل شيون وڻن ۾ ڦاسي پونديون آهن، ۽ وڻ پوڙ جي پاڻي ۾ ڍڪيل هوندا آهن. جڏهن پاڻي لهي ويندو آهي، تہ اهي شيون وڻن جي ٽارين ۾ پکين جي آکيرن جيان ٽنگيون پيون هونديون آهن. پاڻي جو اهو وهڪرو اروڙ (الرور، الدور وغيره) شهر کان ٿورو اولهہ پرو (١٦٢) موڙو کائي سنڌ جو بلڪل وچ ڏيو وڃي ٿو. پاڻيءَ جي ان وهڪري کي مهراڻ سڏيو ويندو آهي. پوءِ هوريان (هلندو، پيٽ ۾ پيٽاريون ٺاهيندو، ڇاڙهن ۾ ونڊبو ورهائبو وري گڏبو آهي. ان ڪري سندس وهڪري ۾ ڪيترائي پيٽ ٻڻجي پونڌا آهن.) هلندو وڃي منصوره (اصلي نسخي جي پڙهڻي ائين آهي) وٽ پهچي ٿو. هيءُ شهر درياھ جي هڪ ڇاڙه تي آباد آهي. اتان درياھ ٻن ڦانٽن جي صورت ۾ وڃي سمونڊ ۾ چوڙ ڪندو آهي. سندس هڪ ڇاڙه لوهاراڻي (١٦٣) شهر پرسان وهندي آهي. ٻي ڇاڙه موڙ کائي اوپر ڏس تي ڪج (ڪچ)جو پاسو ڏئي سنڌ ساگر (سنڌ شاڪر، سنڌ ساگره، وغيره) ۾ چوڙ ڪندي آهي. سرست (سرستي) درياھ (١٦٤) سومنات کان اوپر سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو آهي." درياھ جنهن جو ڇاڙ ۾ نالو ڪنيو ويو آهي، سو سرسوتي آهي ۽ سومنات پرسان پٽڻ ويجهو سمونڊ ۾ چوڙ ڪندو

آهي. سرستي نالي قديم ڏرمي درياه پيو آهي. اهو ڪنهن زماني ۾ گهگهر درياهہ جي پرتي ڪنڌڙ شاخ هو، جيڪو برهمڻن لاءِ پوتر درياهہ هوندو هو. ان جو ذڪر اڳتي ايندو. ٻي جاءِ تي ان متعلق ذڪر آهي تہ، بزانہ Bazana (مختلف نسخن ۾ پڙهڻي نرانہ، نرابہ آهي) کان رستو اولهہ طرف ڦٽي ملتان ڏانهن وڃي ٿو. اتان کان ملتان پنجاه فرسنگ آهي. ٻيو رستو ڀاتي (ڀاتي (١٦٥)، ڀاني، نهاتي، ۽ الني بہ لکيل آهي. اسان سمجهون ٿا تہ اهو لفظ پڌري پٽ ڀاتي آهي) ڏانهن وڃي ٿو. اهو شهر پندرهن فرسنگ پري آهي. اتان ڏکڻ ۽ اولهہ جي ڪنڌ تي آرو آهي. (نسخي ۾ ائين آهي تي سگهي ٿو تہ اروڙ هجي) جنهنجو مفاصلو پندرهن فرسنگ آهي. ڀاتي وٽان وهندڙ سنڌ رود جي ٻہ درياهيءَ وچ ۾ بهمنو يا بهمنو - منصوريہ آهي (١٦٦)، جيڪو ويهن فرسنگن تي آهي. اتان کان لوهاراڻي (درياهہ جي ڇوڙ جي جڳهہ) ٽيهن فرسنگن جي پنڌ تي آهي."

قنوج کان مهراڻ ڏانهن ٻين رستن جو ذڪر ڪندي سنہ جي احوال کان پوءِ هو چوي ٿو تہ، "قنوج کان نون فرسنگن جي فاصلي تي ارت هور Arathur (ارت هوز Arathuz ۽ آڏت هور Adathur آهي) تنهن کان پوءِ حجنبريا حجنير ياحجر يا حجرمر يا ججنير آهي (جيڪو چڱي طرح سمجهہ ۾ نٿو اچي) ان جو مفاصلو ڇهہ فرسنگ آهي. اتان کان منڌوڪر Mandhukar جي طرف ۽ اراوت (راوا ياراوي) درياهہ جي اوپر طرف اٺن فرسنگن جي فاصلي تي لاهور جو شهر آهي. اتان کان چندراها درياهہ ٻارهن فرسنگ، پوءِ بهاٽ (قلمي نسخي ۾ بيت ۽ ڇپيل نسخي ۾ مايت آهي) کان اولهہ ۾ ارڙهن فرسنگ جهلم آهي. ان کانپوءِ ويڊ (وهند ۽ ڇپيل ڪتاب ۾ وئهند آهي) جي طرف قنڌار (گنڌارا) جو ڳوٺ آهي، جنهن کي مغل قارا جانڪ (١٦٧) سڏيندا آهن ۽ اهو آب سنڌ کان ويهہ فرسنگ اولهہ طرف آهي. مهراڻ درياهہ جي ڇوڙ ڪرڻ وارن منهن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ، " ان کان پوءِ اوهان درياهہ جي وڏن منهن وٽ پهچندا ۽ ان کان پوءِ بوارج Bawarij قوم جي وچ ۾ پهچي ويندا. اهي ساموندي ڌاڙيل آهن. ڪڇ (ڪڇڇ) ۽ سومناٿ وارن ملڪن ۾ رهندا آهن. ديبل کان ڪوهراءِ يا

ڪوهرائي Kohrai ٻارهن فرسنگن (يا ٣٦ ميلن کان ٿورو وڌيڪ پنڌ تي آهي (١٦٨). الادريسي، جنهن ٥٤٥ هه (٥١ - ١١٥٠)۾ ۽ مغلن جي اچ واري گهيري جي واقعي کان صدي کن اڳ لکيو آهي، سو چوي ٿو ته " صندرور (١٦٩) (غير سنڌي ج ۽ چ جي اچار کي ص جي اچار ۾ بدلائيندا هئا) ملتان کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آباد آهي. جيڪو تجارت دولت ۽ ماڻهن جي شاهه خرچين ڪري گهڻو مشهور آهي. ان شهر کي هند جو حصو چيو ويندو آهي. (ان کان پوءِ هيءُ، هن شهر کان سواءِ هند جي ٻين شهرن جو به ذڪر ڪري ٿو.) وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته، هيءُ شهر ان درياهه جي ڪناري سان آباد آهي، جيڪو سمد (ٻين ان کي بسمد ڪري لکيو آهي) (١٧٠) جي مٿين پاسي مهراڻ سان ملي ٿو. ملتان کان جيڪڏهن اتر طرف وڃبو ته توبران Tubran (١٧١) جو بر پٽ ڏسڻ ۾ ايندو. ملتان کان وٺي منصوره جي ير پاسي تائين نَدا Nudah (سنڌ وارا هنن کي لکندا آهن) نالي هڪ ويڙهاڪ قبيلو رهندو آهي. اهي قبيلا توبران، ملتان، منصوره ۽ مڪران جي وچ تي رهندا آهن. بربر قوم جيان سانگي ۽ سنگهار آهن. هن ندا قبيلن جي ماڻهن وٽ پنهنجا مخصوص قسم جا گهر هوندا آهن، ۽ ضرورت پوڻ تي مهراڻ درياهه جي اولاهين ڪنڌيءَ سان ڪچي ۾ به وڃي رهندا آهن. اهي خاص قسم جا اٺ به پاليندا آهن، جن کي هو ڪرهه Karah ڪري سڏيندا آهن. بلخ جي اٺن جيان، انهن اٺن کي به ٿوها هوندا آهن. خراسان يا ايران (١٧٢) جي ٻين ملڪن ۾ انهن جي وڏي قيمت آهي. ندا قبيلن جي ماڻهنجو تجارتي مرڪز قندائيل شهر آهي.

ادريسيءَ جو ديبل واسطي به بيان آهي. سندس چوڻ آهي ته هيءُ شهر آدمشماريءَ جي لحاظ سان ته وڏو آهي، پر سر سبز ڪونه آهي. آباد ان ڪري آهي، جو هتي بندر آهي. سنڌ ۽ ٻين ملڪن جا جهاز هتي بيهندا آهن. هي ٻڌائي ٿو ته، " مهراڻ درياهه جي (وڏي ۽ اوپارئين) چوڙ مان هلبو، ته ديبل ڇهن ميلن جي پنڌ تي آهي. نيرون به ديبل جيان درياهه جي اولاهينءَ ڪنڌيءَ تي آهي ۽ هتان کان ٽن ڏينهن جي سفر تي آهي (١٧٣). نيرون، ديبل ۽ منصوره جي وچ تي آباد آهي.

ماٿهو ديبل يا منصوره ڏانهن ايندي ويندي هتان درياهه ٽپندا آهن. هيءُ شهر ڪو اهم ڪونهه آهي پر قلعبند آهي. هتان ڪان منصوره ٽن ڏينهن جي سفر تي آهي. منصوره جي چوڌاري مهراڻ جي هڪ شاخ ڦري اچي ٿي. پر مڪيه درياهه گهڻي فاصلي تي آهي. اهو شهر درياه جي مڪيه وهڪري جي اولهه پاسي آهي. اهو مڪيه وهڪرو ڪلريءَ جي ڏس ڪان وهندو اچي ٿو، جيڪو منصوره ڪان هڪ ڏينهن جي پنڌ تي آهي، ۽ اتان پهه درياهيءَ ۾ ونڊبو آهي. مڪيه وهڪرو منصوره ڏانهن وهندو آهي،۽سندس ڇاڙه اتر-اولهه شارو ساڻ (سدوساڻ يا سيوهڻ) طرف ڏانهن نڪرندي آهي. پوءِ اها اولهه ۾رو موڙو ڪائي مڪيه وهڪري سان ملي هڪ درياهه ٿي ويندي آهي (١٧۴). اهو سنگم منصوره ڪان ٻارهن ميل هيٺ ٿيندو آهي. درياهه پوءِ نيرون ڏانهن موڙوڪائي ٿو ۽ اڳتي وڌندو وڃي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو (١٧۵). منصوره، ديبل، شارو ساڻ، چندور، بانياه، ڪلري، آتري، بسمد ۽ ملتان جيان سنڌ جا علائقا آهن (١٧٦). دوڙ جو شهر مهراڻ درياهه جي ڪنڌيءَ تي وسندڙ آهي ۽ درياهه سندس اولهه پاسي ڪان وهي ٿو (١٧٧). ايراضيءَ ۾ ملتان جيترو وڏو آهي. اتان ڪان بسمد ٽن ڏينهن جي سفر تي آهي. آتري چئن ۽ ڪلري ٻن ڏينهن جي پنڌ تي ٿيندي. ڪلري مهراڻ جي اولاهين ڪناري سان آهي. قلعبند ۽ چڱو تجارتي شهر آهي. ان جي پرسان مهراڻ پهه درياهيءَ ۾ ورهائجي ويندو آهي. مڪيه وهڪرو ايرندو پاسو ڏئي وهي ٿو، ۽ اچي منصوره جي پرسان نڪري ٿو. هيءُ شهر مڪيه وهڪري جي اِلهندي ير تي آهي. ٻيو وهڪرو اتر-اولهه ۽ پوءِ اولهه طرف وڌي ٿو (١٧٨). ٻئي ڇاڙهون منصوره ڪان ٻارهن ميل هيٺ پاڻ ۾ ملن ٿيون. ڪلري مڪيه رستي ڪان ڪجهه پري آهي. پر واپار جي نقطه نگاه ڪان ماٿهو ڏانهس عام جام پيا ايندا ويندا آهن. منصوره ڪان چاليهه ميل ۽ شاروساڻ، جهرڻن، واهن، پيداوار ۽ وڌندڙ واپار ڪري گهڻو مشهور آهي. اتان منجاباري ٽن ڏينهن جي سفر تي آهي. هيءُ شهر ترائيءَ ۾ آباد آهي. پرڳڻو ڏاڍو سهڻو آهي. چوڌاري باغ جهرڻا ۽ وهندڙ واهه اٿس. ديبل ڪان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي (١٧٩). هند جي شهرن ڪنارهه (١٨٠)، صيمور ۽

سنڌان، سنڌ جي ڊنگ تي آباد شهر آهن." اهڙي ريت مهراڻ ۽ ڪڇ جي رڻ جي وچ تي ڪن سامونڊي پيٽن ۽ هڪ وڏيءَ ڍنڍ يا پاڻي جي چڙ جو به ذڪر ڪري ٿو.

قزويني جا ماخذ به قديم مورخ آهن. پر هي اسان کي، هن علائقن سان لاڳاپيل درياهن جو ڪوبه حوالو ڪونه ٿو ڏئي. پر ايترو سو چوي ٿو ته "مهراڻ درياهه يا آب سنڌ، ڏسو حاشيو (١١٧)، ان جبل مان وهندو آهي، جنهن مان جيحون جو منهن آهي." اهو به ٻڌائي ٿو ته مهراڻ درياهه جي وهڪري جو رخ گهڻو ڪري ڏکڻ - الهندي طرف آهي. جڏهن ٻيو درياهه ڪيس اوپر طرف کان اچي ملندو آهي، ته گڏيل وهڪري جو منهن اولهه پرو تي ويندو آهي. (ڏکڻ - اولهه آهل) فارس جي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. مهراڻ درياهه مان هڪ شاخ جدا ٿي منصوره کي وڪڙ ڏئي لڳهندي آهي، ۽ ان جي شڪل ڄڻ هڪ ٻيٽ جهڙي ٿي بيٺي آهي." منصوره جي پر پاسي وارو علائقو مسالڪ والممالڪ جي نقشي مطابق آهي.

ٻيءَ جاءِ تي اصطخريءَ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته، " اصطخريءَ جو بيان آهي ته مهراڻ درياهه ان جابلو سلسلي مان وهي ٿو، جنهن مان جيحون وهندي آهي. اتان کان پوءِ ملتان پرسان سمندور Samandur جي حدن مان وهي منصوره جو، پاسو ڏئي ديبل جي اوپر کان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو."

ٻيءَ جاءِ تي قزويني ندوهيه جو ذڪر ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته: سنڌ اندر هيءُ هڪ وڏو علائقو آهي، جنهن ۾ بيشمار ماڻهو آهن، جنجو واسطو مختلف قبيلن سان آهي. اهي ڏاڍا سکيا ستابا ۽ دولتمند آهن. سنڌن مکيه آبادي چانور آهن. (جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻي ججهي انداز ۾ هو) اهي قبيلا اعليٰ قسم جا اٺ به پاليندا آهن، جنهن جهڙو اٺ ڪنهن ٻئي هنڌ ڪونه ٿيندو آهي. اهي نسل وڌائڻ واسطي خراسان ۽ فارس ڏانهن موڪليا ويندا آهن. "

جاگرافيءَ جي هڪ تصنيف مراصد الاطلاع جو چوڻ آهي ته " ديبل مشهور شهر آهي ۽ هند جي سامونڊي ڪناري تي واقع آهي. وڏو تجارتي مرڪز آهي.

لاهور ۽ ملتان جا درياهہ هن جي پرسان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندا آهن."

سنڌ جي درياهن متعلق گهڻو مواد، جيڪر عرب فاتحن جي تصنيفن مان هٿ ڪري سگهون ها. پر ان مواد کي هنن گڏائي وچڙائي ڇڏيو آهي. احمد بن يحيٰ البلاذري فتوح البلدان جو مصنف، جنهن جا حوالا مٿي بيان ڪري چڪا آهيون، سو قديم مورخن مان هڪ آهي (١٨١). هن ٢٢٧ هہ (٨٤٢ ع) تائين ·واقعن جو ذڪر ڪيو آهي. هو پاڻ سنڌ ۾ ڪونہ آيو هو. سندس ڪتاب عربن جي فتح جو هڪ عام قصو آهي. هن انهن ماڻهن جا حوالا قلمبند ڪيا آهن، جيڪي سنڌ ۾ آيا هئا، يا جن سنڌ ۾ ملازمت ڪئي هئي. هن جي تاريخ کي المسعودي ۽ ابن حوقل ماخذ طور گهڻو ڪتب آندو آهي. انهن ٻنهي ۽ ڪن ٻين ڏوري سنڌ ڏٺي هئي. هو ٿيو هو. هن سال ٢٧٩ هہ (٩٣-٨٩٢ ع) ۾ وفات ڪئي. تعجب جي ڳالهہ اها آهي تہ طبري جي تاريخ ۾ سنڌ جي فتح جو تمام ٿورو ذڪر موجود آهي. سندس بيان فقط ايترو آهي تہ " خليفہ وليد بن عبدالملڪ جي زماني ۾ گهڻيون فتحون حاصل ٿيون. ٻين ڪان علاوه هندستان جو ڪجهہ حصو محمد بن قاسم فتح ڪيو هو. سندس بيان ايترو ئي آهي. "هن سنڌ کي هند يا هندستان ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي.

بلاذري جو چوڻ آهي، تہ محمد بن قاسم سنڌ تي ارمائيل رستي سجستان کان اچي حملو ڪيو هو (١٨٢). ان جي فتح ڪرڻ کان پوءِ، سنڌ جي بندر ديبل تي هلان ڪئي هئي، اهو ارمائيل جي ويجهو سامونڊي ڪناري سان موجود هو. ديبل ۾ ٻڌن جو وهار هو. منجهس ٻڌ جي مورتي رکيل هئي. عربن ان وهار کي ٻڌ يا بت جو نالو ڏنو هو. اتي بت جي پوڄا ٿيندي هئي. ان سبب هن جاءِ جو نالو ٻڌ يا بت پئجي ويو هو. هن ٻڌ مٿان موڪري بئرڪ سان وڏو جهنڊو لڳل هو، جنهن کي هڪ عرب نشاني باز ڇٽي ڪيرائي وڌو هو. هيءُ قلعو حملو ڪري فتح ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ محمد بن قاسم نيرون طرف پيش قدمي شروع ڪئي (١٨٣). آخر ان کي بہ فتح ڪيو ويو.نيرون جي سوڀ کان پوءِ هو اتر -اوڀر طرف روانو ٿيو ۽ هلندو اچي هڪ درياه تي پهتو، جيڪو مهراڻ درياهہ

جي هن (اولهہ پاسي) پار وهي رهيو هو (١٨۴). هن ان کي پار ڪري شهبان Shahban (چچ نامي جي سيسم ۽ پين تاريخن جي سليم) تي قبضو ڪيو ۽ بعد ۾ وڏندو اچي مهراڻ جي ڪناري تي پهتو. سندس مقصد سنڌ جي اهم قلعي بهمن آباد تي حملي ڪرڻ جو هو. پر ان ڪان اڳ ۾ هن پنهنجي لشڪر جي هڪ ڀاڱي کي سوستان، سدوسان يا سيوهڻ تي وري قبضي ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏنو هو. هن اهو قلعو ڪجهہ وقت اڳ فتح ڪيو هو. پر پوءِ اتان جي ماڻهن بغاوت ڪئي هئي. بهمن آباد ۽ الرور يا اروڙ متعلق ڪنهن بغاوت جي شڪ جو امڪان موجود ڪونہ آهي. هن پنهنجي لشڪر کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو هو. تنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان زماني ۾ مهراڻ ياڪن مورخن موجب عظيم مهراڻ سوستان يا سدوساڻ جي ايترو ڀر سان ڪونہ وهي رهيو هو، جيترو ٻہ سؤ سال پوءِ المسالڪ والممالڪ جي زماني ۾ وهي رهيو هو، ڇاڪاڻ تہ اسان ان دور جي تاريخن ۾ ڏنل نقشن ۾ ڏسون ٿا تہ گهٽيءَ وٽيءَ تي اوير ڏيکاريل آهي (١٨٥). جيڪڏهن اهي حالتون نہ هجن ها ۽ ڀيون کي وڏيون مشڪلاتون موجود نہ هجن ها، تہ هو ضرور پنهنجي پوري لشڪر سان سوستان کان بهمن آباد تي حملو ڪري ها. ان مقصد واسطي ڪيس نيرون موٽڻو پيو هو. هن سوستان مان سڌو بهمناباد تي حملو ڪرڻ، ڪن سببن ڪري ناممڪن سمجهيو هو، جهڙيءَ ريت چچ نامي ۾ ذڪر آهي. هن اڳ ۾ ئي قلعي ڀڃڻ سان لاڳاپيل اوزار، سنڌ ساگر رستي نيرون موڪلي ڇڏيا هئا، جيڪو ان درياهہ جي اولهہ پاسي آباد هو. بلاذري جو بيان آهي تہ بهمن آباد ان درياهہ جي ڪنار کان ڇهن ميلن جي فاصلي تي آباد هو، جيڪو ڪجهہ وقت کان پوءِ هن پاڻ پنهنجي اڪئين وچي ڏنو هو. اسان هڪ سال جي عرصي دوران درياهہ جي وهڪرن ۾ وڏيون تبديليون ڏسون ٿا۽ ان نقطہ نظر سان درياهي وهڪرن ۾ ٻہ سؤ سالن ۾ جيڪي تبديليون آيون هونديون، تن جو بہ اندازو لڳائي سگهون ٿا. پر اسان مان کي اهڙا ماڻهو بہ آهن، جيڪي يونانين جي بيان ڪيل درياهي وهڪرن ۽ انهن مٿان ان وقت موجود شهرن کي ٻہ هزار ٻہ سؤ سال پوءِ درياهن جي موجوده وهڪرن جي ڪنڌين ڪنارن سان ڳولڻ جي ڪوشش ڪن

تا. بلاذري اسان کي هڪدم سدوساڻ يا سوستان وٺي وڃي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو، ته هن شهر اطاعت قبول ڪئي، اها ته ڪنهن حد تائين صحيح ڳالهه آهي. پر جامع التواريخ چوي ٿي ته” سليم جو قلعو حملو ڪري پهريائين فتح ڪيو ويو هو (١٨٦). پر سدوساڻ يا سوستان جي قلعي آڻ مڃي هئي. هتان جي مامري ڪي نبيري سنواري عرب گورنرمقرر ڪيو ويو هو. ان ڪان پوءِ محمد بن قاسم مهراڻ درياهه پيڙين جي پل رستي پار اڪريو (١٨٧). پر مصنف اهو بيان ڪونه ٿو ڪري ته ڪيس پيڙين هٿ ڪرڻ، لشڪر جي ڪاڌي خوراڪ، وهٽن جي گاهه داڻي، ۽ بيماريءَ ڪري، جيڪو گهوڙن جو نقصان ٿيو، يا جنگ ۾ ماڻهو مئا، ان متعلق ڪيس ڪهڙي مشڪل درپيش هئي ۽ ان ۾ ڪيس ڪيترا مهينا لڳي ويا هئا. خير جڏهن اتان ٽپيو ته ملڪ جي حڪمران ڏاهر پٽ ڇچ سندس ڪاہہ مزاحمت ڪانہ ڪئي هئي. سندس راڄڌاني اروڙ هئي. هن راجا ڏاهر سان مقابلو ڪيو، جنهن سان گهٽو لشڪر ۽ ڪافي هاٿي ساڻ هئا. ڪنهن ڏينهن جي پوياڙيءَ جو هلنديءَ جنگ دوران ڪيس قتل ڪيو ويو. هن سوڀ ڪان پوءِ محمد بن قاسم بهمن آباد ڏانهن وڌيو، جيڪا ان وقت انهن ماڳن ڪان ٻہ فرسنگ پري هئي (١٨٨)، جتي ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ منصوره جو شهر بڻايو ويو. جتي تنهن زماني ۾ وڏو جهنگل هو. ڏيپر گهانگهري جي دڙي وارو ٿلهہ، جيڪو برهمن آباد ڪان ڇهہ ميل اتر-اوڀر طرف آهي، سوئي منصوره جو اصلي ماڳ آهي، جيڪو هڪ انچ اسڪيل واري وڏي نقشي تي سولائي سان ڏسي سگهجي ٿو. بهمن آباد جي قلعي وٽ راءِ ڏاهر جي باقي بچيل لشڪر مهاڏو اٽڪايو. راجا ڏاهر جي طرف جا ڇويهہ هزار ماڻهو مارجي ويا (١٨٩). محمد بن قاسم جي فتح ٿي. بهمن آباد ۾ گورنر مقرر ڪري هو اروڙ ۽بغرور ڏانهن اڳتي وڌيو. پر پوين لفظ صحيح ٿي ڪونہ ٿو سگهي، ڇاڪاڻ ته اهو اڳي ٻہ راوڙ سان گڏ استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو بهمن آباد جي اولهہ پاسي واقع هو. اهو راءِ ڏاهر جي شڪست سان گڏ فتح ڪيو ويو هو ۽ مهراڻ درياهه جي اولاهينءَ شاخ جي اوڀارئين ڪناري تي آباد هو. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته هو ڇچ نامي جي ٻهرور متعلق اشارو ڪري

رهيو آهي. پهريائين تواندار ي (نالو مشڪوڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پڙهو قزويني جو بسماند صفحه ٢١١ ۽ اصطخري جو سماند صفحه ٢١١) ماڻهن هن آڏو، آڻ ميچي. ان ڪان پوءِ بسمند پهتو، (ملتان جي پر وارو بسمد نه سمجهڻ گهرجي، جنهن پرسان مهراڻ درياهه وهندو هو) اتان جا ماڻهو به سندس پيش پيا. بعد ۾ هو اڳتي وڌندو راجڌاني اروڙ وٽ اچي نڪري ٿو. هيءُ شهر مٿي ٽڪريءَ تي آباد هو. محمد بن قاسم هن شهر تي ست مهينا گهيرو ڪيو ۽ هن شهر جا رهواسي ڪن شرطن تي پيش پيا. هن سوين ڪان پوءِ محمد بن قاسم السڪه (١٩٠) ڏانهن روانو ٿيو. جيڪو بياس (١٩١)جي ڏاکڻي يا ڪاپي ڪنار سان آباد هو. هن کي به آخر فتح ڪيو ويو. جڏهن مصنف تاريخ لکي رهيو هو (١٩٢ه) ته اهو ويران کنڊر لڳو پيو هو. هن شهر جي فتح ڪان پوءِ محمد بن قاسم بياس اڪريو ۽ ملتان پهچي ان شهر کي گهيرو ڪيائين. پهريائين هن قلعي ڪان ٻاهران ڪافرن کي شڪست ڏني، جيڪي پنهنجي بچاءَ واسطي پريشان هئا، ۽ وائڙا ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيا هئا. ملتان جي گهيري ۾ ڪيس گهڻو وقت لڳي ويو. سندن ڪاڌو خوراڪ ڪپي ويو ۽ لاچار ٿي پنهنجا وهٽ ڪهي ڪائڻ شروع ٿي ويا هئا. هن ڏکئي وقت هڪ ماڻهو محمد بن قاسم وٽ پهتو، جنڊان جي واعدي وٺڻ ڪان پوءِ ڪيس هڪ واه يا نديءَ متعلق ٻڌايائين، جنهن وسيلي (١٩٣)بسمد درياهه مان پاڻي وهي موري وسيلي ملتان شهر ۾ اندر پهچندو هو ۽ هڪ تلاءَ ۾ اچي پوندو هو، جنهنکي تالاب چيو ويندو هو. (هي خالص فارسي لفظ آهي) پاڻيءَ جي وهڪري کي عربن تباهه ڪري ڇڏيو. شهر جا ماڻهو اڃ ڪري ڏاڍا پريشان ٿياءِ آخر آڻ ميچيائون. جيڪي به فوجي هئا، سيني کي قتل ڪري ڇڏيائون. عورتون ۽ ننڍا ٻار ۽ ٻڌوهارن جا ڇهه هزار بڪشو ٻانهيون ۽ ٻانها بنايائون (١٩٤) هي سال ٩٥ هه (٧١٣ع) هو. هن جاءِ تان سون ملڻ ڪري مسلمان هن شهر کي "فرخ بيت الذهب" جي نالي سان سڏيندا هئا، جنهن جو مطلب هو "سون وارو ڪمرو" هيءُ قصو ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي به ڪيو ويو آهي.هن فتح ڪان پوءِ محمد بن قاسم موتي اچي الور يا اروڙ ۽ بغرور آيو. اتي پهچي پنهنجي فوج جي سپاهين ۾

سوکڙيون ۽ پاکڙيون ورهايائين.

محمد بن قاسم کي جڏهن عهدي تان هٽايو ويو ۽ هو وفات ڪري ويو تہ پوءِ حبيب بن مهلب سنڌجو گورنر ٿي آيو. تہ جئسينا پٽ راءِ ڏاهر ڪشمير کان موٽي بهمڻ آباد آيو ۽ پاڻ کي اتي مضبوط ڪرڻ لڳو. حبيب پنهنجو لشڪر وٺي مهراڻ درياهہ ڏانهن وڌڻ لڳو، اهو ڏسي الور يا اروڙ جي ماڻهن سندس آڌ ڀري. ان زماني ۾ خليفو سليمان بن عبدالملڪ وفات ڪري ويو. سندس جاءِ تي عمر بن عبدالعزيز کي خليفو بنايو ويو. هن سنڌ جي سردارن ۽ راڄوڙن کي مسلمان ٿيڻ جي دعوت موڪلي، جنهن ڪري گهڻن اسلام قبول ڪيو، جن مان جئسينا پٽ راءِ ڏاهر بہ هو. مٿن عرب نالا رکيا ويا. ان کان پوءِ جنيد بن عبدالرحمان المري کي عمر بن هبيره الفزاري جو نائب ۽ سنڌ جو امير ڪري موڪليو ويو هو. ان وقت هو خراسان ۽ ان جي اوير واري خطي جو امير هو. ان زماني ۾ هشام بن عبدالملڪ خليفو هو. سندس خلافت، ١٠٥هہ (٧٢٤ع) کان شروع ٿي. جنيد ديبل وٽ پهچي مهراڻ درياهہ ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي (١٩٥). جئسينا (جنهن جو عرب نالو مورخن ڪونہ ڏنو آهي) جنيد کي درياهہ ٽپڻ کان منع ڪئي ڪيس گذارش ڪيائين تہ هو مسلمان ٿي چڪو آهي، ۽ هيءُ ملڪ کيس خليفي وٽان مليو آهي. ڏن واري معاملي تي منجهن تڪرار شروع ٿيو. ڪن جو چوڻ آهي تہ جيسينا حملي جي شروعات ڪئي. ڪن جو چوڻ آهي تہ جنيد، جيسينا سان ڏاڍ ڪيو. فوجون ۽ ٻيڙيون گڏ ڪرائي جنگ لاءِ تيار ٿي ويو. اهڙي ريت هو پوري جنگي تياري ڪانپوءِ پنهنجي فوج کي ٻيڙين ۾ وهاري الشرقي پهتو، جتي ٻيڙين واري جنگ لڳي. الشرقي (اش-شاگيرا يا ڪوهيرا (١٩٦) پوري ويساهہ سان چئي سگهجي ٿو، تہ اهو درياهہ جي ان شاخ جو نالو آهي، جيڪا منصوره جي ڀرسان وهي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي هئي.ان زماني ۾ اهو درياهي وهڪرو ڪجهہ اتر ڀرو هو.) ان جنگ ۾ جئسينا جي هار ٿي. جنهن ٻيڙي تي هو سوار هو، سا بہ پڪڙجي پئي، ۽ کيس جنگي باندي بڻايو ويو ۽ آخر کيس قتل ڪيو ويو.

ان ڪان پوءِ جنيد ولد عبدالرحمٰن ڪي خراسان جو امير بڻايو ويو ۽ جيڪي اوير ۾ مسلمانن جي هٿ ملڪ هئا، تن جو بہ ڪيس نگران مقرر ڪيو ويو ۽ سال ١١١ءِ ١١٦ھ (٧٣۴ ۽ ٧٣٠ ع) جي زمــاني ۾ فـرغانہ ۾ ويهي وڏي ٺـاٺ ســان حڪومت هلائڻ لڳو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين.

پوئين دور ۾ جڏهن تـميم بن زيد عتبي ڪان پوءِ حڪم بن عوانہ ڪلجي سنڌ جو اميـر ٿي آيو، تہ سنڌ جا گهڻا ماڻهو بت پرست ٿي ويا هئا ۽ مسلمـانن وٽ اهڙي جاءِ ڪانہ بچي هئي، جو خطري جي وقت پـجي وڃي، اتي سـر بچاءُ ڪن. درياهہ جي ٻيءَ ڪڙ تي عربن جي حفاظت واسطي، هن هڪڙو شهر اڏايو، جنهنجو نالو محفوظہ رکيو هو، جنهنجي معني آهي"بچايل" يا" بچاءُ". ان ڪان پوءِ عمرو بن محمد بن قاسم کي محفوظہ جو گورنر بڻايو ويو ۽ حڪم مٿس ٻيون بہ ڪيئي ذميواريون رکيون هيون. هن کي محفوظہ مان ڪنهن جنگي مهم (پتو نہ آهي تہ ڪيڏانهن) تي موڪليو ويو هو. اتان سوڀارو ٿي موٽڻ ڪان پوءِ، ڪيس امير جي عهدي تي ترقي ڏني وئي. هن درياهہ جي ٻئي پاسي محفوظہ جي سامهون هڪ شهر جو بنياد رکيو، جنهنجو نالو منصوره رکيو ويو. (جنهن وقت بلاذري پنهنجي تاريخ لکي رهيو هو) ان زماني ۾ منصوره ۾ گورنر رهندو هو. بنو اميہ ڪان پوءِ بنو عباس خلافت (١٣٢ھ ـ ٧٥٠ ع) جو دور شروع ٿيو. هن گهراڻي کي اڳتي آڻيندڙ ابو مسلم مروازي هو، جنهن عبدالرحمٰن مسلم المغلسي العابدي کي، بني اميہ جي امير کي بي دخل ڪرڻ لاءِ سنڌ موڪليو. هو تخارستان ۽ مرو ڪان ٿيندو آيو سنڌ ۾ منصور بن جمهور ڪلبي سندس مقابلو ڪيو، ابن خرداذبہ (١٩٧)موجب جنهنجي نالي پٺيان منصوره جو شهر ۽علائقو سڏجڻ ۾ آيو،) جنهن ۾ هن هارايو ۽ پاڻ قتل ٿي ويو. ان ڪـان پوءِ ابو مـسلم مـوسيٰ بن ڪعب تـميمي کي سنڌ روانو ڪيو، جيڪو پيش قدمي ڪندو، وڃي مهراڻ درياهہ تي پهتو. ٻيءَ پر منصور فوجي وانڊ هنيو ويٺو هو. ڪيس يقين هو تہ، هو محفوظ آهي، ڇاڪاڻ تہ وچان درياهہ وهي رهيو هو. پر موسيٰ اوچتو وڃي مٿانئس ڪڙڪيو. (خبر نہ آهي تہ ڪيئن)سندس لشڪر ڀڄي ويو باقي منصور جو پاءُ منظور قتل ٿي ويو. منصور بہ خوف ڪان وٺي

تـر ڏي منهن ڪيـو ۽ اڄ ۾ تڙپي سـاهہ ڏنائين. مـوسيٰ، سند تي ڪجهـہ وقت حڪومت ڪئي. منصوره شهر جي مرمت ڪرائي ۽ مسجد کي موڪرو ڪرايو.

هن ڪـان پوءِ (١٩٨)هشـامر بن عـمـرو تغلبي (١٩٩) آيو. هن کي خليـفي منصور مـوڪليو هو. هن انهن ڪيترن علائقن کي فتح ڪيو، جن عباسي خلافت کي ڪونہ مڃيو هو، انهن مان هڪ ملتان بہ هو، جيڪو عباسين خلاف سرڪشي ڪيو بيـٺـو هو. قندائيل کي بہ فتح ڪيو ويو. ان ڪـان پوءِ هو ٻيڙين تي چڙهي قندار (يا ڪنڌارا يا ڪنڌارو) ڏانـهن روانو ٿـيو ۽ ان کي بہ فـتح ڪيائين (٢٠٠).
ان ڪان پوءِ موسيٰ بن يحيٰ برمڪي کي سنڌ جو امير مقرر ڪيو ويو. اهو خليفہ المامـون (٢١٨ ـ ١٩٨هـ ـ٨٣٣ـ ٨١٣ ع) جو زمـانو هو. هن ٢٢١ هـ ۾ وفـات ڪئي. ان جي جاءِ تي معـتـصـم باالله کي خليـفـو بنايو ويو. سندس پٽ عـمـران کي سنڌ جو گـورنر مـقـرر ڪيو ويو. هن ميـدن سـان جنگ ڪئي ۽ انهن جا ٽي هزار مـاڻهـو قتل ڪيائين. ميدن جي ملڪ ۾ هڪ بند تعـمير ڪرايو ويو، جنهن کي سڪرالميد (٢٠١) چيو ويندو هو. ان ڪان پوءِ اتان روانو ٿي اڇي اروڙ يا ارو جي درياهہ جي ڪنڌي سان منزل ڪيائين. " هيءُ بند ڪهڙي سبب ڪان تعمير ڪيو ويوهو، ان جو ڪارڻ مـعلوم ٿي ڪونہ سگهـيـو آهي. هيءُ واقـعـو ڪڇ جي سامونڊي ڪناري ڀرسان ٿيو هو، ڇاڪاڻ تہ عمران سمنڊ مان هڪ واهہ کوٽي ميـدن جي پيڻ جي مـٺي پاڻيءَ ۾ مـلائي ان کي کـارو ڪري ڇڏيو هو. هي ارو يا ادو يا ارور جو لفظ آهي، ابو ريحـان جي بيـان ڪيل نالي ارو، ارور يا اودر ڏانـهن ڏيان ڇڪـائي ٿو. منهنجو ويسـاهہ آهي، تہ اهو نقشن ۾ ڏنل ادو ۽ ڊاڪٽر جي. برنس جو ادوئي ـ ڀر صحيح لفظ اڌوئي (٢٠٢) آهي. هن نالي سان هڪ نهر آهي جيڪا پڄ ڪان سٺ ميل ڀري اوپر وهندي آهي. جيڪڏهن عربي طرز ۾ هن لفظ کي لکجي تہ " ادو" ڪري لکي سگهـجي ٿـو. ان رسم الخط، خاص طور تي هن قلمي نسخي ۾ ر، د، و لاپرواهيءَ سان صفا هڪجهڙا ڪنيا ويا آهن. جنهن ڳالهہ مونکي مطمئن ڪيو آهي، سا اها آهي، جنهن جو بلاذريءَ بہ ذڪر ڪيو آهي تہ محمد بن قسم سرست Sursat جي ماڻهن سان ناهہ ڪيو هو. جن سان لسيہ،

باسه، صانئ، ناسه، يا سد جا ماڻهو سدائين جهيڙيندا ايندا هئا (٢٠٣). اهي ميد نسل جا، جهازران ۽ ساموندي ڌاڙيل آهن. سورست سورٺ ڏانهن اشارو آهي، جنهن کي هندو سوراشٽريہ بہ چوندا آهن. ڪاٺياواڙ جو اڀپيٽ سنڌ جي بلڪل ويجهو آهي. ”سيه “ ۽ ” ماسد“ جي ماڳن متعلق ايليٽ جو خيال آهي تہ اهو لفظ بانا، تانا، مانيا، باسيا آهي. اهڙو لفظ اسان کي المسالڪ و الممالڪ جي نقشي ۾ بہ ملي ٿو ۽ اهو ماڳ فهمل ۽ منصوره جي وچ تي آهي.

بلاذري ۾ درياهن متعلق اهوئي مواد آهي، جيڪو آءُ اڳ ۾ ڏئي چڪو آهيان. هاڻي مان سنڌ جون سرحدون ڇڏي (٢٠۴) پنجاب ڏانهن واپس اچان ٿو. ايليٽ، ابوريحان جا ڪيترائي اقتباس ڏنا آهن، پر هن واقعا بيان ڪونہ ڪيا آهن. ان جي بدران رشيدالدين انهن واقعن جو ذڪر ڪيو آهي. ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو تہ اهي واقعا ابو ريحان جي ڪتاب ۾ موجود ئي ڪونہ آهن. اهو اقتباس (صفحہ ۵٧ تي) موجود آهي، جنهن ۾ رشيدالدين (٦٩٢ هہ ١٢٩٣ع)۾ ٽيندڙ هڪ واقعي جو حوالو ڏنو آهي، جيڪو تاريخ جي مصنف، زيربحث تاريخ لکي پوري ڪرڻ کان پہ سو سٺ سال پوءِ جو آهي (٢٠۵). ان ڪري مون کي اهو شڪ پوي ٿو تہ جيڪي اقتباس مان، رشيدالدين جي تاريخ تان ورتا آهن ۽ انهن حوالن کي رشيدالدين، ابو ريحان ڏانهن منسوب ڪري ٿو، سي ابو ريحانؒ جا ڪونہ آهن، اهي خود رشيدالدين جا پنهنجا آهن. مثال طور هن جو هڪ حوالو جيڪو هن ابو ريحان ڏانهن منسوب ڪيو آهي، تہ هن علائقي جا سڀ درياهہ راوي کان اتر ۾ بياس سان ملن ٿا جي بعد ۾ ملتان کان هيٺ پنج ند وٽ شتلدر سان سنگم ڪندا آهن. ۽هي اقتباس مٿي بہ پيش ڪيو ويو آهي، جيڪو ابو ريحان ڏانهن منسوب ڪيل آهي. پر مان هاڻي ثابت ڪري ڏيکاريندس تہ مٿئين بيان ڪيل (٦٩٢هہ) تاريخ کان پہ صديون ۽ اڃا بہ ڪجهہ عرصو وُڏيڪ شتلج يا ستلج يا جيڪو هي نهر شتلد (٢٠٦) جي نالي سان درياهہ چوي ٿو، سو پنجاب جي ٻين درياهن سان مذڪوره جڳهہ وٽ ڪونہ مليو آهي. دهليءَ جي ترڪ سلطان غياث الدين بلبن (هي اهو ساڳيو ئي ماڻهو آهي، جنهن ملڪ غياث الدين جي لقب سان، سلطان

مسعود شاهہ جي اڳواٽيءَ هيٺ ٻاچ وارن کي مغلن کان نجات ڏيارڻ واسطي دهليءَ جي لشڪر جي ۶۴۳هہ ۱۲۴۵ع ۾ ڪمانڊ ڪئي هئي) جو پٽ محمد، جنهن کي سلطان محمد جي لقب سان سڏيو ويندو هو، هو"خان شهيد " جي خطاب سان بہ پڪاريو ويندو هو. ملڪ شير خان سنڪار Sankar جي وفات کان پوءِ (جيڪو سلطان غياث الدين بلبن جو مائٽ هو ۽ پٽنير (۲۰۷) جو بنياد بہ هن رکيو هو، سندس پيءُ سلطان محمد کي دهلي کان اولهہ واري علائقي جو گورنر مقرر ڪيو هو، جنهن ۾ سنم، ديبال پور جون جاگيرون ۽ لاهور جو صوبو بہ شامل هو. ڪنهن زماني ۾ ان علائقي جو سندس پيءُ بہ صوبيدار رهي چڪو هو. سلطان محمد بياس درياهہ جي اولهہ تائين فوجون موڪلي، سرحدن جي نگراني ڪندو هو. ان زماني ۾ مغل، راويءَ کان اولهہ واري علائقي تي قبضو ڪري چڪا هئا. سندن قبضي مان ملتان ڪجهہ دير سان ڇڏائي ويو هو. هو ملتان ۽ لاهور جي وچ وارن علائقن ۾ لٽ ڦر ڪندا هئا. بياس کان هيٺ پار تائين سڄو علائقو پٽ پانگ لڳو پيو هو. ان زماني ۾ بياس، ديبال پور جي قلعي جي پٺين هيٺان لگهندي هئي.

ڪافرن مغلن جڏهن ۶۸۴هہ (۸۶ - ۱۲۸۵ع) ۾ پنجاب تي حملو ڪيو تہ سندن سپهہ سالار نيون تيمور هو (۲۰۸). سلطان محمد ملتان کان سندن مقابلي لاءِ روانو ٿيو. ديبال پور ۽ لاهور جي وچ تي ڪين وچي سامهون ٿيو ۽ کين شڪست ڏيئي پوٺتي هٽائي ڇڏيائين. پر انهن مان هڪ ٽولي کيس شهيد ڪري ڇڏيو. قصو هيئن ٿيو، جو شڪست کان پوءِ دهليءَ جو لشڪر مغلن جو پيڇو ڪري رهيو هو. سلطان محمد رستي تي هڪ کوهہ وٽ ساهي پٽڻ ۽ نماز پڙهڻ لاءِ اڪيلو بيٺو هو، تہ مغلن جي ٽولي وجهہ وٺي مٿس حملو ڪري کيس قتل ڪري ڇڏيو. مشهور شاعر امير خسرو کي بہ هن جنگ ۾ مغلن جنگي باغي بنايو هو (۲۰۹). سنڌ جو مورخ مير معصوم بکري لکي ٿو تہ: سن ۶۹۳ هہ (۹۴ - ۱۲۹۳ع)۾ دهلي جي سلطان جلال الدين خلجي ترڪ لاهور ڏانهن ويو هو. پنهنجي وچين پٽ ارڪلي خان کي اچ ۽ ملتان جي حڪومت حوالي ڪئي

هٽائين. پٺي پٽ نصرت خان کي سنڌ جاگير ڪري ڏني هٽائين. بعد ۾ اچ، ملتان، بکر، سوستان به سندس حوالي ڪيا ويا. جنهن پنهنجو صدر مقام ملتان بڻايو هو.

سن ٦٩٧هه (٩٨-١٢٩٧ع) ۾ "سلداء " مغل سنڌ تي حملو ڪيو. هن موقعي تي نصرت خان پنهنجون فوجون وٺي سوستان (سوي نه) هليو ويو. خشڪيءَ بدران هن پاڻي رستي سفر ڪيو هو. هن مان اهو سمجهڻ نه گهرجي، ته موجوده سيوهڻ آب سنڌ جي ڪناري جي ويجهو هو، پر اهو اتان ڪان چڱي پنڌ تي هو. هن مغلن کي شڪست ڏني ۽ پوءِ بکر موٽي آيو. هو اجا بکر پهتو ئي ڪونه هو ته کيس شاهي احڪام پهتا، ته پنهنجو اڏ لشڪر وٺي گجرات واري جنگي مهم ۾ شامل ٿئي. هن جي جاءِ تي سندس ڀاءُ الغ خان کي موڪليو ويو هو. هن مان معلوم ٿئي ٿو ته بکر ۽ جيسلمير جي وچ تي پاڻيءَجي اٿاٽ نه هئي، ۽ ماڪڙو يا واهندا ضرور وهندو هوندو. پر منجهس پاڻي اڳي جيترو گهٽو هو يا ٿورو سو چٽي ڪونه ٿو سگهجي.

هن واقعن ڪان پوءِ، سلطان علاوالدين خلجيءَ جي زماني ۾، پنجاب علائقي تي مغلن حملو ڪيو. هن ملڪ غازي ترڪ کي ڏهه هزار گهوڙيسوار ڏئي ديبالپور رستي مغلن جي مقابلي لاءِ موڪليو هو.

تاريخ علائي يا خزائن الفتوح جو مصنف امير خسروآهي، هن ڪتاب ۾ سلطان علاوالدين خلجي متعلق هڪ حوالو موجود آهي، جنهن ٦٩٥هه ڪان ٧١٠ هه (١٣١٠-١٢٩٦ع)تائين حڪومت ڪئي، پهرئين سال قدر خان مغل ڪوهه جد يعني اولهه جهلم ڪان (ايليٽ جي "هسٽورين "۾ جنهن کي تاتار ڪري لکيو ويو آهي)جاران Jaran منجور Manjur تي ڪاهي آيو (٢١٠). تاريخ جو مصنف لکي ٿو ته "هن بياس، جهلم، ۽ ستلج پار ڪري اچي کوکرن جي ڳوٺن کي باهيون ڏنيون"درياهه شمار ۾ ان طريقي سان لکيا ويا آهن، جيئن اصلي تاريخ ۾ لکيل آهن.

عبدالله وصاف پنهنجي تاريخ ٧٢٨هه (١٣٢٧ع) ۾ لکي پوري ڪئي. جنهن

۾ هن دهليءَ جي سلطانن جو مختصر ذڪر ڪندي، ستلج جو بيان ڪيو آهي.
خراسان ۽ هند جي وچ ۾ موجود رستي جو ذڪرڪندي چوي ٿو "پنجاب يعني سندو، جلهم (جهلم) لاهور جو درياهه، ستلت (ڏنگين ۾ ستلج ڏٺي ٿو) ۽ بياس جو نالو ڏٺي ٿو" اهڙي ريت هتي اڳئين اقتباس جيان نالا اڳتي پوئتي ڪيا ويا آهن ۽ چناب جو نالو ته ماڳهين ڏنوئي ڪونه ويو آهي. هيءُ ڪن شهرن ۽ علائقن جو به ذڪر ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته، ڪوهه جد ۾ واڻيان به آهن. (مان سمجهان ٿو ته هي اڪيلو مصنف آهي، جيڪو علائقن متعلق پڌائي ٿو (٢١١). جلندر واري علائقي ۾ سودرا (شودرا) ۽ ڪوڪر رهندا آهن. ملتان، اچ، هاسي، (هانسي) سرستي، ڪئتل، سنم ۽ تبر هندا وغيره جو ذڪر ڪيو آهي.

هن ڪان ڪجهه ٿورو عرصو اڳ ٧٠٧ هه (٨-١٣٠٧ع) ۾ سلطان غياث الدين تغلق جڏهن غازي ملڪ جي نالي سان مشهور هو، ته ڪيس ملتان ۽ ديپالپورجاگير ڪري ڏنا ويا هئا (٢١٢). ان دور ۾ ديپالپور اتر پنجاب ءِملتان جي ڏاکڻي حصي جو صدر مقام هو. مغلن يا سندن اولاهين علائقن تي هتان ئي حملا شروع ڪيا ويندا هئا. سندس پٽ محمد شاهه ٧٥١هه (اٽڪل روءِ جنوري ١٣٥١ع) ۾ سنڌ جي لاڙ واري پاڳي ۾، اتان جي حاڪمن سومرن کي سزا ڏيڻ واسطي گجرات ڪان حملو ڪيو هو. چاڪاڻ ته هنن ڪن باغين کي پنهنجي ملڪ ۾ پناهه ڏني هئي. ان وقت هن سوستان (سوي يا سبي نه) اچ، ملتان ۽ ديپالپور مان بيڙين گهرائڻ جو حڪم ڏنو هو. انهي مقصد لاءِ ته جيئن سندس لشڪر سنڌوءَ ڪان پار پهچائي سگهجي. جيڪڏهن بياس پنهنجو پراڻو پيٽ ڇڏي وڃي ها، ته ديپالپور (٢١٣) مان "بيڙين گهرائڻ واري حقيقت" هڪ پوگ ڪان سواءِ ڪجهه به ڪونه هجي ها، چاڪاڻ ته بياس پنهنجي پراڻي پيٽ ڇڏڻ ڪري پورا ٽيويهه ميل اولهندي سرڪي وڃي ها. هن حقيقت مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته پڪ ئي پڪ بياس پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ وهي رهي هئي ۽ ستلج اچا سائس ڪانه ملي هئي.

سن ٧٣٤ هه (١٣٣٢ ع) ۾ مراڪش جو سياح ابن بطوطه مغلن جي اچ تي

حملي کان اسي سال پوءِ، سلطان فيروز جي هڪ واهہ ڪوٺائي منصور پور ۽ سمانہ تائين پهچائڻ واري واقعي کان اٺاويهہ سال ۽ تيمور گورگان جي هندستان تي حملي کان ستهٺ سال اڳ ۾ آيو هو. دهلي ڏانهن ويندي ملتان کان اڪريو هو. هو اجوڌن ۽ ابو هار واري رستي کان ويو هو ۽ بياس ان جاءِ وٽان اڪريو هو، جتان پوءِ امير تيمور خود پار ٿيو هو. هو اجوڌن وٽ پهچڻ کان اڳ ۾ ۽ ستلج ۽ ابوهار جي ڇڏڻ کان پوءِ هاڪڙي درياهہ جون ڪيتريون ٺي پرتي ڪندڙشاخون ٽپيو هوندو. هيءَ اجوڌن جي نيڙي شهر ڏسڻ کان پوءِ چوي ٿو تہ "پهريون شهر جنهن ۾ اسان داخل ٿياسون، سو هندستان جو (٢١۴) (سندس چوڻ بلڪل صحيح آهي، ڇاڪاڻ تہ درياهہ هندستان ۽ ملتان واري علائقي جو دنگ هو) ابوهار شهر هو (٢١٥)، جيڪو هن رستي کان هندستان جو پهريون شهر هو. تمام نيڙو ۽ گھٽيل شهر آهي. (منجهس پتين جا ٺهيل گھر هئا ۽ هڪ قلعو بہ هئو) پاڻي جام ۽ چوڌاري زمينون آباديءَ هيٺ هيون. اتان هڪ ڏينهن جو سفر هڪ جابلو، سڄي علائقي مان ڪيم (٢١٦)، جنهن ۾ هندو باغين ۽ ڪافرن جي آبادي هئي. هند جي گھڻي آبادي ڪافرن تي مشتمل آهي. انهن مان ڪي مُسلمانن جي حفاظت ۾ بہ رهندا آهن. ڪن جي رهائش ڳوٺن ۾ تہ ڪن جي شهرن ۾ آهي. ڪي وري جابلو علائقن ۾ رهندا آهن. جيڪي ايندڙ ويندڙ قافلن ڪي ڦريندا لٽيندا آهن. مان انهن پاويهن ماڻهن مان هڪڙو هوس، جن تي انهن هندن (جيڪي شايد پتي هئا) حملو ڪيو. انهن مان ۾ گھوڙيسوار ۽ اسي پيادا هئا. اسان انهن سان مقابلو ڪيو. خدا جي مهربانيءَ سان سندن هڪ گھوڙيسوار ۽ ٻارهن پيادا قتل ڪري وڌاسين. ان کان پوءِ هو پڇي هليا ويا. چئن ڏينهن جي سفر کان پوءِ آءٌ سرستي جي شهر ۾ پهتس. هيءَ وڏو شهر آهي. سندس چوڌاري سارين جو جام فصل ڏسڻ ۾آيو. اهي اتان دهلي نيون ويندي آهن. اتان هلي آءٌ هانسي آيس. هيءَ ڏاڍو خوبصورت ۽ گھٽيل شهر آهي. چوڌاري موڪرو قلعو اٿس. ٿوري وقت ترسڻ کان پوءِ ٻہ ڏينهن سفر ڪري، مسعود آباد آيس. اتي ٽي ڏينهن ٽڪيس. هيءَ وڏيڪ چوي ٿو تہ ملتان کان وٺي دهليءَ تائين سڄو سفر چاليهن ڏينهن جو

آهي. ان رستي سان ڪيترائي خوبصورت شهر آباد آهن." سندس بيان مان اهو نظر ايندو تہ هڪ ڏينهن جي برپٽ بيابان (٢١٧) جي سفر ڪان سواءِ، ابوهار ڪان وٺي دهليءَ تائين سڄي سفر ۾ پاڻيءَ جي گهٽائي هئي ۽ علائقو سڪيو ستابو، سرسبز ۽ آباد هو.

خلجي ترڪ گهراڻي جي دور ۾ سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪي اهڙا واقعا ٿيا، جو درياهن جي وهڪرن ۾ تبديليون اچي ويون، خاص طور تي بياس ۽ ستلج جي وهڪرن ۾ ڦيرو اچي ويو هو.

شمس-سراج عفيف (٢١٨)، سلطان فيروز شاهہ جي دور جو مورخ هو، جيڪو ابو هار ۾ رهندو هو. اهو سلطان جي پٽيءَ ماءُ جو علائقو هو، ڇاڪاڻ تہ اها راڻا مل ڀٽيءَ جي ڌيءَ هئي. سراج عفيف جو پڙ ڏاڏو هن علائقي ۾ محصول اوڳاڙڻ واسطي اعليٰ عملدار هوندو هو. ابو هار سندس صدر مقام هو. هن حقيقت مان اسين اهو ڄاڻون ٿا، تہ ان زماني ۾ هن علائقي ۾ پاڻيءَ جي ڪا اڻاٺ ڪانہ هئي. ان ڳالهہ جي ابن بطوطہ بہ پٺڀرائي ڪري ٿو. دهليءَ جي بادشاهہ ٿيڻ ڪان اڳ ۾ سلطان غياث الدين تغلق (٢١٩) جڏهن غازي ملڪ هو، تہ سراج عفيف جي ساڻس چڱي ڄا ڻ سڃاڻ هئي. ان زماني ۾ هو ديپالپور جو گورنر هو، ۽ ابوهار ان جو ماتحت علائقو هو. شمس سراج جو بيان آهي، تہ ان زماني ۾ (٧٢٠هہ ـ ١٣٢٠ع ڪان اڳ ۾) ننڍيون ۽ وڏيون زمينداريون، برپٽ علائقا، آباد ۽ غير آباد زمينون مائين ۽ ڀٽي قبيلن جون هيون ۽ ابو هار سندن صدر مقام هو. هي وڏيڪ ٻڌائي ٿو تہ هن ملڪ جي ٻوليءَ مطابق تلونڊي معنيٰ"ڳوٺ" آهي (٢٢٠). جڏهن سلطان فيروز شاهہ پنهنجي عزيز (٢٢١) محمد شاه جي وفات ڪان پوءِ، ٺٽي ڀرسان سنڌوءَ جي ڪناري محرم ٧٥٢هہ (١٣٥١ع) ۾ تاج پوشيءَ ڪان پوءِ دهلي واپس اچي رهيو هو، تہ ڪيس گجرات رستي واپس ورڻ جي صلاح ڏني وئي هئي. دهليءَ ۾ احمد اياز بغاوت ڪئي هئي. پر ان بدران هن آب سنڌ ذريعي دهليءَ ورڻ جو ارادو ڪيو ۽ هن پنهنجي وڏي لشڪر سان گڏ ملتان ۽ ديبالپور ڪان وڃڻ پئي گهريو. هن حقيقت مان اسان اندازو ڪري سگهون

تا تہ ان رستي سان سندس وڏي لشڪر ۽ سندس وهڻن واسطي ڪيس پاڻيءَ جي اثاث جو ڏپ ڪونہ هو. پهريائين هو سيوستان (٢٢٢)يا موجوده سيوهڻ ويو ۽ اتان ڪان بکر روانو ٿيو. هن جاءِ تان درياهہ اڪري ملتان پهتو ۽ هن پيو ڪوبہ درياهہ پار ڪونہ ڪيو. اجوڌن وجي شيخ الاسلام شيخ فريدالدين شڪر گنج جي زيارت ڪيائين ۽ هندستان جي مشهور رڻ جي پاڳي مان اڪري سرستي (هاٿوڪي سيرسا)Sirsa وٽ پهتو. اتان ڪان پيش قدمي ڪندو اڪدار پهچي پنهنجي پٽ فتح خان جي نالي، فتح آباد (٢٢٣) جو شهر ٺهرايو. اتان وڌندو هانسي پهتو، جتي، سمانہ ۽ سنم جا صوبيدار پنهنجي فوجن سان گڏ ساٿس اچي مليا. هن ٧٥٤ھ (١٣٥٣ع) ۾ لکنوتي ڪان مرٽندي، ٻن ڳوٺن جي ماڳن تي حصار فيروزه (٢٢٤) جو قلعو تعمير ڪرايو. پهريون هن قلعي سان پنجاهہ ڳوٺ ملايا ويا. بعد ۾ وري بہ چاليهہ ٻيا ڳوٺ هن قلعي جي حدن ۾ شامل ڪيا ويا. انهن ڳوٺن ڪي ننڍا ۽ وڏا ڳوٺ ”ٻڙا ۽ ڇوٽا ساراس“ چيو ويندو هو. هن علائقي ۾ هنن ڪرڪن ڪان سواءِ ٻيا گهر ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندا. هنديءَ ۾ هنن ڪي مَنَهَن جي معنيٰ ۾ چيو ويندو آهي. پر هتي رهڻ وارين جاين جي مفهوم ۾ ڪتب آندو وڃي ٿو. اهي ڪرلن، جاٽن ۽ سيالن جي قبيلن جي گهرن جهڙا هوندا آهن، جن ڪي ٺوٺين تي همـوار ڇت هوندي آهي ۽ پـر پاسي واريون پـتـيـون يا اولا ڪونہ هوندا آهن. سلطان وڏن ڳوٺن جي ماحول مان گهٽو خوش ٿيو (٢٢٥)، ۽ سمجهيائين تہ جيڪڏهن هو ڪنهن شهر جو بنياد هتي رکندو تہ ڏاڍو لاياڻتو ٿيندو. ان وقت اتي پاڻيءَ جي اثاث هئي. گرم رت ۾ مسافر چار جيتل ڏيئي پاڻيءَ جو هڪ ڪوزو خريد ڪندا هئا. سلطان هڪ ڪشادي ۽ وڏي قلعي جي تعمير شروعات ڪئي. اهو قلعو جڏهن (اڍائي سالن ۾) ٺهي راس ٿيو تہ سلطان ان جو نالو حصار فيروزه يا فيروزه حصار رکيو. قلعي جي چوڌاري ڪاهي ڪٺائي وئي اندر هڪ وڏو تلاءُ ٺهرايو ويو، جنهن منجهان ڪاهيءَ ۾ پاڻي ويندو هو (٢٢٦).

مصنف جي لکڻ مطابق هن علائقي ڪي پاڻي پهچائڻ ۽ ٻنين ڪي آباد ڪرڻ واسطي سلطان گهڻيون ڪوششون ڪيون هيون. هن هڪ واهہ (جون يا يمونا)

مان ڪوٺايو هو. ٻيو ستلج درياهه مان ڪوٺائي هن علائقي ۾ پهچائي وري ڪوٺائي ساڳي درياهه سان هيٺ ڪاٽي ملائي ڇڏيو هو. هيءُ هڪ اهم نقطو آهي، ته ان دور ۾ ستلج پوئين زماني جي وهڪري کان گهٽو اوپر طرف وهندي هئي ۽ حصار فيروزه وارو قلعو سندس وهڪري کان گهٽو پري ڪونه هو. معلوم ائين ٿئي ٿو ته بياس درياهه ۽ قلعي حصار فيروزه جي وچ تان (ابوهار واري پيٽ مان) وهندي هوندي. اسان کي پورو ويساهه آهي، ته ان دور ۾ به ستلج پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ وهي رهي هئي. اهي ٻئي واهه "راجيراهه" ۽ "اڳاماٿي" هئا. اهي اتر طرفان ڪرنال مان اسي ڪوهه لتاڙي فيروزه حصار پهچندا هئا (٢٢٧). شايد هي پهريون ڀيرو آهي جو هندستان جي همعصر مسلم مورخ کي ستلج جو ذڪر ڪندي ڏسون ٿا. حصار فيروزه جي نئين شهر اڏجڻ ۽ پاڻي اچڻ ڪري هن علائقي کي سهرند کان ڇني ڌار ڪيو ويو، ۽ هن علا ئقي جو نالو به حصار فيروز شاهه ئي رکيو ويو هو، ان جو صدر مقام به حصار فيروزشاهه کي بڻايو ويو هو.

تاريخ الفي، اڪبر بادشاهه جي زماني ۾ لکي وئي، هندستان جي دستياب تاريخن مان بهترين مواد هٿ ڪري ان ۾ سهيڙيو ويو آهي. ان جو مصنف لکي ٿو ته، سلطان ٧٦٢هه (٦١ ـ ١٣٦٠ع) ۾ نهر جي ڪوٺائي واسطي روانو ٿيو. ان نهر کي استيما Astimah سڏيو ٿي ويو. مذڪوره نهر ۾ ٻن نهرن جو پاڻي ٿي آيو، جيڪو ٻارهوئي وڙهو ٿي. ان نهر ۾ هڪ پُشتو، ڀيٽاري يا ٽڪري هئي، جنهن ڪري پاڻي رڪجي ٿي پيو. سلطان ان لاءِ پنج هزار بيلدار يا قيدي ڪم ۾ لڳايا، انهي لاءِ ته جيئن اهو پشتو ڪيدي پاڻي جي.جهل ختم ڪجي ۽ سر ستيءَ جو پاڻي به ان نهر ۾ وهائي سگهجي. جڏهن اهي ٻئي پاڻي ملي ويندا ته سهرند، منصور پور ۽ سمانه جي علائقن تائين پاڻي سولائي سان پهچي سگهندو.

تاريخ الفي جو مصنف عبدالقادر بدايوني، جنهن جو حوالو اسان مٿي بيان ڪري آيا آهيون، سو پنهنجي، هندستان جي تاريخ ۾ چوي ٿو ته، "اهو پاڻي هڪ ايراضيءَ ۾ پکڙيل ٽڪريءَ جي گهاڙ مان اچي ٿو. مذڪوره ٽڪري ڪوٽڻ ۾ نرم آهي. اها نهر ستلج مان ڪوٺي آندل نهر ۾ وهندي آهي ۽ اڳتي وڃي وري

سَتلج ۾ ڪرندي آهي. هن درياهہ کي ”ستلادر“ بہ سڏيو ويندو آهي. جنهن نهر وسيلي ستلج ۾ پاڻي پوندو آهي، تنهن کي ”سرستي “ جي نالي سڏيو ويندو آهي. هيءَ نهر سهرند، منصورپور ۽ سمانہ جا علائقا آباد ڪندي آهي. نهر جي وهڪري ۾ سڄيءَ ٽڪريءَ کي صاف ڪونہ ڪيو ويو هو. شايد ان ٽڪريءَ مان پاڻي وهڻ جوڳي جاءِ کي ڪٽي صاف ڪيو ويو هوندو، جنهن سان پاڻي سولائيءَ سان گذري سگهي.

” انِ ٽڪري يا دڙي جي کوٽائي ڪندي منجهانئس ماڻهن ۽ هاٿين جا هڏا لڌا هئا. ٿونئين تائين پانهون بہ مليون هيون. ماڻهن جو قد ٽي گز ڏگهو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. سندن ڪي لاش ڳري ويا هئا ڪي بلڪل سلامت هئا (٢٢٨). اتان جي ماڻهن سلطان کي ٻڌايو تہ جڏهن سڪندر انهن ماڳن تي پهتو تہ ان وقت جي ماڻهن نوشابہ (٢٢٩) جي مورتي ٺاهي ان جي پوڄا شروع ڪئي هئي. سندس بت پنهنجن گهرن ۾ بہ رکندا هئا. هاڻي (سلطان فيروز شاهہ جي زمانيءَ ۾) اهو بت ديويءَ جي حيثيت حاصل ڪري ويو آهي ۽ هن علائقي جا ماڻهو ان جي روزانو پوڄا ڪندا هئا.

سلطان فيروز شاهہ اهڙيءَ ريت سن ٧٥٦ هہ (١٣٥٥ع) ۾ ديپالپور ڏانهن شڪار جي ارادي سان ويو ۽ ”ستلادر (ستلج) مان هڪ واهہ کوٽائي جهاجهر تائين آڻڻ جو پڪو پهہ ڪيائين. اهو مفاصلو انيتاليهہ ڪوهہ، ”يا چوراسي ميل هو.هتي نالن ۾ ڪجھ غلطي ٿي وئي ٿي پيانئجي. ڇاڪاڻ تہ ستلج جڏهن روه پور جي ٿاڪ وٽان جبلن مان نڪري ٿي، تہ جهاجهر Jhajhar کان سندس ويجهي ۾ ويجهو مفاصلو بہ هڪ سو ستر ميل آهي ۽ اولهہ کان سندس پراڻي وهڪري يا نقشي واري نئي وال جي صَفا اوڀارئين وهڪري کان بہ هڪ سو چاليهہ ميل ڏور آهي. جيڪڏهن صحيح نالو جهاجهر آهي، تہ اهو درياهہ ستلج ڪونہ هوندو ۽ جيڪڏهن اهو درياهہ آهي ئي ستلج، تہ اهو نالو جهاجهر بدران ڪو ٻيو هوندو، جنهن لاءِ يمونا مان پاڻي آڻڻ بلڪل سولو هوندو.

ٻئي سال هن سري مور پرسان يمونا مان ٻيو واهہ کوٽايو. ٻين ستن نين جو

پاڻي ان واهہ سان ملائي هانسيءَ آندو ويو (اهو واهہ اڄا بہ موجود آهي) ان کان پوءِ هن کي چڪي حصار فيروز جي پرسان هڪ ڍنڍ ۾ ڇڏيو ۽ قلعي جي چوڌاري کوٽيل کاهي بہ ان پاڻيءَ سان پري ويندي هئي. ساڳئي سلطان گهگهر (٢٣٠) درياهہ مان بہ هڪ واهہ کوٽائي آندو هو، ۽ ان جو پاڻي کيراه واهہ Khi-rah ۾ ڇڏيو ويندو هو، اتي هڪ قلعو ٺهرايو هئائين، جنهنجو نالو هن حصار فيروزه رکيو هو. ان جي پرسان هڪ وڏي ڪول (فارسيءَ ۾ ڍنڍ جي معنيٰ ڏيکاري ٿي) هئي، جيڪا ميلن ۾ ڊگهي هئي.

سيني واهن کوٽائڻ جو سبب ظاهر آهي. انهن کي هاڪڙي يا واهندا درياهہ جي ڇڏيل وهڪرن ۽ سندن ڪن پرتي کنڌڙ شاخن جي سڪي ويل پيٽن کي هٿن واهن وسيلي ڳنڍيو ويو هو. هن جي شهنشاهي واري دور ۾ هاڪڙي يا واهندا جي سڪي وڃڻ متعلق ذڪر يا ڪو اشارو ڪونہ ٿو ملي. پر اڳتي بيان ٿيندڙ حقيقتن مان اسان اهو ضرور ڏسنداسون، تہ هي ٻن ٽن موقعن تي ديپالپور ۽ اجوڌن وارو رستو ڏٺي، فتح آباد ۽ هانسيءَ کان لنگهيو آهي، ۽ اهو ساڳيو رستو ڏٺي کانئس ٽيتاليهہ ورهيہ پوءِ امير تيمور گورگاڻي اتان مٽيو هو (٢٣١).

پنهنجي سلطنت جا مامرا سموهي سنواري سال ٧٦٣ هہ (١٣٦١ع) ۾ هن سنڌ ڏانهن ڌيان ڏنو. سلطان محمدشاهہ تغلق جي ٺٽي شهر پرسان سنڌوءَ خلاف جنگي مهم اڌوري ڇڏي وئي هئي. ان واقعي کي پريا ٻارهن سال گذري چڪا هئا. ان وقت سندس لشڪر نوي هزار گهوڙيسوار ۽ ٤٨٠ جنگي هاٿين تي مشتمل هو. تعجب جي ڳالهہ اها آهي، تہ ان وقت جي مورخن قلعي حصار فيروزه جي پر پاسي ۾ پاڻي جي ڏکار جي شڪايت ۽ حڪايت ڪئي آهي. پر پوءِ بہ سلطان فيروزشاه پنهنجي ايڏي وڏي لشڪر سان گڏ انَ غير آباد علائقي مان گذريو هو. سندس دور جا مورخ ٻڌائن ٿا تہ اتان لنگهي، شيخ فريد شڪر گنج کان دعا پنڻ واسطي اجوڌن ويو هو. اتان پيش قدمي ڪندو، ٻکر ۽ سوستان جي حدن ۾ وڃي نڪتو هو. اتان هن ديپالپور ۽ ٻين علائقن کان پنج هزار ٻيڙيون ۽ وڏيڪ لشڪر گهرائي ورتو هو. ٻيڙين تي رسد جو گهڻو سامان لڏيو ويو هو.

سلطان ٻين ٻيڙين ۾ لشڪر سان گڏ درياهہ جي ڪناري سان سفر ڪري رهيو هو. تاريخ فيروز شاهيءَ جو مصنف شمس سراج جو پيءُ ٻيڙين جي هڪ ڊويزن جو ڪمانڊر هو، جن ۾ فوج وهاريل هئي. سلطان ان جنگ ۾ سوڀارو ٿيو. ان دور ۾ سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ گهوڙن ۾ بيماري پئي، جنهن ۾ سنڌس باقي چوٿون حصو گهوڙن جو وڃي بچيو هو. آرهڙ جا ڏينهن مٿان اچي پيا هئا. ان ڪري هو موٽي گجرات هليو ويو. اتان هن گهوڙن ۽ وڏيڪ لشڪر جو بندوبست ڪيو. جڏهن موسم ٿڌي ٿي تہ سنڌ تي ڪاهي آيو. هن ڄام جي لشڪر کي شڪست ڏني. پر اڳ ۾ سلطان جو ايڏو نقصان ٿيو هو، جو ڄام بہ دل ٻڌي مٿس حملو ڪيو هو. سلطان پاڻ سان جيڪي رهبر ڪنيا هئا، تن ڪيس غلط رستو ڏيکاري وڃي ڪڇ جي ڪونجي واري رڻ ۾ هنيو (٢٣٢)۽ سنڌس سڄو لشڪر موت جي منهن ۾ وڃي پهتوهو. مصنف لکي ٿو، تہ اهو ايڏو تہ خطرناڪ رڻ پٽ هو، جنهن مٿان پکي بہ پر هڻڻ جي جرئت ڪانہ ٿي ڪئي. وڻ يا ٻوٽو نہ گاهہ جو ڪو ٿڦو ڪاٿي نظر نہ ٿي آيو. اتي تہ اڇلڻ جهڙا گاهہ جا گندا ٻوٽا بہ موجود ڪونہ هئا. جڏهن ٿڌي موسم آئي تہ سلطان گجرات مان نئون لشڪر ڀرتي ڪري، موٽي اچي سنڌو جي ڪنڌين سان خيما کوڙيا. توڙي جو هن سان هزارين ٻيڙيون ساڻ هنيون، درياهہ بہ وڏو هو، پر ان سان سنڌي بہ مقابلي واسطي مڙس ٿيو بيٺا هئا، ان ڪري ڪيس درياهہ اڪري پرينءَ پر لشڪر ٽپائڻ جي جرئت ڪانہ ٿي سگهي هئي (٢٣٣). تاريخ جو مصنف لکي ٿو تہ، سلطان وٽ هن ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو ڪونہ هو، ان ڪري پنهنجو لشڪر ٻيڙين ۾ ويهاري اوڀارو هاڪاري سو ويهہ ڪوهہ اتر طرف بکر وڃي، وري ايتــرو لهنوارو پنڌ ڪري، درياهہ جي ٻئي پاسي ٺٽي تي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو (٢٣٤)، سنڌس لشڪر ٺٽي پرسان پهچي جنگ جي شروعات ڪئي. سلطان فيروز، درياهہ جي اوپر واري ڪناري ۽ ٺٽي جو قلعو درياهہ جي اولاهينءَ ڪنڌيءَ تي هو. هو لشڪر کي وڙهندي ڏسي رهيو هو. پر درياهہ جي وچ تي هجڻ ڪري پتو پئجي ڪونہ ٿي سگهيو تہ ڪهڙو پاسو ڏاڍو ۽ ڪهڙي ڏر هيٺي آهي (٢٣٥). انهن غير يقيني حالتن سبب هن پنهنجي لشڪر

ڏانھن پيغام موڪليو. پر قاصد بہ سڌي موڪلڻ بدران اوپارو وچي، ٻکر کان ڦري، ٺٽي اچي، پنھنجي لشڪر جي فوجي ڪئمپ ۾ پھتو. هن، دھليءَ کان وڏيڪ فوج اچڻ تائين درياھہ جي اوپارٿين ڪناري سان پنھنجي فوجي واٽد هٽي وهڻ جو پڪو پهہ ڪيو. ان موقعي تي سنڌين، سلطان جلال الدين حسين ولد احمد بخاري اچ واري کي ايلاز منٿون ڪري وچ پوڻ لاءِ چيو، جيڪو اڳيئي سلطان فيروز شاهہ وٽ موجود هو. نتيجو اهو نڪتو جو ٻنهي ڌرين ۾ ٺاهہ تي ويو. ڇام ۽ سندس پاءُ پيش پيا. ان کان پوءِ سلطان، سوستان، ٻکر، ملتان ۽ ديپال پور رستي دھليءَ روانو ٿيو ۽ وري بہ ان ٺي علائقي منجھان لنگھيو، جنهن کي مورخن پاٺيءَ جي اٿاٿ وارو علائقو رڻ ۾ ٻر پٽ سمجھيو آهي.

جيڪڏهن اهو مذڪوره علائقو رڻ ۽ ٻرپٽ هو ۽ اجوڌن ۽ فيروزه حصار جي وچ واريون سڀ نديون سڪي ويون هيون، تہ پوءِ سلطان فيروز ايڏي وڏي لشڪر سميت اتان بار بار ڪيئن گذريو تي (٢٣٦).

سلطان فيروز شاهہ ٧٩٠ هہ (١٣٩٢ع)جي نائين مھيني ۾ وفات ڪئي. سلطان ناصر الدين محمود سندس پوٽي پنھنجي پيءُ سلطان محمدشاهہ جي جانشين طور ٧٩٦هہ (٩٤ـ ١٣٩٣ع)۾ تخت تي ويٺو هو. هن پنھنجي درباري امير سارنگ خان کي ديپالپور ۽ ملتان جي جاگير ڏئي چارج وٺڻ لاءِ روانو ڪيو ۽ کيس شيخو کوکر جي ڪن مهٽ ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي هئي (٢٣٧)، جنهن بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو هو. ساڳي سال ٧٩٦ هہ جي اٺين مھيني ۾ سارنگ خان ديپال پور ڏانھن روانو ٿيو. ساڳي سال جي يارهين مھيني ۾ (امير تيمور جي اچڻ کان پنج سال اڳ) ملڪ سارنگ خان، راءِ دل چين ڀٽي سردار (اهو ساڳو ماڻهو جنهن پنج سال پوءِ ڀٽنير جو علائقو امير تيمور جي حوالي ڪيو هو)، راءِ دائود، ڪمال الدين، سردار مائين (٢٣٨)، ملتان ۽ ديپالپور جي فوجن سان گڏ، ستلادر يا ستلج درياھہ تھارا جي مقام وٽان ۽ بياس جي دهالي جي ماڳن وٽان اڪري، لاهور جي حدن ۾ داخل ٿيو هو. شيخو کوکر، سندس پيش قدميءَ جو ٻڌي، پنھنجا ماڻھو گڏ ڪري، موقعي جو فائدو وٺي ديپال پور ڏانھن هليو ويو،

۽ اجوڌن تي وڃي گهيرو ڪيائين. ڪيس جڏهن پتو پيو ته سارنگ خان هندو- پٽ ڪان لنگهي وڃي لاهور کي سوڙهو پيو آهي، ته اجوڌن تان راتو واهه گهيرو ڇڏي، تيز رفتاريءَ سان لاهور وڃڻ لڳو. ٻئي ڏينهن تي ٻئي دشمن فوجون هڪ ٻئي جي سامهون بيٺيون هيون. سندن مقابلو لاهور کان ٻارهن ڪوهه پري سمون تلاءَ وٽ ٿيو. جنهن ۾ شيخو ڪوکر هارايو ۽ چمونءَ ڏانهن ڀڄي ويو.

يحيٰ پٽ احمد جي تاريخ مبارڪ شاهي ۾ هڪ اهم تاريخي حوالو موجود آهي. سندس تاريخ۸۵۲ هه (۱۴۴۸ع)جي دور تائين روشني وجهي ٿو. جڏهن امير تيمور هندستان کي ڀيلي ڀينگ ۽ ٻاڪڙ ڪري هليو ويو هو ته سلطان ناصر الدين محمود شاهه واسطي پنيان ڪاري وارا ڪک ڇڏي ويو هو. هيءُ لکي ٿو ته، " ۸۰۳ هه (۱۴۰۰-۱) ۾ ترڪچي سلطان (ترڪي مملوڪ يا ڪنهن اڳئين سلطان جي غلامن مان هو.)طغي، سمانه جي امير غالب خان جو نائي هو. هن وڏي فوج گڏ ڪري، خضر خان مٿان ديپالپور تي ڪاهيو. (خضر خان بعد ۾ دهليءَ جو بادشاهه ٿيو. امير تيمور وڃڻ وقت ڪيس ملتان ۽ ديپالپور جي علائقي مٿان جيڪو اوير طرف هاڪڙي يا واهندا تائين پکڙيل هو، تنهنجو حڪمران مقرر ڪيو هو.) (۲۳۹) خضر خان ديپالپور ۾ موجود هو ۽ سندس مقابلي ڪرڻ واسطي خطه يا اجوڌن طرف وڌڻ لڳو. ساڳئي سال ۹ رجب تي جنگ جي شروعات ٿي ۽ ڪيڏارو ٻاهندا يا واهندا جي ڪنڌيءَ سان ٿيو هو. (ڇاڪاڻ ته و ۽ ب پاڻ ۾ تبديل ٿي سگهندا آهن. قلمي نسخي ۾ "و" جو اکر"د"، ۽ "ر" جهڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.) هن ويڙهاند ۾ طغي خان جي هار ٿي ۽ هو ابوهار ڏانهن نڪري ڀڄي ويو." هتي اسان کي هاڪڙي جو نالو ملي ٿو. پر بدقسمتي اها آهي، جو مصنف اهو ڪونه ٿو ٻڌائي ته ان ۾ پاڻي هو يا نه. پر جنهن طريقي سان واقعي کي بيان ڪري ٿو، ته ان منجهان معلوم ٿئي ٿو، ته منجهس پاڻي موجود هو. جيڪڏهن پاڻي موجود نه هجي ها ته اهڙي اهم ڳالهه جو ذڪر ضرور ڪري ها. اسان کي اها پڪ آهي، ته ايڏا وڏا لشڪر جو هيڏي هوڏي پيش قدمي ڪري رهيا هئا، ته پاڻيءَ جي وڏي ذخيري جي موجودگيءَ جو امڪان ضرور هوندو. بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي اهو

يقين سمجهڻ گهرجي تہ (٢۴٠)ستلج ان زماني ۾ اجوڌن ۽ ابوهار جي وچ تي ۽ اجوڌن کان ٣٢ ميل ۽ ابوهار کان ١٦ ميل پري وهي رهي هئي. پوءِ جي واقعن مان اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ بياس پنهنجي پراڻي پيٽ مان وهي رهي هئي.

متي بيان ڪيل واقعن کان اٽڪل پنج سال پوءِ محرم ٨٠٨ هہ (جولاءِ ١۴٠۵ع) ۾، سارنگ خان جو ڀاءُ اقبال خان، تغلق گهراڻي کان پوءِ اقتدار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هو خضر خان جو جاني دشمن ۽ سياسي مخالف هو ۽ ملتان ڏانهن پيش قدمي ڪندو وڃي تلونديءَ پهتو هو. اتان کان روانو ٿي خطہ يا اجوڌن جي عـلائقي ۾ باهندا يا واهندا جي ڪنڌين تائين اچي نڪتو. ان علائقي جو صدر مقام اجوڌن هو. خضر خان پنهنجي لشڪر جو پاڻ مهندار هو، جنهن اڳتي وڌي اقبال سان مهاڏو اٽڪايو، جنهن ۾ پوئين ڌر جي هار ٿي. خضر خان، اقبال خان جو پيڇو ڪري ڪيس قتل ڪري ڇڏيو.

اها آرهڙ جي چوٽ گرميءَ واري رت هئي. سوچڻ واسطي اهم نڪتو اهو آهي، تہ مخالف ڌرين جون وڏيون فوجون، پاڻيءَ کان سواءِ اهڙي وارياسي رڻ پٽ ۾ ڪيئن هڪ ٻئي سان وڙهيون هونديون. ايترو ضروز سمجهون ٿا تہ ان علائقي جو ڪجهہ حصو ڪيتيءَ هيٺ ڪونہ هوندو.

سلطان معزالدين، مبارڪ شاهہ ولد رعايت الله خضر خان (٢۴١)، پنهنجي پيءُ جو، سن ٨٢۴ هہ (١۴٢١ع)۾ جانشين ٿيو. سندس زماني ۾ جسرت ولد شيخو کوکر بغاوت ڪئي هئي (٢۴٢). هن لاهور ۽ پر پاسي واري علائقي کي ڦري لٽي ڇڏيو هو. (تاريخ بدايوني ۽ فرشتہ جن تاريخ مبارڪ شاهيءَ ۽ ٻين جو لفظ بہ لفظ نقل ڪيو آهي، چون ٿا تہ هن لاهور کي لٽي پينگ ڪري ڇڏيو هو. جنهنکي مغلن جي تباهيءَ کان پوءِ سلطان غياث الدين بلبن پنهنجي دور ۾ ٻيهر جوڙائي ٺيڪ ڪرايو هو) ان کان پوءِ هو بياس اڪريو شلز (ستلج) کي پار ڪري (٢۴٣) ۽ رائو ڪمال، جنهن جو متي ماهين ڪمال الدين يا مائين ڪمال الدين جي نالي سان ذڪر ڪيو ويو آهي)، جي تلونديءَ تي حملو ڪيو. بعد ۾ هن لڌيانہ ڏانهن پيشقدمي ڪئي ۽ اتان کان هن جلندر تي بہ هلان ڪئي. اهي

حالتون ڏسي سلطان محمود شاهہ کي پاڻ پنهنجي فوج جي مهنداري ڪرڻي پئي ۽ جسرت کوکر جي بغاوت کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي سر پاڻ روانو ٿيو. هو وچ چوماسي جي رت ۾ لڌيانا پهتو! ستلج ۾ وڏو چاڙهہ هو. سڀ ٻيڙيون جسرت پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتيون هيون. ان ڪري سلطان ستلج پار ڪري ڪونہ سگهيو ۽ جسرت پنهنجي لشڪر سميت ستلج جي ٻيءَ ڪنڌيءَ سان فوجي واند هٽي ويهي رهيو. چاليهن ڏينهن تائين ٻئي مخالف فوجون هڪ ٻئي جي سامهون ويٺيون رهيون. جڏهن پاڻي هيٺ لهڻ لڳو، تہ سلطان لڌيانا کان ستلج جو ڪنارو ڏئي ڪابل پور روانو ٿيو. درياهہ جي ٻئي پار، جسرت کوکر پنهنجي لشڪر سميت سندس ڪڍ لڳي پيو. تاريخ يارهين شعبان ۽ سال جي ڏهين مهيني، سلطان ستلج پار اڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. جسرت جلندر موٽي آيو ۽ هن چناب درياهہ تائين سندس پيڇو ڪيو.لاهور جو قلعو ۽ شهر اجاڙ لڳا پيا هئا. سلطان انهن جي مرمت ڪرائي. اهو سن ٨٢٥ ھ(١٤٢٢ع) سال هو.

انهن جنگين هلڻ دوران بياس درياهہ جو مشهور پتڻ لوه وال يا لوهي وال هو. انجو صدر مقام پٽي هيبت پور يا هيبت پور پٽي هو (٢۴۴). اتان ستلج ڏکڻ - اوبر ڏس تي اٺ ميل پري وهي رهي هئي.

هن ساڳي شهنشاهہ جي حڪومت دوران، مغلن حملا ڪري ملتان جي قلعي کي ناس ڪري ڇڏيو هو. تنهن جي، ملڪ محمود پٽ عماد الملڪ، ملڪ رجب پيڙهہ کان وٺي نئين سر تعمير ڪئي هئي. اسان کي اڳتي هلي اهو معلوم ٿيندو تہ ديپالپور وارو علائقو ڪيترين صدين تائين اهم رهيو. ملڪ بهلول لوڌيءَ جي لقب سان پهريون پٺاڻ دهليءَ جي تخت تي ويٺو. سو بہ پهريائين، ديپالپور سنم ۽ فيروزه حصار جو گورنر هو. جيڪڏهن ديپال پور ۾ پاڻي موجود نہ هجي هاتہ اها جاگير هن لاءِ بلڪل بيڪار هئي. پر هن حقيقت ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجائش ڪانہ آهي، تہ ان زماني ۾ بياس سندس قلعي سان گسندي گذرندي هئي. هن حقيقت کي شاهدين سان ثابت ڪري سگهجي ٿو، تہ اڪبر بادشاهہ جي پوئين دور ۾ بہ ديپالپور پنهنجي سرڪار جو صدر مقام هئي، يا ملتان جي صوبي

جو هڪ اهم خصو هئي ۽ ابوهار سندس اوپارئين ڏنگ جو مشهور شهر هو. پير محمد جهانگير يا پير محمد ولد جهانگير ولد امير تيمور اچ تي گهيرو ڪيو هو. اچ کي نجات ڏيارڻ واسطي مقابلي لاءِ ملتان مان وڏي فوج نڪتي هئي. پير محمد اچ جي قلعي جو گهيرو ڇڏي، بياس جي ڪنڌيءَ تي تمتمہ Tamtamahيا تنتنہ Tantanah وٽ ان فوج جو مقابلو ڪيو. ڪيترا ماڻهو سندس تلوار جو کاڄ ٿيا، ڪيترن "بياس" ۾ ٽپو ڏيئي، پنهنجي حياتي وڃائي. باقي بچيل سڄيل فوج ملڪ تاج الدين محمود جي قيادت ۾ ساڳيءَ جاءِ تي پهچي وڃڻ ۾ سوپاري ٿي ويئي.

مان امير تيمور جي سنڌوءَ کان پار بنوءَ کان وٺي ملتان ۽ اتان کان وٺي دهلي تي حملي متعلق تاريخ ظفرنامہ جا چار نسخا پڙهي ڏٺا آهن. لشڪر سميت سندس گذر انهن علائقن مان ٿيو جن ۾ درياهن جي وهڪرن سان لاڳاپيل اهم تبديليون واقع ٿيون. جنگين جي ذڪر کي پاسيرو رکندي، فقط سفر جي نتيجن کي هيٺ بيان ڪيو وڃي ٿو.

ظفرنامہ جو احوال هن ريت آهي تہ امير تيمور، سنڌو جي ڪنارن تان ڪوچ ڪري ان جاءِ تان درياه پار ڪيو، جتان جلال الدين منگ برني Mang-burni گهٽ هئين هئي. ان کان پوءِ امير تيمور ان تاريخ ۾ لکيل درياه " جمادالبهات " يا جهلم ڏانهن روانو ٿيو، جنهنجي وهڪري جو رخ اچ ڏانهن هيو. هن درياه جي ڪنڌين سان لهنوارو سفر ڪندو، چناب يا چندر ڀاڳا يا چنائو (جيئن ان کي ڪوٺيو ويندو آهي) يا ان قلعي واري ماڳ تي پهتو جتي "جماد" ۽ "چنائو" سنگم (٢۴٥)ڪنديون آهن. پنهي وڏن درياهن جي ملڻ ڪري ڏاڍا ڪن ۽ ڪولاهل هئا، تنهن ڪري اسين اچرج ۾ هئاسين ۽ تاريخ ۾ انهن درياهن کي سمنڊ جي نالي سان سڏيو ويو آهي. پيڙين جي پل ٺاهي اتان اڪرياسين (٢۴٦)پاٽيءَ جي لهنواري رخ تي هن پيش قدمي شروع ڪئي ۽ تلاهي (تلنبا) شهر جي سامهون راوي جي ڪنڌيءَ سان فوجي واند هئين. هيءَ اتان ضرور پار اڪريو هوندو پر ڪتاب ۾ ڪنهن پل جو ذڪر نہ آهي. هن ڪلئي ميدان ۾ اچي ڏاپو

ڪيو.

امير تيمور جي پنهنجي تزڪ مان اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ بهاٽ يا جهلم جو گڏيل پاٽي، جنهن کي هو جماد ٿو سڏي) چناب کي چنائو يا چناب ٿو ڪوٺي، جتان هو اڪريو هو. هي چوي ٿو تہ ”اتي هڪ قلعو هو، جيڪو ٻنهي درياهن جي سنگم وٽ ٺهيل هو. مون اتي فوجي واند هڻڻ جو حڪم ڪيو ۽ ٻنهي درياهن جي سنگم وٽ ڪنن ۽ ڪولاهلن ڳوڙ گهمسان کي ڏسڻ ۾ محو ٿي ويس." تيمور درياهہ اڪري لهنواري طرف اڳتي وڌي وڃي تلنبا وٽ پهتو. ان ڪان پوءِ راوي پار ڪري ان ماڳ تي پهتو، جيڪو ملتان کان پنجٽيهن ڪوهن تي هو." هن حقيقت کان باخبر رهڻ کپي تہ ان زماني ۾ سندس پوٽي مرزا پير محمد جو ملتان تي قبضو هو. امير تيمور بعد ۾ ان درياهہ کي پار ڪيو، جنهن کي هو تلنبا درياهہ سڏي ٿو. ائين سمجهہ ۾ اچي ٿو، تہ سندس حوالو راويءَ ڏانهن آهي، جنهن متعلق آءٌ اڳ ۾ ئي ذڪر ڪري آيو آهيان، جيڪا ان زماني ۾ موجوده دور جي وهڪري کان وڌيڪ تلنبا جي اتر ۾ موجود هئي. ان کان پوءِ، هو بياس ڏانهن وڌيو، جيئن هيٺ ذڪر ڪيو ويو آهي.

امير تيمور تلنبا جي قلعي (٢٤٧) ۽ شهر تي قبضي ڪرڻ کان ٻئي ڏينهن تي بياس درياهہ جي ڪنڌيءَ سان هڪ وڏي ڍنڍ جي ڪناري شاهنواز نالي ڳوٺ ڀرسان وڃي فوجي واند هنئين، جنهن جي ڀرسان شيخو کوکر جي ڀاءُ نصرت کوکر پنهنجو قلعو جوڙايو هو.

اهڙي قسم جي ڪول کي سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڍنڍ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. انهن مان هڪڙي ڍنڍ ملتان کان ٽيهہ ميل ڏکڻ اوڀر طرف بياس جي ڀراٽي پيٽ ۾ اڃا بہ موجود آهي. امير تيمور جي حملي واري زماني ۾ اها ڍنڍ اتر اوڀر طرف ڏانهن اڃا بہ وڌيڪ ڀڪڙيل هئي ۽ گهٽي ڊگهي ۽ موڪري بہ هوندي هئي (٢٤٨). سال ٨٠١ هہ جي شروعات (اهو سال ١٧سيپٽمبر ١٤٩٨ع تي شروع ٿيو) ۾ امير تيمور مذڪوره علائقن ۾ موجود هو. هن ١٢آڪٽوبر تي ساڳئي سال (١٤٩٨ع) چناب پار ڪئي. موجوده دور ۾ انهن علائقن جا درياه آگسٽ ۾

چاڙه ۾ هوندا آهن. مٿينءَ حقيقت تي غور ڪرڻ سان پتو پوندو ته گهڻي ڪجهه تبديلي اچي چڪي هئي. سيپٽمبر ۾ چناب ۽ جهلم جي گڏيل وهڪري تي ڪوبه ٻيڙين جي پل جوڙي ڪونه سگهندو يا هن مهيني ۾ پٽڻ تان راوي درياه مان ڪوبه وڏو لشڪر اڪاري ڪونه سگهندو هو. چو ماسي جو اجا به زور هو. (ان علائقي جي پسگردائيءَ ۾ اڄڪلهه چوماسو اهڙو ڪونه هوندو آهي.ان علائقي جي اولهه پاسي ۾ به چوماسي جو ايڏو زور ڪونه رهيو آهي. پتو نه آهي ته سڪندر جي اچڻ کان پوءِ چوماسي ۾ڪهڙو ڦيرو آيو آهي؟) جنهن زماني ۾ امير تيمور حملو ڪيو تڏهن چوماسي جو ڏاڍو زور هو. چوماسي جي شدت ڪري سندس پوٽي مرزا پير محمد (جيڪو ان وقت ملتان تي قابض هو) جا گهوڙا تلف ٿي ويا هئا. جڏهن بياس درياهه جي ڪناري تي جنجاڻ Jinjan (جنجڻ)پرسان فوجي وانڍ ۾ پنهنجي ڏاڏي امير تيمور سان ملڻ ويو هو، ته سندس ماڻهن جو وڏو حصو گهوڙن بدران ڏاندن تي سوار هو ۽ ڪي وري پيادا هئا. هن ڍنڍ جي پرسان گپ چڪ ۽ ڌٻڻ هئي. ان ڪري ڪوڪر سردار جي قلعي تائين پهچڻ ڏاڍو ڏکيو هو. شاهنواز ڳوٺ لاءِ چيو ويندو آهي، ته تنهن زماني ۾ اهو هڪ وڏو ڳوٺ هو. پر مان هاڻي هن پراڻي ڳوٺ جا نشان پتا ڳولي لهڻ ۾ سوپارو ٿي ڪونه سگهيس (٢٤٩). پر ڍنڍ، جنهنجو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، سا اجا به موجود آهي. ۽ اهو حصو بياس جي پراڻي پيٽ سان واسطو رکي ٿو، ۽ اهو ٽبي کان ساڍا ڇهه ميل اتر-اوير ڏس تي ٣٠ ڊگريون ٣ فوٽ اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽٧١ ڊگريون ٤٥ فوٽ اوير ڊگهائي ڦاڪ تي آهي. هن ماڳ تائين ته اهو ڏسڻ ۾ ايندو، ته امير تيمور بياس جو اترين يا ساڄو ڪنارو ورتو آهي (٢٥٠). سندس ڪن سردارن ڪوڪر سردار جو پيڇو ڪرڻ جي نيت سان بياس پار به ڪئي آهي. امير تيمور باقي لشڪر سان گڏ "جنجڻ ڳوٺ" جي سامهون تائين ان جو پيڇو ڪيو. ٻين ٻن نسخن ۾ "خنجن ۽خنجان" Khanjan لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو ملتان کان چاليهن ڪوهن جي پنڌ تي آهي (٢٥١) ۽ چون ٿا ته سندس سمورو لشڪر اچي هڪ جائتو ٿيو هو. هن ساڳئي ڏينهن تي لشڪر ڪي

درياهہ اڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون، اها صفر جي ١٣ تاريخ هئي. ١٥ تاريخ صفر (٢٦ آڪتوبر ١٣٩٨ع) امير تيمور بياس اڪريو. هن جنجڻ ڳوٺ جي پر ۾ پنهنجي فوجي وانڊ هنئين، جتي هو چار ڏينهن ۽ چارراتيون ٽڪيو (٢٥٢). درياه پار اڪرڻ جي مامري متعلق ٻڌائيندي چوي ٿو تہ ” ٻن يا ٽن ڏينهن اندر سندس سڄو لشڪر ٽپي پار ٿيو. ڪي ٻيڙين رستي ٽپي آيا تہ ڪي گهوڙن سوڌو ڇوليون هٽندڙ درياه مان ٽپي پار پهتا هئا، پر ڪوبہ جاني نقصان ڪونہ ٿيو هو.“ راوي درياهہ اڪرڻ سان لاڳاپيل امير تيمور يا مورخ جو هڪ حوالو آهي، تہ ڪين راوي اڪرڻ ويل ڪجهہ ڏکيائي ٿي هئي. پر بياس سولائيءَ سان ٽپي ويا هئا. هن مان اسان کي اهو بہ پتو پوي ٿو، تہ بياس اجا بہ پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ وهي رهي هئي ۽ اجا بہ ڇوليون هٽندڙ مست ٿي نظر آئي، جتان ”لنگهڻ مشڪل هو.“ جيڪا هڪ فيصلہ ڪن حقيقت آهي. هاڻي مان اهو ثابت ڪندس تہ گهارو هرياري (٢٥٣) يا هاڪڙو (جنهن کي انگريزن، گهٽو هيٺ، ستلج جي غلط نالي سان سڏيو آهي)، ان علائقي جي پسگردائي اندر، هن زماني ۾ بہ وهندو رهيو آهي.

امير تيمور جنجڻ جي ڳوٺ مان منزل پٺي هڪ منزل اڳتي پيش قدمي ڪري سهوال Sihwal يا سهول ۾ وڃي خيما کوڙيا. ٢١ تاريخ تي وري ٻي منزل اصوان Aswan ۾ ڪئي، جتي هن هڪ ڏينهن آرام ڪيو. ٻئي ڏينهن اتان ڪوچ ڪري جهوال يا جهول (٢٥٤)۾ منزل انداز ٿيو. مرزا پير محمد جڏهن ديبال پور واري خطي ۾ پهتو، تہ ماڻهو سندس پيش پياءِ سندس ڏاڍو آڌر ڀاءُ ڪيائون. پر جڏهن ڏٺائون تہ سندس گهوڙا مري ويا آهن ۽ انهيءَ ڪري هو واپس ملتان وڃي رهيو آهي، تہ ٻين پر وارن علائقن جيان هنن بہ بغاوت ڪئي. سلطان فيروز شاهہ جو غلام مظفر ڪابلي کي ديبالپور جو داروغو بنائي هڪ هزار فوج ڏئي روانو ڪيوويو هو، تن کي بہ هنن ماري ختم ڪري ڇڏيو هو. تنهن ڪري پنهنجي پوٽي جي مدد واسطي امير تيمور کي اچڻو پيو. جڏهن ديبالپور جي ماڻهن کي سندس ويجهي اچڻ جو پتو پيو، تہ پنهنجو الهہ تلهہ کڻي، تر تڙو ڇڏي وڃي ”ڀٽنير“ جي قلعي ۾ پناهہ ورتائون. جڏهن امير تيمور جهوال يا جهول ۾ پهتو، تہ پنهنجي

لشڪر کي ديپالپور رستي سفر ڪرڻ جو حڪم ڪيائين ۽ ڪين چيائين، تہ دهلي جي پسگرد واري ڳوٺ سمانہ ۾ اچي ساڻن ملندو. پاڻ سان ڏهہ هزار گهوڙيسوار وٺي اجوڌن ڏانهن منهن ڪيائين. سڄي رات طوفاني رفتار سان سفر ڪندو، سڄ نڪرڻ مهل وڃي اجوڌن ۾ پهتو. هن علائقي جا برک ماڻهو بہ لڏي وڃي ڀٽنير جي علائقي ۾ لڪا هئا. باقي ڪجهہ سيد ۽ عالم هتي رهجي ويا هئا، جن اڳتي اچي سندس استقبال ڪيو. پنهنجي داروغي کي انهيءَ مقصد سان اتي ڇڏيائين، تہ متان هن رستي سان ايندڙ، سندس لشڪر کي ڪير تنگ ڪري. ٻئي ڏينهن صبح نماز پڙهي، شيخ فريد شڪر گنج جي زيارت ڪري، ڀٽنير جي قلعي ڏانهن پنهنجن گهوڙن جون واڳون موڙيائين. هو رودونہ يا رادونہ Ruduna کان لنگهيو (٢٥٥) ۽ اتان ڏهہ ڪوهہ اڳتي وڃي خالص ڪوٽلا جي مقام وٽ ٿوري دير ڏاڍو ڪيائين. هي ٿاڪ ڀٽنير جي قلعي کان پنجاهہ (هڪ نسخي ۾ ٽيونجاهہ ڪوهہ) آهي. هتان جي فرسخ ۾ ٽي ڪوهہ آهن. امير تيمور، خالص ڪوٽلا جي قلعي ۾ ٻپهريءَ جي نماز تائين ٽڪيو. باقي ڏينهن ۽ سڄي رات پنڌ ڪندو رهيو ۽ ڇول وارو رڻ پٽ هن هڪ منزل ۾ اڪاري ڇڏيو. ڀنيـراڪي ويل سندس ولدستي کي ڀٽنير قلعي جي ويجهڙائي ۾ پهچي اچرج ٿيو. نيرن ويل وڃي قلعي وٽ پهتا هئا.

مصنف چوي ٿو تہ، ”ڀٽنير وارو قلعو ڏاڍو سگهارو آهي. اهو هندستان جي مضبوط قلعن مان هڪ آهي. شاهي رستي کان ساڄي طرف ۽ گهٽو وٿيرڪو آهي. ان جي چوڌاري رڻ پٽ آهي. هتان جا رهواسي هڪ ڍنڍ جو پاڻي پيئندا آهن، جيڪا مينهن جي پاڻيءَ سان ڀرجي ويندي آهي. اهو بہ ڇيو ويندو آهي، تہ هتي ڪڏهن بہ ڌاري فوج ڪانہ آئي آهي. ان ڪري ديپالپور، اجوڌن ۽ ٻين علائقن جا باغي هتي اچي لڪا آهن. پناهہ وٺڻ وارن ماڻهن جو انگ ايترو تہ گهڻو آهي، جو وڏيڪ ماڻهن جي رهڻ لاءِ ڪابہ جاءِ ڪانہ رهي هئي. ڪيترا ماڻهو ۽ جانور وغيره قلعي کان ٻاهر بيٺا هئا. هيءُ قلعو ۽ علائقو رئو دل چين جي حڪمرانيءَ ۾شامل آهي (٢٥٦). هن علائقي جي ڊل يا علائقي مان لنگهندڙ تي سنگ

اوڳاڙيندو آهي. مسافر، واپاري ۽ قافلا سيئي سنگ ڏئي، پوءِ اڳتي روانا ٿيندا هئا."
ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو، ته قلعي جي فوجين امير تيمور آڏو پيش پوڻ ۽ قلعو حوالي ڪرڻ بدران ٻئي ڏينهن رات ٻاهر نڪري آيو. نتيجي ۾ شهر جي ماڻهن قلعي جا دروازا بند ڪري ڇڏيا.
ٻئي ڏينهن وري حملو ڪيو ويو. ماڻهن امير تيمور کي پيش پوڻ جي ٻيهر التجا ڪئي، جيڪا هن اڳئين جيئن مڃي. ديپال پور، اجوڌن ۽ ٻين علائقن جا ماڻهو ڪنهن حيلي بهاني اندر قلعي ۾ داخل ٿي ويڻ ۾ سوڀارا ٿيا ۽ قلعي اندر رهندڙ ٻين سان هم صلاحو ٿي امير تيمور جي فوج تي حملو ڪيائون. ۽ موٽي وري ٻه قلعي جا دروازا بند ڪري ڇڏيائون. سندن اهڙي روش ڪري امير تيمور ڏاڍو ڏمرجي پيو ۽ پنهنجي لشڪر کي حڪم ڏنائين ته قلعي تي حملو ڪريو. قلعو فتح ٿي ويو. ڪيترن ماڻهن پنهنجي زالن مال ملڪيت سميت جئري ئي وچي پاڻ کي باهه ۾ ساڙيو، جيڪي سڙي رک ٿي ويا. ديپالپور جي جن ماڻهن بغاوت ڪري مظفر ڪابليءَ ۽ سندس هزار ماڻهن کي قتل ڪيو، تن کي چونڊي چونڊي ماريو ويو، جن جو ڪل تعداد پنج سو هو. سندن زالن ۽ ٻارن کي ٻانهيون ۽ ٻانهان بڻايو ويو ۽ ڀٽنير جي قلعي کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو (٢٥٧). هن مامري کي نبيرڻ کان پوءِ تاريخ ٣ ربيع الاول تي، امير تيمور پنهنجي لشڪر سميت پيش قدمي ڪري چوڏهن ڪوهه لتاڙي پاڻيءَ جي هڪ تلاءَ وٽ پهتو. جنهن کي حوض ـ آب سڏيو ٿي ويو. هي پاڻيءَ جو هڪ وڏو تلاءُ هو. ٻئي ڏينهن هو اڳتي روانو ٿيو ۽ هڪ شهر فيروزه قلعي (هڪ نسخي ۾ فيروز ڪوهه آهي ، جنهن کي نقشن ۾ فيروز آباد ڏيکاريو ويو آهي. هن کي حصار فيروزه نه سمجهڻ گهرجي) وٽان لنگهي وڃي سرستي (٢٥٨) پهتو، جنهن کي هاڻي سيرسا ۽ نقشن ۾ سيرسوهه Sirsuh ڪري ڏيکاريو ويو آهي. اهو شهر گهگهر درياهه جي ڪناري تي آباد هو.هتان جي رهواسين کي جڏهن امير تيمور جي ويجهي پهچڻ جو پرو پيو ته ڪک پن ٿي ڪا ڏهون جو ڪاڏي هليا ويا. هو هڪ ڏينهن اتي ترسيو، ٻئي ڏينهن سندس ٻي منزل ارڙهن ڪوهه پري فتح آباد جو قلعو هو. (جنهن کي

نقشن ۾ فتح آباد ڏيکاريو ويو آهي). ٧ تاريخ تي رجب پور (٢٥٩)جي قلعي وٽان گذري وڃي اهروني جي قلعي وٽ پهتو. هن قلعي تي سندس ڌمر هو، ان کي ڦري لٽي ڊاهي ناس ڪري ڇڏيائين. ٨ تاريخ تي هو سفر ڪندو اچي هڪ شهر تهوانا Tihwana پهتو. ان علائقي ۾ سندس مقابلو جاٽن سان ٿي ويو، جيڪي گذريل ڪيتري عرصي کان وٺي مذڪوره علائقي جا حڪمران هئا. راهه ويندا مسافر ۽ قافلا سندن ارهه زوراين کان آجا ڪونه هئا. جيڪڏهن اهي اتفاق سان مسلمان هوندا هئا (٢٦٠) ته ڪين ڪٺي کان سواءِ ڪونه ڇڏيندا هئا. انهن مان ڪن جابلو علائقن ۾ وڃي پناهه ورتي. ڪي وڃي جهنگلن ۾ لڪا هئا. ڪمندن جون پوڪون سندن پناهه جون جايون هونديون هيون (٢٦١). فوج جا ٻه سو ماڻهو سندن سيڪت لاءِموڪليا ويا هئا، جيڪي ڪيترا ماڻهو قيد ڪري سندن چوپايو مال ڪاهي آيا. ساڳي مهيني جي نائين تاريخ تي غنيمت جو مال زالون، ٻار، امير سليمان جي نگرانيءَ ۾ سامانه موڪليا ويا ۽ پاڻ ٻه ساڳي ڏينهن تي پيش قدمي ڪري اچي ڪالا مونگ (Kalamung) وٽ ترسيو. جن جاٽن تهوانا جي اوسي پاسي وارن جهنگلن ۾ اچي پناهه ورتي هئي، تن کي ڳولي سيکت ڏيڻ جي ارادي سان امير تيمور اچي اتي قيام ڪيو هو. ساڳي ڏينهن تي ٻه هزار جاٽن کي قتل ڪيو ويو. ڪيترا ٻانها ۽ ٻانهيون بنايون ويون. بيشمار چوپايو مال هٿ ڪيو ويو. ڪجهه فوج شهر ۾ به داخل ٿي، جتي رڳو سيد ۽ عالم رهيل هئا. انهيءَ خدشي کان ته متان سندن لشڪر مان ڪو ڪين تنگ ڪري، ان ڪري امير تيمور ان شهر ۾ پنهنجو داروغو رهايو. تاريخ ١٠ تي امير سليمان شاهه جنهن جي نگرانيءَ ۾ عورتون ۽ ٻار ڇڏيا ويا هئا. جيڪو مونگ جي آس پاس علائقي ۾ ٽڪيو پيو هو، سو به حڪم موجب سامانه ڏانهن روانو ٿيو ۽ هڪ رات اتي ٽڪيو. ١١ تاريخ اتان روانو ٿي، گهگهر درياهه جي ڪناري تي اچي پهتو. امير تيمور، جيڪو جاٽن جي ڪڍ نڪتو هو، سو به هن درياهه جي ڪناري تي موجود شهر سامانه ۾ اچي امير سليمان سان مليو (٢٦٢). فوج کي آرام ڏيڻ خاطر هو ڪجهه ڏينهن اتي ترسيو ۽ ١٥ تاريخ جو پيش قدمي ڪري

گھاگھري درياهہ تي ڪوپيلا (يا ڪوپلا) جي ٿاڪ ويجهو ٺاهيل پل وٽ اچي منزل ڪيائين ۽ ان وقت گھاگھر درياهہ وهي رهيو هو. ان جاءِ تي، امير جيڪي ڪابل جي پرسان (٢٦٣) درين جي چراگاهن وٺان فتح جي ارادي سان موڪليا ويا هئا، (سندن نالا ڏنل ڪونہ آهن)، سي بہ گهربل علائقا فتح ڪري اچي، امير تيمور وٽ پهچي، باقي فوج سان مليا هئا. ١٦ تاريخ تي شاهي لشڪر وري روانو ٿيو. مذڪوره پل ٽپي ڪليل ميدان ۾ ويءَ ۽ ولهار ۾ فوجي وانڍ هنئي وئي. اها فوج جيڪا بياس جي ڪناري ڪان ديبالپور موڪلي وئي هئي، سا بہ اچي رسي هئي. تاريخ ١٧ تي سارو لشڪر روانو ٿيو، ۽ پنج ڪوهہ پنڌ هٽي سرستيءَ درياهہ تي بڪران Bakran نالي ٺهيل پل وٽ اچي وانڍ هنيائون. اتان ڪوچ ڪري ڪيٿل ۾ منزل ڪيائون، جيڪو سمانہ ڪان سترهن ڪوهن جي پنڌ تي هو. اهو پنج فرسخ ۽ ٻہ ميل پنڌ ٿيندو.“ هتي، دهليءَ تي حملي ڪرڻ جي ارادي سان لشڪر کي جنگي ترتيب هيٺ آندو ويو. هاڻي جيڪو ڪجهہ هن جنگي مهم جي مورخ يا خود امير تيمور ان علائقي (جنهن کي پنجاب چيو وڃي ٿو) جي درياهن متعلق لکيو آهي، سو بيانِ ڪري سندس قصي کي ختم ڪندس.

هي چوي ٿو تہ، ”جيڪو درياهہ نگر (سري نگر-جنهن کي هن سري نغر ڪري لکيو آهي) وچان لنگهي ٿو، تنهنجو نالو آب-ڊنڊ يا آب جماد آهي. اهو درياهہ ملتان مٿان چناب سان سنگم ڪري ٿو. ٻنهي درياهن جو گڏيل پاڻي ملتان جي پرسان گذري ٿو ۽ ساڻن ٻئي پاسي ڪان (٢٦٤) راوي اچي ملي ويندي آهي. ان ڪان پوءِ ساڻن بياس ملندي آهي. انهن سڀني جو پاڻي اچ جي پرسان آب سنڌ سان سنگم ڪندو آهي ۽ آب سنڌ ٺٽي پرسان عمان Umman يا سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي.

سروي رڪارڊ واسطي معلومات هٿ ڪرڻ مهل، هن علائقي جي ماڻهن وٽان امير تيمور متعلق هي روايتون مليون، تہ هو چناب درياهہ اڪريو هو. پر اهو درياهہ چناب بدران بهاٽ يا جهلم هو (٢٦٥). جهلم ۽ چناب ان ٿاڪ ڪان ٻہ ڪوهہ هيٺ نيڪو ڪاري وٽ سنگم ڪنديون هيون. ان ڳوٺ کي اڄ نالي ڪوڪاري

سان سڌيو پڻ ويندو آهي (٢٦٦). ان شهر جي پرسان " جسوڪي " جي ننڍڙي وستي هئي. پر ان جو هاڻي نالو نشان بہ موجود ڪونہ آهي. ان جي پرسان جسوڪيءَ نالي سان هڪ پتڻ هوندو هو، سو بہ ويران لڳو پيو آهي. ان مٿان نيڪوڪاري جو پيو شهر آباد آهي. منجهس نيڪوڪاري يا ڪوڪاري نالي پتڻ بہ آهي، ماڻهو اتان ڪان تلنبا يا شورڪوٽ ايندا ويندا آهن. جتان امير تيمور درياهہ پار ڪيو، سا جاءِ هتان ڪان گهٽو پري ڪانہ هئي، اها نيڪوڪاري ڪان ڏکڻ ۾ چار ڪوهہ ڪن مس ٿيندي.

اهڙيءَ ريت اسان کي پتو پوي ٿو، تہ جنهن زماني ۾ امير تيمور هندستان تي حملو ڪيو هو، تنهن زماني ۾ جهلم ۽ چناب يا شور يا شورڪوٽ ڪان گهٽو پري ڪونہ ملنديون هيون. هيءَ هڪ قديم شهر آهي ۽ لانگاهہ جاتن جو وسايل آهي. اڪبر بادشاهہ جي دور ۾ بہ هيءَ هڪ وڏو شهر هو. علائقي جو صدر مقام هو ۽ حڪومت جو داروغو اتي رهندو هو. قديم زماني ۾ بہ هيءَ هڪ اهم وڏو ۽ قلعبند شهر هو. پر هاڻي ڪنهن زماني ڪان وٺي ويران لڳو پيو آهي. جڏهن مان آخري ڀيرو ١٨٥٦ع ۾ هن شهر کي ڏٺو هو، تہ وڏو دڙو هو، جنهن تي هيءَ پراڻي آبادي اڏيل ڏسڻ ۾ ٿي آئي، جيڪا ڪنڊرن جي شڪل ۾ چوڌس پکڙي پئي هئي. چوڌاري قلعي جي پٿين جا اهڃاڻ نظر ٿي آيا، جيڪي پڪين سرن جون ٺهيل هيون. اهي ڪنڊر ايترو مٿي هئا، جو ڪيترن ميلن ڪان ڏسڻ ۾ ٿي آيا. مونکي پورو يقين آهي تہ اهو قلعو ٻن درياهن جي سنگم جي وچ تي موجود هو. خاص طور تي انهيءَ ڪري بہ تہ ويجهڙائيءَ ۾ ڪنهن ٻئي قديم قلعي جا پراڻا ڪنڊر ڪونہ آهن. جتي قديم زماني ۾ اهي ٻئي درياهہ پاڻ ۾ ملندا هئا. شور جي معنيٰ آهي وڏو آواز وغيره يعني پاڻي جو آواز شور. هيءَ فارسي يا تاجڪ لفظ آهي، جنهن کي هندي مفهوم ۾ پيش ڪرڻ لاءِ بيان ڪيو ويو آهي (٢٦٧).

چناب درياهہ جو پراڻو بلڪہ تمام اهم پيٽ گهٽو ڪري اڳين ڪان وڌيڪ پوئين دور سان واڳيل وهڪرو شور ڪوٽ ڪان ٽي ميل ڏکڻ ـ اوڀر ڏس تي اڄ بہ چڱيءَ ريت ڏسي سگهجي ٿو. زير بحث دور يا ان ڪان ڪجهہ پوءِ شور ڪوٽ

جو شهر چن ـ هاٿ دوآبي ۾ موجود هو (٣٦٨). امڙيون حقيقتون مغل حملن مان به معلوم ڪري سگهجن ٿيون، جن جو سلسلو ٨٣٤ هه (٣١ـ ١٤٣٠ع) تائين هليو. ان ڪان پوءِ معلوم ائين ٿئي ٿو ته چناب جو وهڪرو اولهه پرو سرڪندو ويو. اسان چناب ڪان اوپارئين ٿنهي درياهن جي وهڪري جو رخ به چناب جيان اولهه پرو سرڪندو محسوس ڪريون ٿا. امڙيءَ ريت شور ڪوٽ قري رچنا دوآبي ۾ اچي ويو ۽ اجا تائين ان دوآبي ۾ موجود آهي، جيڪو چناب ۽ بهاٽ يا جهلم جي گڏيل وهڪري جي ڪاٻي يا اوپارئين طرف ڇهه ميل ڪن پري آهي. امير تيمور جي حملي واري دور ۾ اهي درياهه (چناب ۽ جهلم)، راوي ۽ بياس ڪان ڪجهه وقت لاءِ جدا ٿي ملتان جي الهندي پاسي (٢٦٩) راوي ۽ بياس وري ملتان جي اوڀرندي پاسي ڪان وهندا هئا. درياهن متعلق وڌيڪ احوال امير تيمور جي اچڻ ڪان ٿورو اڳ ۾، چناب ۽ ستلج جي سخت ٻوڏن اتر پنجاب جي بري حالت بڻائي ڇڏي هئي. تنهن جو سربستو احوال اڳتي پڙهندا.

اچو ته هاٽي اوپرپاسي وارن درياهن جا احوال اوريون. اسان جو ويچار آهي ته امير تيمور سان گڏ لشڪر ۽ ٻيا ماڻهو اسي هزار هوندا. ممڪن آهي ته لک هجن. ان ڪان سواءِ گهوڙا ۽ لاڏو جانور به هوندا. تاريخ ۾ اهو احوال به موجود آهي ته ڏهه هزار گهوڙي سوارارن سان گڏجي " اجوڌن " ڪان " ڀٽنير" ويو هو. باقي وڏو لشڪر رسد جو سامان "مونگ آلا" ڏانهن وڃڻ لاءِ ديپالپور ڪان ٽپيو هو ۽ سمانه جيَ پرسان گهگهر درياهه جي ڪناري تي وري پاڻ ۾ مليو هو. هنن امڙيءَ ريت سفر ڪرڻ سان سيني درياهن جي وهڪرن کي پار ڪيو هوندو. پر هاڪڙي جي هڪ پرتي ڪندڙ شاخ به اڪريا هوندا، جنهن ۾ ستلج جي ڇاڙهن جا پراڻا پيٽ به شامل هوندا. انهن ۾ پاڻي هو يا نه، تنهن جو پتو ڪونه ٿو پوي. اچرج جهڙي ڳالهه اها آهي، جو ستلج ۾ پاڻي هيو يا نيِ پر امير تيمور جو لشڪر اتان اڪري ويو. ٻي اهم ڳالهه اسان کي هيءَ به ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ته اجوڌن ۽ خالص هوٽلا جي وچ تي بياس درياهه ۽ سمانه شهر جي وچ تي فقط گهگهر درياهه جو ذڪر اچي ٿو. خالص ڪوٽلا ۽ ڀٽنير جي قلعي جي وچ تي هڪ وڏي رڻ پٽ جو ذڪر

ڪيو ويجي ٿو. پر ٻين برپٽن جو هلڪو اشارو به ڪونہ ٿو ملي، نہ وري اسان کي ڪاٿي پاڻيءَ جي اٿاٽ جي ڪا پاپور بہ پڌڻ ۾ اچي ٿي. ايڏي وڏي لشڪر ۽ سندن وهٽن ۽ لاڏو جانورن کي پاڻيءَ جي وڏي ضرورت هوندي. مان امير تيمور جي فوجن جو تخمينو تمام گهٽ لڳايو آهي. مون کي پورو يقين آهي، تہ سندس لشڪر منهنجي ڏنل انگ کان گهڻو وڌيڪ هوندو. ڇاڪاڻ تہ هندستان تي حملي ۽ دهليءَ جي فتح واسطي هي ٿورو لشڪر وٺي ڪونہ آيو هوندو. موجوده زماني ۾ يا ڪٿي هڪ صدي اڳ، جيڪڏهن ناممڪن نہ تہ ايڏي وڏي لشڪر کي ٻن پاڳن ۾ ورهائي ساڳئي رستي تان (٢٧١) سفر ڪرائڻ خطرناڪ ضرور هوندو. مورخ طرفان اهو ذڪر ڪونہ ملي ٿو، تہ لشڪر ڪيترا درياهہ اڪريا يا درياهن ۾ پاڻي هو يا سڪي ويا هئا. سندن اهڙي ماٺ منجهائي رکيو آهي. پر اسان ڏسون ٿا تہ پاڻيءَ جي اٿاٽ جو هلڪو اهڃاڻ بہ تاريخ ۾ ڪونہ ڏنل آهي. منزل بہ هڪ عام جاءِ تي ڪئي تي وئي ۽ چونڊ ڪرڻ جو بہ ذڪر موجود ڪونہ آهي. ان ڪري انومان اهو نڪري ٿو تہ ڪن ندين ۾ پاڻي ضرور موجود هيو، جن ۾ هاڪڙي کي بہ شامل سمجهڻ گهرجي، پر ايترو گهرو ڪونہ هو، جو اڪرڻ وقت ان جو ذڪر ڪجي.

هاڻي اسان آب سنڌ يا ٻين درياهن، دوآبن، پنجاب صوبي يا ان کان اوپر وارن علائقن متعلق آئين اڪبريءَ جو مطالعو ڪنداسون. ان کان هڪ صدي ڪن پوءِ انهن علائقن جي ڪيل سروي جي اطلاعن مطابق چند ڇاڻ ڪئي ويندي، جنهن لاءِ آءٌ اڳ ۾ ئي اشارو ڏئي آيو آهيان. هي چوي ٿو تہ " لاهور جو صوبو ستلج کان (گهاري يا هرياري کان نہ، ستلج ۽ بياس جي سنگم واريءَ جاءِ کان گهڻو مٿي) شروع ٿئي ٿو ۽ آب سنڌ تائين پورو ٿئي ٿو. سندس ڊيگهہ هڪ سو اسي ڪوهہ ٿيندي. ٻئي پاسي کان ڀنير کان "ست گهر" جي صدر مقام چوکنڊي تائين . اهڙيءَ ريت سندس موڪر فقط ڇهاسي ڪوهہ کن ٿيندي. منجهائس ڇهہ درياهہ وهندا آهن، جيڪي ڪوهہ شمالي مان نڪرن ٿا. ١.ستلج جو پراڻو شتلد آهي (ڇپيل نسخي ۾ شتدر آهي ڏسو ص ٢٥٩ءِحاشيو ٢٠٥). ڪهلور جي

جهرڻي وٽان شروع ٿئي ٿي. لڌيانہ، روپڙ، ماڇي ۽ وارهہ جا شهر سندس ڪنڌيءَ سان آباد آهن. گجريا لوهہ (٢٧٣) جي پتڻ وٽ بياس سان ملندي آهي. ٢. بياس، جنهنجو پراڻو نالو بپاشا آهي. اهو درياه ڪوهہ ـ گلو Koh-i-Galu جي پرسان بياهہ ڪنڊ ڪان شروع ٿئي ٿو. سلطان پور جو شهر هن وڏي درياهہ جي ڪنڌيءَ سان آهي. هاڻي اهو شهر هن درياهہ کان ست ميل اولهہ ۽ لوهہ ٽاڪ کان ٽي ميل اتر طرف واقع آهي. ٣. راوي، هن درياهہ جو پراڻوُ نالو ايراوتي Irawati آهي. هيءُ درياهہ ڪوهہ پدرال مان نڪري ٿو. دارالملڪ لاهور سندس ڪنڌيءَ سان آباد آهي. ۴. چناب، هن درياهہ جو پراڻو نالو چندر ڀاڳا آهي. ڪوهہ ڪتوار (ڪٽي ان کي ڪرستوار بہ سڏيو ويو آهي) مان ٻہ نديون نڪرن ٿيون. هڪ نديءَ جو نالو چندر ۽ ٻي ڀاڳا آهي. ٻئي نديون ڪتوار جبل وٽ گڏجن ٿيون ۽ ٻنهي جي گڏيل پاڻيءَ کي چندر ڀاڳا سڏيو ويندو هو. چندر ـ ڀاڳا جي ڪنڌيءَ سان ٻهلول پور، سڌاره يا هزاره جا شهر وسندڙ آهن (٢٧۴). ۵. بياس يا ٻهٽ ـ هن درياهہ جو پراڻو نالو بدستا آهي. هيءُ درياهہ ڪشمير جي وير پرڳڻي ۾ موجود هڪ ننڍڙي ڍنڍ مان نڪري ٿو ۽ ڪشمير جي سرينگر مان وهندو رهي ٿو. سندس ڪنڌيءَ سان ڀيراهہ Bhirah (٢٧۵) جو شهر آباد آهي. ٦. سندو ـ هن درياهہ لاءِ چيو ويندو آهي تہ ڪشمير ۽ ڪاشغر جي وچان ڪاٽان شروع ٿيندو آهي. ڪي چون ٿا تہ خطي مان وهڻ شروع ڪندو آهي. هيءُ درياهہ سواد (يا سوات) اٽڪ بانارس ۽ چوپاڙا مان گذرندي، بلوچستان ڏانهن لڙندو آهي (٢٧٦).

”بادشاهہ، ستلج ۽ بياس واري علائقي کي بستي جلندر جو نالو ڏنو. بياس ۽ راوي جي وچ واري علائقي کي باري دوآبي جي نالي سان سڏيو ويو. (پر هرياري، نرني يا گهاري ۽ راويءَ درياهن کي ڪي دو آبا ڪونہ آهن، اهو اڳتي هلي ظاهر ڪيو ويندو، چاڪاڻ تہ اهو علائقو اڄ بہ اهم آهي. چو جو اڄ ان کي سڪل بياس کان وني راويءَ تائين پکڙيل سمجهيو وڃي ٿو) راوي ۽ چناب جي وچ واري علائقي کي رچنا دوآبو ڪوٺيو ويو. چناب ۽ ٻهاٽ جي وچ واري خطي کي چن هاٽ سڏيو ويو (٢٧٧). سندو ۽ ٻهاٽ جي وچ واري ايراضيءَ کي سند ساگر

نالو ڏنو ويو (٢٧٨). ستلج کان بياس تائين پنجاهہ ڪوهہ، بياس کان راوي سترهن، راويءَ کان چناب ٽيهہ، چناب کان بهاٽ ويهہ، ۽ بهاٽ کان سنڌ اٺهٺ ڪوهن جو مفاصلو آهي. "

مصنف چوي ٿو تہ،" ملتان جو صوبو ٽن سميت (جنهن ۾ سنڌ جو وچولو ۽ لاڙ وارو حصو شامل آهي.منجهس ڇهہ سرڪاريون آهن.) فيروزپور کان سوستان تائين پکڙيل آهي. (اهي سندس حدون سمجهڻ گهرجن) انهن جي وچ ۾ ڪل مفاصلو چار سو ٽي ڪوهہ ٿيندو. اوپر پاسي کان سهرند، ڏکڻ طرف اجمير جو صوبو اٿس (٢٧٩). ڪيچ مڪران اولهہ ۾ آهي (٢٨٠).

بهاٽ (جهلم) چناب سان شور (ڪوٽ) واري علائقي ۾ سنگم ڪندي آهي (٢٨١).ٻنهي درياهن جو گڏيل پاڻي ستاويهہ ميل اڳتي وڃي ظفر پور وٽ راويءَ سان ملي ٿو. سندن گڏيل پاڻيءَجو وهڪرو سٺ ڪوهہ هيٺ هلي، اُچ جي پرسان سنڌوءَ سان ملي وڃي ٿو. اتڪل ٻارهن ڪوهہ مٿان ويندي فيروز پورجي شهر پرسان بياس ۽ ستلج پاڻ ۾ مليل رهنديون آهن. اتي ٻنهي جا نالا گم ٿي ويندا آهن ۽ گڏيل پاڻيءَ کي هرياري (٢٨٣)ڍنڊ يا نورني (٢٨٤) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ملتان جي پرسان هي درياهہ ٻين چئن درياهن سان ملي ٿو. ۽ پوءِ اهي سڀ گڏجي وهندا آهن (٢٨٥). جيڪو بہ درياهہ سنڌو درياهہ ۾ ملندو آهي، سو پنهنجو نالو وڃائي، سنڌو سڏيو ويندو آهي.

ڏنو ويندو تہ ابوالفضل اهو بيان ڪيو آهي، تہ بياس ۽ ستلج جي گڏيل پاڻي کي مٿي ذڪر ڪيل نالن سان سڏيو ويندو هو. اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ اهي گڏيل حيثيت ۾ فقط ٻارهن ميلن تائين وهندا هئا. سندس بيان ۾ اهڙوڪو لفظ بہ استعمال ٿيل ڪونہ آهي، جنهن مان ٽن يا گهٽ ۾گهٽ چئن درياهن جو مطلب ڪڍي سگهجي. اهو بہ معلوم ٿيندو تہ هن واري واري سان هر درياهہ جي ملڻ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان ماڳ جو بہ بيان ڪيو آهي، جتي درياهہ پاڻ ۾مليا آهن. پر هن هرهاري، نورني يا ڍنڍجي سنگم واري جاءِ جو نالو ڪونہ ڏنو آهي (٢٨٦). اچرج جهڙي ڳالهہ آهي، جو هن ٻنهي درياهن جي سنگم واري جاءِ جو

نالو وساري ڇڏيو آهي. ملتان هتان اچ ڪان نڪ سامهون ايڪهتر ميلن ڪان ڪجهه مٿيرو آهي. ٺٽي وٽ هيءُ سنڌوءَ جي نالي متعلق چوي ٿو تہ " سنڌوءَ کي مهراڻ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي (٢٨٧). ڇهن ئي درياهن جو پاڻي گڏجي هڪ ئي نالي سان بکر جي قلعي جي پٺين سان گهندي ڏئي گذرندو آهي. پاڻيءَ جو هڪ حصو اتر ڪان ۽ ٻيو حصو ڏکڻ ڪان لنگهندو آهي. هيءُ درياهہ هر سال ٻوڏون ڪري، وڏو نقصان ڪندو آهي. ان ڪري سندس ٻوڏن جي حد تائين گهر ڪچا جوڙيا ويندا آهن (٢٨٨).

هڪ صدي کن اڳ سروي رڪارڊ مڪمل ڪيو ويو هو. ابوالفضل جيڪي مختلف درياهن جا احوال ڏنا، ٠نن متعلق بہ ان ۾ ڪجهہ حوالا ملن ٿا. موجوده موضوع جي نقطہ ٔ نگاهہ ڪان ڪا گهٽي اهم حيثيت ڪانہ ٿا رکن. ڇاڪاڻ تہ هن يا ٻين درياهن جابلو علائقن مان پنهنجو رخ گهٽو ڪري تبديل ڪونہ ڪيو آهي. جڏهن درياهہ جابلو علائقن مان نڪري ميدانن جي هموار مٿاڇري تي پهچن ٿا، تہ پوءِ منهنجي موضوع جي شروعات ٿئي ٿي.

سنڌو - نهر سند - آب سند يا انڊس

مونکي هن مقالي ۾ سنڌوءَ، آب سند يا انڊس جي مٿئين حصي متعلق سروي رڪارڊ جي مصنف جي حوالي ڏيڻ جي ضرورت ڪانہ آهي. مان هن درياهہ جو ذڪر، اٽڪ بنارس (٢٨٩) کان مٿان ۽ ڪابل درياهہ سان سنگم ڪان وٺي هيٺ ڪرڻ چاهيان ٿو. ٔ

هي لکي ٿو، " هن ماڳ ڪان هڪ ڪوهہ کن مٿي، ڪابل درياهہ سنڌ سان ملندو آهي. ڪابل درياهہ کي لنڊاءِ سند يا ننڍي سند، يا افغانستان ڪان ايندڙ درياهہ چوندا آهن. سنڌ جي پاڻي ۾ هتي اڇا ذرڙا نظر ايندا آهن، تنهن ڪري پاڻي ڪير جهڙو اڇو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ ڪابل درياهہ صاف ۽ شفاف آهي، جيڪو نيرو ڏسبو آهي. ان ڪري هتان جا تاجڪي نسل جا ماڻهو ان کي نيل آب يا نيلو دياهہ سڏيندا آهن. سنڌوءَ کي مختلف جاين تي اٽڪ يا نيل

آب جي نالي سان بہ سڏيو ويندو آهي. اچ جي پرسان (٢٩٠) پنج آب يا پنج ند يا پنجن ندين سان ملندو آهي. ۽ اڳتي هلي لاهري بندر وٽان سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو آهي. "سنڌو، آب سنڌ، جنهن کي اسان يورپ وارا انڊس چوندا آهيون، تنهن پراچين دور کان وٺي پنهنجا ڪيئي وهڪرا بدلايا آهن. پاڻيءَ جي مقدار کي نظر ۾ رکجي تہ اهي ڦيرا ڪي گهٽا بہ ڪونہ آهن. پر ٻيا درياهہ، جيڪي هن کان ننڍا بہ آهن، تن پنهنجا وهڪرا وڏيڪ مٽيا آهن.

سنڌس قديم وهڪرن جا نشان اسان کي جاتي ڪاتي ڏسڻ ۾ ايندا. پر ملتان اولاهين پاسي، يا ملتان کان وٺي سنڌوءَ جي موجوده وهڪري جي وچ تي، ملتان جي ڏکڻ طرف يا اچ ۽ ملتان جي وچ تي سڄو علائقو سنڌوءَ جي پراڻن پيٽن سان ڀريو پيو آهي. پنجاب صوبي جي ضلعي مظفر ڳڙهہ جو ڏاکڻو ڀاڱو، جيڪو ٿل جو حصو ۽ ڊڀن سان ڀريل رڻ پٽ آهي (٢٩١)، سو بہ سنڌ ساگر دوآبي جو ڏاکڻيون پاسو آهي، جيڪو مظفر ڳڙهہ شهر کان اتر-اولهہ طرف ٣٠ ڊگريون ۽ ١٠ فوٽ اتر ويڪرائي ڦاڪ تي ختم ٿئي ٿو. اهو هيٺاهون علائقو لٽ ۽ واري جي ڍهن سان ڀريو پيو آهي. جيڪو سنڌوءَ ۽ چناب جي ڪنڌين سان پور ويچوٽ تي هلندو وڃي ٿو. هيءُ علائقو بہ درياهہ جي پراڻن پيٽن جي گهارن سان چٽيو پيو آهي. هن ۾ ڪوبہ شڪ شبهو ڪونہ آهي، تہ هي سڄو علائقو مختلف دورن ۾ درياهہ جو پيٽ پئي رهيو آهي.

هن ٿل جي متعلق فقط ايترو چوڻ ضرور ٿيندو، تہ مٿئين بيان ڪيل علائقي جيان هيءُ ٽڪنڊو آهي. سنڌس تر وارو پاسو اتريون آهي، جنهنجو منڍو پنجٽيهہ ميل ڪن ٿيندو، پاسا پنجاهہ ميل ڪن ٿيندس. اولهہ طرف کان ڪجهہ وڏيڪ اتاهون آهي. يعني سنڌوءَ کان چناب ڏانهن لهنوارو ڏسڻ ۾ ايندو. ٿل جو اولاهون پاسو ڊاٻاڇو معلوم ٿيندو ۽ چوڏس واريءَ جون ڊڀون ڏسڻ ۾ ايندين. جيئن جيئن اوڀر ڏانهن اچبو تہ ڊڀون بہ وڏيڪ نظر ايندين. سندن اوچائي بہ ڪجهہ زياده ڏسڻ ۾ ايندي. انهن ڀٽن جي ڊگهائي ڏکڻ ۽ اتر ڏسبي. ڀٽن جي وچ تي ڏهر چيڪيءَ مٽيءَ وارا ڏسڻ ۾ ايندا. ماڻهو اتي پوک ڪندا آهن ۽ فصل ڏاڍا ڀلا

لهندا آهن. اهڙي ورن وارو علائقو چناب جي ميدان تائين هلي ختم ٿي ويجي ٿو. اهو ائين سمجهڻ نه گهرجي ته چناب جي پيٽ جو ترو متي آهي، ان ڪري ان طرف واريون پٽون به اوچائيءَ ۾ مٿيريون آهن. پر اها ڳالهه حقيقت جي ابتڙ آهي. سنڌوءَ کان چناب وارو پاسو هميشه هيٺ رهيو آهي. شاهراهه سلطان کان تورو متي (٢٩٢)، ضلعي جو ڏاکڻون حصو ايترو ته هيٺاهون آهي، جو ٻوڏ جي موسم ۾ سنڌوءَ چناب جو پاڻي ڌوڪي وڃي ان ايراضيءَ جي وچ ۾ بيهندو آهي. ٻنهي درياهن جي وهڪرن جي تري جي فرق جو پتو پهريائين مسٽر وڊ کي پيو هو، جنهن" رپورٽ آن انڊس " ۾ لکيو آهي ته (٢٩٣)"چناب جو ترو، سنڌوءَ جي تري کان وڏيڪ اونهون آهي. جڏهن ٻئي درياهه جولاءِ ۾ چاڙهه ۾ هوندا آهن، ته ماٿهو سنڌوءَ مان واهه کوٽيندا آهن ۽ واڌو پاڻي چناب ۾ نڪري ويندو آهي. جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو، ته سٺ ميلن تائين ٻنهي جا پيٽ جدا جدا ڏهه ڏهه ميل هوندا آهن (هاڻي سوڙهين جاين وٽ سنڌن پيٽ چوڏهن ميل آهن)، تنهن هوندي به ٻنهي ترن جي اونهائي ۾ گهڻو فرق هوندو آهي.

سروي، جنهنجا آءُ حوالا ڏئي رهيو آهيان، سا گذريل صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪئي وئي هئي. ان جي نقطهء نظر کان سنڌو جو وهڪرو ڪجهه اولهه پرو سرڪي ويو آهي ۽ ان جي بدران زمين جو لاهه وري اوپر طرف آهي. موجوده دور ۾ تل ۽ ان درياهه جي وچ تي ڪچي جي زمين جو ڏهه ميل موڪرو پٽو آهي، جنهنجو پنجاهه سال اڳ وجود ئي ڪونه هو.

علي پور جي قديم شهر کان چار ميل ڏکڻ طرف جاتي ٻئي درياهه ملندا آهن (٢٩٤)، ان کان به اجا ٽيهارو ميل ڏکڻ تي سڄو علائقو سنڌ درياهه ٻوڙي ڇڏيندو آهي. ٻئي درياهه جڏهن چڙهڻ شروع ڪندا آهن، ته هڪ ٻئي ڏانهن وڌڻ به شروع ڪندا آهن. آخرڪار سنڌو اڳرائي ڪري (٢٩٥) جتوئي واري علائقي ۾ اڳينءَ صدي واري ڇڏيل پراڻي پيٽ ۾ وهڻ شروع ڪندو آهي. سوا چار ميل اڳتي سرڪي چناب سان وڃي " پڪا نائچ ڳوٺ "وٽ ملندو آهي. جون کان وٺي سيپٽمبر تائين اهي حالتون هونديون آهن. هن موسم ۾ ضلعي جو ڏاکڻو ۽ اوسو

پاسو پاڻيءَ هيٺ هوندو آهي. سڄي اچ وڃ ٻيڙين وسيلي هوندي آهي. اتان جا رهاڪو تنهن زماني ۾ به وڃي ٻوڙن تي ٺوٺيون ڪُوڙي مچان (مڏن منجهن) تي گذاريندا آهن. هي لفظ هندي يا سنسڪرت جو آهي ۽ اها حالت هفتن تائين هلندي آهي.

هن موسم ۾ موجوده دور جو "خيرپور" شهر جيڪو "پڪا نائچ ڳوٺ" کان پنج ميل ڪن اولهه طرف، ۽ پنهي درياهن جي سياري وارن وهڪرن جي وچ تي آهي، تنهن کي چوڌاري سگهارو بند ڏئي بچايو ويندو آهي، جيڪو ٻوڏ جي رت ۾ هڪ ٻيٽ بڻجي ويندو آهي. وڏيون ٻيڙيون به اتي اچي بيهنديون آهن. اهو هنڌ اناج جي منڊيءَ جي حيثيت اختيار ڪري ويندو آهي ۽ اتان جو مال سنڌ ڏانهن پيو ايندو ويندو آهي. جيڪڏهن اتفاق سان ڪٿان بند ڀڄي پيو ته سارو علائقو پاڻي هيٺان اچي ويندو آهي (٢٩٦).

هن ۾ ڪوبه شڪ شبهو ڪونه آهي، ته سنڌو ڪنهن زماني ۾ مظفر ڳڙهه ضلعيٰ جي بلڪل وچان وهندو هو. سندس وهڪري جو طرف سر اتر کان ڏکڻ هو، پر ٿورو اوڀر ـ ڏکڻ، ملتان ۽ اچ ڏانهن رخ هوس ۽ تاريخ به ان حقيقت جي پٺڀرائي ڪئي آهي. اهڙيون حقيقتون آءٌ اوهان جي آڏو پيش ڪندس. هتان جا ماڻهو هڪ اها به روايت ڪندا آهن، ته سنڌو ڪڏهن وچ ٿل مان به وهندو هو، پر ملتان واري پاسي کي ڪجهه ويجهڙو هو (٢٩٧). هن کان پوءِ پنهنجو وهڪرو بدلائڻ شروع ڪيائين ۽ ڪجهه اولهه پرو سرڪي ويو. سندس پراڻي پيٽ ۾ چڏيل واري واءَ تي هلي هلي پٽن ۽ ڊبن جي صورت اختيار ڪري وئي. جهڙي ريت اسان اچ ڏسون ٿا.هتان جي ماڻهن جي هن روايت جي سچائيءَ کي عرب مصنفن جي لکتن ڪوڙو ثابت ڪري ڇڏيو آهي. ته هن ٿل واري وچين ڀاڱي ۾ ۽ ڪجهه اوڀر پرو ڪيترائي ڳوٺ موجود آهن ۽ اتان جا ڳوٺاڻا، "ڪچ"، ٻيلو ۽ ٻيٽ جا لفظ پنهنجن نالن ۾ ڪتب آڻيندڙ آهن ۽ اهو علائقو به سنڌوءَ جي پراڻن پيٽن سان چٽيو پيو آهي. مثال طور آءٌ مظفر ڳڙهه کان اولهه طرف باسيرا Basirah نالي هڪ ڳوٺ جو ذڪر ڪندس ۽ اهو ڳوٺ هن ٿل جي وچ تي

موجود آهي، پڻ سندوءَ ۽ چناب جي بہ وچ تي آهي. هتان کان هر هڪ درياھ ٽيرهن ميل پري ٿيندو. اڳين ءَ صديءَ ۾ (٢٩٨) اهو ڳوٺ سندو جي ڪنڌيءَ سان هيو. ان دور جي وڪري جي ڪاغذن ۾ هن ڳوٺ کي پيٽ باسيرا ڪري لکيو ويو آهي. روينيو سيٽلمينٽ جو رڪارڊ اجا بہ وڌيڪ حقيقتون ۽ ثابتيون پيش ڪري سگهي ٿو. اهڙيءَ ريت وري شاھ ڳڙھ جو بہ ڳوٺ آهي، جيڪو هن ڳوٺ کان ساڍا ڇھ ميل ڪن ڏکڻ طرف ٿيندو ۽ ڏکڻ ڏس کان تل جي ايراضي هن ڳوٺ وٽ ختم ٿي ويندي آهي. هن ڳوٺ جي ويجهڙائيءَ ۾ هڪ وڏو ڪول آب يا ڍنڍ آهي. اها ڍنڍ درياھ جي پراڻي پيٽ جو حصو آهي ۽ ڪنهن زماني ۾ درياھ اتان وهندو هو.

سندو اڳئين دور ۾ پنجاب جي درياهن سان اچ جي سامهون سنگم ڪندو هو. پر هاڻي چاليھ ميل مٿي مٺي-دا-ڪوٽ، وٽ سندن سنگم ٿيندو آهي. مظفرڳڙھ ضلعي جو علي پور سب ڊويزن ڪڏهن سندوءَ جي اولاهين ڪنڌي تي هو ۽ هاڻي ايرندي ڪناري آهي. بهاول پور حدن جا شهر، جتوئي، سيتپور(٢٩٩) ۽ غوث پور سيئي درياھ جي اولاهينءَ پر تي واقع هئا. چناب ۽ ان جون پرتي ڪندڙ شاخون جهلم ۽ راوي ڪجھ ميل اوير طرف وهنديون هيون. ان دور ۾ سندن سنگم ساهڙ سلطان (٣٠٠) کان بہ ٽي ميل اوير طرف هوندو هو. سندوءَ، گذريل صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾، اچ کان ٿورو مٿان، هڪ نئي وقت ويھ ميل پنهنجي وهڪري جو پيٽ مٽائي وئي ۽ ڏکڻ-اولھ طرف مٺي-دا-ڪوٽ ڏانهن منهن رکيائين. اهڙي ريت علي پور، جتوئي، سيت پور سنڌ ساگر دوآبي ۾ اچي ويا، جهڙيءَ ريت اڳي اچ هوندو هو (٣٠١). جنون Janun واھ — (نقشي ۾ جنهنکي ڇمون واھ ڏيکاريو ويو آهي)سندس پراڻي پيٽ ۾ وهندو آهي ۽ مڪڻ ٻيلي کان هيٺ پنجاب يا پنج ند سان وڃي ملندو آهي.

هن علائقي ۾ پراڻيون ڍنڍون يا سندوءَ جا پراڻا پيٽ تمام گهڻا نظر ايندا، جن کي شاھ ڳڙھ جي ڍنڍ ڇٻو آهي، جيڪا قريشي پتڻ کان ويجهي آهي. تل جي پتن مان هيءَ پراڻو پيٽ ڏاڍو ورن وڪڙن وارو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جيڪو

مظفر ڳڙهہ ڪان اتر-اولهہ ڏس تي شاهہ ڳڙهہ جي قلعي وٽ ختم ٿي وڃي ٿو. "پنجيھر" نالي سان هڪ ٻي بہ ڍنڍ آهي، جيڪا ڪينجھر ڪان ٿورو اولهہ ۾"روهيلان -والي" ڳوٺ جي ڀرسان آهي. اتان ڪان خان ڳڙهہ ٻارهن ميل ڏکڻ طرف ٿيندو. هيءَ علائقو ڏاڍو هيٺاهون آهي ۽ هر وهڪري جو پاڻي هتي اچي پيڙي ڪندو آهي. چوڏس پراڻن پيٽن ڪان سواءِ ڪجهہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو ۽ چوڌاري ڍنڍن جو ميا چار وڇايو پيو آهي.

جن حقيقتن جو اڳ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، تن ڪان غير واقف هندي آثار قديمہ جا ماهر سنڌوءَ ۽ چناب جي سنگم وٽ، سڪندر اعظم جيڪو شهر، سڪندريا جي نالي تعمير ڪرايو هو، تنهن کي پورن ٽيويهن سون سالن ڪان پوءِ ڳولي لهڻ جي ڪوشش پيا ڪن، جڏهن تہ ٻنهي درياهن جي وهڪرن ۾ وڏيون تبديليون اچي چڪيون آهن. (٣٠٢)

جهڙيءَ ريت اسان اچ جي اتر ۽ اولهہ واري علائقي يا ان ۾" مٺي دا ڪوٽ " جنهن کي هاڻي مٺڻ ڪوٽ سڏيو وڃي ٿو، جي وچ تي موجود درياهي وهڪرن جو ذڪر ڪري آيا آهيون، اهڙي ريت انهن ڪان هيٺئين پاسي بہ درياهي وهڪرن جا پراڻا پيٽ موجود آهن. اهي ڪي فقط آب-سنڌ يا سنڌوءَ جا ڪونہ آهن، هن ۾ ڪوبہ شڪ شبهو ڪونہ آهي، تہ سنڌ جو مهراڻ ۽ سندس ڀرتي هندڙ شاخون، سنڌ جي ميداني علائقي اچ ۽ اروڙ جي وچ تي يا ڪجهہ ڏکڻ طرف يا انهيءَ ڪان بہ ٿورو اولهہ ڀرو، ٽڪرين جي ترائين مان، مختلف دورن ۾ٻئي وهنديون رهيون آهن، جن جي وهڪرن ڏانهن ڪنهنجو ويچار ئي ڪونہ ويو آهي (٣٠٣).

مون کي تہ سمجهہ ۾ ايئن اچي ٿو تہ جيڪو ڪجهہ قديم "عرب مورخن " سنڌ جي مهراڻ درياهہ جي ڀرتي ڪندڙ شاخن " متعلق چيو آهي، ان ڏانهن نہ ڌيان ڏنو ويو آهي ۽ نہ ئي وري ان ڳالهہ کي ڪنهن سمجهيو آهي.

اسان المسعودي جو مثال ونون، جيڪو صفحہ ٢٠٦ تي چوي ٿو تہ " اها ڪوهستان يا سنڌ جي جابلو علائقي مان اچي ٿي." وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ"ان علائقي مان وهندڙ سنڌوءَ جي ڀرتي ڪندڙ ٻين شاخن سان ملي وڃي ٿي (هن جو

مطلب آهي ته اهو علائقو جيڪو ڪوهستان سان ڳنڍيل ۽ ان جي اولهه ۽ اتر پاسي کان آهي) ۽ پوءِ اها ملتان ڏانهن وهندي وڃي ٿي." هن مان اهو صاف ظاهر آهي ته پاڻيءَ جو هي وهڪرو پنج ند يا پنج آب وارن درياهن مان ڪونه آهي. ڇاڪاڻ ته مهراڻ رود يا آب سنڌ (٣٠٤)، جنهن جو هيءُ ذڪر ڪري ٿو، سو پنج آب يا پنج ندِ واري گڏيل وهڪري سان ملتان کان ٧١ ميل هيٺ ڏکڻ طرف ملي ٿو، جيڪو تن ڏينهن جي سفر تي آهي ۽ ملتان جي بلڪل نڪ سامهون آهي. (اهو سنگم اچ جي پرسان هو. پر اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته انهن قديم مورخن مان ڪنهن به اچ جو نالو ورتي، ذڪر نه ڪيو آهي) مطلب اهو نڪري ٿو، ته مهراڻ جون اهي پرتي ڪندڙ شاخون، پنج ندِ وارن درياهن کان پيون هيون، جيڪي مهراڻ رود يا آب سنڌ سان ملتان جي اتر طرفان بلڪه ملتان کان مٿان سنگم ڪنديون هيون (٣٠٥) ان بيان جي المسعودي صفحه ٢٠٧ تي وڏيڪ پٺڀرائي ڪئي آهي. هو چوي ٿو " پنجن مان چوٿون درياهه بست، غزني، دزعون، معتبرا (؟)، ارخاج Ar-Rukhaj ۽ داور ملڪ مان وهندو اچي سنڌ جي سرحدن ۾ داخل ٿئي ٿو، جيڪو پوءِ مهراڻ رود سان ملي وڃي ٿو (٣٠٦). انهن پنجن مان هڪ درياهه (پرتي ڪندڙ شاخ) ڪشمير مان اچي ٿو." اسان سمجهون ٿا ته اهو بيان ظاهر ظهور بهاٽ يا جهلم متعلق آهي، جيڪا ڪشمير منجهان اچي ٿي. پر ڌيان ۾ رکڻ جوڳي اها ڳالهه آهي، ته المسعودي ان درياهه جو حوالو ڏئي ٿو. جيڪو مهراڻ رود يا آب سنڌ سان پنج ند واري سنگم کان اڳ ۾ ميلاپ ڪري ٿو ۽ جهلم يا بهاٽ پنج آب يا پنج ند وارن درياهن مان هڪ آهي.اصطخري به صفحه ٢١١ تي چوي ٿو ته،" سنڌو درياهه جنهن کي سنڌ جو مهراڻ درياهه به چوندا آهن، سو ان جابلو سلسلي مان وهندو آهي، جتان جيحون درياهه شروع ٿئي ٿو. " پراڻن جاگرافيدانن کي آب سنڌ ۽ ڪابل درياهه جي سنگم کان اُتر طرف، سنڌوءَ جي ٻين پرتي ڪندڙ شاخن جو علم ڪونه هو. موجوده دور ۾ ، جن علائقن مان اهي پرتي ڪندڙ شاخون گذرن ٿيون، تن جو پورو پتو ته اسان کي به ڪونه آهي. اصطخري هڪدم پوءِ، "وڏي درياهه سنڌ رود" جو ذڪر ڪري ٿو،

جيڪو مهراڻ رود يا آب سنڌ کان پيو درياهہ آهي. هيءَ چوي ٿو تہ "ملتان کان (هيٺ وهندڙ درياهہ) ٽن منزلن يا ٽن ڏينهن جي سفر تي آهي." وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ " سنڌ رود جو پاڻي (المسالڪ والممالڪ ان کي رود سنڌوهند ڪري لکيو آهي) مهراڻ سان ملڻ کان اڳ ۾ ٺي مٺو آهي."

ابن حوقل بہ صفحہ ٢١٦ تي سنڌ رود ۽ جند يا چند رود سان مهراڻ رود جي ملڻ جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان پوءِ هن ٢١٨ صفحي تي بہ انجو جدا حوالو ڏنو آهي، جنهن ۾ چوي ٿو تہ ملتانن کان ڏکڻ طرف ٽن ڏينهن جي سفر تي سنڌرود "مهراڻ رود" سان ملندو آهي.ملتان جي ڏکڻ ۾ هيٺ، جيڪي پرتي ڪندڙ شاخون مهراڻ رود يا آب سنڌ سان ملن ٿيون، ٽن متعلق اهم معلومات کي ڌيان ۾ رکندي، اسانکي اهو پتو پوي ٿو، تہ ناصرالدين قباچہ جي دور ۾ جڏهن هو سنڌ ۽ ملتان جو حڪمران هو، يا ان زماني کان بہ اڳ، ڪن يا ڪن ڪوٽ کان پور وچوٽ رکندڙ علائقي يا ان ۽ ڪشمور جي وچ تي هڪ اولهہ پرو ويندڙ هيٺاهون علائقو موجود آهي. اتان مهراڻ رود يا آب سنڌ، موجوده دور واري وهڪري کان وڌيڪ پراڻي دور ۾ اولهہ ڏانهن هڪدم وڏو وڪڙ ڪري وهندو هو. انهن پراڻن وهڪرن جو پيٽ اڄ بہ ڏسي سگهجي ٿو، جيڪو گهڻو موڪرو ۽ وڏو وڪڙ ڪري اتان گذري ٿو. سندس نشان ڪشمور کان الهندي چٽيءَ ريت ڏسي سگهجن ٿا. اهو پراڻو وهڪرو يارو، ٿنبري، ڪندڪوٽ (پارني افغانن وارو)۽ غوث پور (سنڌ واري) هن جاءِ وٽان موڙو کائي ڏکڻ، ڏکڻ -اولهہ طرف منهن ڪري ٿو ۽ وڌيڪ اولهہ ڏانهن وڪڙ کائي، شڪار پور ۽ جيڪب آباد جي وچ تان جاڳڻ وٽان لنگهي ٿو. يورپي ماڻهن جي چوڻ مطابق سنڌ هالو وٽ پهچي پوءِ اتان ٿيندو خيرو ڳڙهي تائين ويندو هو. هن قديم وهڪري کي جديد دور ۾ بہ ڪتب آندو ويو ٿو ڏسجي ۽ ڪيس بيگاري واهہ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ۽ هي سنڌ جي سري جو وڏي ۾ وڏو واهہ آهي. غوث پور وٽان بہ ڪنهن تازي دور ۾ سندس ڪنهن ڇاڙهہ جي وهڪري جو پراڻو پيٽ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ان وهڪري جو رخ ڏکڻ ۽ اولهہ طرف ٿيندو وڃي لاڙڪاڻي پهچي

.تو. اتان سنڌو ڏکڻ ڪنڊياري ڏانهن منهن ڪري ٿو ۽ پوءِ نوشهري ڏانهن رخ ڪري هيٺ سوستان موجوده سيوهڻ ڏانهن رخ اختيار ڪري ٿو. سيوهڻ جو شهر هن وهڪري ڪان سورهن ميل اولهه رهجي ويجي ٿو ۽ ٿورو الهندي ويجي ڪنب نالي هڪ قديم وهڪري سان ملي ويجي ٿو. محمد بن قاسم جڏهن نيرون ڪان بهمن آباد تي حملو ڪيو، ته هيءُ وهڪرو سوستان ۽ مهراڻ درياهه جي وچ تي وهي رهيو هو. جيئن صفحي ٢٣٢ تي ذڪر ڪيو ويو آهي. پر ان پراڻي وهڪري جا نشان لکيءَ (لڪي)ڪان اٺ ميل اوپر طرف واريءَ جي دڙن ۽ گهارن مان محسوس ڪري سگهجن ٿا. اهو علائقو اولهه طرفان جابلو آهي، تنهن ڪري ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو ته درياهه ڏکڻ -اوپر طرف هالا جو رخ رکيو آهي. بعد ۾ هالا ۽ شهداد پورجو وچ ڏئي منصوره ڪان هيٺ سنڌ جي مهراڻ، هاڪڙي يا واهندا يا سنڌ ساگر سان مليو آهي. آءٌ هتي هي واڌارو ضرور ڪندس ته سنڌ جو سرو ۽ وچولو ۽ ڏنڊن ڏورن پراڻن ۽ ڇڏيل وهڪرن سان ڀريو پيو آهي. ڪيترن ڪي هاڻي به واهن جي صورت ۾ ڪتب آندو ويجي ٿو. اهڙو اڳي به ذڪر ڪري آيو آهيان، ته ميداني علائقي ۾ اهڙو ڪو ڏرتي جو ڀاڱو ڪونه هوندو، جتي هن سنڌو درياهه ڦيرو ڪونه پاتو آهي. سنڌ جو مهراڻ، هاڪڙو يا واهندا درياهه به سڄيءَ سنڌ تي پٿي ليٽيو آهي، پر سنڌو يا آب سنڌ ڪان ڪجهه مڙوئي گهٽ. انهن تبديلين ڪان پوءِ اسان ڪي سنڌ جي سري ۾، سنڌو يا آب سنڌ منجهان هڪ ٻي ڇاڙهه به ڇڇندي معلوم ٿئي ٿي، جنهنکي الهندو نارو يا نارو ڪري سڏيندا آهن ۽ اها اڃا تائين وهندي رهي ٿي. سندس منهن صفا ڏکڻ طرف لاڙڪاڻي ڏانهن آهي.

هاڻي مان هڪ مکيه وهڪري ڏانهن اچان ٿو، جيڪو قديم به آهي، انجو ڪجهه رڪارڊ به اسان وٽ موجود آهي. هي ڇاڙهه ڪن ڪوٽ ۽ ڪشمور جي وچ تان مکيه درياهه مان ڇڇندي هئي ۽ ست ميل اولهه پرو هلي، قنبريءَ ڪان اتران لنگهي ۽ نقشي جي سانري ۽ سنڌڙي ڪان به ميل ڏکڻ وڃي، اتر طرف ڪوٽ دلمراد جو به اتريون پاسو ڏئي اچ (هي ساڳي نالي وارو ٽيون شهر آهي ۽ ڪوهه سرخ يا رتا ڪوهه جي پرسان آهي، سو افغانستان تي لکيل منهنجي ڪتاب

جو صفحہ ٦٥٨ ۾ حاشيہ نمبر٥) کان ستن ميلن جي اندر وهي پوءِ ڏکڻ طرف وڪڙ ڪري يارهن ميل خان ڳڙهہ (هاڻي جيڪب آباد)ڪان اولهہ وهي ڳڙهي خيرو ۾ شهدادپور* ڏانهن ويندڙ هيءَ تمام قديم وهڪرو آهي، جيڪو اتر سنڌ جي گهڻي ايراضي کي پاڻي ڏئي ٿو ۽ درياهہ مان ڪچي مان الڳ ٿئي ٿو. قديم زماني ڪان وٺي هن ڇاڙهہ جو پاڻي ڪيتيءَ جي ڪم ايندو آهي. منهنجو خيال آهي تہ وهڪري جي پراڻي پيٽ مان فرنٽيئر ڪئنال، نالي هڪ نئون واهہ حڪومت جي غور هيٺ هو.

(* هي شهدادپور نہ، پر شهدادڪوٽ آهي جيڪو هينئر ضلعي لاڙڪاڻي جو جو هڪ تعلقو آهي. مترجم).

مير معصوم بکري جيڪو پنهنجي تاريخ ۾ بيان ڪيو آهي، سو سندس دور ۾ موجود هو. هو چوي ٿو، تہ "مهراڻ رود يا آب سنڌ روجان (روجهاڻ) ڪان هيٺان ڪن ڪوٽ ڪان ڪجهہ ميل مٿان ٿونٽ وڪڙ ڪري اولهہ تي مڙندو هو. درياهہ ڪان سوي (ان وقت بکر جي سرڪار جو هڪ محال هو ۽ ملتان صوبي ۾ شامل هو، بعد ۾ افغانستان حڪومت جو ڏاکڻون حصو ٿيو) تائين هڪ طرف پنڌ يعني روجهاڻ پرسان درياهہ جي ڪناري ڪان وٺي اولهہ طرف سويءَ تائين هڪ سو ڪوهہ يعني هڪ سو پنجهتر ميل آهي." هاڻي اهو مفاصلو فقط هڪ سو پاونجاهہ ميل آهي.پر مير معصوم جي زماني ۾ بکر واري پاسي يعني ڏکڻ ڪان سبي درياهہ سٺ ڪوهہ يا هڪ سو پنج ميل پري هوندو هو. پر اهو هاڻي هڪ سو پنيهہ ميل آهي. هيءَ مفاصلو پراڻي وهڪري مطابق آهي، جنهنجو ذڪر مون صفحہ ٣٠٨ تي ڪيو آهي. اهو وهڪرو ڪشمور ڪان ڪنڌڪوٽ رستي هوندو هو. هي پراچين وهڪرو يا وڏي ڍنڍ، جنهنجو آءٌ هاڻي حوالو ڏئي رهيو آهيان، تنهن کي هتان جا ماڻهو رڻ پٽ جي نالي سان سڏيندا آهن. کي ماڻهو ان کي دشت ـ بيداري (ڪنڌڪوٽ طرف ان کي مقامي ماڻهو سنڌ ڍورو سڏيندا آهن. مترجم) چوندا آهن ۽ يورپي وري ان کي سنڌ هالو جي نالي سان ڪوٺيندا آهن. درياهہ جي موجوده وهڪري ڪان وٺي ويندي درياهہ جي پراڻي پيٽ تائين زمين اولهہ ڏانهن

ڪجهہ لهنواري ٿيندي پئي وڃي. مثال طور ڪشمور جيڪو درياهہ جي ڪناري سان موجود آهي، خان ڳڙهہ يا جيڪب آباد کان اسي فوٽ مٿي آهي ۽ اهو مذڪوره علائقو ڪشمور ۽ ڪن ڪوٽ جي وچ تي منڙيءَ وٽان درياهہ جي پيٽ کان نوي فوٽ هيٺ آهي. منڙيءَ جا ماڳ ڪشمور کان ايڪيهہ ميل کن مٿي ٿيندا. درياهہ جي هن وهڪري کي ڏوري جي اتر کان ڪوهہ سرخ ۽ اولهہ کان ڪوه ترجبل جوسلسو (٣٠٩) (جنهن کي هاڻي ڪير ٿر سڏيو ويندو آهي) هن کي اولهہ ڏي سرڻ کان روڪي ڇڏيءَ ٿو. ڇاڪاڻ تہ سنڌو يا آب سنڌ جي ساڄي يا اولاهين پاسي وارو علائقو، هن مذڪوره ڍنڍ کان وٺي ويندي ميهڙ تائين سڄي ايراضيءَ کان مٿاهون آهي. جڏهن سنڌو ڪشمور ۽ ڪن ڪوٽ وٽان اٿل ڪندو آهي، تہ سندس پاڻي وڃي منڇر ڍنڍ تائين دنگ ڪندو آهي، جنهن جو اڳتي بيان ڪيو ويندو.

ڏہن، پراڻن شهرن ۽ ڪنڊرن جهڙوڪ فتح پور (٣١٠)، اڇ، شاهہ پور جي موجودگي مان معلوم ٿئي ٿو تہ شڪار پور کان اولهہ وارو علائقو، جنهن کي هاڻي سرحد ضلعو چيو ويندو آهي، ڍنڍن، ڍورن ۽ درياهہ جي پراڻن وهڪرن سان پريو پيو آهي ۽ اڄ تائين بہ انهن ۾ پاڻي پريو بيٺو هوندو آهي، غوث پور واري چاڙهہ رستي موجوده دور ۾ بہ ويهن ميلن تائين پوڏ ٿيندي آهي، مٿي بيان ڪيل علامتون ۽ نشانيون اڳين مورخن جي بيان ڪيل حقيقتن جي پٺڀرائي ڪن ٿيون تہ شڪار پور کان اتر طرف سنڌ وارو علائقو، جنهن ۾ روجهاڻ ۽ گنداوا بہ اچي وڃي ٿو، سهڻن شهرن سان ڀريل هو. چوڌاري ساوا کيت ڏسڻ ۾ ايندا هئا ۽ ايراضي ڏاڍي سکي ۽ ستابي هئي. گهاڙ واهہ ۽ گاج نئن واريون پٽيون سڄيءَ سنڌ جي زمين کان زرخيز هيون.

فقط پنجاه سال اڳ حالتون ائين ڪونہ هيون، جنجو مثال آءُ هيٺ ڏئي رهيو آهيان، جولاءِ مهيني ۾ جڏهن سنڌو درياهہ ۾ اٺ يا نو فوٽ چاڙهہ ايندو هو تہ درياهہ جو پاڻي جيڪو ٻن چاڙهن وسيلي ڪشمور ۽ ڪن ڪوٽ جي وچ تي اولهہ ـ ڏکڻ ـ اولهہ طرف وهندو هو، سو پراڻي پيٽ ذريعي وڏيءَ ڍنڍ ۾ داخل

ٽيندو هو، جنهن کي دشت بيداري يا (Sind Hallo) به سڏيو ويندو هو، اهو پاڻي اڳتي وهندو وڃي، لاڙڪاڻي ضلعي ۾ پهچندو هو. درياهه جون اهي ٻئي ڇاڙهون شڪار پور کان ويهه ميل اولهه طرف ڳڙهي خيرو وٽ سنگم ڪنديون هيون. ڪوهه سرخ يا رتا پهاڙ مان ايندڙ گهاڙ نئن، ڪاري پهاڙ ڪڇي جي ميداني علائقن ۽ ملا پاس (لڪ) جي مينهن جو پاڻي به هن درياهي پاڻيءَ سان رلجي ويندو هو، ۽ اهو گڏيل پاڻي وڌندو وڃي شهداد پور (٣١١) (شهداد ڪوٽ) جي ڏکڻ کان لنگهي، ناري رستي وڃي منڇر ڍنڍ ۾ پوندو هو. ميهڙ، لاڙڪاڻي، ۽ شڪار پور جو گهڻو علائقو پاڻيءَ هيٺان اچي ويندو هو، جنهن سبب وڏا نديا پنج سوَ ڳوٺ ٻڏي ويندا هئا ۽ شاندار عمارتون به لڙهي ويندڙيون هيون.

ان ڪري اهو قياس ڪري سگهجي ٿو، جنهن جو امڪان به موجود آهي، ته آب سند يا سنڌو درياهه، موجوده وهڪرو ڇڏي، ماڳهن ڪو نئون رخ اختيار ڪري. پر اهو به ڏٺو ويو آهي، ته سو سالن اندر هن پنهنجو وهڪرو ڪونه مٽايو آهي. جيڪڏهن سندس وهڪري ۾ ٿوري به رنڊڪ آئي، ته وڏي تبديلي اچي سگهي ٿي (٣١٢).

گهاڙ نئن، جنهنجو مٿي به ذڪر ڪري آيو آهيان، تنهن جي هڪ ٻي ڇاڙهه به موجوده دور ۾ اچي آب سند يا سنڌو درياهه سان ملندي آهي. اها ٻين نين کان ٿورو اوير طرف آهي. درياهه جو پراڻو پيٽ جيڪو ڳڙهي خيرو کان چوڏهن ميل ڏکڻ طرف آهي، سو ڏاڍو ويڪرو ۽ هيٺ اونهون آهي. اتان اوير - ڏکڻ -اوير طرف لڙي ٿوءِ لاڙڪاڻي ۽ ماهوٽن واري دڙي کان اتر پاسو ڏئي، ٽن ميلن جي وٿيءَ تان ڦيرو ڏئي، وري مٿي اتر طرف وڃي بکر کان هيٺ ١٦ ميلن تي آب سند يا سنڌو درياهه سان ملي وڃي ٿو. سنڌو دياهه يا آب سند مان اولهندي ناري جو منهن هن ٿاڪ کان اٺ ميل هيٺ آهي. ڪيترا ماڻهو هن گهاڙ جي ڇاڙهه کي نارو ڪري سمجهندا آهن. الهندو نارو سنڌو درياهه جي هڪ قدرتي شاخ آهي، ڪو هٿرادو واهه ڪوٽيل ڪونهي آهي. ٿي سگهي ٿو ته پوئين دور ۾ ان کي ڪوٽي صاف ڪري ڪجهه سڌاريو ۽ وڌايو ويو هجي، ته اها ٻي ڳالهه آهي.

گهاڙ جي پراڻي پيٽ جي ڪنڌي تي لاڙڪاڻي پرسان ماهوٽن جو هڪ قلعبند قتل شهر آهي. هينئر اتي هڪ اتاهون دڙو آهي. تي سگهي ٿو ته اهو ماضيءَ جو ڪو مکيہ ماڳ هجي.

الهندو نارو، جهازراني جي لائق ڦاٽ آهي. سندس وهڪرو ڏاڍو ورن وڪڙن وارو هوندو هو. ان ڪري ڪيس نانگ نارو ڪري سڏيندا هئا. اهڙيءَ ريت ايرندو نارو بہ آهي، جنهنجو ذڪر بہ اوهان کي هن ڪتاب ۾ ڪاٿي ملي ويندو. پر هي الهندو نارو بہ ايرندي ناري جيان ڏاڍو ورن وڪڙن وارو آهي. سندس وهڪرو سنڌو درياهہ يا آب سنڌ سان پور وچوت تي وهندو، اچي منڇر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. ان ڪان پوءِ پنهنجي اڙل شاخ وسيلي وچي سيوهڻ هيٺان سنڌو درياهہ يا آب سنڌ ۾ پوندو آهي. قديم زماني ۾ هن کي سيوستان سڏيو ويندو هو، جيڪو صوبي جو صدر مقام هو.

ايرندو نارو، مهراڻ يا هاڪڙي درياهہ جو هڪ سلسو آهي. هيءُ درياهہ جڏهن اروڙ ڪان ايرندي پاسي وڪڙ کائي اڳتي وڌندو هو، تہ ايرندي ناري وارو وهڪرو اختيار ڪندو هو.

اجا بہ ڏکڻ پرو ٿورو اڳتي وچولي سنڌ يا سوستان واري پراڻي سرڪار اندر (هن کي سوي يا ان جي پر پاسي وارو علائقو سمجهيو ويوآهي)، جيڪو هتان کان بہ سو ڏهہ ميل سر اتر طرف آهي (٣١٣). سنڌو درياهہ يا آب سنڌ پنهنجي مقرر حدن اندر رهيو ۽ وڌيڪ اولهہ پرو سرڪي وڃڻ لاءِ ڪيس جاءِ ڪانہ ملي سگهي. ان جو سبب اهو هو تہ علائقو جابلو هو، جنهنکي ڪاهہ تر (ڪير ٿر) جو جابلو سلسلو چيو ويندو آهي. ان ڪان پوءِ لڪيءَ جو هيٺاهون جابلو سلسلو بہ هو. اهو جابلو سلسلو سوستان حويليءَ ڪان شروع ٿئي ٿو، جنهن کي پراڻن جاگرافيدانن ۽ آئين اڪبريءَ سنڌستان، شارو ساڻ ۽ سوستان سڏيو آهي. موجوده دور ۾ هن شهر کي سيوهڻ سڏيو ويندو آهي. اهو وهڪرو ڪنهن زماني ۾ (٣١٤) ٺٽي کان بہ ٽي ميل اتر ۽ اولهہ طرفان وهندو هو. ڪڏهن تہ هن درياهہ مذڪوره جابلو سلسلي کي بہ ڪونہ ليکيو آهي. ان زماني ۾ لڪي جي جابلو

سلسلي مان هڪ رسرو ويندو هو، ١٨٤٣ع ۾ انگريزي فوجون هن رستي سان قنڌار ويون هيون، سو درياهہ پوڙي وجي پار پيو هو. سيوهڻ جيڪو ڪجهہ سال اڳ درياهہ جي ڪنڌيءَ تي هو، اهو هاڻي وهڪري کان ٽي ميل پري بيٺو آهي. ڀهمن جي ڀڙي ۽ ٽتي جي وچ تي تي مشهور جدا جدا ٽڪريون آهن، جيڪي چاليهارو سال اڳ درياهہ کان اٺ ميل پري هيون، سي هاڻي سندس وهڪري جي پيٽ ۾ آهن. (هن وقت پتو ڪونہ آهي تہ ڪهڙي صورتحال آهي، چاڪاڻ تہ درياهي تبديليون تمام تڪڙيون ايندڙيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.)

اهڙيءَ ريت، جنهن دور کان وٺي سنڌو، نهر سنڌ ۽ آب سنڌ متعلق اسان کي سچيون حقيقتون مليون آهن. جيڪي هن ريت آهن تہ هي درياهہ ڀين پرتي ڪنڌڙ شاخن سان پنجاب يا پنج ند وٽ گڏجي هاڪڙي يا واهندو جي وهڪري جو ڇڻ هڪ بنياد فراهم ڪيو آهي. عرب ۽ سنڌي مورخن جي بيانن ۽ حوالن مطابق اهي سيئي درياهہ دوش ـ آب جي مقام وٽ ملندا هئا ۽ سنڌجي مهران ۽ سنڌ ساگر جو وهڪرو.ٻہ اتان شروع ٿيندو هو. ان سنگم کان هيٺ هي وهڪرو ٻہ درياهي ۾ ونڊجي ويندو هو. اولاهين شاخ سنڌ جي قديم راجڌاني اروڙ کان لنگهندي هئي، ۽ منصوره کان مٿان وڃي مکيہ وهڪري سان گڏبي هئي. سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ وقت ڪڏهن سندس هڪ، تہ ڪڏهن ٻہ ڇوڙ هوندا هئا. اروڙ وٽان هيءَ شاخ گهٽو ڦيرو کائي وٺي ۽ پيون ٻہ ڪيتريون ئي تبديليون آيون. آب سنڌ يا سنڌو غوث پور واري تاڪ وٽان اچا ٻہ وڏيڪ اولهہ پرو لاڙو ڪيو ۽ وڏيءَ ڏنڍ ۾ وهڻ لڳو، جنهنجو ذڪر صفحہ ٣٠۴ تي ڪيو ويو آهي. اتان بچت سچت وارو پاڻي اروڙ طرف وهندو هو، جيڪو هاڪڙي جي ڀين پرتي ڪنڌڙ شاخن کي ڇڏي ويو، ان وقت سندس وهڪرو ڪشمور ۽ ڪن ڪوٽ جي وچ واري علائقي منجهان هو، ۽ ان جو رخ سئون سڌو اولهہ طرف هو ۽ پنهنجو هڪ نئون وهڪرو شروع ڪيائين، جنهن کي يورپي سنڌ هالو ڪري سڏيندا آهيون، ان کان پوءِ سندس وهڪرو ڏکڻ طرف ٿيو، جنهن جو ذڪر ٿي چڪو آهي. ان کان پوءِ پيون تبديليون ٻہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. اهي ڪٽي ٿوريون يا گهٽيون، پر انهن جو

سلسلو بہ شروع ٿي چڪو هو. بياس ۽ سندس پرتي ڪندڙ شاخون، جن جي گڏيل پاڻيءَ کي سنڌ رود يا رود سنڌ و هند چيو ويندو هو، تن بہ الهندي طرف موڙ کائي، پنهنجو نئون پنج ند يا پنج آب بڻايو ۽ هاڪڙي کي پاڻي ڏيڻ بند ڪري ڇڏيائون. هن سبب ڪري آب سنڌ ۾ وڏي ڦير گهير آئي. اڳي ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ تان هڪدم اولهہ طرف موڙو کائي وهندو هو، سو وهڪرو تبديل ڪري، سنڌ هالو کي ڇڏي، ڏکڻ اولهہ تي سڌو تي وهڻ لڳو ۽ ڪنڌ ڪوٽ وٽان هڪ بلڪل نئون وهڪرو بنائي ورتائين، جنهنجو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. جيڪو لاڙڪاڻي جي اوپر طرف کان وهي سڌو ڏکڻ سوستان ڏانهن رخ ڪندو هو. ان کان پوءِ سندس ٻي تبديلي اها ڏسڻ ۾ آئي آهي، جو هن هاڪڙي يا مهراڻ جي اولاهين‍ءَ شاخ، جيڪا اروڙ سامهون بکر وچان وهڻ لڳي هئي، تنهن سان گڏجي وهڻ لڳي. ان کان پوءِ اهو گڏيل پاڻيءَ جو وهڪرو درٻيلي کان اڳتي پحهچي پراڻي پيٽ ڪنب ۾ داخل ٿي ٿيو، جيڪو سوستان ۽ بهمن آباد جي وچان وهندو هو. محمد بن قاسم جڏهن انهن ٻنهي شهرن تي حملوڪيو تہ درياهہ جو مکيہ وهڪرو ڪنب منجهان وهي رهيو هو.پوءِ اهو وهڪرو نوشهري واري علائقي مان لنگهي، حيدرآباد جي جديد دور جي شهر واري ٽڪرائتي علائقي جو اوپر پاسو ڏيو، مڪلي کان سورهن ميل اوپر کان وهندو، وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. ڪڏهن اهو ديبل جي اوپر ۾ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. ڪنهن زماني ۾ ورِي اولهہ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. اهو ڇوڙ وارو تاڪ مغل ٻين کان ڏکڻ پاسي هو.هي شهر موجوده دور سان واسطو رکي ٿو ۽ ساموندي ڪناري تي اڏيل هوندو هو.

سنڌ جي پراڻي ساموندي بندر ديبل يا ديول کان گذريل ٻن صدين کان وٺي انگريز پوري ريت با خبر آهن. هن علائقي سان لاڳاپيل درياهي وهڪرن مان نڪتي تائين تجارتي ننڍا جهاز اچي وڃي سگهندا هئا. ساموندي ڇوڙ سان واسطو رکندڙ هن علائقي تان سمنڊ هٽڻ کي گهڻو عرصو ڪونہ گذريو هوندو.اڪبر بادشاهہ جي زماني ۾ سنڌ جو صفا ڏاکڻيون شهر بدين هو ۽ هاڻي اهو سمنڊ کان اٽڪل ستر ميل ڪن پري آهي. ان علائقي ۾ درياهہ گهڻين ننڍين ڇاڙهن ۾ ورهائجي

ويندو آهي. پوئين دور ۾ ننتي کان ڪجهہ اولهہ پرو لڙي ويو آهي، ڪيترا نوان ڦاٽ ٺاهيا اٿائين. بگهاڙ ڦاٽ اجا بہ ديبل پرسان وهي ٿو. اجا ننتي تائين بہ جهاز راني جي لائق آهي. ديبل جي ماڳن متعلق مونجهارا ۾ گهٽيون غلط فهميون رهيون آهن. چاڪاڻ تہ ديبل کي " ننتي جي بندر" طور بہ ڄاڻايو ويو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهو خود ننتو هجي. اها ڳالهہ پڻ آهي جوديبل جي تباهہ ٿي وڃڻ کان گهٽو پوءِ ننتي شهر جو بنياد رکيو ويو هو. سنڌ جو هي اهو علائقو آهي، جنهن تي محمد بن قاسم ثقفي ٩٣ هہ (٧١١ ع) جي شروعات ۾ پهريون حملو ڪيو هو. (٣١٥)

وهاٽ- بهاٽ

ويدن جي سلوڪن مطابق، وهاٽ، بهاٽ يا بيدستا ستن درياهن جي سنگم وارو درياهہ آهي جيڪڏهن اولهہ کان اوپر تائين سپتا سندو يا سنڌاواهہ جو مشاهدو ڪيو وڃي يا ساڳين ڏند ڪٿائن جو اڀياس ڪيو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ، (. انهن ويدن جي دور جا ماڻهو انهن ئي علائقن ۾ رهندا هئا، جتي اهي ست دو آبہ پکڙيل هئا. اهي سنڌوءَ يا آب سنڌ جي اوڀارئين ڪنڌيءَ کان وٺي سرسوتي جي اولهہ ڪناري تائين رهندا هئا سنڌو يا آب سنڌ انهن ستن درياهن ۾ شامل ڪانہ آهي (٣١٦).

سروي جي رڪارڊ مان وهاٽ يا بهاٽ جا حوالا هيٺئين ريت مليا آهن.

" هيءُ درياهہ ڪشمير جي اوپر ۾ ڏکڻ واري ڪوهستاني علائقي مان نڪري راجڌاني پرسان لنگهي ٿو. ۽ مظفر آباد کان هيٺ کان پوءِ، هيٺينءَ تبت مانايندڙ ناد ندي سان اچي ملندو آهي. ان کان پوءِ ساڻس ڪرشن گنگا ملندي آهي. جابلو علائقي ڇڏڻ ۽ ڪجهہ ميداني علائقي ۾ رسڻ کان پوءِ "پونڇ" جي پاسي هڪ وڏو درياهہ اچي ساڻس گڏجندو آهي. هن کان بعد چار يا پنج ڪوهہ اڳتي هلي پن ڇاڙهن ۾ ورهائجي ويندو آهي. اهي پڻي ڇاڙهون جهلم جي قلعي وٽ گڏجي ونديون آهن. هتان ٿاڪن وٽ شاهہ گذر نالي شاهي پتڻ آهي. هتان ماڳن وٽ درياهہ کي جهلم جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. انهيءَ جو اهو مطلب ڪونہ

آهي تہ جهلم جو اصلي نالو هيءُ آهي. ڪشمير ۾ هن درياهہ کي بِيدستا جي نالي سان سڏيندا آهن. پنجاب ۾ و ۽ ب پاڻ ۾ مٽ سٽ ٿي سگهندا آهن، ان ڪري پنجاب جا ماڻهو ان کي وهاٽ ۽ بهاٽ پنهي نالن سان سڏيندا آهن.

جهلم جي قلعي ڪان پوءِ جلالپور گرچڪيءِ بهرا جا ڳوٺ اچن ٿا. خوشاب جو شهر بہ انجي ڪنڌيءَ سان موجود آهي. وهاٽ هتان ڪان ٿوري پنڌ تي ڇهوترا Chahautrah وٽ چناب سان ملي ٿي ۽ انکان پوءِ هن جو نالو ختم ٿي وڃي ٿو."

چنهاٽ جي دوآبي ۾ چناب ۽ جِهلم درياهہ جي وچ تي ٿورو جابلو علائقو آهي، جيڪو پنهي طرفن ڪان ٿورو مٿاهون ٿيندو وڃي ٿو. ڪٿي تہ درياهن جي ڪنارن ڪان ٽي چار ميل پري بہ آهي. ڪٿي ننڍيون ٽڪريون آهن، ڪاٿي وري ايڪپريون آهن، جن درياهہ جي ڪنارن سان پيل پليءَ زمين کي انهي بريٽ ڪان چڻ جدا ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي قسم جي ايراضي "شاهپور واري علائقي جي نون ـ مياڻي Nunmiani ڪان وٺي شروع ٿئي ٿي ۽ بهاٽ ۽ جهلم جي سنگم وٽ اچي ختم ٿئي ٿي. ان پوڻي جهڙي علائقي ۾ پٽن جو بہ سلسلو آهي، جيڪو ٽڪرين سان پور ويجوٽ تي هلندو وڃي ٿو ۽سچو دو آبو ائين ٿي پٽن ۽ ٽڪرين سان چٽيو پيو آهي. انهن جو رخ اولهہ ڪان اوڀر طرف آهي ۽ پوءِ ڏهن ميلن ۾وري اتر ڪان ڏکڻ طرف آهي. ٽڪرين مان ڪن سلسلن جون ڇاڙهون چناب مان بہ هن پار نڪري وڃي چاندني اوٽ Chandniot يا چندن اوٽ (چنيوٽ) تائين پهچن ٿيون.ڪن ٽڪرين جو سلسلو اڃا بہ ويهہ ميل اڳتي وڃي رچنا دوآبي ۾ سانگلا تلاءَ وٽ پهچي ٿو، هن کي ڪرٿا جابلو سلسلو چيو ويندو آهي، ۽ هن رڻ پٽ کي ڪرٿا بر جي نالي سان پڻ ڪونيو وڃي ٿو.

بهاٽ درياهہ ۾ چناب جي پيٽ ۾ پاڻي گهٽ هوندو آهي. هن درياهہ جي سچي ڪناري سان "درياهي مٽيءَ" جو هڪ پٽو آهي، جنهن کي هندي زبان ۾ "ڪچي"چيو ويندو آهي، (سنڌ ۾ هن کي علائقي کي ڪچو چيو ويندو آهي) جنهن جي وضاحت حاشيي ٣٤٩ ۽ صفحي ٣٤٨ تي ڪئي وئي آهي ۽ ان لفظ کي

ساڳي معنيٰ ۾ ڪتب آندو ويجي ٿـو. اهو پٽـو درياهہ جي اولاهين ڪڙ سـان آهي، سندس موڪر اڌ ميل کان وٺي، چئن ميلن تائين ٿيندي. ڪاٿي تہ وري پنج ميل بہ آهي. ڪن جاين تي ڏهہ ميل بہ ڏنو ويو آهي. پر جيڪڏهن غور سـان ڏسجي تہ ان جي سراسري ماپ ٽن کان پنجن ميلن تائين ٿيندي. ٿل جي ايڪيرن ڪنارن وٽ ڪجهہ مختلف بيهندو. بيو مٿانهون علائقو يا پوٺو جنهنجو حوالو اڳ ۾ بہ اچي چڪو آهي، سو سنڌوءَ يا آب سنڌ جي ڪنارن سان مظفر ڳڙهہ واري علائقي ۾ آهي، جتي هي درياهہ چناب ۾ پرتي ڪنڌڙ شاخن سان ملي ٿو. شاهہ پور علائقي وٽان" بهاٽ ٿل ۾ داخل ٿئي ٿي. هن جي ٻئي طرف کان جهنگ سيال واري علائقي جو مٿيون پاسو آهي. ان تـاڪ وٽان ٿل جي علائقي کي پائيندي ۽ ڪائيندي ٿي وڃي ۽ ڏکڻ واري پاسي کان ڪچي وارو پٽـو ڪجهہ مڙوئي وڌيڪ آهي. نتيجي طور ٿل ۽ درياهہ جي وچ تي گهٽو مفاصلو بڻجي ويو آهي.

بهاٽ جي وهڪري ۾ ڦيرو تمام گهٽ آيو آهي. پر چناب سان سنگم وقت سندس وهڪري ۾ ٿوري تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. قديم زماني ۾ سندس وهڪرو اڄڪلهہ جي وهڪري کان ڪجهہ اوپر طرف جهنگ سيالان پرسان هو. ابو الفضل چوي ٿو، " بهاٽ يا وهاٽ جو چناب سان سنگم شور پرڳڻي پرسان ٿئي ٿو. " جنهنجو مطلب اهو ٿيو تہ هيءَ اهو پرڳڻو آهي جنهنجو صدر مقام شور ڪوٽ آهي. موجوده دور ۾ ٻنهي درياهن جو سنگم شور ڪوٽ کان چوويهہ ميل اتر طرف ٿئي ٿو، ۽ ان سروي واري جا ۽ کان اٺ ميل مٿي آهي. جنهن جو حوالو اڳ ڏئي رهيو آهيان. ابوالفضل سندس سنگم متعلق ان زماني جو حوالو ڏئي ٿو، جڏهن چناب شورڪوٽ کان ساڍا تي ميل اوپر ۽ بهاٽ يا وهاٽ ساڳي شهر کان ساڳي پنڌ تي اولهہ ڏس کان وهندي هئي. سندن سنگم شور ڪوٽ کان اٽڪل ٽي ميل ڏکڻ يا ڏکڻ - اولهہ طرف ٿيندو هو. ان کان پوءِ چناب جي وهڪري ۾ گهڻي تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هوءَ پنهنجو وهڪرو ڇڏي ايڪيهہ ميل مٿي اتر، بهاٽ يا وهاٽ منجهان وهڻ لڳي.

خلاصتہ التاريخ اورنگزيب جي زماني ۾ لکي وئي. ان جو مصنف ان دور جي

مغل شهنشاهيت جو عملدار هو. ان مورخ جو بيان آهي تہ اورنگزيب جي زماني ۾ چناب، جهلم يا بهاٽ جهنگ سيالان پرسان ملندي هئي. اهو شهر هاٿوڪي سنگم کان تيرهن ميل مٿي آهي ۽ هاٽي بهاٽ جهنگ سيالان کان چويهہ ميل اولهہ ۾ کانہ وهندي آهي.

سروي رڪارڊ، جنهنجا حوالا مون ڪتب آندا آهن، تنهن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ جهنگ سيالان کان ديري اسماعيل خان ڏانهن ويندڙ وهڪري ۾ نہ فقط بهاٽ پر چناب ۾ بہ هڪ صدي جي عرصي دوران ڪجهہ تبديليون آيون آهن. هن متعلق سروي جو بيان آهي تہ، جهنگ سيالان ويجهڻ لاءِ (٣١٧) تي ڪوهہ اولهہ ويجي چناب کي ٻيڙيءَ وسيلي اڪرٽو پوندو. هن کي جهنگ سيالان جو پتڻ چيو ويندو آهي. اتان بہ ڪوهہ پنڌ ڪري مسڻ وڏي ڳوٺ ۾ پهچبو. اهو ڳوٺ بہ سيالن جو آباد ڪرايل آهي. جيڪو درياهہ جي ڪناري سان واقع آهي. اتان وري ڏکڻ ـ ڏکڻ ـ اولهہ طرف ڇهہ ڪوهہ پنڌ ڪري وهاڙ جي ڪناري ويجي رسبو. ان کي بہ ٻيڙي رستي پار ڪري سنڌ ساگر دوآبي پهچبو. هن جو نالو ڇهوترا پتڻ آهي ۽ اولاهين ڪنڌي سان ڇهوترا جو وڏو ڳوٺ آباد آهي. هن ماڳ کان اولهہ ڏکڻ طرف ڇهہ ڪوهہ واري جو پنڌ ڪري اچ ڳل امام رسبو، جيڪو هڪ مضبوط قلعو آهي. موجوده دور جي نقشن ۾ مسڻ جي هجي Mussun لکي وئي آهي. هي ڳوٺ چناب کان ڇئن ميلن تي ۽ وهاٽ کان پنج ميل کن اوپر طرف آهي (٣١٨). ڇهوترا نالي اجا تائين هڪ ننڍڙو ڳوٺ موجوذ آهي. پر اهو نہ آهي جنهنجو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي. اڳيون ڳوٺ تہ هاٽي موجودئي ڪونہ آهي. اهو درياهہ پنهي دياهن جي سنگم واري جاءِ کان اڍائي ميل مٿي ۽ نہ منهن جي موجوده پتڻ کان هيٺ درياهہ جي ڪنڌي سان اولهہ پاسي آباد هوندو هو. موجوده ڇهوترا جي اتر ۾ وهاٽ درياهہ جي پيٽ ۾ هم چورس سوا ميل کن هڪ پيٽ آهي، جنهن کي ڇهوترا جو پيلو چوندا آهن. جتي ڪنهن زماني ۾ ڇهوترا جو سکيو ستابو ڳوٺ آباد هو.

ديري غازي خان ڏانهن ويندڙ وهڪري ۾ وڏي تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

سروي جو رڪارڊ اسان کي ٻڌائي ٿو ته، " جيڪڏهن اوهان جهنگ سيالان مان حويلي بهادرشاهه قريشي (٣١٩) رستي سفر ڪندو (هي شهر جهنگ سيالان ۽ شورڪوٽ جي وچ تي آهي) ته حويلي بهادرشاهه کان هڪ ڪوهه اولهه طرف تي چناب درياهه جي هڪ ڇاڙهه تي اچي پهچندو، جيڪا ٻه يا ٽي ڪوهه ڏائي هٿ (ڏاکڻي طرف) تي وهي ٿي ۽ وري ان سان گڏجي وڃي ٿي. چوماسي جي رت کان سواءِ باقي ڏينهن ۾ گوڏي جيتري اونهي هوندي آهي، جتان سولائيءَ سان پار اڪري سگهجي ٿو. اتان اڌ ڪوهه اڳتي اولهه طرف وڃبو، ته چناب ۽ وهاٽ جي گڏيل وهڪري تي وڃي بيهبو. هن ماڳ تي گڏيل پاڻيءَ جي موڪر ٻن ڪوهن ۾ هوندي آهي. هن وهڪري کي پار ڪرڻ واسطي ٻيڙي تي چڙهڻو پوندو. ٻنهي درياهن جي سنگم واري ٿاڪ کي " ته منهن "جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اهو ماڳ هتان کان ٽي ڪوهه ساڄي هٿ (اتر) تي آهي.(٣٢٠) مذڪوره درياهه جي ٻئي پاسي (گڏيل وهڪري جي ٻئي طرف) ٻه درياهي جي هڪ وڏي ڇاڙهه آهي. اها ساڄي طرف کان وهاٽ درياهه کان ڇڇي اچي پتڻ وٽ چناب سان گڏجي وڃي ٿي. هيءُ پتڻ سندساگر دوآبي واري پاسي ڏانهن آهي.۽ ان جو نالو پتڻ علي ڪهنا آهي. رچنا دوآبي ڏانهن وري بهادر شاهه قريشيءَ جو پتڻ آهي. علي ڪهنا، سيالن جي ٻريءَ مان ڪا ذات آهي. هتي سندن انگ چار يا پنج هزار ڪٽنب ٿيندو.چناب ۽ وهاٽ جي گڏيل وهڪري اڪرڻ کان پوءِ، اڌ ڪوهه اڃا به اڳتي وڃبو، ته درياهه جي هڪ ڇاڙهه ايندي، جيڪا وهاٽ درياهه جو چوٿون حصو مس ٿيندي. اها دريا منجهان ساڄي طرف يعني اتر کان اچي ٿيءَ ڏائي طرف يعني ڏکڻ ڏانهن مڙي وڃي ٿي. ۽ پوءِ ڪوٽ ماپل جي سامهون چناب سا گڏجي وڃي ٿي. درياهه جي ڇاڙهه ۽ چناب جي وچ تي زمين جو هڪ ٽڪرو آهي، جنهن جي موڪر ٽي ڪوهه ڪن ٿيندي، منجهس عالمائي ذات جا ٻروچ رهندا آهن. اهي جهنگ سيالان جي حڪمران ڪبير خان جا ڏن ٻرو آهن. جيڪو سيالن جي ٻن سردارن مان هڪ آهي. عالمائين جو وڏو ڳوٺ عالمائي جي نالي سان مشهور آهي. درياهه جي مذڪوره ڇاڙهه کي ڏاڍا ور

وڪڙآهن. تنهن ڪري ان کي اپٺ جي نالي سان سڏيندا آهن (٣٢١).

هيءَ درياهي ڇاڙه ٽيپي اڏ ڪوهہ مس ڪبو تہ، علي کهنا وجي رسبو. هن نالي سيالن جا پيا بہ الائي ڪيترا ڳوٺ آباد آهن. اتان هڪ ڪوهہ ڏکڻ هلبو تہ ميران دي بهار پهچي وجبو. هتي بهار(٣٢٢) (بڙ) جو تمام پراڻو وڻ آهي، جنهن جي هيٺان مسلمانن جون ڪيتريون قبرون آهن. اتان کان " مراد ڪوٽ" هڪ ڪوهہ ڪن ٿيندو. هي سالباني سيالن جي قبيلي جو ڳوٺ آهي. هن ڳوٺ ۾ "ميران دي بهار" جي ڏکڻ اوپر جي ڪنڌ تي پاڻي جو هڪ وهڪرو گذري ٿو، جيڪو هيٺ گهٽجو اونهون آهي. اهو ڪاہي هٿ وارو (ڏکڻ ـ ڏکڻ ـ اولهہ) پاسو ڏئي وري وڃي چناب سان ملي ٿو. هن لاءِ چيو ويندو آهي، تہ هي وهاڻ جو تمام پراڻو وهڪرو آهي. چوماسي جي رت ڪانسواءِ (٣٢٣) لانگها ٿي ويندا آهن. باقي ٻين موسمن ۾ پلين وسيلي ٽپڻو پوندو آهي."رستم دا ڪوٽ" کان "مراد دا ڪوٽ" هڪ ڪوه اتر طرف آهي. رستم دا ڪوٽ کان اڃا بہ هڪ ڪوهہ ڏکڻ وڃبو تہ "اسلام پور" جو شهر ايندو. هن شهر کان ہہ ڪوهہ ڏکڻ "ڪوڪاري" ايندي. هي سيدن جو ڳوٺ آهي. منجهس سيد عبدالله جهانيان، جي مزار آهي (٣٢٤). ڪيس منور جهنگ ڪري سڏيو ويندو هو. هن ڳوٺ کان اپٺ (جنهنجو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي) نالي واري درياهي ڇاڙهہ ڏائي هٿ (ڏکڻ)واري طرف کان لنگهي ٿي. هاڻي اڃوتہ ڏسون تہ موجوده دور ۾ کهڙي صورتحال آهي. هيٺئر بهادرشاهہ قريشي کان هڪ ڪوهہ ڪابہ درياهي ڇاڙهہ موجود ڪانہ آهي. هن ڳوٺ جي اڀائي ڪوهہ اولهہ ۾ هاڻي چناب وهندي آهي. ان ايراضيءَ ۾ چناب جي بہ درياهي آهي. جنهن ۾ ڪيترائي ٻيٽ ۽ ٻيلا موجود آهن. هاڻي ٻنهي درياهن جو سنگم، جيڪو آخري سروي موجب آهي، ٿي سگهي ٿوتہ اهو بدلجي ويو هجي يا تبديليءَ واري مرحلي ۾ هجي. پر آخري معلومات مطابق تہ منهن وٽ آهي. اهو سنگم سروي رڪارڊ ۾ ڇاٿايل جاءِ کان نو ميل ۽ ٽن بدران پورا پنج ڪوهہ اتر طرف ۽ پراڻي تہ منهن پتڻ کان اڃا بہ ڪجهہ اتر طرف آهي. هڪ ير کان علي کهنا جو پتڻ ۽ ٻيءَ ير کان بهادر قريشي جو پتڻ هوندو هو. پر ان ڏيکاريل جڳهہ تي اهو

موجود ڪونہ آهي. هن قتل پتڻ کان اتر - اولهہ جي طرف سوا ٽن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ٻيو پتڻ آهي(نقشن ۾ ”حويلي پتڻ “ يا حويلي بهادرشاهہ پتڻ لکيل آهي (٣٢٥). علي کهنا کان ساڍا ٽي ميل اتر طرف هن ٽي نالي سان هڪ ننڍڙو ڳوٺ آباد آهي، جيڪو حويلي بهادرشاهہ قريشي کان چار ميل وڏيڪ اولهہ ڏس تي ۽ چناب جي اولاهين (٣٢٦) ڪنار سان واقع آهي. ٻيلي جي اولهہ پاسي بہ هڪ ننڍڙو ڳوٺ آباد آهي. اهو ٻيلو ٽي ميل ڏکڻ ۾ ڏيڍميل کن ويڪرو ٿيندو ۽ علي کهنا جي ٻئي ڳوٺ کان اوپر ڏکڻ طرف پوڻا ٻہ ميل پنڌ تي آهي. اسان جي سرويرن نقشن ۾ هتان جي ڳوٺن ۽ علائقن جا نالا غلط لکي ڇڏيا آهن، جيڪي فقط هتان جي اچارن مطابق صحيح لکي سگهجن ٿا. اهي نالا جِڏهن ٻڌون ٿا تہ ڏاڍا عجيب لڳن ٿا. مثال طور علي کهنا جيڪو غلط آهي” جهنگ ضلعي جي رويتيو جي سروي نقشي ۾ ”حويلي بهادر شاهہ قريشي بدران رکو حويلي لکيل نظر اچي ٿي. ملتان ڊويزن واري نقشي ۾ رکو حوا لکيل ڏسڻ ۾ ايندي. چناب درياهہ جي سامهون واري ڪناري تي اسان کي H uveli نظر ايندي اسان جي چاڻ موجب اهو عربي زبان جو لفظ آهي. ان جون ڪيتريون ئي معنائون آهن.هن لفظ استعمال عام آهي، جنهنجو مطلب گهر ۽ ڪورٽ هائوس بہ ٿي سگهي ٿو (٣٢٧) Public Office جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. مسلمان پير جي رهڻ جي جاءِ جو مفهوم پڻ ڏئي سگهجي ٿو. وغيره

هاٿي وهاڻ درياهہ جي ڪاپي ڪڙ کان ڪابہ چاڙهہ ڪانہ نڪرندي آهي. جيڪا اڳي ڪوٽ ماپل سامهون چناب سان اچي گڏبي هئيءَ وهاڻ درياهہ پنهنجي اڳئين وهڪري کان نو ميل اتر طرف نڪري ويو آهي. هينئر مراد دي بهار واري پراڻي وڻ ۽ انجي هيٺان موجود قبرن جو ڪوبہ نالو نشان ڪونہ ملندو. ان جي بدران فقط هڪ نقشي ۾ حويلي موهو لکيل ملندو، ٻئي ۾ حويلي موهنگير ڏسڻ ۾ ايندو ۽ ٻئي هڪ ماڳ واسطي لکيل آهن، جيڪي بهاڻ جي ان پراڻي وهڪري سان تعلق رکن ٿا. جيڪو مذڪوره وڻ جي پرسان ۽ ”مراد دا ڪوٽ“ جي ويجهڙائيءَ ۾ لنگهندو هو. اهي سڀ ماڳ مڪان ۽ نشان پتا اڳ اسانکي ڏسڻ ۾

ڪونہ ايندا ڇاڪاڻ تہ ان وهڪري مان چناب (٣٢٨) درياهہ وهڻ شروع ڪيو آهي. هن درياهہ وهاٽ يا ٻهاٽ کي امير تيمور جي مورخن جماد ۾ ڊنڊانامہ Dandanah سڏيو آهي.

چناب يا چندر ڀاڳا

چناب ۽ راويءَ جي وچ واري علائقي کي رچنائو يا رچناب دو آبو سڏيو ويندو آهي. اهو علائقو گجران والا ضلعي جو هيٺيون پاسو جيڪو وري ڏکڻ کان ڦري اچي ٿو، جهنگ سيالان ۽ گهگهيرا ـ جنهن کي هاڻي منٽگمري سڏيو ويندو آهي، تنهن جو ڏکڻ اولهہ وارو پاسو، سي بہ هن رچنائو دوآبي جي هيٺين ايراضي ۾ شامل آهن. هيءُ دوآبو چن ـ هاٽ دوآبي، جنهنجو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي يا باري دو آبہ، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو، کان بلڪل نيارو آهي. هيءُ علائقو چناب ۽ راوي درياهن جي وهڪرن کان ايترو تہ ڪاڙل ڏسجي ٿو جو چناب جي وهڪري جي احوال کان اڳ جيڪر هن ڏانهن ڌيان ڏجي تہ چڱو ٿيندو. هن درياهہ جي علائقي سان ٽي بريٽ آهن، جهڙوڪ سندل بر، گوندل بر، ٽيون آهي گنجي بر. چوٿون هنن ٽنهي برن کان خاص قسم جو بر آهي، جنهنجو نالو بر چناب يا چنائو بر آهي. اهو بر سندس موجوده وهڪري جي ڀنهي پاسن کان موجود آهي.

سندل بر ـ هيءُ وچ وارو هموار ميداني علائقو، پوٺو يا مٿاهون رڻ پٽ آهي، جيڪو چناب ۽ راوي درياهہ جي وچ تي موجود آهي. اهو اوپر ـ اتر جي ڪنڊ کان شروع ٿي، ڏکڻ جي ڪنڊ تائين هليو وڃي ٿو. جنهن جي ڊيگهہ چاليهہ ڪوهہ ۽ ويڪر اٽڪل ويهارو ڪوهہ ڪن ٿيندي. جو چناب جي ڏائي يا اوڀارئين ڪنڌي کان وٺي راوي جي ساڄي يا اولاهين ڪنڌي تائين پهچي ٿو. ان وچ ۾ جيڪي بر پٽ، جهنگل ۽ آباد زمينون ويندي فريدآباد تائين سڄو علائقو هن رچناب يا رچنائو دوآبي ۾ اچي وڃي ٿو. اهڙي ريت هي دو آبو پنجاب جي ضلعي گجرانوالہ جو هيٺيون پاسو، جهنگ سيالان جو مٿيون پاسو ۽ گهگهيرا، جنهنکي هاڻي منٽگمري چيو ويندو آهي، انجو مٿيون اولاهون پاسو پنهنجي گهيري ۾ آڻي ٿو. "

هنجي اوپر پاسي کان گنجي بر آهي. اولهہ طرف، پر ٹورو، ڪجهہ هيٺيرو گوندل بر اٿس، چناب درياهہ جي پاسن کان زمين جو مٿاچرو بلند آهي. جيڪو سندل بر ڏانهن آهستي لهنوارو ٿيندو ويجي ٿو ۽ جهنگ ضلعي جي مٿين پاڱي وٽ پهچي وري هڪدم ۾ ٽي فوٽ اوچو ٿي ويجي ٿو. جهنگ ضلعي جي وچ تي ان پوٺي جي اوچائي ٽيهن ۽ چاليهن فوٽن جي وچ تي پهچي ويجي ٿي، جيڪا هن پوٺي جي عام زمين جي سطح کان گهٽو مٿي آهي. شروعات ۾ تہ درياهہ هن علائقي سان پور ويجوٽ تي وهندو رهي ٿو. درياه جڏهن ڪجهہ اڳتي ڏکڻ ۽ اولهہ طرف ڏانهن وڌي ٿو، تہ هن پوٺي کان وتيرڪو پوندو ويجي ٿو، ۽ آخرڪار پري گوندل بر ڏانهن هليو ويجي ٿو. سندل بر ۾ پاٿيءَ جي سخت اٿاٺ آهي. هن علائقي جا رهاڪو گهٽو ڪري پٺي آهن ۽ ڏاڍو ڏکيو گهاريندا آهن. هن بر جي مٿين پاڱي ۽ جهنگ ضلعي جي ٽن پراڻن شهرن جا ڦٽا، جهڙوڪ : سانگلا تلاءُ يا ٽبہ، راسل ۽ اسرور (٣٢٩). ڪرٿا جابلو سلسلي جي شاخن مان هڪڙي شاخ چاندني اوٽ (٣٣٠) يا چندن اوٽ جو شهر تعمير ٿيل آهي. چناب درياهہ جو موجوده وهڪرو ان جابلو سلسلي جي هڪ وٿيءَ مان اندر ڪاهي ويجي سانگلا تائين پهتو آهي. ان جابلو سلسلي جي هڪ ٽڪريءَ تي ان قديم شهر جي قلعي جا ڪنڊر موجود آهن.

” ڪنهن زماني ۾ رند قبيلي جي بلوچن سندل بر ۾ اچي پنهنجا پير کوڙيا هئا. ساڻن اٺن ۽ ٻئي چوپائي مال جا وڳ ۽ ڌڻ هئا. پر ڪين پروان Bharwa-nah سيالن بيهڻ ئي ڪونہ ڏنو. ڪين اڪن تي ڪٽي ڏنو هئائون.

گوندل بر— هن بر کي گوندل جاٽن جي قبيلي جي نالي پٺيان سڏيو ويندو آهي. ڪن حوالن ۾ ڪين پٺي سڏيو ويو آهي. هي بر، سندل بر کان ڏکڻ — اولهہ وٺي شروع ٿئي ٿو. هن جي هڪ طرف کان چناب ۽ ٻئي طرف کان ڪوٽ ڪماليہ وٽان راوي وهي ٿي (٣٣١). هن جي هيٺين طرف کان دوآبي جو هيٺيون پاسو ۽ شور ڪوٽ آهي. اتر اوپر کان اولهہ ـ ڏکڻ سندس ڊيگهہ ٽيهہ ڪوهہ ۽ ويڪر ويهہ ڪوهہ کن ٿيندي.“ جنهن زماني ۾ سروي ڪئي پئي وئي تہ هن بر

۾ وڏو جهنگل موجود هو. (سرري جي هن رڪارڊ کي مان حوالن طور ڪتب آندو آهي)پاڻيءَ جي سخت اڻاٺ هئي. ماڻهن جو انگ ٿورو رهندو هو. پراڻن ڪوهن ۽قتل شهرن جي موجودگي مان پتو پوي ٿو ته، ڪنهن دور ۾ هي سڪيو ستابو علائقو هو. ۽ ماڻهو به منجهس جام رهندا هئا.

"گنجي بر به هڪ مٿاهون پوٺو آهي يا رڻ پٽ سان لاڳاپيل هڪ علائقو آهي. ڪنهن زماني ۾ سندس هڪ پاسي کان راوي ۽ ٻئي پاسي کان بياس وهندي هئي. ان ڪري هو بنهي رچنا ۽ باري دوآبي ۾ موجود آهي. اوپر کان اولهه طرف ڏيکهه ويهه ڪوهه ۽اتر کان ڏکڻ ويڪر پندرهن ميل ڪن ٿيندس. اهو علائقو بڇيان ملهيان Buchian Malhian کان " يوني ڪي" تائين پکڙيل آهي. ٻئي پاسي کان شهزادا ۽ اسرور تائين پهچي ٿو (٣٣٢)، جنهن کي سرور به سڏيندا آهن.هن علائقي ۾ حافظ آباد ۽ شيخوپورا ۽ پيا ڪيترائي شهر آباد آهن. ڪيس گنجي ان ڪري ڪوٺيو ويندو آهي جو منجهس گهاٽا ۽ گهٽا جهنگل آهن. هن علائقي ۾ پٽي قوم رهندي آهي. هي خشڪ ۽ بيابان علائقو آهي ۽ رچنا دوآبي ۾ هوندي به گهگهيرا علائقي جو تمام سڄو حصو آهي. " چنائو ياچناب بر- ٻين کان گهٽو نرالو آهي ۽ ان رڻ پٽ تي مشتمل آهي، جنهن کي هتان جا ماڻهو اتارڪري سڏيندا آهن. هيءُ خطو درياهه جي ڪناري سان لڳ علائقي کان مختلف آهي، جنهن تي درياهه جي اٿل جو پاڻي هرسال چڙهي ايندو آهي. هتان جا ماڻهو هن علائقي کي هيٺار يا تراڻي چوندا آهن (٣٣٣). هتي چناب جو بر يا اتار، درياهه جي ڪناري سان موجود سيلابي زمين پيٽن، پيلن کي ٻين برن جي پوٺن ۽ پٽن کان الڳ ڪري ٿو. چناب جو هي بر پارڙ جي حدن کان مٿان شروع ٿئي ٿو. ۽ چناب ۽ سندوءَ جي سنگم وٽ ختم ٿئي ٿو. چناب جي ٻنهي ڪنڌين سان موجود آهي.

" جيڪڏهن شهزادا کان "جلال پور چدران " وڃبو ته چناب سان به ڪوهه ڏکڻ سفر ڪرڻ کان پوءِ، بنگر ايندو ۽ بنگر کان تي ڪوهه اڳتي سندل بر جي حد ختم ٿي ويندي ۽ گنجي بر جي حد شروع ٿي ويندي.

هي بر پنهنجي بناوت جي لحاظ سان سنڌ ساگر واري ايراضي کان وکرا ۽ نرالا

آهن. اتان جا ماڻهو هن کي ٿل ۾ مورخ چول اجلالي ڪري سڏيندا آهن (٢٣۴).هي علائقو وارياسو ۾ اتاهون آهي، پر پيا بر ائين ڪونہ آهن.

انهن مثانهن برن يا پوٽن جون حدون درياهي وهڪرا هوندا آهن. اهڙي ريت سندل بر چناب جي ڪاپي ۾ راوي جي ساڃي ڪناري جي وچ تي آهي، جنهن ۾ جهنگ ضلعي جو مثيون حصو اچي وڃي ٿو. ان جي هيٺئين پاسي کان گوندل بر آهي، جيڪو هيٺ شور ڪوٽ ڏانهن هلندو وڃي رچنا دوآبي جي علائقي ۾ ختم ٿئي ٿو، جنهن کي وچنا Wichanah بہ سڏيو ويندو آهي. اهڙي ريت گنجي بر جي چو طرف راويءَ جو ساڃو ڪنارو ڦري اچي ٿو. جهنگ ۾ گهگهيرا ضلعو سڄو ۾ پين جا بہ ڪجهہ ياڳا ڳڏجي هن درياهہ جي ميداني علائقي ۾ شمار ٿيندا آهن. ان جو ڪجهہ حصو سنڌ ساگر جي دوآبي جي ٿل ۾ اچي ويندو آهي، تہ ڪجهہ حصو وري سامهون واري پاسي سندل، ڪرنا، گوندل گنج بر ۾ شمار ٿئي ٿو. انهن مان ڪجهہ ايراضي اتاهين ڪجهہ درياهي علائقن ڏانهن لهنواري بہ هوندي آهي، جن مان وهاٽ يا جهلم، چناب راويءَ پيون برساتي نيون مختلف دورن ۾ وهنديون رهيون آهن. اهي مذڪوره برن ۾ ڪڏهن وهنديون هيون تہ ڪڏهن سڪي وينديون هيون، تہ ڪڏهن اچي پاڻ ۾ ڳڏبيون هيون۽ڪڏهن وري جدا ٿي وينديون هيون پراڻين جڳهين ۾قديم کوهن جي ججهي انگ مان اهو سجهي ٿو تہ ڪنهن سمي هي علائقو سکيو ستابو هوءِ ماڻهن جو وڏو انگ هتي رهندو هو. مون ڏکي پورو ويساهہ آهي تہ هن علائقي ۾ ههڙي تباهي وڏيءَ اٿل کان پوءِ آئي آهي، جنهن جو ذڪر مون صفحہ ٣٩٢ تي ڪيو آهي، جنهن سڄي علائقي کي ڊانوان ڊول ۾ داڙاقاڙا ڪري ڇڏيو. مغل ڪافرن جا حملا بہ ٿيندا رهيا. ٻئي طرف درياهي ٻوڏن ملڪ سان هاڃا ڪري ڇڏيا. ملڪ ڪنا ڪيڙا ٿي ويو. ماڻهو الائي ڪاڏي ڪک پن ٿي ويا. ٻئي آفتون ٽري ويون، پر ماڻهن موٽي پنهنجن اباڻن ڪکن ڏانهن منهن بہ ڪونہ ڪيو. سروي رڪارڊ، جنهن جا حوالا مون اڳي بہ ڏنا آهن، سو چناب سندس وهڪري متعلق چوي ٿو تہ اهو" هن کي چناب يا چناب بہ چيو ويندو آهي، چاڪاڻ تہ پراچين دور جي ماڻهن جو خيال

هوندو هو تہ اهو درياهہ چين ولايت مان وهي ايندوآ هي (٣٣٥). هن تيز رفتار درياهہ کي چندر ۽ چندر ڀاڳا بہ سڏيو ويندو هو، جيڪو اوپر طرف کان ايندو هو. اهو بہ چيو ويندو آهي، تہ هي درياهہ پدل Padal جي ڪوهستاني علائقي مان وهي ايندو آهي. اهو علائقو چين ملڪ جي سرحد سان واقع آهي. ان کان پوءِ ڪشمير جي ماتحت علائقي وچن Wachhanجي جابلو علائقي مان وهي ۽، ڪشتوار شهر کان ٽي ڪوهہ اتر کان ڦري ٿو. هن شهر کان ٽيرهن ميل پري ساٺس ڀاڳا ندي اچي سنگم ڪندي آهي، جيڪا هيئين تبت کان مارون Marun جي جبل کان ايندي آهي. مذڪوره علائقو ڪشتوارKishtwar کان پنجاهہ يا سٺ ڪوهن جي پنڌ تي اتر طرف آهي. سنگم کان پوءِ گڏيل پاڻيءَ کي "چندر - ڀاڳا" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي (٣٣٦). سياري جي رت ۾ ڪاٺ جي پلين وسيلي مٿانئس لنگهي سگهبو آهي. جڏهن برف رجندي آهي، ۽ منجهس چاڙهہ هوندو آهي، تہ اهي پليون ناس ٿي ونديون آهن. ان موسم ۾ ماڻهو ڪن ٿاڪن تان نوڙين جون پليون ٺاهي اڪرندا آهن. جڏهن اڪنورAkhnur جي جابلو علائقن مان گذرندو آهي، تہ گهٽن چاڙهن ۾ ورهائجي ويندو آهي. وري جڏهن هتان ٻارهن ميل ڏکڻ - اولهہ طرف بهلول پور پهچندو آهي، تہ سيئي چاڙهون ملي هڪ درياهہ بنجي ويندو آهي. سڏارا (٣٣٨)جي قديم شهر کان لنگهي وزير آباد قادر آباد (٣٣٩) ۽ چندن اوٺ کان گذري وهاٽ يا بهاٽ سان ملندو آهي. جنهنجو بيان اڳ ۾ بہ ڪري آيو آهيان. اهو ٿاڪ جهنگ سيالان کان ٻارهن ڪوهہ پري آهي (٣٤٠). هن سنگم واري ماڳ کان چندن اوٺ تائين هن درياهہ جي ٻنهي ڪنارن سان ماڻهو ڇڊا ڇاڊا آباد آهن (٣٤١). هن علائقي کي چناب وارو ٻر چيو ويندو آهي. هن درياهہ جو پاڻي تمام سنو آهي. هيٺ ايترو اونهون آهي، جو ڪتان بہ لنگهڻ جوڳو ڪونہ آهي.

ڪشتوار جي اتر طرف، هن درياهہ جو رخ، اوپر کان اولهہ طرف آهي. اتان هڪدم ٺونٺ وڪڙ ڪري نڪ سامهون ڏکڻ وهي پوي ٿو. ٿوري فاصلي کان پوءِ وري بہ ٺونٺ وڪڙ ڪري هڪدم مڙي وڃي ٿو. ۽ وري پوءِ ڏکڻ منهن

ڪري اچي اڪنور پهچي ٿو، هن ماڳ کان پوءِ سندس وهڪرو ڏکڻ - ڏکڻ - اولهه طرف ٿي ويچي ٿو. گهٽي پنڌ ڪرڻ کان پوءِ وري به ڏکڻ - اولهه طرف وڏيڪ موڙو کائي، اڳتي وهندو ويچي وهاٽ سان ملي ويچي ٿو. سنگم کان پوءِ به سندس وهڪري جو رخ ڏکڻ - ڏکڻ - اولهه طرف آهي. ۽ ان ئي رخ ۾ وهندي ويچي راويءَ سان گڏجي ٿو. راويءَ سان ملڻ کان پوءِ سندس وهڪري جو لاڙو ڏکڻ - اولهه ڏانهن رهي ٿو. ملتان جي سامهون پنهنجو اڳوڻو رخ (٣٤٢) اختيار ڪري اچ شريف پرسان آب سنڌ سان ملي ويچي ٿو. "

" هن رچنا دوآبي جي اوپر ۾ پيون به ڪيتريون ئي برساتي ۽ دائمي نهرون وهنديون رهنديون آهن. جن مان مکيه ديگ Deg آهي. هيءَ سانباهه Sanbah جي علائقي مان اچي ٿي. سندس منهن ڪول آب يا ڍنڍ منجهان آهي. پنهنجي منهن کان چئن پنجن ڪوهن جي پنڌ تي هن کي ديگ جي نالي سڏيندا آهن. پر سندس پهريون نالو بسنتارBasanthar آهي. نقشن ۾ انجو نالو بسنتا موجود آهي. سندس پيٽ جي ويڪر سراسري اڌ ميل کن ٿيندي. چوماسي جي رت کان سواءِ گهٽين جاين تي سڪي ويندي آهي. اهو ان ڪري آهي، جو ڪيتيءَ واسطي پاڻيءَ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ڪيس ننڍا بند ڏنا ويندا آهن. راويءَ جي اولهه پاسي آهي، ۽ ان کان پور ويچوٽ ني وهي ٿي. پنهي ۾ ڪاتي چئن پنجن ته ڪاتي ائن ميلن جي وٿي هوندي آهي. فريدآباد (گهگهيرا هاٽي منتگمري ضلعو) پرسان هن درياهه سان ملي ويندي آهي. وچ وارو علائقو جنهن کي ديگ راوي چيو ويندو آهي، سو ڏاڍو سائو ڍائو ۽ وسنو واروآهي. چوڏاري ڪيت ئي ڪيت نظر ايندا آهن (٣٤٣).

وهاٽ سان سنگم کان مٿان چناب جا ڪنارا اتاهان آهن. ساليانى پوڏ واري رت ۾ گهٽو ڪري اٿل کانه ڪندي آهي. پر سنگم کان هيٺ سندس وهڪرو گهٽي ايراضي ۾ پکڙجي ويندو آهي. ايتري قدر جو شور ڪوٽ واري علائقي ۾ سندس پيٽ ۾ ڪيترا پيٽ ۽ پيلا هوندا آهن. راوي سان سنگم تائين سندس حال اهو هوندو آهي.

وهاٽ ۾ چناب جي سنگم کي هتان جا ماڻهو ڏو ميل Domel ڪري سڏيندا آهن (٣٤٤). ٿل جيڪو سنڌ ساگر واري پاسي کان ڪچي يا هيٺيار علائقي جو دنگ آهي، سو اولهہ واري پاسي کان گهٽي فاصلي تائين هلندو وڃي ٿو. شور ڪوٽ جي ڏکڻ وارو پاسو گهڻو هيٺاهون آهي. هن علائقي ۾ وهڪري جي پنهي پاسن کان واريءَ جون ڍِبون ۽ دڙا ڏسڻ ۾ ايندا. اهي شور ڪوٽ واري پاسي اچا بہ وڌيڪ آهن. ان ايراضي ۾ ڪي اتاهان پوٺا ڪونہ آهن، جو ساليانې ٻوڏ جي پاڻيءَ کي روڪي سگهن. گوندل بر هتان اچا بہ اتر وڃي ڪٽي ٿو. موجوده دور ۾ تہ چناب بر کي سجاٽي بہ ڪونہ ٿو سگهجي. زمين واريا سي آهي ۽ پاڻي اُگتي پٽن ڏانهن نڪرڻي ويندو آهي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ رچنا دوآبي جو هي ٽڪنڊو بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي ڪنهن تازي دور جي پيداوار آهي. هن علائقي جو وڌيڪ ذڪر راويءَ درياه واري باب ۾ ڪيو ويندو.

رچنا دوآبي ۾ موجود، جهنگ ضلعي ۾ چناب درياهہ مان ڪيترا واهہ ڪوٽيا ويا آهن. انهن مان ڪيترا تہ پراڻي دور سان واسطو رکن ٿا. سندن ترا موجوده دور جي واهن جي ترن کان گهڻو ڪجهہ مٿي آهن. اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ان زماني ۾ خود درياهہ جي تري جي سنوت بہ گهڻو مٿي هوندي ۽ پاڻي سولائيءَ سان واهن ۾ اچي سگهندو هوندو. انهن مان هڪ واهہ شورڪوٽ کان هڪ ميل کن اولهہ پاسي موجود آهي. ان جو ترو ايترو مٿي آهي، جو وڏيءَ اٿل ۾ بہ ان تي پاڻي چڙهي ڪونہ سگهندو آهي. سندس نالو راڻي واهہ آهي.

هڪ ٻئي واهہ جا نشان، سندل بر جي هڪ پراڻي ڦٽل شهر پرسان بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان زماني ۾ مذڪوره علائقي جو صدر مقام اسرور يا سرور هوندو هو. (نقشي ۾ "خانگاهہ اسرور" لکيل آهي.) اهو واهہ چاليهہ ميل ڏکڻ اولهہ وڃي سانگلا تلاءَ کان چار ميل ڏکڻ کان مٿي ٿو، جيڪو ننان Nunnan واهہ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. (نقشي ۾ وري ننون واهہ ڏنل آهي)

چناب درياهہ پنهنجو وهڪرو تمام گهڻو تبديل ڪري ويو آهي. اهو ميدان، جنهن ۾ هن وهڪرا پئي بدلايا آهن، سو ٽيهہ ميل موڪرو آهي. پراڻي زماني ۾

هن درياهہ جو وهڪرو، چندن اوٽ ڪان اولهہ پاسو ڏئي ڪونہ وهندو هو. پر ڏکڻ ـ ڏکڻ ـ اولهہ تي رخ رکي چندن اوٽ ڪان پنج ميل اوپر طرف ڪان وهندو هو. ان جي بدران هاٽي وري ساڳي شهر ڪان اڍائي ميل اوپراولهہ وهي ٿنو. ۽ موجوده دور وارو "شيخا پٽڻ" چندن اوٺ ڪان چوڏهن ميلن تي اتر ـ اوپر طرف آهي. سندس پراڻو پيٽ چڱيءَ ريت سڃاڻي سگهجي ٿو. جيڪو "راجوئا Rajua " ڪان ميل ڪن پنڌ تي موجود آهي. چندن اوٽ ڪان هيٺئين طرف هن درياهہ جي چڏيل وهڪرن جا ڪيترائي نشان موجود آهن، جيڪي جهنگ سيالان ڏانهن ويندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پٺي وهڪري جو نشان چندن اوٽ ڪان چار ميل اوپر طرف بہ ڏسڻ ۾ ايندو. اهي سيئي پيٽ شور ڪوٽ ڏانهن ويندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ۽ آخر وڃي هڪ قديم پيٽ ۾ گڏبا آهن (٣٤٥). شور ڪوٽ ڪان اوپر طرف هن پراڻي پيٽ ۽ پٺي ڪنهن درياهہ جي ڪنهن قديم وهڪري جي وچ ۾ ستن ميلن جي وٿي آهي. (منهنجو خيال آهي تہ جنهن وقت امير تيمور پار اڪريو هو تہ هي درياهي وهڪرو موجود هو)هي پراڻو پيٽ راوي جي ٻين پراڻن پيٽن مان هڪ آهي. چناب جو هي قديم وهڪرو شور ڪوٽ ڪان اوپر پاسو ڏئي چار ميل پري وهندو هو (٣٤٦). هن ماڳ ڪان سندس ويجهو وهڪرو پنج ميل پري ۽ ڏور وارو وهڪرو نو ميل پري اوپر طرف هو. شورڪوٽ ڪان ڏکڻ ـ ڏکڻ ـ اولهہ طرف ست ميل بستي اسلام ڪان چار ميل اوپر طرف وهي، هيءُ پراڻو وهڪرو ڏکڻ اولهہ طرف راوي جي چڏيل پراڻي وهڪري ۾ وهندو هو. اهو ماڳ سندس وهڪري ڪان ٻارهن يا تيرهن ميل اوپر ۽ ست يا اٺ ميل اتر طرف هو. چناب سان ملڻ ڪان پوءِ راوي درياهہ جو نالو ختم ٿي ويندو آهي. ان زير بحث دور ۾ اهو گڏيل وهڪرو موجوده وهڪري ڪان وڏيڪ ڏکڻ ڏانهن لڙيل هو. ۽"سڌو ڪي سراءِ Sidhu-ki-Sarae" جي ويجهو اولهہ ڪان ملتان ڪان نو يا ڏهہ ميل اوپر وهندو هو. بياس سان سندس سنگم هن ماڳ ڪان اٺاويهہ ميل ڏکڻ طرف ٿيندو. ڏسو صفحي ٣٤٧جو حاشيہ ٣٤٩.

چناب جو اڃا هڪڙو ٻيو بہ وهڪرو آهي. جيڪو هن پراڻي وهڪري جي

پيٽ کان ڪجهہ ميل اولهہ طرف آهي. جيڪو "بخاري" کان بہ اولهہ پاسي کان لنگهي ٿو. هتان کان پوءِ ڏکڻ - اولهہ طرف لڙي خيوڙي Khiwa (٣٤٧) جو اوير ڏئي جهنگ کان ويجهو چڪ ۾ گذري موگهيانا کان بہ اوير ڏئي هيٺ وڃي پراڻي وهڪري جي پيٽ ۾ پوي ٿو، جنهنجو مٿي بيان اچي چڪو آهي. چناب جو اڄا پيو بہ وهڪرو آهي، جيڪو هن پراڻي پيٽ کان بہ اولهہ ۾ موجود آهي. اهو ٣٢ ڊگريون ۽ ١٢ فوٽ ويڪرائي ڦاڪ وٽان بہ ڏسي سگهجي ٿو. هن پراڻي پيٽ سان نون ڏهن ميلن تائين گڏو گڏ هلي ٿوءِ ان جو وڏو وهڪرو چندن اوٺ کان ڏهہ ميل ڪن اتر - اولهہ طرف وڃي ڪوٽ عيسا خان، قادر پور ڏانهن وڃي ٿو، جيڪي وهاڻ يا جهلم جي ڪناري تي آباد آهن. پوري ويساهہ سان چئي سگهجي ٿو تہ چناب جي هڪ ڇاڙهہ ان کان ڇڇي قادرپور جي ڏکڻ ۾ اچي "بهاٽ" سان ملندي هئي. جهڙيءَ ريت مٿي بيان ڪيو ويوآهي (٣٤٨).

ان کان پوءِ اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ، مٿي اترين علائقن ۾ اهڙي ڪا تبديلي آئي، جنهنڪري پنجاب وارن درياهن ۾بہ وڏي ڦير گهير اچي وئي. وڏو امڪان اهو آهي تہ اهو وڏو حادثو جنهن ايڏي وڏي چوٻ آندي، يا اهو اتفاق جنهن سان ايڏي وڏي اٿل آئي، تنهن جو ذڪر خلاصتہ التواريخ ۾ موجود آهي. هن علائقي جي اوپارين حدن اندر موجود درياهن هاڪڙي يا واهندا ۽ انهن جي پرتي ڪنڌڙ شاخن جي تبديلين متعلق بہ گهٽو ڪجهہ ٻڌائي ٿو. هن دور ۾ چناب بہ چندن اوٺ کان مٿان اوير ڏس تي ڦيرو ڪاڌو ۽ ان کان اولهہ پاسو ڏئي وهڻ لڳي، نہ تہ اڳي اوپاريون پاسو ڏئي وهندي هئي. ۽ تيرهن ميل ڏکڻ - اولهہ اڳتي وڃي وهاڻ واري وهڪري ۾ داخل ٿي ويندي هئي. پر هاڻي شور ڪوٽ کان ڇهہ يا ست ميل اولهہ وارو پاسو ورتو هئائين. موجوده دور جيان ملتان جو بہ اولهہ پاسو ڏئي وهڻ لڳي هئي. پر ان زماني ۾ ملتان کان ڇائيتاليهہ ميل هيٺ وهاڻ ۽ راويءَ سان سنگم ڪندي هئي (٣٤٩). ڪنهن زماني ۾ وري ملتان کان اناويهہ ميل اوير طرف سندس ميلاپ ٿيندو هو. مٿي اهڙو ذڪر اچي چڪو آهي. اڄا پيون بہ تبديليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. راوي بہ پنهنجو وهڪرو بدلائي بياس کي ڇڏي هلي

وئي. صفا اولهہ تي پنهنجو نئون رخ اختيار ڪري وري بہ وڃي چناب سان ملي. سندس ان سنگم جو ماڳ ملتان کان اتر ـ اتر ـ اوپر ڏس تي هو. اڳ ۾ اهي اوپر طرف کان لنگهي هليون ويندون هيون. اڄ کان هڪ صدي اڳ سيد غلام محمد، جنهنجو حوالو اڳ ۾ بہ ڏنو ويو آهي، جيڪو ڪابل کان بهاول پور ايندي، ملتان کي ڇڏي خوشاب ۽ ديرا شاهہ مقيم وٽان لنگهيو هو، سو ٻڌائي ٿو تہ، " ديره کان هلي پندرهن ڪوهہ مفاصلو ڪري ڪوٽ شجاع خان اچي پهتس. ان ماڳ تان نڪري ٻيا ٻارهن ڪوهہ سفر ڪري، مڇاڪي نالي مسلمانن جي هڪ ڳوٺ ۾ اچي نڪتس. ان ڳوٺ جي هيٺان چناب ۽ ان جون پيرتي ڪنڌڙ شاخون جهڙوڪ: راوي ۽ وهاٽ يا جهلم، بياس سان ملي رهيون هيون. (هتي گهاري جو ذڪر ڪونہ ٿو ڪري، چاڪاڻ تہ ستلج ۽ بياس اڃا تائين پاڻ ۾ صفا ڪونہ مليون هيون.)ٻئي پار مڇاڪي پتڻ آهي. ان وهڪري کي پار ڪري قلعي پرسان موجود هڪ ڪوٺي ۾ اچي رهيو هو، جيڪو پڪين سرن جو ٺهيل هو. هيءُ علائقو بهاول پور کان ويهن ڪوهن جي فاصلي تي هو ۽ بهاول خان جي قبضي ۾ هو."هيءُ ڪوٺو نقشي ۾ ڪوٺي ڪري ڏيکاريو ويو آهي. هاڻي ملتان جي پاسي ۽ جلالپور کان سادا ڇهہ ميل اتر طرف آهي ۽ چناب ۽ بهاٽ جي سنگم کان ڏکڻ ـ اولهہ ٽن ميلن اندر آهي. بياس جو پراڻو پيٽ اڃا بہ اتي ڏسي سگهجي ٿو. هاڻي اتان بياس ڪانہ ٿي وهي. پر گهارو يعني ستلج جو گڏيل پاڻي، چناب ۽ سندس پيرتي ڪنڌڙ شاخن سان، سورهن ميل هيٺ ڏکڻ ـ ڏکڻ اولهہ طرف ملي ٿو.

ڪوٽ شجاع خان، ميلاپ کان مٿان، چناب جي اولاهين ڪنڌيءَ سان واقع آباد آهي. هن شهر شجاع آباد کي موجوده شجاع آباد نہ سمجهيو وڃي.سيد غلام محمد وڏيڪ چوي ٿو، تہ : اهڙا بہ ڪوڙ آهن. هڪ درياهہ جي اولاهين ڪنڌيءَ تہ ٻيو اوڀارين ڪنڌي سان واقع آهي. (جنهن کي موجوده دور ۾ شجاع آباد سڏيو ويندو آهي.)جيڪي هڪ ٻئي کان ويهہ ڪوهہ پري آهن (٣٥٠).

ابوالفضل آئين اڪبري ۾ چناب متعلق تمام مختصر احوال ڏئي ٿو. پر جيڪو

هن متعلق ڏنو اٿس، سو صفحي ۲۹۴ تي ڏنو ويو آهي.

خلاصتہ التواريخ جنهنجو مصنف هندو هو. سندس بيان آهي تہ، هندن جي ڪتابن ۾ چناب کي ”چندرڀاگا“ سڏيو ويو آهي. چندرا سان اها ڳالهہ منسوب ڪري ٿو، تہ اهو درياهہ چين مان اچي ٿو. اتان کان پوءِ ڪيوار مان لگهندو آهي. هتي زعفران تمام گهڻو ٿيندو آهي. ساڻس ڪيترين پرتي ڪنڌڙ شاخن جو پاڻي بہ ملندو آهي. ۽ سندس نالو چندر ڀاڳا بڻجي ويندو آهي. جموںءَ پرسان سندس پاڻي اتاهن جبلن تان ڪري ٿو. اهو ڏيک ڏسڻ جهڙو هوندو اهي. ان کاں پوءِ ان جو وهڪرو پارهن چاڙهن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. جيڪو پارهن ڪوهن جي فاصلي کان پوءِ بهلول پور وٽ وري اچي پاڻ ۾ ملي هڪ وهڪرو بنجي ويندو آهي. بعد ۾ سيال ڪوٽ ضلعي ۾ داخل ٿي“ سڌرا“ ڳوٺ وٽان ”وزير آباد“ ڏانهن وڃي ٿو. پر وارن جابلو علائقن مان ” ساڪ Sak“ ۽ ”ديار Dyar“ جو ڪاٺ چناب وسيلي وزير آباد آندو ويندو آهي. ۽ اتان بکر ۽ ٺٽي روانوڪيو ويندو آهي. ”شاهہ گذر يا شاهي پتڻ“ بہ وزير آباد ۾ آهي. اتان کان هلندو چناب درياهہ اچي چنداني اوٽ وٽ پهچي ٿو (۳۵۱). هيءُ هڪ پراڻو شهر آهي. منجهس شاهہ برهان جي مزار آهي. هن ماڳن کان پوءِ جهنگ سيالان جي حدن ۾ داخل ٿئي ٿو. هيءُ هير جو علائقو آهي، جيڪا رانجهي جي عشق جي ناتي سان هنڌين ماڳين مشهور آهي.(۳۵۲) هتان کان هلي وهاٽ سان ملندي آهي. جنهنجو ذڪر اڳ ۾ بہ ٿي چڪو آهي.“

چناب جي هڪ پراڻي ۽ ننڍي شاخ آهي. جنهن کي وسارڻ نہ گهرجي. پر غلطي کان ان کي راويءَ جي قديم وهڪري جو پيٽ سمجهيو ويو هو (۳۵۳).چناب جي هن شاخ جو پراڻو وهڪروراوي جي قديم وهڪري کان چار ميل اوپر طرف آهي. منهنجو اشارو ” لولي واهڻ “ ڏانهن آهي. منهنجي سروي مطابق ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ اهو ملتان کان ڏهہ ميل مٿي چناب مان کوٽي ڪڍيو ويو هو. بلڪل تازي دور ۾ جڏهن هن درياهہ، هن ماڳ وارو اوڀاريون وهڪرو ڇڏي، الهندي وارو وهڪرو اختيار ڪيو تہ هيءُ واهہ سڪي تباهہ ٿي ويو. جڏهن

درياه ۾ چاڙهه ايندو آهي، تہ هيءَ واهہ بہ وهڻ شروع ڪندو آهي. اتان ڪان اڳتي وهي، قلعي جو اتريون پاسو وٺندو آهي. جنهن ۾ رڪن عالم جو مقبرو آهي. ۽ ڏکڻ طرف ڪوٽ شجاع خان ڏانهن وهندو ويندو آهي. هن پاڻيءَ کي زراعت جي لاءِ بہ استعمال ڪيو ويجي ٿو. وڏيڪ پاڻيءَ کي ڪلئي ميدان ۾ ڇڏي ڏنو ويندو آهي. چاڙهہ واري رت ڪان سواءِ گهٽو ڪري سڪل رهندو آهي." ڪجهہ سال اڳ ملتان ضلعي جي اوسي پاسي ڇرڪيون بيٺو هو. مان سمجهان ٿو تہ اجا بہ اها حالت هوندي.

بئي هنڊ وري سروي رڪارڊ هيٺن چوي ٿو تہ، "لولي واهڻ " (٣٥٤) جهانگير آباد جي اتر ڪان ٿوري فاصلي تي گذرندو هو. اتان ڪان ملتان جي حدن ۾ داخل ٿيندو هو. جيڪڏهن اوهان ملتان ڪان بہ ڪوهہ ڏکڻ ويندو تہ اوهان کي هن واهہ تان بہ پيرا لنگهٽو پوندو. هڪ بلڪل اڏ پنڌ تي ۽ پيو ڪاٺ جي پل وسيلي ملتان جي لاهوري دروازي وٽان آهي.

راوي، راوايا قديم اراوتي

اڳئين دور جا مورخ راويءَ کي لاهور جي راوا جي نالي سان سڏيندا هئا. هندو ڪيس اراوتي سڏيندا آهن. هيءَ درياهہ چناب درياهہ واري جابلو سلسلي مان شروع ٿيندو آهي. هن درياهہ جي پاڻيءَ جي ذريعي کي مهاديو ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي. تنهنڪري پوتر سمجهيو ويندو آهي. هي وهڪرو چناب ڪان هيناهينءَ ۾ وهي ٿو. متانئس لنگهڻ لاءِ ڪاٺ جي هڪ پل ٺهيل آهي. اتان "بسوهلي Bisohli" ڏانهن وڃي ٿو، جتي بيڙين جو پتڻ آهي. شاهہ پور وٽان جابلو علائقي کي ڇڏي ميدان ۾ اچي ٿو. هن ماڳ وٽان پاڻي جو چوٿون حصو ڇڄي لاهور ۽ پٺاڻ يا پتڻ ڪوٽ ڏانهن وڃي ٿو(٣٥٥). ۽ اتان ڪان ٿيندو "بتالا" ۽"پاتي" جي علائقن ڏانهن وڃي ٿو. هيءَ وهڪرو هاٿي سڪي ويو آهي. راويءَ جو اهو وهڪرو بهرام پور ڪان گهٽو پري هليو ويو آهي. جيڪو لاهور ڪان مٿان وري راوي جي وڏي وهڪري سان ملي ويو آهي. هنن ماڳن ڪان پوءِ

راويءَ جو اهو وڏو وهڪرو فريدآباد، سعيدوالا، ۽ تلنبا کان ڪوهہ ڪن پري ٿيندو، ڍنڍي والاءِ سرگاٿيءَ کان ٿيندو، وچي چناب سان ملي ٿو. ان کان پوءِ سندس نالو ختم ٿي وڃي ٿو: هن سنگم واري جاءِ کي "تہ منهن " جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

راوي مان شاهہ پور وٽان نڪرندڙ نهر جا نشان اڄ بہ ڇٽا ملندا. اها گرداسپور، بٽالا (نقشي موجب بلاٽا) ۽ اٽان هلي چوڏهن يا پندرهن ميل پري امرت سر تائين پهچندي هئي. نقشي ۾ ان کي خشڪ نهر ڪري لکيو ويو آهي. سروي رڪارڊ ۾ هن نهر کي بهرام پور (نقشي ۾ بَهرام پور ڪري لکيو ويو آهي) کان گهٽو پري ڪيرن Kirn نهر جي نالي سان ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو هاٿي لاهور جي پر ۾ نہ پر. سترهن ميل ان جي مٿان پنهنجي وڏي وهڪري سان ملي ٿو.

پوري صدي بہ ڪانہ گذري آهي، پر تبديليون گهٽيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. سروي رڪارڊ موجب راوي جا احوال اهي آهن. سروي رڪارڊ جا حوالا مان اڳي بہ ڏئي آيو آهيان. ابوالفضل فقط ايترو بيان ڪيو آهي، تہ راوي هڪ قديم درياهہ آهي ۽ پدرال يا پدرا جي جابلو سلسلي وٽان وهي ٿو. لاهور وارو علائقو هندرياهہ جي ڪنڌيءَ تي آباد آهي (٣٥٧).

خلاصتہ التواريخ جو بيان آهي، تہ جنهن وقت هيءَ تاريخ لکجي رهي هئي، تہ اهو دور ١١٠٧ هہ (١٦٩٥ع) هو ان زماني ۾ راوي چناب سان سراءِ سڌو يا سڌو ڪي سراءِ وٽ ملندي هئي. اهو ماڳ ملتان کان ويهہ ميل پري هو. هاٽي اها ساڳي "سڌو ڪي سراءِ" راوي جي ڏاکڻين ڪناري کان هڪ ميل ڪن پنڌ تي موجود آهي. هن ٿاڪ وٽان اتر ڏي موڙو کائي اولهہ ڏانهن رخ ڪري ٿي. بعد ۾ ڏکڻ ـ اولهہ تي وڏو وڪڙ ڪري هن مقام کان يارهن ميل اولهہ طرف چناب سان وڃي ملي ٿي (٣٥٨).

جڏهن سيد غلام محمد شاهہ ١٧٨٧ع ۾ هندستان کان ڪابل وڃي رهيو هو.تہ هن "ليا" کان ملتان وڃڻ جو خيال ترڪ ڪري ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ تہ

سڪن جي وڏي فوج هن علائقي تي حملو ڪيو هو. ان ڪري هو مانڪيره Mankerah رستي ڦريو هو. هن رستي سان سفر ڪندي، هو چناب، بهاٽ، ۽ راويءَ جي سنگم واري علائقي مان به لنگهيو هو، ۽ مذڪوره علائقي تي چڱي روشني وڌي اٿائين. هو ملتان کان نڪري "خان چل Khanchal" ويو، جيڪو اتان کان پنجن ڪوهن جي فاصلي تي ۽ اتر-اوڀر تي واقع هو. (هي اهو ماڳ آهي جنهن کي ڪاچا ڪوس سڏيو ويندو آهي جيڪو ڏيڍ ميل کن پري آهي).اتان کان پوءِ ساڳي طرف ڏهه ڪوهه مفاصلو ڪري بياس (ان وقت سڪل نه هو) جي ڪناري "ديهه شاهنواز" پهتو. وري ڏهه ڪوهه اتر سفر ڪري "شاهه پور" رسيو اتر-اوڀر طرف تي وري به ڏهه ڪوهه پنڌ ڪري "تلنبا" ۾ قيام ڪيائين. پندرهن ڪوهه اتر-اولهه مفاصلو طئي ڪري "سرواڻ "پهتو. هو چنيءَ ريت ٻڌائي ٿو ته "سرواڻ" واري منزل چناب ۽ بهاٽ جي وچ واري علائقي ۾ هئي. اهو ماڳ وڏي برپٽ جي ڪچ ۾ موجود هو. شايد اهو ٽل هجي. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته هن سفر ساڳي رخ ۾ ڪيو. سفر ڪرڻ وارو علائقو بر پٽ هو، هو سفر ڪندو وڃي مهراڻ (شايد هي اهو ماڳ آهي، جنهن کي اسان نقشن ۾ ڳڙهه مهاراجا ڪري لکيو آهي)پهتو. ٻه منزلون پيون ڪري هو مانڪيرا پهتو هو. محمد بن قاسم جي حملي وقت بياس سان راوي ملتان کان اوڀر ڏس تي ملندي هئي. خاص طور تي لاهور کان هيٺان هن جي وهڪرن ۾ وڏيون تبديليون آيون آهن. ان ماڳ کان وٺي چناب سان ملڻ تائين، سندس وهڪري ۾ لڳاتار تبديليون ايندڙيون رهيون آهن. اڄرج جي ڳالهه اها به آهي، جو سندس ترو هيٺ اونهون به آهي، ٽيورنيئر Tavernier چوي ٿو ته سندس ترو تراکڙو آهي. مان سندس حوالو حاشيه ٣٥٧ ۾ ڏنو آهي. هن درياهه جو وهڪرو ته پروسي جوڳو هوندو ئي ڪونه آهي. هڪ سال هڪ جاءِ تي هوندو ته ٻئي سال اهو چئي ڪونه سگهبو ته اهو ڪاٿي هوندو. لاهور کان ٻارهن ميل مٿان، هڪ پاسي سندس ڪاٻو ڪنارو اتاهون پيو ڏسبو جيڪو ڏکڻ-اولهه طرف ڏانهن ويندو نظر ايندو. پوءِ وڏو وڪڙ ڪري سراءِ نوشهرا جي پرسان ۽ "ونڊاري Wandari" جي وچان

لنگهي "سعيد والا" ۽ "هنجرائون" کان ٻارهن ميل اوپر طرف وڃي ٿو. هي ماڳ هندو جاٽ قبيلي پنيان سڏيو وڃي ٿو. جيڪو ست گهر (۳۵۹) کان ٻه ميل ڪن ڏکڻ طرف آهي. هن ٿاڪ وٽان وڪڙ کائيندو، ساڳي طرف هلندو ويندو هو. سندس ڪنارا ڏاڍا اتاهان آهن، ۽ ڏکڻ پاسو ڏئي، هڙاپا کان گذري ٿو. هن کان بعد راوي جو ڪاپو اتاهون ڪنارو ۽ بياس جو ساڄو اتاهون ڪنارو ڇهن ميلن تي مشتمل مٿاهون پٽ، سندن ملڻ لاءِ رنڊڪ بنجي ويندا آهن. (جيڪو آخري درياهه جي ذڪر ۾ بيان ڪيو ويندو.)

هڙاپا وٽان هو ڇيڇا وتني جي ڏکڻ ۾ پرسان لنگهي ٿو، بعد ۾ ساڍا ٽيرهن ميل ڪن اڳتي وڃي، نونٽ وڪڙ ڪري اترطرف ڏانهن مڙي وڃي ٿو. ان کان پوءِ وري ڏکڻ - اولهه طرف موڙو کائي،تلنبا ڏانهن هليو وڃي ٿو، ۽ پنج ميل ڏکڻ کان لنگهي وڃي ٿو. اتان ملتان جي ان ٿاڪ ڏانهن وڃي ٿو، جنهن جي پرسان ڪڏهن چناب وهندو هو. هي درياهه ٻه اتي ساٽس وڃي ملندو هو. هيءَ اهو زمانو هو، جڏهن مذڪوره درياهه هن شهر جي اوپر کان وهندو هو، ۽ بياس سان سنگم ڪندو هو. مٿيون بيان ڪيل ٿاڪ "سدو کي سراءِ" کان ڪجهه سر ڏکڻ طرف پندرهن ميل آهي. ڏائي اتاهين ڪنڌيءَ ۽ موجوده دور جي وهڪري ۽ ڇيچاوتني ۽ تلنبا جي وچ تي، ٻن يا ٽن وهڪرن جا نشان آهن، جن مان مختلف دورن ۾ هيءَ درياهه پئي وهيو آهي. رچنا دوآبي جي سامهون سندس اتانهان ڪنارا اڄ ٻه چٽي ريت ڏسي سگهجن ٿا. جيڪي لاهور کان اٺويهه ميل اولهه طرف کان شروع ٿين ٿا، ۽ سندل بر جي اوسي پاسي ڏکڻ - ڏکڻ - اولهه ڏس تي هليا وڃن ٿا. سندل بر جي الهندي پاسي ٻه ساڳي بر جو هڪ پاڳو آهي، جنهن جي اولهه طرف کان اوپر تي ويڪر چوڏهن ميل ڪن ٿيندي ۽ اتر کان ڏکڻ ڊيگهه ارڙهن ميل اٿس. چوڏس ڊبن جا دڙا ۽ ٽڪريون ڪاٽي پراڻن ڳوٺن ۽ شهرن جا ٿنا ۽ ڪاٽي ڊنڊون ۽ ڊوريون پيون ڏسبيون آهن. ڪاٽي ڪاٽي سخت قسم جي ڪڙيي ۽ ڪرڙ واري سخت زمين نظر ايندي، جنهن کي چٽرنگ زمين چوندا آهن، جنهنجو ذڪر اڳتي ايندو. هن قسم جي ايراضيءَ کي ڪنڪري وارو خطو چوندا آهن. پر

چترنگ زمين ۾ ڪنڪر جو ڪيميائي جوڙ هڪ جهڙو هوندو آهي.

هتان ڪان سڌو سنئون گهگهيرا ۾ فتح پور ڏانهن رخ ڪري اٺ ميل ڪن اڳتي وڃي اولهه طرف لڙي، فريد آباد ڏانهن وڃي ٿو. هن ماڳ ڪان پنج ميل ڪجهه اولهه تي سعيد والا آهي. فريد ڪان ست ميل اتر-اولهه، ديگ نالي هڪ نئن اچي هن وهڪري سان ملندي آهي. هنن ماڳن ڪان پوءِ سندس ڪنارا ايڏا اوچا ڪونه هوندا آهن. پر گهگهيرا ڪان ساڍا چار ميل ڪن اولهه طرف وري اتاهان تي ويندا آهن، ۽ اتان ڏيڍ ميل جي پنڌ ڪان پوءِ "ڪوٽ ڪماليه" جي وستي اچي ٿي (٣٦٠). هتان اتر ۾ پوءِ اتر اولهه ڏانهن ٺونٺ وڪڙ ڪري، سورهن ميلن ڪان پوءِ شور ڪوٽ پهچي ٿو، جيڪو ٣٠ ڊگريون ـ٥٢ فوٽ اتر ويڪرائي ڦاڪ تي آهي. هتان ڪان چوڏهن ميلن جي پنڌ تي چناب جو قديم پيٽ آهي. جتان اتر ڪان اوچتو وڪڙ ڪري، ڏکڻ طرف وڃي ٿو، ۽ ست ميل پنڌ هٽي وري اولهه ڏانهن وري ٿو. هتي سندس ڪنارا اتاهان نظر ايندا۽ چاليهن ڊگرين تي لهنوارو ڏسڻ ۾ ايندو. تلنبا ڪان پندرهن ميل زمين جو متاچرو جابلو آهي. سندس وهڪري جو رخ الهندي پرو آهي. چناب جي پراڻي پيٽ ڏانهن لڙندي سندس ڪنارا اڻ چٽا نطر ايندا. ڪڏهن اها چناب سان "سڌو ڪي سراءِ" ڪان اتر طرف ملندي هئي. ان ڪان پوءِ راوي جڏهن بياس کي ڇڏي چناب سان ملي، ته سندن گڏيل پاڻيءَ جو وهڪرو اوپر بدران ملتان جي اولهندي پاسي ڪان لگهندو هو. موجوده دور ۾ به معلوم ائين ٿي رهيو آ هي، ته راوي هن ڇڏيل وهڪري ڏانهن لڙندي پئي وڃي، جيڪو اسان سمجهون ٿا ته تمام پراڻو آهي. چچ جڏهن ملتان تي حملو ڪيو هو ته ان زماني ۾ هي درياهه ان قديم پيٽ مان وهي رهيو هو. محمد بن قاسم جي حملي وقت سندس وهڪرو اهو ساڳيو هو. چاڙهه جي رت ۾ منجو ٿورو ڪجهه پاڻي هن پراڻي وهڪري ۾ به اچي ويندو آهي. جيڪڏهن عام طرح ائين نه آهي ته ڪجهه سال اڳ ايئن ضرور ٿيو هوندو.

معلوم ٿئي ٿو ته وڏي درياهي تبديلي جنهنجو ذڪر اسين مٿي ڪري آيا آهيون، وڏي ٻوڏ ڪري آئي. جنهن پنجاب جي اترئين پاسي کي ڊانوان

ڊول ڪري ڇڏيو هو ۽ ان جي نتيجي ۾ هيءَ وڏي درياهي ڦير گهير تي هئي. اها امير تيمور جي زماني ۾ آئي هئي، جنهنجو جيڪر هتي جائزو پيش ڪجي تہ بهتر ٿيندو. اميرتيمور چناب ۽ ٻهاٽ جي ڳڏيل پاڻي کي سنگم کان هيٺان شور ڪوٽ وٽان (٣٦١) پار ڪري، تلنباجي سامهون اتر طرف کان راوي اڪري فوجي وانڊ وجي هڻين هئي. پوءِ اتان ڪان ڪوچ ڪري بياس جي ڪناري پهتو هو. ۽ ان کي ٻيڙين وسيلي پار ڪيو هئائين. سندس ڪيترا فوجي درياهہ مان تري پار پهتا هئا. جهڙي ريت اسانکي سندس جنگي مهم متعلق حوالا ملن ٿا. اسان کي معلوم ائين ٿئي ٿو تہ راوي مذڪوره وهڪري مان وهي رهي هئي. ان کان پوءِ بہ راويءَ پنهنجو وهڪرو اجا بہ بدلائي ڇڏيو. هن ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجائش ئي ڪانہ آهي. هنجي موجوده وهڪري جي ڏکڻ پاسي سندس اهو قديم پيٽ موجود آهي، جيڪو سعيد والا کان ٿورو ڏکڻ کان شروع ٿي، هڙاپا کان ڇهہ ميل اولهہ طرف تائين پهچي ٿو. جتان موجوده دور واري وهڪري کي اچي سوڙهو پوي ٿو. سندس سوک راوا (٣٦٢)جو نالو بہ ظاهر ڪري ٿو تہ اها سڪي وئي هئي، جنهنجو انگريزي ۾ ترجمو ٿيندو، " Driedup Rawa "سڌو کي سراءِ پرسان اولهہ ۾ پراڻو پيٽ ساڳي ئي نالي سان، ملتان کان ٽي ميل اوپر تائين هليو وڃي ٿو. اهو سندس ڪو ڪهنو پيٽ ڪونہ آهي جنهن جو ذڪر اسان مٿي ڪري آيا آهيون. پر سندس واسطو ڪنهن تازي دور سان آهي. اهو تڏ هوڪو آهي جڏهن ١٦٩٥ع ڌاران، "سڌوڪي سراءِ" پرسان راوي چناب سان ملندي هئي. هن کان اڳ ۾ بہ سندس وهڪرو اهو ئي معلوم ٿئي ٿو. پوءِ هي بياس کي ڇڏي (٣٦٣) نيٺ اچي چناب سان ملي هئي (٣٦٤).

تلنبا کان مٿان وڏين روڪن ۽ رنڊڪن جي باوجود بياس سان ملڻ کان پوءِ بہ منجهس تبديليءَ واري خاصيت موجود هجڻ ڪري اتر، ڏکڻ ۽ اولهہ طرف ڦيرا گهيرا ڏئي نيٺ پنهنجو هڪ نئون ۽ مشهور وهڪرو پيدا ڪري ورتو، جنهن کي هتان جا ماڻهو "سڌو ناءِ SidhuNae، ڪري سڏيندا آهن.. اها وڏي وهڪري جي هڪ چاڙهہ هئي. هوءَ ٻارهن ميل بنا ڪنهن ور وڪڙ جي هلندي وڃي

سڌوڪي سراءِ وٽان چناب سان ملندي هئي. وري جڏهن چناب ڪجهہ اولهہ پرو سرڻ لڳي تہ چنداني اوڀ ۽ شور ڪوٽ جو اولهہ ڏئي لنگهڻ لڳي، نہ تہ اڳي اوياريون پاسو ڏئي لگهندي هئي.راوي سان ملڻ کان پوءِ تہ منجهس وڏيڪ ور وڪڙ پوڻ لڳا، ۽ پوءِ ڦرندي گهرندي وڃي ان هيٺاهين ايراضي ۾ پهتي، جتي واري جون ڍڀون آهن. ۽ اهو هاٽوڪي سنگم وارو ٽاڪ آهي.

جنهن علائقي مان سڌ ناءِ لگهندي آهي تہ اتي پنهنجي ساڄي يا اتر واري ڪناري تي زور ڪانہ رکندي آهي. ٿوري پنڌ تائين اهو ڪنارو گهاٽين ڪچين (٣٦٦)سان پريو پيو آهي.سندس ڪاٻي ڪناري سان مٿاهين پوٺي جو هڪ پٽو آهي، جنهن جي پرسان وري ترايون بہ موجود آهن.

عربن جي ڪاهہ کان وٺي اڄ تائين، راوي جي وهڪرن جي تبديليءَتي هيءَ اتاچري چنڊ ڇاڻ آهي.هاٽي مون کي سڪندر ۽ هيونگ تسانگ واري دور ڏانهن جهاتي پائڻي پوندي، ڇاڪاڻ تہ هن ڳالهہ ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجائش ڪانہ آهي تہ راوي ڪن ٻين درياهن کان وڌيڪ پنج ند يا پنج آب جو حصو رهي آهي. ۽ هنَ، مختلف دورن ۾ پنهنجا وهڪرا پئي بدلايا آهن، پنهنجي خاص دائري اندر پئي اوڀ موٽ ڪئي آهي. اهڙي طرح ٽيويهہ سو سالہ پراڻا پڌ، واهڻ ۽ وسنديون اڄ وارن وهڪرن جي ڪنڌين ۽ ڪنارن سان ڇاڇڻ فضول ۽ ڳهلائپ آهي. اهڙيون شاهديون اڄا بہ موجود آهن، تہ راوي جي وهڪري جو هيٺيون حصو ويهن پنجويهن ميلن جي ويڪر ۾ مختلف دورن ۾ هيڏانهن هوڏانهن پئي ڦريو آهي.

سڌو ڪي سراءِ کان ٽپي، راوي اتر ڏانهن وڪڙ ڏئي اولهہ ڏانهن ڦري ٿي، ۽ ڏاڍا ور وڪڙ ڪندي علائقي جي ان هيٺاهينءَ ايراضي ڏانهن وڃي ٿي، جنهن جو ذڪر چناب جي باب ۾ اڳي ڇڪيو آهي. هاٽي ان ايراضيءَ ۾ ٻنهي درياهن جو سنگم ٿئي ٿو. موجوده دور ۾ اهو علائقو ڪنڌين جي ٻيلي سان ڀريل آهي. ۽ اهو ٻيلو گهٽي ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي، جيڪو ملتان ضلعي ۾ باري دوآبي تائين هليو وڃي ٿو. سامهون ضلعي جهنگ واري رچنا دوآبي جي ڪجهہ حصي

تي بہ بيٺل ڏسڻ ۾ ايندو. هي ميٺاهون علائقو درياهن جي قديم وهڪرن سان چٿيو پيو آهي. انهن مان ڪي نشان چٽا پڌرا آهن، تہ ڪي ميسارجي ويا آهن. هن ميٺاهين. علائقي ۾ ضلعي جهنگ جي اٿار جي مٿاهين پوئي جو پاڻي هلي اچي گڏ ٿيندو آهي. چاڙهہ جي موسم ۾ وري چناب جو پاڻي اٿل ڪري شور ڪوٽ تائين پهچندو آهي. راوي جي ساڄي ڪناري سان ويجهو زمين، هنجي اتاهين ڪناري هجڻ ڪري اٿار واري پاسي کان ايندڙ پاڻي جي ٻوڏ کان بچي ويندي آهي. چاڪاڻ تہ ان اٿار واري مٿاهين ايراضيءَ مان گهٽا ور وڪڙ ڪري لگهندو آهي. ۽ ان کي هنڌئون هنڌ ڪاتي چڙيندو آهي. اتانهن ڪنارن کان بلڪل ميٺان ٿي "ميٺار" واري زمين آهي. جنهن کي هتان جا ماڻهو بيٽ بہ سڏيندا آهن. سڄي ايراضي راوي جي قديم وهڪرن سان چٽي پئي آهي.انهن لاءِ "ٻيا"جو اکر ڪتب آڻيندا آهن. جنهن جي معنيٰ بہ قديم آهي (٣٦٧).

. ڏهن درياهہ ۾ چاڙهہ ايندو آهي، تہ چيچا وتني تائين، پنجونجاهہ ميلن تائين اٿل ڪندي آهي. سندس پاڻي هڪ طرف وڃي جلال پور پهچندو آهي. تہ ٻئي پاسي کان سنڌ ساگر دوآبي ۾ سيالن واري احمد پور اچي ويندو آهي. آخرڪار ٽل جي پوئي ۽ چناب جي ڪنارن جو وچ ڏئي، Kandiwal Dhandh ڪنڍي واڻ ڍنڍ مربوتدو آهي(٣٦٨)

بياس -قديم بپشا يا وپشا (٣٦٩)

ابوالفضل آئين اڪبري ۾ هن درياهہ لاءِ تمام ٿورو لکيو آهي. پر اهو ذڪر ضرور ڪري ٿو، تہ سندس پراڻو نالو بپشا آهي. هن لاءِ خلاصتہ تواريخ جو ذڪر آهي تہ هي درياهہ هنڌائون Hindaun کان لنگهي نور پور جي علائقي جي هڪ ڳوٺ وتان پنجاب جي ميداني خطي ۾ داخل ٿيندو آهي. بعد ۾ ڪانو واهڻ (٢٧٠) نالي هڪ ڳوٺ وتان لنگهي ٿو. جتي هڪ شاهي پتڻ آهي. اتان کان پوءِ راميلا وتان گذري گوبند وال شهر ۽ ديهہ وال جي پسگردائيءَ مان ٿيندو، لوهہ جي وستي وٽ ستلج سان ملندو آهي. ان کان پوءِ انهن ٻنهي جو گڏيل پاڻي فيروز

آباد ۽ محمود اوٺ وٽان لگهندوآهي (٣٧١). هن علائقي ۾ ديپالپور جي وچ تي پنهي جو وهڪرو ٿن ڇاڙهن ۾ ورهائجي ويندو آهي. جن مان هڪڙي تمام ننڍڙي آهي. پنهي وڏين ڇاڙهن مان هڪڙي ڏکڻ وارو پاسو ڏئي لگهندي آهي، جنهن کي وري به ستلج جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ٻي وڏي شاخ جيڪا ديپالپور ڏانهن رخ ڪندي آهي، تنهن کي بياس ڪوٺيندا آهن. وچ واري ننڍي ڇاڙهہ کي ڊنڊ چوندا آهن. ان کان ٿورو اتر پاسي ڪابولا جو ڳوٺ آهي (٣٧٢). ان کان بعد ڪاءِ بليڏي ۽ فتح پور جو اتر ڏئي ٿي. اتان کان ڪهرور، لوڌران ۽ بعد ۾ جلالپور پهچي ٿي، جتي هن ٻن وڏن وهڪرن سان ملندي آهي، جيڪي پوري هڪ سوڪوهہ جي جدا وهڪرن ڪانپوءِ وري هتي اچي پاڻ ۾ ملندا آهن. سندن گڏيل پاڻيءَ کي گهلوءَ جو گهارو چيو ويندو آهي (٣٧٣). هن علائقي ۾ بلوچ قبيلا آباد آهن. ۽ راوي، چناب ۽ بهاٽ يا وهاٽ جي گڏيل وهڪري سان وچي ملندي آهي. هن وهڪري کي، سنڌ آب سنڌ يا سنڌ جو درياهہ چوندا آهن."

هيءُ تمام اهم بيان آهي تہ، مغل حڪومت جي هڪ هندو روينيو عملدار وٽان درياهن متعلق هڪ واضح معلومات ملي آهي، جيڪا سروي رڪارڊ کان هڪ صدي اڳ واري دور سان واسطو رکي ٿي.مذ ڪوره رڪارڊ منهنجو بہ ماخذ رهيو آهي. آءٌ وري بہ موٽي بسروي رڪارڊ ڏانهن اچان ٿو. ٻن وڏن وهڪرن سان گڏ ٽئين ننڍي وهڪري جو بيان ڪيو ويو آهي. جنهن جو پراڻو پيٽ ديپالپورکان ٻارهن ميل ڏکڻ طرف حويلي کان ٿورو اتر (٣٧٤)۽ ڪابولا کان هيٺ ۽روۀ ملتان ضلعي جي ميلسي پرسان اچ بہ ڏسي سگهجي ٿو. اهو ساڳو پيٽ فتحپور (٣٧٥)جي اولهہ " ڪهرور"جي اتر ۽ لوڌران جي پرسان گذري ٿو. هي حوالو هن وهڪري متعلق ابوالفضل جي ڏنل اڻ چتي پيٽ ۽ نالي تي بہ روشني وجهي ٿو. هي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ بياس ۽ ستلج جي گڏيل وهڪري فيرپور تائين (٣٧٦)ٻارهن ڪوهہ انهن نالن سان سڏيو ويندو هو. خلاصتہ التواريخ جي مصنف کان سواءِ ڪير بہ هن وچين وهڪري متعلق معلومات ڪونہ ٿو ڏئي، جنهن کي

ابوالفضل ڏنيڊ سڏيو آهي (٣٧٧). حقيقت اها آهي تہ ٻين من ڏانهن ڪو ڌيان ئي ڪونہ ڏنو آهي.

سروي رڪارڊ جنهنجو آءُ حوالو ڏئي آيو آهيان، تنهنجو بيان آهي تہ بياس درياهہ ”ڀوٽنٽ Bhutant“ جي جابلو علائقي مان ايندو آهي. سندس شروعات ”بياس ڪنڊ Bias kund“ نالي هڪ ڍنڍ مان ٿئي ٿي. هن درياهہ جو گذر هڪ ڏکڻي جابلو علائقي مان ٿئي ٿو.ور وڪڙ ڪندو نيٺ ”ندائون “ شهر جي ڀرسان لنگهي ٿو. هي شهر ان علائقي جي حڪومت جو صدر مقام آهي. ان کان بعد اتر ـ اولهہ طرف عام رخ اختيار ڪري، اتر پنجاب جي جابلو علائقي مان وڪڙ کائيندو، نور پور جي علائقي جي مختلف ڳوٺن جون وٽيون پاسا ڏيندو، ڪيترين ڇاڙهن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. بعد ۾ هڪ ڪلئي ميداني علائقي ۾ اچي نڪرندو آهي. ۽ پوءِ ڏکڻ ـ اولهہ طرف موڙو کائي ٿو. پر سندس وهڪروجلدئي اولهہ ـ ڏکڻ طرف بدران فقط ڏکڻ ڏانهن جهوڪو ڏيڻ شروع ڪندو آهي. ان کان پوءِ وري هڪدم اولهہ ڏکڻ ڏانهن لڙڻ شروع ڪري ٿو. ۽ ”ڪانو واهڻ “ ڀرسان لنگهي ٿو. هي هند جي قديم بادشاهن جي شڪار واسطي مشهور علائقو آهي. بعد ۾ روهيلا، جلال آباد، ٻڙرو وال ۽ فتح آباد پهچي ٿو ۽ لوهہ يا لوهي وال ڀرسان ستلج سان ملي وڃي ٿو. هن گڏيل وهڪري کي ”مڇ واهہ “ ۽ هرياري جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي، تہ قديم زماني ۾ ستلج لوهہ وال ڳوٺ کان گهٽوپري اوير، پنهنجي قديم پيٽ ۾ وهندي هئي، ۽ بياس پہ درياهي جي صورت ۾ وهندي هئي، سندس هڪ ڇاڙهہ قصور، ڪابولا، ڪاءِ ۽شاهہ مقيم (٣٧٨) جي حجري جي ڀرسان ديپال پور جي قلعي کان هڪ ڪوهہ اتر اولهہ طرف ڏيو وهندي هئي. پوءِ گهٽو هيٺ وڃي هرياري سان سنگم ڪندي هئي. وهڪري جي هن ڇاڙهہ کي اڃا تائين بہ بياس جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. بياس جي ٻي ڇاڙهہ ڏکڻ طرف وهندي هئي. جيڪا ستلج سان ملندي هئي(٣٧٩)، اها اڃا بہ پنهنجي نجي ۽ آخري وهڪري ۾ وهي رهي هئي. موجوده دور ۾ بياس يا انجو مکيہ وهڪرو بند ٿي چڪو آهي. جيڪو صفا سڪي ويو آهي. نتيجي ۾ ديپال

پور (٣٨٠) جا ماتحت علائقا بر پٽ ۽ بيابان ٿي ويا آهن. بياس جو نجي ۽ آجي درياهہ جي حيثيت ۾ پنهنجي پراڻي پيٽ وارو آخري وهڪرو بہ ڇتو آهي. پر پيا قديم وهڪرا گهٽي (٣٨١) وقت گذرڻ ڪري ڪجهہ اڻ ڇتا آهن. ڪي وري واهن کوٽڻ ڪري ختم ٿي ويا آهن. ڪٿي وري درياهن جي پراڻن پيٽن کي واهن طور بہ ڪتب آندو ويو آهي. مختلف دورن ۾ سندس جنهن خطي اندر پئي ڦرياگهريا آهن، سو ويڪر ۾ ائن ڪان ڏهہ ميل ٿيندو. ڪاٿي تہ ٻارهن ميل بہ آهي. ان علائقي جو مٿاڇرو، جنهن مان راوي، هرياري، نيلي يا گهارو وهندا آهن، (هي ٽئي نالا بياس ۽ ستلج جي آخري پيري گڏجڻ کان پوءِ، سندن گڏيل وهڪري جا آهن. جنهن جي وچ تي بياس جو پراڻو پيٽ اڃا بہ موجود آهي) عجيب و غريب قسم جو آهي. بهتر اهو سمجهان ٿو تہ اڳتي وڌڻ کان اڳ ۾ ان جو ڪجهہ بيان ڪريان.

مان اڳي بہ اهڙو ذڪر ڪري آيو آهيان، تہ راوي ۽ بياس جي ماترين کي وچ تي موجود هڪ پوٺو الڳ ڪري بيهاري ٿو. (اهي هيٺاهان علائقا جن مان وقت بوقت درياهہ وهندا رهيا آهن، تن کي درياهن جون ماتريون چئبو آهي)هي علائقو قصور ۽ لاهور جي وچ تي پکڙيو پيو آهي، جنهنجي ويڪر ايڪيهہ ميل کن ٿيندي. ٿورو هيٺ هلي، سندس ويڪر وڃي اٺ ميل بيهي ٿي. پر پوءِ هوريان هوريان وڌي وڃي سترهن ميل بيهي ٿي (٣٨٢). هي مذڪوره مٿاهون ميدان يا پوٺو وارياسو نہ، پر زرخيز مٽيءَ وارو آهي. تنهن ڪري کيتي لاءِ ڏاڍو موزون هو. اتان جي رهواسين کوهہ ۽ کڙيا کسيون کوٽي ان علائقي کي پئي آباد ڪيو آهي. جن جا نشان اڄ بہ ڏسي سگهجن ٿا. پر اترئين پاسي يا راوي واري طرف انهن جي مڙوئي گهٽائي آهي. هيءَ ان زماني جي ڳالهہ آهي، جڏهن راوي ۽ بياس پنهنجي اتاهن ڪنارن وارن پيٽن کي اڃا کوڙي ڇڏيو هو. پر ڪو انومان ڪري سگهندو تہ اهي ڪٿي هيون؟ ٽيويهہ صديون اڳي اهي اتي موجود هيون يا نہ سا خبر خداکي. ان وچ واري دور ۾ جيالاجي سان لاڳاپيل کهڙيون تبديليون آيون (٣٨٣)؟ ڏکڻ طرف يا بياس واري پاسي اهو مٿاهون پٽو پي

ايراضي ڪان هڪدم مٿي ايري ٿو. مٿاهين پٽ ڪان ان جي اوچائي ويهه فوٽ ۽ زمين جي مٿاڇري ڪان چاليهه فوٽ مٿي آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سچو راويءَ ڏانهن اتر طرف لنهنوارو ٿيندو ويجي ٿو. ٻين طرفن ڪان اڌ جيترو لهنوارو نظر ايندو. اهو عام ميداني علاقي وٽان ڏهہ فوٽ ۽ڪاٿي فقط پنج فوٽ مٿي ڏسڻ ۾ ايندوآهي (٣٨٤). ڀڪين سرن جي ٽوٽن دڙن، ڳوٺن شهرن ۽ ڦٽن ۽ قلعن جي نشانن مان (٣٨٥) معلوم ٿئي ٿو، تہ جيڪو اسان هاڻي رڻ پٽ ۽ بيابان علائقو ڏسون ٿا، سو ڪڏهن سائو ڏائو ۽ سڪيو ستابوعلائقوهوندو هو، ۽ منجهس ججها ماڻهو رهنداهئا. جيڪي عزت ۽ آبرو جي جيوت گهاريندا هئا. هي علائقو گنجي بر جو هڪ ڀاڱو آهي. هندي زبان ۾ برمعنيٰ ٻر يا ڪنارو آهي. جنهنجو انگريزي ترجمو Verge Margin ۽edge ٿي سگهي ٿو. پر هتان جا ماڻهو هن لفظ کي رڻ پٽ ۽ بر جي معنيٰ ۾ ڪتب آڻيندا آهن، جنهن جي معنيٰ اهو علائقو جيڪو پاڻي ڪان پري ۽ غير آباد هجي.

رچنا دوآبي وارو سندل بر وارو پوٺو، جنهنجو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، سو بہ مٿي ڪان هيٺ تائين سخت مٽي جو آهي. هيءُ بہ غير آباد علائقي جوهڪ پٽو آهي.جنهن وٽ ساليناني اٿل جو پاڻي ڪونہ پهچندو آهي. پر ان کي هٿرادو طريقن سان آباد ڪري سگهجي ٿو (٣٨٦). باري دوآبي، ستلج واري روهي علائقي، رچنا دوآبي جي اثار (مٿاهين) ايراضي کي هن علائقي جا ماڻهو بنجر سڏيندا آهن. هن ڪان پوءِ واري جو ٻيو پٽو اچي ٿو، اهو رچنا دوآبي ۾ آهي، ڪيس "هيٺار" ٻيٽ يا ڪاڌڙ بہ ڪوٺيندا آهن. ٻين علائقن ۾ ان کي سيلابي چيو ويندو آهي، هيٺ ڏنل صورتحال ۾ سچو وايو منڊل (٣٨٧)کي ڏسندا.

ڪن جاين تي هن مٿاهين وچين پوٺي جي سلامي راوي ۽ بياس جي پراڻن ڪنارن جي برابر هوندي آهي. هن وچ واري خطي کي باري دو آبو سڏيو ويندوهو (٣٨٨)، ۽ هاڻي بہ ان ئي نالي سان ڪيس سڏيو ويندو آهي. مثال طور پنهي درياهن جي وچ وارو خطو، جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان، سو بياس جي اتاهين ڪناري ڪان هوريا ن هوريان لهنوارو ٿيندو، راوي ڏانهن اچي ٿو ۽ چناب

سان سنگم تائين نا معلوم طريقي سان هوريان هوريان لهنوارو ٿيندو ترائي يا هيٺار ۾ بدلجي ويندو آهي. هيٺ ملتان ضلعي جي اولاهين پاڱي ۾ انجي صورتحال هيٺ ڏنل نقشي مطابق هوندي آهي.

جلال آباد ۽ فتح آباد کان وٺي ويندڙ هري ڪي پتڻ جي ويجهڙائي ۾ بياس ۽ ستلج جي سنگم تائين بياس جا ڪنارا اتاهان آهن. پر سنگم کان پوءِ ڏاکڻين يا ساڄي ڪناري يا هرياري، نيلي يا گهاري واري پاسي ڏانهن، متاهون پٽ جيڪو سڪل بياس جي ڪناري سان شروع ٿئي ٿو، سو صفا اپُ ڪپرو آهي. خاص طور لاهور جي طرف ڏانهن سعيد والا کان اڑرهن ميل (٣٨٩)اتر-اوپر طرف ان جي اوچائي نسبتا وڏيڪ آهي. " شاهنواز " ڳوٺ تائين سندس ڪنارا وري اتاهان آهن، هن ڳوٺ جو ذڪر امير تيمور جي بيان دوران اچي چڪو آهي. جيڪو دين محمد جي ٽبي (ٽبا يا ٽبي) جي ست ميل اتر اوپر ۾ آهي. دين محمد جي دڙي جو نالو هن صدي جي آخر تائين مشهور هو. توڙي جو بياس ۽ ستلج پنهنجا پيٽ ڇڏي اچي وچ تي پاڻ ۾ مليون هيون. انهن ٻنهي جي گڏيل پاڻي ڪي مٿين پاسي هرياري يا نيلي چيو ويندو آهي. ۽ هيٺين طرف ملتان ۽ بهاول پور وارن علائقن ۾ نالو گهلوءَ جو گهارو اٿس. وچ واري هن متاهين پوٺي جي ويڪر هڪ جهڙي ڪانه آهي. ٻنهي اتاهن ڪنارن جي وچ تي قصور کان لاهور تائين ستاويهن ميلن ۾ آهي. هيٺ نوشهري سراءِ کان وٺي " چنهيان Chunhi-an "تائين موڪر سترهن ميل اٿس ۽ چنهيان کان ست گهر تائين مختلف جاين تي اٺن ميلن کان وڏيڪ ڪانه ٿيندي. هڙاپا (٣٩٠) جي ڏکڻ ۾ سندس ويڪر ۾ وري واڌ نظر ايندي ۽ اها ڏکڻ ۾ بلڪل پرسان ئي شروع ٿئي ٿي. اتان ويڪر ٻارهن ميل ڏسڻ ۾ ايندي. تلنبا کان ڏکڻ سترهن ميلن تائين وڃي بيهي ٿي. ملتان علائقي جي ڏکڻ اولهه طرف جڏهن چناب جي پرسان پهچي ٿو ته هڪ عام ميداني علائقو بنجي ويندو آهي. ڏکڻ طرف يا بياس واري پاسي هي پوٺو جنهنجو ذڪر هاڻي ڪري آيا آهيون، تنهن جي اوچائي چاليهاروڪن فوٽ ٿيندي. اتر يا راوي واري پاسي ڏانهن اهو فقط ويهه فوٽ اتاهون آهي. موجوده دور ۾

راوي هتان کان سورهن ميل اتر طرف وهي ٿي.پر ٻارهن ميل هيٺ چيچا وتني وٽان، اتان ڪنارن ۾ واري جي ڊهن جي وچان وهندي آهي.مخالف يا بياس واري پاسي هرياري، نيلي يا گهاري، جنهن ڪي غلط فهمي کان ستلج سڏيو ويندو آهي، سا هن پوئي کان ٽيويهه ميل ڪن پري آهي. پر ملتان واري علائقي ۾ "لڏڻ " وٽان مذڪوره درياهه ٻارهن ميل ڪرم پور وٽان چار ميل ويجهو آهي. جتان هو اولهه کان گهنبي هٽي ڏکڻ طرف وهڪرو اختيار ڪري ٿو.

هن پوئي جي ڏکڻ واري پاسي، پوئي ۽ بياس درياهه جي پراڻي پيٽ جي وچ تي، يا بياس جي پراڻي پيٽ ۽ نيلي، هرياري يا گهاري جي وچ تي هڪ علائقو آهي، جنهن کي هتان جا ماڻهو "نيلي بر"ڪري سڏيندا آهن، سو ان علائقي کان بلڪل نرالو آهي. جنهن مان راوي مختلف دورن ۾ پئي وڙهي آهي. ان کي "راوي بر"جي نالي سان بہ سڏيو ويندو آهي. هي علائقو نيلي هرياري يا گهاري جي ڪنارن کان ٿورو مٿي آهي. ملتان علائقي جي ڏکڻ-اولهندي پاسي "چٽ ڌوئان" Chit-Dhuan جو هڪ وڏي اوچائي وارو ميدان آهي، جنهن مذڪوره درياهه کي ڪرم پور وٽان بياس جي ڇڏيل پراڻي پيٽ ڏانهن وڌڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. جنهن جو بيان اڳي بہ ٿي چڪو آهي. درياهه اوڏانهن وڌڻ جي ڪيترا ڀيرا ڪوشش بہ ڪئي آهي، پر ڪامياب ڪونہ ٿيو آهي. انطرف کان روڪ ڪري، اولهہ کان ٿونٽ وڪڙ هٽي ڏکڻ-ڏکڻ -اوڀر ۽ پوءِ اوڀر وري ڏکڻ اولهہ ۽ آخر ۾ سر اولهہ رخ ڪيو اٿائين.شاهدين مان معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ نيلي بر ڪنهن تازي دور ۾ ٺهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ متاڃري کان ٿورو ئي هيٺان واري جا تهہ ملن ٿا، ان ڪري ڪوهہ ڏاڍي مشڪل سان کوٽي سگهجن ٿا. جيڪڏهن کوٽجن ٿا تہ هڪدم ڍاهو ڏئي ڪري پون ٿا. هيءُ علائقو جنهن ۾ هينئر رڻ پٽ آهي، اتي پراڻا ڳوٺ (٣٩١) شهر قلعا واهہ ڪڙيا ۽ ڪسيون ڏسي، فقط انهن ماڻهن کي اچرج ٿيندو، جيڪي هن علائقي جي پراڻي تاريخ کان بلڪل بي خبر آهن (٣٩١)، ڪوٽ ڪماليہ واري ايراضي ۾ گهگهيرا واري علائقي ۾تمام گهٽا ڳوٺ، شهر قلعا آهن. نيلي يا هرياري يا گهاري جي پرسان پٽن کان سواءِ ٻي زمين گهٽو ڪري

آبادي جي لائق ڪانہ آهي، جنهن ڪي ڪاڌڙ يا سيلابي زمين ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. پوليءَ جي استعمال مان ائين سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اها زمين ساليانی ٻوڏ جي اثر هيٺ رهي ٿيُ. هتان جا ماڻهو هن ايراضي کي ”ڪچي“ جي نالي سان سڏيندا آهن. هاڻي درياهہ مان واهہ ڪڍيا ۽ ڪسيون کوٽي پوکي راهي ڪئي ويندي آهي. درياهہ جي ڪنارن کان وٺي هي پٽو ٽي ميل کن ٿيندو، ڪٿان سندس ويڪر چار ميل بہ آهي. ، اجوڌن يا پاڪ پتڻ جي اوسي پاسي واري زمين پوکي راهي جي لائق ڪانہ آهي. چوڌس مٿاهون پوٺو آهي (۳۹۲)، جيڪو گهاٽي جهنگل سان ڀريو پيو آهي. پر ملتان ضلعي جي ڏکڻ ـ الهندي واري دوآبي ۾ چناب نديءَ جي ڪناري سان هي آباد پٽو ڇهن يا ستن ميلن جي ويڪر جيترو ٿيندو.

اهڙي رَيت ويهن ميلن تي پکڙيل گهگهيرا علائقي جو هيءُ رڻ پٽ آهي، جيڪو مٿاهين پوٺي تي بياس جي وچ تي اتر طرف آهي. هيءُ اهو ماڳ آهي، جتي بياس جو پاڻي پهچي ڪونہ سگهندو آهي. هن علائقي متعلق مٿي ذڪر اچي چڪو آهي. هن رڻ پٽ جي اترئين اڌ ۾ مٿاهين پوٺي جي شروعات ٿيڻ واري جڳهہ جي ويجهڙائيءَ ۾ بياس جا ڪيترائي پراڻا پيٽ آهن، چو ماسي (۳۹۳)جي رت ۾ مينهن جي پاڻي سان ڀرجي ويندا آهن. پاڻي جي ڀريل هنن تراين کي هتان جا ماڻهو ”ڍورا“ چوندا آهن. ڏاکڻيون اڌ بہ درياهہ جي ننڍڙين ڇاڙهن جي پراڻن پيٽن سان ڇٽيو پيو آهي. انهن سيني ڇاڙهن جو رخ مکيہ وهڪري ڏانهن آهي، جيڪو ملتان جي ڏکڻ ـ اولهہ پاسي هن رڻ جي آخري ڇيڙي ۾ هيٺ تي آهي. جتي ڪڏهن بياس ۽ راوي جو گڏيل پاڻي، چناب ۽ بهاٽ جي گڏيل وهڪري سان ملندو هو.

هتي ڪي برساتي نيون بہ آهن، جن کي هاڻي ”باراني رود“ چيو ويندو آهي. اهي وڏڦڙي جي وسڪاري تي مدار رکن ٿيون. انهن مان هڪ پرها Parhah آهي. ڏاهرا انجي ڇاڙهہ آهي، ٻي نئين سهاڳ نالي بہ آهي. اهي تمام ننڍڙيون نيون آهن. هن موضوع جي ناتي سان سندن اهميت رڳو ايتري آهي، جو بياس جون چوماسي سان لاڳاپيل ڇاڙهون آهن. ۽ ڪانئس ڪاپي ڪناري کان ڇڇي ڏکڻ ـ يا

ڏکڻ ـ الهندي ڏانهن وهنديون هيون. جيترو وقت بياس ان وهڪري جي پيٽ ۾ وهندي هئي، جيڪو ديبالپور جو پاسو ڏئي وهندو هو، تہ هي برساتي موسم واريون بياس جون ڇاڙهون بہ منجهانئس نڪري انهن علائقن لاءِ سڪر ۽ سٽائي جو سبب بڻبيون هيون. جن مان سندن گذر ٿيندو هو. برسات جي موسم کان پوءِ اٿل اچڻ واري رت تائين ســـڪل رهنديون آهن. جڏهن نيلي يا هرياري جي اٿل جو پاڻي منجهن پهچندو آهي، تہ وري تار تي ويندديون آهن. سروي ڪرڻ دوران "سهاڳ" ڇاڙهہ اجوڌن کان ساڍا ٽي ميل پري وهندي هئي، ۽ هاڻي اها مذڪوره شهر کان پنج ميل اتر کان وهندي آهي.

هينئر اهو ڏسڻ گهرجي تہ "سوک ناءِ" کهڙي وهڪري جو نالو آهي. (هن کي نقشي ۾ Sookhnae ڪري لکيو ويو آهي) صورتحال مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ستلج بياس جي وهڪري مان نڪرندڙ هيءَ وچين ڇاڙهہ آهي. ستلج ۽ بياس جي سنگم کان پوءِ سندن گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي نيلي يا هرياري چيو ويندو هو. هن گڏيل وهڪري کان پوءِ ٻئي درياهہ جدا ٿي ويندا هئا. پر جدا ٿيڻ وقت ٿيون هڪ ننڍڙو وهڪرو بہ شروع ٿيندو هو. ستلج ۽ بياس جا وهڪرا هڪ سو ڪوهہ جدا هلي وري پاڻ ۾ ملندا هئا. سندن گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي گهارو ڪوٺيو ويندو هو. جنهنجو بيان مٿي اچي چڪو آهي. ابوالفضل، خلاصتہ التواريخ جي مصنف ۽ سروي رڪارڊ بہ هن کي ڍنڊ ڪري لکيو آهي. پر هينئين علائقي ملتان ۾ هن کي "ڀٽياري نالا Bhuttyaree Nullah"لکيو ويو آهي. ۽ بياس درياهہ جي پراڻي پيٽ کان ڇٽ ڏوئان، نالي سبب جدا ٿي ويوآهي (٣٩٤). اهڙي قسم جي ننڍڙن وهڪرن جا پراڻا نشان بياس جي پراڻي پيٽ جي ڪاٻي ڪناري يا ڏاکڻين پاسي ججهي انگ ۾ ڏسي سگهبا. ساڳئي وقت ساڄي طرف واري اتاهين ڪناري يا اترئين پاسي ۽ هرياري نيلي يا گهاري جي موجوده وهڪري جي وچ تي اهڙا نشان ملندا. پر زمين جي مٿاڇري وارين شاهدين مان اهو معلوم ٿيندو تہ اهي پوئين زماني سان واسطو رکن ٿا. اتاهان ڪنارا هوريان هوريان لهنوارا ٿيندا گهاري درياهہ ڏانهن هلندا پيا وڃن. جنهن کي اولهہ پاسي ڏانهن ڄڻ ساڄو

ڪنارو آهي ٿي ڪونہ (٣٩٥). حقيقت اها آهي تہ راوي ۽ بياس جي اتاهن ڪنارن جي وچ تي ٻنهي طرفن کان هڪ پوٺو آهي، جنهن کي باري دوآبي ۾ گنجيبر جو علائقو چيو ويندو آهي. راويءَ جو موجوده وهڪرو ۽ بياس جو پراڻو پيٽ ڪيترن پراڻن وهڪرن جي نشانن سان ڪٽيل آهن. انهن مان ڪيترا نشان تہ ڇتا آهن، پر ڪي ميسارجي ويا آهن. هن ويران رڻ پٽ ۾ پڪين سرن جي ٽوٽن جا ڍير، ڦٽل ڳوٺن ۽ شهرن جا نشان تمام گهڻا آهن، جنهن مان اهو لکي سگهجي ٿو، تہ ڪنهن زماني ۾ هي علائقو سڪيو ستابو ۽ ريان ڪيان هو، ۽ هتي ماڻهن جو ججهو انگ رهندو هو.

بياس جو پراڻو پيٽ جنهن کي Old Bias Nalla چيو ويندو آهي، سو مونکي پڪو ويساهہ آهي ، تہ قديم زماني واري بياس جي ٻہ درياهي جو پراڻو وهڪرو آهي، جيڪو لوهہ وال يا لوهي واڙ ڳوٺ وٽان ڇڇي ڏار ٿيندو هو. ان ماڳ کان مٿان ستلج ساڻس گڏبي هئي ۽ ڪجهہ وقت اڳ بياس جو پاڻي هن پيٽ منجهان وهندو هو (٣٩٦).

جلندر دوآبي ۾دائمي وهندڙ ڪي جابلو نيون ٻہ آهن. انهن سيني نين لاءِ سمجهيو ويندو آهي تہ اهي هڪ نئن جون مختلف ڇارهون آهن، جنجو هيٺينءَ سهاڳ ۽ خانواهہ ڪئنال سان لاڳاپو آهي. مان هنن متعلق فقط هيترو چوندس تہ اڳينءَ صديءَ ۾ جڏهن سروي جو ڪم هلي رهيو هو تہ هن دوآبي ۾ مکيہ ٻہ نيون هيون. انهن مان هڪ جو " ڪالي وائين" يا بائين ۽ ٻي جو " ڍولي وائين" نالو هو (٣٩٧). اڳئين نئن سواليڪ جي جابلو علائقي مان نڪرندي هئي، ۽ ڏکڻ طرف وهي "سراءِ دکن" کان ڏکڻيون پاسو ڏئي، فيروز پور ضلعي جي جلال آباد جي سامهون ۽ "ڏرم ڪوٽ" کان ٽي ميل ڏکڻ طرف ستلج سان ملندي هئي،جيڪا ان وقت کان اڳ ۾ پنهنجو وهڪرو بدلائي چڪي هئي.

ٻي نئين جنهن کي ڍولي نئن سڏيو ويندو هو، سا "دوسها" (٣٩٨)جي قديم شهر کان اولهہ طرف کان هڪ ڍنڍ منجهان شروع ٿيندي آهي. اها ڍنڍ ڇهہ ست ميل ويڪري ۽ گهٽي اونهي آهي. اتان کان وهي يحيٰ نگر وٽان اترئون

لنگهندي آهي. مٿانئس پڪين سرن جي پل آهي. جيڪا سلطان پور جو اتر ڏئي گذري ٿي. هتي به مٿس پڪ سري پل جوڙيل آهي. هن ماڳن کان ست ڪوهه کن اولهه ـ ڏکڻ وڃي بياس سان ملندي آهي. ان دور ۾ ستلج "پنڊوري" جي ويجهو ۽ ڏرم ڪوٽ کان اڍائي ميل اتر لنگهندي هئي. هتان کان اڳيلون ماڳ "پنڊوري" ستلج جي وهڪري کان پنج ميل ڏکڻ طرف آهي. هن پنهي نين جو سهاڳ يا خان واهه ڪئنال سان ڪو واسطو يا رابطو آهي،تنهن جو امڪان نظر ڪونه ٿو اچي. باقي اهو ٿي سگهي ٿو، ته ڪالي وائين يا بائين جو ڪو تعلق ڪٽورا ڪئنال سان هجي، يا ڪٽورا ڪئنال جو ڪالي وائين سان تعلق هجي (٣٩٩).

بياس متعلق صفحه ٣٧٢ ۽ ٣٧٣ تي به حوالا موجود آهن. هڪ تي هڪ صدي ۽ ٻئي ۾ به صديون اڳ جون حقيقتون ڏنل آهن. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي، ته بياس ۽ ستلج جي وهڪري جي وچ تي پنجهٽ ميل جو هڪ وسيع علائقو موجود هو. ان دور ۾ اجا به ستلج هاڪڙي جي ڀرتي ڪندڙ شاخ هئي. بياس اجا به ديپال پور سرڪار جي اولهه ڏکڻ کان وهندي هئي. ۽ ملتان شهر کان اناويهه ميل ڏکڻ اوڀر (٤٠٠)، دين محمد جي ٽبي کان اتر ـ اولهه تي چئن ميلن تان هن جو گذر ٿيندو هو. ڳوٺ دين محمد ڪا ٽبه ۽ مخدوم رشيد جي وچ تي وهاٽ ۽ چناب جو گڏيل وهڪرو راويءَ سان وڃي ملندو هو (٤٠١). ان کان پوءِ هن وهڪري جو رخ ڏکڻ طرف لوڌران ۽ جلال پور جي وچ تان ۽ ملتان ضلعي جي ڏکڻ ـ اوڀرڏس تي وهندو هو. هتان کان بابيا (ڪن نقشن ۾ پابيا ۽پبروالا به لکيل آهي)جو رخ ڪندو هو، جيڪو اچ کان اوڻتيهه ميل اوڀر طرف هو. مذڪوره شهر درياهه جي ڏاکڻين يا ساڄي طرف واقع هو. چچ نامه ۽ سنڌ جي ٻين مورخن هن شهر کي بابيا جو قلعو ڪري لکيو آهي (٤٠٢). هن ماڳن تي پهچي هي درياهه يا ٻيا درياهه جيڪي هن سان ملندا هئا، تن جي گڏيل وهڪري کي عرب مورخ سنڌ رود يا رود سنڌ وهند جي نالي سان سڏيندا هئا. هن ٽاڪ وٽان اولهه ڀرو ٽورو وڪڙ ڪري، اٺانوي ميل هيٺ وڃي موجوده بهاول پور رياست جي

"ٻاگهلا"ءِ صاحب ڳڙهه وٽ هاڪڙي ءِ واهندا سان وڃي ملندو هو. ان سنگم واريءَ جاءِ کي پراڻي دور جا مورخ دوش آب جي نالي سان سڏيندا هئا. جنهنجو مٿي ذڪر اچي چڪوآهي. ستلج پنهنجي هڪ الڳ پيٽ ۾ وهندي هئي. انهن مان هڪ جو ذڪر هاڻي ايندو.جيڪا اچا تائين ٻه هاڪڙي يا واهندا ۾ وهندي هئي. هي درياهه دوش آب کان پنج ميل مٿي ستلج سان ملندو هو، جتي ٻيا درياهه ٻه اچي گڏبا هئا.

"نيون مگنا" مغل جڏهن اچ تي ڪاهيو هو تہ ان کان گهڻو وقت بعد اتر پنجاب ۾ وڏي ٻوڏ کان پوءِ هڪ وڏي تبديلي آئي هئي (۴۰۳). اڳي ستلج درياهه پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ "پتيان دي پنڊي" ءِ "چنداني اوٽ" يا چندن اوٽ" (چنيوٽ)، "خيوا"، "جهنگ سيالان" ءِ "شورڪوٽ" کان ٻہ ٽي ميل اوپر کان وهندو هو. هن درياهه جي ذڪر ۾ اهڙو بيان اچي چڪو آهي. مٿي بيان ڪيل تبديليءَ کان پوءِ، هيءُ درياهه الهندي طرف لڙي ويو ءِ مٿين شهرن جو ٻہ اوپر بدران الهندو پاسو ڏئي وهڻ لڳو. سندس وهڪري جي رخ ۾ طرف جو ڪوبہ ڦيرو ڪونہ آهي ءِ ملتان کان اولهہ پاسي ترائيءَ واري علائقي ڏانهن وهڻ لڳو. ان زماني ۾ چناب، راويءَ کان ڇڄي وئي هئي، ان ڪري سندس وهڪري تي وڏو اثر پيو. پر بياس سان ان جو ڳانڍاپو رهيو. ان سبب ڪري بياس جي وهڪري ۾ ڪجهہ تبديلي اچي وئي ءِ ملتان پرسان اچا بہ ڪجهہ وڌيڪ اولهہ پرو سرڪي وئي. ان جو "سُڪ راوي" جي نالي سان پراڻو پيٽ اچا بہ موجوُد آهي. اهو راوي درياهه جي ذڪر ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جنهن سبب ٻين درياهن جي وهڪرن کي متاثر ڪيو، ان ساڳي سبب بياس جي وهڪري تي بہ اثر ڪيو. اڳي راوي ملتان جي پرسان لنگهندي هئي – وڌ ۾ وڌ ٽي يا چار ميل پري – تنهن ڪري ملتان جي ان پاسي کي اچ تائين بہ راويءَ وارو طرف ڪري چيو ويندو آهي. ملتان جو ڏکڻ طرف ڏئي وڃي، هاڪڙي يا واهندا سان ملڻ بدران، گهڻو الهندي ڏي لڙي، اولهہ – ڏکڻ طرف رخ اختيار ڪري، جلال پور جي اتر – اولهہ، ڏهہ ميل پري، ڪوٽليءَ کان ساڍا ٽي ميل اولهہ ءِ ملتان واري علائقي جي ٻاري

دوآبي جي ڏکڻ - اولهہ واري ڪنڊ تي، چناب ۽ وهاڻ جي گڏيل وهڪري سان وڃي ملندي هئي. انهن سڀني درياهن جو گڏيل پاڻي، اُچ (۴۰۴) ڪان اولهہ ٿوري پنڌ تي وڃي آب سنڌ يا سنڌو درياهہ سان ملندو هو. آبِ سنڌ يا سنڌو درياهہ اتان ڪان سڌو ڏکڻ وهندو هو ۽ وچ رستي تي دوش - آب واري سنگم ڏانهن رخ ڪندو هو. ان جو وڌيڪ تفصيل هاڪڙي يا واهندا واري باب ۾ ايندو.

ستلاج، ستلج يا شتلج (۴۰۵)

ستلج، جنهن کي قديم دور ۾ "ستادرو" بہ چيو ويندو هو، تنهن جي ذڪر ڪرڻ ڪان اڳ ۾ اها ڳالهہ ورجائيندو هلان تہ خلاصہ التواريخ ۾ ان متعلق ڇا آهي؟ پنجاب ۾ آيل وڏيءَ ٻوڏ، جنهن هيڏيون ساريون تبديليون آنديون، ان جو بہ هن تاريخ ۾ ذڪر ملي ٿو. مصنف پاڻ هتان جو رهاڪو هو، جيڪو علائقو ٻوڏ ڪان ناس ۽ پڙيانگ تي ويو هو، هو ان جي پرواري علائقي جو رهواسي هو. هن جيڪو ڪجهہ بيان ڪيو آهي، تنهن جي ڪيس پوريءَ ريت معلومات هئي. هيءَ تباهي آٿيندڙ ٻرڏ ڪهڙي سال آئي؟ ان جو پتو ڪونہ ٿو پوي. پر اها اٿل امير تيمور جي هندوستان تي حملي ڪان ٿورو اڳ ۾ آئي هئي. امڪان اهو آهي، تہ جنهن دور ۾ سلطان فيروز شاهہ واهہ کوٽايا هئا، ان ڪان ٿورو اڳ اهو واقعو ٿي گذريو هو. معلوم اهو ٿئي ٿو تہ هن اٿل سڄي علائقي کي اٿلائي پٿلائي ڊانوان ڊول ڪري ڇڏيو هو. اهوئي سبب آهي، جو هن پنهنجي تعمير ٿيندڙ نئين قلعي ۽ اوسي پاسي واري علائقي ڏانهن واهہ کوٽائي آندا هئا.

پنجاب جي اترئين جابلو سلسلي ۾ ڪا طبعي تبديلي آئي، جنهن ڪري پاڻيءَ جي وڏي اٿل آئي هئي. ٻوڏ ايڏي تہ وڏي هئي، جو ستلج ۽ چناب درياهہ جي وچ تي سڄو علائقو پاڻيءَ هيٺ اچي ويو هو. "ڪيترائي ڳوٺ ۽ شهر لڙهي ويا ۽ ملڪ جو سڄو نقشو ئي ڦري ويو هو." وچ تي موجود بياس ۽ راوي جي قديم وهڪرن جي موجودگيءَ سان اهڙي ثابتي ملي ٿي. ان ٻوڏ جو رخ اولهہ - ڏکڻ طرف ٿي هو. جڏهن پاڻي لهي ويو ۽ زمين سڪي وئي، تہ سڄو علائقو ماڻهن ڪان سواءِ،

سجو سڪٽو پاسجڻ لڳو. پوءِ هوريان هوريان ماڻهو اچي اتي وسڻ لڳا هئا. مغل بہ بلخ ۽ ڪابل مان هلي، هر سال پنجاب جي هنن علائقن تي هلان ڪندا هئا، تنهن ڪري انهن علائقن جي وري آبادڪاري ۾ گهڻي عرصي جي گهرج هئي. ان سبب گهڻو وقت سجو ۽ ڏجو رهيو. ڪنهن ڊل ۽ محصول جي اوڳاڙي ڪانہ ٿيندي هئي. بهلول خان لوڌي پهريون پناڻ هو، جيڪو هندوستان جو بادشاهہ ٿيو، جنهن تاتارخان کي لاهور جو گورنر مقرر ڪيو. ان زماني ۾ راؤ رام ديوَ ڀٽيءَ پنجاب جي نئين سر تعمير ڪئي. (ممڪن آهي تہ اهو لاهور جو صوبو هجي، پر هتي مصنف جا لکيل اکر اها معني ڏيکارين ٿا). هن اهو علائقو نوَ لک ٽنڪن (۴۰۵) تي ٺيڪي تي ڪنيو هو. بعد ۾ رام ديو مسلمان ٿيو، جنهنڪري ترقي ڪرڻ ۾ ڪيس وڏي هٿي ۽ سهائتا ملي هئي. سال ۸۸۷هہ ۽ ۱۵۲۲ بڪرماجيت (۱۴۸۸ع)۾ هن تاتار خان جي اجازت سان پٽالا شهر جو بنياد رکيو، جنهن جي ماڳن تي اڳ ۾ گهاٽو جهنگل هو. هن شهر جي لاءِ پهريائين تہ هڪ دڙي جي چونڊ ڪئي وئي، پر سونڻ سٺو ڪونہ نڪتو. ان ڪري ٻئي دڙي جو انتخاب ڪيو ويو، جنهن تي اڄ پٽيالا جو شهر آباد آهي. پٽيالا لفظ جي معنيٰ آهي دنبالو، جنهن جو انگريزي هم معنيٰ لفظ ٿيندو after, behind وغيره. جنهن جو مطلب آهي تہ هن شهر جي ماڳ جي پهرئين انتخاب تي نہ، پر ٻئي تي شهر جي اڏاوت ڪئي وئي."

مان سانگي سان اهو بہ ذڪر ڪندو هلان، تہ تاريخ جو مصنف پٽيالا جو رهاڪو هو ۽ اورنگزيب عالمگير جي زماني ۾ مغل شهنشاهت سان لاڳاپيل اعليٰ عملدار هو.

هن وڏيءَ ٻوڏ متعلق هڪ ڳالهہ ضرور ڌيان ۾ رکي وجي، تہ امير تيمور جهلم جي ڪناري تي آباد "پارا" شهر وٽ پهتو. هن اتان جي حڪمران مبارڪ شاهہ تميميءَ (۴۰۷) کي شڪست ڏني. هي ماڳ لاهور رستي کان بلڪل نڪ سامهون بہ سؤ چاونجاهہ ميل دور هو. هو سڌو وڃڻ بدران پهريائين ملتان ويو، جيڪو هتان کان هڪ سؤ چاهتر ميل پري هو. اهڙيءَ ريت سمانا جي سفر

واسطي هنکي ٻنيهہ ميل وڏيڪ ڪرڻا پيا. ان زماني ۾ پير محمد ملتان ۾ موجود هو. اڳتي پيش قدمي ڪرڻ واسطي کيس گهوڙن جي وڏي لوڙ هئي. اهڙيءَ ريت هو ديبال پور رستي وڃي بياس جي ڪناري سان پنهنجي ڏاڏي امير تيمور سان ملاقات ڪري پئي سگهيو. يا امير تيمور پنهنجي لشڪر جو هڪ حصو ڏانهنس امداد طور موڪلي پئي سگهيو. امير تيمور "تلنبا" رستي (۴۰۸) ملتان ڪونہ ويو هو. پر هو سڌو سنئون بياس طرف روانو ٿيو. ڏيان ڏيڻ جوڳي ڳالهہ اها آهي تہ سندس پوٽو مرزا پير محمد پنجاب جي حدن ۾ ڏکڻ ڏس کان ائين داخل ٿيو هو، جيئن ترمر شيرين خان داخل ٿيو هو. امير تيمور، چناب ۽ وهاڻ جي گڏيل وهڪري مٿان ٻيڙين جي پل ٺاهڻ ڪري کيس هميشه سٺن لفظن ۾ ياد ڪندو هو. منهنجو خيال آهي تہ امير تيمور يا ٻين لاهور رستي سڌي سفر کي ان ڪري اهميت ڪانہ ڏني هئي، جو اهو علائقو ناس ۽ ٻرٻيانگ لڳو پيو هو ۽ درياهي ٻوڏ کيس ڪنا ڪيڙا ڪري ڇڏيو هو. جنهن جو ذڪر خلاصہ التواريخ جي مصنف ڪيو آهي ۽ اُن جي ڏنل سبين کي مان بہ حوالي طور ڪتب آندو آهي. اسان کي امير تيمور جي جنگي مهمر سان لاڳاپيل مورخن کان بہ پتو پوي ٿو تہ ان دؤر ۾ چناب ملتان جو اولاهيون پاسو ڏئي وهندي هئي. ان وقت ستلج جي وهڪري جو رخ ڪيئن هو؟ سو البت چٽو ڪونہ آهي. پوري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ راوي بياس سان ملندي هئي ۽ انهن جي گڏيل پاڻيءَ جو وهڪرو ملتان جي اوپر طرف کان وهندو هو. جڏهن تہ بياس پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ وهي رهي هئي. اها ڳالهہ بہ ظاهر آهي، تہ جيڪڏهن امير تيمور اجوڌن (بعد ۾ هن کي پاڪ پٽڻ سڏيو ويو) کان "ڀٽنير" جي قلعي ڏانهن ويندي ستلج پار اڪري ها، تہ پاڻي هجڻ جي حالت ۾ اسان کي ضرور پتو پوي ها. خاص طور تي پاڻيءَ جي اڳئين مقدار واريءَ حالت ۾ تہ ضرور خبر پوي ها. جڏهن هن جسرت کوکر خلاف ۸۲۵هہ (۱۴۲۲ع) ۾ سياري (۴۰۹) جي موسم اچڻ تائين جنگ ڪئي هئي، تہ بياس نہ فقط لڌيانا ۽ تهارا (۴۱۰) تائين لنگهڻ جوڳو ڪونہ هو. پر اڃا بہ گهڻو هيٺ اڪرڻ جوڳو ڪونہ هو. امير تيمور ڀٽنير تي حملي واسطي اجوڌن کان آڪٽوبر جي آخري ڏينهن سال ۱۳۹۸ع

تي درياهہ اڪريو هو. هن درياهہ ۾ پاڻي لهي چڪو هو؛ پر ٻين درياهن ۾ اڃا چاڙهہ (۴۱۱) موجود هو. هو ٻڌائي ٿو تہ بياس جي پاڻيءَ ۾ اڃا بہ تيز رفتاري موجود هئي ۽ اهو لنگهڻ جوکو ڪونہ هو. هن پنهنجو لشڪر ٻيڙين وسيلي پار اڪاريو ۽ ڪيترا شهسوار درياهہ وچان پنهنجن گهوڙن کي هنيون آيا. ان ڪان پوءِ هو "خالص ڪوٽلا"(۴۱۲) ۽ "ڀٽنير" ڀرسان گهگهر درياهہ جي وچ تي ڪنهن درياهہ يا درياه هي چاڙهہ جي موجودگيءَ جو ذڪر ڪونہ ٿو ڪري. حقيقت بہ اها آهي تہ ستلج جو ذڪر اسان کي نہ امير تيمور جي تاريخن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ نہ وري ابن بطوطه ان جو نالو ڪٿي ٿو. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ "ڀير خالص"(۴۱۳) وٽان ستلج کي پار ڪرڻ کان سواءِ، امير تيمور لاءِ "ڀٽنير" جي قلعي تائين پهچڻ ممڪن ڪونہ هو. پر ان هوندي بہ سندس ذڪر ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو. جنهن متعلق آءٌ اڳ ۾ ٻڌائي آيو آهيان. ابن بطوطه اجوڌن ابوهار (۴۱۴) جي وچ تي ڪنهن درياهہ جو بيان ڪونہ ڪيو آهي. فقط ايترو ٻڌائي ٿو تہ پاڻي جام آهي، چوڌاري ساوا ڪيٽ ڪڙيا پيا آهن. پر اهو ذڪر ڪونہ ٿو ڪري تہ اهو پاڻي ڪهڙي درياهہ مان اچي ٿو. اها ستلج ئي هئي ۽ ابو هار ڀرسان گذرندڙ وهڪري واري پيٽ ۾ وهي رهي هئي. امير تيمور جي وڃڻ کان سُتت ئي پوءِ ستلج پنهنجو هڪ نئون وهڪرو بنائي ورتو هو، جيڪو هاڻي ابوهار واري پيٽ ۽ نيلي يا هرياري جي وچ تي وڏيءَ ڍنڍ جي صورت ۾ اڄ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان ڪان پوءِ بياس ۽ ستلج فيروزپور کان مٿان لوهہ وال يا لوهي وال (۴۱۵) وٽ ملنديون هيون ۽ سندن گڏيل پاڻي واري وهڪري کي نيلي يا هرياري چيو ويندو هو. ابوالفضل جو بيان بہ ائين ئي آهي. سندن هيءُ سنگم ٿوري مفاصلي لاءِ هو. ٻئي درياهہ ديپال پور کان ٻہ ٽي ميل اوپر طرف الڳ ٿي ويندا هئا. بياس موٽي پنهنجي پراڻي پيٽ مان وهندي هئي ۽ ستلج بہ ٿورو ڏکڻ تي وڃي وري پنهنجي پراڻي پيٽ مان وهڻ لڳندي هئي ۽ ٻنهي مان هرهڪ کي پنهنجي نالي سان سڏيو ويندو هو. انهن مان ڍنڍ نالي هڪ ٽين ڇاڙهہ بہ نڪرندي هئي، جيڪا نندي ۽ غير اهم هئي جيڪا اجوڌن ۽ خالص ڪوٽلا جي وچ تان وهندي هئي.

سندس وهڪرو ملتان جي علائقي لوڌران ۽ جلال پور تائين بياس سان پوروچوٽ تي هوندو هو. اهڙيءَ ريت بياس ۽ ستلج اٽڪل هڪ سؤ ڪوهه ڊار وهڪرن ڪان پوءِ وري بہ پاڻ ۾ (٤١٦) ملي ويندي يون هيون. ڍنڍ نالي سندن ڇاڙهہ بہ سندن سنگم ڪان اڳ ۾ ستلج سان ملي ويندي هئي. ملي وڃڻ ڪان پوءِ، ٻنهي درياهن جا اصلي نالا ڪونہ رهندا هئا. سندن پاڻيءَ جي گڏيل وهڪري کي گهاري جي نالي سان سڏيو ويندو هو ۽ آخرڪار اهو اچ پرسان آب سنڌ يا سنڌوءَ سان ملي ويندو هو. بياس ۽ ستلج واري وچين ڇاڙهہ کي هاٿي سوک ناءِ (٤١٧) جي نالي سان وڃي ٿو. اها اڳ لوڌران جي اولهہ وهندي هئي. پوءِ ٿورو وهڪرو بدلائي، جلال پور ڪان ٿوري مفاصلي تي اولهہ طرف وهڻ لڳي هئي. بياس جو پيٽ، جنهن کي "بياس جي نالي" چوندا آهن. جنهن جو پراڻو وهڪرو ليڊڻ جي اوپارئون (٤١٨) وهندو هو، سو سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هڻ سان اچي ملندو هو.

بياس سان سنگم مٿان، فيروزپور ڪان وٺي هيٺ سنڌ جي حدن تائين ستلج جي ڏاکڻين ڪناري سان سارو علائقو هموار آهي. پٽن ڪان سواءِ، ڪاٺي جابلو علائقو ڪونہ آهي. اهو ريگستاني علائقو بہ ڏکڻ ۽ ڏکڻ - اولهہ طرف تي آهي. امڪان اهو آهي، تہ اهي ڊبون درياهہ جي ڇڏيل واري آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهي ڇڏيل وهڪرن جا وارياسا ڪنارا هجن. انهن پٽن جو نمونو اهڙو آهي، جو اهي هوريان هوريان ڏکڻ يا ڏکڻ - اولهہ طرف لنهواريون ٿينديون ٿيون وڃن. پر ڏکڻ - اولهہ طرف سندن لاهہ وڌيڪ آهي. مٿاڇري جي هيءَ صورتحال ان علائقي ۾ آميجنهن مان هرياري، نيلي، ميچو واهہ يا گهارو لنگهندو آهي. اهڙيءَ ريت دلو واهہ سمنڊ جي مٿاڇري ڪان ٧٢٧ فوٽ مٿي آهي، ۽ پير خالص ٥٤٥ فوٽ، گهاري ۽ چناب جو سنگم ٣٤٠ فوٽ، پنج ند يا پنج آب جو سنڌو يا آب سنڌ سان سنگم وارو ٿاڪ ٣٥٥ فوٽ سمنڊ جي سطح ڪان مٿي آهي.

ستلج جو صحيح نالو ستلاج آهي. ستلاج جي گهٽي استعمال ڪري ٿري ستلج ٿي ويو آهي. اها پوٽنٽ، سرڪنڊ sirkhand ۽ ڪهلور جي جابلو علائقي مان شروع ٿيندي آهي، جن جو صدر مقام بلاس پور آهي. سندس هڪ ڪنارو

هندوستان ۽ ٻيو ڪنارو پنجاب جي حدن ۾ آهي. جابلو علائقي کان ٻاهر اچڻ کان پوءِ ٻہ درياهيءَ ۾ ورهائجي ويندي آهي ۽ روپڙ وٽ وري ملي هڪ وهڪري جي صورت ۾ اچي ويندي آهي. (گزيٽيئر جي نقشن ۾ هن روپڙ کي ويو لکيو آهي). وري ملڻ کان اڳ ۾ ٻئي وهڪرا مکووال Makhowal ۽ ڪيرات پور کان لنگهندا آهن. ٻنهي ڇاڙهن جو گڏيل وهڪرو ڀهلول پور (نقشي ۾ هن کي Bhilolpoor لکيو ويو آهي)، ماڇي واڙا، لڌيانا، تهارا کان لنگهي لوهہ وال يا لوهيوال پرسان بياس سان ملندي آهي. هيءَ "هيبت پور پاٽي" علائقي جو هڪ ڳوٺ آهي. سنگم کان پوءِ، ٻنهي درياهن جا نالا گم ٿي ويندا آهن ۽ گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي مچو واهہ يا هرياري ڪوٺيندا آهن. ڪجهہ مفاصلي کان پوءِ سندن گڏيل پاڻي ٻن وهڪرن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. هڪ سؤ ڪوهہ ڏار وهڻ کان پوءِ اهي ٻئي وهڪرا وري ٻہ پاڻ ۾ ملي ويندا هئا (۴۱۸). هن تازي سنگم جي ٿاڪ وٽ چوماسي جي رت ۾ جڏهن ٿورو ٻہ چاڙهہ ايندو هو، تہ درياهہ ڪناري کان اٿل ڪندو هو ۽ پاڻي ٻنهي ڪنارن کان اٿلي ڪوهن ۾ ٻوڏ ڪري ڇڏيندو هو. چاڪاڻ تہ ڪنارا ننڍا ۽ نرم مٽيءَ جا هئا. اهڙيءَ ريت سڄو علائقو سائو ۽ آباد ٿي ويندو هو. هن علائقي جا ماڻهو گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي گهلوءَ جو گهارو يا نيلي چوندا آهن. درياهہ جي ٻنهي پرين سان آباد علائقي کي ڇوٽي ڪڇي chhoti kachchhi (۴۱۹) سڏيندا آهن. اهو وهڪرو اڳتي وڃي اُچ کان ٿورو هيٺان سنڌو يا آب ـ سنڌ سان وڃي ملندو هو.

اڳينءَ صديءَ جي پوئين حصي تائين گڏيل وهڪري جو احوال ۽ صورت حال ان ريت هو. اڄ تائين ڪهڙيون تبديليون اچي چڪيون آهن؟ ان جو اندازو موجوده وهڪري مان لڳائي سگهنداسون. جيڪڏهن ستلج جي موجوده وهڪري کان اتر طرف ان جي اڳين ورن ۽ وڪڙن کي ڌيان ۾ رکنداسون، جيئن مون اڳ ۾ ٻہ ٿي ٻيرا ڪيو آهي، تہ پوءِ اها ڳالهہ موجوده موضوع يعني سندس پراڻي پيٽ (۴۲۰) جي باري ۾ فائدي واري ڪانہ ٿيندي. هن جو مطلب اهو ٿيندو تہ هن موجوده وهڪري کان اڳين ڇڏيل وهڪري جو بياس سان ڪونہ ڪو واسطو ضرور هو ۽

جڏهن تہ اها هاڪڙي يا واهندا جي پرتي ڪندڙ شاخ بہ هئي. سنڌ جي حدن تائين ان جا چٽا اهڃاڻ ڏسي سگهجن ٿا. سندس پراڻو پيٽ ۽ ڍنڍون ڍورا هن جي وهڪري جا پراڻا پيٽ آهن، جيڪي ٿهارا، ڏرم ڪوٽ، ڪوٽ عيسيٰ خان، اتان ڪان ڏکڻ - اولهہ تي گهندي هٽي مدڪي Mudki (نقشي ۾ Moodki آهي)، جي پر ڏيون، فريد ڪوٽ جو اوپر ۽ مڪتي سر Makhtisar جو اتر پوءِ اولهہ وني، رتا ڪيرا جي ويجهو اولهہ پاسي کان ڦري بگ سر پهچي ٿي. هيءَ ٽاڪ ابو هار ۽ "فضل ڪي" جي وچ تي ۽ بهاول ڳڙهہ کان تيرهن ميل ڏکڻ - ڏکڻ - اوپر ڏس تي آهي. هتان ڪان وهندي، اڳتي هلي اجوڌن يا پٽڻ پنجاب Patan-i-Panjab يا پاڪ پٽڻ (۴۲۱) ڪان ٽيويهہ ميل ڏکڻ ڪان ٽيندي گذرندي هئي. اتان نڪري مبارڪ پور کان چار ميل ڏکڻ - ڏکڻ - اوپر ڪان لنگهي ڳوٺ رئيس ڪريم خان Got of Rais Karrim Khan ڪان اڍائي ميل پري ڏکڻ ڏئي بهاولپور رياست جي خيرپور ڪان بہ اڍائي ميل ڏکڻ ڪان لنگهندي هئي. اتان ڪان ڏکڻ ڏانهن ٻارهن ميلن جو ٿونٽ وڪڙ ڪري، ان وهڪري سان وهڻ شروع ڪري ٿي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ موج ڳڙهہ وارو پاسو ڏئي وچي هاڪڙي يا واهندا درياهہ ۾ پوندو هو. اتان ڪان هلي وري صفا اولهہ وارو رخ اختيار ڪندي هئي ۽ بهاولپور ڪان ٽي يا چار ميل ويجهو وهڻ شروع ڪندي هئي. هن ماڳ وٽان ٿونٽ وڪڙ ڪري ڏکڻ ڏانهن موڙو کائي ٿي. سندس وهڪري مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ هاڪڙي ڏانهن ويندڙ پراڻي وهڪري ڏانهن مڙڻ جو لاڙو ڏيکاري ٿي، جيڪو ڪنهن دؤر ۾ دين ڳڙهہ يا ترهارا جي رستي هاڪڙي ۾ پوندو هو. پاڻيءَ جي پائيندڙ جو رخ ان ماڳ ڏانهن آهي، جيڪو آخري نالي واري درياهہ جي ڪاٻي ڪناري سان واقع هو. ان ڪان پوءِ هلڪا سلڪا ور وڪڙ ڪري احمد پور ڪان ڇهہ ميل ڏکڻ پهچي ٿي. هن ماڳن تي، چناب سان ملڻ واري ٽاڪ جي ويجهو، گهاري جا ڪنارا هاڪڙي ڏانهن هوريان هوريان لهنوارا ٿيندا وڃن ٿا. ان ڪان پوءِ ستلج جو پراڻو پيٽ ڏکڻ - الهندي طرف موڙو کائي خيرڳڙهہ، ديرا، چودري، فيروزه، خانپور، ڪوٽ سماٻو (مونکي اچرج اهو آهي تہ هن شهر کي راجا سامبس

جي راڄڌاني چو ڪونہ سمجھيو ويو آهي) ۽ نوشهري کان اٺن کان ٽي ميل اوپر کان لنگهي ٿي. ان بعد ستلج جو آخري پراڻو پيٽ، جيڪو هاڪڙي سان هڪ الڳ ۽ آجي درياھ جي حيثيت سان ملي ٿو، سو خيرپور ۽ خيرڳڙھ جي وچ تي هن درياھ جي ٻين پراڻن وهڪرن جي پراڻن پيٽن سان رلجي وڃي ٿو، جن سان هيءُ علائقو چٽيو پيو آهي ۽ پاٽيءَ جي پائيندڙ ڪري واريءَ جي دڙن سان ڀريو پيو آهي. حقيقت بہ اهائي آهي، تہ فتح ڳڙھ يا نواڪوٽ کان ويجهو يا چاليھ ميل اوپر يا ڏکڻ - اوپر ڏس تي سنڌ جي سرحدن اندر هاڪڙي ۽ ستلج جي نشانين طور اهي پراڻا پيٽ ۽ واريءَ جون ڊٻون اڄ بہ موجود آهن. اهي ٻئي درياھ وري بہ خيرپور ۽ خيرڳڙھ جي وچ تي ملندا هئا. هاڪڙي جو سڪل پيٽ، جيڪو نقشي ۾ "ريٽي نالي يا واهندا جو ويڪرو پيٽ broad dry bed of Baghlah ڏيکاريو ويو آهي، سو باگهلا " Rainee Nulla or Wahinda ۽ صاحب ڳڙھ جي ڀر ۾ نظر اچي ٿو، سو بلڪل چٽو پڌرو آهي ۽ دوش آب يا Meeting places of waters يا درياهن جي سنگم جي ويجهو آهي. جتي قديم زماني ۾ سنڌو يا آب سنڌ ۽ رود سنڌ و هنڌ (جيڪي اُچ کان متان ملندا هئا)، هاڻي هاڪڙي ۽ مهراڻ سان ملڻ لڳا هئا.

"ساڳيءَ ريت برج بکو جت Burj-i-Bakho Jat کان اوپر طرف (هنکي نقشي ۾ Bicha Boorj ۽ Pk Boorj لکيو ويو آهي)، "هنڊان" ڏانهن ويندڙ رستي ڀرسان بہ هڪ پراڻو پيٽ موجود آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ ڪنهن زماني ۾ اتان ستلج وهندي هئي. هن کان ڪجهہ وقت اڳ، "راهون" Rahun جي لڳ اتر کان بہ وهندي هئي. هن پراڻي وهڪري کان چار ميل مٿي اتر طرف هڪ وڏيءَ ڊنڊ جا نشان آهن، جنهن جي ڊيگهہ ٽي چار ميل ڪن ٿيندي. هتان جي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ ڪنهن زماني ۾ اتان ستلج وهندي هئي."

هيءُ ستلج جي ان دؤر جو پراڻو پيٽ آهي، جنهن دؤر ۾ ستلج ۽ بياس لوھ وال يا لوهي وال ۾ سنگم ڪنديون هيون. ان زماني وارو سندس اتريون يا ساڄو ڪنارو اتاهون ڏسڻ ۾ ايندو. "راهون" ڀرسان لنگهڻ مهل سندس وهڪري ۾

وڏو وڪڙ اچي ويندو هو ۽ فلور Filur جي بلڪل ويجهو وهندي هئي. علي وال جي ماڳن جي سامهون هي درياهه هن پراڻي پيٽ جي پرسان وهندو هو. هتان پراڻو پيٽ ئـونٽ وڪڙ ڪري اتر طرف هلندو هو ۽ پوءِ "مهـودپور" Mahudpur ۽ شاهه ڪوٽ ڏانهن اولهه پرو لاڙو ڪندو هو ۽ بعد ۾ لوهه وال ۽ لوهي وال ڏانهن رخ ڪندو هو (نقشي ۾ Loheran لکيل آهي) ۽ بياس سـان سنگم ڪندو هو. اتان پوءِ هڪ ٻئي پراڻي پيٽ ڏانـهن لڙندو نظر اچي ٿو، جيڪو تهارا، ڏرم ڪوٽ ۽ جيراهه Jerah جي وَٽِ پاسي سان وهندو هو.

"اهڙيءَ ريت اسان کي اهو ڏسڻ ۾ ايندو تہ بياس سان ملڻ کان اڳ ۾، ستلج هن پن پيـٽن جي وچ تـي هيـٺ اهينءَ واري هن عـلائقي ۾ مـختلف دؤرن ۾ پنهنجا وهڪـرا ٻئي بدلايا آهن. جنهن جي ويڪـر ڪاٽي پارهن تہ ڪاٽي سـورهن مـيل آهي. هيٺاهينءَ وارو هيءُ تاڏو هتان جي ٻئي علائقي کان پنجويهہ فوٽ کن هيٺاهون آهي. انهن ٻنهي پراڻن وهڪـرن جي وچ تي هڪ ٽيون ۽ پراڻو پيٽ آهي. هي پيٽ بہ ان ئي هيٺـاهين عـلائقي ڏانـهن آهي، جنهن جو مـٿي ذڪر ٿي چڪـو آهي. ان جو وهڪرو ڏاڪٽين پراڻي پيٽ جي پـرسان آهي، جنهنجو بيان مٿي ڏئي آيو آهيان. اهو وهڪـرو چويهہ مـيل وڪڙ ڪري تيـهـارا جي اولهـہ کـان ٿـورو اتريون پاسـو ڏئي وهندو هو. اهي ماڳ مٿي، اولهہ ـ ڏکڻ طرف تي لاڙو رکي، فيروزپور جي ويجهو "کاءِ" Khae کان ادائي ميل پري ۽ هرياري يا نـيلي جي موجوده وهڪـري سان پوروچوٽو وهندو هو. پر ٻنهي ۾ اٽڪل پنجن مـيلن جيـتري وٿي هوندي هئي، اهو مـوجوده وهڪـري سـان ملڻ کـان اڳ ۾ "فـضل ڪي" کـان ست مـيل کن ڏور هو. فيروزپور ضلعي ۾ هن وهڪري جو اتريون حصو آهي، جنهن جو حوالو سيٽلمينٽ رپورٽ ۱۸۵۴ع ۾ مـسـٽر اِي. ايل. براڊينٽ، سي. ايس Mr.E.L.Brandeth C.S. - بہ ڏنو آهي، جنهن کي هن سوکـا ناءِ Sukha Nae يا Sakha Nae سک ناءِ يعني Dry channel چيو آهي(۴۲۲). پر سندس ڏاڪٽيون پاسو جيڪو فيروزپور کـان هيٺـان ڏکڻ ـ اولهہ پاسي موڙو کـائي ٿـو وجي ۽ بازيدپور ۽ کاءِ جو وچ ڏئي وهي ٿو، تنهنکي هو فيروزپور ضلعي جي حدن ۾ ڄاڻائي ٿو. لکي ٿو:

"Still lower dandah marking a later river course" ۾
سمجهي بہ ايئن ئي تـو. ان ڪري ڪيس هن درياهہ جوْ هيئئين پاڳي وارو پراڻو
پيٽ تصـور ڪري تـو. اجا ڪجْهـہ اڳتي اوپـر پاسي سـتلج جو قـديـم پيٽ هن
وهڪـري ڪان هڪ وڏيءَ ڍنڍ Great Dandah جي صـورت ۾ بلـڪل الڳ ۽
نـرالو نظر اچي تـــو. اهو بہ ضلع فـيــروز پور ۾ "ڏاڍيءَ چٽـائيءَ سـان" very strongly marked ڏيکاريو ويو آهي.

هيءَ هيٺين يا lower ڍنڍ، چٽائيءَ سان ان وهڪري ڏانهن اشارو ڪري ٿي،
جنهن ۾، پهـرئين سنگم ڪـان پوءِ، ٻنهي درياهن جي گـڏيل پاڻيءَ جو وهڪـرو
وهندو هو ۽ ان وهڪري کي ميچو واهہ، نيلي يا هرياري جي نالي سان سڏيو ويندو
هو. ٻارنـهن ڪوهن يا ايڪـيهن ميلن جي گـڏيل وهڪـرن ڪـان پوءِ، ٻئي درياهہ
وري الڳ ٿي ويندا هئا. اهڙو ذڪر مٿي اچي چڪـو آهي. بياس موٽي اچي پنهنجي
پراڻي پيٽ ۾ وهندي هئي ۽ ان کي بياس جي نالي ڪوٺيو ويندو هو. ٻئي درياهہ
وڪڙ ڪري ڏکڻ طرف، سـتلج جي قـديـم پيٽ ۾ هرياري يا نيلي جي وچ تي
هيٺـاهين وارياسي پيٽ مـان نئون وهڪـرو اختيار ڪيو، جنهن کي ستلج جي نالي
سـان سـڏيو ويندو هو. هن وچ واري يا lower dandah وهڪـري جا ڪنارا
واريءَ جي ڀـتن (۴۲۳) سـان ڍڪيل آهن. اهو بہ ڏٺـو ويندو تہ هن وچ واري
وهڪـري کي هڪ طرفان موجوده وهڪـرو ڪـٽي ٿو ۽ "لالوڪا" ۽ چواڪيءَ جي
وچ تي ۽ اجوڏن ڪان پندرهن ميل ڏکڻ طرف هي وهڪـرو چاڙهن ۾ ونڊجي وڃي
ٿو. انهن جو وهڪـرو بہ ڏکڻ طرف ٿـئي ٿـو. انهن مان هڪ چاڙهہ کي نقشن ۾
ستلج جي غلط نالي سـان سـڏيو ويو آهي. پر اها ستلج بدران "هرياري" آهي. هي
پراڻو وهڪـرو موجوده درياهہ سان ٻـتيهہ يا ڪجهہ وڌيڪ ميلن تائين پوروچوٽ
هلي ٿـو ۽" قـاسـر ڪا" ڪـان مـيل ڏکڻ ڏئي، مـوهر ۽ جهنبڍيءَ ڪا شاهہ (۴۲۴)
رسي ٿـو. هتـان سندس رخ ڏکن طرف مـبـارڪپـور ڏانهن ٿـئي ٿـو. ان ڪـان پوءِ
سندس نـشـــان سـتلج جي پراڻي پيٽ يا واريءَ جي ڍهن great dandah ۾
وڃائجي وڃن ٿا.

اسان کي هڪ عظيم انسان جارج ٿامس جي ممايرس مان معلوم ٿئي ٿو ته ستلج هن جي دور (١٧٩٨ع) ۾ فيروز پور جي ڏکڻ کان وهندي هئي. ان جو وهڪرو هڪ ڍنڍ يا ستلج (۴٢۵) جي هڪ پراڻي پيٽ مان ٿيندو هو. مونکي پڪ آهي ته جنهن وچ واري وهڪري کي اي. ايل براندِيٿ lower ڍنڍ سڏيو آهي، سو جارج ٿامس جي ممايرس وارو ساڳيو وهڪرو آهي.

ستلج اڳين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هن پيٽ مان وهڻ ڇڏي ويئي هئي. ياس ۽ ستلج ”هري کي پتڻ “ وٽ وچي مليون هيون. پنهي پنهنجا وهڪرا بدلائي ڇڏيا هئا. پنهي درياهن جي سنگم کان پوءِ سندن گڏيل پاٽيءَ جي وهڪري کي هرياري نيلي يا گهاري جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. جهڙيءَ ريت هاٽي اسان وهندو ڏسون ٿا. هن مثال ۾ ٻين درياهن جي پيٽ ۾ بياس وهڪري جو رخ پنهنجي قسم جو آهي. ڪن ايامن کان وٺي سندس وهڪري جو رخ اوپر کان اولهه رهيو آهي. جيئن ٻين درياهن ڪيو آهي، تيئن بياس ڪونه ڪيو، چاڪاڻ ته هن جي ساڄي طرف واري اتاهين ڪناري وارو علائقو ڪٽان ته عام مٿاڇري کان چاليهارو فوٽ ڪن مٿاهون آهي ۽ اهو، ستلج ۽ بياس واري گڏيل وهڪري ڏانهن هوريان هوريان هيٺاهون ٿيندو ٿو وڃي. اجوڌن يا پاڪ پتڻ جي چوطرف وارو علائقو هن گڏيل وهڪري جي تري کان ٽيهه فوٽ مٿي آهي. جيئن ته علائقو اولهه طرف مٿاهون ٿيندو ٿو وڃي، ان ڪري ستلج کي اولهه پرو (۴٢٦) سرڪڻ ۾ هڪ قسم جي روڪ ڏنل هئي.

ستلج جو ٻيو به هڪڙو وهڪرو آهي، جنهن جو هتي ذڪر ڪرڻ آءٌ لازمي سمجهان ٿو. ان قديم وهڪري جو پراڻو پيٽ مذڪوره ڍنڍ کان اڃا به اڳتي اوپر طرف آهي. اهو روهه پار Ruh par جي ٿورو اولهه کان شروع ٿئي ٿو ۽ اتان کان ڏکڻ - اولهه جو رخ اختيار ڪري ٿو ۽ چمڪؤر Chumkour (ٻهلول پور کان ڇهه ميل اوپر پرو) ۽ ڪهرالا Kuhralla جي ويجهو لنگهي ٿو. جيڪو پنجويهه ميل مفاصلو طيءِ ڪرڻ کان پوءِ گم ٿي وڃي ٿو. ستلج جو هيءُ قديم وهڪرو وري ”اوپارين نئي وال“ يا دل والي نئي وال Dulwali Nyawal کان

ڏسڻ ۾ اچي ٿـو. هن مـوضـوع تي وڌيڪ بحث هاڪڙي يا واهندا واري باب ۾ ڪيو ويندو.

رنيل Rennel پنهنجي ”ممـايرس آف اي مـيپ آف هندوسـتـان“ ڇپـيل ١٧٩٣ع، ۾ ”دهليءَ قنڌار واري وچ وارن عـلائقن جو نقـشـو“ ڏنو آهي. هو هرياري کي ڪيـرا Kerah سڏي ٿـو. (اهو بنا ڪنهن شڪ شبـهي جي گهـارو آهي). هن مطابق اهو وهڪرو ڏکڻ ڏانهن وڪڙ ڪري فيروز پور ۽ قصور جو وچ ڏئي، اجوڌن جي اوپـر (٤٢٧) ڪـان وهندو هو. (ائين ڪڏهن بـ ڪونـ هو). هتـان پندرهن مـيلن ڪـان پوءِ منجهـائس هڪ ڇاڙهـ ڦـٽندي هئي، جنهن جو رخ اولهـ طرف هوندو هو. جيڪا ڪجهـ پنڌ ڪان پوءِ بياس سان ملي ويندي هئي. ان کان هيٺ هڪ ٻي ڇاڙهـ ڦٽي ”ڪوٽ ڪابولا“ وٽ بياس سان ملندي هئي. (ٽن ٻدران هو چار ٻڌائي ٿو). ستلج، دينا Dena جي نالي سـان (ڍنڍ ٻدران دينا ٻڌائي ٿو) اجوڌن کان هيٺان، اولهـ طرف ڏانهن وڌيڪ جهوڪو کائي ٿي. اهڙيءَ ريت هيءُ درياهـ ملتان جي ڏکڻ ۾ بياس سان ملي ٿو. ٻنهي درياهن جي گـڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي ”گـالائوگـارا“ يا ستلج سڏيو ويندو آهي. (هتي بـ هن هميشه جيان غلطي ڪئي آهي). اهو گـڏيل وهـڪـرو اڳتي هلي ”سنڌوءَ يا سنڌي“ سـان ملي ويندو آهي. سندن سنگم ”ويهـ “ Veh نالي هڪ ٽاڪ وٽ ٿيندو آهي. هن ماڳ جو پتو ناهي تـ ڪاٿي آهي. (اڄا تائين تـ هن مـاڳ جو پتو ڪونـ پيو آهي ۽ خبر نـ آهي تـ اها معلومات هن ڪـٿان آندي آهي) پر ان کي سيت پور Sit-pur جي پرسان اتر - اولهـ ۾ اچ کان پنجٽيهـ ميل هيٺ ٻڌائي ٿو. چناب ۽ ان جون پرتي ڪنڌڙ شـاخون، جيڪي پاڻ ۾ ملي پنج ند يا پنجاب بنائين ٿـيون، تن کي ملتان جي ويجهڙائيءَ مان گذاري، ان شهر جي اولهـ ۾ وچي ڪين سنگم ڪرائي ٿو. پر اهو ڪنهن بـ دؤر ۾ ڪونـ ٿـيو آهي. هن مـختلف ندين جي وهـڪرن متعلق ٻين جي واتان ڳالهـيون ٻڌيون ۽ اهي تنهن زمـاني ۾ پنهنجن پيـٽن مـان وهي رهيـون هيـون. مـون بـ ان لاڳاپيل وقت ۾ سندن پيـٽن جو ذڪـر ڪـيو آهي، پر منجهس وڏي خامي اها ڏسڻ ۾ اچي ٿي تـ هو عـلائقي جي جاگـرافـيـائي صورت حـال ڪـان

واقف ڪونہ آهي. هن پاڻ وڃي مشاهدو ۽ مطالعو بہ ڪونہ ڪيو آهي ۽ نہ وري هن ڪا تاريخ ئي پڙهي آهي. هن فقط پي. ڊي لا ڪرائڪس P. de la Croix جي تيمور جي تاريخ پڙهي تي ڏسجي. پوءِ بہ هن جس لهڻيو. ڇاڪاڻ تہ جيڪا ڪيس اهڙن ذريعن وٽان معلومات ملي آهي، ان پٽاندر حقيقت کي اجاگر ڪرڻ جا ڀرپور جتن ڪيا اٿائين. پٽون يا ڦاندا، جيڪي ستلج جي پنهنجي آبيءَ نجي وهڪري ڏانهن اشارو ڪن ٿا. سي سندس ڪڍيل نقشي ۾ "Chalescoutli Hills" جي نالي سان چٽا ٿيل آهن. پر اهي اجوڌن کان اوڀر طرف ڏيکاريل آهن، جيڪي هيٺ سنڌ ڏانهن بہ ويندا نظر اچن ٿا. هن اهو سچو نقشو پي ڊي لا ڪرائڪس تان نقل ڪيو آهي، جنهن جو بيان آهي تہ امير تيمور ڊينا درياهہ اڪري ڪوٽليءَ جي پٽن (چول) تي اچي منزل ڪئي هئي، جن کي هو Chales Coutli Hills (۴۲۸) سڏي ٿو. جيڪي اجوڌن کان ڏهہ ميل پري آهن." رينل جيئن تہ واريءَ جي ڊهن يا وڏي ڏانڊي کان پوريءَ ريت باخبر هو، ان ڪري ڪيس Chales Coutli يعني پٽن جو هڪ سلسلو ٿو ڪوٺي. ڇاڪاڻ تہ موجوده دور وارو خالص ڪوٽلا يا پير خالص بہ انهيءَ ڏس تي آهي. مذڪوره ڏانڊو يا ڪنارو اجوڌن کان ارڙهن ميل ڏکڻ - اوڀر طرف آهي. پر پي ڊي لا ڪرائڪس ظفر نامي تان نقل ڪندي، ان کي فقط هڪ ڪوهہ پنڌ تي ٻڌائي ٿو هڪ ڪوهہ ۾ پوڻا ٻہ ميل هوندا آهن.

فيروزپور ضلعي کان هيٺ گهگهيرا يا منٽگمري ۽ ملتان ضلعي ۾، "مڇو واهہ"، نيلي، هرياري يا گهاري کي ستلج جيان اتاهان ڪنارا يا ڏانڊا ڪونہ هوندا آهن. سچو علائقو، جيڪي نيلي هرياري يا گهاري کان وٺي ان حد تائين جيستائين بياس پنهنجو پراڻو پيٽ ڪونہ ڇڏيو آهي، هي پوٺو هوريان هوريان مٽي ٿيڻ شروع ڪري ٿو. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ ان پوٺي جي بناوت ڪنهن پوئين تازي دور سان واسطو رکي ٿي.

صفا پوئين دور ۾ هي درياهہ گهگهيرا جي بنهہ ڏکڻ واريءَ حد ۾ وڃي پهتو آهي. پوڏ بہ گهٽي گهٽجي وئي آهي. پوڏ جي گهٽجڻ جو سبب تہ هيءَ ٿي سگهي

ٿو تہ هڪ سگهاري حڪومت جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، آباديءَ واسطي نوان واهہ کوٽايا ويا آهن. پراڻا واهہ بہ اڳي ئي وهي رهيا آهن. کيتيءَ واسطي پاڻيءَ جو مقدار خرچ ٿي وڃي ٿو. گهڻين جڳهن تي درياهہ جا ڪنارا ايڪپرا آهن. پر اهي سياري جي مند ۾ پاڻيءَ جي مٿاڇري کان ڏهن يا ٻارهن فوٽن کان مٿي ڪونہ ٿيندا ۽ چاڙهہ جي رت ۾ انهن ڪپرن مٿان پاڻي اٿلي پوندو آهي. ملتان ضلعي جي گهڻن ٿاڪن تي هن وهڪري جي هيٺين ڀاڱي ۾ تہ ڪپر رهندو بہ گهٽ هوندا آهن. تري ۾ ڪَڪَهہ واري موجود هوندي آهي. ڪڏهن تہ وري ائين بہ ٿي ويندو آهي جو اٿل وقت جيتريءَ حد تائين پاڻي پهچندو آهي، تہ آباد علائقي ۾ اها واري اچلي سڄو علائقو ٻٽ ۽ برپٽ بنائي ڇڏيندو آهي. هر دور ۾ هن درياهہ ائين ئي ڪيو آهي. هن هميشه پنهنجا وهڪرا پئي بدلايا آهن. اوپر طرف، سندس ڇڏيل وهڪرن مان پتو پوي ٿو تہ هن جي تبديلين جو لاڙو گهڻو ڪري اولهہ طرف ڏانهن رهيو آهي، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو.

هاڻي ستلج ۽ نيلي، هرياري يا گهاري (ستلج ۽ بياس جي گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري جو نالو. ملڻ کان پوءِ ٻئي درياهہ پنهنجا نالا وڃائي ويهندا آهن) جي وهڪرن ۾ هڪ صديءَ اندر آيل تبديلين جو ذڪر ڪندس. ان ڪارڻ مان سروي رڪارڊ مان ڪجهہ مثال پيش ڪندس. ان زماني ۾ سروي ڪرڻ جي ارادي سان "جيراٰ" Jirah (نقشي ۾ هن کي زيرا Zeerah ڪري لکيو ويو آهي) کان بازيدپور رستي، ديبالپور روانا ٿيا. جيڪا فيروزپور کان اوپر - ڏکڻ طرف تي ڇهہ ميل پري هئي. سروي رڪارڊ جو بيان آهي تہ " ستلج هتان کان هڪ ڪوهہ پنڌ تي اتر - اولهہ طرف ۽ ساڄي هٿ تي آهي. فيروزپور جو شهر چار ڪوهہ پري ۽ ساڄي هٿ تي آهي. بازيدپور کان ستلج ٻيا بہ ٽي چار ڪوهہ، اتر - اتر - اولهہ ڏس تي آهي. هتي بياس سان ملندي آهي. سندن پاڻيءَ جي گڏيل وهڪري کي "مڇو واهہ" ۽ "هرياري" سڏيو ويندو آهي.

جيڪڏهن ساڳي "جيرا" کان گادي والا، فيروڪي، علي پور ۽ پاڪ يا ٻَهاڪ رستي وڃبو ۽ اتر - اتر - اولهہ چار ڪوهہ ڪن هلبو، تہ رستي کي وڏو وڪڙ

ڏسڻ ۾ ايندو، اهو رستو هڪ گهاٽيءَ جهنگل مان گذرندو آهي، اهو اڪربو ته ستلج جي ڪڙ تي وڃي نڪربو. هتان ستلج کي "برهان پتڻ" وٽان پار ڪبو آهي. ٻئي پار، پتڻ کان ڪوهه ڪن جيتري پنڌ تي "ملا والا" جو ڳوٺ آهي، جيڪو بست جلندر دوآبي ۾ موجود آهي. .. سروي کان اڳ واري دور ۾ ستلج "ملا والا" کان اتر ۾ وهندي هئي. هتان جا ماڻهو ڏکڻ واري ڪناري کي ڏانڊو سڏيندا آهن.

ملا والا کي نقشي ۾ مولڻ والا Moolan wala ڪري لکيو ويو آهي، جيڪو هاڻي بست جلندر کان گهٽبو ٻاهر آهي. سندس ويجهي ۾ ويجهو پاڳو ٻه چوڏهن ميل پري ٿيندو، جيڪو هاڻي فيروزپور ضلعي جي جيرا واريءَ ايراضيءَ ۾ شامل آهي. پر جنهن زماني جو اسين ذڪر ڪري رهيا آهيون، ان زماني ۾ بست جلندر دوآبي ۾ واقع هو ۽ فيروزپور بيرون پنج ند يعني پنجن درياهن وَازي علائقي کان ٻاهر يا پنجاب جي حد کان پري هو.

وري بهاولپور کان رئيس ڪريم خان جي ڳوٺ هن ريت وڃبو آهي، بهاولپور کان هڪ ڪوهه اتر ـ اوڀر طرف هلبو ته قاضي درياهه Kadhhi river يا خانواهڻ Khanwahan (۴۲۹) وڃي پهچبو. هيءُ درياهه ساڄي هٿ واري طرف کان اچي ٿو ۽ اُچ کان لنگهي گهاري سان ملي ويندو آهي. قاضيءَ کان ٻن ڪوهن جي پنڌ تي ساڄي طرف "راتني" Ratani (روينيو جي وڏي نقشي ۾ روتاني Ro-tani لکيل آهي) آهي. نيلي درياهه کاٻي طرف ٽن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. ستلج ۽ بياس هتي وٽان وٽ پاڻ ۾ گڏبا آهن. هتان جا ماڻهو گڏيل پاڻيءَ جي ان وهڪري کي هرياري، نيلي ۽ هيٺ گهارو يا گهلوءَ جو گهارو سڏيندا آهن. اوهان جيڪڏهن راتنيءَ کان اڃا ٻه تي ڪوهه هيٺ هلندا ته "مهيوال ڪي ٺٽي" Muhiwal ki Thathi وڃي پهچندا. اتان کان اوهان ساڄي طرف تي ٽي ڪوهه اڃا پيا سفر ڪندا ته "بکي ڪا ديرا" Bhakhi ka Dhera اچي نڪرندا (هن کي نقشي ۾ بکي ديرا Bakhidera لکيو ويو آهي). هن ماڳ کان اڃا ٻه ٽي ڪوهه ساڄي طرف هلبو ته قاضي Kadhhi يا خانواهڻ پهچبو آهي.

.. اچرني Ichrani کان گذري، اوهان خيرپور جي هڪ وڏي ڳوٺ ۾ پهچي ويندا. هتي عمر خان کهڙائي دائودپوٽو رهندو آهي، جيڪو بهاول خان جو ڏن پرو آهي. نيلي يا هرياري هن ڳوٺ کان ڪاٻي هٿ (۴۳۰) پنج ڪوهه پري وهندي آهي." قاضي درياهه يا خانواهڻ هن ڳوٺ جي اولهه پاسي کان ويجهو لنگهندو آهي." ان کان پوءِ احمد شاهه جي پرسان گذري رئيس ڪريم خان وٽ پهچي وڃبو. احمد شاهه کي هاڻي احمدپور جي نالي سان بہ سڏيو ويندو آهي. هي عمر خان جو پيو ڳوٺ آهي. ڳوٺ "شيخ واهڻ" ۾ هڪ مشهور مزار آهي. ڳوٺ ڪريم خان ۾ رئيس ڪريم خان جي رهائش گاهه آهي. قاضي واهه يا خان واهڻ هن ڳوٺ جي بلڪل پرسان اوپر کان لنگهندو آهي. نيلي يا گهارو چار ڪوهه پري ڪاٻي هٿ تي (۴۳۱) اولهه پاسي (؟) کان وهندو آهي. جيڪڏهن زير بحث هن ڳوٺ کان ميلسيءَ Mailsi رستي ملتان وڃبو، تہ سروي رڪارڊ جو بيان هن ريت ملندو، "چار ڪوهه اتر - اولهه طرف وڃي هرياري يا گهاري پهچبو ۽ بيڙيءَ تي چڙهي پار وڃبو. اتان کان قاضي واهه تي رسبو. قاضي واهه يا خان واهڻ کي ٻہ تي پيرا پار ڪبو آهي. گهارو اڪري ڇهه ڪوهه اولهه ويٺو پوندو آهي. پر لاڙو اولهه - اتر - اولهه ڏانهن رکبو آهي. گهٽن ڳوٺن وٽان لنگهي ۽ گهاٽي جهنگل کي پار ڪري اوهان مئلسي پهچي ويندا. هتان کان پندرهن ڪوهه پنڌ ڪري "نورمحمد ڪا ٽبہ" ڳوٺ ۾ وڃي رسبو. پر جيڪڏهن نڪ سامهون سڌو وڃبو تہ اهو مفاصلو ٻاويهہ ميل وڃي بيهندو. وچ تي ٻہ چار ننڍا ڳوٺ ۽ گهاٽو جهنگل آهي. وچ پنڌ تي وڏي درياهه بياس جو پراڻو پيٽ نظر ايندو. ڪنهن زماني ۾ بياس هتان وهندي هئي. ان کان پوءِ هيءُ وهڪرو قصور ۽ ديپال پور جي پروارو پنهنجو پيٽ ڇڏي، اچي ستلج سان گڏيو (ڏسو ص ص ۳۷۲ ۽ ۳۷۴) هو ۽ علائقي ۾ سڪي ختم ٿي ويو. چوماسي جي رت ۾ جڏهن چاڙهه ايندو آهي، تہ بهاول پور جي سامهون گهاري سان اچي سنگم ڪندو آهي."

اچ ۽ ديري غازي خان جي وچ تي گهاري درياهه جي هيٺين پاڱي ۽ آب سنڌ يا سنڌو پنهنجا ڪيئي وهڪرا مٽايا آهن. "اچ کان هڪ ڪوهه اولهه (۴۳۲)

هلبو تہ گهاري پهچي ويجبو. ان کي پيڙيءَ وسيلي اکري چار ڪوهہ، اولهہ تي لاڙو رکي اتر هلبو تہ چناب (۴۳۳) تي اچي بيهبو. اتان ساڳي طرف تي ڇهہ ڪوهہ اڳتي هلبو تہ سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي اچي نڪربو. پيڙيءَ وسيلي ان کي پار ڪري ۽ هڪ ڪوهہ پنڌ ڪري اوهان سيت پور پهچي ويندا. سنڌو درياهہ جي ڪناري سان هيءَ هڪ وڏو ڳوٺ آهي. هنن ٽنهي درياهن جي گڏيل پاڻيءَ کي هتان جا ماڻهو سنڌو ڪوٺيندا آهن. هي گڏيل پاڻي ڇهہ يا ست ڪوهہ ساڄي (اتر) هلي وري الڳ ٿي ويندو آهي."

موجوده دور ۾ گهارو اُچ کان يارهن ميل اتر طرف وهي ٿو، جتي چناب ۽ سنڌس پرتي ڪنڌڙ شاخن جو پاڻي اچي ساڻس ملي ٿو ۽ پنج ند يا پنج آب بنائيندو آهي. اتان کان پائيتاليهہ ميل ڏکڻ ـ اولهہ نڪ سامهون هلي سنڌوءَ سان ملي ويندو آهي. هاڻي سيت پور پنجاب کان ٽي ميل يا ڪجهہ وڌيڪ اولهہ طرف آهي ۽ سنڌو، سيت پور کان ارڙهن ميل اولهہ ۾ وهي ٿو.

سروي ٽيڻ واري زماني ۾، رتا يا رتا ـ متا RATTA-MATTA (نقشي جو رتاڪوٽ، هيءَ ۱۸۷۱ع ۾ سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري جي اوپر ڪناري کان اڍائي ميل پري واقع ۽ ديري غازي خان کان پنيهہ ميل ڏکڻ طرف هو) کان اچ من ريت سفر ڪبو هو. "رتا کان نڪري پهريائين علي پور پهچبو هو، جيڪو سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ سان وسندڙ هڪ ڳوٺ هو. هاڻي اهو سنڌوءَ کان پندرهن ميل اوپر ڏس تي آهي. ڪجهہ سال اڳ اهو ساڍا ڏهہ ميل ڏور هو. رسول پور ۽ غوث پور (اها نہ جيڪا ص ۳۰۸ تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي) ٻئي سنڌوءَ جي ڪناري سان هوندا هئا. پر ۱۸۵۹ع جي نقشي مطابق غوث پور سنڌوءَ کان نَو ميل پري، اوپر طرف رهجي وئي آهي ۽ ۱۸۷۱ع واري نقشي مطابق اها وري ساڍا ست ميل ويجهو آهي. سروي واري زماني ۾ جتوئي ڳوٺ سنڌوءَ جي ڪناري سان واقع هو. پر ۱۸۷۱ع ۾ اهو سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري کان ساڍا پنج ميل پري اولهہ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ساڳي نقشي ۾ پراڻو پٽڻ Old Pattan لکيل آهي.

سروي واري زماني ۾ رتا ـ متا سنڌوءَ کان ٿورو اوپر تي ڏکڻ طرف ويجهو

واقع هو. جتوئيءَ کان هيٺ علي پور ۽ سيت پور ايرندي طرف هئا. جهڙيءَ ريت ص ٣٠٣ تي ڏيکاريو ويو آهي (٤٣٤). پوئين دور جي نقشي تي جيڪڏهن نظر ڊوڙائبي تہ هڪ صديءَ جي عرصي دوران اسان کي تمام گهٽيون تبديليون ڏسڻ ۾ ايندريون.

ديري غازي خان کان چوڏهن ميل ڏکڻ - ڏکڻ - اولهہ نقشي ۾ ڏيکاريل ماڳ "کينجهر" جي هيٺان، ان زماني ۾ هڪ وڏو وڪڙ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

اسان کي هاڻي ستادرو يا ستلج جي قديم وهڪرن جو مطالعو ڪرڻو پوندو، جيڪي اسان جي نقشن ۾ "Nay Wal N" لکيل آهن. ڪلڪتہ رويو ۾ لکيل مقالي "لاسٽ رور" ۾ انهن جو تعداد ٻہ يا ٽي ڏنل آهي. سوسائٽي جرنل ڀاڱي II ١٨٨٦ع ۾ رسالي جي موضوع ۾ رسالي جي عنوان سان، آر. ڊي. اولڊام R.D.Oldham جي لکيل مقالي جي ضميمي ۾ ڏنل نقشي ۾ ساڳي ڳالهہ نظر اچي ٿي. اسان جي نقشن ۾ انهن تنهي مان وچون وهڪرو دَل نئي والي جي نالي سان لکيل آهي. گهڻو ڪري اهو انهيءَ ڪري آهي، جو نقشي ۾ مذڪوره وهڪرو "دل والي" جي پرسان لنگهندي ڏيکاريو ويو آهي. هن حقيقت ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي ڪا گنجائش ڪانہ آهي، تہ قديم زماني ۾ اها ندي مختلف دورن ۾ پنهنجي هنن پراڻن پيٽن مان وهندي رهي آهي. روپڙ جي اولهہ وارو سارو علائقو، جتان ستلج جابلو علائقي مان ٻاهر نڪري، ڪجهہ ميداني ايراضي ۾ ايندي آهي، اتي واريا سن علائقن کان تبديليون گهٽ ڏسڻ ۾ اينديون. لڌيانا جي اولهہ ۾ جتي واريا سو علائقو آهي، اتي هن درياهہ جي پراڻن پيٽن جي جڳهائي ڏسون ٿا. مينهن سبب ڪيترن جا پيٽ ميسارجي ويا آهن. ڪيترن کي واهن طور ڪتب آندو ويو آهي ۽ ڪيترا اڃا سوڪو موجود آهن. هتي پهچي اسان کي اهو معلوم ٿيندو، تہ هن درياهہ جو لاڙو ڏکڻ يا ڏکڻ - اولهہ طرف رهيو آهي ۽ "روهہ پار" کان وٺي فيروزپور تائين هن درياهہ پنهنجي وهڪري کان ڪوبہ ٽڪرو واندو ڪونہ ڇڏيو آهي.

انهن مکيہ وهڪرن مان، جنهن کي الهندي نئي والي (٤٣٥) سڏيو ويندو

آهي، تنهن جو قديم پيٽ ”چمڪور“ کان هڪ ميل اوپر. روهہ پار کان ڏکڻ -
اولهہ اٺ ميل ۽ بهلول پور کان (۴۳٦) ڇهہ ميل اوپر طرف اچا بہ ڇتو ڏسي
سگهجي ٿو. اهو پراڻو پيٽ ڏکڻ - اولهہ طرف چمڪور ڏانهن لڙي ٿو. اتان
ڪڪرالا جو اوپر ڏيو ”اڪارا“ کان ٿيندو ”جاگرائون“ جو ڏکڻ - ڏکڻ - اوپر تہ
پاسو وٺيو وهندو هو. هن ماڳن وٽ سندس پراڻي پيٽ جا نشان ڪاٽي ڇٽا تہ
ڪاٽي اڇٽا ڏسڻ ۾ ايندا. مهاراج (۴۳۷) وٽان تہ سندس پراڻا پيچرا ميسارجي
ويا آهن. اتان کان پوءِ پٽنڊا (۴۳۸) کان اتر - اولهہ طرف چار ميل ۽ ”مال -
اوٺ“ کان ٽي ميل اوپر طرف، ان قديم وهڪري جا پيٽ وري ڇٽا ڏسڻ ۾ ايندا.
مال اوٺ وٽان، جيڪو هن درياهہ جي ساڄي ڪناري کان ٿوري پنڌ تي آهي، وري
هي وهڪرو اڳتي وهندو، ابوهار ڏانهن وڃي ٿو. هيءُ شهر هن وهڪري جي ڪاٻيءَ
ڪنڌيءَ سان واقع آهي. هاڻي هتان سهرند جي آبپاشي نظام وٽان هڪ واهہ
کوٽائي هن وهڪري ۾ وجهڻ لاءِ غور ٿي رهيو آهي. موجوده دور ۾ هن پيٽ ۾
پاڻي موجود ڪونہ آهي.

هن قديم وهڪرن مان وچين وهڪري جو نقشي ۾ نالو نئي وال ۽ ڊپ والي
آهي، تنهن جو رخ مٿي بيان ڪيل اولهہ واري قديم وهڪري جي پيٽ ۾ وڏيڪ
ڏکڻ - ڏکڻ - الهندي ڏانهن لڙيل آهي. پر ان پيٽ جو مٿيون گهڻ پاڳو ڇتو ڪونہ
آهي ۽ ”روهہ پار“ ۽ ”چمڪور“ جي طرف کان ايندڙ معلوم ٿيندو آهي ۽ روهہ
جي پرسان چاڙهن ۾ ورهائجي ويندو آهي (۴۳۹). ”بڏر“ وٽان بہ سندس ڳتڻ
ڇتو آهي. هيءُ ٿاڪ پٽنڊا کان اتر - اوپر ٿيهہ، ”ڊب والي“ کان مٿان پنيهہ ۽
”اڪارا“ کان ڏکڻ - ڏکڻ - اولهہ اٺيهہ ميل پري آهي. مذڪوره وهڪرو ڊب والي
کان اتر ۽ فتح پور کان ڏکڻ کان وڪڙ ڪري ان وهڪري سان ملي ٿو، جيڪو
مال - اوٺ ۽ ابوهار کان گذري ٿو.

ٽيون يا صفا اوپاريون قديم وهڪرو بہ ان طرف ايندو نظر اچي ٿو، جتان ٻيا
وهڪرا وهندا نظر ايندا آهن. اهو علائقو اتر - اوپر کان هيٺاهون ٿيندو، ڏکڻ -
اولهہ ڏانهن هلندو وڃي ٿو. اها صورت حال درياهي وهڪري (۴۴۰) مان معلوم

ٿـئي ٿي. مـذڪوره پيٽ اي ڏو ڇـٽـو ڏسڻ ۾ ڪونـہ ٿـو اچي. ان جو سـبب مـٿي ڏيکاريو ويو آهي. جڏهن هيءُ وهڪـرو پـِـڪي جي قلعي ڪـان سٽن ائن مـيلن جي مفاصلي تي پهچي ٿو تہ وچين وهڪري يا ڏيپ والي وهڪري سان ائن نون ميلن جي پوروچوٽ تي وهي ٿو. ڀٽنير جي قلعي جي اتر - اوير ۾ ٻٺهي جي وچ تي وٽي نَوَ ميل آهي. هتي هن وهڪري جا گـتَ ڇٽا ڪونہ آهن. هن علائقي ۾ ڀٽنير قلعي جي اتر ۾ پرسان گهگهر درياهہ سان ملي ٿو ۽ هن ٺي قلعي ڪان ايڪـتيهہ مـيل ڏکڻ - اولهہ جي ڏس تي هاڪڙي يا واهندا سـان سنگم ڪري ٿو. روهہ پار ڪان هڪ واهہ ڪـوٽي هن پيٽ ۾ وڌو ويو آهي. حـقـيـقت اها آهي تہ اهي واهہ يا انهن واهن جون پيچڙيون آٿي سـتلج (۴۴۱) جي هنن پراڻن گـٺـن ۾ ڇڏيون ويندڀون هيون.

هن سنگم ڪـان پوءِ، هاڪڙي يا واهندا جو پيٽ يا گـٽ گهٽـو ڇٽو آهي ۽ ان جو ذڪر بـہ ڇتيءَ ريت ڪيـو ويو آهي. پر ابوهار ۽ ڏيپ والي وهڪـرن جا گـٽ، جيـڪي ڪنهن زمـاني ۾ ابوهار ڪـان ايڪـويهہ مـيل هيٺ ڏکڻ - اولهہ طرف ۽ گنيش ڳڙهہ ڪان يارهن ميل اتر - اولهہ تي ڪراڙ والا وٽ سنگم ڪندا هئا، سي بہ گـهـٽا ڇٽـا ڪونـہ آهن. پر اهي بهاول پور ڪـان پري، هاڪڙي پرسـان ”ولهـار“ واريءَ ايراضيءَ ۾ چوويهہ ميل اندر اڃ بہ ڏسي سگهجن ٿا. سندس وهـڪري جو رخ اهو ڏيکاري ٿو تہ هيَ درياهہ هاڪڙي سان ماروٽ جي ماڳ ڪان ٿورو ڪجهہ اتر ۾ ملندو هو. سندس هيٺـئين پاسي وارو وهڪـرو ڇٽـو ڏسڻ ۾ اچي ٿـو، جنهن جي سروي رڪارڊ ۾ ص ۴۲۳ تي ڏسي سگهجي ٿو. ماروٽ جي اتر ۽ ڏکڻ پاسي وڏيءَ ايراضيءَ ۾ هاڪڙي جو پيٽ بہ ڏاڍو ڇٽو ڪرو بيٺو آهي.

جيڪي حقيقتون مون مٿي بيان ڪيون آهن ۽ سروي رڪارڊ مان اقتباس پيش ڪيا آهن، تن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ نئي والي وهڪرن جا ٺئي پيٽ، جن مان ڪنهن زمـاني ۾ ستلج واري واري سـان وهندي هئي ۽ ڪجهہ وقت گـذرڻ ڪـان پوءِ، هـڪ وهـڪـرو ڇڏي ٻيـو رخ اختـيـار ڪندي هئي. ڇاڪـاڻ تہ سندس اڳئين وهڪـري ۾ واري پـرجي ويندي هئي. اهڙيءَ ريت هن پنهنجي سـجي عـلائقي کي

واريءَ جي ڊهن (۴۴۲) سان پـري ڇڏيو آهي. سندس وهڪري جو لاڙو سـدائين اوڀر کان اولهه رهيو آهي. هنجي صفا اوڀارئين وهڪري کان وٺي بياس سان سنگم ۽ سندن گـڏيل وهڪـري نيلي، هرياري يا گـهـاري جي حدن تائين کل ايراضي، جنهن ۾ هن کن صدين کـان وٺي پنهنجا وهڪرا پئي بدلايا آهن، پنجاسي ميلن تي مشـتـمل ٿيندي. مٿي بيان کيل ستلج جا ٽئي وهڪرا وڏي ڍانڊي (۴۴۳) يا واريءَ جي ڊهن واري وهڪرن کـان وڌيڪ پراڻا آهن ۽ ستلج وارو صفا اوڀاريون وهڪرو هنن ٽنهي وهڪرن کان گهٽو پراڻو آهي.

جيڪڏهن اسين روهه پار کان فيروزپور تائين، اوڀر کان اولهه، سمنڊ جي سطح کـان سڀ کـان مٿي وارين مختلف جاين تي غور کنداسين تـه اسـان کي اهو سـبب مـعلوم ٿي ويندو تـه ڇو ستلج روه پار کـان لڌيانا، ڏرم کوٽ يا فـيـروزپور جي اترين ايراضين کان وٺي (جتي هوءَ اڳيئن صديءَ ۾ بياس سان ملي هئي) اوڀر کان نڪ سامهون اولهه طرف سرکي وئي آهي؟ سمنڊ جي مٿاڇري کان روهه پار ۹۰۰ فوٽ، لڌيانا ۸۰٦ فوٽ، ڏرم کوٽ کان اولهه دلولووالا ۷۲۷ فوٽ ۽ فيروزپور جو اتريون پاڱو ٦۵۰ فـوٽ مٿي آهي. جيـڪـڏهن اسين وري ۷۵ ڊگري اوڀـر ڊگـهـائي ڦاڪ جي پوروچوٽ تي ستلج جي قديم وهڪرن کي وچان کٽينداسون، تـه اسان کي مـعلوم ٿيندو تـه عـلائقـو هوريان هوريان مـتـاهون ٿـيندو مـوگـا وٽ ۷۰۰ فـوٽ، دارولي وٽ ۷۵۹ فوٽ مٿي آهي (ٻئي نقشي ۾ ڌرولي آهي)، جنهن وٽ ۴۲ فوٽن جي مٿاهين معلوم ٿئي ٿي. (حوالن جي سولائيءَ واسطي مان نقشن جا نالا ڏئي رهيو آهيـان، پر اهي اڇرج جي حد تـائين غلط آهن). ان کان پوءِ وري عـلائقـو هيـٺـاهون شـروع ٿـيڻ ٿـئي ٿـو. آلڪـو والا (ٻئي نقـشي ۾ آلڪـاوالا آهي) سمنڊ جي مـتـاڇري کـان ۷۳۷ فوٽ، احـمـدوالا ۷۲۹ فـوٽ ، ٿـونا، پـتنڊا کـان ست مـيل ڏکڻ ـ اولهه، ۷۳۰ فـوٽ مـتي آهي. سـاراوا (ٻئي نقـشي ۾ سـروا) ڊل والي نئي وال سـر ڏکڻ ۾ ۷۲۲ فـوٽ، پيپلي (ٻئي نقشي پٽاندر پيلي)، ۷۱۷ فوٽ مٿي آهي، ٻيءَ جڊ وَلِ ۾ اها ٦۹۲ فـوٽ مٿي ڀڏائي وڃي ٿي، گـورکـاوالي ٦۷۹ فـوٽ مٿي آهي. جيـکـڏهن هن ٿـاڪ کان ڏکڻ طرف وڃبو تـه وري علائقـو مـتاهون ٿـيڻ شـروع ٿـيندو. چوٿا

درياهہ جي ڏاکڻي ڪناري تي موجود چورٽيپي ٧٢١ فوٽ مٿي آهي، (هن درياهہ کي نقشي ۾ War N ڪري ڄاڻايو ويو آهي. ڏسو ص ٤٤٢). وري گھاگھر درياهہ ڏانهن ويندي هيٺاهين اچي وڃي ٿي ۽ فيروزآباد کان ٿورو ڏکڻ ٧٠٤ فوٽ مٿي آهي، هتان کان اولهہ سر اتر نوَ ميل، سيرسا Sirsa جي ماڳن وٽ ٧٦٢ فوٽ مٿي آهي.

ان جي سڌائيءَ ۽ پوروچوٽ تي ڏکڻ طرف گدرانوالا وٽ ٦٧٩ فوٽ مٿي آهي. ان کان پوءِ اوچائي اچا بہ وڌڻ شروع ڪري ٿي. ڏکڻ طرف بڪانير جي سامهون موريا وٽ سمنڊ جي مٿاڇري کان ١٠٨٠ فوٽ مٿي آهي. انهن ماڳن جي سامهون اولهہ طرف ١٠٨٠ فوٽن کان گھٽو گھٽ آهي ۽ جن ماڳن تان هاڪڙي جو وهڪرو آهي، سو تہ ڄڻ صفا ڊوري ۾ آهي. سنڌوءَ کان ٿورو اولهہ پاسي ڪنڊڪوٽ وٽ زمين جي مٿاهين ڪجهہ اوچي ٿيندي وڃي ٢٣١ فوٽن تي پهچي ٿي.

اچو تہ هاڻي وري ستلج ۽ بياس جي گڏيل وهڪري جيٰ ڪاہي پاسي جي اوچائي معلوم ڪريون، جنهن کي نيلي، هرياري يا گھاري جي نِالي سان سڏيو ويندو آهي. فيروزپور، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، تنهن جي سمنڊ جي سطح کان اوچائي ٦٥٠ فوٽ آهي. فاضل ڪا وٽ گھٽجي ٥٨٥ فوٽ بيهي ٿي. پير خالص (امير تيمور جو خالص ڪوٽلا) وٽ ٥٤٨ فوٽ ۽ هن ماڳ کان ٽيهتر ميل اوپر طرف ٿونا وٽ ٧٠٣ فوٽ آهي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ اوپر کان اولهہ طرف هڪ ميل تي ٻن فوٽن جو فرق ٿئي ٿو. ڳوٺ رئيس ڪريم خان وٽ ٤٣٤ فوٽ، بهاول پور وٽ ٣٧٥ فوٽ۽ان کان پوءِ پنج ند جي ڪنارن وٽ جتي سنڌوءَ سان پنج آب جو وهڪرو اچي ملندو آهي، اتي ٣٣٧ فوٽ آهي.

اهوئي سبب آهي جو ستلج جا هڪ ٻئي پٺيان مختلف وهڪرا لٽ جي ڪري لٽبا ۽ بدلبا رهيا آهن ۽ هن وري هيٺئين مٿاڇري واري ماڳن ڏانهن سرڪڻ شروع ڪيو آهي ۽ اوپر بدران اولهہ ڏانهن سرڪندي رهي آهي. قديم زماني کان وٺي هن درياهہ اولهہ ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو آهي ۽ اڳيئن صديءَ واري سندس

وهڪري جي آخري تبديلي هئي. هن ڏنڊ وارو پنهنجو آجو ۽ نجو وهڪرو ڇڏي، تمام هيٺاهين علائقي (۴۴۴) ۾ اچي پهتي آهي. چاڪاڻ ته هرياري يا نيلي يا گهاري ڪان اولهه پاسي وارو هاٿوڪو علائقو وري متي ٿيڻ شروع ٿئي ٿو، ۽ بياس جو اتاهون ڪنارو به ائين ڪرڻ ڪان ڪيس روڪي ٿو. چاڪاڻ ته هن درياهه به پنهنجو وهڪرو ان ڪري ڇڏيو هو، جو هوءَ به اولهه طرف وڃي ڪانه ٿي سگهي. ان جو سبب به اهو ساڳيو هو. نتيجي ۾ هوءَ اوپر تي موڙو کائي وڃي ستلج سان ملي ۽ هڪ نئون درياهه (۴۴۵) بنائي ورتائين. روهه پار جي ماڳن وٽ به ستلج ساڳين سببن ڪري درجي بدرجي پهريائين ڏکڻ - ڏکڻ - اولهه طرف ڪان ڏکڻ - اولهه ڪنڊ تي وهڻ لڳي، پوءِ صفا اولهه طرف رخ رکيائين. اهڙيءَ ريت گهاگهر، سرسيتي ۽ چتانگ جي وهڪرن ۾، ڪنهن ۾ گهٽ ته ڪنهن ۾ وڌ، تبديليون آيون. جڏهن نيٺ ستلج پنهنجي صفا اولاهئين، ابوهار واري چاڙهه يا نئي وال وارين N چاڙهن کي ڇڏي وئي هئي (اهو وهڪرو، ابن بطوطه جي دهليءَ ڏانهن سفر ۽ امير تيمور جي پتنير تي حملي ۽ پير خالص وٽان هن درياهه کي اڪرڻ وقت، وهي رهيو هو) ۽ اَڄ تائين ان کي ڏنڊ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. سرسيتي ۽ گهگهر درياهه جي سنگم ڪان هيٺان هاڪڙي درياهه جو پاڻي به سڪي ويو. سلطان فيروز شاهه جي واهه کوٽائڻ ڪري، چتانگ جو پاڻي به هوريان هوريان بند ٿيڻ لڳو. ان طرف ڏانهن ستلج جون وهندڙ شاخون به سڪي ويون هيون، جنهن سبب ڪري سلطان کي واهن کوٽائڻ جي ضرورت پئي هئي ۽ اهي چاڙهه جي رت ڪان سواءِ سدائين سڪل رهنديون هيون ۽ اهو پاڻي "پاڏرا" ڪان مٿان رهجي ويندو هو. مگر هيٺ ڪونه پهچي سگهندو هو. اهڙيءَ ريت هاڪڙي درياهه جي پرتي ڪندڙ هن شاخ جو پاڻي "پتنير" تائين به مس پهچي سگهندو هو. ستلج جي ڇڏي وڃڻ ڪان پوءِ گهگهر ۽ سرسيتيءَ جو پاڻي هاڪڙي لاءِ اڪيلي سر اڻ پورو هو. ان ڪري هاڪڙو دائمي نه، پر موسمي درياهه بڻجي پيو. گذريل صديءَ تائين منجهس پاڻيءَ جو ڪجهه مقدار وهندو هو (سندس پيٽ کي واهه طور ڪتب آڻڻ ڪان اڳ ۾) ۽ چوماسي جي رت ۾ سندس پاڻي اڄ به وهي

مـاروت ۾ مـوج ڳڙهـ کـان ٻہ اڳتي نـکـري ويندو آهي. هلندڙ صـديءَ دوران جن سالن ۾ تـمـام گـهـڻا مـينهن پوندا آهن، تہ سندس پاڻي لاڙ تائين، پر ڪڏهن تہ سمنڊ تائين وجي پهچندو آهي.

پر ہي حـالت ۾ جيسـتـائين ستلج پنهنجي آجي ۽ نجي پيٽ ۾ وهندي هئي، تہ اها اڳتي "خيرڳڙهـ" ۽ "صـاحب ڳڙهـ" جي وچ تي اچي هاڪڙي ۾ پوندي هئي. صـاحب ڳڙهـ جي مـاڳن تائين سندس آجي ۽ نجي وهـڪـري جو پراڻو پيٽ اڄ سـودو چٽـو بيـٺـو آهي. پر ان کـان هيٺ هـاڪڙي جي پيٽ سان ملي پنهنجي نجي سـڃاڻ وڃائي وهندو آهي. صـاحب ڳڙهـ کـان مـٿي ٻہ سندس نشـان چڱيءَ ريت معلوم ڪري سگهجن ٿا. ماٿهو جيترو وڌيڪ مٿي ويندو، ايترا وڌيڪ سندس نشـان چٽا (۴۴٦) ڏسڻ ۾ ايندا. جيتـري وقت تائين هيءُ سنگـم رهيو، تيستـائين هاڪڙي يا ان جي پرتي ڪندڙ شاخن جو پاڻي سانڪرا يا سنڌ ساگر يا هاڪڙي يا واهندا جي نالي سان سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي تائين پهچندو هو.

هن درياهہ جي پراڻي پيٽ کي "ناري" جي نالي ســان ســڏيو ويندو آهي. سندس ڪنارا اتاهان آهن، جيـڪـو "فقـيرآباد" وٽان شروع ٿئي ٿـو. ريٽي نالہ يا ريٽي چاڙهـ هنجي صفا اولاهين چاڙهـ آهي، جيڪا ڪنڌارا يا ڪنڌارو ۽ ونجهڙوٽ وٽان مکيہ وهـڪري کان ڇڄي ڌار ٿئي ٿي. ونجهڙوٽ واري اها ٻہ درياهي، دوش ـ آب وٽ مختلف پرتي ڪندڙ شاخن جي سنگم کان گهٽو هيٺ آهي. انهن ماڳن کـان پوءِ هن پاڻيءَ جي گـڏيل وهـڪـري کي "سنڌ جو مـهـراڻ" يا وڏو مـهـراڻ (۴۴۷) سـڏيو ويو. اروڙ کان چوويهـ مـيل اوپر طرف، هڪ واهہ کـوٽي، درياهہ جي آڏو بند ٻڌي درياهہ جو رخ بدلايو ويو. هن واهہ کـوٽڻ کـان پوءِ درياهہ پنهنجو رخ تـڪرين جي اولهہ پاسي ڪري ڇڏيو. وهـڪري جي تبديلي کان پوءِ (۴۴۸) بکر ۽ روهڙيءَ جا شـهـر ان جي ڪنارن تي اڏجڻ ۾ آيا. هن واقـعي کـان پوءِ سنڌو يا آب سنڌ ٻـہ هاڪڙي درياهہ کي ڇڏي ويو. ٻين هنڌن تي ڪي ٻيون ٻہ تبديليون آيون ۽ نيٺ هاڪڙو سـڪي ويو. ستلج سان گـڏ هاڪڙي درياهہ جو وهـڪـرو ڪنڌارا يا ڪنڌارا ۽ ونجهـڙوٽ وٽ ٻہ درياهيءَ ۾ ورهائجي ويندو هو.

اوير وارو مڪيہ وهڪرو هو ۽ اولهہ وارو وهڪرو سندس نئيي چاڙهہ هوندي هئي، جنهن جو پاڻي ڦري اچي ريٽيءَ (۴۴۹) ۾ پوندو هو. جنهن ڪي موجوده دور ۾ ريٽي نالہ چوندا آهن. پنجاسي ميل هيٺ هلي ريٽي سيدا جي ماڳ وٽ مڪيہ وهڪري سان ملي ويندي هئي. جتي ان جا پراڻا پيٽ اجا تائين ڏسي سگهجن ٿا. ڪڏهن تہ انهن ۾ پاڻي بہ اچي ويندو آهي. جڏهن آب ـ سند يا سندو درياهہ غوث پور وٽان اٿل ڪندو آهي تہ نارو درياهہ بہ وهي هلندو آهي. چاڙهہ جي رت ۾ پاڻي، آب سند يا سندوءَ سند رود يا رود سند و هند جي گڏيل وهڪري جو پراڻو پيٽ ڏئي وهندو آهي، جنهن کي مسلمان مورخن سند رود يا رود سند و هند سڏيو آهي. ان سنگم کي اڄ جي دور ۾ پنج ند يا پنج آب سڏيو ويندو آهي. هاڻي اتي هڪ وڏي سڪل ڍنڍ موجود آهي ۽ اتان ئي هاڪڙي واري ريٽي جو بہ منهن آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي. ريٽي درياهہ جو اهو وهڪرو ڪنهن زماني ۾ اروڙ جو اوڀاريون پاسو ڏئي وهندو هو.

چوماسي جي رت ڪان سواءِ، درياهہ جو هيءُ مڪيہ وهڪرو ڍنڍن جو سلسلو بنجي ويندو آهي. انهن مان ڪي ڍنڍون ٿي ميل ڊگهيون ۽ ميل ڏيڍ موڪريون هونديون آهن.

هڪ ڳالهہ ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ اسان امير تيمور جي هندوستان تي حملي واري وقت ڪان وٺي اڄ (۴۵۰) تائين ملتان علائقي جي "برسات جي موسم" متعلق ٻڌندا اچون ٿا. پر هن علائقي جي اوپر وارن علائقن ۾ جيتري برسات پوي ٿي، اهڙي برسات اسان اولهہ وارن علائقن ۾ هن وقت تائين ڪانہ ڏٺي آهي. برسات جي اهڙين تبديلين بہ هن علائقي جي ڪن درياهن جي وهڪرن تي ضرور اثر ڪيو هوندو. امير تيمور جي سن ۸۰۱هہ (۱۳۹۸ع) ۾ هندوستان تي حملي ۽ اڪبر بادشاهہ جي دور جي وچ ۾ اٽڪل ٻن صدين جو فرق آهي. آئين اڪبريءَ، جيڪو ۱۰۰۴هہ (۱۵۹۵ع) ۾ لکجي پورو ٿيو).جي مطالعي مان اسان کي پتو پوي ٿو تہ هنن ٻن صدين اندر درياهن جي وهڪرن ۾ وڏيون تبديليون آيون آهن. انگريزي واپاري، جيڪي هن دور ۾ مغل شهنشاهت جي اولاهين علائقن مان گذريا

هئا، تن جي احوالن ۾ ڪي واقعا اهڙا درج ٿيل آهن، جن مان ساڳين درياهي تبديلين جو پتو پوي ٿو. ان ڪري اسان سولائيءَ سان اهو اندازو ڪري سگهون ٿا تہ ان درمياني عرصي ۾ ڪي پيون بہ تبديليون ضرور ٿيون هونديون.

اهڙيءَ ريت اهو ڏٺو ويندو تہ ستلج ۽ ان کان اولهہ طرف وارا درياهہ ويندي سنڌوءَ يا آب سنڌ تائين پنهنجا پراڻا پيٽ يا وهڪرا، پوءِ ٿورا يا گهڻا، ضرور بدلايا آهن. اهڙو صورتحال اوهان کي نقشي نمبر ١ کي ڏسڻ مان بہ ٿيندو. اها تبديلي سندن پراڻن پيٽن کان اولهہ طرف ڏانهن ٿي آهي، جنهن لاءِ سبب اڳيئي حاشيہ ٤٤٦ ۾ بيان ڪري آيا آهيون. اهو اصول بياس جي تبديليءَ سان لاڳو ان ڪري نہ ٿيو ڪري سگهجي، جو ان جو الهندي يا ساڄي پاسي وارو ڪنارو اتاهون ۽ پر وارو ميدان بہ اوچو پوئو آهي ۽ پين درياهن جي وهڪرن جي خلاف اوپر طرف موڙو کائي وڃي ستلج سان ملي ٿو. سندن گڏجڻ سبب هرياري، نيلي يا گهارو درياهہ بڻجي پوي ٿو. اهڙيءَ ريت ستلج جي وهڪري ۾ بہ ڪيئي تبديليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، ستادرو يا هڪ سؤ پيٽن يا شاخن واري ستلج، پين سيني جي مقابلي ۾ وڌيڪ پنهنجا ماڳ مٽايا آهن. ساڳيءَ ريت ان دور ۾ گهگهر درياهہ ۽ سرستيءَ ۽ انهن جي پرتي ڪندڙ شاخن جي وهڪرن ۾ بہ وڏي ڦير گهير آئي آهي. اهڙين تبديلين کي اڳتي هلي پيش ڪيو ويندو.

هاڪڙو، واهندا يا سنڌ ساگر ۽ چتنگ

سروي رڪارڊ هن درياهہ متعلق ٻڌائي ٿو تہ هاڪڙي جي مکيہ پرتي ڪندڙ صفا اوپارين شاخ چتنگ (٤٥١) درياهہ هو، جيڪو هاڻي برساتي نئن بنجي ويو آهي. هن درياهہ جو پاڻي "ساڏورا" جي اتر پاسي سواليڪ جي جابلو علائقي جي نين مان ايندو آهي. منجهس ور وڪڙ تمام گهڻا آهن، پر هنجي وهڪري جو رخ ڏکڻ-اولهہ طرف آهي. هن کان اولهہ طرف وارن درياهن ويندي آب سنڌ يا سنڌوءَ تائين سيني درياهن جو رخ ڏکڻ-اولهہ طرف هوندو آهي. هنجو وهڪرو "لدوا" کان اڌ ڪوهہ اولهہ ۾ ڪرنال کان "جند" جي پاسي نَوَ ڪوهہ اولهہ،

"داهترات" کان پنج ميل اتر ــ اوڀر وهندو هو، جتي "سافي دون" جي ڏس کان سلطان فيروز طرفان کوٽايل واهه هن ماڳ کان اڃا به اوڀر تي هن وهڪري سان اچي ملندو هو. هنن ماڳن وٽان وڏو وڪڙ ڪري "جند" جي اولهه ۾ "رامراءِ" جي ڏکڻ ـ اولهه طرف کان وهندو آهي. اتان کان نرنال يا نرنار جو اوڀاريون پاسو ڏئي هانسي ڏانهن ويندو آهي ۽ ان جو اوڀر بعد ۾ ڏکڻ ڏئي اولهه طرف وهندو آهي ۽ پوءِ اتر ـ اولهه ڏانهن موڙو کائيندو آهي. اهڙيءَ ريت وڏو وڪڙ ڪري سلطان فيروز شاهه جي ٺهرايل قلعي حصار فيروز وٽ وڃي پهچندو آهي. هن قلعي جي ڏاکڻين پاسين ڏئي ساڄي رخ سان به کوهه اڳتي "ماتراسام" پهچي ٿو، جتان سندس هڪڙي ڇاڙهه "ڀادرا" ڏانهن وڃي ٿي. اتان کان نَوَ کوهه اڃا به اولهه طرف هلي ڇِنيChhini پهچي ٿو. هن ماڳ وٽان وري ڏکڻ ـ اولهه ڏانهن وڏو وڪڙ ڪري وري ڀادرا جي سامهون پهچي ٿو. اتان هيءُ وهڪرو هڪ کوهه پري ۾ ڏکڻ ـ ڏکڻ ـ اولهه طرف وهي ٿو. هنن ماڳن وٽ ماتراسام کان ايندڙ پراڻي وهڪري سان ملي وڃي ٿو. وري وچ پنڌ تي ٻئي به هڪ پراڻي وهڪري جو پيٽ آهي، ان سان به ملندو آهي، جنهن جو رخ اولهه تي آهي. ان سان سندس ميلاپ فقط اڌائي کوهه هيٺ تائين رهندو اٿس.

ڀادرا هڪ قديم ماڳ ۽ اڃا به هڪ وڏو ڳوٺ ۽ بيڪانير جي راجا جي حڪومت ۾ شامل آهي. درياهه سندس اتر کان ٿيندو اولهه پاسي کان ڦري اچي ٿو. درياهه جي عام رواجي ويڪر اڌ کوهه کن آهي، پر برساتن جي موسم ۾ ٻن کوهن ۾ پکڙجي ويندو آهي ۽ ڀادرا جي بلڪل ڀرسان هجڻ ڪري انکي ڏاڍو نقصان رسائيندو آهي. هن درياهه متعلق به مشهور چواڻيون آهن:

جب تب چتنگ، ڀادراناس

يعني: جڏهن چتانگ ۾ چاڙهه ايندو آهي، ته ڀادرا ناس ٿي ويندو آهي.

همواره چتنگ موجب ويرانه بهادرا است

چتانگ سدائين ڀادرا جي بربادي جو سبب بڻبو آهي.

ڀادرا کان کوهه سوا کن ڏکڻ ـ اولهه طرف چتانگ وري به الهندي ڏس تي رخ

رکندو آهي ۽ نوهار جي ڏکڻ پاسي کان پرسان نکري ڇهه کوه اڃا به اڳتي وڃي وري اولهه ـ اتر ـ اولهه ڏانهن موڙو کائيندو آهي ۽ نانگ جيان ڏاڍا ور وکڙ کندو "ڳنڊيلي" (۴۵۲) نالي هڪ وڏي ڳوٺ جي ڏکڻ کان پرسان لنگهي، ٿونٺ وکڙ کري، اتر ڏانهن ڦرندو آهي ۽ چار کوهه پري "روٽ سر -Roat Sar" ڏانهن ويندو آهي. هي ڳوٺ درياهه جي ڪاہي يا ڏکڻ ڪناري تي آباد آهي. هتان کان ٽي کوهه کن سندس رخ ڏکڻ ـ اولهه طرف آهي. ان کان پوءِ هڪدم وکڙ کائي اتر ـ اولهه ڏانهن مڙي ٿو. هن ماڳ وٽان کانئس هڪ چاڙهه ڏار ٿيندي نظر ايندي آهي. پنهي وهڪرن ۾ ساڍن ٽن کوهن جي وٿي آهي. ستن کوهن جي ڇينهڙي کان پوءِ، اتر ـ اولهه طرف ويندي، پنهنجي مکيه وهڪرن سان ملي ويندي آهي. ان کان پوءِ وهڪري جو رخ ڇهن کوهن لاءِ اولهه طرف ٿي ويندو آهي ۽ هتي ماڳن وٽ هاڪڙي يا واهندا سان ڳهگهر درياهه جو سنگم ٿي ويندو آهي ۽ هن علائقي ۾ وهڪري جو پيٽ گهٽو ويڪرو ڏسڻ ۾ ايندو. ڇتانگ جي کنڌين کنارن سان کيترائي ڳوٺ آباد آهن ۽ کيترن ئي ٿڻن جا نشان پڻ پر پاسي ڏسڻ ۾ ايندا.

هتان ڏکڻ ـ اولهه طرف رخ اختيار کندو، "سودرهارSudarhar" يا سورت ڳڙهه جي بلکل پرسان اتر ڏئي ٿو، اتي سندس رخ اولهه طرف آهي ۽ ڇه کوهه الوانه ڏانهن هلي، هن ڳوٺ کان کوهه کن ڏکڻ ۾ پري لنگهي، وري به اولهه ڏانهن مڙي سوهان کوٽ (۴۵۳) جي اتر مان گذري ٿو. قديم زماني ۾ هي هڪ وڏو قلعو هو. هاڻي کنڊرن کان سواءِ هتي ٻيو کجهه به کونه آهي. هيءُ ماڳ "سودرهار" يا سورت ڳڙهه کان ست کوهه پريءَ درياهه جي ڏاکڻين کنڌيءَ جي اوڏو آهي. سوهان کوٽ کان پوءِ جل مترا (۴۵۴) جو پاسو ڏئي لنگهندو آهي. (جل مترا هڪ وڏي دڙي جو نالو آهي). هي اتاهون دڙو ٽي چار کوهه پري کان ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ سوهان کوٽ کان ست ميل پري درياهه جي اترئين (۴۵۵) کناري سان موجود آهي. هن ماڳ کان پوءِ جوير بلوچان Joeyr Baluchan ڏانهن مڙي ٿو. جوير (ٽي سگهي ٿو جوهڙ) يا ڍنڍ

ڪري ان ڳوٺ کي انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ پلر جو پاڻي اچي
گڏ ٿيندو آهي. ان کان پوءِ منگو والا جوير ڏانهن وڃي ٿو. جيڪو هن جاءِ کان
ست ڪوهه ڪن پري آهي. هيءَ ڍنڍ به درياهه جي پراڻي پيٽ ۾ آهي. هن ڍنڍ جي
پاڻيءَ جو دارومدار به اوهيڙن جي اوڪ تي ٻڌل آهي. هن ٺاڪ کان ٿي ڪوهه ڪن
پري چوهڙ هار نالي مسلمانن جو هڪوڙو ڳوٺ آهي. چوڌاري ڪچين سرن جو
قلعو، ڍنڍ ۽ ڪيترائي کوهه اٿس. هن وٿاڻن کان به ڪوهه ڏور، اتر ـ اولهه ڏس
تي دٻالي Dubhli جو ڳوٺ آهي، جيڪو پٽنير قلعي کان ڇهه ڪوهه ڏکڻ ـ ڏکڻ
ـ اولهه ۾ آهي. هي ڪافي وڏو ڳوٺ آهي. چاڙهه جي رُت ۾ گهگهر جو پاڻي اچي
هتي پهچندو آهي. موجوده دور ۾ ”ديالي“ اڍائي ڪوهه ڪن ان وهڪري کان
وٺ ڪي ٿيندي، چوهڙهار، چترنگ زمين ۾ آباد ۽ بيڪانير ۽ بهاولپور رياست جي
دنگ تي واقع آهي. ڪڏهن بيڪانير جي راجا جو ته ڪڏهن بهاول خان جو ڏن
پريندو آهي. هن کان بعد چتنگ پيا ست ڪوهه لتاڙي بهاولپور جي حدن ۾ ولهار
(۴۵٦) جي ايراضيءَ ۾ داخل ٿيندو آهي. هيءُ قديم شهر درياهه جي اترئين
ڪناري سان آباد آهي، جنهن جي چوڌاري پڪ سرو قلعو اڏيل آهي. هن تاڏي
(جوءِ) ۾ سندس پيٽ گهٽو ويڪرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

هاڪڙي يا واهندا جي پراڻي پيٽ جي نشانن ڪي هلڻ کان اڳ ۾ هن رڻ پٽ
جي ڪن اهم ڳالهين جو ذڪر ڪريون، جيڪو اتر کان پٽنير کان وٺي سنڌ تائين،
ڏکڻ، اوپر پاسي کان بيڪانير ۽ جيسلمير کان وٺي، اولهه سنڌ جي مهراڻ جي
وهڪري تائين پکڙيو پيو آهي. هاڪڙي درياهه جيٰ مکيه پرتي ڪندڙ شاخ چتانگ
(چتنگ) هئي، جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي. هن وارياسي رڻ پٽ مان، هن
درياهه جي لنگهه وارو رستو بي انتها پڪيءَ زمين تي مشتمل آهي، جيڪو گهوڙن
جي سنبن هيٺان وڄندو آهي. ان ڪري ڪيس چترانگ جي نالي سان سڏيو ويندو
آهي. پر موجوده دور جي ڪن مورخن هن نالي جو بنياد چتانگ درياهه کي ٻڌايو
آهي. پنهي لفظن جي وچ ۾ ظاهر ڪو لاڳاپو نظر ڪونه ٿو اچي.

جيسلمير واري باب ۾ سروي جي لکٺهار جو بيان آهي ته ”چترنگ وارو علائقو

واریاسو رڻ پٽ آهي. منجهس پاڻيءَ جو نالو نشان به ڪونه ملندو. پٽنير ڪان وٺي جيسلمير تائين سندس ڊيگهه ۾ سؤ ڪوهه ڪن ٿيندي. سندس ويڪر پنجويهه ڪوهه آهي. ڪجهه اوسي پاسي به پڪڙيل آهي. منجهس رڃ ڏيکاءُ ڏيندي. پري ڪان پاڻيءَ جون وڏيون ڍنڍون ۽ وڏا وڻ پيا نظر ايندا، ويجهو وڃڻ تي اتي ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو. چترنگ واري ايراضيءَ ۾ کوٽڻ سان پاڻي تہ ملي ويندو آهي، پر هوندو ڏاڍو اونهائيءَ تي آهي، ۽ ڀاڙو به هوندو آهي. علائقي ۾ واريءَ جي گهٽائيءَ سبب کوهن جو انگ تمام ٿورو آهي. واريءَ جون پٽون به سمنڊ جي ڏيک جيان پيون ڏسڻ ۾ اچي يون آهن. نانگ ۽ وڇون جام آهن. ڪبڙ جو وڻ Salvador Persica تمام گهٽو ٿئي. پير سنجي (Red jujuba, ber) Sanji (شايد چاگري پير) جو وڻ به ٿئي ٿو. ڪبڙ جو وڻ ڏاڍو اوچو ٿئي، باقي پير مڙس ماڻهوءَ جو قد مس ڪري. هنکي هندوستان وارا سانجي بوٽا سڏيندا آهن.“ پئي هنڌ بڌائي ٿو تہ، ”هن علائقي جي ڌرتيءَ جو مٿاڇرو ڪنهن به اوپڙ ڪان خالي، ويران ۽ سنئون سڌو هوندو آهي. اهڙي قسم جي مٿاڇري واري ڌرتيءَ کي زميندءِ چترنگ ڪوٺيندا آهن. هن علائقي جي قديم روايتن مطابق، سواليڪ جي جابلو علائقي مان هڪ درياهه نڪرندو هو، جيڪو مذڪوره ايراضيءَ مان وهي، سنڌو درياهه سان (۴۵۷) وڃي ملندو هو. ان درياهه جو نالو چتانگ (چتنگ) ۽ هيٺ هاڪڙو هوندو هو. جڏهن ڪان هيءُ درياهه سڪي ويو آهي، تہ سڄو علائقو هڪ برپٽ بڻجي ويو آهي ۽ ماڻهو لڏي پنهنجا ڪک ڇڏي هليا ويا آهن.“

هن ويڪري علائقي کي جيڪي ۽ پڪيءَ مٽيءَ ۽ سنئين پَٽَ ڪري چترانگ سڏيو ويندو آهي. اهو به چيو ويندو آهي، تہ هن علائقي جي ڪنهن ڀاڱي منجهان گهاگهر (گهگهر) درياهه به وهندو هو، جيڪو سمرند واري علائقي کي لتاڙي هاڪڙي سان ملندو هو. مختصر تہ موجوده دور ۾ چتانگ درياهه پٽنير، موج ڳڙهه، ماروت، قلڙا، چهَروه يا ، سودر ـ هار ڪان اڳتي ڪونہ ٿو ٽپي اهي سڀ ڳوٺ هاٺي چترنگ جي علائقي ۾ واقع آهن. ان علائقي جا رهواسي اوساريل جاين

بدران ڇڻ ۽ ڇوڙن جي ڇت هيٺان گهاريندا آهن. چوپايو مال ئي سندن مال مڏي آهي."

مان مٿي ڄڻي آيو آهيان تہ اها چترانگ زمين چوڏس نظر ايندي، پر اتي ڪجهہ وڏيڪ ڏسڻ ۾ ايندي آهي، جتان ڪڏهن مذڪوره وهڪرن جو لنگهہ هو، هاڻي اهي درياهہ سڪيٰ ويا آهن، يا اهي علائقا جن تائين انهن درياهن جو پاڻي پهچندو، هو يا پڪڙيل هوندو هو (٤٥٨)، اهي بہ ويران ٿي ويا آهن، جيڪي چترانگ جا ڏسبا آهن. مثال طور، بيڪانير (٤٥٩) کان موهن ڳڙهہ رستي پٽنير وڃبو، تہ اتان کان چترانگ جو علائقو يارهن ميلن کان پوءِ شروع ٿيندو." سودر هار کان ذڪڻ طرف موجوده دور جو سورت ڳڙهہ واقع آهي ۽ ان کي قلعي کان ڪجهہ ميل اتر طرف چترانگ جو علائقو ختم ٿئي ٿو. هتان هاڪڙي جو پراڻو پيٽ بہ چترانگ کي ڪپي ٿو. جيڪڏهن خير ڳڙهہ ۽ مبارڪ پور جي وچ تي موجود ڳوٺ ڪريم خان رئيس (٤٦٠) وٽان بيڪانير طرف هلبو تہ پهريائين اوهان کي ماروت وڃڻو پوندو. پهريان ڏهہ ڪوهہ اوهان کي واريءَ سان پنڌ ڪرڻو پوندو. ان کان پوءِ چترانگ شروع ٿئي ٿو، جيڪو ماروت تائين هليو هلندو ۽ اوهان کي ستلج ۽ هاڪڙي جا پراڻا پيٽ لنگهڻا پوندا. هاڪڙي جي ڏاکڻين يا ڪاپي طرف واري ڪناري سان ماروت جو شهر آباد آهي. ان کان اڳتي بہ چترانگ ڪجهہ مفاصلي تائين هليو هلندو."

جيڪڏهن بيڪانير کان اجوڏن وڃبو، تہ پنجاهہ ڪوهہ اتر چوهڙ هار جو ماڳ آهي. اتان پنجتيهہ ڪوهہ اڳتي ادميري آهي، جنهن کي اجميري بہ سڏيو ويندو آهي. ان کان پوءِ جاٽن جي مسلمان قبيلي وارو علائقو ايندو ۽ بعد وارو چاليهہ ڪوهہ رستو چترانگ مان هلندو. تنهن کان بعد پنج ڪوهہ واريءَ جون ڍبون ايندين ۽ هاڪڙي ۽ "ناءِ والي" يا ناءِ وال جا پراڻا وهڪرا بہ لنگهڻا پوندا.

"پٽنير" ۽ "پادرا" جي وچ تي هڪ ماڳ نوهار (٤٦١) کان جيڪڏهن بيڪانير وڃبو تہ چترانگ زمين نو هار کان وٺي شروع ٿيندي، هي ٽاڪ چتانگ درياهہ جي ساڄي ڪناري تي موجود آهي جيڪو گهٽي پنڌ تائين اتر ڏانهن پکڙيل

آهي. جيڪڏهن ېئي طرف کان جيسلمير کان بيڪانير وڃبو، تہ چترانگ زمين بيڪمہ پور کان شروع ٿيندي ۽ رستو درياهن جي ٻن پراڻن پيٽن مان لنگهندو. اهي ېئي درياهہ هاڪڙي درياهہ جون ڀرتي ڪندڙ شاخون هئا، جيڪي ڪنهن سمي جيسلمير جي پوهہ ڪرن علائقي مان وهندا هئا. جن کي صفحہ ۴۵۱ تي ڏسي سگهجي ٿو.

”ان کان پوءِ ولهار کان پندرهن ڪوهہ اولهہ -اتر-اولهہ طرف، هاڪڙي جي اولاهين ڪنڌي ۽ موج ڳڙهہ کان اوپر طرف فريد سر نالي هڪ ماڳ آهي. اتي، فريد سر لفظ جي پوئين حصي جيان جيڪو ڪنهن تلاءَ جو مطلب ڏيکاري ٿو (۴٦٢)، کاري پاڻيءَ جي هڪ وڏي ڍنڍ موجود آهي. اتان ساڳي طرف جيڪڏهن پنج ڪوهہ هلبو، تہ چترانگ زمين ختم ٿي ويندي ۽ واريءَ جون ڀٽون شروع ٿي وينديون. ڪيترا قافلا هن سڄ ۾ رڄ جو ڏيک ڏسي، پاڻيءَ جي ڪيڏ لڳي، تباهہ ٿي ويا. چترانگ زمين جنهن جو مٿي بہ ذڪر اچي چڪو آهي، خشڪ ۽ سنئون سڌو پٽ آهي. پر ڳاهہ سان ڍڪيل سائو پٽ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، تنهنڪري ماڻهو نڳجي ويندا آهن. فريد سر کان اتر-اتر-اوپر ڏس تي مبارڪ پور جو ماڳ آهي.“ چترانگ زمين، ستلج جي پراڻي، آخري، آڄي ۽ نجي وهڪري جي پراڻي پيٽ جي اوسي پاسي بہ ڏسي سگهجي ٿي.

”ماهي والا بونگا“ ۽ فريد سر جي رستي سان هلبو، تہ فريد سر کان ڏهہ ڪوهہ اتر تاجِ سرور ايندو، جنهن کي تاج سرور بہ سڏيندا آهن. ماهي والا بونگا ڏانهن ويندي، چترانگ زمين، ستلج جي پراڻي پيٽ پرسان ڏسڻ ۾ ايندي. اتان کان مبارڪ پور کاٻي هٿ تي ۽ ڪجهہ وٿيرڪي واقع آهي.“ ”بيڪانير کان بيرسل پور Birsilpur جي راجا جي ٿهرايل ڪچي ڪوٽ پوگل Pugal رستي، جيڪڏهن بهاولپور وڃبو، تہ بهاولپور جي سرحدن اندر موجود موجڳڙهہ طرف، اڌ واٽ تي چترنگ زمين ڏسڻ ۾ ايندي (يعني بيڪانير ۽ بهاولپور رياست جي دنگ تي) ۽ واريءَ جون ڀٽون ختم ٿي وينديون آهن. موج ڳڙهہ کان بهاولپور ايندڙ سڄو رستو چترانگ مان گذرندو آهي. وچوواڙي ڪٿي واريءَ جون

ڊپون اچي رَسـتي روڪ ڪنديون آهن.“ هيءَ ڳالهہ ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ هيءُ رستو موج ڳڙهہ ۽ بهاولپور جي وچ تي هاڪڙي ۽ ستلج جا پراڻا پيٽ اڪرندو آهي.

چترنگ زمين وري هاڪڙي جي موجوده وهڪري جي اترئين يا ساڄي ڪناري جي پرسان، اچ شريف طرف دلاور يا ديراور جي ويجهڙائيءَ وٽان شروع ٿئي ٿي ۽ ڏکڻ - اوڀر طرف غوث ڳڙهہ ڏانهن هلندي ويندي آهي، جنهن کي هاٽي رکڻ پور سڏيو ويندو آهي. اهو ماڳ بهاولپور رياست جي حدن کان ٻاهر ۽ بيڪانير جي حد ۾ بيرسلپور جي علائقي ۾ هاڪڙي جي پراڻي پيٽ ۾ آهي. دلاور ۽ بيرسلپور جي ويجهڙائيءَ جي ماڳن جي وچ وارو رستو اٽڪل ڇاونجاهہ ميل ڪن ٿيندو. اهو سڄو علائقو پراڻن وهڪرن سان ڇٽيو پيو آهي. جنهن مان اسان کي اها ثابتي ملي ٿي، تہ هاڪڙو هن علائقي جي ڪنهن نہ ڪنهن ڀاڱي مان ڪنهن نہ ڪنهن زماني ۾ پئي گذريو آهي. اها ڳالهہ بہ چٽيءَ ريت اسان جي سامهون اچي ٿي تہ هاڪڙي جي وهڪري، ماروٽ، موج ڳڙهہ (٤٦٣)، ديراوال ”چنيسر“ يا ٽبہ چنيسر (٤٦٤)، غوث ڳڙهہ، خان ڳڙهہ، ونجهڙوٽ (نقشي جو بيجنوٽ) ۽ جيسلمير جي حدن اندر ”نو-هار“ يا اسلام ڳڙهہ وارو الهندو رخ اختيار ڪيو هو. اهڙي حقيقت هتان جي روايتن جي پٺڀرائي ڪري ٿي. اتان هلي هاڪڙو ”ڏونڌار“ ڪان ٿيندو اَمَر ڪوٽ پهچندو هو. ڪجهہ وقت کان پوءِ ماروٽ وٽان ڪجهہ اولهہ پرو سرڪي تريهارا يا دين ڳڙهہ ڏانهن هليو ويو، وري اتان ٿيندو ديراوال ۽ خان ڳڙهہ وڃي پهتو. جنهن جو پورو احوال اڳتي پڙهندا.

سروي رڪارڊ، جنهنجا حوالا آءٌ ڪتب آڻيندو رهيو آهيان، تنهن ولهار ڪان اڳتي هاڪڙي جي پراڻي پيٽ جو ڪو احوال ڪونہ ڏنو آهي ۽ نہ وري ان جو اڳتي سنڌ جي دنگ ڏانهن ويندڙ پيٽ جو پتو پڌايو آهي. پر هاڪڙي جي ڪنڌيءَ سان ويندڙ ڪيترن ئي رستن جا نشان پتا پڌايا ويا آهن، جن کي هيءُ وهڪرو ڪيترين ئي جاين تانْ ڪپي ٿو.

اڳئين جيان ساڳيو رستو ڏئي اڳتي هليو تہ هاڪڙي جو پراڻو پيٽ وڏو وڪڙ

ڪري، موجوده ڳوٺ ڦلڙا ۾ سرن سان جوڙيل هڪ قلعي جي پرسان گذرندو. هن قلعي جون پٽيون اتاهيون آهن ۽ چوڌاري کاهي کوٽيل اٿس. ڪنهن زماني ۾ هيءُ ڏاڍو اهم قلعو (۴۶۵) هو. هاڻي سندس حالت زبون آهي. ڪنهن دور ۾ هاڪڙي جي ڪنڌيءَ تي هوندو هو ۽ هاڻي اهو سوا ميل کن سندس ڏکڻ ڏس تي آهي. ڦلڙا کان ٽي ميل کن اتر طرف هڪ پراڻي شهر "تيڙهي" جا کنڊر آهن، جيڪي پراڻي پيٽ اندر آهن. امام شاهه جي مزار وٽان اتر - اولهه طرف ٿوري وڪڙ کان پوءِ، ڏکڻ - اولهه طرف موڙو کائي ٿو. هاڻي امام شاهه جي مزار پراڻي پيٽ ۾ ڏسڻ ۾ ايندي. هن ماڳن کان پوءِ، سندس رخ "ماروٽ" طرف هوندو آهي، جيڪو سندس ڏاکڻين ڪناري کان ڏيڍ ميل جي پنڌ تي آهي. هن علائقي ۾ هاڪڙي جو پيٽ ڇئن کان پنج ميل موڪرو ڏسڻ ۾ ايندو. اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اڄ تي حملي دوران مگتا مغل ماروت جو ذڪر ڪيو آهي. هاڻي به جڏهن اوهيڙي جي اوڪ ۾ پلر جي پالوٽ ٿيندي آهي، ته هاڪڙي ۾ پاڻي پرجي ويندو آهي ۽ اهو پاڻي هلي اچي ماروت جي ٽن يا ڇئن ميلن تي پهچندو آهي. سروي ڪرڻ وقت، جنهن جي مواد ڪي مان به ڪتب آندو آهي، ماروت جو شهر هڪ ننڍڙي شهر جي روپ ۾ اجا به باقي هو. سندس اڏاوت هڪ اتاهين دڙي تي ٿيل هئي ۽ چوڌاري پڪ سرو قلعو هوس. سڄو ڪندڙ واري هلي هلي اولهه پاسي وارين پٽين تي مٿي تائين چڙهي آئي آهي. ڪنهن زماني ۾ هيءُ شهر اناج جي وڏي منڊي هو. هاڻي ته چوڌاري سڃ پئي واڪا ڪري ۽ کوبه فصل ڪيتي (۴۶۶) کانه ٿئي. هن پراڻي وهڪري مان، هن ماڳن وٽان ڪيتريون ئي شاخون ڦٽنديون آهن، جن جو رخ هر طرف ڏانهن هوندو آهي. انهن سڀني مان قديم وهڪري جي پيٽ جو رخ ڏکڻ ڏس تي آهي.

ماروت کان لنگهي اڳتي ٿبو، جنهن جي نُورو اوپر ۾ ستلج جو هڪ قديم وهڪرو ڏسڻ (۴۶۷) ۾ ايندو، جيڪو ڏاڍو چٽو آهي. اسان جي نقشن ۾ اهو وهڪرو "نئي وال" ۽ "الهندي نئي وال" لکيل آهي، جيڪو اڳتي هيٺ وڃي هاڪڙي سان ملي ويندو هو. هاڪڙي جو پيٽ پورن اٺن ميلن تائين ساڳئي اڳئين

طرف وڃي ٿو. ان کان پوءِ ڏکڻ طرف، بعد ۾ اولهه ڏي "مول ڳڙهه" يا "موج ڳڙهه" (ٻنهي طريقن ۾ لکيل آهي) ڏانهن وڃي ٿو. سرن جو قلعو اتس ۾ ڏاکڻين ڪناري جي بلڪل ويجهو آهي. هن ماڳ جي اوپر ۾ هن درياهه جو پيٽ چار ميل ويڪرو آهي. اجا به جيڪڏهن ساڳئي رخ اولهه - ڏکڻ - اولهه طرف ڏئي اڳتي وڌبو، ته پيٽ وري سوڙهو ٿيڻ شروع ڪندو ۽ دين ڳڙهه يا تريهارا جي قلعي وٽ پهچبو، جيڪو هن پراڻي پيٽ جي ڏاکڻين ڪناري کان سوا ميل ڪن پري آهي. هتي اچي هن وهڪرى جو پراڻو پيٽ ويڪرو ٿيڻ شروع ٿئي ٿو ۽ اتر ڪنڌيءَ تي ٻاڙا جي پراڻي ڪنڊرن جي ويجهو ڏکڻ طرف ڪيترن ميلن تائين، هن علائقي ۾ پاڻيءَ جي پائيندڙ ۽ ڪاڌ جا نشان پتا ملندا. دين ڳڙهه کان ٿورو پنڌ اڳتي پيٽ وري ويڪرو ٿيڻ شروع ڪري ٿو ۽ سندس رخ اولهه - ڏکڻ ٻاڙا ڏانهن هوندو آهي. ٻاڙا جو قلعو لنگهي، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ به اچي چڪو آهي، ديراوار يا دلاور ڏانهن وڃي ٿو، جيڪو درياهه جي ڏاکڻينءَ ڪنڌيءَ آباد هو. هن وسنديءَ کي ديراوت (٤٦٨) به سڏيو ويو آهي. ائين لڳي ٿو ته پهرئين نالي جو غلط اچار آهي. وايو منڊل جي نقطه نگاهه کان هيءُ هڪ سگهارو قلعو هو. بهاولپور جو نواب به هن قلعي کي فتح ڪرڻ جوڳو ڪونه سمجهندو هو، تنهن ڪري پنهنجو خزانو هن قلعي ۾ رکايو هئائين. گذريل صديءَ ۾ تيمور شاهه سدو زئي درانيءَ هن قلعي کي فتح ڪيو هو. سنڌ جي حڪمران شاهه حسين ارغون مغل ١٥٢٥ع ۾ حملو ڪري ملتان جي لانگاهن جاتن کان هيءُ قلعو فتح ڪيو هو. دين ڳڙهه يا تريهارا ۽ ديراور يا دلاور جي وچ تي هاڪڙي جي پراڻي پيٽ ۾ ڪيئي تبديليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هتي سندس پيٽ اڻ چٽو آهي. چاڪاڻ ته، اسان کي سروي رڪارڊ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته، هيءُ سڄو علائقو هن جي بيشمار وهڪرن جي ڪنڌين ڪنارن سان پريو پيو آهي. ڪي پيٽ ۽ ڪنارا ٻه ٽي ميل ڊگها، ته ڪي وري ٻه ٽي ميل ويڪرا ٿيندا. ڪي وهڪرا هڪ ٻئي جي پورروچوٽ تي هلندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي بلڪل چٽا آهن. باگهلاءِ صاحب ڳڙهه کان وٺي ڏکڻ اولهه طرف هيٺ سنڌ جي دنگ تائين هڪ سؤ اٺ ميل هن درياهه جو وهڪرو اڻ چٽو آهي. ان

ڪان پوءِ وري چٽو ٿيڻ شروع ٿئي ٿو. هاڪڙي درياهہ جا پراڻا پيٽ يا ڪنارا گهٽي مفاصلي تائين هڪ ڪراءِ سڌا ڪونہ ٿا ملن جيڪي قديم وهڪري ڪان ڏکڻ طرف ڏئي ٽيہ چنيسر، غوث ڳڙهہ يا رڪڻ پور، خان ڳڙهہ، ونجهڙوٽ (۴٦٩) ۽ نو-هار يا اسلام ڳڙهہ (۴۷۰) ڪان بيڪانير جي سرحدن ڏانهن پکڙجي وڃن ٿا. جهڙيءَ ريت اسين نقشي نمبر ۱ ۾ ڏسون ٿا ۽ دين ڳڙهہ ڪان هڪ سؤ ڏهہ ميل ڏکڻ طرف هيٺ، پاٽيءَ جي رخ، پائيندڙ ۽ ڪاڏ مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

هن ماڳن ڪان وٺي ڏکڻ طرف سڄو علائقو هاڪڙي درياهہ جي پراڻن پيٽن سان ڇٽيو پيو آهي، جيڪو جيسلمير علائقي جو ڏکڻ ڏئي، جيسلمير شهر ڪان اولهہ ۾ ڍنڊار شهر جو بہ اولهہ ڏئي، سنڌ جي امر ڪوٽ Amar Kot ڏانهن ويندو هو. اهو وهڪرو اهڙيءَ اٿل حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو ۽ هتان جي ماڻهن جون روايتون ان حقيقت جي پٺ پرائي ڪن ٿيون تہ، ڪنهن قديم زماني ۾ هاڪڙو درياهہ جيسلمير جو اولاهون پاسو ڏئي سنڌ ڏانهن وهندو هو.

ستلج درياهہ جي تمام پراڻي ۽ ڪجهہ پراڻي وهڪري جو پيٽ دين ڳڙهہ جي پرسان اتر ۾ هاڪڙي جي ويجهو نظر اچي ٿو. هن ڪان مٿان ڪنهن بہ هنڌ ستلج جو وهڪرو هاڪڙي جي ايترو نزديڪ نظر ڪونہ ايندو. اتان ڪان موج ڳڙهہ يا مول ڳڙهہ (۴۷۱) وٽ اتر طرف پنجويهہ ميل پري ۽ دين ڳڙهہ ڪان فقط تيرهن ميل اولهہ - ڏکڻ ڏس تي آهي، جيڪو هاڪڙي جي وهڪري ڪان پندرهن ميل پري ٿيندو. وچ واري ايراضيءَ جي مٿاڇري تي پاٽيءَ جي ڪاڏ ۽ پائڻ جا نشان دين ڳڙهہ ڪان بہ اڳتي تائين تمام چٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ستلج جي هن پراڻي پيٽ ڪان اچا بہ ڏکڻ - اولهہ طرف، ستلج، هاڪڙي جي ويجهو وڌيڪ ويجهو ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن جو احوال اوهان ڪي هاڻي ٻڌايون ٿا.

خير ڳڙهہ قلعي جي ويجهو، دلاور يا ديراور ڪان ساڍا ڇتيهہ ميل هيٺ، جتي درياهہ جو پيٽ اونهون ۽ سوڙهو آهي، سندس ڪنارا اتاهان آهن. اهو ستلج جو پراڻو وهڪرو آهي، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. اهو هاڪڙي ڪان نون

ميلن جي مفاصلي تي ڏکڻ طرف آهي. ان کان پوءِ، ستلج جا ڪنارا اڀ چٽا ۽ تري جي پکيڙ ويڪري ٿيندي وڃي ٿي ۽ هاڪڙي سان سنگم ڪرڻ وقت ميلن ۾ پکڙجي وڃي ٿي. اهي ٻئي درياهه (ستلج ۽ هاڪڙو) خير ڳڙهه قلعي کان چوويهه ميل هيٺ "ٻاگهلا" ۽ "صاحب ڳڙهه" قلعن جي ويجهو پاڻ ۾ گڏجي وڃن ٿا. هن مان چٽيءَ ريت اهو ثابت ٿئي ٿو ته هي دوش آب "Waters meet" واري جاءِ آهي، جتي ڪڏهن هي وهڪرا پاڻ ۾ ملندا هئا. ٻاگهلا وٽان وري هاڪڙي وارو وهڪرو چٽيءَ ريت ظاهر ٿي بيهي ٿو. هي قلعو يا صاحب ڳڙهه جو قلعو هاڪڙي جي ساڄي يا الهندي ڪناري سان واقع هئا. هتان ماڳن وٽ هاڪڙي جي پيٽ جي ويڪر ٻن ميلن ۾ آهي. ڇهه ميل اڳتي هلي، وهڪرو اچا ٻه ڪجهه وڌيڪ ڏکڻ پرو ٿئي ٿو. ان کان پوءِ، ان جو رخ عام طرح ڏکڻ - الهندي ڏانهن آهي. اسان جي نقشن ۾ سندس نالو ريٽي نالا Raini Nallah آهي-(۴۷۲). پر هتان جا رهواسي هنکي واهندا يا هاڪڙي جي نالي سان سڏيندا آهن. هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين سندس ويڪر چار يا پنج ميل ٿيندي. ليراهه Learah، ڪنڌارا Kandharah (سنڌي هن کي ڪنڌارو سڏيندا آهن) ۽ خان ڳڙهه سندس اوڀارئين يا کاٻي ڪناري وارا اتر سنڌ جا قلعا آهن. هاٿي آءُ هن کي هتي ڇڏي، ٻين درياهن جي پراڻن پيٽن جو ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو، جيڪي ڪنهن زماني ۾ هن درياهه جون پيرتي ڪنڌ شاخون هئا. اهي اجا تائين برسات جي موسم ۾ هن ڏانهن وهي ايندا آهن.

سرسوتي يا قديم سراس وتي

چتانگ درياهه کان پوءِ اولهه پاسي تي سرسوتي Sursuti يا قديم سراسوتي Saraswati آهي، جيڪا چتانگ درياهه جيان سواليڪ جي جابلو علائقي مان نڪري ناهر (۴۷۴) ۽ ساڍورا جي وچ وارين ٽڪرين جو پاڻي کڻي ايندي هئي. قديم زماني کان وٺي هن درياهه جي خاص ڳالهه اها رهي آهي، ته هو واريءَ علائقي مان گم ٿي ويندو آهي ۽ سندس وهڪرو زمين جي مٿاڇري تي ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي. پر ڪجهه مفاصلي کان پوءِ وري ڏسڻ ۾ ايندو آهي. موجوده

دور ۾ ٻه هو ۽ يا ٽي ڀيرا وارياسن علائقن ۾ گم ٿي ويندو آهي. پنهنجي ان عارضي لڪڻ واري دور ۾ چتانگ سان ملندو آهي. ان کان پوءِ هو ٻاره ڪيڙا وٽ ظاهر ٿيندو آهي. سندس وهڪرو لڳاتار قائم رهندو آهي. هيٺئين طرف سندس وهڪري ۾ صدين کان وٺي گهڻيون تبديليون (۴۷۵) آيون آهن. موجوده دور ۾ هن کي ”سُک ستي“ ڪري سڏيو ويندو آهي. گذريل صديءَ ۾ جڏهن سروي جو ڪم هلي رهيو هو، جنهن جا حوالا مون ڪتب آندا آهن، هيءُ درياهه مصطفيٰ آباد کان اڌ ڪوهه اتر پوءِ اولهه وارو پاسو، ”بابيان“ (۴۷۶) کان ٻه ڪوهه اوڀر، ٿانيسر کان اتر ۾ پيهوئا (۴۷۷) کان ڏکڻ ڏئي وهندو هو. جيڪڏهن اوهان اتان کان گم ٿيلا Gumthaila جي رستي ڪٽتل ويندا ته، اوهان کي پيهوئا وٽان سرن جي پل وسيلي سرستيءَ کي اڪرڻو پوندو. ان ماڳ کان سندس وهڪري جو رخ سڌو ڏکڻ ـ اولهه طرف آهي، جهڙيءَ ريت سندس اڄ وهڪرو آهي. سندس قديم وهڪرو فريس مجرا Furismajra (۴۷۸) کان پيهوئا تائين ۽ ٿهوانا (۴۷۹) جي ويجهڙائيءَ کان وٺي بانهرا (۴۸۰) تائين گهٽ ۾ گهٽ انن ڪوهن جي مفاصلي تائين اڄ به چٽو ۽ پڌرو آهي. بانهرا کان ڏيڍ ڪوهه ڪن اوڀر ۾ گذرندو آهي. پر اتان سندس پيٽ چٽو ڏسڻ ۾ نه ايندو. چتانگ جي اترئين پاسي ۽ چني کان ٻه اتر سندس وهڪرو ايڏو واضح ڪونه هوندو آهي. بانهرا کان اتاويهه ميل هيٺ ۾ ساڄي رخ تي وري ٻه سندس وهڪرو اڻ چٽو ٿي ويندو آهي. پر پوءِ ٻه چتانگ سان ملڻ تائين، ان جي وهڪري کي چڱيءَ ريت معلوم ڪري سگهبو آهي. هيءُ درياهه پادرا کان اولهه ۾ ٿوري مفاصلي تي چتانگ سان سنگم ڪري ٿو. ان کان پوءِ هنن ٻنهي درياهن جي گڏيل پاٽيءَ کي هاڪڙي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. گهگهر درياهه کي ڪڏهن ٻه سرسوتي جي نالي سان ڪونه ڪونيو ويو آهي. اهي ماڻهو جن کي هنن حقيقتن جي خبر نه آهي، تن ضرور ائين (۴۸۹) سمجهيو هوندو. چتانگ ۽ سرسوتي، ٻنهي درياهن جو، اڳئين زماني ۾ ڪڏهن گهگهر سان ڳانڍاپو ڪونه رهيو آهي. پر پٽنير کان ويهه ميل اولهه ـ ڏکڻ طرف، سندن سنگم ضرور ٿيو

آهي.

گذريل صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن سروي جو ڪم هلي رهيو هو ته معلوم ٿيو ته: جڏهن سرسوتيءَ ۾ چاڙهه ايندو هو، ته ڪئٽل جا آبادگار جن جو واسطو ماندر افغان قبيلي سان هو (افغان حڪمرانن جي زماني ۾ هتي اچي آباد ٿيا هئا) سي پيهوئا وٽان درياهه جي بند مان واهه کوٽي، آباديءَ لاءِ سرسوتيءَ جو پاڻي ڪئٽل ڏي ڪاهي ايندا هئا. سروي رڪارڊ جو بيان آهي ته، "جيڪڏهن ڪئٽل کان اڳوڻي ريتي سمانا وڃبو. ته واٽ تي "هرمولا" جو ماڳ ايندو. ان کان اتر-اولهه ٿوري پنڌ تي وڏو درياهه سرسوتي پار ڪبو آهي. ڪن خاص موسمن کان سواءِ هن ۾ پاڻي ٿورو هوندو آهي. ٿورو اڳتي هلي، هن ڇِون ۾ پيون چاڙهون اڪربيون آهن". ان جاءِ تي هاڻي هڪ چاڙهه موجود آهي. ٿورو اولهه طرف ٻن ٽن ميلن جي ويڪرائيءَ ۾ ٻه ڊنيون موجود آهن، جن مان ظاهر ٿئي ٿو، ته اتي ڪنهن زماني درياهه جون ٻه چاڙهون موجود هيون.

سرسوتيءَ جي ٻئي قديم وهڪري جا نشان، سندس موجوده مکيه وهڪري ۾ مٿي بيان ٿيل وهڪري جي وچ تي آهن، جيڪو ٿهوانا کان ٻه ميل ڏکڻ طرف ڏور واقع آهي ۽ ٿهوانا کان ساڍا يارهن ميل ڏکڻ طرف هلي وري گم ٿي وڃي ٿو. هيءُ درياهه گهگهر سان سنگم واري ٽاڪ کان ساڍا ٽي ميل ڪن اوپر، چاڙهن ۾ ورهائجي وڃي ٿو.

موجوده دور ۾ سرسوتي، ويهه ميل ٿهوانا کان اتر-اوپر طرف، ساڍا چوويهه ميل ڪئٽل جي اولهه -اتر-اولهه ۾ اڳئين سنگم واري ماڳ کان اٺ ميل اولهه طرف گهگهر سان ميلاپ ڪري ٿي.

هن علائقي ۾ هنن درياهن جي وهڪرن جون پيون تبديليون ماراڪنڊا Markandah جي حوالي سان آهن. هيءُ وهڪرو اڳي، شاهه آباد جي طرف کان "ٿاسڪا Thaska" پهچندو هو. بعد ۾ کهرام جو اولهه پاسو، پوءِ ڏکڻ ڏئي، هن شهر کان کوهه ڪن جي مفاصلي تي گهگهر سان ملندو هو. پر هاڻي ٿاسڪا پهچڻ کان پهريائين موڙو کائي، ڏکڻ طرف ٽي ميل اڳتي وڃي

پيهوئا وٽ سرسوتي سان ملي ٿو.

گهگهر يا قديم دريشد وتي درياهه

هاڻي آءٌ اوهان سان گهگهر ۽ ان جي پرتي ڪندڙ شاخن جو احوال اوريندس. گهگهر (۴۸۲) درياهه جو رخ، هن علائقي جي ٻين درياهن جي پيٽ ۾ گهٽو بدلبو رهيو آهي. هن حقيقت ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش ڪانهه آهي ته هن درياهه جي تبديلين سبب، هاڪڙو درياهه سڪي ويو. سروي رڪارڊ جي مصنف جو بيان آهي ته ”گهگهر هاڻي برساتي درياهه بڻجي ويو آهي ۽ جن ملڪن مان وهندو آهي، تن ۾ ڏاڍو مشهور آهي. گهگهر ڪٿان شروع ٿئي ٿو، تنهن بابت پڪ سان ڪجهه به نٿو چئي سگهجي. پر اچي ڪهلورKahlur جي طرف کان ٿو. اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته ڪنهن پراڻي دور ۾ پٽنير جي پٽين سان ڳاري ڏئي وهندو هو، ۽ جيسلمير (۴۸۳) جي دنگ وٽ سنڌوءَ سان سنگم ڪندو هو. پر گهٽي وقت کان وٺي هن درياهه جو پاڻي مٽي رڪجي ويو آهي.“ هتي مصنف گهگهر ۽ هاڪڙي جي ملڻ ڏانهن اشارو ڪيو آهي. هي ان دور جو واقعو آهي، جڏهن گهاگهر اجا برساتي نئن واري (۴۸۴)شڪل اختيار ڪانه ڪئي هئي. هيءُ درياهه سواليڪ جي جابلو علائقي جي پنجور Pinjor جي اتر اولهه واري اوسي پاسي وارين ٽڪرين مان مينهن جو پاڻي ڪٺي ايندو آهي، جتان چتانگ ۽ سرسوتيءَ کي به پاڻي ملندو آهي. هتي ماڳن تان وهي سڌو ڏکڻ طرف رخ رکي ٿو. مُني مجرا جو اوپر ۽ رامڙ ڳڙهه جو اولهه ڏئي، ڏکڻ - اولهه ڏي وکڙ ڪري، بنهورBanhor جي قلعي (۴۸۵) جي ڪنڌيءَ سان ڪنڌ رکي وهندو هو. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته هن وهڪري ۾ ڪي خاص تبديليون ڪونه آيون آهن. بنهور کان ٿي چار ميل مٿان ٻي برساتي نئي اُنڀالا Unbhala چاڙهن ۾ ورهائجي ڏکڻ - اولهه طرف اَنڀالا ڏانهن اچي ٿي، جن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

بنهور کان هيٺ گهگهر جو رخ اجا به وڌيڪ ڏکڻ - ڏکڻ - اولهه ڏانهن ٿي وڃي ٿو ۽ ٻن ميلن کان ڪجهه وڌيڪ مغل سراءِ کان اولهه طرف کان لنگهي ٿو

۾ ان جاءِ وٽان ريلوي بند کي اڪري ٿــو، جنهن کي اجا تائين "گــهگهــر ســراءِ" (۴۸٦) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هيءُ ماڳ انبالا کان ساڍا اٺ ميل اتر ـ الهندي طرف آهي.

هاڻي اهو وهڪرو هن ماڳ کان فقط ٻه ميل اولهه کان لنگهندو آهي.

اهو وهڪرو گهگهر سراءِ کي ڇڏي ڏکڻ ـ الهندي طرف چاپر Chappar ۾ فتح پور جي اوپر ۾، فتح پور ۽ ڀوناريڙي Bhunarei جي وچ تي وڃي بيٺو آهي. ڪن هنڌن تي وڏا وڪڙ ڪندو، ٿورو اولهه ڏانهن نڪري سمانا ڏي مڙي ٿو. ان پرسان ايترو ويجهو وڙهو آهي، جو هن شهر جون اوپر طرف واريون جايون ٻه پائي ڪٽي ويو. ان ثابتيءَ ۾ سروي رڪارڊ اسان کي ٻڌائي ٿو ته "جيڪڏهن بنهور کان رام پور، مدن پور، اجراوار ۽ ڪيڙي (۴۸۷) رستي پٽيالا ويندا ته رستي ۾ اوهان کي ٻه ڀيرا گــهگهــر درياهه اڪرڻو پوندو. هن ڀرپاسي واري ايراضيءَ ۾ ڪجهه اڳتي اترئين پاسي، ٻوڏ جي موسم ۾ هيءُ درياهه اٿل ڪري گهڻي تباهي مچائي ڇڏيندو هو. هاڻي سندس ويران ۽ خشڪ پيٽ کان سواءِ ڪجهه ڪونه رهيو آهي."

"انبالا کان، سمانا رستي، کهرام فقط ٽي ڪوهه پنڌ آهي. پر پراڻي زماني ۾ گهگهر درياهه جي اٿل سبب سيئي واٽون ۽ واهون بند ٿي ويندي يون هيون ۽ انبالا کان کهرام تائين ڪير به اچي وڃي ڪونه سگهندو هو."

کهرام ۽ سمانا جي وچ تي سترهن ميل مفاصلو آهي ۽ اڄ جيان، ان رستي سان ڪيترا ڳوٺ هوندا هئا. گهگهر درياهه چار پنج ميل اڳتي اوپر ڏس تي وهي کهرام جي ڇئن ميلن کن جي ويجهڙائيءَ ۾ رسي، ڏکڻ ـ اولهه طرف وڪڙ ڪري هڪ نديءَ سان ملي ٿو، جنهن کي اسان جي نقشن ۾ "ڪانسيلا -N" Konsilla-N ڏيکاريو ويو آهي. ان کي پٽيلهه Puttealuh River ندي به سڏيو ويندو هو. پر زير بحث دور ۾ ان جو ڪوبه نالو ڪونه ڏيکاريو ويو آهي.

"جيڪڏهن پٽيالا کان فتح پور، سنُر ۽ ڀوناريڙي رستي کهرام وڃبو، ته گهگهر درياهه کي فتح پور ۽ ڀوناريڙيءَ جي وچ تان پار ڪبو هو. پر هاڻي اهو

وهڪرو يونيورسٽيءَ ڪان اڍائي ميل ٻئي پاسي ڪان يعني ڏکڻ طرف ڪان وهندو آهي."

جيڪڏهن آگوند Agund' ڪان اُجهہ Ujhh، سيهون ۽ مجرا ڪان سمانا (۴۸۸) وڃبو ته مارهي Marohi ڪان اڍائي ميل اوپر طرف گهگهر درياهہ جون ٻہ ڇاڙهون پار ڪبيون هيون. پر هاڻي ٻن بدران فقط هڪ ڇاڙهہ آهي. جيڪڏهن آگوند ڪان اجهہ ۽ نانهيرا Nanhera رستي سنر وڃبو، جيڪو اولهہ طرف ڇئن ميلن تي آهي، تہ سروي ڪرڻ واري زماني ۾ ٻنهي جاين جي وچ تي گهگهر درياهہ اڪربو هو. پر هاڻي ان جي بدران نقشي وارو "پراڻو گهگهر ند" سڪل پيٽ اڪربو آهي، جيڪو اجهہ ڪان اولهہ هڪ ميل ڪن جي مفاصلي تي آهي ۽ هاڻي پاڻيءَ جو هڪ تمام ننڍڙو وهڪرو نانهيرا پرسان اوپر ڪان لنگهندو آهي."

سروي رڪارڊ جو بيان اسان کي ٻڌائي ٿو تہ "هيءُ وهڪرو ڇاپر ۽ فتح پور جو پاسو ڏئي لنگهندو هو ۽ فتح پور ۽ يونيورسٽيءَ جي وچ تي ڪوهہ ڪن اولهہ ـ ڏکڻ جي ڏس تي اڳتي، هن درياهہ جون پرتي ڪندڙ شاخون اچي ساٽس ملنديون هيون. ان سنگم ڪان پوءِ پاڻيءَ جي وهڪري کي پنج نديءَ جي نالي سان سڏيو ويندو هو ۽ تهوانا (۴۸۹) ڪان هيٺ هن وهڪري کي گاجي واهہ ڪوٺيندا هئا. سنگم جي هن تاڪ ڪان پوءِ گهگهر يا پنج نديءَ جو وهڪرو وڏيڪ ڏکڻ ـ اولهہ ڏانهن موڙو کائي ٿو. پوءِ ور وڪڙ ڪندو سمانا جي (۴۹۰) پٺين جي ير ڏئي اوير پاسي ڪان گذري وڃي ٿو. هن ماڳن ڪان پوءِ سندس رخ سڌو ڏکڻ نانهيرا ۽ بادشاهپور طرف ٿئي ٿو، جيڪو نانهيرا جي اوير ۾ پهچي، ٽن ڇاڙهن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. جن مان ٻہ ڇاڙهون نانهيرا ۽ سيهون مُجرا جي وچ ڪان ٿورو اوير (آگوند ڪان اٽڪل ٻہ ڪوهہ اتر) ڪان لنگهنديون آهن، ۽ ٽين ڇاڙهہ سيهون مجرا ڪان اوير طرف وهندي آهي. هن ڪان پوءِ سندن وهڪرو وڏيڪ اولهہ ـ ڏکڻ ڏانهن ٿيندو ويندو آهي ۽ نيٺ وڃي پاڻ ۾ ملنديون آهن. ان ڪان پوءِ سندن گڏيل پاڻيءَ جو وهڪرو وڏا ور وڪڙ ڪندو مَنگ

آلا Mung-Ala ڏانهن ويندو آهي.“

هن ايراضيءَ ۾ پهچڻ وقت گهگهر، سمانا جي بلڪل ويجهو، ڏکڻ - اوڀر کان فقط ڇهن ميلن جي اڇي پهتو آهي. جنهن دور جو اسان ذڪر ڪري رهيا آهيون، ان ۾ گهگهر پٽيالا کان ساڍن ڇهن ميلن جي اندر هيو. هاڻي اهو ساڳئي شهر کان يارهن يا ٻارهن ميل ڪن پري آهي. ساڳئي وقت اهو انبالا کان اٺ ميل اولهه کان لنگهندو هو ۽ هاڻي ٻنهي ۾ فقط ٻن ميلن جي وٿي آهي.“

”ساڳيءَ ريت، جنهن زماني ۾ سروي جو ڪم هلي رهيو هو، تنهن زماني ۾ جيڪڏهن دوهندال راءِ ڏيرانا Duhandal Rae Dhiranaءِ دوديان Dudian رستي، بادشاهپور کان منگ آلا وچڻ لاءِ سويتيءَ Suweti کان لنگهبو هو، ته انهن ماڳن وٽان گهگهر کي ٻه ڀيرا پار ڪبو هو.“

هاڻي سويتي يا ڇوَ هئي Chhu-hey، راءِ ڏيرانا کان اوپر ٽي ميل ۽ دوديان کان ٻه ڏيڍ ميل اوپر وهندي منگ آلا کان ڏکڻ - اوڀر ڏس تي ٻن ميلن جي مفاصلي تي گهگهر سان سنگم ڪري ٿي. هن درياهه جو قديم وهڪرو، جنهن کي نقشي ۾ پراڻو گهگهر ند سڏيو ويو آهي، سو راءِ ڏيرانا کان ساڍا نو ميل اوپر طرف آهي ۽ موجوده وهڪرو ان کان ٻه اڃا اڍائي ميل اوپر آهي. سرسوتي هاڻي گهگهر سان منگ آلا بدران سترهن ميل اتر - اوڀر طرف ملي ٿي. جڏهن سروي جو ڪم هلي رهيو هو، ته هن موجوده سنگم واري ٿاڪ کان ڇهه ست ميل اڃا ٻه اوپر ڏانهن سندن ميلاپ ٿي رهيو هو. انهن جا پراڻا گٽَ (پيٽ) اڃا ٻه ڏسي سگهجن ٿا. موجوده دور ۾ ڀاٽيءَ جو هيءُ وهڪرو گهگهر سان ته ملندو ئي ڪونه آهي. پر تهوانا جي ڇهه ميل اوپر ۾ اڇي وري ڏکڻ - ڏکڻ - اولهه ڏس تي ۽ ڀادرا جي ٿورو اولهه ۾ وڃي چتانگ سان ملندو آهي. ان کان پوءِ ٻنهي وهڪرن جو نالو گهر ٿي ويندو آهي. پوءِ ٻنهي جي گڏيل وهڪري کي هاڪڙي يا واهندا جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جنهنجو بيان مٿي اچي چڪو (۴۹۱) آهي.

”جيڪڏهن ڪئٿل کان شيرڳڙهه ۽ گولاهار رستي منگ آلا وڃبو ته گهگهر، گولاهار شهر جي ڀتين جي پير ڏئي گذرندو نظر ايندو. پنج ڪوهه اڳتي مندوهي

Mandohi جو شهر آهي. گهگهر درياهہ انجو اتريون پاسو ڏئي لنگهي ٿو."
پر هاڻي ان جي صفا لڳ اولهہ کان وهي ٿو. ماڪودار Makodar کان پرئين
پاسي ۽ منگ آلا کان ساڍا ٽي ميل ڏکڻ - اوير طرف، سويتي يا چوهٽي گهگهر
سان ملندي آهي ۽ ان کان پوءِ ٻن چاڙهن ۾ ورهائجي ويندي آهي. جيئن مٿي
ذڪر ٿي چڪو آهي.

ساڳئي دور ۾ منگ آلا کان ڏکڻ - اولهہ طرف فتح آباد وڃبو هو تہ ٻهريائين
اڍائي ڪوهہ کن ڏکڻ - اولهہ هلي "هنداه" (۴۹۲) پهچبو هو، جيڪو گهگهر
جي ڪناري سان ۽ جمال پور پرڳڻي ۾ واقع هو. وري چارڪوره ساڳئي طرف پنڌ
ڪبو هو تہ "حيدر والا" جو شهر ايندو هو، جيڪو گهگهر جي ٻئي ڪناري سان
آباد هو ۽ منگ آلا ۽ فتح آباد جي وچ تي هو. اُتان گهگهر پار ڪبو هو. انهن
ماڳن کان پوءِ پنجن ڪوهن جي پنڌ تي شڪر پور (۴۹۳) جو شهر هو. اهو
گهگهر جي ڪناري سان ساڄي (اتر) طرف وسندڙ هو." منگ آلا کان هنداه
وڃڻ لاءِ هن درياهہ جي هڪ چاڙهہ پار ڪرڻي پوندي هئي. هنداه ۽ حيدروالا،
ٻئي شهر، ٻيءَ چاڙهہ جي اولاهين ڪناري سان واقع آهن. موجوده دور ۾ شڪر
پور گهگهر درياهہ جي ڪناري سان اٽڪل ٻہ ميل کن پري آهي. ان کان علاوه
۱۸۲۱ع ۾ جڏهن حضور ڪمپنيءَ جي انجنيئر ڪيپٽن جان ڪولوِن Captain
John Colvin هنن درياهن کي ماپي رهيو هو، تہ اهي صفا ڌاڪٽيون چاڙهون،
جيڪي منگ آلا ۽ تهوانا (۴۹۴) جي وچ تان لنگهي رهيون هيون، سي سڪي
ويون هيون (چاڪاڻ تہ نقشن ۾ سندن ذڪر موجود ڪونہ آهي)، جيڪي هنداه
کان ڏيڍ ميل جي پنڌ تي ڏکڻ - اولهہ ۾ موجود هيون. وري جيڪڏهن منگ آلا
کان، تهوانا رستي، بار والا وڃبو هو تہ سر ڏکڻ هلڻو پوندو هو ۽ اهو ضروري
هوندو هو، تہ اڍائي ميل انهيءَ ساڳي طرف هلي رام پور کان گهگهر اڪربو هو،
سندس پٽين جي پر ڏئي وهندو هو. ان زماني ۾ ٻہ چاڙهون پار ڪرڻيون پونديون
هيون. پهرئين چاڙهہ رام پور پهچڻ کان هڪ ميل کن پهريائين ٽپڻي پوندي هئي.
جمال پور هڪ قديم ماڳ آهي. اهڙيءَ ريت گهگهر کان هڪ ڪوهہ پنڌ اوير

طرف واقع آهي. پر هاڻي اهو صفا ڏاکڻي چاڙهه کان ٻه ٻه ميل ڏور آهي.

مسون واري سروي رڪارڊ مطابق، "منگ والا جي ڏکڻ طرف هڪ ندي آهي، جنهن کي چوهڻي چوندا آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته هيءَ پٽيالا ندي آهي. هيءَ سمانا کان هڪ ڪوهه اولهه لنگهي، وڃي گهگهر سان ملندي آهي. سمانا جي علائقي ۾ هن کي سويتي به چوندا آهن. پر معتبر حوالن مطابق اهو گهگهر درياهه آهي، جنهن جو پاڻي جڏهن جمال پور وٽ بند ڏئي روڪيو ويو هو، ته چوڏس ٻڪڙجي (۴۹۵) ويو هو.

شايد هن بند ٻڌڻ ڪري صفا ڏکڻ واريون ٻه چاڙهون بنجي پيون هيون، جن ۾ منگ آلا کان اوپر طرف گهگهر جو پاڻي پوندو آهي. سروي رڪارڊ ۾ هن متعلق هيءُ بيان آهي، "گهگهر جو پاڻي انهن مان هڪ ۾ وهندو آهي ۽ سندس وهڪري جو رخ اولهه طرف آهي. ان کان پوءِ وڏو وڪڙ ڪري روتياه Rotiah پهچي ٿو. هيءُ شهر سندس ڏاکڻي ڪناري سان ۽ ڪلوٽا Kulotah سندس اترينءَ (۴۹٦) ڪنڌيءَ سان آباد آهي. اتان ڊنيل (۴۹۷) ڏانهن رخ ڪري ٿو، پر هتي رسڻ کان اڳ ۾ اولهه ڏکڻ وڪڙ ڪري؛ سيرسا ڏانهن وڃي ٿو. ان کان ٻه چار ڪوهه اولهه ڏئي جهورور Jhorour ۽ ڏنور Dhunor جي بلڪل پرسان لنگهي ٿو، جيڪي هن جي ساڄي يا اترئين ڪناري سان آباد آهن. هتي پهچي سندس پيٽ ويڪرو ٿي وڃي ٿو. جيڪو اوپر طرف ٻڪڙجي ڪوهه کان به متي ٿي وڃي ٿو. هيءُ وهڪرو اڳتي وڃي پراڻي فيروز آباد (۴۹۸) جي ڏکڻ پاسي ڪوهه جي چوٿين حصي جيترو پري وهندو آهي. هن جي پاڻيءَ تي هن ايراضيءَ ۾ ڪڻڪ جام ٿيندي آهي. فيروز آباد کان اولهه طرف وري سندس پيٽ ويڪرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ "پيراج ڪي ٽبي" (۴۹۹) ڏانهن رخ رکي ٿو، جيڪو هن وهڪري جي ڏاکڻيءَ ڪڙ سان آباد آهي. ان کان ٿورو اتر طرف، اتر - اولهه طرف کان ايندڙ چوا Chuwa (۵۰۰) اچي ملندي آهي. ان پاڻيءَ جو گڏيل وهڪرو پٽنير ڏانهن وڃي ٿو. جيڪو ٽبيءَ کان ڇهن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي ۽ پٽنير جي قديم قلعي جي اترين پاسهين ڏئي وهندو آهي. هن علائقي ۾ ٽيهن سالن اندر

گهگهر جي وهڪري ۾ ڪا گهٽي تبديلي ڪانہ آئي آهي. جنهن وقت ڪيپٽن جان ڪولون سروي ڪري رهيو هو، تنهن وقت تائين هن جي وهڪري ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ آئي هئي. اهو ساڳئي ئي پيٽ (٥٠١) ۾ وهي رهيو هو.سروي رڪارڊ، جنهن جا حوالا آءُ ڪتب آڻي رهيو آهيان، ان جي لکت بہ اهڙي ساڳي آهي. هو ڏکڻ واري ڪنڌيءَ تي واقع ظفر آباد جي پرسان، فتح آباد جي پراڻي شهر ڪان تيرهن ميل ڏکڻ - اوپر ڪان ڦري ٿو. ان علائقي ۾ بيٺل پاڻيءَ جون بيشمار ۽ وڏيون ڍنڍون آهن. ظفرآباد ڪان ست ميل اولهہ طرف پنهي مان ڏاڪٽي چاڙهہ وارو وهڪرو چٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ گهٽو ڪري سر اولهہ منهن ڪري ٿو ۽ سيرسا (٥٠٢) جي پراڻي شهر ۽ قلعي جو ڏکڻ ڏئي، فيروز آباد ڪان اڍائي ميل اوپر ۾ اترين چاڙهہ سان وڃي ملي ٿو. هن ماڳن وٽان پنهنجو رخ اولهہ - ڏکڻ - اولهہ طرف ڪري پيراج ڪي ٿبي (٥٠٣) ڏانهن لڙي ٿو. جهڙيءَ ريت مٿي بيان ڪيو ويو آهي، هن قلعي وٽان اتر ڪان ائين پرسان لنگهي ٿو، جيئن قديم زماني ۾ گذرندو هو.

پٽنير جي قلعي وٽان هاڻي بہ قديم زماني جيان، هيءُ وهڪرو ڏکڻ - اولهہ پاسو ڏئي لنگهندو آهي. منهنجي پنهنجي جاچ ۽ جاڻ مطابق اهو وهڪرو، مذڪوره زماني ۾ فتح ڳڙهہ يا ڳهوڙ ڳوٺ جي پرسان اولهہ ڪان گذرندو هو. پٽنير جي حڪمران جي رهائش گاهہ ڊبلي Dubhli (٥٠٤) جي پرسان ۽ فتح ڳڙهہ ڪان پہ ڪوهہ اولهہ - اتر - اولهہ طرف ڪول آب يا ڍنڍون آهن. چوماسي جي رت ۾ جڏهن گهاگهر اٿل ڪندو آهي، تہ اهي پاڻيءَ سان پرجي ويندي يون آهن. هيءُ درياهہ موجوده دور ۾ چوماسي جي رت ۾ پاڻيءَ سان پرجي پٽنير ڪان ڏکڻ - اولهہ تائين اچي پهچندو آهي. مذڪوره وهڪرو فتح ڳڙهہ وٽان "پارامل ڪي ڀانڙا Bharamal Ki Bhunra (٥٠٥) نالي ڳوٺ جي پرسان اوپر ڪان گذرندو هو. هن ماڳ جي بلڪل اولهہ هاڪڙي جو وهڪرو موجود هو، جيڪو اتان ڪان ڏکڻ پاسي ڪان وهندو هو. هيءُ ٺاڪ پٽنير ڪان ساڍا ٽيويهہ ميل پري هو. سنگم جي ماڳ وٽ ۽ ان جي اوسي پاسي واريءَ جون ننڍيون وڏيون پٽون

موجود هيون، انهن واريءَ جي ڊهن مائي درياهن جي وهڪرن ۽ تبديلين جو پتو پئجي سگهي ٿو.

موجوده دور ۾ گهگهر فتح ڳڙهه کان، اڳئين وقت کان ڪجهه وڌيڪ اولهه ڏانهن رخ ڪري ٿو ۽ هاڪڙي سان سندس سنگم. "پارامل ڪي پانڙا" کان اچا ڪرڻ لڳو ۽ ميل کن اوپر طرف تي آهي. سروي جو رڪارڊ اسان کي ٻڌائي ٿو ته، "پتنير جي علائقي ۾ پتي رهندا آهن ۽ ان کي پتين جو ملڪ سڏيندا آهن. منجهس پتين جا چاليهه هزار گهراڻا آباد آهن. هن علائقي جي اولهه کان اوپر طرف ڏيگهه سٺ ڪوهه ۽ منڊو ويهه ڪوهه اٿس. جيستائين گهگهر ۽ چتانگ درياهه جي اٿل جو پاڻي پهچي سگهندو آهي، اوستائين ملڪ سڪيو ستابو آهي. پر پتنير کان اتر ـ اولهه ۽ ڏکڻ وارياسو علائقو ۽ غير آباد رڻ پٽ آهي، جنهن کي چولستان چيو ويندو آهي، پر پتي ان کي ٿل (۵۰۶) سڏيندا آهن.

گهگهر يا گهاگهر جون پرتي ڪنڌڙ شاخون

مان هتي مختصر طور گهاگهر درياهه ۽ ان جي مکيه پرتي ڪنڌڙ شاخن جو ذڪر ڪندس، جيڪي اج کان نوي سال اڳ هن درياهه ۾ پنهنجي پاڻيءَ جو چوڙ ڪنديون هيون. "مارڪنڊا هڪ دائمي وهندڙ واهڙ آهي. جيڪو ناهون جي علائقي کان ٿورو پاسي کان شروع ٿئي ٿو. ان علائقي ۾ هن کي "جورا پاڻي" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، اهو "رسول پور" کان ٿورو اولهه پاسي کان لنگهندو آهي. هيءَ وستي ساڏورا کان ٻن ڪوهن جي پنڌ تي واقع آهي. ان هنڌان هتڻ کان پوءِ سندس نالو جورا پاڻيءَ مان بدلجي مارڪنڊا ٿي ويندو آهي. اتان سندس رخ اولهه ـ ڏکڻ طرف شاهه آباد ڏانهن ٿئي ٿو. ان شهر جو اتريون پاسو ڌئي وهندو آهي. هتي ڪيس ماڪرا ۽ مارڪنڊا ٻنهي نالن سان سڏيندا آهن. اتان کان تاسڪا ڏانهن رخ رکي ٿو ۽ انجي اتر کان وهي اسماعيل پور، چاپرا، ٻيبي پور ڏانهن وهندووجي ٿو. هن مان چاپرا ۽ ٻيبي پور جا شهر سندس اترئين ڪناري سان آباد آهن. ٻيبي پور کان وهي ماجرا جو ڏکڻ ڏيو، ڪهرام کان ڪوهه کن پري گذري ٿو.

ڪهرام ڏانهن وڃڻ واسطي، مارڪنڊا ڪي، ماجرا وٽان ڏکڻ طرفِ پار ڪبو. شاهه آباد کان هتي ماڳن تائين وهڪري جو رخ اولهه، پر ٿورو ڏکڻ هوندو آهي. ان ڪان پوءِ وڏيڪ اولهه ڏکڻ ڏانهن موڙو ڪائي ويندو آهي ۽ آگونڊ (٥٠٧) کان ٿورو اولهه ۾ گهاگهر سان ملندو آهي.

موجوده دور ۾ مارڪنڊا جو وهڪرو ٿاسڪا جي اوپر کان هڪدم موڙو ڪائي ڏکڻ طرف وڃي گهاگهر بدران سرستيءَ سان ملي ٿو. سنگم جو اهو ماڳ "پيهوئا" کان چار ميل اتر اوپر طرف تي گهاگهري سان ماضيءَ واري سنگم کان ساڍا ٽيويهه ميل اڳتي اوپر طرف آهي.

"مصطفيٰ آباد کان انبالا ڏانهن ويندي، ڏين Dhin کان ٻه ڪوهه اولهه طرف مارڪنڊا تي پهچي ان کي پار ڪبو آهي. ٿانيسر کان ٿاسڪا رستي پٽيالا ويندي، گهاگهر جي اها پرتي ڪنڊڙ شاخ پٽيالا کان اتر-اولهه کان اڪربي آهي. ڪهرام کان سرستيءَ تي آباد پيهوئا ڏانهن وڃڻ لاءِ مارڪنڊا کي ڪهرام کان هڪ ڪوهه ڏکڻ اڪربو. آهي."

هاڻي ته سڀ ڪجهه بدلجي چڪو آهي. هينئر مارڪنڊا واهڙ، ڪهرام کان ساڍا ٻارهن ڪوهه پري آهي، جيڪو گهاگهر کي بلڪل ڇڏي ويو آهي. اهو ٿسڪا پهچڻ کان اڳ ۾ ئي ڏکڻ - ڏکڻ - اولهه ڏانهن موڙو ڪائي ڦري هليو وڃي ٿو ۽ هاڻي پيهوئا کان ساڍا ٽي ميل اتر - اولهه سرستيءَ سان وڃي ملي ٿو.

ساڳئي زماني ۾ مارڪنڊا جڏهن ٿانيسر کان پٽيالا ڏانهن وهندي هئي، ته سرستيءَ کان سندس مفاصلو فقط ڏيڍ ڪوهه هو. سروي رڪارڊ جو بيان آهي ته جيڪڏهن ٿانيسر کان اڌ ڪوهه ڪن اولهه طرف هلندا، ته سرستيءَ جي ڪناري تي وڃي رسندا. وري ڏيڍ ڪوهه ڪن سفر ڪندا، ته مارڪنڊا تي اچي نڪرندا ۽ پيو اڌ ڪوهه ڪري مُسالا پهچي وڃبو آهي. جيڪو ساڄي ڪناري تي آباد آهي. اتان اتر ڏس تي ٻه ڪوهه ڪن هلبو ته ٿانيسر پرڳڻي جي سرحدي شهر برارسي Bararsi وڃي نڪربو. اتان ساڳئي طرف تي ٻه ڪوهه پيا پنڌ ڪبو ته ڪهرام پرڳڻي جي "سل پاٽي" ماڳ تي وڃي پهچبو آهي. اتان ٻن ڪوهن جي

سفر تي "دنيا ماجرا Dunya Majra" جو ڳوٺ آهي، جيڪو رستي جي ساڄي پاسي آهي. ان جي ڏکڻ طرف هڪ برساتي ندي آهي، جيڪا ساڄي هٿ واري پاسي کان اينديءَ کاٻي هٿ واري پاسي ڏانهن ويندي آهي. سندس نالو وُلندا Wulinda آهي. اتان جيڪڏهن ڏيڍ ڪوهه اولهه طرف وڃبو، پر لاڙو اتر - اولهه رکبو، تہ ٿاسڪا وڃي پهچبو.

هتي اسان کي ڪيترين ئي تبديلين نظر اينديون. هاڻي مارڪنڊا ٿانيسر کان ٻارهن ميل پري وهندي آهي. ٿانيسر ۽ مارڪنڊا جي وهڪري جي وچ تي ٻن واهڙن جا پراڻا پيٽ ڏسبا آهن. موجوده دور ۾ مارڪنڊا ٿاسڪا کان ڏکڻ پر بلڪل پرسان وهندي آهي. هاڻي سندس پاڻيءَ جو وهڪرو ان پراڻي پيٽ مان گذري ٿيو آهي، جنهن مان ڪنهن زماني ۾ ولندا وهندي هئي. ان جي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ هاڻي مارڪنڊا (٥٠٨) اتان وهندي آهي.

گهاگهر جي پرتي ڪنڌڙ شاخ انبالا آهي. اها ناهون جي ڏکڻ اولهه واري جابلو علائقي جو پاڻي ڪٺي ايندي آهي. هيءَ موهڙا (٥٠٩) کان اتر - اتر - اولهه طرف ڏئي، شاهه آباد کان انبالا ڏانهن ويندي آهي ۽ موهڙا کان ساڍا ٽي ڪوهه اڳتي وڃي کهرام کان اتر - اولهه ۾ وڃي مارڪنڊا سان ملندي آهي. سندس پيٽ هيٺ اونهون (٥١٠) آهي." انبالا نالي هڪ ٻي بہ ننڍڙي ندي آهي، جنهن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

تلوهي Tiluhi نالي هڪ برساتي ندي آهي، جيڪا ناهون جي ڏکڻ واري جابلو علائقي مان نڪري ٿي. هن نديءَ جو رخ ڏکڻ - اولهه طرف آهي جيڪا ساڍورا جي پرسان الهندو پاسو ڏئي گذري ٿي. هيٺ وڏو مفاصلو طيءِ ڪرڻ کان پوءِ پنج نديءَ سان وڃي ملندي آهي. گهاگهري سان جڏهن پرتي ڪنڌڙ شاخون ملنديون آهن، تہ ان کي پنج نديءَ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

هاڻي هيءَ برساتي ندي ساڍوراءَ کان ساڍا ڇهه ميل ڏکڻ - اولهه طرف مارڪنڊا سان وڃي ملندي آهي.

انبالا کان اولهه طرف پنجور جي جابلو علائقي جي اولهه پاسي کان ۽ گهاگهر

ڪان الهندي طرف هڪڙي ٻي ندي نڪرندي آهي، جيڪا بنهور جو اولهه ڏئي راڇپورها جو رخ ڪندي آهي. انبالا ۽ سهرند جي وچ تان ۽ سهرند ڪان ڪوهه ڪن اولهه پاسي ڪان وهندي آهي. راڇپورا ڪان سهرند وڃڻ لاءِ سرن جي ٺهيل پل اڪرڻي پوي ٿي، جيڪا هاڻي زبون حالت ۾ آهي."

پاڻيءَ جو اهو وهڪرو گهاگهر سان ڪاٿي ملندو آهي، ان بابت ڪجهه به چئي نٿو سگهجي، پر معلوم ائين ٿئي ٿو ته اها سويتي يا چو - هئي سان، سئنور ۽ پٽيالا جي وچ تي ڪاٿي ملندي هئي. پر هاڻي اها نقشي جي پٽيالا واري ندي (٥١١)آهي، جيڪا سروي ڪرڻ وقت موجود ڪانه ٿي ڏسجي.

هتي ڪان پوءِ ٻي پرتي ڪندڙ شاخ گمهتالا Gumhtala آهي. اها پنجور جي جابلو علائقي جي ڏاکٽي پاسي ڪان نڪرندي آهي. گهاگهر جي آبي ذريعي ڪان اوپر طرف سندس منهن آهي. هيءَ ڏکڻ طرف منهن ڪري انبالا جو اولهه ڏئي وهندي آهي. هتان سڌو رخ سهرند ڏانهن رکي ٿي. انبلا پرسان هڪ وڏي ڍنڍ آهي، جيڪا هتان ڏيڍ ڪوهه ڪن اتر - اولهه طرف هڪ برساتي ندي گمهتالا هن سان اچي ملندي آهي. هن وهڪري ڪي اڪرڻ لاءِ راج ڳڙهه نالي هڪ پل آهي، جيڪا هاڻي زبون حالت ۾ آهي. راج ڳڙهه پاڻ اڌ ڪوهه جي پنڌ تي دڙي تي اڏيل هڪ شهر آهي. هيءَ ندي ست اٺ ڪوهه اڳتي ڏکڻ - اولهه طرف گهاگهر سان وڃي ملندي آهي."

هتي هڪ وڏي تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن علائقي ۾ گمهتالا جي نالي ڪان ڪير به واقف ڪونه آهي. زير بحث دور ۾ گهاگهر به ڇات Chhat ڪان هيٺ پنهنجو پراڻو پيٽ ڇڏي ويو آهي. پنهنجو بنهور وارو وهڪرو ڇڏي گمهتلا جي پيٽ مان وهڻ شروع ڪيو اٿائين، جيڪو ڪڏهن انبالا ڪان چار ميل اتر ڏئي وهندو هو. وري به ان جي پيٽ کي ڇڏي، انبالا جي اڀائي ميل پرسان وهڻ لڳو آهي. گهاگهر جو هاڻوڪو وهڪرو به اهوئي آهي.

ان متعلق سروي رڪارڊ جو بيان آهي ته گمهتالا کي، راج ڳڙهه پل ذريعي اڪري ڏيڍ ڪوهه اڳتي اتر - اولهه طرف هلبو ۽ پوءِ مغل سراءِ ڪان ڏکڻ - اوپر

طرف هڪ ڪوهه ڪن پنڌ ڪبو، تہ گهاگهر وٽ پهچڻ کان اڳ ۾ پاڳ نئن (٥١٢) يا ياگ نهر اڪربي آهي، جيڪا انبالا جي طرف کان ايندي آهي. اها نئن اتر - اوير طرف کان ايندي آهي. ير اها شروع ڪٿان ٿئي ٿي؟ تنهن جو پتو مصنف کي ڪونہ آهي. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ هن نئن جو پاڻي، مشهور بادشاهہ طرفان کوٽايل ۽ فيروز مهار ڏانهن ويندڙ واهہ ۾ وڃي پوندو آهي. ڪجهہ مفاصلو ڏکڻ طرف وهي ڪامي ۽ گهنورGahnur (٥١٣) جو اولهہ ڏئي وهندو آهي. ان کان پوءِ ڪهرام ڏي رخ ڪري، ان شهر جي وچان لنگهي وري سندس اولهہ وٽي ٿو. هن ماڳ کان پوءِ سندس وهڪرو وڏيڪ اولهہ - ڏکڻ تي موڙو کائي، اڳتي سمانا طرف ويندي گهاگهر سان ملي وڃي ٿو. هن ماڳن وٽ گهاگهر جون پيون پرتي ڪندڙ شاخون بہ هن سان ملنديون آهن. سندن پاڻيءَ جي گڏيل وهڪري کي "پنج - ندي" ۽ "گهاگهر" بہ چيو ويندو آهي.

گهاگهر جي هڪ ٻي بہ پرتي ڪندڙ شاخ آهي، جنهن جو نالو "ڪنڊ Khand" آهي. اها ڪٿان شروع ٿئي ٿي؟ تنهن جي مصنف کي صحيح ڄاڻ ڪانہ آهي. ڪيسور(٥١٤) کان آڳنڊ جي ڏکڻ - اولهہ طرف بادشاهپور وڃڻ لاءِ گهاگهر جون ٽي ڇاڙهون اڪرٽيون پونديون آهن. هڪ کي "نئي والي" ٻيءَ کي "گاجي واهہ" (٥١٥) چوندا آهن. ٽين بادشاهپور کان ٿورو اولهہ طرف هڪ برساتي نئن آهي. سندس نالو "ڪنڊ" آهي. اها ساڄي طرف کان (اتر - اولهہ) اچي کاٻي طرف (ڏکڻ - اولهہ) وهندي ويندي آهي، جيڪا ڪجهہ هيٺ وڃي، گهاگهر جي وهڪري سان ملندي آهي. "سويتي ندي" بہ ڪوهہ اولهہ اڳتي هن سان پوروچوٽ هلندي آهي." ڪنڊ نئن ايڏي اهم ڪانہ هئي. موجوده دور ۾ ان جا سڀ گٽ لتجي ميسارجي ويا آهن.

آخر ۾ چوا جو ذڪر ڪنداسون. هيءَ دائمي وهندڙ ندي آهي. ٻين جيان، هن جو منهن بہ سواليڪ جي جابلو علائقي مان آهي جيڪو انبالا جي سڌو اتر کان اچي ٿي. اها سهرند کان اوياريون پاسو ڏئي لنگهندي آهي. ڪيس اڪرڻ لاءِ هن ماڳ وٽ سرن جي پل ٺهيل آهي. هن کان پوءِ سڌو ڏکڻ پٽيالا ڏانهن رخ ڪري

تي ۽ وڏو وڪڙ ڪري هن شهر جو اوڀر، پوءِ ڏکڻ ڏئي، مايان Mayan ۽ ڪيڙي Khiri ڪان ٿيندي، سمانا جو رخ ڪري، ان شهر ڪان ڪوهه ڪن اولهه ڏئي اڳتي وهندي آهي. هن ايراضيءَ ۾ سندس ٻه ڇاڙهون ٿي وينديون آهن. هڪ شاخ گهٽو ڏاکٽيون پاسو وٺي ٿي ۽ بادشاهپور وٽان ڪنڌ نئن ڪان ٻه ڪوهه اولهه طرف وهندي آهي. ان ڪان منگ آلا ڏانهن رخ ڪري، ان جو اوڀاريون پاسو ڏئي، وڃي گهگهر سان ملندي آهي. ٻي ڇاڙهه سمانا جو اولهه - ڏکڻ - اولهه ڏئي سنم ڏانهن منهن ڪندي آهي. ان شهر جي (٥١٦) اوڀر ڪان ۽تين جي ڀر ڏئي اڳتي لنگهي ويندي آهي ۽ سندس پاڻي ڪيتين ۾ ڪپي ويندو آهي ۽ "ڀيکي Bhiki " ڪان اوڀر - ڏکڻ - اوڀر ۾ اجايل ڏرتيءَ جي اڄ اجهامندي آهي. هن ٺي ڇاڙهه کي ڇوا جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هن کي سوٻتيءَ جي نالي سان ڪونه سڃاتو ويندو آهي. سمانا ڪان هيٺ جڏهن هن وهڪري جون ٻه ڇاڙهون ٿينديون آهن، تہ هن ڪان سواءِ ٻيءَ ڇاڙهه کي سوٻتي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اڳئين زماني ۾ ڇوا سنم ڪان ٽپڻ ڪان پوءِ گهٽو ڏکڻ طرف موڙو ڪائيندي هئي، ۽ بوها ڪان ڪوهه ڪن اتر ٽپندي هئي. پوءِ وري ڏکڻ طرف وڪڙ ڪري فتح آباد وٽان لنگهندي هئي. ان ڪان پوءِ وري ان جو وهڪرو ڪجهه اولهه ڀرو ٿي ويندو هو ۽ پوءِ ڏکڻ - اولهه ڏانهن لاڙو ڪندي هئي ۽ "گڊوءَ" ڪان اوڀارئون ٽپي "ڀيراج ڪي ٽبي" ڪان اولهه ۾ ويجهو، گهاگهر سان وڃي ملندي هئي.

"سهرند ڪان پٽيالا يا انبالا ويندي، اوهان کي ڇوا جو وهڪرو پل رستي اڪرٽو پوندو، جنهن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي. پٽيالا ڪان اوڀر، سنم وڃڻ لاءِ توهان کي شهر جي دهلي ڦاٽڪ وٽان نڪري نديءَ تي سرن جي ٺهيل پل ذريعي ٽپڻو پوندو. پٽيالا ڪان مايان، ڪيڙي، ڏانان ٽل (٥١٧) رستي سمانا وڃڻ لاءِ ڇوا جي ڪناري سان سفر ڪرڻو پوندو. .... پٽيالا ڪان سهلؤن Suhlaun رستي سمانا وڃڻ لاءِ اوهان کي ڇوا سان هلڻو پوندو ۽ مايان، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، اتان ڪان سمانا لهنواري طرف آهي ۽ سهلؤن پٽيالا ڪان ڏيڍ ڪوهه ڪن ڏکڻ ڏس تي آهي. پٽيالا ڪان مول پور رستي سهرند وڃڻ لاءِ اوهان

ڪي مول پور پهچڻ کان ڪوهه ڪن اڳ ۾ چوا اڪرٽو پوندو. ان کان پوءِ ڇهه ڪوهه اڳتي هلي سهرند وڃڻ لاءِ سرن جي ناهيل پل تان چوا کي پار ڪرڻو پوندو."

هڪ صديءَ کان به گهڻ عرصو گذريو آهي، پر سندس وهڪري ۾ وڏيون تبديليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هاڻي چوا (نقشي ۾ چوئس ند آهي) هاڻي سهرند کان منصورپور رستي سنمر ڏانهن وڃي ٿي، جيڪو ان وهڪري کان ڪڏهن ويهه ميل پري هو. اها انکي چوڏاري ڦيرو ڏئي لنگهندي آهي. ٻي ندي جنهن کي نقشي ۾ (٥١٨) چٽا-اين Chua-N ڏيکاريو ويو آهي، سا پٽيالا ۽ سهرند جي وچان ايندي آهي ۽ پٽيالا کان پنج ميل سمانا کان اڍائي ميل ۽ بادشاهپور کان اٺ ميل اولهه کان وهي، سر ڏکڻ هلندي آهي ۽ منگ آلا کان اڍائي ميل ڏکڻ - اوير وڃي گهاگهر سان ملندي آهي. هتي ماڳن وٽ هڪ ٻي به ندي نظر ايندي، جيڪا اتر طرف کان اچي ٿي. سهرند کان ساڍا اٺ ميل اوير، راڄپورا کان ساڍا ست ميل اولهه (جيڪا نقشي ۾ پٽيالا جي اتر ۾.پٽيالاوالي ندي ڏيکاريل آهي) وهي ٿي. جنهن سان، پٽيالا جي پنج ميل اتر ۾ انيالا ندي اچي ملندي آهي. موجوده دور ۾ هيءَ اڪيلي ندي آهي، جيڪا پٽيالا پرسان لنگهي، پرسان اتريون پاسو ڏئي چوا نديءَ جي پراڻي گَٽَ ۾ وهڻ لڳندي آهي. اها ڪنهن زماني ۾ سهرند ۽ پٽيالا شهرن جي ڪنڌين سان ڪنڌ رکي اوير کان لنگهندي هئي. نقشي ۾ هنڪي پٽيالا شهر جي ڏکڻ ڏانهن ڪونسلا - اين Consila-N ڏيکاريو ويو آهي. سمانا کان سندس وهڪرو چار ميل اوير ۾ گذري ٿو (جڏهن ته چوا جو پراڻو وهڪرو هن شهر کان هڪ ميل اولهه ۾ لنگهندو هو) جيڪو گهاگهر سان ملي وڃي ٿو. ماضيءَ ۾ گهاگهر جو وهڪرو سمانا جي بلڪل پرسان اوير کان وهندو هو. هاڻي گهاگهر ۽ سمانا جي وچ ۾ ويجهي ۾ ويجهو ماڳ ڇهه ميل اوير طرف آهي.

سروي جو رڪارڊ اسان کي ٻڌائي ٿو ته، "گهاگهر سان سرستيءَ ۽ ٻين پرتي ڪندڙ شاخن جي ملڻ واري ماڳ کان اتر طرف هن ۽ چوا جي وچ تي موجوده علائقي کي لکي جهنگل سڏيو ويندو آهي. ان جي ڊيگهه ٽيهه ڪوهه ۽ ويڪر

ڪجهہ گهٽ ٿيندي. علائقو سڄو وارياسو آهي. اتي پاڻيءَ جي اڻاٺ آهي. هن علائقي جو نالو لکي پٽ ”جهوندارا“ Lakhi son of Jhundhara جي نالي پٺيان پيو آهي، جنهنجو پيءُ ڀٽي قبيلي سان واسطو هو. جڏهن سلطان محمود سبڪتگين هندوستان تي حملو ڪيو، تہ هن اسلام قبول ڪيو هو. ان ڪان پوءِ کيس ”لکي راڻي“ جو خطاب مليو هو. بعد ۾ هو عربي گهوڙا (٥١٩) ۽ ڀٽين منجهان لشڪر گڏ ڪري وڃي هن رڻ ۾ ويٺو ۽ هن علائقي جي هندو بت پرستن کي ڏيڇارڻ ۽ پريشان ڪرڻ لڳو. ان زماني ۾ ڀٽين جا هن علائقي اندر ٿي سؤ سٺ ڳوٺ هئا. شاندار نسل جا گهوڙا پاليندا هئا. اهي گهوڙا واپاري ڪائڻ خريد ڪري، ڏورانهن ڏيهن ۾ وڃي وڪڻندا هئا. سندن اهو ڌنڌو ڪيتري وقت تائين قائم رهيو. هاڻي سکن جي ظلم ۽ ڦهري ڪاروائين ڪري هيءُ علائقو سڄو ڀينگ لڳو پيو آهي .... ڀٽيالا ڪان سنمر ويندي ۽ وري اتان ڀيڪيءَ رستي ڀلادا Bhulada ويندي، اوهان کي ست ڪوهہ اڳتي وڃي چوا کي پار ڪرڻو پوندو ۽ اڳتي پنڌ ڪري لکي وال پهچي ويندا. ڪنهن زماني ۾ هيءُ علائقو مشهور هو. پر هاڻي تباهہ ۽ ويران (٥٢٠)لڳو پيو آهي. هن شهر جي چوڌاري علائقي کي لکي جهنگل سڏيو ويندو آهي. مذڪوره علائقي ۾ اجانڪAjanak ۽ سعيد والا ڀٽين جا مشهور ڳوٺ آهن. سعيد والا ڪان ڏيڍ ڪوهہ پنڌ تي اروتا Aorta جو ڳوٺ آهي ۽ هن ماڳ ڪان ٻہ ڪوهہ پنڌ تي لکي وال شهر آهي. جنهنجو مٿي بيان اڇي ويو آهي.

ٻئي طرف جنڌ Jindh ڪان ڀٽنڊا ڏانهن ويندي، منگ آلا ڪان ست ڪوهہ اتر - اولهہ طرف پنڌ ڪري گهاگهر کي پار ڪري، سنگت پور پهچي ويندا. اتان ڪان ٽن ڪوهن جي پنڌ تي هريائوHaria-o جو ننڍڙو ڳوٺ ايندو. هي سنمر پرڳڻي ۽ لکي جهنگل ۾ ڀٽين جو مشهور ڳوٺ آهي. هن ماڳ ڪان ساڄي طرف تي ٻہ ڪوهہ پنڌ ڪري قلهارا پهچبو آهي. هتان ڪانِ ٻہ ڪوهہ اولهہ طرف چوا جي ڪناري سان ڀادرا جو ڳوٺ واقع آهي.“

هاڪڙي يا واهندا جي ٻئي طرف ڪان ايندڙ ۽ ڀرتي ڪندڙ شاخن کي ٻہ

وسارڻ نہ گهرجي. ڇوتہ انهن متعلق روايتون حقيقت ۽ سچائيءَ کي هٿي ڏين ٿيون. جيسلمير ڪنهن زماني ۾ موجوده زماني کان ڪجهہ وڏيڪ (٥٢١) آباد هو. منجهس ماڻهو بہ گهڻا رهندا هئا. اتي ڪيترن وڏن ۽ ننڍن شهرن جا ڦٽا موجود آهن. سندس اوپر واري حصي ۾ ندين جا بہ پراڻا پيٽ آهن، جيڪو علائقو هاڻي رڳو برسات تي دارومدار رکي ٿو. ۽ اهي نديون بہ برسات ۾ وهڻ لڳنديون آهن. جيڪي جيسلمير جي اوپر واري جابلو علائقي پوهہ ڪارن (نقشي ۾ پوهہ ڪرن Poh Kurn ۽ Poh Karun لکيو ويو آهي) جو پاڻي ڪٽي اتر - اتر - اولهہ طرف وهنديون هاڪڙي سان ملنديون هيون. ڪنهن زماني ۾ اهي دائمي وهندڙ نديون هيون ۽ وڃي هاڪڙي ۾ پونديون هيون. هاڻي بہ جڏهن مينهن جام پوندا آهن ۽ منجهن تمام گهڻو پاڻي ٿيندو آهي تہ وڏي اڇي هاڪڙي ۾ پونديون آهن. هتان جا ماڻهو هن پنهي نين کي هاڪڙي جي نالي سان سڏيندا آهن. هاڻي هنن ندين ۽ هاڪڙي جو پنهنجو پاڻي ڍنڍون ٺاهي بيهندو آهي. سنڌ ۽ ڏکڻ پنجاب جا ماڻهو هن کي ڇر ڪري سڏيندا آهن. ڪي ڇرون (يا رڻ Rans) ڏاڍيون وڏيون ٿينديون آهن. هردا Hardah جي ويران شهر پرسان هڪ ڍنڍ اٺ ميل ڊگهي ۽ بہ ميل ويڪري آهي. موهن ڳڙه ۽ گاٿورا (گهوٽهڙو) کاپا يا کاپوءِ ڀين جڳهن تي بہ اهڙيون ڍنڍون آهن. انهن ڇرن يا ڍنڍن ۾ بيٺل پاڻي بلڪل مٺو ۽ پيڻ جوڳو هوندو آهي. پرگا ٿورا ۽ ڪجهہ ٻين جاين تي ڍنڍن جو پاڻي کارو آهي.

مٿي بيان ڪيل ندين جي گٺن ۾ بيٺل پاڻي سڪي ويندو آهي، تہ اتان جا ماڻهو اتي کيتي ڪندا آهن ۽ فصل ڏاڍا ڀلا لهندا آهن. ڪن ماڳن تي انهن ندين جي گٺن اندر وڻن جا ٻيلا ٿي ويندا آهن. ڪاٿي اهي ٻيلا گٺن تان وڌي عام زمين تي پکڙجي ويندا آهن. ڪاٿي وري گاهن جون گلزاريون ٿي وينديون آهن. جتي جيسلمير جي ڀٽي راجا جا گهوڙا ڇيڪ چرندا وتندا آهن ۽ گهوڙيون ڀلا ڦر ڏينديون آهن. جيسلمير شهر لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو ڏاڍو پراڻو آهي، جنهن جو بنياد مشهور ڀٽيءَ راجا ساليبانا (ساليوانا) رکيو هو. ماڻهن پنهنجي گهرن پرسان انهيءَ مقصد سان تلاءُ نهرائي جڏيا آهن، تہ جيئن مينهن جو پاڻي انهن ۾

جمع ٿـئي ۽ اهو ضرورت مـهل ڪم آڻي سگهجي. اها شيءِ هن علائقي ۾ جڻ تـہ اڻ لبي آهي. هتـان لنگهندڙ سيلانين هتـان جي تلائن ۽ بيڪـانير علائقي جي اونهن کوهن جو ذڪر ڪيو آهي. پر هاڪڙي جي پيٽ ۾ ڪيترين جاين تي هـڪ فوٽ کوٽڻ سان يا مٽاچري واري (٥٢٢) مٽيءَ کي اوري پري ڪرڻ سان نهايت سٺو پاڻي ملي سگهندو آهي.

جيسلمير جي الهندي پاسي، هاڪڙي جي پراڻي پيٽ ۾ جيسلمير جي وچ تي، جتي هاڪڙي جو وهـڪرو، ملتـان، سنڌ ۽ جيسلـمـيـر جي حـدن جو دنگ ڏيکاري ٿو، اتي ذرتيءَ جي مٽاچري جو صورت حال ڪجهہ ٻيو نظر ايندو. ماٺهو ڇڊا پاڊا ڏسڻ ۾ ايندا. ماڻهن جا پڪا ۽ پيهون بہ ورلي پيون نظر اينديون. ڳاڙهيءَ پوريءَ ۽ سرڪندڙ واريءَ جون پٽـون سو جام پيـون ڏسبيـون. پـٽن مان ڪي تـہ پنجاهہ فـوٽ بہ اوچيـون ٿـينديـون. واءَ جي سامـهـون وارو پـٽن جو پاسـو آپ ڪـپـرو پيو ڏسـبـو. ڪـن مـاڳن تي مـٽيءَ جا اوچا دڙا بہ اکين تي چڙهندا. اتي واري مـوجود ڪانہ ملندي. مٽن گـاهہ چاول ڏسڻ ۾ ايندو. ڪڏهن مـٽن وڻ ٻوٽا بہ نظر ايندا آهن. پـرسان تلاءَ يا کـوهہ جا اهڃاڻ پيا پائنبا. اهي شـايد ڪـن پراڻـن شـهـرن ۽ ڳوٺن جا مـاڳ هوندا. جيـڪـڏهن ڪو مـاڻـهـو اولهہ طرف هلندو ويندو، تـہ انهن پـٽن جي اوچائي گـهـٽبي ڏسـڻ ۾ ايندي ۽ وري ننڍڙيون پـٽـون ۽ ڪاٽي وري واريءَ جو ڍاپاچو وچي رهندو.

”ڪاٻا“ يا ڪاٻو جو مشـهور قديـم شهر جيسلمير ڪان ڏکڻ ـ اولهہ، منڙاهو (هن جو اچار منڙائو بہ آهي)۾ اتر سنڌ واريءَ خيرپور ڏانـهن ويندڙ رستي تي هو. ڪنهن زمـاني ۾ اهو شـهـر اهم ۽ وڏو هو. چيـو ويندو آهي تـہ منجهس ڏهہ يا يارهن هزار گهر هئا. جيڪي گـهڙيل تراشيل پٿرن مان جڙيل هئا. ڪن پٿرن تي سنجهت ۽ ســونهن لاءِ چٽ ڪـاري بـہ ڪيل هوندي هئي. اهي اکرون ڏاڍيون سهٽيون هيون. انهن جي باقيات اڄ بہ ڏسي سگهجي ٿي، جيڪا مٿين حقيقتن جي هٿي ۽ ثابتي آهي. ٻي اهڙي ثابتي اسـان کي پراڻـن مندرن مـان ملي سگـهي ٿي، جن ۾ رکيل ٻہ ٻٽ پٿر جي اکر جا نادر نـمـونا آهن. جڏهن جيـسلـمـيـر جي سـروي

ڪئي ويندي تہ مونکي پوري پڪ آهي تہ هتان اهڙيون قيمتي ۽ اٿلپ شيون لينديون، جيڪي علائقي جي قدامت تي روشني وجهنديون، جيڪو ڪنهن زماني ۾ هاڪڙي يا واهندا يا ان جي پرتيءَ ڪندڙ شاخن جي پاڻيءَ سان آباد ٿيندو هو، ۽ سکيو ستابو علائقو هو. تاريخ ۾ معتبر مقامي روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪڏهن اهي علائقا سرسبز ۽ آباد هئا، اتي ماڻهن جو ججهو انگ وسندو هو. ڪيترائي اهم نندا ۽ وڏا شهر آباد هئا، جن جا هاٿي تہ نالا بہ ڪونہ رهيا آهن. مان هتي درياهن جي تمام نندڙين پرتي ڪندڙ شاخن کي هن مقالي ۾ مکيہ موضوع طور بيان ڪرڻ ضروري ڪونہ سمجهيو آهي.

هاٺي مونکي موتي هاڪڙي هلڻ ڪپي، جنهن کي مان سنڌ جي سرحدن وٽ پهچائي آيو آهيان ۽ جنهن جو ذڪر اوهان کي ص ۴۲۲ تي ملي سگهندو.

مان هن متعلق اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان، تہ هيءَ وهڪرو، صاحب ڳڙهہ ۽ ڪنڊارا يا ڪنڊارو وٽان لنگهندو هو ۽ ڪنڊاري کان ٽي ميل اولهہ، بهاولپور جي خان ڳڙهہ جي بلڪل پرسان اتر سنڌ جي روهڙي علائقي جو اوڀاريون پاسو ڏئي وهندو هو. پر بهاولپور جي حدن جي نقشي ۾ اسان ريٽي وهڪري جو خشڪ پيٽ، جنهنکي وهوند "Dry Bed of Rainee Nulla Called Wa-hund" چيو ويندو آهي، ڏسون ٿا. فقط هڪ نقشي ۾ هاڪڙي يا واهندا جو صحيح نالو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر پين سيني ۾ هن طرح جي لکٽي آهي (۵۲۳) "Old Bed of Rr. Wandu" or Wandun وانڊ يا وانڊن جو پراڻو وهڪرو. خانڳڙهہ، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، اتان کان ڏهہ ميل هيٺ "جنگاڻ" جي ماڳن وٽان هاڪڙي يا مهراڻ جو پيٽ ڪجهہ ميلن تائين سر ڏکڻ هلندو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ان کان پوءِ ڏکڻ - اولهہ وارو عام رخ اختيار ڪري ٿو. هن ماڳن جي اوسي پاسي سندس ترو گهٽ اونهون آهي. ان هوندي بہ سندس نشان پتا بلڪل چٽا آهن. هن جوءِ ۾ واريءَ جون ڊبون گهٽيون آهن. سڄي ايراضي درياهہ جي پراڻن پيٽن سان پري پئي آهي، جن مان ڪي اونهان تہ ڪي تانگها آهن. هتي پاڻيءَ جي پائيندڙ ۽ ڪاڌ مان اهو پتو پوي ٿو تہ هتي ويجهي

ڇڪ ۾ درياهه پنهنجي وهڪري جو منهن اوپر ڪان اولهه طرف ڪيو آهي ۽ پيٽ جي هڪڙي ٿي پاسي ڪيترا ڀيرا پنهنجو رخ بدلايو آهي. حقيقت ۾ اها آهي ته "ونجهڙوٽ، ڏين ڳڙهه ۽ تهارا" جي وچ تي اتر - اوڀر طرف هڪ سؤ ويهه ميل، خان ڳڙهه ۽ جيسلمير جي حد ن ۾ موجود "بيرسيل پور"، جنهن جي ايراضي هڪ سؤ پنجويهه ميلن (٥٢٥) تي مشتمل آهي، سو سڄو علائقو هاڪڙي جي پراڻن پيٽن ۽ واريءَ جي اڻانهين ڊڀن سان ڀريو پيو آهي. اها ڳالهه سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿي، ته اهو پاڻي ۽ جي پائيندڙ ۽ ڪاڏ جي ڪري ٿيو آهي ۽ اتان درياهه پنهنجو رخ مٽائي رهيو هو. هن تبديليءَ ۾ هاڪڙي ۽ سندس پرتي ڪندڙ شاخن يعني ستلج ۽ جيسلمير ڪان ايندڙ پين وهڪرن کي به شامل سمجهڻ گهرجي، جن بابت حوالا ص ٤٢٥ ۽ ٤٣٤ تي ڏنا ويا آهن. اتان ڪان هاڪڙو سمنڊ ڏانهن ائين وهندو ويندو آهي، جيئن صفحي ٤١٥ جي حاشيه ٤٣٦ جي پهرئين فقري ۾ ڏيکاريو ويو آهي. هاڪڙي جي وهڪري جو رخ، "جاڳڻ" ڪان وٺي ڪجهه مفاصلي تائين عام وهڪري وارو ڏيکاريو ويو آهي. ان ڪان پوءِ هو ڏکڻ - اولهه طرف تي لاڙو ڪري ٿو. وري پوءِ وڪڙ ڪري ڪجهه ميل ڏکڻ طرف هلي ٿو. بعد ۾ ڦيرو ڪري ڏکڻ - اولهه ڏس تي منهن ڪري ٿو. مٺڙاهو يا مٺڙائوءَ (٥٢٦) تائين انهيءَ ساڳي رخ ۾ وهندو رهي ٿو. هيءُ ماڳ روهڙيءَ ڪان اٺيتاليهه ميل اوڀر - ڏکڻ - اوڀر ڏس تي آهي، هيءَ ڇاڙهه ٿورو اولهه طرف جهوڪو ڏئي، سورنهن ميل ڪن ان رخ ۾ هلي ۽ اڳتي وڃي پنهنجي الهنديءَ نندڙيءَ ڇاڙهه سان ملي وڃي ٿي، جيڪا بند ڏئي موڙڻ ڪان اڳ هن ڪان ڏهه ميل اولهه تي وهندي هئي. هن کي بعد ۾ اروڙ ڪان ڇويهه ميل مٿان اوپر طرف بند ڏئي پاڻيءَ کي اروڙ ڪان مخالف طرف تي وهايو ويو هو. هاڪڙي جي هيءَ الهندي شاخ، جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون، جنهن کي ڪنهن زماني ۾ بند ٻڌي موڙيو ويو هو، تنهن جو نالو "ريٹي" آهي. نقشي ۾ هن کي ريٹيءَ جو پراڻو پيٽ يعني "Dry Bed of the Raini Nullah" ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

هاڪڙو پنهنجي هن شاخ سان ملي ڏکڻ - ڏکڻ - اولهه ڏانهن لاڙو رکندو هو.

هاڪڙي جي هن نيڍڙيءَ شاخ جو هيٺيون پاسو ساعدي ڳوٺ کان پنج ميل هيٺ
هو ۽ مٿيون پاسو، بند ڏئي موڙڻ کان اڳ ۾ سنڌ جي راڄڌاني اروڙ کان اوڀاريون
پاسو ڏئي وهندو هو ۽ هيٺ ساعدي ڳوٺ وٽ مکيہ وهڪرن سان وڃي ملندو هو.
اروڙ جي اتر طرف کان ايندڙ هن قديم وهڪري ۾ سنڌوءَ يا آب سنڌ جو واڌو
پاڻي هاڻي بہ اچي داخل ٿيندو آهي. هاڪڙي جو مکيہ وهڪرو غوث پور جو رخ
اختيار ڪندو هو. عرب مورخن جي آب سنڌ يا سنڌ رود ۽ رود سنڌ، وهند يا پنچ
- ند يا پنج آب جو سنڌ جي گڏيل پاڻيءَ جو ڪجهہ حصو هاڪڙي درياهہ يا
واهندا جي هن ڇاڙهہ ۾ پوندو هو. پاڻيءَ جي هن وهڪري ۾ وڪڙ تمام گهڻا
هوندا هئا، تنهن ڪري هتان جا رهواسي هن کي نانگ نارو ڪري بہ سڏيندا آهن.
.. هن وهڪري کي نقشن گزيٽيئرن ۾ نارا Nara ۽ نارڙا Narra جي هجي ۾
لکيو ويو آهي. اهو ڏنو ويندو، تہ ٽڪرين جو سلسلو، جنهن جو بيان مٿي اچي
چڪو آهي، سو روهڙيءَ کان اڳتي هلي، سکر جي اتر ۾ پهچي ڪٽي ٿو وڃي. اروڙ
جي اوپر پاسي ٽڪرين جو سلسلو اچا بہ اڳتي هلندو وڃي ٿو. هن قديم شهر جا
کنڊراڇ بہ ڏسي سگهجن ٿا. اهو ٽڪرائتو علائقو ڏکڻ طرف ڪوٽ ڏجي
(٥٢٧)، جنهن کي ڪنهن زماني ۾ احمد آباد بہ سڏيو ويندو هو) تائين پکڙيل
ڏسڻ ۾ ايندو. ان کان پوءِ واريءَ جون ڀٽون شروع ٿي وينديون آهن. انهن مان
ڪي ڀٽون تہ ڏاڍيون اتاهيون آهن، جيڪي هيٺ ويندي چوهتر ميلن تائين پکڙيل
ڏسڻ ۾ ايندون، اهي پوءِ هيٺ ڏکڻ ڏانهن نڍيون ٿينديون وڃن ٿيون. مذڪوره
ٽڪرائتو علائقو ۽ ان کان پوءِ ڀٽن جو سلسلو ناري واري وهڪري يا هاڪڙي جي
اولاهين شاخ کي مکيہ وهڪري کان جدا ڪري ٿو ڇڏي. جنهن جو بيان مٿي اچي
چڪو آهي. ان سبب ڪري، پاڻيءَ جو گڏيل وهڪرو، جيڪو سنڌو - ماترِيءَ مان
وهندو آهي، سو بہ الڳ ٿي ويو. هاڪڙي جي هن ڇاڙهہ جي اوڀارينءَ ڪنڌيءَ
سان ڀٽن جو رخ ڏکڻ - ڏکڻ - اولهہ طرف تي آهي ۽ ڀٽن جي هن سلسلي منجهان
پاڻيءَ جو هيءُ وهڪرو وهندو آهي. عرب مورخ جو هڪ حوالو ص ٢٠٧ ۽ ٢١٤
تي ڏنو ويو آهي تہ رود سنڌ و هند يا سنڌ رود، جنهن کي هن پنج ند يا پنج آب

سڏيو آهي، اهو آب ـ سنڌ سان ملتان کان هيٺان ملندو هو، يا ڪجهہ هيٺ سنڌ جي ان ڀاڱي جي سرحدن وٽ سنگم ڪندو هو، جنهن جي راڄڌاني اروڙ هو ۽ هاڪڙي يا واهندا سان ان ماڳ تي سنگم ڪندو هو، جنهن کي دوش ـ آب يا Meeting place of water چيو ويندو هو. پاڻيءَ جي ان گڏيل وهڪري مان هڪ وڏو درياهہ ٺهجي پوندو هو، جنهن کي سنڌ جو عظيم مهراڻ Great Mihran سڏيو ويندو هو. هن ماڳ کان ڇتيهہ ميل هيٺ هيءُ وهڪرو ٻہ درياهيءَ ۾ ورهائجي ويندو هو، جن مان اوڀاريون مکيہ وهڪرو هوندو هو ۽ ٻيو اروڙ جو اوڀر ڏئي لنگهندو هو، جنهن جو ذڪر (٥٢٨) مٿي ڪري آيا آهيون. هاڪڙي جا ٻئي وهڪرا ساعدي ڳوٺ کان هيٺان وري پاڻ ۾ ملندا هئا.سندن پاڻيءَ جي گڏيل وهڪري جي رفتار تمام ڍلي هوندي هئي ۽ ان جو رخ ڏکڻ، پر ٿورو الهندي ڏانهن لڙيل هو. هن جو اهو رخ نڪ سامهون اٺيتاليهن ميلن تائين ساڳيو هوندو هو. منصوره جنهن جي پرسان بهمن آباد جو پراڻو شهر آباد هو، کان چاليهہ ميل مٿان وري ٻہ درياهي ٿي ويندو هو. مٿئين شهر بهمن آباد کي بهمانيہ، بهمانو، بهمن آباد ۽ منصوره جي نالن سان بہ سڏيندا هئا. اصطخريءَ مطابق هن ٻہ درياهيءَ جي ماڳ کي ڪلريءَ (٥٢٩) جي نالي سان سڏيو ويو آهي. جيڪا منصوره کان هڪ ڏينهن جي سفر تي هوندي هئي. ڪلريءَ کان انڙي ٻن ڏينهن جو پنڌ هو ۽ اتان کان اروڙ ڇئن ڏينهن جي سفر تي هو. اروڙ کان بسمد ٽن ڏينهن جي پنڌ تي واقع هو. هتان کان ملتان تائين ٻہ ڏينهن لڳندا هئا. پر المسالڪ والممالڪ وارو ۽ ابن حوقل انڙيءَ کان ڪلريءَ تائين ٽن بدران (٥٣٠) ڇئن ڏينهن جو پنڌ ٻڌائي ٿو. ادريسي چوي ٿو تہ ڪلري جيڪا وهڪري جي اولهہ پاسي هئي، منصوره کان هڪ ڏينهن جي سخت مسافريءَ واري پنڌ، چاليهن ميلن تي پري هئي. انهن مان مکيہ اوڀر وارو وهڪرو اڳئين جيان ڏکڻ وارو رخ اختيار ڪندو هو ۽ منصوره ۽ برهمڻ آباد جي ويجهڙائيءَ ۾ اوڀر پاسي کان لنگهندو هو. ان کان پوءِ ايرندي لاڙو رکي ڏکڻ ـ ڏکڻ ـ اوڀر وهڻ شروع ڪندو هو ۽ ٿوري پنڌ کان پوءِ وري ڏکڻ وارو اڳيون رخ ڪري ونگا Wangah ڏانهن

منهن ڪندو هو. ان وهڪري کي "پراڻ" چيو ويندو آهي. ۽ سنڌي انکي "پراڻو ڍورو" (۵۳۱) چوندا آهن.

پنهي مان اولهہ وارو وهڪرو جيڪو ڪلريءَ جي پرسان مکيہ وهڪري کان ڇنو هو، سو اتر - اولهہ (؟) ۾ پوءِ هوريان هوريان اڌ گول جهڙو وڏو وڪڙ ڪري سوستان ڏانهن وڃي ٿو ۽ پراڻي دور ۾ هن کان پاويهہ ميل ۽ پوئين دور ۾ سورهن ميل پري (۵۳۲) وهڻ لڳو هو. ان پراڻي وهڪري ۾ هاڻي ميرواهہ يا ميرن جو واهہ جو سيوهڻ کان سترهن ميل اوپر کان وهندو آهي (جنهن کي پراڻي دور ۾ سيوستان چيو ويندو هو). هيءُ وهڪرو هن ماڳ وٽان اڌ گول جي شڪل ۾ گذرندو هو ۽ بعد ۾ ڏکڻ - اوپر رخ اختيار ڪندو هو جيڪو منصوره کان ويهہ ميل هيٺ مکيہ وهڪري سان وڃي ملندو هو ۽ کورائي نالي هڪ (گزيٽيئرن جي نقشن ۾ هن کي کوري ڦاٽ لکيو ويو آهي) ڦاٽ وسيلي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. اهو ڦاٽ سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد سمجهي ويندي آهي. ائين نہ سمجهيو وڃي تہ هن وهڪري جي روح ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ آئي آهي. حقيقت اها آهي تہ هر اٽل پنجاب ۽ سنڌ جي درياهن ۾ ڪانہ ڪا تبديلي ضرور آندي آهي. پر اهڙي ڪا اهم تبديلي ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. ان کان پوءِ واري دور ۾ سنڌ جي مهراڻ درياهہ کي منصوره جي پسگردائيءَ مان وهندي ڏسجي ٿو. غزنيءَ جي سلطان مسعود جي زماني ۾ احمد نعل تگين Ahmad Nial Tigin هن درياهہ ۾ ٻڏي مري ويو هو. (ڏسو صفحو ۱۹٦ حاشيہ ۱۰۵). ڪلريءَ کان پوءِ هن درياهہ جو مکيہ وهڪرو ڏکڻ - ڏکڻ - اوپر ڏانهن وهڻ لڳو هو ۽ سوڍن جي امر ڪوٽ Amarkot ڏانهن رخ رکيو هئائين. ڪلري امرڪوٽ جي وچ تي ڪيترئيون ئي ڍنڍون موجود آهن، جن جو ذڪر اڳتي ايندو. ان کان پوءِ امرڪوٽ کان پندرهن ميل اولهہ جو طرف ڏئي وهندو هو. مذڪوره وهڪري جو پيٽ اڄا بہ ڇٽيءَ ريت ڏسي سگهجي ٿو، جنهن جي سنگم جو ڻاڪ منصوره بهمن آباد کان چاليهہ ميل مٿي هو ۽ انهن جي الڳ ٿيڻ جا نشان بہ واضح بيٺا آهن. اهي انهن ماڳن جي اوسي پاسي پرسان آهن، جن جو عرب مورخن پنهنجن تصنيفن ۾ ذڪر ڪيو آهي. انهن

مطابق هن وهڪري جي ڇڄي ڏار تيڻ وارو تاڪ توڳاڇيءَ Toagchi ڪان چاليهه ميل مٿي آهي. هن ماڳ جي اولهه ۾ ۽ جڪڙائوءَ ڪان مٿان هڪ وڏي ڍنڍ آهي. هيءَ ڇاڙهه، منڙائوءَ ڪان سترهن ميل هيٺ وڃي ٿي. پر منصوره تائين ڪانه ٿي پهچي (نقشي ۾ Mithrau ۽ Mithrow لکيل آهي. جيڪا منڙائوءَ ڪان علاوه هڪ جدا جڳهه آهي، جنهن جو ذڪر صفحه ۴۵۴ تي آهي) ۽ هن ڪي پراڻي ڍوري جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اها به حقيقت آهي ته منڙائوءَ جي ويجهڙائيءَ ڪان وني، جنهن جي مٿئين پاسي پراڻو ڍورو ڇاڙهن ۾ ورهائجي وڃي ٿو، ويندي هيٺ بکڙ Bukhar تائين، اٽڪل چوڏهن ميل ڏکڻ - ڏکڻ - اوڀر، هڪ وڏي ڇر آهي، جنهن جي ويڪر پن ڪان ٽي ميل ڪن ٿيندي. اوڀر ۽ اولهه طرف سندس ڊيگهه ڏهاڪو ميل آهي. پراڻي ڍوري ڪان قديم وهڪري جو پيٽ، برهمڻ آباد ڪان ڇويهه ميل اتر اوڀر ۽ بکڙ (؟) ڪان مٿان هن وهڪري ۾ اچي ملندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. (نقشي ۾ هنکي بکڙ Bukhar لکيو ويو آهي). ڇاڙهه جي موسم ۾ منڙائوءَ ڪان وني هاڪڙي جي پيٽ ڪان اولهه پاسي ارڙهن ڪان ويهن ميلن تائين سڄو علائقو ڍنڍ بڻجي ويندو آهي.

توڳاڇي ڪان پريان، جتان پراڻي ڍوري ۽ هاڪڙي جو پيٽ الڳ ٿيندا آهن، اتان سوڙهين ۽ ڊگهين ڍنڍن جو وڏو انگ شروع ٿئي ٿو، جن جو تعداد چار سؤ ڪن ٿيندو. وچ تي اتانهن ڪنارن جهڙيون پيٽاريون ڏسبيون، جيڪي پراڻي وهڪري سان گونيءَ ڪنڊ تي ۽ اوڀر يا ڪاٻي پاسي موجود ٿر جي پٽن سان پوروچوٽ تي هونديون آهن. صورت حال مان معلوم اهو ٿيندو آهي ته ڪنهن قديم زماني ۾ (گهڻو قديم نه) هتي هاڪڙي درياهه جي ويڪر تمام گهڻي هوندي ۽ پاڻيءَ جي مقدار (۵۳۳) جي لحاظ ڪان هڪ وڏو درياهه هوندو. هنن ڍنڍن مان ڪن جي اولهه ۽ اوڀر طرف ڊيگهه ڇئن ڪان پنجن ميلن ۾ آهي، جيڪي ميل يا ڏيڍ ميل ويڪريون آهن. ڪي ته هيٺ ڏاڍيون اوٿهيون آهن. امرڪوٽ پرسان هڪ وڏيءَ ڍنڍ جو ذڪر اڳتي ڪاتي ڪيو ويندو.

هاڪڙي درياهه تي ڪي اهڙيون جايون به هيون، جتي پتڻ به هئا. انهن مان

هڪ بڪڙ ۾ هڪ ڪـپـري ۾ هوندو هو. هيٺ لاڙ ۾ سنڌي ڪين انـهن نـالن سـان سـڏيندا آهن. ٿـر ۾ پارڪر واري عـلائقي ۾ امڙا ٽَوَ پٽڻ آهن. اهي پٽڻ درياهہ جي سڪل پيٽن لاءِ ڪم ڪونہ ايندا هوندا. پٽڻ تڏهن هوندا آهن، جڏهن درياهن ۾ ٿـورو يا گـهـٽـو پاڻي مـوجود هوندو آهي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿـو تہ مـاضي قـريب ۾ مذڪوره وهڪرو ٿوري گهٽي پاڻيءَ سان قائـم رهيو آهي. نادرشاهہ ۽ دهليءَ جي بادشاهہ محمد شاهہ جي وچ ۾ صلح جو هڪ عهد نامو ٿيو هو، جيڪو ڏيکاري ٿـو تہ ان زماني ۾ ١١٥٢هہ (١٧٣٩ع) ۾ هيءُ وهڪرو صفا سڪي ڪونہ ويو هو (٥٣٤).

پوئين دور ۾ هن وهڪري جو پاڻي اتر پاسي وارين سرحدن يا گهٽ ۾ گهٽ بهاولپور جي حدن ڪان هلي ڪڏهن سمنڊ تائين يا سمنڊ جي ويجهڙائيءَ تائين بہ پهتو آهي. ١٨٢٦ع ۾ هن درياهہ جي اٿل لکپت تائين پهتي هئي. ١٨٣٣ع ۾ اٿل جو پاڻي ونگا بزار تائين مس پهتو هو. ١٨٤٣ع ۾، سنڌ جي واهن جو سپرنٽنڊنٽ انجنيئر ميجر ڊبليو بيڪر Major W. Baker هو، جنهن ناري واهہ جي منهن وٽ اٿل جا نشـان ڏٺـا هئا، جيـڪي ارڙهن فـوٽن تائين ڏسڻ ۾ آيا ٿي. ان اٿل جي پاڻيءَ جو وڏو مـقـدار هاڪڙي جي ڇاڙهہ ريڻ يا ريٽي درياهہ ڪـان آيو هو. پراڻو ڍورو يا پراڻ ڪڏهن پنهنجي پراڻي پيٽ مـان وهندو هو، جنهن کي انگريز مصنف "ايرندو نارو" ڪري لکندا آهن. ان جا نشان پٽا اچا بہ چٽا پڌرا بيٺا آهن. پر ائين لڳي ٿو تہ هن ڪڏهن بہ پنهنجو وهـڪرو تبديل ڪونہ ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ ان جو سـبب اهو آهي، جو ڪن صدين ڪـان وٺي لڳاتار اٿل جي ضد ۾ ڪونہ رهيـا آهن. هن ۾ بہ پاڻي تڏهن وهي ايندو هو، جڏهن اتر پاسي وارن درياهن ۾ وڏي اٿل ايندي هئي. ان ڪري منجهن ڪا اهم تبديلي ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي.

پر ايـترو سو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي مهراڻ درياهہ يا ريڻ يا ريٽيءَ جي هڪ پـرتي ڪندڙ شـاخ، هنڪي ڇڏي وئي هئي، جيڪا هن سان دوش - آب وٺ سنگم ڪندي هئي. هن تبديليءَ ڪري سنڌ جي درياهي نظام ۾ ڦيرو نظر اچي ٿـو. پر اهو هـڪدم ڪونہ آيو. اهو وهـڪرو، جيـڪو اڳتي وڏي پراڻي ڍوري

Ancient cahnnel ۾ پوندو هو، ان کي ڇڏي امـــر ڪوٽ وارو مـــوجوده وهڪرو اختيار ڪيو. ٻي تبديلي اها آئي ته جيڪا هن وهڪري جي ٻي ڇاڙهه سوستان جو رخ ڪندي هئي ۽ ڪجهه مفاصلي کان پوءِ منصوره جي هيٺان وڃي پنهنجي اصلي وهڪري سان ملندي هئي، سا ته مرڳو (٥٣٥) بند ٿي وئي.

ان جي ثابتيءَ واسطي اسان کي هاڪڙي يا واهندا جي ٻن پراڻن پيـٽن کي موجوده شڪل ۾ ڏسڻ گهرجي.

جنهن کي اسين نارو چوندا آهيون، سو پنهنجي مکيه وهڪري سان ساعدي ڳوٺ هيٺان ملندو آهي. انهن ماڳن وٽ، اولهه پاسي کان جابلو سلسلو ختم ٿي وڃي ٿو ۽ وارياسي علائقي جي شروعات ٿئي ٿي ۽ هاڪڙي جو پيٽ ويڪرو ٿيندو ويندو آهي. صالح پٽ (؟) (نئين واهه کوٽڻ ڪري شايد تبديلي آئي هجي) وٽ نارو ٿي سؤ فوٽ ويڪرو آهي. هاڪڙي جي مکيه شاخ سان ملڻ کان پوءِ اٺاويهه ميل هيٺ جنجهوئي وٽ ڪن جاين تي هاڪڙي جي ماپ ٻن کان ٽي هزار فوٽ آهي. پر ان نسبت سان تري ۾ اونهائيءَ جو فرق اچي ٿو. اروڙ کان ٻياسي ميل هيٺ ۽ ريٽي يا ريڻ (جنهن کي نارو چيو ويندو آهي) درياهه جي هاڪڙي واري مکيه وهڪري سان سنگم کان چوئيتاليهه ميل هيٺين پاسي (منصوره – برهمڻ آباد کان چاليهه ميل ڪن مٿي) اولهه پاسي وارين پٽن کان ٻاهر نڪري، وڏو وهڪرو وري ٻن ڇاڙهن ۾ ورهائجي وڃي ٿو، جن مان هڪ ڏکڻ – ڏکڻ – اولهه ۽ ٻي ڏکڻ – ڏکڻ اوڀـــر طرف وڃي ٿي. ڏکڻ – ڏکڻ – اولهـــه ڏانهن ويندڙ وهڪرو، جيڪو سڪل آهي، تنهن جو پيٽ وڏيڪ اونهون آهي ۽ اهو ڪنهن دور ۾ منصوره ۽ محـفـوظه جي ڳـرن سـان ڳاري ڏئي لنگهندو هو. ان کي ئي اسـان "پراڻ ڍورو" يا سنڌ جي مهـراڻ جو پراڻو پيٽ، هاڪڙا، واهندا، سنڌ سـاگـر، سانڪرو چوندا آهيون. ميرپور کان اتر – اوڀر طرف سندس نشان اڃا به ڏاڍا چٽا بيٺا آهن. پيو وهڪرو پاتيا ۽ بکڙ وٽان گذري ٿـو. اهي ٻئي اهم جڳهـون آهن، جن جو ذڪر آءٌ هاڻي هيٺ ڪريان ٿـو. حقـيـقـت اها آهي ته هن وهڪري جي پراڻن پيٽن سان (٥٣٦) ڪيترن ننڍن وڏن شهرن جا ڪنڊر ڏسڻ ۾ ايندا. اسان

کي هتان جي روايتن مان بہ پتو پوي ٿو تہ سنڌ جو هيءُ علائقو ڪڏهن ڏاڍو سڪيو ستابو ۽ ريان ڪيان هو. هن علائقي جي جن ايراضين ۾ پاڻي آهي، اتي پنيون ڏاڍي اپت (۵۳۷) ڏينديون آهن. پہ درياهيءَ واري ٿاڪ ڪان پاٿايا تيرهن ۽ ٻڪڙ ڪان ويهہ ميل هيٺ ۽ مڪيہ وهڪري هاڪڙي جي ڪنڌيءَ سان ڪيئي وسندڙ شهر هوندا هئا. اهو وهڪرو هاٿي سوڍن جي امرڪوٽ ڏانهن وهندو آهي. پر امرڪوٽ ڪان پندرهن ميل مٿي هيءُ وهڪرو ڏکڻ طرف لاڙو ڪري وڃي ٿو ۽ ارڙهن ميل ان رخ ۾ وهڻ ڪان پوءِ امرڪوٽ کان ساڍا تيرهن ميل اولهہ ۾ اچي ڏکڻ - ڏکڻ - اولهہ طرف رخ ڪري ٿو. هن علائقي ۾ يا هن ڪان بہ اڳتي هن وهڪري کي سنڌي هاڪڙو سڏيندا آهن.

امرڪوٽ (۵۳۸) ڪان ايڪونهجاهہ ميل ڏکڻ - ڏکڻ - اولهہ تي ۽ حيدرآباد ڪان پياسي ميل ڏکڻ - اوپر نئون ڪوٽ آهي، جتان هيءُ وهڪرو وري ڀِي درياهي جي صورت اختيار ڪندو آهي. پنهي مان اولاهيون وڏو وهڪرو آهي ۽ نئين ڪوٽ ڪان ويهہ ميل هيٺ پراڻو ڍورو، جنهن کي هڪ نقشي ۾ پراڻ درياهہ Pooran River، ٻئي نقشي ۾ پراڻ اين يا آر Pooran N or R، ٽئين نقشي ۾ Phurraun-R، چوٿين نقشي ۾ Puran ۽ پنجين نقشي ۾ پراڻ ڍورو لکيل آهي. هن وهڪري سان اچي ملندو آهي ۽ ڪڇ واريءَ وڏيءَ ڇر ۾ ملڻ تائين وري ڪوبہ ٿاٽ ساٽس ڪونہ ملندو آهي. چاڙهہ جي موسم ۾ اڄ تائين هن پراڻي پيٽ مان پاڻي وهي وڃي لکپت يا عرب مورخن جي لکڻ موجب "ڪوڪوهراءِ" جي منهن تائين وڃي پهچندو آهي. ريڻ يا ريٽي درياهہ جو اوپر وارو پيٽ، جنهن مان هاٿي نارو وهي ٿو. اروڙ جو اوياريون ۽ ٿر جي پٽن جو اولاهيون پاسو ڏئي، هاڪڙي واري وهڪري جي نندي پيٽ ۾ وهندو، هاڪڙي جي مڪيہ وهڪري سان امرڪوٽ جي وسي پاسي وڃي ملندو آهي، جيڪو اتاهين پوئي تي آباد آهي. هن ماڪي ءب هاڪڙي جو پيٽ ڏاڍو ويڪرو آهي ۽ گهٽي ايراضيءَ ۾ ڇرڪري حڏندو آهي هن ايراسي ۾ سامراهہ نالي هڪ وڏي ڍنڍ آهي، جيڪا درياهہ (۵۳۹) جي پراڻي پيٽ سان پوروچوٽي هلندي ٿي وڃي. سندس ڊيگهہ پندرهن ۽

ويڪر چار پنج ميل ٿيندي. امر ڪوٽ جي پرپاسي ۾ ائين لڳي ٿو ته وهڪري منجهان ٻيا ڪيترا ننڍا وهڪرا ڦٽندا هئا. امرڪوٽ ڪان سمنڊ ڏانهن وهندي، نئين ڪوٽ ڪان ارڙهن ۽ ونگا يا ونگابزار ڪان چار ميل هيٺ وري پراڻ جو ڊورو هن سان ملندو آهي. ان ڪان پوءِ ان گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري جو عام رخ ڏکڻ - ڏکڻ - اولهه هوندو آهي ۽ راناڪي بزارRanaki Bazar (نقشي ۾ هن کي Rahnaki Bazar ڏيکاريو ويو آهي) جي ڇهه ميل ويجهو پهچي، اجا به وڌيڪ ڏکڻ ڏانهن لاڙو ڪري، پوءِ ڪڇ جي رڻ ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. چاڙهه جي موسم ۾ اتر سنڌ جي درياهه جو پاڻي اٿل ڪري لکپت جي بندر وچي سمنڊ ۾ پوندو آهي.

سنڌ جو مهراڻ، هاڪڙو، واهندا، باهندا، واهند ساگر، سنڌ ساگر، سانڪرو درياهه اهو آهي، جيڪو پنهنجي منهن ڪان وئي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ تائين ائين وهندو هو. اهو نادر شاهه جي زماني ۾ هند ۽ سنڌ (٥٤٠) جو دنگ هو.

اهو ذڪر ڪرڻ به ضروري ٿيندو ته ان جا ڪيترائي پراڻا پيٽ آهن. اهڙا نشان سندس جوءِ ۾ جاتي ڪاتي اک تي پيا چڙهندا، جيڪي سنڌو درياهه يا آب سنڌ جي موجوده وهڪري ۽ سنڌ جي مهراڻ يا هاڪڙي جي پيٽ تي وچ تي موجود آهن. جنهن جو اولاهيون وهڪرو شهدادپور جي اولهه ڪان لنگهي، بهمڻ آباد منصوره ڏانهن وڃي ٿو. اهو ائين به چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جو مهراڻ يا هاڪڙو درياهه، مختلف دورن ۾ سنڌ جي وڏي ڀاڱي تان گذرندو رهيو آهي، جنهن جي شاهدي ۽ ثابتي اها آهي،ته هن جي پراڻي پيٽ سان شهرن جو جڳهو انگ آباد هو. هن وهڪري جا پراڻا پيٽ، ساليانى اٿل سبب ۽ انهن کي واهن طور ڪتب آڻڻ ڪري ميساربا پيا وڃن. ان ڪري مان چاهيان ٿو ته هاڪڙي درياهه بابت جيڪا ٿوري گهڻي معلومات مون وٽ آهي، يا ان جي ڀرتي ڪنڌڙ شاخن متعلق ڄاڻ اٿم، تنهن کي ڪيئن به ڪري قلمبند ڪري ڇڏيان.

پراڻي ڊوري يا مهراڻ يا هاڪڙي جو پراڻو وهڪرو، جيڪو ڪڏهن شهدادپور جي اتر ۽ پوءِ اولهه ۾ وهندو هو. يا ان ڊوري سميت، جنهن کي سنڌي

١

لوهاڻو ڊورو سڏيندا آهن، جنهن جا سنڌوءَ يا آب ـ سنڌ ۾ مهراڻ يا هاڪڙي درياهه جي وچ ۾ پراڻا وهڪرا ڏسبا آهن. اهو جيڪو ڪڏهن ڪلريءَ وٽان ۽ درياهيءَ جي روپ ۾ وهندو هو. انهن مان هڪ ڇاڙهه اتر ـ اولهه طرف لڙي سيوستان آهل ويندي هئي ۽ پوءِ ڦيرو ڪري بهمن آباد جو اولهه پاسو ڏئي، بهمن آباد منصوره جي اوپر ڪان وهندڙ مکيه وهڪري سان منصوره ڪان هيٺ وڃي سنگم ڪندي هئي.

اتر طرف مٿي روهڙيءَ جي جابلو علائقي ڪان وٺي واريءَ جي پٽن ۾ ساعدي ڳوٺ ڪان گهڻو هيٺ تائين جتي ناري ۾ هاڪڙي درياهه جو پاڻي ملندو آهي، تنهن کي هاڪڙي جي ماٿري چيو ويندو آهي. ٻئي پاسي ڪان روهڙيءَ ڪان وٺي سيوهڻ تائين، سنڌوءَ جي موجوده وهڪري ڪان اوپر طرف ۾ هاڪڙي جي وهڪري جي وچ تي سنڌوءَ جا ڪيترائي پراڻا وهڪرا ڏسبا آهن، جتان هو مختلف دورن ۾ وهندو رهيو آهي. پر ڏسڻ ۾ اهو ايندو ته سندس وهڪري جو رخ الهندي ڏانهن لاڙو رکندو آيو آهي. پنج ـ ند يا پنج ـ آب جي پاڻيءَ ملڻ ڪان پوءِ، سنڌو، مهراڻ يا هاڪڙي جي وهڪري کي هميشه لاءِ ڇڏي ويو، جنهن جو احوال اڳتي ايندو. سنڌوءَ کي موجوده رخ اختيار ڪرڻ ۾ گهڻو وقت لڳو آهي. خاص طور تي بکر ڪان اولهه ـ ڏکڻ ـ اولهه واري "سهتا" ساهتي؟ جي وچ واري وهڪري تي گهڻو وقت لڳو هوندو. اهو وهڪرو ڪنڊياري ۾ دربيلي جي پرسان ڏکڻ ـ اوپر ڪان وهي، سڪرنڊ ۾ شهدادپور جو رخ ڪري ٿو. سنڌ جي نقشي مطابق ان پراڻي وهڪري جا نشان انهن ماڳن جي وچ تي آهن، جيڪي اڄ ٻه ڇتا پڌرا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. روينيو جي سروي رڪارڊ ۾ اهي اجا ٻه وڏيڪ ڇتا آهن. انهن پراڻن وهڪرن مان عرب مورخن "ڪنبي" جو ورجائي ٻئي ذڪر ڪيو آهي. جيڪو سوستان (٥٤١) موجوده سيوهڻ ۾ مهراڻ جي اولاهينءَ شاخ جي وچ تي هو ۽ جنهن جي پيٽ مان مختلف درياهي تبديلين دوران ڪڏهن سنڌو درياهه ٻه وهندو هو. اهڙيون تبديليون گهڻي وقت تائين هلنديون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. آخري ترخان مغل گهراڻي جي ٺٽي جي حڪمران مرزا جاني بيگ جي زماني (٩٩٩هه ـ ٩١-

۱۵۹۰ع) ۾، سنڌو، سوستان (۵۴۲) يا سيوهڻ کان ساڍا ڇهه ڪوهه اوڀر ۾ وهندو هو.

سنڌوءَ جي ڇوڙ وارو ميداني علائقو ڪنهن تازي دور جي پيداوار آهي، جنهن متعلق آءٌ ٿورو ڪجهه اڳي به لکي آيو آهيان. جيڪڏهن اسين هڪ سنڌي ليک ڪراچيءَ کان وٺي لکپت کان ويهه ميل مٿي تائين ڪيندا سون، ته اسان کي پتو پوندو ته اهو علائقو اڪبر بادشاهه جي زماني کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪيترو سمنڊ ڏانهن وڌيو آهي. ڇاڪاڻ ته ان زماني ۾ بدين جي آس پاس وارو علائقو سنڌ ۽ سنڌ جي آخري دنگ تي هو. بدين کان ڏکڻ طرف ويندي سمنڊ تائين ان دور اندر (۵۴۳) تازو نهيل علائقو آهي. اهو اندازو ڪرڻ ته جڏهن عرب سنڌ ۾ آيا هئا ته سنڌ جو، سمنڊ پاسي ڪيستائين دنگ هو، ته اسان کي پير پٽي ۽ بدين کان به ميل ڏکڻ کان سنڌي ليک ڪڍي، ونگا تائين بلڪ نئين ڪوٽ کان گهٽ ڪجهه اتر ـ اوڀر طرف تائين پهچائڻي پوندي.

سڪندر جي جنگي مهم سان لاڳاپيل تاريخن ۾ هن علائقي سان تعلق رکندڙ ڪن شهرن جا نالا موجود آهن، تن کي موجوده دور جي درياهي وهڪرن (۵۴۴) سان ڳولڻ اجائي ڳالهه ٿيندي.

اهڙيءَ ريت مان پنهنجي ذاتي مشاهدي ۽ مطالعي ۽ هتان جي روايتن مان اهو ڪجهه ڳولي لڌو آهي، ۽ تاريخ به اهوئي پڌائي ٿي ته هتي ست درياهه موجود هئا، جن کي سنسڪرت جي ٻوليءَ ۾ سپتا سنڌا واهه سڏيو ويو آهي. جن مان هاڪڙو يا واهندا يا سنڌ ساگر ۽ سنڌ، نهر مهراڻ يا آب ـ سنڌ يا يورپين جي انڊس سڀ ڳڏبا هئا ۽ سندن پاڻيءَ جي گڏيل وهڪري کي سنڌ جو مهراڻ يا مهان مهراڻ Great Mihran سڏيو ويندو هو، جنهن جي وهڪري ۾ پنج وڏيون تبديليون آيون ڏسجن ٿيون. مان سمجهان ٿو ته اهڙيون تبديليون ساليانيِ اٿل دوران يا ان کان پوءِ ڏسڻ ۾ آيون آهن. انهن مان گهٽن درياهن جي پيٽن جي تبديليءَ جو رخ اولهه ڏانهن رهيو آهي. انهن درياهن جا پيٽ هوريان هوريان لٽ سان ڀرجي ويندا آهن. ان جو شايد اهو سبب هوندو، جو سندن لنگهه ملڪ

جي اهڙن علائقن مان تيندو آهي، جيڪي اڳيئي درياهي لٽ سان ڀريا پيا هوندا آهن. ائين ڇو آهي؟ اهڙو جواب تہ جيالاجيءَ جا ماهر ئي بهتر نموني ڏئي سگهن ٿا. ستلج بہ اهڙي لٿاشي درياهي ميدان مان لنگهندي آهي. پر جڏهن هيءَ درياهہ اهڙي آخري ٿاڪ تي پهچندو آهي، جو ان جو اولاهيون پاسو تمام گهڻو متاهون هوندو آهي، تہ سندس پاڻي وڏيڪ اولهہ ڏانهن وڃڻ لاءِ روڪجي بيهي ويندو آهي. اهڙيءَ ريت سندس پيٽ جو اولهہ طرف ڏانهن سرڪڻ جو عمل رڪجي آخر بند ٿي ويندو آهي.

مان سڪندر جي حملي واري دور ڏانهن پٺتي وڃڻ ڪونہ ٿو چاهيان، ڇاڪاڻ تہ اسان کي ان دور سان لاڳاپيل ندين جي وهڪرن جي اعتبار جوڳي معلومات ڪانہ آهي. اها بہ خبر ڪانہ آهي تہ سندن انگ ڪيترو هو، انهن جون پرتي ڪندڙ شاخون کهڙيون ۽ ڪيتريون هيون. ان علائقي، جنهن کي اڄ اسين پنجاب يا پنج درياهہ چئون ٿا، ان مان ڪهڙيون نديون ۽ ڪيتريون پرتي ڪندڙ شاخون لنگهنديون هيون، يا ان ڪان اوپر طرف واري علائقي مان ڪهڙا درياهہ ۽ ڪهڙيون پرتي ڪندڙ شاخون گذرنديون هيون؟ اسٽرئيبيولس Strabulus جي بيانن مان، جنهن جا اسٽرئبو بہ حوالا ڏنا آهن، معلوم ٿئي ٿو تہ ملڪ ڌرتي ڌٻڻ جي جهٽڪن مان گذري رهيو هو. زمين گهڻو ڪري نرم ۽ ڀُر ڀُري هئي. ان ڪري دڙا ۽ ڀڙا ٺهجي وئي ۽ درياهن جي وهڪرن تبديل ٿيڻ جو وڏو سبب بہ اهوئي هو. سندس بيان اهو بہ آهي تہ "هڪ ڀيري ڪنهن ڪم سانگي ڪيس ملڪ جي ڪنهن ڀاڱي ۾ موڪليو ويو هو. اتي هن هڪ ويران علائقو ڏٺو، جنهن ۾ هڪ هزار کن اجڙيل شهر هئا، جن جي ويجهڙائيءَ ۾ ڪيترا ڳوٺ بہ آباد هئا. ان جو سبب اهو هو تہ سنڌو پنهنجو اڳوڻو وهڪرو متائي وئي هئي ۽ اڳيون پيٽ ڇڏي کجهہ اوپر کاٻي تي سرڪي وئي هئي. ان جو پويون پيٽ ايترو تہ هيٺاهون هو، جو ان ۾ آبشار (جهرٽي) جيان هيٺ ڪري وهندي هئي. چاڙهہ جي رت ۾ بہ سندس ڇڏيل پيٽ واري ساڄي طرف واري علائقي ۾ پاڻي ڪونہ چڙهندو هو. ڇاڪاڻ تہ اهو پوئنو ٺهجي ويو هو. وهڪري جو پاڻي تہ پهچي ڪونہ سگهندو

هو، پر اٽل جي چاڙهہ واري پاڻيءَ کان بہ مٿي هو.“

هندوستاني ذريعن مان بہ اسان کي پتو پوي ٿو تہ ستلج يا ستادرو يا يونانين جي هيسوڊرس Hesudrus يا زاراڊرس Zaradrus، سڪندر جي دور کان گهٽو پوءِ بہ صفا اوڀارين پيٽن ۾ وهندي هئي، جن کي نقشي نمبر ٦ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. اسين جڏهن ڪن جاڪوڙين کي درياهن جي موجوده وهڪرن جي ڪنارن سانِ سڪندري دور جي شهرن ۽ قلعن جي ڳولا واسطي ڪوشش ڪندي ڏسندا آهيون ۽ اهڙي ڪم ۾ سوپاري ٿيڻ تي ڪين قدر جي نگاهن سان ڏسندا آهيون.

اسان کي جيڪا پهرين اعتبار جوڳي معلومات ملي ٿي، سا سنڌ تي عربن جي حملي کان ٿورو اڳ جي دور سان واسطو رکي ٿي. مذڪوره حملو سڪندر ميسڊونيءَ جي هن علائقي تي حملي کان هڪ هزار اٺيتاليهہ سال پوءِ ٿيو آهي. اسين ڏسون ٿا تہ ٧١١ع کان ١٨٩٠ع تائين تمام وڏيون تبديليون آيون آهن. جڏهن هن هڪ هزار هڪ سؤ اٺاسي سالن ۾ هيڏيون ساريون تبديليون آيون آهن، تہ پوءِ هڪ هزار اٺيتاليهہ سالن ۾ بہ ڪي وڏيون تبديليون آيون هونديون، انهن کي نظر ۾ رکڻ لازمي آهي.

عرب حملي جي لڳ ڀڳ، هاڪڙو يا واهندا، جنهنجون چتانگ، سرستي، گهاگهر، ستلج ۽ سندن پيون ننڍيون نيون ناريون پرتي ڪندڙ شاخون هيون، اهو ماروت پرسان ٻن وهڪرن ۾ وهندو هو. انهن مان هڪ اوڀاريون وهڪرو هو ۽ غوث ڳڙهہ يا رڪڻ پور ۽ خان ڳڙهہ جو ڏکڻ - ڏکڻ - اولهہ ڏئي وهندو هو. (خان ڳڙهہ جي نالي پيون بہ ڪيتريون ئي جايون آهن. پر هيءُ ماڳ بهاولپور رياست جي ڏکڻ - اوير پاسي ۽ جيسلمير جي اولهہ پاسي ونجهڙوٽ (٥٤٥) جي سامهون دنگ تي هو) اتان کان نوهار يا اسلام ڳڙهہ (جيسلمير جي ويجهڙائيءَ ۾ اولهہ طرف واقع هو) جو پاسو ڏئي سنڌ جي ڏکڻ - اوير واري ماڳ منڙاهو يا منڙائوءَ جي پرسان، جيئن اڄ وهي ٿو، ائين وهندو ڪڇ جي رڻ واريءَ چر ۾ داخل ٿيندو هو. اهو وهڪرو سوڍن جي امرڪوٽ جو پاسو ڏئي

ڪڇ ويندو هو.

هاڪڙي يا واهندا جي صفا اولاهين ڇاڙهه ماروت ڪان ٿي ڏکڻ ـ اولهه ڏانهن لاڙو رکندي هئي. اها موجوده بهاولپور رياست منجهان لنگهي سنڌ ۾ داخل ٿيندي هئي. ان جو وهڪرو گهٽو ڪري اهو هيو، جيڪو نقشي نمبر ١ ۾ ڏيکاريل آهي. ان کان ڪجهه عرصو پوءِ، سندس پرتي ڪندڙ شاخن جي وهڪرن ۾ ڪجهه تبديليون اچڻ ڪري هاڪڙي جي وهڪري ۾ به تبديلي اچي وئي. گهٽو ڪري ته ماروت ڪان اوپر طرف ڪان ايندڙ، جيسلمير واريون پرتي ڪندڙ شاخون پنهنجو وهڪرو متائي ويون. اهڙيءَ ريت هاڪڙو پوهه ڪرن واري پاسي ڪان ايندڙ پاڻيءَ ڪان محروم ٿي ويو. اهو پاڻي جيسلمير جي اوپر طرف ڪان ايندو هو. انهيءَ طرف ڪان دائمي وهندڙ نديون سڪي ويون ۽ سندن پيٽ ڍنڍون (٥٤٦) بڻجي ويا ۽ ڪاٽي واريءَ جون ڊبون پيدا ٿي ويون. اها وڏي تبديلي پنهنجن شاهدين ۽ ثابتين سميت اڄ به بيٺي آهي ۽ ڇاهتر ميل اولهه ڪان اوپر ڊگهو پيٽ صدين ڪان وٺي اڄ تائين سلامت آهي، جنهن جو بيان مٿي (٥٤٧) ڪاٽي اچي چڪو آهي.

ٻئي طرف ڪان سندو، آب سنڌ، نيل آب يا اندس (٥٤٨)، ان زماني ۾ هاڪڙي سان ملندي هئي، سا حقيقت تحقيق طلب آهي. پر اسان کي قديم عرب مورخن جي تصنيفن مان پتو پوي ٿو ته پنج ند يا پنج آب جا چار درياهه ملتان جي اوپر پاسي ٻن فرسنگن جي مفاصلي تان وهندا، ڏکڻ طرف اُڇ ڏانهن ويندا هئا. (پر خاص ماڳ جو نالو ٻڌايل ڪونه آهي) ۽ ان شهر جي اولهه طرف وٽي، ملتان کان ٽن ڏينهن جي سفر تي هيٺ سنڌ جي راڄڌاني الور يا اروڙ طرف ڪنهن ماڳ وٽ سنڌ رود يا رود سنڌ، وهند (چناب، راوي، بياس ۽ جهلم جو گڏيل پاڻي) جو گڏيل وهڪرو پنج ند يا پنج آب جي نالي سان (٥٤٩) سڏيو ويندو هو ۽ هيٺ ٻاگهلا ۽ صاحب ٻڙهه جي ماڳن وٽ، جيڪو اڄ ڪان ڇاهتر ميک ڏکڻ ـ ڏکڻ ـ اوپر طرف آهي، دوش ـ آب نالي پاڻيءَ جو ٻيو سنگم هوندو هو. پاڻيءَ جي هن سنگم ڏانهن تزڪ Tajzik جو به خاص اشارو ڏنل آهي، جنهنجو مفهوم "پاڻيءَ جو ميلاپ" ٿيندو، هتي آب سنڌ يا سندو، پنج ند، هاڪڙي ۽ ان جي پرتي ڪندڙ

شاخن سان ملندو هو ۽ انهن سيني وهڪرن جي گڏيل پاڻيءَ کي مهراڻ سڏيو ويندو هو. هن کان پوءِ هن عظيم درياهہ جو وهڪرو اڳئين رخ جهڙو رهيو ۽ اهڙيءَ ريت ڇتيهہ ميل هلي، ڪنڏارا يا ڪنڏارو (نقشي ۾ هن کي Kundiaroh لکيو ويو آهي) ۽ ونجهڙوٽ وٽان ٻہ درياهي ۾ ورهائجي ٿو. هيءَ ماڳ اروڙ کان چوهٺ ميل هيٺ اتر -اتر - اوپر طرف آهي. ٻنهي مان پاڻيءَ جو ننڍو وهڪرو ونجهڙوٽ جو اتر پاسو ڏئي، ڏکڻ -اولهہ رخ تي اروڙ ڏانهن وهندو هو ۽ هن شهر کان ٻہ ميل اوپر طرف لنگهي ويندو هو. شهر جي اوپر پاسي موجود ٽڪرائتي علائقي ۾ رنڊبو رڪبو، ڦرندو گهرندو وڃي، ميداني علائقي ۾ داخل ٿيندو هو. سندس وهڪرو سِرِ ڏکڻ طرف هوندو هو، ۽ ستٽيهہ ميل هيٺ وڃي مکيہ وهڪري سان ملي ويندو هو. مٿي بيان ڪيل ماڳ وٽان ٻہ درياهيءَ ۾ ورهائجي، مکيہ وهڪرو سڌو ڏکڻ رخ اختيار ڪندو هو ۽ جڏهن ساعدي ڳوٺ پهچندو هو تہ اروڙ طرف کان ايندڙ ننڍو وهڪرو اچي سائس ملندو هو. هن ماڳ کان پوءِ ڪجهہ ڪليل ميدان اچي وڃي ٿو ۽ سندس وهڪري جو رخ اڳئين جيان ڏکڻ - ڏکڻ -اولهہ طرف ڏانهن ٿي وڃي ٿو ۽ نڪ سامهون انيتاليهہ ميل هيٺ اولهہ ۽ ڏکڻ ڏانهن جتي ڏرتيءَ جي مٿاڇري جي سنوت بلڪل هڪجهڙي آهي، تي وري ٻہ ٻہ درياهيءَ ۾ ونڊجي وڃي ٿو. پاڻيءَ جو مکيہ وهڪرو اڳئين جيان ساڄئي رخ ۾ وهي ٿو. پر وڏيڪ وکڙ ڪندو بهمن آباد يا بهمانو کان اوپارئين پاسي کان گذري ٿو. ننڍو وهڪرو اولهہ طرف هڪ سنئين سڌي پٽ وچان وهي ٿو ۽ بهمانو ۽ سوستان جي وچ پنڌ تان وهي ڏکڻ جو رخ اختيار ڪري ٿو. ان کان پوءِ وري ڏکڻ -اوپرَ ڏانهن وهڻ شروع ڪري ٿو ۽ بدين کان اتر -اوپر ڏس تي مکيہ وهڪري سان ملي شاڪرا ڦاٽ رستي، ديبل يا ديول کان ٻن کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. ديبل سنڌ جو قديم بندر هو، جتي هن درياهہ کي هاڪڙو، واهندا، ساگر، سنڌ ساگر، سنڌ جو مهراڻ يا عظيم مهراڻ سڏيو ويندو هو.

عربن هٿان (۵۵۰) سنڌ ۽ ملتان جي فتح ٿيڻ کان پوءِ پهرين وڏي درياهي

تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هاڪڙو يا واهندا درياهہ اڳئين جيان وهندو رهيو جيڪو بهمن آباد کان چاليهارو ميل مٿي ساعدي ڳوٺ وٽ پنهنجي ٻئي وهڪري سان ملندو هو. هن وهڪري جي اولاهين شاخ اتر رخ ڪندي هئي. ان کان پوءِ اتر - اولهہ سوستان (۵۵۱) ڏانهن منهن ڪندي ۽ اڳئين کان وڌيڪ ويجهو ويندي هئي. هن ماڳ تي پهچي، وري ڏکڻ ۽ پوءِ ڏکڻ اوڀر ۾ وچي مکيہ وهڪري سان ملندي هئي. پر اڳئين جيان هيءُ وهڪرو سڌو ڏکڻ طرف ڪونہ لڙندو هو. ڪنهن زماني ۾ هيءُ وهڪرو ديبل جي پرسان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. ڪنهن دور ۾ وري ديبل کان ٻن ڏينهن جي مسافريءَ تي اوڀر طرف سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. جهڙيءَ ريت مٿي بيان ڪيو ويو آهي، ڪنهن زماني ۾ هيءُ وهڪرو منصوره کان ٻارهن ميل هيٺ ٻہ درياهيءَ ۾ ورهائبو هو. منصوره جو شهر ان جي اولاهين ڪناري سان ۽ بهمن آباد کان ڇهہ ميل پري هو. محفوظه جو شهر منصوره جي سامهون ٻيءَ يعني اوڀارينءَ ڪنڌيءَ سان (۵۲۵)سندڙ هو. جيڪو شاڪرا وٽان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو، ديبل کان ٻن ڏينهن جي سفر تي هو. ان کان پوءِ، ٻن منهن وسيلي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. انهن مان هڪ منهن ديبل کي اڳئين کان وڌيڪ ويجهو هو. ٻيو مهراڻ درياهہ جي منهن سان مشهور هوندو هو ۽ شاڪرا جي منهن وسيلي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو، جيڪو سنڌ ۽ ڪچ جو دنگ ٻہ سمجهيو ويندو هو. وچ واري دور ۾ مهراڻ درياهہ جي ڇوڙ واري منهن ۽ ديبل بندر جي وچ ۾ مفاصلو فقط ڇهہ ميل هو. ٻئي دور ۾، جڏهن ريٽي ۽ هاڪڙي درياهہ جو سنگم اروڙ کان هيٺ ساعدي جي مقام وٽ ٿيندو هو؛ تڏهن اهو وهڪرو سنڌ جو وچ ڏئي، يعني اڳئين وهڪري کان ڪجهہ الهندو ٿي وهندو هو. رفتار هوريان هوندي هيس ۽ گهٽيءَ ايراضيءَ ۾ پکڙجي ويندو هو. هن علائقي ۾ ڍرتيءَ جو مٿاڇرو ڏکڻ ۽ اولهہ طرف هڪجهڙو هو، يعني لهنواري ۽ چاڙهہ واري طرف ۾ ڪو فرق ئي ڪونہ هو ۽ منصوره وٽ پهچڻ تائين ڇر ٿي ويندو هو. ڪيترائي ٻيٽ ٺهجي ويندا هئا. هيٺ وچي ٻئي وهڪرا پاڻ ۾ ملي ويندا هئا ۽ هڪ وڏو درياهہ ٺهجي ويندو هو. هڪ مورخ جو بيان آهي، تہ ان زماني ۾ ڪاهتار جي جابلو سلسلي جي

ملڪ مڪران ۽ منصوره جي وچ ۾ سوستان جي اولهہ ۾، سنڌ جي مهراڻ درياهہ ڪيتريون ئي ڏنڊيون بنايون هيون. مون کي پورو يقين آهي تہ منڇر ڍنڍ بہ انهن مان هڪ آهي. اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي، تہ هلندڙ صديءَ تائين ڪراچيءَ کي مڪران جو حصو سمجهيو ويندو هو.

هن زماني ۾ وهاٽ، بهاٽ يا جهلم جو چناب سان سنگم چنداني - اوٽ ۽ سائي وال Sa'e wal جي وچ تي ٿيندو هو. چنداني - اوٽ رچنا دوآبي ۾ ۽ سائي وال چن هاٽ دوآبي ۾ موجود هئي. سندن ميلاپ جو ماڳ ٣١ ڊگريون ٥١ فوٽ اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ ٧٢ ڊگريون ٢٨ فوٽ اوڀر ڊگهائي ڦاڪ تي واقع هو. ان کان پوءِ، ٻنهي درياهن جو گڏيل وهڪرو چناب جي نالي سان جهنگ سيالان کان چئن ڪان چوڏهن ميل اوڀر طرف وهندو آهي، (ڇاڪاڻ تہ سندس وهڪرو مختلف دورن ۾ اولهہ کان اوڀر ۽ اوڀر کان اولهہ ٻئي ڦرندو گهرندو رهيو آهي ۽ سڄو علائقو درياهہ جي پراڻن پيٽن سان ڇٽيو پيو آهي). ٻئي طرف راوي يا راوا بہ مختلف دورن ۾، هن علائقي جي پنجويهن ميلن اندر ٻئي هيڏهون جو هوڏي ليٽي آهي ۽ سندس وهڪري جو رخ گهڻو ڪري ڏکڻ - اولهہ طرف رهيو آهي، جيڪو موجوده وهڪري کان ڏکڻ الهندي پاسي لڙيل ڏسجي ٿو. اهو ست گهر Sath Ghar کان اٺ ميل اوڀر، هڙاپا کان بہ ساڳي مفاصلي تي اوڀر پاسي ۽ تلنبا کان پنج ميل اوڀر وهي، ملتان جي اوڀر ۾ ڪجهہ مفاصلي تي چناب سان سنگم ڪندو هو. اهو علائقو ملتان شهر جي پرسان ئي هوندو هو، جنهن کي طرف - راوي ڪري سڏيندا هئا.

ٽنهي درياهن جي گڏيل وهڪري کي تہ منهن، يا تہ منهن آب سڏيو ويندو آهي. هنن ماڳن کان گڏيل وهڪري جو رخ ڏکڻ طرف هوندو آهي، پر ٿورو لاڙو الهندي هوندو اٿس ۽ ملتان کان اٺاويهہ ميل هيٺ بياس سان سنگم ڪندو آهي. سيني درياهن جي گڏيل وهڪري کي عرب مورخن سنڌ رود يا رود سنڌ و هند (٥٥٣) سڏيو آهي، جيڪو اصطخريءَ جي قول مطابق ملتان کان ٽن منزلن جي پنڌ تي آهي. مهراڻ درياهہ سان ملڻ کان اڳ ۾ ئي هن وهڪري جو پاڻي مٺو

هوندو آهي. پين مصنفن جو حوالو ڏيندي هن کي نهر مهراڻ جي نالي به سڏيو آهي، تنهن کان پوءِ، سنڌ رود پنهنجي اڳئين وهڪري کان وڏيڪ ڏکڻ ـ ڏکڻ ـ اولهہ ڏانهن رخ ڪري، آچ جو اوپاريون پاسو ڏئي وهندو هو. ان دور ۾ ملتان ۽ آچ سنڌ ساگر دوآبي ۾ هئا، ۽ سنڌو، آب سنڌ يا نيل آب سان ملندو هو، جنهن جي وهڪري جو لاڙو ڏکڻ طرف (٥٥٤) هو ۽ ڪارا يا ڪالا باغ جي جابلو علائقي مان نڪري اچي آچ ۽ ملتان جي اوسي پاسي نڪرندو هو. پنجن درياهن جي گڏيل پاڻيءَ کي پنج ند يا پنج آب سڏيو ويندو هو. هن کان پوءِ سندس وهڪري جو رخ ساڳيو اڳئين وانگر رهي ٿو ۽ غوث پور ۽ "جڄ واهڻ " جي وچان وهي "مؤ" جي پرسان، پـَتي واهڻ، سوراءِ ۽ ميرپور جو اوپاريون (٥٥٥) پاسو ڏئي، پراڻي پيٽ ۾ وڃي پوندو هو، جيڪا هاڻي وڏيءَ ڍنڍ جي صورت ۾ بيٺل آهي. ان پراڻي پيٽ واري وهڪري مان ڪجهہ پاڻيءَ جو حصو هاڻي ناري تي بہ ملندو آهي. هي پنج ند يا پنج آب وارو آبي وهڪرو اڳئين جيان دوش آب وٽ اچي هاڪڙي يا واهندا سان ملندو هو. ستلج جي وهڪري کي هڪ هنڌ تڪاءُ ڪونہ هو. هيءُ بہ پنهنجو پيٽ مرحليوار بدلائيندڙ رهيو. ڪڏهن پنهنجي صفا اوپارئين پيٽ ۾ چمڪور ۽ پتنڊا جو اولاهيون پاسو ڏئي وهندو هو، ۽ هاڪڙي سان سندس سنگم "ولهار" وٽ ٿيندو هو. گهاگهر، سرستي، چتانگ ۽ انهن جي پرتي ڪندڙ شاخن جي پاڻيءَ کي هاڪڙو سڏيو ويندو هو. ان کان پوءِ ستلج الهندي ڏانهن لاڙو رکڻ لڳي. ان دور ۾ سنڌو، آب سنڌ يا اندس هيٺ صاحب ڳڙهہ ۽ ڪنڌارا يا ڪنڌارو جي وچ تي پر ڪنڌارو جي ويجهو هاڪڙي يا واهندا سان وڃي ملندو هو.

پنهي درياهن جنهن جو ذڪر عرب حملي واري زماني جي درياهن واري باب ۾ اچي چڪو آهي. تنهن دور جا سنڌو يا آب سنڌ، جند رود ۽ هاڪڙو يا واهندا، ٽئي مشهور درياهہ هوندا هئا. هنن درياهن جو ذڪر المسالڪ والممالڪ ۽ ابن حوقل بہ ڪيو آهي. هاڪڙي جو وهڪرو گهٽو وقت هڪ پيٽ ۾ ڪونہ وڙهو (؟) پر بہ درياهي ۾ وڌجي ويو. سندس وهڪري جو عام رخ ساڳيوئي رهيو. سندس اولاهين ريڻ يا ريٽي شاخ اروڙ ڏانهن وهڻ لڳي ۽ ان جو مکيہ وهڪرو سڌو ڏکڻ

طرف وهڻ لڳو، جيڪو ساعدي ڳوٺ پرسان پنهنجي شاخ ريڻيءَ سان ملندو هو. هن دور ۾ هاڪڙي جون پٽي شاخون جهازرانيءَ جي لائق هيونَ. وڏا پيڙا سمنڊ کان وٺي اروڙ، اڄ ۽ ملتان تائين ويندا هئا. مسلمان واپاري سيف الملوڪ واري روايت هن حقيقت کي هٿي ڏئي ٿي.

ساعدي جي ماڳن هيٺ هن مهراڻ درياهہ جو وهڪرو (٥٥٦) (اروڙ کان هيٺ هن درياهہ کي ان نالي سان سڏيو ويندو هو) ائين ساڳيو هيو، جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي. بهمن آباد منصوره کان اٽڪل اٺيتاليهہ چاليهہ ميل مٿي وري بہ درياهي ٿي ويندو هو ۽ منصوره کان هيٺ وڃي وري پاڻ ۾ ملندو هو. گڏيل پاڻيءَ جو وهڪرو ونگا ڏانهن منهن ڪندو هو ۽ شاڪرا جي وهڪري مان وهي، ڪوهرائي (٥٥٧) منهن رستي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. اهو ماڳ اڄوڪي بدين کان گهڻو دور ڪونہ هوندو هو. چاڙهہ جي زماني ۾ جڏهن سندس اهو اڪيلو وهڪرو پاڻي ڇڪي ڪونہ سگهندو هو، تہ لوڻي درياهہ (لوڻ، سنسڪرت ۾ salt کي چئبو آهي. (٥٥٨) نقشي ۾ Loony ۽ Loonee بہ لکيل آهي) رستي بہ پاڻي وڃي ڪڇ ۽ سنڌ جي وچ تي موجود ڇر ۾ پوندو هو. اها ڇر ڪنهن زماني ۾ درياهہ جو ويڪرو ڇوڙ هو.

اهو خيال نہ ڪيو وڃي، تہ هيءَ مهان درياهہ يا سندس پرتي ڪنڌڙ شاخون، ملڪ جي ميداني ٻُڌن مان لنگهڻ وقت پنهنجي اڪيلي نجي پيٽ مان وهنديون هيون. هن حقيقت ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجائش نہ آهي تہ اڄ جيان اڳي بہ درياهہ پنهنجي ٻنهي طرفن کان واهڙ ڪڍندا هئا، جيڪي ٿوري پنڌ کان پوءِ وري پنهنجي مکيہ وهڪري سان ملي ويندا هئا. ملي وڃڻ کان پوءِ ڪجهہ پنڌ لاءِ هڪ وهڪرو هلندو هو، پر وري بہ منجهائن ٻنهي ڪنڌين کان شاخون نڪرنديون هيون ۽ ٿوري پنڌ کان پوءِ مکيہ وهڪري سان ملي وينديون هيون. هتي مون فقط درياهن جي مکيہ وهڪرن جو ذڪر ڪيو آهي.

سال ٣٢٥هہ برابر ٩٤٦ع تائين روهڙي ۽ بکر جا شهر، جيڪي هاڻي سنڌو درياهہ جي ڪنڌيءَ سان آباد آهن، تن جو نالو نشان بہ موجود ڪونہ هو. ان

دور تائين پاڻيءَ جو ڪوبہ وهڪرو، پوءِ مهراڻ درياهہ جو هجي، يا هاڪڙي جو گذيل پاڻي هجي يا سنڌ رود، آب سنڌ هجي، هتان ڪونہ لڳهندو هو. اولهہ طرف واري مهتار سليمان جي اوڀارئين ۽ ڏاکڻين جابلو علائقي جو پاڻي ۽ اوپر روجهاڻ واري ڏس کان هاروَ ۽ سوهان ندين جو پاڻي بہ وهي اچي سنڌو يا آب سنڌ ۾ پوندو هو. پيون نديون جهڙوڪ ناڙي ۽ ليهري، ڪوهہ سرخ يا رتا روهہ ۽ مهتار سليمان کان اچي هن آبي وهڪري ۾ پونديون هيون. مذڪوره نديون افغان سرحد ڪان ڏکڻ کان ايندڙيون هيون. (هاڻي اهي افغان ملڪ ۾ موجود آهن. هاڻي شايد انهن کي برٽش بلوچستان جي نالي سان سڏيو ويندو آهي). اتر پاسي کان وري بولان، گهاڙ ۽ گاج نديون ايندڙيون هيون. (ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪن ۾ هاڻي کان اڳي پاڻيءَ جو مقدار تمام گهٽجو هوندو هو). اهي اتر کان ڏکڻ خيري ديري کان شهدادپور ڏانهن وهنديون هيون. ٿي سگهي ٿو تہ درياهہ جي ان پراڻي پيٽ ۾ وهنديون هجن، جنهن کي نقشي ۾ اولهہ نارو لکيو ويو آهي. پاڻيءَ جو هيءُ وهڪرو اڳتي هلي مڪران ۽ منصوره جي وچ تي ڍنڍون ٺاهيندو هو، جن مان هڪ منڇر بہ آهي، جتي گهٽجو پاڻي مڙي اچي گڏ ٿيندو هو (٥٥٩). اهڙو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. ان ڍنڍ مان پاڻي هڪ واهڙ جي صورت ۾ ڏکڻ - ڏکڻ - اوڀر طرف نڪرندو هو، جنهنتي نصرپور (٥٦٠) جو شهر آباد ڪيو ويو هو. اتان کان مختلف وهڪرن ۾ وهندو، ونگا ڏانهن رخ ڪندو هو ۽ پراڻ (٥٦١) ڍوري سان وڃي ملندو هو. انهيءَ طرف تي اهڙا پراڻا وهڪرا اڃا بہ ڏسي سگهجن ٿا. ان کان پوءِ انهن شاخن گڏجي گونيءَ نالي نئون وهڪرو جوڙي ورتو، جيڪو مهراڻ يا واهندا جي پاڻيءَ سان گڏ ڪوهراءِ جي ڪاريءَ رستي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو.

عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان ڏيڍ سؤ سال پوءِ مهراڻ درياهہ يا هاڪڙي ۽ سندس ڀرتي ڪندڙ شاخن جو صورت حال ائين هو، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي. هن ئي دور ۾ اصطخريءَ المسالڪ والممالڪ لکيو. هن ئي زماني ۾ ابن حوقل سنڌ آيو ۽ پنهنجي ڪتاب اشڪال البلاد لاءِ مواد ڪٺو ڪيائين. جڏهن ابو ريحان البيرونيءَ پنهنجو ڪتاب طبقات الهند (٤٢٢هہ - ١٠٣٠ع) ۾ لکي پورو (٥٦٢)

ڪيو. تنهن کان گهٽو اڳ وڏي تبديلي اچي چڪي هئي. ان لاءِ نہ هن پاڻ، ۽ نہ ئي هو وري رشيدالدين - جنهن هن کي ماخذ ڪري ڪتب آندو آهي، صحيح ڳالهہ ٻڌائڻ ۾ ڪامياب ويا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ سندس بيان حقيقت مطابق هجي. حوالو هن ريت آهي تہ، "بهاٽ ۽ چناب ملتان کان اولهہ پاسي وهنديون هيون" ۽ پنج ئي درياهہ جهڙوڪ آب سنڌ يا سنڌو درياهہ، وهاٽ، چناب، بياس ۽ اراوا يا زاوي، ستلادر يا ستلج سان ملتان کان هيٺان پنج نَد جي مقام وٽ ملنديون هيون. اها هڪ ناممڪن حقيقت آهي ۽ نالو بہ غلط آهي. مختلف تاريخن جي بيانن مان اها ڳالهہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ ستلج درياهہ سندس وقت کان وٺي اچ جي گهيري تائين يعني ٻہ صديون ڪانئس پوءِ بہ ستلج هاڪڙي جي پرتي ڪنڌڙ شاخ رهي آهي. پيو تہ مذڪوره پنج درياهہ هاڪڙي سان دوش - آب (٥٦٣) وارن تاڪن وٽ ملندا هئا.

ٻي تبديلي مهراڻ يا هاڪڙي درياهہ جي اولاهينءَ شاخ ۾ آئي آهي. ان شاخ رين يا ريٽيءَ، جنهن سان اڳ ۾ سندس پرتي ڪنڌڙ شاخون ملنديون هيون ۽ انهن جي گڏيل وهڪري کي ڪنڌارو يا ڪنڌارا وٽان ڪوٺي، انجي رخ کي وڌيڪ الهندي ڏي، روهڙيءَ ۽ بکر وارين ٽڪرين ڏانهن موڙي ڇڏيو ويو هو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ اهي ٻئي شهر سندس ڪنڌين تي آباد ڪيا ويا. منهنجو خيال آهي تہ اهو وهڪرو مذڪوره وهڪري کان بہ الهندي هو. جيڪڏهن زير بحث وهڪرو اهو هجي ها، تہ نتيجي ۾ اروڙ تباهہ ڪونہ ٿئي ها. اڳيون وهڪرو اروڙ کان ميل يا ڏيڍ ميل اوپر طرف کان وهندو هو. جيڪڏهن سنڌوءَ يا آب سنڌ جي وهڪري ڏانهن ڏسندا سون تہ اهو الور شهر کان ساڍا چار ميل ۽ قديم وهڪري کان ڇهہ ميل الهندي آهي ۽ اتان کان اروڙ تائين پاڻي ڇڪي اچڻ لاءِ ڪابہ تڪليف نہ ڪانہ ٿئي ها (٥٦٤). هن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ پهريون تبديل ٿيل وهڪرو اروڙ کان گهٽو پري اولهہ تي هو ۽ گهٽو ڪري تہ سنڌ جي وڏيءَ ترائيءَ، جنهن کي يورپي سنڌ هالو (٥٦٥) Sind Hollow سڏيندا هئا، اوڏانهن وهي رهيو هو. يا وري اتر اولهہ واري ڪنهن ٻئي پراڻي پيٽ

۾ وهي رهيو هو، جنهن تي اڄڪلهه شڪارپور جو شهر آباد آهي. ان کان پوءِ، اڳتي وڃڻ بدران ڏکڻ طرف مسوڙو کائي، آب سنڌ جي پراڻي پيٽ ۾ وهڻ لڳو، جيڪو روهڙيءَ کان سيوهڻ جي وچ تي موجود هو، (٥٦٦) جهڙيءَ ريت اڄڪلهه وهي رهيو آهي.

مسلمان واپاري سيف الملوڪ واري روايت ته هن اروڙ مٿان درياهه جو رخ بدلايو هو، سا ڪوڙي آهي يا سچي، منهنجو ويساهه ته اهو آهي ته اهڙين روايتن ۾ ڪجهه حصو سچائيءَ جو ضرور هوندو آهي (٥٦٧). ڇاڪاڻ ته درياهه جو منهن موڙڻ ڪا مشڪل ڳالهه ڪانه هئي. هن روايت سان لاڳاپيل ماڻهوءَ جي گهر جا نشان يا سنڌس پٽن جون مزارون، اجا تائين ملتان پرسان ڏيکاريون وينديون هيون، جيڪي اڄ تائين موجود آهن يا گهٽ ۾ گهٽ گذريل صديءَ تائين ته موجود هيون. پيو ته هڪڙو اچرج جهڙو واقعو ٿيو، جيڪو هن روايت سان ٺي لاڳاپيل آهي، ته انهن مزارن سان گڏ ان مسلمان واپاريءَ جي درياهه تي ٻڌايل ٻنڌ جا نشان به ڪجهه سال (٥٦٨) ٿيا ته اجا بيٺا هئا. اها وارتا اروڙ کان چوويهه ميل ۽ ريٽيءَ جي پيٽ کان اٺ ميل مٿي اتر-اولهه طرف تي هئي، جنهن کي نقشي ۾ ريٽي اين لکيو ويو آهي. منڙائو يا منڙاهوءَ کان وهندڙ هاڪڙي جي پراڻي پيٽ کان ساڳئي طرف ويهن ميلن تي ۽ ان ماڳ کان چوونجاهه ميل هيٺ، جتي هاڪڙو، پنج ند کان ايندي ۽ سيني پرتي ڪندڙ شاخن جو پاڻي کڻي ڦيريون ڦيرو به درياهيءَ ۾ وريجبو آهي. هتان جي رهواسيءَ حيدرآباد جي ڪليڪٽر کي، جنهن بيٺ متعلق ٻڌايو، سو اڄ تائين به موجود آهي. پر وقت گذرڻ سبب ڪجهه بدلجي ويو آهي. اهو زمين جو ٽڪرو ٻن درياهن جي وچ تي موجود هوندو هو. هندوستان جي نقشي Indian Atlas ۾ ان کي غوريلا واهه جي نالي سان سڏيو ويو آهي ته (غوري ڪي واهه؟ هن بگڙيل نالي جو تعلق فتح محمد غوريءَ سان ڀانئجي ٿو. هتان جو ڪو عملدار هو، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو) ريٽي اين به لکيو ويو آهي. هيءُ وهڪرو ڦيريون ڦيرو ريٽيءَ پرسان اتر به درياهيءَ ۾ وڃبو هو (سنڌيءَ ۾ ريٽيءَ جي معنيٰ واري آهي)، ۽ خيرپور ڏهرڪيءَ جو اوڀاريون پاسو ڏئي وهندو

هو. ٻيو دفعو ونجهڙوٽ کان ٿورو اتران ڇڇندو هو ۽ هن شهر جو اولاهون پاسو ڏئي وهندو هو. ٻئي وهڪرا ڏکڻ - ڏکڻ - اولهه جو رخ ڪري اڳتي وڌندا هئا. پيٽ، جنهن جو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، سو انهن ٻنهي درياهن جي وچ تي موجود هوندو هو. آخر ۾ بيان ڪيل وهڪري جي ٻه ميل اوپر طرف هاڪڙي جو مکيه وهڪرو هو، جنهن کي واهندا به چوندا هئا. هن وهڪري جي پراڻي پيٽ کي نقشي ۾ غلط نموني The old bed of river Wundun ڪري لکيو ويو آهي.

ملتان جي عملدار حيدرآباد جي ڪليڪٽر کي هن ريت ٻڌايو ته ”بهاولپور رياست جي حدن ۾ منڻ ڪوٽ کان تيرهن ميل ڏکڻ - ڏکڻ - اولهه ۽ اُچ کان ايڪيتاليهه ميل ڏکڻ - اولهه طرف غوث پور جي ماڳن وٽ ڪن جاين تي ناري درياهه جو پيٽ هڪ سؤ ويهه ميل ويڪرو آهي. ان ايراضيءَ ۾ هن وهڪري جو نالو ”تورَ ڪري“ Toor kurree هوندو هو ۽ گهڻو هيٺ هن کي ناري جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اوهان جيڪڏهن منهنجي تيار ڪيل نقشي نمبر ١ جو مطالعو ڪندا ۽ بهاولپور جي سروي واري نقشي کي ڏسندا، جنهن ۾ هڪ ميل جو ماپو هڪ انچ رکيو ويو آهي، ته غوث پور جي اوسي پاسي هڪ خطو آهي، جنهن جو بيان مٿي به ڪيو ويو آهي. مذڪوره خطو برسيل پور جي اوپر - ڏکڻ - اوپر طرف ويجهو ۽ هڪ سؤ ڏهه ميل ويڪرو آهي. ان جي ڊيگهه اٽڪل هڪ سؤ چاليهه ميل ٿيندي. منجهس واريءَ جون ڊبون ۽ پراڻا پيٽ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. سمجهه ۾ اهو اچي ٿو ته مختلف دورن پنج ند کان ايندڙ وهڪري، آب سنڌ يا سنڌ درياهه ۽ هاڪڙي جي پاڻيءَ جي ڪساڌ ۽ پائيندڙ (پائڻ) جا اهڃاڻ آهن، جيڪي هتي اچي ملندا هئا ۽ هتان الڳ ٿي هرڪو وهڪرو پنهنجو جدا رستو اختيار ڪندو هو. ان کان پوءِ هڪ وڏي تبديلي آئي ۽ وهڪرن هن ماڳ تي ملڻ ڇڏي ڏنو. شايد اها تبديلي ستلج جي جدا نئين وهڪري بنائڻ سبب ٿي هئي ۽ سيني درياهن جو هاڪڙي سان ملڻ جو ماڳ ٺي بدلجي ويو. هن ڳالهه مان هيءَ حقيقت به معلوم ڪري سگهجي ٿي، ته وچ تي پراڻي زماني وارو بند dyke، جنهن جو

حوالو مٿي بيان ڪيو ويو آهي، تعمير ڪيو ويو هوءِ وقت بوقت ان جي مرمت ڪئي ويندي هئي. ان وقت جو درياهي وايو منڊل بہ هن مقامي روايت جي (٥٦٩) تصديق ڪري ٿو.

برٽن، جنهن سنڌ جو گھڻو علائقو گھمي ڦري ڏٺو هو. جڏهن ڪيس سروي ۾ مقرر ڪيو ويو تہ هو (Scinde Vol.I, p-202) ۾ چوي ٿو تہ، "هيءَ علائقو ڪجهہ لهنوارو آهي، لٽ ۽ واريءَ سان ڀريل آهي، جتان سنڌو درياهہ ڏاڍيءَ سولائيءَ سان پنهنجو رستو ٺاهي سگهندو آهي. اڄ بہ جيڪڏهن هن مقام وٽان سنڌوءَ جي پيٽ ۾ پڪين سرن سان بہ ٽي فوٽ دڪو هڻبو، تہ سنڌو درياهہ پنهنجو وهڪرو بدلائي، ٻئي پاسي ڪري ڇڏيندو ۽ ڪي وڏا شهر ۽ ويهہ ٻيا وچولا شهر ڪيترين وسنديون ۽ وانڊيون ۽ باغ باغيچا سڀ واريءَ جي ڍڳن ۾ تبديل ٿي ويندا. مهينو ڪن اڳي جاتي رڻ پٽ بيابان هوندو هو، سو ماٺهن سان ڀر جي ويندو. جيستائين سنڌو درياه جي هيٺين ڀاڱي جو تعلق آهي، تہ انهي باري ۾ اڪيچار خيال ۽ تصور آهن ۽ هن منجهيل معاملي تي ڪيترا تضاد، بحث مباحثا، گفتگو، سوال جواب ٿي چڪا آهن. ان متعلق اسان کي ڊاڪٽر لارڊس جي لکت "ممايرَ آن دي پلئن آف دي انڊس" جو مطالعو ڪرڻو پوندو ۽ ان سان گڏ يونان جي ارسطو بيوليس جو بيان، جيڪو صفحه ٤٦٩ ۽ ٤٧٠ تي ڏنو ويو آهي، سو پڙهڻو پوندو.

پوستنس بہ پنهنجي ڪتاب "پرسنل آبزرويشنس آن سنڌ" جي صفحي ١٨ تي سنڌوءَ جي باري ۾ چوي ٿو تہ، "سکر، روهڙي يا حيدرآباد کان هيٺ جهرڪن وٽ، سنڌو درياهہ کي، اولهہ پاسي کان جابلو علائقي هجڻ ڪري الهندي ڏانهن سرڪڻ کي روڪي رکيو آهي. پر ٻين هنڌن تان پنهنجن وهڪرن کي پنهنجي مرضيءَ پٽاندر ڀيو مٽائيندو رهيو آهي. اتي مٿاڇري کان هيٺان واري زمين ايتري تہ لٽاشي ۽ وارياسي آهي، جو پاڻيندڙ ڪري، هڪ ڪلاڪ اندر گهڻو ڪجهہ پائي ڪائي ويندو آهي... سانيڪي راتين ۾ سنڌو درياهہ جي پائيندڙ جو آواز ائين لڳندو آهي، ڄڻ ڀري ڪاٽي توبن جا گولا ڇٽي رهيا هجن."

اهڙا آواز تہ مان پنهنجي سر بہ پڌا آهن ۽ انهن سيني ماڻهن بہ پڌا هوندا، جيڪي ان موسم ۾ هن عظيم درياهہ جي پرپاسي ۾ موجود هوندا آهن. مان پنهنجي اکين سان ڪيئي ايڪڙ زمين، وڻ سڀ ڪجهہ هڪ ڏينهن اندر گجگوڙن سان هن درياهہ ۾ لڙهندي ڏٺا آهن ۽ مان اهڙيون وارتائون ساڳي ئي ڏينهن ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ڏٺيون آهن.

ان ڳالهہ جو پورو ويساهہ آهي، تہ پراڻي دور ۾ جيئن واپاريءَ لاءِ چيو ويندو آهي، تيئن جيڪڏهن موجوده دور واري سنڌوءَ جو وهڪرو ڦيرائي سگهجي ٿو. اها ڳالهہ جيڪا سيف الملوڪ ڏانهن منسوب ڪئي ويندي آهي، تہ هن هڪ هزار پورهيتن کي ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون ڪم سان لائي مذڪوره بند پڌرايو هو. اها ڪا ناممڪن ڳالهہ نہ آهي. هن اروڙ کان مٿان ڪوٽائي ڪرائي هڪ واهہ کوٽايو. بند پڌڻ واسطي هن مٽي ۽ وڻ ڪپرائي استعمال ڪيا هوندا. جڏهن ان نئين کوٽايل واهہ ۾ درياهہ جو پاڻي چڙهيو ويو هوندو تہ پوءِ درياهہ پاڻ ان جي ڪپرن کي پائي ڪائي پنهنجو نئون وهڪرو ٺاهي چڙيو هوندو ۽ اڳتي وڃي وڏي ڍوريءَ ۽ ڪنهن پراڻي وهڪري ۾ داخل ٿيو هوندو. پهريائين هن وهڪري ٽڪرين جي اولاهئين پاسي کان وهڻ شروع ڪيو هوندو. ان کان پوءِ اجا ڪجهہ ويجهو سر ڪي ٽڪرين جي اولهہ ۾ ۽ موجوده دور جي شهر سکر جو بہ اولاهيون پاسو ورتو هوندائين. هن وهڪري کان بعد سنڌوءَ روهڙيءَ ۽ بکر وارو وهڪرو اختيار ڪيو هوندو. هن دور ۾ پنج آب وارو وهڪرو هاڪڙي يا واهندا جي پرتي ڪندڙ شاخ ڪونہ رهيو هو، جيڪو دوش آب جي ماڳن وٽ سنگم ڪندو هو. پر اهو الهندي طرف لاڙو ڪري هاڪڙي جي الهنديءَ شاخ ريٽيءَ سان وڃي ملندو هو. هاڪڙي جي مکيہ وهڪرن کي سنڌ رود يا پنج ند يا پنج آب جو پاڻي ڪونہ ملندو هو، يا جيڪڏهن ملندو بہ هو تہ ان جو مقدار بلڪل ٿورو هو. جڏهن هاڪڙو هڪ دائمي وهندڙ درياهہ واري پنهنجي حيثيت وڃائي ويٺو تہ سندس چاڙهہ ريٽيءَ کي غوث پور (٥٧٠) واري نئين پنج ند وٽان فقط چاڙهہ واري موسم ۾ پاڻي ملندو هوندو. پنج ند جو اهو پاڻي ريٽيءَ جي وهڪري جي

هيٺئين ڀاڱي ۾ وڃي ڪاٽي ملندو هوندو ۽ ان کي ڪاٽي پائيٰ ويڪرو ڪري ڇڏيو هونداٿين. ان کان پوءِ هيءُ وهڪرو وچ واري ٽڪرين وارو خال ڀري اڳتي وڃي وهڪري ۾ داخل ٿيو هوندو. هاڻي هن وهڪري جي ڪنڌيءَ تي روهڙيءَ جو شهر آباد آهي ۽ وچ واري ٻيٽ تي بکر جو شهر وسي ٿو. غزنيءَ جي ترڪ سلطان جي دور ۾ هي ٻئي شهر آباد ڪونہ هئا. ماٿيلا (٥٧١) (جنهن کي سنڌيءَ ۾ ماٿيلو سڏيندا آهن)، جيڪو هنن ٻنهي شهرن کان سٺتيهہ ميل اتر-اوڀر طرف آهي، تنهن کي سال ٤٤٠هہ (١٠٧٠ع) ۾ سلطان مسعود جي جنرل ابوالحسن حملو ڪري فتح ڪيو هو. ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو تہ هن ايراضيءَ جو تمام سگهارو ۽ اهم قلعو هو. جيڪڏهن ان وقت بکر موجود هجي ها، تہ ان جي وايو منڊل ۽ سگهاري حيثيت ۽ اهميت کي نظر ۾ رکي ان متعلق بہ اکر (٥٧٢) ضرور لکيا وڃن ها. جڏهن غزنيءَ جي حڪمران سلطان معزالدين سام اُچ جي رستي سن ٥٧٣هہ (١١٧٧ع) ۾ گجرات تي حملو ڪيو تہ روهڙيءَ ۽ بکر جو ذڪر ڪونہ ٿو ملي. ان زماني ۾ هن ملتان کان سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي تي حملو ڪيو هو ۽ سمنڊ جي ڪناري تائين سڄو علائقو پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو هئائين. جيڪڏهن اهي ٻئي شهر سنڌوءَ جي ڪناري آباد هجن ها، جن جي باري ۾ مونکي ڪو اهڙو ويساهہ ڪونہ آهي، تہ اهي غير اهم هوندا. حقيقت اها آهي تہ بکر تہ ناصرالدين قباچه ٦٠٢ - ٦٢٥هہ (١٢٢٧ع - ١٢٠٥ع) جي زماني ۾ بہ نظر ڪونہ ٿا اچن. ان زماني ۾ هو اُچ جو حڪمران هو ۽ سنڌ ان ۾ شامل هئي. ان دور ۾ بکر هڪ مضبوط قلعي جي حيثيت ۾ اڀري آيو هو. ڀر ڀيٽ تي هجڻ بدران هڪ اڀيٽ تي هو. جنهن باري ۾ آءٌ ڪجهہ حقيقتون پيش ڪندس. اهو بہ امڪان آهي تہ هيءُ قلعو ملڪ ناصرالدين قباچه اڏايو هجي. ايتمر (Aetmur or Aitmur) اُچ جو گورنر هو، جنهن ۾ سنڌ بہ شامل هئي. هن علائقي جي فتح ڪرڻ کان پوءِ هيءُ ٻئي ڀهريون جاگيردار هو. هيءُ ملڪ آندخُد Andkhud جي ماڳن وٽ ٦٠١هہ (١٢٠٤ع) سلطان جي شڪست دوران ماريو ويو هو. سندس موت کان پوءِ ملڪ (بعد ۾) سلطان، ناصرالدين قباچه کي جاگيردار مقرر ڪيو

ويو. بکر جو قلعو ۽ شهر پورين پن صدين تائين بکر جي اپيٽ تي موجود رهيا. ان کان پوءِ ڇا ٿيو جو پنج ند يا پنج آب وارو پاڻي سنڌوءَ سان ملي ويو، جنهن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي. پاڻي گهٽي مقدار اچڻ ڪري بکر جي اولهه وارو ڪڇيءَ نکريءَ وارو پاڳو پاڻي لوڙهي ڪٽي ويو ۽ بکر قلعي جي اولهه طرف کان به پاڻيءَ جو وهڪرو شروع ٿي ويو هو. جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو بکر جو قلعو بکر جي شهر کان (٥٧٧) الڳ ٿي ويو. پاڻيءَ جي ڪاڏ اجا به جاري آهي ۽ خواجه خضر وارو پيو پيٽ به بڻجي ويو، جنهن کي تاريخ ۾ خواجه خضر جو ٿان چيو ويو آهي. عربن هٿان سنڌ جي شڪست کان اڍائي صديون پوءِ به بکر مکيه پيٽ جو پاڳو هو.

جيڪو ڪجهه آءٌ مٿي بيان ڪري آيو آهيان، ان لاءِ هڪڙو تاريخي واقعو ان جي وقت تعين ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ضرور ڪندو. جڏهن سنڌوءَ ۾ پنج ند يا پنج آب جو گڏيل وهڪرو بکر ۽ روهڙيءَ وچان لنگهيو ته اهي ٻئي ٿاڪ هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا. خواجه خضر (٥٧٤) جي ننڍڙي پيٽ تي هڪ مسجد موجود آهي، جنهن جي تعمير تمام پراڻي دور سان واسطو رکي ٿي. منجهس هڪ ڪتبو آهي، جنهن جي پڙهٽي هن ريت آهي:

Know that, when this fabric was raised
Khizer's waters encompassed it round about.
This pleasing hemstitch Khizer wrote
In the 'Court of God' the date is found.

ابجد جي اصول مطابق هن قطعه مان ٣٤١هه تاريخ نڪري ٿي ۽ عيسوي سال ٩٥٢-٥٣ ٿو بيهي. هي عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان ٻه سؤ ائيتاليهه سال پوءِ جي وارتا آهي. عبدالملڪ بن نوح ساماني هن واقعي کان فقط ٻه سال پوءِ چوگان يا پولو کيڏندي گهوڙي تان ڪري پيو ۽ مري ويو هو.ان زماني ۾ سنڌ تي خلافت جو نالي ماتر اثر هو. ملتان ۾ ڪرمتي فرقي جو زور هو، جن جي طاقت کي سلطان محمود غزنويءَ اچي ختم ڪيو هو.

مير معصوم بکريءَ جي زماني تائين سکر جي موجودگيءَ جو ذڪر اسان کي ڪونہ ٿو ملي. هيءُ پاڻ بکر جي علائقي جو رهاڪو ۽ سنڌ جو مورخ هو. اڪبر بادشاهہ جي زماني ۾ سنڌس عملدار هو ۽ ويهن سالن جي نوڪريءَ ڪان پوءِ ڪيس بکر جي علائقي ۹۹۹هہ (۱۵۹۰ع) ۾ هڪ جاگير ڏئي اتي رهڻ جي ڪيس اجازت ڏني وئي هئي. هيءُ مورخ سکر ڪان هڪدم بعد بُکر جو نالو ڪٺي ٿو. پر اسان کي پورو ويساهہ آهي، تہ اهي شهر انهن نالن سان گهڻو پوءِ مشهور ٿيا هئا. اهڙيءَ ريت هيءُ نتيَ جا بہ حوالا ان طريقي سان ڏئي ٿو. پر ڏسون ٿا تہ هن شهر جو بنياد صديون پوءِ پيو هو. هن مورخ جي لکيل تاريخ ڪان اڳي جيڪي بہ تاريخون لکيون ويون، انهن ۾ هنن شهرن جو ڪاٿي بہ ذڪر ڪونہ آيو آهي. هن بہ پنهنجي تاريخ ۾ سکر جي نئين شهر طور ڪٿي بہ ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ هن شهر کي اڳ ۾ بکر طور سڃاتو ويندو هو. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ پنج ند يا پنج آب جي گڏيل وهڪري جو گهڻو پاڻي روهڙيءَ ۽ بکر وچان لنگهڻ لڳو تہ بکر جو اڀيت، جيڪو هڪ پاسي ڪان زمين سان ڳنڍيل هو، سو ڇڄي بيٽ جي شڪل اختيار ڪري ويو. ڇاڪاڻ تہ پاڻيءَ جي وهڪري ڳنڍيل پاسي کي اتر ڪان پاڻي بيٽ ڪان شهر جدا ڪري ڇڏيو هو ۽ ان جي جدا ٿيل شهر کي سکر (۵۷۵) سڏيو ويو. ان لفظ جي معنيٰ ڇا آهي، تنهن بابت مان ڪجهہ چئي نٿو سگهان. پر ايترو سمجهي سگهجي ٿو تہ سکر ۽ بکر ۾ ڪو لاڳاپو ضرور آهي. يڪر هاڻي تمام گهٽ لکيو ويندو آهي. پر ان کي لکيو صحيح ڪونہ ويندو آهي. تاريخ ۾ ذڪر آهي تہ مير معصوم بکر ۾ وفات ڪئي ۽ کيس بکر ۾ دفن ڪيو ويو. سندس مقبرو ۱۸۴۸ع تائين اتي موجود هو. (ريلوي اختياريءَ جي ڪنور دل عملدارن ان سان هٿ چراند نہ ڪئي تہ هاڻي بہ اتي هوندو ۽ صحيح سلامت هوندو). پرسان وڏو منارو هوس جيڪو پاڻ مير معصوم جوڙايو (۵۷٦) هو. هاڻي اهو سکر جي ڪنٽونمينٽ جي ايراضيءَ جي اندر آهي. هن علائقي کي هاڻي پراڻو سکر چيو ويندو آهي. مناري پرسان هڪ وڏو دڙو آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي، تہ ان جاءِ تي قديم زماني جي ڪنهن

سنڌيءَ راجا جو ڪوٽ هو.

هن ڳالهہ مان هيءَ حقيقت ثابت ٿئي ٿي تہ جنهن کي هاڻي پراڻو سکر چوندا آهن، سو دراصل بکر جو باقي رهندڙ حصو آهي، جنهن کي پنج ند جي پاڻيءَ قلعي جي خشڪيءَ واري پاسي کان وهڪرو بنائي بکر جي قلعي کان جدا ڪري ڇڏيو. تاريخ مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن سلطان ناصرالدين قباچه مٿان سلطان شمس الدين التمش جو وزير سن ٦٢٥هہ (١٢٢٨ع) ڪاهي آيو، تہ هن بکر جي شهر مان نڪري بکر جي قلعي (٥٧٧) ۾ پنهنجو بچاءُ ڪيو هو. ان زماني ۾ جيڪڏهن بکر هڪ ٻيٽ هجي ها ۽ اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو تہ درياهہ جون ٻيڙيون بہ سنڌ ۾ ضابطي هيٺ هيون، تہ دشمن سان ان وقت تائين مقابلو ڪندو رهي ها، جيستائين وٽس کاڌو خوراڪ موجود هئي. پر جيڪڏهن قلعي جي صورت حال ائين هجي ها، جيئن شاهہ حسين ولد شاهہ بيگ ارغون جي زماني ۾ قلعي جي نئين سر مرمت ڪرڻ وقت هئي، جو دشمن جي بيهڻ لاءِ قلعي جي پاسي ۾ جڳهہ ئي بچيل ڪانہ هئي، تہ پوءِ قباچه گهڻو وقت مقابلو ڪري پئي سگهيو. ڇاڪاڻ تہ ان وقت توب وغيره ڪتب آڻڻ جو رواج ئي ڪونہ پيو هو. بکر جي ٻيٽ جي، خواجه خضر واري ٻيٽ سميت، ڪل ويڪر پنج سؤ گز (وال) ٿيندي.

مان هن ڳالهہ جي بہ اوهان کي معلومات ڏيندو هلان، تہ آئين اڪبريءَ ۾ سکر جو ذڪر ڪونہ آهي. باقي بکر، روهڙيءَ ۽ اروڙ متعلق بيان ضرور ملندا. ملتان صوبي جي بکر سرڪار جو محال بہ بکر شهر هوندو هو. جڏهن اڪبر بادشاهہ جي پيءُ همايون هن ماڳ تي پورا ٻہ سال گهيرو ڪيو ويٺو هو، تہ بکر جي اوسي پاسي اڃ جيان گهڻا ٻيٽ موجود ڪونہ هئا.

مير معصوم پنهنجي تاريخ ۾ بيان ڪيو آهي، تہ شاهہ بيگ ارغون مغل، جنهن سنڌ فتح ڪئي تہ ٺٽي جي سوٻي کان پوءِ، پهريون ٻيرو بکر جو قلعو ڏسڻ ويو هو تہ ان وقت بکر هڪ ٻيٽ جي صورت ۾ هو. جڏهن چانڊڪا پرڳڻي کان بکر ڏانهن وڃي رهيو هو، تہ ڪيس رستي ۾ پنهنجو وزير مليو، جنهن کي هن ڪجهہ

وقت اڳ سرڪار جي قصبه ڏانهن موڪليو هو (ٻن نسخن ۾ قصبه ۽ ٽئين ۾ سرڪار لکيل آهي). هن واقعي کان پوءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته بکر جي قلعي ۾ رهندڙ سيد پنهنجي مرضيءَ سان ڇڏي وڃي روهڙيءَ ۾ ويٺا.

شاهه بيگ ارغون پنهنجي پٽ مرزا شاهه حسين سان بکر جي قلعي جي مرمت ۽ ويڪري ڪرڻ جو صلاح مشورو ڪري، پڪيون سرون هٿ ڪرڻ واسطي، اروڙ جو پراڻو قلعو، سمن ۽ ترڪن جا گهر ڊهرائي ڇڏيا هئا. اهو وڌايل ۽ پراڻو مرمت ڪيل قلعو ١٠٠٧هه (١٥٩٨ع) تائين چڱيءَ حالت ۾ موجود هو.

مير معصوم پنهنجي تاريخ ۾ لکي ٿو ته، همايون بادشاهه، مرزا شاهه حسين ارغون طرفان موڪليل سفير سان بکر جي شهر ۾ ملاقات ڪئي هئي، جيڪو ضرور خشڪيءَ تي هوندو. ڇاڪاڻ ته همايون بادشاهه بکر جي قلعي ۾ مرڳو وک ئي ڪانه پاتي هئي. جڏهن وري ساڳي تاريخ ۾ اهو پڙهون ٿا ته "بادشاهه جي گهيري ڪندڙ لشڪر مٿان، بکر جي قلعي مان اندران حملو ڪيو ويو. همايون بادشاهه ڪي قلعي تي سگهاري گهيري رکڻ ۽ ان کي فتح ڪرڻ واسطي گهربل سازو سامان جي ڏاڍي لوڙ هئي." هن ڳالهه مان اسان اهو سمجهون ٿا ته ان وقت تائين بکر جو قلعو، ٿورو يا گهڻو خشڪيءَ سان ضرور ڳنڍيل هو. ڇاڪاڻ ته ٻيٽ جي صورت ۾ وڌ ۾ وڌ ٻيڙين جي ضرورت پوي ها، جيڪي گهيري سان لاڳاپيل سامان وغيره ڍوئي پئي سگهيون ۽ اهي بادشاهه وٽ ڪونه هيون ۽ نه وري انهن جو ذڪر ئي موجود آهي.

هيءَ حقيقت مون بحث جي موضوع کان ٻاهر وڃي بيان ڪئي آهي. هاڻي مان درياهن متعلق ٻين دورن جي واسطي سان بحث ڪريان ٿو.

هاڪڙي جي اولاهين شاخ کي اروڙ جي اوسي پاسي کان اولهه طرف ڏانهن موڙيو ويو ۽ رڳو ان اڪيليءَ شاخ کي. ڇاڪاڻ ته اسان کي ان وقت جي مورخ ۽ طبقات ناصريءَ جي مصنف جي شخصي ڄاڻ معرفت پتو پوي ٿو ته ٦٢٤هه (١٢٢٧) ۾ ونجهروٽ، هاڪڙي جي ڪنڌيءَ سان آباد هو، سو ان سڪئي ستابي علائقي جو صدر مقام هو، جيڪو بيڪانير جي دنگ تائين پکڙيل هو. مصنف

جڏهن مٿئين سال ۾ خراسان کان اُچ پهتو هو. هو غزنيءَ کان ڪوهه جد واري بانيان رستي اُچ آيو هو. هن اهو سفر جهلم يا بهاٽ وسيلي ڪيو هو. ڪيس علاؤالدين محمود شاهه بهرام ولد ناصرالدين قباچه جي اُچ ۾ رهنڌڙ فوج جو قاضي ۽ فيروزي مدرسي اُچ جو مهتمم مقرر ڪيو هو. ان وقت ڪئمپ اهراوت Ahrawat (ممڪن اهي ته Ahar-ot هجي) جي ڳوٺ جي بلڪل سامهون هنئي وئي هئي. قباچه جي ٻيڙين جو آرماڙ، جنهن تي سندس لشڪر جي رسد جو سامان لڏيل هو، سو به درياهه جي ڪناري سان لنگر هنيو سامهون بيٺو هو. جڏهن دهليءَ جو لشڪر ظاهر ٿيو ته مصنف به اچي ان دشمن فاتح لشڪر ۾ شامل ٿيو. ڀهريون جاگيردار، جنهن جي خدمت ۾ هو ڀهريائين حاضر ٿيو، سو ملڪ تاج الدين، سنجر غزلڪ خان هو. سندس شخصيت متعلق ٻڌائي ٿو ته هو ڏاڍو سخت گير ۽ حشمت وارو ماڻهو هو، ۽ ملتان جي ماتحت ونجهڙوٽ جي علائقي جو جاگيردار هو. اُچ ۽ بکر جي فتح کان پوءِ اهي علائقا به هن جي جاگير ۾ شامل ڪيا ويا. ائين ڪرڻ سان اتر سنڌ جو وڏو حصو ونجهڙوٽ سان ملي ويو هو. ونجهڙوٽ جو علائقو هاڪڙي تي آباد ٿيندو هو ۽ خود ونجهڙوٽ جو شهر به هن درياهه جي ڪنڌيءَ سان وسندڙ هو. هن جي اولهه واري شاخ اروڙ کان مٿان موڙي وئي هئي، جيڪا اڳي منصوره ڏانهن وهندي هئي. مغلن جڏهن اُچ ۽ ملتان تي حملو ڪيو، تنهن کان به سٽر يا اسي سال پوءِ سن ٦۴٣هه (١٢۴٥ع) ۾ به اها درياهي صورت حال هئي.

ونجهڙوٽ کي بجنوٽ يا وجنوٽ اهي سڏيندا آهن، جن کي هن شهر جي صحيح نالي جي جاڻ ڪانه هوندي آهي. هي شهر هن کان به ڪجهه وقت پوءِ اجا سلامت هو. هاڪڙي جي سڪڻ تائين اهو شهر آباد هو ۽ ان جي اولاهين شاخ جي اوڀارين ڪنڌيءَ تي هو، جيڪا اروڙ کان اوڀاريون پاسو ڏئي وهندي هئي. هن شاخ کي هڪ ميل کن هيٺ موڙيو ويو هو. جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. اهو علائقو چڻ ته هڪ دو آبو هو. سندس هڪ پاسي کان مڪيه وهڪرو ٻئي طرف سندس چاڙهه هئي. اهو دوش آب واري سنگم کان چاليهه ميل کن هيٺ

هو. دوش آب جي سنگمر کان پوءِ پاڻيءَ جي گڏيل وهڪري کي مهراڻ سڏيو ويندو هو جيڪو اهو ڏکڻ - اولهه تي وهندو هو. موجوده دور واري خيرپور ڏهرڪيءَ کان اٺ ميل اوپر يا ٿورو ڏکڻ - اوپر ڏس تي وهندو هو. درياهن جي تبديلين ڪري، هيءُ وهڪرو صديون اڳي سڪي ويو. سِوِ راهي يا سوراءِ به هڪ قديم ماڳ آهي. هيءُ علائقو اڪبر بادشاهه جي ڏينهن ۾ ملتان سرڪار ۾ بيرون پنج ند علائقي جو هڪ محال هو.

جنهن وقت جو آءٌ ذڪر ڪري رهيو آهيان، يا ڪجهه وقت ان کان اڳ، ونجهروٽ جو شهر دڙن جو مجموعو ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو. دڙن جي اوچائي اٽڪل ٻارهن فوٽ ڪن ٿيندي. دڙا مٿان ڪارا نظر اچي رهيا هئا. اهو رنگ ٺڪرين، اگرن جي ذرن ۽ سرن جي ڀڳڻ سبب هو. سرن جو ڪارپ وڏو هو جهڙيءَ ريت برهمڻ آباد ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. يا مٿي درياهن جي ڪنارن سان آباد پراڻن شهرن يا گهاري درياهه جي ڪنڌيءَ سان وسندڙ شهر بهرام ڪي يا هندوستان جي قديم شهرن ۾ اهڙيءَ وڏي تختيءَ جون سرون ڪم آنديون ويون آهن. انهن سرن جي پندرهن کان ارڙهن انچن تائين ڊيگهه، نون کان ٻارهن انچن تائين ويڪر ۽ پنجن کان ڇهه انچ ٿلهيون هيون. شهر اڌ ميل ڪن ڊگهو ۽ ڊيگهه جي اڌ جيترو ويڪرو هو جيڪو ڏيڍ ميل ڪن ۾ پکڙيل هو. شهر جو هيٺيون پاڱو، ڇهن پنجن فوٽن تائين درياهي لٽ سان پوريل آهي. شايد اهو وهڪري جي تبديليءَ ۽ پاڻيءَ جي ڪاڌ ۽ لٽ ڇڏڻ ڪري ٿيو آهي. چاڪاڻ ته درياهه صدين کان وٺي اتان پئي وڙهو آهي. انهن دڙن کان ڪجهه پرڀرو ٻين دڙن جا به نشان نظر ايندا. شايد اهي هن شهر جي ويجهڙائيءَ واري ڪا وستي آباد هئي. شهر جي وچ تي هندن جي مندر جي جاءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن جي اڏاوت ۾ اهڙو پٿر ڪم آيل آهي، جيڪو جيسلمير مان ملندو آهي. اڪريل پٿرن جا ڪجهه حصا مليا آهن، جن مان اکر جي ڀانت ۽ تاريخ جو پتو پوي ٿو. شهر جي هن ڦٽي مان چاندي ۽ ٽامي جا ڪجهه ننڍڙا سڪا به هٿ آيا، پر اهي ايترا ڪٽيل هئا جو مٿن لکيل اکر ۽ شڪليون سڃاڻڻ کان زور هيون. گهڻ جا ٽوٽا ٺڪرَ ۽ ڪجهه مٽيا به هٿ لڳا.

اوسي پاسي وارا ماڻهو پنهنجن جاين تاهڻ ۾ ڪم آڻڻ واسطي هتان پٿر ۽ سرون کڻندا رهيا آهن. مونکي اهو پڌايو ويو ته تهذيب ۽ ثقافت جا ويري ريلوي ڪاتي وارا ظاهر ٿيا آهن، جي هن تاريخي ۽ ثقافتي مرڪز کي تباهه ڪري رهيا آهن. نه فقط هيءَ هڪ شهر سندن ظالم هٿن جو شڪار ٿيو آهي، پر ٻيا به اهڙا قديم شهر، هٿن روڙيءَ واسطي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيا. ڏسو صفحه ١٦٩ حاشيو ٤١، ص ٤٢٩ حاشيو ٤٦٤، ۽ افغانستان تي حاشيه ص ٦٦٩ تي.

ٻي يا ٽين تبديلي به وڏي ٻوڏ ڪري آئي، جنهن پنجن درياهن جي اترئين ڀاڱي واري علائقي کي ڊانوان ڊول ڪري ڇڏيو، جنهن جو اڳئي ص ٣٩٢ تي ذڪر ڪيو ويو آهي. وڏي تبديلي مغلن جي اَچ تي حملي واري دور ۽ هندوستان تي امير تيمور جي حملي جي درميان واري عرصي ۾ آئي. يعني ٦٤٣هه ۽ ٨٠١هه يا ٧٢٥هه (١٣٢٤ - ١٣٢٠ع) تائين. انهيءَ دور ۾ بهسات يا جهلم ۽ چناب پنهنجو رخ بدلايو ۽ شور ڪوٽ کان هيٺ ٿوري مفاصلي تي ملڻ لڳيون هيون ۽ شورڪوٽ جو شهر ٻن درياهن جي ٻيگهوءَ ۾ ۽ چنهاٽ دوآبي ۾ اچي ويو. اسان کي پورو ويساهه آهي، ته هي اهو قلعو آهي، جنهنجو هن سنگم کان هيٺ درياهن کي پار ڪرڻ وقت ذڪر ڪيو ويو آهي. ٻنهي درياهن جي پاڻي ملڻ وقت جيڪو ڪولاهل ٿئي ٿو، تنهن جي بيان کي به ڪونه وساريو اٿائين. ڏسو صفحه ٢٧٩ - تزڪ جو لفظ شور، جنهن جي معنيٰ گوڙ گهمسان، ڪولاهل ۽ گجگوڙون آهي ۽ شايد شورڪوٽ جي اصلي معنيٰ يا بڻ بڻياد به اها حقيقت هجي.

هن تبديليءَ ڪري هي ٻئي درياهه اڳئين کان چوڏهن يا پندرهن ميل اولهه طرف سرڪي وڃي پاڻ ۾ مليا هئا ۽ راويءَ کي بلڪل ڇڏي ويا هئا. اڳي اهي درياهه ملتان جي اوپر طرف کان وهندا هئا ۽ ملتان سنڌ ساگر دوآبي ۾ موجود هو. هاڻي اهي ساڳيا درياهه هنجي اولهه کان وهڻ لڳا هئا ۽ ملتان رچنا دوآبي ۾ اچي ويو هو ۽ اَچ بست جلندر (٥٧٨) دوآبي ۾ اچي ويو هو. ان کان سواءِ بهاٽ ۽ چناب جي گڏيل پاڻيءَ سان بياس جو پاڻي ملڻ لڳو هو، جنهن سان راويءَ جو پاڻي ملتان کان اوپر پاسي اچا (٥٧٩) به ملندو هو. پر انهن جو سنگم اڳيئن

جاءِ کان هيٺ پرو، ملتان ضلعي جي اولهہ ڪنڌ تي چاليهہ ميل پري، اُچ کان ٽيهہ ميل مٿان جلال پور جي اتر ۾ ٽيڻ لڳو هو. ان کان پوءِ بياس ۽ راويءَ جو گڏيل پاڻيءَ وارو وهڪرو پنجويهن کان ٽيهہ ميل ڏکڻ - اولهہ طرف ڏانهن وڌي چناب ۽ وهاٽ ســان ملڻ لڳو هو. انهن مــاڳن کــان ٿــورو هيٺ انهن چئن ئي درياهن جو گــڏيل پاڻي اُچ جي پــرســان اولهــ طرف آب سنڌ يا سنڌوءَ سان ملڻ لڳو اهڙيءَ ريت هاڪڙي سان سندن واسطو هميشه لاءِ ختم ٿي ويو.

منهنجو ويســاهہ آهي تہ شــايد هي ئي اهو دور آهي، جيــڪــڏهن اها وارتا اڳي ناهي ٿي، تہ سنڌوءَ ڪشــمــور (٥٨٠) ۽ روجهــاڻ جي وچ تي پنهنجي اولاهينءَ ڪنڌيءَ کان هڪ ڦاٽ ڇڏيو هو، جيڪـو ان وهڪري مان وهڻ لڳو هو، جيڪو سڌو اولهہ طرف شاهہ پور ۽ اُچ ڏانهن ويندو هو، جنهن کي هاٽي ڪڇيءَ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اتان کان خان ڳڙهہ (مـوجوده جيڪب آباد) جو اولهہ - ڏکڻ ڏئي خيرو ديرو ۽ شهدادپور ڏانهن رخ رکندو هو. انهن پنهي جاين جي وچ تي لڪيءَ واري جابلو علائقي مان اتر، اتر-اولهہ ۽ اولهہ کان ايندڙ برساتي نين جو پاڻي بہ هن وهڪـري ۾ پوندو هو، نہ تہ اڳ ۾ اهو پاڻي منڇر ڍنڍ ڏانهن هليــو ويندو هو. منڇر ڍنڍ مـان نڪرندڙ پاڻي ڏکڻ - ڏکڻ - اوڀر جو رخ اختيـار ڪري نصرپور ويندو هو. هتــان کــان پوءِ پنهنجو پراڻو پيٽ ڇڏي بدين جو رخ ڪندو هو. اهو وهڪـرو سنڌوءَ جي مـوجوده وهڪـري ۽ پراڻ ڍوري جي وچ تي هو. هن ماڳ وٽان درياهہ ڏکڻ هلي، هو ۽ شڪر پور وٽان سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو، جتي ان ڦٽي شهـر جا اهڃاڻ (٥٨١) اڃا بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿـا. ان کـان سواءِ هن مکيہ وهڪري مـان ڪيترا ننڍا ڦاٽ نڪري ڏکڻ طرف هلندا هئـا، جن جو ذڪر مـان چاڙي ٻجهي ڪونہ ڪيو آهي. انهن سيني مان هڪ وڏو ڦاٽ آهي، جيڪو جهرڪن کان اوڀر ۽ پوءِ ساموئي نگر جو پاسو ڏئي لنگهندو هو. ٺٽي شهر جو بنياد ٧٤٠هہ ۾ پيو (٥٨٢)، هيءَ تنهن کان اڳ جو قصو آهي.

عرب جي قديـم جاگرافيدانن جڏهن سنڌ رود يا رود سنڌ و هند لکيو هو، ان وقت، وهاٽ، چناب، راوي ۽ بياس هاڪڙي يا واهندا درياهہ کي بلڪل ڇڏي ويون

هيون. پر ستلج اڄا ابوهار واري پيٽ ۾ وهي رهي هئي. جنهن کي غلطيءَ وچان الهندي نئي وال سڏيو ويو آهي. گهاگهر ۾ ان جون پرتي ڪندڙ شاخون چتانگ ۽ هاڪڙو بلڪل اڳئين جيان وهندا هئا.

وهاڻ ۽ چناب جي ملتان جي اولهه پاسي هلئي وڃڻ ڪري، آب سنڌ، نيل آب يا سنڌوءَ تي وڏو اثر پيو. اهڙيءَ ريت هننجي سنگم جي لاڙي سبب، علي پور ۽ سيت پور ڏانهن هيٺ هڪ نئون وهڪرو پيدا ٿي ويو هو. پر اهو نئون وهڪرو هاڪڙي سان سنگم واري ڏاڪ ڪان گهٽو مٿئين طرف هو. نتيجو اهو نڪتو، جو غوث پور ايندڙ وهڪري سان سندن ڪو لاڳاپو ڪونه رهيو، جيڪو دوش آب وٽ هاڪڙي درياهه سان اچي سنگم ڪندو هو. پر هن ماڳ کان هيٺ هي نئون پنج ند يا پنج آب هاڪڙي جي اولاهين شاخ ريڻ يا ريڻيءَ سان ٻکر کان مٿان ڪاٽي ملندو هو. هاڪڙي جي پاڻي گهٽجڻ ڪري ريڻيءَ پنج ند واري پاڻيءَ جي ميلاپ کان هيٺان سڪي ويو ۽ بعد ۾ اهو وهڪرو روهڙيءَ ۽ ٻکر جي وچ تان وهڻ لڳو.

هن وقت دوران جڏهن وڏي درياهي تبديلي اچا جاري هئي (جيڪڏهن پوريءَ ريت ڪٽي نه، پر گهٽيءَ حد تائين پنجاب جي اترين پاڳن ۾ اها تبديلي اچي چڪي هئي) ته ديبل بندر کان وني مهان مهراڻ يا هاڪڙي يا واهندا يا سنڌ ساگر جي وچ واري ايراضيءَ ۾ بدين کان هيٺان ڏرتي سمنڊ ڏانهن وڌي رهي هئي. ساڳيءَ ريت ڪڇ، ٻچ جي پاسي به، جنهن جي نالي مان پتو پوي ٿو ته هاڪڙي يا لوٽي درياهه جي لٽ ڪري زمين سمنڊ ڏانهن وڌي رهي هئي نتيجي ۾ نئون علائقو ٻڌجي رهيو هو. چاڪاڻ ته ڪڇ ٻچ جي معنيٰ ئي آهي "نئون" يعني نئون علائقو. جنهن جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ ٿيندي 'New', Crude, Newly formed, alluvial وغيره. جيڪو ان وقت تائين جابلو علائقي وارو هڪ ساموندي ڪنارو هو. ٻئي پاسي کان کيس پاڻيءَ جي چر هئي. جو ته هاڪڙي ۽ لوٽي درياهه جو اتي اچي لٽ پوڻ لڳو.

ستلج درياهه، جيڪو ڪيترين صدين کان وني هيڏين سارين تبديلين هوندي

۾ پنهنجي ابوهار واري پيٽ مان وهندو هو، جنهن کي نقشي ۾ اولهه نئي وال جي نالي سان لکيو ويو آهي، سڌو اچا ۾ هاڪڙي جي پرتي ڪندڙ شاخ هو. پر مٿين بيان ڪيل تبديلين سبب، پنهنجي اڳئين اوپر واري وهڪري کي ڇڏي، الهندي پاسي سرڪي ويو ۽ روهه پور کي ۾ ڇڏي ويو. اچا ۾ وڏيڪ ڏکڻ ـ الهندي هليو ويو ۽ ان وهڪري ۾ موجوده مرياري، نيلي يا گهاري جي وهڪري جي وچ تي هڪ نئون وهڪرو شروع ڪيائين. ماروت جي پرسان هاڪڙي سان ملڻ بدران هن ٽاڪ کان ئي سورهن ميل اولهه کان وهڻ لڳو هو. اتان پوءِ ور وڪڙ ڪندو اچي بهاول پور وٽان لنگهيو. چيو ويندو آهي، ته بهاولپور جي ماڳن تي ڪو قديم شهر آباد هوندو هو. هن شهر جو اوپر پاسو ڏئي وري اولهه ـ ڏکڻ ـ اوپر ۾ خانپور ۾ خير ڳڙهه جي وچ تان ۾ دلاور يا ديراور کان پنجتيهه ميل هيٺ وڃي هاڪڙي سان ملندو هو. پر اڳئين دور (٥٨٣) ۾ هاڪڙي سان گهٽو مٿي ملندو هو.

پنج ند يا پنج آب جي پاڻيءَ جي وڏي مقدار جي الڳ ٿيڻ ڪان پوءِ هاڪڙو، توڙي جو ستلج سندس پرتي ڪندڙ (٥٨٤) شاخ ۾ هئي، هڪ دائمي وهندڙ درياهه واري حيثيت ڏاڍي مشڪل سان برقرار رکي سگهيو هو. جڏهن پنج ند يا پنج آب جو پاڻي هن سان دوش اب وٽ گڏبو هو، ته هاڪڙو ڪنڌارا، ڪنڌارو يا ونجهڙوٽ وٽان هڪ چاڙهه ڪيندو هو. جيڪا بعد ۾ اروڙ کان مٿان موڙي وئي ۽ روهڙيءَ ۽ بکر جي وچان لنگهڻ لڳي هئي. پر انهيءَ کان اڳ ان جو وهڪرو انهن ماڳن کان اتر ـ اولهه طرف وهندو هو. ان دوران مذڪوره چاڙهه ۾ ٻن پاڳن ۾ ورهائجي وئي هئي. ٻنهي مان جيڪا اولاهين شاخ هئي، سا وڃي ريٽيءَ واري وهڪري ۾ داخل ٿي ۽ اها وري الور جو رخ ڪري وهڻ جي ڪوشش (٥٨٥) ڪرڻ لڳي. چاڙهه واري موسم ۾ پنج ند يا پنج آب جي اٿل وارو پاڻي، غوث پور کان مٿان جنهن جاءِ تي اچي ملندا هئا، پراڻو پيٽ وٺي اچي ان ساڳي ڍنڍ (٥٨٦) ۾ پوندو هو. اهو ساڳيو پاڻي درياهه جو پراڻو گٽ وٺي اروڙ جو اوپر ڏئي وهڻ شروع ڪندو هو ۽ اڳتي هلي ساعدي ڳوٺ وٽ هاڪڙي واري مکيه وهڪري سان اچي ملندو هو. هن ٻئي يا نندڙي وهڪري کي نقشي ۾ نارو درياهه يا اولهندو نارو

ڪري لکيو ويو آهي، جنهن ڪي ورن وڪڙن هجڻ ڪري نانگ نارو به سڏيندا آهن.

امير تيمور جي هندوستان تي حملي واري دور کان وٺي ويندي بابر بادشاهه جي پنج آب جي حدن تي سن ٩٢٥هه (١٥١٩ع) ۾ حملي واري زماني تائين درياهي وهڪرن جي اها صورت حال هئي.

پنجين وڏي تبديلي تڏهن آئي، جڏهن ستلج جيڪا ٻين درياهن کان وڌيڪ ڦرندڙ گهرندڙ ندي آهي، سا ڏکڻ - اولهه رخ ۾ وهڻ بدران چمڪور وٽان "روهه پار" وارو جابلو علائقو ڇڏڻ سان فريد ڪوٽ ۽ "مڪتي - سر" جو رخ ڪري، باغ سر کان ٿيندي، بهاولپور منهن ڪيندي هئي، ۽ پوءِ هاڪڙي سان ملي ويندي هئي. پر هن کان اڳ ۾ سندس وهڪرو هن ريت هو ته هوءَ جابلو علائقي مان نڪرڻ سان اتر - اولهه رخ ڪري لڌيانا جي پرسان وهي، اتان فلور جو رخ ڪري، ٿوري وقت لاءِ بياس سان ملندي هئي. ٻنهي جي سنگم جو ماڳ لوهه وال يا لوهي وال هوندو هو. ٻنهي درياهن جي ملڻ کان پوءِ ٻئي درياهه پنهنجو نالو وڃائي ڇڏيندا هئا ۽ ٻنهي جي گڏيل وهڪري کي هرياري يا نيلي چيو ويندو هو. هي گڏيل درياهه ايڪيهه ميل گڏ وهڻ کان پوءِ قصور ۽ ديپال پور جي وچ تي وري الڳ ٿي ويندا هئا. اڳ ۾ اهي به درياهه هئا، پر هتي ٻنهي جو پاڻي ٽن شاخن ۾ ورهائجي ويندو هو. بياس پنهنجي پيٽ وهڻ لڳي. تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ هن درياهه ڪڏهن به پنهنجو پيٽ ڪونه ڇڏيو آهي. پر هيءَ هميشه اروڙ کان ويهن ميلن جي ايراضيءَ ۾ پنهنجي هڪ نه ٻئي پراڻي پيٽ ۾ پئي وڙهي آهي. هاڻي به جڏهن ستلج کان نڪري ته پنهنجو الڳ وهڪرو اختيار ڪري، پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ پنهنجي اصلي نالي سان وهڻ لڳي هئي. ٻنهي درياهن جي وچ تان جيڪو نئون وهڪرو شروع ٿيو هو، سو ڪوايڏو اهم ڪونه هوءِ انکي ڍانڊا (ڍنڊ؟) Dandah جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اهو بياس سان پوروچوٽ تي هلندو هو، مئلسي Maelsi ۽ لوڌران کان ٿيندو، جلالپور پهچندو هو. ٽيون وهڪرو نڪرڻ سان سر ڏکڻ منهن ڪندو هو ۽ اجوڌن يا پاڪ پٽڻ کان ڏهه يا

پارهن ميل پري اوڀر، پوءِ ڏکڻ کان ڌيندو گذرندو هو جنهن کي ستلج ڪوٺيو ويندو هو. اهي ٽئي وهڪرا اٽڪل هڪ سؤ ڪوهه يا هڪ سؤ پنجهتر ميل (٥٨٨) اڪيلي سر وهندا هئا ۽ پوءِ وري هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ شروع ڪندا هئا. ستلج بهاولپور جي اتر کان لنگهي وڃين وهڪري يا ڊنڊ سان ملندي هئي ۽ ان کان پوءِ جلالپور کان پنج ميل پري اولهه ۾ وڃي بياس سان ملندي هئي. ٻنهي درياهن ۽ ٽئين ننڍڙي وهڪري، جنهن کي ڊنڊ چيو ويندو هو، جي گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي گهلوءَ گهارو (٥٨٩) يا گهارو سڏيو ويندو. هن سنگم کان پوءِ ٽئي وهڪرا پنهنجي الڳ سڃاڻ وڃائي ويهندا هئا.

اهڙيءَ ريت جڏهن ستلج ۽ ڊنڊ جو پاڻي بياس سان ملندو هو ته پاڻيءَ جو هڪ وڏو وهڪرو ٺهجي پوندو هو. اهو وهڪرو سنگم واري ماڳ کان پوءِ ڪجهه اولهه جو رخ اختيار ڪندو هو ۽ اڳتي هلي بهاءُ، چناب ۽ راويءَ سان ملي ويندو هو. سندن ميلاپ کي پنج ند يا پنج آب (٥٩٠) چيو ويندو هو. پر هن وهڪري سان سنڌو يا آب سنڌ جو پاڻي ڪونه ملندو هو. انهن درياهن جو اهڙو صورتحال ابوالفضل جي زماني ۾ هو، جڏهن هو آئين اڪبري لکي رهيو هو. پر گهاري وارو وهڪرو سندس تاريخ آئين اڪبريءَ لکڻ کان پوري هڪ صدي اڳ وجود ۾ آيو هو. چاڪاڻ ته شاهه حسين ولد شاهه بيگ ارغون ملتان جي لانگاهن کي ٩٣١هه (١٥٢٥ع) ۾ شڪست ڏيڻ کان پوءِ گهاري درياهه کي ٻنهي ملڪن جي سرحد مقرر ڪيو هو.

هن تبديليءَ ڪري اُچ بست جلندر جي دوآبي مان نڪري ويو هو ۽ ان علائقي ۾ اچي ويو، جنهن کي بيرون پنج ند پنجن درياهن کان ٻاهر وارو علائقو چيو ويندو هو. سڀني درياهن جي گڏيل وهڪري کي پنج ند يا پنج آب جي نالي سان سڏيو ويندو هو. پاڻيءَ جو اهو وهڪرو ارڙهن ويهه ميل اڳتي هلندو، ور وڪڙ ڪندو سال ۾ پنهنجا نوان وهڪرا بنائيندو سيتپور ۽ اُچ جي ٿورو هيٺان سنڌوءَ يا آب سنڌ سان ملندو هو. پاڻيءَ جي هن ميلاپ کان پوءِ پنج ند وڏي اُچ کان مٿي هليو ويو. موجوده دور وارو پنج ند اڳئين ماڳ کان ٿورو هيٺ (٥٩١) ۽ مخالف

طرف تي آهي.

درياهن جي مذكوره صورت حال اڳين صديءَ جي ختم ٿيڻ تائين يا هڪ صدي اڳ به ائين هئي. پنجين يا وڏي درياهي تبديلي جيڪا موجوده دور تائين (٥٩٢) به قائم آهي، ان جي شروعات اڳينءَ صديءَ جي خاتمي دوران ٿي، جڏهن بياس تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پنهنجو قديم پيٽ ڇڏيو.هو ۽ ٻئي پاسي کان ستلج وري اڃا به ڪجهه اولهه پرو سري وئي. هن سواليڪ جي جابلو علائقي مان نڪرڻ سان، "لڌيانا" جي پرسان لنگهڻ بدران انڪي ست اٺ ميل اتر تي ڇڏي فلور ۽ علي وال (جتي جنرل سر هئري سمٿ سکن ٿي سوڀ ماڻي هئي) جو اولهه - اتر ڏئي هري ڪي پتڻ وٽ وڃي بياس سان ملندي هئي. اهو تاڪ اڳئين سنگم واري ماڳ کان سترهن ميل اڳتي اولهه ڏس تي هو. هن وقت بياس به پنهنجو پيٽ ڇڏي ڏنو. پر ٻين درياهن جي اصول جي بلڪل برخلاف. ستلج پنهنجو اصلي وهڪرو ڇڏي اولهه ڏي لڙي پئي. پر بياس پنهنجو هزار سال جو قديم پيٽ ڇڏي، اوپر ڏانهن وهڻ شروع ڪيو ۽ ستلج سان ملي وئي. ستلج جو تازو وهڪرو پنهنجي پراڻي وهڪري جي وچ تي هو، جيڪو هاڪڙي کي پاڻي ڏيندو هو، جنهن کي روينيو رپورٽ ۾ وڏي ڍنڍ (٥٩٣) يا Great Dhandah چيو ويو آهي. پر اهو تازي ڇڏيل وهڪري جي وڏيڪ ويجهو هو. ستلج ۽ بياس جا نالا هتي بلڪل ختم ٿي وڃن ٿا ۽ انهن جي گڏيل وهڪري کي جيئن به سو پنجهتر سال اڳ هرياري، نرني يا نيليءَ جي نالي سان سڏيو ويندو هو، تيئن هاڻي به ساڳئي نالي سان سڏيو ويو. (اهو وهڪرو جڏهن ابوالفضل آئين اڪبري لکي رهيو هو، ان وقت به ائين وهي رهيو هو) (٥٩٤). اجوڌن جي ماڳ تائين هن وهڪري کي هرياري يا نيلي يا نرني سڏيو ويندو هو ۽ انْ کان هيٺ سندس نالو گهارو هوندو هو. سندس اهو نالو تيستائين قائم رهندو هو، جيستائين هيءَ وهڪرو ڪنهن ٻئي درياهه سان نه ملندو هو. جهڙيءَ ريت صفحه ٣٧٢ تي بيان ٿيل آهي. مذڪوره نئون وهڪرو چاڙهه واري رُتِ ۾ ٿورين گهٽين تبديلين کان سواءِ اڄ ڏينهن سوڌو گهٽو ڪري ساڳو رهندو آيوي آهي.

چوٿين؛ وڏي تبديليءَ کان وٺي آخري تبديليءَ تائين چناب درياهہ، بهات سان سنگم ڪان مٿان پنهنجي وهڪري ۾ ڪا خاص تبديلي ڪانہ آندي آهي. اڳي اها مساڻ ڪان اوڀاريون پاسو ڏئي وهندي هئي. سندس اهو سلسلو چڱو وقت قائم رهيو هو. پر ڪجهہ وقت ڪان پوءِ وري هن ماڳ ۾ جهنگ سيالان جي وچان وهڻ شروع ڪيو. ان وقت بهات سان سنگم اڄ واري سنگم واري ماڳ ڪان ڏهہ ميل ڪن هيٺ هو. ان ڪان پوءِ ٻنهي درياهن جي گڏيل وهڪري ڪجهہ اولهہ طرف لاڙو رکيو. راويءَ سان ملڻ وارن ماڳن وٽ، هن وهڪري ۾ وڏي تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مذڪوره درياهہ ١٦٩٥ع ۾، سڌو ڪي (ساڌو ڪي ؟) سراءِ جي ٿورو اتر-اولهہ پاسي ملندا هئا. پر اڳين؛ صديءَ جي ختم ٿيڻ وقت، راوي ٻهات ۽ چناب سان ڍنڍي والا ۽ سرڪاٽيءَ جي وچ تي ملندي هئي. پر ايترو اولهہ تي نہ جيترو موجوده دور ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

درياهن جي هن سنگم ڪان پوءِ پاٽيءَ جي نئين وهڪري، آب سند يا سندوءَ جي وهڪري ۾ بہ تبديلي آڻي ڇڏي. جڏهن سروي جو ڪم ختم ٿي ويو، جنهن جي رڪارڊ کي مان پنهنجو ماخذ بڻايو، تہ ان وقت هيءَ درياهہ جتوئي، عليپور ۽ سيت پور جو اڀاريون پاسو ڏئي وهندو هو. ان ڪان پوءِ هن ۾ جتوئي، علي پور ۽ سيت پور جو اوپر ڇڏي، ديري غازي خان ڪان پندرهن ميل هيٺ، جنهن تاڪ وٽان اڳي وهندو هو، ان ڪان بہ الهندي، وهڻ شروع ڪيائين ۽ اڄ ڪان چوٿيهہ ميل ڏکڻ-الهندي طرف راڄڻ پور ۽ مـــــٺي دا ڪوٽ جي وچ تي پنج ند جي نئين وهڪري سان ملڻ لڳو. تاريخ ۾ ڪڏهن بہ اهو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي تہ سندو ڪڏهن بہ پنج ند جي وهڪري سان اڳي انهن ماڳن وٽ مليو آهي. چاڙهہ جي موسم ۾ اٿل جو پاڻي هاڪڙي درياهہ سان گڏجڻ وارو پراڻو پيٽ وٺي، ان سنگم واريءَ جاءِ ڏانهن وهندو آهي، جتي هاڻي وڏو ڍورو موجود آهي. پر غوث پور هيٺ احمدپور ڪان اوپر، سِوراهي، سبزل ڪوٽ ۽ اوباوڙي ڪان اڪري اهو پاڻي ريٽيءَ جي پيٽ ۾ پوندو آهي ۽ گهٽن ورن وڪڙن ڪري هتان جا ماڻهو هن کي نارو يا نانگ نارو سڏيندا آهن.

ڪڏهن اهو بہ دور هو، جڏهن پاڻيءَ جي هن وڏي وهڪري کي هاڪڙي يا واهندا يا سنڌ جو مهراڻ يا سنڌ ساگر سڏيندا هئا. منجهس چتانگ ڪان وٺي آب سنڌ يا سنڌوءَ ۾ سيني درياهن جو پاڻي هن درياهہ ۾ پوندو هو. ڪي درياهہ هن کي ڇڏي ويا ۽ ڪي وري ماڳهين متان ئي سڪي ويا ۽ آخر هيءُ درياهہ بہ وهڻ ڪان بيهي ويو. اڄ بہ اٽل جو پاڻي هن درياهہ جي پراڻي پيٽ وسيلي سمنڊ تائين پهچندو آهي. هاڻي آب سنڌ يا سنڌو هڪ وڏو درياهہ آهي. پنج ئي درياهہ هن جون پرتي ڪندڙ شاخون بڻجي ويا آهن. هنن درياهن جي وهڪري جو رخ اولهہ - ڏکڻ طرف آهي، پنهنجا هڪڙا وهڪرا ڇڏي، پيا پيا اختيار ڪندا آهن. هن حقيقت ۾ ڪنهن بہ قسم جو وڌاءُ ڪونہ آهي، تہ سنڌ جو ڪجهہ لهنوارو درياهي لتاشو ميدان، جيڪو اُچ ڪان هينان، جيسلمير جي برسيل پور جي پوروچوٽ هلندو، اتر سنڌ جي شهدادڪوٽ تائين پهچي ٿو. ۽ ويڪرائيءَ ۾ چئن جاگرافيائي درجن ۾ ورهايل آهي، سو سنڌوءَ يا آب سنڌ ۽ هاڪڙي جي پراڻن پيٽن سان چٽيو پيو آهي. اهي درياهہ پندرهن سؤ سالن ڪان لڳاتار انهيءَ خطي مان پئي وهندا رهيا آهن. سندن پراڻا پيٽ هر جاءِ ۽ هر طرف (۵۹۵) پيا نظر ايندا.

١- مان هنن پنهي گروهن ۾ فرق رکيو آهي. پهريون گروه اهو آهي جيڪو هتان جي ڏيهي مورخن جي تصنيفن جو مطالعو ڪري سگهندو آهي. ٻيو گروهہ وري اهو آهي جن جو اعتماد ڊائو ، برجس ۽ فرشتہ تي آهي.

٢- هي حاشيہ اڳتي ڏسندا.

٣- مان اوهان کي هن متعلق ٿورو ٻڌائيندو هلان تہ انڊس جي لفظ ڪان اوير جا جاگرافيدان ۽ مورخ واقف ڪونہ آهن. هن لفظ کي يورپي بنايو ويو آهي، يا ائين ڪٿي چئجي تہ يونان وارن هن درياهہ کي سنڌوءَ مان "انڊس " جي اچار ۾ سڏڻ لڳا. اهو بہ امڪان آهي تہ هن درياهہ کي ان ڪري انڊس سڏڻ لڳا، جو هن درياهہ کي هند ۽ ايران جي

سرحد سمجهيو ويندو هو، جنهن کي آريانا ڪري سڏيندا هئا. سمجهہ ۾ اهو اچي ٿوتہ شايد ڪين اهو پتو ڪونہ هو تہ "انڊس " ان درياهہ جو صحيح نالو هو. سنڌي ان کي" سنڌو" يا "درياهہ" جي نالي سان سڏيندا هئا. قديم دور جا عرب مورخ هن درياهہ کي آب ـ سنڌ ۽ ڪڏهن نهرـ مهراڻ بہ سڏن ٿا.

۴ـ وڌ جي "اوڪس " Oxus ۾ مسٽر يول پنهنجي لکيل مضمون ۾ ختلان جي هجي غلط لکي آهي. سياحت وارن سندس ٻين لکتن ۾ بہ اها غلطي ورجايل آهي، جن ۾ هن صاحب مذڪوره لفظ ۾ ننڍي اي a لکي آهي. هيءُ خطو يا علائقو گهوڙن جي ڪري مشهور هو. ان نسبت سان گهوڙن کي "ختلي گهوڙا "سڏيو ويندو هو.

۵ـ هن مشهور شهر جي هجي قديم مورخن هن طريقي سان لکي آهي. تاجڪ زبان ۾ نهہ Nil جي معني شهر آهي. هن شهر جي نالي لکڻ جا ٻيا سڀ نمونا غلط آهن. يورپ جي مورخن هن شهر کي غزنا جي هجي ۾ لکيو آهي، جيڪا سراسر غلط آهي. ڪڏهن وري هن کي غزنين تہ ڪڏهن غزني بہ لکيو ويو آهي.

٦ـ ڏسو طبقات ناصريءَ جي انگريزي ترجمي جو صفحو۷۴۴ ۽ ۸۰۹ ـ مصنف لکي ٿو تہ مغلن سنڌ ملڪ جي مشهور قلعي "اچ " تي حملو ڪيو، جيڪو منصوره جي حدن ۾ واقع هو. تنهن زماني ۾ ان قلعي جو مخلص الدين نالي هڪ ماڻهو ڪوتوال هو، جيڪو تاج الدين جو خادم ۽ خواجہ سراءِ هو. آق سنقر نالي هڪ ماڻهو مذڪوره قلعي جو ايمراد هو، جيڪو ڪبير خان جي غلامن مان هو.

۷ـ هيءُ هڪ آزاد حڪمران هو. هن جي پنهنجي نالي سان سڪا ڍاليا ويندا هئا. هو پهريائين مغلن جو ڏن پرو هو.جڏهن هن محسوس ڪيو تہ مغلن جو بار سندس سهڻ کان ڳورو آهي، تہ غزنيهہ ۽ ڪرمان ڇڏي، اترئين علائقي ۽ ڪوهہ جد تان هٽ ڪٽي اچي ملتان تي قبضو

ڪيو هئائين.هن ساڳي قرلغ ملڪ سان واسطو رکندڙ ڪجهہ سڪا ڪوهہ جد جي چيتاهہ Chittah جي ڳوٺ پرسان لڌا آهن. قرلغ يا قارلغ يا قرلق يا قارلق جي قبيلي، پنجاب جي هڪ خطي کي پنهنجو نالو ڏنو آهي، جنهن کي غلطي وچان رڳو هزاره چيو ويندو آهي. پر تاريخ ۾ ان کي قرلغ هزاره سڏيو ويو آهي. جنهن جي معني اها آهي تہ جڏهن خوارزم شاهہ انهن علائقن تي حملو ڪيو هو تہ منگ يا هزاره يا قرلغ ترڪن سان لاڳاپو رکندڙ فوج مذڪوره علائقي ۾ رهندڙ هئي. ڏسندا سوسائٽي طرفان شايع ٿيندڙ نومبر ١٨٨٩ع جو ” ٽرئنزيڪشن“ جنهن ۾ ”قرلغ“ جي عنوان سان سيف الدين حسن قرلغ جي لڌل سڪن متعلق مواد ڏنوآهي. ٿامس جي ”پٺان ڪنگس آف دهلي“ جي صفحي ٨٧ تي هن کي باغي سڏيو ويو آهي. پر حقيقت اها آهي تہ هو ڪڏهن بہ دهلي جي فرمان روا جو ماتحت رهيو ئي ڪونہ آهي. تنهن ڪري ڪيس باغي سڏي ڪونہ ٿو سگهجي. هو خوارزم شاهہ جو ماتحت هو. سندس شڪست کان پوءِ مغلن جو ڏن پرو ٿيو. هن ۽ هن جي پٽ متعلق ڏسو منهنجو طبقات ناصري جي ترجمي جو صفحو ١٧٥ ۽ ١٧٧ تي لکيل حاشيا. سندس پٽ ناصرالدين محمود نہ تہ طاقتور حڪمران هو ۽ نہ ئي وري هن ڪڏهن سنڌ تي حڪمراني ڪئي هئي. ڏسو طبقات ناصري صفحو ٧٨١، ٨٥٩، ٨٧٧، ۽١١٥۴.

٨ ـ جيڪڏهن ملتان جي پرسان اولهہ ۾ ڪو وڏو اجهاڳ درياهہ ائين هجي، جيئن اسان موجوده دور ۾ چناب کي وهندو ڏسون ٿا تہ ملڪ حسن کي ملتان خالي ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ هئي. اسان کي پورو ويساهہ آهي، تہ شڪست کائي جنهن بي آبرو نموني سان هن هيءُ علائقو ڇڏيو، تنهن طريقي سان هو ڪڏهن بہ پوئتي ڪونہ پيجي ها. ان زماني ۾ ملتان ۽ آب ـ سنڌ جي وچ تي ڪوبہ درياهہ وهي ڪونہ رهيو هو، جيڪڏهن سنڌو ملتان جي اولهہ ۾ ايترو ويجهو وهندو هجي

ها ، جيترو اڄڪلهہ چناب هن ڪان پري وهي ٿي، تہ هو واپس وڃي ڪونہ سگهي ها. هو چناب (بهاٽ سان گڏيل) ۽ راوي جي گڏيل پاٽي جي وهڪري رستي نڪري هليو ويو. اهو وهڪرو ان زماني ۾ ملتان کان اولهہ ۽ اوير کان وهندو هو. مذڪوره گڏيل وهڪرو ڪجهہ ڏکڻ تي اڳتي هلي بياس سان سنگم ڪندو هو. تنهنڪري هن ۽ مغلن جي وچ تي هڪ درياهہ اچي ويو هو، نتيجي ۾ هن کي سنڌوءَ تائين پهچڻ واسطي ڪجهہ وقت ملي ويئي. کيس ڪوبہ نقصان ڪونہ پهتو. پوءِ هو بياس، هاڪڙي يا واهندا رستي سنڌ جي لاڙ واري حصي ۽ ڏيبل تائين هليو ويو. ان ڪان پوءِ ساٹس ڇا وهيو واپريو، تنهن لاءِ تاريخ ماٺ آهي. اها هڪ غير ممڪن ڳالهہ بہ ڪانہ آهي، تہ هو دکن پهتو هجي، ۽ هن نوڪري ڪري پنهنجا ڏينهن پورا ڪيا هجن. قرلغ يا قارلغ جي وڌيڪ احوال واسطي ڏسندا طبقات ناصري جي منهنجي ترجمي جو صفحو ٨٧٧ ۽ ١١٣٠ تي لکيل حاشيا .

٩ ـ اهو چناب ۽ بهاٽ تي گڏيل پاٽي جي وهڪري سان، راويءَ جي ملڻ کان پوءِ واري وڏي وهڪري جو ڪنارو هو. سنگم ڪان پوءِ هيٺ اهو ماڳ نقشي ۾ ڏسي سگهجي ٿو، جنهن ۾ درياهن جي ان وقت جي قديم وهڪرن جا نشان آهن، جن جو ذڪر اڳتي ايندو.

١٠ـ ڏسو شمسي ملڪ صفحو٨٠٩نمبر XXV

١١ ـ هي ساڳيو ماٺهو بهادر طائر جو سالار هو، جنهن ٦٣٩هہ جي ڇهين مهيني يعني ڊسمبر ١٢٤١ع ۾ لاهور تي حملو ڪري، ان کي تباه ڪري ڇڏيو هو. هن شهر جا رهواسي جيڪي قتل ٿيڻ کان بچي ويا، تن کي غلام بنايو ويو. ڏسو طبقات ناصري جي ترجمي جو صفحو ٧٢٧، ١١٣٢، ۽ ١١٣٦.

١٢ـ بياس ۽ راوي درياهہ جيئن وهندا رهيا آهن ، ان زماني ۾ بہ ائين ئي وهيَ رهيا هئا. ڪي صديون اڳ پنهنجي پراڻي وهڪري جو رخ

ستلج مٿايو يا بياس، تنهن حقيقت جو بہ پتو ڪونہ آهي. پر دهلي جو لشڪر، باري دو آبي، بياس ۽ راوي درياه جي ٻيگهوءَ مان گذري رهيو هو ۽ اڳيان ٻنهي جي سنگم وارو ڏاڪ ويجهو هو. ٻنهي طرفن کان درياهن جي موجودگيءَ ڪري دهلي جي لشڪر جا ٻئي پاسا مغلن جي حملي کان محفوظ هئا. هن حڪمت عملي اختيار ڪرڻ مان سندن مقصد اهو هو تہ مغل من اهو سمجهن تہ جيڪڏهن اسلامي لشڪر ويجهو پهتو، تہ سندن واپس ٿيڻ وارو رستو بند ٿي ويندو. پوءِ هو سنگم کان مٿان يا هيٺان راوي اڪري ساڳي دو آبي مان سفر ڪري اچ پهتا هوندا ۽ کين ڪوبہ درياهہ پار ڪرڻو ڪونہ پيو هوندو. ملتان مان ڪيترائي ماڻهو هن لشڪر ۾ شامل ٿيا هوندا. ٻيءَ حالت ۾ بہ مغلن کي سنڌوءَ يا آب - سنڌ ۽ رود سنڌ جي ٻيگهوءَ ۾ هٿيڪو ڪري وڃهن ها. ڇاڪاڻ تہ ان زماني ۾ سنڌو اچ جي اولهہ ۽ رود - سنڌ اچ جي اوڀر طرف کان وهندو هو. ٻئي اجهاڳ درياهہ هئا. شڪست جي حالت ۾ مغل لشڪر ڄڻ ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي پوي ها. ان صورتحال کي سمجهي مغلن پنهنجي فوج کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي، سنڌ ساگر دو آبي مان سنڌوءَ جي اوڀارئين شاخ ڏيئي جيئن آيا هئا، تيئن واپس هليا ويا. ٻئي طرف دهليءَ جو لشڪر اڃا باري دو آبي ۾ موجود هو ۽ راوي بہ پار ڪونہ اڪريو هو.

۱۳ - امڪان نہ، پر پورو يقين آهي تہ اُهي قاصد بياس جو ساڄو ڪپر ڏيئي هيٺ هليا آيا هئا ۽ دهلي جو ٻيو لشڪر بياس ۽ راوي اڪري لاهور طرف وڌي رهيو هو. نقشي تي نظر وجهڻ ، بياس ۽ ٻين درياهن جي تڙهوڪن وهڪرن کي ڏسڻ کان پوءِ پتو پوندو تہ انهن اهو رستو ڇو اختيار ڪيو هو.

۱۴ - تاريخ جي مصنف کي مغلن کي لعنتي سڏڻ لاءِ مناسب جواز نظر اچي ٿو. ڇاڪاڻ تہ انهن سندن ماتر ڀومي ۽ اوسي پاسي جي

علائقن کي ڦري لٽي ويران ڪري ڇڏيو هو. مغلن انهن علائقن جي ابتري تہ تباهي ڪئي، جو اڄ تائين اُهي وري ساڳي اوج تي پهچي ڪونہ سگهيا آهن.

١٥ ـ هن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اهو وهڪرو اڃا بہ پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ وهي رهيو هو. جڏهن هن پنهنجو رخ بدلايو تہ سندس نالو بہ ختم ٿي ويو. اهو فقط اڳئين صدي جو واقعو آهي.

١٦ ـ ٻين درياهن سان سنگم ڪرڻ کان پوءِ هيٺئين وهڪري سان اچي ملندو هو، جنهن جو بيان اڳي بہ اچي چڪو آهي. مذڪوره سنگم ملتان جي پرسان ڏکڻ پاسي ٿيندو هو.

١٧ ـ هن بيان سان لاڳاپيل هيءُ حاشيو ڏنو ويو آهي " ڪناري سان ڍڳهيون سوڙهيون ڍبون آهن، جيڪي درياهہ سان ميلن تائين هلنديون ٿيون وڃن. انهن مان ڪيتريون ڪافي اوچيون بہ آهن، جهڙي ريت عام طور تي درياهي ساليانِي چاڙهہ کان پوءِ ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ انهن واري جي پٽن وچان پاڻي بہ وهندو رهندو آهي. ماٺهو انهن پٽن کي درياهہ جي اڳين چاڙهن ڏانهن منسوب ڪندا آهن. هنن پٽن ڪري دهليءَ جي شاهي لشڪر کي درياهہ پار ڪرڻ وقت ڏکيائي ٿئي ها ۽ گهڻي دير بہ لڳي وڃي ها.اهو ئي سبب آهي جو شاهي لشڪر پيش قدمي وقت پاسي وارو رستو اختيار ڪيو هو. سندن ارادو بہ انهيءَ رستي اختيار ڪرڻ جو هو. انهن کهڙو رستو ونئي پيش قدمي شروع ڪئي هئي؟ان متعلق احوال اڳتي ايندو. پر ان رستي بابت ڪجهہ بيان متي اچي ويو آهي.

١٨ ـ منهنجي گذارش اها آهي تہ سندس اظهار جي آخري سٽن ڏانهن خاص ڌيان ڏنو وڃي ۽ هن فقري کي " اليٽ" جي "هستورين " جي صفحي ٣٦٣جلد نمبر ٢ جي لکت سان ڀيٽائي ڏنو وڃي.

١٩ـ مان هتي هيءَ ڳالهہ ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو تہ مون هن مقالي جو ڪجهہ حصو اڄ تي حملي جي بيان متعلق حاشيہ جي صورت

۾ لکيو هو. ڏسو منهنجو طبقات جو ترجمو ص ١١٥٥. اهو حاشيو تمام گهڻو ڊگهو هو. بعد ۾ سوچيم ته طبقات جي ترجمي پوري ٿيڻ کان پوءِ، ان حاشيه کي هڪ جدا مضمون طور "جرنل" ۾ ڇپائڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو. مان اهو مضمون لکي بي ڌيانيءَ سان ڪاٿي رکي ڇڏيو. اتفاق اهڙو ٿيو جو اهو مضمون منهنجي مرحوم دوست آرٿر گروٽ جي اک تي چڙهي ويو. ان کي به تي پيرا پنهنجي نظر مان ڪڍيائين ۽ مون کي چيائين ته هيءُ مضمون تمام سٺي نماتي لکيل آهي جيڪو جدا مقالي طور ڇپجڻ لائق آهي. مارچ ١٨٨٧ع ۾، مون کي پنهنجي مضمون جو نسخو نقشن ۾ رکيل ملي ويو. حقيقت اها هئي ته مان هن مضمون جي ليڻ جو آسرو لاهي ويٺو هوس. منهنجو خيال هو ته مان ان کي " طبقات" جي ڏنل ۽ ٻين غير ضروري ڪاغذن سان گڏ ساڙي ڇڏيو آهي. ساڳي مضمون تي، مسٽرآر - ڊي - اولڊام جو لکيل مضمون "جرنل" نمبر ۴- ١٨٨٦ع ۾ ڇپيو. ان ڪري مون پڪو پهه ڪيو ته منهنجو مقالو به ضرور اچڻ گهرجي. مان جيڪو ڪجهه هتي بيان ڪيو آهي، ان جو "ڪلڪته رور" جي دير واري شماري ۾ حوالو ڏسي سگهو ٿا.

٢٠- هن خاص حصي جو ترجمو شايد پوري وقت تي هندوستان پهچي ڪونه سگهيو.

٢١- اليٽ جي " هسٽورين آف انڊيا" جي مرتب مرحوم ڊائوسن ، جنهن نه فقط طبقات ناصري جي ڪن حصن جو ترجمو ڪيو پر ان جي سيني حصن جي ترجمي تي پڻ نظر ثاني ڪئي. هن هڪ اک کان نابين مغل سپهه سالار کي منگو خان بڻائي ڇڏيو، جيڪو چنگيز خان جو پوٽو هو. سندس نالو منگتا مان ڦيرائي منڪتي ڪري ڇڏيائين. "قا آن اعظم " منگو خان ، چنگيز خان جي سڀ کان ننڍي پٽ جو پٽ هوءِ اڄ جي حملي کان پنج سال پوءِ حڪمراني جي گادي تي ويٺو هو. اُڄ

جي حملي جي وارتا ڪيوڪ Kayuk جي حڪمراني دوران ٿي هئي. ٻي ڳالھہ اها بہ آهي تہ هو حملو ڪري ڪڏهن بہ سنڌوءَ جي ڪنڌين ڪنارن تي ڪونہ پهتو هو. نہ فقط ايترو پر ان جي ڪنڌين ڪنارن جي ١٠٠ ميل ويجهو بہ ڪونہ پهتو هو. ڏسوطبقات ناصري جي ترجمي جي صفحي ١١٨٠جو حاشيو. مسٽر بلاچ مين آئين اڪبري جو متن ڇاپيو آهي، جنهن ۾ هن اُچ واري حملي جو مختصر ذڪر ڪيو آهي. انهي ۾ هن منگوءَ ۾ گ جون اٽيون ڏيڻ وساري ڇڏيون آهن. جنهن ڪري لفظ"منلو" ٿي پيو آهي. ۽ "گ" جو اکر "ل" ۾ بدلجي ويو آهي. ت جو اکر بہ هيٺ مٿي ڪري لکيو اٿائين، اهو بہ ٿيءَ جي بدران واءِ بڻجي ويو آهي. مان سمجهان ٿو، تہ اهي ڇاپي جون غلطيون آهن، ڇاڪاڻ تہ قلمي نسخي جي صورت خطي بلڪل صحيح آهي. " نوٽس آن دي لاسٽ رور" جي مصنف جنهن جو اڳتي ذڪر اچي رهيو آهي، تنهن بہ "منگو" خان لکيو آهي، ۽ ڪاٿي بہ منڪتي لکيل ڪونہ آهي.

ڪهڙي نہ اچرج جهڙي ڳالھہ آهي جو ماڻهو ناممڪن ڳالهيون بہ بي دپائي سان بيان ڪري ٿا وجن. هڪ مغل حڪمران جو نالو منگو آهي، ۽ اهو پڙهيو بہ هونداٿون. جلد ئي وري سندن نظر منگوتہ جي نالي تي پوي ٿي ۽ هن ڪي منگو خان سمجهيو وجي ٿو. پر تاريخ جو مصنف ٻيءَ جاءِ تي لکي ٿوتہ، "منگوتہ وڏي عمر وارو ماڻهو هو ۽ سندس اکيون ڪتي جهڙيون هيون. (ڪن نسخن ۾ لکيل آهي تہ هو هڪ اک ڪان ڪاڻو هو)۽ چنگيز خان جي مقربن مان هو.

ڏسو طبقات ناصري جي ترجمي جي صفحي ١١٨٠جو حاشيو.

٢٢ - اصلي نسخي ۾ قيدين جو لفظ موجودڪونہ آهي.

٢٣- هتي اسان ڪي اهو ڏسڻ ۾ ايندو، تہ ٻنهي جاين تي تاريخ جي مصنف منگوتہ ۽ ماروتہ جا صحيح نالا لکيا آهن. پر مسٽر ڊائوسن سمجهيو تہ مان گهٽو ڪجهہ ڄاڻايان ٿو،سو پهرئين لفظ منگوتہ کي

منگو خان ٻڌائي ڇڏيائين . ٻئي لفظ ماروت کي ميرات جو وڳو ڏڪائي ڇڏيائين ۽ سمجهيائين تہ، مان تاريخ ۽ جاگرافي جو وڏو ڄاڻو آهيان. ميرات جو ٺاڪ ماروت کان پنج ڏگريون اوپر طرف آهي. انهيءَ کان علاوه اهو دهلي کان اتر ـ اوپر طرف ۽ ماروت جي بلڪل مخالف ڏس تي آهي.

٢۴ـ ڏسو اليٽ جي هسٽورين جو صفحو٣٦۴ جلد ٢.

٢۵ـ مان طبقات جي ترجمي جي صفحي٨١٢جي حاشيہ نمبر ٣۾ لکيو آهي تہ، ”جر“ لفظ جي معني گهارا Fissures آهي، جيڪو جزيره جو جمع آهي. جهڙي ريت جزايرـ لفظ جو ڪجهہ حصو جي ڪلڪتہ واري نسخي ۾ لکڻ کان رهجي ويو آهي، جنهن جو مطلب ٻيٽ ٿئي ٿو. پر ”جر“ لفظ جي معني هڪ ٻيٽ يا گهڻا ٻيٽ ڪانہ ٿي نڪري. باقي هندي لفظ ”چر“ جي معني ڪنارا، ٻيٽ ٻيٽاريون ڪنارا جي معني ۾ ڪتب آندو ويندو آهي. اهڙي قسم جا ٻيٽ ٻيٽاريون يا ڏٻون، پاڻيءَ جي چاڙهہ کان پوءِ درياهن جي پٽن پاسن ڏسڻ ۾ ايندڀون آهن. امڪان آهي تہ منگوتہ جي پڇڻ تي ڏيهي ماڻهن جواب ۾ اهو لفظ ڪتب آندو هوندو. جيڪڏهن بهاول پور جي خدن جي وڏي نقشي تي نظر ڪبي، تہ اسان کي اهڙين پٽن، ٻيٽن ۽ ٻيٽارين جو تصور اڀري ايندو جهڙين ڏٻن ۽ ٻيٽن جو ذڪر تاريخ جي مصنف ڪيو آهي. واريءَ جون اهڙيون ڏٻون هاڪڙي يا واهندا درياهہ جي قديم پيٽن ۾ اڄ بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هن درياهہ جي پيٽ جو احوال اڳتي ايندو.

٢٦ـ ڏسو طبقات ناصري جي منهنجي ترجمي جو صفحو ١١۵٠.

٢٧ـ سلطان ناصرالدين محمود شاهہ، سلطان علاوالدين مسعود شاه جي قيد ٿيڻ کان پوءِ دهلي جي تخت تي وينو ۽ الغ خان اعظم جي ڌيءُ سان شادي ڪيائين. پنهنجي نانيءَ سلطان ناصرالدين محمود شاه جي وفات کان پوءِ الغ خان دهليءَ جي تخت تي وينو، ڇاڪاڻ تہ سلطان کي

ڪوبہ اولاد ڪونہ هو، ۽ سندس لقب غياث الدين بلبن هو. هو البري خاندان جي ترڪ قبيلي مان هو. پر هندستان جي مورخن، گزيٽئرن جي مصنفن ۽ قديم آثارن جي ماهرن ، ڪيس پٺاڻ سمجهيو آهي.مذڪوره ماهرن ٻين ترڪن ، تاجڪن ، جاٽن ۽ سيدن کي بہ پٺاڻ ئي ثابت ڪيو آهي. هنديءَ ۾ هن لفظ کي بگاڙي پشتون ڪري لکيو ويندو آهي. جيڪو افغان آهي، ۽ انهن جي ٻوليءَ پشتون کي افغان سڏيو ويندو آهي. نومبر ١٨٨٩ع جي سوسائٽي جي "ٽرانزيڪشن" جي صفحي ٢٢٦ تي "پٺاڻ" جي سڃاڻ ۾ غلطي نظر اچي ٿي. ڪوهہ جد يا نمڪ سير جي جبلن مان جيڪي سڪا لڌا آهن، تن متعلق چيو ويجي ٿو، تہ اهي هڪ ئي قسم جا سڪا آهن، يعني"انهن سڪن جو تعلق سلطان غياث الدين بلبن سان آهي جيڪو پٺاڻ هو. هن فقري ۾ جنهن غياث الدين بلبن جو ذڪر آهي، سو ساڳيو الغ خان اعظم آهي، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. اسان کي پورو ويساهہ آهي تہ هن جو البري خاندان جي ترڪ قبيلي سان تعلق هو، جيڪو افغان يا پٺاڻ ڪونہ هو. جيڪڏهن طبقات ناصريءَ جو چڱي پر مطالعو ڪبو، تہ اهڙيون غلطيون ڪونہ ٿينديون. پر اهم ڳالهہ اها آهي تہ ڊائو، برجس ۽ فرشتہ جي حوالن ڪان پاسو ڪيو وڃي.

٢٨ـ ڏسو صفحو١٦٠ حاشيونمبر١٣.

٢٩ـ ملتان ۽ اچ، جن جو اڳ ۾ بہ ذڪر اچي چڪو آهي. (ڏسو صفحي ١٥٨جو حاشيي نمبر ٨ ۽ صفحي ١٥٩ جو حاشيہ نمبر ١٢)سي ڪڏهن هڪ ئي دو آبي ۾ واقع هئا ، ۽ ٻنهي شهرن جي وچان ڪوبہ درياه ڪونہ وهندو هو. پر چناب درياه مان هڪ ڪوتيل واهہ ملتان جي قلعي جي ڀرسان وهندو هو. جنهن جو نالو لولي واهڻ هو. ملتان قلعي جي چوڌاري ڪنيل کاهي هن جي پاڻي سان ڀري ويندي هئي. سياري جي رت ۾ بہ جيڪڏهن ضرورت پوندي هئي، تہ مذڪوره کاهي کي ان جي

پاٽيءَ سان ڀريو ويندو هو. اهڙيءَ ريت ڪجهہ فاصلي تي ٻيا ٻہ ڪيترائي واهہ هوندا هئا.

ان زماني ۾ سنڌو يا آب سنڌ، بياس ۽ ان جي ڀرتي ڪنڌڙ شاخن جي گڏيل پاٽيءَ سان اُچ جي اولهہ ۾ ملندي هئي . هن حقيقت جي پٺڀرائي ڪي تاريخي روايتون بہ ڪن ٿيون، جن جو وستار اڳتي ايندو. ٻنهي درياهن جو انهي ماڳ تي سنگم موجوده دور تائين هلندو آيو آهي.

۳۰- راٺو جس پال ، سهرا Sihra يا Sehra ۽ سندس کوکر قبيلو مغلن جو سونهون بنجي پنهنجي ملڪ قرائڻ لاءِ ڏاسو (ڏسڻ وارو) بہ ٿيندو هو. هن ڪڏي ڪم لاءِ، ڪين ۶۴۳هہ ۾ سلطان ناصر الدين محمود شاهہ جي زماني ۾ ڪيترين ئي سزائون ڏنيون ويون. ڏسو طبقات ناصريءَجي منهنجي ترجمي جو صفحو ۶۷۸ء ۸۱۸.

۳۱- مغلن، اچ تان گهيرو شعبان جي ۲۵ تاريخ مطابق جنوري جي پڇاڙي سن ۱۲۴۶ع ۾ پٽيو جيڪڏهن دهلي جو لشڪر سڌو اچي ماروت وٽان اکري ها تہ ڪين هاڪڙي ۽ بياس ۽ سندس ڀرتي ڪنڌڙ شاخن جي گڏيل وهڪري کي پار ڪرڻو پوي ها. ٻئي درياهہ تمام اونهان ۽ ويڪرا هئا، جن کي پار ڪرن ڏاڍو ڏکيو هو. ان زماني ۾ اُچ رود سنڌ يا بياس ۽ سندس ڀرتي ڪنڌڙ شاخن ۽ سنڌوءَ جي وچ تي موجود هو. ان کان سواءِ جيڪڏهن دهلي جو لشڪر اُچ جي سامهون درياهہ اکري ها، تہ مغل لشڪر سندس آڏو اچي مقابلو ڪري ها، ۽ ڪين درياهہ اکرڻ ڪونہ ڏئي ها.

۳۲ - دهلي جي سلطان ايئن ئي درياهہ اکريو هو، جيئن ڪنهن زماني ۾ سڪندر ڪيو هو. استرئبو پنهنجي جاگرافي (B x v)۾ بيان ڪري ٿو تہ،” تنهن ڪري هن سنڌ جي انهن علائقن کي ڀهريائين فتح ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو، جيڪي وڏيڪ مشهور هئا. هن اهو بہ

سوچيو هو تہ جيڪي درياه ڪيس پار اڪرڻا آهن، ۽ ملڪ جي آر پار گذرن ٿا ۽ منجهن ٻين درياهن جو بہ پاڻي ملي ٿو، تن کي سولائيءَ سان مٿان وجي اڪرجي. هن اهو بہ ڏٺو هو تہ، ڪيترن درياهن جي ملڻ کان پوءِ هڪ وڏو گڏيل وهڪرو ٺهجي پوي ٿو. هن ڏٺو تہ مختلف درياهن جو سنگم ڪيترن ئي ٿاڪن تي ٿي رهيو هو. هن اهو بہ سوچيو هو تہ جيڪڏهن ٻيڙيون نہ مليون، تہ هو درياهہ پار ڪري ڪونہ سگهندو، تنهن ڪري درياهن کي مٿان پار ڪرڻ هن لاءِ سولو هو.

٣٣- امڪان اهو آهي تہ سنڌوءَ کي پار ڪرڻ لاءِ وٽس ڪو وسيلو ڪونہ هو. ان ڪري واپس ٿيڻ وقت سنڌ ساگر دوآبي مان سفر ڪرڻ لڳو، ۽ ان ئي رستي سان اچي هن اُچ تي حملو ڪيو هو.

٣۴- ڏسو صفحو ٦١٢ ۽١١٥٦ .

٣۵- مان هن ڳالهہ جو اڳ ۾ ئي ذڪر ڪري آيو آهيان، تہ درياهہ جو نالو ڪنيل ڪونہ آهي. جيڪڏهن دهليءَ کان ماروت رستي اچجي ها، تہ هاڪڙو تہ ضرور پار ڪجي ها. پهريائين سرستي وٽان گهاگهر يا گهگهر پار ڪرڻو پوي ها، ۽ پوءِ بياس ۽ سندس پرتي ڪنڌڙ شاخن جو پاڻي، جنهن کي سنڌ رود چئبو هو ان کي اڪري ها.

٣٦- پر ان هوندي بہ ڪلڪتہ رويو ۾ مقالي ۾ لکڻهار صفحي ٣ تي چوي ٿو تہ، ” چوڏهين صدي ۾ سلطان فيروز شاهہ تغلق جي زماني دوران هن علائقي جي صورت ڪهڙي هئي؟ اسان کي ان متعلق پوري پڪ ڪانہ آهي.

٣٧- هن شهر جو نالو مسلمان مورخن غلط اُچار ۾ Ubo-har ڪري لکيو آهي. پر صحيح Abu-har آهي. هن متعلق احوال اڳتي ايندو.

٣٨- هن کي بہ ماهرن ”پناڻ“ ڪري پيش ڪيو آهي.

٣٩- سرستي، سيرسا- Sirsa جو قديم نالو آهي.

۴٠- هن ماڳ جو هاڻي ڪاٿي بہ پتو ڪونہ ٿو ملي. منهنجو شخصي خيال آهي، جنهنجو گهڻو امڪان بہ آهي، تہ جيڪي هن علائقي ۾

تبديليون آيون، تن هن مقام کي هميشہ لاءِ ميتي ۾ ميساري ڇڏيو.

۴۱- شايد اهو اسان کان وسري ٻہ ڪونہ ويندو تہ ملتان صوبي جي بکر ۾ ملتان سرڪار جا ڪيترائي سال ڏاڍا سکيا ستابا ۽ خوشحال هوندا هئا. انهن اڳين مان ٿي ۾ پوئين دور جون ست سرڪاريون، اڄ جي اوسي پاسي سنڌوءَ جي موجوده ڪناري ۾ گهاري جي ڪنڌين سان آباد هيون، جيڪي اڳتي هلنديون وڃي هاڪڙي تائين پهچنديون هيون. اهي اڄ سوڏو مشهور و معروف آهن. انهن مان هڪ ديراوار ٻہ آهي. هر هڪ سرڪار مان ٧٨٠١٥١٠ درهم يا ١٩٥٣٧ روپيہ يا ١٠٩٥٣ پائونڊ ڍل اڳڙندي هئي. ان کان سواءِ ١٣٧٠ گهوڙيسوارن ۽ ٨٦٠٠ پياڏن کي ڏنل زمين تان ڍل وصول ڪانہ ڪئي ويندي هئي. اهي اڪبر بادشاهہ جي دور ۾ مختلف سرڪاري خدمتون سرانجام ڏيندا هئا.

۴۲- هيءُ ان سبب جي حقيقت بيان ڪري ٿو، تہ هن ڇو هانسي ۽ ابو هارAbu-har رستي سفر ڪيو هو. هيءُ صفحي ٦٨٧ تي چوي ٿو تہ، "جڏهن مان هانسيءَ جي علائقي ۾ پهتس (ان زماني ۾ هيءُ علائقو سندس مربي الغ خان کي ڏنل هو) تہ الغ خان مون کي هڪ ڳوٺ ڏنو. ان ڪري آءٌ صفر مهيني جي ١١ تاريخ آچر ڏينهن سن ٦۴٨هہ ابوهار رستي ملتان روانو ٿيس. بيلس جي ڪنڌيءَ تي شير خان نسقر سان ملاقات ٿي ويئي."

۴۳- مسٽر ڊائوسن لکي ٿو تہ،" انهن کي هڪ سو لاڏو جانور وني وڪرو ڪيو ويو." ڏسو البت جي"هسٽورين " جو صفحو ٣۵٠ جلد ٢ طبقات ناصري ص٦٨٦، ٦٨٨، ۽٨٢٢.

۴۴- طبقات ناصري جي ترجمي جي صفحي ٨٢٢ تي هيءُ چوي ٿو تہ، مان دهليءَ کان ملتان روانو ٿيس اهو ذالقعد (سال جو يارهون) جو مهينو ۽ سال ٦۴٧ هہ هو. هن اهو سفر هانسي ۽ ابو هار رستي ڪيو هو. جيڪو هاڻي ويران علائقو آهي. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ، " جڏهن چوماسي جي رت آئي تہ ٢٦ جمادي الاول (ٻئي سال جي چوٿين

مهيني) تي پلر جي، پهرين پالوٽ ٿي هئي. هن موٽ جو سفر "ماروٽ" ۽ "هانسي" رستي ڪيو هو. (ص٦٨٨)۾ پئي مهيني وچي راجڌاني پهتو. ڏسو طبقات ناصري ص ٨٢٣

٤٥ـ هاڻي هن کي عام طور لکي جهنگل سڏيو ويندو آهي. ان جو احوال اڳتي پڙهندا.

٤٦ـ ملڪ شير خان نسقر کي ملڪ جي اولاهين سرحد تي مقرر ڪيو ويوهو. هن کان اڳ الغ خان اعظم جيڪو دهليءَ جو سلطان ٿيو هو، انهن اولاهين سرحدن جي نگهباني لاءِ مقرر ٿيل هو. هو ملڪ شيرخان جو مائٽ هو. تاريخ فيروز شاهي (جنهن تيانوي سال پوءِ طبقات ناصري تان نقل ڪيو، چاڪاڻ ته اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته سندس همعصر مورخ پيو ڪونه هو.) جو بيان آهي ته ملڪ شيرخان سنقر سلطان غياث الدين بلبن جو يائيتو هو. سلطان جي حڪمرانيءَ جي شروعاتي دور ۾ کيس اولاهينءَ سرحد جي نگرانيءَ واسطي مقرر ڪيو ويو هو. هو هن عهدي تي سلطان جي وفات تائين يعني چار پنج سال قائم رهيو.'هو وڏيڪ پڌائي ٿو ته، اولهه وارا سيپئي علائقا جهڙوڪ لوهو وار (لاهور)سنم، ديپالپور ۽ پيا خطا جيڪي مغلن جي حملن جي زد ۾ هئا، سي هن جي نگراني ۾ ڏنا ويا هئا. وڏيڪ حاشيه اڳتي ڏسندا.

٤٧ـ نقشن ۾ هن کي غلط نالي " بيجنوٽ" Beejnot ڪري لکيو ويو آهي. اتر سنڌ ۾ هاڪڙي جي اولاهين شاخ ۽ بياس جي پراڻي پيٽ جي پرسان ونجهڙوٽ نالي هڪ پيو به ماڳ آهي، جيڪو انهيءَ ساڳي علائقي ۾ واقع آهي، پر بيڪانير جي سرحدن کان ونې هاڪڙي جي ڪنڌيءَ تائين پکڙيل آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته پهرئين نالي وارو ماڳ هن علائقي جو مکيه شهر هو.

٤٨ـ "مجمل فصيحي" ٦٤٨هه (١٢٥٠ع)جا واقعا بيان ڪندي اسان کي پڌائي ٿو ته ساڳي سال ملڪ شيرخان سنقر، مغلن کان پيو پيرو

ملتان فتح ڪيو، ۽ دهلي دربار جي نمڪ حرام ملڪ ڪي اتان بي دخل ڪري ڇڏيائين ، جيڪو اچ ۾ ويهي مغلن سان ساز باز ڪري رهيو هو. هن واقعي کان پوءِ هي غدار ملڪ، ظالم منگو خان جي اردو Urdu (لشڪر) سان وڃي مليو، ۽ سندس مخالف هلاڪو خان وٽ وڃي پهتا. ملتان، مغلن جي ماتحت قرلغ کان ٻيو ڀيرو فتح ڪيو ويو. اهو ملڪ جنهن ڏانهن گمراهي ۽ نمڪ حرامي جو اشارو ڪيل آهي، سو ملڪ عزالدين بلبن ڪشلو خان هو.

۴۹۔ ناگوار Nagwar، دهلي شهنشاهت جي نهايت اهم جاگير هئي، ۽ ان سان گڏ صوبو به هو. ملڪ عزالدين بلبن ڪشلو خان کي ناگوار، سنڌ ۽ ملتان جو نواب مقرر ڪيو ويو هو. اُچ ۽ ملتان جي اولهہ پاسي وارا خطا جيڪي ملتان ۽ اچ جي ماتحت هئا، سي به سندس تحويل ۾ ڏنا ويا هئا. ڪو ماڻهو اهو تصور ڪري سگهي ٿو ته، جيڪڏهن مکيہ درياهہ سڪي ويل هجي ها، ته اچ ملتان ۽ ناگوار جا بر پٽ ۽ ويران علائقا ڪيئن جاگير ڪري ڇو ڏنا وڃن ها؟ جيڪڏهن ان زماني ۾ ٻئي درياهہ (ستلج ۽ بياس)پاڻ ۾ ملي ويا هجن ها، ته اجا ٻيا به وڏيڪ ويران علائقا پيدا ٿي وڃن ها. ان زماني ۾، جنهن متعلق اسان ڳالهائي رهيا آهيون، ناگوار جو علائقو نهايت اهم هوندو هو. ۽ اهو اڪيلو ئي جاگير طور ڏنو ويندو هو. ملڪ عزالدين بلبن ڪشلو خان شمسي خاندان جي ويجهن ماڻهن مان هو. هن پنهنجي خاندان جي هڪ عورت سلطان شمس الدين التمش جي نڪاح ۾ ڏني هئي. هن ڪيترا ڀيرا بغاوتون به ڪيون هيون. پر هن جي سيني ڪوتاهين کي وساري وري به ڪيس نوازيو ٿي ويو. اهو سڀ طبقات ناصري جي بيانن ۾ واضح آهي.

اڪبر بادشاهہ جي دور ۾ ناگوار، اجمير صوبي جي اولهہ وارين ٻن سرڪارين مان هڪ هئي. ٻي سرڪار بيڪانير هئي. ۽ جيسلمير ان جو محال Sub district هوندو هو. تنهن زماني ۾ ڪيترن درياهن جي وهڪرن ۾ تبديليون اچي ويون هيون، جنهن ڪري ملتان صوبي جي

وچ تي ويراني ڇانئجي وئي هئي. ناگوار سرڪار ۾ ايڪٽيهه محال هوندا هئا، ۴۰۳۸۹۸۳۰ درهم ڍل اڳڙندي هئي، جيڪا ۱۰۰۹۷۴۳ روپين جي برابر هئي، يعني ڏهن لکن روپين کان ڪجهه مٿي هئي. هاڻي اها جوڌپور جي ماتحت مارواڙ ۾ شامل آهي.

۵۰- هن بابت اڳتي ايندڙ حاشيو ۽ طبقات ناصري جو صفحو ۷۸۶ ۽ ۸۶۰ پڙهيو وڃي.

۵۱- هن لفظ ۾ "ر" ۽ "ل" جو اکر ڪتب آندل آهي. هي ٻئي اکر هڪ ٻئي سان بدلائي سگهبا آهن.

۵۲- ڪن مورخن هن واقعي کي هڪ سال اڳ ڄاڻايو آهي.

۵۳- ملڪ عزالدين بلبن ڪشلو خان اُچ وارن علائقن جو نواب هو. ساڳئي وقت دهليءَ جي سلطان خلاف بغاوت به ڪئي هئائين. ان جو سبب اهو هو تہ، اُچ ۽ ملتان وارا علائقا بياس ۽ هاڪڙي جي الهندي طرف ۽ سنڌو يا آب سنڌ جي وچ تي هئا. ان زماني ۾ سنڌو درياهہ ملتان جي پرسان اولهہ پاسي کان وهندو هو. چناب ۽ راوي بہ مذڪوره علائقن جي اوپر طرف کان وهنديون هيون. ٻئي قلعا سنڌ ساگر جي هڪ ئي دوآبي ۾موجود هئا. مغل بہ ڪوهہ جد يا نمڪ سر کان هلي سنڌ ساگر دوآبي منجهان اڪري هنن علائقن تي حملو ڪندا هئا. ان دو آبي ۾ مغلن جي حڪومت پڻ هئي. مغل اُچ تي حملي جي ارادي سان جڏهن ۶۴۳هہ ملتان جي پرسان سنڌوءَ جي ڪناري تي پهتا هئا، تہ حسن قرلغ ملتان جو قلعو خالي ڪري سنڌ جي سوستان ۽ سامونڊي ڪناري ڏانهن هليو ويو. هن حقيقت مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي علائقا مغلن جي اثر هيٺ هئا. ٻيو تہ مغلن جو لشڪر جيئن تہ سنڌوءَ جي ڪناري تي موجود هو، تنهن ڪري هو بياس يا رود سنڌ وني وڃي هاڪڙي يا واهندا سان سفر ڪرڻ لڳو، پوءِ بکر پهچي هيٺ لاڙ ڏانهن روانو ٿيو هو. جڏهن ابوالفضل پنهنجي تاريخ لکي رهيو هو، تڏهن ملتان باري دوآبي ۾ اچي ويو هو، ۽ اُچ تنهن زماني پنج ند يا پنج ند کان

ٻاهر هو. جنهن کي ٻيرون پنج ند چوندا هئا، يعني پنجن درياهن جي گڏيل وهڪري جي ڪهڙي به هڪڙي پاسي موجود هو.

٥٤ـ ان کان سواءِ قرلغ خان سلطان ناصرالدين محمودشاهه جي والده سان شادي ڪئي هئي. سلطان جي خلاف ٦٥٣ هه (١٢٥٥ع) ۾ بغاوت پڻ ڪئي هئائين، ۽ هن پنهنجي نالي سان سڪا به جاري ڪيا هئا. اهو ئي سبب آهي جو سندس نالو سلطان جي ملڪن ۾ نظر ڪونه ايندو.هيءُ به ترڪ هو، پٺاڻ ڪونه هو. ڏسو طبقات ناصري جو صفحو ٦٧٣ ۽٧٠٣ ۽ سوسائٽيءَ جو ١٨٨٩ع جوٽرنزئڪشن " Transaction " صفحو٢٢٦.

٥٥ـ ڏسو طبقات ناصري جو صفحو٧٨٥.

٥٦ـ ملڪ عزالدين بلبن ڪشلو خان ڪافرن سان همرڪاب ٿيڻ ڪري شيخ جي روبرو ٿيڻ کان شرم محسوس ڪري رهيو هو. ان ڪري تاجڪ ڪريت، جيڪو هرات جو حاڪم هو، تنهن ذريعي رابطو قائم ڪيو ويو هو.

٥٧ـ مونکي اميد آهي ته ، قديم آثارن جا ماهر چنگيز خان کي تيمورچي مغل Temurchi سمجهڻ ۾ غلطي ڪونه ڪندا. ڇاڪاڻ ته چنگيز خان يا خان اعظم تاريخن جي حوالن مطابق پنهنجي نالي سڪا جاري ڪونه ڪرايا هئا. جيڪڏهن آهن به ته سندس جانشين جي نالي تي سڳهن ٿا. ننڍا مسلمان حڪمران جن کي مغلن نواب مقرر ڪيو هو، جهڙوڪ ملڪ حسن قرلغ ۽ شمس الدين محمد ڪريت، پنهنجي سڪن سان مغل ڪافرن جا نالا به لکرائيندا هئا. ڏسو ٿامس جو " پٺان ڪنگس آف دهلي" جو صفحو ٩١ ۽ ٩٨. حسن قرلغ يا سندس پٽ ناصرالدين محمد کي طاقتور حڪمران ڪونه هئا. هنن متعلق حوالن لاءِ ڏسو طبقات ناصري جي ترجمي جو صفحو ٧٨١، ٨٥٩ ۽ ١١٢٨ کان ١١٣٢ تائين.

٥٨ ـ مجمل الفصيح Mujmal-i-Fasih

٥٩ ـ دهليءَ جي جاگيردارن مان هڪ تاج الدين سنجرڪريت خان ملڪ بہ هو. پر هن کي ”طبقات ناصري“ جي حوالن مطابق، ڪڏهن بہ لاهور جو جاگيردار مقرر ڪونہ ڪيو ويو هو. ڏسو صفحو٧٥٦.

٦٠ ـ جيڪڏهن بياس سڪل هجي ها، تہ هو ” دنگ“ هڪدم اڪري وڃن ها. پر هي درياھ ان زماني ۾ لنگهڻ جوڳو ڪونہ هو.

٦١ ـ هي سيف الدين حسن قرلغ خان جو پٽ هو، جنهن ٦٤٣ھ واري مغلن جي اُچ تي حملي کان اڳ ملتان تي قبضو ڪيو هو.

٦٢ ـ ان هنڌ کي بروتا Barutah سڏيو ويندو آهي. ڏسو طبقات ناصري جي ترجمي جو صفحي ٨٥١جو حاشيہ ٨.

٦٣ ـ ان وقت الغ خان اعظم سان گڏ ٣٠٠٠ افغان لشڪر ساڻ هو، جن مان ڪجھ گهوڙيسوار ۽ ڪجھ پيادا هئا. هي پهريون پيرو آهي جو ان وقت جا مورخ اهو ذڪر ڪن ٿا تہ، دهليءَ جي بادشاہ جي جاگيردارن جي نوڪريءَ ۾ فوجي بہ هئا. هن دور ۾ ئي اسان کي پتو پوي ٿو تہ، دهليءَ جي بادشاهت جي نوابن وٽ اهڙي قسم جي پرتي ٿيل فوجين جو انگ گهٽو هو. منهنجو اشارو ”افغانن“ ڏانهن آهي. جن جي جابلو ملڪ جي اتر، اولهہ ۽ ڏکڻ ۾ يا تہ مغل ڪافرن جي حڪمراني هئي، يا ناصرالدين قرلغ جهڙن ماڻهن جي نوابي هئي، جيڪي خود مغلن جي ظلمن کان تنگ هئا، جنهنجو حوالو مٿي اچي چڪو آهي.

٦٤ ـ هي بياس جي اوپر طرف واري علائقي ڏانهن اشارو آهي. ان زماني ۾ هن درياہ جي اولهہ پار وارو علائقو، مغلن يا انهن جي مقرر ڪيل نوابن جي ماتحت هو، جيڪو چڱي خاصي عرصي تائين سندن قبضي هيٺ رهيو. هن حقيقت متعلق هندستاني مورخن کي (اڄ ڏينهن تائين) ڪابہ خبر ڪانہ آهي.

٦٥ ـ مسٽر آر.ڊي. اولڊام Mr R.D.Oldham جي تازي لکيل مقالي مان ايئن معلوم ٿي رهيو-آهي، تہ شايد ڪيس اهو علم ڪونہ هو

تہ بياس ان زماني ۾ ملتان پرسان وهندي هئي. يا پنهنجي مقالي ۾ اهڙي سَچ ڪانہ ڏني آهي، جنهن مان اسان اهو اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ ڪيس اهڙي خبر هئي. مان هن مقالي جو حوالو مٿي ڪٿي ڏنو آهي. ان دور ۾ هرياري يا گهارو موجود ئي ڪونہ هو، جنهن ڪي غلطي وچان ستلج سمجهي سگهجي. تنهن وقت ستلج "هاڪڙي" جي پرتي ڪندڙ شاخ هئي، جيڪا گهٽو اوپر تي وهندي هئي. ڏسو حاشيہ ٦٧.

٦٦ ـ سچائيءَ جو اهو اصول نہ هجڻ ڪپي، تہ اسان ان ڪي هاڻي چا تا سڏيون. "ڪلڪتہ رويو" جي صفحي ١١ تي پاڻ ليڪڪ هن ريت چوي ٿو، "هن درياهہ جو" ستلج " نالو جديد دور سان واسطو رکي ٿو. ۽ اهي ٿورا ماڻهو هن درياهہ جي اهڙي نالي ڪان واقف آهن، جيڪي يورپي ماڻهن سان لهہ وچڙ ۾ آهن. اهو نالو جنهن ڪي اسان Modern term سڏيون ٿا، سو گهٽ ۾گهٽ آئين اڪبري جيترو پراڻو آهي.

هن موضوع ڪي وڏيڪ چٽو ڪرڻ لاءِ ايترو ضرور چوڻو پوندو تہ جيستائين ستلج يا شتلج، پنهنجي اصلي پيٽ ۾ وهي رهي هئي، يا ستلج يا بياس پنهنجي اصلي پيٽن ۾ وهي رهيون هيون، جيڪي اجا وهڪري جي شڪل ۾ ڪونہ وڙهيون هيون، تہ ستلج هاڪڙي يا واهندا درياه جي پرتي ڪندڙ شاخ هئي. ٻنهي درياهن جي سنگم ڪان پوءِ ٻئي درياه پنهنجو نالو وڃائي وهندا هئا. ٿوري فاصلي جي گڏجي هلڻ ڪان پوءِ وري سندن وهڪرو الڳ ٿي ويندو هو، ۽ ستلج موٽي وري پنهنجي اصلي پيٽ ۾ وهندي هئي. يا هڪ سو ڪوهہ يا هڪ سو پنجهتر ميل گڏ وهڻ ڪان پوءِ وري ستلج ۽ بياس پنهنجي اصلي پيٽن ۾ وهڻ شروع ڪنديون هيون، ۽ ڪين ستلج ۽ بياس جي اڳين نالن سان سڏيو ويندو هو. هن ڪان پوءِ گذريل صديءَ ۾ سندن وهڪرن جو پاڻي وري گڏجي ويو، ۽ وري بہ ٻنهي درياهن پنهنجي الڳ سڃاڻ ۽ نالا وڃائي ڇڏيا. ان دور ڪان اج ڏينهن تائين ٻئي درياهہ پنهنجا اصلي پيٽ ڇڏي هڪ پيٽ ۾ وهندا آهن. سندن گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري ڪي "مچو

واهہ " Machhu wah، ”هرياري، ""نرني" Nurni، ”نيلي" "گهلوءَ جو گهارو" ۽ ”گهارو" سڏيو ويندو آهي. پنهي درياهن جي آخري سنگم کان هيٺ سندن گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي گهلوءَ جو گهارو يا گهارو سڏيو ويندو آهي. وڌيڪ ستلج واري باب ۾ پڙهندا.

مسٽر ايلفن اسٽون اڪيلو ماڻهو آهي، جنهن هرياري ۽ گهاري متعلق ٿورن لفظن ۾ بلڪل صحيح احوال ڏنو آهي. هيءُ (جلد ١ صفحو ٣٢ تي) بهاول پور متعلق احوال ڏيندي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ، ”هن ماڳ وٽ درياهہ وڏو وڪڙ کائي ٿو. سندس پاڻي لڙياتو آهي. پر جڏهن ان کي صاف ڪجي ٿو تہ پيئڻ ۾ ڏاڍو سٺو آهي. هن تر ۾ ڪيس گهارو سڏيو ويندو آهي. ۽ بياس ۽ ستلج جي گڏجڻ کان پوءِ پنهي درياهن جي گڏيل پاڻيءَ کي انهيءَ نالي سان ڪوٺيو وڃي ٿو."

٦٧ ـ ابوالفضل، آئين اڪبريءَ ۾ هن گڏيل وهڪري کي ”گهارو، " ”هرياري" ۽ نرني Nurni جي نالن سان ڪوٺي ٿو. ڏنڊ Dand يا Dandah هڪ جدا وهڪرو آهي، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو. پر ان کي ستلج جي اتاهن ڪنارن ۽ ڏہن سان منجهائي پيش نہ ڪيو وڃي. ان جو وهڪرو ڪجهہ اڳتي اوپر طرف آهي. هن تر ۾ تاڏي جا ماڻهو پاڻيءَ جي هن وهڪري کي ڏنڊ جي نالي سان سڏيندا آهن.

٦٨ـ ان ماڻهو، منتگمري (جنهن جو اصلي نالو گوگاريا Googaria آهي) علائقي جي ڏوڪي Dhoki ڳوٺ ۾ وڏيءَ عمر ۾ وفات ڪئي. سندس جاٽ قبيلي سان واسطو هو ۽ نالو ڀاڳ مل Bhagh Mal هوس. لاهور تي لکيل مقالي ۾ هن جي زندگي جو ڪجهہ احوال آيل آهي، تہ هو ١٧٧٠ع ۾ ڄائو هو ۽ ١١٨ ورهين جي وڏي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. هن متعلق هينءَ لکيل آهي، ”ڀاڳ مل جهور ڪراڙو آهي، پر اجا بہ چڱيءَ طرح گهمي ڦري سگهندو آهي. سو گز پري ڳوٺ جي کوهہ تائين پنڌ ڪري ويندو آهي ۽ ڏهاڙي ڳوٺ جي ڌرمساليہ بہ ويندو رهندو آهي. نظر گهٽي گهٽجي وئي اٿس. ڪنن کان ڪجهہ گهٻرو بہ ٿي ويو

آهي. ان هوندي بہ عمر جي لحاظ کان من سچائي واهہ جي اٿس. هن جي اولاد جي پوٽاڻ ۽ پڙپوٽاڻ جو انگ اسي آهي. اهي هن جي ڏاڏي سار سنيال ۽ پر گهور ڪندا آهن. سڀ ساروٽيون ڪيس ياد ڪونہ آهن. هو پنهنجي وڏوتڻ جي ثابتي ۾ چوندو آهي تہ بياس جي سڪي وڃڻ جي ڪيس چٽي ياد آهي ۽ چيو ويندو آهي تہ بياس جو سڪڻ هڪ سو سال اڳ جي وارتا آهي. ڏسو آلن Allin جي انڊين ميل Allin Indi-an Mail ۲۱ جنوري ۱۸۸۹ع.

ول فورڊ Wilford هڪ مشهور مقالو لکيو هو، جنهن ۾ هن بہ سندس وڏوتڻ جو ذڪر ڪيو هو. مسٽر رينل Mr.Rennel هن جي يادگيرين کي "هندستان جي نقشي". ۾ قلمبند ڪيو آهي ۽ٻڌائي ٿو تہ ۱۷۸۸ع تائين بياس ۽ ستلج اجا پاڻ ۾ ڪونہ مليون هيون ۽ٻهرياري نيلي ۽ گهاري جو ان وقت تائين ڪوبہ وجود ڪونہ هو. پر ان کان پوءِ سنت ٿي اهي پاڻ ۾ مليون.

۶۹- ابوالفضل هن شهر کي هميشہ جالنڌر Jalandhar لکيو آهي. سروي رڪارڊ جي حوالن ۾ بہ هن شهر جي نالي جي هجي بہ ايئن اهي. هن دو آبي جو صحيح نالوبست جالنڌر Bist Jalhandar آهي. ڪيس سيهر وال Sehir Wal پڻ سڏيو ويندو هو.

۷۰- فقط ستلج کي هاڪڙو درياهہ ڪوني ڪونہ ٿو سگهجي. ستلج، هاڪڙي جي هڪ پرتي ڪنڌڙ شاخ هئي. وڏيڪ هاڪڙي واري باب ۾ ڏسندا.

۷۱- ليفٽيننٽ اي - اي - اي بئالين A.A.E. Boilean ، آنربل ڪمپنيءَ جي بنگال انجنيئرس جو ماٿهو هو، تنهن پنهنجي "پرنسپل نئريتو" ۾ لکيو آهي تہ، پتي علائقن جي سرحدن وٽ "س" بدران "خ" ڪتب آندي ويندي آهي. ۽ بستي Bustee کي بختي Bukhtee ڪري اچاريو ويندو آهي. ۽ "و" کي "الف" جي اچار ۾ بہ ڪتب آندو ويندو آهي. (پويان پيچاڙيءَ طور "هہ ah " بہ استعمال ڪئي وڃي ٿي،

جهڙي ريت اسان سنڌ ۾ (سندھ) ڏسندا آهيون)۽ "س"کي "ش"کري اچاريندا آهن. ان جي ابتڙ ٿاڊ چوي ٿو (حقيقت ۾ مٿيان بيان ڪيل ويچار بہ هن جا آهن)تہ انهن علائقن جا ماڻهو "س" اچاري ڪونہ سگهندا آهن ۽ ان جي بدران "هہ h " جي اچار کي ڪتب آڻيندا آهن.

٧٢- ساگر سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ سمنڊ Ocean آهي. ۽ سمنڊ جي پرسان هن کي سنڌ ساگر سڏيو ويندو آهي. ٽاڊ هن کي "سانڪرا" بہ سڏي ٿو. اهو هن جي نالي جو پيو نمونو آهي. نادر شاهہ ۽ دهليءَ جي شهاهہ محمد شاهہ جي وچ ۾ ٿيل صلح نامي ۾ "سانڪرا" جو لفظ ڪتب آندو ويو آهي، جنهن مطابق هن وهڪري جي الهندي پر وارو علائقو ايراني سلطنت ۾ شامل ڪيو ويو هو. هن عهدنامي جو متن اڳتي ڏنو ويندو.

٧٣- ٽاڊ پنهنجي ڪتاب "راجستان " جي جلد ٢ صفحي ٢٦٢ تي چوي ٿو تہ ڪرانيڪل ۾ گهاري کي بياهہ Behah سڏيو ويندو آهي (جنهن جا، شايد هن حوالا بہ ڏنا آهن)هي چوي ٿو تہ هن کي گهارو ان ڪري سڏيو ويندو آهي، جو هن وهڪري جو پاڻي گهاري جهڙو ميرو هوندو آهي ۽ ستلج ۽ بياس درياهہ جي سنگم کان پوءِ ٻنهي جي گڏيل وهڪري کي گهارو سڏيو ويندو آهي.

گار Gar کي نہ پر mud کي هنديءَ ۾ گهارو چيو ويندو آهي، جيڪو نڪر جي ٿانون ۽ جاين جوڙڻ ۾ ڪتب ايندو آهي. پر درياهہ جو نالو گهلوءَ جو گهارو آهي. ڏسو حاشيہ نمبر ٦٦ ۽٦٧.

٧٤- هند جي حڪمران شاهہ حسين ارغون مغل ٩٣١هہ (٢٥-١٥٢٤) ۾ اچ کي فتح ڪري ان قلعي کي مسمار ڪرڻ کان پوءِ ملتان ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي ۽ هلندو وڃي گهاري درياهہ جي ڪناري تي پهتو. ملتان جو حڪمران لانگاهہ جاٽ پنهنجي فوج وٺي ساڻس مقابلي واسطي اچي هن بہ درياهہ جي ڪناري تي فوجي واند هڻي هئي.

هن حقيقت مان اسان کي چٽيءَ ريت پتو پوي ٿو ته مرزاشاهه حسين جي حملي واري دور کان اڳ ۾ ٿي ستلج ۽ بياس پاڻ ۾ فيروزپور جي ماڳن وٽ ملي ڇڪيون هيون ۽ سندن گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي هرياري، ڍنڊ، نيلي يا نرني Nurni چيو ويندو هو، جيئن ابوالفضل آئين اڪبريءَ ۾ لکيو آهي. ٿورو فاصلو هڏجي وهڻ کان پوءِ اهي وري جدا ٿي ويون ٿي. هر هڪ وهڪري کي پنهنجي ساڳئي نالي سان سڏيو ويندو هو. فرق فقط اهو آيو جو سندن سنگم کان پوءِ ٻن بدران ٽي وهڪرا ٿيا هئا. ٽيون تمام ننڍڙو ۽ غير اهم وهڪرو هو، جنهنکي ”ڍنڊ“ چيو ويندو هو. اهڙيءَ ريت هڪ سو ڪوهه جي جدا وهڪرن کان پوءِ پاڻ ۾ وري ملي ٿي ويون ۽ سندن گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي ”گهارو“ سڏيو ويندو هو. ڏسو صفحو ١٧٨ حاشيه نمبر ٦٦. وڌيڪ احوال اڳتي ڏسندا. اهي درياهه لانگاهه جاتن جي حڪمرانيءَ ملتان علائقي جي ڏکڻ ـ اولهه ۾ ملندا هئا، ۽ انهن جي گڏيل پاڻيءَ کي گهارو سڏيو ويندو هو. سنگم کان مٿان ڪنهن به درياهه جو ”گهارو“ نالو ڪونه هوندو هو. گهارو درياهه اڳي ايئن ڪونه هو، جيئن اسان ان کي هاڻي ڏسون ٿا. اڳي اهو، ان ماڳ کان جنهن کي اڄ ڪلهه بهاول پور سڏيون ٿا، ڪجهه ميل اوپر طرف کان ۽ اڄ کان به اوپر پاسو ڏئي سنڌوءَ سان ملندو هو.

مرزا شاهه حسين ۽ لانگاهه حڪمران جي وچ ۾ صلح ٿيو. صلح جي عهدنامي ۾ اها ڳالهه واضح ڪئي وئي ته سنڌ ۽ ملتان جي حد گهارو درياهه هوندو. ان ماڳ جو ذڪر ته ٻئي هڪ سو هوهه جي جدا وهڪرن کان پوءِ ڪٿي ملندا هئا، سو ابراهيم حسين مرزا جي احوال ۾ اڳتي پڙهندا.

ان کان علاوه اهو به چيو ويندو آهي ته مرزا شاه حسين ارغون ”ديراور“ Dirawar جي قلعي تي به حملو ڪيو هو. (هاڻي اهو قلعو، بهاول پور جي دائود پوٽي حڪمران جو مشهور قلعو آهي). انهن

علائقن ۾ ”ر“ ۽ ”ل“ هڪ ٻئي ۾ بدلجي سگهندا آهن. ان ڪري موجوده دور ۾ هن کي دلاور ۽ ديراوال به سڏيو ويندو آهي. حملي دوران، هو پاڻ سان هڪ مهيني جو پاڻي ۽ خوراڪ کڻي ويو هو. چاڪاڻ تہ اهو قلعو رڻ ۾ واقع هو. خشڪ علائقي ۾ هجڻ ڪري، اڏامندڙا پکي بہ هن قلعي ڏانهن ڏسي ڊڄي ويندا هئا. هي قلعو سڪل هاڪڙي جي الهندي ڪنڌيءَ تي ۽ بهاولپور کان پنجاهہ ميل ڏکڻ - ڏکڻ -اولهہ طرف آهي. هن احوال مان اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ستلج ان زماني ۾ هاڪڙي درياهہ جي پرتي ڪنڌڙ شاخ ڪانہ رهي هئي، جيئن هن کان اڳي رهندي ٿي آئي، هاڻي بياس سان ملي رهي هئي ۽ ٻنهي جي گڏيل وهڪري کي گهارو چيو ويندو هو، جيڪا آب سنڌ يا سنڌوءَ جي پرتي ڪنڌڙ شاخ هئي“.

مٿيون بيان مير معصوم بکريءَ جو آهي. هي سنڌ جو مورخ آهي. سندس تاريخ اڪبري دور جي واقعن جو احاطو ڪري ٿي.

٧٥- مان پارهن سال اڳ طبقات ناصري جو ترجمو ڪندي صفحي١١٥٥ تي اچ تي حملي متعلق حاشيہ لکيو هو. ان کي مان هتي بہ ساڳيءَ ريت رهڻ ڏنو آهي، ۽ ان ۾ ڪجهہ واڌارو وغيره ڪونہ ڪيو اٿم.

٧٦- بامبي انجنيئرس جي مسٽر جي - جي - فائيف Mr.G.G.Fife سنڌوءَ جي پراڻي پيٽ، ايرندي ناري کي ٻيهر استعمال لائق بنائڻ واري پراجيڪٽ تي پنهنجي رپورٽ ڏني هئي، جنهن ۾ هاڪڙي درياهہ جو ذڪر ڪندي اهو ٻڌايو هو تہ ”هاڪڙو درياهہ سيپٽمبر ١٨٥٢ع تائين وهندو رهيو آهي.“ مسٽر برٽن بہ سنڌ تي لکيل پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙو ذڪر ڪيو آهي ۽ مذڪوره ڪتاب ١٨٥٧ع ۾ ڇپيو آهي.

٧٧- هن ٢٧٩هہ (٩٣-٨٩٢ع ۾ وفات ڪئي.

٧٨- هن کي عام طور تي اصطخري چيو ويندو آهي. چاڪاڻ تہ هو ايران جي مشهور شهر اصطخار يا Perse Polis جو رهاڪو هو. هن

لفظ جي معنيٰ ڏني، ڪَڌ، پاڙيءَ جي ڄر آهي. عرب مورخن ان کي اصطخار ڪري لکيو آهي.

٧٩ـ هن پنهنجي تصنيف تحقيق (”تاريخ“ نہ آهي. اليٺ ۽ سچائو ان کي غلطيءَ وچان تاريخ سمجهيو آهي) الهند ٤٢٣هہ جي پهرئين ڏينهن لکي پوري ڪئي، جيڪو ١٨ ڊسمبر ١٠٣١ع بيهي ٿو. اڳئين سال واسطي هن پنهنجي تصنيف ۾ڪيترين جاين تي ”اسان جو سال“ ڪري لکيو آهي. چاڪاڻ تہ ان سال سندس مربي سلطان مسعود، وڏي پُٽ هجڻ ڪري، پنهنجي پيءُ سلطان محمود جو جانشين بنيو ۽هرات ۾ تخت تي ويٺو هو، اهو سال جو پنجون مهينو هو. هن اهو ڪتاب افغانستان يا افغان ـ هند بادشاهت ۾ ويهي ڪونہ لکيو هو. جهڙيءَ ريت هن تصنيف جي مترجم ۽ مرتب پروفيسر اي. سخاؤ E. Sachau سمجهيو آهي. چاڪاڻ تہ ان زماني ۾ غزني يا غزنين يا غزنيهہ (جيڪو صحيح بہ آهي) جيڪو جديد افغانستان ۾ شاهہ آهي سو اڳ ڪڏهن بہ افغانن جي ملڪ افغانستان سان شامل ڪونہ هو. اهو علائقو ڇا هو يا انهيءَ ۾ ڪهڙيون حدون شامل هيون، تنهن لاءِ ڏسندا منهنجو لکيل ڪتاب ”نوٽس آن افغانستان“ صفحو ٤٥٣ ۽ ٤٧٠ . دنيا اڄ تائين افغان ـ هند حڪومت ڏٺي سٽي ئي ڪانہ آهي. ان کان سواءِ سلطان محمود ترڪ هو، ڪو افغان ڪونہ هو.

ان کان علاوه عربي ۾ لکيل ڪتاب جي انگريزي ۾ لکيل مهاڳ ۾ الاهي ساريون غلطيون آهن، ان ئي ڪتاب جي انگريزي ترجمي جو مهاڳ بہ غلطين کان وانجهيل ڪونہ آهي ۽ اهو ترجمو بہ ساڳي پروفيسر ڪيو آهي.

سلطان محمود، ”ابوريحان “ کي زبردستي گهلي غزنيهہ ڪونہ وٺي آيو هو نہ ئي وري پنهنجي مرضيءَ خلاف ڪين غزنيهہ رهايو ويو هو. سندس سيهوڳي ۽ مداح، ابوالفضل بيهقي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ابوريحان پهريائن خوارزمي حڪمران جي دربار ۾ ملازم هو، جيڪو

سلطان جو نائي هو، بعد ۾ سلطان محمود جي دربار سان وابستہ ٿي ويو. هيءُ مصنف فاتح جي درٻارين ۾ شمار ٿيندو هو. سلطان مسعود جي زماني ۾ ڪيس هندستان ڏسڻ ۽ ان ملڪ جي حقيقتن معلوم ڪرڻ جو وجهہ مليو هو. هن ڪي فاتح سلطانن جي لشڪر سان گڏجي گهٽو اوپر طرف وڃڻ جو بہ موقعو مليو هو. پر هو ملتان ۽ لاهور کان سواءِ ڪٿي بہ ڪونہ رهيو. لاهور جو شهر تہ ان وقت تازوئي هندن کان فتح ڪيو ويو هو ۽ مسلمان ملڪ جو جڻ صدر مقام ٿي پيو هو. هتي ويهي هن هندستان ۽ اتان جي ماڻهن متعلق تحقيق ڪئي، تنهنڪري پنهنجي ڪتاب جو نالو بہ تحقيق الهند رکيو. "اليٽ" جي لکڻ مطابق هن کي بيروني ڪونہ سڏيو ويندو هو؛ نہ ئي وري" مسٽر سخاؤ" جيان ڪيس البيروني ئي ڪوٺيو آهي. پر سندس لقب ال - بيروني Al-Beruni هو. ڪيس ڪنهن خاص ماڳ جي نسبت سان ال - بيروني ڪونہ سڏيو ويندو هو. هو خوارزم جو وينل هو. ان ملڪ ۾ بيرون نالي سان ڪوبہ خطو موجود ڪونہ آهي. جڏهن هن پنهنجو ڪتاب لکيو ان زماني ۾ هو پرڏيهي يا پرديسي يا ٻاهريون هو. تنهن زماني ۾ خوارزم غزنيهہ حڪومت جو اتوٽ حصو هو. " ابوريحان " نالا تمام گهٽا هئا، تنهن ڪري هن پنهنجي خاص سڃاڻ واسطي ابوريحان ال - بيروني سڏرايو، يعني ابو ريحان اهو جيڪو پرديسي يا ٻاهريون آهي.

٨٠ ـ سندس نالو عربيءَ ۾ آهي، جنهن جو مطلب آهي اهو ماڻهو، جيڪو نيون شيون ڏسي، گهمي ڦري ڏسي وائسي، يا مشاهدو ڪري، جاچي، جاسوسي ڪري وغيره. اليٽ جي جلد ١ جي صفحي نمبر ٩٣ تي مسئر Misar جي ڏنل معنيٰ ڪوبہ مطلب ڪونہ ٿي ڏيکاري.

٨١ ـ ڪيس ان لقب سان ان ڪري سڏيو ويندو هو جو ڪيس نشي ڪرڻ جي عادت هئي ۽ اهو نشو بلاذير Malccabeans نالي ٻنگ جهڙي هڪ شيءَ مان جڙندو هو، جنهن کي دوا طور بہ ڪتب آندو ويندو هو. هي عربي زبان جو لفظ آهي ۽ " ذ" سان لکيو ويندو آهي.

هن لفظ کي Al-Beladuri يا Beladsori يا Beladori جي انگريزي هجي ۾ لکڻ بلڪل غلط آهي. بهتر آهي تہ کيس صحيح نالي سان سڏيو وڃي.

٨٢ ـ مندر جي جڳهہ هيٺان تهہ خاني ۾ خزانو رکڻ کا ملتان جي مندر لاءِ خاص ڳالهہ کانہ هئي، جهڙيءَ ريت اسان کي حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو. ڪن وري مورتيءَ جي پيرن هيٺان لکڻ بدران ان جي پيٽ ۾ رکيل ڏيکاريو آهي. اها صورت حال اسان فرشتہ جي ترجمي ۾ ڏسون ٿا. مير معصوم بکري بہ لکي ٿو تہ سن ٩٤ هجريءَ جي شروعات ۾ محمد بن قاسم سلکندا يا اسکندا پهتو، جيکو بياس جي اتر پاسي هو. اهو اچ کان گهٽو پنڌ مٿي هو. (هن متعلق حاشيہ اڳتي پڙهندا)هن اتي پهچي، موجود مندر کي تباهہ کيو ۽ ان جڳهہ جي وچ تي رکيل مال·خزانا هٿ کيا.

موجوده دور (١٨٨٩ع) ۾، مدراس علائقي جي ترپتي Tripati جي مندر جي ”ماهاني“ Mahani کي ان ڏوهہ ۾ گرفتار کيو ويو آهي، جو هن مورتيءَ جي پيرن هيٺان تهہ خاني ۾ رکيل مال خزانا کسکائي ورتا آهن ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق انهن کي خرچ کري رهيو آهي. ڏسو صفحہ ١٩١ حاشيہ ٩٧.

٨٣ ـ هن لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم واسطي ڏسندا مٿي ڏنل صفحو ۽ حاشيہ.

٨٤ ـ ڏسو اليٽ جو ”هسٽورين“ جلد ١ صفحو ١٥. اليٽ هن مان بکر جو مفهوم وٺي ٿو تہ سمجهي ٿو تہ سنڌوءَ تي واقع اهو بکر جو شهر آهي. پر حقيقت اها آهي تہ اهو لفظ سمجهہ ۾ اچڻ جوڳو ئي کونہ آهي. ٿي سگهي ٿو اهو بسمد Basmid هجي. ان کان سواءِ، مصنف چوي ٿو تہ اهو ماڳ سنڌ جي دنگ سان واقع آهي. پر بکر جو شهر پنهنجي بنياد پوڻ کان وٺي هميشہ سنڌ اندر موجود رهيو آهي، ۽ سرحد سان واقع کونہ رهيو آهي. پر ان دور ۾ جنهن جي اسان ڳالهہ

ڪري رهيا آهيون، ايڏو مشهور ڪونہ هو. اهو ماڳ بنا ڪنهن شڪ ۾ شبهي جي ملتان جي اوير پاسي واقع هو.

٨٥ ـ ان دور ۾ ملتان ۽ ان جا ماتحت علائقا سنڌ هئا ۽ منصوره راجڌاني هو.

٨٦ ـ هاٿوڪي نہ پر ٿڏهوڪي خراسان جون حدون سمجهڻ گهرجن. ان دور ۾ ملتان علائقي جون حدون سنڌوءَ جي اولهہ وارن جبلن ۾ بنونءَ جي ڏکڻ تائين پکڙيل هيون.

٨٧ ـ "موضع"يا چڪ مان مراد "ڳوٺ" آهي، جيڪو زمين جي ٿوري ايراضيءَ تي ناهيل هو. منجهس ٿورا ڪي ماڻهو رهندا هئا.

هڪ گزيٽيئر جنهنجو مان حوالو بہ ڏنو آهي، سو ٻڌائي ٿو تہ "مسعودي جو بيان آهي تہ ملتان جي چوڌاري ١٢٠٠٠٠ ڳوٺ هوندا هئا." سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اهو وڌاءُ آهي. پر ان مان اها حقيقت چٽيءَ ريت معلوم ٿئي ٿي تہ اهو علائقو سر سبز ۽ آباد هو. ماتحت علائقي جي ويڪر ڏکڻ ـ اوير ـ کان اتر اولهہ ڏي سو چاونجاهہ ميل هئي. اتر ـ اوير کان ڏکڻ اولهہ، ڊيگهہ ان کان بہ وڌيڪ هئي. گهٽ ۾ گهٽ سوڙهي علائقي جي ماپ بہ هڪ سو اسي ميل هئي.

٨٨ ـ هيءَ تصنيف منصوره جي بنياد پوڻ کان ٻہ سو سال پوءِ لکي وئي. پر ان کي صديون بعد ۾ جاٿايو ويوآهي.

اها ڳالهہ بہ نظر ۾ رکڻ گهرجي تہ منصوره ڪا ٿورو وقت آباد ڪانہ رهي، جيئن گهڻا ماڻهو سمجهندا آهن. ۽ نہ ورڻي ننڍو ڪو عام رواجي قلعو هو. اصطخري جي زماني ۾ بہ ملتان کان ڀيٽو هو. ڏسو رايل ايشياٽڪ سوسائٽي جو جرنل سال ١٨٨٤ع جو صفحو ٢٨٢.

٨٩ ـ اڳتي حاشيہ ڏسندا،

٩٠ ـ نڪ سامهون سڌو سفر تي سو پنجاهہ ميل يا هڪ سو ڏهہ فرسنگ ڪن ٿيندو. هڪ فرسنگ ۾ اٺ ميل صحيح نہ آهي. منهنجي خيال ۾ ٽي ميل هڪ فرسنگ جي برابر ٿيندا. يوجانا Yojanah ۾ اٺ

ميل هوندا آهن. مان سمجهان ٿو تہ هتي مونجهاري جو شڪار ٿيا آهن. بهرصورت فاصلو صحيح ڪونہ آهي. ڏسو صفحہ ١٩١ تي ابوريحان جي ڏنل فرسنگ جي ماپ. صفحہ ٢٠٩ ۾ حاشيہ ١١٨ تي اهڙي قسم جي ماپ ڏنل آهي.

٩١ـ المسعودي ان کي بني عصماء Bani Usmah ڪوٺي ٿو.

٩٢ـ "نوح"جو لفظ بنا نقطي جي آهي. بنا ڪنهن شڪ شبهي جي اهو لوئي Luwai آهي. المسعودي ۾ المسالڪ والممالڪ بہ ايئن لکيو آهي. هن لفظ ۾ انهن اميرن جي باري ۾ اچرج جهڙي غلطي ٿي وئي آهي. وڌيڪ اڳتي ڏسندا.

٩٣ ـ صفحي ١٨٩ تي ڏسندا تہ المسعودي حڪمرانن لاءِ چيا ٿو لکي. ان ڪان اڳئين فقري ۾ بہ اهڙو بيان مجود آهي. المسعوديءَ پنهنجو ڪتاب ابوريحان کان هڪ صدي اڳ لکيو هو ۽ هو ملتان جي حڪمرانن جي نالن بابت ابوريحان ڪان وڌيڪ باخبر هو. هتي ابوريحان نالي ۾ ڏنو وائٺو غلط آهي، ڇمتن ۾ بہ تاڪاٺا اٿس. اهو امير جنهن ڏانهن اشارو ڏنو ويو آهي، سو عباسي خليفي طرفان مقرر ڪيل هو. هن بني اميہ جي مقرر ڪيل امير موسيٰ پٽ ڪعب تميمي کي اچي بي دخل ڪيو هو.

٩۴ ـ هاڻي اتي ڪابہ متاهين پوٺي واري جڳهہ ڪانہ آهي. پر هڪ پوٺو ضرور آهي، جنهن کي قلعو اڏيل آهي. ١٨۴٩ع ۾ جڏهن ملتان جي اوسي پاسي حملو ڪيو ويو تہ منڊي ـ آوا نالي هڪ جاءِ تي هلان ڪئي وئي هئي ۽ بمبئيءَ جي فوج مٿس قبضو ڪيو هو. مونکي شڪ آهي، تہ هيءَ جڳهہ متان اها جاءِ هجي، جتي ڪڏهن ملتان جو امير رهندو هو.

٩٥ ـ "سکس ۾ افغانس"جو مصنف شهامت علي اسان جي سياسي کاتي ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ هو گهڻو وقت هن علائقي جي اوسي پاسي رهيو ۽ "ائنالس آف دائود پوٽا نوابس" جي اختصار ۾ چوي ٿو تہ ملتان کي مختلف دورن ۾ هيستاپور Hestapur ۽ بکر پورBakharpur بہ سڏيو ويندو هو.

۹۷ـ هيءَ حقيقت ضرور ياد رکڻ گهرجي تہ ابوزيد الحسن ۽ مسعودي جنهن جو حوالو مٿي اچي چڪو آهي،بيان ڪن ٿا تہ مندر جو نالو بہ ملتان هو. هن مندر جي چوڌاري جيڪو شهر تعمير ٿيندو ويو، سو بہ مندر جي نسبت سان ملتان سڏجڻ ۾ آيو. ملتان مان جيڪو سون مليو، ان جي نسبت بہ شهر بدران ملتان نالي مندر سان ڏيکاري وئي آهي. اليٽ پنهنجي ڪتاب ”انڊين هستورين“ جي پهرئين جلد جي صفحي ۱۴ تي ابن خردازبہ جي فرينچ ترجمي جو حوالو ڏنو آهي. مندر جي نالي جي ناتي سان هن ريت لکيو اٿس: ملتان کي ”بيت الذهب“ چيو ويندو آهي. چاڪاڻ تہ حجاج بن يوسف جي مقرر ڪيل سپہ سالار محمد بن قاسم کي هڪ شهر جي مندر مان سون جا چاليهہ بهار مليا هئا، ان ڪري هن شهر کي ”سون جو گهر“House of Gold سڏيندا آهن. فرج جي معنيٰ سرحد frontier آهي. هڪ بهار ۳۳۳ مڻ وزن جي برابر ۽ هڪ مڻ بہ ريتن Ratis جيترو ٿيندو آهي“

هن عجيب غريب ترجمي تي پاڻ ڪوبہ تبصرو ڪونہ ٿو ڪري. ٻيءَ جاءِ تي هن صحيح لفظ استعمال ڪيو آهي، ۽ ان جي معنيٰ ۾ مفهوم بہ بلڪل ٺيڪ ڏنو آهي، جنهن کي هن فرج Farj جي معنيٰ ۾ بدلائي ڇڏيو آهي، جنهنجو نہ هن کي ۽ نہ وري مرتب کي ڪو احساس ٿيو آهي. هنجي ڪتاب جي ساڳئي جلد جي صفحي۳۵ تي ابن حوقل جا اقتباس ڏيندي، اليٽ چوي ٿو،”ملتان جو شهر منصوره جي اڌ جيترو ٿيندو ۽ هن شهر کي ”سون جي گهر جي سرحد“The boundry of the house of gold چيو ويندو آهي.“ هن فقري جو حاشيہ هيٺئين ريت ڏنو ويو آهي:

” اشڪال البلاد هنکي برج Burj ڪري لکيو آهي، جنهن جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ ٿيندي Bastion. (هن لفظ جي بنا نقطن جي اصلي شڪل ”مرح“ وجي بيهندي، ۽ هن جاءِ تي ئي اها وڏي غلطي ڪئي وئي آهي) ڏسڻ سان ماٿهو ايئن ئي پڙهندو. پر هن لفظ کي فرج پڙهڻ

واسطي سبب بہ چٽا ۽سگهارا آهن (٢) ايم هئماڪرM.Hamaker پنهنجي ڪتاب Descreptio Iracae جي صفحہ ٦٧ جي حاشيہ ۾ لکي ٿو تہ اسان اهو ڪڏهن سوچي بہ ڪونہ ٿا سگهون جو"برج" جي پڙهڻيءَ کي صحيح سمجهون.

(Quatre mere Concurs in reading, Farj ,Jour.de. Sar.)

ڏسو ابن خردازبہ جو حوالو ۽ چچ نامو.

اصلي نسخي ۾ هن لفظ جا اکر"مرح" آهن. ۽"مرح" لفظ ايڏو تہ مشهور ٿي ويو، جو ڪاتب لکڻ وقت ان کي نقطن ڏيڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪانہ ڪئي. ڪنهن اڻ ڄاڻ ڪاتب وري ان کي "مرح" کري سمجهيو ۽ برج " bastion لکي ڇڏيائين. ٻئي ڪاتب ان کي مرج سمجهيو ۽ مرج marj لکي ڇڏيو ۽ اهو ڪڏهن بہ ڪونہ سوچيائون تہ صحيح لفظ ڪهڙو آهي ۽ انهن پاڻ کي "فرج" لکڻ جو حق بجانب "entited" ڪونہ ٿي سمجهيو. هن اکر مرح مان ٽي لفظ بنجي سگهن ٿا. مثال طور فرج farj آهي، جنهن لاءِ مون کي پڪ آهي تہ ڪنهن بہ قلمي نسخي ۾ هنڪي نقطا ڪونہ آهن ۽ اليٽ انهن جا حوالا بہ ڏنا آهن. ٻيو هن مان "فرح" farh جو لفظ نهندو جنهن جي معنيٰ آهي خوشي. ان لاءِ انگريزيءَ ۾ لفظ joy, gladness cheerfulness ڪتب آڻي سگهجن ٿا. ٽيون لفظ "فرخ" Farkh آهي ، مسلمانن جي لغت مطابق هن لفظ جي معنيٰ آهي، ڪافرن جو مندر يا بت وغيره. هن جو جمع ٿيندو"فرخار" farkhar جنهنجي معنيٰ گهڻا مندر گهڻا بت ٿيندي. ابو ريحان ال - بيرونيءَ هن لفظ کي پنهنجي ڪتاب، "اسرارالباقيات" ۾ انهيءَ معنيٰ ۽ مفهوم سان آندو آهي. هن ڪتاب جو ترجمو پروفيسر سي - اي - سخاؤ C- E Sachau ڪيو آهي، جنهن ۾ مصنف فرخار جو لفظ، ٻئي لفظ سان گڏ استعمال ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن مذڪوره لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم کي چڱيءَ ريت چٽو ڪري سگهجي. (ادريسيءَ پڻ ايئن ڪيو آهي). مثال طور هن بهار يا وهار کي هن ريت

ڪتب آندو آهي ”فرخار ۽ بهار“ ۔ پهريون لفظ هن هندن جي مندرن جي معنيٰ ۾ ۽ ٻيو لفظ وهار لاءِ ڪتب آندو آهي.

اسان جي لغتن ۾ فـرج لـفـظ جي مـعـنـيٰ ”دشـمـن مـلـڪ جي سرحد“ ”چير“ ”ڦاٽ“ وغيره آهي. پر هن لفظ جي عام معنيٰ عورت جو مخصوص عضوو آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Pudenda turn maris tum feminae چئبو آهي. هن دنيا جي تختي تي هيءَ هڪ اچرج جهڙي ڳالهه آهي جو ”فرج“ لفظ کي اهڙي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ ۽ ”فرخ“ لفظ بدران ڪم آندو ويو هجي ته، سا حقيقت ڪم از ڪم اسان جي سمجهه کان مٿي آهي. شايد فرينچ ترجمي ڪندڙ کي ان لفظ جي صحيح معنيٰ مفهوم ۽ استعمال جي خبر ڪانه آهي. ان کان سواءِ اسان کي ڪو ٻيو ظاهر سبب نظر ڪونه ٿو اچي ته آخر ٻنا نقطن واري ”مرح“ لفظ کي باقي به ٻيا لفظ چونه سمجهيو ويو.

ادريسيءَ جي جاگرافيءَ مان اليٿ کي اقتباس ڏنا آهن ۽ انهن ۾ هن ”فرخ“ لفظ کي پاڻ به ڪتب آندو آهيءِ اهو به سبب ٻڌايو اٿائين ته ملتان کي فرخ بيت الذهب چو چيو ويندو هو، (ڏسو صفحو ٨٢)جنهن جو عرب مورخن ڪولي ذڪر ڪيو آهي. بلاذريءَ مان به جيڪو اقتباس ڏنو آهي، ان ۾ به فرخ farkh جو لفظ ڪتب آندل آهي. ان هوندي هيءُ فرينچ ترجمي جي غلطيءَ کي سمجهي ڪونه سگهيو آهي ۽ هن ڳالهه ڏانهن به ڌيان ڪونه ڏنو اٿائين ته ”بيت“ کي گهر کانسواءِ ٻي معنيٰ به هوندي آهي. جيڪڏهن هو، سوچڻ جي ٿوري به تڪليف ڪري ها ته ”فرج“ farj لفظ ڪڏهن لکي ئي ڪونه ها.

هن ساڳئي موضوع تي چچ نامي مان اقتباس پيش ڪيو آهي. (ڏسو جلد ١ صفحو٢٠٥) جنهن جي پڙهٽي هن ريت آهي: مان ملتان جي جهونڙن کان ٻڌو آهي ته قديم زماني م هتي هڪ سردار رهندو هو، جنهن جو نالو جباوين Jibawin هو ۽ ڪشمير جي راءِ جي پيڙهيءَ مان هو. هو برهمڻ هو ۽ مندراجي سيوا ڪندو هو. ڏاڍو ڌرمي ماڻهو هو ۽

پنهنجو سارو وقت پوڄا پاٺ ۾ گذاريندو هو. جڏهن وٽس دولت گهٽي ٿي، ۽ ڳٽڻ کان وڌي وئي، تہ هن ملتان کان اوپر ۾ هڪ سو گز همچورس تلاءُ کوٽائي ان جي وچ تي پنجاهہ گز همچورس هڪ مندر جوڙايو. جنهن جي وچ تي هڪ بهرو (تهخانو) ٺهرايو. ان ۾ آفريڪا جي سون جو ڀورو اڇليندو ويندو هو. هن جاءِ تي سون جا ٽي سو مڻ گڏ ٿي ويا. ان بهري يا تهہ خاني مٿان ڳاڙهي سون مان ٺهيل هڪ بت بيٺل آهي، ۽ تلاءَ جي چوڌاري وڻ پوکيل آهن.

چچ نامي جو ٽڪرو ايئن نہ پر هيٺئين ريت آهي: ملتان جي پيرمردن کان هن ريت ٻڌو ويو آهي تہ آڳاٽي سمي ۾ هن شهر جو هڪ راجا جسونت نالي ڪشمير جي راجا جي اولاد مان هو. هو هڪ برهمڻ ۽ راهب ماڻهو هو. پنهنجي طريقي ۾ پڪو هو. سدائين بتن جي پوڄا ۾ مشغول رهندو هو. سندس خزانو جڏهن ڳڻپ کان وڌي ويو، تہ ملتان جي ايرندي پاسي کان هڪ سو ڇهہ گز همچورس هڪ حوض ٺهرائي، ان جي وچ تي پنجاهہ گز همچورس هڪ بتخانو جوڙايائين ۽ انهيءَ بت خاني اندر هڪ دڪان ٺهرايائين، ان دڪان ۾ تامي جا چاليهہ مٽ ترتيب سان رکيائين ۽ هر هڪ مٽ ۾ آفريڪي سون جو ڀورو رکيائين، جنهن جو وزن ٣٠٠ مڻ هو. ان دڪان مٿان ڳاڙهي سون مان ٺهيل هڪ بت بيٺل آهي. ان حوض جي چوڌاري وڻ پوکيل آهن. محمد بن قاسم کي جڏهن، ڪنهن پنڊت وسيلي ان سون جو پتو پيو تہ اها جاءِ کوٽائي سون هٿ ڪيائين، ”چاليهن مٽن ۾ رکيل اُن سون جو جڏهن وزن ڪيو ويو تہ معلوم ٿيو تہ اهو سون تيرهن هزار ٻہ سو مڻ هو“ ان کان سواءِ ڪيس ملتان جي ڦر لٽ مان ڪيترائي هيرا جواهر هٿ لڳا هئا، اهي بہ خزاني ۾ جمع ڪرايا ويا. مان هتي هي ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو تہ هڪ مڻ جي تور ٻہ پائونڊ ۽ ١٢ آئونس جي برابر هئي. ڪن جو خيال آهي تہ مڻ ڇهن پائونڊن جي برابر هو. تنهن هوندي بہ في مڻ جي گهٽ ۾ گهٽ ماڻ مطابق اهو سون چويهہ هزار چار سو پائونڊ يا ٽي

لک سورهن هزار اٺ آئونس جي برابر هو. اهوئي سبب آهي جو هن عبادت خاني کي ” سون جي خزاني وارو مندر“ سڏيو ويندو هو.

هيءُ هڪ سٺو موقعو آهي جو فرج farj جي غلطيءَ کي صحيح ڪجي ۽ هن لفظ جي استعمال کي ختم ڪري ڇڏجي. هن لفظ کي ختم ڪرڻ واسطي اهڙن حوالن کان وڌيڪ ٻيو سچو ۽ کرو مواد ڪٿان آڻيندا سون؟

ادريسي ٻہ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ فرخ farkh ۽ بهار جي ساڳي معنيٰ آهي. ٿوري ڏيان ڪرڻ سان اسان کي پتو پوندو تہ جنهن ٺاڪ تي بت جي پوڄا ٿيندي آهي اهو مندر ئي هوندو آهي. پر بهارBuhar جي لفظ ۾ "i" جي بدران حرف علت طور نئيو "u" ڪتب آندو ويو آهي، ۽ پڌن واري بهار ۾"i" ڪتب ايندي آهي. هن مان اسان سمجهون ٿا تہ هي بهارBihar نہ پر بُهارBuhar آهي جو وزن جو مطلب ڏيکاري ٿو جيڪو ۴۰۰ چار سو انگريزي پائونڊن جي وزن برابر هوندو هو. ان سان گڏ هن جي معنيٰ ”اهو ٿانو، جنهن جي شڪل مٽ جهڙي هجي“. جيڪڏهن سنسڪرت جي لفظ ۲۱۲ کي عربي رسم الخط ۾ لکجي تہ ”بُهار“ مان ”يار“ ٿي پوندو. جنهن جي معنيٰ وزن يا تورو آهي. يعني سون جو وزن يا تورو وغيره. ڇچ نامہ چوي ٿو تہ هن هنڌ چاليهہ ٿانو يا مٽ رکيل هئا. فارسي ٻوليءَ ۾ ساڳيءَ معنيٰ وارو ڪتب آندل لفظ بلڪل صحيح آهي.

۹۸- ملتان قلعي جي اوپر پاسي، بهاءالدين ذڪريا جي مقبري جي سامهون ڏيڍ ميل ڪن جي پنڌ تي اهڙا نشان موجود هئا، جيڪي گهٽي پنڌ ٿائين ٻنهي پاسن کان پکڙيل هئا. منهنجو خيال آهي تہ انهن ماڳن تان ريلوي جي ٺيڪيدارن، پراڻين جاين جي پٿرن ۽ پڪين سرن کي ڪيڏي ڪتي روڙي بنائي ڪانڪريٽ طور وڇائي هوندي. انهن ماڳن کي ڏني مونکي ٻہ پنجويهہ سال ٿي ويا هوندا. انهن پڪين جاين جي پٿرن ۽ پڪين سرن تي اکريل نشانن مان اهو انومان ٿيو ٿي تہ انهن جو

ڪنهن پراڻي زماني سان واسطو هو. انهن ماڳن تي هڪ ويڪري ڪشاديءَ مسجد جا آثار بہ ڏسڻ ۾ تي آيا. مان انهن ڪنڊرن کي ڏسڻ لاءِ شام جو نڪري ويندو هوس، پر ڪنهن ماڻهوءَ کان سندس تباهيءَ جو سبب ڪونہ پڇيم ۽ هاڻي پڇتايان ٿو تہ ڇونہ پڇيم. حقيقت اها آهي تہ مان هن ويران علائقي ۾ هتي اچڻ جو سبب سمجهي ڪونہ سگهيو هوس، جتي ڪوهہ موجود ڪونہ هئا. پاڻيءَ جو نشان اڻ لڀ هو. اهي ڪنڊر اڳتي هلندا هڪ واهڙ جي ڪناري تائين پکڙيل هئا. اهو واهڙ شايد راويءَ جي ڪا ننڍڙي ڇاڙه هئي. جنهن کي سڪي بہ ڪو زمانو ٿيو هو. شايد هن کي واهہ طور ڪتب آندو ويندو هوندو. اهو بہ امڪان آهي تہ اهو ننڍڙو درياهہ هجي، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. اسان کي اها بہ معلومات ملي تي تہ هن علائقي جي آباد هجڻ وقت راوي ۽ پنجاب جا ٻيا درياهہ ملتان جي اوپر ڏس کان وهندا هئا. لولي واهڻ (جيڪو چناب مان ڪوٽيل واهہ هو) قلعي جي پرسان اتر ـ اوپر ڏئي وهندو هو ۽ هاڻي اوپر کان وهي ٿو. جيڪو هڪ ننڍڙو ۽ غير اهم واهڙ آهي. هي بہ ڏيان ڏيڻ جوڳي ڳالهہ آهي تہ ملتان جي ڏکڻ ـ اوپر طرف جيڪي زمينون آهن، تن کي اڄ ڏينهن تائين راوي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

امڪان اهو آهي تہ اهي ڪنڊر جن جو مان هاڻي ذڪر ڪيو، سي انهن گڏيل قلعن سان لاڳاپيل هجن، جن جو مٿي متن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. ان زماني ۾ طبقات ناصري جو مصنف پاڻ اتي موجو هو، ۽ فوجي وانڊ بہ اتي ڪٿي پرپاسي ۾ هنيل هئي.

٩٩ـ ابوالفضل منصوره کي بکر جي ماڳن تي سمجهي وڏي غلطي ڪئي آهي. هن جي خيال سان جيڪي متفق آهن سي بہ غلطيءَ تي آهن. ڏسو صفحو ١٩٠ حاشيہ ٩٠.

ڏکڻ طرف ملتان جون حدون الور يا اروڙ تائين هونديون هيون ۽ منصوره جون حدون جنهن ۾ الور يا اروڙ بہ شامل هو، سي هيٺ ڏکڻ طرف سمنڊ تائين پکڙيل هيون.

۱۰۰- هيءُ علائقو گھڻو ڪجھہ آباد هوندو. پر اهو علائقو جيڪو مهراڻ يا ان کان اوپر طرف هاڪڙي يا واهندا درياھہ تي هو، سو وڌيڪ آباد هو. ڏسندا " رپورٽ آن ايسٽرن نارا" صفحو ۳۴ جو فقرو ۳، صفحو۳۹ جو فقرو۷ ۽ صفحي ۴۰ جو فقرو ۱۷.

۱۰۱- ڪي چون ٿا تہ اهو سنڌ جي حدن اندر موجود آهي. سندن بيان بلڪل صحيح آهي.

۱۰۲-اها اڄرج جهڙي ڳالهہ آهي جو هن شهر جي بنياد رکڻ تي هيڏو سارو اختلاف موجود آهي. منصور جنهن ڏانهن هتي اشارو ڏنو ويو آهي، جمهور جو پٽ هو، ۽ بني اميہ خلافت طرفان سنڌ جو آخري امير هو. هن کي موسيٰ بن ڪعب تميمي شڪست ڏئي بي دخل ڪيو هو. بني عباس جي خلافت جي شروعات وقت ابو مسلم ڪيس مرو مان هن مقصد لاءِ ئي سنڌ روانو ڪيو هو. وڌيڪ اڳتي ڏسندا.

بلاذري جو بيان آهي (جيڪو اڳتي ايندو) تہ سنڌ جي امير حڪم سن ۱۲۰هہ (۷۳۸) ۾ محفوظہ جو شهر ٻڌايو هو. ۽ عمرو پٽ محمد بن قاسم جيڪو حڪم جو نائب هوتنهن منصوره شهر جو بنياد رکيو هو. ادريسيءَ جو وري هن جي ابتڙ بيان آهي، چوي ٿو تہ منصوره جو بنياد عباسي خلافت جي شروعات عرصي ۾ خليفہ المنصور جي زماني ۾ پيو. سندس پورو نالو ابوجعفر المنصور هو، جيڪو عباسي خاندان جو ٻيو نمبر خليفو هو. سندس خلافت جو دور ۱۳۶هہ (۷۵۴ع) کان پوءِ شروع ٿيو، يعني حڪم ۽ عمرو کان سورهن ۽ بني اميہ طرفان مقرر ڪيل سنڌ جي آخري امير منصور بن جمهور کان چار سال پوءِ.

هن مان اها حقيقت واضح ٿئي ٿي تہ جيڪڏهن مٿيان ٻئي مورخ صحيح آهن، تہ منصوره شهر جو بنياد حڪم جي دور ۾ پيو ۽ منصور بن جمهور جي زماني ۾ ٻڌجي راس ٿيو. باقي ٿورو ڪم ابو جعفر المنصور جي خلافت تائين هلندو رهيو. بهمن آباد، بهمانيہ يا سنڌين واري بهمانو جو بنياد ڪيئي صديون اڳ بهمن پٽ اسفنديار گشتاسپ

جي دور ۾ رکيو هو. هو ايران جو بادشاهہ هو. هن هندستان جي اولهہ سنڌو سپيتا وارن علائقن کي فتح ڪيو. ايراني شهنشاهت جر ختم ٿيڻ تائين هتي ايران جي حڪمراني هلندي آئي. ڏسندا حاشيہ ١٠٥ ۽ منهنجي لکيل "نوتس آن افغانستان" جو صفحو ٣١٨ ۽ ٥٠٩.

١٠٣ ـ سنڌي منصوره ان ڪري لکيو ويو آهي تہ جيئن منصوره نالي ٻين شهرن کان الڳ ڪري سگهجي.

١٠۴ـ هن لفظ جي هتي معنيٰ بادشاهہ نہ پر سردار هجڻ کپي. ڏسو " نوتس آن افغانستان" جو صفحو١۵۴.

١٠۵ ـ ڏسو ابو ريحان جو اقتباس صفحو ٢١٩. توڙي جو ڪيترن قديم مورخن ٻڌايو آهي تہ بهمن آباد يا بهمانيہ جو بنياد ڪنهن رکيو آهي، پر تنهن هوندي بہ يورپ جا عالم "برهمڻ آباد"جي اڪر کي چنبڙي پيا آهن، ۽ سمجهن ٿا تہ اهو بهمن آباد، نہ پر بهمڻ آباد آهي. اسان جي خيال مطابق اها ڏاڍي وائڙي غلطي آهي.

پروفيسر اي. سخاؤ جيڪا ابوريحان جي تاريخ انڊيا آفيس جي خرچ سان ڇپائي آهي، تنهن ۾ بہ اسان اهڙي قسم جي وڏي غلطي ڏسون ٿا. ڇاپي نسخي صفحي ١١، ٨٢، ١٠٠۽ ١٦٢ تي اسان کي "بهمنوا" جو اڪر ڏسڻ ۾ ايندو. انڊيڪس ۾ بہ اهوئي لفظ ڏسڻ ۾ ايندو، جيڪو برهمن آباد جو ترجمو آهي. اهڙيءَ ريت "بهروح" جو ترجمو باري گازBary gaza ڏنو آهي، اهو انڊيڪس ۾ ايئن ئي لکيو ويو آهي. پنج ند جو منهن مهانڊو بگڙي پنڪا ندا Pancanada لکيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت مترجم، مصنف جي اصلي لفظن بدران پنهنجا لفظ ڏنا آهن ۽ سمجهي ٿو تہ هو مصنف کان وڌيڪ ڄاڻ رکي ٿو ۽ جيڪي ماڻهو ترجمي تي اعتماد ڪن ٿا، تہ اهو صحيح آهي، تہ ويچارا ٺڳجي وڃن ٿا. ۽ غلطي مترجم ۽ مرتب ڪندو آهي، پر ننديو وري مصنف کي ويندو آهي. مرتب کان جيڪڏهن اهڙين غلطين جو پڇاڻو ڪبو، تہ ورندي ڏيندو تہ مان سوچي سمجهي تمام سٺو ترجمو ڪيو آهي. شاگردن

کي پنهنجي پڙهڻ واسطي پنهي مان هڪ جي چونڊ ڪرڻي پوندي آهي.
غزنيءَ جي سلطان فرخ زاد جي زماني ۾ گرديزيءَ، زين الاخبار نالي ۴۴۵هه (۱۰۵۲ع) ۾ هڪ تذڪره لکيو هو، جيڪو اعتماد جوڳو ۽ ناياب ڪتاب آهي. ان جو بيان آهي ته بهمن ارد شير دراز دودت ولد اسفند يار جي دور ۾ سنڌو يا آب سنڌ وارو علائقو سندس حڪمرانيءَ ۾ شامل هو. هن سان پيون به ڪيتريون ئي روايتون وابسته آهن (انهن مان ڪجهه روايتون بنو Bannu تي لکيل مقالي ۾ مان حوالي طور پيش ڪيون آهن) ته هن سنڌ جي علائقن ۾ هڪ شهر جو بنياد رکيو هو، جنهن جو هن پنهنجي نالي پٺيان بهمن آباد يا بهمانيه نالو رکيو، جنهن کي هاڻي منصوره سڏيو ويندو آهي (هن اهو ڪتاب تڏهن لکيو هو، جڏهن منصوره جو شهر آباد هو). مجمل التواريخ ۵۲۵ هه (۱۱۳۱ع) ۾ لکي وئي، جنهن هڪ هندي ڪتاب جو حوالو ڏنو آهي ۽ اهو ڪتاب ۴۱۷ هه (۱۰۲۶ع) ۾ ترجمو ٿيو هو. هيءُ اهو سال آهي، جنهن ۾ سلطان محمود غزنويءَ سومنات تي حملو ڪيو هو، لکي ٿو، ” ايران جي بادشاهه گشتا سپ جي زماني ۾ سندس پوٽي بهمن ولد اسفنديار جنهن کي ارد شير به چيو ويندو هو، تنهن پنهنجو لشڪر ساڻ ڪري سنڌ ۽ هند تي حملو ڪيو هو۽ ان جو گهڻو علائقو فتح ڪري ورتو،۱ ۽ سوناگ Sonagh جي گهراڻي مان ڪنهن به ماڻهوءَ جو ان علائقي ۾ اقتدار ڪونه رهيو. بهمن هندن ۽ ترڪن (انڊو سٿين وغيره)جي دنگ تي قندائيل نالي هڪ شهر جو بنياد رکيو. ان جي ٻئي علائقي بڌيه ۾ هن ٻئي شهر جو بنياد رکيو، جنهن جو هن بهمن آباد نالو رکيو. ٻئي بيان مطابق هن کي منصوره چوندا آهن. قندائيل لاءِ ڏسندا صفحه ۲۱۷.

ٽاڊ tod (جلد۲ صفحه ۴۴) جو بيان آهي ته اڏيپور جو راجا بهمن جي اولاد مان آهي.
محمد بن جرير طبري هن بيان جي پٺيرائي ڪري ٿو. سندس بيان

تي اڪيون ۽وتي اعتماد ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ سندس معلومات جا جيڪي ذريعا واسطا آهن، سي بہ پروسي جوڳا آهن، هيءُ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ هند(سنڌ)جي بادشاهہ بهمن خلاف بغاوت ڪري پنهنجو اقتدار بحال ڪري ورتو. بهمن آختونش Akhtunnsh نالي هڪ عالم ۽ ڏاهي ماڻهوءَ کي اوڏاهين روانو ڪيو. هيءُ ڏاهو ماڻهو انهن ٽن عالمن مان هو، جيڪي بخت نصر سان جيرو سلم تي حملي وقت گڏ هئا. هن پنهنجو لشڪر وٺي وڃي هند (سنڌ) جي حڪمران تي حملو ڪيو، زبردست جنگ لڳي، جنهن ۾ هند (سنڌ) جو بادشاه مارجي ويو. بهمن اهو علائقو آختونش جي حوالي ڪيو. جڏهن ٽن مان ٻئي عالم داروش يا داريش (ٽيون عالم يا ڏاهو ماڻهو اڳيئي گذاري ويو هو) وفات ڪئي، جيڪو بابل ۽ عراق جو حاڪم هو، تہ بهمن اهو علائقو بہ آختونش جي حوالي ڪيو ۽ڪيس هدايت ڪيائين تہ سنڌ ۽ هند جي انتظام سنڀالڻ لاءِ پنهنجو ڪو نائب رکي. (اهو ياد رکڻ گهرجي تہ بياس ۽ ان جي ڀرتي ڪنڌڙ شاخن کي سنڌ ۽ هند جو درياهہ چيو ويندو آهي). ڇاڪاڻ تہ هن جو عراق ۽ بابل ۾ موجود هجڻ ضروري سمجهيو ٿي ويو. تنهنڪري هن سنڌ ۽ هند ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪري، بهمن جي حڪمن جي تعميل ڪئي. آختونش پنهنجيءَ زال کي سندس بيوفائيءَڪري قتل ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ هن بني اسرائيل جي هڪ عورت سان شادي ڪئي، جنهنجو نالو هداسا Hadassah (ايستر Es-ther)هو. هو بني اسرائيلن سان همدردي رکندو هو، ۽ کين غلاميءَ مان آزاد ڪري ڇڏيائين. کيس بني اسرائيل زال مان ڪيرش Kyrush نالي هڪ پٽ ڄائو هو. پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ هو عراق ۽ بابل جو حڪمران ٿيو.

هن ڏاهي ماڻهوءَ آختونش کي عبراني زبان ۾ آختورنش Akhturnush ۽ مقدس ڪتاب ۾ آهاسيَرس Ahasuerus جو حڪمران ڪري لکيو ويو آهي. يونان وارن هن کي آرتارز زيڪس چيو آهي.

اسان کي طبري ۾ پين تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو ته ايران جي نوشيروان عادل بادشاه جي حڪمراني جو ڪو حصو سنڌ ڏانهن پکڙيل هو. پر اهو سنڌ ۾ ڪونه هو. ان طرف ايران جي بادشاهه جو اثر تمام گهٽو هو. المسعودي اسان کي ٻڌائي ٿو ته ايران جي بادشاهه ڪيڪائوس ڪشمير نالي هڪ شهر جو بنياد رکيو. سندس پٽ سياوخس Siawakhs پنهنجي پيءُ جي حياتيءَ دوران سنڌ جي حدن ۾ مهرجان نالي هڪ شهر جو بنياد رکيو هو. المسعودي اسان کي اهو به ٻڌائي ٿو ته سنڌ، هند، اتر ۾ ذڪڻ جا بادشاه نوشيروان جي دربار ۾ سوکڙيون موڪليندا هئا. ڇاڪاڻ ته هو سگهارو بادشاهه هو. سندس سلطنت وسيع ۾ فوج وڏي انگ ۾ هئي. هن ڪيترائي ملڪ فتح ڪيا هئا. ڪيترن ئي بادشاهن کي پاند پلاند ۾ قتل ڪري ڇڏيو هو. هو عدل ۾ انصاف ڪارڻ به مشهور هو ۾ هرڪو سندس دوستي جو طالبو هو ۾ ساڻس صلح چاهيندو هو. مجمل التواريخ ۾ئي هنڌ وري هن ريت لکيو آهي ته " هندوبادشاه" ڪفند "جيڪو سڪندر جو همعصرهو، تنهن پنهنجي پاءُ سمند ڏانهن هڪ برهمڻ هٿ هيءُ نياپو موڪليو هو ته سمند هڪدم منصوره ڏانهن وڃي، جيڪو بهمن فتح ڪيو هو ۾ ايرانين کي اتان شهر نيڪالي ڏئي. بهمن اتي جيڪي آتشڪده تعمير ڪرايا هئا، تن کي ناس ڪري ۾ انهن جاين تي مندر جوڙائي." هتي مصنف جو اهو مطلب ڪونه آهي ته ان زماني ۾ هن شهر کي منصوره چيو ويندو هو. زير بحث دور ۾ هن جو نالو بهمن آباد هو. پر جڏهن مصنف هي ڪتاب لکيو، تڏهن هن شهر کي منصوره چيو ويندو هو.

استرئبو پنهنجي چوڏهين ڪتاب ۾ اراٽوس ٿينئس Eratosthenes جو سنڌ متعلق هڪ حوالو ڏنو آهي، جنهن کي هن ملڪ متعلق هڪ نهايت پروسي جوڳو بيان سمجهي ٿو ۾ چوي ٿو ته سڪندر جي حملي وقت سنڌو، ايران جو دنگ سمجهيو ويندو هو. ان ڪان پوءِ سنڌين، سڪندر طرفان ڏنل ايران جي وڏي حصي تي قبضو ڪري ورتو. هن

حقيقت ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش ڪانه آهي ته سنڌو سيپيتا جو ڪونه ڪو علائقو ڪنهن نه ڪنهن دور ۾ ايران جي ما تحت رهيو آهي. ۽ نوشيروان جيٰ عهد جي خاتمي تائين هندستان جي اولاهين علائقي جو ڳچ ڀاڱو ۽ ڪابل جا ترڪ پڻ به ايران جا ڏن ڀرو هئا. جڏهن ايراني سلطنت زوال جو شڪار ٿي ته ڪيترا حڪمران آزاد ٿي ويا. اهڙيءَ ريت هندن جو هڪ گهراڻو ”رڻ ٿيل" RanThel سنڌ ۽ مڪران تي هڪ طرف ۽ ٻئي طرف ڪابل تي قابض ٿي ويو. جڏهن عرب فوجون اوڀر طرف پيش قدمي ڪرڻ لڳيون، ته سنڌن مزاحمت واسطي نڪري اچي آڏو بيٺو. ڏسو منهنجي تصنيف ”نوٽس آن افغانستان" صفحو ٥٦٧.

گرديزي اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪيئن ايران زمين جو بادشاه چمڙاپوش ڪري هند پهتو هو، اتان جي حڪمران شرما، کيس ايران جو نواب سمجهي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏنو هو، ۽ سنڌ ۽ مڪران جا علائقا پنهنجي ڌيءُ کي ڏاج ۾ ڏنا هئائين.

سلطان محمود سبڪتگين جڏهن ٤١٧هه (١٠٢٦ع) ۾ جيسلمير ۽ نهر والا رستي سومنات تي حملو ڪيو هو، تڏهن واپسي وقت جيحون (سنڌو يا هاڪڙي يا واهندا) رستي منصوره کان ملتان پهتو هو ۽ قرمطي فرقي جي حڪمران کي ملتان مان ڪڍي ڇڏيو هئائين. (تفصيل اڳتي ڏسندا). ساموندي ڪناري پرسان رڻ ساٽس وڏا ڪلور ڪيا. ملتان ۽ پاتيه جي پرسان جيحون (” وڏي درياهه" يا سنڌ جي مهراڻ) جي ڪناري وسندڙ جاٽن کيس ڏاڍو تنگ ڪيو هو، ۽ سندس لشڪر ۽ وهٽن کي ڏاڍو هاڃو رسايو. "طبقات ناصري جو ليکڪ به قديم مصنفن مان آهي. هن بيهقيءَ ۽ گرديزيءَ کان پوءِ پنهنجي تاريخ تاليف ڪئي آهي، سو چوي ٿو ته هندو بورائو جيڪو هن رستي جو سونهون ڪري پاڻ سان ڪنيو هو، تنهن کيس جاٽي واٽي وٺي وڃي هڪ رڻ ۾ هنيو هو، جتي پاٽيءَ جو نانءُ نشان به ڪونه هو. شايد سندس اشارو ڪچ

جي رڻ ڏانهن آهي. (ڏسو حاشيه ١٢٨). پر سيني حوالن ۾ بيانن مان اسان کي ايئن لڳي ٿو ته جنهن علائقي مان هي گذريو هو، سو جيسلمير کان سواءِ سکر سٽائيءَ وارو علائقو هو، جيڪو ماضي قريب ۾ اوجهڙ ۽ ويران ٿي ويو آهي، ان حملي واري دور کان وٺي ڇٽي امراني واري زماني تائين جيڪو وچ وارو دور آهي تنهن ۾ ڪڏهن اهو علائقو بيابان ٿي ويو. سيد صدر علي شاهه جي چوڻ مطابق بهمانيه، بهمانو يا بهمن آباد ڌرتي ڌڏڻ يا ڪنهن ٻي قدرتي آفت ڪري ناس ٿي ويو.

ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو ته منصوره جو شهر جيئن ته محمود جي گس تي هو، تنهن ڪري سندس هٿان ناس ٿيڻ کان بچي ڪونه سگهيو هوندو. ان حملي کان پوءِ جنهن نموني سان هن شهر جو بيان اسان جي سامهون اچي ٿو، ان مان ايئن پائنجي ٿو ته ان کي هاجو نهايت گهٽو پهچايو ويو هو، پر ناس ڪونه ڪيو ويو هو. ابن حوقل هن شهر کي ٣٥٠ هه (٩٦١ع) ۾ ڏٺو هو. احمد نعل تگين غزنيءَ جي سلطان طرفان گونر هو. موجوده پنجاب جو ڪجهه حصو ۽ سنڌ جو ڪجهه ڀاڱو جيڪو سنڌو درياهه جي ڪناري سان لڳ هو، سو سندس حوالي ڪيو ويو هو. هن ٤٢٥هه (٣٤ـ ١٠٣٣ع) ۾ بغاوت ڪئي ۽ منصوره طرف هليو ويو. سلطان مسعود ڪيس سيکت ڏيڻ واسطي تلڪ نالي هڪ حجم جي پٽ جي ڪمانداريءَ ۾ هندن تي مشتمل وڏي فوج رواني ڪئي، جيڪا سلطان جي فوج ۾ شامل هئي. پر هن کان اڳ سلطان طرفان موڪليل هڪ فوج کي هن شڪست ڏئي پڇائي ڇڏيو هو. تلڪ، احمد نعل تگين کي ڪيترا ڀيرا شڪستون ڏنيون. هن باغيءَ جي پوئلڳن فوجي سپاهين ۽ واپارين جا نڪ چپ وڍي ساڻن ڏاڍيون جٽيون ڪيون. احمد نعل تگين اهو حال ڏسي لاهور واري علائقي کان نڪري ڪيڏانهن ڀڄي هليو ويو. تلڪ سرڪاري خزاني سان هٿ چراند ڪري وڏي دولت ڏن هٿ ڪري پنهنجا ٻه سو ماڻهو ساڻ ڪري سنڌ جي منصوره ڏانهن هليو ويو، ۽ سنڌ جي مهراڻ يا هاڪڙي درياه يا

واهندا ۽ ان جي پرتي ڪندڙ شاخن کي پار اڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر اتفاق اهڙو ٿيو، جو انهن ڏينهن ۾ هاڪڙي ۾ ڏاڍو چاڙهه هو ۽ اوسي پاسي جا جاٽ ۽ هندو سندس ڪڍ لڳل هئا. هن پنهنجو وقت وڃائڻ ڪونه ٿي چاهيو. پار اڪرڻ جا جتن ڪندي هاڪڙي جي لهرن جي لپيٽ ۾ اچي ويو. هن جو لاش لهرين ۾ لڙهندو وڃي هڪ واهڙ ۾ پيو، ۽ اتان لڙهندو وڃي ان علائقي ۾ پهتو، جتي هن کي پنهنجن ماڻهن سڃاڻي ورتو. سندس سر ڪپي سلطان مسعود ڏانهن بلخ موڪليو ويو، جتي هو تن ڏينهن رهندو هو. بيهقيءَ هن واقعي کي بئي نموني بيان ڪيو آهي، پر گرديزي وڌيڪ حقيقت پسند نظر اچي ٿو. طبقات ناصري ٻڌائي ٿو ته ٦٢٣هه (١٢٢٦ع) ۾ ان جو مصنف پاڻ اچ ۾ موجود هو ته خلج Kkalj ترڪن جو هڪ قبيلو، جيڪو ڪڏهن خوارزمي سلطان جي لشڪر جو هڪ حصو هو ۽ سنڌو درياهه جي اولهه پاسي واري علائقي ۾ جڏهن سندن اقتدار جو زوال آيو ۽ مغلن جي مقابلي ۾ پوئتي هٽندو ويو، ته هن قبيلي جا ماڻهو سلطان ناصرالدين قباچه جي دور ۾ سنڌ جي اتر - اولهه وارين سرحدن ۾ اچي نڪتا، ۽ منصوره واري علائقي تي اچي دنگو ڄمايو هئائون. هي سوستان جي مشهور شهرن مان هڪ آهي. مقابلو ڪري ڪين شڪست ڏني ويئي ۽ سندس سپهه سالار کي قتل ڪيو ويو."

مصنف جي مٿئين بيان مان پڪ ڪانه ٿي پوي ته ان دور ۾ منصوره جو قلعبند شهر آباد هو يا ويران. پر حوالي مان اها حقيقت ضرور ظاهر ٿئي ٿي ته مصنف هن شهر کان وڌيڪ علائقي ڏانهن اشارو ڪري ٿو. هن ڳالهه تي به وسهي نه ٿو سگهجي، ته بهمن آباد ۽ اتان جا رهاڪو ذرتي ڌڏڻ ڪري هڪدم ختم ٿي ويا. ذرتي ڌڏڻ ڪري ٿورو ڪي گهٽو منصوره کي به ڇيهو رسيو هوندو، جيڪا بهمن آباد کان فقط ڇهه ميل پري هئي. جيڪڏهن خلج ترڪن جي اچڻ تائين اها آباد هئي ته اها زبون حال هوندي ۽ منجهس ماڻهو به ٿورا ٽڪا رهندا هوندا.

بهمانيہ يا بهمن آباد متعلق جيڪي اسان کي تازا احوال ملن ٿا، سي تضادن سان ڀريل ۽ غلط آهن. سيئي عالم انهيءَ ڳالهہ تي ڳنڍ ڏئي بيٺا آهن، تہ اها برهمن آباد آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن شايد برهمڻ آباد نئين صورتخطي ۾ لکجي تہ بهمن آباد ٿي پوندي. نئين صورت خطي ڪري اهو لفظ نهي ٿو پوي، جيڪو اسفنديار جي پٽ جو نالوآهي. پر ڪين اهو ڪونہ ٿو آئڙي تہ پراڻي دور ۾ "نيهہ" ۽ "آباد" لفظن جو سنسڪرت جي لفظ سان ميلاپ ڪيئن ۽ ڇو ٿيو آهي. برٽن ئي هڪ اڪيلو ماڻهو آهي، جيڪو پنهنجي تصنيف سنڌ Scinde جلد ١ صفحي ٢٠٠ تي چوي ٿو تہ "برهمڻ آباد هڪ غلط نالو آهي، جنهنجو ڪجهہ حصو سنسڪرت ۽ ڪجهہ حصو فارسي آهي. تنهن ڪري سمجهہ ۾ ايئن اچي ٿو تہ اهو لفظ سنڌي ڪڏهن بہ ڪونہ آهي."

بلاذري هڪ قديم جاگرافيدان آهي، جنهن ٢٧٠هہ (٨٤ ـ ٨٨٣ع) ۾ پنهنجو ڪتاب لکيو ۽ هن شهر کي پراڻو برهمڻ آباد ڪري لکيو آهي. پر هن ڪڏهن بہ هن ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪونہ ڏنو آهي تہ شهر ڦٽي تباهہ ٿي ويو هو. پر ان جي خلاف لکيو اٿس تہ شهر آباد ۽ وسندڙ هو. هو لکي ٿو تہ محمد بن قاسم لشڪر وٺي برهمڻ آباد ڏانهن روانو ٿيو، جتي ڏاهر جو ٽڙيل پکڙيل لشڪر اچي گڏ ٿيو هو. ۽ اهو منصوره کان ڇهن ميلن کان ڪجهہ وڌيڪ فاصلي تي آباد هو، جيڪو ان دور ۾ اجا آباد ڪونہ ٿيو هو. پر سنڌس آبادي هيٺ ايندڙ ماڳ جهنگل هو."

اڳتي هلي وري لکي ٿو تہ منصوره درياه جي هڪ ڇاڙهہ جي اولهہ طرف ۽ محفوظ ان جي اوڀارئين ڪڙ تي آباد هو. فناقتي، جنهن ابوريحان جا حوالا ڏنا آهن سو چوي ٿو تہ محمد بن قاسم ڀهريائين ديبل ۽ پوءِ بهمنو Bahmauno فتح ڪيو هو، جنهن کي هن منصوره ۽ ملتان کي (ڇتو پڌرو ابوريحان جو حوالو آهي) معموره جو نالو ڏئي ٿو."

ابوريحان جي هيءَ غلطي آهي تہ محمد بن قاسم پاڻ بهمن آباد کي منصوره جو نالو ڏنوهو، ان بابت مان اڳيئي مٿي اشارو ڏئي آيو آهيان.

بهمن آباد، بهمانيہ ۽ بهمانو جي نالن ۾ فرق سولائيءَ سان سمجهائي سگهجي ٿو. نيہ Nih آباد فارسي ٻوليءَ ۾ هڪ معنيٰ رکندڙ لفظ آهن. سنڌي لهجي ۾ ”نيهہ“ کي ”نو“ ۾ بدلائي سگهبو آهي. جيئن ”دربيلا“ کي ”دربيلو“ ”اٻاوڙا کي اٻاوڙو“ نتہ کي ٿتو ۽ هاڪڙا کي هاڪڙو چيو ويندو آهي، ۽ اهڙيءَ ريت بهمانيہ کي بهمانو چوندا هئا.

تاريخ طاهري اسان کي ٻڌائي ٿي تہ بهمن آباد الور يا اروڙ سان گڏ تباهہ ٿي وئي ڇاڪاڻ تہ دلوراءِ جي ڏاڍ ۽ انياء ڪري هاڪڙو درياهہ پنهنجو وهڪرو مٽائي ويو هو. ڇتو امراڻي هن راءِ جو ڀاءُ هو، جيڪو تن ڏينهن بهمن آباد ۾ رهندو هو. شهر جا ماڻهو، جايون، جڳهيون سڀ ڏرتي ڳهي وئي. مصنف جي زماني ۾ فقط هڪ اتاهين ٿلهہ جو نشان موجود هو، جنهن کي ڌرتي ڳهي ڪانہ سگهي هئي. هي مورخ اسان کي وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ ڇتو امراڻي ۽ سندس مسلمان گهر واري لڏي وڃي سوستان ويٺا، جيڪو سوستان علائقي جو وڏو شهر هو. هن شهر کي مولف جي دور اٽڪل ۴۰ ـــ ۱۰۳۵هہ (۱۶۳۱ـ۱۶۲۵ع ۾ سيوهڻ سڏيو ويندو هو.

هن کان ٽيهارو سال ڪن اڳ ابوالفضل هن شهر جو نالو بهمن آباد لکيو هو. پر اڪبر بادشاهہ جو هندن ڏانهن لاڙو ڏسي هن ”برهمڻ آباد“ تحرير ڪيو هو.هن اهو محسوس ڪونہ ڪيو تہ هي لفظ جيڪو سنڌي ـ سنسڪرتٌ ۽ فارسي ڀچاڙيءَ وارو آهي، سو ايئن ڪيئن هوندو. سندس بيان آهي،”قديم زماني ۾ برهمڻ آباد هن ملڪ جي راجڌاني هو. هيءُ تمام وڏو شهر هو، جنهن جي قلعي کي چوڏهن سو برج هئا، هر هڪ برج جي وچ تي طناب جيتري وٿي هوندي هئي. ان قلعي جي ڀت ۽ ڪن برجن جا نشان اڃا سوڌو ڏسڻ ۾ ايندا آهن. بعد ۾ برهمڻ آباد کي ڇڏي اروڙ کي راجڌاني بنايو ويو، ”طناب جي ماپ سٺ الهي گزن جي ۽ گز ٽيهن آڱرن جي برابر هو. اسان اهو حساب لڳائي ڪونہ ٿا سگهون تہ قلعي جون ڀتيون ڪيتريون ڊگهيون هيون ڇاڪاڻ تہ

اسان کي قلعي جي برجن جي ماپ جو پتو ڪونہ آهي. مان هن مورخ جي وڏي غلطيءَ جو ڪٿي اشارو ڪيو آهي، تہ هيءُ منصوره کي بکر جي ماڳن وٽ سمجهي ٿو. ڪيس اها ڪل موران ئي ڪانہ آهي تہ منصوره بهمن آباد جي بنهہ ڀرسان هئي.

بمبئي سول سروس جي مسٽر اي - ايچ - بيلاسس A.H.Bellasis ڀھريون ماڻھو آهي جنهن ۱۸۵۴ع ۾ هن قديم شهر کي ڳولي لڌو. هن بهمن آباد جي ايراضي اندر وڏو دڙو، جنهن کي ٿلهہ يا ٿل چيو ويندو آهي تنهن کي بہ سڃاڻي ورتو هئائين. پر هيءُ ان کي ٿلهہ يا ٿل نہ، پر ٽال Tall سڏي ٿو. مان پنهنجي نقطہ نگاهہ کان ڪيس صحيح سمجهان ٿو. هن ڦٽل شهر جو احوال ڏيندي چوي ٿو تہ، " جيئن ئي برهمن آباد (هيءُ بہ برهمڻ آباد لکي ٿو) ۾ داخل ٿبو تہ ڏسبو تہ اهو ايترو تہ تباهہ ۽ ويران لڳو پيو آهي، جو اوهان سوچ ۾ پئجي ويندو، تہ ايڏي مڪمل تباهي ڪيئن ٿي. هيءُ ڦٽو هڪ وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل آهي. " اهو ايئن ئي ويران لڳو پيو آهي، جيئن تاريخ طاهريءَ جي مصنف ٻڌايو آهي تہ ٻہ صديون يا ڪجهہ وڌيڪ عرصو اڳ هيءُ شهر پوريءَ ريت تباهہ ٿي چڪو هو. مسٽر بيلاسس هن سنڌي راجائن جو هڪ قلعو سمجهيو. پر مسٽر ٿامس اعتراض ڪيو. سندس چوڻ هو تہ هتان جيڪي سڪا لڌا ويا آهن. سي سنڌ جي عرب گورنرن سان واسطو رکن ٿا ۽ ڪيترن جي "منصور" جو نالو لکيل هو، ۽ سنڌي راجا جي نالي هڪ سڪو بہ هن ماڳ تان ڪونہ مليو آهي." تنهن ڪري اها ڳالهہ ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ هن شهر جي تباهہ ٿيڻ کان ٻہ سو سال اڳ مسلمانن جي حڪومت قائم هئي.

مسٽر بيلاسس، هن ڦٽي شهر کي برهمڻ آباد سان گڏ بامبراڪي ٿل Bambraki-thul بہ سڏي ٿو. وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ سنڌ ۾ بامبرا قديم ڪنڊرن کي سڏيو ويندو آهي، جيڪو هرو ڀرو هن ڪنڊرن لاءِ مخصوص ڪونہ آهي، ۽ ٿل جي معنيٰ ڪو منارو يا برج آهي. هتي هن کان ڪجهہ

غلطي بہ ٿي وئي آهي تہ تال Tall عربي لفظ آهي جنهنجي معنيٰ دڙو، پڙو يا ٽڪري آهي. اهو لفظ عام استعمال هيٺ آهي ۽ مصر ۾" تال - ال ڪبير" شهرت لاءِ ڪم ايندو آهي.

چيني سياح هيون تسانگ جو وچوليءَ سنڌ وارو بامبرا ڪانل يا ويران نل سمجهي ٿو، جنهن کي شايد چيني ٻوليءَ ۾، او- فين - چا -O fan-cha سڏيو ويندو آهي. يا فقط بابيرBaubhar، جيڪو روايتن موجب برهمنوا يا برهمڻ آباد جو ماڳ آهي." اوهان هتي ڏسندا تہ بيلاسس جي لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي ڪيڏو بدلائي ڇڏيو ويو آهي. مسٽر ڪننگهام چوي ٿو تہ،" تہ بامبير Bhambhar نہ وري بامبرا Bambra جو لفظ، فقط برهمڻ آباد جي ڦٽي لاءِ نہ پر سنڌ جي سيني قديم کنڊرن لاءِ ڪتب ايندو آهي.

مسٽر ڪننگهام وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ،" سدو ساڻ (تالس ڪجهہ ٻيو لکيو آهي؟ ڏسو "اينشنٽ انڊيا" جو صفحو ٢٦٦)، برهمانا يا ٻهمنوا ۽ نيرون ڪوٽ، وچولي زماني جي هندو دور جا مشهور شهر هئا... برهمڻ آباد پرسان قديم دور جي مسلمانن منصوره جو شهر وسايو هو."

هن ۽ ٻين ڪيترن جو خيال آهي تہ نيرون ڪوٽ هاڻوڪو حيدرآباد آهي، يعني حيدرآباد جو شهر پراڻي نيرون ڪوٽ جي ماڳن تي اڏيل آهي.

ٻيءَ جاءِ (صفحي ٢٧٢- ٢٧٣) تي وڌيڪ چوي ٿو تہ، " مسٽر بيلاسس جي ماپ موجب بامپرا ڪانل ڇئن ميلن کان ٿورا گز گهٽ ٿيندو. مان هن نتيجي تي پهتو آهيان، تہ بامپرا ڪانل واري متاهين ايراضي دراصل منصوره جو ماڳ آهي. جيڪا عرب گورنرن جي زماني ۾ سنڌ جي راڄڌاني هئي. هندن جي شهر برهمانا يا برهمن آباد کي دلوراءِ جي دڙي ڏانهن ميل کن پري ڳولجي."

مونکي اها پڻ ابتي ڳالهه معلوم ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ ته منهنجي سوچ مطابق عربن پنهنجي بچاءَ واسطي ڳتيل آبادي وارو قلعو تعمير ڪرايو هوندو ۽ ڇئن ميلن ۾ پکڙيل وسيع شهر آباد ڪونه ڪيو هوندو. بلاذري اسان کي چٽيءَ ريت ٻڌايو آهي (جنهن جو احوال اڳتي ايندو) ته منصوره جو شهر پراڻي برهمڻ آباد ٻن فرسنگن (ڇهن ميلن کان ڪجهه وڌيڪ) جي فاصليٰ تي تعمير ڪرايو ويو هو. جنهن ماڳ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، اهو مخالف طرف پنجن ميلن جي فاصلي تي "ڏيپر" وارا کنڊر آهن. برهمڻ آباد لاءِ به اهوئي مناسب ماڳ ٿي سگهي ٿو، جيڪو منصوره کان اتر - اولهه ڏس تي موجود آهي."

ميجر جنرل سي - آر- هئگ Mag.Gen. C, R.Haig ڪيترا ورهيه سنڌ سروي جي کاتي ۾ ڪم ڪندو رهيو آهي. تنهن رايل ايشيا ٽڪ سوسائٽي جي جرنل ۾ ١٨٧٤ع ۾ برهمڻ آباد متعلق هڪ مقالو لکيو هو، سو چوي ٿو ته،" ڪننگهام چيني سياح هيون تسانگ جي. او. فان. چا (جنهن کي اسٽئن جولين Stan.Julien آوندا Avanda سمجهي ٿو)شهر کي برهمڻ آباد سمجهي ٿو. پر ٻڌ ڌرم وارو برهمڻ کان ٻچان ڪندو آهي."

اسان پوئينءَ ڳالهه کي حقيقت سمجهون ٿا ۽ برهمڻ آباد واري"ر" جو اکر پوئين زماني ۾ وڌايو ويو آهي. ٻڌ ڌرم وارا جيڪڏهن برهمڻ کان ٻچان ڪندا، ته پنهنجي شهر کي برهمڻ آباد سڏڻ کان ضرور لنوائيندا.

ساڳيو آوندا Avanda جو لفظ سي - يو - ڪي Si-yu-Ki-Xvi ۾ ريد Revd طرفان ڏنل اقتباسن ۾ موجود آهي. جن جو پروفيسر بيل Prof.Beal ساڳئي جنرل ۾ ذڪر ڪيو آهي.

ڪننگهام اسان کي ٻڌائي ٿو ته،" دلوراءِ جي دور جو تعين ڪري ڪونه ٿو سگهجي" مئڪمرڊو دلوراءِ جي دور کي ١٤٠هه (٧٥٧ع) ڌاران سمجهي ٿو. ان زماني ۾ دلوراءِ جو ڀاءُ ڇتو امراڻي حج ڪري

مڪي مان موٽي آيو هو. ڏهين صديءَ جي شروعات ۾ مسعودي ۽ ابن حوقل هتي آيا هئا، جن منصوره کي سکيو ستابو شهر ڏٺو هو. هن مان ظاهر آهي تہ ڌرتي ڌڏڻ وارو واقعو ٩٥٠ع کان اڳي ڪونہ ٿيو هوندو. (هتي هيءُ حقيقت جي وڏيڪ ويجهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، چاڪاڻ تہ ٣٣٩هہ ٩٥٠ع هڪ بيهن ٿا) پر اهو وسهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي تہ جڏهن عرب گورنر منصوره ۾ رهندا هوندا تہ بامانہ ۾ هندو عوام بہ رهندو هوندو. (ڏسو المسالڪ والممالڪ هن بابت صفحي ١٦٩تي چيا ٿو چوي)... منصوره ، برهمڻ آباد جي ماڳن تي وسائي وئي هوندي، جيڪا ڌرتي جي ڌڏڻ ڪري ضرور تباهہ ٿي وئي هوندي."

هيءُ بيان، بلاذريءَ جي تصنيف پڙهڻ کان پوءِ لکيو ويو آهي. ان کان پوءِ وري پاڻ هن ريت لکي ٿو تہ منصوره کي دلوراءِ جي دڙي کان ڏيڍ ميل کن پري ڳولجي. مان هن جاءِ تي گذارش ڪندو هلان تہ ناصرالدين قباچہ جي زماني ۾ سنڌ جا ست هندو راڻا هئا، جيڪي سندس ڏن ڀرو هئا. جن مان هڪ جسوڏن آڪراAkarah هو، جيڪو بامبروا جي حدن ۾ مينا نگرجو راجا هو. ٻيو ديبل جو چنيسر هو، جيڪو لاڙ جو راجا هو. وڌيڪ لاءِ ڏسو طبقات ناصري، صفحو ٦١٤.

رنيل Rennel، ڊي آن ول D,Anville ۽ ونسينٽ Vincent ٽئي ڄڻا برهمڻ آباد کي نئي کان چار ميل پري ٻيهارن ٿا. اليٽ چوي ٿو،"ان وسهڻ ۾ ڪو سبب ئي ڪونہ آهي؛ تہ برهمڻ آباد يا بهمن آباد جو بنياد ايران جي بادشاهہ سنڌ تي حملي دوران رکيو هجي. (هي ان زماني ۾ بادشاه ئي ڪونہ هو) وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ، "ان شهر لاءِ چٽي ريت چيو وڃي ٿو تہ ٻڌيہ جي صوبي ۾ تعمير ڪيو ويو هو." (هن علائقي کي نڌاهہ Nudha بہ ڪري لکيو آهي. پر صحيح نموني سان ٻڌيہ Budha صفحہ ٨ ۽ ٩ء ٢٠٧ تي لکيو ويو آهي) ۽ اهو صوبو سنڌو درياهہ جي ڪناري سان ڪونہ هو." صفحي ٧٨ تي هو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ" منصورہ (جنهن کي هو بہ برهمڻ آباد جي ڀرسان سمجهي ٿو)

مهراڻ جي مڪيہ وَهڪري جي اولهہ پاسي آهي ۽ صفحي ٣٧٠ تي وري چوي ٿو ”اسان ڪي پڪ آهي تہ اهو ماڳ سنڌوءَ جي اوپر واري ڪَڙ سان هوندو.“ صفحي ٨٣ تي ٻڌائي ٿو تہ ”ملتان ڪان وٺي منصوره جي پسگردائي تائين سڄي علائقي ۾ هڪ ويڙهاڪ قبيلي Nudha نڌا جي آبادي آهي.“ صفحي ١٠٦ تي لکي ٿو تہ،” بهمن آباد شهر جو بنياد“ ٻڌا واري صوبي ۾ رکيو ويو هو، جنهن کي هاڻي منصوره سمجهيو ويندو آهي.“ چچ نامي جو حوالو ڏيندي صفحي ١٨٩ تي ”برهمڻ آباد يا باين واهہ Bain wah“ لکي ٿو ۽ حاشيہ هن ريت ڏنو اٿس :”هن جڳهہ جو صحيح نالو بهمانو يا بهمانوا آهي.“ صفحي ٣٤ تي هُن هن ماڳ کي باميوان ڪري لکيو آهي. صفحي ٦١ تي ”بهمانو منصوره“ لکيو اٿس. هن ڪان بعد ۾ صحيح نالن لکڻ ڪان پوءِ بہ سندس صحيح ماڳ جي نشاندهي ڪرڻ ڪان پوءِ آخر ۾ هيٺ لکي ٿو، ” اسان صحيح هن ڳالهہ کي سمجهون ٿا، تہ برهمڻ آباد (هن لفظ ۾ ”ر“ ڪتب آڻي ٿو) ڪان پوءِ عربن جي تعمير ڪيل شهر، اهميت حاصل ڪري ورتي، جيڪو موجوده دور جي” حيدرآباد“ جي ماڳن تي هو.“هن پنهنجي حوالن سان پاڻ ئي اختلاف ڪيو آهي. توڙي جو اهي صحيح بہ هئا. فرضي ڳالهين تي هن پنهنجا اندازا بہ قائم ڪيا، تہ سنڌو درياهہ هميشہ ڪان وٺي حيدرآباد جي اولهہ ۾ ٽورو هيڏي هوڏي، پر ساڳئي پيٽ ۾ وهندو رهيو آهي، جهڙيءَ ريت موجوده دور ۾ وهي رهيو آهي، جن کي، بهمانيہ يا بهمانو يا بهمن آباد جي کنڊرن جي ليڻ ڪان پوءِ قطعي طور رد ڪيو ويو. چاڪاڻ تہ هيءُ شهر سنڌوءَ جي مڪيہ وهڪري جي اولاهين ڪَڙ سان آباد هو. اهڙي حقيقت جي قديم جاگرافيدانن ۽ مورخن بہ تصديق ڪئي آهي، تہ اهو ماڳ سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري تي واقع هو. هن جي بين اندازن ۽ تخمينن کي اهڙي نموني سان پرکيو ۽ پرجهيو وڃي. ڏسو حاشيہ ١٤٧.

مسٽر ڪروCrow، گذريل صديءَ ۾، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو نئي

۾ گماشتو هو. سو بہ ٻهمانو يا بهمن آباد بابت غلط فهميءَ جو شڪار آهي. ۽ ٽٽي کي سنڌ جو ديبل سمجهي ٿو. چوي ٿو تہ هتان جا رهاڪو ڪلان ڪوٽ کي برهمن آباد سڏيندا آهن، جنهن جا ڪنڊر ٺٽي کان چار پنج ميل ڏکڻ - اولهہ طرف آهن."

ڊاڪٽر جيمس برنس (وزٽ تہ سنڌ Visit to Sinde صفحہ ١٣٣) ۾ سر اليگزينڊربرنس بہ مسٽر ڪرو جي بيان جي پٺڀرائي ڪن ٿا، ۽ ٺٽي پرسان ڪلان ڪوٽ کي برهمڻ آباد سمجهن ٿا. ٻهمانو ۽ بهمن آباد جي صحيح نالي کي بہ غلط سمجهن ٿا ۽ چون ٿا تہ اهو ڪليان ڪوٽ آهي ۽ ڪلياڻ جي سنسڪرت ۾ معنيٰ خوشي، آنند، سنتوش وغيره آهي.

ٽاڊ (جلد ٢ صفحو ٢٢٩ ۾ حاشيہ) غلط قسم جون ڳالهيون ڇئي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ "عمر (خليفہ عمر رضي الله ٢٣هہ(٦٤٣-٦٤٤ع)۾ وفات ڪئي) ٻهرين صديءَ ۾ مسلمانن واسطي بکر ۾ هڪ وستي قائم ڪئي هئي.(هن بکر جي هجي Bakhar بدران Bekher لکي آهي) ان کان پوءِ منصوره ۾ بہ قائم ڪئي هئي. ڪجهہ اڳتي هلي صفحہ ٢٢٣ تي وري لکي ٿو تہ خليفو وليد ٺي ٻهريون ماڻهو هو، جنهن پنهنجون فوجون هندستان جي ميداني علائقن ڏانهن موڪليون هيون. عربن ٻهريائين اتر سنڌ جي راڄڌانيءَ اروڙ کي فتح ڪيو ۽ اهو ئي هند سنڌ جو مرڪز رهندو آيو." صفحي ٢٦٩ تي "سنڌ جي قديم راڄڌاني منصوره هئي. هندو ان کي روهڙي ۽ بکر چوندا هئا." صفحي ٣١٠ تي سنڌس بيان هن ريت آهي، "بکر جي ٻيٽ يا منصوره (هن شهر جو نالو خليفہ المنصور جي نائب رکيو هو) کي سڪندر جي سنڌ تي حملي وقت سوگدي Sogdi علائقي جي راڄڌاني بنايو ويو هو."وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ سوگدي ۽ سيدا قوم هڪڙي ڳالهہ آهن. پنهنجي ڪتاب ٻهرئين جلد جي ٩٣ صفحي تي چوي ٿو تہ، "سوگدر ٿر جو ڏٺ وارو علائقو آهي."

صفحي ٣١٢ تي اسان پڙهون ٿا تہ جڏهن سڪندر سنڌ تي حملو

ڪيو تہ پئارpuar (Pramarah)جي شهنشاهيءَ جي گاديءَ جو هنڌ اروڙ يا بکر هو. (هو پنهنجي کي هڪ سمجهي ٿو). وري صفحي ٣٣٢ تي اسان کي هيءَ ڳالهہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي تہ بکر جي ہيٺ تي منصوره جي قديم قلعي جا نشان نظر ايندا. فتوحات جي شروع ۾ جڏهن هي ماڳ فتح ڪيو ويو، تہ خليفہ المنصور جي سپہ سالار ان کي منصوره جو نالو ڏنوهو. (صفحہ ٢٢٩ تي خليفہ عمر رضہ صفحہ ٢٣٣ تي خليفو الوليد ڏسڻ ۾ ايندو). صفحي ٢٤٣ تي وري هن ريت قصو ملندو تہ سنڌ جي آخري فتح ڪرڻ وقت سنڌ جي راجڌاني اروڙ تي منصوره جو نالو رکيو ويو. ساڳي ئي جلد جي ٣٤٩ صفحي تي وري هيٺن لکيل آهي. باموني ديوتا Lord Bamuni جو سنڌ ڇڏڻ وارو حوالو ڏيندي حاشيہ ۾ چوي ٿو تہ باموني ديوتا کي ہين علائقن ۾ بهمن واسو Bahman wasso سڏيو ويندو آهي. اها ڳالهہ برهمڻ آباد ۽ ديول سان لاڳو سمجهڻ گهرجي، جنهن جي ماڳن تي موجوده ٺٽي جو شهر آباد آهي.

جلد ١ صفحي ٢١٧ تي اسان کي ايئن لکيل ملندو تہ خليفہ المنصور جي سپہ سالار جنهنجو نالو عمر هو، تنهن سنڌ فتح ڪئي هئي ۽ مين نگر Minagara جي شهر جو نالو بدلائي منصوره رکيو ويو. ان کان پوءِ صفحہ ٢٤٣ تي چوي ٿو تہ مونکي ٿورو شڪ پوي ٿو تہ مين نگر-Min agara شايد يادو جاڙيجن جو سامي نگر Saminagra آهي. ... سوچ ۽ ويچار ڪرڻ کان پوءِ مان هن خيال جو آهيان تہ اهو ماڳ سيوهڻ وٽ آهي. منصوره متعلق مٿي ڏنل بيانن جو انگ نو يا ڏهہ ٿيندو. سيئي هڪ ٻئي کان مختلف ۽ غلط آهن. پر حاشيہ ١١١ تي انهن مڙني کان بہ غلط لکيل آهي.

مئڪمردو، يورپي ماڻهن مان اڪيلو ماڻهو آهي، جنهن بهمانو يا بهمن آباد جي کنڊرن ليڻ کان اڳ ۾ ئي ان جي ماڳ جو صحيح اندازو لڳايو هو. ۽ هن جي ٿاڪ کي پراڻ يا لوهاڻي ڍوري تي ہڌايو هو. پر هيءُ لوهاڻي ڍوري کي غلطيءَ وچان لوهاڻو درياهہ سڏي ٿو، جيڪو پراڻ کان الڳ ٿيڻ واري جاءِ تي ٿوري پنڌ تي موجود آهي.

هيءُ البت بهمانو يا بهمن آباد جي تباهي واري دور متعلق غلطي ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو تہ هي شهر ١٤٠هہ (٥٨ - ٧٥٧ع) ڌاران ويران ٿي ويو.

بهمن آباد جي موضوع تي، نـتي جي سيد صدر علي شاهہ جو مشاهدو ۽ مطالعو صحيح نظر اچي ٿو، ۽ مذڪوره شهر جي تباهيءَ متعلق هن سان بيلاسس گفتگو ڪئي هئي. هن ٻڌايو تہ بهمن آباد شهر جو بنياد برهمڻ خاندان جي حڪمراني واري دور کان اڳ پيو هو، (اها گهڻو وقت اڳ) جيڪو پهرئين سال هجري يا ٦٢٢ع کان شروع ٿيو هو. (اهو غلط آهي چاڪاڻ تہ راءِ سهيرس سن ٢٤هہ آڪٽوبر ٦٤٤ع ۾ عربن سان مقابلو ڪندي مارجي ويو هو) ۽ چچ پهريون برهمڻ بادشاهہ هو، جنهن ٻين سان گڏ بهمن آباد جي حڪمران اگهر (چچ نامي جو اڪم Akham) کي ماري مڃايو هو. اليث، هن کي اگهمAgham لوهاڻو ڪوني ٿو. چچ نامي ۾ هنن کي لوهاڻو جت سڏيو ويو آهي. هو چوي ٿو تہ سنڌ ۾ هيءُ قبيلو ڏاڍي اثر رسوخ وارو آهي. ۽ سڀ برهمڻن واريون جٽيون پائيندا آهن. (جلد ١ صفحو٣٦٢). ان کان پوءِ ڪي غلط سلط اصول پيش ڪري هنن لوهاڻن جٽن کي لوهاڻا افغان بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ ٿي اچي. اها ڳالهہ هيئن آهي تہ، اورنگزيب بادشاهہ جي زماني ۾ هن لفظ لکڻ ۾ ڪجهہ ڦيرو آيو آهي. نوح پٽ اسماعيل جي نسل کي نورماني چيو ويندو هو، جيڪو افغان قبيلو هو. هندستان وارن هن لفظ کي ”لهارني“ Luharni ڪري لکيو ۽ صحيح لفظ نورماني جي ”ن“ بدران ”ل“ لکڻ لڳا، جيڪو هن لفظ جو شروعاتي اکر آهي. ۽ اهو لفظ شايد انهن ماڻهن لکيو، جيڪي پشتو جي اکر رن”rn“کان واقف ڪونہ هئا، ۽ اهي ماڻهو جٽيو ڪونہ پائيندا هئا. لوهاڻا (سنڌ وارا هن کي لوهانو لکندا ۽ چوندا آهن) واڻيا آهن جيڪي سنڌ ۾ اجا تائين آباد آهن، پر اهي اجا تائين نوحارني Nuharni افغان ڪونہ ٿيا آهن.

صفحي ١٨٧ تي سندس ئي ڏنل چچ نامي جي اقتباس ۾ ”لوهاڻا جت“لکيل آهي. اهي ”لاکا ۽ سما“آهن جيکي ”ديبل جي حدن ۾ ڌاڙا هڻندا هئا.“پراڻ، مهراڻ يا هاڪڙي درياهہ جو پراڻو پيٽ آهي. جنهن کي اڄ بہ هن قبيلي پٺيان لوهاڻو درياهہ ڪري سڏيو ويندو آهي.

ٽاڊ پنهنجي ڪتاب راجستان (صفحي ٣٢٠) ۾ چوي ٿو تہ لوهاڻا پهريائين راجپوت هئا. (اليٽ وري انهن کي افغان سڏي ٿو) سندن ڌنڌو وڻج واپارآهي، تنهن ڪري ڪين عزت گهٽ ڏني ويندي آهي.اهي منشي بہ هوندا آهن تہ هٽ واڻيان بہ هوندا آهن، پنهنجي پيٽ گذر واسطي هر ڌنڌو ڪندا آهن. ۽ پنهنجي ڳئن ۽ ڍلين کانسواءِ هر چيز کائيندا آهن. ڏسو برٽن جي”سنڌ“ صفحو٢٣٦ جلد ١.

سيد صدر علي شاهہ بهمن آباد جي تباهيءَ جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو تہ هيءُ شهر چوٿين صدي هجري يا (١٠٢٠) گذرڻ کان اڳي تباهہ ٿي ويو. (٤١١هہ وارو سال ٢٦ اپريل ١٠٢٠ع کان شروع ٿئي ٿو)ان زماني ۾ دلوراءِ امراڻيءَ جو ڀاءُ ڇٽو امراڻي، دلوراءِ جي ڏاڍ کان تنگ ٿي بغداد هليو ويو هو، جتي هڪ عرب سردار جي ڌيءُ سان شادي ڪري، چوٿين صدي هجري (اٽڪل چوٿينءَ صديءَ جي وچ ڌاران) جي گذرڻ کان اڳي وري سنڌ موٽي آيو. ساڻس گڏ ٻيا عرب بہ آيا هئا، جن ۾ سيد علي موسيٰ بہ شامل هو. سندس بيان مان ائين لڳي ٿو تہ هو چوٿين صدي هجري جي وچ کان اڳي واپس وريو هو، يعني هن کي ٽيهہ يا چاليهہ سال دير سان ڏيکاري ٿو. مئڪمرڊو وري ان کي اڌائي سو سال اڳ ۾ ڏيکاري ٿو. چوٿين صدي هجري، ٢٤ آگسٽ١٠٠٩ع سال سان شروع ٿي هئي.

١٠٦ ــ اهو لفظ ”نصر“ جي صفت آهي، جنهن جي معنيٰ فاتح، سوڀارو، محفوظ ۽ مددڪيل وغيره آهي.

١٠٧ ــ ايم ـ سي ـ باربئر ڊي ميناربڊ M.C.Barbier de Meynard جي لکت ۾ نارماشيرت Narmashirat لکيل آهي. اليٽ ساڳي مصنف

جو اقتباس ڏنو آهي، جنهن ۾ نارماسيرNarma sira لکيل آهي. ابن حوقل جي ڪتاب ۾ هي نالو اهڙي ريت لکيل آهي، جيئن مانِ مٿي ڏنو آهي. هيءُ ڪرمان جو مشهور معروف شهر آهي. موجوده دور ۾ به هن نالي کي گهٽو ورجايو ويو آهي.

١٠٨- اصلي نسخي ۾ ايئن لکيل آهي. پر اليٽ (صفحہ ٢١) هن کي بدلائي بانورا Banura ڪري لکيو آهي، باقي احوال هن ريت ڏنو اٿس. ڪشمير، قنذار ۽ طافان کان ٿيندو، ملتان جي سرحدن ۾ داخل ٿئي ٿو، جتي ڪيس سون جو مهراڻ سڏيو ويندو آهي، جهڙيءَ ريت ملتان کي سون جو ملڪ سڏيو وڃي ٿو. ڇا اهو پڇي سگهجي ٿو تہ انهن درياهہ مان "سون جو گهر" لڌو هو ؟

١٠٩ - پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ قنذار نہ آهي. هن ماڳ کي زيربحث دور ۾ هن نالي سان ڪونہ سڏيو ويندو هو. پوئين دور ۾ هن کي بال يوس Bal-yus جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

١١٠ - اهو لفظ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي فرخ Farkh آهي، جنهن کي غلطي وچان "مرج" meadow لکيو ويو آهي. اصلي نسخي ۾، جنهن تان هي حوال ڪنيو ويو آهي، تنهن ۾ هي لفظ بنا نقطي ۽ "فرخ" نموني لکيل آهي. هيٺ تفصيل واري حقيقت بہ هن جي پٽيرائي ڪري ٿي. ڏسو حاشيہ ٩٧.

١١١ - هتي اسان کي مسعودي غلط ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هيءُ مورخ ٣٣١هہ (٩٤٢ع) ۾ هتي پڌن تي پهتو ۽ پنهنجي اکين سان ڏٺو وائٺو هئائين. تاڊ وانگر ڪونہ هو، جنهن هن علائقي ڏانهن پير بہ ڪونہ پاتو هو، سو پنهنجي ڪتاب "راجستان"۾ لکي ٿو تہ منصوره جي قديم قلعي جا ڪنڊر بکر جي ڀيٽ تي ڏسي سگهجن ٿا. ڏسو صفحو ٢٠٤ حاشيہ ١٠٥.

١١٢ - ڏسو برنس جو ٽرئولس Travels جلد ١ صفحہ ٣٠٨، جنهن ۾ لکي ٿو تہ، هتي پرپاسي ۾ هڪ قلعو هو، جيڪو ١٨١٩ع واري

زلزلي ۾ ڏرتي هيٺان اچي ويو، جنهن کي سنڌڙي چيو ويندو هو. مذڪوره قلعو ڪڇ واري پاسي يا هاڪڙي يا واهندا يا سنڌ ساگر جي اوڀارئين ڪڙ سان واقع هو. واگهير Wagir لاڙ کان وٺي ڪڇ ۾ سورن يا ڪاٺياواڙ (وَل ـ ڪاٺياواڙ) تائين پکڙيا پيا آهن. مختلف دورن ۾ هن گهٽو ڏچو پيدا ڪيو آهي. سنڌ بر يا سئنڌبرگهٽو ڪري ڪڇ وارو رڻ آهي. ڏسو صفحہ ۲۱۳ تي عربن جو ڏنل پراڻو نقشو.

۱۱۳ـ هي اسان کي چٽي ريت ٻڌائي ٿو تہ قنوج کهڙن ماڳن تي موجود هو. هن قنوج جو ساڳي نالي واري شهر سان ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي، جيڪو ڪالي ندي ۽ گنگا جي سنگم پرسان واقع آهي. وڌيڪ اڳتي ايندڙ حاشيہ ۾ پڙهندا.

۱۱۴ـ اليٽ حاج Hahaj لکيو آهي. هڪ هندستاني لفظ ۾ ہہ پيرا عربي لفظ "ح"جو اچڻ ممڪن ڪونہ آهي. اهو پاڳو جنهن جو هتي اشارو ڏنو ويو آهي، سو هاڪڙي جي ٻنهي ڪنڌين سان واقع هو، ۽ اتر ۾ پرسان ئي ججڇ Jachch جون حدون هيون. اهو ساڳو نالو ڪنڌارا يا ڪنڌارو جي سنڌي لهجي ۾ ڏسي سگهجي ٿو. جيڪو بهاول پور رياست جي اولهہ ڏکڻ واريءَ ڪنڊ تي اتر سنڌ ۾ واقع آهي. مختلف نقشن ۾ هن لفظ جي هجي جدا جدا آهي. ڪنهن ڪنڊيارو Kundiaroh ، ڪنهن ۾ ڪنڊيارا Kundeara تہ ڪنهن ۾ وري ڪنڊيرا Kandera آهي. اهو شهر هاڪڙي جي اوڀارئين ڪنڌيءَ سان ۽ اولاهينءَ شاخ ريٽيءَ پرسان آباد هو. نقشي ۾ هن کي ريٽي" نالا" لکيو ويو آهي. تفصيل لاءِ اڳتي ڏسندا. ججُ يا جج واهڻ کي نقشي ۾ "ججا" Jujja ڪري لکيو ويو آهي. ججا نالي هڪ هندو راڻو ملتان جي عرب امير جو ڏن پرو هو. اهڙيءَ ريت سلطان ناصرالدين قباچا جي زماني ۾ اهڙا ست راڻا ملتان ۽ اچ جا ڏن پرو هوندا هئا.

هيءُ لفظ "ريٽي" آهي، جيڪا هاڪڙي يا واهندا جي اولاهين شاخ هئي. ڏسو صفحو ۲۰۹ ۾ حاشيہ ۱۲۰.

١١٥ـ شايد هي ساڳيو لفظ آهي، جيڪو ابوريحان ڪتب آندو آهي، جنهن لفظ جو اڳيون اکر وڌايل آهي. ابوريحان جا چيل لفظ هي آهن.”ڪج ۽ ڪيج درياهه، ڀاتيل Bhatil جي جابلو علائقي مان وهي ايندو آهي.“ تفصيل لاءِ ڏسندا اڳتي ايندڙ حاشيا.

هن کي ڪابل درياهه ۽ ان جون پرتي ڪندڙ شاخون نه سمجهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته لفظ بسط جيڪو بست Bust آهي ، جو هلمند Hilmand سان واسطو رکي ٿو. ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو ته المسعودي واري دور کان پوءِ گهٽيون تبديليون اچي ويون آهن. اهي سڀ درياهه، جن جو هتي حوالو ڏنو ويو آهي، سي هاڻي ڏکڻ ـ الهندي طرف وهندا نظر اچن ٿا، جيڪي زرنگ Zarang ڍنڍ ۾ چوڙ ڪن ٿا. اهي غزنين ۽ بست جي علائقن طرفان ايندڙ. گومل درياهه ۽ سندس پرتي ڪندڙ شاخون آهن. قلات نچارا Kalat-Nicharah کان به ڪي نديون ايندڙيون آهن ۽ اهي به سو ميل پري ڏکڻ اوڀر جي ڏس ۾ هلمند واري بست کان نڪرنديون آهن. هن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪيترا نه گهٽا درياهه آهن، جيڪي وهي پاڻ ۾ ملي مهراڻ جي وهڪري جي شڪل اختيار ڪن ٿا. جن جو پنج ند يا پنج آب جي وهڪري سان ڪو واسطو ڪونه آهي. مون بئي هنڌ ڪٿي اهو ذڪر ڪيو آهي، ته پاٽيءَ جا ڪيترا وهڪرا اولهه طرف کان اچي سنڌو درياهه يا آب سنڌ سان ملندا هئا. ان کان سواءِ جاگرافيءَ متعلق پيچا ڳاڇا ڪندي مونکي پتو پيو ته ڪرماهه Kurmah (ڪرم Kurram) درياهه ان جي پرتي ڪندڙ شاخ گئبيلا Gawbilahجو پاٽي جيڪو اجا سوڌو سنڌو سان ملندو آهي. پر قديم زماني ۾ انهن جي پاٽيءَ جو وڏو حصو مذڪوره درياهه ۾ پوندو هو. چيو وڃي ٿو ته امير تيمور جي ٨٠١ هه (١٣٩٨ع) ۾ هندستاني حملي ڪرڻ کان اڳ، لڪي مروت وارو سارو علائقو پاٽيءَ جي وڏي ڍنڍ هيٺان هو. قديم زماني ۾ هيٺئين طرف جزيوب Jziobah ۽ گومل درياهه پنهنجي گڏيل پاٽيءَ جو وڏو حصو مڪيه وهڪري کي

ڏيندو هو. انهن ندين مان ڪي پنهنجا وهڪرا متائي ويون ۽ ڪي سڪي ويون. ڪڏهن اهو زمانو هو جو اهي درياهه افغانستان جو ڏاکڻو حصو ڏئي سبيءَ رستي اچي سنڌوءَ ۾ پوندا هئا. اڪبر بادشاهه جي زماني ۾ آيل زلزلي ۾ انهن مان هڪ ندي پنهنجي وهڪري جو رخ بدلائي وئي هئي. سنڌو يا ان جي ڇاڙهه جڏهن روجهاڻ پرسان وهندي هئي ته بلوچستان .کان ايندڙ نديون اچي سنڌو درياهه ۾ ڇوڙ ڪنديون هيون. تفصيل ان ندي جي بيان ۾ پڙهندا. مون کي اهو به يقين آهي ته بولان لڪ منجهان به, پاٽيءَ جو وڏو وهڪرو لنگهندو هو، جنهن لاءِ آءُ اوهان کي ڪجهه ٻڌائڻ گهران ٿو.

آرڪيالاجيڪل رپورٽ جلد II صفحي ٢٧ تي ڪننگهام چوي ٿو ته هن تالهيءَ جو سئبانا Saþbana جو شهر زوب جي شڪل ۾ سڃاڻي ورتو آهي. جيڪو گومل ۽ زوب ندي جي سنگم واري جاءِ تي واقع آهي ۽ ”سئپارنس“ندي زوب يا گومل ندي آهي.

پر مشڪل ڳالهه اها آهي ته موجوده دور جو زوب شهر ڪٿان ڳوليون. مان سمجهان ٿو ته هن جو زوب وارو اشارو شايد جزب Jzo-bah يا جزيوب Jziobah نديءَ ڏانهن آهي، جيڪا افغانستان ۾ موجود آهي. پر زهوب Zhobi نالي شهر نه آهي ۽ نه ڪڏهن موجود هو. ڏسو رپورٽ جو صفحو ٢٦ ۽ ٣٢.

١١٧ - هتي مان هڪ حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ چاهيان ٿو ته عرب مورخن سنڌو درياهه کي ملتان کان ٿورو مٿي ۽ ٿورو هيٺ مهراڻ ۽ مهراڻ رود جو نالو ڏنو آهي. اها ڳالهه هتي منجهائي به ڇڏي آهي. ان جو مثال سامهون آهي، اڳتي هلي ان جي تصديق ٿي ويندي. اهي اسان کي ٻڌائن ٿا ته ڪهڙن درياهن جي گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي مهراڻ چيو ويندو هو. سندن خيال مطابق چتانگ (چتنگ) کان وٺي سنڌو درياهه تائين سيني درياهن جو وهڪري کي مهراڻ چيو ويندو هو، ۽ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ تائين ، ان وهڪري جو اهوئي نالو هوندو هو.

سنڌو يا آب سنڌ پنهنجي پرتي ڪنڌڙ شاخن سميت هڪ الڳ وهڪرو هو. بياس پنهنجي پرتي ڪنڌڙ شاخن سميت هڪ جدا وهڪرو هو. رود سنڌ و هند به هڪ جدا وهڪرو هو، جيڪو هاڪڙي ۽ ان جي پرتي ڪنڌڙ شاخن جي پاڻيءَ سان ملندو هو. ۽ انهن جي گڏيل پاڻيءَواري وهڪري کي مهراڻ چيو ويندو هو. جهڙيءَ ريت مٿي بيان ڪيل آهي. اهڙيءَ ريت اسان کي اهو به پتو پوندو ته آب سنڌ يا سنڌو درياهه ۽ رود سنڌ و هند هاڪڙي يا واهندا جون پرتي ڪنڌڙ شاخون هيون. سنڌو درياهه جو پاڻي هاڪڙي ۾ تڏهن وهندو هو، جڏهن هن ٻين درياهن کي ڇڏي پنهنجو نجو ۽ آجو وهڪرو اختيار ڪيو هو. ۽ ڪيترو وقت مهراڻ جي پرتي ڪنڌڙ شاخ طور وهندو رهيو. عرب مورخن ۽ ڏيهي ماڻهن جي تصنيفن مان به اهڙيون حقيقتون ظاهر ٿين ٿيون. ڏسو صفحو٢١٨ حاشيه ١٥٦.

١١٨ـ واقعي اها هڪ وسيع ايراضي آهي. جيڪڏهن اسان ۴۴ فرسنگ همچورس ۽ في فرسنگ ٨ ميلن جي حساب سان ليکو ڪنداسين ته ٢٦٦٠٠ همچورس ميل ايراضي وڃي بيهندي. پر عام طور في فرسنگ ٽن ميلن جي برابر ۽ ۴٠٠٠ گزن جي برابر، في گز ٢۵ آڱرين جي برابر، يا ٢٦ پڪوڙيل مٺين جي برابر هوندو هو. سنڌي فرسنگ لاءِ چيو ويندو آهي، ته اهو اٺن ميلن جي برابر هوندو هو. ڏسو صفحو ١٩٠ حاشيه ٩٠.

١١٩ـ تاڊ پنهنجي ڪتاب جي جلد ٢ صفحي ٢٩٠ تي اروڙ تي حاشيه لکيو آهي ۽ چوي ٿو ته مونکي خوشي آهي ته هن مشهور شهر جا کنڊر هن پنهنجي ماڻهن جي مدد سان ١٨١١ع ۾ ڳولي لڌا. جيڪو ماڻهو هن علائقي جي تاريخ کان بيخبر آهي ته هن شهر جي کنڊرن جي" اچرج جهڙي جاءِ وقوع" جي ڪل پوڻ کان اڳ پاڻ هرتو ڪيس واقعي ڪو پتو ڪونه پوندو. هو چوي ٿو ته هن اهي کنڊر "بکر جي ڀيٽ تي ڳولي لڌا آهن." حقيقت اها آهي ته اروڙ جو شهر بکر جي ڀيٽ تي موجود ئي ڪونه هو.

۱۲۰- درياهن جي سنگم اجو ڙاڪ جنهنجو حوالو ڏنو ويو آهي سو "صاحب ڳڙهہ" ۽ موجوده دور جي "ٻاگهلا" Baghlah ماڳن وٽ موجود هو، جيڪو اچ کان ٻاهتر ميل ڏکڻ - اولهہ طرف تي ٿيندو. جڏهن المسعودي پنهنجو ڪتاب لکي رهيو هو، تنهن زماني ۾ اروڙ کان اوپر طرف وهندڙ هاڪڙي جي اولاهين شاخ اجا بکر ڏانهن موڙو کونہ کاڌو هو. اليٽ.(جلد ۱ صفحو۲۳) "دوش" جي معنيٰ مفهوم کان باخبر ڪونہ هو، ۽ ان لفظ کي "دو آبہ" ڪري لکيو آهي.

۱۲۱- هن لفظ ۾ "ال" جو واڌارو ايئن آهي، جيئن اسان عام طور ڏسون ٿا ۽ قديم جاگرافيدانن بہ هن "ال" جي لفظ کي ورجايو آهي. سو عربي "ال" نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ الور يا اروڙ جو لفط هندي آهي ۽ مسلمانن جي اچڻ کان صديون اڳ هن ملڪ ۾ استعمال ٿيندو هو. اهو "ال" يعني الور ۽ "ار" يعني اروڙ وارن ٻنهي نمونن ۾ لکيو ۽ ڳالهايو ويندو هو.

روهڙيءَ جو لفظ بہ ظاهر ظهور سنسڪرت مان ورتل آهي، "روڙ" لفظ مان پتو پوي ٿو هيءُ شهر ٽڪرين تي مٿي آباد هو. جنهن جي معنيٰ آهي، "هيٺ مٿانهون،" "سخت" "ڪڙ ٻڙ" وغيره. ڏسو منهنجي تصنيف "نوٽس آن افغانستان" جو صفحو ۳۲۶ .

بمبئي جي "آن ڪوءِ نـنيٽڊ سروس" جي مسٽر اي. ڊبليو. هيوز A.W.Houghs سنڌ صوبي جي گزيٽيئر جي صفحي ٦٧٨ تي لکيو آهي تہ هيءُ قديم "لوهار ڪوٽ" آهي. پر اسان کي اهو ڪونہ ٿو ٻڌائي تہ اهو ڇا هو ۽ ڪنهنجو جوڙايل هو ۽ نہ ئي وري اهڙي ڪا سند ئي پيش ڪري ٿو. وري ٻئي صفحي تي لکي ٿو تہ هن شهر جو بنياد سيد رڪن الدين شاه ٦٩٨هہ (۱۲۹۷ع) ۾ رکيو هو.

ٻئي پاسي ڪننگهام پنهنجي ڪتاب "اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا" جي صفحي ۲۵۸ تي چيو آهي تہ " الور جي اصلي بنياد جو ڪوبہ پتو ڪونہ آهي. عام طور تي هن لفظ کي اروڙ ڪري اچاريو ويندو آهي.

(انگريز ليکڪ هن لفظ کي ڏسو تہ ڪيئن لکندا ۽ اچارَيندا آهن). پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ گهڻو ڪري سندس صحيح نالو روڙا Rora آهي. هن لفظ جي شروعات حرف علت ۽ عربي لفظ "ال" سان ٿئي ٿي. (هن لفظ جي شروعات الف بي جي پهرئين اکر سان ٿئي ٿي جيڪو حرف علت جي صورت ۾ نہ، پر حرف صحيح جي شڪل ۾ آهي). هن لفظ کي بلاذري، ادريسي ۽ ٻين مصنفن "الور" ڪري لکيو آهي. (اليٿ هن لفظ کي)الدورAldor ڪري لکيو آهي. ڪن عرب مورخن بہ "الدور" لکيو آهي)اهڙو ساڳيو اچار ٻِر واري شهر "روڙي" ۾ بہ ملي ٿو. (هن لفظ ۾ ڪانئن هڪ اکر لکڻ وسري ويو آهي. ان جو نہ هجڻ سندن خيال کي پوري هٿي ڪونہ ٿو ڏئي. هندستان ۾ رواج آهي تہ ٻتا نالا ڪتب آڻيندا آهن. هتي روڙا ۽ روڙي جو مطلب ننڍو ۽ وڏو "روڙا" آهي. هن لفظ جي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ڪابہ معنيٰ ڪانہ آهي. (مان بہ ايئن ئي متي پنهنجي خيال جو اظهار ڪري آيو آهيان). هندي ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ "گوڙ" "شور" "شهرت" "غوغاءُ" وغيرهہ آهي. هن مان اها ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ هن شهر جو ممڪن نالو روڙا پور يا روڙا نگر هجڻ گهرجي. جنهنجي معنيٰ "مشهور شهر"نڪري ٿي. ڇونہ اسان هن کي گوڙ ۽ شور وارو شهر سڏيون.

هتي جنهن لفظ کي هندي سڏيو ويو آهي، سو سنسڪرت جو " " لفظ آهي. ۽ هن لاءِ جيڪو مشهور famous شهر وارو اصول گهڙيو ويو آهي، سو غلط آهي. ڇاڪان تہ هتان جا ماڻهو هن لفظ کي روڙي بدران روڙهي Rorhi ڪري اچاريندا آهن. ساڳئي نموني جو ٻيو لفظ روڙا ( ) جنهنجي معنيٰ پٿر يا جبل آهي، يا ٻنهي جو ٻيگل ٽڪرو. روڙهي Rurhi شهر جو بنياد ڪڏهن پيو، اهڙو احوال اڳتي پڙهندا.

١٢٢- صفحي ٢١٣ تي المسالڪ والممالڪ جي ڏنل نقشي کي پيٽي ڏسندا.

١٢٣ـ ص- ١٨٩ ۽ ١٩٠ تي ڏنل المسعودي جي بيان کي غور سان پڙهندا. جيڪڏهن سنڌي فرسنگ اٺن ميلن جي برابر هو، جنهنجو احوال مٿي اچي چڪو آهي تہ اهو فاصلو ١٦ انگريزي ميلن جي برابر ٿيندو. پر وڏيڪ تصديق شده ماپ مطابق فرسنگ ڇهن ميلن برابر آهي.

١٢٤ـ ڏسو منهنجي تصنيف " نوٽس آن افغانستان"جي صفحي ٥٦٣ تي.

١٢٥ ـ ڏسو صفحو ٢١٣ ۽ وڌيڪ تفصيل لاءِ پرچس Purchas جي تيار ڪيل نقشي جو مطالعو ڪريو.

١٢٦ ـ اليٽ صفحي ٢٣ تي هن ريت لکيو آهي: "مهراڻ، سمنڊ Sa-mand ۽ الرور Al-Rur (الور)جي دنگ وٽان لنگهي ملتان پرسان وهندو آهي. اهو بلڪل ناممڪن آهي، تہ درياهہ اروڙ کان ملتان ڏانهن ابتو وهي، سو بلڪل غلط آهي.

١٢٧ـ هنڪي، اڳتي ايندڙ المسالڪ والممالڪ ۽ ابن حوقل جي بيانن سان پيٽي ڏسندا.

حفيظ آبرو Hafiz Abru جو چوڻ آهي تہ سنڌو يا آب سنڌ وهندو منصوره جي حدن ڏانهن وڃي ٿو. سندس وهڪري جو رخ اتر کان ڏکڻ طرف آهي، جيڪو پڇاڙيءَ ۾ ٿورو اوير ڏانهن موڙو کائي ٿو.

١٢٨ ـ ڏسو صفحي ٢٠٥ تي قزوينيءَ جو ڏنل احوال. ان زماني ۾ منصوره جي علائقي جي ڪيتري پکيڙ هئي، سا معلومات اسان کي ادريسي وٽان ملي ٿي، جنهنجو چوڻ آهي تہ قيز kiz ۽ ارمائيل جي وچ تي پاڻ ۾ دنگئي بہ علائقا آهن. هڪ علائقي جونالو "راهون"Rahun آهي جيڪو منصوره جي ماتحت آهي. ٻئي جو نالو "ڪلواڻ" kalwan آهي، جنهنجو واسطو مڪران سان آهي. منصوره جو علائقو سنڌ جي وچولي ۽ لاڙ تي مشتمل آهي.

١٢٩ـ صفحي ٢١٣ تي ڏنل عربن جي پراڻي نقشي تي منصوره کي مهراڻ جي اولاهين ڪڙ سان ڏيکاريو ويو آهي. ڏسو صفحو ٢١٥ ۽

وڌيڪ تفصيل اڳتي پڙهندا.

۱۳۰- المسالڪ والممالڪ مطابق اهي فالوي Falui ايري Iri بنوي يا بلڙي Bulri مسواهي Maswahi بهراج Bahrag ناتيہ Nayatah ، منجباري Manj bari، سندوساڻ ۾ اروڙ آهن.

۱۳۱- هن مان اسان کي چٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ المسالڪ والممالڪ جي ڏنل نقشي ۾ سنڌ - رود، اهو وهڪرو آهي، جيڪو هنن ٻنهي ماڳن وچان وهندو هو.

۱۳۲- باسمد Basmad ، سريان Sarian، يا سيران Sairan or Siran يا سيدان Saidan ۾ "ڪنانہ" (ڪنانہ) جو احوال مٿي بيان ڪيل ڪتابن ۾ اچي ويو آهي.

۱۳۳- "اليٽ" پنهنجي ڪتاب "هستورين " جي جلد ۱ صفحي ۱۵ تي لکي ٿو تہ " مهراڻ Mehran کان ٻکر تائين (جيڪو هند جي سرحد کان پوءِ پهريون شهر آهي) چئن ڏينهن جو فاصلو آهي." منهنجو خيال آهي تہ هي فقط اندازي موجب لکيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ لکيل لفظ پڙهڻ جوڳو ڪونہ آهي. سنڌس چوڻ مطابق فارسي نسخن ۾ بہ اهو اکر پڙهي ڪونہ ٿو سگهجي. انهن نسخن ۾ سنڌس لکت "للر"آهي. جنهنجو پتو ناهي تہ الائي ڇاهي. ايم باربيئر ڊي مينارڊ واري ڇپيل نسخي ۾ هن ريت لکيل آهي. پر هن کان اڳ ۾ ئي اليٽ هن اکر کي ٻکر ڪري پڙهي ٿو. اهو لفظ قديم جاگرافيدانن مان ڪنهن بہ استعمال ڪونہ ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو تنهن زماني ۾ موجود ئي ڪونہ هو. هن هڪ ٽڪري جو وڌيڪ ترجمو ڪندي، ادريسيءَ جي حوالي کي حاشيہ ۾ ڏنو آهي، جيڪو هن ريت آهي، هتان (بانيہ Bania) کان ممهل Mamhal ۾ ڪامبيا Kambaya تائين سارو علائقو ويران ۽ بيابان آهي. کوہ درياهہ وغيره ان مان ڪونہ ٿو گذري. پاڻيءَ نہ هجڻ ڪري، هتان سياح ڪونہ لنگهندا آهن."اسان کي پڪ آهي تہ هتي ڪنڇي جي رڻ ڏانهن اشارو ڏنو ويو آهي. بر جا هڪ بورائي سلطان

فيروز شاهہ کي وني اچي هڻ رڻ ۾ رولي هو. پر هن کان اڳ ۾ سلطان محمود سان بہ اها ڪار ڪئي وئي هئي. جهڙيءَ ريت صفحي ٨٠ تي بيان ڪيل آهي. وڌيڪ لاءِ ڏسو حاشيہ ١٠٥ .

١٣٤ـ ادريسي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ، بانيا کان فهمل (اليٽ هنکي ممهل mamhal ڪري لکيو آهي) ۽ ڪمبايا تائين سجو علائقو ڪلرائو آهي، منجهس ساموندي پاڻيءَ جي چر لڳي پئي آهي. مٿي پاڻيءَ جو نانءُ نشان بہ ڪونهي. تنهن ڪري اتي سياح وڃي ڪونہ سگهندا آهن. ان مان اسان اهو سمجهون ٿا تہ هن علائقي جي جاءِ وقوع ساموندي ڪناري جي قريب، ڪنچي رڻ Kunchi Ran پرسان يا ڪڇ واري وڏي ساموندي چر جي نزديڪ آهي. اليٽ هن کي اروڙ کان پندرهن فرسنگ پنڌ جي اندر سمجهي ٿو، جيڪو سراسر غلط آهي. ڏسو سندس ڪتاب جلد ١ ص ٦١، ١٧٤، ۽ ٣٦٧.

١٣٥ـ هتي مهراڻ ۽ مٿي رود ـ ملتان جو اشارو سنڌو درياهہ ڏانهن آهي، جهڙي ريت اڳئين يا پوئتي ڏنل حاشيہ ١١٧تي ڏنل آهي. هن لاءِ حاشيہ ١٢٣ بہ ڏسندا.

١٣٦ـ تاريخ طاهري سنڌ رود متعلق احوال ڏيندي لکي ٿي تہ هن وهڪري کي پنج آب ۽ بکر کان هيٺ بهمين Bahmin سڏيو ويندو آهي. ڏسو صفحو ٢١٦.

١٣٧ـ ياد رکڻ گهرجي تہ هن ٤٤٥هہ (٥١ـ ١١٥٠ع) ۾ لکيو.

١٣٨ـ اصطخري هن کي سمند Samand ڪري لکيو آهي. قزويني، جنهن هن جا گهڻا حوالا ڪتب آندا آهن، سو چوي ٿو تہ اصطخري هن کي "سمندر" ڪري لکيو آهي. سمجهہ ۾ ايئن اچي ٿو تہ اصطخريءَ جي نسخي مان لفظ جو پوين حصو نقل ڪرڻ کان رهجي ويو آهي. جنهن جو حوالو مٿي ڏنو ويو آهي. ڏسو صفحو ٥١.

هن اهم بيان مان اهو معلوم ٿيندو تہ قديم دور وارن عرب نقشو (ابن حوقل جي تصنيف ۾ ڏنل نقشو پڻ) مصنف جي بيان سان پوري

سهمت ڪونہ ٿو ڏيکاري. نقشي ۾ مهراڻ رود ۽سنڌ ۾ درياهہ ڏيکاريا ويا آهن. ٻنهي درياهن جي سنگم واري ماڳ پرسان، درياهن جي ٻيگهوءَ جي وچ تي ”لدور“ يا ”الدور“ جو لفظ لکيل آهي، جيڪو ”حلوي“ ۽ سدو سان پرسان اڪيلو درياهہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان کان اوپر طرف پنجن شهرن جي نالن جي هڪ قطار آهي. اها قطار هيٺ هلندي وڃي ٿي جنهن ۾ ”حلوي“ جو نالو بہ شامل آهي، جنهن جو ذڪر مٿي پڻ اچي چڪو آهي.انهن پنجن مان هڪ ”باسمد Basmid ۽ ٻيو ”انڙي“ آهي، جيڪا ”باسمد“ کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. تاريخ جو بيان هن ريت آهي تہ سنڌ رود (رود ـ سنڌ و هند، يعني بياس ۽ ان جي پرتي ڪندڙ شاخن جو پاڻي) مهراڻ رود (سنڌو يا آب سنڌ) سان باسمد کان مٿان ملندو آهي، جيڪو ملتان کان مٿان بہ ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. هن جي قلعي جون ديوارون، مهراڻ جي ٻنهي ڪنڌين سان ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن. هن کان اڳتي وري چوي ٿو تہ، سهد رود (هاڪڙو ۽ سندس پرتي ڪندڙ شاخن جو پاڻي) هنن ٻنهي درياهن سان هيٺ، منصوره آهل دوش آب وٽ ملندو آهي. مان عرب نقشي سان هٿ چراند ڪانہ ڪئي آهي، پر جيڪو هن نقشي جي ساڄي طرف لکيل آهي، ان مان جو ڪجهہ معلوم ٿيو آهي، مون انجو فقط احوال ڏنو آهي.

١٣٩ـ هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ بهاٽ، چناب، راوي ۽ بياس کان سواءِ ٻيو ڪو درياه بہ آهي. جيڪو هنن چئن کان سواءِ پنجون درياهہ آهي. چاڪاڻ تہ سنڌو درياهہ ۽ شتلادر هن پنج ند يا پنج آب ۾ شامل ڪونہ رهيون آهن. موجوده دور ۾ بہ اهي ماڻهو جيڪي درياهن جي سنگم وٽ رهندا آهن، جن ۾ ستلج پڻ شامل آهي، سي هن گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي، ”سپت ـ ند“ ڪري سڏيندا آهن، جنهن ۾ هندو ڏند ڪٿائن ۾ ”سپتا سنڌوا“ ست درياهہ چيو ويندو آهي.

١٤٠ـ اليٽ صفحي ٣٧ تي هن بيان کي الرور ڏانهن منسوب ڪيو

آهي چوي ٿو، ” الرور جو شهر ملتان جيترو وڏو آهي. هن شهر جي ڪوٽ کي ٻه پتيون آهن. مهراڻ درياهہ جي ڪڙ سان ۽ منصوره علائقي جي دنگ تي واقع آهي.“

ڪتاب جي متن جو ٽڪرو جيڪو حوالي طور ڪنيو ويو آهي، سو متئين بيان جهڙو آهي. ۽ المسالڪ والممالڪ سان سهمت رکي ٿو.

١٤١- المسالڪ والممالڪ ۾ ڏنل نقشي جيان ابن حوقل جي نقشي ۾ به ديبل، درياهہ جي اولاهين پاسي ڏيکاريو ويو آهي. تنهن ڪري امڪان اهو آهي، تہ متيون بيان شايد ڪاتب جي ڀل هجي. ڏسندا پرچس Purchas جو ڏنل نقشو.

١٤٢- هيءَ اها ساڳي جاءِ آهي، جيڪا محمد بن قاسم جي، سدو ساڻ يا سوستان يا موجوده دور جي سيوهڻ ڏانهن پيشقدمي دوران، اصطخري ۽ بلاذري بيان ڪئي آهي.

١٤٣ - مختلف نسخن ۾ ايڏا وڏا فرق نظر اچن ٿا. ١٨٤٩ع واري ”جرنل آف ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال“ جي پرچي ۾ڇپيل اينڊرسن Anderson جي ترجمي ۾ ”ابري ولدي“ جا لفظ لکيل آهن.

١٤٤- بادليئن لئبريري Badleien Library ۾ موجود ابن حوقل واري نسخي جي نقشي ۾ اهو نالو لکيل آهي. ڏنو ويندو تہ جيڪڏهن ”حہ“ اکر جو متيون پاسو تڪڙ ۾ لکندي ٿورو گول ٿي ويو تہ ”ڊ“بڻجي پوندو. ۽ جيڪڏهن هن اکر جومٿيون پاسو ٿوزو ڊگهو ڪبو تہ، جيئن قلمي نسخي ۾ آهي تہ اهو ”جہ“ ڏسڻ ۾ ايندو. اصطخري مطابق هي ماڳ ”ڪلري “ آهي.

١٤٥- ڏس پٽي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ اها جڳهہ آهي، جنهن جو اصطخريءَ ذڪر ڪيو آهي. ۽ منصوره جي ڏکڻ -اوپر طرف ۾ اهڙي ريت آهي، جهڙي ريت المسالڪ والممالڪ جي نقشي ۾ ڏيکاريل آهي. ڏسو صفحو ٢١٣- بادليئن واري قلمي نسخي جي نقشي ۾ اهولفظ بنا نقطن جي لکيل آهي. ڏسو صفحو ١١٣.

۱۴٦ـ هيءُ شهر منصوره جي ماتحت ۽ ان جي حدن ۾ واقع هو. ڏسو صفحو ۱۹۰.

۱۴۷ ـ اليٽ هن کي ڪڏهن ”ٻڌا“ ”ٻڌ“ ۽ ڪڏهن ”ٻڌيا“ Budhiya لکيو آهي. هو چوي ٿو تہ قزويني ۽ ادريسي نڌا Nadha ۽ نڌ Nudha کي اوليت ڏني آهي. ان کان پوءِ وري جلد ۱ صفحي ۳۸۸ تي چوي ٿو تہ ٻڌ يا ٻڌيہ وارو پراڻو علائقو ڪڇي ۽ گنداوا سان مشابهت رکي ٿو، جيڪو افغانستان ۾ موجود بوري Bori يا بورا Bura ماڳ ڏانهن ويندڙ سڌو هتان گذرندڙ آهي. منهنجي خيال ۾ سندس هيءُ بيان ڏاڍو منجهيل آهي.

بورا Borah يعني سڌي سنوت وارو علائقو ڏکڻ افغانستان ۾ موجود آهي. پر اتي بوري نالي ڪوبہ شهر ڪونہ آهي. ۽ نہ ئي وري ”بورا“ ڪنهن شهر جو نالو آهي. سندس خيال موجب اهو موجوده سنڌ جي حدن کان ٻاهر ۽ گنداوا کان هڪ سو پنجويهہ ميل پري اتر طرف ۽ بهمن آباد کان ساڍا ٽي سو ميل کان بہ وڌيڪ ڏور آهي.

صفحي ۳۸۹ جي حاشيہ تي چوي ٿو تہ.“ لکت جي ٽڪري ۾ مجمل التواريخ جي حوالي سان لکيو آهي، تہ بهمن لاءِ چيو ويندو آهي تہ هن ”ٻڌ“ جي علائقي ۾ بهمن آباد نالي هڪ شهر جو بنياد رکيو هو. برنس جي ڏنل نقشي ۾ بوري ۽شال جي وچ تي ”برهمڻ“ نالي هڪ ماڳ جو نالو لکيل آهي. منهنجي خيال ۾ هي همراهہ ڏاڍي مونجهاري ۾ وڃي اڙيو آهي. هو مٿئين فقري ۾ فقط هيترو وڌاءُ ڪري ها تہ جنهن تصنيف جو حوالو ڏنو ويو آهي، ان جي مصنف جو خيال آهي تہ،“ هن بهمن آباد کي ڪي ماڻهو منصوره بہ چوندا آهن.“ ۽ هي ان شهر جو صحيح ماڳ بہ ٻڌائي ٿو. ڏسو اليٽ جلد ۱ صفحو ۱۰۹ جيڪو منصوره بهمن آباد تي لکيل آهي. حاشيہ ۱۰۵ فقرو ۱۸.

مان هيءَ گذارش ڪندس تہ ابن حوقل ۽ المسالڪ والممالڪ فقط نڌاه Nudhah ئي لکيو آهي. پر اليٽ ان کي بدلائي ٻڌ، ٻڌا ۽ ٻڌيہ

لکيو ۽ پڙهيو آهي، ڇو جو سمجهيائين پئي ته اهو صحيح آهي ۽ ڪيس خيال هوندو ته ان علائقي جا ماڻهو ٻڌ هوندا يا پنهنجي ڪنهن خاص قياس ڪي سگهارو بنائڻ واسطي ايئن ڪيو هوندائين. ڏسو صفحو ٢٠٦ ۽٢٠٨.

اهو ان ڪري جو ندَ يا نديا يا مهراڻ درياهه جي اولهه پاسي ۽ ڇچ نامي وارو ٻڌ يا ٻڌيا وارو علائقو ان جو اپرندي ڪناري سان واقع هو. "ڏسو ولفورڊ Wilford جيڪو پنهنجي وقت جو مشهور ماڻهو هو، سو "ايشيا ٽڪ ريسرچز" جي نائين جلد جي صفحي ٢٢٥ تي چاتو لکي. ٻڌ يا ٻڌيا جو بروهين سان واسطو ڪونه آهي، جهڙيءَ ريت ايم - ڊي گوجي M.De Ggeoji بلاڊسوري (بلاذري ڏانهن اشارو) جي ڪتاب جا حاشيه لکندي پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته تنهن زماني ۾ بروهين متعلق ڪنهن ڪي پتو ڪونه هو.

١٤٨ـ ڏسو صفحو ١٨٩. ۽ ١٩٠

١٤٩ـ لکت جي هن ٽڪري کي اليٽ جي جلد ١ جي صفحي ٣٨ سان ڀيٽائي ڏسو.

١٥٠ـ اصطخري قندائيل متعلق چوي ٿو ته اهو شهر اتان جي "آئيل Ail نالي هڪ ماڻهوءَ جي نالي پٺيان سڏيو وڃي ٿو، جنهن هن علائقي کي اچي فتح ڪيو هو. هتي اسان کي هڪ لفظ قند ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو قنڌار، سمرقند ۽ بيقند Bey Kand جي نالن ۾ پڻ موجود آهي. لفظ چٽي ريت قندائيل لکيل آهي. متي ڏنل بيان ڏاڍو واضح ۽ چٽو آهي. ته به مسٽر اليٽ هن ٿاڪ کي قندابيل لکي ٿو. ڪننگهام به هن لفظ جي هجي اليٽ جيان لکي ٿو، پر ان سان گڏ سندس ويچار به آهي ته ٿالهي وارو باڊانا Badana جيڪو نديءَ جي ڪناري متان اتر پاسي هو، سو هر حالت ۾ "گنداوا" آهي. ڇاڪاڻ ته "ب" ۽ "گ" جا اکر هڪ ٻئي سان بدلجي سگهندا آهن. قديم عرب مورخن هميشه هن شهر کي "قندابيل" سڏيو آهي. (اليٽ جو خيال آهي ته جيڪڏهن قندائيل هجي

ها، تہ ان کي ايئن ئي لکيو وڃي ها.) ڏسو اليٽ، جلد ۱ صفحو ۲۹ ۽۸۴ جنهن ۾ هن ان علائقي جي فاتح جو ذکر ڪيو آهي. صورت حال ڪجهہ اهڙي آهي جو قندائيل گنداوا Gaudabah تي ڪونہ ٿو سگهي. ڇا قندائيل ان ٽڪريءَ تي موجود هو، جنهن تي گنداوا کي نہ هجڻ گهرجي. هن متعلق المسالڪ والممالڪ جو بيان آهي تہ اتان کان خضدار تائين پنجن فرسنگن جو پنڌ آهي. ان کان سواءِ هن جو وايو منڊل بہ واضح آهي. قندائيل، منصوره کان اٺ ڏينهن ۽ ملتان کان ڏهن ڏينهن جي پنڌ تي آهي.

ايم . باربيئر ڊي مينارڊ واري "خردادبہ" جي تصنيف ۾، صفحي ۵۵ تي قندائيل ۽ خضدارِ متعلق ساڳي غلطي ورجايل آهي ۽"خضدار" کي خضدان Khasdan ڪري لکيو ويو آهي. ڏسو منهنجي تصنيف "نوٽس آن افغانستان" صفحو ۵۵۸ ۽ حاشيہ .

۱۵۱ـ ڇاڪاڻ تہ درياهہ سدائين پنهنجو وهڪرو بدلائيندو پئي رهيو آهي. ڇهن صدين کان بہ وڌيڪ عرصي ۾ جڏهن ابوالفضل پنهنجي تاريخ لکي رهيو هو، تہ بہ اها ساڳي حالت هئي. ماڻهن جي گهر اڌڻ ۽ مال جي مَنهنَ جوڙڻ ۾ ڪانا ڳهٽو ڪم ڏيندا آهن. سنڌ ۽ اجا بہ اڳتي سنڌو سيينا وارن علائقن ۾ گهر ۽ مال جا منهن اڄ سوڏو ايئن جڙيل ڏسڻ ۾ ايندا. جن ماڻهن جو هتي ذڪر ڪيو ويو آهي، سي سما ۽ جاڙيجا يا ٻي ذات جا آهن. ۽ جاڙيجا کي Zharijahs ڪري لکيو ويو آهي.

۱۵۲ـ هن لفظ تي نقطا وغيره ڪونہ آهن، جنهن جي معنيٰ ڇاپہ تي سگهي ٿي. البت ان کي ڪامباياKambaya ڪري پڙهي ٿو. هي همراه قندائيل کي بہ قندابيل ڪري پڙهي ٿو. اسان طرفان تہ ڪيس ڪلي اجازت آهي ۽ ڪيس ان لفظ جي صحت ۾ شڪ ڪرڻ جي موڪل ڏيون ٿا. ڪڇ واري ڪاري (نار) ۽ ڪانياواڙ وارو اپيٽ وچ تي اچي وڃن ٿا. ان قديم دور ۾ عرب مورخن ڪنيات Lambay کي پنهنجي لکت جو

موضوع ڪونہ بنايو هو. هتي ڪڇ جي ڪنهن ڀاڱي ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي. هن جي اتر - اولهہ واري ڀاڱي کي ڪنڌار يا ڪند- هار سڏيو ويندو آهي.

١٥٣- ٻن نسخن ۾ الرور بدران الرود لکيل آهي.

١٥٤- ٻن نسخن ۾ بروز جداجدا Biruz يا پيروز Piroz يا پيرُوز Piruz لکيل آهي.

١٥٥- ڏسو صفحو ٢١٢ ۾ حاشيہ ١٠٥.

١٥٦- ابن حوقل آب سنڌ يا سنڌو درياهہ کي مهراڻ جي نالي سان سڏي ٿو. پر هن درياهہ ۽ مهران رود ۾ واضح فرق بہ ڏيکاري ٿو. جيڪڏهن هو ايئن نہ ڪري ها، تہ اسان ايئن سمجهون ها تہ ٻہ ٻيا وڏا درياهہ هنجون پرتي ڪنڌڙ شاخون هئا. هن بہ ٻين جيان چٽي نموني چيو آهي، "تہ هي اهو درياه آهي، جنهن کي سنڌ جو مهراڻ چيو ويندو آهي" يا هن درياهہ کي هو مهراڻ رود سڏي ٿو.

ابو ريحان هن جي اڪيلي ۽ نجي وهڪري کي سنڌ Sind سڏي ٿو. ٻين درياهن جي پاڻي ملڻ کان پوءِ هن کي نهر - مهراڻ ڪوٺي ٿو. ڏسو پٺتي آيل حاشيہ ١١٧ ۾ صفحي ٢٢١ تي ڏنل مصنف جو اقتباس.

١٥٧- هي لفظ ٽن مان ٻن ۾ ڪونہ ٿو ملي، جن کي غور سان مطالعو ڪري جاچي ڏٺو ويو آهي. ڏسو صفحو ٢١٣ ۾ اليٽ جلد ١ صفحو ٨٠ ٣- ٣٨١ - جتي هن جي ايڊيٽر "چند رود"، جي موضوع تي قلم ڪٽي پنهن جي طرفان راءِ جو اظهار ڪيو آهي. ڪيس پورو ويساه آهي تہ چناب سدائين ايئن وهندو رهيو آهي. جيئن موجوده دور ۾ رهي رهيو آهي. ڪتاب جي ٤٨ صفحي تي "چند" لفظ جي ٻي معنيٰ ۾ مفهوم ڏئي ٿو. چوي ٿو تہ هتي ڪجهہ مونجهارو آهي، پر پنهنجي طرفان ڪجهہ وڌيڪ لکي مسئلي کي اڃا بہ وڌيڪ منجهائي ڇڏيو اٿائين.

١٥٨- ابو ريحان پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ جاءِ تي لکي ٿو تہ "سنڌ" کي "واهندا" بہ سڏيو ويندو آهي. چندر ڀاڱ کي "جهار وار" يا

جندراهھہ" بہ لکيو آهي. اهو بہ چوي ٿو تہ چندر ڀاڳا يا چناب ۽ بياس لاهور جو اولاهون پاسو ڏئي وهنديون آهن. اراوا يا راوا يا راوي هن شهر جي اوڀر کان وهندي آهي. حقيقت اها آهي تہ تاريخ ۾ بياس ڪڏهن بہ لاهور جي اولهہ کان ڪانہ وڙهي آهي. پر ڪنهن زماني ۾ راوي لاهور جي پرسان اولهہ ۾ ضرور وهندي هئي. ڏنو ويندو تہ هتي معاملو ئي ابتو ڪري ڇڏيو اٿائين. ساڳي ڪتاب ۾ ٻي جاءِ تي لکي ٿو تہ راوي ڪان مٿان يا راوي جي اتر پاسي چناب ۽ بياس پاڻ ۾ ملنديون آهن. اها بہ حقيقت جي خلاف ڳالهہ آهي.

١٥٩ـ هن جو نهر الڪاج يا ڪاج ۽ نهرالڪوٽ يا ڳوٽ Nahar-al-Kut هاڪڙي يا واهندا جون پرتي ڪندڙ شاخون هيون، جيڪي قديم زماني ۾ جيسلمير ڪان اوڀر واري جابلو علائقي مان وهي اچي هاڪڙي ۾ پونديون هيون. تفصيل لاءِ اڳتي ڏسندا. تازي ڇپيل نسخي ۾ هن نهرالڪوٽ کي نغرڪوٽ Naghar-kot ڪري لکيو ويو آهي. هتي جيڪو "ج" جو اکر لکيل آهي، تنهن کي "چ" سمجهڻ گهرجي. مسعودي واري بهاطيل Bahatil کي حاطيل ڪري لکيو ويو آهي. ڏسو صفحو ٢٠٦ ـ ٧

١٦٠ـ پروفيسر سخاؤ انڊيڪس ۾ سنڌي جي ٻن سولن لفظن کي "پاڪنڌ" Pacandah لکي ٻي معنيٰ بنائي ڇڏيو آهي. ان ٽڪري جو سنڌس ڪيل ترجمون هن ريت اهي،" جڳهہ جنهن جو نالو پاڪنڌ آهي،" هن کي پنهنجي ترجمي جي صحت تي ڀروسو آهي، ۽ سمجهي ٿو تہ ابوريحان ايئن ئي لکيو هوندو. ڪلڪتہ رويو ۾ ڇپيل "لاسٽ رور" جي مقالي جو ليکڪ پنهنجي لکيل هيٺئين ٽڪري ۾ پنج ـ ند يا پنج ـ آب متعلق ڪجهہ منجهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. فاضل مصنف صفحي ١۴ تي لکي ٿو: ستلج کي پنج ند جي وهڪري جي هڪ شاخ سمجهي هن منجهيل مسئلي کي حل ڪيو ويو آهي.جنهن موجوده دور جي جاگرافيدانن کي مجبور ڪيو آهي تہ اهو نالو سنڌو يا چناب جو

آهي. بزنس پنهنجي ڪتاب ”ٽرئولس“ جي جلد ٣ صفحي ٢٨٧ تي چوي ٿو تہ چناب کي اهڙي نالي سڏائڻ جو تہ حق ئي ڪونہ آهي، ڇو تہ هن کي پنهنجي ڪنڌين ڪنارن وٽ بہ سڃاڻي ڪونہ ٿو سگهجي ۽ پنج ند يا پنج آب خود سنڌو پاڻ آهي. هن وهڪري کي هڪ درياهہ جو نالو ڏيڻ پوئين دور سان واسطو رکي ٿو.“

اهي سڀ ڳالهيون حقيقت جي خلاف آهن. جيڪي ماڻهو هن علائقي ۾ رهن ٿا، ۽ هن علائقي جي جاگرافيءَ کان پوري ريت باخبر آهن، تن کي پتو آهي تہ جيڪي درياهہ اچ ڪان مٿان سنگم ڪندا آهن، انهن جي گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي پنج ند سڏيو ويندو آهي. ابو ريحان جو بہ اهو ئي خيال آهي، ۽ ابوالفضل بہ ايئن ئي لکيو آهي. جڏهن اهو وهڪرو سنڌو يا آب سنڌ سان ملندو آهي، تہ پنج ـ ند جو نالو ڪونہ رهندو آهي ۽ بعد ۾ سيني جي گڏيل پاڻي جي وهڪري کي سپت يا ست ند سڏيو ويندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اسان جيڪو لفظ شتلد Shutlad پڙهون ٿا، تنهن کي ابوريحان سپت ند يا ست ند سمجهيو آهي. ڏسو حاشيہ ١٣٩.

اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي، تہ حقيقت کي ڳولي لهڻ واسطي، مسعودي، المسالڪ والممالڪ ۽ ابن حوقل جي بيانن کي پيٽائي ڏسڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ انهن ماڻهن سنڌ ۽ ملتان ڏوري پنهنجي اکين سان اچي ڏٺو. باقي ابوريحان تہ ملتان ڪان هيٺ ڏکڻ ۽ لاهور ڪان اوپر پير بہ ڪونہ پاتو هو.

١٦١ـ اها ڳالهہ پوري پروسي سان چئي سگهجي ٿي تہ بياس ۽ ستلج پنهنجن اصلي وهڪرن کي ڇڏي وچ تي ملڻ ۽ هڪ وهڪري اختيار ڪرڻ ڪان اڳ ۾ ستلج هاڪڙي جي پرتي ڪنڌڙ شاخ هئي. ان ڪان پوءِ جڏهن مذڪوره ٻئي نديون پاڻ ۾ مليون تہ ٻنهي جا نالا ڪونہ رهيا ۽ گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي هرياري يا گهارو ڪوٺيو ويندو هو. جيڪو سنڌو درياهہ جي پرتي ڪنڌڙ شاخ بڻجي ويو. اهي اهڙيون

حقيقتون آهن، جن کي وساري نٿو سگهجي. اڳئين دور جي لکڻين ۾ اسان کي پرڊيڪاس Pardikkas ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو يوناني هٿيارن سان مسلح ٿي، اجوڌن تي حملو ڪري ٿو. گهڻو وقت جڏهن ستلج ۽ بياس پاڻ ۾ ملنديون هيون، ته سندن گڏيل پاٽيءَ جو وهڪرو به اجوڌن کان پنجويهه ميل پري لنگهندو هو. ڪير ٿو چوي ته سڪندر ميسڊوني جي حملي کان هڪ هزار سال پوءِ به اجوڌن جي شهر جو هن ڌرتيءَ تي وجود هو. اهو شهر هاڻي ستلج جي ايترو ويجهو آهي، جيترو اڳي ڪڏهن به ڪونه هو. هن وقت ستلج کان ساڍا اٺ ميل ڪن پري آهي. پر گذريل صديءَ ۾ پنجويهه ميل پري هو. تفصيل لاءِ اڳتي حاشيه ڏسندا.

١٦٢- هي ڇپيل نسخي ۾ موجود ڪونه آهي.

١٦٣- ٻئي هنڌ اهو ٻڌائيندي ته لوهاراڻي، مهراڻ نهر جي ڪنڌيءَ تي ان جاءِ وٽ آهي، جتي هيءُ درياهه سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. اهو به ذڪر ڪري ٿو ته بزانه Bazanah (ٻين نسخن ۾ يزانه، نرايه، مرايه آهي. رشيدالدين جي نسخي ۾ ايئن آهي) کان ڏکڻ ۽ اولهه جي وچ تي سٺ فرسنگ جي پنڌ تي انهلواڙا Anhal-wara (انهلواره ۽ بهلواره به آهي) جو شهر آهي. اتان سومنات پنجاهه فرسنگ ٿيندو، جيڪو سمنڊ جي ڪناري سان آهي. انهلواڙ يا نهلواڙ کان ڏکڻ طرف لاوديس- Lao des يا لاڙ ديس Lar des آهي. جنهن جا بهزوج Bahzuj يا بهروج Bahruj ۽ ڏنجور Dhanjura يا رهنجور Rhanjura به مشهور شهر آهن. ٻنهي جي وچ ۾ ٻائيتاليهه فرسنگن جو پنڌ آهي. ٻئي سمنڊ جي ڪناري تي ۽ مانه (تانه tana) کان اوپر طرف آهن. اليٽ هن لفظ کي صفحي ٢٧ تي بانيا Baniya صفحي ٣٧ تي بلها Balha صفحي ٣٩ ۽ ٤٠ تي بنيا Bania تانا Tana ۽ پٽي صفحي ٧٧ ۽٧٩ تي بانيه لکيو آهي. بزانه کان پنجاهه فرسنگ اولهه طرف ملتان آهي. (جيڪڏهن هن کي گجرات سمجهجي ته مفاصلو مناسب ڪونه ٿو لڳي) ۽ ڀاٽي Bhati (يا

مهاتي، نهاتي، بهاني ۽بهاي جون مختلف صورت ختيون آهن) کان ٻزانہ
پندرهن فرسنگ آهي. ياتيءَ کان ڏکڻ ـ اولهہ (هڪ نسخي ۾ ڏکڻ ـ
اوڀر لکيل آهي) پندرهن فرسنگن جي پنڌ تي ارور Aror ارو Arro يا
ادور udar جو شهر آهي، جنهن جو مطلب گهٽو ڪري ادو يا اڌو آهي.
(ڏاريا ماڻهو هندي ٻوليءَ ۾ "هہ" جو اچار وساري ڇڏيندا آهن.) ياتيءَ
جو شهر سنڌ رود جي ٻہ درياهيءَ جي وچ تي آهي. (اڳتي هلي ڏسبو تہ
اهو نهر ـ مهراڻ نہ آهي) اتان کان ٻهمانو منصوره ويهن فرسنگن تي
آهي. اتان کان لوهاراڻي ڦاٽ جو ڇوڙ (مذڪوره ڪتاب ۾ ٻن ڇوڙن جو
ذڪر ڪري ٿو. هيءُ ان زماني اولهہ وارو ڇوڙ هو)ٺيهہ فرسنگ پري
آهي. اليٽ جي جلد ١ صفحي ٦١ کي پيٽي ڏسندا. صفحي ٥٨ تي هيءُ
صاحب "نارايا" Naraya لکيو آهي، پر ڪتاب جي ايڊيٽر ان کي
بدلائي نرنا Narna ڪري لکيو آهي. جنهن کي هو گجرات جي راجڌاني
ٻڌائي ٿو. پر اصلي نسخي ۾ "ڪورات" آهي، ۽ ٻين نسخن ۾ "ورات"
لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

١٦٤ ـ ڏسندا صفحو ١٨٢

١٦٥ـ هن ماڳ کي ياتي چوندا آهن، جنهن کي اليٽ صفحي ٧٩ تي
بانيا لکيو آهي. هيءُ ملڪ سامونڊي ڪناري سان واقع آهي. ان جو
صحيح نالو ڇا آهي؟ تنهن جو ڪوبہ پتو نہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ٻزانہ
هجي. ابو ريحان ان کي گجرات جي راجڌاني لکيو آهي. پر پڪ ڪانهي
تہ اهو صحيح آهي يا نہ. (ڇاڪاڻ تہ گجرات جي قديم راجڌانيءَ کي
"انهلواڙ" چيو ويندو آهي) اهي سڀ شهر سمنڊ جي ڪناري سان ۽
ڪانياواڙ ۽ مهراڻ جي ڇوڙن جي وچ واري ايراضيءَ تي آباد هئا. ڏسڻ
۾ اهو اچي ٿو تہ جڏهن اليٽ پنهنجو ڪتاب لکي رهيو هو، تہ
سمجهيائين پئي تہ گجرات جي راجڌاني اهو شهر هوندو. توڙي جو
مذڪوره ڪتاب جي ايڊيٽر مسٽر ڊائوسن صفحي ٥٨ ۽ حاشيہ ٩ تي
اهڙي وضاحت بہ ڏني آهي. ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو تہ اليٽ هن ماڳ کي اتر

اولهہ صوبي جو اهم ۽ دلچسپ مقام سمجهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن کي بيرونيءَ جي ڪتاب مان ان اتر ـ اولهہ واري صوبي جو حصو، سمنڊ جي ڪناري سان مليل ويو آهي. ان ماڳ کي هي صاحب موجوده دور وارو ناروار Narwar سمجهي ٿو. پنهنجي هن خيال جي پٺڀرائي واسطي تفصيلن ۾ بہ ڪاهي پيو آهي. پر ان شهر کي گجرات جي راڄڌاني سمجهڻ واسطي ونس گهربل حوالا ڪونہ آهن. ايڊيٽر اسان کي ٻڌائي ٿو تہ جنرل ڪننگهام جو هن متعلق مختلف رايو آهي. هو چوي ٿو تہ، " مان گجرات کي بئرات Bairat يا قديم ماتسيا Matsya جي روپ ۾ سڃاڻي ورتو آهي. فرشتہ (يعني برجس) ڪئرات Kairat ۽ ناردن Nardin جا نالا ڪٺي ٿو، چوي ٿو تہ هنن ٻنهي علائقن کي محمود غزنويءَ فتح ڪيو هو. جيڪڏهن هن کي عربي رسم الخط ۾ لکجي تہ ڪيئرات ۽ گجرات جا ٻئي لفظ بئرات جي ڇڻ بگڙيل صورت ۾ نظر ايندا. ناردين ۽ نرانا Narana، نارايانہ Narayana جوبگاڙ معلوم ٿيندا، جيڪو بيرات جي اترـ اوڀر ۾ موجود هڪ شهر جو نالو آهي. ڏسو اليٽ، جلد ١ ص ٥-٦-٣٩۴.

اڄو تہ اسان پاڻ فارسي رسم الخط ۾ گجرات، ڪيرات لکي ڏسون تہ واقعي بيرات جهڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا وري ناردين، نرانا لکي ڏسون تہ اهي نارايانہ جهڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، يانہ؟ اسان ڏٺو تہ منجهن خاص هڪجهڙائي ڪانہ آهي. پر مون کي ڪو خاص فرق بہ نظر ڪونہ ٿو اچي. منهنجي خيال ۾ اهو لفظ بزانہ Bazanah ئي آهي.

افسوس ان ڳالهہ جوآهي جو ماڻهو اهڙي غلط سڃاڻ ڪري خوش بہ ٿين ٿا. فرشتہ پنهنجي فارسي ڪتاب ۾ نور و قرات جا نالا ڏنا آهن. جيڪي جلال آباد ۽ ڪابل درياهہ جي اتر طرف ڪافرستان ۾ بہ لڪ آهن. ۽ اهي يارهن ڊگرين ڪان وڌيڪ اتر طرف آهن. مان پنهنجي طبقات ناصري جي ترجمي جي صفحي ٧٧ تي، اهڙو اشارو بہ ڪيو آهي. ساڳي وقت مان پنهنجي ڪتاب "نوٽس آن افغانستان " جي صفحي

۱۳۴، ۱۳۵ تي امير محمود جي انهن پنهي لڪن تي جملي جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان مورخ جا حوالا ڏنا آهن، جنهن وٽان خود فرشته به معلومات ورتي آهي ۽ جنهن امير محمود جي پوٽي امير فرخ زاد جي ڏينهن ۾ پنهنجي تاريخ لکي هئي. ڏسو اليٽ جو جلد ۱ صفحو ۴۷، جنهن ۾ هن پنهي درن يا لڪن نور و قرات جو گڏائي نالو لکيو آهي جيڪو نوروقرات Nurokirat تي ويو آهي. هو ٻڌائي ٿو ته اهو جلال آباد ۽ ڪابل درياهه جي اتر ۾ لام غان Lamghan سان موجود آهن.

ابو ريحان مطابق (جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن مٿي آيل نوروقرات (Nurokirat) جوذڪر ڪيو آهي) بزانه Bazanahانهلوارڙي کان سٽ فرسنگ يا ۱۸۰ ميل پري آهي. اسان کي خبر آهي ته اها ڪٿي آهي ۽ اها لامغان Lamghan ۽ بيرات کان گهٽو پري آهي. ان جو سنڌ جي قديم راجڌاني اروڙ سان ڪو به واسطو ڪونه آهي. ڇاڪاڻ ته پاتي جو هيءُ شهر منصوره کان ويهه يا سٺ ميل اتر ۾ لوهاراڻي کان ٽيهه فرسنگ يا نوي ميل اتر ڏس تي آهي، جيڪو مهراڻ جي ڇوڙ وٽ هڪ شهر آهي. ارو يا ادور جو شهر منهنجي خيال ۾ نقشي ۾ نالو ادو Addu آهي، سو ٻه ڪچ ملڪ جي پيچ کان سٺ ميل اوپر طرف آهي. اتان کان پاتي جو شهر فقط پندرهن فرسنگ يا پنجيتاليهه ميل پري آهي. هي شهر جن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي، سڀ سپ ساموندي ڪناري سان آباد آهن، جن کي اليٽ Marinia Strand سڏيو آهي، جيڪي مهراڻ جي اوڀارئين ڇوڙ کان شروع ٿي سورٺ تائين هليا وڃن ٿا، جنهن کي هندو سوراشتريه ۽ ڪانياواڙ سڏيندا آهن. ڏسو صفحو ۲۵۸.

۱٦٦۔ ڏسو حاشيه ۱۰۵ جيڪو ۱۹٦ صفحي جي منڍ ۾ آهي. انهن شهرن جي وچ وارا فاصلا جيڪڏهن صحيح آهن ته بزانه Bazanah جو ماڳ جيسلمير رياست جي اتر ـ اولهه واري ڪنڊ تي موجود هئڻ گهرجي.

۱٦٧۔ هي لفظ ”جنهن کي مغل قرا جنگ Kara Jang سڏين ٿا.“

ابو ريحان جي ڪتاب ۾ ڪونہ ملندا. ان جو سبب لهڻ سولي ڳالهہ آهي. جنهن دور ۾ هن مورخ پنهنجو ڪتاب لکيو، ان ڪان بہ هڪ صدي پوءِ تائين مغل گمنام هئا، ۽ مسلمان مورخ انهن تي زيربحث دور ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ لکيو. قرا جنگ جي تفصيل لاءِ ڏسو طبقات ناصري جو صفحو ١٢١٦ ۽ ان کي ڪنبگهام جي "اينشنٽ انڊيا" جي صفحي ۵۵ سان ڀيٽي ڏسندا.

١٦٨- ڏسو صفحي ٢٠٦ جو منڍ ۽ حاشيو ١١٢ هاڪڙي واهندا يا سنڌساگر درياهہ جي چاڙهہ وارو پاڻي وهي هڪ ڪاريءَ رستي وچي سمنڊ ۾ پوندو آهي، جنهن کي اسان جي نقشن ۾ "ڪوهري" Kohri لکيو ويو آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ان نقشي ۾ نالا غلط لکيل آهن. ڪوهري ڪان سنڌوءَ جي حجامڙي جو چوڙ ٽيهارو ميل ڪن اتر-اولهہ آهي. (اهو فاصلو اڄ جو آهي. تازن نقشن ڇپجڻ ڪان پوءِ امڪان آهي تہ انجي وهڪري ۾ گهٽي تبديلي اچي وئي هجي. بواريج Bawarig بارجہ جو جمع آهي. هيءَ جنگي ٻيڙي جو هڪ قسم آهي. جيڪو گهٽوڪري ٻيڙين ۽ جهازن لاءِ ڪتب ايندو آهي.

١٦٩- هيءَ نالو پراڻن نقشن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو اهو ماڳ روهڙي ۽ ملتان جي وچ تي هو، جنهن کي موجوده دور ۾ "اسلام ڪوٽ" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جيڪو هاڪڙي درياهہ جي ڪڙ سان ڪجهہ اڳتي اتر طرف هو. مذڪوره شهر جند يا چند شهر وانگي هو، جنهن جو ذڪر صفحو٢١٣-٢١۴ جي منڍ ۾ آيل آهي.

١٧٠- ڏسندا صفحي ٢١٦ جو منڍ .

١٧١- هي بيان ان اتاهين پوئي سان لاڳاپيل آهي، جيڪو سنڌو درياهہ ڪان ڪجهہ ميل اوپر طرف ڪان شروع ٿي، بياس جي ڪاڻي ۽ اتاهين ڪناري سان وچي لڳي ٿو. ان علائقي ۾ درياهہ پاڻ ۾ ملي پنج ند يا پنج آب جي شڪل اختيار ڪن ٿا. پاڻيءَ جو اهو وهڪرو، ٽل يا بر- چنائو Bar-i-Chonao يا چناب جي اولهہ ڪان پنهنجي نئين

وهڪري بنائڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي. مذڪوره ايراضيءَ جي اوپر ۾ بر Bar ۽ ڍايا Dhaiya موجود آهي. هن اتاهين پٽ ڪي ٽن مختلف جيالاجيءَ جي دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، جنهن ڪي درياهن جي بيانن ۾ اڳتي ڏسندا.

١٧٢- ڏسندا ٢١٧ صفحي جو منڍ، جتي اوهان ڪي ابن حوقل جو بيان بلڪل ساڳيو ملندو ۽ ان سان گڏ حاشيه ١٤٦ پڙهندا.

١٧٣- نيرون جي بيهڪ المسالڪ والممالڪ ۾ ابن حوقل جي ڏنل قديم نقشن ۾ چٽيءَ ريت ڏني وئي آهي، ۽ ڪهڙي علائقي ۾ موجود آهي، تنهن سان لاڳاپيل بيان هنن ٻنهي ڪتابن کان سواءِ ادريسي جي تصنيف ۾ بہ ڏسي سگهجن ٿا. موجوده دور جا مورخ هن شهر جي بيهڪ ۽ سڃاڻ جي معاملي ۾ فقط پاڻ ۾ ٻين ڪي خوش ڪيو ويٺا آهن. پر اهو ڪهڙي علائقي ۾ آهي؟ انهيءَ ڳالهہ تي پاڻ ۾ ڪونہ ٿا ٺهن. البت هن ڪي جهرڪن وٽ سمجهي ٿو. ڪننگهام حيدر آباد ڪي نيرون سمجهيو ويٺو آهي. هيءُ پنهنجي ڪتاب "اينشنٽ انڊيا" جي صفحي ٢٧٩ تي چوي ٿو تہ " ماڻهو اڄ بہ حيدرآباد ڪي نيرون ڪوٽ سمجهندا آهن." پر ان لاءِ ڪنهن سند جي ضرورت آهي. هو وڌيڪ چوي ٿو تہ " اهو شهر سنڌوءَ جي اولهہ پاسي هو. موجوده دور ۾ سنڌو حيدرآباد جي اولهہ پاسي کان وهي رهيو آهي. پر اسان ڪي خبر آهي تہ حيدرآباد جي اوپر کان وهندڙ ڦليليءَ ڦاٽ ڪنهن زماني ۾ سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو هو. (مئڪمرڊو هن ڦاٽ ڪي ڦليليءَ بدران هاڪڙو، واهندا يا ساڳرا سمجهي ٿو) هن مکيہ وهڪري اٽڪل ١٠٠٠هہ يا ١٥٩٢ع ڌاران حيدرآباد کان اولهہ وارو رخ اختيار ڪيو آهي. (هئگ، جنهنجو متي ڪٿي حوالو ڏنو ويو آهي، تنهنجو خيال آهي تہ هن مکيہ وهڪري جو حيدر آباد کان اولهہ پاسي ٿيڻ وارو واقعو گذريل صديءَ ۾ ٿيو آهي. اسان هن ڪي بلڪل صحيح سمجهون ٿا) مکيہ وهڪري جي اهڙيءَ تبديليءَ ۽ نصيرپور (صحيح نصرپور آهي) جي

تباهيءَ جو واقعو پاڻ ۾ لاڳاپيل آهي، جيڪو ۷۵۱هه يا ۱۳۵۰ع ۾ ٿيو.
نصرپور جو شهر، جنهنجو مٿي ذڪر آيو آهي، سو حيدر آباد کان اتر-اتر اوڀر طرف سترهن ميلن جي فاصلي تي آهي. هن شهر جو بنياد دهليءَ جي سلطان فيروز شاهه خلج Khalj ترڪ رکيو هو. پر اليٽ ("انڊين هسٽورين" جي جلد ۲ صفحي ۲۱٦) هن کي دودي سومري جي دور ڄجو اهم شهر سمجهي ٿو، جيڪو سلطان عبدالرشيد غزنوي جو همعصر ۽ سلطان فيروز شاهه کان ٽي صديون ڪن اڳ ٿي گذريو آهي. پر هن سهر جو جاءِ وقوع ڪنهن ٻئي هنڌ ٻڌائي ٿو. موصوف نصيرپور Nasirpur کي سنڌ جي ڏکڻ-اوڀر واري پاڳي ۾ ٻڌائي ٿو. اڪبر بادشاهه جي زماني تائين هن شهر جي اهميت ۾ ڪا بہ گهٽتائي ڪانہ آئي هئي.هيءَ ٺٽي واري علائقي ۾ پنجن سرڪارين مان هڪ سرڪار هئي. جنهن زماني ۾ سلطان فيروز شاهه تغلق گجرات کان ٺٽي تي آخري حملو ڪيو هو، تنهن زماني ۾ هن، سانڪرا (هاڪڙي) جي ڪنڌيءَ سان واقع هن شهر پرسان هڪ قلعو بہ جوڙايو هو. ڪننگهام وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ نصيرپور جو ابوالفضل (گلئڊون Gladwin جو ترجمو) بہ ذڪر ڪيو آهي تہ نصرپور ٺٽي صوبي جو هڪ محال آهي ۽ اڪبر بادشاهه جي شروعاتي ڏينهن ۾ سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو (مان هن کي هاڪڙي جو مکيہ وهڪرو چئي آيو آهيان) حيدرآباد کان اوڀر طرف کان وهندو هوندو. مان هتي هڪ گذارش ڪرڻ چاهيان ٿو تہ ابوالفضل پنهنجي تاريخ، اڪبر جي جلوس جي ٻائيتاليهين سال لکي پوري ڪئي هئي ۽ نصيرپور (جيڪو نصرپور کان جدا ٻيو ڪو شهر آهي) جنهنجو مٿي ذڪر اچي ويو آهي، سا ٺٽي جي، ڏکڻ-اوڀر هڪ ڏوراهين سرڪار هئي. ساڳئي وقت اها سٽن مان هڪ محال بہ هئي. ۽ امرڪوٽ Amrkot ٻيو محال هو. جڏهن سلطان فيروز خلج ترڪ گونڊل کان ٺٽي آيو هو تہ هن، علائقي ۾ هڪ قلعبند شهر جو بنياد رکيو هو. ٻئي پاسي اليٽ چوي ٿو، جنهنجو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، تہ هن نيرون ڪوٽ

جو ماڳ جهرڪ ۽ ڪينجهر ڍنڍ جي پرسان هيلايا وٽ ٻڌو ولي لڌو آهي. هن ڍنڍ ۾ محمد قاسم (محمد بن قاسم ڏانهن اشارو آهي) جا جنگي ٻيڙا اچا تائين بيٺا آهن. پر هن کي ته هتي ڪو زمانو گذري ويو آهي. هن متعلق ڪننگهام ٻڌائي ٿو ته،" ڪينجهر ڍنڍ کي سنڌوءَ سان ڪو سٻنڌ ڪونهي. اهڙيءَ ريت اليٽ ۽ پين جي بيانن کي ته" نيرون ڪوٽ جهرڪن پرسان آهي" هيءُ رد ڪري ڇڏي ٿو. اليٽ پنهن جي ڪتاب جي جلد ١صفحي ٤٠٠ تي لکي ٿو ته، " مان هن خيال جو آهيان ته نيرون ڪوٽ جهرڪن کان ٿورو هيٺ هيلايا وٽ هو. هتي اوسي پاسي ڍنڍن جو انگ چڱو خاصو آهي. جن مان ڪجهه وڏيون به آهن، ڪينجهر انهن مان هڪ آهي. جنهن ۾ محمد بن قاسم جا جنگي ٻيڙا سولائيءَ سان اچي بيٺا هوندا.

سنڌ جي قديم تاريخ ۾ بيان ڪيل شهرن کي سنڌو درياهه جي موجوده وهڪري جي اوسي پاسي ڳولڻ لاءِ جاکوڙڻ پاڻي ولوڙڻ جي برابر آهي. هو سمجهن ٿا ته سنڌوءَ جا ڪنارا گپ چڪ ۽ واريءَ بدران پٿر جا آهن، ۽ يارهن صديون ته گهٽ آهن، پر تيويهن صدين ۾ به سنڌوءَ جو وهڪرو بدليو هوندو، بلڪل اڻ ڄاڻائي آهي. ان کان وڌيڪ هيءَ به اڻ ڄاڻائي آهي ته هو پنهنجي ڪتاب جي صفحي ١٥٧ تي پاڻ محمد بن قاسم جا ٻيڙا سنڌ ساگر (چچ نامي ۾ صفحي ١٨١ ۽ ٢٣١ تي واهندا يا ساگرا لکيل آهي) رستي مٿي موڪلي ٿو. اهو درياهه هاڪڙو يا وهندا آهي، جنهن کي غلطي وچان نقشن ۽ گزيٽيئرن ۾ "نارا" ڪري لکيو ويو آهي، جيڪو هيلايا کان پورا پنجهتر ميل اوپر کان وهندو هو. ڪينجهر ڍنڍ به زيربحث زماني کان صديون پوءِ به ٻيڙن هاڪارڻ واسطي ڪم ڏيندي رهي آهي ۽ درياهه جي الهندي شاخ ڪئين پيرا اوپر کان اولهه ۽ اولهه کان اوپر پنهنجا ماڳ مٽائيندي رهي آهي. ڪيترين ڍنڍون نهنديون ۽ سڪنديون رهيون ۽ ڪيترن کي لٽي سندن نشان ئي ميساري ڇڏيا.

مسٽر وڊ Mr Wood پنهنجي مشاهديَ ۾ وڏيڪ چٽو آهي، سو پنهنجي ڪتاب "جرني تہ دي اوڪسس Oxus " ۾ هن باري ۾ چوي ٿو تہ،" وهڪري جي پرسان ڏچن جو هڪ جنگي جهاز جو ڏونگو جنهن ۾ چوڏهن توبون جڙيل هيون، سڪ ۾ گتو بيٺل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سنڌوءَ جي وهڪري بدلائڻ جي هيءَ هڪ وڏي ثابتي آهي. سڪندر اعظم جي مورخن جي بيانن ۾ ڏنل شهرن وستين ۽ وٿاڻن ڪي سنڌوءَ جي چوڙ واري هن علائقي ۾ ڳولڻ لاءِ جاکوڙڻ هڪ اجائي ڳالهہ آهي. ڪڇ کان وٺي ڪراچيءَ تائين سجو علائقو درياهي لٽ سان ٺهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن ايراضيءَ ۾ پاڻهي ڦتندڙ وڻ جهڙوڪ لئي جا جهنگ اهو ٻڌائين ٿا تہ مذڪوره علائقي کي ٻٽئي سو سال مس ٿيا هوندا. هن علائقي کان مٿي جتان درياهہ جون ڇاڙهون گهٽي عرصي کان هڪ جاءِ تان وهنديون رهيون آهن، اتي لئيءَ جا وڻ وڏا ۽ ٿلها پيا ڏسڻ ۾ ايندا. پر چوڙ واري علائقي ۾ ايئن ڪونهي. اسان جو اهو اندازو بلڪل صحيح آهي ۽ ٻئي جڳهيون بہ بلڪل هڪ جهڙيون آهن "جيڪڏهن، هن چوڙ واري علائقي جي اترئين چوٽي ايتري چٽي هجي ها جيترا سندس ٽڪنڊا پاسا واضح آهن، تہ اسان انهن امڪانن تي غور ڪرڻ جي ضرور همت ڪريون ها تہ سڪندر ڪڇ ۽ گجرات ضرور ويو هوندو. اسان مٿي پڙهي آيا آهيون تہ اهي وستيون ۽ وٿاڻ موجود ڪونہ آهن، ان ڪري شڪ جو شڪار ٿي ڏاڍا وياڪل ٿي ويا آهيون. اسان جاکوڙ ڪري جيڪي نتيجا ڪڍون ٿا، سي خام خيالي کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهن.

"ڏچن جو پراڻي جهاز جو ڪٽو جنهن جو مٿي ذڪر اچي ويو آهي، اها شاهدي ڏئي ٿو تہ سنڌو ان زماني ۾ موجوده دور کان وڌيڪ جهازرانيءَ لائق ڪونہ هو. اسان کي مناسب شاهديون موجود آهن تہ سنڌو قديم دور جيان اڄ بہ جهاز رانيءَ جي قابل آهي. ٽيورينئر Tavernier بہ ٻہ صديون اڳ پنهنجي خيال جو اظهار ڪندي لکيو آهي تہ،

موجوده دور ۾ ٺٽي جو واپار اڳي کان گهٽو گهٽجي ويو آهي، ڇاڪاڻ ته درياهه جا ڇوڙ لٽ ۽ واريءَ ڪري پورجي وڃن ٿا، ۽ منجهائن جهاز ڏکيائيءَ سان لنگهي ٿا سگهن. ص ٢ ۽ ٣

” مٿيءَ وارو اتريون ميدان ايئن آهي، جيئن جابلو علائقي جي ڏکڻ ڏس تي سنڌو ماتري آهي. سنڌو اتان سدائين پنهنجو وهڪرو پئي بدلايو آهي. صدين گذرڻ کان پوءِ يوناني سپهه سالار جا اتي نشانن پٽن لاءِ هٿ پير هڻڻ ۾ پرن کان پير گهرڻ برابر ٿيندو. ص ٢٠.

ڇوڙ واري علائقي جي مٿين پاسي متعلق ٿورو شڪ ٿئي ٿو، ته اهو قديم زماني ۾ بهمن آباد ۽ اروڙ جي جابلو علائقي جي وچ تي ان هنڌ هوندو، جتان مهراڻ درياهه ٻن وهڪرن ۾ ونڊجي ٿي ويو. تفصيل لاءِ درياهن تي لکيل احوال اڳتي ڏسندا. اهڙيون اوپاريون لهنواريون ڳالهيون ڪري اسان موٽي پنهنجي موضوع تي اچون ٿا. اسان ڪي هڪڙي ڳالهه پروسي جوڳي نظر اچي ٿي، ته نيرون ڪوٽ کان ديبل جو سفر، نيرون ڪوٽ کان بهمن آباد جي پنڌ کان ڪجهه ٿورو هو. ان ڪري نيرون ڪوٽ جا ماڳ موجوده حيدر آباد کان پنجتيهه يا چاليهه ميل ڏکڻ طرف ۽ ٺٽي کان ٻه ساڳي فاصلي تي اوپر طرف ڏسڻ گهرجن. سنڌ جا تاريخي حوالا اهو ڪونه ٿا ٻڌائين ته حيدرآباد جو شهر نيرون ڪوٽ جي کنڊرن تي تعميل ٿيل آهي. ادريسيءَ جو بيان آهي ته نيرون ڪوٽ، منصوره ۽ ديبل جي وچ تي ۽ نيرون کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. اتان کان منصوره وڃڻ لاءِ ماڻهو منجباري Manjabari کان درياهه اڪرندا آهن، اهو ٿاڪ منصوره ۽ نيرون جي وچ تي آهي. ٻئي طرف ابن حوقل جو بيان آهي ته منصوره کان نيرون جو فاصلو ديبل کان نيرون جي پنڌ کان گهٽ آهي. ساڳيو مصنف وري ٻئي هنڌ لکي ٿو ته منصوره کان ديبل ڇهن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. ۽ نيرون ۽ ديبل جي وچ تي ٻن ڏينهن جي سفر جو مفاصلو آهي. المسالڪ والممالڪ ۽ ابن حوقل جي ڏنل نقشن ۾ نيرون درياهه جي مکيه

وهڪري کان چڱيءَ وٿي تي آهي. منجباريءَ جو ماڳ نيرون ڪوٽ ۽ بهمن آبادجي وچ تي آهي. ادريسي ۽ ابن حوقل جي وچ تي هڪ سو اسي سالن جي وڏي وٿي آهي انهيءَ وچ ۾ ڪيتريون اهم تبديليون اچي چڪيون هونديون. ابن حوقل چوي ٿو تہ، ”مهراڻ پهريائين نيرون وٽان گذري ٿو ان کان پوءِ اڳتي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. درياهہ جي وهڪرن جي تبديلي جا وڌيڪ تفصيل اڳتي پڙهندا. هن موضوع لاءِ اليٽ جلد ١ صفحي٧٨ جو مطالعو ڪندا.

ڪننگهام پنهنجي تصنيف جي صفحي ٢٧٩ تي ”پٽيالا يا نيرون ڪوٽ“ جي سري سان انهن ماڳن متعلق لکيو آهي، جنهن بابت مٿي بہ ذڪر اچي چڪو آهي. هيءُ صاحب حيدرآباد کي نيرون ڪوٽ ۽ ائرين جي پٽيالا سمجهي ٿو. پر سندس صفحي ٢٣٦ واري ويچارن ”نيرون ڪوٽ واري حوالي“ کي منجهائي ڇڏيو آهي. حقيقت بہ اها آهي تہ اهو حقيقت حال بلڪل منجهيل آهي. مذڪوره ماڳ کي اصطخري ”پيروز“ Piruz ابن حوقل قنزبور Kannazburءِ فيرابوز Firabuz سڏي ٿو. جيڪو ڪجهہ بہ هنن مذڪوره شهر لاءِ چيو آهي، تنهن متعلق اليٽ جو حوالو ڏيندي هو چوي ٿو تہ هيءُ”شهر جنهن جو نالو اڻ چٽو آهي، سو ”نيرون ڪوٽ “ سان هڪجهڙائي رکي ٿو. هي وڌيڪ چوي ٿو تہ ”هن کان پوءِ مان ديبل جي پراڻي ماڳ کي سڃاڻي وٺندس، جيڪو لاڙي بندر (لاهري) بندر جي پرسان واقع هو، (صفحي ٢٧٩ تي هو چوي ٿو تہ ديبل جي پراڻن ماڳن تي لاڙي بندر تعمير ڪيو ويو آهي)ءِ منجاباري (منجباري) کي ٺٽو سمجهان ٿو.“ جيڪڏهن اليٽ جي مذڪوره جلد ۾ ڏنل ابن حوقل جي نقشن ۾ انهن سيني شهرن جا نالا المسالڪ والممالڪ جي نقشي مطابق هجن ها، جنهن نقشي کي مان بہ ضميمي طور شامل ڪيو آهي، تہ ڪيس اها ڄاڻ ضرور ملي ها تہ جنهن شهر کي فيرابوز، قنزبوز يا پيروز سڏيو ويو آهي، اهو درڪ Darak ۽ منجباري جي بلڪل وچ تي ۽ نيرون ڪوٽ کان ديبل ڏانهن ويندڙ رستي تي

آهي. يا ايئن ڪٿي چئجي ته ديبل جي پرسان ۽ ڪائنس اتر ـ اوڀرجي طرف آهي. ٻي ڳالهه ته زيربحث شهر فيرابوز يا جيڪو ڪجهه به آهي، سو مڪران جو شهر آهي. پر نيرون جو ماڳ سنڌ اندر آهي، جيڪو سنڌ جو شهر آهي ۽ پوري پڪ سان چئي ٿو سگهجي ته اهي بيان ڪيل ٻيا ڪي شهر آهن. هن شهر جو نالو مختلف مورخن جدا جدا صورتخطيءَ ۾ لکيو آهي. پر المسالڪ والممالڪ، ابن حوقل ۽ ادريسيءَ فريون، فرمون، قمربون، قلونور، ببروز، پيروز ۽ بيروز ڪري لکيو آهي. مگر هن کي قنزبورKannazbur، قنزپور Kannazpur قنزبور ڪهڙيءَ سند سان لکيو ويو، ۽ ڪهڙيءَ نقطه نگاهه کان؟ ڪهڙي حساب سان "N" جي اکر کي ٻه دفعا لکيو ويو آهي. سو منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي.

هن کان اڳ اهو چٽيءَ ريت بيان ڪيو ويو آهي ته نيرون جو شهر، منصوره کان ديبل ڏانهن ويندڙ رستي تي واقع آهي ۽ ٻنهي شهرن جي جاءِ وقوع شڪ کان بالاتر آهي. اسان کي اهو به پڌايو ويو آهي ته منصوره ۽ ديبل جي وچ تي ڇهن ڏينهن جو پنڌ آهي. جيڪڏهن اسان اهو فاصلو باقاعده ڪنهن ماپ سان معلوم ڪنداسون ته ڪجهه ميل گهٽ وڌ ڪري سڄو فاصلو هڪ سو ويهه ميل وڃي بيهندو، يا جيڪڏهن نڪ سامهون سفر ڪبو، ته هڪ ڏينهن جو سفر في ڏينهن ويهه ميل جي حساب سان وڃي بيهي ٿو. اصطخري، المسالڪ والممالڪ، ابن حوقل ۽ ادريسي جو اتفاق آهي ته نيرون ديبل ۽ منصوره جي وچ تي آهي. ۽ نيرون کان ٻنهي شهرن جو پنڌ هڪ جيترو آهي، جيڪو ٽي ٽي ڏينهن وٺي ٿو. اهڙيءَ ريت ارمائيل (جنهن کي نقشن ۾ هور مارا Hormara ڪري لکيو ويو آهي) به ديبل کان ڇهن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. ساڳيءَ طرح ديبل کان منصوره يا ديبل کان ارمائيل جو فاصلو هڪ جيترو آهي." اسان هن حقيقت تي پورو ڀروسو رکون ٿا. ابن حوقل جو بيان آهي ته ديبل کان مذڪوره قنزبور جو ماڳ

چئن ڏينهن (اليٽ ۾ هن کي چوڏهن ڏينهن لکيو ويو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڇاپي جي غلطي هجي ۽ ڇئن مان چوڏهن ٿي ويو هجي) جي پنڌ تي ڏيکاريو آهي. هن مان اسان کي اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ديبل کان ارمائيل واري فاصلي کان، ديبل کان قنزبور جو فاصلو ٽيون حصو گهٽ آهي. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته قنزبور کان منجباري يا منڇباري ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. ادريسي جو چوڻ آهي ته منجباري يامنڇباري ”شارون ساڻ“ (سوستان) کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. اسان هن شهر جي جاءِ وقوع کي چڱيءَ پر ڄاڻون ٿا. تنهن ڪري اسان اهو سمجهون ٿا ته سوستان کان منجباري ايتري پنڌ تي هئي، جيتري پنڌ کان ديبل يا نيرون کان منصوره هئي. هي اهو به ٻڌائي ٿو ته شارون ساڻ يا سوستان کان فيرابوز يا حوقل واري قنزبور ڇهن ڏينهن جي فاصلي تي آهي. (مان اهي نالا اليٽ مطابق ڏيان ٿو جنهن جو حوالو ڪننگهام ڏنو آهي. اصلي نسخن ۾ قنزبور Kannaz bor قنزبورKinnazbur فيرابوز Firabuz ۽ ييروز آهي) جهڙيءَ ريت مٿي بيان ڪيل آهي.) جيڪڏهن ديبل کان فيرابوز ڏانهن وڃبو ته رستو منجباري وٽان گذرندو آهي. وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته فيرابوز مڪران جو شهر آهي. صورت حال مان ايئن سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته اهو شهر سنڌ جي ڊنگ سان واقع هو. اليٽ، پنهنجي ڪتاب جلد ١ صفحو ٣٣-٣۴ تي ابن حوقل جو حوالو ڏنو آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو ته، ”قبريون Kabryun (قنزبون Kannazbun)“ ساڳيو ماڳ آهي. جيڪو سندس چوڻ مطابق مڪران جي حدن ۾ آهي.

اهڙيءَ ريت ڪننگهام منجباريءَ کي ٺٽو سمجهي ٿو. جيئن ديبل کي لاڙي بندر جي صورت ۾ سڃاڻي ٿو. پر اهي ٻئي جدا ماڳ آهن. ابوريحان جي چوڻ مطابق ٻنهي شهرن جي وچ تي ٻارهن فرسنگن، يعني ڇٽيهن ميلن جي وٿي آهي. اسان کي سندس هن راءِ سان اتفاق ڪونه آهي. حيدر آباد کي نيرون ڪوٽ سمجهندي هن ڳالهه تي به زور ڏئي ٿو ته پيروز، قنزبور ۽ فيرابوز (اليٽ هنن کي پنجگور سمجهي ٿو) جا

سيئي نالا هڪ ماڳ جا آهن. انهن مان پهرئين نالي جو اشارو نيرون ڪوٽ ۽ ٻين ٻن جو ميز ڪوٽ ڏانهن آهي. اصلي عربي نسخن ۾ صورتخطيءَ جو ٿورو فرق آهي ۽ پوين ٻن ۾ تمام ٿورو ويڇو هو. Ni-run يا Nirun Kot جي صورتخطي نيرون ۽ نيرون ڪوٽ آهي جيڪا "قنزبور" "پيروز" "فيروز" سان گهٽي هڪجهڙائي رکي ٿي ۽ انهن لفظن جي صورتخطيءَ ۾ ڪو خاص فرق ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. ڪجهه ستون چڙي وري هيٺ لکي ٿو. "بلاذري (اليٽ جي ڪتاب ۾ ڏنل بلاذري جي اقتباس جو حوالو ڏئي ٿو) جي قزبون Kizbun اصطخريءَ جي قنزبور (ڏسندا صفحي ٢٨٧ تي ڏنل سندس حاشيه) ۽ ادريسيءَ جي فيزبوز ڪي جيڪڏهن پيٽائي ڏسبو ته ايم رينانڊ M.Reinand جيان منهنجي خيال ۾ هنن لفظن مان مراد "پنجگور" آهي.

گهٽن نالن واري هن شهر جي بيهڪ اهڙيءَ ريت آهي جو درياهه جي مکيه ڦاٽ تي واقع، ارمائيل جنهن کي نقشن ۾ "همورا" ڪري لکيو ويو آهي، ديبل، منجباري، يا منڇباري کان هي شهر ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي، ۽ نيرون ڪوٽ، جهرڪن کان ارڙهن ميل اتر-اولهه ڏس تي ٿيندو. پر اليٽ ۽ ڪننگهام وارو پنجگور ارمائيل کان ٽي سو ميل اولهه - اتر ـاولهه طرف تي مڪران ۾ آهي. تنهن ڪري اهو ممڪن ئي ڪونه آهي جو گهٽن نالن وارو شهر پنجگور هجي. جيتريقدر منجبريءَ جو تعلق آهي ته ان نالي هڪ شهر اسان کي نقشن ۾ به ملي ٿو، جيڪو ڪوٽڙي ۽ سيوهڻ جي وچ تي، سنڌو جي اولاهين ڪناري، ريلوي اسٽيشن پرسان جهرڪن کان اٺيتاليهه ميل ڏور اڄا به موجود آهي، جيڪو چڱو خاصو شهر آهي. پر ديبل کان هن شهر جو فاصلو تمام گهڻو آهي. ڏسو پراڻو عرب دور جو نقشو جنهن ۾ منجباري کي بنا نقطن لکيو ويو آهي.

حيدرآباد کان ڏکڻ طرف سنڌو درياهه جي هڪ ڦاٽ ڦليليءَ سان لڳو لڳ هڪ ميداني علائقو آهي، جتي ڪنهن زماني ۾ ڦليلي، گونيءَ

سان سنگم ڪندو هو. انهن ماڳن وٽ ميلن ۾ پکڙيل هڪ ايراضي آهي، جتي سرن جا پٽريل ٽوٽا ۽ انهن سان گڏ وڏين عمارتن جي پيڙهين جا نشان به نظر ايندا. جيڪي جابلو علائقي ڏانهن ويندا ڏسبا آهن، جتان حيدرآباد، ارڙهن ميل اتر طرف واقع آهي. انهن ماڳن جي اوسي پاسي ئي نيرون ڪوٽ کي ڳولي سگهجي ٿو. ان کان پوءِ وري اسان کي نقشن جي شڪرپور جي پرسان به ڪنهن شهر جو ڦٽو نظر ايندو. هيءُ ماڳ ٺٽي کان ٽيهه ميل اولهه ۾ نظر ايندو. بدين شهر پرسان به ڪنهن وڏي شهر جا ڪنڊر ڏسڻ ۾ ايندا. اهڙي ريت بدين کان ٽيٽيهه ميل اولهه طرف به ڪنهن شهر جو ڦٽو نظر ايندو. اهو شهر به ساڳي دور ۾ تباهه ٿيو هوندو. اهو به ٿي سگهي ٿو ته بدين جي پر وارو ڦٽو "منجباري" هجي، ۽ شڪر پور جي پرسان وارا ڪنڊر نيرون ڪوٽ جا هجن. پر ممڪن آهي ته اهو ڦٽو دهريلا جو هجي. شاهه بندر جا ڪنڊر به، سنڌ جي ٻين علائقن جي کنڊرن کان گهٽ اهميت وارا ڪونه آهن.

١٧۴ ـ ڏسندا ابوريحان جو احوال. هن به سنڌوءَ جا ڀه ڦاٽ ٻڌايا آهن.

١٧٥ ـ هيءُ بيان حفيظ آبروءَ جو آهي. هيءَ تاريخ پوئين دور سان واسطو رکي ٿي، پر مستند آهي. ان جي تصنيف جو دور ٨٢٩ هه (١۴٢٥ع) آهي. سندس بيان آهي ته سنڌو درياهه ڪشمير جي (اتر) جابلو علائقي مان ڀاٽي ڪٽندو آهي ۽ ان ئي جابلو علائقي جو اولاهيون پاسو ڏئي منصوره جي حدن ڏانهن وهندو آهي. هن درياهه جو رخ اتر کان ڏکڻ طرف آهي. هند جي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ کان ٿورو اڳ ۾ سندس رخ اوير آهل ٿي ويندو آهي. جمد Jamd (جهلم) درياهه به ڪشمير جي جابلو علائقي جي ڏکڻ کان ڀاٽي ڪٽندو آهي. هن درياهه جو رخ به اتر کان ڏکڻ آهي، ۽ وهندو اچي هند جي سرحدن ۾ داخل ٿئي ٿو. ملتان پر پاسي هيءُ درياهه سنڌوءَ سان ملندو آهي، جيڪو وهي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. بياس، هڪ وڏو درياهه آهي، جيڪو

ڪشمير جي جابلو علائقي جي اوپر ڪان وهڻ شروع ڪندو آهي ۽ لاهور ۽ اچ ڪان وهندو ڪنيات ڪان سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو آهي." مورخ جو واضح طور سورٺ يا سوراشٽريہ جي پرسان واري علائقي ڏانهن اشارو آهي، جيڪو هن علائقي ۾ سنڌ جي وچ تي موجود آهي. مذڪوره درياهہ ٻنهي ملڪن جي سرحد سان وهندو آهي. مورخ جي هن درياهہ مان مراد هاڪڙو يا واهندا آهي، بياس ان زماني تائين هن جي پرتي ڪنڌ شاخ هئي.

١٧٦ - ڪن جو خيال آهي تہ ملتان جو علائقو هند جي ماتحت هو.

١٧٧ - لفظ دود يا رور Ror آهي. پر قلمي نسخن ۾ "د" ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

١٧٨- ڏسو ابن حوقل صفحو٢١٥.

١٧٩- هن جڳهہ جو نالو قديم مورخن ۽ جاگرافيدانن ديبل Dibal لکيو آهي. پر اصلي نالو ديبل Debal يا ديول يعني بتڪده آهي. لڪڻ جو مٿيون طريقو وڌيڪ صحيح نظر اچي ٿو.

١٨٠- جيئن لکيل آهي، تيئن ئي رهڻ ڏنو ويو آهي. هن لفظ کي اليٽ ڪمبايا Kambaya ڪري لکيو آهي.

١٨١- چچنامون ايتروئي قديم سمجهڻ گهرجي جيترا قديم ان سان لاڳاپيل ماڻهو آهن، جن ان دور جي جنگين ۾ حصو ورتو هو، اهو مختلف دورن ۾ پيءُ جي وفات ڪان پوءِ پٽ ڏانهن منتقل ٿيندو رهيو. ڏسو حاشيو ١٨٥.

١٨٢- هي مڪران ۽ ڪرمان جي تاريخ جو اهم شهر آهي. اليٽ پنهنجي ڪتاب "انڊين هسٽورين" ۾ غلطيءَ ڪان ارمائيل لکندو رهيو آهي. جهڙيءَ ريت هن قندائيل کي قندابيل لکيو آهي. پر ڪن هنڌن تي وري هن قندائيل بہ لکيو آهي. هي اهو ئي شهر آهي جنهن کي مئسن Masson "هورمارا" سڏي ٿو.

١٨٣ - چچ نامي جو بيان آهي تہ ديبل جي فتح ڪان پوءِ هن

پنهنجوجنگي سامان وغيره ٻيڙين وسيلي سنڌ ساگر رستي مٿي نيرون ڪوٽ موڪلي ڏنو. (اها هاڪڙي يا مهراڻ جي مکيہ شاخ هئي) ۽ پاڻ لشڪر ونئي سيسم جي قلعي ڏانهن پيش قدمي ڪئي. جڏهن هو اتي پهتو تہ ديبل جي فتح متعلق حجاج ڏانهن هن جي طرفان موڪليل خط جو جواب ڪيس پهتو هو. جيڪو رجب ۹۳ هہ (۷۱۲ مئي) تي لکيو ويو هو.

عرب جيڪو اتي موجود هو، تنهنجو حوالو چچ نامي ۾ لکيل آهي. هي ٻڌائي ٿو تہ محمد ديبل کان نيرون ڪوٽ ڏانهن روانو ٿيو، جيڪو اتان کان پنجويهہ فرسنگ يا پنجهتر ميل پري هو. هو پيش قدمي ڪندو وڃي ستين ڏينهن نيرون ڪوٽ جي پرسان پهتو، جنهن جي پرسان روئي Roi يا رُوئي Rui جي علائقي ۾ هڪ کليو ميدان هو، جنهن کي ماٺهو بلهارBalahar جي نالي سان سڏي رهيا هئا. ان وقت آب - سيحون ۽ مهراڻ ڄو پاڻي اُجا قلعي تائين ڪونہ پهتو هو ۽ لشڪر پاڻي ڪارڻ ڏاڍو وياڪل هو ۽ دانهون ڪرڻ لڳو. محمد، مينهن واسطي دعا جا هٿ کنيا. برسات ايتري وسي جو تل ترايون ڍنڍون ڍورا پاڻيءَ سان پرجي ويا. جڏهن راءِ ڏاهر کي ديبل جي فتح جي خبر پئي تہ ان کي اهميت کانہ ڏنائين ۽ چيائين تہ هٿ واڻين ۽ واپارين جو شهر هو. پنهنجي پٽ جئسينہ کي هدايت ڪيائين تہ نيرون جو شهر شمني جي حوالي ڪري پان پراڻي بهمن آباد وڃي، ان جي قلعي جي پنهنجي نگرانيءَ هيٺ مرمت ڪرائي. ان شمني اڻ مڃي نيرون جو قلعو عربن جي حوالي ڪيو.

چچنامي جو بيان آهي تہ " ديبل جي فتح ٿيڻ کان پوءِ ٻي رات تي، قلعي جو والي جاهين پنهنجا ٻار ونئي قلعي جي پٺ ٽپي ٻاهر آيو، جتي سندس اوسيئڙي ۾ گهوڙا بيٺا هئا، جيڪي هن لاءِ راءِ ڏاهر موڪليا هئا. هي پنهنجا ٻار ٻچا ۽ ضروري سامان سڙو کڻي گهوڙن تي سوار ٿي اتان روانو ٿيو ۽ هلندو اچي مهراڻ جي اوپارئين طرف واري واهڙ تي

پهتو، جنهن کي گار متي Gar Mitti تي سڏيائون. اتان کان هن ديبل جي هار جي خبر ٻڌائڻ لاءِ هاتيءَ تي هڪ ماڻهو روانو ڪيو. راءِ ڏاهر کانئس پڇيو تہ جاهين ڪٿي پهتو آهي؟ تہ قاصد وراڻيو تہ گار متيءَ وٽ رسيو آهي. (جنهن جو مطلب هو تہ بدبختيءَ يا مصيبت جي ڳوٺ وٽ پهتو آهي)

١٨٤- هيءَ مهراڻ جي اولاهين شاخ ڏانهن اشارو آهي، جيڪا ڪلري جي ماڳن وٽان ۽ بهمن آباد کان ٤٠ ميل کن مٿان اتر - اولهہ طرف تي وهندي ، موڙو کائي وري ڏکڻ طرف وهڻ شروع ڪندي آهي. پر سمجهہ ۾ ايئن اچي ٿو تہ سنڌس اشارو گهٽو ڪري آب - سنڌ يا سنڌو درياهہ جي پراڻي وهڪري ڏانهن آهي، جيڪو بهمن آباد ۽ سوستان جي وچ تان وهندو هو، جنهن جو احوال اڳتي ايندو. چچنامي موجب درياهہ جي هن ڀاڱي جو نالو "ڪنب" هو.

١٨٥- ڪجهہ ڏينهن نيرون ۾ ترسڻ کان پوءِ کيس وهٽن جي گاهہ جي تنگيءَ جو احساس ٿيو. اتي پنهنجي حاڪم شينہ Shahnah مقرر ڪري، پاڻ سوستان جي قلعي ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي، جيڪو مهراڻ جي اولهہ ڪناري سان هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي اڏيل هو. هن قلعي فتح ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو. کيس سنڌ جي هن ايراضيءَ متعلق دلي اطمينان هو. اتان موٽي راءِ ڏاهر تي حملي ڪرڻ واسطي درياهہ اڪريو. اليٽ "recross "يعني درياهہ وري اڪرڻ جو لفظ ڪتب آندو آهي.

هتي مان سانگي سان اهو ذڪر ڪندو هلان، تہ چچنامون عرب جي انهن ماڻهن جي حوالن تان تيار ڪيو ويو آهي، جيڪي امير عماد الدين محمد بن قاسم سان گڏ هئا. انهن ماڻهن جنگ ۾ پيش آيل واقعا پنهنجي اولاد کي ٻڌايا. اهي ساڳيا واقعا، ناصرالدين قباچہ جي دور ۾ يعني بلاذري جي تاريخ لکڻ کان اٽڪل چار سو سال پوءِ ترجمو ڪيا وياءِ بلاذري پنهنجي تاريخ سنڌ جي فتح کان هڪ سو پنجٽيهہ سال پوءِ

لکي هئي. اصلي ڪتاب گهٽو ڪري بلاذري کان اڳ لکيو ويو، جنهن جو بيان آهي تہ محمد بن قاسم نيرون کان منزلون ڪندوموج Moj يا منج Manj نالي هڪ ماڳ تي پهتو هو. ڪن مصنفن هن کي پارج Bharaj يا بهرج Bahraj ڪري لکيو آهي. ان ساڳي جڳهہ جو صفحي٢١٥ تي بہ ذڪر آهي، جيڪو پراڻي عرب نقشن ۾ نيرون کان ٽيهہ فرسنگ ڏور ڏيکاريل آهي. ان جاءِ تي بجهرا ۽ پٽ چندر جي طرفان حاڪم مقرر ڪيو ويو هو، جيڪو سندس سوٽ هو. پوءِ وري هڪدم سوستان جوذڪر اچي وڃي ٿو. اتان جا جيڪي ماٺهو واپار وڙي ۾ ڏيتي ليتيءَ سان واڳيل هئاءِ پنهنجو سر بچائڻ پئي گهريائون، تن جي مرضي هئي تہ آڻ مڃجي. پر بجهراءِ سندن هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ اتان جو لشڪر مقابلي لاءِ تيار ٿي بيٺو. محمد بن قاسم جو لشڪر هڪ واريا سي علائقي جي سامهون قلعي جي ڦاٽڪ وٽ جنگ ڪرڻ لاءِ صفون ٻڌڻ لڳو. ڇاڪاڻ تہ ٻئي پاسي اهڙو ڪو کليو ميدان ڪونہ هو. چوماسي جي رت هئي، درياهہ ۾ چاڙهہ هو. ان دور ۾ آب سنڌ اتر طرف کان ڪونہ وهندو هو. يعني ان زماني ۾ جنهن ڏانهن راوي اشارو ڪري رهيو آهي. اتي ڪنهن بہ من پسند چونڊيل ميدان جو ذڪر ڪونہ آهي . ۽ نہ ئي وري "سنڌو راول" جو ڪو لفظ موجود آهي. البت "دراول" کي غلطيءَ وچان راول سمجهيو آهي. هن جيڪو چچ نامي جو قصو بيان ڪيو آهي سو هڪ تہ اڻ پورو آهي، ٻيو تہ سچيتائيءَ سان ڏنل ڪونہ آهي، جنهن مان محمد بن قاسم جو سنڌ اندر اندازو ڪري سگهجي. ۽ جيڪي ان زماني ۾ واقعا ٿيا تن جو بہ پيرائتو احوال ڪونهي. تنهن ڪري اهو ضروري آهي تہ چچ نامي جو ترجمو ايمانداريءَ سان ڪيو وڃي.

سوستان خلاف جنگي ڪاروائي جيڪڏهن جنوري ٧١٢ع ۾ نہ ڪئي وئي هوندي تہ ڊسمبر ٧١١ع ۾ ضرور ڪئي وئي هوندي. منهنجي خيال ۾ جيڪي تاريخون ڏنيون ويون آهن، سي سڀ منجهيل آهن.

ٿوري وقت جي گهيري کان پوءِ، قلعي جي ڦاٽڪ سامهون واريا سي علائقي ۾ موجود عرب لشڪر مٿان، ٻجهراءِ جو راتاهو سوپارو نہ ٿيو تہ قلعي جي ٽڪرين پاسي ڪلندڙ اترئين ڦاٽڪ کان نڪري هليو ويو. درياهہ اڪري (اهو درياهہ مهراڻ نہ هو، چاڪاڻ تہ اهو هتان کان گهٽو پري هو) ۽ ٻڌيہ ۾ پهچڻ تائين ڪٿي بہ ڪونہ ترسيو. هي علائقو درياهہ جي اڀرندي پاسي واقع هو. ان زماني ۾ ٻڌيہ جو حاڪم ڪاڪا پٽ ڪوتل هو)جيڪو ڪنب درياهہ جي ڪناري تي سيسم جي قلعي ۾ رهندو هو.

هتي اسان کي اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سيسم نالي سان هتي ٻہ قلعا موجود هئا. ٻنهي نالن مان هڪ ۾ غلطي ڪئي وڃي ٿي، جنهن جو قوي امڪان بہ آهي. چاڪاڻ تہ هڪ ٻيو بہ سيسم آهي، جنهن کي ڪن مورخن شهبان Shahban ، ڪن ”سلام“ Silam لکيو. جنهن کي عرب لشڪر نيرون کان سوستان ايندي رستي ۾ فتح ڪيو هو.

سوستان جي گورنر ڪجهہ وقت لاءِ مقابلو ڪيو، پر پوءِ اتان جي ماڻهن کي عرب آڏو پيش پوڻ جي موڪل ڏني وئي. ايسٽ جو چوڻ آهي تہ ”سيسم نالي هڪ ڳوٺ هو، جيڪو منڇر ڍنڍ جي ڪناري سان آبادهو، ٿي سگهي ٿو تہ سيسم نالي ڪو مقام بہ هجي.“ ڪجهہ تازي دور سان واسطو رکندڙ نقشن ۾ اهڙي نالي هڪ ماڳ آهي. پر اهو ”انڊين ائٽلس“ جي تازن نقشن ۾ موجود ڪونہ آهي. ڪتاب جي بيان مطابق اهو مقام منڇر کان گهٽو پنڌ پري هو. سنڌ جي مورخ ، مير معصوم بکريءَ جو هڪ بيان آهي، جنهن جو ذڪر ڪرڻ هتي مان لازمي ٿو سمجهان، هي چوي ٿوتہ، ”مهراڻ جي اولهہ واري علائقي (مهراڻ ان زماني ۾ اتان وهندو هوندو) کي اسلام جا فقها ۽ عالم“عشر“ جي نالي سان سڏيندا هئا. چاڪاڻ تہ هتان جي جناح Jinnah قبيلي سان واسطو رکندڙ ماڻهن (قلمي نسخي ۾ ائين آهي. ٿي سگهي ٿو تہ جناح مان مراد چنا قبيلو هجي)کان اسلامي

قانونن موجب ان ڪري سندس پيدائش جي ڏهين پتي ونندا هئا، جو هن پاٽئون آڻ مڃي هئي. جيڪڏهن عربن خلاف جنگ ۾ هار کائين ها تہ ڪين پنهنجي پيدائش جو پنجون حصو ڏيڻو پوي ها.

١٨٦ـ بلاذري هن کي شهبان ۽ چچ نامون سيسم سڏي ٿو.

١٨٧ـ مهراڻ کي اڪرڻ کان اڳ ۾ محمد بن قاسم کي اتيِ گهڻو وقت ترسڻو پيو هو. سوستان جي فتح کان پوءِ هن پنهنجي طرفان اتي هڪ حاڪم مقرر ڪيو ۽ اتان جو انتظام سنڀالڻ واسطي ڪيسَ ٺوري فوج بہ ڏنائين ۽ پوءِ پيو لشڪر ساڻ ڪري سيسم جي قلعي ڏانهن روانو ٿيو ۽ هلندو اچي نيڏا Nidhah (ٻئي نسخي ۾ نيڏان Nidhan آهي) جي ماڳ وٽ پهتو، جيڪو ڪنب جي ڪناري واقع هو. اتان جو ٻڌ شمني، جنهن جو گنگ Gang حي اڪرانا يا اڪرنا نسل سان واسطو هو، تنهن کي آدوند بهار Adwand Bihar چيو ويندو هو، (ڏسو طبقات ناصري صفحو ٤٩١ ۽ ضميمو D ص xxvi)تنهن ٻڌيہ جي جتن راڻن ۽ ڪاڪي پٽ ڪوتل کي، عربن جي لشڪر مٿان راتاهي هڻڻ جي هشي ڏني. سندس صلاح موجب ايئن ڪيو ويو. ڪاڪي پٽ ڪوتل بہ پنهنجا هڪ هزار ماڻهو ساڻن گڏي ڏنا. وڏي جتن ۽ جاکوڙ کان پوءِ هو راتاهي هڻڻ ۾ ڪامياب ڪونہ ويا. ان کان پوءِ ڪاڪو پٽ ڪوتل پنهنجي ماڻهن سان غداري ڪري وڃي عربن جي آڻ مڃي. هن واقعي کان پوءِ محمد بن قاسم اڳتي وڌي سيسم جي قلعي وٽ پهتو ۽ اچي گهيرو ڪيائين. ٻن ڏينهن جي جنگ کان پوءِ ڪافرن جي هار ٿي ۽ قلعي تي مسلمانن جو قبضو ٿي ويو. راءِ ڏاهر جي چاچي چندر جو پٽ بجهراءِ ۽ سندس راوت ۽ ٺڪر مارجي ويو. باقي جيڪي بچيا سي ستلج ۽ قندائيل جي وچ تي ۽ ٻڌيہ جي صفا اترئين علائقي ٻطلورBhatlur ڏانهن هليا ويا. محمد بن قاسم اچا هتي ماڳن وٽ موجود هو، جو ڪيس امير حجاج وٽان حڪم پهتو هو تہ هو جتي بہ آهي اتان موٽي نيرون ڪوٽ پهچي ۽ مهراڻ اڪري ڏاهر تي حملي ڪرڻ لاءِ تياريون

ڪري ۽ ڏاهر جي هار جي صورت ۾اهي سڀ صوبا ۽ قلعا پنهنجو پاڻ سندس ماتحت تي ويندا. محمد بن قاسم اهڙيءَ ريت موٽي اچي نيرون پهتو. رستي تي هڪ ڍنڍ جي ڪناري سان موجود نيرون جي ٽڪريءَ تي ٺهيل هڪ قلعي وٽ پهتو. مذڪوره ڍنڍ جي ڏاڍي سهڻي نموني ساراه ڪئي وئي آهي.پوري پروسي سان چئي سگهجي ٿو ته اها سونهري ڍنڍ هئي. جنهن جي اترئين پاسي پراڻي قلعي جا ڪنڊر پڻ موجود آهن. سما گهراڻي جو سلطان ڄام تماچيءَ لاءِچيو ويندو آهي ته هن مذڪوره قلعي کي هٿ ڪيو ۽ آباد ڪيو. ڏسو حاشيه١٧٣جو منڍ.

محمد بن قاسم امير حجاج ڏانهن تير پٽير جو احوال لکي موڪليو ته مان هن وقت آب سنڌ وٽ پهچي ويو آهيان، جنهن کي هتان جا ماڻهو مهراڻ سڏيندا آهن ۽هن وقت منهنجي فوجي وانڊ بڌيه جي علائقي لاغور يا بغرور قلعي جي سامهون آهي، جيڪو هن درياهه جي اوڀارئين ڪنڌيءَ سان واقع آهي. پر ڪيس امير حجاج جي حڪم پٽاندر پوئتي ورڻو پيو ۽ ٻين حڪمن پهچڻ تائين ماٺ ويٺو رهيو. جيڪي ڪيس ترت ئي پهچڻ وارا هئا. جنهن جاءِ تان محمد بن قاسم حجاج ڏانهن خط لکي رهيو هو، تنهن متعلق چوي ٿو ته، ”اها دارالخلافه جي پرسان آهي .“ هن ۾ان سندس مقصد اهو هو ته مذڪور جڳهه سوستان جي پيٽ ۾ دارالخلافه کي ويجهي آهي.

هيتري ڳالهه واضح هوندي به اليٽ، پنهنجي ڪتاب کي بغرور ۽ نيرون کي پاڻ ۾ ڳنڍائي منجهائي ڇڏيو آهي. اها به هڪ چٽي پڌري حقيقت آهي ته بغرورمهراڻ جي ايرنديءَ ۽ نيرون الهنديءَ ڪنڌيءَ سان آباد هو. ڏسو جلد ١ صفحو ١٦٣، جنهن ۾ هن لکيوآهي ته بغرور (نيرون) قلعي جي سامهون، مهراڻ جي ڪنڌيءَ تي آهي. هيءُ قلعو اروڙ (ڪان اوپر واري ايراضي ۾) جي حدن ۾ موجود آهي. سوستان ۽ سيسم جو قلعو اڳ ۾ فتح ڪيو ويو آهي.

محمد بن قاسم جي مهراڻ اڪرڻ کان اڳ ۾ تياريون ڪرڻ ۽ سندس چر پر متعلق هن جا ڏنل احوال، چچنامي مان پيش ڪيل اقتباس به گهٽا منجهيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هيءَ (صفحي١٦٦ تي) چوي ٿو ته محمد قاسم (ڏسو ته پٽ ۽ پيءُ جو نالو ايئن گڏي لکي ٿوچڻ هڪ ماڻهوءَ جو نالو هوندو هجي) مهراڻ اڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو. ڪيس الڪو هو ته متان راءِ ڏاهر پنهنجو لشڪر وني اچي درياهه جي پاسي پهچي وجي ۽ درياهه اڪرڻ ۾ مزاحمت ڪري. هن سليمان بن تاهان (بنهان) قريشيءَ کي بهادريءَ سان اڳتي قلعي ڏانهن وڌڻ جو حڪم ڏنو (هتي ڪانئس هڪ غلطي ٿي وئي آهي ۽ "بغرور ڏانهن پيش قدمي" ڪرڻ بدران "بهادري سان پيش قدمي" لکي ڇڏيو اٿس. "بغرور" لفظ کي "غرور سان" جي معنيٰ ۾ سمجهيو اٿس) انهيءَ لاءِ ته جيئن فوفي Fufi جو پنهنجي پيءُ راجا ڏاهر سان رابطو ڪٽجي وڃي. (هو پنهنجي حاشيه ۾ لکي ٿو ته Ms-A ۾ غلطي آهي. پر ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو ته سندس مراد "اروڙ جو قلعو" آهي. پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هو اروڙ کان گهٽو پري هو.)سندس حڪم پٽاندر، سليمان ڇهه سو گهوڙيسوار ساڻ ڪري راهي ٿيو. ان سان گڏ عطيه تيفي Atiya Tifi (عطيه تميمي) کي پنج سو سپاهين ساڻ رستي جي چوڪسي لاءِ موڪليو ته متان اڪهم Akham (اگهم) پنهنجي لشڪر سان اڳتي وڌي گنداوا کي بچائڻ واسطي حملو ڪري، (هيءُ نالو علائقي جو آهي ۽ ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪونه آهي . ڏسو سندس تصنيف جو صفحو ٣٦٢) هن نيرون جي حاڪم شمنيءَ کي رستن تي سلامتي رکڻ ۽ اسلامي لشڪر جي فوجي واند ۾ وهتن کي گاهه پنو پهچائڻ جي هدايت ڪئي. مصعب بن عبدالرحمن کي لشڪر ڏئي مقدمي طور اڳتي روانو ڪيو ۽ ڪيس رستي کي صاف ۽ سلامتي وارو رکڻ جو حڪم ڪيو هو. (هي مصعب بن عبدالرحمن ثقفي محمد بن قاسم جو مائٽ هو). هن نعمان بن حنظله ڪلابي کي هڪ هزار ماڻهو ڏئي لشڪر جي قلب ۾ مقرر ڪيو ۽

ذڪوان بن علوان بڪريءَ کي پندرهن سو ماڻهو ڏئي ٻيٽ جي حاڪم موڪي پٽ وسائي، ٽنهي ٽڪرن ۾ غزوئي جتن کي وڻي اچڻ لاءِ روانو ڪيائين، جيڪي ان زماني ۾ عربن جي تابعداري قبول ڪري چڪا هئا. ڪين چيو ويو هو تہ هو ساڳرا درياهہ ۾ ان جي ٻيٽ تي ڪرڙي اک رکن."

اسان سيني کي خبر آهي تہ گنداوا کهڙيءَ جاءِ تي آهي. اها بہ خبر اٿئون تہ ٻيٽ معنيٰ Island آهي، البتہ ان جو مفهوم درياهي چوڙ وارو علائقو آهي، جنهن جي چوڌاري درياهہ جا ڦاٽ گهيرو ڪري وهندا آهن ۽ اهو مهراڻ واري چوڙ جي علائقي ڏانهن اشارو آهي. گنداوا سان گڏ هن غزوئي جي بہ غلطي ڪئي آهي. پر اهو لفظ غربي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي"الهندو" اهو مهراڻ جي اولهہ پاسي رهڻ وارن جتن ڏانهن اشارو آهي. انهن مان ڪن کي شرقي جت بہ چيو ويندو هو، ۽ اهي جت مهراڻ جي اوڀارئين ڪنديءَ سان آباد هئا. اسان کي اها بہ پڪ آهي تہ نيرون، ديبل ۽ منصوره جي وچ تي آباد هڪ شهر هو جيڪو ديبل کي ڪجهہ ويجهو هو. ساڳر، ديبل کان اوپر، ٻن ڏينهن جي پنڌ تي هو. اهڙيءَ ريت "اليت" اسان کي ٻڌائي ٿو ۽ ڪننگهام بہ سندس خيال سان سهمت آهي تہ "گنداوا کي ان زماني ۾ قندائيل سڏيو ويندو هو. ڏسو صفحو ٢١٧ حاشيہ ١٥٠.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو نقشي ڏسڻ جي تڪليف ڪندو تہ ڪيس پهرئين نظر سان هن جي غلطيءَ جو پتو پئجي ويندو. چاڪاڻ تہ محمد بن قاسم جي جنگي ڪاروائي، چوڙ واري علائقي جي هيٺين ايراضيءَ ۾ هلي رهي هئي. جتان گنداوا چئن ڊگرين کان وڌيڪ ويڪرائي ڦاڪ ۾ اتر طرف آهي. موجوده دور جي لحاظ کان اهو علائقو هاڻوڪي حيدرآباد ضلعي جي ڏکڻ واري پاسي جهرڪن ۽ پراڻ ڍوري جي وچ تي ۽ ان کان ڪجهہ اتر طرف واقع هو. مذڪوره ٻيٽ چوڙ واري علائقي سان واسطو رکي ٿو. جيڪو ان زماني ۾ پير پٽي کان هيٺ وڌيل ڪونہ

هو ۽ ڏکڻ ڏانهن وڌ ۾ وڌ ونگا بزار تائين هوندو. ان علائقي ۾ محمد بن قاسم جي پيش قدمي جو مقصد بلڪل واضح آهي. ڪيس مهراڻ درياهہ جي اولاهين شاخ کي مکيہ وهڪري سان سنگم ڪان مٿان اڪرڻو هو. جهڙيءَ ريت المسالڪ والممالڪ جي نقشي ۾ ڏيکاريل آهي. اسان کي درياهہ جي چوڙ واري علائقي کي موجوده صورتحال ۾ ڏسڻ نہ گهرجي. پر سوچڻ اهو گهرجي تہ اهو ٻارهن صديون اڳ اچ ڪان ڪهڙي طرف هو. ڏسو صفحو ٢٠١، حاشيو١٠٣.

حجاج بن يوسف جي حڪم تي، سوستان ڪان موٽڻ بعد محمد بن قاسم جي چر پر متعلق چچ نامي جا جيڪي بيان آهن، سي جاگرافيءَ جي نقطہ ء نگاهہ ڪان ڏاڍا اهم آهن. منهنجو خيال آهي تہ انهن مان مختصر احوال ڏيندو هلان.

ان زيربحث دور ۾ راءِ ڏاهر طرفان ان ٻيٽ جي قلعي جو هڪ حاڪم هو، جيڪو مهراڻ درياهہ جي چوڙ واري علائقي ۾ واقع هو. هن مان ظاهر اهو ٿئي ٿو تہ اهو ماڳ ان شاخ ۽ اوپر واري مکيہ وهڪري جي سنگم واري ٿاڪ ڪان هيٺ هو، جيڪا ٻهمن آباد ڪا چاليهہ ميل مٿي مکيہ وهڪرن ڪان ڇڄندي هئي. ۽ ٻهمن آباد جي شهر ڪان ڪجهہ پنڌ هيٺ ڏکڻ واري وڏي وهڪري سان ملي ويندي هئي. ٻيٽ واري قلعي لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو مهراڻ جي اوپارئين پاسي سندس هڪ ننڍي واهڙ جي ڪناري تي آباد هو. اهو واهڙ هن ڪان اڳ ۾ ڪنب درياهہ جي هڪ ڪاري هو. ان حاڪم جو نالو راسي پٽ سمي Sami (شمني) هو. محمد بن قاسم کي ڪنهن ٻڌايو تہ جيڪڏهن هن کي پنهنجي پاسي ڪندين تہ مهراڻ درياهہ جي اڪرڻ جي تڪليف ڪان گهٽو بچي پوندين.

امير حجاج، محمد بن قاسم ڏانهن صلاح مشوري ۽ رهبري واسطي خط موڪليندو رهندو هو. مٿس زور رکيو هئائين تہ اهڙي جاءِ جي چونڊ ڪري، جتان ٻيڙين جي پل تيار ڪري، درياهہ سولائيءَ سان پار

ڪري سگهجي. ۽ اها جڳهه سنئون پٽ هجي. هي واقعو نيرون جي فتح ٿيڻ ۽ اتي پنهنجو گورنر مقرر ڪرڻ کان پوءِ جو آهي. هن موقعي تي اها ڳالهه به ٿي جو ٻڌي قوم سان تعلق رکندڙ ننڍا وڏا ڀٽيل مکي ۽ ٻيا، ماڻهو به وٽس اچي پيش پيا. نيرون ۾ ديبل جو هڪ رهاڪو آيو جيڪو اصل ۾ بصري جو ويٺل هو، جنهن محمد بن قاسم وٽ هڪ شمني پيش ڪيو ۽ چيائين ته هي ماڻهو اوهان کي آب سنڌ (مهراڻ نه) اڪرڻ ۾ وڏي سهائتا ڪندو. محرم ٩٣هه (آڪٽوبر ٧١١ع) اتان روانو ٿيو. هن جاءِ واسطي اڳ ۾ به ذڪر ڪري آيا آهيون ته ڏاڍو خوبصورت علائقو هو. نيرون جي ٽڪريءَ تي قلعو اڏيل هو ۽ هيئنان وڏي ڍنڍ موجود هئي. محمد بن قاسم اتان پيش قدمي ڪندو اچي اشبهار نالي هڪ قلعي وٽ پهتو. جيڪو درياهه جي اولهه پاسي هو. قلعو ڏاڍو مضبوط هو ۽ منجهس ويٺل فوج سگهاري ۽ ويڙهاڪ هئي قلعي جي چوڌاري کوٽيل کاهي پاڻيءَ سان ڀريل هئي. اهو قلعو فتح ڪري، اتي پنهنجو حاڪم مقرر ڪرڻ کان پوءِ هو اتان روانو ٿيو. هتان محمد بن قاسم آب مهراڻ جو اولاهون پاسو ڏئي سفر ڪرڻ لڳو، جيڪو راوڙ قلعي جي پاڻهين سان گهندي ڏئي وهندو هو. هن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي هيٺئين ڀاڱي جو هيءُ بي انتها اهم شهر هو، جنهنجو بنياد چچ هن وڏي درياهه جي اوڀارئين ڪناري سان رکيو هو. هن شهر جي پرسان جئه پور جو شهر هو، جنهن جو ذڪر به راوڙ سان گڏ ايندو. هن موقعي هڪ اهم ماڻهو موکو پٽ وسايو به محمد بن قاسم جي پيش پيو. هيءُ راسل جو پاٽ هو، جيڪو بيٽ واري قلعي جو حاڪم هو، جنهنجو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. راسل ۽ هنجي وچ ۾ وڏو وير هو، سندن پيءُ راسل جي طرف هو. محمد بن قاسم موکي بيٽ جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ درياهه ٽپڻ واسطي ٻيڙين گڏ ڪرڻ جو حڪم ڪيائينس.

محمد بن قاسم سي حقيقتون حجاج بن يوسف ڏانهن لکي

موڪليون، ۽ جلد ئي ان علائقي ڏانهن وڌڻ لڳو جيڪو راوڙ ۽ جهڙ پور جي قلعي سامهون هو. ۽ موڪي پٽ وسائي کي درياهه ٽپڻ لاءِ ڪنهن مناسب جڳهه چونڊڻ لاءِ روانو ڪيو. پر هئي پاسي کان حجاج ڪيس خط لکيو هو، جنهن هن اکرڻ واري جاءِ کان چار فرسنگ مٿي، درياهه جي ويڪر، اونهائي ۽ ڪپرن جي صورتحال جو ڪاغذ تي نقشو تيار ڪري موڪلڻ جي تقاضا ڪئي هئي. ان سمي ڏاهر جي ماٺهن سوستان تي اوچتو حملو ڪري قبضو ڪري ورتو. محمد بن قاسم اتي ٿوري فوج رکي هئي. اها ڳالهه ٻڌي هن چار هزار سوار اوڏاهين موڪلي سوستان جو قلعو دوباره فتح ڪري ورتو. بلاذريءَ ۾ به ايئن لکيل آهيءِ چوي ٿو ته اها سيوستان جي پهرئين فتح هئي.

راجا ڏاهر کي جڏهن اها خبر پئي ته موڪو پٽ وسايو هن کان ڦري مسلمانن سان وڃي ٻيٽ تيو آهي، ته هن پنهنجي پٽ جئسينه کي ٻيٽ ڏانهن موڪليو، انهيءَ لاءِ ته جيئن عربن کي درياهه اکرڻ کان روڪي سگهي. ۽ ان علائقي جو انتظام به سنڀالي. جئسينه پنهنجي پيءُ راجا ڏاهر جي حڪم پٽاندر ڪوتڪه نالي واهڙ ۾ هيٺ لهنوارو هاڪاري لشڪر سميت وڃي ٻيٽ جي قلعي ۾ پهتو، جنهن جي سامهون محمد بن قاسم پنهنجي فوج سميت واند هنيو ويٺو هو.

مهيني کان مٿي عرصو گذري ويو. عرب لشڪر کي کٽتان کاڌو خوراڪ کانه ملي سگهي. گهوڙن لاءِ گاهه داڻي جي ڏاڍي اٿاٿ ٿي وئي. بک بيماريءَ جي ڪري اڇي گهوڙن ۾ مرٽي پئي. ڏکار جي حالت ۾ عرب انهن گهوڙن کي کهي کائڻ لڳا. وقت تي ٻيڙيون به ڪونه پهتيون. عربن کي وسواس ٿيو ته موڪي ساڻن ڏوکو ڪيو آهي. دير ڪري حجاج به ڏمرجي ويو ۽ حڪم ڪيو هئائين ته ٻيڙيون ڪنهن به طريقي سان هٿ ڪيون وڃن. گهوڙن جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ هن پنهن جي ڪڙه مان به هزار گهوڙا موڪليا. ان وقت تائين لشڪر جي کاڌي خوراڪ ۽ گهوڙن جي گاهه داڻي جو بندوبست ٿي ويو هو. پر

وري لشڪر ۾ اسڪرويءَ جي بيماري پئي. حالت اهڙي ته ڳنڀير ٿي وئي، جو حجاج کي اتان انگوري سرڪو موڪلڻو پيو. ان جو بندوبست هن ريت ڪيو ويو جو ڪپهه کي انگوري سرڪي مان بار بار ٻوڙي سڪائيندا رهيا. جنهن وقت ڏٺائون ته ڪپهه انگوري سرڪي کي گهڻو جذب ڪري ورتو آهي، ته ان کي سڪائي ڳنڍيون ٻڌائون. اهڙي ريت انگوري سرڪي موڪلڻ ۾ سولائي ٿي وئي. ضرورت وقت اها ڪپهه پاڻيءَ ۾ ٻوڙبي هئي ته انگوري سرڪو نڪري ايندو هو ۽ اگهن کي اهو پاڻي پياريو ويندو هو. حجاج اها به هدايت ڪئي هئي ته مسلمان لشڪر کي پيٽ جي قلعي وڃڻ لاءِ درياهه اڪرڻ گهرجي. پر مهراڻ درياهه ان جاءِ تان پار ڪرڻ گهرجي جتان وڌيڪ سوڙهو آهي، ۽ سندس ڪنڌي لنگهه جوڳي آهي. جيڪڏهن درياهه جي پيٽ ۾ پيٽ آهي ته ان جو به فائدو وٺڻ گهرجي. هن مقصد واسطي درياهه تي ٻيڙين جي پل ٺاهڻ کپي ۽ درياهه کي آهستي آهستي پار ڪرڻ گهرجي. ان کان پوءِ محمد بن قاسم اتان فوجي واند پٽي جهم جي علائقي ۾ ساڪر جي ايراضيءَ ۾ پهتو ۽ پل جي اڏاوت واسطي ٻيڙين ۽ تختن آڻڻ جي هدايت ڪئي. ان عرصي دوران راءِ ڏاهر جي وزير ڪيس غفلت جي ننڊ مان جاڳائڻ جا جتن ڪيا. محمد بن قاسم به نه ٿي چاهيو ته ٻيڙين جي پل جي اڏاوت ۾ ڪنهن قسم جو رخنو پوي. ۽ لشڪر جي پار اڪرڻ وقت اڳيان مزاحمت ڪئي وڃي. تنهن ڪري هن پنهنجي لشڪر مان ڇهه سئو گهوڙيسوار الڳ ڪري بغرور ڏانهن روانا ڪيا. انهيءَ لاءِ ته جيئن فوفي پٽ راجا ڏاهر جو ڌيان اوڏاهين رهي. ان کان سواءِ پنج سئو سوار اگهم واري رستي ٻيهاري چڙهيا. (هيوز هن کي اگهماٽو ڪري لکيو آهي، نقشن ۾ هن کي آگوماٽو ڪري لکيو ويو آهي، جيڪو حيدرآباد کان ڏکڻ ـ اوڀر پنجويهه ميل پري پراڻ ڍوري تي واقع آهي.) ته جيئن ڪنداراهم Kandarah جي علائقي تي ڪرڙي اک رکي. (اليٽ هن کي گنداوا ڪري لکيو آهي. ڏسو سندس ڪتاب جو صفحو ١٦٦ ۽

حاشيه ٣٦٢). ان وقت نيرون جي حاڪم پڌ شمنيءَ کي حڪم ڪيو ويو هو تہ هو لشڪر جي ڪاڌي خوراڪ ۽ گهوڙن جي گاھ واسطي بندوبست ڪندو رهي، ڪجهہ وقت اڳ هن شمنيءَ عربن آڏو آڻ مڃي هئي. رستي تي چوڪسي رکڻ واسطي هڪ هزار فوجي روانا ڪيا ويا. ان کان سواءِ پندرهن سو فوج موڪي پٽ وسائي سان گڏ ي بيٽ علائقي جي جزيري ڏانهن موڪلي وئي. جنهن سان گڏ پتي نکر ۽ غربي (اليٽ هن لفظ کي غزني ڪري پڙهيو آهي. ڏسو سندس تصنيف جو صفحو ١٦٧ ۽ ٥٠٧) جٽ بہ ساڻ هئا. عربن جي هن فوجي دستي سان ساڳرا جي سردارن بہ سهائتا ڪئي. جن ڪجهہ وقت اڳ عربن جي آڻ مڃي هئي. شايد قابل مصنف کي اها ڄاڻ ڪانہ آهي، تہ ٻنهي لفظن جي معنيٰ ساڳي آهي. پر هڪ لفظ فارسي ۽ ٻيو هندي آهي.

محمد بن قاسم جهم ۾ پهچڻ سان اهو معلوم ڪرڻ هليو ويو تہ درياهہ ڪٿي سوڙهو آهي، ڪٿان سندس ڪنارا لنگهڻ جوڳا آهن ۽ دشمن جي مزاحمت ڪانہ آهي. ڪيس جزيري جي سامهون اهڙي گهربل جاءِ ملي وئي. موزون جاءِ ملڻ کان پوءِ، ٻيڙيون گهرائي پگهہ پٽرن سان ٻڌائون. مٿان تختا رکي ڪين سوگهو سلهاڙيائون. راءِ ڏاهر موڪي جي ڪرتوتن کان باخبر هو تہ هو ڇا ڪري رهيو آهي. تنهن ڪري هن پنهنجي پٽ جئسينہ کي بيٽ ڏانهن روانو ڪيو. اهڙو بيان مٿي اچي چڪو آهي. ڪيس هدايت ڪئي هئائين تہ هو وسائي مربند تي ڪڏهن بہ ڀروسو نہ ڪري. ڇاڪاڻ تہ موڪي سان سندس ضرور واسطو رابطو هوندو. ان موقعي تي موڪي جو ڀاءُ راسل ۽ سندس ماٽهو راءِ ڏاهر وٽ پهتا ۽ ڪيس چيائون تہ ڪين بيٽ جي بچاءَ جي موڪل ڏني وڃي. هيءُ ۽ سندس پيءُ هميشہ کان وٽي موڪي جا مخالف هئا. ان ڪري ڪيس بيٽ ڏانهن موڪليو ويو. ڪيس هدايت ڪيائين تہ عرب لشڪر کي درياهہ نہ ٽپڻ ڏنو وڃي.بيٽ جي حاڪم کي تاڪيد ڪيو ويو هو تہ راسل جي حڪمن جي تابعداري ڪري. راسل جي بيٽ تي پهچڻ کان

پوءِ جئسينهه راوڙ موٽي آيو. راسل راءِ ڏاهر جي حڪم مطابق وڃي درياهه جي اوڀارئين ڪنڌيءَ تي ويٺو. ۽ عرب لشڪر کي درياهه پچار ڪرڻ کان روڪي ويٺو. اولاهين ڪپ تي محمد بن قاسم کي ايتريون ٻيڙيون ملي ويون، جن کي ٻڌي سلهاڙي پل ٺاهي مهراڻ درياهه ٽپي سگهي. هن پنهنجي لشڪر کي پل وارين ٻيڙين ۾ ويهاري پل کي مٿئين پاسي کان کوليو. پل جو پيو پاسو ان جاءِ تي وڃي ويٺو، جتي دشمن لشڪر مزاحمت لاءِ موجود هو. پل مٿان مڇيد لشڪر راسل جي ماڻهن مٿان تيرن جو مينهن وسائڻ سروع ڪيو ۽ جلدي ڪري ڪناري تي لهي پيا. دشمن فوج پوئتي هٽي وئي. تنهن کان پوءِ هنن جلدي ڪري پل کي کلن ۽ ڏکن سان ٻڌي سبوگهو ڪري ورتو. جڏهن سندن سڀ لشڪر ٽپي پار ٿيو ته مخالف لشڪر تي زوردار هملو ڪري کين جهم قلعي جي ڦاٽڪن تائين پوئتي هٽائي ڇڏيو. عربن جي لشڪر مان هڪ قيدي ڀڄي نڪتو. تنهن ٻئي ڏينهن سندس ڪئمپ ۾ وڃي راءِ ڏاهر کي پيرائتي ڳالهه ٻڌائي (ڏسو اليٽ صفحو١٦٧).

تنهن کان پوءِ محمد بن قاسم پنهنجي لشڪر کي خطاب ڪندي ٻڌايو ته اسان جي سامهون ڏک ڏاکڙا ۽ مسڪلاتون موجود آهن. جيڪڏهن ڪنهن به ماڻهوءَ کي واپس وڃڻو آهي، سو ڀلي موٽي وڃي. ان وقت ٽن ماڻهن کان سواءِ ٻئي ڪنهن وڃڻ جي واٽ ڪانه واري. بعد ۾ تيار ٿيل پل تان هڪ هڪ ٿي لشڪر ٽپيو. ۽ ساري لسڪر مان فقط هڪ ماڻهو پل تان درياهه ۾ ڪري پيو، ۽ ٻڏي مري ويو. جڏهن لشڪر اڪري پار پيو ته صف بندي ڪري اڳتي وڌڻ لڳو. ۽ ٿوري فاصلي تي بيٽ جي قلعي پرسان پهچي منزل ڪئي. هن نهايت خبرداريءَ کان ڪم ورتو، ڪاهي ڪوتائي ورتائين. اتان کان راوڙ ڏانهن روانو ٿيو ۽ اچي جئپور پهتو. راوڙ جي قلعي ۽ جئپور جي وچ تي درياهه جو هڪ واهڙ وهي رهيو هو. ان ماڳ جي سامهون ۽ واهڙ جي اوپر ڪناري تي راجا ڏاهر پنهنجي لشڪر سان واند هنئيو وينو هو. جتان هن جاسوسي ڪرڻ

لاءِ پنهنجا ماڻهو موڪليا. عرب لشڪر کي پار اڪرڻ کان روڪڻ واسطي جئسينہ کي روانو ڪيو ويو. وڏي مقابلي کان پوءِ عرب فوج کيس پوئتي هٽائي ڇڏيو.

هن موقعي تي موڪي جي پياءُ راسل عربن جي آڏو پيش پون جو ارادو ڏيکاريو. پنهنجي عزت ۽ ناموس بچائڻ واسطي

عرب سپهہ سالار کي چيائين تہ مان فلاڻي وقت راءِ ڏاهر کي ملڻ ويندس، "جوءِ برتاري"يا "بتاري" پرسان ڪنهن جاءِ تي منهن جي مٿان حملوڳ ڪري مونکي گرفتار ڪيو وڃي. اهو ماڳ ڪنب جي قلعي کان پنجن فرسنگن جي فاصلي تي هو. راسل جي چوڻ مطابق ايئن ڪيو ويو. جڏهن راسل عربن جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو تہ موڪي۴ کي ٻيٽ جو حڪمران بنايو ويو.

محمد بن قاسم کي پنهي پاڻُن اتان فوجي واڌ پٽي اڳتي نارائي يا نارائي Narani پرسان وڃي منزل ڪرڻ جو مشورو ڏنو.ان وقت راءِ ڏاهر قجحاق Kajijak ۾ موجود هو. (هي عجيب سنڌي لفظ آهي، جنهن ۾ عربي "ق" ڏسڻ ۾ اچي ٿو). ان علائقي جو چڱي ريت جائزو ورتو ويو. معلوم ٿيو تہ آڏو هڪ وڏي ڍنڍ هئي، جتان پيرين پيادو اڪرڻ ممڪن ئي نہ هو. راسل چيو تہ اها ڪنهن بہ صورت ۾ پار ڪرڻي پوندي. هن پار اڪرڻ جي مقصد سان ٻيڙين جو بندو بست ڪيو. اڪرڻ کان پوءِ پتو پيو تہ اجا ٻيو بہ واهڙ وچ تي موجود آهي. راسل، محمذ بن قاسم کي چيوتہ فوج ٻيو رستو وٺي انهيءَ واهڙ مان مٿي هلي ۽ ڍنڍ جي واهہ تي موجود جئپور جو هڪ ڳوٺ آهي، جيڪو راوڙ جي علائقي ۾ آهي، اتي منزل ڪئي وڃي. جيڪڏهن ايئن ڪيو ويو تہ محمد بن قاسم جو لشڪر راءِ ڏاهر جي لشڪر جي پور وچوٽ تي وڃي بيهندو. پوءِ سندس مرضي هوندي تہ چاهي ڏاهر تي سامهون حملو ڪري، يا سندس پويان ڦري پٺئين پاسي کان سندس سامان تي هلان ڪري. هن، راسل جي مشوري تي عمل ڪيو ۽ ڍنڍ واهہ تي اچي

منزل ڪئي. اها صورت حال ڏسي ڏاهر راوڙ وجي پنهنجي رسد جو سامان ۽ ماڻهن جو جوڳو بندوبست ڪري موتي اچي فوجي ڪئمپ ۾ پهتو. هن ۽ عرب فوج جي وچ تي هڪ فرسنگ جو فاصلو هو. محمد اڳتي وڌي وجي اڏ پنڌ تي بيٺو. تي ڏينهن جنگ هلندي رهي. چوٿين ڏينهن ميدان تي ڏاهر پاڻ آيو ۽ سخت جنگ لڳي. محمد پنهنجي لشڪر مان ڇهه هزار ماڻهو الڳ ڪري هراول طور اڳتي روانا ڪيا. انهيءَ مقصد لاءِ ته پنهي فوجن جي وچ تي موجود واهڙ ڪي وجي پار ڪن. راءِ ڏاهر ڪي مسلمان فوج جي هن حڪمت عمليءَ جي سڌس پئجي وئي. تنهن ڪري سندن سخت مزاحمت ڪئي وئي. محمد ڪي جڏهن هن معاملي جو پتو پيو ته پوئتي رهيل باقي لشڪر سان گڏ محمد بن قاسم به سندن سهائتا لاءِ اچي پهتو. ڏاهر به ڏجي سنڌ جي فوج آڻي هتي ڪٺي ڪئي هئي. هن لشڪر ۾ اوپر وارا جت يعني مهراڻ جي اوپر پاسي وارا جت به شريڪ هئا.ان ڪان سواءِ پنهنجي فوج جي پٺ ستيالڻ واسطي لشڪر جو ڪجهه حصو پوئتي روانو ڪيو. پر هن مان ڪوبه فائدو ڪونه رسيو. وڏي ۽ ڇتي ويڙهه ڪان پوءِ ڪافرن جي شڪست ٿي. مسلمان فوج رات جو قيام ان ماڳ تي ڪيو، جتي راجا ڏاهر جي فوجي واند هنيل هئي. هي ڏينهن ۹ رمضان ۹۳ هجري ۽ ۱۹ جولاءِ ۷۱۲ع هو. ٻئي ڏينهن ۱۰ تاريخ رمضان جو محمد بن قاسم پنهنجيءَ فوج ڪي خطاب ڪيو، ۽ سندس مهنداري ڪئي. (اليٽ مطابق خطاب ڪونه ڪيو هو. ڏسو صفحو ۱٦۷) ان ڏينهن عرب فوج ڏاهر ۽ سندس لشڪر مٿان حملو ڪيو. نيٺ هن ڪي راوڙ جي قلعي جي پرسان، مهراڻ درياهه ۽ ڍنڍ واهه جي وچ تي قتل ڪيو ويو. هو قلعي ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. پنهي ڌرين جي قتل عام ڪان پوءِ سنڌ جي فوج شڪست کاڌي. عرب لشڪر قلعي جي ڦاٽڪن تائين سندن پٺ وٺيو آيو. ڏاهر جي پيڻ راڻي ٻائي جنهن سان ڏاهر شادي ڪئي هئي. ۽ سندس پٺ جٺسينه آخري دم تائين راوڙ جي قلعي ۾

جوابي ڪاروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پر ڪين ان ڳالهہ تان لاٿو ويو. راءِ ڏاهر جي وزير ڪين صلاح ڏني تہ اهي بهمن آباد هليا وڃن. اتي سڄي ملڪ مان لشڪر ڪٺو ڪري، عربن سان مهاڏو اٽڪائي سگهجي ٿو، ۽ ان حڪمت عمليءَ مان سوب جا امڪان بہ آهن. پر راڻي ٻائي راءِ ڏاهر جي راڻن ۽ راجوڙن ۽ باقي لشڪر سان گڏ راوڙ ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مرڻ تائين قلعي جي بچاءَ جو پڪو پهہ ڪيو. بعد ۾ مسلمانن اچي راوڙ تي گهيرو ڪيو. جنگ هلندي رهي. نيٺ قلعو فتح ٿي ويو. مسلمان قلعي تي قبضو ڪن، تنهن کان اڳ راڻي ٻائي ڏاگهہ ٻانِيائي ان ۾ ٽپو ڏنو ۽ سڙي رک ٿي وئي ۽ وڃي پنهنجي پياءَ مڙس سان ملي. هنن واقعن مان اسان کي اهو ڏسڻ ۾ ايندو تہ عربن جي سنڌ ۾ داخل ٿيڻ کان گهٽو پوءِ راوڙ جي جنگ وارو واقعو پيش آيو. گرم موسم جو وچ هو. ان وقت درياهن ۾ چاڙهہ هوندو آهي. ۽ ملڪ ۾ پاڻيءَ جي ٻوڙ ٻوڙان هوندي آهي. پر هن موضوع تي ڪنهن بہ قسم جي راءِ جو اظهار نظر ڪونہ ٿو اچي، جيڪا اچرج جهڙي ڳالهہ آهي.

١٨٨- اهو فاصلو ڇهن ميلن کان ڪجهہ مٿيرو ٿئي ٿو.

١٨٩- هتي مير معصوم ٻين قديم مورخن کان مختلف بيان ڪري ٿو، جن کان ڪيترين صديون اڳ پنهنجون تاريخون لکي مڪمل ڪيون هيون، هڪ مورخ تہ سنڌ جي تاريخ کان هڪ صدي بعد ۾ پنهنجي تاريخ لکي هئي. مير معصوم واقعن ۽ حقيقتن کي قلمبند ڪرڻ ۾ گهٽي اختصار کان ڪم ورتو آهي. ان ڪري واقعن کي ڪجهہ گڏائي وچڙائي ڇڏيو اٿائين. هي ٻڌائي ٿو تہ سوستان ۽ سليم يا سالم Salim جي سپ کان پوءِ، محمد بن قاسم کي پهريائين بهمن آباد تي حملو ڪرڻ جو مشورو ڏنو ويو هو. ڪيس سوستان کان سڏو الور يا اروڙ تي حملي ڪرڻ جي صلاح ڏني وئي هئي. هن اهي ٻئي مشورا قبول ڪونہ ڪيا هئا. هيءُ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ محمد بن قاسم ٽلٽيءَ وٽان درياهہ ٽپيو هو. ٻين ٻن نسخن ۾ ٺهٺهي ۽ نڪهٽي لکيل آهي. هيءُ ماڳ

سيوهڻ کان ٽي چار ڪوهہ پري ٿيندو. پر ٽلٽي نالو صحيح نظر اچي ٿو. ”هن درياهہ“ جو اشارو مهراڻ يا هاڪڙي ڏانهن ڪنهن بہ صورت ۾ نہ آهي. ۽ نہ وري ان شاخ ڏانهن آهي، جيڪا هاڪڙي درياهہ مان ڪلريءَ وٽان ڇڇندي هئي، جيڪا ان دور ۾ هن ماڳ کان چاليهہ ميل اوڀر وهندي هئي. پر مذڪوره درياهہ ڪي ڇچنامي ۾ ڪنب يا ڪعب ڪري لکيو ويو آهي. هن علائقي ۾ ٽلٽيءَ نالي اڄ بہ هڪ ٽاڪ آهي، جيڪو سيوهڻ کان ست ميل اتر طرف ۽ الهندي ناري جي اوڀارئين ڪنڌيءَ تي واقع آهي. ڪنهن زماني ۾ پاڻيءَ جو اهو وهڪرو آب سنڌ يا سنڌوءَ جي هڪ شاخ هو. ٿي سگهي ٿو تہ ان زماني ۾ پاڻيءَ جي هن وهڪري جو نالو فقط ڪنب يا وري ڪعب ڪنب يا ڪعب درياه هجي.

هي ڪنب يا ڪعب جا لفظ ڪنهن بيٺل پاڻيءَ جو مفهوم ڏيکارين ٿا. ۽ انهن جي معنيٰ پاڻيءَ جو ٿانو بہ ٿي سگهي ٿي. اسان هنن لفظن کي منڇر ڍنڍ ڏانهن بہ منسوب ڪري سگهون ٿا، جنهنجو وچ وارو حصو ڪنهن ٿانو جيان معلوم ٿيندو آهي، جيڪو ڪجهہ وڏيڪ اونهون آهي ۽ پاسن سان چوڌاري ايڪيريون ٺڪريون اٿس. ٿي سگهي ٿو تہ اهي منڇر ڍنڍ نہ بہ هجن. سنسڪرت ٻوليءَ ۾ اهي لفظ جهرڻي واسطي ڪتب ڪونہ ايندا آهن. ان لاءِ ڪند Kund جو لفظ استعمال ٿيندو آهي. عرب مورخن جو هن منڇر ڍنڍ ڏانهن ڪوبہ اشارو موجود ڪونہ آهي. توڙي جو پاڻيءَ جو هي وڏو ذخيرو ان دور ۾ بہ موجود هوندو. ٿي سگهي ٿو تہ ان زماني ۾ ڍنڍ منجهہ فقط وچ واري اونهي حصي ۾ پاڻي موجود هجي ۽ ان ڪري هنن کي ڪنب ڪري لکيو ويو هجي.

جيتريقدر ٿهلٽي Tahlti جو تعلق آهي تہ مان سمجهان ٿو تہ ٽلٽيءَ جو موجوده دور وارو ڳوٺ (جنهنکي نقشن ۾ Tultee يا Talti ڪري لکيو ويو آهي) اهو ساڳو ئي ماڳ نہ هجي، جنهن جو مير معصوم

ذڪر ڪيو آهي. چاڪاڻ تہ ان زماني کان وٺي اڄ تائين درياھہ جي وهڪري ۾ هزارين تبديليون اچي چڪيون آهن. مان ان متعلق هڪ حقيقت پيش ڪرڻ چاهيان ٿو، ان نالي سان ڪا ايراضي ضرور هئي جنهن ۾ ٺهلٽي ڍنڍ هوندي هئي. هن حقيقت ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجائش ڪانہ آهي تہ محمد بن قاسم پهريائين بهمن آباد فتح ڪئي هئي. ۽ ان کان پوءِ الور ڏانهن پيش قدمي ڪئي هئائين. مير معصوم جو بيان آهي تہ راءِ ڏاهر کي جڏهن پتو پيو تہ محمد بن قاسم ٺلٽيءَ وٽان درياھہ پار ڪري رهيو آهي، تہ هن پنهنجو لشڪر موڪليو، جنهن ڪنجري Kinjri يا ڪنگريءَ Kingri جي ڍنڍ وٽ سندس مزاحمت ڪئي. (هي ماڳ اروڙ جي ڪنڊرن کان ويھہ ميل ڪن اولھہ طرف آهي) ان ڪري عرب سپھہ سالار رافيان Rafian ڏانهن وڌيو. (اصلي نسخي ۾ رقبان ۽ رقيان آهي. ڪنگريءَ جي ذڪر ـــ اولھہ طرف رفي ديري نالي هڪ پتڻ بہ موجود آهي.) اتان هن پنهنجي لشڪر جو ڪجھہ حصو راءِ ڏاهر جي لشڪر جي مقابلي لاءِ روانو ڪيو. مير معصوم جي بيان مطابق عرب لشڪر هيءَ ڍنڍ فقط هڪ ٻيڙيءَ وسيلي اڪري پار ڪئي هئي، جنهن ۾ ڪڙو ٿي ماڻهو وڃي ٿي سگهيا. هيءَ ڳالھہ وسهڻ کان وڌي آهي. ان کان پوءِ ساڳي مورخ جو بيان آهي تہ محمد پنهنجي ساري لشڪر سان اروڙ تي حملو ڪيو ۽ ١٠ رمضان ٩٣ھہ جو جنگي واقعو بہ هن شهر جي ڀرسان ٿيو، جنهن ۾ راجا ڏاهر مارجي ويو. هن حقيقتن مان اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ بهمن آباد ۾ ڇهن مهينن دوران جيڪي واقعا رونما ٿيا يا ان کان اڳ ۾ مهراڻ درياھہ جي ڪنارن سان جيڪي جنگيون ۽ مقابلا ٿيا، ويندي ڏاهر جي موت سميت سيني کي وچ تي ڇڏي ڏنو ويو آهي ۽ انهن سيني حقيقتن کي ڪٽي اچي اروڙ ڀرسان بيهاريو اٿس. نتيجي ۾ اسان کي جڻ اهو ٻڌائي ٿو تہ سنڌ جي قديم تاريخ جي ماهري ۾ مٿس اعتبار نہ ڪيو وڃي. پر

چچ نامي ۾ بيان ڪيل واقعا اُڪين ڏني شاهد وٺان ورتل آهن.

جڏهن بهمن آباد ۾ پهچڻ شرط پنهنجي پاڻ ۾ برادري کي چوي ٿو ته حملي آورن جو مڙسيءَ سان مقابلو ڪيو وڃي. عربن سان مهاڏي اٽڪائڻ واسطي هن ماڻهو ڪٺا ڪيا. پر نتيجو ڪجهه ڪونه نڪتو. چاڪاڻ ته سنڌ وارن گڏيل ڪوشش ڪانه ڪئي هئي. اهڙيءَ ريت هن مدد واسطي اروڙ ۾ رهندڙ پنهنجي پاڻ فوفي، پنهنجي سوٽ چچ پٽ ڏهرسين جيڪو بابيه (اليٽ هن کي پهريائين پابياهه ڪري لکيو هاٿي پاٿيا ڪري لکندو آهي، جنهن ۾ "ه" جو اکر موجود ڪونه آهي) جيڪو بياس جي ڏکڻ پاسي واري علائقي جو حڪمران هو. (ساڳي مورخ جي بيان مطابق، بعد ۾ اهو علائقو ڪڪسه پٽ چندر کي ڏنو ويو، جيڪو راءِ ڏاهر جو چاچو هو) ان کي خط لکيا. هن چندر جي ٻئي پٽ ڍول (ڍهول) ڏانهن به خط لکيو جيڪو ندياه ۾ ڪيڪانان (بلاذري هن کي ڪيڪان لکيو آهي ۾ اهو علائقو سنڌوءَ جي ڪناري سان هو). ٻئي طرف محمد بن قاسم راءِ ڏاهر جي قتل ۾ راوڙ جي فتح ڪان پوءِ، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، بهمن آباد ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي. راوڙ ۾ بهمن آباد جي وچ تي بهرور ۾ دهليلي جا ٻه قلعا موجود هئا. بهرور وارن سخت مقابلو ڪيو، ۾ ٻن مهينن جي گهيري ۾ چٽي ويڙهه ڪان پوءِ مس اهو قلعو فتح ٿيو. دهليلو فتح ڪرڻ ۾ عربن کي ٻه مهينا لڳا، مقابلو ايڏو سخت ڪونه ڪيو هئائون. ماڻهن کي جڏهن پڪ ٿي ته قلعو بچي ڪونه سگهندو، ته هنن پنهن جا ڪٽنب درياهه جي منهل Manhal شاخ تي ناهيل پل مٿان پار ڪري ٻاهر موڪلي ڇڏيائون. ٻئي ڏينهن جڏهن عربن کي هن حقيقت جو پتو پيو ته سندن ڪڍ پيا ۾ کين قتل ڪري ڇڏيائون. ٻچندڙن مان جيڪي بچيا، سي رمل جي ملڪ (ٻتن جو علائقو)رستي هندستان هليا ويا، جيڪو وارياسو ملڪ هو. (چٽو آهي ته اهو جيسلمير جو علائقو آهي. پاهه

ڪران Pahkran جي طرف کان ايندڙ هاڪڙي درياهہ جي پرتي ڪنڊڙ شاخ ان زماني ۾ هاڪڙي کي ڇڏي ۽ سڪي وئي هئي)۽ وڃي سيرو Siro ۾ پهتا، (ٿي سگهي ٿو اهو سروهي هجي. بهمن آباد کان ايڪاسي ميل پري ساعي ڳوٺ کان اوپر بہ سيرو Seroنالي هڪ ماڳ آهي. جنهن جو ديوراءِ (اليٽ موجب "راج") حڪمران هو، جيڪو راءِ ڏاهر جي چاچي جو پٽ هو. (يعني اهو چندر جو پٽ هوندو)

محمد بن قاسم نوبتہ پٽ دهران کي هن علائقي جو حاڪم مقرر ڪيو تہ هو پيڙين جو بندوبست ڪري ۽ انهن جي نظرداري ڪري سگهي. (شايد اهو علائقو مهراڻ درياهہ جي شاخ پراڻ ڍوري جي ڪناري تي هو)۽ دداتيا dadahahtiya (ممڪن آهي وداتيا هجي) تائين سڄي ايراضي سندس تحويل ۾ ڏنائين، جيڪو بهمن آباد کان فرسنگ (ٽي ميل) پري هو. (ڏسو اليٽ، صفحو ١٧٦). عرب لشڪر جي پيش قدمي دهليلي کان سڌي جلوالي واهڙ تائين ڏيکاري وئي آهي. جيڪا بهمن آباد جي اوپر کان وهندي هئي. (اليٽ جي ايڊيٽر هن کي فلاحي falahi نالي نهر سمجهي ٿو، ۽ کيس بهمن آباد کان اولهہ - ڏکڻ ڏس تي ٣٣ ميل پري ڏيکاري ٿو). عرب لشڪر هتي پهچي منزل ڪئي.

بيلاسس، بهمن آباد متعلق دلچسپ معلومات ڏني آهي. بهمن آباد جا کنڊر بہ موصوف ڳولي لڌا آهن. اهو ماڳ بہ ڳولڻ ۾ سوپارو ٿيو، جتي عرب فوج گهيري دوران فوجي وانڊ هنئي هئي. ان متعلق هو چوي ٿو تہ، " جڏهن مان پويون پيرو برهمڻ آباد ويس تہ هڪڙي جهوني هاريءَ کان وڃي پڇا ڳاڇا ڪيم تہ تو ڪٿي نڪر جا پڪل، نهرا گولا ڏٺا آهن؟ هن وراڻيو هائو سائين. تون مونسان توپ خاني تائين هل تہ مان توکي اهي هلي ڏيکاريان. اهي اتي تہ جام پيا آهن. مان کيس سونهون ڪري سندس ڪڍ ويس. اسان شهر کان ٻاهر نڪري درياهہ

جو پراڻو پيٽ بہ اڪري وياسين. هڪ ميدان ۾ ڏنم تہ اتي ٺڪر جا مذڪوره گولا جڄهي انگ ۾ پيل هئا. اهي چوراس ڊگهن جي شڪل ۾ سڌين قطارن ۾ رکيل هئا. چوڌاري ميدان ۾ پڪڙيا پيا هئا. زمين کي ٿورو هيٺ کوٽيو ويو تہ اُتان بہ گهڻا مليا. انهن مان ڪي وڏا ۽ ڪي ننڍا بہ هئا. وڏا گولا ١٢ پائونڊرس جيترا ۽ ننڍا بليئرڊ راند جي سارين جيڏا بہ هئا. ان جهونڙي ڳالهہ ڪئي تہ اهي گولا ڪنهن زماني ۾ اچا بہ گهڻا هئا، ۽ ميدان تي پکڙيا پيا هوندا هئا. وڌيڪ اهو بہ ٻڌايائين تہ ڪنهن قديم زماني ۾ هن ماڳ تي وڏي جنگ لڳي هئي. ننڍن گولن کي تہ ڪانياٺين ۾ ڪتب آندو ويو هوندو، باقي ضرور ڪنهن مشين معرفت استعمال ڪيا ويا هوندا.

اسان موٽي پنهنجي اصلي موضوع جئسينہ ڏانهن اچون ٿا. هن بهمن آباد ۾ هڪ هنڌ بند تي وهڻ ڪونہ ٿي چاهيو، تنهن ڪري هو نڪري چنيسر Chanisar (چانيسر متعلق اڳتي ڏسندا) ڏانهن هليو ويو. پر هن برهمڻ آباد ڇڏڻ کان اڳ ۾ قلعي جي ڦاٽڪن تي سورهن جوڌا جوان نگهبانيءَ لاءِ مقرر ڪيا هئا، جيڪي پنهنجي فوجي دستن جا مهندار بہ هئا. قلعي کي چار ڦاٽڪ ٻڌايا وڃن ٿا. پر نالا پنجن جا موجود آهن، هڪ جريتري آهي، اهو قلعي جو خاص ڦاٽڪ سمجهيو وڃي ٿو. باقي ٻيا ڦاٽڪ ڀارندBharand يا Bharind، ستيہ iyaSat، منهوڙا Manorahءِ سلها هئا.

پهرئين رجب، سومر جو ڏينهن ٩٣ هجري (١٧ آڪٽوبر ٧١١ ع). هيءَ تاريخ صحيح ٿي ڪانہ ٿي سگهي. ڇاڪاڻ تہ هن کان ٻہ مهينا ڏهہ ڏينهن اڳ راءِ ڏاهر جنگ ۾ قتل ٿي ويو هو. محمد بن قاسم جنگ جي تيارين واسطي ڪاهيون ڪوٺايون ۽ بهمن آباد تي حملي ڪرڻ وارو هو. چيو ويندو آهي تہ هن قلعي ۾ چاليهہ فوج ترسيل هئي. جنگ ڇهہ مهينا لڳا تار هلندي رهي. مٿان اونهاري جي گرمي اچي وئي هئي. محمد بن قاسم بہ جنگ مان بيزار ٿي پيو هو ۽ ڪيس قلعي فتح ڪرڻ جي آس

اميد ڪانہ هئي. نيٺ ذوالحج مهيني آخري ڀاڱي ۾ (١٧ آڪٽوبر ٧١١ع) هن کي جئسينہ متعلق ڪجهہ پتو پيو. هو رمل ملڪ مان واپس وريو هو. جنهن کي ڀاٽيا Bhatiah بہ چوندا هئا. سيني رستن رندن تي قبضو ڪري ورتو هئائون. مسلمان فوج جي ڪاڏي خوراڪ ۽ وهتن لاءِ گاهہ داڻو ملڻ مشڪل ٿي ويو هو. مطلب تہ مسلمان فوج کي گهڻو پريشان ڪيو هئائين. محمد بن قاسم موڪي پٺ وسائي ڏانهن ماڻهو موڪلي گهرائي ورتو ۽ جئسينہ جي نئين پيدا ڪيل آپدا مان جند ڇڏائڻ واسطي صلاح مشورو ڪيائين. هن ڪيس لشڪر موڪلي جئسينہ کي ٻاهر تڙي ڪڍڻ جو مشورو ڏنو.سندس صلاح تي عمل ڪيو ويو. جئسينہ کي ٻهمن آباد بچائڻ جي ڪابہ اميد ڪانہ رهي. تنهن ڪري هو پنهنجو ڪٽنب ۽ قيمتي سامان ٿر ۽ جيسلمير رستي چتور جي علائقي جنگات، اگرا ۽ ڪابا (ڪابي Khabe) ڏانهن موڪلي ڏنائين، پوءِ هو ڪشمير هليو ويو. معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ ان زماني ۾، اوپر طرف پوهڪران جر پاسي کان ايندڙ هاڪڙي درياهہ جون پرتي ڪندڙ شاخون سنڪي ويون هيون ۽ سندن پاٽي هاڪڙي تائين ڪونہ ٿي پهتو. تنهن ڪري جيسلمير وارو علائقو ويران ٿي ويو هو.

جئسينہ، ٻهمن آباد جي حالتن کان مايوس ٿي چتور هليو ويو هو. اتان جا وڏا ٻنيا واپاري جن کي هميشہ پنهنجي پئسي جي ڳڻتي هوندي آهي ۽ پنهنجي مفادن جو گهڻو اونو رکندا آهن، تن اهو سوچيو تہ لشڪر جا مهندار رهيا ئي ڪونہ آهن، تنهن ڪري هنن مسلمان سپهہ سالار سان صلح نامي جي.عهدنامي ڪرڻ واسطي پنهنجا چار معتبر ماڻهو موڪليا. طئي هن ريت ڪيو ويو تہ ٻهمن آباد جي قلعي اندر رهندڙ فوج مسلمان لشڪر تي حملي جي بهاني ٻاهر نڪرندي ۽ مسلمان فوج جي حملي ڪرڻ تي واپس قلعي ڏانهن ورندي هو قلعي جا ڦاٽڪ مسلمان فوج جي داخلا لاءِ کليا ڇڏي ويندا. اهڙي ريت اتان

جي ماڻهن سان غداري ڪئي وئي. مسلمان جڏهن اندر داخل ٿيا ۽ قلعي جي چوڌاري ڦري ويا تہ اندر رهندڙ فوجي اوير طرف واري ڦاٽڪ وسيلي ڀڄڻ لڳا، جنهن جي چئن ئي ڦاٽڪن تي ڪو پهريدار موجود ڪونہ هو. فوج سان تعلق رکندڙ ڇهہ هزار ماڻهو قتل ڪيا ويا. ڪن جو چوڻ آهي تہ سورهن هزار قتل ڪيا ويا. منهنجو خيال آهي تہ ڇهن مهينن جي گهيري دوران جيڪي ماڻهو مئاسي هن انگ ۾ شامل آهن ۽ هي سيئي ماڻهو قلعي وٺڻ وقت قتل ڪونہ ٿيا هوندا.

بهمن آباد جي سوڀ کان پوءِ محمد بن قاسم سڄو احوال امير حجاج ڏانهن لکي موڪليو. جنهن ۾ هن ڪيس ٻڌايو آهي تہ جلوالي جوءِ کان مٿان هن ڏانهس، پنهنجي ڪارڪردگي سان لاڳاپيل هر معلومات موڪلي هئي. بهمن آباد کان اتر طرف روانو ٿيڻ کان اڳ هن سنڌ جي لاڙ واري علائقي جي حڪومت جو مامرو طئي ڪيو. هن نوبتہ بن دهلان ڪي (جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. هن کي محمد بن قاسم وداتيہ جو حاڪم مقرر ڪيو هو.) راوڙ جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ ان قلعي جي ماتحت علائقو سندس تحويل ۾ ڏنو ويو، ۽ ٻيڙين جو نظام سندس هٿ ۾ ڏنو ويو تہ جيئن اهي هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار هجن. کيس اهو بہ حڪم ڪيو ويو تہ راوڙ کان ايندڙ ۽ ويندڙ ٻيڙي، جنهن ۾ جنگي سامان يا ماڻهو هجن تن جو مارو (ضبط) ڪري راوڙ ۾ ٻيهاريون وڃن. وداتيہ کان مٿي هلندڙ ٻيڙن ۽ ٻيڙن جوانتظام ، هڪ ٻئي عرب لاڪڙي ابن زياد العبدي جي حوالي ڪيو ويو. سوستان، دهليلي ۽ نيرون واسطي بہ نوان امير ۽ عامل مقرر ڪيا ويا. اهي علائقا جن ۾ جت رهندا هئا، تن کي بہ هن پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ۽ پاڻ انتظام هلائڻ لڳا. بهمن آباد ۽ لوهاڻي علائقي جا مامرا نبيري ۽ اولهہ اوير ۽ اوسي پاسي جا منجهيل معاملا طئي ڪري خميس جي ڏينهن، ٣ تاريخ محرم سن ٩٤هجري (١٩ آڪٽوبر ٧١٢ ع) پنهنجي فوج وٺي منهل Muthal هڪ نسخي ۾ منهل آهي سنڌ وارا

هنکي مثالو چوندا آهن. هڪ نقشي ۾ هن کي موٽيلو لکيو ويو آهي ۽ ٻئي ۾ موٽيتو لکيل آهي) ڏانهن روانو ٿيو جيڪو سما قوم جي علائقي سرانديءَ جي پرسان هڪ شهر هو. پرسان هڪ آب گير هو. جنهن کي ڪربهار ڍنڍ Karbhar سڏيو ويندو هو. محمد بن قاسم ان ڍنڍ جي ڪناري سان منزل ڪئي. اتان جا ماڻهو ٻڌ ڌرم جا پوءِ لڳ هئا. ڪاسڙيا، پورهيت ۽ واپاري هئا. هنن سيني گڏجي سندس آجيان ڪئي ۽ ملڪ سندس حوالي ڪيو. هن علائقي جا جت پوکي راهي ڪندا هئا. اتان محمد بن قاسم بهررور ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي. (مير معصوم ۽ ٻين هن کي بغرور ڪري لکيو آهي. بغرور هن کان جدا ماڳ آهي). هن پنهنجا لاڪڙي موڪلي هن ۽ ڪر بهار جو انتظام سنڀاليو، ان کان پوءِ هو سمن جي علائقي ۾ داخل ٿيو. لوهاڻي علائقي جو انتظام ٺيڪ ڪري پوءِ سهتن جي ايراضيءَ ۾ داخل ٿيو. هتان جا به سياسي ۽ انتظامي مامرا سنڀالي، سهتن کي اروڙ تائين سونهون ٿيڻ لاءِ چيائين.

مان هتي هڪ ڳالهه اوهان جي ڌيان تي آڻڻ چاهيان ٿو، ته چچ نامي جي احوالن مطابق راوڙ ۽ دهليلو مهراڻ درياهه جي اولاهين شاخ جي اوڀارئين ڪنڌيءَ سان واقع هئا. جيڪو بهمن آباد کان چاليهه ميل مٿان به درياهيءَ ۾ ونڊجي ويندو هو. عربن جي ڏيکاريل نقشن ۾ ايئن ڏيکاريو ويو آهي. هتي اروڙ ڏانهن ويندي درياهه جي ڪنهن به شاخ يا واهڙ پار ڪرڻ جو ذڪر موجود ڪونه آهي. امڪان اهو آهي ته عرب فوج اتان ئي واهڙ پار ڪيو هوندو، جتي ڪربهار ڍنڍ موجود هئي. منهنجو خيال آهي ته چچ نامي ۾ ڏنل تاريخون بلڪل منجهيل ۽ غلط آهن. حقيقتن مان ظاهر ايئن ٿئي ٿو ته سن٩٣هه جي پهرئين مهيني ۾ ديبل فتح ڪيو ويو. پر حجاج طرفان موڪليل خط جنهن ۾ هو ديبل جي فتح ٿيڻ جو اطلاع ٻڌائي ٿو، تنهن ۾ رجب ڏيکاري ٿو جيڪو سال جو ستون مهينو آهي. ۽ ڪجهه ڏينهن هن خط سفر ۾ گذاريا هوندا،

جيڪي گهٽ ۾ گهٽ ٻه هفتا ته سگهن ٿا. ديبل جي فتح ڪان پوءِ هو سوستان ڏانهن پيش قدمي ڪري ٿو، وري موٽي اچي مهراڻ درياهه پار ڪري ٿو. هن سفر ۾ ڪيس ڪي مهينا لڳا هوندا. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ٻيا به ڪيترا خط آيا ويا هوندا. هاڻي رجب مهيني ۾ موڪليل خط جنهن ۾ ديبل جي فتح جو احوال لکيل هو ۽ ڏهين رمضان، جنهن ڏينهن راءِ ڏاهر قتل ٿيو، فقط هڪ مهيني ۽ ڏهن ڏينهن جي وٿي آهي. يعني شعبان جو پورو مهينو ۽ رمضان جا ڏهه ڏينهن . راوڙ جي فتح ڪان پوءِ محمد بن قاسم بهررور جي قلعي تي حملو ڪيو، جنهن جي فتح ڪرڻ ۾ ٻه مهينا لڳا. اهڙيءَ ريت دهليلي فتح ٿيڻ ۾ ٻه مهينا ورتا، جيڪڏهن مهيڻ جو ليکو ڪبو ته اچي هلندڙ سال جي پڇاڙيءَ ۾ بيهبو. ان هوندي به اهو ٻڌايو ويجي ٿو ته محمد بن قاسم رجب سن ٩٣هه ۾ اچي بهمن آباد جي قلعي سامهون پهتو، يعني راءِ ڏاهر جي قتل ٿيڻ ڪان پورا ٻه مهينا ۽ ويهه ڏينهن اڳ ۾. ان ڪان پوءِ هو ڇهه مهينا بهمن آباد جي گهيري ۽ فتح ۾ لڳائي ٿو. ان حساب سان اهو وقت، سن ٩٣هه جي ذوالحج جون اخري تاريخون هجڻ کپن. جنهن وقت جئسينه جو پتو پوي ٿو ۽ ان ڪان پوءِ بهمن آباد جو قلعو فتح ٿئي ٿو. قلعي جي فتح ڪان پوءِ ٿورو وقت هن علائقي جي حالتن ٺيڪ ڪرڻ ۾ لڳي ويو هوندو. ان سڄي عرصي گذرڻ ڪان پوءِ به بهمن آباد ڪان اروڙ ڏانهن پيش قدميءَ جي تاريخ، ٣-محرم ٩٤ هه ٻڌائي ويجي ٿي. چچ نامي جي ڏنل حقيقتن هن پنهنجو وقت مختلف جنگين ۾ لڳايو. ان ڪري هو رجب ٩٤هه ڪان اڳ ڪنهن به ريت اروڙ ڏانهن پيش قدمي ڪري نه سگهيو هوندو. اسان جي ليکي موجب راءِ ڏاهر جي قتل ڪان وٺي، اروڙ ڏانهن پيش قدميءَ واري تاريخ يعني ٣ محرم ٩٤ هه وچ تي فقط چئن مهينن ۽ ٽيويهن ڏينهن جو عرصو ٿئي ٿو، جيڪو ڏهن مهينن ڪان بهر صورت مٿي هجڻ کپي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته وچ تي ڪٿان غلطي ٿي وئي آهي.

١٩٠- هي لفظ بنا نقطن جي آهي ۽ هن ڪي غلطيءَ وچان عربي لفظ

سمجهيو وڃي ٿو. هي خاص سنڌي لفظ آهي. اسم خاصَ ۾ شهر جو نالو آهي. اصل نالو"سڪ" آهي ۽ ان ۾ عربي "ال" وڌي وئي آهي ۽ ڇچنامي ۾ٻہ اها ڳالهہ واضح آهي.

١٩١ ـ اها ڳالهہ صحيح ڪانہ آهي. سڪ جو شهر راويءَ جي ڪنڌيءَ تي واقع هو ۽ بابيا بياس درياهہ جي ڪاہي يا ڏاکڻين ڪناري تي آباد هو. اسڪلنده يا اسڪنده بياس جي اتر طرف هو. وڌيڪ ١٩٢ حاشيي ۾ ڏسندا.

١٩٢ـ ڪن مورخن بنا سوچ جي لکيو آهي تہ اوزي ڊراسيا "اچ" مان نڪتل آهي. اهي سمجهن ٿا تہ مذڪوره شهر اچ کان ہاويهہ سو سال اڳ بہ موجود هو. انهن مان جيڪي هن خيال سان متفق آهن، سي هن شهر کي اچ Uch، اجاUja ۽ اڪ Uk بہ سڏين ٿا. پر اهي سڀ غير حقيقي ڳالهيون آهن. يورپ جي مورخن ۾ اهو خيال هن ڪري بہ پيدا ٿيو آهي، جو ائرين ۽ اسٽرئبو لکيو آهي تہ اوزي ڊراسيا جو شهر چناب جي الهندي ڪناري تي واقع هو.

اچ اها حقيقت بہ آهي تہ اچ جو شهر واقعي چناب ۽ ان جي پرتي ڪنڌڙ شاخن جي وهڪري جي اولاهينءَ ڪنڌيءَ سان آباد آهي. پر قديم دور ۾ يا موجوده زماني کان ڪجهہ وقت اڳ مذڪوره شهر بياس جي الهندي ڪناري تي هو ۽ بياس درياهہ کي قديم دور ۾ ڪڏهن رود سنڌ و هند نالي سان بہ سڏيو ويندو هو. پر بياس سنڌ يا آب سنڌ جي سنگم کان مٿان چناب ۽ ٻين پنجاب جي درياهن جو پاڻي بياس سان ملندو هو. يوناني تاريخون چٽيءَ ريت ٻڌائين ٿيون تہ "اوزي ڊراسيا" جو شهر راوي درياهہ کان اتر طرف رچنا دوآبي ۾ موجود هو. وڌيڪ تفصيل اڳتي ڏنا ويندا.

اليٽ (جلد ١ص ١٠٩) مجمل التواريخ جو هڪ حوالو ڏئي ٿو، جنهن ۾ ٻڌايو وڃي ٿو تہ قديم زماني ۾ ڪفند نالي هڪ بادشاهہ هو، جيڪو سڪندر جو همعصر هو، جنهن سنڌ کي ورهايو هو. مجمل

التواريخ جو بيان آهي تہ، "هن پنهنجو هڪ گورنر "عسقلندوسہ" ۾ مقرر ڪيو. پئي ڪي هن زار Zar جو علائقو تحويل ۾ ڏنو، جنهن جي حدن ۾ انج (اڇ)Anj جو شهر موجود آهي." هيٺ حاشيہ ۾ لکي ٿو تہ غسقلندوسہ ۾ بہ عربي اکر "ع" ۽ "ق"موجود آهن. عام طور تي هن شهر کي عسقلند يا عسقلندرا سڏيو ويندو آهي. ۽ ان جي پڇاڙي "دوسہ" اسان کي ڪٿي بہ نظر ڪانہ ايندي (فقط هڪ نسخي ۾ موجود آهي). اهو اصلي ٽڪرو هن ريت آهي. هن هڪ بادشاهہ (گورنر) عسقلنده ۽ سہ ۾ مقرر ڪيو. ٿي سگهي ٿو تہ پوئين لفظ "سہ" جو اشارو عسقلند جي ماتحت علائقي ڏانهن هجي؟ هائو، جيڪڏهن فارسي ٻوليءَ ۾ سہ جي معنيٰ ٽي آهي. تہ پوءِ ايئن ٿي ڪونہ ٿو سگهي. اهڙي ئي قسم جون حقيقتون آهن، جن جي بنياد تي اوزي ڊراسيا"کي اڇ، اڃا ۽ اڪ جي صورت ۾ سجاتو ويو آهي. هن کي مستند حقيقت تہ نہ ٿو سڏي سگهجي.

ساڳي جلد جي صفح ١٠٤ بہ هن روايتي دور سان لاڳاپيل آهي، جنهن پانڊوس Pandus جي شڪست جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اتي هن بلڪل ساڳي شهر جو "اسقلندا" جي نالي سان بيان ڏسڻ ۾ ايندو ۽ اُجا ۽ اُڇ جو ڪٿي بہ ذڪر ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. هتي اسان کي ضميمو x پڙهڻ جو اشارو ڪيو ويو آهي. جيڪو صفحي ٣٦٥ تي موجود آهي، جيڪو هن ريت آهي: چچنامي جو اسڪلندا يا اسڪلندرا اهو ساڳيو آهي، جنهن کي مجمل التواريخ ۾ اسڪلندا ۽ اسڪلندوسہ ۽ تحفتہ الڪرام ۾ اسڪندرا ۽ اسڪندا چيو ويو آهي. تحفتہ الڪرام ۾ لکيل نالن جي هڪجهڙائيءَ مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ شايد هي اهو شهر آهي جنهنجو سنڌوءَ ۽ چناب جي سنگم وٽ، سڪندر اعظم پاڻ بنياد رکيو هو. پر ان جي جيڪڏهن ٿوري بہ جاچ پڙتال ڪبي تہ حقيقت کان وڌيڪ افسانو لڳندو. قديم سنڌ ڇئن صوبن ۾ ورهايل هئي. ان جو ٽيون صوبو (ص١٣٨) اسڪلندا ۽ مئبار Maibar تي

مشتمل هو. مئبار کي موجوده دور ۾ ”ميربار“ ۽ ”چاچڙ“ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اهي اڄ بہ موجود آهن. پئي جاڙا شهر آهن جيڪي سنڌو ۽ چناب جي سنگم وٽ اڄ بہ ڏسي سگهجن ٿا. گهٽو ڪري پانڊوس جي وقت کان وٺي هلندا پيا اچن. ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو تہ اسڪلندا درياهہ جي ڪناري سان متي ڪٽي هوندو. وڏيڪ ايندڙ ٽڪري مان و واضح ٿيندو.“ مئبار جي نالي متعلق حاشيہ لکندي ايڊيٽر چوي ٿو تہ، ” ڪتاب جي متن ۾ يابيا Yabia لکيل آهي. پر ان جي صحيح هجي پابيا ٿي سگهي ٿي.“ پر صفحي ١٣٨ تي لکي ٿو اسڪلندا ۽ پابيا جن کي تلواڙا ۽ چچپور چيو ويندو آهي“. پئي حاشيہ ۾ وري لکي ٿو تہ، ” هنکي پايا Paya بايا، بابيا ۽ پابيا ڪري لکيو ويو آهي. انهن سيني مان پابيا وڏيڪ صحيح آهي.“ هتي اهو ذڪر ڪرڻ لازمي ٿيندو تہ ”چاچڙ“ جنهنجو متي حوالو ڏنو ويو آهي، سو چاليهہ سال ڪن اڳ سنڌوءَ ۽ پنج ند يا پنج آب جي سنگم واري جاءِ کان ڇهہ ميل ڪن هيٺ هو. مٺڻ ڏاڪوٽ هن سنگم کان ساڍا ٽي ميل ۽ ڏهہ سال ڪن اڳ ساڳيو مٺڻ دا ڪوٽ يارهن ميل هيٺ هو. درياهن جون اهي لڳاتارتبديليون ايندڙيون رهيون آهن. ميربار اڄ موجود ڪونہ آهي، پر چاچڙکان چوڏهن ميل ڏکڻ ـ اوبر طرف هڪ ججا Juja جو ماڳ ضرور آهي. ان جو بيان تہ ڪيو ئي ڪونہ ويو آهي. ان کان سواءِ مان هيءَ بہ گذارش ڪندس تہ اهو فقط گذريل صديءَ ۾ ٿيو آهي. جو سنڌو ۽ پنج ند جو سنگم چاچڙ ۽ مٺڻ ڪوٽ کان ڇوويهہ ميل اتر ـ اوبر تي واقع ٿيو آهي. هن کان اڳ اهو هنن ماڳن کان ڪيترو ڏور هو؟ ان بابت ڪير ڪجهہ بہ چئي ڪونہ سگهندو. اهو گذريل صديءَ ۾ ڪهڙن ٿاڪن ۽ڦاٽن تي هو، تنهن جو احوال اڳتي ايندو.

هن کان پوءِ بہ اهو سمجهڻ تہ ٻن هزارن سالن کان وٺي درياهن جا وهڪرا بلڪل ساڳيا رهندا آيا آهن، سا ڳالهہ غلط آهي. چاليهن سالن اندر ئي الائي ڪيتريون تبديليون آيون آهن. هيءُ چوي ٿو تہ، ”هيءُ

(اسڪلندا) بياس جي پرسان ۾ سندس نالو اسڪلندوسم هو.“ پر صفحي ١٠٩ تي ڪيس شڪ اهي تہ اهو ساڳي نالي جو حصو آهي الائي نہ. اسان کي هن حقيقت مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اهو شهر موجوده دور جو ”اچ“ آهي ان هوندي بہ وڌيڪ تشريح ڪندي لکي ٿو تہ هن شهر جا آثار ڏيکارين ٿا تہ هي ٿاڪ تمام قديم آهي. چچنامي ۾ هن جو ذڪر موجود ڪونہ آهي، تہ پوءِ چچ ۽ محمد قاسم جي زماني ۾ اهي ماڳ ڪٿي هئا. هتي وري پيءُ کي پٽ ڪري پيش ڪيو ويو آهي. هن علائقي ۾ هن شهر جي سڃاڻپ ڪنهن بہ نالي سان ڪرائي وئي آهي.

اچرج جهڙي ڳالهہ آهي تہ چچنامي ۾ ”اچ“ جو نالو ڪونہ آهي. سنڌ تي جيڪي قديم تاريخون آهن، انهن ۾ ”اچ“ جو ذڪر ڪونہ ملندو. تحفتہ الڪرام انجو اهو سبب ٻڌائي ٿو تہ مذڪوره قلعو سنڌ ملڪ پرسان هو. هيءُ اسان کي وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ راءِ سهاسي پنهنجي رعيت جي هن شرط سان ڍل معاف ڪئي هئي تہ هو ڇهن قلعن جي پيتين جي اوچائي گهٽي متي ڪندا، اهي قلعا هي هئا، اچ، ماٿيلو، سوراءِ يا سوراهي ، مائو يا موئہ، اروڙ ۽ سوستان . ڏسو منهنجي تصنيف ”نوٽس آن افغانستان“ ص ٥٦٧.

اچ کي جلال الدين خوارزم شاه کان وٺي سنڌ جي حڪمرانن ارغونن تائين بار بار ٻئي تباهہ ڪيو. ان جي مرمت بہ ٿيندي رهي. ابن بطوطہ چوي ٿو تہ سندس وقت ۾ اچ سنڌ جو هڪ وڏو ۽ مشهور شهر هو. ۽ ملتان سنڌ جي مکيہ شهرن مان هڪ هو.“

اليٽ وري ٻئي قديم اچ واسطي سوچي رهيو آهي. سندس خيال ۾ اهو ”اچ“ قديم دور کان وٺي جهلم ۽ چناب جي سنگم پرسان ڪٿي موجود رهندو پئي آيو آهي، هتي وري بہ پنهنجي خيال جو هن ريت اظهار ڪري ٿوتہ درياهہ جو مذڪوره سنگم پراچين دور کان وٺي ساڳو رهندو آيو آهي، پر اسان چاٿون ٿا تہ ٨٠١ هہ (٩٩-١٣٩٨ع) م

اهم سنگم موجود دور واري سنگم کان پورا چوويهه ميل هيٺ تي هو جيڪو لڳاتار تبديل پئي ٿيندو رهيو آهي. ان کان اڳ ۾ اسان ڏسون ٿا تہ اهو ڪيترائي ميل تاڪ کان مٿي هو. اڳئين صديءَ ۾ اهو ڇائو تارا Chhau- Tarah جي ويجهو هو.

جيتريقدر "اچ" جي نالي جو تعلق آهي تہ ساڳي نالي سان ٽي شهر آهن ۽ ٽئي هڪجهڙا قديم آهن. هڪ اچ شڪارپور کان ۴۷ ميل پري اتر طرف ۽ خانڳڙهہ جنهن کي هاڻي جيڪب آباد سڏيو ويندو آهي. هن کان ستاويهہ ميل ڏور اتر ڏس تي موجود آهي ، هن علائقي کي ڪڇي سڏيو ويندو آهي. ڪڇ ٻيج واري علائقي سان هن جو ڪو تعلق ڪونہ آهي پر سنڌوءَ جي ٻوڏ هيٺان ايندڙ ايراضي آهي. هن ماڳ کي فقط اچ ڪري سڏيندا آهن. ۽ جنهن ايراضيءَ کي سنڌ هالو Sind Hallow ڪري سڏيندا آهن، ان جي ويجهو آهي.ڪنهن زماني ۾ سنڌو يا ان جي ڪا شاخ هن ترائي Sind Hallow ۾ وهنديون هيون. هن متعلق تفصيل درياهن جي احوال ۾ ڏنو ويو آهي. ٻيو "اچ" گل امام وارو آهي" اڳئين صديءَ ۾ هڪ نهايت سگهارو قلعو هو، پر هاڻي زبون حال آهي. سندس ماڳ شورڪوٽ کان ايڪيهہ ميل اتر - اتر -اولهہ طرف ۾ جهلم ۽ چناب جي اڳئين پراڻي سنگم کان يارهن ميل ڏکڻ -اولهہ طرف آهي. مان هن کي اڳيون ان ڪري چوان ٿو تہ هو سنگم وارو تاڪ لڳاتار تبديل ٿيندو رهيو آهي. جيڪو ڪيترائي ٻيرا پنهنجا ماڳ مٽي ويوآهي. سروي جي هڪ نقشي تيار ٿيڻ کان پوءِ هن ۾ ڪيتريون ئي تبديليون اچي چڪيون آهن. هيءَ اها سروي آهي، جنهن جا احوال آءٌ ڏئي رهيو آهيان. هيءَ اچ جنهن کي اليٽ (جلد ۱ صفحو ۳٦٧) "سجاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي" تنهن اچ جو ماڳ ملتان کان ٻاهتر ميل اتر طرف آهي. ٽيون "اچ" جلالي شريف آهي، جنهن ۾ اڳي يعني گذريل صديءَ ۾ لاڳيتا ست ڳوٺ هوندا هئا، جيڪي قلعي ۾ اندرهوندا هئا. هاڻي ڀڪين سرن جي قلعي اندر فقط ٽي وڏا ۽ پاڻ ۾ لاڳيتا ڳوٺ آهن.

قلعو زبون حال آهي. مذڪوره ڳوٺ يا شهر هترادو بنايل دڙن تي موجود آهي. چاڪاڻ تہ سنڌوءَ يا آب سنڌ جو پاڻي سدائين پيو سار لهندو هونِ. سيني ڪان اولهہ پاسي هڪ ننڍو شهر آهي، پر منجهس وڏو ۽ خوبصورت مقبرو آهي، جيڪو ڪنهن مسلمان بزرگ جو آهي، سو بہ زبون حال ۾ آهي. هن کي پير جو "اچ" يا اُچي مخدوم چيو ويندو آهي. هن درگاهہ جي چوڌاري گهر اڏيل آهن. قديم زماني ۾ هن کي "ولهار" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. ۽ مخدوم بعد ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي هئي. اوپاريون ڳوٺ سيني ڪان وڏو آهي. پر اتي قلعي جي پٿين جو نالو نشان ڪونہ آهي، فقط قلعي جي ڦاٽڪن جا اهڃاڻ محسوس ڪري سگهجن ٿا. هتي سنڌ جي اناج جو ٿورو گهڻو واپار ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جيڪو سنڌوءَ ۾ هلندڙ ٻيڙين ۾ پيو ايندو ويندو آهي. پرسان ڪنهن قديم قلعي جا ڪنڊر ڏسڻ ۾ ايندا جن کي ڪجين ۽ پپل جي گهاٽن وڻن ڍڪي ڇڏيو آهي. ڪيتريون اهڙيون بہ جايون ڏسڻ ۾ آيون، جن جي ٿوري مرمت ڪري تن کي رهڻ لائق بنائي سگهجي ٿو. اهي پڪ سريون آهن، ۽ انهن جي طرز تعمير مسلمانڪي آهي. هن ڳالهہ ۾ ڪو شڪ شبهو ئي ڪونہ آهي، تہ هيءَ ماڳ قديم آهي. پر تعجب هن ڪري ٿئي ٿو جو هن جو چچ نامي ۾ ذڪر ڪونہ ٿو ملي. قديم دور جي عرب مورخن ويندي بلاذريءَ تائين هن شهر جو ڪنهن بہ بيان ڪونہ ڪيو آهي. محمود غزنوي يا سندس پٽن جي دور وارن مورخن جهڙوڪ الاعتبي، ابوريحان، بيهقي ۽ گرديزي جون تاريخون بہ هن شهر جي ذڪر کان خالي ملنديون. منهنجو وشواس آهي تہ هنن سندس ذڪر ضرور ڪيو آهي، پر پاتيہ جي نالي سان .(چچ نامي هن کي رمل جو ملڪ چيو آهي.). شايد ان ڪري "اُچ" جو نالو وني ذڪر ڪونہ ڪيو ويو آهي.

ڪانئن پوءِ وري طبقات ناصري جو مصنف اچي ٿو. صفحي ۴۴۹ تي فقط هن ريت لکيل آهي:" ملتان کي ڪرمتي ملحدن کان نجات

ڏياري.“ پر اتي اسان کي ”اُچ“ جو ذڪر ڪونہ ٿو ملي. هڪدم وري صفحي ۴۵۱ تي اسان کي هي بيان ڏسڻ ۾ ايندو، سلطان معزالدين سام غوري ملتان ۽ اچ رستي نهر والا تي حملو ڪيو.“ هن جي فتحن جو ذڪر ڪندي صفحي ۴۹۱ تي بيان ڪري ٿو تہ،” هن ملتان ۽ اچ جي قرامطہ تي سوڀون حاصل ڪيون.“ پر هتي ڀاٽيہ جو ذڪر ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. توڙي جو ڀٽي قبيلي جي قلعي جو بيان چٽيءَ ريت نظر ايندو. طبقات ناصري جو مصنف اچ کان گهڻي ڀاڱي واقف هو، ڇاڪاڻ تہ ناصرالدين جي ملازمت دوران هو اتي گهڻو رهيو هو، ۽ ٦٢۴ هہ ۾ فيروزي مدرسيءَ جو مهتمم بہ رهيو . سلطان علاوالدين بهرام جي دور ۾ هتي قاضي بہ ٿي رهيو. اڄرج جي اها ڳالهہ آهي تہ هن ڀاٽيہ جو ٿورو بہ ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. ٻين مورخن جو بيان آهي تہ سلطان ملتان کي قرامطہ کان نجات ڏياري ان علائقي کي پنهنجي حڪمرانيءَ ۾ شامل ڪيو. بعد ۾ ڀاٽيہ جي قلعي تي حملو ڪيو، (ڀاٽيا ڀٽيءَ جي جمع آهي.) جيڪو اچ جي قلعي اندر هو . فتح کان پوءِ هيءُ علائقو علي ڪرماخ جي حوالي ڪيائين. هن مان اها حقيقت معلوم ٿي تہ اهي مصنف جن جا ترجما ٿي چڪا آهن. مثال طور جيئن عتبيءَ آهي، جيڪو ايئن ذڪر ڪونہ ٿو ڪري تہ ڀاٽيا نالي هڪ قلعو يا علائقو هو ، پر هن کي ڀاٽيا جو مرڪز Sbrig hall ٻڌائي ٿو. جنهن جو ڀٽي قبيلي سان واسطو هو. اچ جو قلعو بہ سندن قبضي هيٺ هو. ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو تہ هن قبيلي تڏهن هن علائقي تي قبضو ڪيو، جڏهن عباسي خلافت جي طاقت ملتان ۽ سنڌ تان گهٽجي وئي هئي. البت پنهن جي ڳالهہ ۾ سچو آهي تہ” اچ ”ان زماني ۾ ڪنهن ٻئي نالي سان سڏجڻ ۾ ايندو هو. منهنجو خيال آهي تہ طبقات ناصري جي صفحي ۴۱۹ تي لکيل هيءُ جملو شايد بعد ۾ لکيو ويو آهي تہ ” هن لشڪر وٺي اچ ۽ ملتان تي حملو ڪيو. ۽ اتان جي ماڻهن کي قرامطہ کان نجات ڏياري.“ هن مان مصنف جي مراد ”ڀاٽيا جو مرڪز هوندي،“ جنهن جو هن نالو وٺي ذڪر ڪونہ ڪيو آهي.

سلطان محمود جي هن قلعي جي فتح جو احوال ڏيندي، سندس همعصر مورخ گرديزي جو بيان آهي تہ سلطان محمود سن ۳۹٦هہ (۱۰۰۵ع) ۾ ڀاٽيا جي قلعي تي حملو ڪيو. اتان جي حڪمران بجرا يا وجرا Bajra ڀاٽيہ، جنهن کي بهادريءَ ڪري بجرا سڏيو ويندو هو. (سنسڪرت ۾ هن لفظ جي معنيٰ گجگوڙ آهي) هن مسلمانن جي مقابلي واسطي پنهنجون فوجون گڏ ڪيون ۽ پاڻ گوشائتو ٿي هڪ جهنگل جي وٽ سان ويهي رهيو. سلطان جي لشڪر مان ڪجهہ ماڻهن سندس گهيرو ڪيو، اهو حال ڏسي هن پنهنجو خنجر پيٽ ۾ هڻي آپگهات ڪري ڇڏيو. وڏو قتل عام ٿيو. راجا جو سر سلطان جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو. هن جنگ ۾ بيشمار هاٿي، سلطان کي هٿ آيا. هن واقعي کان پوءِ سلطان ملتان جي قرامطہ تي حملو ڪري کين تباهہ ڪيو. جنهن جو هتي بيان ڪرڻ مناسب ڪونہ آهي. ڪنهن موزون جڳهہ تي ان جو ذڪر ڪيو ويندو. ابوريحان هن قبيلي جو گهٽ هنڌن تي ذڪر ڪيو آهي. ڇپيل نسخي ۾ هن ماڳ جو ”ڀاٽيہ يا ڀاٽي“ نالو لکيل آهي. انڊيڪس ۾ وري ٻہ مختلف ماڳ ڏيکاريا ويا آهن. اهو ٽڪرو ٽن ڳالهين کان سواءِ اليٽ (ص٦١)جي ڪيل ترجمي جهڙوآهي . مثال طور ”نرانا Narana“(اصلي نسخي ۾ نرايہ ، نرانہ ۽بزانہ لکيل آهي) کان پنجاهہ فرسنگن جي فاصلي تي ملتان آهي. اتان کان ڀاٽيہ پندرهن فرسنگ ۽ ڀاٽيءَ کان اروڙ ڏکڻ ـــ اوڀر جي ڏس تي پندرهن فرسنگ پري آهي. ۽ ڀاٽيءَ جو قلعو رود سنڌ جي ٻن شاخن جي وچ تي ٺهيل آهي. اروڙ جي نالي متعلق اسان کي ٿورو گمان ٿئي ٿو. اصلي نسخي ۾ اور، اودا ۽ اروڙ آهي. جيڪڏهن اهو اروڙ ڏانهن اشارو آهي تہ اهو ڀاٽي قلعي کان ڏکڻ ـ اولهہ طرف تي هجڻ گهرجي. رود سنڌ، پنهنجي پرتي ڪندڙ شاخن جي پاٽيءَ سميت بياس آهي. هن کي سنڌو درياهہ نہ سمجهيو وڃي. (ڏسو صفحي ۲۱ جو منڍ ۽ صفحو ۲۲۱ ۽ حاشيہ ۱٦۳)اقتباس۾ اليٽ ڀاٽي لفظ کي مختلف مفهوم ۾

پيش ڪيو آهي. ڏسو صفحو ٣٧، ٣٩، ٤٠، ٧٧ ۽ ٧٩. هن بيان مطابق پاتيہ جو قلعو ملتان ۽ اروڙ جي پوري وچ تي ڏيکاريو ويو آهي. جيڪڏهن اسان ملتان ۽ اروڙ جي فاصلي تيهن فرسنگن جو في فرسنگ اٺ ميل جي حساب سان ليکو ڪنداسين، تہ پنهي شهرن جي وچ تي نڪ جي سڌائيءَ ۾ فاصلو ٢٤٠ ميل وڃي بيهندو. ملتان کان اچ يا پاتيا جو قلعو پنجهتر ميل (ٻاويهن فرسنگن جي لڳ ڀڳ) آهي. اچ کان اروڙ هڪ سو سٺ ميل (ستيتاليهہ فرسنگ) پري آهي. جيڪڏهن اسان ابوريحان تي مڪمل اعتماد ڪريون، سندس بيان مطابق ”اچ“ کي پاتي يا پاتيہ جي نالي سان سڏڻ ڪجهہ غلط لڳي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هو چوي ٿو تہ پاتيہ جو قلعو ملتان ۽ اروڙ جي وچ پنڌ تي آهي. ۽ وچ تي موجود پنڌ کي ويچار ۾ ڪونہ ٿو آڻي. ان علائقي ۾ پتي واهڻ نالي هڪ قديم ڳوٺ آهي، جيڪو ملتان صوبي جي پنج ند کان ٻاهر واري علائقي جي محال جو صدر مقام هو، جيڪو اچ ۽ اروڙ جي وچ فاصلي تي موجود آهي. ٻيا مورخ هن متعلق ڇا ٿا لکن؟ اهو اڳتي هلي ڏسندا. پر تنهن هوندي بہ اسان کي اهو يقين ضرور ٿئي ٿو تہ اچ شريف کي پاتيہ جي نالي سان بہ سڏيو ويندو هو.

البيٽ، ”انڊين هسٽورين“ جي ٻن جلدن ۾ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ بحث ڪندو رهيو آهي، تہ هو مذڪوره پاتيا کي ڀيڙا Bhera نالي هڪ ماڳ سمجهي ٿو. جيڪو جهلم جي ڪناري سان واقع آهي. پر اهو مقام ٻهارا آهي. جيڪو ملتان کان هڪ سو ٻيانوي ميل اتر - اتر - اوڀر ڏس تي واقع آهي. هن ڪيترا اقتباس ترجمو ڪري پنهنجي ڪتاب ۾ حوالن طور ڏنا آهن، جن مطابق هن مقام جي جاءِ وقوع جي ڇنڊڇاڻ ريت خبر پئجي وڃي ٿي. پر اهي سڀ غلط فهميون ان ڪري پيدا ٿيون آهن، جو هي سمجهي ٿو تہ درياهن جا وهڪرا هڪ جاءِ تي جميل آهن. ۽ منجهن تبديلي ڪانہ اچي سگهندي آهي. ۽ سنڌوءَ جي اوڀر ڪناري وارو علائقو هميشہ کان ويران پئي رهندو آيو آهي. ڏسو جلد ٢ صفحو ٤٣٩.

جنهنجو مثال هيءُ آهي تہ سلطان محمود ۴۱۷ ع ۾ سومنات کان موٽندي منصوره کان لنگھڻ جو فيصلو ڪيو هو، ڇاڪاڻ تہ اتان جو حڪمران قرامطہ ملحد هو. جڏهن هن کي سلطان جي ويجھي اچڻ جي سٽس پئي تہ هو پنهن جي لشڪر سان گڏ منصوره جي ويجھو ڪجين جي گھاٽي جهنگل ۾ لڪي ويو. سلطان ڪجين جي هڪ جهنگ کي اچي گھيرو ڪيو، جنهن ۾ هو لڪو ويٺو هو. سندس پوئلڳن جو وڏو قتلعام ٿيو. ڪي درياه (هاڪڙو يا واهندا) اکرندي منجهس ٻڏي مري ويا.ءِ ڪي ٿورا پڄي جان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

ان کان پوءِ سلطان محمود، ملتان جي ويجھو سنڌو درياهہ پار ڪندي، ڀاٽيہ تي حملو ڪيو. انهن سرڪش ماڻهن کي ماري ميڄائڻ کان پوءِ وري ملتان پهتو. ۽ اتان کان غزنيءَ روانو ٿيو، جتي هو، صفر ۴۱۷ هہ (۱۱ مارچ ۱۰۲٦ع)تي پهتو هو. هن ٻبان مان هيءَ حقيقت واضح ٿئي ٿي تہ، ”جهلم تي واقع پيڙا “ ڀاٽيہ تي سگھي ٿو. جيڪڏهن ڪيس ”پيڙا“ ڏسڻ جي ايڏي هورا ڪورا لڳل آهي، تہ اهو گھربل ماڳ اروڙ کان پنج ميل اوپر واقع آهي.

ان کان ٻئي سال ڀاٽيءَ جي ويڙهاند ٿي هئي. اها جنگ سنڌو يا آب سنڌ ۽ رود ـ سنڌ جي سنگم واري ان جاءِ تي لڳي هئي، جنهن کي قديم عرب مورخن باسمد Basmid جي نالي سان سڏيو آهي، يا ان جي اوسي پاسي. امڪان اهو بہ آهي تہ اها جنگ پڪڙجي هيٺ بہ هلي وئي هجي. گرديزيءَ جو بيان آهي تہ سلطان محمود کي سومنات کان غزنيءَ ڏانهن ورندي ملتان ۽ ڀاٽيا وٽ سيحون درياهہ جي پاسي کان جتن طرفان گھڻي تڪليف پهتي هئي. (پراڻا مورخ پنج ند کي سيحون سڏيندا هئا. جيڪا ان دور ۾ موجود هئي). تنهن ڪري هن ڪين سخت سزا ڏيڻ جو پڪو پهہ ڪيو. ان ارادي سان هو ٻئي سال ۴۱۸هہ ۾ لشڪر وٺي غزنيءَ کان نڪتو. ملتان پهچي هن ۱۴۰۰ اهڙين ٻيڙين ناهڻ جو حڪم ڏنو، جن ۾ لوهہ جا ٽي تيز نوڪدار شهتير لڳل هئا.

اهي هڪ ڪمانيءَ ۾ پاسن ۾ اهڙيءَ ريت رکيل هئا، جو دشمن جي ٻيڙيءَ کي لڳڻ سان تباهه ڪري ٿي ڇڏيائون. هر هڪ ٻيڙيءَ ۾ ويهه جوان سوار هئا. ڪن تير ڪمان ۽ "نفط" ساڻ هئي. جڏهن جٽن کي اها خبر پئي ته هنن پنهنجو ڪٽنب ۽ قيمتي سامان ٻيٽن ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو، ۽ سلطان سان مهاڏي اٽڪائڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا، ۽ ڪيڏاري لاءِ اهڙيون ۴۰۰ پنهنجون ٻيڙيون تيار ڪيائون. ڪي چون ٿا ته اهي اٺ هزار هيون. ۽ هڪ ٻيڙيءَ ۾ هٿيار بند جوڌا جوان وهاريائون. اهڙيءَ ريت هنن سنبري ٿي، سلطان جي ٻيڙين تي هلان ڪئي. نتيجو اهو نڪتو جو سڀ ٻيڙيون لوهن شهتيرن ۽ نفط ڪري تباهه ٿي ٻڏي ويون. سيحون جي ڪناري سان، سلطان جا گهوڙيسوار، پيادا ۽ هاٿي بيٺل هئا. جيڪو به زندهه بچي ڪناري تي ٿي پهتو ته کيس پڪڙي قتل ڪري ٿي ڇڏيائون. ڪنارن سان به جيڪي سندن ٻيڙيون بيٺل هيون، تن تي به حملو ڪيو ويو. (اهي ضرور لهنواري طرف ويا هوندا ڇو ته حالتن مطابق اتر وڃڻ مشڪل هو.) سلطان جو لشڪر انهن ماڳن تي به پهتو، جتي سندن مال ملڪيت رکيل هو. غزنوي فوج اهو مال مڏي به هٿ ڪيو ۽ ڪيترا ماڻهو پڪڙي غلام بنايا ويا. هن وڏي سوڀ ماڻڻ کان پوءِ سلطان غزنيءَ ڏانهن موٽيو.

ان کان پوءِ جڏهن، سلطان مسعود جي زماني ۾ لاهور جي گورنر احمد نعل تگين بغاوت ڪئي هئي، ته سلطان جي هندو سپهه سالار تلڪ کيس شڪست ڏني هئي. احمد لاهور کي ڇڏي ملتان راهي ٿيو. سندس ارادو سنڌ جي منصوره تي قبضي ڪرڻ جو هو. منصوره ڏانهن ويندي تلڪ جي چوڻ تي اتان جي هندو قبيلن کيس ڏاڍو وائڙو ۽ پريشان ڪيو. هو ملتان کان ڀاٽيه ڏانهن روانو ٿيو. هن جي پهچڻ کان اڳي هندو راڻا ۽ راجوڙا به موجود هئا. ڀاٽيا جو حاڪم، احمد جي پيش قدميءَ کي روڪڻ ۾ سوڀارو ڪونه ٿيو. ڇاڪاڻ جو ساٿس ترڪن تي مشتمل ڪي سو فوجي جوان ساڻ هئا. هن کيس رود سنڌ و

هند کي پار ڪرڻ واسطي ٻيڙيون مهيا ڪري ڏنيون. پاتيه جو قلعو رود سنڌ جي ٻن شاخن جي وچ تي اڏيل هو. هو منصوره ڏانهن ويندي مذڪوره ماڳ جي اوسي پاسي مهراڻ ۾ ٻڏي مري ويو. ان ڪري اهو ممڪن ئي ڪونه آهي. جو پاتيا جو شهر ٻيڙا هجي، جيڪو جهلم درياهه جي ڪناري سان واقع هو.

ڪننگهام (اينشنٽ انڊيا صفحي ٢٥٦) پابيا کي پاتيا سمجهي ٿو. جهڙيءَ ريت ٻين مورخن سمجهيو آهي. ساڳي وقت هو ٺلٽيءَ کي به پاتيا سمجهي ٿو، جتان چام جوٽي درياهه پار ڪيو هو. ساڳيءَ ريت هو متيلا Matila يا ماٿيلي mathila کي به پاتيا سمجهي ٿو. سندس هن خيال کي ته اسان هڪدم رد ڪريون ٿا. چاڪاڻ ته چام ٺلٽيءَ وٽان اتان درياه پار ڪيو، جتان ڪانئس اڳ عرب سپهه سالار اڪريو هو. هيءَ ماڳ اروڙ کان هڪ سو ميل ڏکڻ - اولهه طرف ۾ ماٿيلا يا ماٿيلو کان سٺتيهه ميل اتر - اوڀر ڏس تي واقع آهي.

جيتريقدر سٺن ڳوٺن جو تعلق آهي، جيڪي قلعي جي ڀت سان موجود هئا ته انهن سٺن ڳوٺن جي مچلي کي هڪ صدي کن اڳ "اچ" جي نالي سان ئي سڏيو ويندو هو. ان حقيقت متعلق منهنجي گذارش هيءَ آهي ته ڪيترن مورخن جا چٽا پڌرا حوالا موجود آهن، جن جي معرفت سان، اسان هڪدم وچي ڪنهن نتيجي تي پهچنداسين.

ونسنٽ Vincent پنهنجي تصنيف "نيويگيشن آف اينشنٽ" ۾ "اوزي ڊراسيا" جي موضوع تي ڳالهائيندي لکي ٿو،" اها تعجب جي ڳالهه آهي ته ائرين Arrain انهن ماڻهن کي شعبن ۾ ورهائي ٿو، ۽ چوي ٿو ته هر هڪ ڳوٺ جو ڀريو مڙس الڳ هوندو هو. نوجوده دور جا مورخ هنن کي "اچ" جا ست جدا ڳوٺ چون ٿا. سندس هي بيان ٽيفنٿالر Teffethaler جي سند جي آڏار تي آهي: ڏسو ان جو جلد ١ صفحو ١١٨ ۾ ڊي - لا- راچيٽيDe-La- Rachette جو ڏنل نقشو.

ڪننگهام به هن سان اتفاق راءِ آهي، ۽ چوي ٿو ته،" اهو صحيح

سمجهيو وڃي ٿو تہ اوزي ڏراسيا جو نالو"اُچ" جي پراڻي شهر تان ورتو ويو آهي. پر ائرين ۽ استرئبو هن شهر کي چناب جي اولهندي پاسي ٻڌائين ٿا." ڏسندا حاشيہ جو پهريون فقرو.

سنڌ جي ارغونن مغل حڪمران مرزا شاهہ حسين ۹۳۱ھہ (۲۵ ـ ۱۵۲۴ع) ۾ ملتان جي لانگاهن تي حملو ڪيو هو. ان جنگ جي احوالن مان بہ اسان کي پتو پوندو تہ ان زماني ۾ بہ اچ جو هڪ نهايت سگهارو قلعو هوندو هو. تحفتہ الڪرام جي بيان مطابق هيءُ پهريائين سوراءِ جي قلعي وٽ پهتو، ان کي فتح ڪري، ڊاهي پٽ پڌر ڪري ڇڏيائين. ان کان سواءِ هڪ ٻيو قلعو بہ موجود هو. هن ان قلعي کي فتح ڪيو. لانگاهن طرفان اهو قلعو بلوچن جي نگرانيءَ هيٺ هو. قلعي فتح ٿيڻ کان پوءِ بلوچ مذڪوره قلعي مان نڪري اچ هليا آيا. هن کان پوءِ هو پيش قدمي ڪري مئو Mau قلعي وٽ پهتو، جنهن کي موهہ Mauh جي نالي سان بہ سڏيو ويندو هو. ۽ هن قلعي جي ويجهو هڪ ڍنڍ وٽ اچي منزل ڪئي. اتان هلي هو شيخن جي خانقاهن جي زيارت لاءِ آيو. ان زماني ۾ روح الله نالي هڪ قريشي سجاده نشين هو. بعد ۾ "بدرا" قبيلي جي ماڻهن وٽان گذري"اچ" پهتو. هن اچ کي فتح ڪري، ڊاهي تباهہ ڪري ڇڏيو. اتان جو ڪاٺ ٻيڙين ۾ ڪٽائي بکر اماڻيو. مير معصوم بکريءَ جو بيان آهي تہ سندس تاريخ وري زماني ۾ جيڪو بکر جو قلعو موجود هو، سو مرزا شاهہ حسين جو ٺهرايل هو.

ان کان پوءِ اچ جي شيخن ۽ دائود پوٽن ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي پئي، جيڪا هلندڙ صدي جي شروعاتي دور تائين هلندي آئي. جنهن ۾ مرزا جو تعمير ڪرايل قلعو تباهہ ٿي ويو. ڏسو منهنجو ڪتاب" نوٽس آن افغانستان" صفحو ٦٦٥.

اسان موٽي وري اچ جي موضوع تي اچون ٿا. جيڪو ساڳي نالي سان مختلف جاين تي موجود هو. اسان کي پورو يقين آهي تہ "اچ" جي نالي سان ٽئي ماڳ چناب جي اولاهين ڪنڌيءَ تي آباد هوندا هئا. ۽

چناب ان زماني ۾ بياس جي پرتي ڪندڙ شاخ هئي. ان ڪان پوءِ اها پنهنجو وهڪرو مٽائي، ملتان جي اوپر بدران اولهه ڪان وهڻ لڳي. هڪ اچ چناب جي اولاهين ڪنڌيءَ سان، ٻيو اچ سنڌو يا آب سنڌ جي الهندي ڪناري ۽ تيون جنهنکي "اُچ شريف" سڏيو ويندو آهي، سو قديم دور ڪان وني اچ سوڏو چناب جي اولهه پاسي آهي. جڏهن چناب پنهنجو رخ بدلايو ۽ ٻين درياهن سان گڏجي نئون پنج ند بنايو ته اچ شريف بست جلندر دوآبي ۾ اچي ويو. ستلج هاڪڙي کي ڇڏي نئين پنج ند واري وهڪري ۾ اچي ٻين درياهن سان ملي، تيستائين بست جلندر دو آبي ۾ رهندو آيو.ان ڪان پوءِ هي قديم شهر بيرون پنج ند يعني پنج ند واري علائقي ڪان ٻاهر اچي ويو. ۽ درياهه سندس اولهه پاسي ڪان وهڻ شروع ڪيو. ائرين ۽ استرئبو جي دور ڪان وني اچ تائين، امڪان اهو آهي ته، سيني درياهن سو ڪان وڌيڪ پنهنجا رخ بدلايا آهن. اڳتي هلي ڏسنداسون ته پڪ تي ويندي ته اسان اچ جنهن علائقي کي پنج آب سڏيون ٿا، ان ۾ ملتان ۽ اروڙ جي وچ واري علائقي ڪان وڌيڪ درياهي تبديليون آيون آهن. بهاولپور ڪان روجهاڻ تائين، وچ واري علاقي ۾ درياهه هيڏانهن هوڏانهن ڦريا آهن. ان ڪري امڪان اهو آهي، " جنهن شهر جو سڪندر بنياد رکيوهو" سو ته موجود ئي ڪونه رهيو هوندو، ان کي درياهه پائي ڪٽي ويا هوندا.

- هاڻي اسان کي اهو به ڏسڻو آهي-" آسل ڪندا" جي باري ۾ تاريخون ڇا ٿيون چون.

جڏهن چچ سنڌ جي حڪمرانيءَ جون واڳون سنڀاليون ته هو اروڙ ڪان نڪري پنهنجي ملڪ جي اترئين حد ڏانهن هليو ويو. هاڪڙي ۽ آب سنڌ جي وچ تي بابيا يا بابيه نالي هڪ قلعو موجود هو، جيڪو بياس جي ڏکڻ ڪناري تي واقع هو. (اليٽ هن کي يابيه ڪري لکيو آهي. ڏسو صفحو٢٠٢) ان ڪان پوءِ هن قلعي کي فتح ڪري چچپور جو نالو رکيو. جڏهن ڪيس خبر پئي ته دشمن پيچي وڃي اسل ڪنده Asal kandah

يا أسل كندا UsalKandah يا اسكندا AsKandah جي قلعي ۾ پناهہ ورتي آهي، تہ چچپور يا بابيہ قلعي جو انتظام رکي. بياس اکري وڃي اسل کندا يا اسکندا تي حملو کيائين. کنهن زماني ۾ اسکندا يا اسلکندا کي تلواڙو بہ سڏيو ويندو هو. هن قلعي جي فتح کان پوءِ ملتان پرسان سکہ ڏانهن پيش قدمي شروع کئي. جڏهن ملتان جي حکمران کي پتو پيو تہ چچ کاهيندو اچي بياس تي رسيو آهي، تہ هو پنهنجي فوج وٺي، ملتان جي سامهون اچي راوي درياهہ جي اوپر ڪناري وٽ پهتو. سکہ جو حکمران، جيکو سندس پائتيو هو، سو بہ سندس سهائتا لاءِ اچي پهتو. پوءِ ٻئي گڏجي اڳتي وڌڻ لڳا. تہ جيئن چچ جي درياهہ ٽپڻ وقت سندس مزاحمت ڪري سگهن. ان وقت چچ درياهہ تي هڪ پتڻ پرسان منزل ڪيو وينو هو. (ڏسو اليٽ جي "هسٽورين" جي جلد ١ صفحي ١٤٢ جو مسٽر ڊائوسن طرفان لکيل عجيب غريب حاشيہ) چچ پاٽيءَ جي لهڻ تائين اتي منزل ڪيو وينو رهيو ۽ پوءِ اڳتي وڌي، بياس ۽ راوي درياهن جي ٻيگهوءَ ۾ پهتو. هتان کان ڪجهہ پنڌ تي ٻئي درياهہ سنگم ڪري رهيا هئا. هن ماڳ وٽان اکري باري دو آبي پهچي منزل ڪيائين. بعد ۾ ٿورو مٿي وڃي اتان درياهہ اکريو، جتي ڪيس مزاحمت گهٽ ڏسڻ ۾ آئي، ۽ سکہ جي قلعي تي حملو ڪيائين.قلعي جي ٻاهران موجود لشڪر کي شڪست ڏنائين، جن پڇي وڃي قلعي ۾ پناهہ ورتي. ڪجهہ ڏينهن لاءِ هن قلعي کي گهيرو ڪيو. قلعي جي گورنر ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، قلعي مان ٻاهر نڪري پنهن جي چاچي ڏانهن ملتان هليو ويو. صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ چاچي ۽ پائتي لشڪر وٺي، چچ جي پار اکرڻ واسطي، چناب ۽ راوي درياهہ جي گڏيل وهڪري جي ڪناري وڃي ويٺا. چچ اڳتي وڌي ملتان جي حکمران کي ڪيترن ئي محاذن تي شڪستون ڏنيون. اهو حال ڏسي، هن پوئتي هٽي وڃي ملتان جي قلعي ۾ پناهہ ورتي. چچ بہ اڳتي سرڪي وڃي ملتان تي سخت گهيرو ڪيو. ان دور ۾ چناب،

راويءَ سان ملتان کان اتر ـ اوڀر پاسي سنگم ڪندي هئي. چچ نامي مطابق (جنهن جو مون مٿي به ذڪر ڪيو آهي ته مذڪوره تاريخ ۾ عربن جي باري ۾ ڪجهه تفصيل سان بيان ڏنل آهي.) عربن به اروڙ کان ملتان وڃڻ لاءِ چچ وارو ساڳيو رستو اختيار ڪيو هو. محمد بن قاسم اروڙ جا مامرا نبيري اتي گورنر مقرر ڪري، ملتان ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي. هلندو هلندو وڃي بابيه جي قلعي وٽ پهتو، جيڪو بياس جي ڏاکڻي يا ڪاہي ڪناري سان واقع هو. (نقشي ۾ هن ماڳ کي ”پبڙي والي“ لکيو ويو آهي. وڌيڪ تفصيل بياس درياهه واري بيان ۾ ڏسندا) مير معصوم بکريءَ جي بيان مطابق سندس زماني ۾ هن قلعي کي چچ پور جي نالي سان به سڏيو ويندو هو. بابيا جو قلعو تمام جهونو آهي. مهراڻ درياهه جي ڪناري جنگ کان پوءِ ۽ (جنهن ۾ راءِ ڏاهر ماريو ويو هو) جنهن ۾ راءِ ڏاهر جو سوٽ ڪڪشه پٽ چندر اچي پناهه ورتي هئي. عرب فوج جڏهن بابيا جي قلعي جي ويجهواڇي پهتي هئي ته هن ٻاهر نڪري سندن آڏ مڃي هئي. ۽ عرب سپهه سالار ڪيس پنهنجي اعتماد ۾ ورتو. بئي هنڌ وري اهو لکيل آهي ته هندو هيءَ قلعو خالي ڪيڏانهن ڀڄي هليا ويا.

هيءَ قلعو فتح ٿيڻ کان پوءِ هتي جا سياسي ۽ انتظامي مامرا نبيري اڳتي وڌڻ واسطي بياس اڪريو. هتي مان اوهان جو ڌيان هڪ حقيقت ڏانهن ڇڪائڻ چاهيان ٿو، ته محمد بن قاسم ڏاکڻي کان اترئين ڪنڌيءَ ڏانهن پار اڪريو هو. اڳتي وڃي اسڪندAskand ، علہ ڪند Alahkandah, اسڪندره Askandrah، اسلڪندهAslkandah ، اسڪندرهIskandrah جي قلعي وٽ منزل ڪيائين.

مختلف قلمي نسخن ۾ هن شهر جا نالا به مختلف آهن. اسان کي پڪ ڪانه آهي ته سندس نقطا ڪيئن هئا ۽ اچار ڇا هو. سندس مقابلي واسطي شهر مان ماڻهو نڪري اچي هن جي سامهون بيٺا.[٣] اهو امڪان ئي ڪونه آهي، جو هي شهر بياس جي ساڄي يا اترئين ڪناري تي هجي.

چاڪاڻ تہ اهو اجا پنهنجي پراڻي پيٽ مان وهي رهيو هو. ڇا اچ بہ درياهن جي نسبت سان انهن ماڳن وٽ هو،جيئن اليٽ ۽ ٻيا مورخ سمجهن ٿا. جيڪو موجوده ماڳن جي پيٽ ۾ اڃا بہ پنجيتاليهہ ميل اتر طرف هو. چچ نامي جو مولف ناصرالدين قباچہ جي دور سان واسطو رکي ٿو. هو هتان جو ڏيهي ماڻهو هو. ان زماني ۾ اچ هن ملڪ جي راڄڌاني هو. جيڪڏهن "اچ "جو قديم نالو اسڪنده يا اسلڪنده هجي ها تہ اِهو ممڪن ڪونہ هو، جو انجو ذڪر پنهنجي تاريخ ۾ نہ ڪري ها. مير معصوم بکريءَ جي تاريخ جي ٽن قلمي نسخن ۾ اسڪنده، اسڪندره ۽ اِسِڪندره لکيل آهي. هو لکي ٿو تہ "اچ" کي انهن نالن سان سڏيو ويندو هو. پنهنجي هن خيال کي هٿي ڏيڻ واسطي اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ هن کي ڪنهن زماني ۾ "تلوڙا" بہ ڪوٺيو ويندو هو.

هتان جي ماڻهن عربن جو مڙسيءَ سان مقابلو ڪيو. نيٺ هٿي وڃي قلعي ۾ پناهہ ورتائون. ۽ اندر ويهي قلعي جو ستن ڏينهن تائين بچاءُ ڪندا رهيا. قلعي اندر ڪابہ ڪاڌي خوراڪ جي شيءِ پهچي ڪانہ ٿي سگهي، تنهن ڪري ڏاڍو تنگ ٿي پيا. آخر ۾ ڪا واهہ نہ ڏسي، ملتان جي حڪمران جو ڀائٽيو، جنهن وڏي بهادريءَ سان عربن سان مهاڏو اٽڪايو هو، تنهن رات جي ڪنهن پهر ۾ اتان نڪري وڃي سڪہ جي قلعي ۾ پناهہ ورتي، جيڪو ان زماني ۾ راوي جي ڏاکڻين يا ڪاٻي ڪناري سان هڪ نهايت مضبوط قلعو هو. ان دور ۾ راوي ملتان جي اوير کان وهي هن کان ڏکڻ آهل ڪري اناويهہ ميل پري بياس سان وڃي ملندي هئي. تفصيل لاءِ اڳتي ڏسندا. جڏهن اتان جي ماڻهن ڏنو تہ علائقي جو گورنر ڪين ڇڏي هليو ويو آهي، تہ آڻ مڃڻ واسطي عرب سپهہ سالار ڏانهن پنهنجا ماڻهو موڪليائون. اتان جا فوج سان واسطو رکندڙ چار هزار ماڻهو قتل ڪيا ويا. ۽ سندن ڪٽنبن کي ٻانهون بنايو ويو. باقي ماڻهن کي آجو ڪيو ويو.

"اچ" نالي جو ذڪر چچ نامي نہ وري مجمل التواريخ تي ڪيو ويو

آهي، جيڪو ان دور ۾ هن نالي سان سڏيو ٿي ڪونہ ويندو هو. پنهي تاريخن ۾ اسڪنده، اسلڪنده، نالو ضرور موجود آهي ان زماني ۾ اهو ٿي هڪ مضبوط قلعو هو.

اليٽ هڪ جاءِ (ص٣٦٦) تي، هن خيال جو نظر اچي ٿو تہ "اسڪلند جو صوبو اروڙ کان اتر-اوڀرءِ پنج ند ۽ گهاري کان ڏکڻ - اوڀر واري علائقي تي مشتمل هو. اهو ايترو وسيع هو جيترو موجوده دور ۾ دائود پوٽن جو ملڪ آهي. موصوف هتي حقيقت جي بلڪل ويجهو اچي پهتو آهي. پر ڪيس اهو يقين آهي تہ تڏهن بہ درياهہ ايئن وهي رهيا هئا، جيئن هائي وهي رهيا آهن. اسڪنده يا اسڪلنده جي ماڳن متعلق ظاهر ظهور اهو لڪيل آهي تہ اهو قلعو بياس جي قديم وهڪري جي ڏاکڻين ڪنڌيءَ سان واقع هو. ۽ ملتان کان اناويهن ميلن جي دائري اندر موجود هو،

ڪننگهام جو خيال آهي تہ "راوي ۽ سڪہ ملتان جو پراڻو پيٽ" يا اصلي"سڪئہ ملتان" يا ملتان جي ماتحت سڪہ، "ماڙي سيتل" Ma-risital جي ويجهو هو. هيءُ ماڳ راوي درياهہ جي پراڻي وهڪري جي ڪناري سان ملتان کان اڍائي ميل ڪن پري اوڀر طرف آباد هو. سندس هن خيال کي ڪنان بہ پٺڀرائي ڪانہ ٿي ملي تہ اڳي راوي ملتان قلعي جي پٺين سان گهندي ڏئي وهندي هئي، ۽ سڪندر يونانيءَ ان شهر جي چوڌاري، جنهن کي اچ ملتان سڏجي ٿو، پيڙين وسيلي چڪر ڏنو هو. جيڪڏهن ملتان اها ساڳي جاءِ آهي، تہ سڪندر يوناني ان جي چوڌاري رڳو اڳئين صديءَ ۾ ئي چڪر ڪاٽي سگهي ها. اها حقيقت يوناني مورخن جي قلمبند ڪيل احوالن جي بلڪل خلاف آهي." لولي واهڻ نالي هڪ وهڪرو آهي، جيڪو ملتان جي پرسان وهندو آهي، اهو چناب جي وهڪري جي هڪ شاخ آهي. اچڻ وڃڻ واسطي متانئس هڪ پل ٺهيل آهي. اڳتي ايندڙ حوالي ۾ ذڪر ايندو تہ محمد بن قاسم قلعي کي فتح ڪرڻ واسطي هن وهڪري جو رخ شهر کان پري تبديل ڪري

ڇڏيو هو.

۱۹۳ـ هنکي باسمد جو درياھ سڏي نٿو سگھجي. جنھن جو ابن حوقل صفحي ۲۱٦ تي ذڪر ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو، ملتان کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي هيٺ ڏکڻ يا ڏکڻ ـ اوپر طرف هو. پر ان شرط سان تہ جنھن ڏانهن هو صاحب اشارو ڪري ٿو سو اهو درياھ آهي، جيڪو ملتان کان هيٺيان ۽ باسمد کان مٿان مهراڻ سان سنگم ڪندو هو. اهو پنهن جي پرتي ڪنڊڙ شاخن سميت بياس جو وهڪرو هو، جنھن کي رود_ سنڌ و هند سڏيو ويندو هو." تہ اها حقيقت اعتبار جوڳي ٿي سگھي ٿي.

۱۹۴ـ هتي اسان ڇچ نامي ۽ بلاذريءَ جي وچ ۾ اختلاف راءِ ڏسون ٿا. پر اسان کي هيءَ ڳالهہ نہ وسارڻ گھرجي تہ هن دور ۾ هنن ماڳن وٽان راوي ۽ بياس پاڻ ۾ پور وچوٽ تي وهندي، ويجهو ٿي پاڻ ۾ ملنديون هيون. ڇچ نامي جو مصنف اسان کي ٻڌائي ٿو تہ اسڪلنده يا الڪنده جي آڌ ميجڻ کان پوءِ محمد بن قاسم بياس پار ڪري سڪہ ملتان ڏانهن روانو ٿيو. راويءَ جي ڏاکڻينءَ ڪاهي ڪناري تي هڪ نهايت مضبوط قلعو هو. هتي بلاذري اسان کي ڪجهہ منجهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ۽ سڪہ کي اسڪلنده سان گڏائي وچڙائي ٿو ڇڏي ۽ هو چوي ٿو تہ "السڪہ جو شهر بياس جي ڪناري تي هو، جيڪو هاڻي تباھ ٿي ويو آهي." ڇچ نامي جو مصنف هتان جو ڏيهي ماڻهو هو. ڪيس هن علائقي جي چپي چپي جو پتو هو. ڇچ جي حملي ۾ جيڪي بہ بيان ڏنا اٿائين سي ڏاڍا ڇتا ٻڌرا آهن، ۽ سندس احوالن تي اکيون ٻوٽي اعتبار ڪرڻ گھرجي. سترهن ڏينهن جي سخت ويڙهاند کان پوءِ جنهن ۾ عربن جا برک فوجي لاڪڙي ۽ پيا بہ سو پندرهن فوجي جوان قتل ٿيا، هتان جو حڪمران راءِ ڏاهر جو سوٽ ڪورسيہ پٽ چندر نڪري ملتان هليو ويو. عرب سپهہ سالار بہ سندس ڪڍ ملتان هليو ويو. ملتان وارن ٻن مهينن تائين سخت مقابلو ڪيو. ذڪار ايترو پئجي ويو هو جو گڏھہ جي

منڊي ٻه پنج درهمن ۾ ڪانه ٿي ملي. عربن قلعي جي پرسان وڃي پير ڄمايا هئا. پر ڪين قلعي ۾ ڪات هڻڻ لاءِ ڪا مناسب جاءِ ڪانه ٿي ملي. ان خيال ۽ فڪر ۾ هئا جو وٽن هڪ ماڻهو اچي نڪتو ۽ جان جي امان جي شرط تي هن ڪين ٻڌايو ته قلعي جي اتر طرف هڪ اهڙي جاءِ آهي، جتان پاڻي قلعي اندر ويندو آهي. بلاذريءَ به هن حقيقت ڏانهن اشارو ڪيو آهي. البت صفحي ٢٠٥ تي لکي ٿو ته اهو درياهه هرگز نه هوندو. اهو هرگز جو لفظ ڏيکاري ٿو ته اهو لولي واهڻ Loli wahan جهڙو ڪو واهه هوندو، جيڪو موجوده دور تائين قلعي جي اتران وهندو رهيو آهي، جيڪو اڃا به موجود آهي ۽ هاڻي به قلعي جي اترئين پاسهينءَ ۽ عيدگاه جي وچ تي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. چاڙهه جي رت ۾ منجهس پاڻي وهي ايندو آهي. هن مان اسان کي واضح طور اهو پتو پوي ٿو ۽ نقشن ۾ به واضح آهي ته راوي ملتان کان ڪيترو پري وهندي هئي. موجوده دور ۾ راويءَ جو ملتان جي ويجهي ۾ ويجهو نقطو چوٽيهه ميل پري ۽ اتر ـ اتر ـ اوپر پاسي آهي.

پيو حوالو وري هن ريت آهي. پن ٽن ڏينهن جي عرصي اندر ڪات هڻي قلعي جي پيٽ پگهي وئي. قلعي ۾ اندر ڇهه هزار لشڪر موجود هو، تن جو قتل عام ڪيو ويو. سندن ڪٽنب کي ٻانهو بڻايو ويو. باقي ماڻهن کي امان ڏني وئي.

چچ نامي جي بيان مطابق هتان جيڪا دولت لڌي تنهن جو ذڪر به ڪيو ويو آهي. ڏسو صفحو ١٩٢ حاشيه ٩٧.

ملتان جي فتح کان پوءِ محمد بن قاسم هتي هڪ مسجد جوڙائي. دائودبن نصربن وليد عماني کي هتان جو گورنر مقرر ڪيو ويو. بعد ۾عبدالملڪ تميميءَ کي برهمايور يا برهماپور جي فتح واسطي روانو ڪيو. هاڻ شهر جهلم جي ڪناري سان واقع هو. ۽ ڪيس سوبور يا سوپور Supur به سڏيو ويندو هو. هڪ نسخي ۾ هن جو نالو سوبدر Subadar به لکيل آهي. هي شهر "شور ڪوٽ" تي ڪونه ٿو سگهي،

ڇاڪاڻ جو چناب جي ڪنڌيءَ سان واقع آهي. هڪ فوجي مهندار کي ملتان جي اوسي پاسي واري علائقي ۾ ٻئي کي اجتاد ۾ ڪرور يا ڪرود کي فتح ڪرڻ واسطي روانو ڪيو ويو. اهي نالا ڪجهه مشڪوڪ لڳن ٿا. امڪان آهي ته ڪرور بدران ڪهرور هجي. ان کان پوءِ چيو وڃي ٿو ته هن پنهنجا ڏهه هزار گهڙيسوار قنوج ڏانهن روانا ڪيا. ملتان ۾ سنڌ جي حوالي سان هن علائقي جو ذڪر گهٽو اچي ٿو. ۾ اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هي ملتان علائقي جي اوپر طرف هو. بيڪانير جو ڪجهه ڀاڱو به منجهس شامل هو. ڏسو ص ص ٢٠٧، ٢٠٨، ۽ ٢٢٣.

اوڏپور، (جنهن کي نقشي ۾ اڏيپور Odipoor به لکيو ويو آهي. ۽ اهو هاڪڙي تي موجود شهر الوانا Alwanah کان چوڏهن ميل ڏکڻ ڏس تي هو.) ۾ پهچي هن پنهنجو هڪ لاڪڙي اڏيپور جي راجا ڏانهن روانو ڪيو، جنهن جو نالو هرچندر جهتال Jhital هو. محمد بن قاسم هن علائقي ۾ سائس جنگ ڪرڻ لاءِ پهتو هو. سندس ارادو هو ته جيئن ان ڏس وارو ملڪ به مسلماني فتوحات ۾ شامل ڪري سگهجي. پر خلافت طرفان حڪم پهتو ته ڪيس ڪچي چمڙي ۾ بند ڪري دار الخلافه روانو ڪيو وڃي. هن موضوع تي آءٌ لکڻ ڪونه ٿو چاهيان. پر ان کان پوءِ سنڌ ۾ بد امني پکڙجي وئي. سندن هٿ مان ڪيترا علائقا به نڪري ويا، جن تي عرب گهٽي وقت تائين ضابطو رکي ڪونه سگهيا هئا.

چچنامي جو بيان آهي ته محمد بن قاسم جو قنوج جي راجا چندر جهتال تي حملي ڪرڻ جو ارادو هو. (قنوج جو هي شهر ڪالي ندي وارو نه آهي). ان ڏينهن تي خلافت طرفان ڪيس اهو پيغام پهتو هو. راءِ ڏاهر جي ٻن ڌيئرن جي تهمت مڙهڻ ڪري، مٿس اها سزا رکي وئي هئي. پر ٽاڊ "ائنالس آف مارواڙ" ۾ لکيو آهي، ته هن چتور تي حملو ڪيو هو. ڪيس تاريخي معلومات پنهنجي قسم جي هئي. پر اسان سمجهون ٿا ته ڪنهن راجپوت حملو ڪيو هو. هيءُ پنهنجي ڪتاب جي

جلد ١ صفحي ٢٣١ تي لکندي ٻڌائي ٿو، ” سن ٩٥هہ (٧١٣ع) ۾ خليفہ وليد جي فوجي مهندارَ قاسم سنڌ فتح ڪئي هئي.“ جيڪڏهن اهو سمجهجي تہ اهو قاسم هو جنهن چتور تي ڪاهيو ۽ ڪيس ٻاپا Bappa نالي هڪ راجپوت شڪست ڏني هئي، ۽ ڪيس چتور ۾ دفن ڪيو ويو هو. چتور جي هن قصي ۾ ديبل جي راجا ڏاهر کي بہ زنده ڪري آڻي بيهاري ٿو، جنهن کي وفات ڪئي ڪي سال گذري چڪا هئا.

اسان کي اهو ڏسي تعجب ڪونہ ٿو ٿئي تہ اهو ٻاپا Bappa ڪير هو، جنهن قاسم کي شڪست ڏني هئي. سنڌ جو فاتح سندس پٽ هو. هن پنهنجي پيءُ جي وفات کان ڪجهہ عرصو پوءِ سنڌ تي حملو ڪيو هو. ٽاڊ ”اينالس آف مارواڙ“ ۾ لکي ٿو تہ راجا ٻاپا اولهہ جي سيني بادشاهن کي شڪست ڏني هئي. انهن مفتوح حڪمرانن ۾، اصفهان، قنڌار، ڪشمير، عراق، ايران، توران، ۽ ڪافرستان جا حڪمران شامل هئا. انهن سيني جي ڌيئرن سان هن وهانو رچايا هئا. انهن سيني زالن مان ڪيس هڪ سو ايڪٽيهہ پٽ هئا. جن کي نوشيراNashera پٺاڻ سڏيو ويندو آهي.مان سمجهان ٿو تہ هن لاءِ ايترو لکڻ ڪافي آهي.

١٩٥- اچرج جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ نہ عرب.مورخن ۽ نہ وري انهن کان پوءِ اينڊڙ سياحن مان ڪنهن ديمريلا نالي شهر جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو اسان بعد ۾ ديبل يا ديول سان گڏ ذڪر ٻڌون ٿا.

جڏهن سلطان جلال الدين مينگ برني Mang barni خوارزم شاهہ پنج آب يا پنج ند کان ٿيندو سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ پهتو هو تہ سوستان بہ اڇاروساڻ يا سنڌستان يا سنڌوساڻ کي فتح ڪندو ديبل ۽ ريمريلا تي وڃي دنگو ڄمايو هئائين. هن علائقي جو حڪمران حبش Habash (هن مان ديبل جي سومري سردار ڏانهن اشارو آهي) هو. جڏهن هن ڏٺو تہ جلال الدين خوارزم شاهيءَ ويجهو پهتو آهي تہ

ٻيڙيءَ تي چڙهي ڪيڏانهن هليو ويو. اتان هن پنهنجي لشڪر جو ڪجهہ حصو نهر والا موڪليو، جتان ڪين گهڻو مال غنيمت هٿ آيو. هن پراڻي مندر جي جڳهہ تي هڪ جامع مسجد تعمير ڪرائي. ڏسو طبقات ناصري صفحو ٢٩۴ ۾ اڳتي ايندڙ حاشيہ .

ابن بطوطہ بہ دهليءَ رسڻ ڪان پهريندي سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ وڃي پهتو هو. هو لکي ٿوتہ "مان سنڌوءَ وسيلي لاهري شهر پهتس. (عام طرح لوهاراڻي ديبل سمجهيو ويندو آهي. پر حقيقت ۾ هيءُ هڪ ٻيو شهر هو) جيڪو هند جي سامونڊي ڪناري تي واقع آهي. پرسان سنڌو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. (مکيہ وهڪري جو سمنڊ ۾ ڇوڙ ديبل ڪان ڪجهہ پنڌ اوپر طرف ٿيندو هو). هتي هڪ وڏو بندر آهي، جتي فارس، يمن ۽ ٻين ملڪن جا ٻيڙا اچي ٻيهندا آهن . هن شهر ڪان ٿوري فاصلي تي ڪنهن پراڻي شهر جا ڪنڊر آهن. هن ماڳ تي پٿر پهڻ تيل ماڻهو ۽ جانور ڏسبا آهن. هتان جا ڏيهي ماڻهو ٻڌائيندا آهن، جن پنهنجي وڏڙن ڪان ٻڌو آهي تہ انهيءَ ماڳ تي ڪنهن زماني ۾ هڪ وڏو شهر آباد هو. اتان جا ماڻهو ڏاڍا ڪنور هئا. خدا تعالي ڪين، سندن جانورن ۽ اناج کي پٿر پهڻ بنائي ڇڏيو. هي ٧٢۴هہ (١٣٢٣ع) جو لکيل حوالو آهي.

ايئن ڏسجي ٿو تہ هي احوال ديمريلا شهر ڏانهن هڪ اشارو آهي. سلطان محمود تغلق جي زماني ٧۴۴هہ (۴۴-١٣۴٣ع) ڏاران اهو شهر ڪاٺياواڙ جي گوندل ڪان ٿتي ويندڙ رستي تي آباد هو، جيڪو سومرن سلطانن جي حڪمرانيءَ ۾ شامل هو.

طغي جڏهن بغاوت ڪري سنڌ پهتو هو تہ سلطان بہ گجرات ڪان سندس ڪڍ لڳو آيو هو. هن پڇي اچي ديمريلا ۾ پناه ورتي هئي. خلجي ترڪ گهراڻي جو ٻيو حڪمران علاوالدين خلجي سن ٦٩٥هہ (٩٦-١٢٩٥ع) ۾ دهليءَ جو حڪمران ٿيو . کيس مختلف علائقن کي فتح ڪري پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ جي صلاح ڏني وئي هئي

جنهن ۾ ملتان کان وٺي ديمريلا وارو علائقو به شامل هو. نٿي نالي ڪنهن شهر جو ذڪر ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو جنهن مان اهو معلوم ٿئي ته ان زماني ۾ نٿي جو بنياد اچا ڪونه پيو هو.

١٩٦ـ ڏسو صفحو ٢٢٣ تي حاشيه ١٦٨ جو منڍ.

١٩٧ـ ڏسو صفحو ١٩٥ ۾ حاشيه ١٠٢.

١٩٨ـ هشام جي معنيٰ "سخي" يا "ڏاتار" آهي، پر هشام جي ڪابه معنيٰ ڪانه آهي.

١٩٩ـ هن کي ٻين مورخن عمرو سلجي ڪري لکيو آهي. ڪيس عمر بن حفظ (١)Hifz جي جاءِ تي مقرر ڪيو. جنهن کي خليفه المنصور، ابو جعفر ان ڪري ١٤١هه ٥٩ـ ٧٥٨ع) ۾ معزول ڪيوجو هن سيد عبدالله پٽ ابراهيم پٽ حسن پٽ خليفه علي کي سر بچاءَ واسطي تحفظ فراهم ڪيو هو. عبدالله جڏهن سنڌ پهتو هو ته عمر پٽ حفظ سندس وڏو آڌرياءُ ڪيو هو. ۽ سندس نطريي سان متفق هو. سنڌ جا گهڻا مسلمان لاڪڙي هن نظريي جا قائل هئا. هنن عباسين سان لاڳاپيل ڪارو لباس لاهي ڦٽو ڪيو، ۽ اڇا ڪپڙا اوڍڻ لڳا. جيڪو ان دور ۾ شيعن جو رنگ هو. خطرو محسوس ڪندي سيد عبدالله پنهنجي هڪ دوست کي هندو راجا ڏانهن موڪلي ڇڏيو. جيڪو هڪ پروسي جوڳو ماڻهو هو. عمر کيس عباسي خليفي هٿان مرڻ کان بچائڻ پئي گهريو. عمر جنهن عزت ۽ آبروءَ سان سيد عبدالله سان پيش آيو ان جي سزا طور ڪيس سنڌ مان ڪڍي عريقه Arrikah ڏانهن بدلي ڪري ڇڏيو.

سنڌ جا سيد، تاريخ الفي تي اها دعويٰ ڪندا آهن ته اهي مذڪوره سيد عبدالله جي اولاد مان آهن. بعد ۾ سيد عبدالله کي عرب فوجين جي هڪ ٽولي، شڪار ڪندي ماري وڌو هو. ڪيس هڪ پٽ هو. جيڪو ان راجا جي حفاظت ۾ هو. هن راجا لاءِ چيو ويجي ٿو ته پر واري ملڪ سوراشتريه جو حڪمران هو. ۽ گهڻو ڪري بلڀي Balbhi گهراڻي سان واسطو هوس.

٢٠٠ـ اهو ممڪن ئي ڪونه آهي جو ٻيڙين رستي ڪابل ۾ موجود

قنڌار تائين پهچي سگهجي. باقي جيڪڏهن انهن پيڙين کي اڏند ڪٺولين Baloous سان پڌو وڃي ته پوءِ پهچڻ مشڪل ڪونه آهي. پر اتڪ ڪان مٿان موجود گندارا تائين سنڌ مان پيڙين وسيلي پهچڻ ممڪن آهي. جنهن ماڳ ڏانهن هتي اشارو ڏنو ويو آهي سو هاڪڙي درياهه جي ڪنڌيءَ سان واقع هو. جنهن جو صفحه ٢٠٧ تي اڳ ۾ ذڪر اچي ويوآهي.

هي سڀ ڪجهه ان ڪري ٿيو آهي جو هيءُ لفظ ڪنڌار Kandhar انهن ماڻهن لکيوآهي جيڪي هن لفظ جي اصلي معنيٰ کان واقف ڪونه آهن. اتڪ کان مٿان سنڌوءَ جي ڪناري سان موجود ڪنڌارا نالي هڪ علائقوهوندو هو. چنگيز خان ۽ امير تيمور گورگانيءَ جي دور ۾ ايراني سلطنت جي زابلستان جي صفا ڏکڻ -اوڀارئين حصي کي قنڌار چيو ويندو هو. يورپي پر خاص ڪري انگريز مورخن هنن ٻنهي جڳهين کي گڏائي وچڙائي ڇڏيو آهي. جهڙي ريت هنن گنجي ۽ غزني کي گڏائي منجهائي رکيو آهي. گهڻا سمجهندا آهن ته اهي ٻئي نالا هڪ شهر جا آهن. جنهن جو چٽو مثال ريو، ڪئنن رالن سن Rev.Canon Rawlin Son جو" هيرودوٽس"جو صفحو ١٧٥آهي، جنهن ۾ بلاذري ۽ مسعودي جا حوالا ڏنا ويا آهن. اتي اسان کي "سنڌو - گنڌارا"۽ " ڪابول - گنڌارا" ۽ موجوده دور جو قنڌار نظر ايندو. جيڪو هڪ صوبي ۽ ان جي راجڌانيءَ جو نالو آهي. سنڌيءَ ۾ ڪنڌار کي "ڪنڌاره" ڪري لکيو ويندو آهي. (سنڌي ڪنڌارو) ڪانياواڙ ۾ "ڪندهاره"يا "ڪنڌاهر"لکيو ويو آهي. سنڌوءَ جي ڪناري سان موجود علائقي کي "گندهارا"۽ اڄوڪي ايران ۽ هاڻي افغانستان ۾ موجود صوبي (جنهن کي قديم زماني ۾ باليوس يا واليوس سڏيو ويندو هو) کي قنڌار (قندهار) لکيو ويندو آهي. اهي سيئي مختلف ٺاڪ آهن. اهڙيءَ ريت سنڌ جي هندو لوهاڻن کي افغانستان جي نوح قريءَ مان سمجهندا آهن. ٻيا به ڪيترا ماڳ آهن جن کي قنڌار جي

نالي سان سڏيو ويندو آهي. ڏسو صفحي ١٩٦ تي حاشيه ١٠٥ ۽ صفحي ٢٠٧ تي حاشيه ١١٤.

٢٠١- سڪر Sikr عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ "بند" آهي. پر Sakr جي معنيٰ بند نه آهي. ميدن جي قلعي تائين رسڻ واسطي ٿي سگهي ٿو ته عربن هڪ بند بنايو هجي.

٢٠٢ - اهو ڪاٺياواڙ جي موربي Morbe علائقي ۾ آهي. جنهن ۾ واگهڙ، موربي، ۽ اڏوئي جا محال آهن.

٢٠٣- ڏسو صفحو ٢١٦ حاشيه ١٤٥ ۽ صفحو ٢٢١ ۽ حاشيه ١٦٣.

٢٠٤- هتي سان اهو ذڪر ڪرڻ لازمي سمجهان ٿو ته خليفه سن ٢٥٧هه (٨٧٠ع) ۾ سنڌ ۽ ڪي ٻيا علائقا سجستان Sigzstan جي يعقوب پٽ سفاري کي ڏنا هئا. ۽ سلطان محمود غزنوي منصوره تي سن ٤١٧هه (٢٧- ١٠٢٦ع) ۾ حملو ڪيو هو. اهو ساڳيو سال سومنات تي حملي جو به آهي. هن اتان موٽندي منصوره جي قرامطه حڪمران کي اچي بي دخل ڪيو هو. ڏسو صفحو ٢٤٤ ۽ حاشيه ١٩٢.

٢٠٥- اهو بيان هن ريت آهي، " ملتان ۽ اچ دهلي جي ماتحت آهن، ۽ دهليءَ جي سلطان جو پٽ اتان جو گورنر آهي." جڏهن ابو ريحان سن ٤٢٨- ٤٣٠هه (١٠٢٠- ١٠٣٠ع) پنهنجي تاريخ لکي هئي ته ان زماني ۾ ڪوبه حڪمران دهليءَ سلطان ڪونه هو، ۽ نه ئي وري ان کان ٻه سو سال پوءِ به ڪو حڪمران دهليءَ جو سلطان هو. پهريون سلطان قطب الدين ايبڪ هو، جيڪو ٦٠٥هه (٩-١٢٠٨ع) ۾ دهليءَ جو حڪمران ٿيو. مذڪوره علائقن جو محمد جنهن کي خان شهيد سڏيو ويجي ٿو، تنهن کان اڳ ۾ ڪنهن سلطان جو پٽ گورنر ڪونه هو، ۽ محمد دهليءَ جي سلطان غياث الدين بلبن البري ترڪ جو پٽ هو. رشيد الدين، متن ۾ ڏنل تاريخ کان ٻارهن سال پوءِ سن ٧١٠هه (١٣١٠ع) ۾ پنهنجي تصنيف لکي پوري ڪئي هئي.

٢٠٦- ڏسو صفحو ٢٢٠. آئين اڪبريءَ جو اصلي نسخو جيڪو منهن

جي نظر مان گذريو آهي، تنهن ۾ ”شتلج“ لکيل آهي. پر بلاچ مين Blachmann جي ڇپيل نسخي ۾ ”شتدر“لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڏسندا ندين جي بيان ۾ موئرMuir جي ”سنسکرت واري نسخي“ جو ڇنڊ اقتباس.

٢٠٧ـ ضياءُ الدين برني جي بيان مطابق، ملڪ نصرت الدين، خان سنقر شيرخان، ڀٽينرBhatnir ۾ هڪ اوچو قبو جوڙايو هو. ان کان سواءِ هن ڀٽينر ۾ ڀٽندا جو قلعو بہ جوڙايو هو. هو، دهليءَ جي ڀر واري علائقي جو ڪيترو وقت گورنر رهيوسو پتو ڪونہ آهي، چاڪاڻ تہ غدار ملڪ عزالدين ڪشلو کان ڪافر مغلن جي گورنر جي حيثيت ۾ ملتان ،اچ ۽ سنڌ جي ڪجهہ علائقي تي قابض هو.

ملڪ شير خان ڀروسي جوڳو ماڻهو هو. سندس گهڻي عزت ۽ احترام ڪيو ويندو هو. چاڪاڻ تہ ڪيس مغل ياجوجن ۽ ماجوجن Ga-gand Magog واسطي چڻ چين جي ڀت سمجهيو ويندو هو، جن کي هن مقابلا ڪري پوئتي هٽائي ڇڏيو هو. هن جاٽن، کوکرن (گهکرن)، ڀٽي، مينيا، ۽ مينڊارقبيلن کي مطيع ڪيو هو، جيڪي ارڏايون ۽ ڌاڙا ڦريون ڪندا وتندا هئا. هن سلطان غياث الدين بلبن جي شروعات واري دور ۾ وفات ڪئي. سلطان سندس ويجهو مائٽ هو. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ سلطان هن کي زهر ڏئي ماريو هو، جنهنجو ظاهر سبب ڪونہ ٿو ڏسجي. تاريخ فيروز شاهيءَ جي مولف جو چوڻ آهي تہ هن ڀٽينر ۾ وفات ڪئي. وڌيڪ تقيل ڏسندا طبقات ناصري جو منهنجو ڪيل ترجموصفحو ٧٩١.

٢٠٨ـ ڪن مورخن هن کي تيورآقا بہ سڏيو آهي. ۽ اهو هن جو صحيح نالو آهي. نرئن يا ندين جو لفظ سندس عهدي جي علامت آهي.

٢٠٩ـ مغلن حملي آورن سان ٻي جنگ، سلطان جلال الدينؒ خلجيءَ جي زماني ۾ سن ٦٩١هہ (١٢٩٢ع) ۾ ۽ بررام Bra-ram جي ڀر پاسي ۽ درياهہ جي ڪناري کي لڳي هئي. ڪوشش جي باوجود مان هن

ماڳ کي ٻگولي لهڻ ۾ سوپارو ڪونہ ٿيو آهيان. آئين اڪبري جي ڇپيل نسخي (جنهن ۾ ماڳن جا نالا غلط لکيل آهن) ۾ هيءُ لفظ بگرام Ba-gram لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن لفظ جو اشارو پشاور ڏانهن آهي. اڳي پشاور کي بگرام جي نالي سان سڏيو ويندو هو. پر منهن جي گذارش هيءَ آهي جنهن علائقي جو ذڪر آهي سو پشاور وارو علائقو ڪونہ آهي. بر رام جو هيءُ ماڳ هندستان ۾ هو، ۽ مغل هندستان جي علائقي ۾ اندر گهڙي آيا هئا. پشاور وارو بگرام هندستان ۾ ڪونہ آهي.

٢١٠- هن لفظ جي هِجي جاوان مانجور Jawan Manjur، جاران مانجور ۽ جران مانجهور جي مختلف نمونن ۾ لکيل آهي. اليٽ هن کي جلندر ڪري لکيو آهي. ڏسو جلد ٢ صفحو ١٦٢ءِ حاشيہ ٢.

٢١١- ڏسو طبقات ناصريءَ جو صفحو ٦٧٧، حاشيہ ٥. "سڌارا" وزير آباد کان چار ميل پري اوپر - اتر - اوپر پاسي تي آهي. نقشي ۾ هن کي "سوهدر" Sohdurah ڪري لکيو ويو آهي. ڪنهن زماني ۾ چناب هنجي اتر پاسي کان ويجهو لگهندي هئي. هاڻي هن کان چار ميل پري وهندي آهي. سڌارا هڪ قديم ماڳ آهي. اڳئين صديءَ ۾ هتي هڪ نهايت اوچو مندر ڏسڻ ۾ ايندو هو، جيڪو چناب جي ڪناري تي واقع هو.

٢١٢- غياث الدين تغلق جي دهليءَ جي تخت تي ويهڻ کان اڳ، مختلف ڌرين جي وچ ۾ تاج وتخت واسطي گهٽيئي جنگيون جهيڙا ٿيا. تخت تي ويهڻ کان اڳ ۾ سلطان غياث الدين جو نالو غازي ملڪ هو، ۽ ديبال پور جي علائقي جو جاگيردار هو. حالتن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ديبالپور ۽ سرستيءَ يا سيرسا Sirsa جي وچ تي پاٽيءَ جي اٿاٿ ڪانہ هئي. هڪ پيري جو واقعو آهي تہ هي ديبال پور ۾ موجود هوجو ڪيس پتو پيو تہ سندس دشمن سرستيءَ جي پاسي کان اڳتي وڌي رهيو آهي. هن ديبالپور مان نڪري، "ڊبهلي" Dabhali جي هڪ ڳوٺ وٽان لنگهي وڃي دشمن سان مقابلو ڪيو ۽ سندس پٺئين پاسي درياهہ

موجود هو. ان درياهہ جو نالو ڏنل ڪونہ آهي. پر مذڪوره علائقو ديپالپور ۽ سرستي جي وچ تي ۽ ابو هار ڪان سٺيهہ ميل اولهہ ۽ ستلج جي پراڻي وهڪري جي اوڀارين شاخ تي هو، جنهن نقشي ۾ نئہ وال Naiwal يا Nyewall بہ لکيو ويو آهي. تفصيل لاءِ ستلج تي لکيل بيان ڏسندا.

اليٽ جي ”انڊين هسٽورين“ جلد ۳ ۾ ابن بطوطہ جي فرينچ ترجمي مان اقتباس ڏنا ويا آهن، جنهن مطابق سلطان محمد شاهہ پٽ تغلق شاهہ جي دور ۾، ڪشلو خان هن خلاف بغاوت جو جهنڊو جهولايو. ڏن ڏئي ياڙيتو فوجي ڀرتي ڪيا، ۽ پنهنجا قاصد ترڪن، افغانستان ۽ خراسان ڏانهن بہ روانا ڪيا. اهي بہ جنگ ڪرڻ واسطي ججهي انگ ۾ اچي شريڪ ٿيا. سندس فوج سلطان جي لشڪر جيتري هئي، پر اجا بہ ان ڪانُ وڌيڪ نظر پئي آئي. سلطان اهو حال ڏسي، سندس مقابلي لاءِ پاڻ لشڪر جي مهنداري ڪئي. ٻئي ڌريون ملتان ڪان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي، ابوهار جي ويران علائقي Desert ۾ اچي سامهون ٿيون. هتي ويران علائقي مان مراد واريءَ سو پٽ آهي. جنهن ڏانهن ڪتاب جي ٻئي فقري ۾ اشارو ڪيو ويو آهي.

ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو تہ ابن بطوطہ جي اصلي نسخي ۾ گهڻي گڙ ٻڙ آهي، جنهن تان ليز Lees ۽ ٻين ترجمو ڪيو آهي. جن مطابق هو ملتان ڪان هلي ابوهار پهچي ٿو. ۽ هتان چار ڏينهن پنڌ ڪري اجوڌن پهچي ٿو.معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ سياح جي احوالن کي ڪجهہ ابتو ڪيو ويو آهي. حقيقت اها آهي تہ هو ملتان ڪان ٻهريائين اجوڌن پهتو ۽ اتان ڪان چئن ڏينهن جو پنڌ هٽي، ابو هار رسيو هو. هو ٻڌائي ٿو تہ هن اجوڌن ۾ هڪ مسلمان بزرگ جي مزار جي زيارت ڪئي. جنهن جي وفات ڪان پوءِ سندس مقبرو عام ۽ خاص ماڻهن لاءِ زيارت جو ٿان بڻجي ويو هو. پنج صدين گزرڻ ڪان پوءِ بہ سندس عقيدتمندن ۾ ڪمي ڪانہ آئي آهي. هن بزرگ جو نالو شيخ فريد الحق و دين شڪر گنج ولد جلال

الدين سليمان آهي. سندس مقبري تي سلطان فيروز شاهہ ۽ امير تيمور بہ اچي فاتحون پڙهيون، جن جو احوال اڳتي ايندو. هن بزرگ جي نالي اجوڌن شهر کي پاڪ پٽڻ ٿالي سان سڏيو ويندو آهي. ڪيترا ماڻهو هن کي درياهي پٽڻ سمجهندا آهن پر ايئن ڪونہ آهي.

٢١٣ - هن جي باري ۾ حاشيہ اڳتي ڏسندا.

٢١٤- اهو ڇاجي ڪري ايئن چوي ٿو، تنهن جو سبب اهو آهي تہ هن زماني ۾ ملتان جو صوبو ستلج درياهہ تائين پکڙيل هو ۽ مذڪوره درياهہ ابو هار واري پراڻي پيٽ مان وهندو هو. ۽ هاڪڙي يا واهندا جي پرتي ڪندڙ شاخ هو.

٢١٥- هن لفظ جي لکت اُبوهار ۽ ابُوهار ٻنهي نمونن ۾ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اصلي نسخي ۾بہ ايئن آهي. هن شهر جو بنياد ڀٽي راجا راسلو Rassalu جي پوٽي جانرا Janra پنهنجي زال ابوهہ جي نالي پٺيان رکيو هو. تنهن ڪري سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ ابو هار Ubohrr تي ان جو صحيح نالو آهي. لفظ جي هار har واري ڀڃاڙي اسان ٻين بہ ڪيترن شهرن جي نالي جي پٺيان ڏسون ٿا. جيڪي خاص طور ڀٽين جا اڏيل درياهن جي ڪنارن سان آباد آهن، ۽ هئا.

٢١٦- اهو جابلو علائقو توهشام Tohsham جي ويجهو ڏکڻ ۽ هانسي کان بہ ڏکڻ طرف آهي. مذڪوره ايراضي ان علائقي جي ڏاکڻين پاڱي ۾ آهي.

٢١٧- اهو وارياسو علائقو ستلج جي ابوهار واري نئين وهڪري ۽ اڳئين ڇڏيل پراڻي پٽ جي وچ تي هو. وچ وارو اهو سجو علائقو درياهي واريءَ ۽ لٽ سان پريو پيو آهي.

٢١٨- ”حصار علائقي جو گزيٽيئر آهي، جيڪو پنجاب حڪومت ٨۴-١٨٨٣ع ۾ ڇپايو هو.“ ان ۽ ٻين گزيٽيئرن ۾ ڪلڻ جهڙي تاريخ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. گزيٽيئر جي مرتب ”سر ايچ. اليٽ جي هسٽورين“ يعني اليٽ جي مورخن مان هڪ مورخ شمس سراج جو حوالو ڏنو آهي،

جنهن ۾ موصوف مرتب ڪيس ايران جي شهر شيراز جو رهاڪو سڏيو آهي. پنجاب جي حڪومت وٽ شايد اهڙو ڪو ماڻهو ڪونہ هو، جو گزيٽيئر جي تاريخ واري حصي کي غلطين کان پاڪ ڪري سگهي ها.

وري ٻئي هنڌ هن ريت لکي ٿو،" اسان کي شهنشاهہ علاوالدين غوري بابت گهڻو ڪجهہ ٻڌايو ويو ٿو." مون کي ٿوري گذارش ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي تہ علاوالدين غوري نالي اهڙو ڪوبہ بادشاه موجودڪونہ آهي، جنهن هندستان يا پنجاب تي حڪمراني ڪئي هجي، سلطان معزالدين محمد ولد سام، شنسباني غوري Shansbani Ghurii پنهن جي نوجواني واري دور ۾ غزنيءَ جي تخت تي ويهڻ شهنشاهہ ٿيڻ کان اڳ شهاب الدين غوريءَ جو لقب اختيار ڪيو. هن هندستان تي حملا ڪري فتحون بہ حاصل ڪيون ۽ دهليءَ ۾ مسلمان حڪمرانن جو بنياد رکيو. پر گزيٽيئر ۾ سندس هڪ پيرو بہ نالو ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو . هڪ ٻيو مثال بہ ٻڌندا هلو. جاٽ قبيلي جو راجپوت هڙي مان هجڻ جي دعويٰ جو ثبوت ڏيندي، ڪين سيالڪوٽ جي راجا سالواهن Salvahan جي پوٽي مانس جي نسل مان هجڻ جو دليل پيش ڪندي، گزيٽيئر جو مرتب فرمائي ٿو تہ سالواهن ۽ مڪي جي مسلمانن جي وچ ۾ ٩٠هہ ۾ جنگ لڳي هئي. مان سمجهان ٿو تہ اها حقيقت ڪجهہ مشڪوڪ آهي.

اهڙو حساب لڳائڻ منهنجي لاءِ ڪنهن فڪر جي ڳالهہ ڪونہ آهي. سن ٩٠هہ اسلامي دور کان پنج سو ڇٽيهہ سال ۽ سندن پيغمبر جي ڄمڻ کان چار سو ٽيهتر سال اڳ ٻيهي ٿو.

٢١٩ـ سلطان غياث الدين تغلق شاهہ ٧٢٠ هہ ۾ دهليءَ جي تخت تي ويٺو.

٢٢٠ـ هن علائقي جي ڳوٺن کي ڪن مورخن جندل بہ سڏيو آهي. اهو لفظ هندي آهي، جنهن جي معنيٰ گول دائرو آهي. گول چئونرو، ٻيهي، پڪو يا گول تنبوءَ جي بہ منجهانئس معنيٰ نڪري ٿي. جندل مان

ڪنهن قلعي وغيره جو مطلب ڪونہ ٿو نڪري. جيئن اليٽ جي ”هسٽورين “ جي ايڊيٽر مسٽر ڊائوسن سمجهيو آهي. ڏسو جلد۳ صفحو۲۵۴. هيءُ هندي ٻوليءَ جو هڪ عام لفظ آهي.

۲۲۱ـ سلطان فيروزشاهہ تغلق، سلطان غياث الدين جو ڀائيٽو هو.

۲۲۲ـ ڏسو اڳتي اينڊڙ حاشيہ.

۲۲۳ـ هي ماڳ روينيو ڊويزن جي پنجن مان هڪ تعلقو آهي. پنجاب حڪومت حصار واري علائقي کي هاڻي مٿئين ريت ورهايو آهي.

پنجاب جي حصار ڊويزن جي مذڪوره جوڙ جڪ متعلق ۱۸۷۵ع ۾ هڪ رپورٽ بہ ڇپي آهي. ان جو تاريخي مواد آئين اڪبري تان ورتل آهي. رپورٽ جي مرتب ڪيٰ ايتري پڪ آهي جو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ” سلطان فيروز شاهہ کان اڳ ۾ مسلمانن جي دور حڪومت ۾ هتي ڪا اهميت لائق ڳالهہ ڪانہ ٿي آهي. ڏسو صفحو۲۷۴ حاشيہ ۲۳۹،جنهن ۾ اسان کي ان بيان جي تصديق ۾ يا ان جي خلاف حقيقتون ملي وڃن ٿيون، رپورٽ ۾ هڪ بيان آهي، سن ۱۳۷۲ع فيروز شاه حصار جي قلعي جي تعمير ڪئي ۽ شهر ٻڌائڻ جو بنياد رکيو. ۽ جمنا نديءَ مان هڪ واهہ کوٽائي هن شهر ۽ قلعي ڏانهن آندو. هن پڻ فتح آباد نالي هڪ ڳوٺ جو بہ بنياد رکيو. گهاگهري درياهہ مان هڪ ننڍڙو واهہ کوٽائي هن ڳوٺ جي لاءِ پاڻيءَ جو بندوبست ڪيائين، جيڪو اجا تائين هن ايراضيءَ کي پاڻي ڏيندو رهندو آهي. ساڳي رپورٽ ۾ هيءَ حقيقت بہ لکيل آهي تہ هن کي حبيليHabeli يا حصارعرف حبيلي بہ سڏيو ويندو آهي. هيءَ البت وڏي غلطي آهي. حصار جي معنيٰ يا عرف حويلي ڪانہ آهي. اسان کي ٻين هنڌن تي حويليءَ جا لفظ ملندا رهندا آهن. جيئن تہ ريواڙي يا حويلي Rewari be Haveli بدايون جاحويلي ۽ سوستان با حويلي. حصار با حويلي آئين اڪبري جيترو جهونو آهي. حويلي عربيءَ جو هڪ لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ گهر يا رهڻ جي جاءِ آهي. هتي اسان کي سرڪاري جڳهيون يا سرڪاري آفيس جو مطلب ڏيکاري ٿي. يعني

ڪنهن مڪيہ شهر ۾ سرڪاري رهائش گاهہ وغيره. حصار جي معنيٰ قلعو بہ آهي.

۲۲۴ـ هن سان گڏ سلطان فيروز شاهہ پنهنجي ٽن قلعن جو بہ بنياد رکيو. جن جا نالا بہ پنهنجي پٽن جي نالن پٺيان رکيا هئائين. جهڙوڪ ظفر آباد، رضا آباد، محمدپور. اهي ڳوٺ ساڳين نالن سان اڄاڻہ آهن. مذڪوره ڳوٺ گهاگهري درياهہ جي ڪناري فتح آباد کان اتر-اوڀر طرف لڳاتار بنايل آهن. چيو وڃي ٿو تہ جن ڳوٺن جو فيروز شاهہ بنياد رکايو هو، سي هاڻي تباهہ ٿي ويا آهن.

۲۲۵ ـ مونکي ويساهہ آهي تہ انهن مان هر هڪ جاءِ تي دهليءَ ۾ موجود فيروز شاهہ جي”لٺ“ Lath جيان ڳاڙهي پٿر جيان ٺلهہ ٺهيل هوندا هئا. جيڪي سندس حڪم سان ڊاهيا ويا هئا.

۲۲٦ـ مٿي بيان ڪيل رپورٽ اسان کي ٻڌائي ٿي تہ جڳهہ ۾ اندران هڪ ڏاڪڻ آهي، جيڪا مٿي جوڙيل ڪمرن ڏانهن وڃي آهي، ۽ ساڳي ريت زمين ۾ اندر ٺاهيل جاءِ جي ڪمرن ڏانهن هيٺ بہ ويندي آهي. سلطان فيروز شاهہ قلعي اندر هڪ جامع مسجد بہ جوڙائي هئي، جيڪا اڄا بہ موجود آهي. موجوده شهر جي ڏکڻ پاسي لٺ Lath نالي هڪ جڳهہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي جيڪا ڊڙن، پڪين سرن جي ٽوٽن ۽ ڪاشي جي سرن جي پرزن جي ڍيرن ۾ بيٺل آهي. مذڪوره جڳهہ بہ سلطان تعمير ڪرائي هئي. ان کان سواءِ هن شهر ۾ پراڻا مندر ۽ مقبرا بہ موجود آهن، جيڪي شاندار ماضيءَ جي ياد ڏياريندا رهندا آهن. اهي پراڻا ماڳ هڪ وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل آهن.

۲۲۷ـ فرشتہ کي بہ حوالي طور گهڻو ڪتب آندو ويو آهي. چاڪاڻ تہ ان جو ترجمو ٿيل آهي. مان ڊائوسن ۽ برجس کي ڇڏي، اصلي ڪتاب جو حوالو ڏيان ٿو. جيڪو چوي ٿو تہ،” سلطان فيروز شاهہ سن ۷٦۲هہ ۾ اِها ڳالهہ ٻڌي تہ هردو واري پرسان ٽڪريءَ مان ججهو پاڻي نڪري ستلج درياهہ ڏانهن وڃي ٿو، جنهن کي سرستي نالي سان سڏيو

ويندو هو. تڪري جي ٻئي پاسي پاڻيءَ جي هڪ نئن هئي. جنهن کي سليمہ Sallimah سڏيو ويندو هو. ڪيس صلاح ڏني وئي تہ جيڪڏهن پاڻيءَ جي ٻنهي وهڪرن جي وچ ۾ موجود تڪري کي ڪٽي وڃي تہ سرستي ۽ سليمہ نئن جو پاڻي پاڻ ۾ گڏجي گهٽو تي ويندو ۽ سبهرندSabrind ۽ منصور پور کان ٿيندو سنم جي علائقي تائين پهچي سگهي ٿو. جيڪو بنا ڪنهن گهاري جي سدائين وهندو رهندو. سلطان ان مشوري مطابق هڪ واهہ کوٽايو، جنهن کري سمرند ۽ سمانا جا علائقا هڪ ٻئي کان الڳ ٿي ويا.سلطان فيروز شاه اتي فيروز آباد جي نالي هڪ قلعو تعمير ڪرايو. حصار فيروزه هڪ جدا ماڳ آهي جيڪو فيروزآباد کان سٺ ميل ڏکڻ ـ اوڀر طرف آهي.

فرشتہ فقط مرتب رهيو آهي. سڀ ڪو سمجهي ٿو تہ هن ٻين تاريخن تان هوبهو ترجمو ڪيو آهي. ۽ اهو حاشيہ ٢٣٠ مان ئي معلوم ڪري وٺندا. تاريخ الفي ۽ طبقات ناصري جو هن اکر با اکر نقل ڪيو آهي. مذڪوره تاريخن ڪيس هندستان کان ٻاهر ٿيل واقعن تي معلومات فراهم ڪئي آهي.

٢٢٨ـ هو ٻڌ تر جو شڪار تي ويو تہ ڇا ڪرڻ گهرجي. اتان اتي پنهن جي تنبوءَ ۾ هليو آيو ۽ پنهنجي هم خيال دوستن کان سواءِ ڪنهن سان بہ ڪونہ ٿي مليو. هو ٻہ ڏينهن ڪاوڙ ۾ رهيو. ٽئين ڏينهن ٻاهر نڪتو ۽ ٻارهن قربانگاهہ ناهڻ جو حڪم ڪيائين. جيڪي شڪل صورت ۾ هم چورس هئا. انهن اڏوتن جو مقصد هو تہ جيئن اهي سندس جنگي مهم جو يادگار هجن. قلعو جنهن ۾ فوجي ڇانوڻي قائم هئي، ۽ اهي جايون جتي فوج رهندي هئي تن کي بہ وڏيڪ ويڪرو ڪرايو ويو. سندس مقصد هو تہ پويان نسل انهن اڏاوتن کي ياد ڪندا رهن. " ڪئنتس ڪرتس ". انهن قربانگاهن متعلق اڳتي پڙهندا.

١٢٩ـ بدايوني ٻڌائي ٿو تہ، " هفت اقليم " هنجي بيان سان متفق آهي تہ سلطان فيروز شاه ٧٥٦هہ (١٣٥٥ع) ۾ ديبال پور ويو هو. ۽ ستلج

مان انيتاليھہ ڪوھہ ڏگھو واھہ کوٽائي جھجھار Jhajhar طرف اندو هئائين. پاڻيءَ جو اهو وهڪرو اتان ٿيندو راسن Rasin وٽان لنگھي حصار فيروزه پهچندو هو. هن قلعي جو بنياد فيروز شاھہ پاڻ رکيوهو. محلات يا قلعي جي پرسان هڪ تلاءُ يا حوض ٺهرايو ويو هو. جيڪو هن واھہ جي آندل پاڻيءَ سان ڀريو ويندو هو. ٻيو واھہ ڪندرنمبر Kandar Nahr مان کوٽايو ويو هو، جيڪو سرستي قلعي وٽان گذري "بيري ڪڙا" Biri Karah کان ٿيندو، فيروز آباد پهچندو هو، جنهن جو بنياد فيروز شاھ رکيو هو.

اليٽ (جلد چوٿون صفحو٨) تاريخ مبارڪ شاهيءَ جو هڪ اقتباس ڏنو آهي. چوي ٿو تہ فرشتہ، هن مصنف جو تتبع ڪيو آهي. يا ايئن ڪٿي چئجي تہ هن سندس هوبهو نقل ڪيو آهي. هيءُ، مصنف کي سمجھڻ ۾ اسان جي هيڪاندي سهائتا ڪري ٿو. اهو اسان اڳتي هلي ڏسنداسون. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ،" برجس جي ترجمي مان ڏنل ٽڪري ۾ ڪوڙ ساريون غلطيون آهن. سو مان سمجھان ٿو تہ ليٿو گراف تي ڇپيل نسخي مان ورتل هيءُ ٽڪرو وڌيڪ صحيح آهي.سلطان ٧٥٦ھہ جي شعبان جي مهيني ۾ شڪار جي ارادي سان ديبال پور ويو. اتي پهچي هن ستلج درياھہ مان هڪ واھہ کوٽائي، "جهار تائين آندو، جيڪو انيتاليھہ ميل ڏگھو هو. سن ٧٥٧ھہ ۾ هن هڪ واھہ جمنا مان ٻہ کوٽايو، ماندِاُوِيMandawi (ماندون يا ماندَو صحيح آهي ۽ ٻيو نالو غلط آهي) ۽ سيرمور جي ٽڪرين وچان آڻي، منجهس ٻين ستن واهن جو پاڻي گڏائي سمورو پاڻي هانسيءَ ۾ آندو ويو، ۽ اتان کان پاڻيءَ جو اهو وهڪرو اباسين (راسين) تي پهتو، سلطان حصار فيروزه نالي هڪ قلعو جوڙايو. هن هڪ ٻيو بہ واھہ، خاگھر (اصلي نسخي ۾ گهاگهر آهي) بہ کوٽايو هو، جيڪو سرستيءَ قلعي کان ٿيندو سرڪتره Sarkhatrah درياھہ ۾ وڃي پوندو هو، جنهن جو پاڻي شهر جي ٻاهران ٺهيل هڪ تلاءَ ۾ پوندو هو." ان کان پوءِ ايڊيٽر پنهنجي طرفان (سرڪتره

درياه)جي جي لفظن جو واڌارو ڪيو آهي، جيڪو بلڪل غلط آهي.
اصلي نسخي تان ڪيل ترجمي ۾ ”پيري کيرا“ Pary Khera جيڪو
اسان جي سامهون رکيل نسخي ۾ لکيل ”هاربي کير“ Harbi Khir جي
ڪجهه ويجهو آهن. منهن جي خيال ۾ صحيح نالو هري - کيرا Hari
Khira آهي. اهي مختلف خيال مٿي بيان ڪيل لفظن جي باري ۾ آهن.
اوهان ڏسندا ته فرشته اسان جي مصنف جي ڪيترو نه ويجهو آهي.
اوهان کي اهو نظر ايندو ته”بيري کيرا“ کي غلطيءَ وچان ”سر کترا“
لکيو ويو آهي. ۽ ”ي“ جي بدران ”ت“ جو اکر لکيو ويو آهي.

٢٣١- ٻي تاريخ فيروز شاهي جو مصنف ضياءالدين چوي ٿو ته ”
مان هڪ موقعي تي پٽينر ۾ موجود هوس. سياري جي موسم هئي. ان
دور ۾ هڪ هنگامون برپا ٿي ويو. تلوونڊي جي ايراضي جي ڳوٺن قلعي
۾ اچي پناهه ورتي. اهو ان ڪري ٿيو هو جو گهوڙن ۽ ٻين جانورن جي
اچڻ ڪري ايتري ڌوڙ اڏاڻي هئي جو سج به ڍڪجي ويو، ۽ اونداهي
ڇانئجي وئي. ماڻهو، ماڻهوءَ کي ڏسي ۽ سڃاڻي ڪونه ٿي سگهيو.
ماڻهن ۽ جانورن جي هزاروين پٽي به قلعي اندر ماپي ڪانه ٿي سگهي.
مان اختيارالدين ماڏو، حجام جي ڪڙهه ۾ داخل ٿيس ته اتي به تيرهن
گهوڙا ڏٺم جن مان ڪن جي هڪ هزار ته ڪن جي ٻه هزار درهم
قيمت هئي. ۽ ٻيو مال ملڪيت ته ڳڻڻ کان مٿي هو.“ اهڙين حقيقتن مان
اهو معلوم ٿئي ٿو ته اتي پاڻيءَ جو ڏڪار ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته گهوڙن
۽ ٻين جانورن کي انسانن جيتري پاڻيءَ جي ضرورت پوندي آهي.

٢٣٢- هن لفظ جي هجي رڻ نه پر رڻ آهي. جڏهن ته رڻRin
جي معنيٰ جهنگ ۽ رڻ (١) جي معنيٰ ڇر يا ڏٻڻ وارو علائقو آهي.

تاريخ طاهريءَ جو بيان آهي ته اهڙي قسم جو رڻ سنڌ ۽ گجرات
ملڪ جي وچ تي به هوندو هو. ابو الفضل پنهنجي ڪتاب آئين اڪبريءَ
۾ لکي ٿو ته جهالاواڙا Jhalawarah ياJhalawad ۽ احمد آباد
سرڪار، پٽڻ يا (انهلواڙا) ۽ سورٺ (سوراشٽريه) جي وچ تي هڪ

وڏي ترائي هوندي هئي. جنهن جي لام نوي ڪوهه ۽ منڊو ان کان تيهه ڪوهه هوندو هو. هن علائقي کي ٻه ماڻهو رڻ جي نالي سان سڏيندا هئا.

جڏهن محمود ولد سبڪتگين سومنات تي حملي کان پوءِ منصوره ڏانهن موٽيو ته رهبرن کيس رستو ڀلائي وجي هِن رڻ ۾ روليو هو. بيهقي جي بيان مطابق سلطان جي هڪ شڪاريءَ ڪيترن قِسمن جا نانگ ماريا هئا. هڪ وڏي بلا به ماري هئائين. ان جي ڪل لاهي ماپي وئي ته ڏيگهه تيهه گز ۽ ويڪر چار گز هئي. جيڪو منهنجي هن ڳالهه تي اعتبار نه ڪري ته پاڻ پنهن جي اکين سان عزني قلعي ۾ رکيل ڪل وجي ڏسي ، جيڪا شامياني جيان تنگي پئي آهي. ڏسو صفحو ١٩٦ جو حاشيه ١٠٥.

اچرج جي ڳالهه اها آهي ته محمود غزنوي گرم علائقي جي هن مندر تي ڪاهه ڪئي. ۽ وڏيڪ تعجب جيّ ڳالهه اها به آهي ته هي ۽ سندس هيڏو سارو لشڪر بچي ڪيئن غزنيءَ پهتا. چاڪاڻ ته اسان ”تاريخ سورٺ“ نالي هڪ ڪتاب ڏسون ٿا جيڪو بمبئي ۽ لنڊن مان سن ١٨٨٢ع ۾ ڇپيو هو. هن ڪتاب جو موضوع سورٺ، هالار ۽ ڪاٺياواڙ رهيو آهي. سندس مولف جهوناڳڙهه جو رنڇودجي، امر جي ديوان ۽ ايڊيٽر مسٽر برجس - ايل - ايل - ڊي - آر - جي - ايس وغيره وغيره آهي، جيڪو هن کي ”نهايت معتبر ڏيهي تاريخ“ سمجهي ٿو. مان سمجهان ٿو ته مذڪوره تاريخ تصنيف هندو نقطهء نظر کان لکي وئي هوندي. ان ڪتاب جي صفحي ١١١ تي هن ريت لکيل آهي،” نفرتن جوڳي، سلطان محمود، غزنيءَ کان هلي گجرات تي مذهب جي مقدس جنگ ڪرڻ جي مقصد سان حملو ڪيو. هنّ سومنات مندر کي سنبت سال ١٠٧٨ (١٠٢١ع) ۾ ڊاهِي تباهه ڪري وطن وريو. سندس هن ڪڏي ڪم ڪري مهاراجا مانڊليڪا Mańdalika کي ڏاڍو تاءُ آهي. هيءُ راجا پنهنجي ڌرم جو رکوالو هو. هن، گجرات جي راجا ڀيم ديو

سان گڏجي سنڌس ڪڍ لڳي پيو.

اهي هرڻن ۽ گورخرن وانگر تيز ڊوڙيا،
ڪائي وڄ هئا، ڪو تند ۽ تيز طوفان هئا.

مسلمان هڪ جاءِ تي گهڻو ڪونه ترسيا، پر پڇندا هليا ويا. گهڻن ڪي هندن پنهنجي ڪنارن سان قتل ڪري ڇڏيو ۽ ڪن ڪي راجپوتن پنهنجي هٿيارن سان ڊاهي رکيو. جڏهن راجا جي پاڳن جو سڄ اپريو ته سلطان محمود وني ڪڙين تي زور رکيو، ۽ پڇي جان بچايائين. سنڌس لشڪر ۾ موجود مردن ۽ عورتن کي پڪڙيو ويو، جيڪي ترڪ، افغان ۽ مغل هيون.تي سگهي ٿو ته اهي ڪنواريون هجن." اها آهي هن جي "نهايت معتبر ڏيهي تاريخ" اچرج جي اها ڳالهہ آهي ته هندن جي ان بهادر راجا، محمود غزنويءَ کي سومنات فتح ڪرڻ کان اڳ ڇونہ پڇائي ڪڍيو، ۽ ان ڪري هو سومنات جي سوني بت جا چار ٽڪرا ڪري غزنيءَ تہ نہ کڻي وڃي ها. هن اهي ٽڪرا مسجد ۽ محلات جي درن وٽ لتاڙڻ واسطي رکائي ڇڏيا هئا. جيڪي سوا صدي ڪن پوءِ بہ انهن جاين تي پيا رهيا. ٻيا ٽڪرا مڪي ۽ مديني ڏانهن موڪليا ويا هئا.

٢٣٣ ـ ڪين اهو خوف هو تہ متان پوين جي سهائتا ملڻ کان اڳ ڀهرين پار اڪرڻ وارن کي سنڌي ماري ختم ڪري ڇڏين.

٢٣٤ـ نٽي جو شهر موجوده دور سان واسطو رکي ٿو. جنهنجو سما گهراڻي جي ڪنهن ڀهرئين حڪمران بنياد رکيو هو. تفصيل لاءِ ڳتي ڏسندا. شهر يا قلعي جي صورت ۾ نالو مسلمان فيروز شاه تغلق جي مورخ ضياءالدين برني کان اڳ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي.

٢٣٥ـ ان موقعي تي مسلمانن وٽ ٻيڙيون ڪونہ هيون. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ بکر کان درياهہ رستي ٺٽي تي حملي ڪرڻ واري لشڪر سان ٻيڙيون روانيون ڪيون ويون هجن. نہ تہ ٺٽي جي سامهون درياهہ جي ٻئي ڪناري تي ساڻس گڏ تمام گهڻو لشڪر هو. اهو بہ

تي سگهي ٿو ته سنڌين ٺٽي جي شهر کي بچائڻ واسطي، ٺٽي کان بکر تائين سڄي درياهه تي پيڙين سان قبضو ڪري ورتو هجي ۽ جوابي ڪاروائي واسطي ٺٽي کان بکر، ۽ بکر کان ٺٽي پيا ايندا ويندا هجن. اسان ڏسون ٿا ته جڏهن سنڌين ۽ هن جي وچ ۾ صلح جو معاهدو ٿيو ته پوءِ هو درياهه جو اولاهيون ڪنارو ڏئي سوستان يا موجوده دور جي سيوهڻ به ويو هو. ۽ ان کان پوءِ هن درياهه جو اوڀاريون ڪنارو ورتو هو. جيڪڏهن اسان هاڻي ٺٽي جي پرسان درياهي چوڙ وارو علائقو ڏسنداسون ته درياهه جو پريون ڪنارو ته ڏسڻ ۾ ايندو، پر آسپاس واري زمين ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي. ان مان چڱي ريت اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان دور ۾ درياهه ڪيڏو نه ويڪرو هوندو. شايد اها پوڏين کان پوءِ پاڻيءَ لهڻ واري رت هوندي. انتهائي چاڙه واري زماني ۾ درياهه جي ويڪر چار سو گز هوندي آهي، يعني ميل کان ٿورو گهٽ. سندس گهٽ ۾ گهٽ ويڪر ۴۸۰ گز آهي. ٺٽي کان ڏکڻ طرف درياهي چوڙ وارو علائقو گهٽو ڪري انهن واقعن کان پوئين دور جو آهي.

۲۳۶ـ شمس سراج ۽ ٻين ڪيترن مورخن جو بيان آهي ته اونهاري جي موسم ۾ جهنگلي گڏهه ديپالپور ۽ سرستي جي وچ واري علائقي ۾ اڇي گڏ ٿيندا هئا. هن کان پوئين زماني ۾ اڪبر بادشاه جيئن اجوڌن جي اوسي پاسي اڇي شڪار ڪندو هو، تيئن هتي به اڇي گڏهن جو شڪار ڪندو هو.

۲۳۷ـ ڏسو منهنجي تصنيف "نوٽس آن افغانستان" صفحو ۳۶۷، جن کي اسان جي انگريز لکٽهارن گهکر Gukkairs Gickers، Ghakkurs يا Ghakkars جي هجي ۾ لکيو آهي. کين کوکرن جي وڏي قبيلي جي موجودگي جي شايد خبر ئي ڪانه آهي، جيڪي بنيادي طور تي جاٽ آهن. ان جي ڀيٽ ۾ گهکر هڪ تمام ننڍڙو قبيلو آهي. ۽ کوکرن کان الڳ ذات آهي. اتر پنجاب ۾ کوکرن جا مکيه مرڪز باڙه Barah ۽ خوشاب آهن ۽ اهي ڀيٽ سنڌ جي لاڙ واري علائقي ۽ ڪڇ ،

ڪاٺياواڙ ۾ بہ موجود آهن. سندن انگ گهڪرن جي حساب سان پيٽو ٿيندو. ڪننگهام بہ هنن متعلق پين جيان غلطي ڪئي آهي. هي گهڪرGakara ڪيGhakkars لکندي چوي ٿو تہ ”اهي سابڙ يا ”اباري“ نسل جي قريءَ سان تعلق رکن ٿا. پر هو ڪوڪرن جو تہ نالو ئي ڪونہ ٿو ڪٺي. جنهن دور جي هو ڳالهہ ڪري ٿو، ان زماني ۾ گهڪر قبيلي جي ڪا حيثيت ئي ڪانہ هوندي هئي. جيڪي گهٽو ڪري اولاهين علائقي ۾ رهندا هئا. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ، ڪجهہ سگهہ حاصل ڪري پنجاب صوبي جي گجرات واري علائقي ۾ پکڙجڻ لڳا. جيڪو سندن اصلي مرڪز ڪان اوپرطرف آهي. سندن سگهہ گهٽو وقت جٽاءُ ڪونہ ڪيو. هيءُ قبيلو نمڪ سر Salt range جيڪو ٣٢ ڊگريون ۽ ٢٠ فوٽ ويڪرائيءَ ڦاڪ اتر تي آهي، تنهن جي سڌائي ڪان هيٺ وارن ڏاکڻين علائقن ڏانهن ڪونہ وڌيا. پر ڪوڪر، بعد ۾ جنهن کي پنج آب سڏيو ويو، ان علائقي جي ڏکڻ ۽ اوپر طرف ڇانئجي ويا، ۽ ايتري سگهہ حاصل ڪري ورتائون، جو اهي دهلي فتح ڪرڻ جو سوچڻ لڳا هئا. هنن ملتان ويجهو بياس ڪناري سان امير تيمور جو بہ مقابلو ڪيو هو. ڏسو صفحو ٢٨١.

٢٣٨- هن کي ماهين Mahin ڪري بہ لکيو ويو آهي.

٢٣٩- هي ڪا مشهور معروف حقيقت ڪانہ آهي ۽ نہ وري هن کي پوري ريت سمجهيو ويو آهي. گهڻا تہ سمجهندا آهن تہ اهو علائقو ملتان صوبي جي اوپر طرف هو. ابوالفضل ڪان بہ دهلي ڪان اولهہ طرف وارو صوبو، سرڪار حصار فيروزه ۽ اجمير صوبي جي اتر ۽ اولهہ وارو ڀاڱو وسري ويو آهي. اليٽ پنهنجي ڪتاب ”ممايرس آن دي ريسز آف دي نارٿ ويسٽ پراونسز“ جلد ٻئي صفحي ١٧ تي لکي ٿو ”دستورنDasturs جي نقشي ڏسڻ ڪان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ سرڪار حصار فيروزه جو اولاهيون دنگ وار War درياهہ تائين پکڙيل ڏيکاريو ويو آهي. ۽ اڳتي اولهہ طرف گهاگهر درياهہ تائين ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو

اچي. وٽو ۽ پتياڻن جو نئون پرڳڻو هن ڪان ٻاهر آهي. چاڪاڻ تہ هي علائقو وارياسو ٿل Thal آهي، جنهن جي اڪبر جي دور ۾ ڪا اهميت ڪانہ هوندي هئي. مالند Maland جي ايراضيءَ جو بہ ساڳيو حال هو. موجوده ملتان جي حدن ۾ هو. پر ڪنهن بہ صوبي جي سرڪار ۾ داخل ڪونہ هوندو هو. معلوم اهو ٿيندو تہ ابو الفضل مختلف صوبن جي ڏيکھ ۽ ويڪرائي ٻڌائي، سندن ماپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. دهلري صوبي جي حصار ڪان، ملتان صوبي جي فيروزپور ڪان، لاهور صوبي جي ستلج ڪان ۽ اجمير جي بيڪانير ڪان ماپ ڪري ٿو. ان سان معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ مٿي ڏنل ايراضين ڪان سواءِ باقي رهيل علائقا ڪنهن بہ علائقي ۾ موجود ڪونہ هئا. منهن جي خيال ۾ سندس اهي سڀ ڳالهيون غلط آهن. ابوالفضل تہ سڌو سنئون ٻڌائي ٿو ۽ سندس ڇپيل نسخي ۾ ٻڌري پٽ ڇتو آهي، تہ پلوال palwal ڪان ستلج جي ڪناري آباد لڌيانہ تائين ۽ ٻئي طرف ڪان حصار ڪان خضر آباد تائين دهليءَ جو صوبو آهي. حصار سرڪار ۾ ، پٽنير، تهوانا، حصار فيروزه، سيرسا، فتح آباد، انبالا، پٽنڊا، سهرند،سنم،سهانا، وغيره يعني منجهس ستاويهہ علائقا ۽ محال شامل آهن.

پٽنير ۽ پٽند جو علائقو ستلج جي پراڻي پيٽ تائين هو. اهو وهڪرو ڪڏهن ابو هار ڪان متيندو هو. ديبال پور سرڪار جو دنگ ستلج جي ڪناري تي موجود ابوهار وٽ اچي لڳندو هو، ۽ سامهون ٻئي ڪناري سان پٽنڊا علائقي جو دنگ هوندو هو. ديبالپور سرڪار ۾ فيروز پور ، محمد اوٽMohammed-ot (ممدوٽ) جو محال شامل هو. هن سان دنگئي سهرند سرڪار جا محال هوندا هئا. ابوالفضل اسان کي اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ لاهور جو صوبو ڏکڻ طرف وڃي وڃي بيڪانير جي دنگ کي ڇهندو هو.

ٻئي پاسي وري هو اسان کي اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ اجمير جو صوبو ملتان صوبي جي ملتان ۽ ديبالپور سرڪار سان وڃي ملندو هو.

اجميرجي هڪ سرڪار بيڪانير بہ هو. جنهن ۾ يارهن محال هوندا هئا. جن مان جيسلمير، بيڪمپور، برسيل پور، پوگلPugal ۽ بيڪانير محال جو دنگ ملتان ۽ ديبالپور سرڪار جي دنگ سان ملندو هو. ڏسڻ ۾ تہ اهو اچي ٿو تہ صوبي ۽ سرڪار جو هر حصو پريل آهي. ۽ اهو علائقو نظر کونہ ٿو اچي، جيڪو وچ ۾ رهجي ويو. ۽ ڪنهن بہ صوبي ۽ سرڪار ۾ شامل ٿي نہ هجي. غلطي ان ڪري ٿي آهي جو، ملتان ۽ ديبال سرڪار جي حدن جو پتو ڪونہ آهي، تہ اهي اوپر پاسي هاڪڙي يا واهندا سان وڃي دنگ ڪنديون هيون. ۽اتر - اوپر ڏس تي اڳتي وڃي ستلج جي وهڪري سان وڃي ملنديون هيون. اڪبر بادشاهہ جي زماني ۾ انهن علائقن جي اهميت ڪانہ هئي . ڏسو صفحو ٢٧٣ ۽ حاشيہ ٢٣٦ جو منڍ.

٢٤٠- هي ستلج جو نجو ۽ آجو وهڪرو هو. مذڪوره وهڪري کي هاٺي وڏي ڍنڍ Dandah Great جي نالي سڏيو ويندو آهي، جنهن سروي رڪارڊ کي مان حوالي طور هن تصنيف ۾ پيش ڪيو آهي، تنهن جو ليکڪ چوي ٿو تہ،" هتان جا ماڻهو ستلج جي قديم وهڪري جي ڏاکڻين يا ڪاٻي ڪناري واري پاڳي کي ڍنڍ چوندا آهن. وڌيڪ تفصيل هن درياهہ جي بيان ۾ ڏسندا. مان هتي هن ڳالهہ جو ذڪر ضرور ڪندس تہ ڍنڍ جو لفظ "وهندا" يا "ٻهندا "جي لفظ کان بلڪل مختلف آهي، جنهنجو اصلي نسخي جي متن ۾ ذڪر آهي. انکي ڳڏائي ، منجهايو نہ وڃي.

٢٤١- هي سيد زاده خضر خان جو لفظ هو. هو امير تيمور طرفان مقرر ڪيل حڪمران هو. هن ڪڏهن بہ پاڻ کي سلطان ڪونہ سڏايو. هن کان پوءِ سندس پٽ سلطان شاهہ رخ عالم بهادر شاهہ جانشين ٿيو.

٢٤٢ - هر ترجمي ۾ "پٽ جسرت " کي "پيءُ شيخو" کوکر جي جاءِ تي سمجهي غلطي ڪئي وئي آهي. اليٽ جي جلد چوٿين جي صفحہ

۵۴ تي بہ اسان کي هن ريت ”باغي جسرت شيخو ڪوڪر“ لکيل لفظ ڏسڻ ۾ ايندا. جهڙيءَ ريت سنڌ جي فاتح جي پيءُ قاسم کي پٽ محمد جي جاءِ تي لکيو ويندو آهي. اهو انهيءَ ڪري ٿيو آهي جو ترجمي ڪرڻ وارن کي فارسي زبان ۾ اضافت جو پتو ڪونہ آهي. اهڙي اضافت جو خيال جسرت ۽ شيخو ۽ محمد ۽ قاسم جي وچ ۾ رکيو ويجي ها. فارسي ۾ صورتخطي هن ريت آهي، جسرت ـ شيخو يا محمدـ قاسم ۽ عربي ۾ محمد بن قاسم يا محمد ابن قاسم هوندي آهي.

ترجمن ۾ اهڙين غلطين جو تہ ڪو ڪاٿو شمار ئي ڪونہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪين فارسي گرامر ۾ اضافت جي اصول جي ڄاڻ ئي ڪانہ آهي. ۽ پيءُ پٽ جا نالا ايئن هڪ ٻئي جي ڪڍ لکندا آهن، جيئن عيسائين ۾ رواج آهي. يورپ وارا بہ ايئن لکندا آهن، جيئن ٿامس جيس يا جيس ٿامس. ترجمي ڪرڻ وارا پهرئين اکر کي ڪيرائي ٻئي کي اهميت ڏيندا آهن. جنهنجو محمد بہ هڪڙو مثال آهي. جڏهن هن سنڌ فتح ڪئي هئي تہ سندس پيءُ جو لاش قبر ۾ هو. هنن واقعن ۾ بہ ايئن ڏسون ٿا تہ اهم ڪردار جسرت جي باغيانہ ڪار گذارين کان ڪيترا سال اڳ سندس پيءُ شيخو مري ويو هو.

ساڳي ڳالهہ اسان محمود ـ سبڪتگين جي معاملي ۾ ڏسون ٿا، جيڪو فارسيءَ جي اصلي نسخي ۾ ساڳي اضافت واري هجي ۾ لکيل آهي. سيني مورخن کي خبر آهي تہ سبڪتگين محمود جو پيءُ هو. ترجمي ڪرڻ وارن محمود کان پوءِ ”جو پٽ“ لکڻ جي ڪڏهن تڪليف ئي ڪانہ ڪئي آهي. پر جيڪڏهن اصلي نسخن ۾ اضافت بلڪل ظاهر هوندي، ۽ ان جي اصول جي ڄاڻ رکندا آهن، تہ پوءِ اهڙي غلطي ڪونہ ڪندا آهن.

اهڙين غلطين ڏانهن گهڻو ڌيان ڪونہ ڏنو ويندو آهي. البتہ جهڙي عالم جو بہ اهوئي حال آهي. اهڙي ڄاڻ هوندي بہ ڪانئس غلطيون ٿي ويون آهن. جڏهن هو عرب مورخن جا ڪي اقتباس نقل ڪندو آهي تہ

محمد بن قاسم ضرور لکندو آهي. پر جڏهن هو فارسي يا غير عربن جا اقتباس ۽ حوالا ڏيندو آهي ته ڪانئس اڳئين لکٽي وسري ويندي آهي. ۽ ابن جو لفظ ڇڏي محمد: قاسم لکي ڇڏيندو آهي. پنهي کي گڏي هڪ ماڻهو ڪري ڇڏيندو آهي. ڪڏهن وري ڇا ڪندو آهي جو مکيه ڪردار جنهن واقعن ۾ اهم حصو ورتو آهي، تنهنجو نالو ماڳهن گم ڪري سندس مٽل پيءُ کي آڻي سندس جاءِ تي بيهاريندو آهي. اهڙو مثال اسان اليٽ جي جلد پهرئين صفحي ۴۳۲ تي ڏسون ٿا. جتي فارسي لکت جيان " محمد قاسم " لکيل نظر ايندو. عرب مورخ بلاذري هن کي محمد بن قاسم ۽ ٻئي عرب مورخ ابوالفدا محمد بن القاسم ڪري لکيو آهي، ته هن به ايئن ڪيو آهي. پر صفحي ۳۹۷ تي وري هن محمد قاسمMd:Qassim ڪري لکيو آهي. جيئن يورپ وارا رچرڊ سمٿ کي Rd:Smith ڪري لکندا آهن. صفحي ۴۸۸ تي ايلفن اسٽون جو حوالو ڏيندي ساڳئي وقت ڪيل سندس غلطيءَ کي پاڻ به ورجايو آهي هو لکي ٿو ته،" ايلفن اسٽون جو خيال آهي. ته، ""قاسم" پنهن جون سڀ سوڀون پنهن جي جانشين جي حوالي ڪري ڇڏيون." وغيره وغيره. هتي اسان محمد جو مٽل پيءُ سنڌ کي فتح ڪندو ڏسون ٿا.

ليفٽيننٽ ڪرنل، ايچ، ايس، جئرٽ H-S Jarrett پنهنجي ترجمي جي As Suyutis History of caliphs Muhammed- b-ul-Kasim صفحي ۲۲۹ جي حاشيه ٿي لکي ٿو، محمد ـ ب ـ ال قاسم سنڌ ۾ پنهنجي لشڪر جي مهنداري ڪئي. " وري هڪدم پوءِ ايلفن اسٽون جو حوالو ڏيندي"قاسم جي فتحن جو نقشو ڪتان به ملي ڪونه ٿو سگهي" لکي ٿو. هتي وري به پيءُ کي پٽ جي جاءِ تي آڻي بيهار ويو آهي.

اليٽ جي "هستورين" ۽ ٻين مورخن جي ڪتابن ۾به اهڙيون ڪوڙ ساريون غلطيون موجود آهن. ٻي وڏي غلطي اهابه آهي جو تاجڪ، ترڪ غلام، جاٽ ۽ سيد سيني کي پناڻ گهراڻي سان ملائي ڇڏيو آهي

۾ سندن سڪن کي به ”پٺاڻ سڪا“ سمجھيو ويو آهي. اها غلطي هن ڪري ٿي آهي جو شيباني تاجڪ سلطانن جي غور تي حڪومت ڪئي، تن جي ابن ڏاڏن جي نالن ڏسڻ کان پوءِ اهو وهم ويهي ويو ته اهي افغان آهن. جهڙيءَ ريت محمد ـ سوري يعني محمد بن سوري جو نالو آهي. جيڪو ڪتاب جي هڪ ئي صفحي تي پنهنجي نمونن ۾ ڏسجي ٿو. اهڙي ريت اسان کي ”محمد سوري“ به ڏسڻ ۾ ايندو ۽ هن صورت ۾ پيءُ ۽ پٽ هڪ ماڻهو بنجي پيا آهن. جيڪي ماڻهو هن علائقي جي تاريخ جي پوري ڄاڻ ڪونه رکندا هئا ۽ .ڪين دهليءَ جي هڪ سلطان شير شاه جي خبر هئي ته هو افغان هو ۽ لوڏي خاندان جي ال سوري سان سندس تعلق هو.جڏهن محمد تاجڪ شيباني سوري غور جو حڪمران هو، تڏهن شيرشاهه سوري ڄائو به ڪونه هو. پر پوءِ به اهو سمجهيائون ته محمد تاجڪ سوري آهي ۽ سڄي گهراڻي کي افغان سمجهي ويهي رهيا. ڏسو طبقات ناصريءَ جو ضميمو B صفحوviii ۾ تفصيل لاءِ اڳتي ايندڙ حاشيه.

انهيءَ اضافت کي سمجهڻ واسطي چچنامي ۾ به ڪيترائي مثال ملندا. هر باب جي عنوان ۾ اوهان کي راءِ ڏاهر بن چچ ڏسڻ ۾ ايندو ته متن ۾ڪٿي ڏهر سه ءچچ به نظر ايندو. اها حالت چچ يا سندس پٽن سان ڪانه آهي. پر محمد بن قاسم کي به محمد ـ قاسم ڪري لکيو ويو آهي.

٢۴٣ـ طبقات اڪبريءَ ۾ هن درياهه جو نالو هجي سان لکيو ويو آهي. ان دور جي سيني تاريخن ۾ هن درياهه جو نالو انهيءَ صورتخطيءَ ۾ نظر ايندو.

٢۴۴ـ هي ماڳ ڏرم ڪوٽ کان نڪ سامهون پندرهن ميل اتر طرف آهي. نڪو درNikudar (نقشي ۾ هن کي Nikodar ڪري لکيو ويو آهي.) کان اڌ پنڌ تي آهي. سندس نالو مغلن جي منگ يا هزاره جي پنيان پيل آهي. ڪنهن زماني ۾ هن کي نڪو دري هزاره به سڏيو ويندو

هو. جيڪو هيبت پور کان ڇهه ميل ڏکڻ واقع هو. لوهه يا ”لوهي وال“ هنجو ماتحت علائقو هو ۽ ”هري ڪي پتڻ“ يا هري ڪي گهاٽ کان پندرهن ميل اوپر پاسي هو. سن ١٨٦٠ڌاران هتان درياهه وهندو هو ”هري ڪي پتڻ کان ٻه ميل اولهه طرف“ بوهه ”يا ”بوه پور“ نالي هڪ وسندي آهي، جيڪا اڃا به موجود آهي. نقشي ۾ هن کي Booh ڪري لکيو ويو آهي. جسرٿ کوکر خلاف جنگي ڪاروائين دوران به هتي هڪ پتڻ هوندو هو، جيڪو بياس جي اولاهين يا ساڄي پاسي ڏسجي ٿو. اهو فقط بياس درياهه جو ئي پتڻ هوندو هو. ڇاڪاڻ ته ان زماني بياس ۽ ستلج اڃا پاڻ ۾ ڪونه مليون هيون. بوهه يا بوه پور سنگم واري ان جاءِ کان پندرهن ميل اولهه طرف هو، جتي اڳئين صديءَ ۾ ٻئي درياهه اچي پاڻ ۾ مليا هئا. سنگم کان پوءِ پاڻيءَ جي وهڪري تي ڪنهن به درياهه جو نالو ڪونه رهيو هو. پاڻيءَ جي ان گڏيل وهڪري کي هرياري ”ماڇو واهه“ يا ”نيلي“ ۽ ڏکڻ طرف ان کي گهلوءَ Ghallu Gharah جو گهارو سڏيو ويندو هو.

”بوه“جو پهريون اکر جيڪڏهن ڊگهو ڪري لکبو ۽ نقطا نه ڏبا ته ”لوه“ تي پوندو. ڪيترن ئي ”لوه“ کي ”بوه“ سمجهيو آهي. سندن ويچار آهي ته ٻنهي درياهن جو سنگم به ”بوه“ وٽ ٿيو آهي. پر حقيقت ايئن ڪانه آهي. تفصيل لاءِ اڳتي پڙهندا.

٢۴٥ ـ تفصيل لاءِ اڳتي حاشيه پڙهندا.

٢۴٦ ـ ملفوظات ۾ بيان هن ريت آهي ته هيءُ ٻه ڏينهن اتي ترسيو، انهيءَ لاءَ ته جيئن لشڪر ۽ سامان وغيره درياهه پار ڪري سگهن.

امير تيمور جي پيشقدميءَ جو جيڪڏهن پير کڻبو ته درياهن جي پراڻن، کي ڪونه وساربو ۽ موجوده وهڪرن سان سندن نشانن پٽن کي ڳولڻ اجايو ٿيندو. انهن متعلق عام نقشو ضرور ڏسڻو پوندو.

پار اکرڻ واسطي هن ٻيڙيون ڪٺان آنديون، تنهن جو پيرائتو احوال ڪونه ٿو ملي. پر هڪ ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته ان زماني ۾

پيت Bet ۾ درياهي واري علائقي جو حاڪم شهاب الدين مبارڪ شاه تميمي هو.هن پنهنجو لشڪر وٺي وڃي مغلن تي راتاهو هنيو، پر سندس هار ٿي. اتان ڪان هو، پنهنجي راڄڌاني ڀاره Bharah پهتو، (نقشن ۾ هن کي ڀارا Bharah ۽ ڀيرا Bherah ڪري لکيو ويو آهي) جتان هو جماد ۽ بهاٽ يا جهلم وسيلي اچ ڏانهن روانو ٿيو. ساڻس گڏ ۾ سو ٻيڙيون هيون. جيڪي هن هتان هُتان ميڙي چونڊي گڏ ڪيون هيون. هاڪارڻ دوران ڪانئس چڱو انگ ڦريو ويو هو. باقي رهيل ٻيڙيون ساڻ ڪري شهاب الدين شاه مبارڪ شاه وڃي ملتان جي پرسان پهتو. مغل ڪيس هيٺ وڃڻ کان روڪڻ واسطي درياهه جون ٻئي ڪڙون سنڀاليو ويٺا هئا. اهو حال ڏسي هن ڀريائين پنهنجي زال ۽ ٻار ٻيڙيءَ تان لاهي پاڻيءَ ۾ اڇلايا ۽ پوءِ پاڻ کي به لهرن حوالي ڪري ڇڏيائين. سر بچائڻ لاءِ سندس لشڪر درياه جي ڪنڌيءَ سان موجود ٻيلي ۾ ڀڄي ويو. جيڪي قتل ٿيڻ کان بچيا تن کي غلام بنايو ويو. ۽ سڀئي ٻيڙيون پڪڙي پنهنجي قبضي ۾ ڪيون ويون.

تاريخن جو بيان آهي ته هن ڪان اڳ ڪنهن به بادشاهه جماد ۽ چناب جي گڏيل وهڪري کي ٻيڙين جي وسيلي ڪونه اڪريو وهو. ترم شيرين خان چناب پار ڪيو هو. پر مٿس ٻيڙين جي پل ٺاهي ڪونه سگهيو هو. هي علاوالدين ترم شيرين خان بخارا جو حڪمران هو. ابن بطوطه سندس ذڪر ڪيو آهي. هي دووا Dawal خان جو پٽ، قتلغ خواجا جو ڀاءُ ۽ خان اعظم چنگيز جي ڦريءَ مان هو. ۽ ان زماني ماوراءَ النهر جو حڪمران هو. ترم شيرين خان هندستان تي سن ٧٢٩هه (٢٩-١٢٢٨ع) ۾ حملو ڪيو هو. ملتان جي حدن کان هندستان ۾ گهڙيو ۽ پيش قدمي ڪندو وڃي دهليءَ جي سامهون پهتو. دهليءَ جو حڪمران دڪن پاسي ويل هو. هو اتان ٿي گجرات ۽ سنڌ مان ٿيندو وري سنڌو اڪري ملتان پهتو. سندس هن ڦر لٽ ڪري ڪيترا ملڪ ويران ۽ پڙپانگ ٿيا، تنهنجو اندازو ڪرڻ ڏکيو آهي.

ملفوظات تيموري جو بيان آهي تہ ترم شيرين خان وڏي جتن ۽ جاکوڙ کان پوءِ بہ درياهہ مٿان ٻيڙين جي پل ٺاهڻ ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيو هو. ۽ پنهنجي فوج ٻيڙين رستي اڪاري هئائين. اهي احوال اتان جي ماڻهن امير تيمور سان ڪيا هئا.

فرشتہ جا حوالا بہ گهڻا ڏنا ويا آهن. اصلي نسخي مطابق امير تيمور لاءِ سندس بيان آهي تہ درياهہ جو ڪپ ونئي ان ماڳ وٽ پهتو، جتي جلندر وارو درياهہ ۽ بياس پاڻ ۾ ملي رهيا هئا. (هتي آڏو رکيل تاريخ جو صحيح طريقي سان اُتارو بہ ڪري ڪونہ سگهيو آهي (. هن هنڌ بہ قلعا ٺهيل هئا، جن جو نالو تلمنيTalmani هو. ٻيڙين جي پل وسيلي اڪري تلمني جي ميداني ۾ هن فوجي وانڊ هنئي. تلمني قلعي کي تباهہ ڪرڻ کان پوءِ هو بياس درياهہ جي ڪنڌيءَ سان واقع ”شاهہ واز“ نالي هڪ ڳوٺ پرسان منزل ڪئي.“ هتي اسان کي اهو ڏسڻ ۾ ايندو تہ هن حقيقتن کي ڳڏائي وچڙائي منجهائي ڇڏيو آهي. وري هو اليٽ جي ”هسٽورين “ جو ايڊيٽر تاريخ مبارڪ شاهي جو اقتباس پيش ڪري ٿو. هن ”تلنبا“ ۽ ”تلمني“ جا لفظ اڳي بہ ڪيترا ڀيرا لکيا آهن. ان کان پوءِ هيٺئين ٽڪري کي ڏسندا هلو. ”خبرون پهچي رهيون هيون تہ خراسان جي بادشاہ امير تيمور تلينا تي حملو ڪيو آهي ۽ سندس قيامہ ملتان ۾ هو.“ هن موصوف تلينا تي هڪ حاشيہ بہ لکيو آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو تہ ” هي نالو طبقات اڪبري ۽ بدايوني ۾ بہ ڏنل آهي “ ڪيس اها خبر ڪانہ آهي تہ اهو تلنبا آهي، جنهن جا اڳي بہ هن ڪيترا ڀيرا حوالا بہ ڏنا آهن.

٢۴٧- شهر ۽ قلعي وارن ڀهرئين صفر ٨٠١هہ تي سندس آڻ مڃي. هن سان ڪنهن بہ قسم جو مقابلو وغيره ڪونہ ٿيو. حقيقت اها آهي تہ هن جي مقابلي لائق اتي ڪو ماڻهو موجود ئي ڪونہ هو.

ڪننگهامہ پنهنجي ڪتاب” اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا“ جي صفحہ ٢٢١ تي چوي ٿو تہ تلنبا قلعو ضرور مضبوط هوندو. ڇاڪاڻ تہ مٿس

حملي ڪرڻ ڪان سواءِ اڳتي نڪري ويو. ڪيس چاڻ هئي ته جيڪڏهن مٿس هلان ڪئي وئي ته فتح ڪرڻ ۾ دير ٿي ويندي ۽ هو اڳتي وڌڻ کان رڪجي ويندو. برجس جي فرشته جي ترجمي جو به حوالو ڏنل صفحي تي لکي ٿو." تيمور هن قديم شهر کي ڦري لٽي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو. منجهس رهيل ماڻهن جو وڏو قتل عام ٿيو.پر قلعو سندس غضب جي باهه کان هن ڪري بچي ويو، جو اهو مضبوط هو. ۽ پيو ته امير تيمور کي اڳتي وڃڻ جي تڪڙ لڳي پئي هئي.

ملفوظات تيموريءَ جو بيان آهي ته امير تيمور تلنبا پهچڻ تي پرسان منزل ڪئي. شهر جا برک ماڻهو وٽس لنگهي آيا. شهر وارن تي هن ٻه لک روپيه تاوان رکيو. هن شرط تي ته هو نه قلعو تباهه ڪندو ۽ نه ئي وري قلعي اندر سندس فوج داخل ٿيندي. اهڙي قسم جي ادائگي کان عالمن ۽ سيدن کي آجو رکيو ويو هو. ڪنهن به هن جو مقابلو ڪونه ڪيو.

ڪاڌي خوراڪ جو سخت ڏڪار پئجي ويو. امير تيمور جي مرضي هئي ته شهر جا ماڻهو ڪيس ڏوڪڙن بدران اناج ۾ ادائگي ڪن. پر ماڻهن انڪار ڪيو. ان وقت وڏيڪ لشڪر وجي اميرتيمور سان مليو، جنهن جو انگ تمام ججهو هو. ڪين ٻنهي ڌرين وچ ۾ ٿيل معاهدي جو پتو ڪونه هو. ڏڪر به ڏاڍو هو. هو شهر ۾ گهڙي پنهنجي ڪاڌي خوراڪ لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳا. جڏهن اها سڌس وڃي امير تيمور جي ڪن پئي ته سندس فوجي مانيءَ واسطي ماڻهن سان ڏاڍايون ڪري رهيا آهن، ته هو لکي ٿو، " مان تواچين ۽ سزاولڻ کي حڪم ڪيو ته شهر ۾ داخل ٿيل اهڙين فوجين کي ترت ٻاهر ڪڍيو وڃي ۽ هن جيڪو اناج ماڻهن کان زوريءَ ڪنيو آهي، تنهن جو ملهه تاوان وارن پئسن مان ڪاٽيو وڃي." مان سمجهان ٿو ته لشڪر جي وڏي حصي اناج جي ڦر لٽ ۾ حصو ورتو هوندو. نه ڪو قتل عام ٿيو هو، نه وري شهر کي باهه ڏئي رک ڪيو ويو هو. پر پر پاسي جي ماڻهن، جن اڳئين سال امير

تيمور جي پوٽي پير محمد جي آڏو آڻ مڃي هئي ۽ ڏن ادا ڪيو هو، تن بغاوت ضرور ڪئي هئي ۽ امير تيمورجي ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو هئائون. ان ڏوهه ۾ ضرور کين سزا ملي هئي. ان بغاوت کي ختم ڪرڻ واسطي لشڪر جو ڪجهه حصو اوڏانهن موڪليو ويو هو. مرد ماڻهن جو ته وانگي ئي ڪونه ڇڏيائون. سندن ڪٽنبن کي غلام بنايائون. مال ملڪيت، ڍور ڍڳا آٽي لشڪر ۾ ورهايائون. منهنجو خيال آهي ته يورپ جا فوجي جنرل به اهڙين حالتن ۾ ايئن ئي ڪن ها، ۽ باغين کي انهيءَ ئي طريقي سان سزا ڏين ها. منهنجي خيال ۾ هن مامري ۾ چوڏهين ۽ اٺويهين صدي ۾ٻئي هڪ جهڙيون آهن.

٢٤٩- اڻويهين صديءَ ۾ ماڻهو هن ماڳ بابت ڄاڻندا هئا. سيد غلام محمد هندستان کان ڪابل ويندي هتان به ٽي پيرا متيو هو. ڪيس گورنر جنرل هيسٽنگس، ڪابل جي بادشاه، شاهه تيمور ڏانهن پنهنجو قاصد ڪري موڪليو هو. هڪ پيري هي سيد، ابوهار کان بهاولپور پهتو ۽ اتان کان ٿيندو ملتان ۽ پوءِ ديري اسماعيل خان رسيو. هو پاڻ ٻڌائي ٿو ته” مان پهرين منزل ملتان کان پنج ڪوهه پري اتر -اولهه طرف تي خان چلKhan chal ۾ ڪئي. ٻي منزل ساڳي طرف ڏهه ڪوه پري بياس درياهه جي ڪنڌيءَ سان ”ديهه شاهنواز“ ٽين منزل ڏهه ڪوهه اتر ”شاهپور“ ۽ چوٿين منزل اتر -اولهه طرف ڏهه ڪوهه هٽي تلنبا ۾ڪيم“ سيد، هي سفر سن ١٢٠١هه، ١٣ نومبر١٧٩٦ع ۾ شروع ڪيو هو. ۽ ستلج جڏهن پنهنجو وهڪرو اوچتو مٽايو، تنهن کان ٿورا مهينا اڳ ان جوءِ مان متيو هئيائين. هاڻي نه ”خان چل“ جو پتو آهي نه وري ”ديهه شاه نواز“ ۽ ”شاهپور“ جي ڪا ڪل پوي ٿي ، ته هي وستيون ڪٿي هيون ۽ ڪٿي نه هيون. جڏهن ستلج پنهنجو ماڳ متيو ته بياس کان به بينو ڪونه پڳو، تنهن به پنهنجو پراڻو پيٽ ڇڏيو. ٻئي درياه وچي وچ تي مليا. ٻنهي جا نالا به ختم ٿي ويا. ٻنهي جي گڏيل وهڪري جي متئين حصي کي هرياري يا نيلي سڏيو ويو، ۽ هيٺئين ياڳي

واري وهڪري کي گهاري جو نالو ڏنو ويو. جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي.

٢٥٠- اڪبر بادشاه جي دور سن ٩٨٠هه (٧٣-١٥٧٢ع) ۾ مرزا بغاوت ڪئي. لاهور ۾ اها خبر پهتي ته ابراهيم حسين مرزا سان سندس ننڍو ڀاءُ مسعود گڏ آهي. بادشاه کين ناگوار (ناگور) ۾ شڪست ڏني آهي.۽ هو پنج آب واري علائقي مان گذري، ستلج پار ڪري، ديبال پور پهتو آهي ۽ ملڪ ۾ ڦرلٽ جو مانداڻ مچائي ڇڏيو اٿائين. ان زماني ۾ خان جهان حسين قلي بيگ ترڪمان لاهور جو گورنر هو، پنهنجي صوبي مان فوج ڪٺي ڪري سندس سامهون ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو. هو ايترو ته تکو آيو، جو مرزا کي سندس اچڻ جو پرو پئجي ڪونه سگهيوءِ اوچتو وڃي تلنبا پرسان سندس فوجي واهڻ مٿان ٻيٺو. ان وقت ابراهيم مرزا شڪار تان موٽي رهيو هو. (بلاچ مين Blach mann، اڪبر نامه جي ڇپيل نسخي ۾ گهڻيون غلطيون ڪيون آهن ۽ ماڳن جا نالا به غلط ڏنا اٿائين. هن" تلنبه " جي بدران" پلته" Paltah ڪري لکيو آهي). ٻنهي ڌرين ۾ ڇتي جنگ لڳي، جنهن ۾ مرزا هار کاڌي. لشڪر ڀڄي ويو ۽ سندس ڀاءُ مسعود جهلجي پيو. مرزا ابراهيم وري بياس اکرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڇاڪاڻ ته ڪيس ملتان کان حملي جو ڊپ هو. حسين قلي بيگ ملتان جي گورنر سعيد خان ڏانهن سنيهو ڪيو ته مرزا ابراهيم سندس صوبي ۾ داخل ٿي چڪو آهي. ان وقت مرزا سان گڏ ڪي ٿورا ماڻهو هئا. رات ٿي وئي هئي. وٽس ٻيڙيون به هيون. ڏينهن ٿيڻ تائين هو درياهه جي ڪنڌيءَ تي ويٺو رهيو. جهل Jhil مهاڻن جو هڪ ٽولو ۽ اتي رهندڙ بلوچ قبيلي جا ماڻهو رات جو اوچتو هنن ڀاڄوڪڙن مٿان ڪڙڪيا ۽ مٿن ڪانن جا ڪڙڪاٽ لائي ڏنائون. هڪ تير مرزا کي ڳچيءَ ۾ لڳو، ۽ سخت زخمي ٿي پيو. کيس پڪڙي سعيد خان آڏو پيش ڪرڻ لاءِ ملتان نيو ويو.

طبقات اڪبريءَ جو بيان آهي ته هو " گهارو" پار ڪرڻ لاءِ اتي رات ترڪيو هو. هي درياهه جو نالو آهي. بياس ۽ ستلج جي سنگم کان

پوءِ سندن گڏيل وهڪري کي هن درياهہ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. پيو مورخ هن واقعي جو بيان ڪجهہ ٻئي نموني سان ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ مرزا ابراهيم حسين بياس ۽ ستلج جي ڪناري سان وڃي ترسيو هو. (شايد هي اهو ماڳ آهي جتي ٻئي درياهہ ملي جدا ٿي وري اچي ملتان جي حدن ۾ پاڻ ۾ مليا هئا جنهن جو بيان اڳتي ايندو). رات جو اوچتو مٿس هينئين طبقي جي ماڻهن هارين، نارين، جن کي جهل چيو ويندو هو، تن حملو ڪري کيس زخمي ڪري وڌو هو. هو هڪ بزرگ شيخ ذڪريا وٽ مهمان هو، جنهن لڪ چوري ملتان جي صوبيدار سعيد خان ڏانهن اهڙو سنيهو موڪلي ڇڏيو. هيءُ بيان ابوالفضل جي بيان سان سهمت ڪري ٿو.

فيضي سهرندي چوي ٿو تہ مرزا اتان پار ڪرڻ جا جتن ڪري رهيو هو، جتي ستلج ۽ بياس ٻئي درياهہ پاڻ ۾ ملندا آهن. ٻنهي جي گڏيل وهڪري کي ”آب گهار“ چيو ويندو آهي. اڪبر نامي جو بيان آهي تہ مرزا ابراهيم حسين ”گهاري“وٽان ستلج پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. (وڏيڪ اڳتي ڏسندا تہ گهلوءَ جو گهارو ملتان سرڪار ۾ هو) جتي بياس ۽ ستلج پاڻ ۾ ملندا آهن. هو اتي موجود هو، جو مهاڻن ۽ هارين گڏجي مٿس حملو ڪيو.

هن مان معلوم اهو ٿو ٿئي تہ بياس پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ وهي رهي هئي، ۽ ستلج چلChal يا ڍنڍ کان ڪجهہ ميل ڏکڻ - اوپر وري اچي بياس سان ملي رهي هئي. امير تيمور جي پيش قدمي وقت اهو ٻڌايو ويو آهي تہ هڪ سو اسي سال اڳ اها ڍنڍ شاهنواز ڳوٺ جي پرسان هئي.

٢٥١- اهو چارڪوهہ يا اٺ ميل فاصلو ڪونہ آهي، جيئن اليٽ ٻڌائي ٿو، پر اهو چاليهن ميلن کان بہ مٿي آهي.”ظفر نامو“ هن چل - آب Chal Ab ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌائي ٿو تہ سندس ڪناري تي ڪوڪر سردار پنهنجو قلعو تعمير ڪرايو هو. وڏيڪ چوي ٿو تہ هن ڍنڍ جو

پاڻي گهڻيءَ ايراضيءَ تي پکڙيل هو. اهو اهل دل جي دل جيان ويڪرو ۽ اونهون هو. جيئن شيخن جي دل وسيع هوندي آهي.

اليٽ جي "هسٽورين" جي ايڊيٽر، ظفر نامه ۾ ڏنل هڪ ٽڪري "رود خانه اعظم Rud Khana- Aizm" جو ترجمو "درياهه جو مضبوط قلعو" ڪري ٿو. اصلي نسخي ۾ "و آن آبيست عظيم" جا لفظ لکيل آهن. اتي نه رود خانا جا اکر لکيل آهن ۽ نه وري river fortress جا لفظ ڏسڻ ۾ ايندا.

پي - ڊي لا - ڪرائڪس P. de la croix پنهنجي تاريخ "هسٽري آف تيمور بيڪ) ۾ لکي ٿو ته هن ڊنڊ جي چوڌاري پٽ ڏنل هئي، جتي "نصرت ڪاڪري Nusret coukeri پنهنجي ٻه هزار ماڻهن" سان اچي لٿو هو ۽ ٻين به هن بکواس جو اوتارو ڪيو آهي.

٢٥٢- تيمور جي "ملفوظات" جنجڻ وٽ سندس فوجي وانڍ بابت اسان کي ٻڌائي ٿو ته مون حڪم ڏنو آهي ته فوج ۽ جنگ سان لاڳاپيل سامان سڙو درياهه (بياس) اڪري "جنجڻ" وٽ پهچي. منهنجو تنبو ان پوئي تي هڻن، جنهن جي پرسان هڪ باغ آهي. جڏهن لشڪر ۽ سامان ٽپي دنگ ڪيو ته پوءِ مان درياهه اڪري، هڪ ننڍڙي دڙي تي چڙهڻ لڳس. مون ڏنو ته هڪ سائو ميدان منهنجي اکين سامهون بيٺو هو.

٢٥٣- هري هاري ۾ لکيل آهي.

٢٥٤- مختلف نسخن ۾ ڏار ڏار نالا آهن. ڪن ۾ "جنجڻ" بدران "خنجڻ" گهڻو ڪري نقطي جي هيٺ مٿي ڏيڻ ڪري ج ۽ خ بدلجي ويندا آهن. ڪٿي وري "ساهان" Sahan کي ساهاڪ ڪري لکيو ويو آهي. ٻئي نالي ۾ ايڏي گهڻي قير ڦار ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي ۽ اتي سهول کي سهوال لکيو ويو آهي. اهڙي ريت ٽئين لفظ ۾ به وڏو فرق ڪونه آهي. گهڻن قلمي نسخن ۾ "اسوان" آهي. باقي هڪ يا ٻن ۾ "اسوال" آهي.آخري لفظ، جهول، جهوال ۽جوال جي مختلف هجي ۾ لکيل ڏسڻ ۾

ايندو. ڪتاب جي پڙهڻي بلڪل نيڪ آهي، باقي انهن چئن هنڌن تي ماڻهو منجهي پوي ٿو. رينيلRennel پنهنجي تصنيف، "مـمايرس آن دي مئپ آف هندستان" ۾ هن چئن ماڳن تي جينجيانJenjian سچائولSchoual ، آسائونAsouan ۽ جهائولJehaul ڪري لکيو آهي. (جيڪڏهن پي.ڊي لاڪرائڪس جي هسٽري آف تيمور بيڪ تان نقل ڪيو ٿو ڏسجي). سندس نقشي بنائڻ کان پوءِ وڏيون تبديليون اچي ويون آهن. راوي ۽ بياس جي وهڪرن ۾ ته اجا به وڏيڪ ڦير ڦار ڏسڻ ۾ ايندي. اهي ماڳ، انهن وڏين تبديلين واري علائقي ۾ موجود آهن. انهن تبديلين ڌرتي جي مٿاڇري کي ڊانوان ڊول ڪري ڇڏيو آهي. شهر ۽ علائقا جيڪي اڳ ۾ هڪ دو آبي ۾ هئا، سي پئي دو آبي ۾ اچي ويا آهن. ڏسو صفحو ٢٩٣ ۽ حاشيه ٢٧٢.

٢٥٤ـ ملفوظات ۾ ايئن لکيل آهي. اليٽ جي "هستورين" جو بيان آهي جيڪو تيمور جي زباني هن ريت آهي ته مان "روآنا" Ruaanah وٽان لنگهي خالص ڪوتالي وٽ منزل ڪئي. " ساڳي ڪتاب ۾ تيمور نامه جو اقتباس ڏيندي ساڳي لفظ کي "رودونه" ڪري ترجمو ڪيو آهي. لکي ٿو ته اتان کان هو پتنير روانو ٿيو. درياهه اڪري خالص ڪوتالي Khalis Kotali ۾ منزل ڪئي. هن حاشيه ۾ "درياهه"جو اضافو ڪيو آهي. ان علائقي ۾ واقف ماڻهن لاءِ اها اچرج جهڙي ڳالهه آهي. ڏسندا جلد ٽئين جو صفحو ٤٨٨. جيڪڏهن هتي ڪنهن پاڻي جي موجودگي ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، جيڪو مان نه ٿو سمجهان ته ايئن آهي. جيڪڏهن آهي ته پوءِ رودونه، رود يعني درياهه جو جمع آهي.

ڪننگهام، پنهنجي ڪتاب " اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا" ۾ ستلج ۽ بياس جو ذڪر ڪندي ابوالفضل جو حوالو ڏنو آهي، چوي ٿو،" فيروز پور.کان ٻارهن ڪوهن جي پنڌ تي، ستلج ۽ بياس پاڻ ۾ ملندا آهن. .ٿورو فاصلو گڏجي هلڻ کان پوءِ سندن. گڏيل پاڻي چئن وهڪرن

۾ ونڊجي ويندو آهي، جيڪي هي آهن هر، هاري، ڊنڊ ۽ نرني Nurni . مذڪوره ڪتاب جنهن تان هن حوالو ڪنيو آهي سو گلئڊ ونس Glod-wins جو آئين اڪبري جو ترجمو آهي. آئين اڪبري" جي اصلي نسخي ۾ اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ آهي. انجو بيان آهي(بلاچ مين جو ترجمون، صفحو ۵۴۹) تہ فيروزپور کان پارهن ڪوهہ مٿي ستلج ۽ بياس ٻئي درياهہ پاڻ ۾ ملندا آهن. ان ڪان پوءِ سندن گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي هري هاري ، ڊنڊ، يا نرني جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ملتان جي پرسان هي وهڪرو پنج آب جي ٻئن درياهن سان وڃي ملندو آهي. جن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. پر هيٺ حاشيہ ۾ بلاچ مين جنهن کي ڏيهي ڄاڻ ڪانہ آهي، سو هري هاري کي ٻن ٽڪرن ۾ ونڊي ٿو، اهڙي ريت جو جدا ٻہ لفظ ٺهي پيا آهن، جن جو حقيقت سان ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي. گلئڊون بہ ساڳي ريت ايئن ئي ڪيو آهي. "اهي اڳتي هلي ٻئن جدا وهڪرن ۾ ونڊجي وڃن ٿا" انهن لفظن مان هڪ لفظ بہ گلئڊون جي ترجمي ۾ نظر ڪونہ ايندو. افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ ترجمي ڪرڻ وارا جڏهن ڪا شيءِ سمجهي ڪونہ سگهندا آهن تہ پنهن جي ڪا اڻ ٻڌي اڻ ڏٺي هٿي ڇڏيندا آهن ۽ ٻين کي گمراهہ ڪري ڇڏيندا آهن. بهتر اهو آهي تہ جيترو هو سمجهن ٿا، اوترو ترجمون ڪن، جتي هو سمجهي نہ ٿا سگهن، اتي صاف صاف لکن تہ هتي اسان ڪونہ سمجهيو آهي. اهڙي غلطيءَ جو مثال حاشيہ ۲۵۵ تي ڏجي ٿو.

ابوالفضل ٻڌائي ٿو تہ، " بياس ۽ ستلج جي وچ تي پنجاهہ ڪوهن جو فاصلو آهي." ڏسو صفحو۲۹٦.

هيءُ لفظ ظفرنامہ جي مختلف نسخن ۾ موجود آهي. مان بہ پنج نسخا پيٽائي ڏناآهن. انهن مان فقط هڪ ۾ "رودونہ" جو لفظ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن ۾ "و" جو اکر مٿان ٽنبيل آهي. معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ نسخي جي اتاري وقت لفظ جو اهو اکر ڪاتب کان وسري ويو آهي.

فرض ڪريو تہ جيڪي اڪر مذڪوره لفظن کي جوڙينْ ٿا، تن مان رود ۽ ونہ جا لفظ بہ جڙن ٿا. ٿي سگهي ٿو تہ اهو لفظ ”ونہ“ جي بدران ”دنہ“هجي ۽ ”و“ جي بدران ”د“ جو استعمال ڪيو ويو هجي. انهيءَ هوندي بہ ڪو پاٽي يا درياھ جو مطلب ڪونہ ٿو نڪري. هن حقيقت مان ظاهر اهو ٿئي ٿو تہ ساري ظفرنامہ ۾ جتي پاٽي يا درياھ اڪرڻ جو ذڪر آيو آهي تہ اتي ”عبور ڪردن“ جا لفظ ضرور آيا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي تہ درياھ جي هڪ ڪنڌيءَ کان ٻي ڪنڌي ڏانهن پار اڪرڻ. پر هتي ”گذشتن“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن جو مطلب آهي گذرڻ Topass وغيره. ٻي ڳالهہ تہ جتي درياهن جو بيان ڪيو ويو آهي تہ آب جو لفظ استعمال ڪيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مثال طور جيئن آب جنائو، آب تلنبا وغيره. بياس لاءِ بہ آب ۽ درياھ جا لفظ ڪتب آيل آهن. ان کان علاوه جيڪڏهن رود جي جمع ڪي استعمال ڪيو وڃي ها تہ ”رودونہ“ جي بدران رودها Rudahah جو لفظ هجي ها. مان هن مان چٽيءَ ريت سمجهان ٿو تہ زير بحث لفظ درياھ جي مفهوم واسطي ڪتب ڪونہ آندو ويو آهي، پر اهو ڪنهن خاص ماڳ واسطي ڪم آيل ڏسجي ٿو. توڙي جو ان زماني ۾ مذڪوره ماڳ ۽ اجوڌن جي وچ تي اتر طرف درياھ جي هڪ شاخ وهندي بہ هئي. انهن ماڳن تي اسان کي درياھ جي هڪ ننڍڙي شاخ جو سڪل پيٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن کي ڊنڊيDandi جي نالي سان سڏيندا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ ڊنڊ جو اسم تصغير آهي. اهو وهڪرو جنهن کي هن”رودونہ“ جا نالي سڏيو آهي، سو اجوڌن جي ڏکڻ ـ اوير طرف ڏسي ٿو. جيڪو هن ماڳ ۽ خاص ڪوٽلا جي وچ تي آهي. بياس ۽ ستلج جي سنگم کان پوءِ هرياري يا نيلي وارو اڪيلو وهڪرو ڪجهہ پنڌ هلي وري ڇڇندو هو تہ منجهانئس ٽي وهڪرا ٻنجي پوندا هئا. بہ وهڪرا تہ ستلج ۽ بياس جي نالن پٺيان سڏبا هئا. باقي ٽيون ننڍڙو وهڪرو شايد اها ”ڊنڊي“آهي. هن ماڳ کان اتر طرف ستلج ۽ بياس نديون وري بہ پاڻ ۾ ملنديون

هيون، ۽ وري بہ ڇڇي ويندڍيون هيون. پر سندن هيءُ سنگم امير تيمور جي حملي کان پوءِ ٿيو. خالص ڪوٽلا ڏانهن ويندي، پهريائين هو رودونہ کان لنگهي پوءِ اجوڌن جي ڏکڻ - اوڀر کان ٽپيو هو، پر رودونہ پار ڪونہ اڪريو هو. مون کي پورو ويساهہ آهي تہ هن جاءِ تي ڍنڍ يا ستلج جي پراڻي، نجي ۽ آجي وهڪري ڏانهن اشارو ڪونہ آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو اجوڌن ۽ خالص ڪوٽلا جي وچ تي اولهہ طرف هجڻ جي بدران هن ماگ کان چوڏهن ميل اوڀر ڏس تي آهي. ٻي اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ زير بحث دور ۾ ستلج جي وهڪري جو لاڙو اولهہ آهل آهي، نئون وهڪرو اختيار ڪونہ ڪيو هئائين. اها ابو هار واري پراڻي پيٽ مان وهي رهي هئي.

٢٥٦ـ ظفرنامي جي اصلي نسخي ۾ دلچين Dul chin جو لفظ آهي. اَٽاري ڪرڻ واري خل - چين Khul chin لکي ڇڏيو. پر اليٽ ان کي خال چين بنائي ڇڏيو.

٢٥٧ـ تاريخ جي مولفن تيمور جي خلاف گهڻو ڪجهہ لکيو آهي تہ هو نهايت ظالم شخص هو. پر اهو ڪونہ ڏنو ويو آهي، تہ سندس ظالم ٿيڻ جا ڪهڙا سبب هئا. ڪيس بنا ڪنهن ڇڏ ڇوٽ جي ظالم ظاهر ڪيو ويو آهي. ڇا انهن حالتن تحت، اڄ جي روشن خيالي واري دور ۾ اسڪو بيلاف Skobeloff يا ڪومارف Komaroff يا اتر يا مغرب جا ٻيا بزرگ صفت ماڻهو امير تيمور جي جاءِ تي هجن ها تہ ايئن ڪونہ ڪن ها؟ جڏهن افغان طاقت پنهنجي پوري جوڀن واري دور ۾ هئي تہ ڇا افغان باغين سان سندس رويو هن کان وڌيڪ سٺو هجي ها؟ مان سمجهان ٿو تہ افغان باغي اڄ مجي وري ساڳي ريت بغاوت ڪن ها، تہ ڪين ڪير بہ معاف ڪونہ ڪري ها. اهڙين حالتن ۾ جيڪڏهن سندن سر قلم نہ ڪيو وڃي ها تہ اچرج جهڙي ڳالهہ هجي ها. هڪ مورخ تہ ايترو چوي ٿو تہ ابوالفضل کي اها خبر ڪانہ هئي تہ پٽنير ۾ ڇا ٿيو. مان سمجهان ٿو تہ حقيقت ايئن ڪانہ آهي. ابو الفضل اصلي حالتن کان

پوري ريت باخبر هو. ڇاڪاڻ تہ آئين اڪبريءَ ۾ اسان کي پڌائي ٿو تہ تيمور دنيا مٿان آگ جا الا بنجي نازل ٿيو، جنهن ڪري آباد علائقا ويران ٿي ويا. جڏهن سمرقند ۽ بخارا جي ماڻهن آڻ مڃي، پر چنگيز خان کين معاف ڪونہ ڪيو. هن انهن ٻن شهرن ۾ ايترا تہ گهڻا ماڻهو ماريا، جو امير تيمور سڄي حياتي ۾ ڪيل جنگين دوران ڪونہ ماريا هوندا. ان هوندي ڪيترا مورخ انهن تاريخي حقيقتن کان بي خبر آهن ۽ چنگيز خان جي ساراهہ ڪندي چڻ ٿڪجن ئي ڪونہ ٿا. توڙي جو ڪين اها بہ خبر ڪانہ هوندي آهي تہ سندس نالي لکڻ جي صحيح هجي ڪهڙي آهي. ٻئي طرف وري امير تيمور کي وحشي ظالم ۽ بربر ڪري پيش ڪن ٿا. اهڙا مورخ جيڪڏهن پڙهندا تہ کين حقيقت جي خبر پوندي، ڪجهہ سگهندا، پرجهيندا تہ طبقات ناصري ۾ لکيل مغلن جي مسلمان ملڪن تي حملي جي اصلي حقيقت ڇا آهي. جيڪي ماڻهو تاريخ لکڻ چاهين ٿا، تن کي گهرجي تہ حقيقتون لکڻ وقت عدل ۽ انصاف کان ڪم وٺن. فقط ترجمن تي ڀروسي ڪرڻ بدران اصلي نسخن جو مطالعو ڪرڻ گهرجي. ڏسو اليٽ جو ”ريسز آف دي نارٿ - ويسٽ پراونسز آف انڊيا. جلد ٻيو صفحو ١٧ ۽ ١٩.“

٢٥٨- سرستي، سيرسا Sirsa جو قديم نالو آهي. سرسوتي، سرسوتي Saras wati درياهہ جو قديم نالو آهي، جنهنجو ذڪر اڳتي ايندو.

٢٥٩- اليٽ جي ڪتاب ۾ آندل ”ملفوظات“ جي اقتباسن ۾ هنڪي رجب پور سڏيو ويو آهي. ڪجهہ ٿورا صفحا اڳتي، ظفر نامہ مان هڪ اقتباس ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ هن ساڳي شهر کي رجب نور Rajabnur جي هجي ۾ لکيو ويو آهي. معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ فتح آباد کان ساڍا ٻارهن ميل اتر - اوڀر طرف نقشي ۾ ڏيکاريل رجب پور Rajab poor شايد اهو ساڳيو ماڳ آهي. فتح آباد، اهروني Ahroni ڏانهن ويندڙ رستي تي واقع آهي. جنهن کي نقشي ۾ آرنئوني Arounu ڪري لکيو

ويو آهي.

٢٦٠-ابن بطوطہ صفحو ٢٦٣ .

٢٦١- هيءُ علائقوقديـم زماني کان وني ڪمند جي پوکيءَ ڪري گهڻو مشهور آهي. سلطان مسعود پٽ محمود پنهنجي باغي گورنر احمد نعلتگين کي سيکت ڏيڻ لاءِ هند تي ٤٢٦هہ (٣٥-١٠٣٤ع) ۾ حملو ڪيو. هيءُ صوبيدار، سنڌوءَ جي اوپارئين ڪنڌيءَسان آباد علائقي تي مقرر ڪيو ويو هو. سلطان مسعود ان حملي دوران سرسيءَ جي قلعي تي بہ حملو ڪيو هو، جيڪو ان زماني ۾ هندستان جي نهايت مضبوط قلعن ۾ ڳڻيو ويندو هو.هن قلعي تي سندس پيءُ سلطان محمود بہ حملو ڪيو هو پر ڪٽڻ ۾ سوپارو ڪونہ ٿيو هو. سلطان مسعود قلعي تي گهيرو ڪيو ويٺو هو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ جڏهن قلعي جي حڪمران کي معلوم ٿيو تہ هو مسلمانن سان ويڙهہ ۾ پورو ڪونہ پوندو، تہ هن وڏي جنگي تاوان ڀري ڏيڻ ۽ ان کان سواءِ ساليانی ڏن ڏيڻ جي شرط سان صلح واسطي پنهنجو هڪ ماڻهو موڪليو. سلطان مسعود سندس آڇ قبول ڪئي، نتيجي ۾ جنگ ختم ٿي وئي. هن راجا جنگي تاوان جي جلدي ادائگي واسطي ڏوڪڙ ڪٺا ڪرڻ شروع ڪيا. واپار سانگي ڪي مسلمان واپاري سندس شهر ۾ اچي نڪتا هئا. سلطان مسعود قلعي تي گهيرو ڪيو تہ هو ٻاهر نڪري ڪونہ سگهيا. جنگي تاوان جي سلسلي ۾ هن راجا ڪانئن زوري پئسن جي وصولي ڪئي. مسلمان واپارين ڪنهن طريقي سان هيءَ حقيقت سلطان مسعود کي ٻڌائي. ڪيس هن حقيقت جي بہ ڄاڻ ڏني تہ هتدن ۾ ساٿس مهاڏي اتڪائڻ جي موران سگهہ ڪانہ آهي. جيڪڏهن قلعي تي پنج ڇهہ ڏينهن وڌيڪ گهيرو رکيو ويو تہ سندس مرضيءَ مطابق طئي ڪيل شرطن تي صلح ڪرڻ واسطي راضي ٿي ويندا. سلطان وڌيڪ ترسڻ ڪونہ ٿي چاهيو. پر ڪيس راجا جي اهڙين ڏاڍاين ۽ انيائن جي سڌ پئي، تہ قلعي تي هڪدم حملو ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. علائقي جي چوڌاري

ڪمند جي پوک هئي. هن لشڪر کي حڪم ڪيو تہ ”ڪمند ڪپي قلعي واري ڪاهي ۾ وجهي ان کي پريو وڃي ۽ قلعي تي حملو ڪرڻ ۾ دير نہ ڪئي وڃي.“ سرستي جي قلعي تي زبردست حملو ڪري اهو فتح ڪيو ويو.

اهمد نعتلگين (ڪيترن هن کي بنالتگين Benal Tagin ڪري لکيو آهي جيڪو غلط آهي) منصوره پرسان مهراڻ جي پاٽيءَ ۾ ٻڏي مري ويو هو. سندس احوال مٿي اچي چڪو آهي. ڏسو حاشيہ ١٠٥ ـ بهمانو صفحو١٩٦.

ٻئي سال سلطان مسعود هانسي فتح ڪئي. ان کان پوءِ پيش قدمي ڪري سوني پت قلعي وٽ پهتو، جيڪو هريانہ جي ديبال پور حڪومت ۾ شامل هو. سلطان جي هن جنگي مهم ۾ ٻيا بہ گهڻا قلعا فتح ڪيا ويا، جيڪي اڳي ڪنهن بہ مسلمان بادشاهہ فتح ڪونہ ڪيا هئا. سندس پيءُ سلطان محمود هڪ قلعي نرسي کي هڪ نسخي ۾ ڪيس ترسي بہ لکيو ويو آهي، فتح ڪرڻ واسطي لشڪر روانو ڪيو هو. پر سندس وفات ڪري، ان لشڪر کي اڳتي وڃڻ کان روڪيو ويو هو. سلطان مسعود هن قلعي تي حملو ڪري اهو فتح ڪري ورتو. غزني ڏانهن واپس ٿيڻ کان اڳ پر واري ملڪ جي راجا کي پنهنجي اطاعت قبول ڪرڻ واسطي مجبور ڪيو.ابن اثير شامي ”نرسي“ قلعي جي فتح بابت اچرج جهڙي ڳالهہ قلمبند ڪئي آهي. سندس بيان آهي تہ هن اها ڳالهہ هڪ پروسي جوڳي تذڪري نويس کان ورتي آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ ”پين سان گڏ اچرج جهڙي حقيقت اها بہ هئي تہ نرسي شهر جي ديگهہ هڪ ڏينهن جي سفر جيتري هئي. هو هڪ لک گهوڙي سوار عطر فروشن ۽ سونارن جي بزار هڪ رات ۽ هڪ ڏينهن ۾ مس ڦري لٽي سگهيا هئا. شهر جي ٻئي حصي کي هٿ ڪونہ لاتو ويو. سونارن جي ان بازار مان فاتح لشڪر کي ايترو سون چاندي ۽ هيرا جواهر هٿ لڳا، جن جو ڳڻڻ ئي مشڪل هو. فوج ۾ مذڪوره دولت اهڙي ريت ورهائي

وئي جو ونڊڻ مهل ماپ تور وارو ليکو ئي ڪونہ هو."

سندس نهايت پروسي جوڳو تذڪره نويس بہ عجيب هو، پر سندس نالو ڪونہ ٿو ڏنائي . مسعود جي دور ۾ بہ تذڪره نويس آهن ۽ ٻئي هن جي سرڪار جا ملازم هئا. هڪ تہ ابوالفضل بيهقي هو، جيڪو سندس درباري مورخ هو. ٻيو گرديزي هو. پر هي مورخ اهڙو ڪونہ هو جو اهڙا عجيب و غريب قصا ويهي گهڙي ۽ مال غنيمت کي ايترو وڌائي ٻڌائي. طبقات ناصري جي مصنف پنهنجي تاريخ لکي پوري ڪئي. ابن اثير تنهن کان ڏيڍ سو سال اڳي ٿي گذريو آهي. ۽ هندستان ۾ ڪڏهن بہ پير ڪونہ پاتو هئائين.

٢٦٢- اهو درياهہ اڳئين صديءَ تائين هن شهر جي بلڪل پرسان وهندو هو.

٢٦٣- ڏسو منهنجو ڪتاب " نوٽس آن افغانستان" صفحو ٦٨٩ ۽ اليٽ سان پيٽائي ڏسو. هن پنهن جي ڪتاب ۾ گهاگهرا درياهہ کي " خاگهر" Khaghar ڪري لکيو آهي.

٢٦٤- هن حقيقت بابت تفصيل اڳتي ڏسندا.

٢٦٥- اميرتيمور پاڻ ۽ پنهي مورخن هن درياهہ کي،وهاٽ، بهاٽ، جهلم، ۽ جماد سڏيو آهي.

٢٦٦- اسان جن نقشن ۾ هن ڳوٺ کي "ني وڪاڙه" -Nee Koka ruh ۽ Neekokarah ڪري لکيو آهي. منهنجو ماخذ سروي رڪارڊ آهي، جنهنجي هر نقشي ۾ وڏو فرق ڏسجي ٿو. هيءُ سيدن جو ڳوٺ آهي. سندس چوڌاري گهٽا وڻ آهن. ڏکڻ اوير ڏس تي سيد عبدالله جهانيان جي مزار آهي. هي اچ جي بخاري ساداتن مان هو. هن قبرستان جو ايڏو احترام ڪيو ويندو آهي، جو اتان جا ماڻهو قبرستان جا سڪل وڻ بہ ٻارڻ وسطي ڪتب ڪونہ آڻيندا آهن. سيد سڳورو پنهنجي زندگيءَ ۾ رڄ پلو مڙس ۽ ڏاتار هو، تنهن ڪري هتان جا ماڻهو هن ڳوٺ کي نيڪو ڪاري نالي سان سڏيندا هئا. پر گهٽي وقت گذرڻ ۽

گهٽي استعمال ڪري هن ڳوٺ جو نالو ڪوڪاري ٿي ويوآهي.

٢٦٧- هن امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي ته هيءُ علائقو تاجڪ حڪمرانن هيٺ رهيو آهي، جيڪي تاجڪي ٻولي ڳالهائيندا هئا. امير تيمور جي اقتدار ۾ اچڻ تائين پوريون چار صديون، هيءُ علائقو سندن اثر هيٺ رهيو. يا هن جي اقتدار ۾ اچڻ کان ست صديون اڳ هتي عربن جي حڪومت هئي، تنهن ڪري ٿي سگهي ٿو ته اصلي هندي نالو ختم ٿي ويو هجي. (ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو ته" ڪوٽ" لفظ جو واڌارو پوئين دور ۾ ٿيو آهي.)

جڏهن امير تيمور سنڌو پار ڪري ٻئي ڪناري تي پهتو هو ته ان وقت به جهلم ۽ چناب جي ڪنارن واري علائقي جو حڪمران، عرب جي تميمي گهراڻي جي قريءَ مان هو. ڏسو صفحو ٢٧٨ ۽ حاشيه ٢٣٦.

ڪننگهام پنهنجي ڪتاب "اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا" ۾، هن "شورڪوٽ" کي مالي قوم جوشهر ڪوني ٿو. ۽ هيون تسانگ Hwan Tsang جنهن شهر کي پو - لو - فا po- Lo- Fa سڏيو آهي سو به هيءُ ئي شهر آهي. هن ايراضي جي اوسي پاسي وارا ماڻهو روايت ڪندا آهن ته تيرهن سو سال کن اڳ اولهه پاسي کان هڪ بادشاه حملو ڪري آيو، تنهن اچي هن شهر کي تباهه ڪيو. ٿي سگهي ٿو ته اهي سفيد هن White Huns هجن. اسان کي ڏور ماضيءَ ۾ وڃڻ نه کپي، ۽ سفيد هن واري حقيقت ۽ هيون تسانگ جي لکيل ڳالهين تي ويساهه ڪرڻ گهرجي.

٢٦٨- ٻين شهرن ۽ ڳوٺن جي نالن جيان، اسان جي نقشن ۾ به "دوآبه "جي هجي غلط لکي وئي آهي.ڪٿي جيچ دوبJech Doob ۽ ڪٿي جيچ دو آب Jech doab ڏسڻ ۾ ايندي. معنيٰ سمجهڻ کان سواءِ ايئن لفظ لکيا ويا آهنءِ اهو به ڪونه ٿو ڏنو وڃي ته اصل نسخي ۾ ڇا لکيل آهي.ڏسو صفحو ٢٩٦ ۽ حاشيه ٢٧٧.

٢٦٩- ڏسو صفحو ٢٩١ ۽ حاشيه ٢٦٥.

۲۷۰ـ جو نمبر غائب آهي.

۲۷۱ـ گورنر جنرل هيسٽنگس، سيد عبدالله کي سنڌس مريدن سان گڏ سن ۸۱ ـ ۱۷۸۰ع ۾، ڪابل موڪليو هو. هو بيڪانير ڪان ڦوگلPhugal ۽ موج ڳڙهه ڪان ٿيندو ”اچ“ پهتو هو. هو ٻڌائي ٿو ته ڪيس هن سفر ۾ ڏاڍيون ڏکيائون پيش آيون هيون. عزت ماب مائونٽ اسٽيوئرٽ ايلفن اسٽون Mount Elphin Stoneبہ ڪابل ڏانهن انهن ساڳين ٿاڪن ۽ ٿاڻن تي ٽڪيو هو، پر هو موج ڳڙهه ڪان سڌو بهاول پور ويو هو.

مان اوهان کي سيد غلام محمد سنڌس پيءُ ۽ پٽ جو ان سفر بابت احوال سنڌس زباني ٻڌائيندس. ڏسو صفحو ۲۸۲ حاشيہ ۲۴۹.

۲۷۲ـ چوڪنڊي، ملتان صوبي ۽ ملتان سرڪار جي رچنا محال ۾ هو، جيڪو ڪرل جاٽن جي ملڪيت هو. هاڻي اهو غير اهم ماڳ آهي. موجوده دور ۾ رچنا بدران باري دو آبي ۾ موجود آهي. ڏسو ته ڪيئن شهر ۽ ڳوٺ هڪ دو آبي مان نڪري ٻئي دوآبي ۾ اچي وڃن ٿا. هي ماڳ هڙاپا ڪان چوڏهن ميل اوپر ـ اتر ـ اوپر (N-E-N) راوي جي ڏاکڻين يا ڪاٻي ڪناري ڪان هڪ ميل ڏکڻ، سڪل درياهہ جي واريءَ جي ڍهن ۽ اتاهين ڪناري ڪان ٽي ميل ڏکڻ ـ اوپر طرف آهي. نقشي ۾ هن کي ”چوڪنڊي“ Chowkundi ڪري لکيو ويو آهي. سٽ گهر جنهنکي سگهراSut gurrah ۽ شت گهر ڙShut gurrah بہ لکيو ويو آهي سو، ان چوڪنڊيءَ ڪان ٽيهہ ميل اتر ـ اوپر طرف آهي. هتان ڪان راوي جو ڏاکڻون يا ڪاٻو ڪنارو ٻن ۽ ٽن ميلن جي وچ تي آهي. ۽ چوڪنڊي هن ڪناري جي ويجهو آهي. هن ڪان تيرهن ميل اوپر تي فتح پور گهگهيرا Ghugherah آهي، جنهن جي نقشن ۾ Fatteh por Googira هجي نظر ايندي. هي راوي درياه جي ماتري آهي، جنهن جي ويڪر چوٽيهہ ميل ڪن ٿيندي. هي علائقو درياهہ جي پراڻن وهڪرن سان هيٺ مٿي لڳو پيو آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته هتي مختلف دورن ۾ راوي جي وهڪرن

۾ وڏيون تبديليون ايندڻيون رهيون آهن. مغلن جي حملن دوران هن محال جو مکيہ شهر خط پور Khat pur هوندو هو. هي علائقو ملتان جي اتر ۾ واقع آهي. تاريخ ۾ هن جو باربار ذڪر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر هاڻي ان جو نالو نشان بہ ڪونہ ٿو ملي.

ست گهر اهو ماڳ آهي، جتي مسٽر ايل - ايم - ڊيم Mr.L.M.Deme جو "چاڪر اعظم رند" جيڪو پنهنجي قبيلي جو نندڙو ۽ معمولي سردار هو، پنهنجو بلوچي ملڪ ڇڏي اچي هتي رهيو هو. هن سويءَ ڪي راجڌاني بنائي پنهنجي بادشاهيءَ جو بنياد ڪونہ رکيو هو. هن همن چغتاHuman Chughtta سان هن ويڙهہ ڪانہ ڪئي هئي. هي موصوف همايون بادشاهہ جي هجي ان طريقي سان لکي ٿو.چاڪر رند بابت احوال اڳتي پڙهندا. وڌيڪ لاءِ ڏسندا منهنجو ڪتاب"نوتس آن افغانستان" جو صفحو٣٤٧.

٢٧٣- يا تخت هزارز، جيڪو چناٺو جي اولاهين ڪناري، جلال پور کان ساڍا اٺ ميل اتر - اتر- اولهہ ۽ لاهور صوبي جي رام نگر کان چوٽيهہ ميل هيٺ، ڇهناٺ دو آبي ۾ موجود آهي. چوڏاري پڪين سرن سان ٺهيل قلعو اٿس جيڪو ڪوڪرن جي ملڪيت هو.

٢٧٥- هن کي آئين اڪبريءَ جي ڪن نسخن ۾ ڀيهراBhihrah بہ لکيو ويوآهي. هي شهاب الدين مبارڪ شاهہ جو هڪ قلعو هو. جيڪو امير تيمور هندستان تي حملي دوران فتح ڪيو هو. هيءُ هن قلعي کي بهراBahrah سڏي ٿو.سندس اولادمان بابر بہ هندستان کي فتح ڪرڻ کان اڳ ۾ فتح ڪيو، سو بہ هن شهر کي "بهرا" سڏي ٿو. ڏسو صفحو ٢٧٩ ۽ حاشيہ ٢٤٦.

٢٧٦- موجوده دور کي "گزيٽيئر جو دور" سڏي سگهجي ٿو. پر بد قسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ گهٽا تہ نسوريءَ بڪواس سان ڀريا پيا آهن. پراڻن حوالن کي ورجايو وڃي ٿو. ڊائو ۽ برجس جي ڪوڙن قصن کي نئون روپ ڏياريو وڃي ٿو. هندستان جي " ڪواتر

ماسٽرجنرل " جي هڪ شاخ انٽيليجنس آهي، جنهن پيشين گزيٽيئر PeshinGazetteer شايع ڪيو آهي. هن ڪي "افغانستان جو گزيٽيئر" ياڳو ٿيون سڏيو وڃي ٿو. جنهن کي نهايت ڳجهه (خفيه) سمجهيو ويندو آهي. ڪيس "سياسي فوجي حوالن جو نعم البدل تصور ڪيو وڃي ٿو." پيشين جي معنيٰ پراڻو، قديم، جهونو وغيره آهي، ان ڪي ڏينهن جي پوياڙي بہ سڏيو ويندو آهي. پر هي گزيٽيئر جنهن علائقي جي معلومات ڏئي ٿو سو افغانستان جو ڏاکڻيون علائقو آهي.جنهنجو نالو پشنگ Pushang آهي. عرب مورخن هن خطي کي نشيحہ جي نالي سان سڏيو آهي. تاجڪ لفظن کي لکڻ جو سندن اهو طريقو هوندو آهي. هن علائقي وچان اسان ريل ڪڍڻ جو ارادو رکون ٿا. اسان کي ان بابت جيڪا تازي معلومات يا "رپورٽ" ملي آهي، تنهن مطابق ان جو ڳچ سارو علائقو بيڪار آهي. سرڪاري ڪاغذن ۾ اسان هن کي بلوچستان لکندا آهيون. چاڪاڻ تہ اهو افغانستان ۾ آهي.

مان هاڻي ان "قديم"Antiquae يا ڏينهن جي پوياڙي " Afternoon" نالي گزيٽيئر مان نموني طور ڪي تاريخي احوال ڏيندس، جيڪو هن همزاهن ابوالفضل جي بيانن تان سهيڙيو آهي. هو لکي ٿو،" بلوچ اولهہ پاسي (جنهن جو اشارو بلوچستان ڏانهن آهي) رهندا آهن. ڪين بادشاهہ وڏيڪ سجاڻندو هو. ان علائقي ۾ سندن انگ بہ گهڻو هو، ان ڪري مذڪوره خطي جو نالو بلوچستان بہ نادر شاهہ رکيو." مان پوري پروسي سان چئي سگهان ٿو تہ اهڙي ڪا سند آهي ئي ڪانہ، جنهن جي آڌار تي چئي سگهجي تہ هن علائقي جو نالو" بلوچستان " نادر شاهہ رکيو هو. نادر شاهہ کان ڪيترين صديون اڳ اهو علائقو بلوچستان جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

ابوالفضل جي بيان مان معلوم ٿيندو تہ نادر شاهہ کان ڪو زمانو اڳ اهو علائقو بلوچستان جي نالي سان مشهور هو. ۽ بروهين جي تاريخي طور تي سڃاڻ بہ گهڻو پوءِ تي آهي. اهو سوچيو نہ وڃي تہ

متئين غلط بياني گمراهہ ڪرڻ واسطي ڪئي وئي آهي. پر ماڻهو اهڙيون غلط ڳالهيون پڙهي گمراهہ ضرور ٿئي ٿو. اهو ان ڳالهہ جو نتيجو آهي، جو ماڻهو انهن موضوعن تي لکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر جي ڪين خبر ئي ڪانہ هوندي آهي ۽ ٻين جا بہ غلط حوالانقل ڪن ٿا ۽ انهن کي سچو سمجهي انهن تي ويساهہ ڪري ويهن ٿا.

"پشين" گزيٽيئر جو مصنف ڪو اڪيلو ماڻهو نہ آهي، جنهن ٻين جا غلط حوالا گزيٽيئر ۾ ڪتب آندا آهن، جنهنجو مثال هڪ سياسي پامفليٽ بہ آهي. سندس عنوان آهي، " اسان جون الهنديون سرحدون" Our western frontiers ۽ ١٨٨٧ع ۾ لنڊن ۾ ڇپيو آهي. بمبئيءَ جي ان ڪوونڻتيڊسروس Uncivenanted serves جي مسٽر سي - اي - بڊلف Mr.C.E.Bidulph ساڳي نموني واري گوهرفشاني ڪئي آهي. ان جي صفحح ٨ تي اسان کي يقين ڏيارينديءَ چوي ٿو، " افغانستان ۽ بلوچستان لفظ جي بي قاعده بي اصولي arbitrary ۽ افسانوي ficteius آهن، جيڪي اسان پنهنجي سهولت واسطي گهڙي ورتا آهن. صفحي ١٣ تي چوي ٿوتہ "جنهن علائقي کي اسان بلوچستان سڏيندا آهيون، سو فقط اسان جي پنهنجي ايجاد آهي. (صفحو١٥)." صفحي ١٦ تي وري لکي ٿوتہ "افغانستان جو نالو اسان يورپ وارن جوڙيو آهي."

هنن حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مصنف ابو الفضل جي چاڻ ڪونہ ٿو رکي ۽ پنج ڇهہ صديون اڳ وارن مورخن کان بہ واقف ڪونہ آهي. جڏهن ڪو ماڻهو پاڻ کي ٻين جي آڏوجاگرافيءَ، تاريخ ۽ قبيلن جي ماهر جي حيثيت ۾ پيش ڪندو آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ان لاءِ واسطيدار علائقي جي ماضيءَ جي تاريخ ڄاڻڻ تہ لازمي هوندي آهي. پامفليٽ جو مصنف جيڪڏهن چاهي تہ منهنجي ڪتاب " نوٽس آن افغانستان ائنڊ پارٽ آف بلوچستان" ۾ ڏنل مواد مان استفادو ڪري سگهي ٿو، جنهن جي پنجين باب ۾ مسلمان مورخن جا حوالا ڏنل آهن.

٢٧٧ـ ڪننگهام، پنهنجي ڪتاب "اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا"

۾(صفحي۱۵۴)لکي ٿو تہ، ”دو آبن جانالا اکبر بادشاهہ پاڻ پن درياهن سان گڏائي ايجاد ڪيا هئا. چچ دوآبو، چناب ۽ جهلم جي نالن مان ورتل آهي. اهڙيءَريت رچنا، راوي ۽ چناب مان ۽ باري بياس ۽ راوي جي نالن مان کنيا ويا آهن.“ اکبر بادشاهہ طرفان ناهيل دو آبن جا نالا ابوالفضل جي بيان ۾ ڏسي سگهجن ٿا. چچ نالي تہ ڪو دو آبو آهي ئي ڪونہ. منهنجي خيال ۾ تہ هن چنهات دوآبي کي غلطيءَ وچان چچ دوآبو لکيو آهي. هن دوآبي جو سروي رڪارڊ ۾ ذڪر آهي ۽ مان بہ اتان ئي کنيو آهي. ”چ“ ۽ ”ن“ جا اکر چناب مان ۽ ”هہ“ ۽ ”ت“بهات يا وهات مان کنيل آهن. جنهن کي جهلم چيو ويندو آهي.بعضي وري پڇاڙيءَ ۾ ”هہ“ ملائي ان کي چنهات بہ لکيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت ”بست جلندر“ آهي، جنهن جي ”ب“ بياس مان ۽”س“ ۽ ”ت “ ستلج مان ورتل آهن. مسٽر بلاچ مين جي آئين اکبري جي ڇپيل نسخي ۾ ”س“ موجود ڪونہ آهي.

۲۷۸ـ ابوالفضل هتي پنهنجي مالڪ جي تمام گهٽي ساراهہ ڪئي آهي، جيڪا هو ڪونہ ٿو لهٽي. سنڌ ساگر دو آبو تمام پراڻو آهي، جنهنجو ابن خردادبہ ۽ مسعودي بہ ذڪرڪيو آهي. ڏسو صفحہ ۲۱۰.

۲۷۹ـ ڏسو صفحو ۲۷۴ تي حاشيہ ۲۳۹.

۲۸۰ـ ٺٽي کان پوءِ ان جا ماتحت علائقا بہ شامل ڪيا ويا.

۲۸۱ـ هاٿي شور ڪوٽ سنگهہ واري جاءِ کان.پنجويهہ ميل پري آهي. ڏسو صفحو۲۹۱ حاشيہ ۲۶۷. ساڳي موضوع تي حاشيہ اڳتي پڙهندا.

۲۸۲ـ هن ماڳ جو هاٿي ڪوبہ پتو ڪونہ آهي. اڳئين سنگم وارُو ٿاڪ موجوده ميلاپ واري ماڳ کان ڪجهہ ميل هيٺ هوندو.

۲۸۳ـ هرياري بہ لکيل آهي.

۲۸۴ـ يعني هن کي ڍنڊ Dandah جي هجي ۾ لکيو ويو آهي.

۲۸۵ـ هتي مان سندس لفظ هوبهو لکيا آهن. ڏسو صفحي ۲۷۴ تي حاشيہ ۲۳۹ ۽صفحي ۲۵۴ تي حاشيہ ۲۸۵.

٢٨٦ـ ڏسو صفحي ٢٨٢ تي حاشيہ ٢٥٠.

٢٨٧ـ پنهنجي احوال ۾ ايئن لکيو آهي تہ ٺٽي کان ملتان کيس انهيءَ نالي پنيان سڏيو ويندو آهي. بکر وٽان ستن نہ پر ڇهن درياهن جو پاڻي وهندو هو.

٢٨٨ـ ڏسو صفحہ ٢١٧ ۽ حاشيہ ١٥١.

٢٨٩ـ مان هتي سنڌوءَ جي پراڻن وهڪرن ۽ پنج آب يا پنج ند جي درياهن جو ضرور ذڪر ڪندس جن بابت يورپي سياحن پنهن جي راءِ جو اظهار ڪيو.آهي. انهن درياهن جي ڪنڌين ڪنارن سان ڪهڙا شهر وسندڙ هئا، تن جو ذڪر اڳتي ايندو.

سر ٽي. هربرٽ Sir T Herbert، ١٦٢٦ع پنهنجا احوال قلمبند ڪيا آهن. هو ٻڌائي ٿو تہ سنڌوءَ کي پليني Pliny سانڊس Sandus ۽ ائرين Arrean "سنٿس" لکيو آهي. هاڻي هن کي Sindi سڏيندا آهن. ڪسنيرين (ڪشمير) جي جابلو علائقي جي هڪ ڀاڱي ڪائوڪاسس Coucasus مان نڪري هزار ميل پنڌ ڪري ٻن وڏن ڦاٽن وسيلي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي آهي. بوهاٽ (بهاٽ) راو (راوي) داميادي (ڏسو پراڻو نقشو صفحو٢١٧) اوبچان Obchan، ويوهاءِ Woihy يا جهلم (Hydaspes) چناب، ڪابل درياهہ، ۽ ائڊرس Adris سيئي درياهہ سنڌوءَ کي پاڻي ڏيندا آهن. ڏسو صفحو ٢٠٧ ۽ ٢٢٩حاشيہ ١٧٥.

ماندملسلوءِ Mandelsoloe ، ١٦٣٩ع ۾ هندستان ۾ موجود هو. سو ٻڌائي ٿو تہ ايرانين ۽ انڊو سٿين قومن سنڌو کي پنگاهہ pagah (پنج - آب) جو نالو ڏنو آهي، يعني پنجن درياهن وارو سنڌو درياهہ . ڇاڪاڻ تہ سمنڊ ۾ چوڙ ڪرڻ کان اڳ ۾ اهي سپيئي درياهہ سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندا آهن. پهريون درياهہ بوگل Bugal يا بيگال Begal آهي (ٻئي هنڌ نيپال Nebal يا نيل آب آهي) جيڪو ڪابل کان وهي ايندو آهي. ٻئي درياهہ کي چناب چوندا آهن. هي ڪشمير کان ايندو آهي، جيڪو لاهور کان پندرهن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. ٽيون راڻي يا راوي

آهي، اها لاهور کان ويجهي پنڌ کان شروع ٿيندي آهي ۽ ان جي پرسان لنگهندي آهي. ٻين ٻن درياهن وياVia (بياس) ۽ اوسيود Osuid (هاڪڙو؟) جو ذريعو تمام گهڻو پري آهي. سندن سنگم بکر پرسان ٿيندو آهي (هيءُ اهم بيان آهي). هيءُ ماڳ لاهور ۽ سمنڊ جي وچ تي آهي. گهڻن مورخن هن درياهه کي ديئول (ديبال) سان گڏي منجهائي ڇڏيو آهي ۽ ان کي پنهنجي وهڪري کان ٢۴ ڊگريون پري سمجهيو آهي. نٽي واري علائقي ۾ هن درياهه گهڻا ٻيٽ ٺاهي ڇڏيا آهن. اٽڪ وارو علائقو نيبال درياهه جي مٿان آهي. هيءَ ندي ٻه سنڌوءَ کي پاڻي ڏيندي آهي. هن جي وهڪري سبب هڪاچان Haca chan يا هانجي چان Hanjichan (هاڻي هن علائقي کي ديره جات چيو ويندو آهي) جو علائقو الڳ ٿي ويندو آهي. لاهور جو شهر راوي درياهه جي ڪناري تي آباد آهي. چئن درياهن جو پاڻي سنڌوءَ ۾ پوندو آهي. " هيءُ مصنف جهلم جو ذڪر ڪونه ٿو ڪري.

ٿيونات Thevenot ١٦٦٦ع ڌاران هندستان ۾ موجود هو. سندس بيان آهي ته،" مغلن لاهور جي صوبي کي پنجاب جو نالو ڏنو آهي، جنهنجو اشارو پنجن درياهن ڏانهن آهي. مذڪوره درياهه هن علائقي جي حدن مان لنگهندا آهن. موجوده دور ۾ هنن درياهن کي گهڻا نالا ڏنا ويا آهن. هاڻي انهن نالن کي هڪ ٻئي کان الڳ ٻه ڪري ڪونه ٿو سگهجي. گهڻا ته منجهيل آهن. پليني Pliny هنن درياهن کي آڪيلينس ڪوفن، هئڊارفس Hydars phis زارادرس ۽ هسپالس سڏيو آهي. موجوده دور جا مصنف هنن کي بهات، ڪناب Canab (چناب) فنڊ Find (سنڌ) راوي ۽ وان (بياس) سڏيندا آهن. انهن جا ڪي ٻيا به نالا آهن. اهي جن جن علائقن مان گذرندا آهن ، ته اتي ان ياڳي جو پنهنجو ڌار نالو هوندو آهي. اهي سيئي درياهه اتر واري جبل مان پاڻي ڪٺندا آهن. ۽ سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندا آهن، هن درياهه کي ڪڏهن انڊي ته ڪڏهن سنڌي به چيو ويندو آهي. "

٢٩٠ـ ڏسو صفحو ٢٩٦ . ابوالفضل به هن کي ”اچ پرسان“ چاڻايو آهي. وڏيڪ اهو به ٻڌائي ٿو ته پنج آب جا درياهه ڇهه آهن، جيڪو صحيح نه آهي، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ آب سنڌ کي شمار ڪري ٿو.

٢٩١ـ تاريخ ۾ هن کي ڇول جلالي پڻ چوندا آهن. ڏسو منهنجي تصنيف ” نوٽس آن افغانستان“ صفحو ٣٢٨.

٢٩٢ـ ١٧٥۴ع جي گرميءَ جي رت ۾ ساهڙ سلطان جو شهر پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو. ان سان گڏ اُچ جي بخاري خاندان جي سيد پيرـ عالم جي مزار به لڙهي وئي هئي. اڳين ماڳنَ کان ڪجهه ميل پري وري سندن مزارون جوڙايون ويون هيون.

٢٩٣ـ جرنل جي ١٨۴١ع واري جلد ۾ لکيل هيءَ حقيقت اسان کي ٻڌائي ٿي ته ڪوٽ ادوءَ جي سامهون ۽ان علائقي جي اتر ـ اولهه پاسي سنڌوءَ جو پيٽ چناب جي پيٽ کان ڇاليهه يا ڪجهه وڌيڪ فوٽ ويڪرو آهي. جيڪڏهن اسان هڪ سڌي ليڪ ملتان کان ڪيئداسون، جيڪا بسيري Basirah وٽان گذرندي ديري غازي خان تائين پهچندي. ۽ پوءِ ان کي ڇڪي غوثپور جي اولهه ۾ ان ٿاڪ تائين پهچائبو، جتي ان دور جو سنڌوءَ جو پراڻو وهڪرو ملندو هو. جڏهن سنڌو هاڪڙي جي پرتي ڪنڌڙ شاخ هو، جنهن جي پاڻيءَ کي مهراڻ سڏيو ويندو هو. ته اسان کي ڏسڻ ۾ ايندو ته ديري غازي خان کان ١٠٧ ۽ غوث پور کان ٨٦ ميل پري هڪ وڏي ترائي depression آهي. هيءَ ترائي درياهن جي سنگم جي تبديليءَ واسطي ڏاڍي سولي جاءِ آهي. گهٽو ڪري سندن سنگم هن ٿاڪ تي ٿيندو هو. هن وڏي ڍنڍ وسيلي پاڻي اجابه هاڪڙي تائين پهچي ويندو آهي. اهڙي ريت ملتان سمنڊ جي سطح کان ۴٠٢ فوٽ ۽ ديرو غازي خان ۴۴٠ فوٽ مٿي آهي. وري بهاول پور واري پاسي ڏانهن اڇجي ته سمنڊ جي سطح کان ٣٧٥ فوٽ، عليپور ٣٣٧ فوٽ، اسلام پور ٣٦٨ فوٽ، ۽ غوثپور ٢٠٩ فوٽ مٿي آهي. هن مان معلوم ٿئي ٿو ته غوث پور وارو علائقو سڀ کان هيٺانهون آهي. هن ٿاڪ کان ڏهه ميل

اوڀر ۽ اولهہ سمنڊ جي سطح ٣٠١ ۽ ٢٩٥ فوٽ بلند ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ساڳي مفاصلي تي اتر ۽ ڏکڻ ٢٩٦ ۽٢٨٨ فوٽ بلندي آهي. سڀ کان وڏيڪ بلندي سنڌوءَ جي نوجوده وهڪري جي ڏائي کناري سان ڪن ڪوٽ Kinkot جي ماڳن جي اتر ۾ آهي. هتي سمنڊ جي سطح کان، ٻنهي ڪنارن جي اوچائي ٣٠٥ ۽ ٣٠٤ فوٽ آهي. هن کان ٿورو هيٺ ڪن ڪوٽkin پرسان هيٺ لهي وڃي ٢٧٠ فوٽ بيهي ٿي. ڪشمور وٽ تہ هن کان بہ گهٽ يعني ٢٤٥ فوٽ آهي. هن ٻنهي ٽاڪن جي وچ تي بلندي ان ترائيءَ ڏانهن هيٺ لهندي ٿي وڃي، جنهن کي اسان سنڌ هالو Sind Hallow چوندا آهيون، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو. هن علائقي ۾ اوڀر ڪناري واري ايراضي اولهہ واريءَ کان مٿي آهي، ۽ اهو سلسلو اروڙ جي ويجهو تائين هلندو وڃي ٿو. هن ماڳ کان ڏکڻ ڏس تي وري هيٺاهون علائقو شروع ٿئي ٿو، جتي غوثپور کان ايندڙ پاڻي اچي هاڪڙي جي پراڻي پيٽ ۾ پوندو آهي.

اتان کان سٺن ميلن کان ڪجهہ وڌيڪ فاصلي تي اولهہ طرف آهي.

(٢٩٥) هي ملتان صوبي جي بکر سرڪار جي جتوئي محال جو مکيہ شهر هوندو هو. سندس هي نالو بلوچ قبيلي جي ڪري پيو. ڪنهن زماني هن ايراضيءَ ۾ هڪ طاقتور قبيلو رهندو هو. اڪبر بادشاه جي زماني ٨٧٣، ٢،٣٤٦ درهم ڍل ڏيندا هئا ۽ ١٥٦ ٨٤١ درهم ڪين معاف هوندي هئي. ضرورت وقت ٥٠٠ گهوڙيسوارن ۽ ٨٠٠ پيادن جي فوج سرڪار کي ڏيندا هئا. ان زماني هڪ روپئي ۾ چاليهہ درهم هوندا هئا.

(٢٩٦) ٿل علائقي جي پٽن ۾ اوچن بندن ۽ واري جي ڍهن ڪري سنڌوءَ جو پاڻي هن سڄي علائقي تي پلٽي ڪونہ پوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن بند کي پيچي وڌو، تہ پوءِ سڄي علائقي جي ٻڏي وڃڻ جو ڊپ هوندو آهي.

(۲۹۷) اليٽ ”هسٽورين“ ۾ (جلد ٻيو صفحو ۲۸) تاريخ يمينيءَ جو هڪ اقتباس ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ اهو ٻڌايو ويجي ٿو ته سلطان محمود سنڌو (سيحون - گهٽو ڪري اهو نالو هر وڏي درياه لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي) پار اڪري ملتان واري جوءِ ۾ پهتو ۽ اتان ڀاٽيا ڏانهن پيش قدمي ڪئي هئائين.“ حاشيه ۾ لکي ٿو ته هو ادبي Literaly پٺيان Behind ۽ پريان Beyond جا لفظ استعمال ڪري ٿو (اثير بہ ساڳيا لفظ ڪتب آندا آهن) پر ملتان جي علائقي جو صورت حال ڪجهه اهڙو آهي، جو انهيءَ لفظن جي معنيٰ مشڪوڪ لڳي ٿي“ حقيقت ۾ معنيٰ بلڪل چٽي آهي. ڇاڪاڻ ته درياه اڳي ائين ڪونہ وهندو هو، جيئن هاڻي وهي رهيو آهي. اليٽ جو ويچار آهي، ته درياه سدائين موجوده وهڪري جيان وهندو رهيو آهي. ڏسو ص ۳۴۷ تي حاشيہ ۳۴۹ (۲۹۸) سنڌوءَ جي گذريل صديءَ واري وهڪري جي ٻنهي ڪنڌين تي موجود علائقن بابت وڌيڪ احوال منهنجي ڪتاب نوٽيس آن افغانستان ۾ ڏسندا، ص -ص ۵۵٦، ۵٦۰، ٦۷۳ ۽ ٦۷٦.

(۲۹۹) هي شهر هڪ ٻوني تي آباد آهي، پراڻين جاين جا نشان اڃا باقي آهن. نگهارن (سنڌي هن کي ناهڙ چوندا آهن) جي سردار جو مقبرو اڃا سلامت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن مزار جي ڇت هن علائقي جي ڪاشيءَ جي سرن سان ناهيل آهي. چوڏاري علائقو، ويندي درياهن جي سنگم واري ٿاڪ تائين سنهيءَ لاءِ ۽ ٻوڙن سان ڀريو پيو آهي.

هن علائقن متعلق ”پنجاب گزيٽيئر“ اسان کي اڄرج جهڙيون تاريخي ڳالهيون ٻڌائي ٿو. ان ۾ لکيل آهي ته جڏهن هتي لانگاهن جي حڪمراني هئي ته ناهڙن پنهنجي هڪ خود مختيار حڪومت (ڇاڪر اعظم جي حڪومت جيتري تمام وڏي هوندي) قائم ڪئي هئي، هاڻي اهو علائقو علي پور تعلقي جي حيثيت ۾ موجود آهي. اهي ضرور ننيڙي بادشاهت تي راضي ٿي ويا هوندا.) هن گهراڻي جي حڪومت هئي جو

بلوچ سليمان جبل کان لڏ پلاڻ ڪري هتي پهتا هئا. (اهي سليمان جبل جا رهاڪو ڪونہ هئا ۽ سدا هتي ڪونہ آيا هئا. پر پهريائين ڪيچ ۽ مڪران ويا هئا) ۽ سنڌوءَ جي ڪاہي ڪناري واري علائقي ۾ اچي آباد ٿيا هئا" اسان کي هي قصو بہ ٻڌائي ٿو تہ "چويهين نسل ۾ ناهڙن جو موجوده سردار بخشڻ خان آهي، جيڪو علي پور تعلقي جو "جمعدار" آهي. منهنجي خيال ۾ سندس پگهار ٻارنهن يا پندرهن روپيا مهينو هوندو. اها هئي ناهڙن جي آزاد ۽ شاندار حڪومت. ڏسو نوٽس آن افغانستان ص ۴ ۽ ص ٦۴٨ ساڳي تصنيف وڌيڪ ٻڌائي ٿي تہ "سيت پور کي پهريائين ڪانجڻ مل Kangan Mal سڏيو ويندو هو. ان کان پوءِ ڪيس ڪدي پير Khudi Bhir نالي سان ڪونيو ويندو هو. ۽ اتي راجا ڪديءَ جو شڪار گاه هوندو هو. بير Ber جي معنيٰ وانگاڙو يا شڪار گاهہ آهي، پر پير Bher جي اها معنيٰ ڪانہ ٿي نڪري. هتي اسان کي رتا متا Ratta Mutta جي مشهور ماڳ جو ذڪر ڪونہ ٿو ملي جيڪو جتوئي کان فقط ساڍن ڇئن ميلن جي پنڌ تي آهي، وڌيڪ اڳئين صفحي جي حاشيہ تي ڏسندا.

(٣٠٠) ڏسندا حاشيہ ٢٩٢.

(٣٠١) هتان جي ڏيهي ماڻهن جي بيانن مطابق ۽ اهي گهڻو ڪري صحيح بہ آهن تہ "ڪينجهر" جي ماڳ وٽان، جتان سنڌو اوپر تي ڦيرو ڪائي چناب سان ملندو آهي، اتان موجوده دور جي ناهڙن جي سيت پور جي سردار ڪيتيءَ واسطي هڪ واه کوٽايو آهي، جيڪو درياه سان هيٺ هلي اولهہ طرف واري علائقي کي آباد ڪندو آهي. درياه هڪدم پنهنجو اڳيون وهڪرو ڇڏي (گهڻو ڪري اهو چاڙه جي موسم ۾ ٿيو هوندو) ڪوٽيل واهہ وارو رخ اختيار ڪيو. اهڙي ريت پاڻ ئي هڪ وڏو وهڪرو ٺاهي ڇڏيائين، ٿورين تبديلين کان سواءِ درياه هن واه واري وهڪري کان وهندو رهيو آهي. هن حقيقت مان اسان کي اهو معلوم ٿيندو تہ لتاشي ميدان مان ڪهڙي نہ سولي نموني سان درياه جو رخ بدلائي

سگهجي ٿو. اروڙ پرسان سيف الملوڪ به هڪ واه کوٽائي درياه جو رخ بدلايو هو. چيو ويندو آهي ته وهڪري جي هن تبديلي ڪري سنڌ اندر ٻيون الائي ڪيتريون وڏيون تبديليون رونما ٿيون. اهڙن هنڌن تي سنڌوءَ جو وهڪرو بدلائڻ ڪا ڏکي ڳالهه به ڪانه آهي. سيف الملوڪ وارو قصو ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي ڏسندا. ڏنو ويندو ته ان دور ۾ جڏهن سنڌو اوچتو پنهنجو رخ مٿائيءَ مٿي بيان ڪيل واهه جي پيٽ مان تکو تکو پنهنجو وڏو وهڪور ٻٽائي ورتو، تڏهن بياس ۽ ستلج به وهڪرا بدلائي پنهنجا اصلي ماڳ مٿائي پاڻ ۾ ملي ويون. ٻئي پاسي چناب ۽ راوي جيڪي اڳي سڌوڪي سراءِ وٽ ملنديون هيون، سي ڏهه ميل اڳتي ڏکڻ اولهه سرڪي هليون ويون. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته ساڳين سببن هتي به ساڳيو اثر ڏيکاريو آهي. چيو وڃي ٿو اهو ١٢٠٢هه (١٧٨٧ – ٨٨) جو واقعو آهي.

جنهن ماڳ وٽان سنڌو ٽورو اولهه طرف لڙي ويو، تنهن جي پرسان ئي ڪينجهر نالي ٿاڪ آهي، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. هي ماڳ مظفر ڳڙه ضلعي جي شهر خان ڳڙه کان ٻارهن ميل اولهه طرف واقع آهي.

سنڌوءَ جڏهن اهو اوچتو اولهه وارو رخ اختيار ڪيو ته بهاول پور جو نواب جيڪو پنهنجي حڪمرانيءَ جي اولهه پاسي وارو دنگ سنڌو درياه کي سمجهندو هو، تنهن نئين ۽ پراڻي وهڪري جي وچ ۾ موجود علائقي کي ١٨٢٠ع ۾ پنهنجي ملڪ سان ملائي ڇڏيو.

(٣٠٢) وڌيڪ تفصيل درياهن جي تبديلين واري بيان ۾ ڏسندا.

(٣٠٣) اٽڪ مٿان، سنڌوءَ جي وهڪري ۾ اڳي به گهٽيون تبديليون آيون آهن ۽ هاڻي به ايندڙيون رهن ٿيون. (ڏسو "نوٽس آن افغانستان"

جو صفحو ٣٢). ڪالا باغ جي هيٺان، جتان درياه جابلو علائقي مان نڪري ميداني علائقي ۾ پهچي ٿو، اتي اهڙيون تبديليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پر عيسيٰ خيل، نيازي افغان ۽ ميان والا Mian Wala جي وچ تي وڏيڪ تبديليون نظر اينديون. (ڏسو "نوٽس آن افغانستان" ص ص ٣٢٢ ۽ ٣٤٣ ۽ حاشيه). ان کان اڳ ۾ حاشيه ١١٦ تي هڪ روايت نقل ڪيل آهي، تہ قديم زماني ۾مروت افغانن جي لاقاءِ Lakai علائقي ۾ هڪ وڏي ڍنڍ هوندي هئي، پراڻي نالي ڍنڍ Dand يا Dhand ڍنڍ مان اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ هتي انهن قبيلن جي آباد ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي اهو نالو مشهور هو. وڏيڪ تفصيل اڳتي ڏسندا.

عيسيٰ خيل نيازي ۽ موجوده دور جي ديري اسمعيل خان جي وچ تي بہ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌو درياه جي وهڪرن سبب هتي بہ ڏاڍيون تبديليون آيون آهن، پنهنجي پرتي ڪنڌڙ شاخن جي پاٽيءَ سميت گومل ندي، زهوب لڪ مان نڪري ايندڙ ندي ۽ سندس پرتي ڪنڌڙ شاخن جو پاٽي، مهتار سليمان Mihtar Suleman، ڪوه ســـياه، تور غار Tor Ghar، ڪالا روه يا ڪالا پهاڙ، گاميلا يا گامبيلا Gambila يا سوري Suri نديءَ وچ تان ۽ ڪشمور پرسان.وهندڙ سيئي وهڪرا، جنجو بيان حاشيه ١١٦ ۾ ڏنل آهي (هاڻي اهي گهٽو ڪري سڪل آهن. سندن پاڻي آباديءَ جي مقصد واسطي استعمال ٿيندو آهي ۽ چاڙه جي رت ۾ اڳتي وهي ايندو آهي) اچي سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندا هئا، جن جو بيان مان اڳتي هلي ڪندس.

(٣٠٤) ڏسندا حاشيه ١١٧، جنهن ۾ مهراڻ-رود جي معنيٰ سمجهايل آهي . " سنڌ جي مهراڻ" ۽ مهراڻ رود" جي وچ ۾ موجود فرق کي سمجهائڻ جي ڪوشس ڪئي وئي آهي.

استرئبو، پنهنجي ڪتاب جي پندرهين باب ۾ چوي ٿو تہ، " اهڙا پندرهن پاٽيءَ جا وهڪرا آهن، جيڪي سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندا آهن."

اٿرين ۾ ساڳو تعداد ٻڌائي ٿو. هن سڄو مواد ميگس ٿينز وٽان ڪنيو آهي. پليني Pleny انهن جو انگ اٺويهہ ٻڌائي ٿو. جڏهن سمورا درياه گڏبا هئا، تہ گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي مهان مهراڻ Great Mihran يا سنڌ جو مهراڻ چيو ويندو هو.

(٣٠٥) ساڳيءَ ريت جتي پنج ئي درياه پاڻ ۾ ملن ٿا، ان ماڳ کي پنج ند يا پيچ آب چيو ويندو آهي. فارسي ۽ هندي ٻوليءَ جا لفظ ٻہ اهوئي مطلب ڏيکارن ٿا. اهي سيئي درياه مظفر ڳڙه ضلعي ۾ ستَ ند يا ست ندين جي ماڳ پرسان پاڻ ۾ ملندا آهن، تنهن کي "تہ مُنهن" ٽن ندين جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

(٣٠٦) چاڪاڻ تہ ترڪي ٻوليءَ ۾ مور آن Mure an درياهہ کي چيو ويندو آهي. ٽاڊ، پنهنجي ڪتاب "راجستان" (جلد I ص ١٩) ۾ لکيو آهي تہ "مهراڻ" اهو ۽ ساڳيو لفظ آهي. هي چوي ٿ و تہ، Sweet River يا مٺو مهراڻ (هندي ۽ ترڪي گڏ)، سٿين يا تاتاري لفظ آهي ۽ پنج ند کان وٺي سمنڊ تائين، سنڌوءَ کي انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو آهي"

پنج ند لاءِ حاشيہ ۾ چوي ٿو تہ " اهي درياهہ سنڌوءَ جون پرتي ڪنڌڙ شاخون آهن"

(٣٠٧) هنن بيانن مان هيءَ حقيقت ظاهر ٿئي ٿي تہ پرتي ڪنڌڙ شاخون" جن جو پاڻي مهراڻ رود يا آب سنڌ ۾ چوڙ ڪري ٿو، معنيٰ پاڻي جا اهي وهڪرا، جيڪي ملتان کان مٿان ٻنهي پاسن کان سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندا آهن. اهي وهڪرا تمام گهڻا هوندا هئا، پر قديم زماني ۾ انهن جو ذڪر ڪرڻ ضروري ڪونہ سمجهيو ويو. ڇاڪاڻ تہ انهن کي ندي يا درياه چئي ڪونہ سگهبو هو. ان زماني کان وٺي اڄ تائين انهن

۾ ڪيتريون ئي تبديليون آيون هونديون. ڪي وري موجوده دور ۾ وهندڙ درياهن کان وڌيڪ اهم به هونديون. مان انهن درياهن جو واري سان ذڪر ڪندس: انهن مان هڪ هارو Haru نالي ندي هوندي هئي، جيڪا مالاچ Malach جي جابلو علائقي مان نڪري ڪشمير جو اوڀر ڏئي، اٽڪ جي هيٺان نيل آب جي قديم ٽاڪ وٽ، سٺ ميل پنڌ ڪري، اچي اوڀارين پاسي کان سنڌوءَ ۾ پوندي آهي. ٻي ڪاغذي Kaghzi يا ڪوهاٽ ندي هئي، جيڪا اولهه پاسي کان سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندي هئي. سندس ڊيگهه نوي ميل آهي. ٽئين نديءَ جو نالو سوهان Suhan آهي. گهارال جي ڪوهستاني علائقي مان شروع ٿئي ٿي. ڊيگهه هڪ سو ويهه ميل اٿس، چڱي ويڪري آهي ۽ وهڪري ۾ تک اٿس. سياري ۾ پاڻي گوڏي جيڏو هوندو اٿس، پر چاڙهه جي رت ۾ منجهانئس لنگهي ڪونه سگهبو آهي. اوپر طرفان مکڊ ۽ ڪالا باغ جي وچ تي سنڌوءَ ۾ پوندي آهي. چوٿين ندي ڪرماهه (ڪرم) آهي. جيڪا سنڌوءَ ۾ اولهه پاسي کان چوڙ ڪري ٿي. هن سان گڏ ٻين پرتي ڪندڙ شاخن جو پاڻي به هوندو آهي. ڊيگهه نوي ميل کن اٿس. سندس پرتي ڪندڙ شاخون، اولهه طرف کان اچا گهٽو پري کان اچن ٿيون. ڪوماه ندي، ڪوماه جي جابلو علائقي مان ايندي آهي، تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿس. وڌيڪ تفصيل ”نوٽس آن افغانستان“ جي صفحه ۷۸ تي ڏسندا. سنڌوءَ سان سنگم واري ٽاڪ وٽ هن سان به وڏا وهڪرا اچي ملندا آهن. هي پاڻيءَ جو اهم وهڪرو آهي. روايتن ۽ ملندڙ ثابتين مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته قديم زماني ۾ هيءَ هڪ وڏي ندي هوندي هئي. مون کي پورو ويساه آهي ته هي پنجن پرتي ڪندڙ شاخن مان هڪ آهي. پنجين گومل آهي، جيڪا اولهه واري جبل ڪوهه سياه يا ”تور غار“ Tor Ghar جي اوڀارئين پاسي کان وهندي آهي. جيڪا قنڌار ۽ غزني واري علائقي زابلستان کي افغانستان کان الڳ ڪري ٿي. ساڳي ڪوهه سياه جي

اوڀارئين سلسلي جي ڪجھہ ميل اولهہ طرف کان ڪيس زهوب يا زهوب دره سان اچي ملندي آهي. زهوب نئن اڃا بہ اولهہ پاسي ڪوندار Kawander ندي آهي، جيڪا ڪواندر نالي لڪ مان لنگهي ٿي. انهن سڀني نَيُنِ جي گڏيل پاڻيءَ کي گومل جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جنهن جو پاڻي چاڙهہ جي رت کان سواءِ سنڌوءَ تائين پهچي ڪونہ سگهندو آهي. ڪي روايتون موجود آهن، جن مطابق چئي سگهجي ٿو تہ ڪنهن زماني ۾ هن نَيَن ۾ ججهو پاڻي وهندو هو. سندس ڊيگهہ هڪ سو اسي ميل آهي. زهوب ۽ ڪواندار جي نئن جي ڊيگهہ جدا جدا هڪ سو ويهہ ۽ پنجھٺ ميل آهي. . پراڻي دور ۾ گومل سنڌوءَ کي گهڻو پاڻي ڏيندي هئي ۽ بنا ڪنهن شڪ جي سنڌوءَ جي پرتي ڪندڙ شاخ هئي، جنهن جو ذڪر عرب مصنفن پنهنجين تاريخن ۾ ڪيو آهي. اهي، ملتان کان مٿي واري علائقي جي سامهون واريون مکيہ نيون آهن، پر هنن کان هيٺئن طرف تي بہ ڪي مکيہ نيون آهن، جن جو ذڪر مان هاڻي ڪري رهيو آهيان. ڇهين نئن ڪاها Kaha آهي، پر صحيح ائين ٿيندو تہ اها ڪاها لڪ جي نئن آهي. هيءَ نئن مهتار سليمان يا ڪوه سياه جي ڏاکڻين پاسي کان شروع ٿئي ٿي. پنجاسي يا نوي ميل جي پنڌ کان پوءِ ديره جات جي علائقي هڙنند ۾ اچي پهچندي آهي. هنجو سمورو پاڻي پوکي راهيءَ جي ڪتب اچي ويندو آهي. هن وهڪري جون پرتي ڪندڙ شاخون اڃا بہ اولهہ طرف پري کان، يعني افغانستان جي ڏکڻ اولهہ واري حصي مان وهي ايندیون آهن. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ڪنهن زماني ۾ اهو دائمي وهڪرو هو، جنهنجي پاڻيءَ جو وڏو حصو سنڌوءَ ۾ اچي پوندو هو. ستين، سوري يا سوري دري يا لڪ جي نئن هئي. اها بہ ساڳي جابلو علائقي مان ايندي هئي. سندس ڊيگهہ اسي ميل هئي، جيڪا شم Shum نالي هڪ ميداني علائقي ۾ وهي ايندي آهي ۽ هاڻي سنڌوءَ تائين پهچي ڪانہ سگهي ٿي. سنڌو جڏهن اولهہ تي موڙو کائي، ”سنڌ هالو“ واري ترائيءَ مان وهندو هو، تڏهن هيءَ نئن

، ڪن ڪوٽ ۾ روجهاڻ جي وچ تي اچي منجهس ڇوڙ ڪندي هئي. اُنهيءَ نئن جو نالو نـاڙي آهي. هيءَ نـئن سـويءَ جي پـني افـغان واري جابـلو علائقي جي اولهہ پاسي کان وهي ايندي آهي. هيٺ تي ساٽس نئن بولان جو پاڻي بہ اچي گڏبو آهي. ڪڏهن منجهس موجوده زماني کان وڌيڪ پاڻي هوندو هو. لهڙيءَ Lahri نالي هڪ نئن ياڳ جو اوير ڏئي وهندي آهي، جنهن کي ياڳ نـاڙي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي ۽ پـن مکيہ شـاخن جي شـڪل ۾ ڏکڻ آهل شـهداد پور (١) ڏانـهن ويـندي آهي، سندس ڊيگهہ هڪ سو ستر ميل آهي. ان جو گهڻو پاڻي پوکيءَ راهيءَ جي مقصد سان متي ختم تي ويندو آهي. باقي رهيو کهيو پاڻي Taunbo تنبو جي ڏکڻ ۾ ”سنڌ هالو“ جي جهنگلن جي اُجي ڏرتي پي ويندي آهي. چاڙهہ جي زماني، هاڻي سوڏو بہ سندس پاڻي منڇر ڍنڍ تائين پهچي ويندو آهي. اهو فاصلو هڪ سو چوتيهہ ميل اجا بہ ڏکڻ طرف تيندو. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت منجهس پاڻي ججهو هوندو آهي.نـائين گهاڙ يا گـاج نئن آهي، سندس وهڪرو بلوچستان جي قلات علائقي مان شروع ٿئي ٿو، جنهن کي قلات نچار سڏيو ويندو آهي. اهو وهڪرو ملا لڪ مان لنگهي، گنداوا پاسي جي تـڪرين مان ايندڙ ٻين نَيِن جو پاڻي کڻي، هڪ سو پنجاه يا هڪ سو سٺ ميل فاصلو طئي ڪري، شهداد پور کان ٻارنهن ميل اتر اوير ناڙي نئن جيان ”سنڌ هالو“ واري علائقي ۾ گم تي ويندو آهي. پر هن ۾ سال ۾ ٻہ ڀيرا چاڙهہ ايندو آهي. انهيءَ چاڙهہ جي رت ۾ گهاڙ (گـاج) ۾ نـاڙيءَ جو پاڻي، سنڌوءَ جي چاڙه واري پاڻيءَ سان ملي ويندو آهي، جنهن جو ذڪر مان متي ڪري آيو آهيان. جيڪو علائقي ۾ وڏي تباهي آڻي ڇڏيندو آهي. ان جو وڌيڪ ذڪر اڳتي ايندو. اتر سنڌ ۾ پاڻيءَ جي وڏي ڍنڍ، اتر پاسي کان ڪشمور کان وٺي ڳڙهي خيرو ۾ ڪاهتر Kahtar جبل سنڌ جو هڪ قدرتي دنگ ٻڌجي پوندو آهي. پـنجن مان چوٿين نئن جنهن جو مسعوديءَ ذڪر ڪيو آهي، سا بست، غزني

---

(١) شايد ان زماني ۾ شهداد ڪوٽ کي شهداد پور جي نالي سان سڏيو ويندو هويا ليکڪ کان غلطي تي آهي. (مترجم)

ارخج Ar- Rukhaj ۾ داور ڪان ايندي آهي، جيڪا گهاڙ جي پرتي ڪندڙ شاخ آهي. سندس ذڪر ڪرڻ اجايو آهي. چاڪاڻ تہ بست جي پاسي ڪان ايندڙ وهڪري کي خوجڪ جي جابلو سلسلي کي سمجهڻ ڪان سواءِ بيان ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. مسعودي جي لکڻ موجب، ڌرتي ڌڏڻ ڪري زمين مان جبل مٿي نڪري آيا، ان ڪري پاڻيءَ جو رخ بدلجي وڃڻ ڪو ناممڪن ڪونہ هو. خوجڪ جي جابلو سلسلي ڪري، لورا Lora نئن، جيڪا هاڻي پشنگ (جنهن کي غلطيءَ وچان پشين لکيو ويو آهي) مان وهندي آهي، سا موڙو کائي، هن جابلو سلسلي جو اولهہ ڏئي شورا واڪ Shora wak ۾ اڳتي ڏاکڻي طرف واريا سي علائقي ڏانهن هلي ويندي آهي. هنن علائقن بابت هتان جي افغانن ۾ تاجڪن وٽ هي روايتون موجود آهن، تہ پاڻيءَ جو اهو وهڪرو ڪنهن زماني ۾ اوپر طرف وهندو هو. سندس پراڻو پيٽ بولان جي سوڙهي لڪ ۾ اج بہ ڏسي سگهجي ٿو. زلزلي ڌرتيءَ جي مٿاڇري جو وايو منڊل بدلائي ڇڏيو. ٽڪريون مٿي نڪري آيون ۾ پاڻي جي وهڪرن جو رخ بدلجي ويو. ان زلزلي سبب علم ارضيات سان لاڳاپيل ڪي حقيقتون ضرور ظاهر ٿيون هونديون، پر انهن جو مونکي ڪوبہ پتو ڪونہ آهي. مونکي ويساہ آهي تہ انهن روايتن ۾ ٿورو گهڻو سچ ضرور هوندو آهي.

هيءَ بہ ڏيان ڏيڻ جوڳي حقيقت آهي، تہ بولان واري رستي جو موجوده دور تائين ڪنهن بہ تاريخ ۾ ذڪر ڪونہ ڪيو ويو آهي. سنڌ ڪان عام ۾ جام ملتان ڪان ڪڏهن ڪڏهن ڪواتہ ۾ ڪنڌار ڏانهن ويندڙ قافلا سويءَ ۾ سنگان ڪان ٿيندي، اڳتي ويندا هئا. هاڻي بہ سوي ۾ سنگان بولان لڪ واري رستي ڪان پنجويهہ ميل اوپر طرف آهن. گومل ۾ ان جي پرتي ڪندڙ شاخن جو پاڻي ان ساڳي جاءِ تان شروع ٿيندو هوندو، جنهن جاءِ تان مسعوديءَ جي زماني ۾ ٿيندو هو. هن وهڪري کي هميشہ زابلستان جي اوپارئين سرحد سمجهيو ويو آهي. غار Ghar ڪان اجا بہ ڪجهہ ڏکڻ طرف سنڌ جي " ڪوهستان" ۾

هڪ اهم نئن آهي، جنهن کي نئن باران ڪوٺيو ويندو آهي. اها به گهٽي علائقي جا پٽ ۽ پونا پسائي ٿي، جيڪا نوي ميل يا ڪجهه وڌيڪ فاصلو پنڌ ڪري ڪوٽڙي کان ڪجهه مٿان آبِ سنڌ ۾ اچي پوندي آهي. هاڻي اها برساتي نئن بڻجي وئي آهي. پر اڳي ائين ڪونه هو. هوءَ ننڍين وڏين نين ۽ جابلو چشمن جو پاڻي ڪٺي ايندي هئي، جنهنجو اصطخري به حوالو ڏنو آهي، هو چوي ٿو ته مڪران هڪ ويران علائقو آهي، منجهس ڪي ٿوريون نيون آهن، سندن پاڻي وهي منصوره (جي ماتحت علائقن) جي ٻنهي پاسن کان اچي مهراڻ ۾ پوندو آهي". هيءُ درياه هن علائقي جي وچان وهي ٿو.

هن حقيقت مان اسان چڱيءَ ريت سمجهي سگهون ٿا ته پنجن ندين جي پاڻي جو وهڪرو جيڪي مسعودي موجب مهراڻ رود (سنڌ جو مهراڻ Mehran Of Sindh نه، ڏسو صفحو ۲۸۱ ، حاشيه ۱۱۷) ۾ پونديون هيون، سي هي آهن: ڪابل ندي، جنهن کي افغان وارا لنڊاءِ سن Landaey Sin چوندا آهن. (۲)هرو يا هارو (۳) سوهان (۴) ڪرماه (يا ڪرم) (۵) پرتي ڪنڊڙ شاخن سميت گومل ندي آهي. اسان کي يقين آهي ته ناڙي نئن انهن پنجن نين ۾ شامل ڪانه هئي ڇاڪاڻ ته اها ملتان پهچڻ کان پهريائين سنڌوءَ کي پاڻي ڪانه ڏيندي هئي، جهڙي ريت ٻين لاءِ چيو ويندو آهي. پوئين زماني يعني اڪبر بادشاه جي دور ۾ ڌرتي ڌڏڻ ڪري ناڙي نئن جي وهڪري ۾ تبديلي اچي وئي. هن علائقي ۾ سدائين پيا ڌرتي جا ڌوڏا ايندا رهندا آهن.

هن حقيقت ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجايش ڪانه آهي، ته مسعوديءَ جن ندين جو ذڪر ڪيو آهي، انهن ۾ ڪابل ندي به شامل آهي ۽ اجا تائين سندس پاڻي سنڌوءَ ۾ پوندو رهندوآهي. جڏهن سيئي نيون آبِ سنڌ يا سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪنديون آهن، ته پوءِ ڪيس مقامي طور ست ند ڪري سڏيو ويندو آهي ڏسو حاشيو ۳۰۵.

(۳۰۸) ڏسو حاشيه ۲۹۳.

(۳۰۹) ڏسو منهنجي ڪتاب نوٽس آن افغانستان جو صفحو ۵۸۵.

(۳۱۰) هيءُ شهر اڪبر بادشاه جي زماني ۾ ملتان صوبي جي بکر سرڪار جي پارنهن محالن مان هڪڙي جو مکيہ ماڳ هو. هتي جا رهاڪو سيمجا جاڙيجا هوندا هئا. ڪين ۸۰۵۰ بيگہ زمين هئي جنهن ۾ پوکي راهي ڪندا هئا. سرڪاري ڍل ۸۷۵ -۴۷۷ درهم ڏيندا هئا. جيڪي حساب موجب 11446 روپيہ ۽ اٺ آنا بيهي ٿي. ضرورت وقت ۲۰۰ گهوڙيسوار ۽ ۱۰۰۰ پيادا سرڪار کي مدد طور ڏيندا هئا.

(۳۱۱) ڊاڪٽر آر ايچ ڪينيڊي، انڊس آرمي ۾ ميڊيڪل اسٽاف جو سرواڻ هو. هيءُ مارچ ۱۸۳۹ع ۾ ، لاڙڪاڻي کان شهدادپور ويندي هن وڏي ڍنڍ Sind Hollow مان لنگهيو هو. هو پنهنجي تصنيف انڊس آرميءَ جي مهم" Campaign of Indus Army جلد I صفحو 189 تي چوي ٿو تہ،" اسان ٽين منزل اچي شهداد پور ۾ ڪئي. اسان ڏٺو تہ ويهن ميلن تي مشتمل خشڪ علائقو جڻ لوڻ جا سن هيو. ڪاٽي ڪاٽي تلائن جو پاڻي لهريون هٽي رهيو هو ۽ ڪو پيٽ وانگي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو." شهداد پور کان اڳتي نڪرڻ کان پوءِ وري چوي ٿو،" اسان اڌ ڪلاڪ کن جي پنڌ کان پوءِ هڪ ويران علائقي ۾ پهتاسين. اهو منهنجي خيال خلاف ساموندي ڪناري جيان واري جي دڙن سان پريل ڪونہ هو. پر هموار سنوت وارو ميدان هو، جنهن ۾ ڌرتي جي رنگ جهڙي چيڪي چيڙهي ۽ ريپڙي مِٽي هئي . سمجهہ ۾ ائين پئي آيو، تہ ڪنهن زماني ۾ اها پاڻيءَ هيٺان رهي آهي. پهريائين تہ اسان کي ڇڊا پاڊا ٻوڙا ڏسڻ ۾ آيا، جيئن اڳتي وڌندا ويا سين تہ اهي گهاٽا ٿيندا ٿي ويا، نيٺ ان جاءِ تي پهتاسين جو اويڙ کي ٻہ سجاڻي ڪونہ ٿي سگهياسين".

ٻيءَ جاءِ (جلد ٻيو ص ۱٦۵) تي لکي ٿو تہ ." اسان ميهر Mehar ۽ ياڳ جي وچ تي هڪ چيڪي مٽي جي ڏاندي تان لنگهياسين. منهنجو خيال آهي تہ اهو زلزلي ڪري ايري مٽي نڪري آيو هجي مٽيءَ جي ورن

مان ائين پئي ڀاسيو تہ بنيادي طور اھا ڀاڻيءَ جي ٻوڏ سبب ٿي ھئي ۽ ڌرتي جي ڌوڏي ڪري مٿي ڏڙو ٺھجي ويئي ھئي. ڏسو. حاشيہ ٣٠٧ .ھتي بہ لڪيءَ جي جابلو سلسلي جيان جبلن جون بہ قطارون آھن. سندن اوچائي ڇئن سون فوٽن کان مٿي ڪانہ ھئي. منجھس سنڌوءَ جي ڀاڻيءَ جي لٽ جون نشانيون مليون. ڪنھن زماني ۾ ھتي شايد سمنڊ ھو. مذڪوره ڏانڊن ridges کان سواءِ ڀاڊرڪان سکر تائين سڄو علائقو ھڪ جھڙو ۽ سنوت وارو ھو.

مئسن masson بہ، فتح ٽيڻ کان اڳ، سنڌ مان لنگھيو ھو، سو بہ پنھنجي ڪتاب (جلد II ص 130) ۾ چوي ٿو تہ سنڌوءَ جي ڇاڙھ جي ڀاڻيءَ پوئين دور ۾ ڪڇھہ الھندي ڏانھن رخ ڪيو آھي ۽ ٻڙھي خيري کان چاليھہ ميل ڏکڻ آھل غيبي ديري وٽ بہ سنڌوءَ جي ھڪ ڇاڙھہ نظر اچي ٿي.

(٣١٢) ڪيترين صدين جي عرصي دوران، مھتار سليمانِ يا ڪوه سياه يا تور غار Tor Ghar يا ڪالا روه، يا ڪڇھہ وٽيرڪو ۽ جتي گھٽ اوچائي وارو سلسلو آھي، يعني ڪوه سرخ، ثور غار Sor ghar يا رتا روَه وارن علائقن ۾ وڏيون تبديليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ڪنھن زماني ۾ ھتي وادي ۾ ناگڙ افغان رھندا ھئا ۽ ھاڻي مري ۽ بگٽي رھندا آھن. اھڙيءَ ريت اولھہ طرف اڳتي بہ اھڙيون تبديليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ادريسيءَ بہ ڪشمور ۽ شاروساڻ يا سوِستان يا ھاٿوڪي سيوھڻ جي وچ تي، آب سنڌ جي اولھندي ڪناري ڪيترين ئي ڍنڍن جو ذڪر ڪيو آھي” آرائش محفل“ پوئين دور جي تاريخ آھي، ٻڌائي ٿي تہ، سوي بکر کان ڏيڍ سو ميل ڪن اتر- اتر- اولھہ طرف آھي. سنڌوءَ جو ڀاڻي تئين چوٿين سال ڏکڻ کان اتر وڃي، ھن علائقي جا ڳوٺن جا ڳوٺ ٻوڙي ڇڏيندو آھي. بکر ۽ سويءَ جي وچ تي اتر - اتر - اولھہ طرف واري اڌ علائقي ۾ ڪي ٿورا ڳوٺ نظر ايندا. ٻن صدين کان سڄو علائقو ويران لڳو آيو آھي، جتي سال جا چار مھينا سموم جھڙيون موتمار

گرم هوائون گهلنديون آهن. بکر جي ويجهي واري اڌ علائقي ۾ بہ ڪي گهٽا ڳوٺ ڪونہ آهن، پر جاچي ڏسبو تہ پنهي اڏن ۾ قديم زماني جي بي شمار ڳوٺن ۽ شهرن جا ڪنڊر نظر ايندا. آرائش محفل جي اهڙن بيانن جي مير معصوم بہ تصديق ڪئي آهي. هي سنڌ جو مورخ آهي، سندس ڪيترا حوالا اسان بہ ڪتب آندا آهن.سندسي دور ۾ مذڪوره علائقي جو جيڪو صورت حال هو، سو هن پنهنجي ڪتاب ۾ قلمبند ڪيو آهي.

اسان هن علائقي جي احوالن واسطي هتان جي ڏيهي مورخن جي اصلي نسخن کي پڙهيو آهي. سِندن چوڻ آهي تہ قديم زماني ۾ سِويءَ وارو علائقو ڏاڍو سرسبز ۽ خوشحال هو. پوءِ پني افغانن هتي دنگو ڄمايو. هاڻي هيءُ علائقو ويران آهي ۽ سُڃ پئي ٿي واڪا ڪري. انهي خوشحالي سبب، جڏهن شاه بيگ ارغون مغل مجبور ٿي قنڌار ڇڏيو تہ سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان اڳ ۾ هو سويءَ ۾ رهيو هو ۽ قلات ۽ ڪواٽہ (ڪوئٽہ) کان وڌيڪ هن علائقي کي پسند ڪيو هئائين. جيڪڏهن هو پوئين دور ۽ موجوده زماني جيان ويران پڙپانگ هجي ها، تہ هو اتي رهڻ پسند ڪونہ ڪري ها. پن نسلن کان پوءِ هن علائقي ۾ وڏيون تبديليون آيون. بکر جي صوبيدار محمود (ڪوڪلتاش) جي زماني ۾ سوي ۽ ان جو ماتحت علائقو بکر جي صوبيداريءَ ۾ شامل هو. ان زماني ۾ سوي جي آبهوا ۽ پاڻي ايڏو گندو ٿي ويو هو، جو اتي رکيل پنهنجو لشڪر هر سال بدلائيندو هو. ديري غازي خان کان سخي سرور جي مزار ڏانهن ويندي، مان پاڻ اهو گندو پاڻي چکي ڏٺو هو تنهن ڪري ان بيان جي مان پاڻ بہ تصديق ڪريان ٿو. اڪبر بادشاه جي دور تائين، مذڪوره علائقي جون حالتون ڪجهہ نيڪ رهيون، سلطان محمود (ڪوڪلتاش، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي) جي وفات ۽ بکر سرڪار کي ملتان صوبي ۾ شامل ڪرڻ واري دور کان پوءِ، پاڻيءَ جي زبردست اٿل ۽ زلزلو آيو (ڏسو ڊاڪٽر آر. ايچ

ڪينيڊيءَ جو بيان، حاشيو ٣١١) هن علائقي ڏانهن ايندڙ سنڌوءَ جي ڇاڙهه جو منهن لتجي ويو، تنهن ڪري وهڻ کان بند ٿي ويو ۽ پاڻيءَ جي ٻوڙ ٻوڙان بہ ختم ٿي وئي. هن تبديليءَ کان اڳ ۾ سنڌو پنجاهه ڪوهن جي فاصلي تي وهندو هو ۽ سندس پاڻي سرواه Sarwah واري علائقي ۾ موجود وڏي ڍنڍ Sind Hallow ۾ اچي گڏ ٿيندو هو، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. اتان سنڌوءَ منجهان هڪ ڇاڙهه نڪرندي هئي، جيڪا هڪ سو ويهہ ميل فاصلو طئي ڪري ڏکڻ طرف سنڌ جي وچولي ۾ موجود منڇر ڍنڍ تائين وڃي پهچندي هئي. سندس پاڻي ٻوڪي راهي جي مقصدن واسطي بہ ڪتب آندو ويندو هو.

سڪندر جنهن نموني سان سفر ڪيو، تنهن کي ڪننگهام پنهنجي ڪتاب "اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا" جي نقشي ۾ ڏنو آهي. صفحي ٢٤٨ ۾ هن کي سنڌوءَ وسيلي اَچ کان اپاوڙي تائين سفر ڪرائي ٿو ۽ اچ کي اليگزينڊريا سڏي ٿو. (هن موضوع تي سندس ويچار حاشيہ ١٩٢ تي ڏسي سگهجن ٿا). اروڙ کان پوءِ سڪندر کي سنڌوءَ کان هيٺ پار وسندڙ شهر ماهورٽا Mahorta ڏانهن سنڌوءَ جي موجوده وهڪري سان سفر ڪندي ڏيکاريو وڃي ٿو. بعد ۾ سنڌوءَ جي اولهہ ڪناري سان آباد سيوهڻ، پوءِ برهمڻ آباد، هالا، ڪوٽڙي ۽ ٺٽي کان پوءِ ڪيس ڪراچي پهچائي ٿو. ٻئي پاسي وري هن کي ڪوٽڙيءَ کان لوٽي ٻاري اوٽ Lonibari Oat وٺي وڃي ٿو. سنڌوءَ جو هي موجوده دور وارو وهڪرو آهي، جنهن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سڪندر جي دور کان وٺي اڄ ڏينهن سوڌو سنڌو پنهنجي ساڳئي پيٽ مان وهي رهيو آهي ۽ سندس وهڪرو تبديل ئي ڪونہ ٿيو آهي، اهي سندس خيال آهن. عربن هتان سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ سنڌوءَ جي وهڪري ۾ سدائين پئي تبديليون آيون آهن.

ساڳيو مصنف "ڪراتيرس" کي فاضل پور وٽان سنڌو پار اڪاري ڪشمور، ڪانگهڙ Kanghar ، ڍاڍر، باغ جو پاسو ڏياري بولان جي

لڪ مان اڳتي وني وڃي ٿو ۽ سڄي سفر واسطي ”ڪراتيرس“ کي حوالي طور پيش ڪري ٿو. مان ڪراتيرس جي تاريخ کي سچيتائي سان پڙهيو آهي، سندس تصنيف ۾ مونکي ڪابہ اهڙي ڳالهہ ڪانہ ملي آهي، جنهن مان ڪننگهام جي بيان جي پنيرائي ٿيندي هجي. مونکي پوريءَ ريت ڄاڻ آهي تہ اهي شهر جن جو هن ذڪر ڪيو آهي، تنهن دور ۾ موجود ئي ڪونہ هئا ۽ تن ڏينهن سنڌو ائين ڪانہ وهندو هو، جيئن هاڻي وهي رهيو آهي.

(٣١٣) هن نالي جو ذڪر ڪرڻ ڏاڍو عجيب لڳي ٿو. انگريز مصنف هن کي پني افغانن واري سوي سمجهندو آهي. ڇاڪاڻ تہ صحيح سروي ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪنهن موڳيءَ بي سمجهو ماڻهو، سنڌ جي وچولي واري هن مشهور شهر جو نالو لکي ڇڏيو آهي. هي سنڌ جي وچولي جي اترئين ڀاڱي جو هڪ مشهور شهر آهي.

پروفيسر لئسن بہ پنهنجي ڪتاب ”اندس کي، آلترٿو سمڪنڊي Indische Alterthumsmkunde ۾ ساڳي غلطيءَ کي ورجايو آهي. منهنجو خيال آهي تہ هن بہ ڪنهن انگريز مورخ تان اهڙي معلومات ڪٿين آهي. هو بہ سيوستان کي، اهو جابلو علائقو سمجهي ٿو، جيڪو افغانستان جي ڏاکڻين دنگ سان وڃي ملي ٿو، جتي ڪوه سياه يا سليمان جو جابلو سلسلو يا تورغار يا ڪالاروه يا ڪالا پهاڙ، اڇي سويءَ پرسان ڪوه سرخ يا ثورغار يا رتاروه يا رتاپهاڙ جي ٻاهر نڪتل حصي سان ملندا آهن. (هنن پهاڙن کي مختلف ٻولين ۾ انهن نالن سان سڏيو ويندو آهي) ساڳئي وقت هن کي سنڊومان ، يا سيوهڻ جي صحيح نالن سان بہ سڏي ٿو. سندس اکيون کلي وڃن ها تہ ”سيوستان“ ، ”سندوسان“يا ”سيوهڻ“ سوي نہ آهي ۽ نہ رهيو آهي.

ٻئي طرف وري ڪننگهام پنهنجي ڪتاب ائنشنٽ جاگرافي آف انڊيا

” ڪراتيرس سڪندر اعظم جو فوجي جرنيل هو (مترجم).

(ص ٢٦٤) ۾ چوي ٿو تہ ”مان اڳين مورخن سان هن ڳالهہ ۾ سهمت آهيان تہ سندوسان، سيوهڻ آهي. فقط هڪ ڳالهہ جي ڪري تہ هنن نالن ۾ ڪجهہ هڪ جهڙائي آهي (مون کي خوف آهي تہ سچائپ واسطي اها نياڳي هڪ جهڙائي گهٽو پري نہ وڃي وڃي)....... صفحي ٢٦٦ تي چوي ٿو تہ سندس هاٿوڪو نالو سوِستان جي ننڍڙي شڪل آهي“ اچرج جهڙي ڳالهہ اها بہ آهي تہ سيوهڻ جي مشهور معروف شهر کي ٽالمي Ptolmy کنهن سچاڻ جهڙي نالي سان ڪونہ لکيو آهي ....، تنهن ڪري مان سوِستان (هنکي سيوستان Sewstan نہ پر سوستان Swestan ڪري لکيو ويندو آهي). جي پڙهٽي بلڪل غلط سمجهان ٿو. هي موجوده دور جي نواڻ آهي، چاڪاڻ تہ هن شهر کي هندن شو ديوتا سان هروڀرو ڳنڍي ڇڏيو آهي.

جيڪڏهن ٽالمي، هن شهر جو نالو ”سيوهڻ“ وٺي ذڪر ڪري ها تہ تعجب ڪونہ ٿئي ها، پر جيئن تہ ٽالميءَ کان ڪيترين صديون پوءِ بہ هن کي سيوهڻ نالي سان ڪونہ سڏيو ويو آهي، تنهن ڪري اعتبار ڪونہ ٿو اچي. مان ڪيس نماڻائيءَ سان اها گذارش ڪندس تہ سيوستان نالو بلڪل صحيح آهي. جڏهن عربن سنڌ فتح ڪئي تہ ان زماني ۾ سندس نالو اهو هو. چچ نامو بہ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ هن شهر جو اهو نالو عرب فتح کان بہ اڳي جو آهي. قديم عرب جاگرافيدانن جابہ اهڙا بيان آهن، تہ هن شهر کي انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو هو. مسلمان دور کان پوءِ ٽن صدين تائين هن کي شارو ساڻ ۽ سنڌستان بہ سڏيندا آيا. اها هڪ حقيقت بہ آهي تہ هتان جي ڏيهي مورخ (جن ۾ سنڌي مؤرخ بہ شامل آهن) سنڌ جي ذڪر ۾ هن شهر جو ذڪر بہ ساڳئي نالي سان ڪيو آهي، جيڪو سندن اصلي نسخن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. طبقات ناصري جو مصنف جنهن پنهنجي تاريخ ١٢٦٠ع ۾ لکي، سو تہ هندو ڪونہ هو، هن بہ مذڪوره شهر کي سوِستان ۽ سنڌستان ڪري لکيو آهي (ڏسو صفحو ٥٣٢ ۽ ٥٣٩).

ابوالفضل واري دور ۾ هيءُ علائقو ۽ شهر تمام گهڻو مشهور هو. تنهن ڪري اها ڳالهه اچرج جهڙي ڪانه آهي، جو هيون تسانگ "سيوهڻ جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي." پر جيڪڏهن سيوهڻ جو نالو ڪٽي ها، ته اسان کي گهڻو تعجب ٿئي ها، ڇو جو تن ڏيهين تاملي جي دور جيان هن شهر جو اهو نالو هيوئي ڪونه.

موجوده دور جو ٻيو مورخ "ٽاڊ" پنهنجي ڪتاب "راجستان" (جلد ٻيو ص ٢٣٠) ۾ هن شهر کي سوستان بدران، "سيستان يعني "ٽڏ جي ماٿري" ڪوٺي ٿو. سي Sei معني ٽڏ، پتو نه آهي ته الائي ڪهڙي ٻوليءَ مان اهڙا ڳوڙها مطلب آندا اٿائين. ان سان هن شهر کي سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنڌين سان آباد ڏيکاري ٿو. "سيستان" گرم ضرور آهي، پر سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنڌين سان آباد ڪونه آهي. ٽاڊ جي جاگرافيءَ ۾ ڪي تاريخي حقيقتون ڏاڍيون ڇرڪائيندڙ هونديون آهن.

سوستان بابت هڪ وڏي غلطي سرڪار جي سرجن ميجر او- ٽي- ڊيوڪ O.T. Duke به ڪئي آهي. ڪجهه وقت اڳ، هو بلوچستان ۾ گورنر جنرل جو نمائندو هو. هن سوي بابت هڪ وڏي رپورٽ ناهي حڪومت ڏانهن موڪلي هئي، جيڪو هن شهر کي سوي بدران سيوي Seevi لکي ٿو. مذڪوره رپورٽ ۾ هن سوستان يا سيهوڻ ڪان ٽي ڊگريون اتر طرف افغان علائقي جو ذڪر ڪيو آهي. مان سمجهان ٿو ته هن اهي حقيقتون آئين اڪبري جي غلط ترجمي تان ورتيون آهن. زمين جي ورهاست جو جوڙ جڪ، ڍل يا ٻيا سرڪاري محصول وغيره جو ذڪر به وچولي جي هن شهر سان لاڳاپيل آهي. ۽ هن وڏي ساري علائقي جو نالو وري سوي Siwi ڏئي ٿو. جيڪو افغانستان جو ڏاکڻو علائقو آهي. اها ڳالهه حقيقت جي ابتڙ آهي، ڏسو نوٽس آن افغانستان ص٥٥٣ ۽ ٻيل نامون.

(٣١٤) هن حقيقت ۾ ڪوبه شڪ ڪونه آهي ته آب سنڌ جي مکيه وهڪري "سنڌ هالوُ" وارو پاسو ڇڏي، سڌو ڏکڻ طرف رخ ڪيو آهي،

۽ دريبلي کان اولهہ پاسي وهي ٿو. مرزا جاني بيگ ترخان، ٺٽي جي آخري آزاد حڪمران، جي خلاف جنگي مهم ۾ مير معصوم بکري پاڻ شريڪ هو. سندس بيان آهي تہ آب سنڌ سيوستان يا سيوهڻ کان ڇهہ ڪوهہ (يارنهن ميل) پري آهي .مرزا جاني بيگ مقابلي لاءِ لاڙ مان غورابن جو جنگي ٻيڙو ڪاهي هتي پهتو.“ هن حقيقت مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ درياہ جي ان شاخ ۾ تن ڏينهن گهڻو پاڻي هو. هي ۹۹۴هہ (۱۵۸۵ع) وارو ويجهو زمانو آهي.

(۳۱۵) ڏسوص ۲۰۷ مسٽر اي- ڊبليو هيوز A.W. Hughes جي سنڌ گزيٽيئر (صفحو ۲۴) سنڌ جي فتح جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو تہ محمد قاسم (هتي اسان وري ساڳي غلطي ڏسون ٿا ڏسو حاشيہ ۲۴۲) سنہ ۹۲ هہ ۾ وڏي لشڪر (اهو لشڪر ڏهہ هزار فوجين تي مشتمل هو) ساڻ ڪري شيراز کان نڪتو هو ۽ پيش قدمي ڪندو شايد ڀهريائين ديبل پهتو هو. (هن ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش ڪانہ آهي) هن کي ڪن منهوڙو تہ ڪن ڪراچي سمجهيو آهي، ڪي وري ماڳهن هن کي ٺٽو سمجهن ٿا. هن مذڪوره بندر کي ٻئي سال جي شروعات ۾ سولائي سان فتح ڪري ورتو“. ساڳي گزيٽيئر جي صفحي ۱۲۳ تي بمبور Bambara جي عنوان سان هيٺ لکي ٿو، اهو چيو وڃي ٿو (ڪنهن کان؟ اهو ڪونہ ٿو ٻڌائي) ۽ ان سمجهڻ لاءِ ڪي مناسب سبب بہ آهن تہ هي قديم ماڳ ديبل، ديول جي نالي سان اڳي گهڻو مشهور ۽ معروف هو. سنڌ جو هيءُ ڀهريون شهر هو، جنهنکي مسلمان حملہ آور محمد قاسم ثقفي فتح ڪيو هو. وري صفحي ۳۲۳ تي ٻڌائي ٿو تہ، اهو چيو ويندو آهي، تہ امڪان اهو آهي تہ اهو بمبور ئي ديبل آهي ....ٻين جو (ڪنهن جو؟) خيال آهي تہ ٺٽو ئي قديم شهر ديبل آهي. ۽ ڪي وري منهوڙي کي ديبل سمجهندا آهن. سندن خيال آهي تہ هن ڀهريائين منهوڙو فتح ڪيو هو .... صفحي ۴۱۴ تي گزيٽئر جو مرتب ڪراچي جو عنوان ڏئي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ڪن مصنفن

جو خيال آهي تہ قديم ديول ڪراچي خود آهي، يا ان جي بلڪل ويجهو ڪاٿي موجود هو.

معلوم ٿيندو تہ سندس خيال ۾ ٽي مختلف ماڳ آهن، جن ڪي هن ديبل سمجهيو آهي ۽ It is Said چئي پنهنجا ويچار پيش ڪيا آهن، جيڪي منهنجي خيال مطابق غلط آهن. ثابتيءَ طور مان اوهان کي ڪي حقيقتون ٻڌائڻ چاهيان ٿو. هن موضوع تي ڏسندا ڪننگهام جي اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا ۾ ڏنل حقيقتون صفحو ٢٩٧ ۽ ٣٠٢ .مسٽر ڪرو Crow گهڻو وقت ٺٽي ۾ رهيو هو، تنهن جا خيال ڪنهن حد تائين صحيح نظر اچن ٿا.

ابوالفضل اهو ماڻهو آهي، جنهن هن ڏس ۾ پهريون غلطي ڪئي آهي، جيڪو ٺٽي کي ديبل سمجهي ٿو ۽ ساڳي ريت وري اسان کي ٻڌائي ٿو تہ بکر منصوره آهي، جيڪا ڳالهہ حقيقت کان گهڻو ڏور آهي. منصوره جو ماڳ بکر کان هڪ سو ويهہ ميل ڏکڻ ڏس تي آهي. اهي اهڙيون غلطيون آهن، جن لاءِ ڪجهہ چئي ڪونہ ٿو سگهجي، پر برهمڻ آباد کي وري صحيح ماڳن تي ٻڌائي ٿو. ڏسو صفحو١٩٦ حاشيہ ١٠٥. ڪيس اها بہ خبر هوندي تہ ٺٽي جو بنياد عربن هٿان سنڌ فتح ٿيڻ کان صديون پوءِ رکيو ويو هوندو. بمبرا بہ عربن جي دور وارو ديبل ٿي ڪونہ ٿو سگهي، انهي جا سبب صفحہ ٢٢٤ تي ڏسي سگهجن ٿا ۽ صفحہ ٢١٣ تي المسالڪ والممالڪ جو نقشو وغيره بہ ڏنل آهي. ڪننگهام بہ ديبل جي ماڳن جي ناتي سان حقيقت کان گهڻو پري هليو ويو آهي. ”اينشنٽ انڊيا“ صفحي ٢٧٩ تي حيدرآباد کي نيرون ڪوٽ طورسمجهڻ کان پوءِ چوي ٿو تہ ابوالفدا مطابق اهو ديبل کان پنجويهہ فرسنگ پري هو. مان اوهان کي هيءَ حقيقت سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندس تہ قديم ديبل بندر جو امڪاني ماڳ ”لاڙي بندر“ آهي.

مان هتي هڪ ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو تہ ابو ريحان لاري بندر کي لوهاراٽي بندر سڏيو آهي. هو چوي ٿو تہ اهو ديبل کان ٻارنهن فرسنگ پري هو. ڏسو پڻ اليٽ صفحو ٦٥، ٦٦ جلد I .

ڪننگهام پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٢١٧ تي چوي ٿو ته، ”وچولي دور جي سنڌوءَ جي ڪناري تي مشهور معروف بندر جي ماڳ جو پتو پئجي ڪونہ سگهيو آهي. ابوالفضل پوئين دور جو مسلمان مورخ آهي، جيڪو ديبل کي ٺٽو سمجهي ٿو پر حقيقت اها آهي ته جڏهن هنن پنهنجون تاريخون لکيون، تنهن زماني ۾ ديبل ڌرتيءَ جي تختي تي موجود ئي ڪونہ هو. منهنجو ويچار آهي تہ ”ديبل ٺٽي“ جي نالي کان غلط فهمي جو شڪار ٿي ويا آهن ۽ اهو لفظ فقط ٺٽي لاءِ گهڻو استعمال ٿيو آهي. ساڳي ريت برهمانانا يا برهمون آباد کي ديبل ڪنگرا Debal Kangra جي نالي بہ سڏيو ويندو هو. ديبل جي مشهور بندر کي ديبل سنڌي بہ سڏيو ويو آهي. ديبل يا ديول جي معنيٰ مندر يا وهار آهي. تنهن ڪري ديبل سنڌي معني ٿيندي سنڌي شهر جي پير وارو مندر. برٽن اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ٺٽي ۾ ڪي اهڙيون شالون اڄنديون آهن، جن کي ديبل شالون چيو ويندو آهي. هن حقيقت مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ ديبل هڪ اهڙو شهر هو، جتي واپاري ٺٽي ۾ جڙندڙ شالن جا ڍير لڳائي ڇڏيندا هئا.“

مان هتي هڪ ڳالهہ جو ذڪر ڪندو هلان، تہ پٽ يا مخمل جي ڪپڙي کي فارسي ٻوليءَ ۾ ديبا بہ چيو ويندو آهي. پر ديبا لفظ صفت آهي. انجو اسم ديبل يا ديول مان ورتل ڪونہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ديبا خالص فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ ديبل ان ڪري مشهور هو جو اتي ٻڌن جو وڏو وهار هوندو هو.

ڪننگهام هيملٽن جي ڪتاب ”نيو اڪائونٽ آف ايسٽ انڊيز“ (جلد I صفحو 130) جو حوالو ڏئي ٿو تہ ” سنڌي درياهہ سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري جي هڪ ڇاڙهہ آهي، جنهن جو نالو هتان جي ماڻهن کان وسري ويو آهي. منجهس پاڻي تمام گهڻو هوندو هو. ڪيس ديولي Divelle يا ست مُنهون ڪري سڏيندا هئا. وڌيڪ چوي ٿو، هن بيان مان ظاهر آهي تہ سنڌوءَ جا اهي ڦاٽ جيڪي لاڙي بندر وٽان سمنڊ ۾

ڇوڙ ڪندا هئا، تن کي ديولي يا ديبل جو درياه سڏيو ويندو هو. اهو سنڌوءَ جو پٽيءَ نالي هڪ ڦاٽ هو، مان سمجهان ٿو ته انجو ٻيو نالو سنڌي هو، منهنجي خيال ۾ اهو ساڳو نالو آهي، جنهن کي ٽالمي سنٿن اوسٽم Sinthan Ostium جي نالي سان سڏيو آهي يا اهو اولاهين پاسي سنڌوءَ جو ٻيو نمبر ڦاٽ هو. هن مان اسان اهو سمجهي سگهون ٿا ته سنڌوءَ جو" پٽيءَ" وارو ڦاٽ اهو ساڳيو آهي، جيڪو ٽالميءَ واري دور ۾ به هو ۽ سنڌ جي نالي وارو ڦاٽ ٻئي نمبر تي هو.

صفحي ٢٧٩ تي ڪجهه بيان ڪرڻ کان پوءِ هو لاري بندر کي ديبل سمجهي ٿو. وري ٻئي هنڌ چوي ٿو "جيڪڏهن لاڙي بندر يا ڪراچي ديبل بندر نه آهي، ته ان کي ٻنهي ماڳن جي وچ تي ڳولي سگهجي ٿو".
کيس وڏيڪ اهو به چوڻ گهرجي ها ته هيملٽن هيئن به چوي ٿو، " سنڌي نالي ڦاٽ کي هاڻي ڳولي لهڻ ڪجهه ڏکيو ٿيندو، پر ان جي مٿان هڪ مسلمان بزرگ جو مقبرو آهي. ان قبي کي پري کان ڏسڻ لاءِ چوني سان اڇو رنگ ڏنو ويندو آهي" مذڪوره مصنف پنهنجي نقشي ۾ ديول يا ديبل کي مڪران ۾ ڏيکاري ٿو.

هن ڳالهه لاءِ تمام گهٽيون شاهديون موجود آهن، جن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿوته مٿيان بيان سچا آهن ۽ نه وري هن ڳالهه ۾ڪو وزن آهي، ته جڏهن ابوالفضل پنهنجي تاريخ لکي رهيو هو ته ديبل موجود ئي ڪونه هو.

خلاصةالتواريخ اورنگزيب عالمگير جي عهد ۾ لکي وئي هئي، جنهنجو مولف هڪ سرڪاري ملازم پٽيالا جو وينل هو. سندس چوڻ آهي ته ديبل اڃا به سنڌ جو مشهور بندر آهي۽ ڪراچي ان زماني ۾ غير اهم هو. مان اوهان کي هڪ حقيقت ٻڌائيندو هلان ته جنهن هنڌ تي اڄ ڪراچي آباد آهي، سو سنڌ جو نه، پر مڪران جو علائقو آهي.

مذڪوره مولف اسان کي ٻڌائي ٿو ته ديبل موتين جواهرن ۽ ٻين شين جو مرڪز آهي. هن جي پرسان لوڻ ۽ لوه جون کاڻيون آهن، جن مان

سرڪار کي گهڻو محصول ملندو آهي. هن ڪان ڇهه ميل پنڌ تي نهايت قيمتي پيلي رنگ جو پٿر ملندو آهي، جيڪو جاين ناهڻ ۾ ڪتب اچي ٿو. ديبل کي پنهنجا چار هزار ننڍا ۽ وڏا ٻيڙا آهن. ڪراچي ضلعي جي شاه بندر تعلقي ۾ اجا بہ ججهي انداز ۾ لوڻ ملندو آهي.

وڊ Wood بہ ساڳي غلطي ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ نتو، ديبول ۽ برهمڻ آباد هڪ ماڳ جا نالا آهن. نڪولس وٿنگٽن، انگريزن مان آڳاٽو مصنف آهي. انگريزي ڪوٺي جي نگران ڪئپٽن بيسٽ ڪيس ١٦١٢ع ۾ مغلن جي علائقي ۾ مقرر ڪيو هو. هن پنهنجي هڪ ننڍڙي ڪتاب ۾ ڪي حقيقتون قلمبند ڪيون آهن. هو ٻڌائي ٿو تہ،" سنڌ اندر ٺٽي جهڙو واپار سڄي هندستان ۾ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. مکيہ بندر لاري Lowri آهي، جيڪو ٺٽي کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. درياهي ڦاٽ ڪان سواءِ اوڏانهن ويندڙ رستو سنهو آهي. سورت ۽ هندستان جي ٻين شهرن جيان هتي ڪي جيت جٽيا ڪونہ آهن. ٽن چئن مهينن جي سفر ڪان پوءِ واپس ورڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ٻيڙيءَ وسيلي لاهور تائين ٻہ مهينا لڳن ٿا، واپسيءَ وارو سفر هڪ مهينو وٺي ٿو. سنڌ جا بندر ۽ رستاامن وارا آهن. آگري ڪان انن جا قافلا ويهن ڏينهن ۾ بکر پهچندا آهن. ۽ اهو سامان پاڻي وسيلي پندرهن يا سورهن ڏينهن اندر بندر تائين پهچي وڃي ٿو. آگري ڪان سورت سنڌ بنسبت ويجهو پنڌ آهي، پر سورت واري پاسي چورن جو آزار آهي، جنهن کي روڪڻ لاءِ مغل سرڪار ڪوشش ڪري رهي آهي"

آگري ڪان سڌو بکر جو پنڌ سورت جي ڀيٽ ۾ گهٽو آهي، پر سورت ڏانهن ويندڙ رستي جو اڌ جيسلمير مان گذري ٿو، جنهن ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ آهي. هن حقيقت مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ان زماني ۾ مذڪوره علائقو ايترو ويران ڪونہ هو، جيترو هاڻي آهي.

وٿنگٽن اسان کي وڌيڪ ٻڌائي ٿو: تہ سنڌ جا گهڻا رهاڪو راجپوت واٺيان ۽ بلوچ آهن. وڏن شهرن ۾ گورنر مغل آهن. بلوچ مسلمان آهن.

هو اٿ پالينداآهن. درياهہ ۾ خشڪيءَ تي ڏاڙا هڻڻ سندن ڏنڌو آهي.
جڏهن مان سنڌ ۾ هوس تہ هنن هڪ ٻيڙي ماري جنهن ۾ ڇهہ انگليءَ جا ۽ هڪ پورچوگيز باشندو هو. ٻيا سڀ ماري ڇڏيائون، باقي پورچوگيز ڪان سون وٺي ڪيس آجو ڪري ڇڏيائون.

ان ڪان پوءِ اسان Walter Paynton والٽر پينٽن ڏانهن اچون ٿا. هو ڪئپٽن ڪرسٽافر سان گڏجي نيو پورٽ مان هندستان جي ٻارهين سفر تي نڪتو هو. هو روزنامچو لکندو هو. هن سنڌ جي سامونڊي ڪناري سان بلوچن جي ڦهري ڪارواين ڪي قلمبند ڪيو آهي. هن ڪناري طرف هڪ ٻيڙي موڪلي هئي، منجهس سر ٿامس پاويل ۽ ايران ۾ سفير سر رابرٽ شرلي ۽ سندس ٻہ ايراني نوڪر ويٺل هئا. اهي هتان اصفهان وڃي رهيا هئا. هو چوي ٿو تہ، ” سندن مقصد هو ملڪ ڏسڻ ۽ ٻيڙيءَ تان لهڻ واسطي ڪا مناسب جاءِ ڳولڻ. جڏهن هو هڪ ننڍڙي ڳوٺ تيسڪ Tesseque (جاسڪ Jask) وٽ پهتا تہ اتي انن سان ڪي جت ۽ ٻيا ماڻهو ڏٺائون. پڇڻ تي انهن ماڻهن ٻڌايو تہ هي ملڪ ڪيچ مڪران آهي، هتان جا رهاڪو بلوچ آهن. ملڪ مرزا سندن حڪمران آهي. سندس رهڻ جي جاءِ هتان ڪان پنجن يا ڇهن ڏينهن جي پنڌ تي گوادر بندر ۾ هئي.

ڪين سندن دغا ۽ ڪوٺ جو بروقت پتو پئجي ويو. پنهنجون ترڪيبون ۾ اٽڪلون ڪندا، موٽي اچي پنهنجي ٻيڙي وٽ پهتا. اها تاريخ ١٩ سيپٽمبر سنہ ١٦١٢ع هو.“ هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ ”هن پنهنجي ٻيڙي جو رخ سنڌ ڏانهن موڙيو ۽ ٢٤ ڊگريون ٣٨ منٽ جي درجي تي سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ، مغل حڪمرانيءَ ۾ پهتا. ۽ ١٦ ڊگريون ٤٥ منٽن تي اسان اچي خير سان پتڻ ڪيو. سفير جي سامان ڪڻڻ واسطي ٢٩ سيپٽمبر جو ديبل مان ٻيڙيون روانيون ڪيون ويون. ٻيڙي تان لهڻ وقت سفير ڪي ١١ توبن جي سلامي ڏني وئي. ٺٽو هڪ وڏو شهر آهي، جيڪو ديول ڪان هڪ ڏينهن جي سفر تي آهي. ٻئي شهر

مغل شهنشاهيءَ ۾ شامل آهن. لاڙي بندر جو جدا ذڪر ڪيو ويو آهي. هي ديبل يا ديول بندر کان الڳ هڪ شهر هو. ابو ريحان جو بيان آهي تہ اهو ديبل کان ٻارنهن فرسنگ يا ليگ پري هو.

مسٽر پيٽن ۽ جوسوف سالبئنڪ Josaph Salbanche (هي اهو ماڻهو آهي، جيڪو جيسليمر کان قنڌار رستي اصفهان وڃي رهيو هو. سندس سفر جا احوال "نوٽس آن افغانستان" صفحہ ۵۴۷ تي ڏسندا) ٻيڙيءَ ۾ ڪي واپاري بہ هئا. تن کي هتان جي ڏيهي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي ديول روانو ڪيو ويو. مسٽر پيٽن احوال اوريندي ٻڌائي ٿو تہ " ان وقت ٻيڙو درياهہ جي ڇوڙ کان چار يا پنج ميل پري هاڪاري رهيا هئا سون، جتان ديول جو شهر پندرهن ميل کن پري هو ۽ سفير اوڏاهين هليو ويو. جتي هو ديبل جي هڪ جاءِ ۾ پنهنجي اتالي سان گڏ رهيو. شهر کان پوءِ هو قلعو ڏسڻ ويو، جتي گورنر، آره مينيوردِس Arah Manewardis سندس آجيان ڪئي. ڪننگهام جي ص ص ۲۹۷ ۽ ۳۰۲ سان ڀيٽائي ڏسندا.

ديول جي گورنر کي پورچوگيز نمائندي، سر رابرٽ سرشرلي ۽ سندس ماڻهن کي ڪِڏي ڇڏڻ جي هشي ڏني. هن گورنر کان نٽي ڏسڻ جي اجازت گهري، جيڪا کيس ڪانہ ملي. پوءِ هن ڇا ڪيو جو، پنهنجو ايراني نوڪر ساڻ ڪري، بنان اجازت، درياه پار ڪرڻ لڳو. پر مهاڻن کيس اڪارڻ کان انڪار ڪيو. ڇاڪاڻ تہ کين اتان جي گورنر روڪيو هو، تہ جيڪڏهن هو ائين ڪندا تہ کين اڦٽ ماريو ويندو. اهو حال ڏسي هن پنهنجو هڪ ترهو تيار ڪرايو ۽ سفير پنهنجي ايراني نوڪر سميت ان تي چڙهي درياه ۾ گهڙي پيو. نوڪر سندس ترهو تارڻ ۾ مدد ڪري رهيو هو. هو اتان روانا ٿيا ئي مس، جو ويهہ ٽيهہ گهوڙيسوار تکا تکا اچي اتي پهتا. کين گورنر (هندو داس) هنن کي پڪڙڻ لاءِ موڪليو هو. سفير جو نوڪر درياهہ جي لهرين جو مقابلو ڪونہ ٿي ڪري سگهيو. هڪ دفعي تہ ٻڏڻ کان ذري گهٽ بچي ويا

هئا. ڪوشش ڪري ڪين واپس آندو ويو. سفير ۽ سندس اتالي سان ڏاڍو برو سلوڪ ڪيائون. ماسٽر جان ورڊ مٿن سڌو پستول جا فائر ڪيا. مخالف ڌر جي پاسي کان فائر ڪري کيس قتل ڪيو ويو. باقي ماڻهن کي وٺي وڃي ديول سنڌ ۾ قيد ڪيائون. (سنڌ جي ڪناري وارو ديول. ٻين به هن شهر کي انهيءَ نالي سان سڏيو آهي). رستي سان هلندي گهوڙيسوارن کين لٽيو ڦريو. ٿورو وقت قيد ۾ رکڻ کان پوءِ گورنر کين نٽي وڃڻ جي موڪل ڏني، جتي سندن دوستاڻي نموني آجيان ڪئي. وئي، ڇو جو اتان جو گورنر ايراني هو. سر ٿامس پاويل ۽ ماسٽر فرئنڪس باب اڳ ۾ ئي ديول سنڌ ۾ وفات ڪري ويا هئا. سر ٿامس شرلي، مڪمل تيارين کان پوءِ آگري روانو ٿيو. ڇاڪاڻ ته رستي ۾ چورن ۽ ڌاڙيلن جو سخت خطرو هو، تنهن ڪري هُو نهايت برک ماڻهوءَ سان سفر تي روانو ٿيو، جنهن سان هڪ سگهارو قافلو ساڻ هو. هن سان گڏ سفر ڪرڻ واسطي هو ٻه مهينا ترسيو رهيو.

”ليڊي پاويل کي ان زماني پٽ ڄائو . پر ان ٻار، ليڊي پاويل ۽ سرٿامس جي ڀاءُ مچيل پاويلَ ٻيڙين ۾ وفات ڪئي. جڏهن سرٿامس شرلي آگري پهتو، ته جهانگير بادشاه سندس شاناٿي آجيان ڪئي. سندس شڪايت ڪرڻ تي ديول جي هندو گورنر ڏانهن جواب طلبي لاءِ قاصد روانو ڪيو. بادشاه ساڻس واعدو ڪيو ته جيڪڏهن هو ترسندو ته ديول جي گورنر کان سندس توهين جو پورو حساب ورتو ويندو، پر جيئن کيس ايران ڏانهن اسهڻ جي تڪڙ لڳي پئي هئي، تنهن ڪري بادشاه کيس سوڪڙيون پاڪڙيون ڏنيون. زندگيءَ جي ضرورتن واريون شيون ساڻ ڪٽي، قافلي سان گڏ ايران روانو ٿيو پر پاڻ سان هڪ به انگريز ساڻ ڪونه ڪنيائين. سندس ڊاڪٽر ماسٽر رچرڊ باريوئر Master Rechard Baroer سورت کان موٽي ويو ۽ جان هريوٽ Jhon Heriot آگري ۾ وفات ڪئي. ساڻس گڏ سندس گهر واري، نوڪرياڻي، ٻه ايراني نوڪر، آسنيائي اردلي ۽ هڪ ڪيرڪاسين

Chircassin (Circassian) ساڻ هو . سندس ڏچ سونارو، ماستر ايڊورڊ سان گڏجي آگري مان سورت هليو ويو. ڏسندا پرڪاش جو تيار ڪيل پراڻو نقشو (ص ٢٩٧) جنهن مان پٽو پوندو تہ ديبل ڪاٺي هو ۽ اهو بہ پتو پوندو تہ سنڌوءَ جو چوڙ ڪاٺي هو ۽ ان ۾ ڪهڙيون تبديليون آيون.

مذڪوره نقشي مان پورو پتو پوندو تہ ٺٽو ۽ لاري بندر ديبل ڪونہ آهي. اهي ٽئي ڌار ڌار ماڳ هئا. سنڌ جي ڏيهي مورخن بہ ان حقيقت جي تصديق ڪئي آهي.

هندو گورنر جي بدسلوڪيءَ ڪان پوءِ، ڊبليو پينٽن جيڪو پوءِ ڪئپٽن جي عهدي تي پهتو، سو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ”ديول سنڌوءَ جي بلڪل چوڙ وٽ هو ۽ پورچوگيزن وارو ڊيو گجرات ۾ آهي جتي هڪ مضبوط قلعو آهي“.

سر ٿامس هر برٽ ١٦٢٦ع ۾ انگلنڊ مان هلي اچي ديول ۾ لٿو هو. پينٽن جو بيان آهي تہ ٺٽو هندستان جي مشهور منڊي آهي. سنڌو سندس چوڌاري ڦري وهندو آهي ۽ سندس ايراضي جڻ ڪو اپيٽ آهي. Lorr Bunder لورُ بندر (لاري) نالي شهر هن جو بندر آهي. منجهس گوا ۽ سوالي جيان هتي ڏاڍا جيت جٽيا آهن. (سندس بيان وٽنگن جي ابتڙ آهي.)

سنہ ١٦١٥ع ۾ سرٿامس رو Sir thomus Roe هڪ سفارت جي اڳواڻي ڪئي هئي. ان سفارت ۾ تيري Terry نالي هڪ ڪئپٽن بہ هو. لکي ٿو تہ: ٺٽي وارو علائقو ڏاڍو سر سبز ۽ خوشحال آهي. سنڌوءَ جي ڦاٽن هن کي پاڪا ڪري ڇڏيو آهي، منجهن ڏاڍا ور وڪڙ آهن، ان ڪري ٺٽي ڪان هيٺ ۽ مٿي ڪوڙ سارا ٻيٽ ٺهي پيا آهن. درياه جو مکيہ وهڪرو سندي Sindee نالي ڦاٽ مان سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو آهي. (ديول کي اڳين حوالن جيان ڏيکاريو ويو آهي). هيءُ علائقو هٽ جي هنرن ڪري ڏاڍو مشهور آهي.

ٿيونات Thevenot ، جيڪو پنجاهي سالن بعد، ١٦٦٥-١٦٦٦ع ۾ سورت پهتو، تنهن جو بيان آهي، تہ "سنڌي جي علائقي کي ڪي نتو بہ چوندا آهن. هن علائقي جو مشهور شهر ٺٽو آهي. هن جي صفا ڏکڻ ۾ ديول آهي، ڪيس اجا تائين ديول سنڌ سڏيندا آهن. هن ڪان اڳ ۾ هنڪي دوبيل Dobil سڏيو ويندو هو (سندس اشارو ديبل ڏانهن آهي) سندس ماڳ 24 يا 25 ڊگريون ويڪرائي ڦاڪ تي آهي. مشرق جا ڪيترا ماڻهو سنڌ جي هن علائقي کي، ديول واري بادشاهت جي نالي سان پڻ سڏيندا آهن (هي بلڪل صحيح آهي، هن کي ديبل يا لاڙ وارو علائقو سڏيو ويندو آهي). هن علائقي، خاص ڪري ٺٽي ۾ ڏاڍي آمد رفت رهندي آهي. هندستان جا واپاري، هتان جون ٺهيل ڏاڍيون سهڻيون شيون خريد ڪندا آهن. هتان جا ماڻهو پنهنجي فن ۾ يڪتائي روزگار آهن (۽ اهي اجا تائين بہ آهن). ٺٽي جي اوسي پاسي سنڌوءَ جي وهڪري، ڪيترا ننڍا وڏا ٻيٽ ٺاهي ڇڏيا آهن ۽ اهي ٻيٽ ڏاڍا زرخيز آهن، جيڪي ڏسڻ ۾ ڏاڍا سهڻا ايندا آهن: انهن ٻيٽن جي خوشحالي ڪري ٺٽي جو شهر هندستان جي سهڻن شهرن مان هڪ آهي، پر گهڻو گرم آهي.

" لوري بندر (لاهري بندر) تي ڏاڍو وڻج واپار هلندو آهي. هي شهر سمنڊ جي ڪناري ٺٽي کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. (پينٽن جي بيان موجب ديول يا ديبل ٺٽي کان پندرهن ميلن جي فاصلي تي هو). سڄي هندستان ۾ جهازن واسطي هن جهڙو ٻيو ڪو بندر ڪونہ آهي".

ٽويرنيئر بہ ٿيونات جيان ساڳي سال هندستان ۾ موجود هو، تنهن جو بہ بيان آهي تہ " ٺٽو هندستان جي وڏن شهرن مان هڪ آهي، هن کان ٿورو هيٺ سنڌو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. ڪنهن زماني ۾ ٺٽي جو واپار اجا بہ وڌيڪ هوندو هو. هاڻي ڏينهون ڏينهن ڪرندو پيو وڃي. ڇو جو سنڌوءَ جي ڇوڙ وارو علائقو ڪجهہ ڏکيو ٿي ويو آهي، منجهس لٽ ويهي ويو آهي. واريءَ جي ڍهن ذري گهٽ ڪيس وهڻ کان بند ڪري ڇڏيو آهي."

هن بيانن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌوءَ جي وهڪري ۾ تبديليون اچي رهيون هيون ۽ ٻي ڳالهہ اها بہ، تہ ٺٽو، لاهري بندر ۽ ديبل ٿيئي بلڪل ڌار ڌار ماڳ هئا. ڀمبورا (ڀنڀور) کي ديبل سڏڻ ۽ سمجهڻ جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي. ان دور ۾ منهوڙو يا ڪراچي ڪنهن قطار ۾ ئي ڪونہ هئا. ڪي چون ٿا تہ اهي ماڳ سڪندر واري دور ۾ بہ موجود هئا. انگريزن جي واپاري ٻيڙن جا ڪئپٽن، جن جا مان سنڌ جي هن بندر بابت ڪيترا حوالا ڪتب آندا آهن، سي سنڌ جي هن بندر تي گهٽو ايندا ويندا هئا. واپاري طبقي جا ماڻهو ملتان، ٻکر، ٺٽي ۽ ديبل پيا ايندا ويندا هئا. جيڪڏهن ڪراچيءَ جو بندر ايڏو اهم هجي ها، يا اسان جي قبضي وقت جيترو هيو، ايترو هجي ها، تہ بہ اهي سڀ ان جو ضرور ذڪر ڪن ها. جنهن ماڳ کي اڄ اسان ڪراچي چئون ٿا، تنهن کي زير بحث دور ۾ ”رام باغ“ سڏيو ويندو هو. ”ڪراچي“ جنهن پوئين دور ۾ اهميت حاصل ڪئي، سا سنڌ جو نہ، پر مڪران جو حصو هئي.

سنہ 1666ع ۾ ديول يا ديبل کي سنڌ جو صفا ڌاڪٽيون شهر چيو ويندو هو. سندس ماڳ جي ناتي سان صحيح بيان ڪئپٽن نيوپورٽ New Port جو بہ آهي، جنهن سر رابرٽ شرليءَ ۽ سرٿامس پاويل جي بندر تي لهڻ جو احوال ڏنايو آهي، جن سان اتان جي گورنر بد سلوڪيءَ جو مظاهرو ڪيو هو. هن مطابق ديبل، درياهي سفر رستي فقط پندرهن ميل پري هو. اهو ماڳ پير پٺي جي پرسان وڃي بيهندو، جيڪو مڪلي ٽڪري جي چيڙي وٽ ۽ ٻگهياڙ ڦاٽ جي ويجهو آهي. ان زماني ۾ درياه جو هيءُ ڦاٽ پاٽيءَ جو مکيہ وهڪرو هو. اها حقيقت بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. تہ سر رابرٽ شرلي ديول کان ٺٽي وڃڻ لاءِ ترهي وسيلي درياه جي هڪ ڦاٽ اڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. تنهن ڪري منهنجو ويچار آهي تہ ديول پير پٺي جي پرپاسي ۾ ڪاٿي موجود هو، پر ان کان ٿورو ڏکڻ - اولهہ طرف تي بہ صديون اڳ ٻگهياڙ ڦاٽ مان

لاهري بندر تائين ٻہ سؤ ٽن وزني جهاز هاڪاري سگهندا هئا ۽ مٿيون بندر، ڇوڙ واري ٺاڪ ڪان ويهارو ڪن ميل مٿي هو.

ڊي وٽس De Witts جو ائٽلس ائمسٽرڊم مان 1688ع ۾ شايع ٿيو آهي، جنهن جي نقشي نمبر 74 ڪي اسان ساڳئي نموني ڏنو آهي، جنهن ۾ ديبل ۽ ٺٽو سنڌوءَ جي ساڄي ڪنڌي سان ڏيکاريا ويا آهن. هن مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سرٿامس شرلي جي دور ڪان پوءِ ٻي بہ هڪ تبديلي اچي چڪي آهي، جنهن ديبل کي، ٺٽي جيان ساڄي ڪناري تي آڻي بيهاريو آهي. اهو ماڳ نقشي ۾ 24 ڊگريون 50 فوٽ ويڪرائي ڦاڪ تي ڏيکاريل آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ جڏهن ١٨٠٩ع ۾ اسان جي سفارت سنڌ موڪلي وئي هئي، تہ ان ٽولي جي ميمبرن بگهياڙ ڦاٽ وسيلي ٺٽي ڏانهن مٿي ويندي، پيرپٽي جي مزار بہ ڏٺي هئي. ان سفارت سان هينري پاٽنجر گڏ هو. سندس چوڻ آهي تہ بگهياڙ پنج - آب ۽ اٽڪ واري پاڻي جي گڏيل وهڪري جو مکيہ ڇوڙ آهي.

سنہ 578 هہ (١١٨٢ - ٨٣ع) ۾ غزنيءَ جي سلطان معزالدين محمد بن سام شنسباني تاجڪ سلطان، ديبل (مسلمان مورخن جي اڪثريت هن جي هِجي ائين لکي آهي) ۽ ان جي ماتحت علائقي کي پنهنجي حڪومت سان شامل ڪيو. هن سلطان دهليءَ ۾ مسلمان حڪومت جو پايو وڌو هو. ڊائو، برجس ۽ سندن مقرر ٿيل اوتاري ڪرڻ وارن هنکي شابدين Shabdin ۽ Shahbodin ڪري لکيو آهي. ديبل پرسان دهريلا جو ماڳ بہ هوندو هو. سلطان جلال الدين منگبرني Mangbarni خوارزم شاه، ١٢٢٤ع ۾ لاڙ ۾ آيو تہ هن ٻنهي علائقن تي قبضو ڪيو هئائين. هن پهريون سوِستان، موجوده دور جي سيوهڻ کي فتح ڪيو،

بعد ۾ ديبل روانو ٿيو. لاڙ واري ان علائقي جو حڪمران سنان الدين چنيسر سومرو هو، جيڪو اچ ۽ ملتان جي حڪمران سلطان ناصرالدين قباچہ جو ماتحت هو. طبقات ناصري ۾ ڪيس ”حبش“ ڪري لکيو ويو آهي (ڏسو صفحو ٢٩٤ ۽ حاشيہ) جيڪو سمنڊ ڏانهن هليو ويو. سلطان پنهنجي فوج جو ڪجهہ حصو نهروالا روانو ڪيو، جيڪو ڪافي مال غنيمت هٿ ڪري موٽي اچي هن سان مليو. هن ديبل ۾ هڪ مندر جي جاءِ تي جامع مسجد جوڙائي. هي اهو مندر هو، جيڪو عربن فتح ڪرڻ وقت ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو هو ۽ هن مندر جي ڪري شهر تي اهو نالو پيو هو.

هن زماني ۾ ٺٽو موجود ڪونہ هو. ابن بطوطہ جڏهن ٧٣٤هہ (١٣٣٣-٣٤ع) ۾ لاهري بندر ڏٺو هو تہ بہ ٺٽو موجود ڪونہ هو. مون کي گمان آهي تہ هن جيڪي کنڊر ڏٺا هئا، سي دمريلا شهر جا هوندا. (ڏسو حاشيہ ١٧٣ ۽ حاشيہ ١٩٥.)

البيٽ جلد پهرئين صفحہ ٣٧٤ تي ڪراچيءَ کي ديبل ڪوني ٿو ۽ منهوڙي کي اهو ماڳ سمجهي ٿو، جتي مندر هوندو هو. اهڙيءَ ريت حيدرآباد کي منصوره ۽ بهمن آباد سمجهي ٿو. منهنجو خيال آهي تہ اسان کي سندس اهڙيون حقيقتون نظر انداز ڪري ڇڏڻ گهرجن. موجوده دور جي ليکڪن سنڌوءَ ۽ سندس پرتي ڪندڙ شاخن جي تڪڙين تبديلين ڏانهن ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنو آهي ۽ سنڌوءَ جي ڇوڙ واري ايراضيءَ ۾ جيڪو دوآبو جڙندو رهي ٿو، ان ڏانهن بہ ڪنهن خيال ڪونہ ڪيو آهي، اهڙيون تبديليون گذريل ٽن صدين جي پيٽ ۾ ٿيون آهن، جن کي مان مختلف تاريخن مان اقتباس ڏئي اڳ ۾ ئي پيش ڪيو آهي. هڪ مشهور تاريخ ”جهان آرا“ جو مصنف احمد بن محمد قزويني، ايران کان هندستان ڏانهن ويندي سنہ ٩٧٥ هہ (١٥٦٧ع) ۾ ديبل ۾ وفات ڪئي هئي.

بلخ جي حڪمران باقي محمد خان جي زماني ۾، سندس هڪ مشهور سردار منصور، داد خواه، ١٠٠٦ هه ۾ حج ڪرڻ جي ارادي سان مڪي روانو ٿيو. هو دشتِ قبچاڪ، منگ ڪلشڪ، ڪئسپين، شيرونت، گرجستان ۽ ڪردستان کان ٿيندو، استنبول پهتو ۽ اتان روم، شام ۽ مصر کان ٿيندو، مڪي رسيو هو. حج ادا ڪري سمنڊ رستي اچي ديبل پهتو هو، پوءِ سنڌ مان گذري، ملتان ۽ لاهور کان ٿيندو بلخ پهتو هو.

هو اسان کي چٽيءَ ريت ٻڌائي ٿو تہ: ٺٽو، لاري بندر، بمبورا ۽ ڪراچي، ديبل ڪونہ آهن. لکي ٿو تہ مذڪوره شهر عربن هٿان سنڌ فتح ٿيڻ کان ڪيئي صديون پوءِ اڏيا ويا آهن. مان هاڻي اوهان کي ٻڌائيندس تہ اهي ڪهڙي امڪاني دور ۾ تعمير ٿيا آهن.

محمد بن قاسم سنہ ٩٣ هہ (٧١١ - ١٢ع، ۾ سنڌ فتح ڪئي. ان کان پوءِ پورا هڪ سوٽيهہ سال عباسي خلافت پاران تميمي حڪومت ڪندا رهيا. سنہ ١٨٥هہ (٨٠٣ع) ۾ خليفہ هارون رشيد پنهنجي پٽ محمد مامون کي آب سنڌ وارا علائقا ڏنا، جنهن ۾ هند جو علائقو بہ شامل ڪيو ويو هو. معلوم اهوئي ٿئي ٿو تہ ڪيس سنڌ جا ماتحت علائقا ۽ ملتان سپرد ڪيا ويا هئا.

سنہ ٢٠٥ هہ، ٨٢٠ - ٢١ع) ۾طاهر ذواليمني خراسان جو امير مقرر ڪيو ويو هو. خليفي مامون سنڌ ۽ ملتان وارا ملڪ بہ سندس حوالي ڪيا. سنڌ جو والي داؤد بن يزيد ان زماني ۾ وفات ڪري ويو هو. ان جي جاءِ تي سندس پٽ بشر بن داؤد بن يزيد مقرر ڪيو ويو. (ٿامس چوي ٿو تہ: منصوره مان لڏل سڪن تي "بنو داؤد" اکر اڪريل آهن. ان سان گڏ هي اهو بہ سمجهي ٿو تہ موجوده دائود پوٽا گهراڻو هن جو اولاد آهي. سندس اهو خيال آهي تہ هيءَ ڳالهہ ڏيان جوڳي آهي تہ ملتان جي قرامطين ۾ داؤد جي نالي کي وڏي اهميت حاصل آهي)، ان شرط

سان هو سؤهزار درهم خلافت جي خزاني کي ساليانو ڏن ادا ڪندو رهندو. ان کان پوءِ خليفا ڪمزور ٿيندا ويا ۽ پروارا علائقا وڏيڪ طاقتور جاگيردارن جي حوالي ڪري ڇڏيائون. اهڙيءَ ريت سنہ ٢٥٧هہ (٨٧١ع) ۾ بغداد جي خليفي سنڌ، پنهنجي هڪ گورنر يعقوب بن ليث سفاري جي حوالي ڪري ڇڏي. سنہ ٢٥٨ (٨٧٢ع) ۾ سنڌ جو والي محمد بن سبحون Sabhun وفات ڪري ويو. سنہ ٢٦١ هہ (٧٦ـ٧٧٥ع) ۾ خليفہ معتمد بالله پنهنجي ڀاءُ کي موافق بالله جو لقب ڏئي، اوپر وارو علائقو سندس حوالي ڪري ڇڏيو. جنهن ۾ سنڌ بہ شامل هئي. سنہ ٢٦٥ هہ (٨٧٨ـ ٧٩ع) خليفي عمرو پٽ ليث سفاري کي بغداد تي حملي کان روڪڻ واسطي، خراسان، فارس، ڪرمان، مڪران ۽ سنڌ جي حڪومت حوالي ڪري ڇڏي. هو ان سال پنهنجي ڀاءُ يعقوب پٽ ليث سفاريءَ جو جانشين ٿيو هو. هو اڳي سجستان جو والي هو، تنهن ڪري اهو بہ ڪيس ڏنو ويو . هي اهو زمانو آهي، جڏهن سومرن سنڌ جي لاڙ واري علائقي تي قبضو ڪري ورتو هو. پر ان سان گڏ هو خلافت جا تابعدار ۽ عرب والين جي ماتحت رهندا آيا. سنڌن اقتدار سنہ ٤٤٣هہ (١٠٥١ع) تائين رهيو. مجموعي طور سندن حڪومت هڪ سؤ انهتر سال هلي.

سنڌ ۽ ملتان نالي ماتر عباسي خلافت ماتحت رهيا. عباسي خليفن جي اها ڪمزور حڪمراني محمود سبڪتگين جي دور تائين هئي. جنهن عباسي خليفي جا عملدار ڪڍي، سيني علائقن کي پنهنجيءَ حڪومت ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ سومرن جي سنڌ جي لاڙ واري حڪومت بہ انهن سان شامل هئي. هن دور ۾ سومرا مسلمان ٿي ويا هئا. سندن اها مسلماني ظاهري هئي. پر اندر ۾ ملتان ۾ مورج قرامطي فرقي جا پوئلڳ هئا. هنن علائقن ۾ هي ملحدانہ مذهب پنهنجا پير پختا ڪري چڪو هو. هنن جا مصر، عرب ۽ ايران سان سمنڊ رستي رابطا قائم هئا، جتي هيءُ مذهب پنهنجي اوج تي هو. خطري وقت اتان جا ماڻهو سمنڊ

رستي پڇي اچي سنڌ ۾ لڪندا هئا. سنڌ ۾ هيءَ مذهب گهڻي وقت کان ونئي رائج هو. ڏسو حاشيہ ١٩٩، صفحو ٢٥٧. سلطان ناصرالدين سبڪتگين، خراسان ۾ هن مذهب جي پاڙ پٽڻ جا جتن ڪيا هئا. سندس پٽ محمود سبڪتگين، ملتان سنڌ ۽ زابلستان مان هن فرقي کي ختم ڪرڻ واسطي حيلا هلايا. ان ڏس ۾ هن اچ جي ڀاٽيا قلعي تي سنہ ٣٩٦هہ ١٠٠٥ع) ۾ حملو ڪيو. ڏسو حاشيو ١٩٢ص -٢٤٤ -ٻئي سال سنہ ٣٩٧هہ ١٠٠٦ -٧ ۾ هن ملتان تي حملي جو پڪو پهہ ڪيو. چاڪاڻ تہ اتان جو والي ابوالفتح داؤد پٽ نصر عباسي جيڪو اڳ خلافت جي ماتحت رهندو ٿي آيو، تنهن انهن کان منهن موڙي پنهنجي آزاد حڪومت قائم ڪئي هئي. ۽ سندس نالي جو خطبو پڙهيو ٿي ويو. هن ڀيا بہ ڪذا ڪرتوت ڪيا هئا، قلعن جي مرمت ڪرائي هئائين ۽ ڪي نوان قلعا بہ ٺهرايا هئائين ۽ قرامطي مذهب جو پوئلڳ ٿي ويو هو. عباسي خليفي، سنڌ، ملتان ۽ آب سنڌ جي ڪناري سان ٻين مسلمان ملڪن کي سلطان محمود جي حوالي ڪري ڇڏيو هو ۽ هن مذڪوره ملڪن ۾ پنهنجو تسلط ڄمائڻ جو پڪو ارادو ڪيو. ان زماني ۾ راجا انندپال ۽ جئہ پال پنهنجي ملڪ مان ٽپي ڪيس ملتان تي حملي ڪرڻ جي موڪل ڪانہ ڏني. ان ڪري مٿن حملو ڪري، ڪين جوڳي سزا ڏنائين. ابو الفتح دائود کي انندپال جي تباهيءَ جو پتو پئجي ويو، تہ هن پنهنجي مال ملڪيت هيرا جواهر هاٿين تي لڏائي، ڪي چون ٿا تہ انن تي ڪٽائي سرانديپ Sarandip (ڪڇ ڀڄ) روانا ڪري، پاڻ بہ ملتان ڇڏي هليو ويو. سلطان محمود جڏهن ملتان جي حدن ۾ پهتو، تہ ابو الفتح جي ڪذن ڪمن کان واقف ٿيو ۽ ڪاوڙ ۾ سندس ملڪ کي ڦري لٽي ڀينگ ڪري ڇڏيائين. سندس حامي جيڪي پوئتي رهجي ويا هئا، تن سلطان محمود سان ساليانو 20,000 درهم جزيہ ڏيڻ جو عهدنامو ڪيو، چاڪاڻ تہ سلطان کين ملحد قرار ڏنو هو. ان وقت کيس خبر پهتي تہ الڪ خان سندس ملڪ جي اترين سرحد، آڪسس درياه وٽ، بغاوت ڪئي آهي. تنهن ڪري هو جلدي اوڏاهين هليو ويو.

جڏهن سلطان واپس هليو ويو تہ ابو الفتح داؤد بہ ظاهر ٿيو ۽ جزيہ ادا ڪرڻ ۾ بہ دير ٿي وئي هئي. سلطان محمود پنهنجا سڀ ڪم ڪاريون سيهڙي نبيري ۴۱۰هہ (۱۰۱۰-۱۱ع) ۾، ملتان ۾ قرمطين جي مامري کي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ واسطي، حملو ڪيو. قرامطين کي عام طور ملحد بہ چيو ويندو آهي. ملتان جي فتح ٿيڻ کان پوءِ ڪيترن ئي قرمطين کي قتل ڪيو ويو. ڪن جا هٿ ڪپيا ويا ۽ ٻين کي سڄي عمر قلعي اندر قيد رکيو ويو. هن ملحدن کي مثالي سزا ڏني. هو ٻڌائي ٿو تہ ملتان تي سومرن حڪومت ڪئي آهي، پر اها حقيقت ڪانہ آهي (۱) ۽ ان ڳالهہ ۾ ڪا سچائي ڪانہ آهي، تہ سومرن جي دور ۾ سوريہ ديوتا جو مندر ٻيهر ناهيو ويو هو.

مان هتي هڪ حقيقت ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ علائقي جي محلدن سمورا رستا روڪي حاجين جو حج تي وڃڻ ناممڪن بڻائي ڇڏيو هو. سلطان کي بار بار اهڙيون شڪايتون ملڻ لڳيون. جڏهن حالتون حد کان ٽپي ويون، تہ هن سنہ ۴۱۲هہ (۱۰۲۱-۲۲ع) ۾ ان آزار کي ختم ڪرڻ لاءِ مؤثر ڪاروائي ڪئي.

ملتان جي قرمطي حڪمران کي تخت تان لاهي ڇڏيائين، جنهنجو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. فرشتہ ۽ ٻين مورخن هن کي غلطي وچان لوڌي افغان حڪمران سمجهيو آهي (انهيءَ مقصد لاءِ تہ جيئن ان کي پٺاڻ حڪمران ثابت ڪري سگهجي) ۽ ابو الفتح داؤد کي شيخ حميد لوڌيءَ جو پوٽو ڪري لکيو آهي" ان زماني ۾هتي ڪوبہ لوڌي حڪمران ڪونہ هو ۽ نہ وري ان کان صديون پوءِ ڪو لوڌي افغان حڪمران رهيو آهي. ملتان جا حڪمران قريشي، سام بن لوئي جي ڦري ۽ بنو عثمان جي نسل مان هئا. لوئي کي غلطيءَ وچان لوڌي ڪري

(۱) ملتان ۽ اُچ ۾ سومرن جي حڪومت رهي آهي. سن 650 هہ ڌاران هنن سلطان ناصر الدين طرفان مقرر ڪيل گورنر شير دل خان کي شڪست ڏئي پنندرا تائين پنهنجي حڪومت جي حد وڌائي ڇڏي هئي. (مترجم).

سمجهيو ويو آهي ۽ اهي سلطان جي حملي تائين هتان جا حڪمران هئا. ڏسو صفحو ١٨٩ - ١٩٠ قرامطي فرقي جي داعي همزه جي هڪ پوئلڳ مقتانہ Maktana بهاوالدين، ملتان، سنڌ ۽ هند خاص طور سومرا قرامطہ ڏانهن خط لکيو هو، سندن سردار جيڪو سومار جو پٽ هو تنهن کي ”شيخ“ جي لقب سان مخاطب ڪيو ويو هو. سندس نالو راج پال هو. ان کي اهڙي طريقي سان مخاطب ڪيو ويو هو، ڄڻ تہ هو پاڻ بہ هن علائقي جو داعي هو. کيس هن ڳالهہ جو تاڪيد ڪيو ويو تہ جنهن ديني ڪم واسطي کيس مقرر ڪيو ويو آهي، تنهن کي پوري ايمانداريءَ سان نباهيندو اچي ۽ جيڪي ماڻهو دين کان ڦري ويا آهن، تن کي واپس آڻڻ لاءِ جتن ڪندو رهي. کيس خاص هدايت ڪئي وئي هئي تہ ابو الفتح داؤد جي پٽ دائود کي واپس پنهنجي قرمطي دين تي آڻي. ان زماني ۾ ابو الفتح داؤد پڇي هليو ويو هو. سندس پٽ داؤد کي سلطان محمود قيد ڪيو هو ۽ پوءِ کيس ملحدانہ طريقي کان توبہ ڪرڻ تي آزاد ڪيو ويو هو.

سومرا غزنيءَ جي سلطانن جا نالي ماتر ماتحت رهندا آيا. سلطان عبدالرشيد هڪ ڪمزور حڪمران هو. سندس حڪمرانيءَ ۾ وڳوڙي صورت حال پيدا ٿي ويو. انهن حالتن جو فائدو وٺي سومرا سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ تي ٿر يا ٿل جي علائقي ۾ گڏ ٿيا ۽ پنهنجي آزاد حڪومت جو بنياد رکيائون. سنڌ جي مورخن سومرن جي ان پهرئين حڪمران جو نالو ڪونہ ڏنو آهي. منهنجي خيال ۾ اهو گهڻو ڪري ”راجا پال“ آهي (راجا يا راڻو وغيره. هي هندو لقب آهي، هتان جا ڏيهي ماڻهو اهڙا لقب اختيار ڪرڻ ۾ عيب ڪونہ سمجهندا هئا) سندس نالو ڇا بہ هيو، پر سندس حڪمراني گهڻو وقت هلي. سندس وفات کان پوءِ هن جو پٽ پونگر سندس جانشين ٿيو. هن پندرهن ورهيہ حڪومت ڪري سنہ ٤٦١هہ (١٠٦٨-٦٩ع) ۾ وفات ڪئي. ان وقت غزنيءَ جي سلطان ابراهيم جي تخت تي وهڻ کي ڏهہ سال گذري چڪا هئا. هن گهراڻي جي ارڙهن حڪمرانن هڪ ٻئي پٺيان حڪومت ڪئي.

غزنيءَ جي ترڪ گهراڻي جي زوال کان پوءِ شنباني تاجڪ غورين سنڌ ۽ ملتان تي قبضو ڪيو. هنن علائقن تي سندن حڪمراني نالي ماتر هئي. سندن حڪومت جي شروعات ۵۷۸هه (۱۱۸۲-۸۳ع) کان وٺي شروع ٿي هئي. ان زماني سلطان معزالدين محمد سام ديبل تي حملو ڪري، فتح حاصل ڪئي ۽ سمنڊ تائين سڄو علائقو پنهنجي حڪومت سان ملائي ڇڏيو. ڏسو حاشيه ۳۱۵ جو فقرو ۱۵. سنه ۶۰۲هه (۱۲۰۵-۶ع) ۾ هن کي به قتل ڪيو ويو. سندس قاتل ملحد، قرمطي يا باطني فرقي وارا چيا وڃن ٿا. (۱) ڪي چون ٿا ته اهي کوکر جاٽ قبيلي سان واسطو رکندا هئا. خير اها ڳالهه ڪيئن به هجي، پر سومرا قرمطي هئا (ڏسو طبقات ناصري ص ۴۸۵ حاشيه ۳) . ان زماني ۾ سنڌ ۽ ملتان جي راڄڌاني ”اچ“ هو، جنهنجو انتظام گورنر طور ناصر الدين قباچه سنڀاليندو هو. هي سلطان محمد غوريءَ جي مکيه غلامن مان هڪ هو. تاج الدين يلدوز، قطب الدين ايبڪ به سندس غلامن مان هئا. چوٿون بهاوالدين طغرل ان زماني ۾ وفات ڪري ويو هو. سلطان غوريءَ جي وفات کان پوءِ پاڻ کي سلطان جو لقب ڏئي، مذڪوره علائقن تي پنهنجي آزاد حڪومت قائم ڪئي. ان زماني ۾ سنڌ اندر ننڍيون وڏيون ست رياستون قائم هيون، جن مان هڪ جو نالو راجا سانيرپٽ ڌماج Sanir Son of Dhanaj ذات جو ڪاريجا سمو لوهاڻو Karijah Sammah Lohanan هو. جيڪو روپاه جي علائقي تونگ Tung ۾ رهندو هو. ٻيو سنان الدين چنيسر ديبل جو حڪمران هو، جيڪو سلطان جلال الدين خوارزم شاه جي حملي دوران سمنڊ ڏانهن ڀڄي ويو هو. اهڙو ذڪر متي ڪاٿي اچي ويو آهي.

---

(۱) سنس اشارو سومرن ڏانهن آهي. چيو ويندو آهي ته ان زماني ۾ اچ جو حڪمران هڪ سومرو هو (مترجم).

ان کان ڪجهہ عرصو پوءِ چيو ويندو آهي تہ ان وقت جي دهليءَ جي حڪمران علاوالدين خلجيءَ کي لاڙ جي ماڻهن راءِ دودي سومري جي ظلمن خلاف وٽس دانهيو هو. ٿي سگهي ٿو تہ اهي ان زماني ۾ سلطان جا ڏن ڀرو هجن (۱)، تنهن ڪري هن راءِ دودي خلاف پنهنجي فوج رواني ڪئي. اهو حال ڏسي سومرا سنڌ جي ڏاکڻين علائقي ڪڇ ڏانهن نڪري ويا ۽ سمن کان سهائتا گهريائون. ان زماني ۾ سما راءِ دودي جي ظلمن کان تنگ اچي، سنڌ ڇڏي ڪڇ هليا ويا هئا (۱) جتي ڏاڍا سکيا ستابا گذاريندا هئا. ان هوندي بہ هو سومرن سان مهل ۾ ڀت ٿي بيٺا. پر سلطان جي لشڪر ڀنهي جي گڏيل فوج کي شڪست ڏني. ان کان پوءِ نئي کي علائقي جي نالي سان ڪوٺيو ويندو هو. بعد ۾ هيءُ علائقو دهليءَ جي سلطنت ۾ شامل ٿي ويو. ڪي ڳالهيون اڻ چٽيون ۽ منجهيل آهن. انهن مان ڪجهہ هي آهن: تہ سومري سردار جو اصلي نالو "امر" آهي، تنهن کي مسلمان مورخن متائي "عمر" بڻائي ڇڏيو آهي ۽ جنهن جي حڪمران امرڪوٽ نالي قلعو ٺهرايو هو، سو مذڪوره دودي جو پٽ هو، جنهن کي وقت جو ظالم حڪمران ڪري پيش ڪيو ويو آهي. ٻين ڪڌن ڪرتوتن کان سواءِ هن هڪ عرب "عمر" تميميءَ جي زال زوري ڪٽائي هئي. ڪنهن زماني ۾ اهو قبيلو سنڌ جي اقتدار جو واڳ ڌڻي هو. ان انياءَ جي خلاف عمر تميمي دهليءَ جي حڪمران سلطان علاوالدين خلجيءَ وٽ دانهين ٿيو، جنهن عمر سومري کي پنهنجي دربار ۾ روبرو اچڻ لاءِ پنهنجا ماڻهو موڪليا. هن سمجهيو تہ جيڪڏهن نہ ويندس تہ نتيجو خراب نڪرندو، تنهن ڪري هلي وڃي وٽس روبرو حاضر ٿيو. سلطان علاوالدين ڪيس ڏوهي سمجهي قيد ڪيو. گهڻو وقت بنديخاني ۾ گهارڻ کانپوءِ سندس ڪن

دوستن جي وچ ۾ پوڻ تي ڪيس ڇڏي ڏنو (۱) بعد آجو ڪيو ويو. هيءُ ۷۰۵هہ (۶ - ۱۳۰۵ع) جو واقعو آهي.

ان زماني ۾ سما سنڌ ۾ رهندا هئا. هتي سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾

پنهنجو اثر پيدا ڪري ورتو هو. ملتان ۽ اچ جي صوبيدار غازي ملڪ، جيڪو بعد ۾ غياث الدين تغلق جي لقب سان تخت تي ويٺو، تنهن پار واري Parwari غاصب جي اقتدار کي ختم ڪرڻ لاءِ دهلي تي حملو ڪيو. عمر سومري حالتن جو فائدو وٺي پنهنجي حڪومت تي وري قبضو ڪري ورتو. بنديخاني جي عرصي سوڌو هن پنجٽيهه سال حڪومت ڪري وفات ڪئي. سندس وفات کان پوءِ پونگر نالي هڪ سومرو سندس جانشين ٿيو. هن ڏهه سال حڪومت ڪئي. سندس وفات بعد همير سومرو تخت تي ويٺو. ڪن هن کي ارميل Armil ڪن ابڙو Abra لکيو آهي. اهو پتو ڪونه ٿو پوي ته اهي سڀ مٿئين آمر سومري جا پٽ يا پاٽر هئا. پر ان دور ۾ سومرا گهراڻي جي پچاڻي ٿيڻ واري هئي.

جنهن زماني ۾ امر سومرو بنديخاني ۾ هو، ته ڪي سما ڪڇ مان لڏپلاڻ ڪري اچي لاڙ وارن سمن سان گڏجي وينا هئا. ان زماني ۾ همير سومري جو ڏاڍ ۽ انياءُ سندن سهڻ کان مٿي هو. سمن ڪڇ مان لڏي آيل هڪ سمي انڙ کي پنهنجو مهندار چونڊيو، جيڪو پنهنجي ڏاهپ ۽ ڏيا ۾ سيني کان سرس هو. هن همير سومري تي حملو ڪري، کيس قتل ڪري ڇڏيو. انڙ کي پنهنجي قبيلي وارن "ڄام" جو لقب ڏنو. سمن ۾ اهو لقب عزت ۽ احترام وارو هوندو آهي. هيءُ ٧٣٨هه جو واقعو آهي. مذڪوره سال ٢٩ جولاءِ ١٣٣٧ع سان شروع ٿيو هو.

ان دور تائين سما، سومرن جي رعايا هئا. هنن پنهنجو شهر ۽ قلعو مڪليءَ پرسان تعمير ڪري ورتو هو. ان شهر جو نالو "ساموئي" رکيو ويو. ڪن هن شهر جو "سائي" نالو به لکيو آهي، ته ڪن وري هن کي هندو نالي سان "نڪر آباد" ڪري سڏيو آهي، جنهن لاءِ اهو به چيو ويندو آهي، ته هن جو بنياد هڪ نڪر سردار رکيو هو، جيڪو سندس هندو نالي سان "نڪرآباد" سڏيو آهي. جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته هن جو بنياد هڪ نڪر سردار رکيو هو، جيڪو سندس رهڻ جو ماڳ هو.

---

(١) اها ڳالهه صحيح نه آهي (مترجم).

اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ به ڪين مختلف دورن ۾ راءِ ۽ راڻي جي لقبن سان سڏيو ويندو هو. سندن قلعي جي تعمير اڏ ۾ روڪي وئي هئي. چاڪاڻ ته سومري حڪمران نه ٿي گهريو ته سما ڪو قلعو ناهين. سمن هن دور ۾ هن قلعي سان گڏ ٻيا ڳوٺ به اڏي ورتا هئا. هن قلعي کي بعد ۾ تغلق آباد جي نالي سان سڏيو ويو. هيءُ نالو سنڌي نه، پر ترڪي آهي. تحفة الڪرام جو مصنف ٻڌائي ٿو ته تغلق آباد جو قلعو، جيڪو ڪلياڻ ڪوٽ جي نالي سان مشهور آهي، تنهن جو ڪجهه حصو نواب مريد خان تعمير ڪرايو هو. جيڪو ترڪ يا مغل هو، ڪيسَ سنه ١٠٩٩هه (١٦٨٨ع) ۾ ٺٽي جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو.اهو شهنشاهه اورنگزيب جي جلوس جو ٻٽيهون سال هو. هن کي مسٽر هيوز ڪلان ڪوٽ لکيو آهي. جيڪو غلط آهي. (ڪلان جي معنيٰ آهي وڏو هي فارسيءَ جو لفظ آهي). هن گزيٽيئر جي مرتب جي حيثيت ۾ مسٽر اي. ڊبليو هيوز Mr. A. W. Hughes هن قلعي کي نڪر آباد به سڏي ٿو ۽ ان جي تعمير جو سنه ١۴٢١ع ٻڌائي ٿو، جيڪو سمن سلطانن جو دور آهي، ان ڪري سندس اهو خيال غلط آهي. وڌيڪ اهو به چوي ٿو ته هن قلعي جي تعمير ڪنهن قديم قلعي جي ڪنڊرن تي ٿيل آهي. ڪلياڻ سنسڪرت جو لفظ آهي. ڪلياڻ ڪوٽ جي معني ”خوشيءَ جو قلعو“ يا ”خوشحالي جو قلعو“ آهي. هيءُ قلعو سنڌوءَ جي ٻڪهياڙ ڦاٽ جي ساڄي پاسي ۽ ٺٽي شهر کان ٽي ميل ڏکڻ طرف آهي، جنهن جا ڪنڊر اڄ سوڌو ان ماڳ تي ڏسي سگهجن ٿا.

سمن، سومرن خلاف سنه ٧٣۴هه (١٣٣٣-٣۴ع) ڌاران بغاوت ڪئي هئي. ڇئن سالن کان پوءِ وري ڪجهه ڌمڪجي ويا. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ٧۴٣هه (١٣۴٢-۴١ع) تائين هو آزاد حڪمران طور ابري ڪونه سگهيا. اسان کي ان سوال جو جواب حاصل ڪرڻ واسطي سلطان محمد تغلق جي دور کي جاچي ڏسڻو پوندو. تاريخ جي ورق گردانيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ حڪمراني وڳوڙن جي منهن ۾ رهي آهي.

جيڪڏهن ڪو فساد ختم ڪرڻ واسطي هڪ طرف تي ويو ته وري ٻئي پاسي کان بغاوت جي باهہ ڀڙڪو ڪري ٻري تي پئي. هيءُ ڪجهہ اڌ چريو سلطان هو. هن دکن جي ديوگيريءَ يا دولت آباد کي هندستان جي راڄڌاني بنائڻ واسطي دهلي، ماڻهن کان خالي ڪرائي ڇڏي. سندن هندستان جي پنهنجي حڪومت تي بہ ضابطو ڪونہ هو. پر ڪيس چين فتح ڪرڻ جو ڀوت اچي سوار ٿيو هو. هو پنهنجي دل پسند ماڻهن کي اهڙا علائقا جاگير طور ڏيندو هو، جيڪي سندس حڪمراني ۾ شامل ڪونہ هوندا هئا. هن سون ۽ چانديءَ جي سڪن بدران ڪاغذ جا نوٽ رائج ڪيا. هنن ڳالهين تي عمل ان وقت ڪرايو پئي ويو، جڏهن دهلي حڪومت ۾ ڇوڏاري فساد ۽ وڳوڙ هئا. سمن بہ ٻين ننڍن جاگيردارن جيان پنهنجي آجپي جو ڦريرو ڦڙڪايو. طغي نالي هڪ ماڻهو، سلطان محمد تغلق جي برک اميرن مان هو، جنهن هن خلاف بغاوت ڪري وڃي سنڌ جي سمن وٽ پناه ورتي. سلطان محمد تغلق هنن مٿان ڪاهي آيو ۽ سنہ ٧٥٢هہ (١٣٥١ع) ۾ ٺٽي پرسان وفات ڪئي، جنهن جو بنياد ٿورو وقت اڳ ۾ رکيو ويو هو. سندس وفات کان پوءِ سلطان فيروز شاه تخت تي ويٺو. هن بہ ٺٽي تي حملو ڪيو جام ۽ سندس پٽ کي قيد ڪري دهلي وٺي ويو.

سمي گهراڻي مان لاڙ جو پهريون آزاد حڪمران انڙ پٽ ڏيسر Desar هو، جيڪو جام پٽ لاکي، پٽ ڪاهو Kahah جي ڦريءَ مان هو. هن ساڍا ٽي سال حڪومت ڪري وفات ڪئي. ڪائنس پوءِ جام جوڻو تخت تي ويٺو. هن تيرهن سال حڪومت ڪئي. چون ٿا تہ سندس راڄ چوڏهن سال هليو. سندن حڪومت جي دورن جون تاريخون ڏنل ڪونہ آهن، پر هڪڙي اندازي مطابق سندن حڪومت جو دور اچي ٧٥٠هہ (١٣٤٩-٥٠ع) تائين ٻيهي ٿو. ان کان پوءِ سندس ڀائٽيو جام انڙ تخت تي ويٺو. هن نالي ۾ مقامي مورخن ۾ مونجهارو ۽ اختلاف راءِ آهي پر مونکي اميد آهي تہ مان هن منجهيل مامري کي سهيڙي سگهان ٿو.

ان کان اڳ ۾ مان هيءَ گذارش ضرور ڪندس تہ مراقش جو هڪ سياح، محمد پٽ بطوطہ سنہ ٧٣٤هہ ۾ سنڌ آيو هو. بعد ۾ هن سوستان يا سيوهڻ، لاهري بندر، بکر ۽ اچ ڏٺا هئا. پر هو لاڙ جي ڄامن جو ذڪر ڪونہ ٿو ڪري، ان جو مناسب سبب اهو آهي، تہ هن ان سال سومرن خلاف بغاوت ڪئي هئي. اهوئي سبب آهي جو هو ديبل بہ وڃي ڪونہ سگهيو ۽ نہ وري ان جو ذڪر ڪيو اٿائين. اسان ڪانئس ٺٽي جي بيان جي توقع بہ ڪري ڪونہ ٿا سگهون. ان ڪري جو هن شهر جو بنياد ڪجهہ سال پوءِ پيو هو. سنہ ٧٤٣هہ ۾ هو هتان هندستان هليو ويو. ان وقت سما آزاد حڪمران هئا يا سمن جي آزاد حيثيت کان اڳ ۾ هندستان هليو ويو، تنهن جو پتو ڪونہ ٿو پوي.

سندن پهريون حڪمران ڄام هو، جنهن سمن جي مٿي ايري اچڻ کان پوءِ نئين شهر جو بنياد رکيو. ان زماني ۾ سندن حڪومت سنڌ جي لاڙ واري حصي ۽ ساموئي جي آس پاس تائين قائم هئي. هن پنهنجي راڄڌانيءَ جي پيڙهہ جو پٿر رکي، ان کي ٺٽي جو نالو ڏنو. تنهن ڪري ڄام کي باني ٺٽہ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هي هڪ واضح حقيقت آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي شڪ جي گنجائش موجود ڪانہ آهي. هن معاملي ۾ نہ فقط سنڌ، پر سنڌ کان ٻاهر جا مورخ بہ اتفاق راءِ رکن ٿا. سنڌ جي سيني تاريخن ۾ باني تهتہ لکيل آهي. ڪاٿي وري اڻ ڄاڻ اوتاري ڪرڻ وارن باني تهتهہ جي صورت خطيءَ ۾ لکيو آهي، ڪن وري جدا جدا هجي ۾ لکيو آهي. مثال طور، مامي سمہ، باپنهہ، بانيهہ بابينهہ، باينهہ، بانيہ، باپنهہ، بنيہ، بنيهہ ۽ باينهہ آهي. موجوده دور جا ڪي مورخ هن ڪي، ديبل ۽ ڪلان ڪوٽ سمجهن ٿا. ۽ سندن خيال آهي تہ موجوده شهر سڪندر مقدوني جي حملي وقت سنڌوءَ جي ڪناري تي واقع هو ۽ سندس وهڪرو بہ ائين هو جيئن اسان اڄ ڏسون ٿا. هڪ مورخ جو خيال آهي، تہ هن شهرجو بنياد ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڊي، سنہ ٩٠٠هہ (١٤٠٥ع) ۾ رکيو هو. اهو دور سما

گهراڻي جي حڪومت جي خاتمي ۽ شاه بيگ ارغون جي اتر سنڌ جي قبضي ڪرڻ کان فقط ستاويهه سال اڳ آهي.

هتي هڪ ڳالهه ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو تہ سنڌ جي ڪن مورخن غلطي ڪئي آهي. هنن سومرن جي زوال ۽ سمن جي طاقت ۾ اچڻ واري مامري کي منجهائي ڇڏيو آهي.

هن مامري ۾ مير معصوم بکري مکيہ ماڻهو آهي، جنهن اهڙي غلطي ڪئي آهي. سندس بيان آهي تہ ڄام جوڻو (اهو لفظ "جونہ" نہ پرجونان، ڪري لکيو ويو آهي، جنهن جي پوئين "ن" جو آواز نڪ مان نڪري ٿو) پٽ بانيهہ باهينهہ ۽ باپنهہ (مختلف قلمي نسخن ۾ هن لفظ جي پڙهڻي جدا جدا آهي) تيرهن سال حڪومت ڪري سلطان علاوالدين خلجيءَ جي زماني ۾ وفات ڪئي. جنهنجي حڪومت جو زمانو ٦٩٥- کان - ٧١٧ هہ (٩٦ - ١٢٩٥ع کان ١٣١٧ع) تائين هليو. ڄام تماچي سندس ڀاءُ هو. ڇاڪاڻ تہ هو، ڄام تماچي ڄام جوڻي ۽ ڄام انڙ کي هڪ غير معروف ماڻهو بانيهہ جا پٽ ٻڌائي ٿو. سندس وفات کان پوءِ ڄام تماچي تخت تي ويٺو. هو ٻڌائي ٿو تہ ڄام تماچي کي قيد ڪري سلطان علاوالدين خلجي وٽ دهليءَ وٺي ويو هو، پر حقيقت اها آهي تہ سومرن کي ختم ڪري، جڏهن سما اقتدار ۾ آيا، تنهن کان ڪجهہ عرصو اڳ هو وفات ڪري چڪو هو. سندس اهو بہ بيان آهي، تہ ڄام تماچي دهليءَ جي قيد ۾ رهڻ دوران ئي وفات ڪري ويو. سندس پٽ ڄام خيرالدين ٻالجتيءَ ۾ پيءُ سان گڏ دهليءَ جي بنديخاني ۾ بند هو. کيس آزاد ڪيو ويو، جنهن اچي سنڌ جي لاڙ واري حصي جي حڪومت سنڀالي. ان کان پوءِ هو سلطان محمد شاهہ کي آڏي ٿو، جنهن ٧٢٥هہ (١٣٢٥ع) کان٧٥٢هہ (١٣٥١ع) تائين حڪومت ڪئي.

هن ساڳئي ڄام خيرالدين خلاف سنڌ تي حملو ڪيو، سبب اهو ڄاڻائي ٿو تہ هو سندس سڏ تي هن جي فوجي وانڍ ۾ حاضر ڪونہ ٿيو

هو. بعد ۾ ٺٽتئي سلطان محمد شاه ٺٽي پرسان ٧٥٢هہ ۾ وفات ڪري ويو. سلطان علاوالدين خلجي ۽ سلطان محمد شاه جي وفات وچ ۾ ستاويهن سالن جو فرق آهي. پر مير معصوم رڳو ايترو چوي ٿو تہ، ”ٿوري وقت ڪان پوءِ ڄام خيرالدين وفات ڪري ويو“. ڪانئس پوءِ سندس پٽ ڄام ”باپيہ“ (هي لفظ مختلف نسخن ۾ ڌار ڌار هِجي ۾ لکيو ويو آهي) گاديءَ تي ويٺو. جنهن جي خلاف سنہ ٧٧٣هہ (١٣٧١-٧٢ع) ۾ سلطان فيروز شاه حملو ڪيو. بعد ۾ سلطان فيروز شاه پورن ايڪيهن سالن ڪان پوءِ پنهنجي پيش رو جو پاند پلاند ڪيو. هن ڄام کي بہ باندي بڻائي دهليءَ نيو ويو. هن گهڻو عرصو قيد ۾ رهڻ ڪان پوءِ رهائي حاصل ڪئي ۽ موٽي اچي ٺٽي جو حڪمران ٿيو، جتي هن پندرهن سال وڌيڪ راڄ ڪري وفات ڪئي. هيءُ مورخ ڪنهن هڪ ڄام جي وفات جي تاريخ ڪونہ ٿو ٻڌائي، پر تيرهين ڄام لاءِ چوي ٿو تہ هن ٨٥٨هہ (١٤٥٩ع) ۾ وفات ڪئي.

دهليءَ جي حڪمرانن جا احوال جيڪي هن تاريخ جي ٻئي ڀاڱي ۾ ڏنا آهن، سي هي پيرائتا ڪري ٻڌائي ٿو. پر اتي ويچار ڪري ڏسبو تہ سلطان علاوالدين جي حڪمراني واري دور ۾ اسان کي ڪنهن ڄام جو ذڪر مورڳو مليئي ڪونہ ٿو. سلطان محمد شاه ۽ سلطان فيروز جي زماني ۾ ڄامن متعلق احوال ڏسڻ ۾ ايندا. سلطان فيروز شاه جي حڪمرانيءَ جي دور جي بيان ۾ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ هن سلطان ڄام خيرالدين جي زماني ۾ سنڌ تي حملو ڪيو. ڪيس ۽ سندس ڪٽنب کي پاڻ سان دهليءَ وٺي ويو، جتي هن بنديخاني ۾ وفات ڪئي. سلطان سندس پٽ چنہ Chunah (جوڻا؟) کي واپس وڃڻ جي موڪل ڏني. هن موٽي اچي ٺٽي جي حڪومت سنڀالي. اسان کي ڄامن جي احوال ۾ ڪو ڄام جوڻو ڪونہ ٿو ملي. جيڪو ڄام خير الدين جو پٽ هجي. هو وڌيڪ بہ ٻڌائي ٿو تہ سلطان فيروز شاه ڄام بانيہ کي دهليءَ مان آزاد ڪيو، جنهن موٽي اچي سنڌ جي حڪومت سنڀالي. هن جي وفات ڪان

پوءِ سندس ڀاءُ ڄام تماچيءَ سنڌ جي واڳ سنڀالي.

اسان کي مير معصوم جي تاريخي احوالن مان اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ساڳي ڄام خيرالدين ۽ سندس پيءُ ڄام تماچيءَ کي سلطان علاوالدين ۽ سلطان فيروز شاه تغلق ٻئي قيد ڪري دهلي وٺي ويجن ٿا. ڏنو ويجي ته سلطان علاوالدين جي وفات ۽ ڄام تماچيءَ جي آزاد ٿي سنڌ موٽڻ واري عرصي جي وچ ۾ پورن ڇاونجاهه سالن جي وٿي آهي. تاريخ جي ٻئي ڀاڱي ۾ وري اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڄام بانيه پٽ، ڄام خيرالدين کي سلطان فيروز شاه تغلق دهلي وٺي ويو ۽ سندس ڀاءُ ڄام تماچيءَ کي سنڌ واپس وڃڻ جي موڪل ملي هئي. سندس بيان موجب ڄام تماچي ڄڻ به آهن ۽ اهڙيءَ ريت مامري کي ڏاڍو منجهائي ڇڏيو اٿائين.

سنڌ جي تاريخ ۾ ٺٽي جي بنياد پوڻ بابت به وڏي غلطي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. وڏي ڳالهه ته هن شهر جي پيڙه جو پٿر رکڻ متعلق ڪا به تاريخ ڪانه ٿي ملي. اليٽ جلد I ص 5-273 تاريخ طاهريءَ جو هڪ اقتباس موجود آهي، جنهن ۾ ٻڌائي ٿو ته ٺٽي شهر جو بنياد ڄام نندي رکيو هو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته مذڪوره ڄام ۹۱۲هه (۱۵۰٦ - ۷ع) ۾ زنده هو ۽ هن ٽيهتر سال حڪومت ڪئي. پر مير معصوم جي هڪ نسخي ۾ بيان آهي، ته هو ۸٦٦هه (۱۴٦۱ - ٦۲ع) ۾ تخت تي وينو ۽ ٻئي نسخي ۾ لکيل آهي ته هن ۸۹٦هه (۱۴۹۰ - ۹۱ع) ۾ حڪومت جي واڳ سنڀالي ۽ انيتاليهه سال حڪومت ڪئي. جيڪڏهن اسان پهرين تاريخ صحيح سمجهون ته ٺٽي جو بنياد شاه بيگ ارغون جي سنڌ جي پهرئين حملي کان ٿورو اڳ ۽ ڄامن جي حڪومت جي صفا ختم ٿي وڃڻ کان فقط پندرهن سال پهريائين رکيو ويو هو. پر تاريخي حقيقتن مان پتو پوي ٿو ته جڏهن سلطان محمد شاه تغلق سنه ۷۵۲هه سنڌ تي ۾ حملو ڪيو هو ته ان وقت ٺٽو موجود هو. سلطان جي حملي وقت سنه ۷۷۳هه ۾ ٺٽو موجود هو. تاريخ طاهري ڄام جوڻي ۽ ڄام نندي

جي نالن کي وچڙائي منجهائي ڇڏيو آهي. هن پنهي چامن جي وچ تي ٻن صدين کن جي وٿي آهي. پهريون چامر، نمبر جي لحاظ کان ٻيو ۽ چامر ننڍو پندرهون چامر آهي.

مرزا عيسيٰ ترخان مغل (هن جي اصليت جي باري ۾ ڏسندا طبقات ناصري جو صفحو ٩٤٢)، مرزا شاه حسين کان پوءِ ٩٦٢هه (٥٥-١٥٥۴ع، گاديءَ تي ويٺو هو. بکر جي صوبيدار محمود ڪوڪلتاش جي سخت خلاف هو. ٩٦٣هه جي چوٿين مهيني (مارچ ١٥٥٦ع) ۾ هيءُ بکر تي ڪاهي ويو. سندس غير حاضري ۾ فرنگين (پورچوگيزن) جي هڪ ٽولي، جنهن کي هن "گوا" مان مدد لاءِ گهرايو هو، تن ٺٽي جي شهر کي چئن ئي طرفن کان باه ڏئي ڇڏي. شهر ڦري لٽي، ماڻهن جو قتل عام ڪيو. ڪيترائي باندي بڻايائون ۽ ڪيترا باه ۾ سڙي مري ويا. شهر ڇڏڻ کان اڳ هنن پاڻيءَ تي دارو (نفت يا پيٽروليم) هاري باه ڏئي پنهنجا ٻيڙا هاڪاري هليا ويا.

جيتريقدر ٺٽي جي بنياد پوڻ جو تعلق آهي ته ڪننگهام، پنهنجي ڪتاب " اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا" صفحي ٢٨٨ تي لکي ٿو ته ٺٽي جي معنيٰ آهي ڪنارو يا ڪنڌي، ۽ ٺٽي نگر جي معنيٰ ٿيندي اهو شهر جيڪو ڪناري سان موجود هجي.

ٺٽ، سنڪرت جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ڪنارو". "ٺٽه جي معنيٰ آهي شور، گوڙ، هل هلاچو. هن لفظ جي لکڻ جو ٻيو نمونو "ٺٺا" آهي، جنهنجو مطلب "خوشي" يا "مزو" آهي. ٺٽي جو نالو گهٽو ڪري انهن معنائن سان سهمت ناهي. ڇاڪاڻ ته پنجاب ۾ ٺٽيءَ جي نالي گهڻا ڳوٺ آهن، جيڪي اڳي نه درياهه تي هئا ۽ نه هاڻي ڪنهن درياهه جي ڪنڌي سان آهن. "ٺٽ" لفظ جي معنيٰ شور، گوڙ يا ميڙاڪو آهي ۽ منهنجي خيال ۾ ٺٽي شهر جي بڻ بڻياد واسطي هيءُ لفظ وڌيڪ مناسب لڳي ٿو.

(٣١٦) ڊاڪٽر موئر Muir، پنهنجي سنسڪرت جي ڪتاب ۾ پروفيسر مئڪس ملر جو حوالو ڏيندي چوي ٿو ، ” تہ ست نديون هي آهن: سنڌو، پنجاب جون پنج نديون ۽ سرسوتي “(Chaps 1-63.) مان سمجهان ٿو تہ هيءَ سندس غلط سوچ آهي. ڇاڪاڻ تہ هُو ستن جي انگ کي پوري ڪرڻ واسطي سنڌوءَ کي ڳڻي ويو آهي. ان ڪري ڪانئس گهاگهر درياه وسري ويو آهي، جيڪو سرسوتي ۽ ستلج جي وچ تان وهندو هو. پنهي مورخن هن جو قديم نالو ” دري شدوتي “ Drishadwati تہ ڏنو آهي، پر هو ان جي نئين نالي کان واقف ڪونہ آهن. ڊاڪٽر ميوئر Dr. Muir جي ڪتاب ۾ هن جو هڪ پيرو بہ ذڪر ڪونہ ٿو ملي.

(٣١٧) هن علائقي جو اصلي نالو سيالن جو جهنگ يا سيال قوم جو جهنگ آهي. گهڻي استعمال ڪري هن جو نالو ”جهنگ سيال“ ٿي ويو آهي.

(٣١٨) هن ڳوٺ تي اهو نالو، اڳي موجود ڳوٺ تان پيو آهي، جيڪو روينيو جي وڏي سروي واري نقشي تي ڏسي سگهجي ٿو.

(٣١٩) ڏسو حاشيہ ٣٢٥

(٣٢٠) ٿورو وقت اڳ، سنگم جو ماڳ ”علي ڪهانا“ Ali Kahanna کان اٺ ميل مٿي هو. يا زير بحث دور واري سنگم کان بہ ميل مٿي ۽ مُسانڻ Massan کان اٽڪل نَوَ ميل هيٺ.

(٣٢١) The Bar - Ficus India

ڏسو حاشيہ 360 جنهن ۾ اسان کي سڪندر اعظم جي پيش قدميءَ بابت ڪجهہ معلومات ملي ٿي. ٻڌايو وڃي ٿو تہ راويءَ ۽ چناب جي سنگم وٽ ٻڙ جو هڪ وڏو وڻ هوندو هو. ان ماڳ تي جيڪڏهن پراڻو ۽ وڏو ٻڙ جو وڻ ملي وڃي، تہ مسئلو حل ٿي ويجي. (پر ٻاويهن سون سالن جي ايتري پراڻي ٻڙ جو اتي موجود هجڻ ناممڪن ڳالهہ آهي) ان هنڌ ٻڙ جو هڪ وڻ موجود آهي. ٻيو وري فاضل شاه جي پتڻ وٽ بہ

ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان جاءِ تي اڌ صدي کن اڳ ٻنهي درياهن جو ميلاپ ٿيندو هو. هاڻي اهو موجوده سنگمر کان چار ميل کن پري ٻنهي درياهن جي پيگهوءَ ۾ هڪ فقير جي تڪيہ جي پرسان آهي. اهو ٻڙ پنهنجي وڏي عمر جي ڪري گهڻو مشهور آهي، پر پاويهہ سو سال جهونو ڪونہ ٿيندو. هڪ ٿڙ ۽ پاڙ مان پڪڙجي گهڻو وگهري ويو آهي. هتان جا ماڻهو هن وڻ کي اٺ منڊي Ath Mundi يعني اٺن ٿلهن وارو ٻڙ ڪري سڏيندا آهن.

(٣٢٢) تازن نقشن ۾ هن کي نالہ ڦانٽ Nulla Phant لکيو ويو آهي.

(٣٢٣) مصنف اهو ڪونہ ٿو ٻڌائي تہ هتي ڪا چوماسي جي برسات ٿيندي آهي. پر ان کان اوپر واري ماڳن جي برسات جي موسم ٻڌائي ٿو. پنج آب واري علاقي ۾ درياهن جي چاڙهہ جي زماني ۾ سخت گرمي هوندي آهي، ان موسم ۾ اوپر طرف وان علائقن ۾ برساتن جي رت هوندي آهي.

(٣٢٤) منور جو لفظ عربي لفظ نور مان نڪتل آهي، جنهن جي معني آهي: اها شيءِ، جيڪا ”چمڪندڙ“ يا ”روشن“ هجي. چلڪندڙ، چمڪندڙ ۽ روشن وغيره.

(٣٢٥) هيءُ ماڳ انڊين ائٽلس يا ٻين نقشن ۾ حوالي Huwali جهڙي عجيب نموني واري نالي سان آهي. حويليءَ Haveli نالي هڪ پتڻ بہ آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ نالا لاپرواهيءَ سان لکيا ويا آهن.

(٣٢٦) هيءُ اهو زمانو آهي، جڏهن هن علائقي جا انڊين ائٽلس Indian Atlas نموني وارا نقشا تيار ٿي رهيا هئا. ان کان پوءِ بہ الائي ڪيتريون تبديليون آيون آهن. پنجاب جي روينيو سروي جي وڏن نقشن مطابق ۽ نقشن نهڻ وقت هيءُ ماڳ درياه جي اولاهين يا ساڄي ڪنڌيءَ کان اڌ ميل کن پري هو. هاڻي اهو وڏي ٻيلي يا درياهہ جي وچ تي موجود ٻيٽ جي اوپر طرف آهي. وچ تي موجود اهو ٻيلو وهڪري کي

ٻہ درياهي ۾ ونڊي ڇڏي ٿو ۽ انهن ٻنهي وهڪرن کان اولهہ تي ٿيندو. ايترين تبديلين هوندي بہ اسان اهو سمجهون ٿا، تہ هاڻي کان پاويهہ سو سال اڳ وڏيڪ درياهي تبديليون ايندليون هيون.

(٣٢٧) ڏسو حاشيہ ٢٢٣ ۽ حاشيو ٣٢٥ .

(٣٢٨) ڏسو ابو الفضل جو درياهن تي تبصرو.

(٣٢٩) اڄرج جي ڳالهہ اها آهي تہ اسررر ۽ راسل Rasul جا ٽاڪ پراچين آهن. پر انهن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي وئي آهي.

(٣٣٠) چناب کان منو ميل ڪن پري موجود هڪ قديم ڳوٺ کي گذريل صديءَ ۾ چندن اوٺ يا چنداني اوٺ ڪري سڏيو ويندو هو. اهو ڳوٺ چندن نالي مان نڪتل آهي. چون ٿا تہ اهو هتان جي هڪ سردار جي ڌيءُ جو نالو هو، جنهنجي ٻنيان اوٺ، جو لفظ ڳنڍيو ويو. جيئن هرياري نديءَ تي "محمد اوٺ" جو شهر آباد هوندو هو، جنهن کي نقشن ۾ "ممدوٺ" لکيو ويو ويندو آهي. اوٺ سنسڪرت جو لفظ آهي جنهنجي معنيٰ آهي "ڍڪ" يا "بچاءُ".

اورنگزيب عالمگير جو مشهور وزير سعدالله هن "چندن اوٺ" شهر جو وينل هو. ساڳي دور جو منصبدار وزير خان بہ هن ماڳ جو رهاڪو هو. هن علائقي جا کتي، جن بعد ۾ اسلام قبول ڪيو، تن کي پنجاب ۾ پراڇا ۽ ڪاهوڇا سڏيو ويندو آهي.

لڳاتار استعمال ڪري اهو چندن اوٺ يا چنداني اوٺ ڦري چنيوٺ ٿجي ويو آهي. اليٽ جي هستورين جي فاضل مصنف تزڪ بابريءَ جو حوالو ڏنو آهي، جنهن ۾ بابر جو پنهنجو بيان آهي تہ، " هندستان جي فتح جي دل ۾ آرزو هيم، ٻهارا، خوشاب، چناب ۽ چينوٺ هيئر منهنجا آهن. اڳي اهي علائقا ترڪن جي قبضي هيٺ هئا" ايڊيٽر، چنيوٺ تي حاشيہ لکيو آهي. هو چوي ٿو. تہ ٻهارا جو ماڳ پنڊ دادن خان جي پرسان آهي. ان کان پوءِ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي ٻڌائي ٿو تہ چنيوٺ نالي هتي ڪوبہ شهر موجود ڪونہ آهي. شايد اهو اٽڪ جي

ڏکڻ اوپر طرف وارو بتيوٽ Battiut شهر آهي. ان صورتخطيءَ کي غلطيءَ وچان چنيوٽ سمجهيو ويو آهي." اها جاگرافيءَ سان لاڳاپيل عجيب غريب معلومات آهي. بابر بادشاه جيکي سبب ڏنا آهن، تن جي تفصيل لاءِ ڏسندا حاشيہ ٣٦١.

(٣٣١) جيڪڏهن کوٽ کماليا وٽان درياه پار ڪري " جهنگ سيالان" وڃبو تہ گوندل بر ۽ سندل بر بہ پار ڪرڻو پوندو آهي.

(٣٣٢) ٻيو غلط طريقو اهو بہ هوندو آهي، جو اسان جي پروسي جوڳن نقشن ۾ صحيح نالا نہ لکيا ويندا آهن. نالن جو اهو سرڪاري نمونو هوندو آهي، جيڪو سچ تہ سري کان ئي غلط آهي. اهڙيءَ ريت انڊيا ائٽلس جي نقشي ۾ هڪ نالو "سجاده" لکيل آهي. هيءُ اصل ۾ شاهزاده نالي هڪ شهر هو، جيڪو ان علائقي جو مکيہ ماڳ هو. اتفاق سان اهو "هنجارائون" قبيلي جو مرڪزي ٺاڪ هو، جنهن کي "شاهزاده هنجارائون" يا هنجارائون جو شاهزادو بہ چيو ويندو هو.

جڏهن گزيٽيئر تيار ٿي رهيو هو تہ ڪوشش اها ڪئي وئي هئي تہ ننڍي کان ننڍي ۽ غير اهم ٺاڪ جو بہ نالو صحيح لکيو وڃي يا ان نالي سان لکيو وڃي، جنهن نالي سان اتان جا رهاڪو ان ماڳ کي سڏيندا آهن. پر آفيسرن جي اجائي هوڏ ڪري ڳالهہ اينگهي وئي ۽ جاتي هئي اتي ٻيهي وئي. نتيجو اهو ٿيو جو هڪ گزيٽيئر ۾ ساڳئي ٺاڪ جو نالو هڪڙو، تہ ٻئي گزيٽيئر ۾ وري ٻيو لکجي ويو. نقشن جي حالت بہ ساڳي رهي. ساڳئي ماڳ جو هڪ نقشي ۾ هڪڙو تہ ٻئي ۾ وري ماڳهن ٻيو نالو لکجي ويو ۽ انهن جي لکت وري ڪنهن گزيٽيئر ۾ لکيل نالي کان ئي ڌار هئي.

(٣٣٣) هنديءَ ۾ "اٽَ" جي معنيٰ آهي مٿي ٽيڻ ۽ چڙهڻ، وغيره. جنهن مان "اٽار" جو لفظ جڙيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مٿاهين، پوٺو يا اوچائي وارو علائقو. "هيٺ" معنيٰ هيٺاهين ۽ ترائي آهي. هيٺار معنيٰ هيٺيون يا ترائيءَ وارو علائقو.

ساليانِي اٽل ڪري درياه جي پروارو علائقو هيٺاهون يا ڪچو ٿي ويندو آهي. ان ڪان پوءِ اهڙو علائقو اچي ٿو، جنهن کي ڪوهن وسيلي آباد ڪيو ويندو آهي. بعد ۾ ”اٽار“ وارو علائقو يعني مٿاهين جوءِ اچي ٿي، جنهن کي نقشي ۾ ”چناب بر“ سڏيو ويو آهي. هتان جا رهواسي هن علائقي کي بنجر نالي سان سڏيندا آهن. مذڪوره علائقي کان اڳتي چاڙه جو پاڻي ڪونہ پهچي سگهندو آهي. هن جوءِ ۾ واريءَ جا ڍها ۽ ڏرتي هيٺ مٿاهين آهي. اتان کان وٺي بر جو مٿاهون پاڳو شروع ٿئي ٿو. هن علائقي ۾ مينهن ڪڏهن ڪڏهن وسندو آهي. پوکيءَ راهي واسطي پاڻي پهچ کان گهٽو پري هوندو آهي. کوهہ بہ ان پوئي واري علائقي جي ڪناري کان اڳتي ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندا آهن. ٿورا ٽڪا ڳوٺ آهن، اتان جا رهواسي پاڻيءَ جي سهوليت نہ هئڻ سبب ڏاڍا ڏکيا گهاريندا آهن. جڏهن مينهن پوندو آهي ۽ پاڻي سندل بر کان هيٺ لهي ڪاٽي هيٺاهين ۾ گڏ ٿيندو آهي، تہ پوءِ اُهي ماٺهو آباديءَ لاءِ اتي ايندا آهن.

(۳۳۴) ڏسو منهنجو ڪتاب ”نوٽس آن افغانستان “ ص ۳۳۸.

(۳۳۵) اهو چناب تي آباد علاقن منجهان ايندو آهي.

(۳۳٦) مان هن درياه جي انهن پرتي ڪندڙ شاخن جو ذڪر ڪرڻ ضروري ڪونہ سمجهيو، جيڪي هموار علائقي مان وهي هن ۾ چوڙ ڪنديون آهن.

(۳۳۷) نقشي ۾ هن کي ”اکنور“ Aknur ڪري لکيو ويو آهي.

(۳۳۸) سڌارا Sudhara درياه کان اٽڪل ٽي ميل پري ٿيندو. درياه جو پراٽو پيٽ هن جي بلڪل پرسان آهي.

(۳۳۹) نقشي ۾ هن کي قادر آباد لکيو ويو آهي.

(۳۴۰) سنگم واري جاءِ هتان کان ٻارهن ميل يا سٺ ڪوهن کان ڪجهہ گهٽ آهي ۽ چائوتارا ڳوٺ ٻن ٽن ڪوهن جي پنڌ تي آهي.

(۳۴۱) هاٽي اهو علائقو سر سبز ۽ آباد آهي.

(٣٤٢) سندس وهڪري جا اهي رخ عام قسم جا آهن. بايولين Boilan پنهنجي تصنيف ” پرسنل نئريٽو“ ۾ وڏيڪ ٻڌائي ٿو تہ جهلم يا وهاٽ، چناب ۽ راوي جي گڏيل پاڻيءَ کي، اُچ پرسان گهاري سان ملڻ تائين تہ مُنهن جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

(٣٤٣) اڪبر بادشاه جي زماني ۾ ملتان جي سرڪار اندر ديگ راوي نالي جا ٻہ محال هوندا هئا، هڪ ديگ جي ٻنهي طرفن تي ۽ ٻاري دو آبي ۾ ۽ ٻيو رچنا دو آبي ۾ هوندو هو. پهرئين ڪي مواضيع ديگ راوي چيو ويندو هو. منجهس ٨٦٧ بيگہ ۽ ١٤ ويسا زمين پوکيءَ هيٺ هوندي هئي. ٻيو ارج پور سان هوندو هو. هن علائقي ۾ ارج پور ۽ ديگ راوي ” نالي ٻہ محال هوندا هئا. انهن جي پوکيءَ هيٺ ڪل زمين ٣٧٢٣٠ بيگہ هئي ۽ ٢٣٧٧٣٠٠ درهم ڍل جي اوڳاڙي ٿيندي هئي. اتي جا رهاڪو ڪرل هوندا هئا، جيڪي ضرورت وقت ٢٠٠ گهوڙيسوار ۽ ٢٠٠٠ پيادا ڏيندا هئا.

موجوده دور ۾ جڏهن چاڙه جي موسم ۾ ديگ اٿل ڪندي آهي تہ ويجهي چڪ ۾ ٻوڙ ٻوڙان ڪري ڇڏيندي آهي. پر هاڻي هنجو چاڙهہ وارو پاڻي اڳئين ڪان راويءَ جيان ٿورو تي ويو آهي. ان ڪري سندس پيٽ ٻہ سوڙهو ۽ هيٺ اونهو ٿي ويو آهي. اهو خيال تہ ديگ سڏائين ڪوٽ ڪماليہ وٽان وهندي، سو ممڪن ڪونہ آهي. چاڪاڻ تہ وچ تي راويءَ جا ڇڏيل اتاهان واريءَ جا دڙا آهن. اهو ٿي سگهي ٿو تہ چاڙهہ واري زماني ۾ انجو پاڻي سرڪي اچي انهن ماڳن وٽ رسندو هجي. سندس پاڻيءَ گهٽجڻ جو سبب اهو هجي تہ مٿي اتر طرف سندس گهٽو پاڻي پوکي راهيءَ لاءِ ڪٽب آندو ويندو هجي.

(٣٤٤) سنسڪرت ۾ ”ميل“ لفظ جي معنيٰ ميلاپ ، ٻڌي، ايڪو ۽ دو جي معنيٰ ٻہ آهي. ڏسو حاشيہ ٣٣٧.

(٣٤٥) ٻين مورخن وانگي ڪننگهام ٻہ سڪندر ۽ سندس يوناني لشڪر جي چرپر کي پنجاب جي درياهن جي موجوده وهڪري سان

ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان مقصد سان هن نقشي نمبر ۱۰۴ ۽ ۲۴۸ جي مدد ورتي آهي. پر ڪڏهن سندس بيان نقشن سان سهمت ڪونہ ٿو ڏيکاري. جڏهن اسان درياهن جي وهڪرن جو مطالعو ڪيون ٿا، تہ فقط هڪ صديءَ اندر انهن پنهنجا الائي ڪيترا پيٽ بدلايا آهن، تہ پوءِ هزار ۽ ٻہ سو سالن اندر انهن جا الائي ڪيترا رخ بدلجي چڪا هوندا ؟ اهڙيءَ ريت هيون تسانگ جا چارا بہ شور ڪوٽ جي ماڳن ۽ هاٹوڪي پنجند وٽ ۽ چناب جي موجوده دور جي پيٽ سان ڳولڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. پنجند تہ اهو علائقو آهي، جتي پنج درياهہ اچي ملندا هئا، جنهن ڪي پنج آب بہ سڏيو ويندو هو ۽ پر واري علائقي ڪي بہ ساڳئي نالي پنيان سڏيو ويندو هو. هاڻي اهو پنجند وارو علائقو ، اُچ کان تيرهن ميل مٿي گهاري (ستلج ۽ بياس نہ، چاڪاڻ تہ اهي ٻئي درياه ملڻ ڪان پوءِ پنهنجا نالا وڃائي وهندا آهن) ۽ چناب جي سنگم واري ٿاڪ ڪان وٺي هيٺ سنڌوءَ يا آب سنڌ جي پنجند واري پاٽيءَ سان ملڻ تائين پکڙيل آهي. نڪ سڏائي ۾ ان جوءِ جي ڪل پکيڙ بائيتاليهہ ميل ڪن ٿيندي. اڳئين صديءَ ۾ اهو پنجند وازو وهڪرو اچ ڪان اولهہ طرف ويجهو ملندو هو. تنهن زماني ۾ مذڪوره علائقي جي پکيڙ موجوده دور جيان ايتري وسيع ڪانہ هوندي هئي ۽ اهو اچ ڪان گهٽو مٿي هوندو هو، جهڙي ريت اسان ص ۲۱۹ تي ڏسون ٿا. اُچَ هاڻي يا ويجهي ماضيءَ ۾ پنجند ڪان اٺ ميل ۽ درياهن جي ميلاپ شروع ٿيڻ ڪان تيرهن ميل ڏور آهي.

انهن حقيقتن کي نظر ۾ رکي صفحي ۲۲۰ تي هو مناسب بيان ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ، ” ملتان جي جاگرافي بيان ڪرڻ وقت هڪ حقيقت ضرور ڌيان ۾ رکڻي پوندي، تہ هن علائقي مان وهندڙ وڏن درياهن جي وهڪرن ۾ وڏيون تبديليون آيون آهن“ پر وري ٻي جاءِ (ص ۲۱۸) تي چوي ٿو تہ، ”سڪندر جيڪي قربان گاهہ تعمير ڪرايا هئا، تن ڪي لهڻ لاءِ هري ڪي پتڻ ڪان ڪجهہ ميل هيٺ ستلج جي موجوده وهڪري

جون ڪنڌيون پاسا ووڙٽا ولوڙٽا پوندا .... سڪندر جي دور واري " سودراءِ" يا "سوراڪس" وارو علائقو هن ماڳ تائين پکڙيل هوندو"

تنهن ڪري هيءَ ان ماڳ کي بياس سان ملڻ کان ٿورو مٿان ستلج جي اوپر طرف ٻڌائي ٿو، ڇاڪاڻ ته ٻنهي درياهن جي ملڻ کان پوءِ ستلج پنهنجو نالو وڃائي ڇڏيندي آهي. اڳتي ايندڙ ستلج جي بيان ۾ اسان کي اهو ڏسڻ ۾ ايندو، ته ان پراڻي دور کان وٺي ويندي هن دور تائين، هاٿوڪيءَ جوءِ ۾ موجود هرياري کان اهو علائقو ٽيهن کان پنجهٽ ميل پري اوپر طرف هوندو هو. ڇاڪاڻ ته ان درياه جو پراڻو پيٽ ايتري فاصلي تي اوپر طرف ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ان وهڪري جي هيٺين پاڳي کي گهارو سڏيو ويندو هو.

(٣٤٧) شور ڪوٽ شهر جي اوپر پاسي، هڪ وڏي ترائي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. چوماسي جي رت ۾ جڏهن وڏ ڦڙي جا وسڪارا ٿيندا آهن، ته اها ترائي هڪ وڏي ڍنڍ ٻڻجي ويندي آهي. هتان جا ڏيهي ماڻهو هڪ ڳالهه ٻڌائيندا آهن ته "جنهن ڀڙي (Bhira) تي شور ڪوٽ جو شهر اڏيل آهي، اتان جي مٽي هن ترائي مان ڪڍي وئي هئي". پر اسان کي معلوم ائين ٿئي ٿو ته اهو ماڳ چناب ۽ وهاٽ جي سنگم وارو ماڳ آهي. شور ڪوٽ جو شهر ۽ قلعو ترائيءَ کان اتر پاسي آهي.

شور ڪوٽ کان ڏکڻ پاسي واري جُوءِ مان معلوم ٿيندو ته اها ڪنهن تازي دور جي پيداوار آهي. اتان جي مٽي هلڪي وارياسي آهي ۽ ان جو جَرُ به ويجهو آهي. اها جوءِ جنهن ۾ پوکي راهي ڪانه ٿيندي آهي اتي ٻوڙن جا جهنگ ڏسبا آهن، جن کي ٻاڻي ۾ Saeeharan Sura Baeb سڏيو ويندو آهي. شورڪوٽ جي ڏکڻ وارو علائقو وهڪرن جي پيٽن سان ڇچريو پيو آهي، جن وسيلي چاڙهه وارو پاڻي وهي هيٺ هليو ويندو آهي.

(٣٤٧) مغيالي سيالن جي دعويٰ آهي ته ٻارهين پيڙهيءَ مان سندن

هڪ سردار هن شهر جو بنياد رکيو هو. ان شهر جي بنياد رکڻ وقت چناب اوپر طرف کان وهندي هئي. گذريل صديءَ چندن اوٺ جو شهر لاهور ۽ کيوا Khiwah ملتان جي ماتحت هو.

(٣٤٨) جنهن نموني سان نالا نقشن ۾ لکيا ويا آهن، تن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته هڪ پراڻي پيٽ جو نالو ٻڍي، 'N' لکيل آهي. ٻئي نقشي ۾ "چناب جو قديم پيٽ" لکيل ڏسڻ ۾ ايندو . ڪنهن نقشي ۾ وري "ٻوڏي 'N' " نظر اچي ٿو هڪڙ ۾ " ٻوڏي 'N' " آهي. اهي سڀ لکٿيون هڪ "ٻڍي" جي نالي جون آهن. هندي ڀاشا ۾ هن لفظ جي معنيٰ جُهوني، پراڻي ۽ قديم آهي.

جيڪڏهن اسان کي انهن درياهن جي قديم وهڪرن جو پتو پئجي ويو ته پوءِ پنجاب ۽ سنڌ ۾ سڪندر جي گس بابت ڪجهه ڏَس پئجي سگهندو.

ڪرٽس جو بيان آهي ته سڪندر جي فوج اڳتي اوپر طرف پيش قدمي کان انڪار ڪيو هو. ان جي نتيجي ۾ سندس فوج بياس جو اولاهون پاسو يا ساڄي ڪڙ ڏئي، چناب جي هڪ پراڻي پيٽ جي پرسان ڊاٻي لاءِ اچي واند هئين هئي. ان کان پوءِ سڪندر هن درياءَ وسيلي هڪ هزار ٻيڙن سان سمنڊ ڏانهن هاڪاريو هو. سندس ٻيڙيون چارسو اسٽاڊيا يعني اٺيتاليهه ميل روزانو مفاصلو طئي ڪنديون هيون. اڄ ڪلهه ٻه هنن علائقن ۾ جيڪڏهن ڪو صبح جو سويل هاڪاريندو ته ايترو سفر ڪري ويندو . اهڙي طريقي سان هاڪارڻ مان سندس مقصد اهو هو، ته جيئن پنهنجي منزل ڪنهن سهوليت واري ماڳ تي ڪري سگهي. نيٺ سفر ڪندو اچي ان ٺاڪ تي پهتو، جتي ٻهاٽ يا وهاٽ، چناب سان سنگم ڪندي هئي. ٻنهي درياهن جي سنگم کان اڳتي نڪري " سوبي" Sobii نالي هڪ علائقي ۾ اچي نڪتو هو." هتي پهچي هن منزل ڪئي هئي. پوءِ اتان هلي اڍائي سو اسٽاڊيا يعني ٽيهارو ڪن ميل ان ئي علائقي ۾ سفر ڪيو هئائين. (منهنجي خيال ۾ هن اهو

سفر اوپر طرف ڪيو هو) اها ڳالهه مصنف ڪونه ٿو ٻڌائي، پر منهنجو پنهنجو اندازو آهي. اهو علائقو رچنا دوآبي وارو هوندو. جتي هي درياه پڻ ملندا هئا. وڏيءَ فوج کي شڪست ڏئي، هن ان علائقي جي راڄڌاني فتح ڪئي. هن ٻيءَ قوم کي شڪت ڏني هئي، جيڪا درياه ٽپڻ کان کيس روڪي رهي هئي. هن هڪ ٻئي شهر تي حملو ڪري اهو فتح ڪري ورتو هو. اتان جي رهواسين، باه جا آڙاهه ٻاري پاڻ کي زالن ۽ ٻارن سميت ساڙي رک ڪري ڇڏيو. قلعي کي ڪو ڇيهو ڪونه رسيو هو. سڪندر ان ۾ پنهنجي فوج وهاري. پوءِ پاڻي وسيلي ملڪ جي هر پاسي ڦرندو رهيو. چاڪاڻ ته اهو شهر ٽن درياهن جي وچ تي هو. اهي درياهه گنگا کان ننڍا، پر هندستان جي وڏن درياهن مان هئا. انهن درياهن جا وهڪرا هن قلعي جي چوڌاري ڦيرو ڏئي وهي رهيا هئا. سندس اتر پاسي کان سنڌو وهي رهيو هو. ڏکڻ ڏس کان چناب، وهاٽ سان سنگم ڪري رهي هئي. جڏهن اهي ٻئي درياهه پاڻ ۾ ملي رهيا هئا ته سمنڊ جي ويرن ۽ لهرين جيان ڪولاهل ڪري رهيا هئا. تيز وهڪري سبب پاڻي ۾ لٽ جو مقدار تمام گهڻو هوندو آهي، جيڪو ڪنارن سان وهندو ويندو آهي. ان ڪري پاڻيءَ جو وهڪرو سوڙهو ٿي ويندو آهي. هن سنگم واري ٿاڪ وٽ سندس ٻيڙين کي گهڻو ڇيهو رسيو هو. سندس ٻه وڏيون ٻيڙيون ٻڇي پورا ٿي ويون. پرزو پيدا نه ٿيو تختو منجهان تن. سندس فوج تي پاڻيءَ جي ڪولاهل جو ايڏو ته ڊپ ۽ ڊاءُ ويهي ويو، جو ٻيڙين مان ٽپ ڏئي پاڻيءَ مان تري جان بچائڻ جا جتن ڪيائون. هتي هن ٿي قربانگاه تعمير ڪرايا هئا. هڪ قربانگاه هڪ درياه جي نالي جي حساب سان جوڙائي.

ريوڊ وليمس پنهنجي تصنيف " لائيف ائنڊ ايڪشن آف اليگزنڊر دي گريٽ " ۾ ائرين ۽ ٻين مورخن جا حوالا ڏنا آهن. خاص طور تي هن ايرين ۽ استرئبو جا اقتباس پيش ڪيا آهن. ڪراتيرس کان گهٽ درجي وارن مورخن جهڙوڪ آٿنياس ۽ پلوتارڪ کي ٻه حوالن طور

ڪتب آندو آهي. هو چوي ٿو ته سڪندر سان اسي وڏا ٻيڙا ۽ ٻه هزار ننڍيون درياهي ٻيڙيون ساڻ هيون. هو ان وڏي جنگي آرماڙ سان هاڪاريندو، انهن ڏينهن اچي چناب ۽ وهاٽ جي سنگم وٽ پهتو هو. هتي سنڌوءَ جو ذڪر ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. ٻنهي درياهن جي گڏيل وهڪري جو پاڻي سنگم ڪان هيٺ هلي سوڙهو ٿي ويو ٿي. هو لکي ٿو ته، ” ٻنهي درياهن جي پاڻين جو وهڪرو ڏاڍو تکو هو. ٻنهي پاڻين جي گڏجڻ ڪري وڏيون لهريون پيدا ٿي رهيون هيون. جڏهن اهي پاڻ ۾ ٽڪرايون ٿي، ته گجگوڙ جهڙو وڏو آواز پيدا ٿي رهيو هو، جيڪو تمام پري تائين ٻڌجي رهيو هو.“

هن ٻنهي جماد Jamad يا بهاٽ ۽ چناب جي سنگم جو احوال امير تيمور جي لڪت ۾ چگيءَ پر ڏسي سگهجي ٿو.

هن سنگم واري ٿاڪ وٽ ٻيڙيون وچي ٻيڙين سان ٽڪرايون. نقصان ايترو ٿيو جو سارو آرماڙ ڪناڪيڙا ٿي ويو. ٻه وڏا ٻيڙا ته صفا ناس ٿي ويا. پرسان ئي ٽونٽ جهڙي ڪناري جي چڪ هئي. ڀڳل سڀڳل ٻيڙين اتي وچي بچاءُ ڪيو هو.

اهو سارو نڌان، بهاٽ ۽ جهلم جي سنگم ۽ ان جي اوسي پاسي ۾ ٿيو هو. درياهن جي ذڪر کي ڇڏي باقي علائقي جي بيانن مان اهو سمجهي ڪونه ٿو سگهجي، ته اها جُوءِ پنجاب جي ڪهڙي علائقي سان هڪ جهڙائي رکي ٿي؟ مان سمجهان ٿو ته اهو ماڳ ملتان آهي. چندن اوٺ جو ڏاڪٽو علائقو يا شورڪوٽ به ٿي ڪونه ٿو سگهي. تنهن هوندي به ڪننگهام هن شهر کي ”ملتان“ سمجهي ٿو ۽ اهي چناب ۽ وهاٽ درياه اچ جيان، اڳي به هنَ شهر جي قلعي جي ذڪڻ ۾ ميلاپ ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪراٽيرس پنهنجي بيان ۾ سچو به هجي، ته سنڌو به قلعي جي پٺين پرسان ئي مذڪوره درياهن سان ملندو هو، ته به اهو مامرو اجا به وڌيڪ منجهي پئي ٿو.

هتي هيءَ ڳالهه به ورجائڻ ضروري آهي ۽ ان جو مٿي ڪاٽي بيان به

اچي چڪو آهي تہ سڪندر بهات درياہ جي اپرنديِ يا ڪاہي ڪناري سان نڪايا Nicoea نالي هڪ شهر آباد ڪيو هو. نڪايا ۽ سڪندر واري فوجي وانڍ جي وچ تي، بهات ۽ چناب جي سنگم واري ڳاڪ ڪان هيٺئين پاسي راويءَ جي اوسي پاسي پڻ ٻئي شهر جو بنياد رکيو هو. ان جُوءِ جو سوپيٿس نالي هڪ راڻو سڪندر سان اچي مليو هو. اسٽرئبو اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ: ان جوءِ ۾ لوڻ جو هڪ جبل آهي، جيڪو سڄي هندستان لاءِ ڪافي آهي. هتي نمڪ سر يا ڪوہ جد ڏانهن سندس اشارو آهي. درياہ پنهنجا وهڪرا سدائين بدلائيندا رهيا آهن. ان زماني ۾ سندن ڪنڌين ڪنارن سان موجود شهرن جي سڃاڻپ تڏهن ٿي سگهندي، جڏهن اهو پتو پوندو تہ ان دور ۾ زير بحث درياهن جا وهڪرا ڪهڙا هئا. پر انهن جي پيٽ ۾ جبل پنهنجون جايون ڪونہ مٽائيندا آهن.

بهات درياہ جي ڪهڙي ڳاڪ وٽان سڪندر پنهنجا ٻيڙا هاڪارڻ شروع ڪيا، تنهن جو اندازو هن ريت ڪري سگهبو، جو هن چناب تائين پهچڻ ۾ اٺ ڏينهن هاڪاريو هو. جيڪڏهن هڪ ڏينهن جو سفر سڪندر جي هڪ ڏينهن جي سفر جي اڌ جيترو سمجهون تہ سڪندر بهات جي جنهن ڳاڪ وٽان سفر جي شروعات ڪئي هئي، سو موجودہ دور جي جهلم شهر ڪان مٿي وچي بيهندو. ڏسو حاشيہ ٣٩٠.

پنهي درياهن جي سنگم ڪان پوءِ سڪندر جي فوجي چر پر جو احوال اڳتي ايندو.

(٣٤٩) ابوالفضل آئين اڪبريءَ ۾ ملتان شهر ڪي باري دو آبي ۾ لکيو آهي يعني بياس ۽ راوي درياہ جي وچ واري علائقي ۾. پنهنجي ڪتاب ۾ هن خانن ۾ جيڪا ورچ ڪئي آهي، تنهن ۾ ڪُجهہ ڳاڪاٽو ڪري ويو آهي، چاڪاڻ تہ راوي ان دور ۾ ملتان ڪان اوير وهندي هئي. سندس اهو وهڪرو گذريل صدي جي آخر تائين رهيو آهي. حقيقت اها آهي تہ ان زماني ۾ ملتان باري دوآبي بدران، رچنا دو آبي ۾ موجود هو.

جيڪڏهن اسان ابوالفضل جي ڳالهہ صحيح سمجهون، تہ پوءِ چناب سان ملڻ واسطي راويءَ کي ملتان جو اتريون پاسو ونڻ گهرجي. پر سندس دور تائين ائين ڪونہ ٿيو هو. ان بدران راوي ٿورو ڏکڻ موڙو کائي، چناب کي ڇڏي وچي بياس سان سنگم ڪيو هو: مٿي بہ اهڙو ذڪر اچي ويو آهي تہ گذريل صديءَ جي پڇاڙي تائين راوي ملتان جي اوپر پاسي کان وهندي هئي. ابو الفضل کي غلط سمجهڻ جو ٻيو سبب اهو بہ آهي تہ چوڪنديءَ ملتان تنهن زماني ۾ هڪ ئي دو آبي ۾ موجود هئا. پر ابو الفضل چوڪنديءَ کي رچنا دوآبي ۾ لکي ٿو، جيڪو هاڻي ملتان جيان باري دوآبي ۾ آهي. مان اڳئي ڪاٿي بيان ڪري آيو آهيان تہ رچنا دوآبي ۾ اچڻ کان اڳ ۾ نوين منگتا مغل جڏهن اچ تي حملو ڪيو هو، تہ ملتان ۽ اچ، ٻئي سنڌ ساگر دوآبي ۾ موجود هئا.

بست جلندر وارو دوآبو هاڻي هري ڪي پتڻ کان اڳتي پکڙيل نظر ڪونہ ايندو، جيڪو ملتان کان ٻہ سو کن ميل مٿي آهي. اهڙيءَ ريت ديبال پور، پاڪ پتڻ يا اجوڌن ۽ اوسي پاسي وارا ٻيا ماڳ تنهن زماني ۾ بست جلندر واري دوآبي ۾ موجود هوندا هئا. هاڻي اهي اسي ميل پري، باري دوآبي ۾ موجود آهن. چوڪندي ڪنهن زماني ۾ رچنا دوآبي ۾ هوندو هو، سو هاڻي باري دوآبي ۾ آهي. ابو الفضل واري زماني ۾ ملتان سرڪار جي آدم پور وارا محال، فتح پور، جلال آباد، شيرڳڙهہ، دنيا پور، راڄپور، ڪهرور، ڪائي بليدي ۽ گهلوءَ جو گهارو بست جلندر دوآبي ۾ هوندا هئا. يعني اهي ستلج ۽ بياس جي وچ تي هئا. ان زماني ۾ ستلج پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ وهي رهي هئي ۽ ٻنهي درياهن پاڻ ۾ ملي، نرني هرياري، نيلي يا گهاري وارو گذيل وهڪري وارو نالو اچا اختيار ڪونہ ڪيو هو. ملتان اچا بہ باري دوآبي ۾ موجود آهي، جيڪو راوي کان وٺي بياس جي سڪل پيٽ تائين پکڙيل آهي. پر هرياري يا نيلي جي ڪنارن تائين نہ آهي. باري دوآبي ڪانوني نئين درياه جي وچ وارو علائقو، جنهنجو بيان مٿي اچي چڪو آهي، جيڪو سڪل بياس جي

ڪاٻي ڪناري ڪان وٺي هرياري نيلي يا گهاري جي ساڃي ڪناري تائين پکڙيل آهي، تنهن علائقي کي ڏيهي مورخ شمالي ڪڇيءَ وارو دوآبو ڪري سڏيندا آهن. مقامي رهاڪو هن کي نيلي بر ڪوٺين ٿا. هيءُ نالو ابوالفضل جي زماني ۾ ڪونهـ هو. چاڪاڻ تہ سندس زماني ۾ بياس درياهه اڃا بہ پنهنجي اصلي پراڻي پيٽ ۾ وهي رهيو هو ۽ مٿي بيان ٿيل محال هاڻي نئين دوآبي ۾ اچي ويا آهن. ڪڇيءَ Kachehhi واري علائقي جو مطلب درياهي لَٽَ واري نئين جُوءِ، جيڪا تازو درياهہ بنائي هجي. ان علائقي ۾ درياهہ جي ساليانو اٿل جو پاڻي چڙهي ايندو آهي ۽ اُهو جهنگ واري علائقي جو هينهار وارو پٽو آهي. زمين جو اهڙو پٽو هرياري يا نيلي جي ٻنهي ڪڙن سان موجود هوندو آهي. جيڪو درياهي اٿل واريءَ رُت ۾ ليٽ جي پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندو آهي. اڄ ڪلهہ بہ هن پٽي کي ”چوٽي ڪڇي“ سڏيو وڃي ٿو.

هينئر اچو تہ ڏسون تہ ملتان جي پرپاسي ڪان وهندڙ درياهن بابت مغرب جا سيلاني ڇا ٿا چون.

قديم سيلانين مان، ڪئپٽن ڊائون ٽن Down Ton ڪمپنيءَ جا ٻہ انگريز هئا، جن ١٦١۴ع ۾ هندستان کان وٺي ايران تائين سفر ڪيو هو. لاهور وارو سندن بيان هيٺ ڏجي ٿو: ” اسان لاهور مان نڪري ملتان روانا ٿياسون. هي قديم ۽ خوبصورت شهر سنڌوءَ جي ڪناري تي آباد آهي، جڏهن هندستان ۾ پٺاڻن (افغانن) جي حڪومت هئي تہ هيءُ علائقو نهايت سرسبز ۽ آباد هو. ان زماني ۾ آگري ۽ لاهور وارا علائقا غير اهم هوندا هئا. پر هاڻي هتي اها ڳالهہ ڪانہ رهي آهي. لاهور ۽ آگري هن شهر جو واپار ۽ سڪر سڻائي ڇڻ ڪسي ورتي آهي. منجهس اهڙي ڪابہ شيءِ ڪانہ آهي، جنهن تي ملتان ڪو فخر ڪري سگهي. فقط سندس پراڻو شان وڃي باقي بچيو آهي. ملتان گهٽو زبون حال ٿي ويو آهي. هن شهر ۾ ڪو ڪم ڪونہ هوندو آهي، پر ان هوندي بہ قافلن کي هتي اٺ يا ڏهہ ڏينهن ضرور ترسايو ويندو آهي. هتان جو

گورنر قافلن کي ڪجهہ عرصو رهڻ کان سواءِ هتان روانو ٿيڻ ڪونہ ڏيندو آهي.“

هن ڪان پوءِ مانڊيل سلوئي Mandel sloe آيو. هيءُ شخص ڊيوڪ آف هولسٽين جي سفيرن سان گڏجي ايران ويو هو ۽ ١٦٣٩ع ۾ هندستان ۾ هو. هي اهو زمانو هو، جڏهن علي مردان ڪُرد غداري ڪري قنڌار، شاهجهان جي حوالي ڪيو هو. ڏسو منهنجو ڪتاب ” نوٽس آن افغانستان“ ص ٦٠٥. مانڊيل سلوئيءَ جو بيان آهي تہ ”ملتان جو صوبو، جنهن جو صدر مقام بہ ملتان آهي، جيڪو سنڌوءَ جي اوڀر ڪناري سان ٿي هلندو وڃي ٿو، جيئن هيڪاچان Haca chan يا هانگي چان Hangi chan (سنڌس اشارو ديره جات ڏانهن آهي) جو علائقو ان اولهہ ڪناري سان آهي. هتي هن ۾ سنڌس ڪتاب ڇاپيندڙ مامري کي ابتو ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان کي اولهہ بدران اوڀر پڙهڻ گهرجي.

هن ڪان ستاويهہ سال پوءِ ١٦٦٦ع ۾ ٿيونات آيو. سنڌس بيان آهي تہ بکر ملتان صوبي جي سرڪار آهي. هن جي ڏکڻ ۾ سنڌ جو صوبو، اتر ۾ ڪابل، اولهہ ۾ ايران، ۽ اوڀر ۾ لاهور صوبو اٿس. هن صوبي جي راڄڌاني ملتان آهي. هن منجهان گهڻا درياهہ لنگهندا آهن. ان ڪري ڏاڍو سکيو ستابو آهي. هن ڪان اڳ ۾ هيءُ شهر واپار جو مکيہ مرڪز هو، ڇاڪاڻ تہ سنڌوءَ کان گهڻو ڏور ڪونہ آهي. پر هاڻي ائين ڪونہ آهي. ان جو سبب اهو آهي تہ سنڌوءَ ۾ ٻيڙا وڃي ڪونہ سگهندا آهن. ڇو جو سنڌس پيٽ ۾ هيٺ واري جا ڍها آهن، تنهن ڪري هاڪارڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي آهي ۽ پاڙو بہ وڏيڪ ٿي ويو آهي، تنهن ڪري واپاري ٻيڙين جي اچ وڃ گهٽجي وئي آهي. تنهن هوندي بہ هن صوبي مان ڪنڊ، آفيم، گندرف، ”ماجو ڦل“ Gall ۽ اٺ بر آمد ڪيا ويندا هئا. ملتان کان اٺ غزنيءَ ۽ قنڌار کان ٿيندا، ايران پهچندا هئا. پاڙو گهٽ هوندو هو تہ ملتان جو مال نٽي ويندو هو، جتان ڏيساور جا واپاري اهو مال خريد ڪندا هئا. هاڻي اهو مال خشڪيءَ رستي سورت ويندو آهي.

” ڪن جاگرافيدانن ملتان کي سنڌ سان شامل ڪيو آهي. پر هي پاڻ هڪ صوبو آهي .... مطلب تہ ملتان جو شهر راڄڌاني هجڻ ڪان گهٽو ننڍو آهي، چوڌاري سگهارو قلعو اٿس. قنڌار تي ايران جو قبضو هوندو آهي، تہ هن شهر جي اهميت وڏي ويندي آهي. هاڻي بہ ملتان جي مغلن وٽ وڏي اهميت آهي، ان ڪري جو ايران جو قنڌار تي قبضو آهي“.

هيءُ احوال شهنشاه اورنگزيب جي تخت نشين ٿيڻ ڪان ڏهہ سال پوءِ لکيو ويو هو.

ساڳئي زماني ۾ ٽيورنيئر بہ هندستان جو سفر ڪري رهيو هو. سندس بيان آهي تہ، ”ملتان ۾ قيمتي سوٽي ڪپڙو اچندو هو، جيڪو ٺٽي ڏانهن موڪليو ويندو هو. پر هاڻي درياه جي ڇوڙ وٽ درياهہ واريءَ جا ڍها چڙهي ويو آهي ۽ ٻيڙين هاڪارڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. ان ڪري ٺٽي ڏانهن سندس واپار گهٽجي ويو آهي. ان جي بدران سندس واپاري ناتو هاڻي آگري سان آهي. اهو مال آگري ڪان ٿيندو، سورت ويندو آهي. واپاري سامان هاڻي گهٽو لاهور ۾ تيار ٿيندو آهي. واپاري جنسن جو ياڙو ايترو تہ چڙهي ويو آهي، جو ٿورا واپاري ملتان ڪان لاهو يا لاهور ڪان ملتان سامان آڻيندا ۽ نيندا آهن. ڪاريگر ۽ هنرمند بہ شهر ڇڏي هليا ويا آهن. نتيجو اهو ٿيو آهي، جو هنن صوبن مان بادشاه کي محصول تمام گهٽ اڳڙندو آهي .... ملتان هڪ اهڙو شهر آهي، جتي هر هڪ ملڪ جا وڻجارا ايندا آهن ۽ ايران سان واپار ڪندا آهن“.

هنن احوالن مان اسانکي اهو پتو پوي ٿو تہ سنڌوءَ ۽ ان جي پرتي ڪنڌڙ شاخن جي وهڪري ۾ وڏي تبديلي اچي چڪي هئي ۽ لاهور ۽ ملتان جو مال ملتان ۽ آگري ڪان ٿيندو، سورت پهچندو هو ۽ راوي ۽ چناب وسيلي ٻنهي صوبن جي راڄڌانين وچ ۾ سڌو واپار هلي ڪونہ سگهندو هو. مٿين حوالن مان ٻي هيءَ ڳالهہ بہ چٽي ٿي وڃي ٿي تہ

ستلج اجا بہ پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ وهي رهي هئي ۽ سندس وهڪري ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ آئي هئي. ثابتيءَ طور انهن علائقن جا نقشا ڏسي سگهجن ٿا، جيڪي زيربحث دور کان ٿورو پوءِ ناهيا ويا هئا، جيڪي پرڪاش Purchas جي حوالي سان ڏسي سگهجن ٿا.

(350) شهامت علي بهاولپور تي لکيل هڪ ڪتاب ۾ چوي ٿو، ” ملتان کان ڏکڻ وارو علائقو هيناهون آهي، تنهن ڪري سدائين پاڻيءَ جي چر هيٺان هوندو آهي. ان جوءِ ۾ شجاع آباد ۽ ڪوٽ شجاع (خان) کان سواءِ ٻيا ناليرا شهر ڪونہ آهن. اهي شهرن کان وڌيڪ فوجي ڇاوڻيون لڳنديون آهن.“

(۳۵۱) چناب جو قديم پيٽ چندن اوٺ شهر کان ٻہ ميل کن اوڀر طرف ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ اهو موجوده وهڪري کان جهنگ وٽان ستاويهہ ميل پري آهي. وچ واري ساري جوءِ قديم وهڪرن جي پيٽن سان ڇڇري پئي آهي.

(۳۵۲) هير ۽ رانجهي جي عشق بابت پنجابي ٻوليءَ ۾ شاعري آهي جيڪا هن علائقي ۾ گهڻي مشهور آهي.

(۳۵۳) اليٽ ” هسٽورين“ جي جلد I ص 205 تي ٻڌائي ٿو تہ محمد قاسم (محمد قاسم جنهن سنڌ فتح ڪئي سو قاسم جو پٽ هو) جي لشڪر ملتان جي قلعي کي اڳ ۾ ڪاٽ ڪونہ هنيو هو، پر هڪ ماڻهو شهر مان نڪري جان جي امان وٺي، ڪين مقرر جاءِ وٽان ڪاٽ هڻڻ جي صلاح ڏني هئي ۽ ان کان پوءِ هئن ائين ڪيو هو .... هن شهر جي اتر پاسي کان ان جاءِ جو ڏس ڏنو، جتان درياه جو ڪنارو ويجهو هو“. فاضل ايڊيٽر حاشيہ ۾ ”آب جوي“ جو لفظ ڪتب آندو آهي، جيڪو مکيہ وهڪري جو مفهوم ڪونہ ٿو ڏيکاري. شايد اهو ”لولي واهڻ“ ڏانهن اشارو هجي، يا ڪا ٻي اهڙي ننڍڙي درياهي ڇاڙهہ هجي.

ڪننگهام (اينشنٽ جاگرافي ص ۱۴۲) چوي ٿو تہ راوي ملتان

واري قلعي کي چوڌاري ڦيرو ڪري وهندي هئي. سندس پراڻو پيٽ اڄ بہ ڏسي سگهجي ٿو. جڏهن گهڻي برسات پوندي آهي، تہ پاڻي اچي ملتان وٽ پهچندو آهي. سندس بيان ان حقيقت جي پنيرائي ڪري ٿو تہ سڪندر درياهہ مان هاڪاريندي سڄي شهر جي چوڌاري ڦري آيو هو. (جيڪڏهن اهو اشارو ملتان ڏانهن آهي تہ). ڏسو حاشيہ ٣۴٨.

درياهہ جي جنهن پيٽ ڏانهن فاضل مصنف اشارو ڪري ٿو، سو لولي واهڻ آهي. اهو پنجانوي سالن جي عرصي دوران اهڙو تہ تبديل ٿي چڪو آهي، جو سڃاڻڻ ڪان ئي پري آهي. پر اهو ڳڻُ راوي درياه جو پراڻو پيٽ نہ آهي. شايد هي صاحب ان حقيقت کي وساري وينو آهي تہ چناب درياه مان نڪتل هڪ واهہ هو، جيڪو ملتان جو اولاهيون پاسو ڌئي وهندو هو ۽ جهاز رانيءَ لائق هوندو هو. ان جو نالو بہ سڪندر آباد هو. شايد سڪندر جي حڪم سان کوٽيو ويو هو. هتي سندس نالي کان اسان ارها چو ٿيون؟

هن " آثاري" جي ماڳن کي سڃاڻي ورتو آهي، اهو ڻاڪ ٽُلنبا کان وِلِهہ ميل-اولهہ-ڏکڻ اولهہ طرف ملتان ويندڙ رستي تي آهي، جنهن کي اڄ بہ آثاري والا جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اهو ڪنهن تازي دور جو تهيل آهي، انهي گهراڻي جي نالي واري ڪنهن سک سردار هن شهر جو بنياد رکيو. مذڪوره شهر جي پر پاسي کي پراڻا کنڊر موجود آهن، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اها برهمڻن جي وسندي هئي. اهو پڻ چيو ويندو آهي تہ برهمڻن سڪندر جي حملي کان بچاءَ واسطي هڪ سگهارو قلعو اڏيو هو .... ڪراتيرس جو چوڻ آهي تہ پيڙيءَ ۾ ويهي (ملتان) قلعي جي چوڌاري ڦري آيو هو. اها ثابتي گهٽي آهي (جيڪڏهن درياهہ اتريا ڏکڻ طرف کان گهڻا ميل پري وهڻ بدران ان قلعي جي چوڌاري وڪڙ ڪري وهندو هو) ڇاڪاڻ تہ قلعي وارو تلاءُ پنهنجي مرضيءَ مطابق درياهہ جي پاڻيءَ سان ڀريو ويندو هو". اسان اهو ماڳ "شهر چاه" چو نہ سمجهون، جنهن جي پرسان نقشي واري

شيخ عبدالحڪيم جي مزار آهي ۽ تلنبا کان ساڍن سٽن ميلن جي وٿي تي آهي، جيڪو ڪنهن قديم وڏي شهر جو ماڳ معلوم ٿئي ٿو.

(٣٥۴) خوش قسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ درياه جي هن ڇاڙهہ يا واه بابت لکت موجود آهي، تہ پاڻيءَ جو مذڪوره وهڪرو چناب مان ڪوٽي آندو ويو هو. عجب جي ڳالهہ اها آهي، تہ هنڪي راويءَ جو پراڻو پيٽ سمجهيو ويندو آهي، پر هن درياه جو پراڻو پيٽ گهٽي فاصلي تي اوپر طرف موجود آهي. شهر جي ڇهن دروازن جو ذڪر ڪندي سروي رڪارڊ ٻڌائي ٿو تہ لاهوري دروازو اتر اولهہ پاسي لولي واهڻ وٽ آهي. ان جي ٻاهرئين پاسي لولي واهڻ مٿان پڪين سرن جي پل ٺاهيل آهي. (ڇيو ويندو آهي تہ هن کان اڳ ۾ ان جاءِ تي ڪاٺ جي پل هوندي هئي ۽ امڪان آهي تہ اتي ڪاٺ جي پل هوندي) پل کان ٿورو پريان شهر جي پرواري وستي آهي، جنهن ۾ افغانن جا هزار کن گهر آهن. ان ڳوٺ جو نالو طولي خان جو ڪوٽ " آهي. هن کي هاڻي ڪڙي افغان جي غلط نالي سان سڏيو ويندو آهي. ان جو صحيح نالو " ڳراءِ" آهي، جيڪو پشتو ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ افغان ڌراڙن جي واند آهي. " ٻوهڙ دروازي" لاءِ هن سروي رڪارڊ جي لکت آهي. تہ هيءُ دروزاو شهر جي اولهہ پاسي آهي. هن پاسي بہ هڪ پرواري وستي آهي. لولي واهڻ هن کان ٻہ فرلانگ کن پري ٿيندو. دولت دروازو قلعي جي اتر اوپر پاسي آهي ۽ لولي واهڻ هن جي ويجهو لنگهي ٿو. اتان گهڻو پري قديم دور جي سلطانن ۽ شهزادن جي رهڻ جون جايون هونديون هيون. پرسان ئي سندن فوج جي ڇانوٽي هوندي هئي. اهي سڀ هاڻي ڪنڊرن جي صورت ۾ موجود آهن. چوٿين دورازي لاءِ ليڪڪ ٻڌائي ٿو تہ هنڪي "خضري دروازو" سڏيو ويندو آهي. جيڪو صفا اتر پاسي موجود آهي ۽ لولي واهڻ ڏانهن کلندو آهي، پر اهو سدائين بند رهندو آهي. "ديو دروازو" سڌو لولي واهڻ طرف کلندو آهي. ان طرف شيخ رڪن عالم جو مقبرو آهي هيءُ بزرگ شيخ صدرالدين عارف جو پٽ هو

جنهن ۷۰۹هه (۱۳۰۹ع) ۾ وفات ڪئي. سندس پيءُ جو نالو شيخ بهاوالدين ذڪريا ملتاني آهي. برساتن جي رت ۾ شهر جي اتر پاسي کان موجود لولي واهڻ پاڻيءَ سان تار ٿي ويندو آهي ۽ ڍاڍو سهڻو ڏيک ڏيندو آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ مقبري وٽ هزارين ماڻهو اچي ڪٺا ٿيندا آهن. لولي واهڻ قلعي جي پيٽ ۽ بهاوالدين زڪريا جي مقبري کان گهڻو پري ڪونه آهي. هن جي ٻئي ڪناري تي سامهون ڏکڻ پاسي شمس تبريز جي مزار آهي" هي اهو زمانو آهي، جڏهن افغانستان جي حڪمران تيمور شاه طرفان نواب "مظفر خان" سدوزئي ملتان جو گورنر مقرر ٿيل هو ۽ دراني خزاني ۾ ڏيڍ لک روپيا جمع ڪرائيندو هو.

"واهڻ" جي معنيٰ لاءِ ڏسندا اڳتي لکيل حاشيو.

مئسن Masson (جلد I ص 396) چوي ٿو ته، " جڏهن راويءَ ۾ چاڙهه ايندو هو ته سندس پاڻي وڏي اچي شهر سان لڳندو هو. سندس اصلي پيٽ شهر کان ٽي ميل پري هوندو هو. هن جي ڪناري سان بندر هوندو هو، جتي ٻيڙيون بيٺل هونديون هيون." سندس اشارو هن درياه جي ڪنهن پراڻي پيٽ ڏانهن آهي، جيڪو سيتل ڪي ماڙيءَ Sital ki Mari پرسان هو. ڪننگهام به هن جو ذڪر ڪيو آهي ڏسو ص ۲٦۵.

(۳۵۵) هن جوءِ جا ماڻهو اڄا به ان کي پنهنجي قديم نالي سان سڏيندا آهن.

(۳۵٦) ڪننگهام (ص ۱۹۹) موجب " هن جو نالو مسلمان پٺاڻن جي پنيان پيل ڪونه آهي، پر هندو راجپوت پٺاڻن جي نسبت سان آهي. هيءَ هڪ نئين ۽ عجيب ڳالهه آهي، جهڙي ريت آثار قديمه کاتي وارو "پٺاڻ سڪن" ۽ "پٺاڻ گهراڻي" وارو قصو، جنهن ۾ هنن هندستان جي تاجڪ، ترڪ، سيد، جاٽ ۽ حبشي حڪمرانن کي پٺاڻ ٺاهي ڇڏيو. حقيقت اها آهي ته منجهائن ڪوبه پٺاڻ ڪونه هو. هاڻي وري اسان کي هيئن لکڻ گهرجي "هندو راجپوت پٺاڻ". مونکي ته پڪو ويساه آهي ته

"راجپوت پٺاڻ" جي نالي ڪوبہ مسلمان گهراڻو موجودئي ڪونہ آهي. منهنجو خيال آهي تہ هن اهڙو حوالو ٽاڊ (جلد II ص 233) تي پڙهيو آهي. هو لانگاهہ جاٽ حڪمرانن ڏانهن اشارو ڪري ٿو (جن ڪنهن زماني ۾ ملتان تي حڪومت ڪئي) ڏسو منهنجو ڪتاب "نوٽس آن افغانستان ص ٥٦٩) هو ٻڌائي ٿو تہ ".پٽ ـ هاڻ (پٺاڻ) جو لفظ اسان کي ڏيکاري ٿو تہ اهي هندو نہ آهن" تہ پوءِ پٺاڻ يا پٽ هاڻ جي معنيٰ ڇا آهي.

" پستو Pasto ، پختو" ۽ پخستو عالمن پنهنجي مرضيءَ موجب، اهو ثابت ڪيو آهي تہ هيروڊوٽس جيڪو لفظ Ttaktues ڪتب آندو آهي، تنهن جي معنيٰ پٺاڻ آهي. هيڏانهن وري پٺاڻن جو وڏو ابو ڏاڏو پيدا ئي سنہ ٥٧٦ع ۾ ٿيو هو. پر هتي تہ ماڳهن کين " هندو راجپوت" ٻڌايو وڃي ٿو. آهي نہ مزي جي ڳالهہ.

هڪ فيلسوف قسم جي ماڻهو وري نئون انڪشاف ڪيو آهي ، جنهن جو پتو اسانکي ڪجهہ دير سان پيو، جنهن "افغان نالو (اهي ماڻهو جيڪي پاڻ کي پشتانا چوائن ٿا) مهاڀارت جي آڪاوا سان ڳنڍي ڇڏيو آهي ." اها حقيقت بہ گزيٽيئر، انسائيڪلوپيڊيا يا ڪنهن ٻئي مشهور تصنيف ۾ لکڻ جوڳي آهي.

لنڊن جو واپاري جان ميلڊن هال Jhon Milden Hall سنہ ١٦٠٣ع ۾ لاهور آيو هو. هو ١٥٩٩ع ۾ اصفهان کان هليو هو ۽ يزد، ڪرمان، سجستان ۽ قنڌار کان ٿيندو هتي پهتو هو. هن لاهور کي "لاهورو" Lahore ۽ قنڌار کي ڪنداهار Candahar ڪري لکيو آهي. منهنجي خيال ۾ هن علائقي جو سفرنامو محفوظ رهي ڪونہ سگهيو آهي.

ڪئپٽن ڊائون ٽن ڪمپنيءَ سان لاڳاپيل بہ انگريز سنہ ١٦١٤ع ۾ هتي پهتا هئا. سندن سفر نامي مان اقتباس پيش ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ ،" هن شهر مان وڏ ۾ وڏ واپاري لاي پورچوگال وارن پرايو آهي (جيتري وقت تائين سندن مغل دربار سان لهہ وچڙ رهي). اهي جيڪو بہ

مال ٻاهرين يا لاهور وارن وٽان خريد ڪن ٿا تہ هڪدم ٻيڙين ۾ لڏائي راوي (سنڌوءَ) وسيلي ايران، هرمز ۽ ٻين ملڪن ڏانهن روانو ڪري ڇڏين ٿا، وغيره" .... پوٺاني (افغان پٺاڻ) بادشاهن جي ڏينهن ۾ لاهور هڪ معمولي ننڍڙو ڳوٺ هو".

پورچوگيزن جي اهڙي واپار کي ايسٽ انڊين سوسائٽي جي ملازمن رچرڊ اسٽيل ۽ جان ڪروٿر Jhon Crowther وڌيڪ چٽيءَ ريت قلمبند ڪيو آهي. اهي ٻئي همراه ١٦١٤ - ١٦ع ۾ اجميرڪان اصفهان ويا هئا. ملتان ۾ ٢٢ مئي ١٦١٤ع تي پهتا. اهي لکن ٿا تہ لاهور سنڌوءَ جي ڪناري تي آباد آهي. (ڏسو حاشيہ ٣٤٩) پورچوگيز واپار ذريعي هن شهر مان گهڻي دولت ڪمائن ٿا. هيءُ شهر هندستان ۾ واپار جو وڏو مرڪز آهي. هتان واپاري سامان ٻيڙين ۾ لڏي ٺٽي موڪليندا آهن. اتان ڪان اهي شيون هرمز ۽ ايران ڏانهن روانيون ڪيون وينديون آهن. واپاري جيڪي هندستان ۽ ايران وچ ۾ ايندا ويندا آهن، سي ڪين ڀاڙو پتو ڏيندا آهن. هن درياه وسيلي ڪارن مرچن جو وڏو واپار هلندو آهي. موجوده دور ۾ هندستان جا واپاري اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ واپار ۾ وڏي موڙي سيڙائيندا آهن. قنڌار ڪان ايران ڏانهن ويندڙ قافلن مان جبلن جا لڪ لتاڙيندا آهن. چيو ويندو آهي تہ هاٿي ٽيرهن يا چوڏهن هزار اٺ سامان سان لڏجي اوڏاهين ويندا آهن. ڪڏهن اهو زمانو هو جو ٽي يا چار اٺ مس ويندا هئا ۽ باقي قافلا هرمز رستي ويندا هئا. لاهور ۽ اصفهان وچ ۾ هلندڙ قافلا واپاري ڪان وڏو ڀاڙو وٺندا آهن. سياري ۾ گهڻي ٿڌ ۽ اونهاري ۾ گهڻي ڪاڙهہ ۽ رستي جي خرابيءَ ڪري سفر ۾ ڇهہ ست مهينا لڳي ويندا آهن. هڪ اٺ جو ڀاڙو هڪ سو ويهن ڪان هڪ سو ٽيهہ روپيا پريندا آهن. موسليپٽن Musulipatan ڪان خشڪي رستي بہ ڪارا مرچ ۽ مصالحہ ايران روانا ڪيا ويندا آهن."

اهو واپاري سامان ملتان روانو ٿيندو هو ۽ سنگهر Sanghar لڪ مان لنگهي، تل، تسوتيالي Tsotiali ۽ پشنگ ڪان ٿيندو، قنڌار رسندو

هو. هن رستي جو ذڪر هن ٻنهي همراهن سان گڏ فقط مان اڪيلي ڪيو آهي (ڏسو منهنجو ڪتاب ”نوٽس آن افغانستان“ ص ۵۴۷ ۾ ان تصنيف ۾ پائنڊ پناڻن جو ذڪر ص ۴۸۳ تي پڙهندا.)

ٿيونات جو بيان آهي تہ، ” لاهور بادشاهي شهر آهي ۽ پنجن مان هڪ درياه جي ڪناري تي آباد آهي. اهي سڀئي درياه سنڌوءَ جون پرتي ڪندڙ شاخون آهن ۽ اتر واري جابلو علائقي وٽان شروع ٿيندا آهن. جنهن علائقي مان اهي درياهہ گذرندا آهن، تنهن علائقي کي پينياب Peniab (پنجاب) سڏيو ويندو آهي. هي درياهہ شهر جي وچان نہ، پر ميل کن پري وهندو آهي. هن جي وهڪرن ۾ سدائين تبديلي ايندي رهندي آهي. چاڙهہ جي رت ۾ اتلي اوسي پاسي جون ٻنيون ٻوڙي ڇڏيندو آهي. شهر وڏو آهي، سندس ويڪر ٽي ميل کن ٿيندي. هن شهر جون ڪي عمارتون آگري ۽ دهلي کان بہ وڏيون آهن، جن جو گهڻو انگ گهٽي مينهن وسڻ ڪري تباه ٿي ويو آهي.“ ٿيونات جي هن تصنيف لکڻ کانپوءِ هن علائقي جي آبهوا ِ گهڻو بدلجي وئي آهي. هي ۱۵٦۵ -٦٦ع ۾ هتي پهتو هو.

ٽيورنيئرپڻ ساڳئي دور ۾ هندستان ۾ موجود هو. هو لاهور صوبي بابت ٻڌائي ٿو تہ صوبي جي راجڌاني هاڻي راوي جي ڪناري تي ڪانہ آهي، نہ تہ اڳ ۾ راوي جي ڪنڌيءَ سان آباد هئي. هن درياه جو ترو گهڻو اونهون ڪونہ آهي. سندس وهڪري ۾ تڪڙي تبديلي ايندي آهي. هاڻي مذڪوره درياه هن شهر کان ميلُ کن جي پنڌ تي وهي ٿو ...... جڏهن هن شهر ۾ شهنشاهي دربار هوندي هئي، تہ منجهس گهڻي رونق هوندي هئي .... آگري ۽ هن شهر جي وچ ۾ اٽڪل ڇٽن سون ميلن جي وٿي آهي. ٻنهي شهرن کي ڳنڍڻ واري رستي جي ٻنهي پاسن کان وڏن وڻن جون قطارون آهن، تنهن ڪري رستو ڏاڍو سهڻو لڳندو آهي.

هيءُ خوبصورت رستو دهليءَ جي پناڻ يا افغان بادشاه شيرشاه

سوريءَ ٺهرايو هو. چيو ويندو آهي تہ نيلاب کان وٺي آگري تائين تڪڙيءَ ٽپال جو سرشتو قائم هو ۽ اتان ڍهاڙي ٽپال آگري پهچي ويندي هئي. ان رستي جي ٻنهي پاسن کان وڻ پوکايا ويا هئا.

(۳۵۸) جڏهن شاهجهان جي وڏي پٽ داراشڪوه سنہ ۱٦۵۳ع ۾ قنڌار تي حملي ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيو هو، تہ هن خاص ان جنگ جي واسطي وڏن منهن واريون ٻہ توبون لاهور ۾ تيار ڪرايون هيون. هڪ توب نوي پائونڊ ۽ ٻي چوهٺ پائونڊن جو گولو اڇلائي سگهندي هئي. ٽين وڏي توب شاهجان آباد مان گهرائي وئي هئي. لاهور کان راويءَ تائين پهچڻ ۽ ٻيڙيءَ ۾ لڏڻ ۾ هنن ٽنهي توبن پورا ويهہ ڏينهن ورتا هئا.

شهزادي جو ڪل لشڪر هڪ لک چار هزار ماڻهن تي مشتمل هو، جنهن ۾ ستر هزار گهوڙيسوار ۽ پنج سو توبچي هئا. توبن جو ڪل انگ ڇتيهہ ۽ جنگي هاٿين جو تعداد سٺ هو. وڏيون توبون ڏهہ هيون. جن ۾ تي مذڪوره توبون بہ شامل هيون. جنگي سنڌو درياهہ وسيلي ۽ ڪن ڪي ڍاڍر ۽ شال (ڪوئٽہ) رستي قنڌار روانو ڪيو ويو هو. اهي توبون اُتي ان وقت پهتيون، جڏهن حملو ختم ٿي چڪو هو ۽ جنگي مهم ناڪام ٿي چڪي هئي.

مان هن جنگي مهم بابت مختصراحوال اوريندس هيءُ رستو قنڌار ڏانهن ويندي سنگهر Sangar لڪ مان لنگهي، چتسا Chatsah ، تل، تستيالي پوءِ " سادگئي" يا طبق سر (ٻنهي لفظن جي معنيٰ هڪ جهڙي آهي. هڪ پشتو ۽ ٻيو تاجڪ آهي) ۽ پشنگ (پشين) کان ٿيندو قنڌار پهچندو هو. هن رستي متعلق موجوده دور جي ڪنهن بہ مورخ کي خبر ڪانہ آهي. ڏسو منهنجو ڪتاب نوٽس آن افغانستان ص ۲۱. ان رستي جو پهريون انڪشاف يورپ جي ماڻهو ڪيو هو ۽ اهو پتو پيو تہ مغل شهزادي جو وڏو لشڪر انهيءَ رستي سان قنڌار پهتو هو. فقط هڪ ڏيهي مورخ کي ان لشڪر ۽ رستي بابت ڄاڻ هئي، جنهن سان شاهي

فوج وٺي ۽ موٽي آئي هئي ۽ هي مصنف ان لشڪر سان گڏ هو. ٢٦ جولاءِ ١٨٩٠ع تي ” اٿينايم“ Athenaeum تي نظر ثاني ڪندڙ منهنجي ڪتاب ” نوٽس آن افغانستان“ ڏانهن اشارو ڪندي لکي ٿو ته، ” اهو ميجر ريورٽي ئي هو، جنهن گهڻو عرصو اڳ هن سڌي رستي بابت هندستان جي حڪومت جو ڌيان ڇڪايو هو، جنهن سان شهزادو دارا شڪوه پنهنجي وڏي فوج، جنهنجو انگ هڪ لک هو، وٺي ملتان کان قنڌار پهتو هو. ان رستي جي خبر پوڻ کان پوءِ ائنگلو- انڊين حڪمت عمليءَ جي ماهرن جي سوچ ۾ انقلابي تبديلي آندي آهي. مان سمجهان ٿو ته ڪي ماڻهو اهڙا به آهن، جيڪي هن رستي جي انڪشاف ڪرڻ جو سهرو پنهنجي سر تي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندا. جيڪڏهن مان گهڻو وقت زنده رهيس، ته اهو ماڻهو ضرور ڏسندس، جيڪو هام هڻندو ته ان رستي جو پهريائين هن انڪشاف ڪيو هو. جهڙي ريت مان سنه ١٨٥٩ع واري جرنل ۾ ڪافرستان جي سياه پوش ڪافرن جو انڪشاف ڪيو ته جاڏهون ڪاڏهون اهي انڪشاف ٿيڻ لڳا ۽ هر ڪو ماڻهو اها هام هڻڻ لڳو ته پهريون انڪشاف هن ڪيو آهي.

جڏهن مان هن رستي بابت معلومات ڏني ته حڪومت طرفان ان جي جاچ پڙتال ڪئي وئي ۽ سر ايم. بدلف. ڪي. سي. بي. جي ڪمان هيٺ قنڌار کان هندستان ڏانهن واپس ايندڙ لشڪر اهو ساڳيو رستو اختيار ڪيو، هو. مان هن جنگي مهم بابت جلد ئي تفصيليُ ڪتاب لکندس. هن رستي متعلق وڌيڪ تفصيل منهنجي ڪتاب ”نوٽس آن افغانستان“ ۾ ص ٤٥٦ تي ڏسندا. اميد آهي ته هن موضوع تي تحقيقات ڪري اڃا به وڌيڪ روشني وڌي ويندي. مان پنهنجي ڪتاب ” نوٽس“ ۾ هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي، ته ديره جات کان اتر طرف هڪ رستو آهي، جيڪو سڌو قنڌار پهچندو آهي سو اهڙو سولو آهي، جو ان سان قنڌار تائين ريل بندُ ناهي سگهجي ٿو.

(٣٥٩) بلاچ مين جي ڇاپي نسخي ۾ هيءَ جاءِ صدڪرا

Sad Kharah آهي. اهو صحيح نالو آهي. انهي نالي جهڙو هڪ محال ملتان صوبي جي ديبال پور سرڪار ۾ هوندو هو. هن سرڪار ۾ چار دوآبا ۽ بيرونِ پنجند بہ هوندو هو. ابوالفضل جي آئين اڪبري لکڻ واري زماني ۾ 59,448 بيگہ آباد زمين هوندي هئي ۽ ڍل 3551230 درهم اڳرندي هئي. ان کان سواءِ انعام واري ايراضي هئي جنهنجي 20972 درهم ڍل معاف هوندي هئي. ان علائقي جا رهاڪو ٻروچ ۽ کرل جاٽ هوندا هئا، جيڪي ضرورت وقت سرڪار کي 300 گهوڙيسوار ۽ 4000 پيادل فوج ڏيندا هئا.

سروي رڪارڊ مطابق " ست گهر" وارو ماڳ راويءَ جي سڪل پيٽ جي ڪنڌي سان، فتح پور، گهگهر ۽ شير ڳڙهہ جي وچ تي هو ۽ پراڻي زماني ۾ محال جو صدر مقام هو. هاڻي انجو گهٽو ڀاڱو ويران آهي. وزير سنگهہ نالي هڪ سک جي جاگير آهي، جنهن ۾ هڙاپا جو ماڳ بہ شامل آهي. ڏسڻ ۾ ننڍڙو ۽ غير اهم آهي، پر تاريخي نقطہءِ نگاہ کان کيس ٿوري گهڻي اهميت ضرور حاصل آهي.

ڪرنل مئڪ گريگر Col. Macgregor پنهنجي گزيٽيئر ۾ ۽ "بامبي ان ڪوونٽيڊ سروس" جي مسٽر اي. ڊبيلو هيوز سنڌ گزيٽيئر ۾، انهيءَ کان سواءِ بلاچ مين، مسٽر بروس جو بلوچن جي هڪ ننڍڙي سردار Petty Chief مير چاڪر رند جو حوالو ڏنو آهي. سندن بيان ڪيل تاريخ موجب جڏهن بلوچ قلات ۽ ڪڇيءَ جي علائقي ۾ اچي آباد ٿيا هئا، تہ رند قبيلي جي سردار چاڪر رند ۽ لغارين جي سردار رحيم لغاريءَ جي وچ ۾ جهيڙو شروع ٿي ويو. هر ڪنهن پنهنجي طرف کان لشڪر ڪنو ڪيو. جنگ لڳي، جنهن ۾ چاڪر رند هارايو. سندس ١٠٠ ماڻهو ان جنگ ۾ مارجي ويا. اهو حال ڏسي چاڪر رند واهر ڪرڻ واسطي ايران جي بادشاہ شاہ حسين کي ٻاڏايو، جنهن سندس سهائتا واسطي پنهنجي سپهہ سالار " ظامي Zami کي موڪليو "

اچرج جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ ان زماني ۾ هن نالي وارو ڪو ايران

جو حڪمران ڪونہ هو ۽ ظامي نالي وارو ڪو سپهہ سالار بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. هن همراهن هرويرو نالن کي گڏائي وچڙائي ڇڏيو آهي.

اجا بہ وڌيڪ اچرج جهڙي تاريخي ڳالهہ اوهان جي آڏو ظاهر ٿيندي تہ ان کان پوءِ " پنهنجو ملڪ پنهنجن نوابن جي حوالي ڪري، پاڻ همايون بادشاه سان گڏجي هندستان جو تخت هٿ ڪرڻ لاءِ دهليءَ هليو ويو. ٻين حوالن ۾ وري هيئن لکيل آهي، تہ هن همايون بادشاه کان دهلي فتح ڪري ورتي ۽ بعد ۾ وڃي سندس پيش بہ پيو."

ٻيو حوالو آهي تہ همايون ايران جي بادشاه طهماسپ کان مدد وٺي اول پنهنجي ڀاءُ مرزا ڪامران تي حملو ڪيو. سندس پيش پوڻ کان پوءِ پنهنجي حڪمراني هٿ ڪرڻ واسطي سنڌو اڪري هندستان ڏانهن وڌڻ لڳو. رپورٽ ۾ ٻڌايو وڃي ٿو تہ " ساڻس وڏو لشڪر ساڻ هو." وڌيڪ اهو بہ ٻڌايو وڃي ٿو تہ هندستان ڏانهن وڌڻ لاءِ هو بولان لڪ مان لنگهيو هو ۽ مير چاڪر جي اڳواڻي ۾ رندن جو لشڪر بہ ساڻس گڏجي ويو".

مون کي خبر ڪانہ آهي تہ هندستان جي ڪا جڏي سڏي اهڙي تاريخ بہ آهي، جنهن ڪو ۾ اهڙو حوالو موجود هجي، جنهن مطابق همايون بادشاه هندستان ڏانهن بولان لڪ وسيلي موٽيو هجي. يا چاڪر جو لشڪر يا سندس ڪمانڊر ساڻس گڏجي دهلي ويا هجن.

هن تاريخ کان علاوه بلوچي رزميہ شاعريءَ ۾ ڪي ٽڪرا آهن، جن جو ترجمو مسٽر ڊيمس سن. ايس ڪيو آهي ١٨٨٠ع واري جرنل ۾ اهي شعر ڇپيا آهن، جن مان بہ ساڳي قسم جي "تاريخ" هٿ ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ ٻڌايو وڃي ٿو تہ چاڪر رند (سيت پور جي ناهڙن واري بادشاهت جيان (پنهنجي بادشاهي قائم ڪئي هئي. ان بادشاهيءَ جو صدر مقام سوي (سبي) هو. هن اتاهمائو Humau چغتا سان جنگيون جوٽيون. وڏو پهلوان هو ۽ غلام بولاق Ghulam Bolak قبيلي جي رندن جو سردار هو.

مسٽر ڊيمس اسان کي وڏيڪ ٻڌائي ٿو ته ” اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته چاڪر رند جون ڪهڙيون ڳالهيون سچيون ۽ تاريخي آهن.“ فرشته جي برجس واري ترجمي ۽ بابر جي ارسڪن واري ترجمي جو حوالو ڏيندي ٻڌائي ٿو ته ، ” بلوچ پنجاب ۾ سنه ١٥٢٠ع ۾ آيا. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته ترڪن يا مغلن جي زور پوڻ تي اتي آيا يا ارغونن جي حملن ڪارڻ هنن پنهنجي ڌرتيءَ تان لڏ پلاڻ ڪئي هئي. چاڪاڻ ته ان زماني ۾ ارغونن ڪڇيءَ ۽ سنڌ تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا هئا“.

هن قسم جي سچي تاريخ گرفن جي ” پنجاب چيفس“ ۾ به ڏسڻ ۾ اچي ٿي - پنجاب جي حڪومت پنجاب جي قبائلي سردارن ڏانهن لکي موڪليو هو ته پنهنجي وڏڙن جي سچي تاريخ قلمبند ڪري موڪلين. انهن قبائلي سردارن پنهنجي وڏڙن بابت وڏي طمطراق سان جيڪي احوال سرڪار سڳوري کي لکي موڪليا، ” مسٽر گرنن“ انهن کي مرتب ڪري ” پنجاب چيفس“ نالي هڪ ڪتاب ڇپرايو.

تاريخي سچائي ڏيکارڻ واسطي مان اوهان کي اهڙيون حقيقتون ٻڌائي سگهان ٿو ته چاڪر رند ڏانهن منسوب ڪيل واقعا ڪيتري قدر تاريخي آهن ۽ هن ديوتا صفت انسان لاءِ تاريخي حقيقتون ڪوڙيون آهن يا سچيون“. مرزا شاه حسين ارغون مرزا شاه بيگ ارغون جو پٽ هو، جنهن سنڌ فتح ڪئي هئي. بابر ڪيس ملتان جي لانگاه جاٽن تي حملي ڪرڻ لاءِ هشي ڏني هئي. انهيءَ لاءِ ته جيئن ڪيس دهليءَ تي حملي ڪرڻ لاءِ سولائيءَ سان رستو ملي وڃي. ان ارادي سان هن پنهنجا هڪ هزار سوار چتر ۽ لهري رستي بکر کان سويءَ ۽ ان جي اوسي پاسي روانا ڪيا. سندس مقصد هو ته لانگاهن تي حملي ڪرڻ کان اڳ ۾ سنڌ جي اتر ۽ اولهه وارين ايراضين کي ورگوڙي بلوچن کان صاف ڪجي. اهو حال ڏسي ڪي بلوچ اتان نڪري هليا ويا ۽ ڪن کي سندس لشڪر پڪڙي جنگي باندي بڻايو ۽ سندن قبائلي سردارن کي به پڪڙي بکر موٽي آيا. اهو ١٥٢٣ -٢٤ع جو واقعو آهي.

ان کان پوءِ سنہ ٩٣١ هہ (١٥٢٤ -٢٥ع) ۾ شاه حسين ملتان تي حملو ڪيو. سلطان محمود لانگاه، لانگاهن، ناگهڙن، رندن، چانڊين ۽ دوداين جو اسي هزار لشڪر وٺي اچي گهاريَ درياه تي سندس سامهون ٿيو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو درياه اڪري نہ سگهي. پر سلطان محمود جي اوچتي وفات ڪري سڄي ڳالهہ ابتي ٿي وئي. چيو وڃي ٿو تہ ڪيس پنهنجي گهرو خدمتگار غلام "لشڪر خان" زهر ڏنو. ڪن جو چوڻ آهي تہ ڪيس سندس نانيءَ شيخ سيد شجاع الدين بخاريءَ زهر ڏياريو هو.

اهڙي قسم جي مورخن هنن جاٽ لانگاهن کي افغان ڪري لکيو آهي. خير، لانگاهن سلطان محمود جي پٽ کي پيءُ جي تخت تي وهاريو. مرزا شاه حسين ارغون سان صلح ڪيو ويو، جنهن مطابق گهاري کان ڏکڻ وارو علائقو ڪيس ڏنو ويو ۽ گهارو درياهہ سنڌ ۽ ملتان جي سرحد مقرر ڪيو ويو.

سنہ ٩٣٣هہ (١٥٢٦ -٢٧) ۾ ملتان جون سياسي حالتون وڳوڙ جو شڪار ٿي ويون. سلطان محمود جا امير ۽ سردار سندس ننڍڙي پٽ جي فرمانبرداري ڪرڻ کان پڙ ڪڍي بيٺا. ڇاڪاڻ تہ اهو ننڍڙو حڪمران سيد شجاع الدين بخاريءَ جي هٿن جو گڏو بڻجي ويو هو. تنهن ڪري انهن سيني مرزا شاه حسين کي ملتان تي قبضي ڪرڻ جي دعوت ڏني. هن ساڳئي سال ١٥ ربيع الثاني سنہ ٩٣٣هہ ۾ ملتان تي اچي حملو ڪيو. شيخ شجاع ۽ سلطان جي پاسي وارا ماڻهو قلعي ۾ بند ٿي ويٺا. شهر کي ڦري لٽي پڙيانگ ڪري ڇڏيائون. جيڪو بہ منهن چڙهيو، سو تلوار جو کاڄ بڻجي ويو، جيڪو زنده بچي ويو، تنهن کي جنگي باندي بڻايائون. سلطان ۽ سندس وزير شيخ شجاع کي قيد ڪيائون جيڪي قيد ۾ ئي وفات ڪري ويا. اهڙيءَ ريت لانگاه جاٽن جو گهراڻو جيڪو دوکي سان اقتدار ۾ آيو هو، سو ستاويهن سالن جي حڪمرانيءَ کان پوءِ پڇاڙيءَ کي پهتو.

ڪجهہ عرصو اڳ راوي ڪان اتر وارو علائقو لانگاهن جي حڪمرانيءَ مان نڪري ويو هو. ڄام ٻايزيد سمون، سنڌ جي حڪمران قبيلي سان واسطو رکندڙ هو. سنڌ تي ارغونن جي قبضي ڪان پوءِ هن اچي لانگاهن وٽ پناهہ ورتي هئي ۽ سندن وزير بڻجي ويو هو. هن بغاوت ڪري شورڪوٽ علائقي تي وڃي قبضو ڪيو. اهو علائقو موجوده جهنگ ضلعي جيترو هو. هن، دهلي جي حڪمران سڪندر لوڌي افغان جي مقرر ڪيل لاهور جي گورنر دولت خان لوڌي جي ماتحت رهڻ جو اعلان ڪيو.

جڏهن لانگاهن ملتان تي قبضوڪيو هو تہ بلوچستان جي اوري پري وارن علائقن ۾ ڪيچ مڪران ڪان بلوچن هلي وٽن اچي ملازمتون حاصل ڪيون هيون ۽ نوڪرين جي معاوضي طور ڪين ننڍيون وڏيون جاگيرون ڏنيون ويون هيون. انهن مان هڪ ملڪ سهراب دودائي هوت بہ هو. ان زماني ۾ ڄام بايزيد بغاوت ڪئي هئي. ان دور ۾ رند قبيلي جي ٻن ڌڙن ۾ جهيڙو تي پيو، جنهنجي هڪ ڌڙي جو سردار چاڪر رند هو. رندن جو ٻيو ڌڙو هن جي سخت خلاف ٿي پيو. تنهن ڪري هن لاءِ سويءَ ۾ رهڻ مشڪل ٿي پيو. ٻي ڳالهہ تہ هو سبيءَ جي قلعي واري شهر ۾ نہ، پر اوسي پاسي واري علائقي ۾ رهندو هو. انهن ڳالهين ڪان مجبور ٿي پنهنجن ٻن پٽن الهداد ۽ شهداد سان گڏجي اچي ملتان جي لانگاهن وٽ پهتو ۽ وٽن ملازمت جي ڪوشس ڪيائين. پر نوڪريءَ جو آسرو نہ ڏسي شورڪوٽ جي ڄام بايزيد سمي وٽ وڃي نڪتو، جنهن ڪيس پنهنجيءَ ملازمت ۾ رکيو ۽ ان جي عيوض ڪيس هڪ جاگير ڏنائين. اها جاگير راويءَ جي ڪناري سان " ست گهر" نالي سان هئي. هن اتي پنهنجي قبيلي جي ماڻهن سان وڃي رهائش اختيار ڪئي هئي.

سنہ ٩۴٧هہ (١۵۴٠ع) ۾ همايون بادشاهہ پڄي اچي لاهور ۾ پناه ورتي هئي. سندس ڪڍ شير شاه سوري هو، جنهن جو افغانن جي لوڌي

ذات سان تعلق هو. همايون جڏهن ڏٺو تہ شير شاهہ سندس ڪڍ لڳو ٿو اچي تہ هن اچي سنڌ ۾ ساهہ پٽيو. شيرشاهہ جڏهن پنجاب ۾ هو تہ هن مناسب جاءِ جي چونڊ ڪري روهتاس قلعي جي تعمير ڪرائي، جيڪو گهکر قوم جي ڪک ۾ ڪات هو. جلدئي سنہ ۵۰ ـ ۹۴۵هہ (۴۳ ـ ۱۵۴۲ع) ۾ ڪارلراني Karlarni نيازي افغان قبيلي جي هڪ ماڻهو هيبت خان کي سڄي پنجاب جو گورنر مقرر ڪيائين ۽ حڪم ڪيائين تہ فتح خان هوت کان ڪوٽ قابلولاٽي جو قلعو خالي ڪرائي. جنهن وڳوڙي حالتن جو فائدو وني ۽ لانگاهن جي زوال کان پوءِ ” لکي جنگهل“ تي حملو ڪري، اوپر طرف پاٽي پٽ تائين سڄي ملڪ کي ڦري لٽي ناس ڪري ڇڏيو . کيس اها بہ هدايت ڪئي هئائين، تہ ملتان کي بلوچن کان آزاد ڪرائي ۽ ملتان جي اصلي رهاڪن کي اتي ملتان ۾ آباد ڪري، جيڪي بلوچن جي ظلمن کان تنگ اچي ملتان ڇڏي هليا ويا هئا.

اهڙن حڪمن ملڻ کان پوءِ هيبت خان نيازي چاڪر رند جي وڪيل کي پاڻ وٽ سڏائي ورتو. ان زماني ڌاران چاڪر رند افغان حڪومت کان جاگير حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو. هيبت خان وڪيل کي چيو تہ، ” تون تکو ملڪ چاڪر وٽ وڃ ۽ کيس سنيهو ڏي تہ آءٌ سندس علائقي ۾ اچي رهيو آهيان. پنهنجي ماڻهن کي تيار ڪري بيهار تہ مان اچي ڪين ڏسانءِ“. جنهن مورخ جو مون هيءُ اقتباس پيش ڪيو آهي، تنهنجي بيان کي ٻين تاريخن سان پيتائي بہ ڏٺو آهي. عباس سرورني تاريخ شيرشاه ۾ ٻڌائي ٿو تہ مان پنهنجي ڪنن سان فتح خان ڪنبوه کان سندس زباني ٻڌو، تہ جڏهن وڪيل چاڪر رند سان ملاقات ڪئي تہ هو پريشان ٿي ويو، چاڪاڻ تہ هيبت خان ” ست گهرن“ کان ويهن ڪوهن جي پنڌ تي اچي پهتو آهي، چاڪر کي اچي خوف ورايو ۽ چيائين تہ ” مان هيبت خان کي ڏيکارڻ واسطي پنهنجا ماڻهو پرتي ٿي ڪونہ ڪيا آهن ۽ نہ واري اهڙي تياري ڪري سگهيو

آهيان، سو هاٿي مونکي ڇا ڪرڻ کپي" هيءُ ڏاڍو حيران پريشان هو.
ٻئي ڏينهن صبح جو چاڪر خان جو خابرو اچي پهتو، ٻڌايائينس ته خان پهچي ويو آهي. چاڪر واسطي سندس استقبال ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو چارو ڪونه هو. هو ڏاڍو وياڪل ۽ منجهيل هو. هيبت خان سندس منهن مان ئي حالتن جو اندازو ڪري ورتو. مير چاڪر کي چيائين ته هو سندس پرتي ڪيل ماڻهو هاٿي نه، پر ديبال پور ۾ ڏسندو. خان کي اهو خيال ٿيو ته جيڪڏهن هو هتي ست گهر ۾ ڪجهه وقت ترسي پيو ته فتح خان هوت کي ڀڄي وڃڻ ۾ وٿي ملي ويندي. چاڪر جيڪو گهڻو پريشان هو، تنهن جي مٿان آيل آپدا ٽري وئي.
هيبت خان قطب عالم شيخ فريدالدين گنج شڪر واري پاڪ پٽڻ ڏانهن طوفاني رفتار سان اڳتي وڌندو ويو. فتح خان هوت ڏڄي ڀڄي هليو ويو (اسان کي پڪ آهي ته ڏانهس چاڪر خان وقت تي ڪو ڳجهو سنيهو موڪليو هوندو) پر هيبت خان به سندس ڪڍ لڳو ويو ۽ فتح پور ڪهرور (ڪهرور ڪان اٽڪل ٢٠ ميل اوپر طرف) وٽ اچي ڪيس پڳو. هيبت خان کان ڀڄي وڃڻ جو وٽس موقعو ڪونه هو. چاڪاڻ ته ساڻس گهر جا ڀاتي ۽ ٻيا ماڻهو به ساڻ هئا. تنهن ڪري هن اتي موجود هڪ قلعي ۾ وڃي پناه ورتي. هيبت خان اڳتي وڌي اچي قلعي تي ڪڙو چاڙهيو. فتح خان شيخ فريد جي گادي-نشين شيخ ابراهيم کي وچ ۾ آندو. بعد ۾ ٻاهر نڪري اچي هيبت خان شيخ کي ٻڌايو ته هو شيرشاه جو هڪ ادنيٰ غلام آهي. هو جيڪو به حڪم ڪندو، ان جي پوئواري ڪئي ويندي. سو هيبت خان، شير شاه جي حڪمن کي پاسيرو رکي فتح خان کي جئدان ڏنو. ٿوري وقت کان پوءِ هو نڪري ڀڄي هليو ويو. ٿيو هيئن جو هڪ رات هن پنهنجي هڪ نمڪ حلال ماڻهو ماندو Mando جي مدد سان تي سو همراهه ساڻ ڪري، پهريدارن مٿان اوچتو حملو ڪيو. انهن تي قبضو ڪري، پوءِ آرام سان نڪري هليا ويا. افغان جڏهن اندر داخل ٿيا ته ڏٺائون ته عورتون ۽ ٻار ڪٺا پيا

آهن ۽ فتح خان پنهنجي ماڻهن سميت غائب هو. معلوم ٿيو ته انهن پڇي نڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجون عورتون ۽ ٻار قتل ڪري ڇڏيا هئا. بعد ۾ بخشو لانگاه ماندو کي گرفتار ڪري ورتو ۽ ڪيس هيبت خان جي روبرو پيش ڪيائين. ٿوري وقت کان پوءِ فتح خان کي گرفتار ڪيو ويو. ان کان پوءِ هيبت خان پيش قدمي ڪندو وڃي ملتان پهتو. ملتان جا اصلي باشندا بلوچن جي ڏاڍ کان شهر خالي ڪري ڪيڏانهن هليا ويا هئا. هيبت خان ميڙي چوندي ڪري ملتان شهر جي نئين سر اڏاوت ڪري ڪين ٻيهر اتي وسايو. شيرشاه هيبت خان کي، مسند اعلي، اعظم همايون جو لقب ڏنو. هن کان اڳ افغان حڪمرانن ۾ پيرا اهڙو لقب پنهنجي اميرن کي ڏنو هو. شير شاه ڪيس واڱڻائي رنگ جو تنبو ڏنو هو، جيڪو فقط شاهي گهراڻي لاءِ مخصوص هوندو آهي. هي ٩٥٠هه (١٥۴٣ -۴۴ع) وارو زمانو هو.

شيرشاه هيبت خان، اعظم همايون کي حڪم ڪيو هو ته ڍل ۽ محصول جي اگهن ۾ ڪابه ڦيرڦار نه ڪري ۽ لانگاهن جي زماني ۾ جيڪي ڍلون محصول ورتا ويندا هئا، تن کي بحال رکي ۽ ڍل ۽ محصول وغيره جنس ۾ وٺي. بعد ۾ فتح جنگ خان ڪنبو يا ڪمبوه (ٻئي لکٽيون برابر آهن) کي ملتان صوبي جو حاڪم مقرر ڪيو ويو ۽ هيبت خان موٽي وڃي لاهور پهتو. فتح جنگ خان ملتان جي صوبي کي اڳئين اوج تي آندو. اهڙيءَ ريت وري سکر سٺائي موٽي آئي. هڪ نئين شيرگڙهه جو پڻ بنياد رکيو."

هيءُ شهر اڄا به موجود آهي. ست گهر کان ويهارو ميل ڪن ڏکڻ اوير طرف، بياس جي ڇڏيل واريءَ جي ڊهن پرسان آباد آهي. اهي ماڻهو ڪنبوه جي سرڪاري نالي سان ان علائقي جي گهٽي زمين تي قابض آهن. بهادر، چاڪر اعظم رند، جنهن رندن جي غلام بولاق قبيلي جي بادشاهت قائم ڪئي هئي، سو هتي گمنام نظر اچي ٿو، پر "ست گهر" واري جاگير سندس هٿ هيٺ رهي، جتي هن وفات ڪئي.

کيس دفن بہ اتي ڪيو ويو. بعد ۾ رندن کي سيالن ڏاڍو پريشان ڪيو. پنجاب ۾ اچ بہ بلوچن جا نشان اهڃاڻ خاص ڪري ڏاکڻين اڌ ۾ گهٽائي آهن

اهڙيءَ ريت اسان کي اهو معلوم ٿيندو تہ هيبت خان کي اعظم همايون جو لقب ڏنو ويو هو.'ان لقب جو پويون ڀاڱو همايون آهي، جيڪو همايون بادشاه جو بہ لقب هو. هن لفظ جي معنيٰ ڀاڱوند، ۽ ” اعليٰ شان وارو“ بہ آهي، پر مصنفن هن کي ” همائو چغتا“ ۽ ”همايون شاه“ ڪري لکيو آهي، جنهن جو اشارو ناصرالدين، محمد همايون بادشاه ڏانهن آهي. هو مغلن جي برلاس قري مان هو ۽ کين چغتائي خان ڪري سڏيو ويندو هو، جنهن سان چاڪراعظم جنگ جوٽي هئي. ڪانئس دهلي بہ فتح ڪري ورتي هئائين، پر آخر ۾ مٿس رحم ڪري کيس پنهنجي بادشاهت واپس ڪيائين. هن اعظم همايون هيبت خان سان ڪهڙي طريقي سان جنگ جوٽي، تنهن جو احوال مان اوهان کي مٿي پڌائي آيو آهيان.

اها حقيقت تہ همايون بادشاه ايران کان هندستان ڏانهن موٽندي بولان لڪ مان لنگهيو هو ۽ ساڻس چاڪر رند ۽ ٻيا بلوچ اچي مليا هئا، سا هندستان جي ڪنهن بہ تاريخ مطابق ويندي فرشتہ يا برجمس تائين غلط آهي. همايون بادشاه سنڌ، آگسٽ ۱۵۴۳ع ۾ ڇڏي هئي، جنوري ۱۵۴٦ع ۾ هو ايران کان روانو ٿيو ۽ اچي قنڌار فتح ڪيائين. پورن ساڍن ٻارهن سالن کان پوءِ جوئي شاهي Jue- Shahi پهتو. اتان هڪ مَڏَ تي سوار ٿي ڪابل درياه وسيلي پشاور پهتو. نيلاب وٽان سنڌو پار ڪري لاهور آيو ۽ اتان کان بست جلندر دوآبي مان گذري سهانا وٽان لنگهي اچي دهليءَ پهتو هو.

اها ڳالهہ تہ چاڪر رند سوي تي قبضو ڪري اتي هڪ قلعو جوڙايو ۽ ان کي پنهنجي بادشاهت جي راڄڌاني مقرر ڪيائين، سا بہ هڪ اهڙي سچي تاريخي حقيقت آهي، جهڙي هن جي دهليءَ واري حقيقت تہ هن

همايون سان جنگ جوٽي دهلي فتح ڪئي هئي. چوندا آهن تہ نيم حڪيم خطرءِ جان ۽ نيم ملان خطرءِ ايمان. ان جيان نيم تاريخي علم بہ هڪ خطرناڪ شيءِ هوندو آهي. تفصيل لاءِ ڏسو منهنجو ڪتاب ”نوٽس آن افغانستان“ ص ۵۸۹ حاشيہ ۽ ص ۵۹۱ حاشيہ (۳٦۰) ڪننگهام (اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا ص ۲۲٦) هن کي ان شهر جي حيثيت سان سڃاتو آهي، جنهن کي سڪندر جهلم ۽ چناب جي سنگم جي ماڳ وٽان پيش قدمي ڪري پهريندي فتح ڪيو هو. پر هو اهو ڪونہ ٿو ٻڌائي تہ ان دور ۾ انهن ٻنهي درياهن جو سنگم ڪهڙي ٿاڪ وٽ هو. هن ڳالهہ جو اشارو ڏئي ٿو تہ ڪماليہ ۽ مالي جي نالن ۾ ڪو سهنڊ آهي. هڙاپا لاءِ بہ چوي ٿو تہ هيءُ ماڳ گهٽو ڪري اهو شهر آهي، جنهن کي فتح ڪرڻ لاءِ ” پرڊيڪس“ کي ٿورو لشڪر ڏئي، ان سبب روانو ڪيو ويو، جو ان جي اوسي پاسي پاٽيءَ جون ڇرون موجود هيون.“ اسان ڏسون ٿا تہ ملتان جي پرپاسي ۾ پاٽيءَ جي ڇرن جا ڏس پتا ملن ٿا، رڳو اهي نہ، پر ٻيا بہ اهڙا ڪيئي ٿاڪ آهن، جتي پاٽي جون ڇرون موجود ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. غزنيءَ جي سلطان بهرام جي زماني ۾ پنجاب ۾ مقرر ڪيل سندس گورنر محمد بهليم بغاوت ڪئي هئي. تنهن ڪري سلطان سنہ ۵۱۲ھ (۱۱۱۸ -۱۹ع) هن تي چڙهائي ڪئي ۽ کيس ملتان جي اوسي پاسي شڪست ڏني هئائين. ” الله تعاليٰ ان نمڪ حرام محمد بهليم کي سندس برائي عيوض اهڙي سزا ڏني، جو هو ۽ سندس پٽ (ڪي چون ٿا تہ ڀہ) گهوڙن سميت پاٽيءَ ۾ ٻڏي ويا، جو سندن لاش بہ ڪونہ لڌا.“ ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا تہ رڳو هڙاپا جي چوڌاري پاٽيءَ جون ڇرون ڪونہ هيون.

ڪماليہ لفظ لاءِ آءُ فقط ايتري گذارش ڪندس تہ اهو يوناني نہ پر عربي زبان جو لفظ آهي. هن شهر تي نالو هڪ مسلمان شخص جي نالي پٺيان پيو آهي، جنهن جو نالو ڪمال الدين هو، جيڪو ذات جو ڪرل هو، تنهن هن شهر جو بنياد رکيو هو. ٿي سگهي ٿو تہ هن، ان شهر

جي ڪنڊرن تي مذڪوره شهر جو بنياد رکيو هجي، جيڪو سڪندر جي حملي وقت موجود هو. امڪان هجڻ ۾ سڃاڻڻ جي وچ ۾ گهڻو فرق آهي. ان ڪان وٺي اڄ ڏينهن تائين راويءَ الائي ڪيترا وهڪرا بدلايا هوندا؟.

مالي قوم تي حملي ڪرڻ جي ارادي سان سڪندر ڪهڙو رستو ورتو هو يا ان خاص جوءِ متعلق سندس جنگي مهم بابت سان لاڳاپيل مورخن جا بيان فقط هن اڪيلي حقيقت تي مدار رکن ٿا ته ان زماني ۾ راوي ۽ چناب جو سنگم ڪهڙي ٿاڪ تي ٿيندو هو. عربن جي سنڌ ۽ ملتان فتح ڪرڻ ڪان ٿورو اڳ اهي ٻئي درياهه ڪاٿي ملندا هئا، تنهن بابت مٿي ذڪر اچي چڪو آهي. ڏسو حاشيه ١٩٢.

چيو وڃي ٿو ته مالي قبيلي جو علائقو راويءَ چناب درياه جي هيٺين ڀاڱي ۾ هو ۽ ڪجهه ايراضي راوي ڪان هن پار به هئي. ان بابت جيڪڏهن واضح بيان ڪجي ته موجوده زماني ۾ اٽڪل روءِ رچنا دوآبي وارو علائقو ڪجهه حصو سندل بر جو، سچو گوندل بر ۽ ڪجهه ڀاڱو گنجي برجو جيڪو اڳتي وڌي باري دوآبي سان وڃي ملي ٿو، سو مذڪوره علائقي ۾ شامل سمجهڻ گهرجي. جيڪو درياهن جي سنگم واري جاءِ ڪان مٿي هو. ڇاڪاڻ ته اهو چيو وڃي ٿو ته سڪندر جو لشڪر چناب ۽ جهلم درياهن جي سنگم ڪان هيٺين پاسي ساڄي يا الهندي ڪناري سان خشڪيءَ تي لٿو هو. معلوم ائين ٿيندو ته اهو سنڌ ساگر دوآبي وارو علائقو هو. لشڪر کي حڪم ڏنو ويو هو ته اڳتي وڌندا هلي ان جاءِ تي پهچن، جتي چناب ۽ راوي پاڻ ۾ ملي رهيون هيون. ٻيڙين کي به اوڏانهن هاڪارڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي. عربن جي حملي دوران هنن ٻنهي درياهن جو ميلاپ ملتان ڪان ايڪيهه ميل اتر اوپر ٿيندو هو. سڪندر جي زماني ۾ مذڪوره سنگم گهڻو مٿي "سڌو ڪي سراءِ" ۽ شورڪوٽ جي وچ تي، پر شورڪوٽ جي ڪجهه ويجهو هوندو هو.

پاڻ سڪندر چناب جي الهندي ڪناري رچنا دوآبي ۾ لٿو هو ۽ درياه جي هڪ ننڍڙي شاخ سان فوجي واند هئين هئائين. جيڪا هڪ ويران علائقي جو اولهہ پاسو ڏئي وهي رهي هئي. ان ڇاڙهہ ڪان ٻئي پار راويءَ جي ڪناري سان مالي قبيلي جي آبادي هئي. سڪندر اتي ڪجهہ وقت ڏاٻو ڪيو. هن ڇاڙهہ ڪان ٻئي پار راويءَ جي ڪناري سان مالي قبيلي جي آبادي هئي. سڪندر ڪجهہ وقت اتي ڏاٻو ڪيو. هيءَ ڇاڙهہ انهن قديم درياهي ڇاڙهن مان هڪ آهي، جيڪي جهنگ واري علاقي ۾ پراڻن پيٽن جي صورت ۾ اڄ بہ ڏسي سگهجن ٿيون. سڪندر ان ڏينهن جو باقي حصو ۽ ايندڙ رات سفر ڪندو رهيو ۽ باک ڦٽيءَ ڌاران مالي قبيلي جي هڪ قلعي وٽ اچي پهتو هو. ان ويران علائقي جو سفر پنجويهن ميلن ڪان بہ مٿي هو. ايتري سفر ڪرڻ ڪان پوءِ هو رچنا دوآبي ۾ اچي پهتو. پر اهو پتو پئجي ڪونہ ٿو سگهي تہ هن پيش قدمي ڪهڙي طرف ڪئي هئي. هڪ اندازو آهي تہ هن اهو.پنڌ ڏکڻ اوپر يا ڪجهہ اوپر طرف ڪيو هو. ڪتابن مان تہ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ هو پنڌ هڻندو آخر اچي ٻن درياهن جي سنگم واري جاءِ وٽ پهتو هو. بعد ۾ ڪيس گهاءَ بہ رسيا هئا. پر اصل سوال اهو آهي تہ انهن ٻن درياهن جو سنگم ڪهڙي ٿاڪ تي ٿي رهيو هو. جيڪڏهن هن چناب جي پراڻي پيٽ ڪان ڏکڻ اوپر طرف سفر ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪو هن پنڌ ڪيو، ان جي فاصلي جي لحاظ سان ان جاءِ تي پهچي ويو هوندو، جتي هاڻي ڪوٽ ڪماليہ موجود آهي. جيڪڏهن ان ٿاڪ تي نہ، تہ ڇئن پنجن ميلن اندر " سمندر" ٿاڪ وٽ، مگهيانا ڪان گهگهر ويندڙ رستي جي اوسي پاسي اچي سهڙيو هوندو. علائقي ۾ اوچتو وڃي ڪڙڪيو. شهر ۽ قلعي کي پهرئين سٽڪي ۾ فتح ڪري ورتائين.

هتي ڪراتيرس ٻين مورخن ڪان اختلاف راءِ رکي ٿو. هو چوي ٿو تہ ماڻهن سڪندر جو سخت مقابلو ڪيو. آڪسڊرا سيا مان پنهنجو فوجي ڪمانڊر چونڊي ورتو هئائون. هو پيشور فوجي هو. هن پنهنجي فوجي

واند جبل جي دامن ۾ اچي هئين هئي. گهٽي ايراضي ۾ باهين جا مچ ٻارائي ڇڏيا هئائين، انهي لاءِ ته جيئن دشمن کي تمام وڏي لشڪر جو يقين ٿئي. سڄي رات گهڻو گوڙ شور ڪندا رهيا. ڏينهن ٽيڻ سان سڪندر مٿن حملو ڪيو. هو باضابطہ فوج نہ، پر عام ڳوناٽا هئا. حملي جو تاب نہ سهي، هي جهنگلي ماڻهو وٺي جبل ڏانهن ڀڳا. سڪندر سندن ڪڍ پيو. پر ڪوبہ فائدو ڪونہ پيو جو ڪيس، سندن سامان ڪانسواءِ ڪجهہ بہ هٿ ڪونہ آيو.

مذڪوره ٻنهي ماڳن ڪان نوي ميلن جي فاصلي تي اهو جبل ڪٽان آٽجي، جنهن ڏانهن ڏيهي فوج ڀڄي ۽ لڪي وئي هئي. ويجهي ۾ ويجهو ڪرانا جون ٽڪريون ۽ انهن جون ڪجهہ ڇاڙهون آهن، جيڪي اچي چندن ـ اوٽ يا سانگلاٽل وٽ پهچن ٿيون.

ائرين ۽ ٻين مورخن جا بيان آهن، تہ وڏا شهر پاڻ هرُتا خالي ٿيندا ويا، اتان جي رهاڪن ڀڄي وڃي جهنگلن ۾ پناهہ ورتي هئي، جيڪي راوي ڪان ٻئي پار هئا. باري دوآبي جي گنجي بر ۾ اڄ بہ وڏا ۽ گهاٽا جهنگ موجود آهن. ٽوري وسرام ڪان پوءِ يونانين وري پيش قدمي شروع ڪئي ۽ اچي راويءَ تي پهتا. مالي قبيلي وارا ماڻهو اجا بہ راوي ٽپي (باري دوآبي ڏانهن) رهيا هئا. لشڪر جي پوئين حصي کي قتل ڪري ڇڏيائون، باقي قلب جي ڀاڱي واري فوج ڀڄي وڃي هڪ قلعبند شهر ۾ پناه ورتي. ان قلعي تي حملي واسطي سڪندر پنهنجي فوج جو هڪ حصو موڪليو، جنهن اچي قلعي کي فتح ڪيو. ان ڪان پوءِ سڪندر اُڪري درياه جي ڪپي ڪناري ڏانهن آيو. { اهڙيءَ ريت هو اوپر طرف باري دوآبي ۾ پيو پيرو اچي پهتو هو. پهريون دفعو ان وقت جڏهن سندس فوج وڳوڙ ڪيو هو} ۽ مرهٽن جي هڪ شهر تي اچي حملو ڪيائين، جيڪو هن سولائي سان فتح ڪري ورتو هو.

ڪراتيرس جو بيان آهي تہ اهو شهر اوزڊراسيا آڪسيڊراسا جي علائقي ۾ هو، استرئبو وري ان کي ”ساءِ ڊراسيا“ جو ٻڌائي ٿو. مالي قبيلو پنهنجا سڀ وڏا شهر خالي ڪري نڪري هليو ويو. انهن شهرن جو انگ ڪونہ ٿو ٻڌايو وڃي، پر اهي راوي درياهہ جي ٻئي پار موجود هئا. سڪندر وري درياهہ اڪري ساڄي يا الهندي ڪناري يعني رچنا دوآبي ۾ اچي پهتو. مالي قبيلي پنهنجي ساري فوج اتي ڪٺي ڪئي. ان وقت تائين سرءُ جي رت اچي وئي هئي. سڪندر وري درياهہ اڪري مٿن حملو ڪيو. شڪست کان پوءِ هنن پرواري قلعي ۾ وڃي پناهہ ورتي. اهو ڏينهن جو پويون پهر هو. ان ڪري حملو ٻئي ڏينهن شروع ڪيو ويو. هي اهو شهر هو، جتي سڪندر کي حملي دوران هاتڪ گهاءَ رسيا هئا. اهو قلعو ڪاٿي هو؟ تنهن لاءِ ڪجهہ بہ چئي ڪونہ ٿو سگهجي. پر پڪ آهي تہ اهو رچنا دوآبي ۾ راويءَ جي ڪناري کان گهڻو ڏور ڪونہ هو. سندس ماڳ ڪوٽ ڪماليا کان اتر ڏس تي تي سگهن ٿا. يا ڪوٽ ڪماليا ۽ سمندري جي وچ تي ڪاٿي يا اچا بہ ٿورو اتر طرف عام نقشي ۾ ڏنل درياهہ جي پراڻي پيٽ جي اوسي پاسي هوندو.

مئسن ”تلنبا“ کي مالي قوم جو صدر مقام سمجهي ٿو، جيڪو ”ملتان تي ڪونہ ٿو سگهي.“ سندس هن بيان ۾ تر جيترو بہ شڪ ڪونہ آهي. ان کان پوءِ وارن حملن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ ملتان گهڻو هيٺ ڏکڻ طرف هو. مئسن، ٻين سان اختلاف راءِ رکندي مذڪوره قلعي ۽ شهر کي ڪوٽ ڪماليا سمجهي ٿو، جتي سڪندر ذري گهٽ پنهنجي زندگي وڃائي هئي. هو اها ثابتي ڏئي ٿو تہ هن جي چوڌاري پاڻيءَ جون چرون موجود آهن. اها ڪا ثابتي يا ڪو اهڃاڻ وغيره ڪونہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هن علائقي جي ٻين شهرن جي چوڌاري بہ پاڻيءَ جون چرون موجود آهن. پر انهن جيڪو پنڌ ڪيو هو، اهو فاصلوئي سڀ کان وڏي ثابتي آهي. مئسن هڙاپا کي سانگلا طور سڃاڻڻ جو خيال رکي ٿو. سندس هيءُ خيال غلط آهي. ڇاڪاڻ تہ سانگلاتل

Tall هڙاپا کان ايڪاسي ميل اتر طرف آهي. پر جيتريقدر سندس ڪوٽ ڪماليا وارو خيال آهي ته هو صحيح ماڳن جي اوسي پاسي اچي پهتو آهي، يا اصلي جُوءِ کان شايد گهٽو ڏکڻ طرف تي نڪري ويو آهي.

ونسينٽ (وايوج آف نيرڪوس) ۾ ٻڌائي ٿو ته جنهن قلعي ۾ سڪندر کي گهائِو ڦٽ رسيا هئا، تنهن جو تعلق مالي قبيلي سان ڪونه هو (۽ سندس لکت مطابق نه وري اهو ملتان هو). چاڪاڻ ته "اهو راويءَ جي اتر طرف هو ۽ ملتان ڏکڻ پاسي موجود آهي" .پر پوءِ وري ٿوري غلطي ڪري، پنهنجي صحيح بيان جو پيڙو پوڙي ڇڏيو اٿائين. چوي ٿو ته جيئن ڪئسپيري Caspiri راڊِس Rhuads جي ڪناري تي آهي، تيئن رواي جي ڪنڌي سان ملتان آهي. يعني اهو مذڪوره شهر ملتان ٿي سگهي ٿو.

سيني مورخن جي بيانن جي ذڪر ڪرڻ سان گڏ مان " لائيف ائنڊ ائڪشن آف اليگزينڊر" جي مصنف جا به حوالا ڏنا آهن. هن ٻين جيان لکيو آهي ته سمجهي ٿو ته مالي قبيلو موجوده دور جي ملتان ۽ آڪسڊرا سيا جي اُچ واري علائقي جو رهاڪو هو." وڌيڪ چوي ٿو ته، "ملتان چناب جي ڪاٻي ڪنڌي سان آهي، جنهنجِو "ملبان" Mulban شهر سان لاڳاپو ضرور آهي، جيڪو رواي ۽ بياس درياه جي وچ تي آهي. اُچ وري هيٺ ۽ چناب ۽ بياس جي سنگم واري ٿاڪ کان گهٽو پري ڪونه آهي" هتي اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو ته هن، موجوده دور جي درياهي وهڪرن کي نظر ۾ رکي، اهڙو بيان قلمبند ڪيو آهي ۽ شهر جو ذڪر ٻن حوالن سان ڪيو اٿس، پر ان قديم دور ۾ ائين درياهي وهڪرا، موجوده دور جي وهڪرن جيان ڪونه هئا. هن گهاري کي بياس سمجهيو آهي ۽ سندس اشارو به بياس ڏانهن آهي، جيڪا سندس غلطي آهي. يوناني مورخن جا بيان اسان کي چٽيءَ ريت ٻڌائن ٿا ته نئي حملا رچنا دوآبي ۾ يعني چناب ۽ راوي درياه جي وچ واري

علائقي ۾ ڪيا ويا هئا. پوءِ سندن وهڪرا ڪٽي کھڙي به رخ ۾ هئا. پر حقيقتن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اهي راوي جي ڪناري سان ۽ ملتان کان اسي ميل اتر اوير طرف ٿيا هئا. اڄ ڪان اهو اتر-اتر اوير جو طرف ۽ فاصلو ٻيٽو وجي بيهندو.

هاڻي اسان راويءَ جي هيٺئين طرف اچون ٿا. اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو تہ سڪندر پيش قدمي ڪندو، راويءَ جي ڪناري سان هلندو وڃي ان ماڳ تي رسيو، جتي راوي ۽ چناب جو پاڻي ملي رهيو هو. ان جاءِ تي سندس فوج جي وانڍ هنيل هئي ۽ سندس حڪم موجب ٻيڙيون درياه ۾ بيٺل هيون. جنهن وقت عربن سنڌ فتح ڪئي يا ان ڪان ٿورو وقت اڳ، هنن ٻنهي درياهن جو ميلاپ ملتان ڪان ويهہ ميل مٿي ٿيندو هو.

راوي ۽ چناب جي سنگم واري ماڳ تائين پهچڻ ۾ سڪندر چار ڏينهن لڳايا هئا. جتي سڪندر جي پهچڻ ڪان اڳ ۾ سندس عظيم لشڪر ۽ ٻيڙا اڳيئي اتي بيٺا هئا. سندس ڦٽ هوريان هوريان ڪڙيون ٻڌي رهيا هئا ۽ نوان ٻيڙا به تيار ٿي رهيا هئا. سنگم واري ٿاڪ پرسان ٻڙ جو وڏو وڻ هو. ارسٽو بيولس جو بيان آهي تہ ان ٻڙ جي ڇانو ۾ پنجاهہ گهوڙيسوار بيهي سگهيا ٿي. اولسڻي ڪرٽس، اسٽرئبو جي حوالي سان ٻڌائي ٿو تہ "ان سنگم پرسان بيٺل ٻڙ جون ٽاريون (هوائي پاڙون) هيٺ زمين ڏانهن لڙڪيل هيون. ان جي ڇانو ايتري گهاٽي ايراضيءَ ۾ پکڙيل هئي، جو چار سو گهوڙيسوار آرام سان سندس ڇانو ۾ بيهي سگهيا ٿي.

"لائيف ائنڊ ايڪشنس آف الگزينڊر" جو مصنف، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، ٻڌائي ٿو تہ، " جيڪڏهن ان ماڳ جي اوسي پاسي اهڙو وڻ موجود آهي، جيڪو جهونو آهي ۽ عمر جي لحاظ سان گهڻو ٿلهو آهي، تہ ان حقيقت کي پنهنجي جاءِ تي وزن آهي". مان هن

ڪان اڳ ۾ ٻہ جهلم ۽ چناب جي ڪنهن قديم سنگم واري ماڳ وٽ بيٺل هڪ ٻڙ جي وڻ جو ذڪر ڪري آيو آهيان. پر اهو چناب ۽ راويءَ جي سنگم واري ٽاڪ تي آهي. ان ڪانِ پوءِ سڪندر اڳتي پيش قدمي ڪندو ان هنڌ پهتو هو، جتي هنن ٽنهي درياهن جو پاڻي سنڌوءَ سان ملي رهيو هو. هن ماڳ تي سنڌوءَ جي ٻين هنڌن جون ٽهيل ٻيڙيون سائٽس اچي مليون هيون. هتي ڪراٽيرس جو هي بيان تہ سنڌو، قلعي جي ويجهو جهلم ۽ چناب يعني ٻن درياهن سان ملي رهيو هو، سو غلط آهي. هتي (جتي سنڌو درياهہ) ٻين ٽن درياهن يعني، جهلم، چناب ۽ راويءَ جي گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري سان ملي رهيو هو) سڪندر هڪ شهر تعمير ڪرڻ ۽ جهازن جي گودين ٺاهڻ جو حڪم ڏنو هو، چاڪاڻ تہ سندس خيال موجب اها هڪ اهڙي جاءِ هئي، جتي تعمير ٿيل نئون شهر وڏي اهميت حاصل ڪري وٺندو. نتيجي موجب سندس چونڊيل جڳهہ ايڏي غير اهم نہ هجڻ کپي ها. ان ڪان پوءِ اسان کي اهو ٻڌايو ويجي ٿو تہ سڪندر اڳتي هيٺ هلندو ويجي سغد جي علائقي ۾ پهتو هو. (لائيف ائنڊ ايڪشنس آف اليگزينڊر) جو مصنف اسان کي ٻڌائي ٿو تہ (علائقي جو اهو نالو، اتر طرف واري جوءِ تان ورتل ٿو ڀائنجي، جتي، هڪ وسيع واديءَ ۾ ماڻهو رهندا هئا) پر فاضل مصنف اهو ڪونہ ٿو ٻڌائي تہ اهو تاجڪ لفظ سغد، هندستان ۾ چو استعمال ڪيو ويو، جڏهن تہ ان جي ڀيٽ ۾ سنسڪرت ٻوليءَ ۾ سکد Sukhad لفظ موجود آهي، جنهنجي معنيٰ آهي خوشگوار ۽ صحت بخش. ان ڏانهن ڌيان چونہ ڏنو ويو. سغد لفظ جي معنيٰ هڪ " ترائي" آهي، جتي هيڏانهن هوڏانهن جو مينهن جو پاڻي اچي گڏ ٿيندو هجي ۽ اهو شهر سمرقند جي پرسان هڪ وڏي ترائي ۾ موجود آهي. ٽاڊ (راجستان، جلد I ص ۹۳) ٻڌائي ٿو تہ اهو ٿر ۾ ڍٽ وارو ٽاڪ آهي ۽ "سوڍا" سوگدي آهن. ٻئي پاسي وري ڪننگهام (۲۵۴ص) چوي ٿو تہ، " سوگدي يا سوڍ راءِ Sodrae جو اشارو سوراءِ Seorai ڏانهن

آهي"هو ان جي صحيح صورت حال بابت چوي ٿو تہ" ڪجهہ بہ پتو
ڪونہ آهي." پر سِوِ راءِ يا سِوِ راهي ملتان سرڪار جو هڪ مشهور
معروف محال آهي ۽ سبزل ڪوٽ کان اتر ـ اتر ـ اوڀر طرف تي پنج ميل
ڪن پري آهي. ان علائقي جي جاگرافيائي صورت حال اهڙي هئي، جو
هاٿين کي پتڻن وٽان باربار اڪاريو پئي ويو. ان زماني ۾ سنڌو، پوئين
دور جي ڀيٽ ۾ وڏو درياهہ ڪونہ هو، جو ان جي وهڪري منجهان
هاٿين کي اهڙي طريقي سان پار ڪيو وڃي ها. اهو چيو ويندو آهي، تہ
هاٿي اهو آخري ڀيرو اڪريا هئا. انهن هاٿين سان گڏ لشڪر سان
"ڪراٽيرس" هو، جنهن آرچوسياءِ ۽ درنجاءِ Archosii and Drangae
جي مُلڪ مان هيٺ پيش قدمي ڪئي هئي. مذڪوره هاٿي درياه جي
اولهہ يا ساڄي پاسي ٽپيا هئا. ائرين ٻڌائي ٿو تہ اهو علائقو سنڌوءَ کان
اوڀر طرف هو.

هتي ڏيان جوڳي ڳالهہ هيءَ آهي، تہ بياس ۽ هاڪڙي يا واهندا
جي پاٽيءَ جو گڏيل وهڪرو، ان زماني ۾ هڪ وڏو درياه هو ۽ اهو
اڪرڻ وقت ٻين درياهن جو بيان ڪونہ ٿو ملي، پر هن جو ذڪر ضرور
ڪيو ويو آهي.

(٣٦٠) مير علي بيگ مغل جي ڪابل طرفان ڪيل حملي جي
بيان ۾ پنجاب جي درياهن جي وهڪرن جو مختصر ذڪر ڪيو ويو
آهي. خضر خان جي وفات کان پوءِ سندس پٽ مبارڪ شاه گاديءَ تي
ويٺو. ان زماني ۾ دهلي هڪ وِڳوڙ وارو ملڪ بڻجي ويو هو. ان دور ۾
جاءِ وقوع جي لحاظ کان شور ڪوٽ هڪ نمايان ڪردار ادا ڪيو هو.

پنهنجي پيءُ خضر خان جي وفات کان پوءِ سلطان مبارڪ شاه
سنہ 824 هہ (1421ع) ۾ تخت تي ويٺو. هن شاه رخ مرزا بهادر پٽ
امير تيمور جي اطاعت جو گهانگهو ڳچي مان لاهي، سلطان هجڻ جو
اعلان ڪيو. سندس پيءُ خضر خان امير تيمور جو وفادار هو، جنهن

ڪيس ملتان ۽ ديپال پور وارن علائقن جو حڪمران مقرر ڪيو هو. هن پنهنجي ساري زندگيءَ ۾ سلطان جو لقب اختيار ڪونہ ڪيو هو.

ان جي نتيجي ۾ چنگيز خان جي پٽ چغتائي خان جي قريءَ مان "دانش منچا" جي پٽ مير علي بيگ سنہ826هہ (1422ع) ۾ سنڌ جي سوستان ۽ بکر تي حملي ڪرڻ جو اعلان ڪيو، پر آيو ڪونہ هو. مير علي بيگ، مرزا سائروغ Saiyurgh پٽ مرزا شاهہ رخ جو سپهہ سالار هو. ڪيس ڪابل، زابل ۽ سنڌوءَ جي پنهي ڪنڌين سان موجود علائقن جو حڪمران مقرر ڪيو ويو هو. هي مرزا سائروغ تمش اها شخصيت آهي، جنهن لاءِ اليٽ جي مرتب ڏائوسن، ڪجهہ غلط بيانيءَ کان ڪم ورتو آهي. هيءُ (جلد 17 ـ ص 59) تي ڪيس شيخ علي سڏي ٿو ۽ پڌائي ٿو تہ هو، سراتمش Sar-atmash جو سپهہ سالار هو. ٻيو مورخ وري ڪيس " سيورگتمش" Suyurgut mish سڏي ٿو.

اهو حال ڏسي سلطان مبارڪ شاہ، لاهور جي حاڪم ملڪ محمد پٽ عمادالملڪ کي ملتان واري قلعي جي مرمت لاءِ روانو ڪيو، جيڪو مغلن جي باربار حملن ڪري تباهہ ٿي ويو هو. هن ملتان جي قلعي کي پيڙهہ کان وٺي نئين سر جوڙايو.

سنہ ٨٣٣ هہ (١٤٢٩ ـ٣٠ع) ڌاران، جسرت پٽ شيخو ڪوکر، جنهن پوءِ جلدئي وفات ڪئي، اوپر پنجاب ۽ اوسي پاسي واري علائقي ۾ باهہ ٻاري ڇڏي هئي. ان دور ۾ سيد سليم (اليٽ جلد چوٿون ص 68) تبرهندا جو جاگيردار هو. اُتي " سرهند" جو نالو ڏنگين ۾ ڏنو ويو آهي ـ انهيءَ لاءِ تہ جيئن سمجهيو وڃي تہ سهرند ۽ تبرهندا هڪ ماڳ جو نالو آهي، جيڪا ڳالهہ حقيقت جي خلاف آهي. ان زماني ۾ خضر خان جو هڪ اعتماد جوڳو ۽ پراڻو ماڻهو سيد سليم ٽيهن سالن جي نوڪريءَ کان پوءِ وفات ڪري ويو، جنهن تمام گهڻي دولت گڏ ڪئي هئي. خضر خان جي هڪ ماڻهو جنهنجو نالو "فولاد خان ترڪ"

هو، سندس پٽن جي چوڻ تي، جيڪي تنهن وقت دهلي دربار ۾ رهندا هئا، ان دولت تي وچي قبضو ڪيو ۽ تبرهندا جي جاگير پڻ سنڀالڻ شروع ڪيائين. ڪيس اتان بي دخل ڪرڻ واسطي لشڪر موڪليو ويو. اهو حال ڏسي فولاد ترڪ مير علي بيگ مغل ڪان مدد گهري، جيڪو مسعود مرزا ولد سايورغ مرزا جو ڪابل ۾ نائب هو، جنهن ٨٣٠ هہ ۾ غزنيءَ ۾ وفات ڪئي هئي. ڏسو منهنجي تصنيف " نوٽس آن افغانستان" ص ص ٣٦٤ ۽ ٥٧٨. ان مدد عيوض فولاد ترڪ علي بيگ مغل کي دولت جي آچ ڪئي هئي. مرزا شاه رخ جي اجازت جي پرواه ڪانہ ڪيائين ۽ سنہ ٨٣٤ هہ جي پنجين مهيني ۾ (فيبروري ١٤٣٢ع) پنهنجو لشڪر وٺي ڪابل کان نڪري پيو. هو جتان گذريو تي، ان ملڪ کي تباهہ ۽ برباد ڪندو، قلعي کان ڏهہ ڪوهہ پري اچي منزل ڪيائين. سلطان مبارڪ شاه جو سپهہ سالار اسلام خان قلعي ۾ فولاد ترڪ جو گهيرو ڪيو ويٺو هو، سو محاصرو پٽي هليو ويو. فولاد ترڪ هن مدد عيوض علي بيگ مغل کي ٻہ لک تنڪا ڏنا. ان کان پوءِ فولاد ترڪ جا پار پچا ۽ دولت (شايد سيد سليم جي دولت وغيره بہ) کڻي علي بيگ مغل ڪابل روانو ٿيو.

علي بيگ مغل ان سال جي ستين مهيني يعني رجب ۾ جلندر کان لاهور پهتو ۽ پوءِ ديبالپور ۽ قصور کان ٿيندو اڳتي وڌيو هو. هو جتان بہ لنگهندو ويو، ملڪ کي ڦريندو، لٽيندو، پڙپانگ ڪندو ويو ۽ خط پور KhatPur جا ماڻهو قيدي بنائي پاڻ سان وٺي روانو ٿيو. تن ڏينهن اهو شهر ملتان جي صفا اترين محالن جو صدر مقام هو ۽ راويءَ جي ڪناري، باري دوآبي ۾ موجود هو. ان دور ۾ عماد الملڪ، ملڪ رجب نذيري (ڪن تاريخن ۾ سندس نالو محمد حسن بہ لکيو ويو آهي) ملتان ۽ ديبال پور جو جاگيردار هو، تنهن هيءُ حال ڏسي سندس مقابلي لاءِ " تلنبا" ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي.

تنهن تي علي بيگ مغل موٽي وچي خطپور علائقي پهتو ۽

عمادالملڪ کي ملتان موٽي وڃڻ جا احڪام مليا. ساڳئي سال جي انهين مهيني جي ٢٤ تاريخ تي هي ان جاءِ تي پهتو، جتان علي بيگ مغل خط پور پرسان راوي اڪريو هو. ۽ جهلم جي وهڪري سان هيٺ وڌڻ لڳو، جنهن لاءِ تاريخ مبارڪ شاهي لکي ٿي،" اهو چنابَ جي وهڪري جي نالي سانِ مشهور آهي" يعني اهو جهلم ۽ چناب جي گڏيل پاٽيءَ جو وهڪرو هو. ان جو اقتباس اليٽ جي جلد IV ـ ص ٧٠ تي ڏنو ويو آهي. ان جو ايڊيٽر حاشيه ۾ لکي ٿو ته" اهو تاريخ جو هڪ عجيب غريب بيان آهي ۽ فرشته ان جو اوتارو ڪيو آهي". پر ان ۾ ڪابه حقيقت عجيب غريب ڪانه آهي. هو جتان به لنگهيو، وستيون واهڻ، ڳوٺ ۽ شهر ڦريندو پڙ پالهاڪندو، ڦيرو ڪري ملتان ڏانهن وڌڻ لڳو هو. جيڪڏهن درياهہ موجوده پيٽن مان وهندا هجن ها، ته هُو اها ڦر لٽ ڪري ڪونه سگهي ها.

جڏهن هو ملتان کان ڏهن ڪوهن تي پهتو، ته عمادالملڪ، ملڪ سلطان شاه لوڌي افغان کي سندس مقابلي لاءِ روانو ڪيو. (هيءَ بهلول لوڌيءَ جو چاچو هو، جيڪو دهليءَ جو سلطان به ٿيو. مير دهليءَ جو پهريون پٺاڻ يا افغان سلطان آهي). ان وقت جيڪا به فوج موجود هئي سا سانس گڏ رواني ڪئي وئي هئي ۽ هو پيش قدمي ڪندو، جون پور Jun pur ڏانهن وڌڻ لڳو (مان هن جاءِ کي ڳولڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهي پر ڳولي ڪونه سگهيو آهيان). هتي ٻنهي ڌرين ۾ سخت

مقابلو ٿيو، جنهن ۾ سلطان شاه لوڌي مارجي ويو ۽ مير علي بيگ جي سرسي ٿي . لوڌي جو ڪجهه لشڪر مارجي ويو ۽ڪجهه ڀڄي جان بچائي. ان کان پوءِ ميرعلي بيگ ملتان ڏانهن وڌڻ لڳو ۽ ساڳئي سال جي تاريخ ٣ رمضان، تلنبا جي پرسان، خيرآباد جي ماڳن وٽ وڃي

* تاريخ مبارڪ شاهي ان دور جي مستند تاريخ آهي.ان ۾ خطيب پور نالو لکيل آهي. (مترجم)

منزل ڪيائين. اهو ڏينهن آرام ڪري، ٻئي ڏينهن قلعي جي هڪ ڦاٽڪ وٽان شهر تي حملو ڪيائين. پر پاسي واري علائقي ۾ به اڳئين مهيني جي ٢٦ تاريخ تائين ويڙهاند هلندي رهي ۽ دهليءَ مان موڪليل فوج اچي اتان جي ماڻهن جي مير علي بيگ جي ڏچي ۽ ڍهڪاءَ مان جند ڇڏائي ۽ هو شڪست کائي جهلم (جهلم ۽ چناب جي گڏيل وهڪري) ڏانهن پَرڪي وڃڻ لاءِ مجبور ٿي پيو، جنهن سبب سندس ڪيترائي فوجي عملدار ۽ بي حساب سپاهي پاڻيءَ ۾ ٻڏي مري ويا ۽ ڪيترن کي جهلي جنگي باندي بڻايو ويو. ميرعلي بيگ مغل ۽ سندس پائيتيو مظفر پنهنجي باقي بچيل فوج سان گڏ خير سلامتيءَ سان وڃي شور ڪوٽ پهتا. تاريخ الفي اسان کي وڌيڪ ٻڌائي ٿي ته، ” ڪنهن به حڪمران جي دور ۾ اهڙو فوجي نقصان ڪڏهن به ڪونه ٿيو هو“.

هن لشڪر جي چرپر مان اسان کي اهو پتو پوي ٿو ته ان زماني ۾ يا تيمور جي حملي واري دور ۾، جهلم يا وهاٽ ۽ چناب جو سنگم هن ماڳ وٽان ٿيندو هو، جنهن جو ذڪر آءُ اڳ ۾ ڪري آيو آهيان.

مير علي بيگ مغل، مظفر کي شور ڪوٽ جي انتظامن لاءِ اتي رهائي پاڻ ڪابل روانو ٿي ويو. امير عمادالملڪ جيڪو سندن ڪڍ لڳو ٿي آيو، تنهن وڃي اچي شورڪوٽ تي تاريخ ۴ ذوالقعد (سال جي يارهين مهيني) سنه ۸۳۴هه (۱۴۳۱ع) تي اچي ڪڙو چاڙهيو. ان کان ٿورو پوءِ سندس جاءِ تي خيرالدين خفي کي رکيو ويو. ان ڪري هن علائقي ۾ وڳوڙ پکڙجي ويو. ان منجهيل صورتحال ۾ جسرٿ کوکر جي ڦهري ڪاروائين وري منهن ڪڍيو. ان جو نتيجو اهو ٿيو، جو ميرعلي بيگ مغل ٻئي سال يعني ۸۲۵هه (۱۴۳۱ -۳۲ع) ۾ وري ظاهر ٿيو. شور ڪوٽ ان زماني ۾ سندس پائيتي مظفر جي هٿ هيٺ هو. هن شور ڪوٽ جي رستي ملتان ۽ لاهور جي صوبي تي حملو ڪيو. زير بحث دور ۾ جهلم جي اولهه وارو سارو ۽ چناب جي به اولهه وارو ڪجهه

علائقو دهلي کان ڇڳل ۽ مغل حڪومت سان شامل هئا. جهڙي ريت طبقات ناصري واري دور ۾ بياس جي اولهه وارو علائقو مغلن جي تسلط هيٺ هو. اهو علائقن جي ماڳن جي نالن مان به محسوس ڪري سگهجي ٿو. مير علي بيگ پنهنجون ڦر لٽ جون ڪارروايون اوپر طرف سرهند تائين وڌائي ڇڏيون، جيڪو " تبرهندا" ڪونه آهي. ان ماڳ جو سرهند به صحيح نالو ڪونه آهي. مقابلي کان لهرائي اولهه ڏس تي پرڪي وڃي وري خط پور جي ماڻهن کي قيدي بڻايائين ۽ جهلم درياهه جي ڪناري سان جيڪي به ڳوٺ هئا، تن سان به ساڳي ڪار ڪيائين ۽ ١٧ ربيع الاول (ستين مهيني) سنه ٨٣٥هه (ڊسمبر ١٤٣١ع) هو وري اڇي " تلنبا" نڪتو. قسم کڻي، واعدا وعيد ڪري، ماڻهن کي اعتماد ۾ وٺي قلعي تي قبضو ڪري، پوءِ پنهنجي واعدي تان ڦري ويو. هڪ مضبوط قلعي کي ڊاهي پٽ ڪري ملڪ کي ڌاڙا ڦاڙا ڀڙيانگ ڪري ڇڏيائين ۽ ماڻهن جو ڪوس ڪري ڏاڍو ڪيس ڪيائين. ڏسو حاشيو ٢٤٦ ۽ حاشيو ٢٤٧.

فولاد ترڪ، جنهنجو اڳ ۾ به ذڪر اچي چڪو آهي، مير علي بيگ جي هار کائڻ ۽ ڪابل ڏانهن موٽي وڃڻ کان پوءِ ، هڪ وڏي زميندار راءِ فيروز ماهين تي حملو ڪري، کيس قتل ڪري ڇڏيائين. ان زماني ۾ بوهه يا، بوهي Bohi نالي هڪ پتڻ بياس درياه تي هوندو هو. ان وقت تائين ستلج ٿوري وقت لاءِ به بياس سان ڪونه مليو هو.

جسرت کوکر جي بغاوت جي باهه کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ علي بيگ ۽ فولاد ترڪ جي ڪاروائين کي پُنجي ڏيڻ لاءِ سلطان مبارڪ شاه لشڪر وٺي پاڻ نڪري پيو. سنه ٨٣٥هه جي جمادي الاول (سال جي پنجين مهيني ۽ جنوري ١٤٣٢ع) مهيني ۾ پنجاب طرف پيش قدمي ڪيائين. جڏهن هو سمانا جي حدن ۾ پهتو، ته علي بيگ وٺي پنتي ياڄ ڪاڏي ۽ وڃي ڪوه جد نڪتو. پر جسرت کوکر جون ڪاروايون جيئن پوءِ تيئن وڌنديون رهيون. تنهن ڪري مير علي بيگ مغل وري ٨٣٦هه

(۱۴۳۲ -۳۳ع) ۾ شور ڪوٽ رستي موٽي اچي ڦر لٽ شروع ڪئي. بياس جي ڪنارن سان جيڪي به آباد علائقا هئا، سي ڦري ناس ڪري ڇڏيائين. سندس لٽ کان لاهور به بچي ڪونه سگهيو ۽ ٻارهن هزار گهوڙي سوارن جي ور چڙهي ويو. هن " سائي وال" کي ڀينگ ڪري ديپال پور تي وجي قبضو ڪيو. تنهن تي سلطان مبارڪ شاه وڏو لشڪر وٺي، پنجاب طرف پيش قدمي ڪئي ۽ وجي ديپال پور پهتو. اتان کان ٿي هو راويءَ طرف وڌڻ لڳو. علي بيگ مغل پوئتي هٽي وڃي شور ڪوٽ نڪتو. سلطان مبارڪ شاه سندس ڪڍ لڳوتي آيو ۽ راويءَ جي مڪيه وهڪري مان اڪري وڃي سندس سامهون ٿيو. ميرعلي بيگ کي سلطان مبارڪ شاه سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت ڪانه هئي، تنهن ڪري موٽي ڪابل هليو ويو ۽ شور ڪوٽ ۾ پنهنجي ڀائٽي مظفر کي ڇڏيون ويو. هيءُ مهينو کن سلطان مبارڪ شاه جو مقابلو ڪندو رهيو، پر جڏهن ڏنائين ته هو وڌيڪ مقابلو ڪري ڪونه سگهندو، ته ساڻس صلح ڪرڻ جي واٽ وارٻائين، جنهن مطابق مير مظفر پنهنجي ڌيءُ جو سڱ سلطان مبارڪ شاه جي پٽ کي ڏيڻو ڪيو ۽ ان سان گڏ لاهور ۾ رهندڙ علي بيگ مغل جو لشڪر نڪري شهر خالي ڪندو. ان کانسواءِ مير مظفر سلطان مبارڪ شاهه کي امل سوڪڙيون ڀاڪڙيون ڏئي راضي ڪيو. بعد ۾ سلطان، ملتان جي بزرگن جي مقبرن جُون زيارتون ڪندو، دهلي روانو ٿي ويو. شورڪوٽ جي اتر ۽ اولهه وارا علائقا مير مظفر جي قبضي ۾ رهڻ ڏنا ويا، اهي علائقا وري ملتان جي لانگاهن اچي ڪانئن آزاد ڪرايا . لانگاهن جي ٻئي بادشاه سلطان حسين وڏيءَ چوٽ کان پوءِ شورڪوٽ غازي خان پٽ سعدو خان مغل کان ڇڏايو. اهڙيءَ ريت چندن اوٽ جو قلعو مغل نمائندي "ماڇي خان" کوکرن کان کٽي ورتو هو. شورڪوٽ جو مذڪوره علائقو سنڌ جي سما شاهي خاندان جي فرد ڄام بايزيد جي حوالي ڪيو ويو. جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. سلطان حسين ڄام بايزيد جي ماءُ سان شادي ڪئي هئي ۽ ڄام بايزيد ڪيس سمي مڙس مان هو. ڏسو ص ص ۲۷۹، ۲۸۱، ۲۹۱

(٣٦٢) هن ۾ ٻئي اڳتي ايندڙ پراڻي پيٽ ڪي نقشي ۾ سُوڪراوا N ، ڪري لکيو ويو آهي، جنهنجي معني جي خبر ڪانہ ٿي پوي.

(٣٦٣) ڏسو ص ٣٥٥ .

(٣٦٤) ڪننگهام (اينشنٽ انڊيا ص ٢٣٣) چوي ٿو تہ، "ٿلنبا جو شهر ڏيڍ سو سال کن ٿيندا جو، راويءَ جي وهڪري ۾ ڦيري اچڻ ڪري اجاڙ ٿي ويو". وري صفحي ٢٢٥ تي چوي ٿو تہ مذڪوره تلنبا جو شهر " ٿي سو سال اڳ ڀينگ ٿي ويو". اڳئين صفحي تي ٻڌائي ٿو تہ امير تيمور هن شهر کي ڦري لٽي آخر باه ڏئي ساڙي ڇڏيو ۽ اتان جي رهواسين کي قتل ڪري ڇڏيائين." وري حاشيہ نمبر ٣٦١ تي ڏيکاري ٿو تہ ڪنهن هن شهر کي ڦريو لٽيو ۽ رهواسين جو قتل عام ڪيو. جڏهن مير علي بيگ مغل هن شهر مٿان هلانْ ڪئي هئي تہ تلنبا ڏاڍو سکيو ستابو ۽ خوشحال هو.

شهامت علي ٻڌائي ٿو تہ " ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو تہ تلنبا قلعي جي تعمير ڪنهن تازي دور سان واسطو رکي ٿي. اهو "گنجي بر " جي وحشي ماڻهن کي منهن ڏيڻ واسطي ٺاهيو ويو هو".

(٣٦٥) بياس جي وهڪري کي صفا ڇڏڻ کان اڳ ۾ هڪ آخري تبديلي اختيار ڪرڻ لڳي. ڪجهہ اولهہ پرو سرڪڻ ۾ "باڪرا" ۽ "لال ڪانيا" جي پرسان سندس وهڪري ۾ ڪيتريون ئي رنڊڪون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هن ايراضيءَ ۾ منجهس ڏاڍيون گولايون ۽ ور وڪڙ آهن. خاص طور تي تلنبا کان اتر طرف تہ تمام گهڻا وڪڙ ۽ گولايون آهن. ڇاڪاڻ تہ سندس وهڪري جي اهل ان ترائي ڏانهن هئي، جتان چناب وهندي هئي. تنهن ڪري اها هڪ فطري ڳالهہ هئي، تہ سندس وهڪري کي جتان ٻهرين هيٺاهينءَ واري جاءِ ملي، اتان وهڻ شروع ڪيائين. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ اهو وهڪرو ٻهريائين هڪ واهہ هوندو ، جيڪو اڳئين دور جي ڪنهن منتظم يا ڍل جي انگن اکرن جوڙيندڙ،

بربت بيابان کي آباد ڪرڻ واسطي کوٽايو هوندو. چاڪاڻ ته انهن پٽن تي ساليانيءَ ٻوڏ جو پاڻي پهچي ڪونه سگهندو هوندو. مذڪوره واه کي "سڌو جي سراءِ" پرسان موجود تاڪ "رام چونتارا" Ramchontarah ڏانهن آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تي پائنجي، جيڪو سڌو جي سراءِ کان اڍائي ميل کن اوپر ڏس تي، هندن جو هڪ تيرٿ هوندو هو. ان کان ٿورو اولهه طرف وڃي وري چناب سان ملندو هو. چناب جي وهڪري جو لاڙو ڏکڻ-اوپر طرف بياس ڏانهن هو. اڳي ملتان کان گهٽو اوپر ۾ وهندي هئي. ان دور ۾ به ساڳئي طرف، پر وڌيڪ ويجهو وهڻ لڳي هئي.

هاڻي اهي اهڃاڻ ميٽجي ويا آهن، جن مان سڃاڻي سگهجي ٿو ته پهريائين اهو گهاڙ واه هو، جنهن بعد درياه جي وهڪري پاڻي ويڪرو ڪري ڇڏيو آهي. ٻن ٽن ٻوڏن کان پوءِ به جيڪڏهن کوٽائيءَ جا نشان رهجي وڃن ها، ته اچرج جهڙي ڳالهه هجي ها. اسان هنڪي گهاڙ يا کوٽيل واه ان ڪري سمجهون ٿا، جو هڪ ته تمام سڌو آهي، ٻيو ته ڪٽان ڪٽان پوئن مان به وهندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ماضيءَ ۾ هتي مسلمانن کان هندن جي آبادي گهٽي هوندي هئي، تنهن ڪري هن واهه کي ديوتا ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيائون. مسلمان وري هن واه کي پراڻي زماني جي ڪنهن مسلمان بادشاه جو ڪارنامو سمجهندا آهن. پر ٻنهي طبقن جو خيال هن حقيقت ڏانهن ڪونه ٿو وڃي ته سِڌو، جنهن سراءِ قائم ڪئي، جنهن جي اوسي پاسي هڪ وستي آباد ٿي وئي ۽ اتان جي ماڻهن پاسي واري پٽ کي آباد ڪرڻ ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ واسطي اهو واه کوٽيو هجي. اهو نه ڪنهن ديوتا جو ڪارنامو آهي، ۽ نه وري ڪنهن اڳئين وقت جي مسلمان حاڪم جو ڪم آهي. پر اهو اتان جي ماڻهن پاڻ کوٽيو هو، جيڪا هڪ حقيقت آهي. جڏهن آب سند يا سنڌوءَ پنهنجي وهڪري جو رخ بدلايو، ته هي واهه به سندس منهن ۾ اچي ويو. ڏسو حاشيو ٣٠١

(٣٦٦) سڌ ناءِ سان ڪڇين جا وڻ جام ڏسبا آهن. چناب ۽ گهاري جي پرپاسي ۾ ڪڇين جا گهاٽا وڻ ڏسڻ ۾ ايندا آهن . پر اچرج جهڙي ڳالهه اها آهي، تہ راويءَ جي پرسان آباد ٿيل ڳوٺن جي وٽ پاسي هي وڻ ماڳهن نظر ئي ڪونہ ايندا. هتان جا ماڻهو هنن وڻن کي عرب حملو ڪندڙن جي سوکڙي سمجهندا آهن. اوسي پاسي واري جوءِ ۾ بہ هنن وڻن جي ججهائي آهي. پر انهن کي ڪنهن ڏانهن بہ منسوب ڪونہ ڪيو ويندو آهي.

(٣٦٧) هن تاڏي جي درياهن جيان راوي جي وهڪري ۾ بہ گهٽائي پراٽا پيٽ آهن، انهن پراٽن پيٽن مان ڪنهن هڪ ۾ راويءَ جي چاڙهہ وهندي آهي. ٻين جي پيٽ ۾ هن درياه جا پراٽا پيٽ ڪجهہ وڏيڪ آهن. سطح جي لحاظ کان سياري کان اونهاري وارا وهڪرا ڪجهہ مٿاهان هوندا آهن ۽ فقط چاڙهہ جي رت ۾ اهي پرجي وهندا آهن. جڏهن پاڻي لهي ويندو آهي، تہ منجهن ٿورو پاڻي وڃي رهندو آهي ۽ ڪاٺي وري ڍنڍون dhands بڻجي وينديون آهن، جن کي هن علائقي ۾ بڌ Buddhs چيو ويندو آهي. ڏسو حاشيو ٣٤٥

(٣٦٨) اج بہ چيچاوتنيءَ پرسان سياري جي موسم ۾ درياه لانگها ڪري ويندو آهي ۽ ڇڇي بہ ويندو آهي. اهو ان ڪري ٿيندو آهي، جو سياري ۾ آباديءَ جي مقصد واسطي باري دوآبي مان واهن وسيلي هن درياه جو پاڻي ڪٽب آندو ويندو آهي.

(٣٦٩) شايد هن نالي ڪري يونان وارن هن درياهہ کي Hyphaosis " هاءِ فاسِس" جي نالي سان سڏيو آهي. اتر پنجاب ۾ جيڪي عام روايتون آهن، تاريخ پڻ تن سان سهمت رکي ٿي. گذريل ٿوري عرصي تائين بياس ۽ ستلج جو وهڪرو ڌار ڌار هوندو هو ۽ ملتان جي علائقي ۾ پهچڻ تائين سندن وهڪرا الڳ هوندا هئا. هڪ ٻي روايت آهي تہ هوشيارپور جي علائقي جي "دوسيا" (هنڪي نقشي ۾ Doosooyuh لکيو ويو آهي) محال ۾ هڪ ٽڪرائتو

علائقو آهي، جنهنجو نالو "منڊوئي" Mandoi آهي. قديم زماني ۾ بياس درياه هن جابلو سلسلي جي ڪڇ مان وهندو هو.

(٣٧٠) جڏهن بابر بادشاه جي فوج ٩٣٢هه (نومبر ١٥٢٥ع) ۾ مال اوٽ يا پوچ پور يا مالو - اوٽ ڏانهن پيش قدمي ڪندي، بياس اڪري هئي. تہ ان زماني ۾ هيءُ درياه " ڪانو واهڻ" وٽان وهندو هو. سندس وهڪري جا نشان واريءَ جا ڍها اڄ بہ اتي موجود آهن ۽ بياس ان ماڳ ڪان ڪجهہ پنج ميل پري اوپر طرف ڪان وهندي آهي. " ڪانو واهڻ "، دوسيا جي قديم شهر ڪان تيرهن ميل اتر اولهہ طرف آهي. اسان جي نقشن ۾ هن کي " ڪان وان" Kanwan ڪري لکيو ويو آهي.

(٣٧١) نقشن ۽ گزيٽيئرن ۾ هن کي "ممدوٽ" Mamdot Mumdot مامدوٽ ڪري اچاريو ويو آهي. هن لفظ جي پڇاڙي بہ چندن اوٽ يا چادني اوٽ جيان آهي، جيڪو چناب جي ڪنڌيءَ سان آباد هڪ شهر آهي. هندي ٻوليءَ ۾ اوٽ جي معني " بَچاءَ" يا" تحفظ" آهي. هڪ هن مثال ۾ مسلمانڪو نالو لڳي ٿو. ابوالفضل جي زماني ۾ محمد اوٽ جو هيءُ شهر پٽين کوکرن جو شهر هو، جن کي غلطيءَ وچان گِکر يا گکر ڪري لکيو ويو آهي. هن شهر جي نالي پٺيان، ملتان صوبي جي ديبال پور سرڪار جو هڪ محال بہ آهي، جيڪو بيرون پنج ند جي علائقي سان واسطو رکي ٿو. جهڙي ريت ڪنهن زماني ۾ عالم پور، جلال آباد فيروز پور ۽ "لکي قبولا" جا علائقا هوندا هئا.

(٣٧٢) ڏسو ص ٢٩٦.

(٣٧٣) مئڪسن Makson ۽ ڪئپٽن سي. ايم. ويڊ C.M. Wade گڏجي ١٨٣٢ -٣٣ع ۾ ستلج ۾ سفر ڪيو هو. ان ناتي سان مئڪسنؔ جو هڪ حوالو موجود آهي تہ " گهلو" جاٽن جي قريءَ مان هڪ قبيلو آهي، جيڪو اڄ ڪلهہ بهاولپور ۾ منڻ ڪوٽ جي وچ واريءَ

جوءِ ۾ وسي ٿو.

(٣٧٤) نقشي ۾ هن وسنديءَ کي حويلي Huvellee ڪري لکيو ويو آهي. منهنجي ڪتاب جي هڪ لکيل حاشيہ ۾ ڏنل لفظ حاويلي Haweli سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. ڏسو پڻ حاشيو ٢٢٣ جتي وري حابيلي Habeli جو لفظ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

(٣٧٥) هيءَ ملتان صوبي ۽ ملتان سرڪار جي محال جو صدر مقام هو. کهرور جيان هتي بہ " جوين" جو قبيلو آباد آهي. پر "بلاچ من" هئن کي غلطيءَ وچان ابوالفضل جي ترجمي ۾ جوٽا ڪري لکيو آهي. پهرين نالي وارن معاملن مان ضرورت وقت، ٥٠٠ گهوڙيسوار ۽ پنج هزار پيادل ۽ ٻئي نالي وارن محالن مان هڪ سو گهوڙيسوار ۽ ٻہ هزار پيادل فوج سرڪار کي ڏيندا هئا. سيد زاده خضر خان جيڪو پوءِ دهليءَ جو حڪمران بڻيو، سو پنهنجي شروعاتي دور ۾ فتح پور جو جاگير دار هو.

(٣٧٦) ان جي نتيجي ۾ ديبال پور جو فيروز پور وارو محال، بيرون پنج ند واري علائقي ۾ اچي ويو.

(٣٧٧) ڏسو حاشيو ٢٥٤

(٣٧٨) جڏهن سروي ريڪارڊ نهي رهيو هو، جنهنجا حوالا مون هن تصنيف ۾ ڪم آندا آهن، تڏهن بياس جو آخري ڇڏيل وهڪرو شاه مقيم جي حجري پرسان وهندو هو. سروي رڪارڊ مطابق اهو ديبال پور وٽان مٿيندو هو ۽ هن جوءِ جي سڪر سٽاٽيءَ جو ڪارڻ هوندو هو. جڏهن هيءَ وهڪرو ستلج سان وڃي مليو تہ هي سڪيو ستابو تاڏو بُٺ بڻجي ويو ۽ ماڻهو بہ پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي، ڪک پن ٿي ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن هليا ويا.

گذريل صدي ۾ مذڪوره حجري جي چوڌاري وڏو شهر آباد هو. ان جي وچ تي بازار بہ هوندي هئي. شهر جي وچ تي شاه مقيم نالي

هڪ بزرگ جو حجرو هوندو هو، جنهن جي نالي پٺيان هيءُ شهر آباد هو. ان حجري جي چوڌاري چؤيتي اوساريل آهي ۽ مٿان قبي جي اڏاوت ڏسبي آهي. نقشي ۾ هن جاءِ کي حوجرو Hoojra ۽ گزيٽيئر ۾ حُجرو Hujra لکيو ويو آهي. اهي ٻئي لفظ غلط به آهن ته بي معنيٰ پڻ .

هن ڳوٺ جي ڀرسان ڏکڻ ڏس تي ٻئي هڪ مسلمان بزرگ لال ٻهلول جو پڪ سرائون قبو آهي.

(٣٧٩) محمود قنوج تي حملي دوران، جيڪي درياهه اڪريو هو، تن جو احوال تاريخ يميني ڏاڍي سچائيءَ سان ڏنو آهي ۽ بياس ۽ ستلج جي وهڪرن جو الڳ الڳ بيان ڪيو آهي.

جيڪي نقشا پروفيسر لاسن Lassan جي ڪتاب " انڊس ڪي آلٽرٿومڪنڊي" 'Indischi Atler Thumakundi' جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنا ويا آهن، تن ۾ ستلج ۽ بياس جي قديم وهڪري کي بلڪل اڄ ڪلهه جي وهڪرن جيان ڏيکاريو ويو آهي. ان ۾ گهاگهر درياه جو وهڪرو به آهي ۽ مٿڻ ڪوٽ وٽ ان کي سنڌوءَ جو وهڪرو ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هاڪڙي جي وهڪري کي سنڌوءَ جو قديم وهڪرو ڪري ڏيکاريو ويو آهي جيڪو موجوده شڪارپور جي سامهون وهي اروڙ جو اوڀاريون پاسو وٺي، برهمڻ آباد ڏانهن وهندو هو. ڪنهن به زماني ۾ اهو وهڪرو موجود ئي ڪونه هو. پر اڄرج جهڙي ڳالهه اها آهي ته مهراڻ، هاڪڙي واهندا يا چتانگ درياه جو ڪو بيان ئي موجود ڪونه آهي ۽ نه وري سنڌس نقشن ۾ ديبل جو نالو موجود آهي.

پر هڪڙي ڳالهه ضرور ڪئي اٿائين ته پراڻن شهرن جا نالا ڏئي ٻڌائي ٿو ته موجود دور ۾ انهن کي ڪهڙن نالن سان سڏيو ويندو آهي. هيءُ پٽنير کان وٺي امرڪوٽ واري ساري علائقي کي " مارس ٿل Marusthala (مارئو پومي Maraubhumi) سڏي ٿو ۽ اُڇ جي شهر کي اڪ _ Uk ڪري لکيو اٿائين.

اهڙيون چڪون اتفاقي هونديون آهن - پر عام ڪونه هونديون

آهن. يونانين ستلج کي هاءِپانيس Hypanis زارادِروس" Zaradrus يا زادادِروس، Zadadrus ۽ بياس يا بياه کي هاءِ فاسِسِ، ڪري لکيو آهي. پر ڊاڪٽر فلپ سمٿ پنهنجي ڪتاب " اينشنٽ هسٽري" جلد II ص 75 تي لکي ٿو تہ "سڪندر" هئڊاس پاس (جيولم يا جهلم) چناب، راوي ۽ هئپاسس يعني ستلج آخري ۽ پنجين ندي اڪري هئي. " هتي اسان کي اهو ڏسڻ ۾ ايندو، تہ هن چئن ندين جو ذڪر ڪيو آهي، پنجين يعني بياس کي وساري ويٺو آهي، جيڪا پنجاب جي پنجن مان اهم ندي آهي. ٻيا مورخ هئناسِسِ کي بياس سمجهن ٿا، پر هيءُ ان کي ستلج سمجهي ٿو. اها غلطي هن ڪارڻ تي آهي، جو پنهي درياهن جا وهڪرا گڏجي هرياري يا گهاري جي نالي سان سڏجڻ لڳا ۽ ڪٿي ٻئي ستلج جو نالو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو، تنهن ڪري هو هئفاسس کي بياس بدران " ستلج" سمجهي ويٺو. هي درياهن جي موجوده وهڪرن کي نظر ۾ رکي، سڪندر جي چرپر جا نشان وٺندو، سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ پهچي وڃي ٿو.

هو اسان کي وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ، "پنجاب ۾ ٻن درياهن ۾ موجود علائقي کي دوآبو سڏيو ويندو آهي" مان انهن ماڻهن کي ڇا ٻڌايان جيڪي اوپر ۾ رهيا آهن. هيءُ هڪ فارسيءَ جو مرڪب لفظ آهي، جنهن

جو مطلب آهي تہ ٻن درياهن جي وچ وارو علائقو، جتي ٻنهي درياهن جو پاڻي پهچي سگهي. اهو هرويرو پنجاب ۾ نہ، پر دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ موجود ٿي سِگهي ٿو. هيءُ اهو بہ چوي ٿو تہ يونان وارن جنهن شهر کي سانگالا Sangala سڏيو آهي، سو لاهور آهي، اها بہ غلط ڳالهہ آهي.

درحقيقت اهو ماروٿل (ٿر) يا مارو يُومي آهي (مترجم).

(۳۸۰) هي ديپال پور نہ، پر ديبال پور آهي. قديم زماني ۾ هيءُ هڪ وڏو شهر هوندو هو ۽ اتر پنجاب جو صدر مقام هو. طبقات ناصري ص ۱۱۳۳ (ص ۱۱۳۳) ۾ بيان آهي تہ جڏهن مغلن لاهور کي

ڦري لٽي پڙپانگ ڪري ڇڏيو تہ گهٽي سمي تائين وري اتر پنجاب جو صدر مقام بڻجي ڪونہ سگهيو ۽ اها اهميت وري ديپال پور کي ملي. سروي رڪارڊ جو مصنف جنهن گذريل صدي ۾ هن شهر کي ڏوري وجي پنهنجن اکين سان ڏٺو هو، سو چوي ٿو تہ ، " جڏهن ڪان بياس هتان پنهنجو وهڪرو واري وئي، تہ هيءُ شهر سُڃ ٿي ويو. چوڌاري پڪ سرائون سگهارو ۽ اتاهون قلعو اٿس، جيڪو ڏورانهين پنڌ تان پيو پسبو آهي. ماٿهو ٿي ڪوه پري هوندو تہ بہ سندس نظر وچي مٿس پوندي. هن وقت جلال الدين جي قبضي هيٺ آهي، جيڪو قصور جو حاڪم آهي. سندس تعلق عمر زئي خويشڪي ڦريءَ مان دولت زئي چاڙهہ سان آهي. هي ماٿهو سڃي علائقي تي فقط هڪ سو گهوڙيسوارن سان ضابطو رکيو ويٺو آهي. قلعي جي چوپتيءَ اندر جيڪو علائقو آهي، تنهن جو مالڪ آهي يا قلعي جي ٻاهرئين پاسي ڪجهہ ٻيگہ زمين سندس ملڪيت آهي. سندس سڄو خرچ آمدرفت جي چُنگي محصول جي اوڳڙ مان هلندو آهي. ڀڳونت سنگهہ ۽ وزير سنگهہ هن مٿان ڪيترا ڀيرا حملا ڪيا، پر هر ڀيري مايوس ٿي موٽي ويا."

"بياس جو سڪل پيٽ هن ڪان هڪ ڪوهہ پري، ساڄي هٿ تي (اتر - اولهہ طرف) آهي ۽ هرياري ڏائي هٿ تي (ڏکڻ - اوير ڏس تي) اٽڪل نَوَ ڪوهہ پري وهي ٿي. شاه مقيم جي حجري ڪان وٺي هن ماڳ تائين ڪبڙن جو گهاٽو جهنگ آهي، جتان لنگهڻو پوندو آهي. هي اسان کي "لالہ جس راءِ" بابت هڪ ڏند ڪٿائي ڳالهہ ٻڌائي ٿو، جيڪو هنگلاج ياواني جو اڳواڻ هو ۽ ان فرقي وارن جو اتي هڪ تيرٿ بہ موجود هوندو هو. مان وڌيڪ تفصيلن ۾ وڃڻ ڪونہ ٿو چاهيان، پر رڳو ايترو چوندس تہ لفظ "Agwani " کي غلطيءَ وچان "افغاني"

ڪري نہ سمجهيو وڃي. هتان لڌل پراڻن سڪن جي آڌار تي ڪننگهام اسان کي ٻڌائي ٿو تہ، ” هي قديم شهر، اندوسٿين دور ۾ موجود هو. ” هو وڌيڪ چوي ٿو تہ، ٽالمي جو ”ڊاياڊلا“ وارو شهر بہ هيءُ آهي“ (چاڪاڻ تہ هن شهر جي نالي ۾ ”d “ اکر موجود آهي، جيڪو هن شهر جي سڃاڻ لاءِ ڪافي آهي). هيءُ شهر ستلج جي ڪنڌيءَ سان لئبوڪولا ۽ آماڪاٽس جي ڏکڻ پاسي موجود هو“. پر هن، اڳي ڪاٽي اسان کي ٻڌايو آهي تہ، اهو ڊاياڊلا جو شهر ”دهلي“ آهي. “ سندس هن نقطہ نظر کي اسان هڪدم ان ڪري رد ڪريون ٿا، جو ديپال پور جو شهر، ستلج جي ڪناري تي ڪڏهن بہ موجود رهيوئي ڪونہ آهي ۽ گذريل دور کان موجوده زماني تائين هيءُ وهڪرو هن شهر جي وڌيڪ ويجهو رهيو آهي. سندس اشارو گهڻو ڪري بياس درياه ڏانهن آهي، جيڪو هاڻي بہ ان شهر جي پرسان وهي رهيو آهي.

اڪبر بادشاه جي زماني ۾ ديپال پور، ملتان صوبي جي ٽن سرڪارين مان اهم ماڳ هو ۽ جيڪو ٽن دوآبن ۾ هوندو هو، يعني بست جلندر، باري ۽ رچنا. بيرون پنج ـ ند واري علائقي ۾ هو، منجهس اٺتيهہ محال هوندا هئا. شهرن ۽ محالن جو بيان آئين اڪبري ۾ موجود آهي. قلعو پَڪَ سِرائون هوس. هن جي محال ۾ 242344 بيگہ ۽ يارنهن ويسا آباد زمين هئي، جنهن مان 13,514,059 ، درهم جيڪي 337851 روپيہ ۽ 19 درهمن جي برابر هئا. ڍَلَ اڳڙندي هئي. سڄيءَ سرڪار مان 129,334,153 درهم جيڪي 32,33,353 روپيہ ۽ 32 درهمن جي برابر آهن، ڍل جي اوڳڙ جو ساليانو انگ هو. ديپال پور جي محال ۾ ايتري زمين عطيہ طور ڏنل هئي، جنهن مان 499535 درهم جيڪي 12488 روپين جي برابر آهن، سا ڪانہ ورتي ويندي هئي. مذڪوره محال ۾، کوکر، ڪسوس (Kisus) ۽ ڀٽي قبيلا آباد هئا. اهي مقرر وقت ۽ جهليل زمين جي لحاظ سان پنج سو گهوڙيسوار ۽ ست هزار پيادا ضرورت وقت سرڪار کي ڏيندا هئا.

بياس پنهنجي اصلي وهڪري کي ڇڏي، ستلج سان ملڻ تائين چانورن جي گهٽيءَ پيداوار جو وسيلو هئي. اهو سلسلو گذريل صديءَ تائين ڳنڍيو رهيو. هن علائقي ۾ ڪارڪون به جام ٿينديون هيون. جڏهن بياس پنهنجو وهڪرو مٽي وئي، ته سجو علائقو سڄو ۽ پڙپانگ ٿي ويو. (381) مان پاڻ آڪٽومبر 1855ع ۾ "ميان ڪي پٽڪي" Mian Ke Panki کان لڏڻ ويندي ، تلنبا وٽان گذريو هوس ۽ بياس جو پراڻو پيٽ، بلڪ گهڻا پراڻا پيٽ اڪريو هوس، ڏکڻ واري پاسي کان واريءَ جا ڍها پار ڪري اڳتي وڌيس، ته اتي مون کي بياس جو پراڻو پيٽ گهڻو ويڪرو ڏسڻ ۾ آيو. سڄو ترو نيڻ نهار تائين ساوڪ سان ڍڪيو پيو هو جيڪو انگلنڊ جي ڪنهن پارڪ جي ياد ڏياري رهيو هو.

(٣٨٢) عام طور تي سيئي درياه، سواءِ بياس جي، اولهه طرف ڏانهن سرڪندا رهيا آهن. ان جو سبب اهو اتاهون پوئو هو، جيڪو هن درياه کي اولهه طرف سرڪڻ کان روڪي رهيو هو. ان ڪري هن ماڳهن ابتو وهڪرو اختيار ڪيو ۽ اوڀر طرف رخ ڪري وچ پنڌ تي وڃي ستلج سان ملي هئي. ان اتاهين علائقي جي مختلف هنڌن جي اوچائي لاءِ ڏسو ايندڙ صفحي تي حاشيو -387

(٣٨٣) برنڊز جبلن ڌرتي ڏڏڻ ۽ ڌرتي جي متاڇري جي تبديليءَ ڪري قديم زماني ۾ درياهن جي وهڪرن ۾ گهٽيون تبديليون آيون آهن. اهڙين تبديلين کان هيءُ علائقو به وانجهيل ڪونه رهيو. مان اڳي به ذڪر ڪري آيو آهيان، ته گذريل زماني ۾ اتر پنجاب ۾ وڏيون ٻوڏون آيون هيون. ان علائقي جي ڌرتيءَ جي متاڇري مان به اهڙين درياهي تبديلين جو احساس ٿئي ٿو. ڏسو حاشيو ٣٠٧

(٣٨٤) هتان جا ماڻهو هن جوءِ کي " ڍايا" Dhaiya جي نالي سان سڏيندا آهن. هنديءَ ٻوليءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ " هيٺاهين "لهنواري" آهي. ان سان گڏ "ٽيڪرا" لفظ به ڪتب آندو ويو آهي. هي

هڪ مرڪب لفظ طور ”ڊاياتيڪر“ ڪري استعمال ڪيو ويو آهي، جنهنجو مطلب آهي ” مثاهون پٽ“. هن لفظ ڊاياتيڪر کي، ويراني يا تباهيءَ جي مفهوم ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

هن مثاهين پٽ جي گهٽي ڀاڱي کي گنجي بر به سڏيو ويندو آهي، جنهن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي. ٻين علائقن ۾ هن پوٺي کي ڊاه يا ناڪا سڏيو وڃي ٿو.

(٣٨٥) موجوده دور جي نَون شهرن کي قديم چوڻ ۽ ڪين يونانين جي ذڪر ڪيل شهرن طور سڃاڻڻ نامناسب ۽ حقيقت جي خلاف آهي.

گنجي بر واري علائقي ۾ ڪيترائي قديم ڪوهه آهن، جيڪي هنڌين ماڳين پکڙيا پيا آهن. اهڙيءَ ريت باري دوآبي جي وسيع خطي ۾ اهڙن پراڻن ڪوهن جو ڪو ڪاتوئي ڪونه آهي. اهڙا ڪوهه گهگر يا منٽگمري ۽ ملتان وارن علائقن ۾ به جام آهن. موجوده دور ۾ انهن ڪوهن جو پاڻي تمام هيٺ آهي.

(٣٨٦) چناب جي هيٺاهين علائقي کي ”هيٺار“ راويءَ جي هيٺاهين علائقي کي ”ٻيٽ“ ۽ ستلج جي هيٺاهينءَ جوءِ کي ”کاڌڙ“ Khadar چيو ويندو آهي. ٻيو نالو”سيلاب“ فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو سرڪاري ڪاغذن ۾ لکيل هوندو آهي.ساليانو چاڙهه جي رت ۾ جيڪا ٻوڏ ايندي آهي، تنهن کي سيلاب چيو ويندو آهي. چناب درياه سان موجود مثاهين پٽ کي ”اتار“، راوي ۽ ستلج واري مثاهين پٽ کي بنجر سڏيو ويندو آهي. چاڙهه جو پاڻي ان مثاهين پٽ يا ”بنجر“ علائقي مان اڪري، عام زمين ڏانهن وهي ڪونه سگهندو آهي. هتان جا ماٺهو زمين جي هيٺانهن ۽ مٿانهن علائقن کي مختلف نالن سان سڏيندا آهن. شور ڪوٽ ۽ جهنگ واري علائقي ۾ جتي چناب ۽ راوي جا بيشمار پراڻا پيٽ موجود آهن ۽ اتار جو علائقو آهي، اتي ته پاڻي

پهچيئي ڪونہ سگهندو آهي ۽ درياهن کان گهٽو پري پڪي واري زمين ۾ موجود آهي. پر حقيقت اها آهي تہ هن جوءِ ۾ پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ ڪو مٿاهون پٽ موجود ئي ڪونہ آهي.

(٣٨٧) هي خاڪا ماپ ڏيکارڻ واسطي تيار ڪونہ ڪيا ويا آهن، پر مختلف درياهن جي وچ تي جيڪا زمين موجود آهي، تنهن جي صورت حال ڪيڏي وئي آهي، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هيءَ معاملو اوهان کي پوريءَ ريت سمجهائي سگهجي.

چناب ۽ راويءَ ۽ راوي ۽ بياس جي واريءَ جي ڊهن، نيلي، هرياري ۽ گهاري جي وچ تي موجود زمين جي هيٺاهين ۽ مٿاهين کي پيٽ ڪري ڏيکاريو ويو آهي. مذڪوره پَٽ، رچنا ۽ باري دوآبي ۽ ”چوٽي ڪچي“ جي هيٺئين اڌن تي مشتمل آهن، جن کي هي خاڪا وڏيڪ واضح ڪن ٿا.

مثال طور جيڪڏهن اسان چندن اوٺ يا چنداني- اوٺ کان اوپر طرف فيروزپور علائقي جي هرياري واريءَ جوءِ ڏانهن ويندا سون، تہ اتان مٿاهين ايراضي سمنڊ جي مٿاڇري کان ٨٣١ فوٽ مٿي ڏسڻ ۾ ايندي. ڏنل نشانن وٽ هرياريءَ جون ڪنڌيون ان کان ٻہ سو فوٽ ماپ ۾ گهٽ آهن. جيڪڏهن ڏکڻ آهل جهنگ واري جوءِ ڏانهن وڌبو، تہ اهو علائقو سمنڊ جي مٿاڇري کان پنج سو ستر فوٽ مٿي نظر ايندو. يعني چندن - اوٺ واري علائقي کان ٢٦١ فوٽ هيٺ ۽ گهگر واري پٽ کان اسي فوٽ مٿي ڏسڻ ايندو. چاڪاڻ تہ گهگر وارو علائقو سمنڊ جي سطح کان ٤٩٠ فوٽ مٿي آهي. بياس جي قديم پيٽ جي ڪنڌيءَ سان موجود ديپال پور گهگيرا کان ٢٠ فوٽ مٿي، پر جهنگ کان ٦٠ فوٽ، چندن- اوٺ کان ٣٢١ فوٽ ۽ فيروز پور جي آمهون سامهون هرياريءَ کان ١٢٠ فوٽ هيٺ آهي. جيڪڏهن اجا بہ ڏکڻ طرف شورڪوٽ ڏانهن وجبو، تہ اهو جهنگ کان ١٠ فوٽ هيٺ، پر گهگر کان ٧٠ فوٽ، منٽگمري کان ٦٠ فوٽ، هراپا کان ٥٥ فوٽ ۽ ديبال پور

کان ۵۰ فوٽ مٿي آهي.

جيڪڏهن وري شورڪوٽ کان اجوڌن يا پاڪ پٽڻ ڏانهن هڪ سڌي ليڪ ڪڍنداسين، جيڪو موجوده دور ۾ هرياري نيلي يا گهاري کان فقط ست ميل اولهہ طرف آهي، تہ اجوڌن، شورڪوٽ کان ۵٦ فوٽ، ديپال پور کان ۱۰٦ دور گهگر کان ۱۲٦ فوٽ ۽ منٽگمريءَ کان ۱۱٦ فوٽ مٿي آهي. اهڙيءَ ريت گهگر ۷۰ فوٽ، منٽگمري ٦۰ فوٽ ۽ ديپال پور ۵۰ فوٽ، شورڪوٽ کان هيٺ آهن.

ساڳي ريت ڏکڻ طرف سڌوڪي سراءِ، شورڪوٽ کان ۱۷۰ فوٽ، گهگر کان ۱۰۰ فوٽ، ديپال پور کان ۸۰ فوٽ، پاڪ پٽڻ کان ۲۲٦ فوٽ ۽ چندن اوٽ کان ۴۴۰ فوٽ هيٺ آهي.

جيڪڏهن هيٺ گهاري تائين باري دوآبي جي چيڙي تائين پهچبو تہ ميلسي جو ماڳ ملتان کان فقط ٻہ فوٽ، پر راوي تي سڌوڪي سراءِ ڏهہ فوٽ هيٺ آهي.شجاع آباد ۽ لوڌران، جيڪي چناب ۽ گهاري کان ڇهہ ست ميل پري آهن. سي ٻئي سمنڊ جي مٿاڇري کان هڪ جيترو يعني ۳۸۰ فوٽ مٿي آهن. پر ميلسي کان ۲۰ فوٽ ۽ ملتان کان ۲۲ فوٽ هيٺ آهن. ڏسڻ ۾ اهو ايندو تہ شجاع آباد ۽ لوڌران مٿي بيان ڪيل سڀني ماڳن کان هيٺ آهن. هنن ماڳن ۾ چندن اوٽ جي اوچائيءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ فرق، يعني ۴۵۱ فوٽ آهي. اهو پڻ معلوم ٿيندو تہ راويءَ جي پرسان گهگر وارو ٿاڪ ترائي ۾ آهي ۽ اها ترائي هلندي اچي ان ماڳ تي پهچي ٿي، جتي راوي ۽ چناب هاٽي اچي پاڻ ۾ ملنديون آهن. هن علائقي جو عام طور لاهہ چندن اوٽ کان ڏکڻ يا ڏکڻ اولهہ طرف تي آهي. هڪ طرف کان چندن اوٽ کان شجاع آباد تائين، ٻئي طرف کان پاڪ پٽڻ کان لوڌران تائين هي علائقو گهڻو هيٺاهون ٿيندو ويجي ٿو.

(۳۸۸) هيءُ اشارو ان علائقي ڏانهن آهي، جيڪو راوي ۽ بياس جي ڪنارن جي وچ ۾ آهي، جنهن کي مٿي وري "مانجها" جي نالي سان

سڏيو ويندو آهي. هرياري، نيلي يا گهاري جي ٻنهي ڪنڌين سان پنج يا ڇهه ميل پري واري علائقي کي " ڇوتي ڪڇي" ڪري چوندا آهن. ڪڇي وارو اهو علائقو اڄ تائين پکڙيل آهي.

(٣٨٩)موجوده دور ۾ سعيد والا وارو ٿاڪ راويءَ جي ساڄي يا اترئين ڪناري کان هڪ ميل کن پري آهي.

(٣٩٠) جڏهن هيءَ سروي رڪارڊ تيار ٿي رهيو هو ته ان زماني ۾ راوي، موجوده دور جي پيٽ ۾ سعيدوالا کان وڌيڪ ويجهو وهي رهي هئي. هنجرائون ۽ چنهيان (هنکي نقشي ۾ چونيان Choonian ڪري لکيو ويو آهي) جي وچ تي راويءَ جي وهڪري ۾ گهٽيون تبديليون آيل ڏسجن ٿيون. هن جي ڪنڌيءَ سان جيڪي وڏا وڏا ڳوٺ هئا، تن جو اڄ نالو نشان به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. ان دور ۾ هڙاپا جو اجا به هڪ وڏي ڳوٺ طور ذڪر ڪيو ويندو هو. ان زماني ۾ راوي " ڪوٽ ڪماليه" جي وڌيڪ ويجهو وهندي هئي. تڏهن هي درياه "بڇرڪي" (جنهن کي نقشي ۾ Bhoocho Ki ڪري لکيو ويو آهي.) کان اوير ستن اٺن ميلن جي فاصلي تي وهندو هو، پر هاڻي هن ماڳ کان فقط ٻن يا ٽن ميلن جي فاصلي تي وهي ٿو. ان ساڳئي دور ۾ " ڪاءِ" (نقشي ۾ هن ماڳ کي Khaye لکيو ويو آهي) هاٺوڪي زماني کان وڌيڪ پري آهي. ڪننگهام، سڪندري مورخن ۾ هيون تسانگ جي حوالن سان "هڙاپا کي مالي قوم جي ٻي آبادي طور سڃاڻي ورتو آهي، جنهن جي قلعي ۾ ماڻهن پڇي اچي سر بچاءُ ڪيو هو. هن ماڳ جي سڃاڻ جو مکيه بنياد چوڏاري " پاڻيءَ جي چر " آهي، جنهن مان اهوتخمينو لڳايو ويو آهي ته اهو ضرور راوي درياه جي پرسان هوندو. پر هن ماڳ کان سواءِ به ڪيترين جاين تي پاڻيءَ جون اهڙيون چرون موجود آهن. ان لاءِ پيوسبب اهو ڏنو وڃي ٿو ته اهو " مالي وارو" ماڳ ڪوٽ ڪماليه کان ٻئي طرف (هن شهر، ڪوٽ ڪماليه جو يونانين ڪو ذڪر ڪونه ڪيو آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته اهو مسلمانڪو نالو آهي) يعني ان جي اوير يا ڏکڻ طرف هوندو. مذڪوره ماڳ راويءَ جي ٻئي پار، واريءَ جي

ڊهن ۾ آباد هو."

اليگزينڊر برنس لاهور ڏانهن هاڪاريندي، راويءَ کان چار ميل کن ڏور، هڪ قديم شهر جا کنڊر ڏسڻ ويو هو،جنهن کي هڙاپا سڏيو ٿي ويو. هي صاحب ڪونہ ٿو ٻڌائي تہ ڪو مذڪوره شهر سڪندر واري زماني ۾ موجود هو. پر ايترو سو چوي ٿو تہ ماڻهن واتان اهو معلوم ٿيو تہ تيرهن سَوَ سال اڳ تباه ڪيو ويو هو. بلڪل ساڳئي زماني ۾ شورڪوٽ بہ تباه ڪيو ويو هو. ١٨٣٥ع مان جيڪڏهن تيرهن سو سال ڪٽ ڪنداسون تہ وڃي ٥٣٥ع جو سنہ بيهندو. ان زماني اسان تاتارين مغلن،انڊو سٿين ۽ يورپ جي گيتاءِ قوم کي ڏکڻ ايشيا جي مختلف ملڪن تي ڪاهون ڪندا ڏسون ٿا. ڏسو طبقات ناصريءَ جو مهنجو ترجمو ص ٨٦٩ حاشيہ ٢.

ٻئي طرف، مئسن (ٽريولس ص ١ کان ١٥٣) وري هڙاپا کي "سانگلا" سمجهي ٿو ۽ چوي ٿو تہ ائرين جيڪي سانگلا جا پار پتا ٻڌائي ٿو، سي هڙاپا سان ٺهڪي اچن ٿا. يعني پڪ سرائون قلعو ۽ پرسان ڍنڍ بہ آهي، (ڏسو حاشيہ ٣٩٢ص ٣٨٥ - جنهن ۾ باري دوآبي ۾ هڪ ڍنڍ جو ذڪر موجود آهي) جيڪا اتر - اولهہ پاسي کان موجود هئي. اتي هڪ دڙو بہ هو، جنهن جي اوٽ ڪري رٿن جون ٿي قطارون بيهاريون ويون هيون ۽ "ڪاٺي" Katti نالي قبيلي ان قلعي جو بچاءُ ڪيو هو.

ائرين سان منسوب ڪيل ڳالهيون ڪجهہ مڙئي غلط ٻڌايون ويون آهن ۽ ان کان سواءِ تاريخ جا ڊاڪٽر صاحب بہ ان خيال سان "اختلاف راءِ" رکن ٿا. ان متعلق آءٌ فقط هيءَ گذارش ڪندس تہ سانگلا جو تل Tall هڙاپا کان پورا اسي ميل اتر طرف ۽ رچنا دوآبي ۾ ۽ هڙاپا، باري دوآبي ۾ آهي. ڊاڪٽر فلپ پنهنجي ڪتاب "اينشنٽ هسٽري" ۾ سانگلا کي لاهور سمجهي ٿو. ڏسو حاشيہ ٢٧٩ ص ٢٧۴.

مئسن وڏيڪ ٻڌائي ٿو تہ ”سانگلا“ جي سڃاڻ مان سڪندر جي مشهور قربانگاهہ جو بہ ڏس پتو ملي ٿو وڃي (جنهن جو ذڪر مون بہ ڪيو آهي) جيڪي گھٽو ڪري پاڪ پٽڻ جي ويجهو ستلج درياہ جي ڪنڌيءَ سان ناهيا ويا هئا. يعني هڙاپا کان بہ منزلون پري، جتان کان سڪندر هندستان ڏانهن ويندڙ اهو رستو اختيار ڪيو هو، جتان صديون پوءِ امير تيمور لنگهيو هو.“

هن مان اسان کي ”سانگلا“ جي صحيح ماڳن جو پتو پئجي وڃي ٿو. اهڙي قسم جون سڃاڻپون پڙهي اچرج بہ ٿئي ٿو. هڙاپا (جيڪا سندس خيال مطابق سانگلا آهي) کان قربان گاهن تائين سندس ٻڌايل فاصلي مطابق جيڪڏهن پنڌ ڪبو تہ ستلج بدران راوي جي ڪناري تائين مس پهچبو، يا وڌ ۾ وڌ اڳي وڃي بياس جي ڪنڌيءَ تائين رَسبو. چاڪاڻ تہ پنج سو سال اڳ ستلج بياس کان سٺ ميل اوپر طرف وهندي هئي. پر اچرج جهڙي اصلي ڳالهہ اها آهي، تہ انهن قربانگاهن جي ماڳن جو اڃا تائين پتو پئجي ئي ڪونہ سگهيو آهي.

ڪننگهام (اينشنٽ انڊيا ص ٢١٧) اسان کي ٻڌائي ٿو تہ اهو مشهور ماڳ هئفاسس (سندس اشارو فقط بياس درياهہ ڏانهن آهي) جي اوڀارين ڪنڌيءَ سان آهي، جتي سڪندر منزل ڪئي هئي ۽ رنو هو. اهو ماڳ ستلج ۽ بياس جي وچ تي ڪنهن ترائيءَ ۾ سندن قديم سنگم واري ٿاڪ کان مٿان قصور ۽ بازيد پور جي سامهون (فيروز پور کان ڇهہ ميل ڏکڻ اوڀر طرف) هوندو. چاڪاڻ تہ ڪنهن زماني ۾ هن ٿاڪ کان ويهہ ميل ڪن مٿي ٻنهي درياهن جا وهڪرا پور وڇوٽ تي وهندا هئا ۽ اها صورت حال ١٧٩٦ع تائين هلندي رهي. ان کان پوءِ بياس اوچتو پنهنجو وهڪرو بدلائي ڇڏيو، وغيره وغيره “ هتي آءُ رڳو هڪ گذارش ڪندس تہ بياس جي پيٽ کان وٺي ستلج جي پراڻي پيٽ تائين سراسري فاصلو ڇتيهہ ميل بيهي ٿو. ٻئي هنڌ وري فرمائي ٿو تہ ستلج جي وهڪري ۾ تبديلي ١٧٩٠ع ۾ آئي هئي. ٻئي هنڌ وري هيئن لکي ٿو

تہ : سڪندر واري قربانگاهہ ڪي ستلج جي موجوده وهڪري سان ”هري ڪي پتڻ“ کان ٿورو هيٺ جاچڻ گهرجي. هري ڪي پتڻ، بازيد پور کان پنجويهہ ميل اتر-اوڀر ۽ قصور کان ٽيٽيهہ ميل اوپر ڏس تي آهي.

آخر اهي قربانگاهہ ستلج جي ڪناري سان ڇو ٻولڻ کپن، جڏهن اسان کي مورخ ٻڌائن ٿا تہ سڪندر بياس اڪريوئي ڪونہ هو.

هڪ ذريعي موجب اهي قربانگاهہ، پڪ سان، وچ تي ڪاٿي پاڪ پتڻ وٽ هجڻ گهرجن. ٻئي ذريعي جو چوڻ آهي تہ هري ڪي پتڻ کان هيٺان ستلج جي موجوده وهڪري سان ان کي جاچڻ گهرجي، پر ٻنهي ٿاڪن جي وچ ۾ نڪ سامهون فاصلو، پورا نوي ميل ٿيندو.

هنن قربان گاهن متعلق ڪراٽيرس جو بيان آهي تہ سڪندر بهات يا جهلم وٽ پهچي ٻيڙيون ٺهرايون. ان کان پوءِ پورا اٺ ڏينهن هاڪاري ان ماڳ وٽ پهتو، جتي جهلم چناب سان سنگم ڪري رهي هئي. ٻئي هنڌ وري لکي ٿو تہ پنهنجي لشڪر جي سهوليت واسطي هو ڏهاڙي ۴۰۰ اسٽاڊيا هاڪاريندو هو، جيڪو اٽڪل پنجاه ميل ڪن ٿيندو ۽ ليکو ڪبو تہ اهو سارو فاصلو اٽڪل چار سو ميل وڃي بيهندو. چناب ۽ جهلم جي سنگم کان وٺي، جيڪڏهن چار سو ميل مٿي سفر ڪبو، تہ اتر پنجاب جي پهاڙي علائقي جي جهلم شهر پرسان وڃي پهچبو، جتي ٻيڙين ٺاهڻ واسطي ڪاٺ بہ ججهو ملي سگهي ٿو.

سنگم واري ماڳ پرسان پهچي، سڪندر جهلم درياهہ اڪريو هو (ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ جهلم ان وقت اڪريو هو، جڏهن ٻئي درياهہ ملڻ لاءِ اڃي ويجهو ٿيا هئا) ۽ پوءِ هڪ رڻ مان سفر ڪري (اهو رڻ نہ پر هڪ غيرآباد علائقو هو) اچي راوي درياهہ تي پهتو هو. ساڳيءَ ريت راوي پار ڪري، بياس وٽ وڃي پهتو هو (يعني بياس جي ساڄي ڪناري وٽ) سندس مقصد هيءُ درياهہ پڻ اڪرڻ هو. ڪراٽيرس مطابق بياس کي پار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. ان ڪري نہ، تہ اهو درياهہ وڏو هو يا

منجهس پاڻي گهٽو هو، پر حقيقت اها هئي تہ سندس پيٽ ۾ هيٺ ۽ مٿي عام جام ٽڪريون هيون".

هاڻي ڏنو وڃي تہ سڄي بياس جي پيٽ ۾ ڪاٿي بہ ٽڪري نظر ڪانہ ايندي. پلي اوهان پاڪ پٽڻ کان هڪ سو پنجهتر ميل ۽ بازيدپور ۽ قصور کان هڪ سو ميل مٿي وڃي ڏسو، تہ ڪِرناجي ٽڪرين ڪانسواءِ ڪاٿي بہ پٿر جو پور بہ ڏسڻ ڪونہ ايندو. پر ڪرنا واريون ٽڪريون بہ صفا اتر طرف آهن. بياس نديءَ جي الهندي ڪناري يعني باري دوآبي ۾ سڪندر جي فوجين بغاوت ڪئي هئي ۽ بياس اڪرڻ کان انڪار ڪيو هو، هو اڳتي وڌڻ کان پڙڪيدي بيٺا هئا. ان کان پوءِ هن پٿر جا ٻارنهن هم چورس قربان گاهہ ناهڻ جو حڪم ڏنو هو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن سندس هن جنگي مهم جو ڪو يادگار رهي. ان کان پوءِ ماڻهن کي فريب ڏيڻ واسطي اهو حڪم جاري ڪيائين، تہ سمهڻ لاءِ وڏا بسترا هتي ڦٽا ڪيا وڃن ۽ انهن جي جاءِ تي مختصر وڇاڻا ڪنيا وڃن ان کان علاوه هڪ مضبوط قلعو پڻ تعمير ڪيو وڃي.

هن مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ پاڪ پٽڻ ۽ قصور جي وچ تي پٿر ڪٿان آيو؟ هن مقصد واسطي يونانين پٿر تہ ڪٿي ڪٿان ٽڪرين مان آندا هوندا، پر درياه جي وهڪري ۾ ٽڪريون تہ پيدا ڪري ڪونہ سگهيا هوندا.

ڪراٽيرس جو چوڻ آهي تہ هيءُ ڪم پورو ڪرڻ کان پوءِ، هو جنهن رستي سان آيو هو، تنهن سان واپس وڃي چناب پرسان ڪيما ڪوڙيائين.

"لائيف آف اليگزينڊر دي گريٽ"، جنهنجو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، بيان ڪري ٿو تہ سڪندر موجوده چناب درياه پار ڪيو هو. پر ان درياه جو پيٽ ٽالمي پٽ لاگوس جي لکت مطابق هڪ ميل کن ويڪرو هو. .... ان کان پوءِ هن پنهنجي لشڪر

سميت ارواتي يا راوي پار ڪئي هئي. اتي اها خبر پئي تہ ڪانيآ قبيلي جي ويڙهاڪ ماڻهن پين پن قبيلن کي هشي ڏيئي جنگ لاءِ تيار ڪيو آهي ۽ اهي سانڊس مقابلي واسطي سانگلا نالي هڪ سگهاري قلعي ۾ تيارين ۾ مشغول آهن." هن احوال مان اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سانگالا جو مذڪوره قلعو رچنا دوآبي جي وچ تي موجود هو، جيڪو راوي کان گهٽو پنڌ پري هو. راوي (چناب؟) اڪرڻ کان پوءِ ٽئين ڏينهن تي ميسبو وينا وارا اچي سانگلا قلعي وٽ پهتا هئا. ان جي فتح کان پوءِ سڪندر کي پڌايو ويو تہ بياس کان پئي پار "انڊيا" وارو علائقو ڏاڍو سڪيو ستابو آهي. شايد اهو بياس ۽ ستلج جو گڏيل وهڪرو هجي. (هتي مصنف هن خيال جو آهي تہ ٢٢١٦ سال اڳ بہ ستلج ۽ بياس هڪ سو سال اڳ جيان گڏجي وهنديون هيون) .... سڪندر بياس اڪرڻ جو خيال ڪيو، پر سندس فوج درياه اُڪرڻ کان انڪار ڪيو. اهڙو ذڪر مٿي بہ اچي چڪو آهي." بياس جي ڪناري تي هن وڏا قربان گاهہ تعمير ڪرڻ جو حڪم ڏنو ..... سڪندر بياس کان موٽي (هن بياس پار ڪانہ ڪئي هئي) وري راوي ۽ چناب اڪري موٽي اچي جهلم تي پهتو.

اسٽرئبو بہ پين مورخن سان اتفاق راءِ رکي ٿو تہ سڪندر هئپانيز Hypanis (بياس) ڪونہ اڪريو هو. وڌيڪ اهو پڻ پڌائي ٿو تہ هن جهلم اڪري، جابلو علائقي جي ڪچ ڏئي، سفر ڪيو هو. تنهن ڪري معلوم ائين ٿئي ٿو تہ هن "هڙاپا" کان بہ منزلون ڪري پاڪ پٽڻ جي پرپاسي ۾ قربان گاهہ ڪونہ نهرايا هوندا. پر بياس ۽ ستلج جي وچ تي قصور ۽ بازيدپور جي سامهون انهن جي اڏاوت جو امڪان آهي. اسٽرئبو جي بيان مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ اهي قربان گاه قصور کان پنجاه ميل مٿي تعمير ڪيا ويا هوندا. سچيءَ ڳالهہ جو تت اهو وڃي بيهي ٿو تہ عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ واري دور ۾ بياس ۽ زارادروس، ميسودرس يا ستلج جي وچ تي اٽڪل پيانوي ميلن جي وٿي

هئي. گذريل صديءَ دوران بہ پنهي ۾ انتيهن ميلن جو فاصلو هو.

ڊاڪٽر (هاڻي سر) وليم سمٿ ايل ـ ايل ڊي پنهنجي تصنيف ”ڪلاسيڪل ڊڪشنري“ ۾ ٻڌائي ٿو تہ سڪندر وڏ ۾ وڏ بياس تائين پهتو، پر ان کان اڳتي ڪونہ وڌيو . ان سان گڏ هو پڪ ڏياري ٿو تہ اهو گهاري ”Garra “ درياه جو وهڪرو هو. پر حقيقت حال هيءَ آهي تہ ان دور ۾ هرياري، نيلي يا گهارو موجود ئي ڪونہ هئا. بياس ۽ ستلج جي دائمي طور گڏ وهڻ کي هڪ صدي بہ مس گذري هوندي ۽ سندن پاڻيءَ جي گڏيل وهڪري کي هيٺ گهارو ۽ مٿي هرياري يا نيلي سڏيو ويندو هو. اهي درياه چار سو سال کن اڳ بہ ٿوري وقت لاءِ گڏجي وڙها هئا. پر سندن گڏ وهڻ وارو طريقو هيءَ هو جو پاڻ ۾ ملي، ٿورو پنڌ گڏ هلي، وري نکڙي ويندا هئا ۽ ۱۷۵ ميل اڳتي هلي وري پاڻ ۾ ملي ويندا هئا. هئفاسس درياه، جنهن کان نہ تہ سڪندر پار اڪريو هو، ۽ نہ وري سندس فوج ئي پار وئي هئي، سا پڪ سان بياس هئي. مصنف هڪ چُڪ ڪئي آهي تہ فطري طور کانئس ٻي غلطي بہ ٿي وئي آهي. ”زاراڊروس“ جي عنوان مان هو سمجهي ٿو تہ اها ”ستلج“ آهي، جيڪا هيفاسس يعني ”گهاري“ سان ملي ٿي. هاڻي هو ”گهاري“ لفظ لکڻ وقت ”گهہ“ جو اکر ڪتب آڻي ٿو. پر اڳ ۾ هن ”گ“ جو اکر استعمال ڪيو آهي . اهڙيءَ ريت هو گهاري ستلج کي ٻہ جدا درياه سمجهي ٿو. پر جيڪڏهن اسان سندس ڏنل عنوان ڏانهن ڌسنداسون تہ هيفاسس کي هئپاسس ۽ هئپانيس لکي ٿو جنهن کي هو هندستان جو بياس Beeas يا گهارو درياه سڏي ٿو ۽ ڀانئي ٿو تہ اهي ٻئي هڪ ئي درياه آهن. ستلج سڪندر جي حملي کان ٻارنهن سو سال پوءِ بہ بياس کان اسي ميلن کان بہ مٿي، ڏور وهندي هئي. زاراڊروس يا زاڊاروس يا هيسوڊرس درياهہ تائين تہ يونان وارا پهتائي ڪونہ هئا.

سروي رڪارڊ، جيڪو منهنجو ذريعو آهي، تنهن هڪ عجيب حقيقت قلمبند ڪئي آهي.لاهور ۽ نور پور جي وچ ۾ ٽيٽيهن ميلن جو

فاصلو آهي. لاهور کان اڌ پنڌ ۽ انبال کان ڀ ميل اتر، ”ڪِرن نالي“ کان هڪ ميل ساڄي يا اتر طرف ۾ راوي جي ڪاپي ڪناري کان ساڍا چار ميل ڪن پري هڪ وڏو ٿلهو هو، جيڪو هڪ سو هٿ اتاهون هو ۽ ٻن تن ڪوهن تان ڏسڻ ۾ ايندو هو. اهو ٿلهو گذريل صديءَ تائين موجود هو. سندس چوٽيءَ تي هڪ قبر يا قبي جهڙي گول اڏاوت هئي، جنهن جي ڊيگهه اٽڪل ١٢ هٿ ۽ مُنڍو تي يا چار هٿ هو. هن اڏاوت بابت ماڻهن جون روايتون آهن، تہ هتي سڪندر ذوالقرنين جو هڪ دوست دفن آهي. مشرق جا عالم سڪندر کي ذوالقرنين ڪري لکندا آهن. سروي ڪرڻ وقت ان جاءِ کان راوي ايترو پري وهندي هئي جيترو هاڻي وهندي آهي.

(٣٩١) مقامي طور هن ماڳن کي ”ڪوٽا“ سڏيو ويندو آهي.

(٣٩٢) پاڪ پٽڻ سمنڊ جي مٿاڇري کان ٦١٦ فوٽ ۽ ديپال پور کان ١٠٦ فوٽ مٿي آهي. پاڪ پٽڻ کان ٻارنهن ميل مٿي ۽ هيٺ، هرياري نيلي ۽ گهاري جا ڪنارا جدا جدا ٥٣٨ ۽ ٥٢٠ فوٽ سمنڊ جي مٿاڇري کان مٿي آهن. اها ماپ پاڪ پٽڻ کان سراسري طور ٨٢ فوٽ گهٽ بيهي ٿي. اهو امڪان ئي ڪونہ آهي تہ ڪڏهن ديپال پور ستلج جي ڪناري سان موجود هجي. يا وري پاڪ پٽڻ ڪڏهن ستلج جو پٽڻ رهيو هجي. اهو درياهہ هن ماڳ جي ڀرسان موجوده دور کان وڌيڪ ويجهو آيو ئي ڪونہ آهي. هن ڏس ۾ ڪننگهام جو بيان غلط ڏسجي ٿو.

(٣٩٣) اڳئين حاشيہ ٣٩٢ ۾ ڏنل حقيقتن مان اسان کي معلوم ٿيندو تہ ”گهگر“ وارو علائقو، ترائيءَ ۾ موجود آهي ۽ اهو ترائيءَ وارو علائقو هوريان هوريان هيٺاهون ٿيندو، وڃي راوي ۽ چناب جي سنگم وٽ پهچي ٿو.

گذريل صدي جي اوڙڪَ تائين، شير ڳڙهہ کان هنجرائون ڏانهن

ويندي بياس ۽ راويءَ جي وچ تي اتاهون پوئو هوندو هو، جيڪو راويءَ ڏانهن لهنوارو ٿيندو هلندو ويندو هو. وچ تي، ملتان کان لاهور ويندڙ ريل بند سان هڪ وڏو ڍورو dhoro هو، جنهن کي ”پلٽيءَ“جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اولهہ کان اوڀر سندس ڏيگهہ پنج ڪوهہ ۽ منڍو هڪ ڪوهہ هوس. ساوڻ جي برساتين جي رُت کان سواءِ سڪل هوندو هو ۽ مذڪوره ڍورو ان اتاهين ميدان جي وچ تي هو. شير ڳڙهہ ۽ هنجرائون جي وچ تي ڪابہ وانڊ وستي ڪانہ ڏسبي هئي. گهاٽو جهنگ سو جام نظر ايندو هو. اتر طرف ”ونڊيري“ ۽ ”سلابت“ پنڊ تائين يعني راويءَ جي ڪاڀي ڪناري کان هڪ ميلُ ۽ ”سعيد والا“ کان ست ميل پري تائين پکڙيل هوندو هو.

(۳۹۴) چت chit معنيٰ وينل ۽ تراڪڙي وغيره. ڍوئان يا ڍوئا جي معنيٰ ڪنارو، ڪپر، دڙو ۽ پوئو. اسان جي هڪ نقشي ۾ هن پوئي کي چت ڍوئين Chit duen ڪري لکيو ويو آهي.

(۳۹۵) ڏسو پوئين صفحي جو حاشيہ ۳۹۲.

(۳۹۶) ڏسو ايندڙ حاشيہ ۳۹۹ .

(۳۹۷) ڪالي وائن يا ڪلي بائن جي هيٺين پاسي کي نقشي ۾ ”ڪالنا رِوَرِ “ ڪري لکيو ويو آهي. پر ٿورو مٿي وري سندس نالو ”وائن ندي“ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ”ڏالي وائن“ کي بہ بائن ندي لکيو ويو آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي، تہ شايد هڪ کي وائن ۽ ٻيءَ کي بائن ندي سڏيو ويندو هو. گزيٽيئرن ۾ وري ”ڪالي بين“ Kaliben ۽ ”سفيد بين“Sufed ben لکيل آهي. سفيد فارسي لفظ آهي، جنهن کي هندي لفظ سان ڳنڍيو ويو آهي.

هنديءَ ۾ ڌئالي لفظ جي معنيٰ سفيد ۽ بائن يا وائن جو مطلب وهڪرو آهي. ان کي نڙو ۽ نالي وغيره بہ چئجي سگهجي ٿو.

ڌئالي وائن يا بائن، موجوده دور کان قديم زماني ۾ جلندر جي

وڏيڪ ويجهو وهندي هئي، جڏهن جسرت پٽ شيخو ڪوکر ۸۲۴هه (۱۴۲۱ع) ۾ بغاوت ڪئي هئي، تہ هن جلندر جي قلعي تي اچي گهيرو ڪيو هو. تنهن زماني ان علائقي جو جاگيردار، "زرڪ خان" هو، تنهن وچي قلعي ۾ پناه ورتي هئي. جسرت پنهنجي فوجي وانڍ وچي سرستيءَ تي قائم ڪئي، جنهن کي ان دور ۾ ڏئالي وائن يا بائن سڏيو ويندو هو. زرڪ خان اهو حال ڏسي جسرت سان صلح ڪري قلعو خالي ڪيو. سلطان مبارڪ سان لشڪر وني هن مقابلي واسطي پيش قدمي شروع ڪئي. لاهور تنهن وقت هڪ کنڊر کان وڌيڪ ڪونہ هو. سلطان لاهور جي قلعي جي نئين سر اڏاوت ڪئي ۽ اهڙيءَ ريت شهر جي حفاظت ڪيائين. هيءُ بيان مٿي ڪاتي اچي چڪو آهي.

(۳۹۸) هي "دوسوهہ" جي هجي ۾ لکيل آهي . پر ابوالفضل آئين اڪبري ۾ هن لفظ کي "ديسوه" ڪري لکيو آهي. اسان جي نقشن ۾ Dusooyuh ۽ Dussahah ڏسڻ ۾ اچي ٿو. معاملو اهڙو آهي جو، هجي مطابق ڪي بہ ٻہ نقشا پاڻ ۾ ڪونہ ٿا ملن، ٻيو وري سندن لفطن جي صورتخطي پڻ ڪجهہ غلط آهي.

روايتن مطابق هن شهر جو بنياد پنج هزار سال اڳ رکيو ويو هو ۽ اهو مها ڀارت جي راجا پرت جي گاديءَ جو هنڌ هو. بنواس واري دور ۾ پنج ئي پانڊو هن وٽ اچي ٽڪيا هئا. ان زماني ۾ ڪوروَ ڪانئن گهٽو سگهارا هئا.

(۳۹۹) سروي رڪارڊ مطابق، جيڪڏهن ديپال پور سلطان ڪوٽ ذريعي قصور وڃبو تہ ان جڳهہ کان اڌ ميل کن ڏور خان واه "Khan wahah" نالي هڪ واهڙ آهي، جنهن ۾ قديم زماني ۾ بياس درياه جي هڪ ڇاڙهہ وهندي هئي، جيڪا ديبال پور جو ڏاکڻون پاسو ڏئي، ڏکڻ - اوپر پاسي وهندي هئي. بياس جي هن ڇاڙهہ کي بہ بياس ئي سڏيو ويندو هو. بياس هاٽي هن ڇاڙهہ کي ڇڏي وئي آهي ۽ هاٽي

سڪل آهي. گزيٽيئرن کان سواءِ هن کي ڪڏهن بہ ”گهاري“ جي نالي سان ڪونہ ڪوٺيو ويو آهي.

موجوده دور ۾ پاٽيءَ جو هڪ وهڪرو ”شام ڪوٽ“ جي اتر ۾ اڌ ڪوهہ ويجهو وهڻ بدران، هن شهر کان ڪوهہ کن جي فاصلي تي ڏکڻ طرفان وهندو آهي ۽ ديبال پور وٽان هن دوآبي مان مختلف دورن ۾ ڪيترا ڀيرا وڙهو آهي. پر هن ” ڪتورا واهہ“ بابت اسان کي ڪاٿي هڪ حرف بہ لکيل ڪونہ ٿوملي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن پوئين دور ۾ ڪيس ڪوٺي بڻايو ويو هجي. پاٽيءَ جو هي ننڍو وهڪرو آهي، جنهن کي ڪوٺي سندس پاٽي ڪٽب آندو ويندو هو.

(۴۰۰) پراٽو پيٽ جنهن ۾ صفا پوئين زماني ۾ بياس وهندي هئي، تنهن جو ويجهي ۾ ويجهو ماڳ ملتان کان ارڙهن ميل وٿيرڪو آهي. شايد هن وهڪري ڇڏڻ کان چناب مان هڪ واهہ ڪوٽي مذڪوره ماڳ تائين آندو ويو هو، جيڪو ”سيتل کي ماڙيءَ“ پرسان لنگهندو هو. ڏسو حاشيہ ۳۵۴.

(۴۰۱) چڪ مخدوم رشيد ۽ دين محمد واري ٽپي کان اتر آهل ، جتي راويءَ جي ڪاهي پاسي ۽ سڪل بياس جي ساڄي طرف وارا واريءَ جا ڍها آهن، اتي پاٽيءَ جي وڏيءَ پائيندڙ ۽ڪاڌ جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن مان معلوم ٿيندو تہ ڪنهن زماني ۾ اهي ٻئي درياهہ هتي اچي سنگم ڪندا هئا. ڏسو ملتان وارو سڪہ يا اسڪہ ص ۲۴۴ حاشيہ ۱۹۲.

(۴۰۲) بئائليو Boileau پنهنجي تصنيف ” پرسنل نئريٽرو“ ۾ لکي ٿو تہ ” پيڙ والي“ Paberwali دائود پوٽن جي شهرن مان هڪ آهي“ ٻئي هنڌ وري لکي ٿو تہ، ” جيڪڏهن ڪانپور کان بهاول پور وڃبو تہ ” منڙا ڳوٺ“ ٻارنهن ۽ ڏلاور، چويهہ ڪوهہ ٿيندو“.

اهي ٻئي ڳوٺ ڏار ڏار هِجي ۾ لکيل آهن ۽ ٻئي هڪ ٻئي ڳوٺ

جا نالا آهن. منهنجو ويچار آهي تہ پابيا جي پراڻي شهر سان واسطو رکن ٿا، جنهن جو ذڪر مٿي ڪاٺي اچي چڪو آهي، يا وري اهو ماڳ ان جي بلڪل ويجهو هوندو.

ڪروفٽون Crofton پنهنجي تصنيف "پلان فار سرهند ڪئنال" ۾ لکي ٿو تہ، "بابڙ والا" بهاول پور کان ساڍا تيرهن ميل ڏکڻ اولهہ طرف ۽ بياس درياه جي واريءَ وارن ڊهن جي پرسان آهي" هن بياس جو ذڪر بلڪل صحيح نموني سان ڪيو آهي ۽ هن کي گهارو درياه ڪونہ ٿو سمجهي، جنهن کي واري جا ڍها ڪونہ هوندا آهن. معلوم ائين پيو ٿيندو تہ هي سڄو علائقو ڪنهن تازي دور جو ٺهيل آهي. ڏسو ص ٣٨٦. قديم زماني ۾ بياس، ملتان جي اوپر طرف چناب ۽ راويءَ سان سڌو ڏکڻ منهن ڪندي هئي.

هيءَ اهائي ساڳي جڳهہ آهي، جنهن کي ڪروفٽن "پوڙاوالا" Powarwala سڏي ٿو. هيءَ ماڳ، جتي پراڻو پابيا جو شهر هجڻ کپي، تنهن کان گهٽو ڏکڻ طرف آهي. ڏسو حاشيہ ١٩٢.

(٤٠٣) هن وڏيءَ پوڏ جو ذڪر ص- ٩٣ تي ڪيل آهي، پر ان جا سبب بيان ٿيل ڪونہ آهن. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ڪنهن پرندڙ جبل ڪري اهڙي قسم جي وڏي اٿل آئي هئي. چاڪاڻ تہ ڌرتي ڌڏڻ ڪري وڏا دڙا ۽ ٿل وارو پونو نڪري نروار ٿيو، جنهن جو ذڪر اڳي بہ ڪيو اٿم، جنهن ڪارڻ زمين جي مٿاڇري تي اهڙي قسم جي وڏي تبديلي اچي وئي آهي.

اهي تبديليون فقط هنن ٻن دوآبن ۾ ڪونہ آيون هيون، پر، ان کان اولهہ طرف سنڌوءَ سندس پرتي ڪنڌڙ شاخون بہ گهٽو متاثر ٿيون هيون. اهڙيءَ ريت ٻئي طرف، هاڪڙي تي بہ ان جو وڏو اثر پيو. ڏسو حاشيہ ٣٠٧ .

(٤٠٤) ابوالفضل پنهنجي تصنيف آئين اڪبريءَ ۾ لکي ٿوتہ

اڪبر بادشاھ جي زماني ۾ سنڌو درياھ اچ جي اولهہ طرف پنج آب جي درياھن سان سنگم ڪندو ھو.

سنڌو ملتان ۽ اچ جي حڪمران سلطان ناصرالدين قباچہ جي زماني ۾ اچ جي اولهہ طرف پنجاب جي درياھن سان ملندو ھو. جڏھن مغلن اچ تي حملو ڪري، ھن شھر مٿان گهيرو ڪيو ھو، تنھن زماني ۾ بہ سنڌو ساڳيءَ ريت مذڪوره درياھن سان اُچ جي اولهہ ۾ ملندو ھو، اھڙو حوالو مٿي اچي چڪو آھي. ھن صورتحال بابت ھڪ ٻي بہ روايت بيان ڪئي ويندي آھي تہ جنھن زماني ۾ مخدوم جھانيان پنھنجي شھرت جي اوج تي ھو، تڏھن شيخ يحيٰ ڪبير بختيار شيراني افغان اچ آيو ھو. چيو ويندو آھي تہ ان موقعي تي سانوڻ جي رت ھئي ۽ مينھن جام پيا ھئا. سنڌوءَ ۾ وڏو چاڙه ھو ۽ اٿل ڪندو اچي اچ تائين پھتو ۽ شھر جون ڪيتريون ئي جايون پائي ڪٽي ويو. اتان جا ماڻھو ڊڄي ويا ۽ گڏجي اچي ان درويش وٽ پھتا ۽ مخدوم جھانيان بہ ڪيس التجا ڪئي . ھن بزرگ فرمايو تہ مخدوم! لڳي ٿو تہ سنڌوءَ اسان کي ٻوڙڻ لاءِ چاڙھہ ڪيو آھي. توھان جھڙو ماڻھو اسان سان گڏ ھجي پوءِ بہ سنڌو اسان کي ٻوڙي ڪٽي وڃي. نہ مخدوم صاحب ائين ڪونہ ٿيندو "مخدوم صاحب ڪيس وراڻيو "جيڪا رب جي رضا ھوندي، ان آڏو ڪنڌ جھڪائڻو پوندو، ھو، انھيءَ ۾ راضي آھي جيڪو ڪجھہ ھو ڪري رھيو آھي ۽ اسان کي "چو" ۽ "چا"جي ٻولي ٻولڻ نہ گھرجي.

اھو واقعو جمع جي رات پيش آيو. مشرق ۾ رات اَڌ ۾ ۽ ڏينھن پوءِ ڀڳيو ويندو آھي. اسان جي رواج موجب اھا خميس جي رات ھجڻ کپي. مخدوم ماڻھن کي چيو " اوھان سڀ پنھنجن گھرن ڏانھن موٽي وڃو ۽ وڃي الله‌پاڪ جي دل جي گھراين سان عبادت ڪريو ڪيس ٻاڏايو. ھو توھان کي خواب ۾ ھدايت ڪندو تہ اوھان کي ھن مامري ۾ ڇا ڪرڻ گھرجي." صبح ٿيڻ شرط شھر جا ماڻھو وري اچي وٽس گڏ ٿيا ۽ ڪيس پنھنجا خواب ٻڌائڻ لڳا. مخدوم صاحب کين چيو تہ، مون

رات خواب ۾ نبي ڪريم ﷺ جي زيارت ڪئي آهي، جنهن فيصلو ڪري مونکي هدايت ڪئي ۽ چيو تہ اي مخدوم! مهتر موسيٰ جي زماني ۾ مهتر خواجہ خضر سنڌوءَ مان وضو ڪرڻ لاءِ هڪ زاهد بزرگ واسطي وڏي سر ناهي ، پچائي هئي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن وضو ڪندي سندس پيرگپ ۾ خراب نہ ٿين ۽ اها سر فلاڻي هنڌ پوري پئي آهي. هاڻي اچو تہ اها سرڪٽي اچون ۽ آئي يحيٰ ڪبير بختيار کي ڏيون. سنڌوءَ جي پاڻي وٽ، جنهن هنڌ هيءُ درويش اها سر رکندو، تہ پوءِ ان کان اڳتي ڪانہ وڌندي ۽ اُچ جي شهر کي وڏيڪ ڏک ڏولائو ڪونہ ڏسڻو پوندو".

پوءِ مخدوم صاحب ماڻهن سان گڏجي ان جاءِ تي پهتو ۽ ڪين زمين کوٽڻ جي هدايت ڪيائين. اتان اُها سر لڌي، سا ڪٽي اچي مخدوم صاحب جي آڏو رکيائون. مخدوم اها سرڪٽي يحيٰ ڪبير کي ڏني ۽ چيائينس تہ، هيءَ سر توهان پنهنجي مبارڪ هٿن سان سنڌوءَ جي ڪناري تي رکو، هن مخدوم کي چيو تہ متان مون کان سواءِ ڪو ٻيو يحيٰ هجي جيڪو الله کي وڏيڪ پيارو هجي. حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جو اشارو هرو ڀرو مون يحيٰ ڏانهن ڪونہ هوندو، جنهن سندس ارشادن ۽ احڪامن کي پورو ئي ڪونہ ڪيو آهي. مخدوم صاحب وراڻيو تہ، "محمد ڪريم ﷺ مون کي ارشاد فرمايو تہ اهو روح الله آهي، سليمان جبل کان آيو آهي ۽ سندن ٻولي پشتو آهي" ان کان پوءِ خواجہ يحيٰ ڪبير بسم الله چئي اها سر ورتي ۽ ان جاءِ تي رکي، جنهن جاءِ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ ارشاد فرمايو هو. پوءِ الله تعاليٰ سنڌوءَ کي واپس هٽڻ جو حڪم ڪيو. هن بزرگ هيءَ دعا گهري تہ، " يا الله! درياه کي حڪم ڪر تہ هن حد کان هو اڳتي نہ وڌي ۽ اچُ کي-هميشہ لاءِ هن کان ڪوبہ جوکو نہ رسي".

(۴۰۵) موئر Muir پنهنجي ڪتاب سنسڪرت ٽيڪسٽ (جلد

۱ ـ ص ۴۱۷) ۾ ويدن جي روايتن ۾ ڏند ڪٿائن جو حوالو ڏئي، ٻڌائي ٿو تہ هڪ خطرناڪ درياه جنهن کي ستادرو Satadru ستلج چيو ويندو هو، جنهن ۾ بيشمار واڳون ۽ شير رهندا هئا. برهما جي جڏهن مٿس نظر پوندي هئي تہ سَوَنِ رُخن ۾ وهڻ شروع ڪندو هو، تنهن ڪري هن تي اهو نالو پيو. جڏهن واسيشٽا Vasishtha نالي هڪ جهونجهار کي اهو پتو پيو تہ وسوامِترا Visvamitra سندس پٽن کي قتل ڪري ڇڏيو آهي تہ هن پنهنجو پاڻ کي هن درياه ۾ ڪٽي اڇلايو. هي ان زماني جي ڳالهہ آهي، جڏهن پراڻي زماني ۾ برهمڻن ۽ ڪشترين جي وچ ۾ وڏي ويڙه لڳي هئي".

پئي هنڌ (جلد II ص ۴۱۷) ۾ لکي ٿو تہ " خطرناڪ ستادرو (ستلج) ۾ گهڻا شير رهندا آهن. جڏهن برهما جي باه جيان ٻرندڙ منهن تي سندس نظر پوندي آهي، تہ هڪ سو رخن ۾ ورهائجي ويندي آهي" .ٻين مصنفن جو چوڻ آهي تہ " ستادرو جي معنيٰ آهي هڪ سو وهڪرن واري" اهي نالا هن درياه تي ان ڪري رکيا ويا آهن، جو هن پنهنجا وهڪرا جلدي جلدي پئي بدلايا آهن.

(۴۰٦) اهي چاندي جاسڪا هئا، جن جو ملهہ اٽڪل روۂ ساڍا چار لک روپيہ ڪن ٿيندو. ڏسو ٿامس جو ڪتاب " پٺان ڪئانس" .

(۴۰۷) عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان وني بني تميم وارا سگهارا حاڪم رهيا هئا ۽ انهن ڪيترن خليفن هيٺان گورنر طور ڪم ڪيو. مبارڪ شاه بہ عربن جي ان تميم قبيلي مان هو، جنهن قبيلي ست صديون هڪ آزاد حڪمران طور حڪومت ڪئي . ڏسو حاشيہ ۳۱۵ .

(۴۰۸) ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو تہ هن ملتان ڏانهن ڪو ڏيان ئي ڪونہ ڏنو هو. ڇاڪاڻ تہ هن، اتي پنهنجون فوجون ڪونہ رکيون هيون ۽ هر حملي آور لاءِ ان کي کُليو رکي ڇڏيو هئائين.

(۴۰۹) ان زماني ۾ اهو ستلج جي ڪناري تي هو.

(۴۱۰) ڏسو صفحو ۲۷۸

(۴۱۱) ان وقت چاڙهہ جيترو پاڻي موجود ڪونہ هو، پر سياري جي موسم واري سطح کان گهٽو مٿي هو.

(۴۱۲) موجوده دور ۾ هنکي ” پيرخالص" ڪري چوندا آهن، نقشي ۾ هن ماڳ کي Peerkhalis ڪري چوندا آهن.

(۴۱۳) ڪننگهام پنهنجي ڪتاب اينشنٽ انڊيا ص ۲۱۸-۲۱۹ تي اجوڌن کي ستلج جو صديون پراڻو پتڻ سمجهي ٿو ۽ چوي ٿو تہ ہے وڏا فاتح محمود ۽ تيمور ۽ دنيا جو وڏو سياح ابن بطوطا هن تان ستلج پار ڪئي هئي. مان مٿي بيان ڪري آيو آهيان تہ ابن بطوطا جي ڪتاب ۾ ستلج پاراڪرڻ جو ڪاٿي بہ ذڪر ڪونہ آهي ۽ اجوڌن ۽ ابوهار جي وچ تي ڪنهن بہ درياه جو ذڪر ڪونہ ٿو ملي. محمود غزنوي ۽ نہ وري امير تيمور جي ڪنهن بہ مورخ ستلج يا ستلاج جو ڪاٿي ذڪر ڪيو آهي.

ڪجهہ هيٺ ڀئي هنڌ چوي ٿو، ” هن پتڻ لاءِ چيو ويندو آهي تہ (ڪنهن چيو آهي، تنهن جو نالو ڪونہ ٿو ڀڌائي) تہ سنہ ۳٦۷هہ

(۷۸ - ۱۹۷۷ع) ۾ سبڪتگين فتح ڪيو هو. وري ابراهيم غزنوي ۴۷۲هہ

(۸۰ - ۱۷۷۹ع) ۾ هن شهر کي فتح ڪيو هو .... پاڪ پتڻ جو موجوده نالو ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿو. ڏسو ۴۲۰.

اهڙي ڪا قديم تاريخ آهي ئي ڪانہ، جنهن ۾ اهو ذڪر هجي تہ سلطان ابراهيم غزنويءَ اجوڌن کي فتح ڪيو هو. ڇاڪاڻ تہ پنجاب جو سڄو علائقو ويندي اوپر هاڪڙي درياه تائين، جنهن ۾ اجوڌن شهر بہ موجود آهي، سنہ ۴۷۲هہ کان ٻاهتر سال اڳئي غزنوي سلطانن جي قبضي هيٺ هو. تاريخ الفي، قديم تاريخن جو حوالو ڏيندي ٻڌائي ٿي تہ

فرشتہ هن شهر اجوڌن کي غلطيءَ وچان پاڪ پٽڻ سمجهيو آهي. هن ماڳ کي فقط اجود Ajud يا Achud سڏيو ويندو هو. هن ٺاڪ کان لاهور هڪ سو فرسنگ يا ٽي سو ميل پري آهي، تنهن زماني ۾ لاهور سندن فتح ڪيل علائقي جي راڄڌاني هوندو هو. مٿئين علائقي جي فتح ڪرڻ کان پوءِ اومان Uman نالي هڪ قلعو بہ ڪٽيو ويو هو. هيءُ قلعو هند hind جي سرحد سان هڪ دڙي تي واقع هو، جنهن جي هڪ پاسي سمونڊ هو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ويندڙ ٻيڙا ڏسجي رهيا هئا. ٻئي طرف کان ايڏو گهاٽو جهنگ هو، جو سج جو ترورو بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو. قلعي جي هيٺان بيهڻ ۽ حملي واسطي لشڪر کي ڪائي جاءِ ڪانہ ٿي ملي سگهي. جيڪو طرف ۽ فاصلو ڏيکاريو ويو آهي، تنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو قلعو ڪنهن سامونڊي ڪناري، سنڌ ۽ ڪامبي (Cambay۔ کنبيات) جي وچ تي ڪانياواڙ جي سامونڊي ڪناري سان آهي، سلطان ابراهيم لاءِ اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هن اڏيپور جو قلعو بہ فتح ڪيو. جنهن ۾ خراساني نسل جا ماڻهو آباد هئا، جن کي قديم زماني ۾ افسرياب پاڻ سان وٺي آيو هو. هن قلعي جي چوڌاري هڪ وڏي ڍنڍ هئي ۽ گهاٽو جهنگ هو. هندو راجائون ائين سمجهندا هئا، تہ هنن گهاٽن جهنگن مان پار وڃي ڪونہ سگهبو".

(۴۱۴) ڪننگهام (اينشنٽ انڊيا ص ۲۱۰) ٻڌائي ٿو تہ ستلج ۽ بياس جي موجوده سنگم کان ڪي صديون اڳ قصور ۽ فيروز پور جي وچ " ڀائو ڪي پٽڻ" Bhaoki Patan کان مٿان مذڪوره درياه پاڻ ۾ ملندا هئا. هن سنگم جو، جوهر Jauhar بہ ذڪر ڪيو آهي تہ هيءُ ميلاپ ۱۵۵۵ع ۾ بہ هو" پر هيءَ ڳالهہ غلط نظر اچي ٿي. جوهر همايون بادشاه جو آفتابچي هو. اسٽيوئارٽس Stewarts جي ڪيل سنڌس ترجمي ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهہ نظر ڪانہ ٿي اچي ۽ نہ وري اصلي نسخي ۾ اهڙي حقيقت لکيل آهي، تہ " ڪڏهن ڀائو ڪي پٽڻ" موجود هو. اصلي لفظ لوهہ آهي. ڪن ان لفظ کي غلطي وچان (بوهہ) سمجهيو

آهي. جوهر جا پنهنجا لفظ هي آهن (مان استيئارٽ جي ترجمي جو حوالو ڏئي رهيو آهيان، ڇاڪاڻ تہ ڪننگهام بہ هن ترجمي جوئي حوالو پيش ڪيو آهي) "جيڪي سردار جلندر موڪليا ويا هئا، سي ستلج اڪري "ماڇ وارچ" Mach warch (ڪننگهام ماڇي والا جي هجي ائين لکي آهي) مان لنگهي سرهند جي علائقي ۾ داخل ٿيا، (سندس مطلب سهرند آهي) ٻئي صفحي تي لکي ٿو تہ، " بادشاه کي اطلاع مليو تہ عمر گهکر، ستلج ۽ بياس جي سنگم واري ٿاڪ فيروز پور وٽ وڏو لشڪر گڏ ڪيو آهي." هن بيان کان وڌيڪ ڪتاب ۾ ڪو بيو ذڪر ڪونہ آهي "افغانن ستلج جو "ماڇ وارچ" Machwarch جي سامهون هڪ بيو پتڻ ڏنو هو. بيرم خان بہ ستلج، پتڻ کان پار اڪريو، جتان افغان ٽپيا هيا "........... اهڙيءَ ريت خود بادشاه بہ ماڇ وارچ" جي پتڻ تان ستلج پار ڪئي ۽ سرهند ۾ ٽڪيل لشڪر سان وڃي مليو".

نقشن ۾ هن پتڻ جو نالو، "بوه" لکيل آهي ۽ ڪننگهام بہ غلطيءَ وچان "بوهہ" Bhooh کي "ڀائو" Bhao ڪري لکيو آهي، جيڪو ماڇي وارا Machhi wara کان ٽيويهہ ميل مٿي ۽ هري - ڪي - پتڻ کان بہ ميل کن اتر اولهہ طرف آهي. مذڪوره ماڳ ٻنهي درياهن ١٨٧٤ع تائين رهندڙ سنگم کان ڪجهہ فاصلي تي اتر - اوڀر طرف هو. ڏسو حاشيہ ٢٤٤ .

(٤١٥) ڏسو ص ٣٧٢ .

(٤١٦) هيءَ اها سُوک ناءِ، نہ آهي جنهن جو ذڪر ص ٣٨٦ تي ڪيو ويو آهي. هن مرڪب لفظ جو مطلب "سڪل پيٽ" آهي، جيڪو ڪنهن بہ سڪل پيٽ کي سڏي سگهجي ٿو، جيڪڏهن هن لفظ جي وضاحت نہ ڪبي، تہ مونجهارو ٿي سگهي ٿو.

(٤١٧) هن حقيقت مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ "سوک ناءِ ۽

سوک بياس" ويروتار وهندڙ وهڪرا ڪونہ رهيا هئا. اسان کي اهو بہ وسهڻ نہ گهرجي تہ موجوده دور جيان اڳي بہ ايترا وڏا هوندا. چاڪاڻ تہ اهي وهڪرا جنهن شڪل صورت ۾ هاڻي ڏسون ٿا، ہہ سال اڳ ائين ڪونہ هئا. اها تبديلي اٿيهئي ٿيندي رهي آهي. هڪ اهڙو پراڻو پيٽ اڃا بہ موجود آهي، جنهن کي ماڻهو هرياري جي نالي سان سڏيندا آهن، جيڪو ڏکڻ طرف ستلج ڏانهن ويندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هاڻي ان جا نشان پٽا ذري گهٽ ڊهي ختم ٿي ويا آهن. پر جڏهن اها وهندي هئي تہ کيس "دوآبي" نالي سان سڏيو ويندو هو، اهڙو بيان اسان کي ٣٧٢ صفحي تي ڏسڻ ۾ ايندو. هن جو وڌيڪ بيان اڳتي ايندو.

(٤١٨) "لاسٽ رِور" مقالي جو مصنف ڪَلڪتي رِويو، جي (ص ١٣) ۾ لکي ٿو تہ، "آئين اڪبريءَ ۾ لکيل آهي تہ بياس ۽ ستلج جي گڏيل پاٽيءَ جو وهڪرو (١٥٩٨ع)۾ چئن چاڙهن ۾ وهندو هو، جيڪي وري ملتان پرسان اچي پاڻ ۾ ملنديون هيون. سندن نالا، هر هاري، نرني ۽ ڍنڍ Dhand هوندا هئا. ڍنڍ نالي وارو وهڪرو ماڻهن وٽ اڃا بہ مشهور آهي"

هتي غلط بيانيءَ کان ڪم ورتو ويو آهي. آئين اڪبريءَ جي اصلي نسخي کي جيڪڏهن ڏسبو تہ منجهس اهڙو ذڪر ڪونہ ملندو. مصنف شايد گلئڊون واري ترجمي مان اهڙيون حقيقتون ورتيون هونديون. اصلي نسخي ۾ بيان ڪيل حقيقتون بلڪل ائين آهن، جيئن مون ص ٢٩٦ تي بيان ڪيون آهن، تہ ٻنهي درياهن جي گڏيل وهڪري مان ٽي چاڙهون ٿينديون هيون يا وڌ ۾ وڌ چار.

رنيل بہ ساڳي ذريعي مان حوالا پيش ڪيا آهن. ڏسو ص ٤٠٥ .ڪلڪتہ رويو جو مصنف بہ بيان ڪري ٿو تہ ستلج ۽ بياس (ائرين ۽ استرئبو جي دور ۾) ڪَڇَ جي رڻ ۾ پهچڻ کان اڳ پاڻ ۾ ڪونہ ملنديون هيون. مان سمجهان ٿو تہ مذڪوره ليکڪن جي انهن درياهن

جا ڪي اهي نالا لکيل هوندا.

(۴۱۹) ڪڇ نہ پر ڪڇ-لٽ يا واري جيڪا درياهہ چاڙھ دوران زمين تي چڙھندو ويندو آهي. ان نقطہ نگاہ کان شڪارپور کان الهندي علائقي ۾ سمنڊ پرسان موجود جوءِ کي ڪڇ چيو ويندو آهي*

ڪڇ پڇ جو نالو بہ ان لفظ مان ورتو ويو آهي. درياہ جي ڀنهي ڪنڌين سان درياہ پنهنجو لٽ چڙھيندو ويندو آهي، ان ڪري مذڪوره علائقي کي انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت گهاري، نيلي ۾ هرياري جي ڀنهي ڪنڌين سان موجود جوءِ کي "ڇوٽي ڪڇي" چيو ويندو آهي، هن علائقي جي آبادي چاڙھ جي پاڻيءَ تي مدار رکي ٿي. ڏاکڻين ڪناري سان موجود وارياسي کان پوءِ ٻيلي جو سوڙهو پٽو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اتر پاسي " نيلي" بر ۾ ٻيلو ايڏو تہ گهاٽو آهي، جو ڪوبہ گهوڙيسوار منجهائنس سفر ڪري نٿي ڪونہ سگهندو آهي. پيادل ماڻهو ڏاڍي ڏکيائي سان سفر ڪري سگهي ٿو. هرهڪ بيشا Beshah يا ٻيلي کي پنهنجو نالو آهي. انهن مان هڪ جو نالو نيڪالي ڪنڊ آهي. هتان جا جاٽ قبيلا آئيءَ ۾ اٽانگي ويل هنن ٻيلن ۾ اچي لڪندا آهن. اتر واريءَ هن لتاشي جوءِ کي اتريون ڪڇي دوآبہ چوندا آهن. ڏسو حاشيہ ۳۶۰ . (۴۲۰) ڪننگهام (اينشنٽ انڊيا ص ۲۱۷) چوي ٿو تہ، " ديپال پور اتر پنجاب جي راڄڌاني هئي" ۾ هن شهر کي ٽالمي جو ذڪر ڪيل شهر " ڊائڊالا" سمجهي ٿو، جيڪو لئبوڪلا Labokla ۾ آماڪتيا Amakatia يا لاهور ۾ "انباڪاپي" Ambakapi کان ڏکڻ ڏس تي ستلج جي ڪنڌيءَ سان آباد هو. وري ص ۱۴۰ تي هيءُ صاحب " دهليءَ کي ڊائڊالا سمجهي ٿو".

ان مامري ۾ فقط هيءَ گذارش ڪندس تہ ديپال پور ڪڏهن بہ ستلج جي ڪناري تي رهي ئي ڪانہ آهي ۾ نہ وري ستلج ڪنهن دور ۾

* ڪڇ معنيٰ ڪنڌي يا ڪنارو آهي. جيئن ڪيرٿر جبل جي ڪنڌيءَ کي ڪاڇو ۽ سمنڊ پرسان ملڪ جو نالو ڪڇ آهي. ڪڇ معنيٰ لٽ يا واري ڪانہ ٿيندي. (مترجم).

پرپاسي سان وُڙهي آهي. ستلج جي وهڪري جو لاڙو هميشہ اوپر کان الهندي طرف رهيو آهي. هيءُ درياه ڪڏهن بہ بياس سان سنگم واري ٿاڪ کان الهندي سرڪيو ئي ڪونہ آهي. ٻنهي درياهن جي گڏيل پاٽيءَ جي وهڪري کي "ماڇو واهہ"، هرياري ۾ نيلي سڏيو ويندو هو. سندس هيٺئين ڀاڱي جو نالو گهلوءَ جو گهارو هوندو هو. هن درياه جي ويجهي ۾ ويجهي ڪنڌي بہ ديپال پور کان اچ بہ ارڙهن ميل پري ڏکڻ - اوير ڏس تي آهي.

ٻيءَ جاءِ تي وري چوي ٿو تہ، "تنهن ڪري وڏو امڪان هن الهہ جو آهي تہ سڪندر پرڊيڪاس Perdikkas کي راويءَ کان ايرندي موڪليو هو، جنهن يوناني فوج ساڻ ڪري ستلج جي ڪنڌيءَ سان موجود اجوڌن تي حملو ڪيو هوندو. اتان کان ٽيندو، لُڊاڻ، ميلسي، ڪهرور ۽ لوڌران کان ٽيندو اچ پهتو، جتي سڪندر جو لشڪر وانڍ هنيون ويٺو هو".

حقيقت اها آهي تہ ستلج ان زماني ۾ اجوڌن جي پرسان وهي ئي ڪانہ رهي هئي (ڏسو اڳتي ايندڙ حاشيہ ٤٢١) نہ هاٽي وهي ٿي ۽ نہ وري اڳ ڪنهن دور ۾ وُڙهي آهي. گذريل صديءَ جي پڇاڙيءَ دوران، جڏهن ستلج ۽ بياس پاڻ ۾ مليون، تہ بہ ستلج جي پاٽيءَ جو وهڪرو بہ اجوڌن کان چوويهہ ميل اوير کان وهندو هو. اهو صدي ٻہ اڳ چاليهہ ميل اوير ۾ هو. جڏهن ستلج ۽ بياس ٿوري وقت لاءِ " لوه وال" وٽ پاڻ ۾ ملنديون هيون، تہ سندن گڏيل پاٽيءَ جي وهڪري کي هرياري ۽ ابوالفضل مطابق نرني سڏيو ويندو هو (ڏسو ص ٣٧٢) سندن پاٽي گڏيل وهڪري کان پوءِ اڳتي هلي، ٽن ڇاڙهن ۾ ورهائجي ويندو هو. وچين منجهائن نندي هئي، جيڪا اجوڌن جو اوياريون پاسو ڏئي ويجهو وهندي هئي، جنهن کي "سوکَ ناءِ" ڪري سڏيو ويندو هو. باقي ٻين ٻن مان هڪ بياس هئي، جيڪا پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ وهندي هئي.

سـتلج وري ڏکڻ رخ ڪري پنهنجي پراڻي پيٽ ۾ وڃي وهندي هئي، جنهن جي ڪنارن سـان واريءَ جا ڍها هئا. سندن اهو مـيلاپ هاڻي ڪنهن تازي دور ۾ ٿـيو آهي. يوناني فوج جو اجوڌن تي ڪاهي وڃڻ ۽ سڪندر جي اُچ ۾ پنهنجي فوجي وانـڍ قائم ڪرڻ، ان حقيقت تي مدار رکي ٿو تہ اهي شهر ٽيويهہ صديون اڳ موجود هئا يا نہ، پر اسان کي درياهن جي وهڪـرن بابت پڪ آهي تـہ اهي ان دور ۾ مـوجوده زماني وارن پيٽن ۾ ڪونـہ وهي رهيا هئا. هنن ٻنهي درياهن جي وهڪـرن ۾ تبديلي، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، سا گذريل صديءَ ۾ واقع ٿي آهي. ڪننگهام پنهنجي ڪتاب جي صفحي ٢١٧ تي چوي ٿو تـہ، ”سـتلج، سنہ ١٧٩٦ع ۾ هـڪدم ۽ اوچتـو پنـهنجو رخ بدلايو. وري صفحي ٢٢١ تي لکي ٿو تہ اها تبديلي ١٧٩٠ع ۾ ٿي. اها تبديلي نہ رڳو ستلج جي وهڪري ۾ رونما ٿي، پر بياس جي وهڪري ۾ بہ ڦيرو آيو.

مـگر اجوڌن ڏانـهن ويندڙ يوناني فـوج لاءِ ديبـال پـور رنڊڪ بڻيل آهي. ڏسندا حاشيہ ٣٩٠ . مونکي پورو ويساه آهي تہ قديم مورخ هن ڳالهہ تي يڪراءِ آهن، تہ بياس کي يونان وارا ” هيفاسِس“ ۽ ستلج کي ”زارادِروس،“ هـيسـودِروس“ يا ” ستـادرورس“ سڏيندا هئـا ۽ ڪننـگهـام جو پنهنجو بيان بہ اهڙوئي آهي. اسـان کي خبـر آهي تـہ سڪندر جي لشڪر بياس پار ڪرڻ کان انڪار ڪندي وڏو وڳوڙ ڪيو هو. هاڻي سوال ٿـو اٿـي تہ يوناني فوج بياس درياه اڪري اوپر طرف وڏو فاصلو پنڌ ڪري اجوڌن تي ڪيئن حملو ڪيو هوندو؟ ان سان گڏ اهو بہ يقين ڪري ڪونـہ ٿـو ڪري سگـهجي تـہ ان زمـاني ۾ بياس ۽ ستلج جو پاڻو Bhao جي ماڳن وٽ سنـگم ٿيندو هو الائي نہ ؟ ڏسـو حاشيہ ٣٤٥ ۽ حاشيہ ٣١٨.

(٤٢١) سنڌي ٻوليءَ جا ٻہ لفظ آهن، جيڪـي اڙدو ۽ عـربي رسم الخط ۾ لکيا ويندا آهن، جيڪي شڪـل صورت ۾ تـہ بلڪـل هڪ جهڙا آهن، پر اچار ۽ معني ۾ منجهن گهڻو فرق آهي. اهي لفظ پٽڻ ۽ پٽڻ

آهن. پهرئين لفظ جي معنيٰ اها جاءِ، جتان پاڻي وسيلي آمدرفت هلندي هجي. ٻئي لفظ " پٽڻ" جي معنيٰ ڳوٺ آهي. ڪي ليکڪ هنن لفظن ۾ فرق ڪري ڪونہ سگهيا آهن ۽ هيڏانهن هوڏانهن ٻئي ٽپڪيون ڏنيون اٿن.

ڪننگهام پنهنجي ڪتاب اينشنٽ انڊيا ص ٢١٩، تي بيان ڪري ٿو تہ ، "اجوڌن يا پاڪ پٽڻ صدين کان وٺي ستلج جو پٽڻ رهيو آهي". ۽ "ان سان گڏ شهر بہ رهيو آهي، جنهن ۾ ماڻهو رهندا هئا" پنجاب جي هڪ گزيٽيئر ۾ ذڪر آهي، تہ سڪندر جي مورخن هن شهر کي "اوهي ڊراڪاءِ" Ohedrakae ساڊراڪاءِ Sydrakae، سوڊرڪاءِ، Sudrakae سوراڪاؤس Surakouse ۽ هاڊراڪاءِ Hydrakae جي مختلف نالن سان ياد ڪيو آهي. وڌيڪ لکي ٿو تہ "هن شهر کي حضرت فريدالدين جنهنکي بابا فريد بہ سڏيو ويندو آهي، جي ڪارڻ پاڪ پٽڻ يعني سڳوري درياهي پٽڻ جو نالو ڏنو ويو." ٻيءَ جاءِ تي وري هيئن لکيل آهي تہ اهو چيو ويندو آهي تہ، "هيءُ بشارت نالي هڪ واهڙ تي پٽڻ هجڻ ڪري، مٿس پاڪ پٽڻ نالو پيو آهي." ۽ " اهو واهڙ پاڪ پٽڻ شهر جي پرسان لنگهندو هو. ساڳئي گزيٽيئر ۾ وري ٻيءَ جاءِ تي لکيل آهي تہ، "هن حقيقت ۾ اسان کي ڪجهہ شڪ ٿئي ٿو تہ بشارت واہ Bisharatwah تي پٽڻ هجڻ ڪري هن شهر جو نالو مٿائي، پاڪ پٽڻ رکيو ويو هجي. تيمورلنگ جي زماني ۾ هن شهر کي اجوڌن جي نالي سان سڏيو ويندو هو. آئين اڪبري ۾ هن کي رڳو " پٽڻ Ferry ڪري لکيو ويو آهي .... حقيقت ۾ "پاڪ پٽڻ" جي معنيٰ سڳورو پٽڻ آهي. "هيءُ آهي گزيٽيئر جي تاريخ جو نمونو. ڪڏهن هن شهر کي پٽڻ پنجاب ۽ ڪڏهن پاڪ پٽڻ جي نالي سڏيو وڃي ٿو. پر هن جو اصلي نالو اجوڌن آهي. آئين اڪبريءَ ۾ لکيل آهي تہ هيءُ شهر ملتان صوبي جي ديپال سرڪار جي محال جو مکيہ شهر آهي ۽ ان ئي سرڪار جي بست جلندر دوآبي ۾ موجود آهي. يعني ستلج ۽ بياس درياهن جي

وچ تي آهي. هيءَ شهر مذڪوره دوآبي ۾ تڏهن هو، جڏهن ستلج ۽ بياس جو وهڪرو جدا جدا هوندو هو. هيءَ حقيقت درياهن واري باب ۾ بيان ڪيل آهي.

هن ماڳ کي پٽڻ پنجاب يا پاڪ پٽڻ ان ڪارڻ ڪونہ ڪوٺيو ويندو آهي تہ هي ستلج تي هڪ پٽڻ هو، جيڪو ڪڏهن رهيو بہ ڪونہ آهي. ڇاڪاڻ تہ موجوده دور ۾ ستلج درياه جو وهڪرو پاڪ پٽڻ جي وڏيڪ ويجهو آهي ۽ ايترو قريب ڪنهن بہ دور ۾ رهيو ئي ڪونہ آهي. پوءِ بہ ارڙهن ميل پري آهي.

گذريل صديءَ ۾ سندس وهڪرو هن شهر کان چوويهہ ميل پري اوپر ڏس تي هو. ان کان اڳ ۾ چاليهہ ميل ڏور هو. شيخ فريدالدين جي زماني ۾ اهو اجا بہ گهٽو پري هو. ”پٽڻ“ جي معنيٰ جيئن مان مٿي عرض ڪري آيو آهيان تہ ”شهر“ آهي. پر پٽڻ جو مطلب پاڻيءَ جو اهو تڙ، جتان ٻيڙيءَ ذريعي آمدرفت هلندي هجي. اڪبر نامي ۾ هنکي پٽڻ پنجاب ڪري لکيو ويو آهي. پر بلاچ من، جنهن کي هتان جي مقامي جاڻ گهٽ هئي، تنهن ”پٽڻ“ کي پٽڻ سمجهيو آهي. ڪيترن مورخن هن شهر کي پاڪ پٽڻ يعني پاڪ شهر ڪري لکيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن شهر ۾ سلطان زاهدين، فريدالملت والدين، گنج شڪر دفن ٿيل آهي. هي سندس اسلامي لقب آهن. سندس پيءُ جو نالو جلال الدين سليمان هو ۽ فرخ شاه (بادشاه نہ پر سيد هو) جي اولاد مان هو. سندس پرورش ملتان صوبي جي قطب وال علائقي ۾ ٿي هئي. سيئي تذڪره نويس انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهن تہ سندس وفات پنجين محرم ڇنڇر ڏينهن سنہ ٦٦٨هـ (۴ سيپٽمبر ١٢٦٩ع) ۾ ٿي، يعني طبقات ناصري لکجي پوري ٿيڻ کان فقط ڏهہ سال پوءِ. اجوڌن يا پاڪ پٽڻ سک اقتدار واري زماني ۾ تباه حاليءَ جو شڪار رهيو. اڳينءَ صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاران، سروي رڪارڊ تيار ٿيڻ وقت، هن شهر جو احوال هن ريت لکيل آهي:

"اجوڌن هڪ قديم شهر آهي ۽ هڪ دڙي تي اڏيل آهي، جيڪو ٻه ٽي ڪوه پري کان ڏسڻ ۾ ايندو آهي. سلطان زاهدين جي اچڻ کان اڳ ۾ هيءُ شهر جوڳين سناسين ۽ ٻين هندو اوتارن رشين ۽ منين جو مسڪن هو. هن بزرگ کي، وفات کان پوءِ جڏهن هن شهر ۾ دفن ڪيو ويو ته هن ماڳ کي پاڪ پٽڻ يعني پاڪ شهر سڏڻ لڳا. سندس مزار شهر جي ڀت جي ڏکڻ پاسي آهي. مٿان وڏو قبو ٺهيل اٿس. ٻرسان وڏي مسجد ۽ زيارتين جي رهڻ واسطي جايون ٺهيل آهن. قبو مڙس جي قد کان ٽيٽو وڏو ٿيندو.

اچڻ وڃڻ لاءِ ٻه لنگهه اٿس. اندر ٻه قبا آهن. هڪ بزرگ جي وڏي پٽ جو آهي، جيڪو سندس اولهه پاسي دفن ٿيل آهي. ٻئي قبي ۾ پاڻ بزرگ دفن ٿيل آهي. ڏکڻ واري لنگهه کي بهشتي دروازو چئبو آهي جيڪو فقط ٦ محرم تي کلندو آهي. يعني سندس ٻارهي واري ڏينهن کان ٻئي ڏينهن تي. اهو فقط نذراني ڏيڻ واسطي کلندو آهي، ۽ رات جي آخري پهر بند ڪيو ويندو آهي. زيارت لاءِ اوري پري جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ بهشتي دروازي مان لنگهندا آهن. چيو ويندو آهي ته جيڪو ماڻهو هن دروازي کان اندر ويندو تنهن مٿان دوزخ جي باه حرام آهي. قلمي نسخي ۾ اهو لکيل آهي ته خدا تعاليٰ واسطي ائين ڪرڻ ڏاڍو سولو آهي ۽ اهو ائين ضرور ڪندو".

"هن قبائين اڏاوت لاءِ چيو ويندو آهي ته اها هڪ بزرگ نظام الدين احمد بدايوني جوڙائي هئي. اهو به چيو ويندو آهي ته هو قرآن شريف جو ختم ڪدي مقبري جي هڪ سِرَ هٽندو هو. اهڙيءَ ريت هن سڄو قبو تيار ڪيو هو. خانقاه جي اوير واري لنگهه ٻرسان ٻه هزار سرون ٿينديون، جيڪي قبي جي ڇاچ کان بچي پيون، اهي بعد ۾ چبوتري جوڙڻ ۾ ڪتب آنديون ويون هيون. اهو چبوترو ماڻهوءَ جي قد جيترو

اوچو آهي. ماڻهن جي اچ وڃ واسطي اوپر وارو دروازو سدائين کليل رهندو آهي. چيو ويندو آهي تہ جڏهن سلطان غياث الدين تغلق هن بزرگ جي زيارت لاءِ آيو، تہ هن خيال ڪيو تہ بزرگ جي قبر مٿان ناهيل اڱوٺي قبي جي جاءِ تي نئون قبو تعمير ڪرائي. پر بزرگ کيس خواب ۾ ائين ڪرڻ کان منع ڪئي. بادشاه اڳئين قبي جي اوپر طرف هڪ جدا، وڏو ۽ خوبصورت قبو تعمير ڪرايو. مذڪوره قبي ۾ هن بزرگ جي ڦريءَ مان آهي يارنهن ڄڻا دفن ٿيل آهن، جن پيش امام ٿي نماز پڙهائي هئي. ساڳي بادشاه خانقاه جي اولهہ پاسي هڪ وڏي مسجد بہ تيار ڪرائي هئي. مسجد ۽ خانقاه جي وچ تي ڇڏيل وٿي واري جاءِ تي بادشاه زيارتين جي رهڻ لاءِ پن قبن سان هڪ حجرو تعمير ڪرايو، جيڪو قلعي جي ڀتين پرسان جوڙيل آهي. اهي سڀ جايون ڏکڻ پاسي ٿن چئن ڪوهن جي فاصلي تان ڏسي سگهبيون آهن.

شيخ فريدالملت والدين جي نانيءَ شاه بدر جو مقبرو، شهيدي دروازي پرسان آهي، ۽ مٿانئس پڪ سرائون قبو اڏيل آهي. اڳي شهر جي چوڌاري قلعي جي چوڀتي ڏنل ڪانہ هئي، پر سنہ ١١٩٠هہ (١٧٧٦ع) ۾ پير سبحان شهر جي چوڌاي پڪ سرائين چوڀتي ڏياري، جنهن ۾ پنج ڦاٽڪ ۽ تي چور دروازا پڻ هئا. خانقاه جي پرواري ڏاکڻين ڦاٽڪ کي منجہ درياه وارو دروازو Darwazah -i- Manjdarya سڏيو ويندو آهي، (اهو دروازو درياه جي اٿل ڪرڻ واري پاسي ڏانهن آهي، پر هرياري يا نيليءَ جي چاڙهہ وارو پاڻي هن ماڳ کان ڪيترا ميل پري وهندو هو) جيڪو هڪ وڏي دڙي تي ٺهيل آهي. شهيدي دروازو ڏکڻ اوپر پاسي آهي ۽ زمين جي مٿاڇري جي سنوت سئين آهي. اوپر طرف کان لاهوري دروازو آهي. اها زمين سئين آهي. موري دروازو اتر - اولهہ ڪنڊ تي اتاهينءَ تي آهي. صفا اولهہ پاسي دڙي تي رحمون دروازو آهي، جنهن کي ملتان دروازو بہ سڏيو ويندو آهي. هن دروزاي جي

پرسان اولهہ پاسي ڪجهہ قديم جايون آهن. چيو ويندو آهي تہ اهي بزرگ جي ملڪيت آهن. اهي هاٿي ڪنڊر لڳيون پيون آهن. هن ڪان اڳا بہ اولهہ طرف عزيز مڪيءَ جو مقبرو آهي. ان لاءِ چيو ويندو آهي تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي اصحابن مان هو ۽ ڪيس هتي دفن ڪيو ويو آهي. مقبري مٿان گاري جي لِنبَ ٿيل آهي. چوڏاري پڪ سرائين چؤيتي اٿس. ڏکڻ ڏس کان وڏي مسجد اٿس، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اها سلطان غياث الدين تغلق جوڙائي هئي". بئي هنڌ لکيو ويو آهي تہ قلعي جي اتر پاسي وڏي ڍنڍ آهي، جيڪا هر چوڙس اٽڪل چار ڪوه ڪن ٿيندي. هيءُ شهر ١١٩٧هہ (١٧٨٨ع) واري ڏڪار ۾ ڦِٽي تباه ٿي ويو.

دهليءَ جي تخت تي وهڻ کان اڳ، جڏهن هو فقط غازي ملڪ هو تڏهن ديبال پور جو جاگيردار هو ۽ اجوڌن سندس حدن اندر هئي. سنہ ٧٢٠ هہ (١٣٢٠ع) ۾ دهليءَ جي تخت تي ويٺو. ان زماني ۾ هن شهر کي پاڪ پٽڻ ۽ اجوڌن جي نالي سڏيو ويندو هو. هيءُ اڪبر بادشاه کان ٿورو اڳ وارو زمانو آهي. ابو الفضل پنهنجي تصنيف اڪبر نامي ۾ لکي ٿو تہ سنہ ٩٧٩هہ (١٥٧١ع) ۾ اڪبر بادشاه اجمير ۾ هو ۽ ناگور ۽ پروارن علائقن ڏانهن اسهڻ جو ارادو ڪيو هئائين. اتان کان پوءِ هو شيخ فريد جي زيارت لاءِ پٽڻ پنجاب روانو ٿيو. ان مقصد سان درياه جي ڪنڌيءَ سان هو علاوالدين جي تلونديءَ پرسان لنگهيو هو. ان علائقي ۾ هن درياه کي هرياريءَ جي نالي سڏيندا هئا. بادشاه راجستان جي رڻ ۾ جهنگلي گڏهن جو شڪار ڪيو. هي ڪليل ۽ غير آباد علائقو آهي، رڳو واريءَ جون ڀٽون آهن. هن تيرهن جهنگلي گڏهہ ماريا، پر پاڻي نہ هجڻ ڪري هو ڏاڍو پريشان ٿيو. جيڪڏهن هن تلوندي واري علائقي جي صحيح نموني سان سڃاڻ ٿي وڃي تہ جيڪر سندس اختيار ڪيل رستي جو پوريءَ ريت پتو پئجي وڃي ۽ ان دور ۾

ستلج جي وهڪري جي چاڻ بہ ملي وڃي ها. پر هاڻي اها ڳالهہ ممڪن ئي ڪانہ رهي آهي. ڏسو حاشيہ ٢٣٦ .

(٤٢٢) مسٽر برانڊٿ Mr. Brandeth جو بيان آهي تہ، ” هتي درياه جو هڪ نهايت قديم پيٽ آهي، جيڪو ستلج جي نئين وهڪري ۽ پراڻن پيٽن جي وچ تي آهي، جنهن ڪي سوک ناء ڪري سڏيندا آهن. سندس وهڪرو تهارا Tihara وٽان شروع ٿئي ٿو ۽ نانگ وڪڙ ڪندو دسيون لتاڙيندو ممدوٽ پرسان مٽيندو آهي. انهن ورن وڪڙن هوندي بہ سندس ڪنارا ايڏا تہ هڪ جهڙا ۽ سڌا آهن، جو سمجهہ ۾ ائين پيو ايندو تہ هٽ سان کوٽيل ڪو گهاڙ واهہ آهي. جهڙي ريت سِڌ ناء آهي. جنهنجو ذڪر اڳ ۾ ئي ڪيو ويو آهي. گهٽو ڪري آهي بہ ائين، پهريون ڪو واهڙ هوندو، جنهنکي پوء هٿ سان کوٽي صاف ڪري واهہ طور ڪتب آندو ويو هوندو. سندس ويڪر سؤ فوٽ ۽ اونهائي ست اٺ فوٽ کن ٿيندي. چاليهارو سال کن اڳ منجهس ٿورو گهڻو پاڻي وهندو ڏٺو ويو هو، پر انهن ڏينهن کان وٺي اڄ سوڏو اهو سڪل آهي“ .

هن واه جي ڪن ڀاڱن کي چاڙهہ جي پاڻي جي نيڪال واسطي ڪتب آندو ويندو آهي.

(٤٢٣) موجوده دور ۾ جتي ستلج ۽ بياس سنگم ڪنديون آهن، سو علائقو، چوڏاري ستلج جي پراڻن پيٽن سان هيٺ مٿي لڳو پيو آهي. ڇڏيل پيٽن مان ائين سمجهبو تہ جڻ تہ هن پنهنجا وهڪرا جهٽ جهٽ پئي مٽايا ۽ اتان جا ماڻهو پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏڻ لاء مجبور ٿي پيا هوندا.

درياه جيڪي واريءَ جا ڍها ڊيون ۾ پٽون ڇڏي ويو آهي، تن کي هتان جا ماڻهو سوٿرا Sothrah نالي سڏيندا آهن. ستلج جو پراڻو وهڪرو جيڪو مکتي سر پرسان لنگهندو هو، ان جي ڇڏيل واريءَ جي ڍهن تي جيڪي آباديون هونديون هيون، سي مٿي پٽن تي هونديون هيون،

(۴۲۴) اهو ماڳ لڌاڻ کان پندرهن ميل اوڀر ۾ مبارڪ پور کان نو ميل ڏور آهي. نقشي ۾ هن ٿاڪ کي ” جهڊو ڪا شهر“ لکيو ويو آهي.

(۴۲۵) جارج ٿامس جي ”ممواير“ ۾ ڏنل نقشن مطابق، جنهن ۾ پراڻي پيٽ جو اشارو ڏنو ويو آهي، سو ابو۔هار واري پراڻي پيٽ کان بہ گهڻو اڳتي آهي، پر منجهس ڪي غلطيون نظر اچن ٿيون.

(۴۲٦) جيڪڏهن ستلج جي وهڪري جو الهندي ڏانهن سرڪڻ جو لاڙو هجي ها، تہ ڪنهن هيٺاهينءَ مان وهڪرو نـاهي، بياس جي پراڻي پيٽ ۾ وجي وهڻ شروع ڪري ها. ڪي اهڙيون روايتون بہ موجود آهن تہ ستلج فيروزپور وٽان موڙي ڪائڻ جي ڪوشس ڪئي هئي، پر ڪنهن رنڊڪ سبب الهندي ڏس تي رخ اختيار ڪري ڪانہ سگهي. اها حقيقت بہ آهي. پر هن اوچي پوني کان مٿان ڪٿان الهندو رخ اختيار ڪري، بياس جي ڇڏيل پيٽ ۾ وهي سگهي پئي.

(۴۲۷) ڪننگهام (اينشنٽ انڊيا) ” پراڻي بياس“ کي ديبال پور جي سورهن ميل اوير کان گذرندي ڏيکاري ٿو. ساڄي طرف کان ڇڏيل واريءَ جا ڍها ۽ پٽون ايڏيون تہ اوچيون آهن، جو اتان درياه گذري ئي ڪونہ ٿو سگهي. اهڙو علائقو ديبال پور کان يارنهن ميل اتر اوير طرف تي ٿيندو. سندس پراڻو وهڪرو اڃا بہ چٽو آهي، جنهن مان اهو درياه ستلج سان گڏجڻ کان اڳ ۾ گذريل صديءَ دوران هڪ آجي

۽ نجي درياه طور وڙهو هو ۽ سندس اهو پراڻو پيٽ ديپال پور کان پنج ميل پري ٿيندو. پر هي موصوف ان پراڻي وهڪري کي بياس ۽ زارادروس هيسو دروس يا ستادرو جي وچ واري علائقي ۾ ڏيکاري ٿو. بياس کان ملڻ کان اڳ ستلج جو صفا پويون وهڪرو، جنهن کي اسان جي نقشن ۾ ”ڏانڊو“ Danda (يا واريءَ جا ڍاها) سڏيو ويندو آهي، تنهن کي ئي ”پراڻي ستلج“ سڏيو ويندو هو، جنهن جو ذڪر آءُ مٿي ڪري آيو آهيان. پر مان هن وهڪري کي ستلج جو ”آخري ۽ تازو وهڪرو سڏيندس، ڇاڪاڻ ته هن وهڪري کان هڪدم پوءِ بياس سان ملي ويو ۽ سندس پاڻي کي وري ستلج جي نالي سان ڪوٺ سڏيو ويو. مان سمجهان ٿو ته اهو وهڪرو ڪهڙي به پيٽ ماڻ وهندو هو، پر ڪيس ” زارادروس، هيسودروس يا ستادرو“ سڏيو ويندو هو، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن پنهنجي آجي نجي ۽ نئين وهڪري ۾ وهي ها ته سندس نالو فقط ستلج ئي هجي ها. ڏسو حاشيه 420 جو آخري ٽڪرو حاشيه 390 ۽ حاشيه 345 .

ڪننگهام پنهنجي ڪتاب ۾ ، سڪندر جو رستو، ڪوٽ ڪماليه ، تلنبا ۽ ملتان کان ويندو ڏيکاريو آهي. ان کان هيٺ به سندس رستو درياهن جي موجوده وهڪرن جي ڪنارن سان ڏيکاريو آهي. اهڙيءَ ريت هِيوُن تسانگ کي به شورڪوٽ وٽان چناب جي موجوده وهڪري جي ڪناري سان سفر ڪرائي ٿو، جيڪو ملتان اُچ ۽ مٺڻ وارو رستو ڏئي وهندو آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته انهن ٻاويهن سوَن سالن ۾ انهن درياهن پنهنجا وهڪرا ماڳهن ڪونه مٽايا آهن ۽ ساڳين پيٽن ۾ وهي سنڌ مان لنگهي ڪراچيءَ جي اوسي پاسي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندا هئا.

(۴۲۸)ڏسو صفحو 285.

(۴۲۹) واهڻ يا واهه جي هندي معنيٰ آهي وهڻ، سرڪڻ ۽ هلڻ

وغيره. انهن ڪي واهه، واهڙ يا شاخون به سڏيو ويندو هو. پاڻيءَ جا اهي ذريعا پنجاب ۽ سنڌ ۾ ڪتب ايندا هئا. پر نقشن ۽ گزيٽيئرن ۾ پاڻيءَ جي هن ذريعي ڪي ” واه“ سڏيو ويو آهي. لفظ واه، Wah جي فارسي ٻوليءَ ۾ معنيٰ ٿيندي. ”شاباس“ پر Wahah لفظ جو مطلب اهو نه آهي. سنڌ گزيٽيئر ۾ واه Vah معنيٰ ڪئنال Canal آهي.

(۴۳۰) هاٿي اهو ماڳ اڍائي ميل يا ڏيڍ ڪوه ڪن پري ٿيندو.

(۴۳۱) موجوده دور ۾ ساڍا ست ميل اولهه ڪان ۽ اتر ڪان ساڍا ڏهه ميل پري وهندو آهي.

(۴۳۲) هاٿي اُچ ڪان ڇهه ميل پري اولهه ۾ وهي ٿو.

(۴۳۳) ثابتيءَ واسطي پڙهندا صفحو ۳۴۹.

(۴۳۴) ڏسو منهنجي تصنيف ” نوٽس آن افغانستان“ ص ٦٦۴ ۾ حاشيه.

(۴۳۵) هن ”ٻني لفظ“ جي معنيٰ صاف ڪانهه آهي. وال، والا ۽ والي جي معنيٰ واهڙ ندي يا وهندڙ پاڻي آهي. يا رُڃ ۾ پاڻيءَ جي ڏيکاءَ ڪي به چيو ويندو آهي. يا سراب وغيره.

ناءِ Nae جو مطلب، نالي، لنگهه، واه وغيره آهي، پر ص 447 واري بيان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته هن لفظ جو مطلب نهر يا واهڙ يا ندي، واه يا وهندڙ پاڻي به ٿي سگهي ٿو.

مئڪسن Makson، ڪئپٽن سي. ايم. ويڊ جي جرنل ۾ جنهن لڌيانا ڪان مٺڻ ڪوٽ تائين ستلج ذريعي ۱۸۳۲-۳۳ع ۾ سفر ڪيو هو،

لکي ٿو تہ ، ” هري ـ کي پتڻ“ کان پارنهن ميل هيٺ جنهگل Jana-gill پرسان بياس ۽ ستلج جي گڏيل وهکري کي اتان جا ماڻهو گهاري جي نانءَ سان سڏي رهيا هئا. پر پاسي وارا ماڻهو هن وهکري کي ناءِ Nae بہ سڏي رهيا هئا.

(٤٣٦) نقشن ۾ هن ماڳ کي ” ڀلوپر“ Bhulopoor لکيو ويو آهي.

(٤٣٧) هي ڀتنڊا کان سورهن ميل اتر ـ اوپر طرف آهي. مختلف نقشن ۾ هنکي مهراج ۽ مهراج پور لکيو ويو آهي.

(٤٣٨) ڀٽنڊا جو ماڳ قديم آهي. منهنجو خيال آهي تہ هي اهو شهر آهي، جنهن ۾ هڪ مندر جي موجودگيءَ جو اشارو ڏنل آهي، ” جنهن رات محمود سبکتگين چائو، ان رات اهو ٻيجي پورا ٿي ويو هو.“ هيءُ اٽڪ کان مٿي سنڌو درياه جي ڪناري اُهند Uhand وارو ٿاڪ نہ آهي، جنهن کي غلطيءَ وچان ” اوهند“ Ohand سڏيو ويو آهي. هيءَ حقيقت بہ ڌيان ۾ رکڻ جوڳي آهي، تہ هاڪڙي درياه کي واهند ۽ واهندا بہ ڪوٺيو ويندو آهي ۽ مندر کي ”بتخانئہِ واهند“ سڏيو ويو آهي. ڏسو طبقات ناصري ص ٧٦ حاشيہ ٢

تاريخ يميني، راجا انندپال جي پٽ برهمڻ پال جي مٿان محمود غزنويءَ جي سوب پائڻ جو احوال قلمبند ڪندي بيان ڪري ٿي تہ، ” انهن ٻنهي ڌرين جو مقابلو واهندا درياه جي ڪناري تي ٿيو هو“. ٻئي هنڌ ” ڪال چند“ جي پراڻي ۽ زبون حال قلعي جي فتح جو احوال لکندي ٻڌايو ويجي ٿو تہ مذڪوره قلعو ”پتنير ۽ ولهار جي وچ تي هاڪڙي يا واهندا درياه جي ڪناري سان هو ۽ اهو مست ۽ چوليون هٽندڙ درياه هن قلعي جي ٻئي پاسي وهي رهيو هو. گهڻا ڪافر هن وهکري کي پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ٻڏي مري ويا.“

(۴۳۹) نقشن وارو Budhaur ”ٻُڌهار“، پٽنڊا کان اتر-اوڀر ڏس تي آهي. هيءَ اها جاءِ نہ آهي، جيڪا پٽنڊا کان سر اوڀر ارڙهن ميلن جي پنڌ تي آهي.

(۴۴۰) سندس ڪتاب اينشنٽ جاگرافي آف انڊيا ص ۱۴۴ تي ڪننگهام، ستادرو، واري علائقي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ: چين جي سيلانيءَ ستادرو کي، شي - تو- تو-لو ڪري لکيو آهي ۽ چوي ٿو تہ، اهو وڏو درياه هن علائقي جي اولهہ پاسي کان وهندو هو. وڌيڪ چوي ٿو تہ سرهند جي وڏي شهر جي بيهڪ مان ئي ”ستادرو“ جي وهڪري جي رخ جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ مذڪوره شهر هند ملڪ جي سرحد جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. سرهندا يا سرهند، هن شهر جو صحيح نالو ڪونہ آهي. سندس اصل نالو سهرند آهي، جنهن جي معنيٰ ”دنگئي شهر“ نہ آهي.

اهو وڏو درياه جنهنجو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، سو هاڻي ان ناڏي ۾ موجود ڪونہ آهي. پر ان هوندي بہ جنهن شهر جو بيان ڪيو ويو آهي سو ”سرهند“ سان نهڪي اچي ٿو. هانسي شهر جو دل ۾ خيال اچي ٿو. پر ان ۾ ۱۱۰ ميلن جو واڌارو ڪرڻو پوندو. تنهن هوندي بہ هانسي شهر جڻ دل سان ڪونہ ٿو اٽڙي. اڳتي هلي ٻڌائي ٿو تہ ان شهر جي اولهہ طرف وڏو درياه قري تي آيو، جيڪو ستادرو يا ستلج درياه ڪونہ ٿي سگهي ٿو. ان ڳالهہ جي پڪ آهي، تہ اهو شهر هانسي بہ ٿي ڪانہ ٿو سگهي. ڇاڪاڻ تہ اهو شهر ويجهي ۾ ويجهي درياه کان ۱۳۰ ميل پري آهي.

چيني سياح جي بيان ۾ اهڙي ڪابہ ڳالهہ موجود ڪانہ آهي، جنهن مان سمجهي سگهجي تہ اهو شهر سرهند نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن ستادرو يا ستلج پنهنجي قديم پيٽ مان وهندي هئي، جنهنجي اسان کي خبر آهي، جنهنجو حوالو مون مٿي بہ ڏنو آهي، تہ ستلج جو تڏوهڪو

وهڪرو سرهند جي اولهہ کان سورهن يا ارڙهن ميل پري وهندو هو ۽ ستلج جو وهڪرو پنجاب ۽ هندستان جو دنگ سمجهيو ويندو هو.

هانسيءَ جو شهر وڏي درياه کان گهڻو پري آهي. چيني سياح واري، يا ان کان پوءِ واري دور ۾ چتانگ ۽ سرستي يا سرسوتيءَ جي گڏيل پاڻيءَ واري وهڪري کي هاڪڙو يا واهندا درياه سڏيو ويندو هو. هيءُ هڪ وڏو درياهہ هو ۽ هانسيءَ کان ڪجهہ ميلن جي پنڌ تي وهندو هو. ان زماني ۾ گهاگهر بہ هڪ وڏو درياه هو ۽ سرستي پاڻيءَ جو ننڍو وهڪرو هو. اهي ٻئي هانسيءَ کان ٽيويهن ميلن جي فاصلي تي وهندا هئا.

قديم آثارن متعلق رپورٽن مان هڪ ۾ ڪننگهام چوي ٿو تہ ستلج يا ستادرو ڪانگڙا گهراٽي جي راجپوت راجائن جي ملڪ مان بہ وهندي هئي. هن حقيقت کي ان علائقي جي سيٽل مينٽ آفيسر، مسٽر بارنسيس رد ڪيو آهي.

اليٽ جي "انڊين هسٽورين" جي ايڊيٽر (جلد IV ص ٥١٩) تي ٻڌايو آهي تہ "تبرهندا سرهند جو پراڻو نالو آهي" پر مون کي سندس راءِ سان اختلاف آهي.

(٤٤١) هاڪڙي جي گهڻو ڪري سيني پرتي ڪندڙ شاخن جي کوٽائي ڪري، ٻڌائي ٿاهي واهن جي شڪل ۾ سندن پاڻي کي زرعي يا ٻين مقصدن واسطي استعمال ڪيو ويو. هاڻي تہ اها بہ خبر ڪانہ ٿي پوي تہ پاڻيءَ جون کهڙيون نيون، ناليون ۽ نديون هن هاڪڙي درياه کي پاڻي ڏينديون هيون. معلوم اهو ٿي رهيو آهي تہ ٿوري وقت اندر انهن نالين ندين جا پراڻا پيٽ لتجي ۽ ميٽجي ويندا. ڏسو حاشيہ ٤٩٦ جتي گهاگهر درياه ۾ ٿوري پاڻيءَ اچڻ جو بيان ڏنو ويو آهي.

(٤٤٢) ستلج، گهاري، نيلي يا هرياري جي پاڻيءَ ۾ ٻين درياهن جي پيٽ ۾ لٽ تمام گهڻو هوندو هو. ڏسو حاشيہ ٤٢٣ ۽ حاشيہ ٤٤٦ .

(۴۴۳) مونکي خبر ڪانہ آهي، تہ هن نالي جي اصليت ڇا آهي، پر مان سمجهان ٿو تہ اهو ڏنڊ مان نڪتل لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پاڻيءَ جو وڏو تلاءُ. اهڙيءَ ريت پنجاب ۽ سنڌ ۾ هن کي ڏنڊ يا ڏنڊهہ سڏيو ويندو آهي. چاڙهہ اچڻ ڪري درياهن جي پراڻن پيٽن ۾ وڏيون ننڍيون ڏنڊيون ٺهي پونديون آهن. پر فيروز پور واري علائقي ۾ ستلج جي ڪنارن سان رهندڙ ماڻهو درياه جي ڇڏيل واريءَ جي ڍهن کي ڏنڊ سڏيندا آهن.

(۴۴۴) جنهن جاءِ تي، هرياري، نيلي يا گهارو ڪجهہ الهندي آهل پنهنجو رخ موڙي ٿو، اهو ٿاڪ "قاسم ڪا" کان اتر-اولهہ طرف آهي. هيءُ ماڳ سمنڊ جي مٿاڇري کان ۴۹۲ فوٽ مٿي آهي. ان ماڳ وٽان بياس جي ترائي وارو علائقو شروع ٿئي ٿو. وڏي چاڙهہ وقت اتان بياس جون ڇاڙهون بہ وهڻ لڳنديون آهن. ڏهہ ميل هيٺ، ملتان جي علائقي جي ميلسي واري ماڳن وٽ يا ساڍا ٻارنهن ميل اتر-اتر-اولهہ گهگهريا منٽگمري جي علائقي ۾ ڳوٺ رئيس ڪريم بخش خان وٽ يا ان جي سامهون وارو سارو علائقو ٻين کان وڌيڪ هيٺاهون آهي، وهڪري جو رخ بہ اوڏاهين ٿئي ٿو. گذريل ڏهن سالن ۾ گهگهريا منٽگمري جي ذڪڻ واري علائقي قاسم ڪا Kassium ka ڏانهن منهن ڪرڻ لڳو آهي.

(۴۴۵) جيالاجيءَ جي هڪ ماهر ليال Lyall مطابق، جڏهن درياهن ۾ لٽ ويهي ويندو آهي، تہ فطري طور هيٺاهين ڏانهن رخ اختيار ڪندا آهن. هتي پير خالص ۽ اجوڌن جي وچ تي هڪ وڏيءَ ترائي موجود آهي، جيڪا ستلج جي اڄي ۽ نجي وهڪري کان گهٽو هيٺ آهي، جنهن ۾ واري جا ڍها پيدا ٿي ويا آهن. اهو حال سنڌس سيني پراڻن وهڪرن جو آهي، وڌيڪ اوپرطرف تمام گهڻا پراڻا پيٽ آهن، جن جو ذڪر مان اڳ ۾ ئي ڪري آيو آهيان.

(۴۴٦) جيالاجيءَ جي ساڳئي ماهر اهو ٻڌايو آهي تہ درياه جي پاڻيءَ سان گڏ وهندڙ لٽ، چاڙهہ جي رت ۾ درياه جي ڪنارن وٽ وهي ويندو آهي. ان لٽ جو ٿورُو حصو پري تائين پهچي ويندو آهي. اهو وهندو وهندو قلعي جي پشتي جيان بڻجي پوي ٿو، جنهن جي چوٽي درياه کان بہ مٿي ڏسبي آهي ۽ هوريان هوريان ماٿريءَ ڏانهن لهندو ويندو آهي. سنڌو بہ انهن ڳالهين کان وانجهيل ڪونہ آهي. ان ڏس ۾ سکر وٽ ڪراس سيڪشن نمبر (١) ۽ پروفائيل نمبر (٢) ڏسي سگهجن ٿا، جيڪي ڏهہ ميل درياهہ کان پري بهاولپور روڊ ۽ ان سان پور وچوٽ تي ويندڙ پٽيءَ سان هڪ جهڙائي رکن ٿا. درياه ۾ جيڪڏهن لٽ وهندو رهندو تہ ان جو ترو ضرور مٿي ٿيندو ويندو. ڪنهن چاڙهہ جي رت ۾ پنهنجي ڪناري کي ڇيهون ڪري، ڪنهن هيٺاهين علائقي مان وهڻ شروع ڪندو ۽ اڳيون وهڪرو جيڪو مٿاهون ٿي ويو هوندو، تنهن کي ڇڏي ويندو. ان وقت ماٿريءَ جي پنهي پاسن کان نظر ڪبي، تہ نئين ۽ پراڻي وهڪري جي گڏجڻ واريءَ جاءِ گهٽي مٿاهين ڏسڻ ۾ ايندي.

بهاولپور ويجهو روپر (روهپور) وٽان ۽ ستلج جي اوپارين ڪنڌيءَ سان بہ هڪ وڏي ترائي موجود آهي، جيڪا سبزل ڪوٽ تائين گهاري ۽ سنڌوءَ سان پور وچوٽ تي هلندي وڃي ٿي. بهاولپور پرسان اها ترائي شروع ٿي روهڙيءَ پرسان يارنهن ميل اوپر، ايرندي ناري جي منهن وٽ اچي ختم ٿي وڃي ٿي، جنهن جا اهڃاڻ اڄ بہ ڏسي سگهجن ٿا.

جڏهن پاڻيءَ ۾ چاڙهہ ايندو آهي، تہ درياه جي پاڻيءَ سان پرجي ويندي آهي. ٻيا واهڙ ۽ ناليون بہ منجهس وهنديون آهن ۽ ناري ۾ ڇوڙ ڪري ڪيس تار ڪري ڇڏينديون آهن. ڏسو ايرندي ناري جي مٿئين پاڳي بابت رپورٽ بامبي گورنمينٽ رڪارڊ ١٨٥٧".

هن جو آخري حصو صحيح ڪونہ ٿو لڳي. ساعدي ڳوٺ پرسان نارو هاڪڙي جي مکيہ شاخ سان ملي ويندو هو. سنڌ جا ماڻهو هن وهڪري

کي هاڪڙو سڏيندا آهن. هاڪي به چاڙهه جي رت ۾ پنهي جو پاڻي پاڻ ۾ اچي ملندو آهي.

(۴۴۷) جڏهن سنڌوءَ يا آب سنڌ، هاڪڙي جي وهڪري کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو، ته ان کان پوءِ انهن جي سنگم واري ٽاڪ آب دوش وٽ جيڪي به درياه ملندا هئا. تن سڀني جي گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي "سنڌ جو مهراڻ" يا "عظيم مهراڻ" سڏيو ويندو هو" ۽ عام طور تي هاڪڙو، واهندا ۽ سانڪرو به سڏيو ويندو هو.

(۴۴۸) هن دور ۾ ڪنهن به درياه سکر ۽ روهڙيءَ کي الڳ ڪونه ڪيو هو. اهو اڳتي هلي سمجهايو ويندو، ته ان زماني ۾ اهي ٻئي شهر اتي موجود ڪونه هئا.

(۴۴۹) هيءُ ظاهر ظهور اهو درياه آهي، جنهن جو المسعوديءَ ذڪر ڪيو آهي. قلمي نسخي "د" ۽ "ن" جا اکر بلڪل هڪ جهڙا آهن. جيڪڏهن "ن" جي اکر کي ٽبڪو نه ڏجي ته "د" ٿي پوندو ۽ اهو اوتاري ڪرڻ واري گهٽو ڪري ائين ڪيو آهي، ته اهو مذڪوره اکر، ر ۽ د پيو معلوم ٿيندو. ڏسو حاشيه ۱۱۴

(۴۵۰) ڏسو صفحو۲۸۲

(۴۵۱) ڪننگهام ۽ ڪلڪته رِويو جي ليکڪ هن کي "چترنگ" لکيو آهي. ڏنو وڃي ته "ر" جو اکر اتي موجود آهي ئي ڪونه ۽ نه وري، الف ڊگهو ڏسڻ ۾ ايندو. ان لفظ جو صحيح اچار چتنگ آهي. چترنگ ان ويران علائقي جو نالو آهي، جنهن ۾ ڪاٿي سخت زمين ته ڪاٿي لتاشا خطا به آهن، جيڪو هڪ وسيع علائقي تي پکڙيل آهي. انجو بيان مناسب جاءِ تي ڏنو ويندو.

اهو چتنگ درياه جي ڏاکڻين ڪناري کان ٻه ميل ٿانيسر ۽ ڪرنال جي وچ تي تيرهن ميل ٿانيسر کان ڏکڻ ۽ ڏهه ميل ڪرنال کان اتر طرف آهي. هتي ماڳن تي سلطان معزالدين محمد پٽ سام شنسباني

Shansbani تاجڪ غزني ۽ راءِ پٿورا جي وچ ۾ ٻه جنگيون لڳيون هيون. آخري جنگ ۾ راءِ پٿورا هارايو ۽ پوئتي ڀاڄ ڪندي قتل ڪيو ويو. اهي ٻئي جنگيون عظيم آباد تالا واري يا تاراواريءَ وٽ وڙهيون ويون هيون. "ل" ۽ "ر" جو اڪر هڪ ٻئي سان بدلجي سگهندو آهي. نارائڻ ڳڙهه (جنهن ڪي نقشن ۾ تروري لکيو ويو آهي) جي ڀرسان پراڻي زماني جو هڪ قديم درياه سرستي يا سرسوتي وهندو هو. هن درياه جو وهڪرو به قديم دور کان وٺي بدلبو رهيو آهي. ڏسو طبقات ناصري ص 608 ۽ حاشيه 8. مسٽر ڊوDoeo هن کي سيرواري Sirauri سڏي ٿو، جيڪا سرسوتي Sirsuty جي ڪناري سان واقع هئي. برجس وري ان کي سڏاري "نارائڻ" لکي ٿو، جيڪا سور سوتي Soorsutty جي ڪناري سان آباد هئي. اهڙيءَ ريت هن "ت" کي "ن" ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. اليٽ جي ڪتاب "انڊين هسٽورين" جلد II ص 295 تي ڪتاب جي ايڊيٽر مسٽر ڊاؤسن هنکي "نارائڻ" ڪري لکيو آهي. ۽ اهڙي نموني سان ڄڻ ته اهو طبقات ناصري جي نسخي ۾ لکيو ويو آهي، پر ائين ڪونه آهي. حاشيه ۾ وري هن ڳالهه جو واڌارو ڪري ٿو ته، " جنرل "ڪننگهام" مطابق انهن نارائڻ وارين جنگين جو ميدان راڪشي Rakhshi درياه جي ڪناري سان هو. حقيقت اها آهي ته "نارائڻ" نالي ڪا به جنگ ڪانه لڳي هئي. هندستان جي تاريخ جا مرتب تاريخ ۾ غلط ڳالهيون لکي پاڻ تحقيق ڪرڻ کانسواءِ هڪ ٻئي تان غلط اوتارا ڪن ٿا. انگريز ليکڪ پنهنجي مشهور ڪتاب وسيلي انگريز پڙهندڙ جي دلين تي ڪنهن اثر ڄمائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هي "نارائڻ"، سلطان محمود ترڪ غزنوي جي ڏينهن ۾ گهٽو مشهور هو (جلد ساڳو ص ۴۴۹) پر اهو نالو گجرات جي راڄڌاني الهنواڙ جو به ڇيو ويندو آهي.

وِل فورڊ به هن درياه جو ذڪر ڪيو آهي، پر نالو "چترنگ زمين" لکي مامري کي منجهائي ڇڏيو اٿس . چوي ٿو (As.Res. P 214) ته

هن درياه کي چترنگ ۽ ڪاگھر Caghar (سندس اشارو شايد گھاگھر درياه ڏانهن آهي) بہ سڏيو ويندو آهي. حقيقت اھا آهي تہ گھاگھر درياه هاڪڙي جي هڪ پرتي ڪندڙ شاخ کان سواءِ ڪجھہ بہ ڪونہ هو ۽ چتنگ کان ماڳھن ڏار وھڪرو هو. هي اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ چترنگ، ٿانوسر (ٿانيسر) کان الهندو پاسو ڏئي متيندو هو. توڙي جو سندس پاڻي واريءَ اندر جذب ٿي ويندو هو، پر سندس اهڃاڻ سنڌوءَ جي پرسان بکر Bacar (بکر، Bakhar) تائين معلوم ڪري سگھجن ٿا. هن ڳالهين مان هيءَ حقيقت معلوم ڪري سگھجي ٿي، تہ هن گھاگھر کي هاڪڙو درياه سمجھيو آهي، پر گھاگھر، هاڪڙي جي هڪ پرتي ڪندڙ شاخ هو.

هيءَ ڳالھہ پڻ ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي، تہ نقشن ۾ هن کي چائوتنگ Chautang جي اچار سان لکيو ويو آهي، جيڪو چتنگ جو غلط نالو آهي. هاڻي بہ هنکي "اولھہ جمنا واه" West Jamna Canal جي غلط نالي سان سڏيو ويندو آهي.

ابن اثير شامي، هندستاني تاريخ بابت اڄرج جھڙيون ڳالھيون لکيون آهن. هو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ سلطان معزالدين، محمد سام، جنهن کي هي پڻ شهاب الدين سڏي ٿو. (تخت تي وهڻ کان اڳ اهو سندس نالو هو.) فتح ڪرڻ جي ارادي سان هن هندستان تي حملو ڪيو ۽ ملتان کان متي اُچ طرف پيش قدمي ڪئي هئي. سندس بيان مطابق ان زماني ۾ انهن علائقن جي حڪمران هڪ عورت هئي، جنهنجو واسطو هتان جي مشهور معروف گھراڻي سان هو ۽ گھٽائي راجائون سندس ماتحت هئا. مذڪوره گھراڻي مان ڪيترائي مشهور معروف حڪمران ٿي گذريا آهن".

سلطان جي فوج، غورين، خلجين ۽ خراسانين تي مشتمل هئي. هن اينتري وڏي لشڪر هوندي بہ شڪست کاڌي هئي. هن جي هڪ بهادر

حڪمران هڪ سگهارو گرز هٽي ڪيس ڏندڙائي ڇڏيو هو. سندس لشڪر ڀڄي جان بچائي. ياچڙ ۾ ڪنهن بہ سندس اونو ڪونہ ڪيو. آڌي رات ڌاران سندس غلام هن جي ٻولا لاءِ اچي " آرڻ ڪيتر" ۾ پهتا. ڏنائون تہ هو اتي ڪيرو لڳو ستو پيو هو، ڪيس واري وٺيءَ تي پنهنجي ڪلهن تي کڻي صبح جو اُچ جي ويجهو اچي پهتا".

هي اسان کي وڏيڪ پڌائي ٿو تہ، " جڏهن هو بچي ويو تہ سندس تڙيل پکڙيل فوجون وري اچي سندس چوڌاري مڙيون. اهو حال ڏسي سندس وڏي پاءُ سندس واهر واسطي هڪ نئين فوج رواني ڪئي." معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ڪيس اهو پرو ڪونہ هو، تہ وچ تي ڪهڙا واقعا پيش آيا هئا ۽ ڪيترو عرصو گذريو. اندازو اهو ٿئي ٿو تہ اٽڪل ڏيڍ سال کان پوءِ شهاب الدين محمد تمام وڏو لشڪر وٺي، هن کي فتح ڪرڻ نڪتو هو. ان موقعي تي هند جي ماڻهن بہ تازي فوج کڻي ڪري ورتي. لشڪر جو ايترو ججهو انگ هو، جو آرڻ ڪيتر ۾ ماپي ئي ڪونہ پئي سگهيا. جڏهن شهاب الدين محمد اهو وايو منڊل ڏٺو تہ هن دوکي ۽ فريب وارو مارڳ اختيار ڪيو. هن چا ڪيو جو ان مهاراڻيءَ ڏانهن شاديءَ جو پيغام موڪليائين. ڪيس سندس نڳيءَ جي اڳئي خبر هئي. چاڪاڻ تہ ساڳي شهاب الدين محمد اُچ جي راجا جي زال سان بہ اها ساڳي چال چلي هئي. (ڏسو طبقات ناصري جي صفحي ۴۵۰ تي ڏنل حاشيہ)راڻيءَ سندس پيغام ڏانهن ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنو ۽ چوائي موڪليائينس تہ هو يا تہ جنگ قبولي يا واپس غزني موٽي وڃي، اهوئي آخري فيصلو آهي. ان کان پوءِ هن هڪ ٻي اٽڪل ڪئي ، سنيهو موڪليائينس تہ هن پنهنجي وڏي ڀاءُ کان پڇڻ واسطي اوٺي روانو ڪيو آهي، هو جيڪو حڪم ڪندو، ان مطابق عمل ڪيو ويندو. راڻيءَ کي پوري خبر هئي تہ هن جي سندس ڀاءُ وٽ ڪهڙي حيثيت آهي. سندس حالن جي بہ ڪيس پوريءَ ريت پروڙ هئي ۽ ڪيس اها بہ پڪ هئي تہ هو وڙهي هن سان پورو پئجي ڪونہ سگهندو، تنهن ڪري ڪيس اهڙي

اجازت ڏنائين ۽ وقت جي بہ مهلت ڏنائين تہ جيئن هو پنهنجي ياءُ کان ضروري هدايتون حاصل ڪري سگهي. غور جو سلطان ۽ مخالف پنهنجي جاين تي ويٺا رهيا.

پنهي ڌرين جي وچ تي هڪ وڏو درياه هو. پيڙين يا پل کان سواءِ درياه کي پار ڪرڻ ممڪن نہ هو. جنهن جاءِ تان درياه پار ٿي سگهيو پئي، ان هنڌ فوج وهاري وئي هئي. ان وقت هند جي لشڪر مان هڪ ماڻهوءَ اچي شهاب الدين وٽ پهتو، پڌاياڻينس تہ درياه ۾ هڪ جاءِ وٽان لانگهو آهي، جتان هو ڪين اهڙيءَ ريت لڪ چوريءَ وٺي هلندو، جو راڻيءَ جي لشڪر کي پتو ڪونہ پوندو ۽ اسان اوچتو وڃي مٿانئن نڪاءُ ڪنداسون. شهاب الدين کي پهريائين تہ پڪ ڪانہ ٿي، سوچيائين تہ مٿان نڪي هجي. پر پوءِ بہ پڪ ڪرڻ لاءِ هن پنهنجو پڙوسي جوڳو ماڻهو، امير حسين پٽ خرميل Kharmil غوريءَ کي (هن ماڻهوءَ کي پهريائين سيالڪوٽ جو گورنر ۽ بعد ۾ هِرات جو مَلڪ مقرر ڪيو ويو هو. ڏسو طبقات ناصري ص ص 453 ۽ 475) فوج جي هڪ سگهاري جٿي سان گڏي روانو ڪيائين تہ هو ان ماڻهو جي ڏسيل جاءِ وٽان درياه پار ڪري، راڻيءَ جي فوجي واند مٿان وڃي اوچتو هلان ڪري. ان ماڻهوءَ امير حسين ۽ سندس لشڪر کي لانگهي وٽان اهڙيءَ مانَ سان اڪاريو، جو ڪنهن کي بہ پتو ڪونہ پيو. اوچتو وڃي راڻيءَ جي فوج مٿان ڪڙڪيو ۽ چوڌاري ڪڙو چاڙهي ڇڏيائين. جڏهن شهاب الدين کي هن صورت حال جي سڌس پئي تہ، هو گهوڙي تي سوار ٿي، باقي لشڪر ساڻ ڪري ساڳيءَ جاءِ وٽان درياه اڪريو. راڻيءَ جا فوجي پنهنجن واريون جايون ڇڏي هليا ويا هئا. (جن جو هن اڳ ۾ بيان ڪونہ ڪيو آهي) شهاب الدين ايترو تہ شديد حملو ۽ قهري قتلام ڪيو، جو منجهائن ڪي ٿورا جان بچائڻ ۾ ڪامياب ويا. ان موقعي تي اها راڻي بہ قتل ٿي وئي. اسلامي لشڪر کي غنيمت جو مال ايترو تہ هٿ آيو، جو ڪيس ڪڏهن بہ ڪونہ مليو هو ۽ هند جو سارو ملڪ سندس قبضي

هيٺ اچي ويو ۽ هند جا راجائون سندس ڏن پرو تي پيا ۽ کيس ڍلون ۽ محصول ڏيڻ لڳا. هن پنهنجي غلام قطب الدين ايبڪ کي دهليءَ جو حڪمران مقرر ڪيو. ان کان پوءِ هن محمد پٽ بختيار کي دهليءَ کان پرئين پاسي وارن علائقن کي فتح ڪرڻ لاءِ (ڏسو طبقات ناصري ص 548 ۽ ضميمو " C " xiii) خلجين جو وڏو لشڪر ڏئي روانو ڪيو. کين هدايت ڪئي وئي ته هو چين ملڪ تي به حملو ڪن. محمد بن بختيار انهن علائقن ۾ پهتو، جتي اڳ ۾ ڪو به مسلمان ڪونه رسيو هو". اهي سڀ واقعا اٺويهن سالن جي عرصي دوران ٿيا. پر ان سڄي عرصي ۾ راءِ پٿورا جو هڪ پيرو به نالو ڪونه ورتو ويو آهي. ابن اثير شاميءَ جي تاريخ ۾ اجهو اهو احوال آهي. جنهن عورت حڪمران ملڪه (راڻيءَ) جو احوال ڏنو آهي، سا هتان جي مورخن لاءِ ته بلڪل نئين آهي ۽ هتان جا ڏيهي مورخ هن قصي کان ته واقف ئي ڪونه آهن.

(۴۵۲) نقشن ۾ هن ماڳ کي ڳنڊيلا Gandelea لکيو ويو آهي.

(۴۵۳) نقشن ۾ هنکي غلطيءَ وچان سيهوڻ ڪوٽ Sehwankote لکيو ويو آهي.

(۴۵۴) هن ماڳ کي نقشن ۾متولا Matoola لکيو ويو آهي.

(۴۵۵) هاٿي هيءَ ٿاڪ ڏاڪڻين ڪناري يا وهڪري جي ڏاڪڻي ڪنڌيءَ سان آهي.

(۴۵٦) هاٿي هن ماڳ کي "سردار ڳڙهه" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ڪلڪته رويو ۾ "لاسٽ رِوَرِ" جي ليکڪ هن ٿاڪ کي بلر Bullur ڪري لکيو آهي. وڏيڪ ٻڌائي ٿو ته هن جوءِ ۾ سوترا يا هاڪڙي درياه جون ايرنديون ۽ الهنديون ڇاڙهون اچي پاڻ ۾ ملنديون هيون. " ناءِ والي" به ستلج جو هڪ قديمّ وهڪرو هوندو هو، اهو به چتانگ يا چتنگ، گهاگهر ۽ ٻين وهڪرن جيان هاڪڙي جي هڪ پرتي ڪندڙ شاخ هو. مان سمجهان ٿو ته ناءِ والي مان سندن مطلب پاٽيءَ

جو تازو يا نئون وهڪرو آهي، جيڪو ستلج جي وهڪري جي تبديليءَ ڏانهن اشارو آهي.

ٽاڊ صاحب جو ويچار آهي تہ "بلر Bullur جو قديم نالو سيوڳڙهہ Seogurh آهي، جيڪو هن ويران علائقي جو تمام قديم شهر هوندو هو، جيڪو "ڦولڙا" جيان "جويا قبيلي" جي قبضي هيٺ آهي".

اڪر "ب" ۽ "و" پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان مٽجي سگهندا آهن. ان ڪري معلوم ائين ٿئي ٿو تہ صحيح نالو "بلر" Bullur نہ پر "ولهار" يا "بلهار" آهي. جو اهوئي صحيح اچار طريقو اهو مٿيون آهي. جڏهن هي يا ٻيا اڪيچار شهر هتي آباد هئا، تڏهن هيءَ جوءِ برپٽ ۽ ويران ڪانہ هوندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن بر ۾ ڪو شهر آباد هوندو تہ اتي ماڻهو ڪيئن رهي سگهندا هوندا.

(۴۵۷) رودِ سنڌ وهند. ڏسو ص ص ۲۱۱ ۽ ۲۱۸ تي عرب سياحن جا ڏنل احوال.

(۴۵۸) ٽاڊ، هن چترنگ واري جوءِ جو احوال ڏنو آهي، پر سندس نالو غلط ڏنو اٿائين. سندس ويچار هو تہ اهو خطو ٿوري وقت لاءِ هو، دائمي ڪونہ هو. هيءُ چوي ٿو تہ، " چترم Chitram جي جوءِ هڪ ترائي، تراڪڙي ۽ سخت آهي ۽ منجهس پلر جي پالوٽ وارو پاڻي اچي بيهندو آهي." حاشيہ ۾ وري هيءُ صاحب لکي ٿو تہ، " سندس هيءُ نالو ادبي ۽ علمي آهي. هن علائقي ۾ رڄ جو ڏيکاءُ ٿيندو آهي، ان ڪري هنڪي چترم Chitram سڏيو ويندو آهي. جلد II ص 329 .

هندي ٻوليءَ ۾ چتر جو مطلب چٽسالي ۽ تصوري آهي، جيڪو اصلي سنسڪرت جو ٻول آهي. پر چترنگ جو لفظ گهٽو ڪري هندي جي ٻول "چٽاڪ" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ فريب، دوکو يا ڪرامت آهي. ڏسو ص ۳٦۱ جتي ان جو پيرائتو احوال ڏنل آهي.

(۴۵۹) اٽڪل ساڍن ڇهن ڪوهن جي فاصلي تي آهي.

(۴٦٠) سنڌ جي معنيٰ ملتان ۽ جيسلمير جي ٻوليءَ ۾ ” ڳوٺ“ آهي ٻي معنيٰ آهي منزل ڪرڻ يا رهڻ جي جاءِ. پر هاڻي اها ماڻهن جي وسندي سڏي ويندي آهي. ڪن نقشن ۾ غلطيون ڪيون ويون آهن، ان جو ڪارڻ اهو آهي، جو ڪنهن اصول کي ورتائڻ ۾ هڪ جهڙائي ڪانہ آهي. سرڪاري طريقو جيڪو اختيار ڪيو ويو آهي، تنهن جا صاحب اختيار ماڻهو اهي آهن، جن کي هتان جي ڏيهي روايتن جي ڪا خبرئي ڪانہ آهي ۽ نہ وري ٻوليءَ جي اچارن جي ڪا ڪلّ اٿن. هن لفظ جي مختلف هجي اوهان بہ ڏسندا هلو. هڪ لفظ گوٺ قائم رئيس Goat Kaimrais وري ٻي هجي، ڳوٺ قائم رئيس Goth Kaim Rais وري ٽين گوٺ قائم رئيس Gote Kaim rais . اهي آهن اسان جي نقشن جا حال.

اهڙيءَ ريت وري غوثپور جو نالو آهي. غوث عربي لفظ آهي، جيڪو مسلمانن جي درويشن جو هڪ طبقو آهي. انهيءَ نالي سان بہ ڳوٺ آهن، جيڪي هڪ ٻئي کان ٿورن ميلن جي وٿيءَ تي، بهاول پور کان ڏکڻ اولهہ ڏس تي آباد آهن. هن لفظ جي نقشن ۾ هجي هن ريت آهي Ghus poor, Ghuspoor ۽ ,Gaospoor,Khospur, Ghospoor

جيڪڏهن اهڙي پانت جي تاڪاٽن ڏانهن آگر کڻبي تہ جڻ بغاوت جو ڏوهي ٿيو، تنهن ڪري اهڙي جرئت ڪير بہ ڪري ڪونہ سگهندو تہ متان هنن نقشن ناهڻ وارن جي صلاحيتن تي ڪو انڪاري اثر نہ پوي. ”ٻين نالن سان بہ اها ساڳي حالت ڏسبي، جنهنجو مثال ڏکڻ افغانستان جو هڪ ماڳ آهي، جنهنجو نالو تال Tal آهي، جيڪو ڏاڍو سرسبز ۽ آباد آهي، پوکي راهي جام ٿيندي اٿس. ڪوهاٽ کان اولهہ پاسي بہ ساڳئي نالي سان هڪ وسندي آهي، جتي پاڻي جام آهي، تنهنڪري پوکي راهي بہ گهڻي ٿيندي آهي. پر نقشن ناهڻ وارن دوستن ۽ گزيٽيئرن جي ليکڪن هن کي ٿل Thal لکي ڇڏيو آهي، جنهن جي هنديءَ ٻوليءَ ۾ معنيٰ ٿيندي اهڙو وارياسو علائقو، جتي ماڻهو پاڻيءَ جي بوند ڪاڻ سڪي مري. سنڌ، پنجاب يا انهن جي دنگ سان رهندڙ

بلوچ اهو لفظ استعمال ڪندا آهن. گزيٽيئرن جي مرتبن جو خيال هو تہ شايد هنن ٻنهي مختلف لفظن جي معنئ هڪ جهڙي آهي. تنهن ڪري ”ٿل“ جي معنئ واريءَسو ويران علائقو، جتي پاڻيءَ جي بوند بہ نہ هجي. افغانستان جي ٻن سڪين ستابن ۾ ساون ڪيٽن سان ڀريل علائقن کي سرڪاري طور هن نالي سان لکي ڇڏيو ۾ سرڪار نامدار وري هنن غلطين کان اکيوٽ ڪري ڇڏي آهي.

(۴٦١) هيءَ ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي، تہ هن ساڳئي نالي سان هڪ ٻي بہ جڳهہ موجود آهي. منهنجو خيال آهي تہ جنَ ڳوٺن جي نالي جي پڇاڙيءَ ۾ ”هار“ لفظ ڳنڍيل آهي، سي درياهي پٽڻ سان واسطو رکن ٿا. ڏسو حاشيہ 465

(۴٦٢) ٽاڊ هن لفظ کي سِر Sir ڪري لکيو آهي. پر اهو سَر آهي جيڪو سنسڪرت ٻوليءَ سان واسطو رکي ٿو. هي ٻڌائي ٿو ٚ تہ سر Sirr لوڻ جا سَنَ آهن يا پاڻيءَ جا اهي تلاءَ، جن ۾ برسات جي رت ۾ پٽن تان پاڻي لهي اچي ترائيءَ ۾ گڏ ٿيندو هجي، جن کي هٿرادو بند ڏئي روڪي سگهبو آهي. جلد II ص 280

(۴٦٣) بئاليائو، پنهنجي تصنيف ” پرسنل نئريٽو“ ۾ چترنگ تي وڏيڪ کوجنا ڪندي گهٽو ڪجهہ لکيو آهي، پر نالو ڪونہ ڪنيو اٿس هو لکي ٿو، ” بهاول پور کان غوث ڳڙهہ ڏانهن وڃڻ لاءِ، بهاولپور کان اوڀر ڏکڻ ـ اوڀر طرف اٺ ڪوه هلبو، تہ اچي پوهار والا ”ڳوٺ پهچندو. ڏيڍ ڪوهہ کن ڪڙپي واري سخت زمين تان سفر ڪبو تہ وري بہ ڪوهہ واريءَسو علائقو ڊبُون ۾ پٽون ايندا يون. ان کان پوءِ وري چار ڪوه واري وٽيءَ سان، ڪڙپو يا ريپڙي زمين ۾ واريءَ جا ڍِها ايندا. بعد ۾ موج ڳڙهہ ڏانهن وڃڻ لاءِ سورنهن ڪوه سفر ڏکڻ ـ اوڀر ڏس تي ڪبو. پر مٽيءَ جو ورن وچٿرو هوندو. موج ڳڙهہ جو قلعو پڪي زمين تي پڪين سرن سان ناهيل آهي. چوڌاري ڪاٽي ڪاٽي واريءَ جا ڍها

اٿس. قلعي جون پٽيون پنجاه فوٽ کن اوچيون آهن. بيهڻ لاءِ سٽن جاين تي اولا ناهيل آهن. اوير پاسي قبي سان هڪ ننڍي مسجد آهي: قلعي جي ماپ هڪ سو ڏهه گز يا اڌ فرلانگ هر چورس آهي. چوطرف چبوترا ۽ پاڻيءَ جو سٺو انتظام رکيل اٿس.“

”پوڳل Poogul کي ڇڏي، جيڪڏهن موج ڳڙهه کان اولهه - ڏکڻ طرف ٻارنهن ميل پنڌ ڪبو، ته وڃي ”توه والي“ Trooh wali پهچو، جيئن ايلفن اسٽون ڪيو هو. ان ساري علائقي جي زمين ڪَرَڙ ڪرڙ آهي. ايلفن اسٽون اتان تي ” رکڻ پور“ يا غوث ڳڙهه ويو. چوڏهن ڪوهن تي مشتمل هيءُ پنڌ واري جي ڊبن مان ۽ ڪٿان پڪيءَ زمين تان ڪيو هئائين، جنهن کي ”ڏهر“ Duhar تي سڏيائون بعد ۾ هو جيسلمير جي بيرسيل پور جو Birsil pur ڏانهن روانو ٿيو.

ايلفن اسٽون، جنهن بيڪانير کان بهاولپور ڏانهن سفر ڪيو هو، سو بيان ڪري ٿو ته ، ”پوڳل کان پهريان ڏهه ٻارنهن ميل واريءَ جو پنڌ آهي. ان کان پوءِ اسان کي اڇي ڪرڙ ۽ ريپڙي زمين تي پهتاسون .... پوڳل ۽ بهاولپور جي وچ تي زمين، ڪرڙ ۽ ڪڙپو آهي. اسان جي گهوڙن جي سنبن سان زمين ائين وڄي رهي هئي، جڻ گهوڙن جا سنب ڌرتيءَ بدران ڪاٺ جي تختي تي ڪُپي رهيا هئا. ڪاٿي ڪاٿي واريءَ جون پٽون به نظر تي آيون، جن جي سنهي واري اڏندي سخت زمين ڏانهن اچي رهي هئي .... ان ڪڙپي ۽ ريپڙي زمين ۾ اوڀڙ جي ٿبي به ڪانه ٿي نظري.“

(۴٦۴) هيءُ تمام پراڻو ماڳ آهي، جنهن جو چچ نامي ۾ به ذڪر ٿيل آهي. عرب جڏهن برهمڻ آباد ڏانهن وڌيا هئا، ته پوئتي هتي اچي هتي تياري ڪئي هئائون. هيءُ ٿاڪ ديراوال کان اناويهه ميل ڏکڻ اوير طرف ”رکڻ پور“ يا غوث ڳڙهه کان ويهه ميل اولهه - اتر - اولهه ڏس تي تي ٿيندو. ڏسو حاشيه ١٨٩

(۴٦۵) مئسن ١٨٢٦ع ۾ هن پرسان لنگهيو هو. سندس چوڻ آهي تہ ” پلارا Pularah (هن قلعي جو نالو، هن ائين لکيو آهي) هڪ قديم قلعو آهي ۽ سندس ڏيک خاص طور تي اتر پاسي کان ڏاڍو من موهيندڙ آهي. هن پاسي کان درياه جون مست ڇوليون قلعي جي پيتين سان ٽڪرائبيون رهنديون آهن. پاڻيءَ ۾ هڪ پيٽ بہ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جيڪو ساون وڻن سان ڏاڍو پيلو لڳندو آهي.“ هي بي پايان پاڻي هاڪڙي درياه جو هو.

(٤٦٦) هيءَ چاليهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي، جڏهن پنجاب کي فتح ڪري انگريز سلطنت سان ملايو ويو هو.

(٤٦٧) گهٽ ۾ گهٽ ١٨٤٩ -۵٠ع ۾ اهو وهڪرو بلڪل ڇتو هو. ان زماني ۾ ماروت کان بهاولپور ڏانهن ويندي، پهرئين ماگ کان سٺن ميلن جي پنڌ تي هن وهڪري جو پيٽ ڏيڍ ميل موڪرو هو. اهو ڪنهن سمي ٻن وهڪرن جي سنگم جو ماگ هو. هن ٺاڪ وٽان ستلج جو رخ ڪجهہ اولهہ پرو تي وجي ٿو. هن وهڪري جا نشان سندس قديم پيٽ ۾ موجوده گهاري جي وچ تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن وهڪري جو ذڪر ص ۴٠٠ تي ڏسي سگهجي ٿو، جيڪو، ”باگ“ ”مبارڪ پور“ ، ”خيرپور“، بهاولپور“ جو اوير ڏئي نوشهري آهل وهندو هو ۽ وڃي هاڪڙي سان ملندو هو، جنهن بابت احوال مذڪوره صفحي تي ڏنل آهي.

(۴٦٨) هن شهر سان گڏ ٻيا الائي ڪيترا شهر ۽ ڳوٺ هاڪڙي جي ڪنڌيءَ سان هوندا هئا. هن درياه جي وهڪري کي سنڌ ملتان، جيسلمير ۽ بيڪانير جي سرحد سمجهيو ويندو هو. اڳين صدي جي وچ ڌاران هن تي هن علائقي جي پٽين جو قبضو هو. مبارڪ خان دائود پوٽي ڪانئن هيءُ قلعو فتح ڪيو، وڏيڪ چوي ٿو تہ هيءُ شهر: ڪڌل Khadal جي علائقي جو مکيہ شهر هو ۽ پٽين جي ملڪيت هو.

هن کي ڪڏهن ڏيرا وال Dhira wal بہ سڏيو ويندو هو. پر مٿين هجي وڏيڪ صحيح نظر اچي ٿي.

(۴٦٩) هن کي ونجهڙوٽ بہ سڏيو ويندو هو. ڪڏهن ملتان جي حدن ۾ بہ رهيو. سنہ ٦٢٥هہ (١٢٢٧ع) ۾ هيءَ علائقو ملڪ تاج الدين سنجر گجلڪ خان جي جاگير ۾ رهيو، جيڪو دهلي جي سلطان التمش جو غلام هو. هن خطي جي حدن بابت ذڪر اڳتي ايندو. وڌيڪ لاءِ ڏسو طبقات ناصري ص ٧٢٣.

شهامت علي جو بيان آهي تہ وڏي ياءُ بهاول خان جي وفات کان پوءِ سنہ ١١٦٣هہ (١٧٥٠ع) ۾ مبارڪ خان دائود پوٽو سندس جانشين ٿيو. رانجهي نالي هڪ ڪافر راجا جي قلعي جي کنڊرن تي هن هڪ قلعو جوڙايو. پهريون قلعو سلطان علاوالدين غوري تباه ڪيو، جنهنجو نالو ونجهڙوٽ هو. سلطان علاوالدين ڪڏهن سنڌو اڳتي ٽپيو ٿي ڪونہ آهي. ڪنهن بہ تاريخ ۾ اهڙو بيان موجود ڪونہ آهي. معزالدين محمد پٽ سام غوريءَ سنہ ٥٧١هہ (١١٧٥ع) ۾ ملتان ۽ اُچ تي حملو ڪيو هو. ونجهڙوٽ هن علائقي جو صدر مقام، سندس اچڻ کان ٥٥ سال پوءِ ٻڌيو. ڏسو حاشيہ ٢١٨

(٢٧٠) نو ـ هار يا اسلام ڳڙهہ بہ قديم ماڳ آهي. عزت ماب ڪمپنيءَ جي هڪ انجنيئر ليفٽيننٽ اي. ايڇ. اي .بئياليائو A.H.E. Boileau ، سنہ ١٨٣٥ع ۾ هي شهر ڏٺو هو، جنهنجو حوالو مٿي اچي چڪو آهي. سندس بيان آهي، تہ نوهار يا اسلام ڳڙهہ ۾ ڪجهہ وقت ترسيو هوس. هي پڪي ڀِٽي جو قديم قلعو آهي ۽ قديم ننڍين سِرن مان ٺهيل آهي. سندس ڪل ايراضي اسي گز هم چورس ٿيندي. قلعي جون پڪيون ۴٠ کان ٥٠ فوٽ کن مٿي ٿينديون. ويران علائقي ۾ ٺهيل آهي. هن کان اڌ يا منو ميل کن پري، پنجاه کان اسي فوٽ بلند واريءَ جون ڀٽون موجود آهن.

(۴۷۱) موج ڳڙهہ هڪ نهايت سگهارو قلعو آهي. جڏهن خطرو وڌي ويندو هو، تہ دائودپوٽا پنهنجي گهراڻي جون عورتون اوڏانهن اماڻي ڇڏيندا هئا. دائود پوٽن هي قلعا، "ماروت،" ترهارا، قلڙا ۽ رڪڻ پور هڪ سوٽيهہ سال اڳ بيڪانير جي راجا کان فتح ڪيا هئا. تنهن زماني ۾ اهي هتي نوان نوان آيا هئا. اهو بہ چيو ويندو آهي، تہ هنن دياوال يا ديرا وار، اسلام ڳڙهہ ۽ دين ڳڙهہ جيسلمير جي حڪمران کان کسي ورتا هئا. پر شهامت علي خان جو چوڻ آهي تہ دين ڳڙهہ جو قلعو بهاول خان اول ٺهرايو هو. منهنجي خيال ۾ اها سندس غلطي آهي ڇاڪاڻ تہ ڪن جڳهن تي هو پاڻ متضاد بيان ڏئي ويو آهي.

(۴۷۲) ريٽيءَ جو وهڪرو يا " ريٽي نالو" ڪن جاين تي درياه جو پيٽ آهي، جيڪو چار پنج ميل ويڪرو آهي. منهنجو خيال آهي تہ هن هنڌ هڪ ميل کن ويڪرو هوندو.

(۴۷۳) هن ڪي نقشن ۾ "سور سوتي ند" Soorsutteenud ڪري لکيو ويو آهي، ٿانيسر کان " سيوان" Sewan تائين سر ستي يا سر سوتي جي پنهي ڪنڌين سان ڇهہ ميل پٽو ڪيٿل Kaithal جي اتر - اتر اولهہ کان شروع ٿئي ٿو ۽ پورا سٺ ڪوهہ هيٺ هلندو وڃي ٿو، سو هندن جي ڌرمي نقطہ نگاه کان پوتر پومي آهي، جنهن کي برهما ورتا يا ديوتائن جو ديش ڪري سمجهيو ويندو آهي. پانڊو ۽ ڪورو واري جنگ بہ هن ماڳ تي وڙهي وئي هئي. جنهن ڪري هن علائقي کي ڪُورڪيت Kur_ Khet ڪر ڪيت Kur Khat ۽ ڪر - ڇتر Kur- chhatar سڏيو ويو آهي. ابو الفضل جي چواڻيءَ موجب مهاڀارت جي هيءَ جنگ، اڪبر بادشاه جي دور جي آخري سال کان 4831 سال اڳ وڙهي وئي هئي. جنهن کي هاڻي 6721 سال ٿيندا. انجيل جي حساب مطابق هن دنيا جي پيدا ٿيڻ کان فقط ٨٢٧ سال پوءِ اها جنگ لڳي. هندن مطابق، انجيل ۾ ڏنل دنيا جي پيدائش هڪ ڪل جهڙي حقيقت آهي. هندن جي هن پوتر پوميءَ اندر ٽي سو سٺ پوتر آستان

آهن. انهن سيني مان وڏيڪ مان ۾ مرتبي وارا ٿانيسر ۽ پيهوئا جا تيرٿ آهن.

(۴۷۴) هن کي تاريخ ۾ شهرِ "سري مور" چيو ويو آهي.

(۴۷۵) ڏسو حاشيه ۴۵۱ جنهن ۾ عظيم آباد تلا واري Azemabad Talawari بابت ڪجهه تفصيل ڏنل آهن.

(۴۷۶) نقشن ۾ هن کي بابين Babyn ڪري لکيو ويو آهي.

(۴۷۷) نقشن ۽ گزيٽيئرن ۾ پيهوئا Pehooa ۽ پيهووا Pehowa لکيل آهي.

(۴۷۸) مختلف نقشن ۾ هنکي "فارس مجرا" Farus Majrà ۽ فاراس Faras به لکيو ويو آهي.

(۴۷۹) نقشن ۾ هنکي "توهانو" Tohanuh لکيو ويو آهي.

(۴۸۰) هن کي نقشي ۾ بوهونا Bohoonah لکيو ويو آهي.

(۴۸۱) ڪننگهام پنهنجي ڪتاب " اينشنٽ انڊيا" ۾ ڏنل نقشي V ۽ VI ۾ هاڪڙي يا واهندا جي وهڪري جو صحيح ڏس پتو ڏنو آهي. پهرئين نقشي ۾ هن وهڪري کي ندراس Nudras flo ۽ ٻئي ۾ وري ڪيس سوترا Sotra يا چترنگ Chitrang درياه لکيو آهي. پر ستلج جي پراڻي وهڪري ناءِ والي Nae wali کي ڪونه ڏيکاريو آهي. رڳو چتنگ جو نشان ڏنو اٿس، جنهن کي هن ٻين جيان چترنگ Chitrang ڪري لکيو آهي، جيڪو غلط آهي. (چترنگ تر جي وڏي حصي جو نالو آهي، جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي.) ان سان گڏ هرياري نيلي ۽ گهاري کي غلطيءَ وچان ستلج جو نالو ڏنو آهي. مختلف انگريز ليکڪن چتنگ کي نه پر گهاگهر درياه کي سوترا Sotra سودرا Sodrah سوٿار Sothaur جي ڌار ڌار نالن سان لکيو آهي. ڏسو حاشيه ۴۸۹ حاشيه ۴۲۳

حصار واري علائقي جي " سيٽلمينٽ رپورٽ" ۾ ٻڌايو ويو آهي ته

"شمس سراج" جي ڏينهن ۾ گهاگهر درياه کي "سرسوتي" ڪوٺيو ويندو هو. سراج ان کي انهيءَ نالي سان ضرور لکيو هوندو، پر هن جا ماٺهو هن درياه کي انهيءَ نالي سان ڪونہ سڏيندا هئا. چاڪاڻ تہ اهي مورڳوئي جدا درياه آهن.

(۴۸۲) ڊائو ۽ برجس هن درياه کي ڪگهر Cuggur ڪري لکيو آهي. فرشتہ پنهنجي تاريخ فارسي ۾ لکي آهي ۽ فارسي ٻولي ۾ انگريزي سي، C واري اچار جهڙو اکر ڪونہ ٿيندو آهي. اهڙيءَ ريت سنسڪرت ۽ هندي ٻوليءَ ۾ اهڙو اکر موجود ڪونہ آهي. ايلفن اسٽون بہ برجس وٽان حوالا ڪنيا آهن، هسٽري آف انڊيا ۾ سڄي ڳالهہ ئي منجهائي ڇڏي اٿائين ۽ گهگهر بدران ڪگر Cagar ڪري لکيو اٿائين. رنيل تہ رهندو وڻ ئي وڃائي ڇڏيا آهن، جو هن Cagar بدران وري ماڳهن Caga ڪاگا ڪري لکيو آهي. اصل اکر گهگهر آهي. وچ تي " جي"g جو اکر ڇٽو آهي.

جارج ٿامس پنهنجي تصنيف "ممايرس" جي صفحي ۱۶۴ تي ڪگر جي وهڪري بابت ڪجهہ حقيقتون ٻڌائي ٿو. ممايرس ۾ هن گهگهر درياه کي ڪگر ڪري لکيو آهي. هو چوي ٿو تہ جڏهن هو پٽنير ۾ رهندو هو تہ ڪيس هن وهڪري جي قديم پيٽ جا اهڃاڻ مليا هئا. پر ان بابت ڪيس معلومات ايتري گهٽي ڪانہ ملي. ان هوندي بہ مليل معلومات موجب ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ڪنهن زماني ۾ هيءُ درياه پٽنير قلعي جي ويجهو وهندو هو. ان وهڪري جو پيٽ جبل تان لهندڙ مٽي ڪري بند ٿي ويو. قلعي جي اولهہ پاسي کان هن درياه جا نشان واريءَ سان لٽجي متجي ويا آهن. هتان جا ڏيهي ماٺهو ڳالهيون ڪندا آهن، تہ ڪنهن زماني ۾ هن درياه جو پاڻي گهٽو اڳتي وهي وڃي فيروز پور وٽ ستلج سان گڏبو هو".

ممايرس جي مرتب، ٿامس جي لکت خلاف ڪم ڪيو ٿو ڏسجي.

هن " ممايرس" ۾ ڏنل نقشي ۾ ائين ڏيکاريو آهي، تہ ڇڻ ستلج فيروز پور جو ڏکڻ ڏئي هاڪڙي ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي. ڪنهن زماني ۾ هڪ پيرو سندس وهڪرو فيروز پور جو ڏکڻ ڏئي وهندو هو. هونئن نہ تہ سدائين اوڀاريون پاسو ڏئي وهندو رهيو آهي.

ٻئي هنڌ وري لکي ٿو، تہ فتح آباد کان وٺي ڀٽنير تائين ڪگر درياه جي ٻنهي ڪنڌين سان ڀٽين جو علائقو آهي. هن جوءِ جي زمين ڏاڍي پلي آهي. چوماسي جي رت ۾ جڏهن پلر جي پالوٽ ٿيندي آهي، تہ جبلن جو پاڻي اچي درياه ۾ لهندو آهي ۽ اٿل ڪري چوڏس ميلن ۾ ٻوڙان ٻوڙ لائي ڏيندو آهي."

" ڪلڪتہ رويو" ۾ ڇاپيل مضمون " لاسٽ رور" جي صفحي ٧ تي مصنف لکي ٿو-تہ اهو پراڻي پيٽ گهگهر (گهاگهر) درياه جي نالي سان مشهور آهي. ماڻهو روايتون ڪن ٿا، تہ اصل ۾ اهو پيٽ ستلج جي وهڪري جو آهي" مونکي معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ماڻهن جون بيان ڪيل روايتون هن شايد ڪونہ سمجهيون آهن. ماڻهن ڪيس اوڀارين نئي وال Nye wal بابت ٻڌايو هوندو. اهو پراڻو پيٽ گهاگهر درياه جوئي آهي ڇاڪاڻ تہ اهو گهگهر يا گهاگهر درياه انهن ٽڪرين جيترو پراڻو آهي.

(٤٨٣) ڏسو صفحو ٤٥٠

(٤٨٤) ڏسو حاشيہ ٤٨٥

(٤٨٥) نقشي ۾ هن کي بونر Boonar لکيو ويو آهي.

(٤٨٦) اسٽيل Steel ۽ ڪروٿر Crowther ٻئي واپاري هئا، جن جو حوالو حاشيہ ٣٥٧ تي ڏنو ويو آهي، جيڪي ٻہ سو پنجهتر سال اڳ ١٦١٤ -١٥ع هن درياه وٽان لنگهيا هئا. سندن ذڪر هن ريت آهي " شاه آباد کان سنڌ ڏانهن ويندي گهگهر يا مغل سراءِ وٽان لنگهيو آهي.

(٤٨٧) هن علائقي ۾ اهڙي قسم جا نالا عام جام ملن ٿا، پر اهي

ٻين نالن سان گذائي بيان ڪيا ويندا آهن. ڪڏهن هيءُ نالو اڳيان تہ ڪڏهن پٺيان ڪتب آندو ويندو آهي. سنسڪرت ۾ هن لفظ جي معني آهي ”ڳوٺ“. هن لفظ جي ٻي شڪل ڪيڙا Khera آهي. اسان جي نقشن ۾ ڪڏهن هنکي ڪڙهہ Kruh ڪري لکيو ويو آهي. ڪڏهن ڪيڙا Khera تہ ڪڏهن وري ڪيڙي Kheree جي هجي ۾ بہ لکيو ويو آهي. ڪنهن نقشي ۾ وري هن لفظ جون مٿيون ٽئي شڪليون ڏنيون ويون آهن، جيڪي هڪ ٻئي جي پرسان لکيل ملنديون. ڏسو حاشيہ ٢٣٠

(٤٨٨) مان هتي هڪ گذارش ڪندس تہ موجوده دور جا هانسي، سمنا، سنم ، ڪهرام ۽ سرستي يا سيرسا، خاص طور هانسي ۽ سندس ماتحت علائقا ، اڪبر بادشاه جي زماني کان وڏيڪ طبقات ناصري واري دور ۾ سڪيا ستابا ۽ خوشحال هئا. قديم زماني ۾ انهن علائقن ۾ پاڻي ججهو هوندو هو. خطي ۾ سڪر سٽائي هئي ۽ منجهس آدم شماري بہ جام هئي. اها سڄي صورتحال قتل شهرن جي گهٽائيءَ مان معلوم ٿئي ٿي.

ابن بطوطہ جو بيان آهي تہ، ” جڏهن ابوهار کان سرستي پهتس تہ ڏٺم تہ اهو وڏو شهر هو. چوڏاري سارين جا فصل هئا. هتان جا ماڻهو اهي ساريون ڪٽي وڃي دهليءَ وڪڻي ايندا هئا. سندس ٻي منزل هانسي هئي. ان لاءِ هيءُ چوي ٿو تہ شهر ناهوڪو پر ڳتيل هو. قلعو بہ سگهارو هوس.“ ان کان پوءِ هو مسعود آباد روانو ٿيو.

دهليءَ جي آخري شمسي سلطان جي ڏينهن ۾، الغ خان اغلم هانسيءَ جو جاگيردار هو، جيڪو پوءِ سلطان غياث الدين بلبن جي نالي سان دهليءَ جي تخت تي ويٺو. هن شهر جو قلعو نهايت قديم هو، هن کي ٤٢٧ هہ (١٠٣٥ -٣٦ع) ۾ سلطان مسعود شهيد فتح ڪيو هو. هيءُ راءِ پٿورا جي اقتدار ۾ اچڻ کان هڪ سو ۽ ڪجهہ سال اڳ جو واقعو آهي، جنهن لاءِ اسان کي ٻڌايو ويندو آهي تہ هن راجا، ان قلعي

جو بنياد رکيو هو“.

گذريل صديءَ ۾ هيءُ قلعو ناس ٿي کنڊر بڻجي ويو. منجهس ڪا ڀهرئي ڪانہ رهي هئي. شهر جي اترئين پاسي لڳو لڳ هڪ وڏو دڙو آهي، جنهن جي چوٽيءَ تي ننڍي قلعي جا کنڊر آهن. شاه جمال هانسويءَ جي بہ ان پراڻي قلعي ۾ مزار آهي. هيءُ بزرگ اجوڌن واري سلطان تراهين، شيخ فريدالدين جي نهايت پيارن شاگردن مان هڪ هو. سندس عرس جي موقعي تي هزارين عقيدت مند اچي هتي مڙندا آهن. قلعي جي اتر پاسي چار ڪوه ڏکڻي ۽ ڪجهہ گهٽ وڌ ايتري موڪري ڍنڍ موجود آهي. هن علائقي جي تباهيءَ جو اهو سبب چيو ويندو آهي تہ ١١٧٩هہ (١٧٨٢ع) ۾ هتي سخت ڏڪار پيو هو. هيءُ شهر جارج ٿامس جي ٻڌايل علائقي جو ٿوري وقت لاءِ صدر مقام بہ رهيو هو.

”هيءُ شهر جڏهن تباه ٿي ويو تہ هتان جا واپاري ۽ دڪاندار ٽيڙ ٽاڙي ڪٽي وڃي نگالي شهر ۾ ويٺا. (نقشن ۾ هن ٽاڪ کي مِنگالي، مَنگالي ۽ ڪن ۾ وري بليالي لکيو ويو آهي). ان کان پوءِ هيءُ اهڙو سهٽو شهر ٿي پيو، جو ٻيا ريسون ڪرڻ لڳا. مذڪوره شهر هانسي کان ڏکڻ اوڀر طرف واقع آهي“.

سلطان مسعود سرستي يا سيرسا شهر کي ٤٢٥هہ (١٠٣٣ -٣٤ع) ۾ فتح ڪيو هو. هن هانسي تي حملو ان وقت ڪيو هو، جڏهن هو سخت بيمار هو. هن تندرست ٿيڻ تي ڪافرن سان جهاد ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو هو. هانسيءَ جو قلعو نهايت سگهارو هو. هندن جو خيال هو تہ اهو قلعو ڪڏهن بہ فتح ٿي ڪونہ سگهندو. ڇهن ڏينهن ۾ مسلمانن قلعي جو هڪ چبوترو ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو ۽ مسلمان فوج ان ۾ داخل ٿي وڃڻ ۾ سوياري ٿي ۽ ٿوري ئي وقت اندر قلعو فتح ٿي ويو: اها سال ٤٢٨هہ (٢٤ آڪٽوبر ١٠٣٦ع) جي شروعات هئي. مسلمانن کي اتان گهڻو مال غنيمت هٿ آيو.

هن قلعي جي فتح کان پوءِ سلطان مسعود دهليءَ جي اتر ۾ سوني پٽ Soni Pat نالي هڪ قلعي تي ڪاهي ويو. هيءُ مشهور قلعو ۽ راجا ديوبال Deobal جي رهڻ جو ٺاڪ هو. (امڪان آهي ته اهو هريانا جو "ديوا پالا" هجي). جڏهن راجا کي خبر پهتي ته سلطان مسعود ويجهو اچي سهڙيو آهي، ته هو پنهنجي فوج وٺي جهنگ ۾ لڪي ويو ۽ شهر جي بچاءَ واسطي قلعي اندر فوج مقرر ڪيائين. ان شهر فتح ڪري ڏاڍي ڦر لٽ ڪئي . اتي جيڪي بت رکيل هئا، تن کي باهه ۾ اڇلائي ساڙيو ويو. هڪ جاسُوسيءَ سلطان مسعود کي اچي ٻڌايو ته راجا ديوبال فلاڻي هنڌ موجود آهي. اها خبر ٻڌڻ شرط مسلمان فوج اوچتو وڃي متانئس ڪڙڪي. ٿوري مقابلي کان پوءِ راجا شڪست کائي ڀڄي هليو ويو.

ان کان پوءَ سلطان پنهنجي پٽ ابوالمجلامجدودد Abdul Mujallah Majdud کي لاهور جو گورنر مقرر ڪيو. اوياريان علائقا سندس ماتحت هئا.

ٿوري وقت کان پوءِ سلطان ابوالمجلا مجدود پنهنجي پيءُ سلطان مسعود جي قتل جو سنه ۴۳۳هه (۱۰۴۱ -۴۲ع) ۾ پلاند ورتو ۽ خراسان جي علائقي تي پيهر پنهنجو تسلط ڄمائڻ لاءِ حملو ڪيو. پر الپ ارسلان سلجوق کيس شڪست ڏني. لاهور ۽ ان جي ماتحت علائقن جي مسلمانن، جن سلطان مسعود جي ڏينهن ۾ ٺٺوکي گورنر احمد مغل تگين جي بغاوت ڪرڻ وقت سلطان جو طرف وٺي هن سان زبردست مقابلا ڪيا هئا. نتيجي ۾ هو سنڌ واري منصوره پرسان مهراڻ درياهه ۾ ٻڏي مري ويو هو، تن سلطان مجدود جي تابعداريءَ جو طوق ڳچيءَ مان لاهي ڦٽي ڪيو. ان زماني ۾ هن جي تن راجائن، لاهور جي علائقي کي غزنوين جي غلاميءَ کان آزاد ڪرائڻ لاءِ گڏجي حملو ڪيو ۽ لاهور تي گهيرو ڪيو. اهو حال ڏسي مسلمان باغين جي اڳواڻن سلطان مجدود سان وفادار رهڻ جو وچن ڪيو ۽ سندس فوج ۾ شامل

ٿيڻ لڳا. سلطان مجدود ڪان ڏچي انهن مان ۾ راجا لاهور تي حملي ڪرڻ مان هٿ ڪيي هليا ويا. پر هريانا جو راجا ديوبال Deabal لاهور تي ڪڙو چاڙهيون ويٺو رهيو. سندس خيال هو تہ جيڪڏهن مسلمان مقابلي لاءِ لاهور جي قلعي مان ٻاهر نڪري آيا، تہ ڪين واپس وڃڻ جي مهلت ڪونہ ڏيندو. مسلمانن ٻاهر نڪري سندس مقابلو ڪيو. چاڪاڻ تہ هو ان وقت پاڻ کي وڏيڪ سگهارا معلوم ڪري رهيا هئا. ساٿس مردانگيءَ سان مهاڏو اتڪايائون، سخت مقابلو ٿيو. ٻنهي طرفن ڪان اڪيچار ڪونڌر ڪٽا. اوڙڪ، راجا ديوبال جي هار ٿي. سندس لشڪر ڀاڄ ڪئي. ڀاڄڙ ۾ بہ سندس فوج جو ججهو انگ قتل ٿيو. راجا ديوبال ڀڄي وڃي پنهنجي هڪ مضبوط قلعي ۾ پناه ورتي.

فاتح فوج بہ سندس ڪڍ لڳي آئي، تنهن اچي ان قلعي تي ڪڙو چاڙهيو. هن قلعي جو نالو ڪونہ ڏنو ويو آهي، پر ايترو سو بيان ملي ٿو تہ مذڪوره قلعو ننڍو ضرور هو، پر گهڻو مضبوط هو. راجا سان چڱو لشڪر گڏ هو. تنهن ڪري ڪيس ڏڪار جو اچي ڏپ ٿيو. هن مسلمان فوج سان صلح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مسلمانن ڪيس جواب موڪليو تہ جيڪڏهن هو پنهنجا سڀئي قلعا سندن حوالي ڪندو ۽ آڻ مڃيندو تہ صلح ٿي سگهي ٿو. راجا، هن ڪانسواءِ ڪو ٻيو چارو نہ ڏسي صلح لاءِ اهي شرط قبول ڪيا. ڪيس تہ معافي ملي، پر انهن قلعن اندر جيڪو قيمتي مال مڏي ۽ سامان رکيل هو، سو مسلمانن جي ور چڙهي ويو ۽ کين ايترو تہ مال غنيمت هٿ آيو، جنهن جو انت شمارئي ڪونہ آهي. هن راجا ديوبال وٽ پنج هزار مسلمان غلام هئا، سي بہ مسلمان فوج سان ملي ويا هئا. هيءُ هندستان ۾ پنهنجي دور جو هڪ طاقتور راجا هيو.

هي اهو راجا نظر اچي ٿو، جنهن تي پنهنجي زماني ۾ سلطان مسعود حملو ڪيو هو. پر سندس نالي جي لکٽي ڏار ڏار آهي. سلطان مسعود جي زماني ۾ سندس نالو " ديوبال يا "ديوپال" Diapal لکيو

ويو آهي. جڏهن تہ هاڻي سنڌس ناليِ جي هجي دوبال Deabal ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر نقطا ڪونہ اٿس، صورتخطي دومال اٿس. ٿي سگهي ٿو اهو تہ دوبال يا دوپال هجي يا ماڳهن دويال هجي. جيڪڏهن اهو ساڳيو راجا نہ آهي، تہ سنڌس پٽ يا سنڌس گادي نشين ضرور آهي. پر اهي نالا ضرور ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جا آهن.

هن قلعي جي فتح کان پوءِ مسلمان، ٻئي راجا تي حملي ڪرڻ لاءِ اڳتي روانا ٿيا. سنڌس نالو "مت ماري" Matmari هو. هيءُ راجا قلعي مان نڪري سندن مقابلو ڪندو رهيو. مسلمان فوج جو انگ هن جي ذهنڻ پٽيءَ جيترو بہ ڪونہ هو. نيٺ راجا شڪست کاڌي ۽ قتل ڪيو ويو ۽ سنڌس پنج هزار ماڻهو قتل ٿيا. مسلمانن کي مالِ غنيمت طور تمام گهڻو سامان هٿ آيو. اوسي پاسي جي راجائن کي هن راجا جي بري شڪست مان مايوس ٿي آڻ مڃي ۽ ڏن ڏيڻ قبوليو. اهڙيءَ ريت اهي اسلام جي تيز ترار کان بچي ويا. سلطان مجدود، ٢٠ رجب سنہ ٤١٤هہ (جنوري جي پڇاڙي ١٠٥٠ع) ۾ وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ سنڌس پٽ ابوالقاسم محمد، لاهور ۽ اتان جي ماتحت علائقن جو حڪمران ٿيو.

(٤٨٩) اڪبر بادشاه جي دور ۾ تهوانا Tihwanah (بلاچ من هن کي توهانا Tohana ڪري لکيو آهي) حصار فيروزه سرڪار جو هڪ محال هوندو هو ۽ پڪ سرائون قلعو هوس. اتان ٣٥٤، ٦٩٤، ٤ درهم ڍل اُگرندي هئي ۽ ١٥٠٦٨٠ درهم معاف ڍل ۾ شمار ٿيندي هئي. اتي نوحراني يا لوه راني پٺاڻ آباد ڪيا ويا هئا، جيڪي ضرورت وقت سرڪار کي ٤٠٠ گهوڙيسوار ۽ ٽي هزار پيادن جي سهائتا ڏيندا هئا. گمان اهو آهي تہ انهن پٺاڻن کي غياث الدين بلبن جي زماني ۾ هتي آڻائي آباد ڪيو ويو هو. هيءُ دهلي سلطنت جو پهريون وڏو جاگيردار هو، جنهن پٺاڻن سان هن علائقي جي والار ڪرائي هئي ۽ ان جي بدلي ڪانئن فوجي خدمتون وٺندو هو. پر ڇهين صديءَ ۾ دهليءَ جي راجا

آننگ پال Anag pal تنر Tunur جي دور ۾ ائين ڪونہ هو، جيئن ڪن تاريخن ۾ لکيل آهي، اهو بہ چيو ويندو آهي، تہ هن شهر جي پيڙهہ راجا تهوان پال Tehwanpal پٽ "ابي پال" Abipal رکي هئي.

(۴۹۰) جڏهن بابر هندستان تي حملو ڪيو تہ ان زماني ۾ گهاگهر درياه جون ڇوليون سمانا جي قلعي جي پٽين کي ڇهنديون لنگهنديون هيون. هو تزڪ بابري ۾ ٻڌائي ٿو تہ، " اسان سرهند کان انبالا ڏانهن پيش قدمي ڪندي بانر (مانهر Banhur) ۾ سانر درياه جي ڪنڌيءَ سان اچي فوجي واند هئين. (گهٽو ڪري اهو ڏنو ويو آهي تہ ڏاريا ماٺهو هندي ٻوليءَ جي "هہ" جو اچار ڪائي ويندا آهن). هندستان جي وڏن درياهن سان ٻيو بہ هڪ وهڪرو آهي، جنهن کي آب ـ گگر (گهگهر) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ڇات Chhat (نقشي ۾ هن کي ڇٽ Chuth ڪري لکيو ويو آهي) بہ هن درياه جي ڪناري واقع آهي." بادشاه ملڪ جي معائني ڪرڻ واسطي درياه وٽي اوپارو هلڻ لڳو هو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ ، " جنهن ماڳ وٽان هيءُ درياه جبلن مان نڪري ميداني علائقي ۾ اچي ٿو، ان کان چار پنج ڪوهہ مٿي، ٻئي درياه جو پاٽي هڪ ڪُلئي لَڪَ مان اچي منجهس ملندو آهي. ان درياه جو پاٽي ايترو گهٽو آهي، جو پاٽيءَ جون پنج جانڊاهيون هلائي سگهي ٿو" اتي جو ايڏو تہ دلفريب منظر هو، جو هن درياه جي ڪناري سان، باغن پوکڻ جون هدايتون ڏنيون هيون. ان کان پوءِ هو لکي ٿو تہ، "هيءُ درياه ميداني علائقي ۾ ڪوه يا بہ ڪوهہ وهڻ کان پوءِ گگر (گهگهر) درياه سان ملي وڃي ٿو. جنهن جاءِ تان هي درياه جبلن مان نڪري ميداني علائقي ۾ اچي ٿو، سا هن ماڳ کان چار يا پنج ڪوهہ، هيٺئين طرف آهي. چوماسي جي رت ۾ پاٽي جو وڏو حصو هن درياه مان ايندو آهي، جيڪو وڃي گگر (گهگهر) سان ملندو آهي، پوءِ اهو اڳتي سمانا ۽ سنمر ڏانهن وهندو ويندو آهي." هتي هاٽي اليٽ جلد IV ص ۲۱۹ تي ايڊيٽر جي بيان کي هن حقيقت سان پيٽائي ڏسندا، جنهن

تزڪ بابريءَ جو ساڳيو حوالو ڪتب آندو آهي. اها ڪيڏي نہ خطرناڪ ڳالهہ آهي، جو هن ”او“ Ou جي لفظ کي سمجهڻ کانسواءِ لکڻ ترڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ نہ وري انجو ذڪرئي ڪيو آهي. هن ماڳ وٽان بادشاه جو پٽ همايون، ميمنہ واري حصي مان ڪجهہ فوج وٺي، حصار فيروزه طرف روانو ٿيو، جيڪو هتان کان نوي ميل ڏکڻ - ڏکڻ اوڀر طرف هو. سندس مقصد اتي آباد ٿيل پٺاڻن مٿان حملو ڪرڻ هو. پر مسٽر ڊائوسن جو بيان آهي، تہ همايون ڪڏهن بہ پنهنجي پيءُ بابر کان الڳ ڪونہ رهيو هو. حصار فيروزه مان اڳڙندڙ ڍل جو انگ هڪ ڪروڙ ٽنڪا هو، جيڪا همايون ڦري هئي. بعد ۾ بابر اهو علائقو ۽ هڪ ڪروڙ ٽنڪا همايون جي حوالي ڪري ڇڏيا.

اڪبري دور ۾ ڇات (جنهن کي نقشن ۾ ”ڇٽ“ جي غلط هجي ۾ لکيو ويو آهي) جو محال سرهند سرڪار ۾ هوندو هو. هن علائقي مان ڍل جي اوڳڙ ۹۴۴، ۷۵۰ درهم ۽ معاف ڍل ۸۶۰ ۴۹ درهم هوندي هئي. افغانن ۽ راجپوتن جي گڏيل آبادي هوندي هئي. فوجي خدمتن واسطي ۶۵۰ گهوڙيسوار ۽ ۱۱۰۰ پيادل فوج مهيا ڪندا هئا.

(۴۹۱) ڏسو صفحو ۴۲۲ ۽ ان کي ڪلڪتہ رويو جي مقالي سان ڀيٽي ڏسندا تہ معلوم ٿيندو اهو واهندا کان سواءِ ڪو ٻيو وهڪرو ڪونہ آهي.

(۴۹۲) نقشي ۾ هنکي ڦيرائي هانڊي Handee ڪري لکيو ويو آهي.

(۴۹۳) هن ماڳ کي شڪورپور Shukoorpoor نہ، پر شڪوه پور Shikoh Poor سڏيووڃندو آهي، جيڪو منگ آلا کان ٻارهن ميل اولهہ طرف آهي.

(۴۹۴) هريانا جي علائقي وارو ” تهوانا“ ڪجهہ ميل اتر طرف گهگهر درياه ٻن ڇاڙهن ۾ ورهائجي ويندو آهي. سيرسا Sirsa آهل اولهہ ڏس تي جيڪي بہ ڳوٺ يا علائقا درياه جي اتر ڪناري سان واقع آهن،

تن کي عام طور سوت هار يا سوتوهار ڪري سڏيو ويندو آهي. سنسڪرت ٻوليءَ ۾ سوت جي معنيٰ، جهرڻو، واهڙ يا درياه آهي. مگر گهگهر کي هن نالي سان نه، پر درياه ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. سوت هار واريون زمينون ڏاڍيون ڀليون آهن، جيڪي سال ۾ ٻه فصل ڏينديون آهن، جن مان هڪ سارين جو فصل هوندو آهي. ابن بطوطه جي زماني ۾ سرستي يا سيرسا جي علائقي ۾ ساريون تمام گهڻيون ٿينديون هيون. پر ٻئي يعني ڏاڪڻين ڪناري جي ڳوٺن کي ڏاپڻ سڏيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ جو ان ڪناري سان هڪ قسم جو گاه ٿيندو آهي جنهن کي سنڌي ۾ "ڏڀ" Dab چيو ويندو آهي.

فيروزپور واري علائقي ۾ ٻه ميل ويڪرو، وارياسي زمين جو هڪ پٽو آهي. اهو گهڻو ٽٽو پٽن سان ڏيکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو ستلج جي هڪ پراڻي پيٽ سان هلندو ڏسبو آهي، جنهن کي.پڻ سوت- هار يا سوت هارا سڏيو ويندو آهي. ڏسو حاشيه ۴۷۷ ۽ حاشيه۴۲۳.

هريانا خاص طور تي، فتح آباد، فيروزه حصار توبشام يا توبشم Tobsham ۽ ڀاواني جي اولهه ۽ ڏکڻ وارا پاسا، يا بيڪانير ۽ جيسلمير جي پر وارا علائقا بانجر Banjar يا بنجر Banjar ڪري سڏيا ويندا آهن. هتي هندي ٻوليءَ جو هڪ اکر ڏهي ويو آهي جنهن ۾ "ج" g جو اکر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. بنجر معنيٰ زمين جو غيرآباد خطو، بيابان، پاڻيءَ کانسواءِ کو خشڪ علائقو وغيره. هي علائقا وارياسا آهن، جيڪي سدائين مٽيءَ جي آنڌارين جي منهن ۾ هوندا آهن، هاري جڏهن ٻج ڇٽي هر ڏئي سلا ساوا ٿيڻ جو اوسيڙو ڪندا آهن ته آنڌاري اوسي پاسي جي واري اُڏائي آڻي ٻج مٿان وڇائي ڇڏيندي آهي. نتيجو اهو نڪرندو آهي جو ٻج ڄمندو ئي ڪونه آهي. ڪن علائقن جا ماڻهو هن ڪارڻ به پنهنجا اباڻا اَجها ڇڏي هليا ويا، ڇو جو پاڻي واسطي ڪنيل کوه واريءَ جي ساڳي آزار سبب لٽجي ڍڪجي ويا.

سوهاٽي Suhani کان پندرهن کان پنجويهن ميلن تائين ڏکڻ طرف ۽ بيڪانير جي دنگ وٽ واريءَ جي وچ تي پٽن ۾ ڪي اهڙيون ٽڪريون آهن، جيڪي ڏسڻ ۾ ائين ايندڙيون آهن، ڄڻ تہ واريا سي علائقي ۾ ڪي ٻيٽاريون آهن. اهي گهٽيون اتاهيون ڪونہ آهن، سندن اوچائي وڌِ ۾ وڌِ اٺ سو فوٽ مس ٿيندي. توبشام TobSham جو شهر اهڙين اتاهين ٽڪرين جي ڪڇ ۾ موجود آهي. اهي اهڙي ورن جون ٽڪريون آهن، جن جو ذڪر ابوهار کان دهليءَ ويندي ابن بطوطہ ڪيو آهي.

ڪننگهام پنهنجي ڪتاب ”اينشنٽ انڊيا“ (ص 247) ۾ چوي ٿو تہ، ”جنهن ملڪ جي راڄڌاني هاڻي بيڪانير آهي، تنهن کي قديم زماني ۾ باگڙ ديس Bagar _ des سڏيو ويندو هو، جنهنجو مطلب آهي باگڙين يا ويڙهاڪن جو ديس. سندن اڳواڻ باگڙ راءِ هوندو هو. جيڪڏهن اها حقيقت آهي، تہ پوءِ هن ملڪ جوباگڙي ديس هئڻ گهرجي. هن هيءَ ڳالهہ بہ ائين گهڙي ورتي آهي، جيئن Bangare مان Banjar جو لفظ ڪيڏي ورتو آهي، جنهن جو متي ذڪر اچي چڪو آهي. جيئن باگڙين جي معنيٰ ويڙهاڪ ڪيڏي ورتي اٿائين. پر هو اهو ڪونہ ٿو ٻڌائي، تہ اهو باگڙراءِ ڪهڙي زماني ۾ موجود هو ۽ اهي ”باگڙي ويڙهاڪ“ خود واريءَ جون پٽون تہ ڪونہ آهن. سروي رڪارڊ موجب هريانا دهليءَ جو ماتحت علائقو هو. اهڙيءَ ريت هن علائقي کي بنجر سڏيندا هئا. فارسيءَ ۾ هن لفظ جي معنيٰ ”خشڪ“ ٿيندي . اردو ٻوليءَ ۾ بہ ساڳي معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي. هري جو لفظ سنسڪرت ٻوليءَ سان واسطو رکي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي ساوڪ. هريانا جو علائقو بهادر ڳڙهہ کان فيروز حصار تائين پکڙيل آهي. سندس ڊيگهہ سو ڪوه کن ٿيندي. گهگهر درياه کان وٺي ميوات تائين ويڪرو آهي ۽ ويڪر بہ اٽڪل روءِ ڊيگهہ جيتري ٿيندس. گهٽو ڪري منجهس وارياسو علائقو بنجر زمين ۽ جهنگ آهي. هتان جي شهرن جي چوڌاري ڪوٽ ۽ قلعا اڏيل ڪونہ آهن، پر ماڻهوءَ جي قد کان ٻيٽا وڏا لوڙها

ڏنل ڏسڻ ۾ ايندا، جن جي چوڌاري ڪاهيون ڪوٽيل هونديون آهن. اتان جا ماڻهو بچاءَ جي نقطہ نگاہ ڪان اهو ٻہ گهڻو سمجهندا آهن. پنهنجي ڌرتيءَ جي بچاءَ لاءِ هتان جا ماڻهو ڏاڍي بهادريءَ سان وڙهندا آهن.

”هتان جا ماڻهو گهڻو ڪري، جاٽ، گجر، رانگڙ، آرائين، افغان ۽ هَنس آهن. غياث الدين بلبن جي زماني ۾ افغانن کي گهرائي هتي آباد ڪيو ويو هو. هيءُ اِبري ترڪ گهراڻي جو دهليءَ جو حڪمران هو. انّ کان پوءِ جڏهن وري دهليءَ جا پٺاڻ فرمانروا ٿيا، تہ افغانن جي وڏيڪ آباد ڪاري ٿي هئي. جاگرافي جي نقطہ نظر کان هيءُ خطو ڏاڍو اٽانگو آهي، تنهن ڪري هر حڪمران جي دور ۾ هتان بغاوت جي باه ضرور دکي آهي (اهو صورت حال هڪ سو سال اڳ هو، جڏهن مصنف هي ڪتاب لکي رهيو هو.) ۽ هتان جا رهاڪو سرڪشيءَ سبب هر حڪمران لاءِ مٿي جو سور رهيا آهن .... بهادر گهوڙيسوارن کان سواءِ هنن ماڻهن تي ضابطو رکڻ ڏاڍو مشڪل آهي. جنڌ Jindh، هانسي، حصار فيروزہ، آگروها Agrohah ، فتح آباد، جمال پور تهوانا، ڪيٿل، ميهام Meham ، پاواني، چيرکي Chirkhi ، دادري، بيري Biri ننگالي، کڙکودا Kharkhoda ، ججهار، روهتاڪ، ڪوهانا Ko-hanah ۽ ٻئنسي هتان جا مکيہ شهر آهن. پر سکن جي ظلمن ۽ ڦٽين جي ڏاڍاين ڪارڻ حصار فيروزہ، هانسي، آگروها، فتح آباد، جمال پور، تهوانا ۽ ان طرف جا ٻيا شهر ويران ٿي ويا آهن.

(۴۹۵) موجودہ دور ۾ (جڏهن هندستان جا نقشا تيار ٿي رهيا هئا) ڇُوهِي Chhuhey جو وهڪرو منگ آلا کان اڍائي ميل ڪن اوڀاران وهندو هو، جيڪو ساڳئي شهر کان اڍائي ميل ڏکڻ ـ اوير طرف وڃي گهگهر درياہ سان ملندو آهي. اهو سنگم ماڪودر Makodar (نقشي ۾هنکي مڪودر Mukodur ڪري لکيو ويو آهي) کان ٻہ ميل اولهہ ڏس تي ٿيندو، جنهن ڄجي ويجهوئي اتر ۾ گهگهر جو وهڪرو اڃا ٻہ گذرندو آهي.

(۴۹٦) هاڻي سندس ڏکڻ ۾ وهندو آهي.

(۴۹۷) نقشي ۾ هنکي ڊوڊل Doodhal جي هجي ۾ لکيو ويو آهي.

(۴۹۸) هاڻي پيون يا ڏاڪٽيون ڇاڙهون ڪجهه اڳتي ڏکڻ طرف وڃي ملنديون آهن. منگ آلا ۽ فيروز آباد جي وچ تي گهگهر جي پيٽ ۾ گهٽين ئي جاين تي اجا به پاڻي موجود هوندو آهي.

(۴۹۹) هن جوءِ جا سڀ ڳوٺ نوان هجن يا پراڻا، سڀ دڙن تي ڏسڻ ۾ ايندا. سنڌي لفظ ٽِبو يا ٽبيءَ جو مطلب، دڙو، پڙو ۽ اتاهين جاءِ آهي. هن حقيقت مان پتو پوي ٿو ته پاڻيءَ جي اٿاٽ ضرور هئي.

(۵۰۰) نقشي ۾ هن کي "وار -War N- N " ڪري لکيو ويو آهي سيرسا کان لڳو لڳ اتر طرف آهي، پر سنمر کان مٿان هن کي چوئي يا ند Choeeanud چيو ويندو آهي. جيڪا هڪ ڏار وهڪري جي شڪل ۾ هوندي آهي.

(۵۰۱) هن ٿوري عرصي لاءِ ڪي نديون وڏيون تبديليون ضرور ڪيون هونديون.

قديم زماني کان وٺي هي وهڪرو جابلو علائقي مان بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ وهي ٿو. ڇاڙهه جي رت ۾ اج به پيڙين هاڪارڻ لاءِ خطرناڪ هوندو آهي. ڪن خاص موقعن ڪانسواءِ هيءُ درياه گهٽن ٿاڪن وٽان لنگهڻ جوڳو هُوندو آهي.

(۵۰۲) آئين اڪبريءَ جو بيان آهي ته سيرسا پرسان هڪ ڍنڍ آهي، جنهنجو نالو پنڊارا آهي. هاڻي هن ڍنڍ جو نالو نشان به ڪونه آهي.

(۵۰۳) ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي دور ۾ جڏهن هندستان پنهنجي ترقيءَ جي پوري اوج تي هو، ته هر شيءِ ڏاڍي سستي هئي. اهڙي سستائي وري ڪيس شايد نصيب ٿئي. ان زماني ۾ پ شلنگ ۽ ٽي پينس هڪ روپيه جي برابر هوندا هئا. ٿوري وقت کان پوءِ هن جي اوپارئين

دنگ تي سڪنرس هارس Skinners Horse نالي هڪ فوجي جٿو مقرر ڪيو ويو هو. ڏسو حاشيہ 514

(۵۰۴) اسان جي نقشن ۾ ڊيلي کي ڊئبلي ۽ ڊوبلي ڪري لکيو ويو آهي.

(۵۰۵) سنسڪرت ۾ " پٽرا" جي معنيٰ غار يا تهہ خانو آهي.

(۵۰٦) پٽيءَ بابت گلڊون کان هڪ اچرج جهڙي غلطي ٿي وئي آهي. اها غلطي هن آئين اڪبريءَ جي ترجمي ۾ ڪئي آهي. هاڻي جيڪو بہ ماڻهو ان ترجمي مان حوالا ڪڍي ٿو، سو ساڳي غلطي ڪري ٿو. اسان کي اهي غلطيون "پٽان ڊئنسٽي" جي شڪل ۾ ملن ٿيون يا وري کي " ڪوڪرن" کي گهڪر يا گهڪر ڪري لکندا آهن.

پٽين جي ملڪ بابت هڪ قصي ۾، ڊبليو. هئملٽن W.Hamilton پنهنجي تصنيف " هندستان " جلد I ص 523 تي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ، " پٽي اصل ۾ ڏنار آهن. هن قبيلي جون ڪيتريون ئي شاخون پنجاب ۾ ملنديون. اهي سمنڊ کان وٺي اُچ تائين پوٺن ۽ تراين ۾ پکڙيا پيا آهن. آئين اڪبريءَ ۾ ابوالفضل کين احشام پٽي Asham Bhatty ڪري لکيو آهي.

ابوالفضل پنهنجي ڪتاب آئين اڪبريءَ ۾ ملتان جي ماتحت نٽي واري علائقي جي ماڻهن ڏانهن اشارو ڪندي لکي ٿو تہ، "اهي احشام پٽي وجران جيان آهن، يعني هيءُ مصنف ان حقيقت طرف اشارو ڪري ٿو تہ پٽي قبيلي جون پيون بہ گهٽيون هيٺيون چاڙهون آهن. حشام عربي لفظ حشم جو جمع آهي. جنهن ماڻهوءَ هي پهرين غلطي ڪئي، سو هنن ٻن لفظن احشام پٽي کي بہ سمجهي ڪونہ سگهيو آهي. (چاڪاڻ تہ هتي فارسي طرز واري اضافت واري علامت کي ٻجهي ڪونہ سگهيو آهي. (ڏسو حاشيہ ۲۴۲). پهريون تہ هن صاحب پٽي Batty جي هجي ۾ "h" ڪتب ڪانہ آندي آهي، نہ تہ صحيح هجي Batty جي

بـدران Bhatty هجڻ گهرجي ها. اهڙيءَ ريت احشـام جي معنيٰ آهي: برادري، جٿو، ٽولو، فرقو، پوئلگ وغيره ۽ اهو هروڀرو پـٺين سـان واسطو ڪونـہ ٿـو رکي، پر هر قبيلي ۽ برداري لاءِ استـعـمـال ڪري سگهجي ٿو.

(٥٠٧) هتي ٻيگهنو ندي Begunuh river جي ذڪـر ڪونـہ ڪيـو ويو آهي، جيڪا نقشي مطابق، پپلوٿا Poplutha جي ٿاڪ کان اڀائي ميل ڏکڻ ـ اولهہ طرف ماراڪنڊ سان سنگم ڪندي آهي. هن مان اهو معلوم ٿيندو تہ هڪ صديءَ کان بہ ٿوري عرصي ۾ ڪيڏيون نہ وڏيون تبديليون اچيٰ چڪيون آهن. نقشي جي هيءَ ٻيگهنو ندي گزيٽيئر ۾ بيگنا Begna لکيل آهي. ٻن ۾ اختلاف هجڻ صحيح معلوم ٿئيٰ ٿو، ڇاڪاڻ تہ گهڻ رنگي وجود ۾ ڪشش هوندي آهي.

(٥٠٨) درياہ جي وهڪري ۽ ان جي ڇاڙهہ جي اٿل ڪري، ماراڪنڊ جي زمين ڏاڍي ڀلي ٿي پوندي آهي. پاٽيءَ ۾ موجود لٽ پوڻ ڪري هتي ڪمند جي پوک ڏاڍي ناهوڪي ٿيندي آهي. قديم زماني ۾ گهگهر درياہ جي ڪناري سان بہ ڪمند جا فصل ڀلا ٿيندا هئا. جڏهن سلطان مسعود سيرسا يا سرستي تي حملو ڪيو هو، تہ ڪمند وڍائي ان سان کاهي پورائي ڇڏي هئائين، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن سندس فوج قلعي جي پٽين تي حملو ڪري سگهي. ڏسو حاشيہ 261 .

(٥٠٩) نقشي ۾ هنکي موروُ Mowruh ڪري لکيو ويو آهي.

(٥١٠) موجوده دور ۾ سندس پاٽيءَ (يا ساڳي نالي وارو درياہ) " آگونڊ" کان اتر ۾ هاڪڙي سان ملندو آهي. هن کي نقشن ۾ اُمبالا Ombala ڪري لکيو ويو آهي.

(٥١١) هنکي گزيٽيئرن ۾ لندرا Laudra ۽ پٽيالا راءِ Rau ۽ نقشن ۾ " ڪونسيلا اين" Konsilla n ڪري لکيو ويو آهي. پٽيالا جي ڏکڻ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ۽ هن ٿاڪ جي اتر ۾ وري " پٽيئل والي Patteal

wali ندي جو نشان ڏنو ويو آهي. هيءَ ڪونسيلا جي پرتي ڪندڙ شاخ آهي.

(٥١٢) سروي رڪارڊ ۾ ٻئي رستي سان وري هن ريت بيان ڪيو ويو آهي، " جيڪڏهن تسڪي Thaski کان پٽيالا وڃبو تہ "بلا" (Balla، جنهن کي نقشن ۾ بلر Ballur ڪري لکيو ويو آهي) کان اڳتي ۽ پٽيالا کان ڇهن ميلن جي فاصلي تي ٻاگ ناءِ Bagh Nae نالي هڪ وهڪرو اچي گهگهر سان ملي ٿو.

(٥١٣) نقشن ۾ گهنورُ Ghanoor لکيل آهي. هيءُ ٽاڪ انبالا کان سادا ڇهہ ميل ڏکڻ - اولهہ طرف آهي، اتان جي ماڻهن جي چوڻ مطابق هن جو صحيح اُچار ائين آهي، جيئن مٿي ڏنو ويو آهي.

موجوده دور ۾ گهگهر انهن ٻنهي ٽاڪن کان ٻہ ميل اوپر کان وهي ٿو. پر سروي واري زماني ۾ اهو مذڪوره ماڳن کان ٽي چار ميل اولهہ وهندو هو.

(٥١٤) هنکي نقشن ۾ قُصائور Kussour ڪري لکيو ويو آهي.

(٥١٥) مصنف ٻيءَ جاءِ تي لکي ٿو تہ، " تهوانا جي پرسان هنکي" گاجي واهہ " Gaji Wahah سڏيو ويندو آهي.

(٥١٦) هاٺي اهو اوپر پاسي کان لنگهي ٿو حاشيہ 485 .

(٥١٧) سنسڪرت ۾ هن لفظ جي معنيٰ پڪيءَ ڌرتيءَ وارو علائقو آهي. سنڌ ۽ پنجاب ۾ هن جوءِ کي واريا سو علائقو سڏيو وڃي ٿو، جتي پاڻيءَ جي ٻوند بہ نہ هجي. ڏسو حاشيہ 455.

(٥١٨) هڪ نقشي ۾ "چوئي يا" Choeea، ٻئي ۾ چوئا Choa آهي، پر اسان کي صحيح لفظ "چُوّا" Chuwwa معلوم ٿئي ٿو.

(٥١٩) سندن خيال اهو هوندو، تہ سنڌ جا گهوڙا عربي گهوڙن جي

نسل ملڻ ڪري تمام سٺا هوندا. سنڌ جي فتح ڪرڻ کان اڳ عربن وقت بوقت هن ملڪ ۾ ڪيترن ئي قسمن جا گهوڙا آندا هوندا. تنهن ڪري هڪ فطري ڳالهه آهي، ته سنڌ جي گهوڙن جو نسل تمام اعليٰ ٿي ويو هوندو. پر مامرو ڪجهه ابتڙ آهي. سنڌ جا گهوڙا سٺا ڪونه آهن. پر لکي وال يا لکي جهنگ يا هريانا جا گهوڙا ڀلا ٿيندا آهن.

”ممايرس آف جارج ٿامر“ ص ١٣٢ تي لکيل آهي، ”بيڪانير جي علائقي پرسان لکي جهنگ ڏاڍو سائو آهي. منجهس ويءَ ولهار واه جا آهن. گاهن جي گلزاري لڳي پئي هوندي آهي. هندستان جي سٺي ۾ سٺي نسل جا گهوڙا هتي ملندا. لکي جهنگ واري جوءِ ڀٽندا واري علائقي ۾ آهي، جنهن جي ڀکيڙ چويهه ميل همچورس ٿيندي. اتر کان راءِ ڪلياڻ جو ملڪ، اوڀر ۾ هريانا. ڏکڻ ۾ ڀٽنير ۽ اولهه پاسي وڏو رڻ اٿس.

(٥٢٠) سنه ٦٥٧هه (١٢٥٩ع) ۾ سلطان ناصرالدين محمود شاه جي زماني ۾، ملڪ بدرالدين سنقر صوفي کي نصرت خان جو لقب ڏنو ويو هو. هنکي تبرهندا جو شهر ڏنو ويو هو) جنهن کي پراڻي دور ۾ ڀٽندا به سڏيو ويندو هو) کان سواءِ صنم، ججهار، لک وال، دهلي بادشاهت جي دنگ وارا علائقا ۽ بياس جا پتڻ به سندس حوالي ڪيا ويا هئا. ڏسو منهنجو طبقات ناصري جو ترجمو ص 788.

(٥٢١) ڏسو ابو ريحان جو ڏنل اقتباس ص 219 ۽ ص 261 . اتي هيءُ ذڪر موجود آهي ته دهليءَ جي سلطان جلال الدين خلجيءَ پنهنجي پٽ نصرت خان کي، جيڪو ان وقت بکر سنڌ ۾ موجود هو، جيسلمير رستي گجرات تي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو.

ليفٽيننٽ، اي. ايچ. اي بئالياؤ A.H.E. Boileau ، عزت مآب ڪمپنيءَ جي طرفان بنگال ۾ انجينئر هو. هن پنهنجو ڪتاب، ”پرسنل نئريٽو آف ٽوئر ٿرو دي ويسٽرن اسٽيٽس آف راجوارا“ سنه ١٨٣٥ع ۾ لکيو هو. هن اتان لنگهندي هاڪڙي درياه بابت هيءَ اڻ ملهه سڌ حاصل

ڪئي هئي، تہ هن علائقي مان پاڻيءَ جا بہ دائمي وهڪرا هاڪڙي کي پاڻي ڏيندا رهندا هئا. هيءُ صاحب اسان کي ٻڌائي ٿو تہ هيءُ ملڪ سڌائين سڃو ۽ ويران ڪونہ رهيو آهي. روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ بيڪم پور ان نديءَ جي ڪناري سان واقع هو، جنهن جو پاڻي سندس چاڙهہ جي سڪل پيٽ يا ترائي ۾ اچي ڪٺو ٿيندو هو. بيربڪرم جيت شاهي گهراڻي مان هڪ جهونجهار انسان هو.Birsulpoor، جنهن پنهنجي نالي سان بيربڪرم جيت نالي هڪ سگهارو قلعو تعمير ڪرايو هو. هن قلعي جي پر پاسي ۾ بہ پراڻا مندر يا پگوڊا آهن، جيڪي گهڻو پراڻا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سمجهہ ۾ ائين اچي ٿو تہ چڻ اٺويهہ سو سال اڳ وري بڪرم جي زماني سان واسطو رکن ٿا. بيرسيل ، جنهن جو احوال مٿي اچي ويو آهي، سا سترهن سو سال کن پراڻي آهي. اها پڻ بڪرم واري اڏاوتن کان پوءِ جي دور سان واسطو رکي ٿي.

اهو بہ چيو ويندو آهي تہ اها وستي بڪرم پور ۽ پوگل جي وچ تي هڪ ويران هنڌ تي وسائي وئي هئي.

هن روايت ۾ ڪجهہ سچائي نظر اچي ٿي. ٿي سگهي ٿو تہ هنن ٽن سببن مان هڪ ڪارڻ ائين ٿيو هجي، اها ندي اتر-اولهہ هلي پوڪران ۽ جيسلمير جو وچ ڏئي، موهن ڳڙهہ ۽ بلاڻي Bulana ويجهو پاڻيءَ جي چر ۾ چوڙ ڪرڻ کان سواءِ نوڪ Nok واري ترائي وٽي وڃي بڪرم پور جي ويجهو ڪاٽي چوڙ ڪندي هئي. پيو تہ ڪگر درياه (هن مان سندس اشارو گهگهر درياه ڏانهن آهي) هريانا جي ڪن علائقن کي پاڻي ڏئي، الهندو رخ اختيار ڪري، سنڌوءَ جي ماتريءَ ڏانهن وهندو هجي. (هتي سندس اشارو هاڪڙي درياه يا واهندا ڏانهن آهي، جنهنجو گهگهر درياه هڪ مکيہ پرتي ڪنڌڙ شاخ هو). واري جي اڏامڻ ۽ فتح آباد پادرا جي اولهہ طرف واريءَ جي ويهي وڃڻ ڪري، اڄ سندس

نشان چٽا ڪونہ رهيا آهن. تنهن ۾ آخري حقيقت هيءَ بہ آهي تہ قديم زماني ۾ ستلج ۾ گهاري جي وهڪري جو رخ گهٽو اوير تي لڙيل هجي. (ڏسو ان ڪتاب جو ص ٤١٧) اها حقيقت بہ قابل قبول آهي تہ عظيم سنڌوءَ جي وهڪري بہ ڦيرو ڪيو هجي. اها تبديلي شايد ڪنهن ويجهي دور ۾ ٿي هجي. اڳي اهو ديري غازي خان ڪان هيٺ اچ جي بلڪل ويجهو وهندو هو. پر هاڻي اهو هن شهر ڪان ويهہ ميل پري اولهہ ۾ وهي رهيو آهي."

ٿاڏ بہ چوي ٿو تہ، "ساڳين روايتن مان اسان کي پتو پوي ٿو تہ اهي علائقا (بيڪانير وغيره) سدائين خشڪ ۾ ماڻهن کان وانجهيل ڪونہ رهيا آهن." انهن علائقن جي اهڙي ويراني هاڪڙي درياه جي سڪي وڃڻ ڪري ٿي آهي. هيءُ درياه پنجاب مان وهي، هن ملڪ جو وچ ڏئي، اچ، روهڙي ۾ بکر جي وچ تان ڪٽان اچي سنڌوءَ سان ملندو هو. .... اهو درياه سنڌوءَ جي پور وچوٽ تي اوياريون پاسو ڏئي وهندو هو. (هن وهڪري مان سندس اشارو سانڪري Sankra ڏانهن آهي) ...... اهو قيامت جهڙو واقعو (هاڪڙي سڪي وڃڻ وارو) سوڍي حڪمران همير جي دور ۾ ٿيو هو.

هنن حقيقتن مان اسان کي معلوم ٿيندو تہ هن غلطيءَ وچان ستلج کي هاڪڙو درياه سمجهيو آهي. هن وهڪري جو نالو سانڪرو بہ هوندو هو ۾ سنڌ جي حدن ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ بہ هن کي سانڪرو سڏيندا هئا.

ساڳيو مصنف اڳتي هلي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ، "تاريخ اها شاهدي ڪانہ ٿي ڏئي، تہ سڪندر گهارو درياه اڪريو هو." هن اها سچي ڳالهہ ٻڌائي آهي. ڇاڪاڻ تہ ان زماني ۾ هن نالي سان ڪوبہ آبي

وهڪرو موجود ڪونہ هو، بياس ۽ ستلج درياه اڳينءَ صديءَ ۾ آخري طور مليا آهن، جن جي گڏيل پاڻيءَ جي وهڪري کي گهارو سڏيو ويندو آهي. ڏسو حاشيہ ٣٩٠

(٥٢٢) هتي ٽاڊ صاحب جو ڪوٽائي ڪندڙ همراه ٿورو ڪوٽي پاڻي هٿ ڪري وٺي ٿو، پر گهگهر درياه جي پيٽ کي هاڪڙي جي پيٽ سان گڏائي وچڙائي منجهائي ڇڏي ٿو. هن حقيقت کان هو پوريءَ ريت باخبر آهي تہ گهگر، هاڪڙي درياه جي پرتي ڪندڙ شاخ هو. ٽاڊ چوي ٿو تہ، ابو برڪات شاه ڳڙه کان ڪوريالي Koriallah (سندس ڏنل نقشي ۾ کڙو Kharrah لکيل آهي. هيءَ ماڳ، جيسلمير کان اتر- اولهہ ۾ گهوٽهڙوءَ کان سر اتر طرف آهي، جنهنجو پوئتي ڪاٽي ذڪر اچي چڪو آهي). هن ڪوريالي کان پنج ڪوه اولهہ ۾ ڪگهر (گهگهر) جي پراڻي پيٽ مان لنگهندي هڪ عجيب حقيقت جو انڪشاف ڪيو آهي. لکي ٿو تہ " هن درياه جي پراڻي پيٽ ۾ ٿورو ڪوٽڻ سان مٺو پاڻي ملي پوندو آهي". کڙي جو شهر جيسلمير جي الهندي دنگ سان واقع آهي. جيڪڏهن خيرپور ڏهرڪيءَ کان جيسلمير وڃبو، تہ هن شهر وٽان متبو. هاڪڙي درياه يا واهندا جي هڪ قديم شاخ، جيڪا نور- وهار يا اسلام ڪوٽ کان ايندي هئي، سا هن شهر پرسان وهندي هئي. هاڪڙي جو اهو نديو وهڪرو شاه ڳڙه کان ارڙهن ميل اولهہ ڏئي، ڪپري ۾ ڪوٽ جيبي (هنکي نقشي ۾ Jeebah ڪري لکيو ويو آهي) جي وٽ ڏئي بهمن آباد ۾ امرڪوٽ جي وچ تي ڪاٽي هاڪڙي جي وڏي مکيہ وهڪري سان ملندو هو. شاهہ ڳڙهہ ۾ ڪپري جي وچ تي، هن درياه جي پراڻي پيٽ ۾ اجا بہ ڪيتريون ڍنڍون موجود آهن، جيڪي هوا ۾ اڏامندڙ واري ۾ پين سببن ڪري گهٽو لتجي ويون آهن.

هن ماڳ "کڙي" جو بيان سٽن ماموئي فقيرن جي بيتن ۾ بہ ملي ٿو.

سندن اڳڪٿي جو ذڪر برٽن بہ ڪيو آهي تہ اهو زمانو بہ ايندو جو هاڪڙي جو پاڻي ڪڏهن سندس پراڻي پيٽ مان وهڻ شروع ڪندو.

"Karo (Kharo) kabaro's war's shall view,
Fierce Combat raging half day;
The mirmichi shall routed be,
Then Scinde once more be blithe aud gay."

سنڌي بيت هن ريت آهي:

ڪاري ڪاٻاري، جنگ لڳندي ڇهہ پَهَرَ
مَر مرچي ماري، سک وسندي سنڌڙي.

هي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ "مرمچي" جي ڪا واضح معنيٰ ڪانہ آهي. اروڙ جي پنڌ ۽ هاڪڙي بابت چيل بيت اڳتي پنهنجيءَ جاءِ تي بيان ڪيا ويندا.

اسان کي ملتان ۽ جيسلمير جي وچ واري علائقي بابت اهم معلومات، محمود غزنويءَ جي سومنات تي ڪيل حملي جي احوالن مان ملي آهي، جيڪو هن ملتان کان جيسلمير وسيلي مذڪور ماگھ تي ڪيو هو. ڪنهن زماني ۾ پاڻي جا ڀرِ وهڪرا پوڪران کان لنگهي هاڪڙي جي ان ڇاڙهہ سان ملندا هئا. جيڪا جيسلمير جي الهندي دنگ ڀرسان نو-هار، جي وٽ ڏئي وهندي هئي.

سلطان محمود شعبان ۴۱۶هہ (سيپٽمبر جي پڇاڙي ۱۰۲۵ع) ۾، غزنيءَ کان تيار ٿي نڪتو. ساڻس ٽيهہ هزار ترڪستاني گھوڙيسوار هئا. ٻيا ماڻهو بنا پگهار انعام وٺڻ جي لالچ ۾ رضاخوشيءَ سان اچي پاڻ هرتو سندس فوج ۾ شامل ٿيا هئا، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن

ڪافرن ۾ سندن بتن کي ناس ڪري سگھن. محمود، پندرهينءَ رمضان تي ملتان پهتو، ڪين اڳتي رڻ پٽ مان لنگهڻو هو، تنهن ڪري حڪم ڪيائين تہ هرڪو پاڻ سان گاهہ پاڻي جام ڪٽي. اهڙيءَ ريت ٻن هزارن اٺن تي پاڻي ۽ گاهہ لڏيو ويو هو. ان رڻ اڪرڻ کان ٿورو پوءِ جيسلمير جو شهر ۽ قلعو آيو، جيڪو ان ويران علائقي جي ڪڇ سان واقع هو. لشڪر هن شهر کي فتح ڪري ڦريو لٽيو. سلطان هن شهر ڏانهن ڏيان ڏئي پنهنجي فوجي طاقت کي هرو ڀرو وڃائڻ ڪونہ ٿي چاهيو. اهڙيءَ ريت سندس فوج ٻين اهڙن ڪيترن هنڌن تان گذري، جتي مقابلي واسطي فوجون ويٺل هيون ۽ اهي جڻ جنگي هٿيارن پنهوارن سان ويڙهاند لاءِ تيار هيون. سلطان جي لشڪر جي گذرڻ ڪارڻ هن ملڪ جي فوج جا جاتي ڪاتي ڊاءِ پئہ ڪن اپڙا هئا ۽ بنا جهيڙڻ جي سڀ قلعبند شهر خالي لڳا پيا هئا. شهرن ۽ قلعن کي هٿ بہ ڪونہ لاتو ويو. باقي جتي بہ مندر ۽ بت ڏسڻ ۾ آيا، تہ اهي پيجي پور ڪري ڇڏيائون. سڄو ملڪ بت پرست ڪافرن کان صاف ٿي ويو. اهي ڪافر اڳ ۾ هر آئي وئي راهہ مسافر کي ڏاڍو ستائيندا هئا، تنهن ڪري اتان مسافرن اچڻ وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو هو". سلطان، سومنات وڃڻ لاءِ جيڪو رستو اختيار ڪيو، سو معلوم ٿئي ٿو تہ سر ڏڪڻ هو، ۽ انهن ماڳن جي وچان گذري رهيو هو، جتي اڄ ڏئيسا (Aessa)Duisa ۽ پالڻ-پور موجود آهن. اتان الهنواڙ ۽ احمدآباد جي وچان ٿيندو، جهونا ڳڙهہ جو وچ ڏئي وڃي سومنات پهتو هو".

"سال جي آخري مهيني، ذوالحج (٢٦ جنوري ١٠٢٦ع) ۾ ڪين سومنات جون پيتيون ڏسڻ ۾ آيون هيون". وڏيڪ ڊيگهہ ۾ آءُ وڃڻ ڪونہ ٿو چاهيان. وقت مليو تہ ان تي تفصيل سان لکبو. سلطان واپسي وقت منصوره کان لنگهيو، جنهنجو احوال حاشيہ ١٠٥ تي ڏنو ويو آهي. ڏسو تاريخ سورٺ: حاشيہ ٢٣٢ مهاراجا منڊليڪا ۽ ڀيم ديو جا احوال

(٥٢٣) هن ماڳ کي گهٽن نالن سان سڏيو ويو آهي، گزيٽئر آف سنڌ جي ص ۴ تي لکيل آهي تہ،" هن وڏي درياہ جي پراڻي پيٽ کي بهاول پور جي حدن ۾ روهڙي جي علائقي ۾ اجا تائين ."ريڻ نالو" سڏيو ويندو آهي. جيڪو وڃي ناري سان ملندو آهي. (هي قصو حقيقت جي خلاف آهي. سچي ڳالهہ اها آهي تہ نارو اڳتي وهي وڃي هاڪڙي درياہ يا واهندا سان وڃي ملندو آهي) ۽ سنڌوءَ جي ڪوري ڦاٽ ذريعي سمنڊ ۾ جوڙ ڪندو آهي.

سنہ ١٨٥٢ع ۾ جڏهن "رپورٽ آن ايسٽرن نارا" تيار ٿي رهي هئي، تہ هاڪڙي جي وهڪري بابت تمام گهٽ ڇاڻ هئي يا سنڌ کان اتر طرف وارن علائقن ۾ هن وهڪري متعلق ڇاڻ نالي ماتر هئي. بامبي انجنيئرس جي ليفٽيننٽ فائيف Fife پنهنجي قيمتي "رپورٽ" جي ص ۴٠ تي لکي ٿو تہ، "چونڊوا Choondwa کان نئين ڪوٽ تائين سڄي علائقي ۾ ناري کي هاڪڙو سڏيو ويندو آهي." "اِهو تر (يعني تر، ٿل ۽ پارڪر واري علائقي) جي جوءِ جي وٽ ڏئي لنگهندو آهي". ۽ "هاڪڙو پڻ ٽيهن ميلن تائين ٿر جي ڪڇ ڏئي مٿيندو آهي. ان کان پوءِ ونگا بازار کان هيٺان پراڻ جي ڊوري ۾ وڃي پوندو آهي." هن تمام گهٽين مسجدين جو بہ ذڪر ڪيو آهي، سندس چوڻ مطابق "اهي سڀ، ڪنهن پوئين ۽ تازي دور سان واسطو رکن ٿيون".

(٥٢۴) ڏسو حاشيہ ٥٦٣

(٢٢٥) ڏسو ص ۴٨٣

(٥٢٦) ڏار ڏار نقشن ۾ هن جو نالو منڙائو Mitrao ڏنل آهي.

(٥٢٧)چيو ويندو آهي تہ قلعو سومرن جوڙايو هو . هيءَ قلعو عام طور تي انهن ماڳن پرسان آهي، جتي سومرن جا جوڙايل ٻيا قلعا پڻ

موجود آهن.

(٥٢٨) ڏسو حاشيہ ٥٧٨

(٥٢٩) ڪلري يا انجو ڪو بيو صحيح نالو هجي، ان ماڳ وٽان مهراڻ ٻن ڇاڙهن ۾ ورهائجي ويندو هو. اهو ٿاڪ منصوره کان چاليهہ ميل ڪن مٿي هو. الادريسي جو بيان آهي تہ ڪلريءَ جو شهر درياه جي اولهہ پاسي هڪ ترائي کان ڪجهہ ميل پري جڪڙائو جي ويجهو هو ۽ جڪڙائو جو ماڳ بهمن آباد ۽ منصوره کان ستاويهن ميلن جي پنڌ تي آهي. ڏسو حاشيہ ١٣٨

(٥٣٠) منصوره کان سنڌ جي قديم راڄڌاني اروڙ (جيڪڏهن قديم مورخن جي لفظن مدور يا الدور جو مطلب اروڙ آهي) ڇهہ منزلون پري هئي ۽ هر منزل جو فاصلو ويهہ ميل هو.

(٥٣١) هندي لفظ ڍائو dhau جي معنيٰ اونهون آهي، جنهن مان اونهي پاڻيءَ جو بہ مطلب نڪري ٿو. هن لفظ جي ٻي معنيٰ ڇر بہ آهي. سنڌي لفظ ڍورو، هنديءَ جي پهرئين معنيٰ واري لفظ تان ورتل آهي.

مسٽر ڊبليو.اي.هيوز – Mr W.A. Hughes سنڌ گزيٽيئر جي مرتب ص ٢ تي لکيو آهي تہ، ماڻهو روايت ڪندا آهن تہ ڪڇ واري رڻ جو گهڻو ڀاڱو آباد هو ۽ ان علائقي ۾ پوکي راهي ڪئي ويندي هِئي، ڏاڍو سائو ڍائو ۽ ريان کيان هو. سنڌوءَ جي هڪ ڇاڙهہ سايرا Sayra جو پاڻي اتي پهچندو هو. (هو هاڪڙي درياه بدران غلطيءَ وچان سنڌو لکي ويو آهي) پتو نہ آهي تہ سنڌ جي ماڻهن ان وهڪري جي رخ کي ڦيري ڇڏيو، يا آسماني آپدا سندس منهن موڙي ڇڏيو، تنهن ڪري ان وهڪري جو پاڻي اوڏاهين وڃڻ بند ٿي ويو. هن پنهنجي نقطئہ نگاه کان خبرداري کان ڪم ضرور ورتو آهي، پر هن اهي روايتون پوريءَ ريت

سمجهيون ڪونہ آهن. ان ڪان پوءِ وري هو هڪدم چوي ٿو تہ، اڄ سوڏو بہ سنڌوءَ جي ڪوري ڦاٽ جي مٿئين پاڱي (اهو سنڌوءَ جو نہ پر هاڪڙي جو ڦاٽ آهي) تي ونگا ۽ رحمڪي بازار جا شهر آباد آهن، جنهن ڪي هتان جا ماڻهو پراڻ جو ڊورو يا قديم وهڪرو سڏيندا آهن. (پراڻ ڪي نہ، پر پراڻي ڪي قديم چيو ويندو آهي. هتي هن لفظ جو صحيح استعمال ڪيو ويو آهي) هي اهو زمانو آهي، جڏهن سنڌوءَ (اهوسنڌوءَ نہ پر هاڪڙي جو وهڪرو هو) ڪجهہ ايرندي آهل رخ اختيار ڪيو هو ۽ ڪڇ جي رڻ جو وڏو حصو سَر سبز ۽ آباد ڪندو هو."

هن حقيقت مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ مصنف ڪي هن خطي بابت ڪا بنيادي ڄاڻ ڪانہ آهي. ڪڇ جي رڻ واري ڇر، اصل ۾ درياه جو ڇوڙ آهي. جڏهن ص ١٣٧ تي پهچي ٿو تہ اسان ڪي هن هڪ جي بدران الائي ڪيترا قديم ڦاٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هاڪڙي جي هڪ وهڪري ڪي هو نارو سڏي ٿو ۽ چوي ٿو تہ،" هن ماٿريءَ جي اهم ڳالهہ اها بہ آهي (سنڌ جي ڪهڙي حصي جي، سا ڳالهہ چٽي ڪري ڪونہ ٿو ٻڌائي) تہ سندس سڄيءَ ڊيگهہ ۾ هڪ وڏي درياه جو پراڻو پيٽ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ هيءَ قديم پيٽ ايرندي ناري جو آهي، جيڪو عمر ڪوٽ ڪان وچي ڪڇ مان لنگهي، ڪڇ واري نار مان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندوهو. تي سگهي ٿو تہ لڪپت وٽان ڇوڙ ڪندو هجي. (ڪيس پورو يقين ڪونہ آهي) موجوده دور ۾ اهو رڻ جي وسيع ڇَرَ ۾ وهندو آهي. هي مکيہ وهڪرو پراڻن ۽ ڊورن نالي ڪيترن ڦاٽن ۾ ورهائجي ويندو آهي."

صفحي ٢٦٧ تي وري چوي ٿو تہ ، سنڌوءَ جو ڪوري ڦاٽ ڪڇ ڪي سنڌ ڪان الڳ ڪري ٿو.وڌيڪ چوي ٿو تہ مذڪوره ڦاٽ ڦليلي يا ايرندي ناري جي پيچڙي آهي. "صفحي ٧٢٩ تي وري لکي ٿو تہ، سنڌوءَ

جو ڪوري ڦاٽ ڪڇ کي سنڌ کان الڳ ڪندو هو. ڪنهن زماني ۾ ڦليليءَ جي هيٺئين حصي کي ڪوري نالي سڏيو ويندو هو. چاڙهه جي رُتِ ۾ بکر کان درياه جي هڪ وڏي چاڙهه نڪرندي هئي، تنهن جو پاڻي به اچي هن ۾ پوندو هو. هيءُ اهو وهڪرو آهي، جنهن کي اڳ ۾ پاڻ "اپرندو نارو" سڏي آيو آهي. ٻئي هنڌ پارڪر جي علائقي بابت احوال اوريندي هن هاڪڙي درياه متعلق غلطي ڪئي آهي ۽ ان کي سنڌو سمجهيو اٿس. چوي ٿو، "مختلف سياسي انتظامي علائقن مان درياه جي پراڻن پيٽن جا بي شمار نشان آهن، جيڪي ٿر جي علائقي مان هيڏانهن هوڏانهن پيا ويندا ڏسبا آهن. (ٿر يا ٿل هڪ ڳالهه آهي چاڪاڻ ته "ر"۽ "ل" پاڻ ۾ بدلجي سگهندا آهن.) ڪنهن سمي هيءُ خطو، جيڪو هاڻي ويران ۽ رڻ لڳو پيو آهي، سو ڏاڍو سر سبز ۽ شاداب هوندو هو. سنڌوءَ جي هنن ڇاڙهن کي سڪر سٽائي وارو خوشحال خطو بڻائي ڇڏيو هو. اهي سيئي وهڪرا اوڀارئين ڦاٽ يا ڪڇ جي ڪنهن ڪاريءَ ذريعي وچي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندا هئا."

بلڪل ٻئي صفحي تي موٽي وري ساڳئي موضوع تي اچي ٿو ۽ چوي ٿو، "صفا ٿر ۽ پارڪر وارن علائقن ۾ ڪي برساتي حدون ڪونه آهن. پاڻيءَ جو پهريون ذريعو "اپرندو نارو" آهي، جنهنجو بيان اڳ ۾ اچي چڪو آهي. هيءُ پاڻيءَ جو هڪ قدرتي وهڪرو آهي. قديم زماني ۾ اهو سنڌوءَ جهڙي هڪ وڏي درياه جو هڪ ڦاٽ هو، جنهن ذريعي ان جو پاڻي وچي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. انهيءَ سان گڏ ٿر، ڇور ۽ عمرڪوٽ نالي ڇاڙهن جو پاڻي به هن ڦاٽ وسيلي وهي وڃي سمنڊ پيڙو ٿيندو هو." هڪ درياه بابت هيڏا تضاد ۽ تڪرار توهان کي ڪاٿي به ۽ ڪڏهن به ڏسڻ ۾ ڪونه آيا هوندا. ان سان گڏ اوهان کي هيءَ ڳالهه به ٻڌائيندو هلان، ته ٿر، ڇور ۽ عمر ڪوٽ نالي ڪي درياهي ڦاٽ موجود ئي ڪونه هئا.

اڏ صدي کن اڳ، مئڪمرڊو پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيوهو.

منهنجي خيال مطابق هو وڏيڪ چٽو ۽ صحيح آهي، پر ان زماني ۾ هو ڪنهن تصنيف جو مرتب ڪونہ هو. هت تل، ڊٺ ۽ ڪڇ (هن ائين هِجي لکي آهي)لاءِ لکيو آهي تہ، مونکي ٻڌايو ويو آهي تہ چوماسي جي رُت ۾ مذڪوره علائقن ۾ ڪي واهڙ وهي چڙندا آهن. انهن مان ڪي مارواڙ جي جابلو علائقن مان اچي ٿر ۾ چوڙ ڪندا آهن، جتي هو سڪي ختم ٿي ويندا آهن، يا اڳتي وڃي ڪڇ جي اترئين دنگ تائين پهچندا آهن. ٻيا وهڪرا پراڻ (پراڻو ڍورو، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي) جا آهن، جنهن ۾ اڄ سوڙو گهاري درياه ۽ ستلج جو پاڻي اچي چوڙ ڪندو آهي. (هن بہ اها ساڳي غلطي ورجائي آهي. درحقيقت هن جو اشارو هاڪڙي درياه ڏانهن آهي، جنهن جون ستلج ۽ گهارو درياه پرتي ڪنڌ شاخون هونديون هيون.) ان وهڪري کي ناري Nari جي نالي سڏيو ويندو آهي. پر هيوز هن کي ناري Nara وارو وهڪرو سڏيو آهي). مان الهندي طرف نيرگلي Nergullee (؟) ۽ هاگڙا (هاڪڙا) ۽ ايرندي طرف ”لوٽي“ وهڪري جو بہ نالو ٻڌو آهي،“

ڪننگهام پنهنجي ڪتاب ”اينشنٽ“جاگرافي ۾ هاڪڙي جي وهڪري کي غلطيءَ کان سنڌوءَ جو پراڻو پيٽ سمجهي ٿو ۽ چوي ٿو تہ، ”سنڌوءَ جو هڪ پراڻو وهڪرو آهي، جنهنکي ”ناري“ جي نالي پٺيان سڏيو ويندو آهي، جنهن جي سروي بہ پوري ڪئي وئي آهي. ....هن جو صفا اوپاريون وهڪرو جنهن کي ”نارو“ چيو ويندو آهي، سو ڏکڻ -اوپر طرف وهي ڪپري ۽ عمر ڪوٽ وٽان مٿيندو آهي.“

اڳتي هلي وري هو موٽ کائي ٿو ۽ پراڻ ڍوري کي ڏکڻ -اوپر کان اتر-اولهہ طرف آڻي، هاڪڙي بدران سنڌوءَ جي وهڪري سان ملائي ٿو، جيڪا حقيقت بہ آهي ۽ ٻڌائي ٿو تہ هن وهڪري جي صفا الهندي ڇاڙهہ، جنهن کي پراڻ يا ”پراڻو درياه“ Old rever سڏجي ٿو، ڏکڻ-ڏکڻ -اولهہ ڏس تي وهندو آهي ۽ بهمن آباد، نصرپور کان ٿيندو، حيدرآباد کان هيٺ وڃي بہ درياهي جي شڪل اختيار ڪندو آهي،

.... انهن مان هڪ چاڙهه ڏڪڻ -اولهه طرف هلي، حيدرآباد ڪان پندرهن ميل هيٺ ۾ جهرڪن ڪان مٿان موجوده درياه سان وڃي ملندي آهي. ٻيءَ چاڙهه جو نالو گوني آهي، جيڪا ڏکڻ - اوڀر جو رخ اختيار ڪري ”رڻڪي بازار" Runaka Bazzar ڪان مٿان ناري سان گڏجي ويندي آهي."ڊاڪٽر جي.برنس، سنڌ جا احوال اوريندي پنهنجي ڪتاب جي ص ٢١ تي چوي ٿو، ته ”سال ١٧٦٢ع ڪان اڳ، پراڻ جو ڍورو، لکپت ۾ ڪوٽيسر- Kotasir ڪان وهي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. هن اهو بلڪل سچ لکيو آهي.

(٥٣٢) هيءَ تڏهوڪي دور جو فاصلو هو، جڏهن مير معصوم بکري ١٦٠٠ع ۾ پنهنجو ڪتاب لکيو هو.

(٥٣٣)”رپورٽ آن ايسٽرن نارا" جي ص ٣٤ تي سنڌ جو ڪمشنر لکي ٿو ته، ”ماڻهو به روايتون ڪن ٿا ۽ اهڙي تاريخ به موجود آهي ته ڪجهه عرصو اڳ ناري جي ڪنڌين واري جوءِ گهڻي آباد ۽ سکي ستابي هوندي هئي، منجهس ماڻهو ججهي انگ ۾ رهندا هئا. (سندس اشارو هاڪڙي درياه ڏانهن آهي)موجوده دور ۾ جيڪا آبادي سنڌوءَ تي ٿي رهي آهي، ان ڪان ڪيترا ڀيرا وڌيڪ ناري تي آباد ٿيندي هئي. وڌيڪ لاءِ ڏسو ابن خردازبه ص ١٩٥، جنهن هن علائقي جي آباديءَ متعلق ڪجهه چٽي ريت لکيو آهي.

(٥٣٤) انهن ڏينهن ۾ هاڪڙي جو پاڻي هوندو هو. چاڙهه جي رُتِ ۾ بهاول پور جي ملڪ ڪان وٺي هاڪڙي ۾ ٻوڏ جي صورتحال هوندي هئي. ڪڏهن وري آبِ سنڌ يا سنڌوءَ جي ٻوڏ جو پاڻي پراڻي پنج ند وارو پيٽ ڏئي، اچي ناري واري وهڪري ۾ داخل ٿيندو هو. ڇاڪاڻ ته سنڌو به ڪنهن زماني ۾ هاڪڙي درياه جي ڀرتي ڪندڙ شاخ هو. هي تفصيلي احوال ڪونه آهي.

(٥٣٥) سڪندر اعظم ان جاءِ تان، سنڌوءَ سان سفر ڪرڻ لڳو،

جتي بياس، چناب ۽ راوي سنڌوءَ سان ملنديون هيون، جنهن جو احوال حاشيه ٣٦١ تي ڏنو ويو آهي ۽ اهي احوال يوناني مورخن جي لکڻين مان پڻ معلوم ٿين ٿا. پر درياهن جي قديم وهڪرن مطابق صورت حال ڪجهه هن ريت آهي ته پنج ند يا پنج آب جي ندين جو پاڻي اچي هاڪڙي سان ملندو هو. انهن سان گڏ سنڌو جو پاڻي به هاڪڙي يا واهندا سان، دوش- آب ٿاڪ وٽ اچي ملندو هو. اسٽرئبو جي بيان مطابق اهو ٿاڪ راجا مسيڪئنس Musicanus جي حدن اندر هو. اونسي ڪرائيٽس Onesicritus مطابق هيءَ انڊيا جو نهايت ڏاڪٽيون حصو هو، جنهن هن علائقي جا سڄي سڳي ڪان وني پيرائتا احوال ڏنا آهن". "لائيف ائبڊايڪشنس آف دي اليگزينڊر دي گريٽ" جي مصنف کي هاڪڙي درياه ۽ ان جي پرتي ڪنڌڙ شاخن بابت ڪا خبر ڪانه هئي. هو هن وهڪري کي سنڌوءَ ۽ اڙل جي وچ تي گهٽي پاڻيءَ وارو علائقو سمجهي ٿو. ٿالمي اڙل واري وهڪري کي "آرابس " سمجهي ٿو. (فاضل مصنف کي هتي هيءَ واڌارو ڪرڻو هو ته " ائرين به هن وهڪري کي آرابس Arabis سمجهيو آهي". پر آرابس ته مڪران جي پورالي نديءَ جو نالو آهي، جيڪا اڙل ڪان نوي ميل اولهه طرف مڪران جي حدن ۾ واقع آهي). ڪيس سنڌوءَ جي هيٺئين حصي جي ته ڪل ئي ڪانه هئي. منهنجو سندس بيان سان پيو ڪوبه واسطو ڪونه آهي، پر پنهنجي راءِ جو فقط ايترو اظهار ڪندس ته سڪندر اعظم "مهراڻ" جو وهڪرو ڏئي اڳتي وڌيو هو. سندس بيان ۾ اسان کي اهڙو واضح اشارو ملي ٿو. هي پڌائي ٿو ته هو سنڌو (هاڪڙي) جي چوڙ واري جاءِ ڪان مٿي ان ماڳ وٽ پهتو، جتي اهو وهڪرو به درياهيءَ ۾ ونڊجي رهيو هو. سندس اشارو دوش-آب ڪان هيٺ ونجهڙوٽ واري به درياهي ڏانهن نه آهي، جتان درياه جي هڪ ڇاڙهه اروڙ جو اوپاريون پاسو ڏئي وهندي هئي ۽ اڳتي وڃي مڪيه وهڪري سان ملندي هئي. مهراڻ جو اهو وهڪرو ڪلريءَ جي ماڳ وٽان وري به ٻه درياهيءَ جي

صورت اختيار ڪندو هو ۽ اهو ٺاڪ برهمڻ آباد کان چاليهارو کن ميل مٿي هو. اڳتي وري اسان کي اهو پڌايو ويجي ٿو تہ درياہ هڪ ننڍي ۽ ٻئي وڏي ڦاٽ جي صورت ۾ وڃي سمونڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو ۽ ٻنهي ڦاٽن جي وچ ۾ هڪ سو ميل کن جيتري وٿي موجود هئي. ٻنهي ڦاٽن جي وچ واري علائقي کي يونان وارن پٽاليٽي Pattalene سڏيو آهي. پٽالا جو شهر بہ درياهي کان هيٺئين پاسي موجود هو. هن شهر لاءِ فاضل مصنف سمجهي ٿو تہ موجوده "حيدرآباد کان گهٽ ٿو پري ڪونہ هو." ڪيس اها بہ خبر ڪانہ آهي، تہ حيدرآباد شهر جو بنياد ڪڏهن پيو. سندس خيال آهي تہ اهو ڪو قديم شهر پٽيالا آهي، جنهن مٿان موجوده دور جي ڪنهن "حيدر" پنهنجو نالو ٺاڦي ڇڏيو آهي ....
هٽي هيفاسشيان کي هڪ قلعي تعمير ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. ڪيس اهي بہ هدايتون ڪيون ويون هيون تہ هن پٽيالا شهر ۾ بندر ۽ "دِڪا" بہ ٺهرائي، تيستائين سڪندر، وهڪري جو الهندو يا ساڄي طرف وارو ڦاٽ وٺي سمنڊ طرف هاڪاري ويو ۽ اتان موٽي اچڻ کان پوءِ هو، ڪاهي ايرندي ڦاٽ سان هاڪاري سمنڊ تائين پهتو هو. پر وچ تيْ هن هڪ وڏي ڍنڍ ۽ سامونڊي ڪاري بہ ڏٺي هئي. ڪيس اطمينان ٿيو تہ درياہ جو الهندو ڦاٽ (ظاهرِ ايرندو ڦاٽ وڌيڪ مناسب نظر اچي ٿو ۽ ٻين مورخن بہ پنهنجي تاريخن ۾ اهڙي خيال جو اظهار ڪيو آهي) درياهي سفر لاءِ وڌيڪ مناسب هو. ڏسو بلاذري جو اقتباس ص ٢٥٦.

جيڪڏهن چوڏنهن سوسال اڳ جي مهراڻ جي وهڪرن جو مطالعو ڪبو، تہ معلوم ٿيندو تہ بهمن آباد بہ درياهيءَ جي وچ تي هو ۽ ان صورت حال ۾ واقع هو. جنهن ۾ پٽيالا جو موجود هجڻ سمجهيو ويندو آهي. هن جيڪڏهن درياہ جي اوڀارينءَ يا ڪاهيءَ شاخ سان هاڪاريو هوندو تہ سمنڊ تائين پهچڻ کان اڳ ۾ هڪ وڏي ڍنڍ ايندي هئي. عربن جڏهن سنڌ فتح ڪئي تہ ان علائقي جو جاگرافيائي صورت حال اهو ساڳيو هو. شاڪرا Shakarah يا ساگرا (Sagarah) ڦاٽ جو

منهن ڇوڙ وٽ ٻارنهن ميل موڪرو هو. سنڌ تي يونان جي حملي وقت ساڳري وارو ڇوڙ بدين کان پنجاه کن ميل مٿي هوندو. اولاهين ڦاٽ جو ڇوڙ به گهٽو ڏکڻ طرف ڪونه هوندو ۽ وڌ ۾ وڌ ٺٽي پرسان مڪلي جي ويجهڙ ۾ هوندو. شاه بندر وارو سارو علائقو پوئين دور ۾ ٻڌيو آهي.

استرئبو، استرئبيولس جو حوالو ڏيندي چوي ٿو ته، ” پٽاليٽي وارو علائقو سنڌوءَ (مهراڻ) جي ٻه درياهي ڪري ٺڄي پيو آهي. ٻئي ڦاٽ هڪ ٻئي کان هڪ هزار اسٽڊيا ڏور آهن .... هو هن علائقي جي هر هڪ پاسي جي ماپ ٻڌائي ٿو، جيڪو ٽڪنڊو ۽ ٻيٽ نموني آهي. ۽ ان جي ماپ ٻه اسٽاڊيا آهي. هيءُ هنکي ٻيٽ جهڙو ڇوڙ وارو علائقو سڏي ٿو." اهي ماپون وڌايون ويون آهن. نه هونديون ته گهٽ ۾ گهٽ ٻيٽيون وڏيڪ ضرور هونديون.

ڪرٽمس جو بيان آهي ته،”سڪندر ان ماڳ وٽان سنڌوءَ مان سفر ڪرڻ لڳو، جتي پنج ند جي پاڻيءَ جو وهڪرو سنڌوءَ سان سنگم ڪري رهيو هو. هن ماڳ کان وٺي سڪندر چار ڏينهن سفر ڪيو. ڪراٽيرس کي حڪم ڪيو ويو ته ”هو درياه جي ڪناري سان سفر ڪندو هلي". هو وري ٻيڙين تي ويٺو. ۽ مالي قوم جي ٻئي علائقي ۾ سئبرس قبيلي جي جوءِ مان سفر ڪرڻ لڳو. پتو نه آهي ته هن اتان ڪيترا ڏينهن سفر ڪيو. .... هن وڏيڪ چار ڏينهن سفر ڪيو ۽ اچي هڪ ٻئي ملڪ ۾ پهتو، جتي هن هڪ شهر تعمير ڪرايو. (بيان اهڙيءَ ريت ڪيو ويو آهي، جو شهر جي تعمير سان واسطو رکندڙ سامان سندن خيمي ۾ پيو هو ۽ جلدي شهر اڏي ورتائون. جيڪڏهن شهر گپ گاري سان اڏيو وڃي ته به ڪو وقت وٺندو آهي)جنهن کي هن سڪندريا سڏڻ جو حڪم ڪيو. ان کان پوءِ هو ميوسي ڪاني Musi cani جي ملڪ ۾ پهتو ۽ ان کي به فتح ڪيائين. سندس ملڪ جي شهرن ۾ سڪندر پنهنجي فوج وهاري. بعد ۾ هن پراءِسٽي Praesti

قبيلي جي ماڻهن جي علائقي تي حملو ڪيو. تن ڏينهن جي جنگ ڪان پوءِ قلعو فتح ٿيو. ان ملڪ جو انتظام نيڪ ڪرڻ ڪان پوءِ هو سابس Sabus نالي هڪ راجا جي ملڪ تي ڪاهي ويو. ٻيا چار ڏينهن (ليکي مطابق اهي ڪل پارنهن ڏينهن ٿيا، شايد ڏينهن جو ٿورو سفر ڪندا هئا) سفر ڪري راجا سامبس Sambus جي حدن ۾ اچي پهتو هو. هن سندن ملڪ جي هڪ قلعي تي حملو ڪيو، جتي تالمي سخت زخمي ٿي پيو هو. هن ڪان پوءِ سڪندر "پارٽاليا" صوبي تي هلان ڪئي. (ٻين مورخن هن علائقي کي "پٽالڻ" Pattalen ڪري لکيو آهي.) هتان جو حڪمران پُجَڻ جي طاقت نه ساري، جبل ڏانهن ڀڄي ويو". پٽاليٽي واري علائقي ۾ ڪو جبل ڪونه آهي. شايد اهو اروڙ وارو علائقو هجي. هتي ڪيس درياه جي سَونهن جي لوڙ ٿي، جيڪي درياه جي وهڪري جا چاڙهو هئا. اهي سَونهان ڪيس هڪ ٻيٽ تي وٺي آيا، جيڪو وچ درياه ۾ موجود هو. (ڪن جو خيال هوندو ته اهو ٻيٽ ضرور بکر هوندو. پر اهو ڇچ نامي جي حاشيه ١٨٧ ص ٢٣٤ تي بيان ڪيل ٻيٽ ٿي سگهي ٿو. اتان ڪان اهي سونهان هليا ويا هئا. هن چار سو استاڊيا يعني پنجاه ميل ڪن سفر ڪيو ۽ ان ڪان پوءِ هن وڌيڪ هاڪارڻ لاءِ پاڻ سان سونهان ساڻ ڪنيا هئا. هڪڙي ڏهاڙي سُونهن ڪيس ٻڌايو ته هو محسوس ڪري رهيا آهن، ته اسان سمونڊ پرسان اچي نڪتا آهيون. تنهن ڏينهن سڪندر ڏٺو ته سمونڊ جو پاڻي برابر درياه جي پاڻيءَ سان ملي رهيو هو". ڪرٽس جو سمنڊ وٽ پهچڻ جو بيان ڏاڍو صاف ۽ دلچسپ آهي.

(٥٣٦) "رپورٽ آن دي ايسٽرن نارا" جي صفحي ٦ تي ڇپيو ويو آهي ته، "هن وهڪري جي ٻنهي ڪنڌين سان خاص طور تي سايا Saya (؟) جي ماڳ ڪان هيٺ تمام گهڻا ڳوٺ آهن. "منڙائو ڪان چار ميل اوسي پاسي ٻٿون ڏسبيون آهن. .... هن درياه مان گهٽيون ئي چاڙهون ڦٽي نڪرن ٿيون ۽ وري اڳتي هلي هڪ وڏي وهڪري جي

شڪل ونن ٿيون. ”سيڊم“ نالي، بڪر ۾ منڙائو جي وچ تي هن وهڪري جو هڪ پراڻو پيٽ پڻ موجود آهي.“

(۵۳۷) بهمڻ آباد کان ڏکڻ، امرڪوٽ ۾ ڪپري جي وچ تي ڪيترن ئي قديم شهرن جا ڪنڊر آهن. انهن مان هڪ ”رتو ڪوٽ“ بہ آهي جيڪو هاڪڙي درياه جي ڪنڌي سان آباد هو. وري ڪجهہ هيٺ قديم بدين جي ڪنڊرن جي اوسي پاسي پراڻا شهر هئا. هتي مکيہ وهڪري مان ڪيترين ئي ڇاڙهون نڪرنديون ڏسجن ٿيون، جنجا پراڻا پيٽ ڏاڍا چٽا بينا آهن. پندرهن ويهن ميلن ۾ مذڪوره ڇاڙهون مکيہ وهڪري سان پور ويچوٽ هلنديون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ اهو علائقو انهن ڇاڙهن جي پيٽن سان ڇڇريو پيو آهي.

(۵۳۸) امرڪوٽ Amrkot هڪ ڇاتل سڄاتل ماڳ آهي، جتي جلال الدين محمد اڪبر بادشاه ڄائو هو. ان زماني ۾ سندس پيءُ همايون هڪ وڏي ڏچي ۾ ڏنجهہ ۾ وڪوڙيل هو. امرڪوٽ ۾ اچڻ وقت هو جيسلمير کان سنڌ ڏانهن موٽيو هو. هو، راجا مال ديو جي سهائتا جي وچن تي ڀروسو ڪري، ڏيرواڙ ۽ بيڪانير رستي جوڌپور ويو هو. پر راجا پنهنجو ٻول ڪونہ پاڙيو. اتي پهچي کيس پتو پيو تہ هو کيس ٺڳي رهيو آهي. جڏهن کيس محسوس ٿيو تہ راجا جو بي شمار لشڪر سندس ٿوريءَ فوج تي ضرور حملو ڪندو، تہ هو وجهہ وٺي جيسلمير کان ٿيندو، اچي ”اَمرڪوٽ“ پهتو. رستي ۾ کيس کاڌي خوراڪ ۽ پاڻيءَ جي ڏاڍي تڪليف ٿي ۽ موت جي منهن مان ذري گهٽ بچي نڪتو هو. اَمرڪوٽ پهچڻ تي اتان جي مکيہ راڻي بيرسل Birsil سندس آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ قلعي جو ٻاهريون حصو همايون بادشاه جي حوالي ڪري ڇڏيائين. همايون بادشاه سنڌ ۾ شادي ڪئي هئي ۽ سندس گهر واري اميد سان هئي. آچر جي رات (اسان جي ڇنڇر جي رات، مشرق ۾ رات ڏينهن کان اڳ ۾ ڳڻي ويندي آهي) ۵ رجب ۹۴۹هہ (چوٿين تاريخ آڪٽومبر، رات جو سنہ ۱۵۴۲ع) تي اڪبر بادشاه ڄائو هو. پنجاب

جي گزيٽيئرن مان هڪ جو بيان آهي تہ اڪبر بادشاه، هوشيارپور علائقي جي مالوت "Malot" شهر ۾ ڄائو هو. مسٽر هيوز پنهنجي گزيٽيئر ۾ هيءَ حقيقت بيان ڪري ٿو تہ اڪبر بادشاه "عمر ڪوٽ ۾" Umare kot ڄائو هو. اڳتي هلي تاريخ جي هڪ نئين حقيقت کان بہ آگاه ڪري ٿو تہ اڪبر، پنهنجي شهنشاهيءَ واري دور ۾، سنہ ١٥٩١ع ۾، سنڌ فتح ڪرڻ واسطي هن شهر وٽان لنگهيو هو. تاريخي حقيقت مطابق سندس اها جنگي مهم نهايت ڪامياب رهي هئي." اها فقط گزيٽيئر جي تاريخ آهي، اڪبر بادشاه ڪڏهن بہ سنڌ ۾ نہ آيو هو ۽ نہ "امرڪوٽ" Amr kot وٽان گذريو ۽ نہ وري سنڌ خلاف ڪنهن جنگي مهم جي اڳواٽي ڪئي هئائين. اهو عبدالرحيم خان خانان هو، جنهن سندس سپهہ سالار طور ملتان ۽ بکر واري پاسي کان سنڌ تي حملو ڪري، فتح ڪانپوءِ دهلي سلطنت سان شامل ڪري ڇڏيو

(٥٣٩) هن نالي جي اصليت ڇا آهي؟ مون کي ان جي ڪا ڄاڻ ڪانہ آهي. پر عربيءَ ۾ سمار يا سمر Summur لفظ جي معنيٰ آهي تلاءُ، جنهن کي نديڙي ڍنڍ بہ چئي سگهجي ٿو. پر هيءَ هڪ وڏي ڍنڍ آهي ڏسو حاشيہ ٥٣٠

پوري پروسي سان چئي سگهجي ٿو تہ اها شاڪره Shakarah واري ڍنڍ آهي، يا ڪو انجو حصو آهي. سنڌ جي فاتح محمد بن قاسم جي فوج جي ڇُرپَر جو بيان ڪندي چچ نامي ۾ هن ڍنڍ جو ذڪر اچي ويو آهي. بلاذريءَ بہ پاٽيءَ جي ڪيڏاري جا احوال اوريندي سنڌي لشڪر جي اڳواڻ جئہ سينا پٽ راءِ ڏاهر ۽ عرب فوج جي وچ ۾ ويڙهاند جو ذڪر ڪيو آهي.

"رپورٽ آن دي ايسٽرن نارا" جي صفحي ٤٠ تي ذڪر آهي تہ، "ڍينگ ۽ چونڊواءِ Choondawa جي وچ تي پٽون هلڪيون ٿينديون وڃي، عمرڪوٽ Omer kot پهچن ٿيون. پاٽيءَ جو وهڪرو تہ منهن

ڪان سڌو عمرڪوٽ Omur kot پهچي ٿو ۽ اهو پٽن وارو علائقو ڇڻ اپيپٽ ٿجي پيو آهي. .... وڏي چاڙهه جي رت ۾ عمرڪوٽ ڪان وٺي سومار Soomara تائين ارڙهن ميلن جو سارو علائقو پاڻيءَ هيٺ اچي ويندو آهي."

"چونڊاواءَ" ڪان نئين ڪوٽ تائين نارو يا هاڪڙو (جنهن علائقي مان جهڙي نالي سان ڪونيو ويندو هجي) تر جي ڪَڇَ ڏئي ويندو آهي. .... نئين ڪوٽ پرسان وڏيڪ ويڪرو ۽ گهٽو اونهون ٿي وڃي ٿو.

(٥٤٠) بهمن بہ بهمن آباد جي تعمير وقت اهو ئي خيال ڪيو هوندو ايران جي بادشاه نادرشاه دهليءَ جي حڪمران محمد شاه جي وچ ۾ جيڪو ناه ٿيو هو تہ ايران ۽ دهلي جي حڪومت جي سرحد سانڪرو، سنڌ ساگر يا "هاڪڙو" درياه هوندو. جنهنجو تَتَ آءُ هتي ڏيڻ چاهيان ٿو. تاريخ نعمت خان عالي ۾ هن ريت آهي تہ، "هندستان جي حڪومت، ايران جي ترڪمانيہ گهراڻي جي شهنشاه ڪي الهندي سرحد وارا، بنگشات Bangshat، ڪابل جي راجڌاني، غزني، ڪوهستان، افغانن جي رهڻ وارا علائقا (هتي اهو ڏنو ويندو تہ جيئن مان، "نوٽس آن افغانستان" ص ٤٥٣۾ افغان حدن جو ذڪر ڪيو آهي، ايئن ئي هتي بہ ڏسڻ ۾ ايندو)، هزاره جات، بکر جو قلعو، سکر جو شهر، حميدآباد Hamed abad ديره جات جا سمورا علائقا، چوڪي سوختہ Chauki Sokhthh ۽ ٺٽي صوبي جا پيا علائقا، بدين جو قصبو، بياس وارو هرڻ Haran علائقو. والي ڪنڌ پشاور جا پيا علائقا، جيڪي اٽڪ ڪان وٺي ڪابل تائين آهن. ان سان گڏ سنڌ ساگر جي ڇيڙي وارو سانڪرو درياه سمونڊ ۾ چوڙ ڪرڻ وارين حدن تائين. هن ڪان پوءِ هندستان جي حڪومت طرفان مقرر ڪيل ڪوبہ لاڪڙي پنهنجي اختيارن جو استعمال ڪونہ ڪندو. هندستان جو بادشاه مذڪوره علائقو رضا خوشيءَ سان ڏئي ٿو. هيٺ ڏنل تاريخ ڪان پوءِ مذڪوره حدون سندس حڪمرانيءَ ڪان خارج رهنديون ۽ مذڪوره تاريخ ڪان پوءِ هندستان جي

شهنشاهيءَ ۾ شامل نہ سمجهيون ويندڀون ۽ نہ وري هندستان جو فرمانروا انهن تي پنهنجي مالڪيءَ جا حق ڄاڻائيندو. " ان سان گڏ هي بہ لکيو ويو تہ ، ”هن جي شاهديءَ ۽ ثابتيءَ ۾ هڪ دستاويز لکي مٿس صحيح ڪئي وئي. اها تاريخ ٢٩ صفر، سنہ (١١٥٢ع) هو. تاڊ جي بيان مطابق ملتان کي شامل ڪونہ ڪيو ويو هو.

هن نهراءَ مطابق، اڪبر بادشاہ جي زماني وارو ٺٽي صوبي جو سڄو علائقو، ملتان صوبي جي بکر سرڪار جو سنڌوءَ کان ايرندي وارو حصو، ان سان گڏ سنڌوءَ جي اولهہ وارو سڄو علائقو ايران حڪومت سان شامل ڪيو ويو هو. يعني بهاولپور ۽ پنجاب يا پنجن درياهن وارو علائقو وچي دهلي سان رهيا هئا. پيروم پنجند Perom Pangand بابت ”رپورٽ ٽُ گورنمينٽ“ جا ليکڪ يا ياگزيٽيئرن جا مرتب انهن حقيقتن کي چڱيءَ ريت پڙهي، پروڙي پرُجهي پوءِ لکي سگهندا، ٻين جهڙن تهڙن جو ڪم نہ آهي.

(٥٤١) ڏسو حاشيہ ٥٤٥

(٥٤٢) سنڌ گزيٽيئر ص (٢٨٦) جي مرتب جو چوڻ آهي تہ وڏو واہ، بگهياڙ ڦاٽ جهرڪ واري علائقي ۾ آهي. .... بگهياڙ (جنهنجي معنيٰ خطرناڪ آهي) سنڌوءَ جو الهندو ڦاٽ آهي. جيڪو ٺٽي شهر کان ٿورو ڏکڻ درياہ مان ڇجندو آهي. .... چيو ويندو آهي تہ اهو وهڪرو ١٦٩٩ع تائين لاهوري lahore بندر تائين جهاز رانيءَ جي لائق رهيو. ان دور ۾ اهو سنڌ جو مکيہ بندر هو ۽ اڳين صدي تائين انگريزي واپاريءَ ڪوٺي بہ هن شهر ۾ موجود هئي. سمنڊ ۾ ڇوڙ وٽان هن ڦاٽ ۾ ٢٠٠ ٽن وزني جهاز داخل ٿي سگهندا هئا. ان کان پوءِ هيءُ ڦاٽ ڇئن ڇاڙهن ۾ ورهائجي ويو. ڏسو ديبل يا ديول بابت احوال، حاشيہ ٣١٥ . ديل هوستي DelHoste، ١٨٣٩ع ۾ لکيو آهي، سو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ، ”حجامڙي واري ڇوڙ کي وجود ۾ آئي رڳو ٻہ سال ٿيا آهن. پر هاڻي اهو

درياه جو مکيہ وهڪرو آهي.“ برٽن پنهنجي ڪتاب”سنڌ“ (ص ١٦٨) ۾ چوي ٿو تہ، ”هاٿي آڙيا بگهياڙ سنڌوءَ جو صفا اولاهيون ڦاٽ آهي“.

هيوز جو خيال آهي تہ هندي ٻوليءَ ۾”اڙي جي معنيٰ روڪ، رنڊڪ ۽ جهل آهي. اهڙي ريت بگهياڙ يا ٻگهاڙ جي معنيٰ بہ ساڳي آهي. ٻوسٽنس هنکي ”بگاڙ“ Bagar ڪري لکيو آهي. مون کي هن لفظ جي معنيٰ مفهوم جي ڪابہ خبر ڪانہ ٿي پوي. باقي هنديءَ جي لفظ ”بگاڙ“ جو سو پتو اٿم تہ ان جي معنيٰ آهي خراب، بگاڙڻ وغيره.

”هيوز“ پنهنجي گزيٽئر (ص٧٦٨) ۾ چوي ٿو تہ، ”ماڻهو روايتون ڪندا آهن تہ سمن ۽ سومرن جا قبيلا ميرپور بٺوري تعلقي جي موجوده شاه ڪپور شهر کان ڏکڻ ۾ وسندا رسندا هئا. (انڊين ائٽلس نقشن ۾ هنکي Shah kupoor ڪري لکيو ويو آهي). اهڙي ريت جاتي تعلقي جي رڙي واري جوءِ ۾ بہ سندن وسنديون گهٽيون هونديون هيون. اٽکل ٻہ صديون کن اڳ اتي سندن ڪافي زور هو. هن جوءِ ۾ قلعن جا بہ ڪيترا ڪنڊر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. خاص ڳالهہ اها آهي تہ هيءُ اهڙو علائقو آهي، جو هتي سنڌوءَ جي ڦاٽن پنهنجا وهڪرا جهت جهت پئي مٽيا آهن، تنهن ڪري سواءِ اڪيلي ”شاهَ بندر جي ٻيا تاريخي اهميت جوڳا ماڳ تہ ڇڏيائي ڪونہ آهن.

شاه بندر علائقي جا اهي ٻہ شهر ٻہ صديون کن اڳ تباه ۽ برباد ٿي چڪا هجن ها، تہ انهن جو ذڪر لاڙ علائقي جي نئي صوبي ۾ شايد موجود ئي ڪونہ هجي ها. اڪبر جي دور ۾ بتورا يا بتورو (بٺورو) نئي سرڪار جي يارنهن محالن مان هڪ مکيہ ماڳ هو.

هيوز (ص ٧٦٧) اسان کي ٻڌائي ٿو تہ سنڌ ۾ ١٨١٩ع ۾ زبردست ٻوڏ آئي. ان دور ۾ ڪڇ جي رڻ ۾ وري ڌرتي ڌڏي، ان ڪري سنڌوءَ جي وهڪري جي هيٺين پاڳي ۾ وڏيون تبديليون آيون. سنڌوءَ جو اهو ڦاٽ جنهن مٿان شاه بندر واقع هو، تنهن ۾ ٿورو پاڻي اچڻ لڳو ۽ اهوئي

شاه بندر جي زوال جو سبب بڻيو. هن واقعي ڪان اڳ شاهبندر، سنڌ جي حڪمراني جو سامونڊي فوج جو اڏو هوندو هو. ان ڪان پوءِ گهڻيون تبديليون آيون ۽ اجا ٻه ايندڙيون رهن ٿيون".

(٥٤٣) عام طور تي اهو سمجهيو ويندو آهي ۽ ائين سمجهڻ لاءِ ڪيترا سبب ٻه آهن، ته ٺٽي ڪان ونئي ڪراچي ڏکڻ واري علائقي ۾ ان دور ڪان ونئي درياه وهڻ شروع ڪيو، جڏهن ڪان سنڌو يا آبِ سنڌ نصرپور وارو وهڪرو ڇڏي، وڏيڪ الهندو رخ اختيار ڪيو آهي. اهڙي ريت اهو وِسهي سگهجي ٿو ته شاه بندر علائقي جو گهٽو ڀاڱو ۽ جهرڪن ڪان ڏاڪڻيون علائقو ٻه تازي دور جي پيداوار آهي، ڏسو چچ نامو حاشيه ١٨٧ص ٢٣٤ پيٽ بابت لکيل احوال.

چيو ويندو آهي ته سلطان فيروز شاه خلجي ترڪ پنهنجي دور ۾ سنڌوءَ جي تڏهوڪي وهڪري جي ڪناري تي نصرپور جو شهر آباد ڪيو هو. اهو سانڪري يا هاڪڙي درياه جي ڪنڌيءَ سان آباد نصرپور واري قلعي ڪان بلڪل ويجهو ٻيو شهر هو.

چيو وڃي ٿو ته عبدالرحيم خان خانان سنڌ فتح ڪرڻ ڪان پوءِ، جنهن جو ذڪر مٿي اچي ويو آهي، آگري طرف شاهي دربار ڏانهن واپس ٿيڻ ڪان اڳ سمنڊ ڏسڻ جي خواهش ڪئي هئي. ان مقصد سانگي ٺٽي ۾ موجود پنهنجي فوجي وانڊ مان ٻه منزلون يا پندرهن ميل ڏکڻ طرف وڃي سمنڊ ڏٺو هو. جنهن جاءِ تان بيهي هن سمنڊ ڏٺو هو، تنهن کي ماڻهو "مغل پين" نالي سڏڻ لڳا، يعني اها جاءِ جتان مغلن بيهي سمنڊ جو نظارو ڏٺو هو. اصل ۾ اهو لفظ "مغل بين" آهي، پر گهٽي استعمال ڪري مغل پين بڻجي ويو. اهو ماڳ هاڻي سمنڊ ڪان پورا پنجاه ميل پري آهي. نقشن ۾ هن کي Mughulbhin ۽ Mogulbeen جي هِجي ۾ لکيو ويو آهي.

(٥٤٤) سڪندر جي تعمير ڪيل شهر کي سڃاڻڻ جي ڏس ۾ خاص

طور سنڌ جي ناتي سان پوسٽنس Postans نهايت مناسب لفظ لکيا آهن. ”اسان کي پورو پروسو آهي تہ سڪندر جي سچي چمار جو مقصد اهو هو تہ جيئن هو مرڻ کان پوءِ بہ هو زنده رهي. ڪيس آمِت نشان ڇڏڻ جو سخت اونو رهندو هو ان لاءِ تہ جيئن گهٽي وقت تائين سندس نالو زنده رهي. هن مان اهو انومان ڪري سگهجي ٿو تہ هن فقط يادگار تہ تعمير ڪونہ ڪرايا هوندا. پيو تہ انهن شهرن جي اڏاوت ۾ مضبوط ۽ ديرپا سامان ڪتب آندو ويو هوندو. سٺن ماڳن جي چونڊ ڪئي وئي هوندي، پر افسوس جي ڳالهہ آهي جو گهٽيءَ جاکوڙ ۽ جتن ۽ کوجنا ڪرڻ کان پوءِ بہ اهي ماڳ ڳولي سگهڻ ۾ ڪير بہ سوڀارو ڪونہ ٿيو آهي، جن جا ڏسَ پتا سڪندر جا مورخ ڏئي ويا آهن“. هي جاءِ تي وري لکي ٿو تہ، ”سنڌ جي اهڙن ماڳن (پنجاب جي گهٽي حصي جي ماڳن لاءِ بہ چئي سگهجي ٿو) بابت تاريخ لکڻ جڻ واريءَ تي تاريخ لکڻ جي برابر آهي“. اهو عملي انسان جيڪو انهن ماڳن تي رهيو هوندو ۽ انهن درياهن جي جاچ پڙتال ڪئي هوندائين، سو پليءَ پَت سمجهي سگهندو هوندو تہ اڄ جي دور ۾ انهن سڪندري ماڳن کي سڃاڻڻ ناٽڪ ۽ ڍؤنگ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ آهي.

جيتريقدر سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ ماڻهن جي اميدن ۽ آسرن جو تعلق آهي تہ هو، سنڌوءَ جي ڦاٽن ڪنڌين ۽ ڪنارن سان ان حالت ۾ قديم ماڳ ڳولي لهڻ ۾ سوڀارا ٿيندا، جنهن حالت ۾ اهي قديم دور ۾ تعمير ڪيا ويا هئا، تنهن ڳالهہ جو تہ امڪان ئي ڪونہ آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر لارڊ جي لکيل، ”ممايرآن دي پلئن آف دي انڊس“ مان هڪ اقتباس پيش ڪجي ٿو، مان سمجهان ٿو، اهو هن مامري ۾ ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيندو. هو لکي ٿو، ”هي درياه تي سو ڪيوبڪ فوٽ في سيڪنڊ جي حساب سان لٽ ڇڏي ٿو. سٺن مهينن جي عرصي دوران اهو لٽ ٻائيتاليهہ ميل ڊگهو ۽ ستاويهہ ميل ويڪرو ۽ چاليهہ فوٽ اتاهون هڪ ٻيٽ ٺاهي سگهي ٿو. ڪناري سان سمنڊ جي اونهائي

پنج فئدم يعني ٽيهه فوٽ آهي. لٽ جي ان مقدار پوڻ سان سمنڊ جو ترو پاڻيءَ کان ڏهه فوٽ مٿي بلند ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ ريت ڪوبه ماڻهو سون بلڪ هزار سالن جو حساب لڳائي ڇوڙ واري علائقي نهڻ جو صحيح انومان ڪري سگهي ٿو".

(٥٤٥) هه ماڳ آهن جن کي ونجهڙوٽ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. جنهن "ونجهڙوٽ"جو اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، هيءَ ان کان مختلف آهي. پر ٻئي هڪ علائقي ۾ موجود آهن.

(٥٤٦) روايتون هن ڳالهه جي تصديق ڪن ٿيون ته بيڪانير جي سرحدن ۾ ڪاڪ پرسان هاڪڙي يا واهندا جو پاڻيءَ هڪ وڏيءَ ڍنڍ جي صورت ۾ پکڙجي ويندو هو. شهامت علي بهاول پور رياست جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته، بهاولپور جو شهر ڪاڪ جي قديم ماڳ تي وسايو ويو آهي. مٿي بيان ڪيل وڏي ڍنڍ ڪاڪ جي ڏکڻ -اوير پاسي ڏانهن هوندي، ڇاڪاڻ ته هيءَ درياه جي پراڻن پيٽن ۽ واريءَ جي ڍهن سان ڇٽيو پيو آهي. پر بهاولپور هن جوءِ کان اتر-اولهه طرف واقع آهي.

(٥٧٣) اهو ماڳ هاڪڙي درياه جي اويارئين ڪناري کان به اوير طرف آهي.

(٥٤٨) هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، ته مان سنڌوءَ، يا انڊس کي ڪڏهن به مهراڻ ڪونه سڏيو آهي، جنهن جا سبب ڪنهن ٻئي هنڌ ٻڌايا ويندا.

ولفورڊ Wlford پنهنجي تصنيف (ايشين رورس جلد ٧١ ص ٥٩٦) ۾ سنڌو يا آبِ سنڌ يا اٽڪ (وساريل درياه) کي برهمڻ روز پارڪندا هئا. اها حقيقت بيان ڪندي وڏيڪ لکي ٿو ته، "ملتان وارا يوڳ ڪندي چوندا آهن ته هن درياه جو وهڪرو سدائين بدلبو رهندو آهي ۽ سندس پيٽ جي ڪين پڪ ڪانه هوندي آهي ته ڪهڙو آهي. تنهن ڪري پنهنجا پاپ سرتي ڪيون پيا درياه پارڪندا رهندا آهن".

(٥٤٩) ڪالاباغ جي جابلو علائقي مان نڪرڻ سان، نيلاب، آبِ سنڌ يا سنڌو بلڪل سڌو رخ اختيار ڪري ٿو ۽ هيٺ ملتان جي گهٽو ويجهو لنگهي ٿو. هن ماڳ کان مٿي يا هيٺ هيءُ درياهه پنهنجا وهڪرا بدلائيندو رهندو آهي. اسان وٽ هيءُ هڪ ننڍڙو مثال آهي ته سنڌ ساگر دوآبي جي مٿئين ڀاڱي ۾ ٿورن سالن ۾ ئي هن پنهنجا ڪيترا وهڪرا بدلايا آهن. ملتان کان هيٺ به اندازو لڳائيندا سون ته ڪن صدين کان وٺي هن پنهنجا ڪيترائي پيٽ مٽايا آهن.

ايڊوورڊس Edwardes پنهنجي تصنيف ”اِيئر آن دي پنجاب فرنٽئير“ ۾ لکيو آهي ته گهڻن سالن کان وٺي سنڌوءَ پنهنجي وهڪري جو رخ الهندي پاسي ستلج ڏانهن ڪيو آهي. (هن همراهه سنڌوءَ کي ستلج جي پرتي ڪنڌڙ شاخ سمجهيو آهي. سندس ويچار آهي ته بياس ۽ ستلج سان سنڌوءَ جو پاڻي به ملي ويندو هو. پر ائين ڪونه هو. (بياس ۽ ستلج جي ملڻ ڪري سندن گڏيل پاڻيءَ سان گهاري يا هرياري جو وهڪرو پيدا ٿي پوندو هو). اهو وهڪرو ”عيسيٰ خيل“ وٽ وڏيڪ چٽو آهي. (هن مان اهو معلوم ٿيندو ته اترطرف هن پنهنجا گهڻا پيٽ بدلايا آهن). هيءَ درياهه هر سال پنهنجو اولاهيون ڪنارو ڪائيندو رهندو آهي ۽ سنڌ ساگر (دوآبي ۾) پنهنجا وهڪرا تبديل ڪندو رهندو آهي. تنهن ڪري هي دوآبو چڻ وسيع ٿيندو پيو وڃي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هيءُ درياهه الهندي ڪنڌيءَ کي پائيندو ڪائيندو چڪو ۽ ڍها اوپر ڪنڌي تي اڇليندو وڃي ٿو، جنهن ڪري پيليءَ ۾ نئين زمين جو هڪ علائقو، جنهن کي ”ڪچي“ چيو ويندو آهي ٻٽبو پيو وڃي“ (اصلي لفظ ڪچي Kachehi آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”نئين“ يا ”تازي“ ۽ گهٽو ڪري نئين اڇليل لٽ ڏانهن منسوب ڪئي ويندي آهي. اهو لفظ ڪچ پيج ۾ به ڏسي سگهجي ٿو. سنڌ جي جيڪب آباد واري علائقي جي اتر -اولهه پاسي کي به ”ڪچيءَ“ جي نالي سڏيو ويندو آهي. گهاري ۽ هرياري جي ڪنڌين سان موجود علائقي کي به ”ڇوٽا ڪچي“ سڏيو

ويندو آهي. (هندستان طرف جيڪي درياهن جي وٿين پاسن وارا علائقا افغان آباد ڪندا آهن، تن کي ٻه ساڳي نالي سان سڏيو ويندو آهي).
ميان واليءَ وٽان جڏهن اوهان سندساگر ڇڏي عيسيٰ خيل واري علائقي ۾ داخل ٿيندا، ته درياه جي لاٽ وقت اهو لتاشو خِطو اوهان کي اٽڪل ٻارهن ميل اڳتي نظر ايندو. جنهن مان اهو معلوم ٿيندو ته سنڌو درياه، سنڌ ساگر دوآبي کان ٻارهن ميل اڳتي نڪري آيو آهي. جڏهن پاڻيءَ جو وڏو چاڙهه هوندو آهي، ته پاڻي پراڻي پيٽ کي به جل ٿل ڪري ڇڏيندو آهي ۽ مٽي دڙن تي ناهيل ڳوٺن جي چوڌاري ڊورين ڊنڊن ٿلين ۽ ترايـن کي ڀري ڇڏيندو آهي. نـه تـه عـام حـالتن ۾ درياه جو پاڻي چوڌاري ڇرون لائي ڇڏيندو آهي پر مٿاهين تي ڪونـه چڙهندو آهي.
عيسيٰ خيل جي پتڻن وٽان سنڌ ساگر دوآبي کي ڇٽيءَ ريت سڃاڻي ڪونه سگهبو آهي". هتي عيسيٰ خيل قبيلي مان مطلب نيازي افغان قبيلو آهي. درياه جي وڏيڪ تبديلين لاءِ ڏسو منهنجو ڪتاب "نوتس آن افغانستان" جو ٻاڳو چوٿون. خاص طور تي ص ص ۳۴۰، ۳۷۰، ۳۷۱ ۽ ۴۰۰

اڳتي هلي ايڊوردس وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته، "رنجيت سنگهه جڏهن پهريون ڀيرو لڪيءَ جي مروت واري علائقي ۾ داخل ٿيو، ته هن جهنگل وڍائي رستو تيار ڪرايو هو. چاڪاڻ ته درياه جي پر وارو سڄو لتاشو علائقو گهاٽي جهنگل، ٻوڙن ۽ ڪانهن سان سٽيو پيو هو ۽ منجهانئس هلڻ جي جاءِ ڪانه هئي. ان مقصد سان لشڪر جي آڏو چار هاٿي هلي رهيا هئا .... ٿوري عرصي ۾ سنڌوءَ عيسي خيل جي هڪ علائقي کي پاڻي ٻئي کان جدا ڪري هڪ ٻيٽ ٺاهي ڇڏيو آهي. ان علائقي جا زميندار پنهنجي زمين جي ٽڪرن سان جڙ نيهن جو ناتو لايون ويٺا هوندا آهن ۽ ان ٻيٽ تي ٻه سندن ٻه ڳوٺ آباد آهن. ڪڏهن ڪڏهن سنڌوءَ ۾ ايترو چاڙهه اچي ويندو آهي، جو هن ٻيٽ کي به ٻوڙي ڇڏيندو آهي ته اهي ٻيڙين تي چڙهي عيسيٰ خيل جي اترئين علائقي

ڏانهن هليا ويندا آهن. جڏهن پيٽ تان پاڻي سڪي ويندو آهي تہ وري موٽي اچي پنهنجا پراڻا پڊ وسائيندا آهن.

(٥٥٠) بلاذري جنهن پنهنجي تصنيف ٢٧٠ هہ (٨٨٣ -٨٨٤ع) ۾ لکي، سو ٻڌائي ٿو تہ، ”جڏهن عرب سپهہ سالار عمادالدين نيرون کان سوستان ۽ بهمن آباد تي حملي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ ان زماني ۾ درياہ نيرون ۽ سيوهڻ کان اوپر طرفان ۽ مهراڻ سان ”پور وچوٽ“ تي وهندو هو. محمد ان درياہ مان اڪريو، جيڪو ان وقت لنگهڻ جوڳو هو، مهراڻ جي اولهہ ڪناري تي وڃي پهتو هو، ان درياہ کي ٻيڙين جي پل وسيلي پار ڪري وڃي بهمن آباد نڪتو.

درياهہ جنهن جو پهرين ذڪر ڪيو ويو آهي، سو سنڌو نہ، پر ڪُنب درياہ هو، جنهن جو چچ نامي ۾ وستار سان بيان ڪيو ويو آهي. ڏسو ان ڪتاب ۾ ڪتب آندل اقتباس، حاشيہ ١٨٤ ص ٢٣٢ حاشيہ ١٨٧ ص ٢٣٤

(٥٥١) مسٽر آر - ڊي. اولڊام Mr. R. D - Oldham ، پنجاب جي درياهن جي وهڪرن بدلائڻ جي موضوع تي هڪ مقالو لکيو هو، جنهن ۾ ٻڌائي ٿو تہ ، ”ان ڳالهہ جو امڪان ئي ڪونہ آهي جو سڪندر جي دور ۾ سنڌوءَ جو پاڻي ناري جي پيٽ ۾ داخل ٿئي ۽ ان جي هڪ چاڙهہ هر متيليہ Hermetelia يا برهمڻ آباد ڏانهن ويندي هجي. (هن شهر جو اصلي نالو بهمن آباد يا بهمانيہ آهي). پر ان حالت ۾ وڃي سگهي ٿو جڏهن پاڻيءَ ۾ جبل تي چڙهي وڃڻ جيتري سگهہ هجي“.

هاڪڙي درياہ جو ترو خانڳڙهہ ۽ خيرپور ڏهرڪيءَ وٽان بهمن آباد جي ايراضيءَ جي متاڇري کان گهڻو مٿاهون آهي. پر هاڪڙي جي اولاهين شاخ جيڪا اروڙ جو اوپر پاسو ڏئي وهندي هئي، تنهن کان هيٺاهون آهي، جنهن ۾ سنڌوءَ جي چاڙهہ وارو پاڻي وهندو هو. جيڪو ايڏو وڏو چاڙهہ ڪونہ هوندو هو جو ”جبلن تي بہ چڙهي وڃي“، پر اها

سگهہ منٽزائو ڪئنال واري پاٽيءَ ۾ ڪانہ هئي. ان زير بحث دور ۾ هاڪڙو درياہ يا مهراڻ، منصورہ يا بهمن آباد چاليهہ ميل مٿي، پہ درياهيءَ ۾ وريچجي ويندو هو. ڇاڪاڻ تہ پہ درياهي جي ماڳن وٽ اولهہ ۽ اوپر طرف ڌرتيءَ جي سنَوت ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي. باقي ڏکڻ ڌرتي لهنواري ضرور آهي، پر تمام ٿوري.

(۵۵۲) بلاذري جو بيان آهي تہ منصورہ، وهڪري يا ڍنڍ جي اولاهين ڪنڌيءَ سان هئي ۽ هند جو ملڪ ان جي سامهون هو ۽ محفوظہ ان جي ٻئي پاسي سامهون هئي.

(۵۵۳) المسعوديءَ پنهنجو ڪتاب ۳۰۰هہ (۴۴۱ - ۴۲ع) ۾ لکيو، سو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ، "سنڌ جو مهراڻ درياهہ مٿان ڪان ملتان ڏانهن ايندو ۽ ملتان جي پرئين پاسي ڪان وهندو آهي ۽ اتي مٿس مهراڻ نالو پوندو آهي .... پنجن درياهن جي گڏيل پاڻيءَ جي ٻئي وهڪري مهراڻ کي هاتل Hatil درياہ بہ سڏيو ويندو آهي. ملتان ڪان اڳتي لنگهي، ملتان ۽ منصورہ جي وچ تي دوش آب جي ماڳن وٽ هڪ ٻئي وهڪري (هاڪڙي يا واهندا) سان وڃي ملندو آهي، جيڪو اڳتي الدور يا الرور ڏانهن وهندو آهي. هيءُ شهر مذڪورہ وهڪري جي الهندي پاسي آباد آهي، (۽ منصورہ جي حدن ۾ واقع آهي) جنهن کي دوش آب وٽان مهراڻ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي .... مهراڻ درياہ، منصورہ ڏانهن وهندو ويندو آهي". ڏسو حاشيہ ۱۲۴

جيڪڏهن الدور يا الرور جو اشارو سنڌ جي قديم راجڌاني ڏانهن آهي تہ اها تنهن زماني ۾ بهمن آباد يا بهمانيہ جي حدن ۾ واقع هئي، جنهن کي پوءِ منصورہ جي نالي سان ڪوٺيو ويو.

هن مان اهو بہ معلوم ٿيندو تہ مسعوديءَ کي اڃا بہ ٽئين درياہ جو پتو ڪونہ هو. اصطخري ٻڌائي ٿو تہ، "سنڌ رود جو وهڪرو ملتان ڪان ٽي منزلون پري هو ۽ مهراڻ سان ملڻ ڪان اڳ ۾ سندس پاڻي ڏاڍو

ٿڌو ۽ مٿو هوندو آهي". هن ٽئين درياه جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. هن مان اهو هرگز سمجهڻ نہ گهرجي تہ اهو وهڪرو ماڳهن موجود ئي ڪونہ هو. هن وهڪري جو ذڪر وضاحت سان اڳتي ڪيو ويندو.

(۵۵۴) ڏسو ص ۳۰۱

(۵۵۵) ڏسو ص ۴۸۸

(۵۵٦) هي بيان تاريخ طاهري مطابق آهي. وڌيڪ لاءِ ڏسو حاشيہ ۵۴۸ حاشيہ ۳۰۴

(۵۵۸) ٽاڊ پنهنجي ڪتاب "راجسٿان" ۾ ڏنل نقشي ۾ هاڪڙي جي سمونڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ، انهن ماڳن تي ليکيو آهي، جڻ تہ اهو لوڻي درياه پيو ٿو پائنجي ۽ ان کي لکپت ۽ رڻ جو اولاهيون پاسو ڏيکاري ٿو. لوڻي درياه رڻ جو اوپر پاسو ڏئي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو، يا رڻ ۾ ئي.سندس پاڻي هيڏي هوڏي پکڙجي سکي ويندو هو. ٽالمي هنکي LoniBariost سڏيو آهي.

ڪلڪتہ رويو ۾ "لاسٽ رور" (ص۱۸) تي مصنف لکيو آهي تہ سنڌو، ستلج ۽ لوڻي درياه ڪڇ جي رڻ مان لنگهي، سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ، "هتي اوسي پاسي رهندڙ ماڻهو ٻڌائن ٿا تہ هن وهڪري کي هڪ قديم ڇوڙ آهي. ڪتاب جي ڪنهن ٻئي هنڌ وري لکي ٿو تہ، " هيءُ رڳو ستلج جو ڇوڙ آهي."

اسان قبول ڪريون ٿا تہ اهو واقعي ڇوڙ هو، پر اهو هاڪڙي، سنڌ ساگر يا سنڌ جي عظيم مهراڻ درياه جو هو. ستلج ان کان چار ڏگريون اتر طرف هئي. ساڳي وقت سنڌوءَ يا آب ـ سنڌ جو پاڻي بہ اتي اوسي پاسي ڪاٺي هاڪڙي سان ملندو هو ۽ اهي ٻئي وهڪرا هاڪڙي جون پرتي ڪندڙ شاخون هئا.

"ائرين" پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌوءَ جي اوپارئين ڦاٽ وٽ هڪ ڍنڍ

جو ذڪر ڪيو آهي. ساڳئي مصنف جو چوڻ آهي تہ اها هاڪڙي جي چوڙ وٽ موجود وڏي ڪاري آهي.

چچ نامي جي حوالي مطابق هيءَ ساگري جي اها ڪاري آهي، جنهن ۾ محمد بن قاسم جو جنگي ٻيڙو اچي بيٺو هو. جنيد جي سپهہ سالاريءَ هيٺ عرب فوج جڏهن سينا پٽ راءِ ڏاهر جي بيٺل جنگي آرماڙ کي بہ هن "الشرقي" ڍنڍ ۾شڪست ڏني هئي". هي اليٿ جو ويچار آهي.

جنهن ڍنڍ جو مٿي حوالو ڏنو ويو آهي، سا گهڻو ڪري امرڪوٽ جي اولهہ طرف واري "سامرا" Samarah ڍنڍ آهي، يا ان جي پرسان ڪا ٻي ڍنڍ آهي، تڏوهڪي وهڪري جو ڦاٽ اتان ڪان لنگهي سمنڊ ڏانهن ويندو هو. هاڻي هنن ڍنڍن جا نشان وغيره بدلجي ويا آهن.

ڏسو بلاذري طرفان بيان ڪيل پاڻوي Naval جنگ جو ذڪر آهي. ڏسو حاشيہ ٥٣٠ حاشيہ ٥٣٤

وِل فورڊ کي هنن علائقن بابت گهڻي معلومات هئي. هڪ تہ سندس پنهنجن انومانن تي ٻڌل هئي، ٻي سندس ڪنين ٻُڌل هئي، سو پنهنجي ڪتاب ائشين رِورس (ص ٦ ۽ ٢٢٥) ۾ چوي ٿو تہ، "يوناني جيڪو "سگريتس" جو لفظ ڪتب آندو آهي سو هندي جو لفظ سيهرديس Seherdes آهي .... ليهري Lehri يا ليهراهي Lehrahi بندر بہ ان ڪري سڏيو ويندو آهي جو، اهو ليهريهہ Lehreh (لاڙ) واري علائقي ۾ موجود آهي. اوير واري چاڙهہ تي موجود بندر جو نالو سيهري Sehri يا سيهراهي Sehrahi آهي. ان جو سبب بہ ساڳيو آهي، يعني اهو سيهر جي علاقي ۾موجود آهي، پر هاڻي هن کي بستا بندر Bustah Bunder سڏيو وڃي ٿو. هن جو گذر گاه تمام گهڻو ويڪرو آهي .... هن ڪاريءَ کي يونان وارن سارونس Saronis ۽ پيري پلس Periplus ۾ ائرين هن کي ايري ناس Eirinos سڏيو آهي .... هن ڍنڍ جو پاڻي ٻن چوڙن وسيلي سمنڊ سان ڳنڍيل آهي، وڏيڪ

ويڪري ڇوڙ سان بستا بندر واقع آهي. اوپاريون منهن ننڍڙو آهي. هن
ڪان اوپر ۾ لکپت بندر آهي جيڪو ڪڇ ۾ آهي. (مٿان ڪان سوراشٽر ۾
يا سورٺ ۾ جو ملڪ شروع ٿئي ٿو.) هيءُ سفر ڪڇ جي موجوده راجا
جي ڏاڏي راجا لکپتيءَ جي نالي سان آباد ڪيو ويو هو. "

تـاڄ (جلد ا ص ١٢) چوي ٿـو تـہ "ايري ناس، "رڻ" لـفظ جي
بگڙيل صورت آهي.حاشـيه ۾ هن ريت لکي ٿو تہ: گـهٽو ڪري ارنـيا
واري رڻ جي بگڙيل شـڪل ٿـي سگـهي ٿي. مـوجوده هجي ڪان يونانين
واري لکٽي وڏيڪ صحيح آهي." سچ پچ سندس هيءُ عجيب بيان آهي.

(٥٥٩) اچرج جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ محمد بن قاسم واروسوستان تي
ڪيل حـملي جو بيان چچ نامي ۾ تفـصيل سان ڏنو ويو آهي. پر اهو
ذڪر ڪـو نـہ مـلي ٿـو تـہ ان جي ويجهـڙائي ۾ وڏي ڍنـڍ بـہ مـوجود
هونديٰ هئي. ان ڪان هيٺ ويندڙ واهڙ جو بيان ضرور ڪيو ويو آهي. پر
جيڪو ڪجهہ چيو ويو آهي اهو هن ريت آهي. "قديم زماني ۾ آب سنڌ
هن ماڳ ڪان اتران ڪو نـہ ايندو هو." اهو عرب دور ۾ ٿيو ۽ انهن ايئن
بيـان ڪـيو آهي. آمـيانَس مـارسـيلينس Ammianus Marcellinus
(٣٦٣ع) اسان کي ٻڌائي ٿو تہ " گـيڊروشـيا جي سـاڄي پاسي انڊيا
(سنڌيا) آهي، جنهن ۾ گهٽا درياه وهندا آهن. سيني ڪان وڏو آرتـابيس
Artabius درياه آهي. هتي بـاربتاني Barbitani جابلو سلسلو ختم ٿئي
ٿو. ان جبل جي هيٺين پاسي ڪان ڪيترائي درياهہ وهندا آهن. جيڪي
سنڌوءَ INDUS ۾ اچي پوندا آهن. ۽ سنڌوءَ ۾ ملڻ ڪان پوءِ سيني جا
نالا ختم ٿي ويندا آهن." ڏسو حاشيہ ١٨٥ -.

بولان درياهہ ١٨٩٠ - ٩١ع ۾ اها ثابتي آهي تـہ ماضيءَ ۾ اهو
هڪ وڏو درياه هو. جيڪا بہ شيءِ سندس وهڪري جي سامهون ايندي
هئي، انـکي لوڙهي ڇڏيندو هو. مـون پنهـنجي ڪـتـاب "نوٽـس آن
افغانـستان" ۾ اهڙو ذڪر ڪيو آهي. هي ان زماني ڪان ٿورو اڳ جي
ڳالهہ آهي، جڏهن اتان ريل بند وجائڻ لاءِ ويچار ٿي رهيو هو.گذريل

سال منهنجو بيان اکر بہ اکر سچو نـکتو. اها موجوده دور جي هڪ اهم حقيقت آهي، جيڪا ڏاڍي چٽي ٿي بيٺي آهي. جن ماڻهن ويچارن ۾ غلطيون ڪيون آهن، تن جي جذبن کي ضرور جهٽڪو رسندو.

(٥٦٠) سنڌ جي حيدرآباد ضلعي جي نوشهري علائقي ۾ موجود آهي. هن بابت تحفة الڪرام چوي ٿو تہ "هن جو بنياد دهليءَ جي بادشاهہ سنڌوءَ جي ڪناري تي رکيوهو. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هن سانڪرا (هاڪڙي درياهہ)جي ڪناري نصيرپور Nassirpur پرسان هڪ قلعي جو بنياد ان زماني ۾ رکيو هو، جڏهن گجرات مان موتي اچي ٿي جي ڄامن تي حملو ڪري ڪين آڻ مڃائي هئي. نصرپور ۽ نصيرپور ٻـہ جدا ۽ هڪ ٻئي کان پري وارا شهر آهن.

(٥٦١) ڪلڪتہ رويو ۾ ڏنل مقالي جو مصنف، سنڌوءَ جي ايرندي ڇاڙهہ کي پراڻ ڊورو سڏي ٿو. جيڪو اتي وچي ناري سان ملي ويندو آهي. جيڪڏهن اهو پراڻ جو ڊورو هاڪڙي درياه مان ڪو نہ ٿو اچي، تہ پوءِ ٻئي کهڙي وهڪري مان اچي ٿو؟

ستن فقرن لکڻ کان پوءِ ساڳيو مصنف چوي ٿو تہ ، "ويڪرائي يا پاڻي جي مقدار کان هاڪڙو درياه سنڌوءَ کان ننڍو آهي، پر پنهنجي جاءِ تي اهم ضرور آهي، وغيره. سندس هنن بيانن مان اهومعلوم ٿئي ٿو تہ هن هاڪڙي ۾ پوئين دور جي وهڪري ناري کي گڏائي وچڙائي منجهائي ڇڏيو آهي . سمجهہ ۾ ايئن اچي ٿو تہ ڪيس اها خبر ڪا نہ آهي تہ آب ـ سنڌ يا سنڌو مذڪوره دور ۾، جنهنجو بيان ان ڪتاب ۾ بہ آهي تہ اهو هاڪڙي درياه جي پرتي ڪنڌڙ شاخ هو. هاڪڙو ان دور ۾ هڪ عظيم درياه هو. عرب مورخ هن درياه کي مهان مهران سڏيندا هيا. اهڙي سَندَ يا تاريخ موجود ڪا نہ آهي، جنهن ۾ سنڌوءَ کي قديم دور ۾ هاڪڙي جيان وڏي درياه جي نالي سان سڏيو ويو هجي.

(٥٦٢) اڪثر ڪري غلطيءَ وچان هن کي تاريخ الهند چيو ويو آهي. ڏسو حاشيہ ٧٨

(٥٦٣) هن سنلج کي هاڪڙو يا واهندا سمجهيو آهي. پر ستلج هاڪڙي يا وهندا سان پنج ند کان ڪجهه ميل هيٺ وڃي ملندي هئي. ٻي ڳالهه ته ابوريحان هاڪڙي يا واهندا جو پنهنجي تاريخ ۾ ذڪر ئي ڪو نه ڪيو آهي، جيڪڏهن سندس خيال صحيح آهي ته پوءِ پنج ند جي بدران اهو ماڳ ”دوش - آب“ هجڻ گهرجي.

چيو ويندو آهي ته اصطخري سنڌ ۽ ملتان، ان دور ۾ آيو هو، جنهن زماني ۾ هاڪڙي جي ڇاڙهه پنهنجي اصلي وهڪري کي ڇڏي ڪنهن ٻئي طرف موڙو کاڌو هو. سندس بيان هن ريت آهي ته ”سنڌ جو هڪ درياه آهي، جنهن جو نالو مهراڻ آهي. اهو سمنڊ Samand جي ڊنگ (عربن جي پراڻي نقشي مطابق ٻه سمنڊ آهي) ۽ اروڙ پرسان لنگهندو آهي ۽ ملتان کان وهندو منصوره ڏانهن ويندو آهي.“ وغيره. جيڪڏهن هاڪڙي درياه جي هڪ ڇاڙهه هن جي اچڻ دوران يا ٿورو اڳ موڙو کائي پنهنجو وهڪرو بدلائي وڃي ها، ته هو پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙو ذڪر ضرور ڪري ها. جنهن مان معلوم ايئن ٿئي ٿو ته اهو هن جي هلئي وڃڻ کان ترت پوءِ ٿيو هوندو. بکر جي پرسان خواجا خضر جي درگاهه تي جيڪا لکت موجود آهي، سا اهو ڪو نه ٿي ڏيکاري ته هاڪڙي جي الهندي شاخ ڪڏهن الهندي ڏس تي موڙو کاڌو هو. پر هن حقيقت حال کان ضرور واقف ڪري ٿي، ته ڪهڙي دور ۾ پنج ند وارو وهڪرو هاڪڙي يا واهندا کان الڳ ٿي سنڌوءَ ۾ داخل ٿيو هو ۽ سنڌو هڪ وڏي وهڪري جي صورت ۾ اچي هاڪڙي جي الهندي شاخ ۾ پيو هو، جيڪا پنهنجي اصلي وهڪري کان موڙو کائي بکر ۽ روهڙي جو اتر ڏئي وهندي هئي. هاڪڙي جي هن شاخ ۾ وهڻ کان پوءِ ٻنهي جي گڏيل پاڻيءَ جو وهڪرو ڇُن جي انهن ٽڪرين مان وهڻ لڳو، جن تي پوءِ بکر ۽ روهڙيءَ جا شهر ٻڌا ويا.

(٥٦٤) ماٿهن جي روايت مطابق، جڏهن هاڪڙي جي شاخ الهندي طرف مڙي وئي ته اتان جي راجا دلوراءِ ماٿهن کي ان ڇاڙهه جي

منهن موڙڻ جي هدايت ڪئي. پر اها ڪوشش ڪامياب ٿي ڪا نہ سگهي هئي. اُن علائقي جو مٿاڇرو اڳي بہ ايئن هو، جيئن هاڻي آهي ۽ اهو وهڪرو اروڙ جي ايترو ويجهو وهي رهيو هو، جيترو هاڻي وهي رهيو آهي. ان ڇاڙهہ جو رُخ مَٽڻ، ايڏو ڪو ڏکيو ڪم ڪو نہ هو. حقيقت اها آهي تہ اهو وهڪرو تازي دور سان واسطو رکي ٿو ۽ سنڌو درياه جو هاٿوڪي وهڪري جو پيٽ پراڻي وهڪري ڪان ويهہ فوٽ مٿي آهي.

(۵٦۵) هيوز ، "سنڌ گزيٽيئر " (ص ۷۷۰) تي چوي ٿو تہ "جيڪب آباد ۽ ڪشمور تعلقي وارو برجس واه Briggs Canal تعلقي ڪشمور ۽ ٿل ۾ موجود "سنڌ هالو" واري ترائي جيڪا اڳ ۾ سنڌوءَ جو پيٽ هئي، ان ۾ وهندو هو........ هاڻي اهي بند ڪيا ويا آهن. "سنڌ هالو" واري ترائي ۽ سنڌوءَ جي هاٿوڪي پيٽ جي وچ تي سنڌوءَ جي پراڻن پيٽن ۽ ڍنڍن جا نشان ججها ڏسڻ ۾ ايندا .ڏسو حاشيہ ۳۱۱ تي ڊاڪٽر ڪينيڊيءَ جي تصنيف مان ڏنل اقتباس.

(۳٦٦) ـ اصطخري ڪان ٿورو وقت پوءِ المسالڪ والممالڪ ڪي ڏسئون ٿا جيڪو ٽن وهڪرن جو ذڪر ڪري ٿو، مهراڻ، سنڌ رود جنهن ڪي هو پنج ند جو بہ نالو ڏئي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ اهو ملتان ڪان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي ۽ جند رود يا سمند رود آهي، جيڪو مهراڻ رود سان سنگم ڪندو هو ۽ اهو آب ـ سنڌ جو ئي وهڪرو آهي (ڏسو حاشيہ ۳۰۴) ۽ حاشيہ ۵۴۸ جيڪو سنڌ ـ رود سان سنگم ڪان هيٺان ان وهڪري سان ملندو هو. باسمد، سامد، جندور ۽ ملتان، ملتان ڪان ايرندي طرف هئا. جنهن ڪي ابن حوقل مهراڻ رود (آب سنڌ)سڏي ٿو. مٿيان سي ماڳ مهراڻ رود (آب سنڌ) سڏي ٿو. جيڪي سي ماڳ مهراڻ رود آب سنڌ ڪان هڪ فرسخ جي فاصلي تي آهن. ابن حوقل وڌيڪ اهو پڻ ٻڌائي ٿو تہ "مهراڻ رود (آب سنڌ) ۽ سنڌرود (پنج ند) جو سنگم ملتان ڪان هيٺان ۽ باسمد ڪان مٿان ٿيندو آهي. اڳتي هلي وري چوي ٿو تہ باسمد ڪي بہ ڪوٽ آهن، جيڪي مهراڻ (آب ـ سنڌ)

جي پنهي ڪنڌين سان تهيل آهن. پر ٿورو مٿي پاڻ لکي آيو آهي ته باسمد مهراڻ (آب - سند) کان هڪ فرسخ جي فاصلي تي موجود آهي."
مان وسهان ٿو ته غوث پور باسمد جي ماڳن تي آباد آهي.

ابوريحان جو ڏنل احوال، مٿئين بيان کان اسي يا نوي سال پوءِ جو آهي. هن پنهنجو ڪتاب سنه ٩٢٢هه (١٠٣١ع) ۾ پورو ڪيو. پر هو لاهور کان اوپر ۽ ملتان کان ڏکڻ ڪو نه وڌيو. هيءُ مصنف اسان کي ٻڌائي ٿو ته، "اروڙ يا الرور مهراڻ درياه جي ڪناري سان آباد آهي. ۽ اها ندي هن شهر جي الهندي پاسي کان لنگهندي آهي. جيڪڏهن هن لکڻ ۾ غلطي نه ڪئي آهي، ته سندس لکڻ واري زماني ۾ هاڪڙي جي الهندي ڇاڙهه اروڙ کان موڙو کائي پنهنجو اصلي وهڪرو ڇڏي چڪي هئي، نه. ته هن کان اڳ ۾ اها ساڳي ڇاڙهه اروڙ کان اوڀارئون وهندي هئي. مان اوهان کي گذارش ڪندو هلان ته ابوريحان جي تازي ڇاپي نسخي ۾ "الهندي" West جو لفظ موجود ڪو نه آهي.

(٥٦٧) ڪئپٽن ڊبليو - بيڪر W - Baker سنڌ جي واهن جو سپريٽنڊنٽ هو، تنهن ڪناري سان ڪسي يا واه کوٽي سنڌوءَ جي وهڪري بدلائڻ بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي، چوي ٿو ته "هن خيال لاءِ به ڪو سبب آهي ته جيڪڏهن سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ سان نرم واريءَ ۾ ڪاهي کوٽبي ته درياه جو تيز وهڪرو ان کي پنهنجو پاڻ کائيندو پائيندو ويڪرو ڪندو ويندو. اهو به امڪان آهي ته اهو درياه جو مکيه وهڪرو بڻجي وڃي. اڳيون قديم وهڪرو ختم ٿي وڃي ۽ ان جي سڪر سٽائي داڙاڦاڙا ٿي وڃي. .... سنڌو ڪڏهن به دائمي طور هڪ پيٽ مان ڪو نه وڙهو آهي. هو پنهنجي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڌيءَ کي پائيندو ۽ کائندو رهندو ۽ ڇيڪو ۽ ڍَها پي ڪنڌيءَ سان چڙهيندو ويندو آهي."

ليفٽيننٽ ڪرنل ڊبليو - اسڪاٽ به لکيو آهي ته، هاڻي سنڌوءَ جو پاڻي ڪنارن مٿان هوريان هوريان سرڪي ۽ آرام سان وهي رهيو

آهي. سمجهه ۾ ايئن پيو ايندو ته اهو ڪو به ڇيهو ڪو نه رسائيندو.
پر جيڪڏهن ساڳئي علائقي مان ڏهه يا ٻارنهن فوٽ پاڻي وڏيڪ وهڻ لڳندو، ته پوءِ پيلي پاڻي هيٺان زمين ڪيڏي به سخت هجي (گهٽو ڪري اها سخت ڪا نه هوندي آهي. پر "واري گهڙيءَ" ۾ پيل واريءَ جهڙي صاف ۽ نرم هوندي آهي) ان کي پاڻڻ ۽ ڪائڻ شروع ڪندو. حالت اهڙي خطرناڪ هوندي آهي، جو اسان مٿس ضابطو رکي نه سگهندا آهيون. ڏسو، "رپورٽ آن ايسٽرن نارا" ص ص ۴ ۽ ـ ۲۷

(۵٦٨) ساڳي دور ۾ حيدرآباد جي ڪليڪٽر تاريخ ۳۱ آڪٽوبر ۱۸۵۰ع تي سنڌ جي ڪمشنر ڏانهن هڪ خط لکي موڪليو ويو هو، جنهن ۾ ڪيس ڄاڻايو ويو هو ته درياه ۾ هڪ بند موجود آهي، جيڪو پاڻيءَ کي هيٺين طرف اچڻ کان روڪي رهيو آهي. ان کان سواءِ هن نقشو ڪيڏي ان علائقي جي به نشان دهي ڪئي هئي، جتي سنڌ جي ماڻهن جتن ڪري درياه ۾ بند ٻڌو هو. ڪيس اهو به ٻڌايو ويو هو ته اهو ماڻهو مير صوبدار ٽالپر جو عملدار هو، جنهن جي صلاح سان اهو بند ٻڌايو ويو هو. ان بند بابت ڪليڪٽر ڪئپٽن رٽ بون Rath bone پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي لکيو آهي ته "هي بندر هر نقطه نگاهه کان پورو آهي، پر وقت جي سرڪاري ڪاغذن ۾ ان جو ڪوبه بيان درج ڪو نه آهي. اڳتي هلي وري لکي ٿو ته "جنهن ماڻهو مون کي هيءَ خبر ڏني، سو ٻڌائي ٿو ته نارو سنڌوءَ مان غوث پور وٽان ڦٽي نڪري ٿو، جيڪو ڪنهن قديم ماڳ (هنکي قديم مورخن باسمد ڪري لکيو آهي) تي ٺاهيو ويو آهي ۽ بهاول خان جي ملڪ جي حدن اندر آهي. ان علائقي ۾ ناري جي وهڪري جو پيٽ هڪ سو ويهه ميل ويڪرو آهي ۽ اونهائي پندرنهن فوٽ اٿس ۽ بند کان هيٺان پراڻي پيٽ جي ماپ به سؤ فوٽ آهي."

شڪارپور جي ڪيليڪٽر، صحيح علائقي جو اندازو لڳائي لکيو آهي ته جنهن بند جو ڪئپٽن "رٽ بون" حوالو ڏنو آهي، سو پيڙاهي

Birha ڳوٺ جي پرسان آهي. وٽن جا ڏار ڪپي ۽ مٿان مِٽي سٽي ڇهه سئو فُٽ ڊگهو ۽ انتيهه فوٽ ويڪرو بند ٻڌو ويو آهي. سندس اوچائي ٻاويهه فوٽ ڪن ٿيندي. پاڻي جي وڏي ۾ وڏي چاڙهه جا نشان پندرنهن فوٽن تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. بند ڪان هيٺين پاسي درياءَ جو پراٽو پيٽ ٻه سؤ فٽ آهي." وڌيڪ چوي ٿو ته "حيدرآباد جي ڪليڪٽر جنهن بند لاءِ اشارو ڏنو آهي، ته اهو ڪوهه ڊگهو ۽ چاليهه گز ويڪرو آهي، سو مان ڳولهي ڪو نه سگهيو آهيان .... پهرين ڳالهه ته هن بند سان پاڻي جو جيڪو حصو روڪيو ويو آهي، سو گهوٽڪيءَ ڏانهن ويندو هو. باقي احمد پور واري مکيه وهڪري سان ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ ڪنهن جي مجال ڪانهي ڪا. اهو مکيه وهڪرو ناري وارو آهي، جيڪو ريٽي ڏئي وهندو آهي." اڳتي هلي وري بيان ڪري ٿو "احمد پور ڪي ليٽ جي پاڻي ڪان بچائڻ واسطي خونم ليٽ بند ٻڌو ويو آهي. مونکي اعتبار جوڳن ماڻهن ٻڌايو آهي ته اهو بند سنڌوءَ جي ڪناري سان ۽ بهاول خان جي ملڪ ۾ پرپاسي جي علائقي ڪي ٻوڏ ڪان بچائڻ واسطي ٻڌو ويو آهي."

هن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته ڀهڙي (Bihra) پرسان ٻڌل بند جيڪو هتان جي ديهي عملدار ٻڌايو هو، سو ڪو ٻيو آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ڪمشنر ان ڪان پوءِ لکيو آهي ته "اهو پتو ڪو نه ٿو پوي ته اهو پاڻي ڪي روڪڻ لاءِ هٿرادو بند آهي، يا هتان سنڌوءَ وهڪرو بدلايو آهي." هيستائين ته سڀ ٺيڪ هو، پر سڀ غلط ٻه. بند جنهن جو مٿي حوالو ڏنو ويو آهي ۽ جيڪو ڀهڙي جي ماڳ ڪان ويهه ميل اوپر طرف هو ۽ اهو ٻه ڇيو ويو آهي ته اهو بند ڏيهي عملدار ٻڌايو هو، سو سندن خيال مطابق سندن مطلوب بند ڪو نه هو. خونم ليٽ بند Koonumdeht bund جنهن جو بيان هتي اچي چڪو آهي، ڪجهه فاصلو هلي ان ڊوري ۾ وهندو هو، جنهن منجهان ڪنهن زماني ۾ پنج - ند وارو وهڪرو وهي دوش - آب وٽ هاڪڙي سان وڃي سنگم ڪندو

هو. پر گهٽي زماني جي پوڻن ڪري ان جو وهڪرو بدلجي ويو هو.

هتي مان ڪتاب جي آخر ۾ سروي منجهان اهو خاڪو ڏئي رهيو آهيان، جنهن مطابق هتان جي ڏيهي ماڻهو پنهنجي خيال مطابق درياه ۾ بند ڏياريو هو. هن مان ان بند جي صحيح طرف جو پتو پوندو ۽ اها بہ خبر پوندي، تہ مذڪوره بند غوث پور پرسان هاڪڙي ۾ پنچ ند جي تري ۾ موجود هو.

(٥٦٩) هتي بهتر اهو ٿيندو تہ هن وهڪري جي تبديليءَ واسطي جيڪي بند بابت روايتون آهن، تن کي ورجايو وڃي. مون انهن روايتن کي درياهن جي مخصوص جڳهن تي ڪنهن جدا جاءِ تي ڪو نہ لکيو آهي.

سيف الملوڪ ان مسلمان جو نالو آهي، جنهن چوٿين صديءَ هجريءَ ڌاران اروڙ تي آپدا آندي هئي. ان زماني ۾ مسلمانن جو زوال اچي چڪو هو ۽ هيءُ علائقو دلوراءِ نالي هڪ ظالم راجا جي حڪمرانيءَ ۾ شامل هو، جيڪو سهڻين ڪنوارين ڇوڪرين سان دل وندرائيندو رهندو هو.

هڪ ڏينهن اهو مشهور واپاري سيف الملوڪ پنهنجي واپاري مال سان گڏ اچي اروڙ پرسان پهتو، جيڪو سندس غورابن يا ٻيڙن تي لڏيل هو. هي درياه، مٺان ڪان وٺي سمنڊ تائين جهاز رانيءَ جي لائق هوندو هو. (محمد بن قاسم بہ اهڙي جهاز رانيءَ جي هدايت ڪئي هئي. ڏسو حاشيہ ١٨۴). ساڻس بديع الجمال نالي هڪ تمام سهڻي عورت گڏ هئي. سيف الملوڪ جي سامان جي گهٽي جي لٽ مار ڪان پوءِ بہ راجا راضي ڪو نہ ٿيو. سندس مرضي هئي تہ ساڻس گڏ جيڪا سهڻي زال بديع الجمال آهي سندس حوالي ڪئي وڃي. جڏهن سيف الملوڪ ڏٺو تہ هي ڏاڍو ڪنور ماڻهو آهي ۽ ڪائنس جند ڇڏائڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي، تہ پوءِ خدا تي ڀروسو رکي ڪا حرفت هلائڻ جي سٽ سٽي. ڪائنس ٽن ڏينهن جي مهلت گهريائين. ڪي چون ٿا تہ هن انن ڏينهن جي مهلت

گهري هئي. هن واعدو ڪيو ته ان عرصي گذرڻ ڪان پوءِ راجا جي دل جون سڀ مرادون پوريون ڪندي، بديع الجمال سندس حوالي ڪندس. هن ان مقرر عرصي ۾ چا ڪيو جو، وڏو پئسو خرچ ڪري، ڪيئي ڪاريگر ۽ بي شمار ڪمي آڻي ڪم سان لڳايا. جن اروڙ ڪان مٿان هڪ بند ٻڌي ورتو ۽ هڪ واهڙ کوٽي هاڪڙي يا واهندا جو پاڻي اولهه طرف بکر ڏانهن موڙي ڇڏيو. (هن مان اهو هرگز نه سمجهيو وڃي ته بکر ان زماني ۾ موجود هو. رڳو اها جاءِ موجود هئي، جتي ڪنهن زماني ۾ ان واقعي ڪان پوءِ ان شهر جو بنياد رکيو ويو. جهڙيءَ ريت سوستان تي لکيل حوالن ۾ موجود آهي. حالتن مان ته ايئن معلوم ٿئي ٿو ته اهو واپاري سيف الملوڪ هنن مکيه درياهن جي سنگم ڪان گهٽو پري جو ويٺل ڪو نه هو ۽ ڪيس پوري خبر هئي ته سنهيءَ واريءَ واري جوءِ مان ننڍڙو ڪڙيو کوٽي وڏي درياه جو وهڪرو ڏاڍيءَ سولائيءَ سان بدلائي سگهجي ٿو). اهڙيءَ ريت درياهه پنهنجو اڳوٽو وهڪرو مَٽي ويو، ڏنل مهلت وارو مدو به ختم ٿي ويو، ٻئي ڏيهن وڏيون ڇوليون هڻندڙ درياه جيڪو اروڙ کي ڳارو ڏيئي وهندو هو سو هيٺ لهي ويو. سندس پيٽ گپ ۽ گيچڙ سان ڀريو پيو هو ۽ صفا تري ۾ نهايت ٿورو پاڻي گڙڪي رهيو هو. ان وهڪري اروڙ کي ڇڏي سوستان ۽ لڪيءَ جي جابلو سلسلي جو رُخ ڪيو هو. واپاري سيف الملوڪ جا سامان سان ستيل ٻيڙا ۽ ٻيا ماڻهو، راجا دلوراءِ جي پهچ ڪان پري چڪا ويا هئا. ان واقعي ڪان پوءِ اروڙ ويران ٿي ويو.

هيٺ هلي اهو مٿيل وهڪرو ڪنب واري وهڪري سان وڃي مليو هوندو، جنهنجو ذڪر چچ نامي ۾ به ڪيو آهي.

هن واقعي سان لاڳاپيل هڪ ٻيو به قصو آهي. پر ٻنهي ۾ فرق تمام ٿورو آهي. هن قصي ۾ هن ريت بيان ڪيو ويندو آهي، ته اهو واپاري حج جي ارادي سان مڪي شريف وڃي رهيو هو. واپسيءَ وقت هن ٻيو رستو اختيار ڪيو ۽ "رتي" نالي ڳوٺ جي ڀرسان رهڻ لڳو هو،

جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته ڪنهن زماني ۾ اهو وڏو شهر هو. وفات به اتي ڪيائين. بديع الجمال مان ڪيس ٻه پٽ هئا. هڪ جو نالو رتو ۽ ٻئي جو متو هو. رتي ۽ متي جي نالي سان هنن ٻنهي جون مزارون اڄ ڏينهن سوڌو مشهور آهن.

ٿوري اختلاف سان هيءَ روايت تاريخ طاهريءَ ۾ به موجود آهي. سندس بيان هن ريت آهي : الرور يا اروڙ شهر ڪان هيٺ (هيءُ شهر درياه کان گهڻو متي آباد ڪيل هو. درياهه هن شهر جي اوپر طرف کان وهندو هو) پنجن دياهن يا پنج آب جو پاڻي وهندو هو، جنهن کي هاڪڙو درياه واهندا يا واهڻ به سڏيو ويندو آهي. هن درياه جي وهڪري جو پاڻي ملڪ ٻوڙيندو، ڏوڪيندو وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. اروڙ ۾ محمد طور جي وچ تي راجا دلوراءِ جي حڪمراني هوندي هئي .... هن درياه وسيلي هند ۽ ٻين ملڪن جو واپاري مال ديبل بندر ڏانهن ويندو هو. راجا دلوراءِ سندن مال جو اڌ چڱي طور وصول ڪندو هو." اهڙي ريت سيف الملوڪ نالي هڪ واپاريءَ جا ٻيڙا به اتان اچي لانگهائو ٿيا هئا. ساڻس گڏ سندس زال بديع الجمال به هئي.

راجا دلو راءِ ڪيس چيو ته جيستائين هو پنهنجي زال بديع الجمال سندس حوالي نه ڪندو، تيسين سندس ٻيڙن کي اڳتي وڃڻ جي اجازت ڪانه ملندي. ان واپاريءَ ڪانئس ٽن ڏينهن جي مهلت گهري، جيڪا هن قبول ڪئي . انهن ٽن ڏينهن ۾ سيف الملوڪ پورهيت ۽ ڪمي آڻائي هڪ واهه کوٽائي، درياه جي پيٽ ۾ بند ٻڌائي ورتو. جيئن فرهاد سد سڪندري جهڙي مظبوط جبل ۾ موجود سرنگهه بند ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو هو. تيئن هن به پورهيتن ۽ ڪاريگرن کي هيرا جواهر، سون ، چاندي آڇي واهه کوٽائي، بند ٻڌايو ۽ درياه کي اروڙ کان ٻئي طرف بکر ڏانهن موڙڻ ۾ سوپارو ٿيو هو. چيو ويندو آهي ته پورهيتن رات ڏينهن ڪم ڪيو. درياه جي پيٽ ۾ بند به ٻڌندا هيا ۽ واه به کوٽيندا رهيا. اهڙي ريت درياه جو رخ سيوهڻ ۽ لڪي جي جبلن ڏانهن موڙي

ڇڏيائون. پاڻيءَ جي وهڪري سان پنهنجا ٻيڙا بہ ڪٽي روانا ڪيائون، جيڪي الله تعاليٰ جي ٻاجهہ سان راجا دلو راءِ جي ڏاڍ ۽ ڏمر کان بچي ويا. راجا دلو راءِ درياه کي پنهنجي اصلوڪي وهڪري ڏانهن وارڻ واسطي ڏاڍا جتن ڪيا، پر سوپارو ڪو نہ ٿيو. انهن کي شايد ٻڌل بند ڪيڻ جي جرئت ڪا نہ ٿي هوندي، ڀا هنن بند ڪيڻ بيڪار سمجهيو هوندو، ڇاڪاڻ تہ درياهہ پنهنجو وهڪرو ئي مٿائي اوڏانهن ڪيو هوندو.

مان گذارش ڪندو هلان تہ هيءَ روايت علائقي جي هر ماڻهو جي واتان ٻڌي وئي آهي. ان واپاريءَ جو نسل اڪبر بادشاهہ جي زماني ۾ بہ موجود هو. بکر ۽ ان جا ماتحت علائقا ٩٨٢ (١٥٧٤ -٧٥ع) تائين محمود ڪوڪلتاس جي حوالي هئا. اغونن جي زوال کان پوءِ اتر سنڌ جو هي آزاد حڪمران هو. سندس وفات کان پوءِ دهلي دربار طرفان موڪليل ماڻهن جي وچ ۾ ڪجهہ اٿبٺت ٿي پئي. تنهن هوندي بہ مذڪوره علائقو اڪبر بادشاهہ جي حڪمرانيءَ ۾ شامل ڪيو ويو. سنہ ٩٨٣ هہ (١٥٧٥ -٧٦ع) ۾ نواب ترسون محمد خان کي بکر جو جاگيردار مقرر ڪيو ويو. ان سال جي پهرين مهيني ۾ محمد خان جيڪو مذڪوره واپاري سيف الملوڪ جي ڦريءَ مان هو ۽ ٻيا بہ ماڻهو ترسون محمد خان Tarsun Muhammad Khan جا وڪيل بڻجي روهڙيءَ جي شهر ۾ داخل ٿيا هيا، ۽ ڪيسُو خان Kiosu Khan ڏانهن شاهي فرمان موڪليائون، جيڪو ان دور ۾ هن علائقي جو حڪمران هو ۽ بکر جي قلعي ۾ رهندو هو. معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ جڏهن "ترسون محمدخان" اڪبر بادشاهہ سان ملڻ لاءِ ناگور ويو ڇاڪاڻ تہ ان زماني ۾ بادشاهہ اتي رهيل هو، سندس بکر ۾ نوابي جو حڪم منسوخ ڪيو ويو هو. ڇو تہ اتي موجود ڪن وزيرن بادشاهہ کي چيو تہ سيف الملوڪ جي اولاد مان ڪن ماڻهن کي سرحدي علائقي بکر جو قائم مقام مقرر ڪري، ايئن هليو اچڻ عقلمندي ڪا نہ آهي.

"رتو يا رتو - متو" جو ذڪر سروي رڪارڊ ۾ بہ ڪيو ويو آهي، جيڪو اڳين صدي ۾ جڙي راس ٿيو ۽ جن جي حوالن ڪي مان پنهنجو مآخذ ٻڌايو آهي. اهو ماڳ جتوئي (اهو اڪبر جي زماني ۾ ملتان صوبي جي بکر سرڪار جي پارنهن محالن جو مرڪزي شهر هو) کان اتر اوڀر ٽن ڪوهن جي پنڌ تي هوندو هو. هتي سيف الملوڪ جو مقبرو آهي، جيڪو هتان جي ماڻهن ۾ ڏاڏو مشهور معروف آهي.

هڪ روايت ۾ سيف الملوڪ جي ٻڌل ٻَنڌ ڀڄي پنهنجي اصلي پيٽ ۾ وهڻ جي اڳڪتي ڪئي ويئي آهي. تہ هاڪڙو وري ساڳي اوج ۽ موج سان وهندو ويجي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو. برٽن پنهنجي ڪتاب ۾ سروڊيل ستن ماموئي فقيرن جي بيتن مان هڪ بيت قلمبند ڪيو آهي.

"Dyke of Arore be burst and flow
Hakro Perennial to the main
Swim ye fish, ye lillires grow
Where Sammahs Plough the Sultry Plain."

هاڪ وهندو هاڪڙو، ڀڄندي ٻَنڌِ اروڙ
ٻِهہ مڇي ۽ لوڙهہ ، سمي ويندا سوڪڙي.

(سمن مان ٿيون بادشاهہ)

وڏيڪ ٻڌائي ٿو تہ، "هاڻي تہ سمي ڄام تماچي کي گذرئي گهڻو عرصو ٿي ويو آهي ۽ بند کي ٽُهي بہ ڪو دور لنگهي ويو آهي. ٻڌل بند بہ ڪاريگرانہ نموني سان سنڌوءَ کان ڪڍي ٻاهر ڪيو ويو آهي . (شايد هن غلط سمجهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ بيت ۾هاڪڙي جو ذڪر آهي.)

سنڌ جي گزيٽيئر ۾ اڳڪتي واري ساڳي بيت ۾ لکيو ويو آهي، پر ان جي معنيٰ ڪجهہ اڻ پوري آهي.

"When broken Shall be the bandh of Aror,
And the water shall flow over Hakrah,
Where will be the fishing of the summah ?:"

جڏهن اروڙ واري ٻَنڌِ پِڇندي،
پاڻي هاڪڙي مان وري ويندو،
تہ پوءِ سما ميچي ڪاٿي ماريندا ؟

هن بيت ۾ ڏنل هاڪڙي جو لفظ ڪنهن ڳوٺ ڏانهن منسوب ڪو نہ آهي. اصل بيت هن ريت هجڻ گهرجي : جڏهن اروڙ واري ٻَنڌِ پِڇندي، تہ هاڪڙو درياه وري پنهنجي پراڻي پيٽ مان وهڻ شروع ڪندو. ان ڪري سمن وارن علائقن ۾ پاڻي سُڪي ويندو ۽ ميچي ڪا نہ مرندي.

مونکي اها خبر ڪا نہ آهي، تہ درياه جي مڪمل پيٽ ۾. مير معصوم بکريءَ جيڪي پَٿَرِ ڻَ (ڪتبا) نصب ڪيا هئا، سي اڃان بہ موجود آهن يا نہ. يا انهن جي لکت پڙهڻ جوڳي آهي يا نہ. جيڪڏهن اسان اهي پٿر ڻ ڳولهي لهڻ ۾ سوپارا ٿيا سون، تہ اسان کي هن موضوع تي گهڻو ڪجهہ مواد ملي سگهندو. ڏسو حاشيہ ٥١٧

(٥٧٠) ڏسو حاشيہ ٥٨١

(٥٧١) ماٿيلو، ملتان صوبي جي بکر سرڪار جي ٻارنهن محالن مان هڪ هو ۽ هن جي نالي وارو شهر انهن جو صدر مقام هو. هي سنڌ جي انهن ڇهن قلعن مان هڪ آهي، جن جو هتي ڪاٿي بيان اچي ويو آهي تہ مٿي ڏڙن تي ٺاهيا ويا هئا يا ڇچ جي زماني کان اڳ ڏڙن مٿان تعمير ڪيا ويا هئا. موجوده دور ۾ هڪ ننڍو شهر، آهي جيڪو هڪ ڏڙي تي آهي. هن جي اوسي پاسي قديم ڪنڊرن جا نشان آهن ۽ پپل جا وڻ تمام گهڻا نظر اچن ٿا. پنجاب ۾ هنکي "بوهار" سڏيو ويندو آهي ۽ ٻاٽني ۾ سندس نالو Ficus religiosa آهي.

انهن ڇهن مان پيو قلعو سو راءِ ـ Swirai يا سِوراهي Siwrahi هو. هن قلعي جا ڪنڊر پندرنهن سال اڳ بہ موجود هئا. عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ بہ هن ماڳ کي اهميت حاصل هئي. اڪبر بادشاهہ

جي زماني ۾ ملتان صوبي جي ٻيرونِ پنج ند واري علائقي ۾ هڪ محال طور هن جوءِ جي ڏاڍي اهميت هوندي هئي. ۽ پنهنجي محال جو صدر مقام هوندو هو. هن لاءِ اهڃاڻ اهي ملن ٿا تہ هي هڪ سگهارو قلعو هو، سبزل ڪوٽ کان پنج ميل ڪن اتر -اوڀر ۽ ولهار ريلوي اسٽيشن کان ٽي ميل پري هو. جنهن دڙي تي سِوراءِ جو شهر اڏيل آهي، تنهن جي پڪيڙ اٽڪل منو ميل ڪن ٿيندي ۽ ڌرتي جي متاڇري کان ٽيهہ فوٽ ڪن مٿي آهي. چيو وڃي ٿو تہ هن ڦٽي جي چوڌاري موجود جهنگل اندر ٽي سؤ ڪن ڦٽل پڪا کوهہ اڄ سوڌو ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پرسان پراڻو قلعو موجود آهي، جنهن جي پڪيڙ ميل جي چوٿائي جيتري ٿيندي ۽ پٽ جي اوچائي پنجاهہ فوٽ ڪن آهي. سرن جو گهاڙيٽو ۽ بيهڪ ونجهڙوٽ جي سرن جهڙي آهي، جنهن مان لڌل مٽيون، اڪريل پٿرن جي ٽڪرن ۽ ٻين شين جو ذڪر اڳتي ايندو. هتان بہ بهمن آباد جي ماڳن جيان ٺڪر جا گولا مليا هئا، جنجي گولائي ماڻهوءَ جي مٿي جيتري هئي. اهي شايد منجنيق ۾ استعمال ٿيندڙ گولا هئا، جيڪي عرب سپه سالار محمد بن قاسم قلعوَ ڍاهڻ لاءِ ڪتب آندا هئا.

مونکي هيءُ حال ڏسي ڏاڍو ڏک رسيو آهي تہ "ونجهڙوٽ" ۽ ٻين ماڳن جيان هن ٿاڪ وارو ڪوٽ ڪيرائي ان ۾ استعمال ٿيل پڪين سرن کي پيچي روڙي ڪري، ريل بند تي وڇايو ويو آهي. افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ اهڙن تاريخي ماڳن کي ريلوي جي ظالم هٿن کان بچائڻ واسطي ڪو قانون ئي نہيل ڪو نہ هو. پر مصر ۾ اهو قانون هيو، تہ ڪو بہ ماڻهو پنهنجا ڪيسا ڀرڻ واسطي ڪنهن بہ تاريخي ماڳ سان هٿ چراند ڪونہ ٿي ڪري سگهيو. هِتي هڪڙي ٻي ڳالهہ نظر آئي آهي، تہ ريل بند درياهن جي پراڻي پيٽ يا ان جي ڇاڙهن جي لنگهن مان گذري ٿو. اڳئين زماني ۾ سنڌوءَ يا ان جي ڀرتي ڪندڙ شاخن جي وهڪرن ۾ تبديليون ايندي هيون، ان ڪري ريل بند لڙهي وڃڻ جو خوف هوندو هو. شايد اهو سبب آهي جو ريل بند کي مٿي اوچو رکيو

ويو آهي. پر افسوس جو ريلوي لائين سبب کيترائي پراڻا کنڊر ميسارجي ويا. ڏسو حاشيہ ۵۵۴

هن مان اهو معلوم ٿيندو تہ قديم ماڳ جهڙوڪ : ماٿيلو، اباوڙو، پٽني واهڻ، مئو Mau جچ واهڻ، "رام ڪلي" Ram - Kali ۽ غوث پور پيا بہ اهڙا ڪيئي ماڳ دريائن جي وڏن پراڻن پيٽن جي وچ تي موجود آهن. اهڙن پراڻن پيٽن مان هڪ منجهان اچ ڪلهہ نارو وهي رهيو آهي. ڪنهن زماني ۾ هن پراڻي پيٽ مان آب - سنڌ يا سنڌو يا روڊ سنڌ وهندو رهندو هو، جنهن کي مسلمان سياحن مٿين نالي سان لکيو آهي. ان پراڻي پيٽ مان ڪڏهن هاڪڙو درياه بہ وهندو هو، مٿيان درياه جنهن جون پيرتي ڪنڌڙ شاخون هيا. اهوئي سبب آهي جو قلعبند شهر هوندا هئا. ۽ ڪي اڃان بہ موجود آهن ۽ هنڌين ماڳين پڪين سرن جا ٽوٽا ۽ ٺڪرائو پکڙيو پيو آهي.

هن علائقي جي چوڏهن سؤ سالن جي عجيب وغريب تاريخ "سنڌ گزيٽيئر" ص ٦٧٧ تي پڙهي ڏسندا.

سِوراءِ يا سِوِراهي شهر کي ڪننگهام ڪنهن اڳين پراڻي شهر جي صورت ۾ سڃاڻي ورتو آهي. پنهنجي ڪتاب "اينشنٽ انڊيا" جي ص ۲۴۵ تي چوي ٿو تہ، "مان سوراءِ جي رهاڪن کي سوگدي Sogdi ياSodrae سوڊراءِ جي صورت ۾ سڃاڻي ورتو آهي." پر وري هو پاڻ پڌائي ٿو تہ اهو ڪهڙي علائقي ۾ هو، ڪيس اهڙي خبر ڪا نہ آهي. ڏسو حاشيہ ٣٦١

(۵۷۲) جيڪڏهن اهو مضبوط قلعو هوندو، تہ ان جي پرسان ڪو نئون وهڪرو لنگهندو هوندو. ان ڪارڻ هيءُ ماڳ نهايت اهميت وارو بڻجي ويو هوندو.

برٽن (سنڌ - جلد II ص ۲۵۰) چوي ٿو تہ "درياه جو موجوده وهڪرو سڪندر جي دور ۾ ڪو نہ هوندو. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن اهو هتان وهندو هجي ها، تہ مورخن جي نظر کان بچي ڪو نہ سگهي ها.

مسلمان مورخ هن وهڪريءَ جي تبديلي کي ڪن روايتن موجب عرب حملي کان پوءِ جي دور سان ڳنڍين ٿا.

ايسٽ وڪ East wick (ص ٢١) ساڳئي موضوع تي ڳالهائيندي چوي ٿو تہ ” هن مامري ۾ ائرين اسان جي ڪم ڪو نہ ٿو اچي سگهي. درياهن جي موجوده وهڪرن سان سڪندر جي چرپر جا اهڃاڻ پتا جاچڻ اجايو آهي. پر جيڪڏهن درياهن جي قديم وهڪرن سان اهڙي ڪوشش ڪئي وئي تہ سندس سفر جي ڏس پتي ملڻ جو امڪان ٿي سگهي ٿو. اهڙو ذڪر آءُ اڳي بہ ڪري آيو آهيان.

(٥٧٣) روهڙي Rorhi جي حوالي سان ڪئپٽن جي - اي - ويسٽ مئڪاٽ G.E.Westmacott ٣٧ - بنگال اين - I بنگال ايشياٽڪ جرنل - ١٨٤١ع) ۾، هن ماڳ متعلق لکيو آهي، ”روڙي، پر هن جو وڌيڪ صحيح اچار لوهوري Lohuree آهي، (مان اڳيئي هن لفظ جي بنياد ۽ هتان جو ڏيهي اچار ۽ ان جي لکٽي بابت لکي آيو آهيان ڏسو حاشيہ ٢١)، جنهن کي قديم زماني ۾ لوهرڪوٽ (؟) چيو ويندو هو. هي ماڳ چڱو خاصو قديم آهي. چيو ويندو آهي (هتان جي ماڻهن جي بيان ڪيل روايت آهي، پر تاريخ نہ آهي) تہ هن شهر جو بنياد بکر سان گڏ ستين صدي هجريءَ جي وچ ڌاران پيو.“ مان سمجهان ٿو تہ هيءُ غلط آهي. شايد ڪيس خبر ڪا نہ آهي تہ ستين صديءَ جي وچ کان پنجويهہ سال اڳ يعني ٦٢٥ هہ ۾ بکر جو قلعو فتح ڪيو ويو هو. هن گهٽ ۾ گهٽ هڪ صدي پوءِ جو اندازو لڳايو آهي. البت هن ڪجهہ عجيب غريب احوال اوريا آهن، خاص طور تي درياهہ جي وهڪرن بدلائڻ بابت، جنهن جي مان چند ڇاڻ ڪري چڪو آهيان. هو ٻڌائي ٿو تہ، ”ٽڪرين جا تَہہ ليٽيل سنوت وارا آهن، جن تي درياهہ جي پاڻي جي چاڙهہ جا نشان چٽا بيٺا آهن. جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن علائقي ۾ درياهہ جو چاڙهہ ڪڏهن پنجاهہ فوٽ بہ رهيو آهي، جنهن چاڙهہ جي رُت ۾ گهرن جي بنيادن کي ضرور جوکو رسايو هوندو. وارياسن هنڌن وٽ پاڻي جا پراڻا

وهڪرا يا گهارا، جڄهي انگ ۾ پيپل ۽ ڪجين جا وڻ، پاڻيءَ جي ڪاڏ ڪري ڪريل وڏا پٽر، ڪنهن پراڻي زماني سان واسطو ڪو نه ٿا رکن. درياهه جي پنهي ڪنڌين سان موجود ٽڪرين جي وٽين پاسن ۾ لٽ ۽ واري جي موجودگي ڏيکاري ٿي ته اهي پاسا وٽيون ڪڏهن درياه جي پاڻيءَ هيٺ رهيون آهن. (اهو تڏهن ٿيو آهي جڏهن پنج ند يا پنجه-آب جو پاڻي سنڌوءَ جي وهڪري ۾ ڪاهي پيو هو). پٽر ۽ پڪين سرن جون پراڻيون پٽيون پاڻيءَ جي ڪاڏ کان بچاءَ ڪري هنيون ويون هيون، سي اجا بيٺيون آهن. انهن کي اوساريو به ان مقصد سان ويو هو ته جيئن پاڻيءَ جي ڪاڏ ۽ پائيندڙ کي روڪي سگهجي. اهڙي قسم جو ٽيڪو ۽ ٻچي شهر جي جاين سان گڏ هلندي وڃي ٿي، جيڪي ٽڪريءَ تي مٿي جوڙيون ويون آهن." لڳل ٻَچي ۽ پشتي مان اها ڳالهه پڻ ظاهر ٿئي ٿي ته هن کان اڳ درياه، شهر جو ڪجهه حصو پاڻي ويو هوندو. ان کان پوءِ ماڻهن اچي هن ٽڪري تي پنهنجا اجها اڏيا هوندا.

برٽن (سنڌ-جلد II ص ٢٥٠) ٻڌائي ٿو ته "جاگرافي دانن جو چوڻ آهي ته قديم زماني ۾ هي درياهه سکر وارين ٽڪرين جي اوچائي جو وڏو حصو ٻوڙي ڇڏيندو هو. انهن ٽڪرين مٿان ڪا اوپڙ ڪا نه ايرندي آهي. درياهه جو هي وهڪرو ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿو. ڪجهه ٿانهڻ وارين ٽڪرين کي پاڻي ڪاٽي ويو، باقي پڪي پاهڻ واريون ٽڪريون سنڌس وهڪري ۾ رهجي ويون آهن. سکر پاسي درياهه ۾ ٻيٽ به انهن ٽڪرين سان واسطو رکن ٿا. بکر وارو ٻيٽ به هڪ قدرتي دڙو آهي، پر ڪنهن ڪاريگر جي اوساري جو نتيجو ڪو نه آهي اهو دور مار توبن جو دور ڪو نه هو ۽ نه وري ڪنهن هترادو ٻيٽ بنائڻ وارو زمانو هو. جبرالٽر جيان هيءُ به هڪ قدرتي شيءِ آهي.

(٥٧٤) خضر يا الياس کي ڪي ماڻهو پيغمبر الياس سان گڏائي وچڙائي منجهائي ڇڏيندا آهن. ان متعلق چيو ويندو آهي ته هو ايران جي بادشاهه ڪيقباد جو وزير هو. هن لاءِ اهو به چيو ويندو آهي ته هن آب

حيات جو پاڻي پيتو هو. ان ڪري قيامت کان اڳ جڏهن اسرافيل جي ڦوڪ جو آواز ٿيندو تہ بہ هو ڪو نہ مرندو. ان ڪارڻ خواجہ خضر کي زنده پير ڪري سڏيو ويندو آهي. اهو ان ڪري آهي جو سنڌ گزيٽيئر جي مرتب جڏهن هن پيٽ جو حوالو ڏنو آهي تہ پڌايو اٿس تہ هندو هن درگاهہ جي جندپير Jinda Pir يعني پاڻيءَ جي ديوتا جي حيثيت ۾ پوڄا ڪندا آهن. تنهن ڪري هن مسجد يعني هر سجدي ڪرڻ واري جاءِ کي مسجد Masjid ڪري لکيو ويو آهي. خواجہ خضر کي پاڻي ۽ درياهن جي بندو بست رکڻ لاءِ هڪ ذميوار شخصيت سمجهيو ويندو آهي. تنهن ڪري هند جا مسلمان خميس جي شام يعني جُمع جي رات جو ترهن ۽ ٻيڙين تي گل رکي، ڏيا ٻاري اوڏانهن ڪٽي ويندا آهن. اها رسم سج جي پنجين مهيني آگسٽ ۾ ادا ڪئي ويندي آهي. هن ئي مهيني ۾ ترهن ۽ ٻيڙين جو ميلو لڳندو آهي. هڪ ٺرهو خواجہ خضر جي نيت ڪري پاڻيءَ ۾ ڇڏيو ويندو آهي.

خواجہ خضر واري ماڳ بابت ڳالهہ ڪندا آهن تہ ”ٻاجهي“ نالي هڪ ڏنار هوندو هو. سندس غريباڻو اجهو ان ٽڪريءَ تي اڏيل هو، جتي هاڻي روهڙيءَ جو مشهور شهر آباد آهي. هڪ رات ان ڏنار ڪجهہ پنڌ تي باهہ ٻرندي ڏٺي. سمجهيائين تہ ڪنهن راه ويندي مسافر ٻاري هوندي. سو پنهنجي گهر واريءَ کي تانڊي ڪٽي اچڻ لاءِ اوڏاهين موڪليائين. جيئن مائي باهہ جي پرسان پهتي تہ باهہ هڪدم وسامي وئي. هن موٽي اچي سڄي ڳالهہ پنهنجي مڙس کي ٻڌائي. هن سمجهيو تہ سندس زال ڊڄي وئي آهي، تنهن ڪري سندس ڳالهہ تي ڪو نہ وسهيو. پاڻ تانڊي ڪٽي اچڻ لاءِ سنيريّ نڪتو. پر ڏٺائين تہ جيڪو ڪجهہ سندس زال ڏنو هو، سو سڀ سچ هو. هن سمجهيو هو تہ اها ضرور ڪا ڪرامت هوندي. ڪيس ڏاڍو پئو ٿيو. اتي پوءِ هڪ تڪيو يا ٿان جوڙيائين. اتي هوريان هوريان زيارتي گڏ ٿيڻ لڳا ۽ پاڻ ان تڪبي جو خدمتگار ٿي رهڻ لڳو. ٿوري وقت کان پوءِ درياه پنهنجو وهڪرو

بدلايو ۽ ان ٺان جي چوڏاري وهڻ لڳو، جنهن جي مٿان اڄ خواجہ خضر جو آستان موجود آهي.

هيءُ ٿان، بکر جي ٻيٽ کان اُتر پرو آهي، درياه جي وهڪري هن کي بکر جي قلعي کان الڳ ڪري ڇڏيو آهي. اتان ڪجھ سوڙهو آهي تنهن ڪري اڪرڻ ۾ آولو ڪو نہ آهي.

جيتريقدر ٣٤١ هہ جي تاريخ جو تعلق آهي تہ اها خواجہ خضر جي مامري بنا ڪنهن شڪ شبهي جي بلڪل صحيح آهي. اها پڪ آهي تہ هاڪڙي درياه جي ڇاڙهہ جنهن اروڙ کان مٿان ويجهو موڙو کاڌو سو هن تاريخ کان ٿورڙو پوءِ جو واقعو آهي. وڌو امڪان آهي تہ اهو وهڪرو موجوده سکر کان اولاهون پاسو ڏئي وهندو هجي، پوءِ ان ٿورو اپرندي سرڪي بکر ۽ روهڙيءَ وچان پنهنجو رستو ناهيو. خواجہ خضر واري آستان ڏرتيءَ کان ڪتجي ٻيٽ جي صورت ان کان ڪجھ عرصو پوءِ ڌاري هئي. سيني احوالن کي نظر ۾ رکي ايترو چئي سگهجي ٿو تہ هاڪڙي جي ان ڇاڙهہ ٣٣٥ هہ (٩٤٧ع - ٩٤٦ع) ڌاران پنهنجو وهڪرو بدلايو هوندو.

(٥٧٥) ڌيان ۾ رکڻ جوڳي حقيقت هيءَ بہ آهي تہ سکر ۽ بکر جي وچان وهندڙ وهڪرو، روهڙي ۽ بکر وچان وهندڙ وهڪري کان ويڪر ۾ چوٿين حصي جيترو آهي. سکر ۽ بکر جي وچ واري وهڪري جي ماپ هڪ سؤ گز ۽ روهڙي ۽ بکر جي وچ واري وهڪري جي ماپ چار سئو گز آهي. پهرين دور ۾ سکر ۽ بکر جي وچ وارو وهڪرو هيٺ اونهون ڪو نہ هو: روهڙي ۽ بکر جي وچ واري وهڪري جي وَهہ جي تک کي مانارو ڪرڻ واسطي سکر بکر واري تراڪڙي وهڪري کي کوٽي ڪجھ ويڪرو بڻايو ويو آهي.

ايسٽ وڪ چوي ٿو تہ ”جاتي ڪِلي بارن Clibborn جو گهر آهي، اتي درياه وڌيڪ اونهون آهي. هيٺ پاڻيءَ ۾ ڪنهن پراڻي جاءِ جو ٿُنڀ آهي. تنهن ڪري پاڻي ان سان ٽڪرائي ڪُن هڻندو آهي. جڏهن

پاڻي لهي ويندو آهي تہ پراڻي جاءِ جو اهو نُنڍ نڪري نروار ٿيندو آهي. پي ثابتي جنهن کي رد ڪري نہ ٿو سگهجي، سا خواجہ خضر جي ٿان واري لکت آهي، جنهن مان اهو معلوم ٿيندو تہ ڪهڙي زماني ۾ هاڪڙي جي ڇاڙهہ اروڙ مٿان پنهنجو وهڪرو مٽائي بکر جو اولهہ ڏئي وهڻ لڳي هئي. ٻئي هنڌ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ، "سکر ۾ هندن جون تاريخي جايون يا تيرٿ موجود ڪو نہ آهن."

(٥٧٦) مير معصوم شاهہ بکري پنهنجي زماني ۾ گهڻين ئي عمارتن جو بنياد رکيو هو، جيڪي سکر ۽ روهڙيءَ ۾ اڄ بہ موجود آهن. مسجدين ۽ ٻين مذهبي عمارتن اڏڻ جو کيس ڏاڍو شوق هوندو هو. ٻيو تہ کيس پٿرن اکيرڻ ۽ قطعہ - تاريخ لکڻ ۾ هڪ قسم جو ملڪو حاصل هو. هن مامري ۾ سندس ڪو مٽ ثاني ڪو نہ هو. سندس هٿ اکر بہ ڏاڍا سٺا هوندا هيا. جڏهن هو ايران ڏانهن سفارت وٺي ويو هو تہ هندوستان کان تبريز رستي اصفهان ويو. هو هر منزل تي مسجديون يا ٻيون جايون ناهيندو ۽ پٿڏڻ (قطعہ تاريخ وارا پٿر) نصب ڪندو ويو، آگري جي قلعي جي ڦاٽڪ، جامع مسجد فتح پور ۽ ٻين جاين تي، سندس اکريل هٿ اکر اڄ بہ ڏسي سگهجن ٿا. سندس اهم لکت بابت اڳتي هلي اوهان کي ٻڌائيندس.

سيد معصوم بکري، اروڙ پرسانِ هاڪڙي يا مهراڻ جي پراڻي پيٽ ۾ ، وهڪري جي نشان ظاهر ڪرڻ لاءِ پٿڏڻ نصب ڪيا هيا. هن پيون بہ عام ڀلائي لاءِ ڪيتريون ئي جايون جوڙايون هيون. ايسٽ وِڪ قبي سانِ ڇانيل هڪ ننڍيءَ اڏاوت جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪا سندس زماني ۾ فوجي مقصد واسطي ڪتب آندي ويندي هئي. هيءَ عمارت بہ مير معصوم شاهہ جوڙائي هئي. جنهن تي سنہ ١٠٠٨هہ لکيل آهي. هن عمارت جي سامهون هڪ ٻي جاءِ آهي، جنهن تي سنہ ١٠٠٦ هہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

(٥٧٧) سلطان جلال الدين منگ برني - خوارزم شاهہ، مغل فوج

جي روبرو نيلاب ۽ ڪارا باغ جي وچ تان سنڌوءَ جي تيز وهڪري ۾ ٽپو ڏيئي تري اڳتي روانو ٿي، وڃي ملتان ۽ اُچ جي قباچه وارين سرحدن ۾ نڪتو هو. ان زماني ۾ اها سنڌ هئي. پوءِ اتان ڪان ٿيندو مڪران ۽ ڪرمان مان لنگهي وڃي عراق پهتو هو. سندس هڪ امير قباچه تي وڃي راتاهو هنيو هو. ان وقت قباچه اچ کان هڪ فرسخ جي پنڌ تي سنڌوءَ جي ڪنڌي سان فوجي ڪيمپ هيون ويٺو هو. قباچه جان بچائي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو. جامع التواريخ جي مصنف رشيد الدين جي لکت مطابق، هيءُ ڀيڙيءَ ۾ چڙهي آڪر، بَڪر Akar Bakar جي قلعن ڏانهن هليو ويو. هن مورخ مطابق اهي ٻئي ماڳ سنڌوءَ جي ٻن ٻيٽن تي موجُود هئا. پر تاريخ جهان ڪشا اسان کي ٻڌائي ٿي ته اهي ٻئي قلعا هڪ ئي ٻيٽ تي موجود هئا. هتي اها ڳالهه موضوع کان ٻاهر ڪا نه ٿيندي ته بکر، سکر ۽ روڙهي Rurhi يا لوهري بابت ڪن قديم سيلانين ۽ سياحن جون لکتون پيش ڪريون ۽ موجوده دور جي ڪن مصُنفن جون ڪجهون ڦڪيون ڳالهيون به اوهان جي آڏو رکون.

ابن بطوطه پهريون مشرقي سياح آهي، جيڪو قباچه جي وفات کان سوا صدي کن پوءِ ٧٣٤ (١٣٣٣ -٣۴ع) ۾ بکر پهتو هو. هن کان اڳين سياحن جي دور ۾ بکر موجود ڪو نه هو. ۽ امير تيمور جي هندوستان واري حملي کان ستهٺ سال اڳ آيو. بکر بابت هن فقط ايترو لکيو آهي ته، ”هيءُ خوبصورت شهر آهي. هن کي سنڌوءَ جي وهڪريَ الڳ ڪري ڇڏيو آهي.“ ان کان پوءِ هو اُچ ملتان هليو ويو.

مسٽر جوزف سالبئنڪ Mr Joseph Salbanke سنه ١٦٠٩ع ۾ هندوستان کان ايران رستي ترڪي ويو هو. اهو جهانگير بادشاهه جو دور هو. سيد معصوم بکريءَ کي وفات ڪئي اٺ نو سال مس ٿيا هيا. اهو جلوس جهانگيريءَ جو چوٿون سال هو. لکي ٿو ”روهڙي هارين نارين جو شهر آهي. ماڻهو ڏاڍا ستايل ۽ ڏڪايل آهن. هو ڪپهه، ڪپڙي، نير ۽ ٻين شين جا واپاري آهن. ڏيتي ليتي ۾ پٽ پرتيت وارا

آهن.“

”بکر، روهڙي کان لاهور واري طرف آهي. هتان جي گورنر اسان جي شانائتي نموني سان آجيان ڪئي. هتي جون تلوارون ڏاڍيون سٺيون آهن. مون کي تلوارون پرکڻ جو گهڻو تجربو آهي. مان هڪ تلوار ڏهن پائونڊن ۾ خريد ڪئي. اها انگلينڊ ۾ تهيل تلوارن جي مٽ هئي. بکر جي پرسان هڪ ڏنڊي Damiadee درياهه، آهي جيڪو اٺن ڏينهن جي سفر جيترو هلي سنڌو درياهه ۾ ڇوڙڪندو آهي (ڏسو ص ٢٩٧ ۽ ٣٢١ تي ڏنل پراڻو نقشو) اهو درياهه وري گاڏيل Guadel ۾ گجرات جي وچ تي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. درياهه وسيلي بارڪيس Barkes کان چاليهه ۽ پنجاهه ٽن وزني لڏيل جهاز هندوستان جي مختلف ملڪن ڏانهن وڃن ٿا.

سکر جو شهر هڪ ٻيٽ تي اڏيل آهي، (معلوم ايئن ٿئي ٿو ته هن بکر کي سکر ۽ سکر کي بکر سمجهيو آهي) جيڪو وچ درياهه ۾ آهي. منجهس گهڻا ڪوري ۽ کتي رهندا آهن، جيڪي شهر واسين ۽ آسپاس جي رهاڪن جي سيوا ڪندا رهندا آهن. اسان سکر (مونکي پڪ آهي ته قلعي ۾ نه پر شهر ۾ رهيو هوندو.) چويهه ڏينهن رهيا هئا سون. انهيءَ مقصد سان ته جيئن آرام سان قنڌار پهچي سگهون. اسان قنڌار ويهن ڏينهن ۾ پهتاسين. ڏسو منهنجي تصنيف ”نوٽس آن افغانستان“ جو حاشيو ص ٦٧٨ ٻيو سيلائي نڪولس وٺنگٽن آهي. کيس ڪئپٽن بيسٽ Captain Best جيڪو ١٦١٢ع انگريزي ڪونيءَ جو اهم عملدار هو، تنهن کيس مغل دور جي هندوستان ۾ پنهنجو گماشتو مقرر ڪيو هو. سو لکي ٿو ته ”واپاري سامان آگري مان اٺن تي لڏيو ويندو آهي، جيڪو بکر، ويهن ڏينهن ۾ پهچندو آهي. اتان سنڌو درياهه جي وسيلي ٻيڙن ۾ ڪجهي پندرنهن ڏينهن ۾ دنيا جي ٻين ملڪن ڏانهن پهچي ويندو آهي. اسان جيڪڏهن سرٿامس رو جي جرنل تي اعتبار ڪندا سين ته ان دور ۾ بکر جو ٻيٽ هڪ پاسي کان ڏرتيءَ

سان ڳنڍيل هو. بکر سرڪار بابت سندس چوڻ آهي تہ، ”هن جُوءِ جو مکيہ ماڳ بکر سکر آهي، (سندس مطلب آهي تہ ان زماني ۾ بکر جو اڪيلو نالو ڪتب ڪو نہ آندو ويندو هو.) جيڪو سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ سان آهي.بلوچستان جي هاگيچڻ Haagichan جي حڪومت بکر ۽ ٺٽي جي اولهہ طرف آهي. ان جي اولهہ پاسي لاڙ جي حڪو مت آهي، جيڪا شاباس (شاه عباس) Shabas جي رعيت آهي. سنڌو، وڪڙ ڪري ان جو اوپر پاسو وٺي ٿي. هن پاسي ڪو بہ مشهور شهر ڪو نہ آهي.

اسان هنن مختلف بيانن مان سولائيءَ سان سمجهي سگهندا سين تہ سکر يا پراڻو سکر، بکر شهر جو هڪ حصو هو. ان زماني ۾ بکر هڪ طرف ڪان زمين سان ڳنڍيل هو. مان مير معصوم جي مزار ڏانهن اشارو ڪري اهڙي حقيقت طرف ڌيان ڇڪائي آيو آهيان.

سالبئنڪ جو ڊنيڊي Damiadee درياهہ آب - سنڌ آهي. اهو تنهن زماني ۾ ”ڏجي ڪوٽ“ ۽ موجوده وهڪري جي وچ تان وهندو هو، جنهنجو حوالو ڏنو ويو آهي. سنڌي Sindy درياه مان سندس اشارو هاڪڙي درياه ڏانهن آهي.

مندل سلوئي Mandal Sloe چوي ٿو تہ ، ”بکر جو شهر سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنڌين سان اڏيل آهي.هي همراهہ ١٦٣٩ع ڌاران هن علائقي ۾ موجود هو.

هاڻي اسان کي اها ڳالهہ ڏسڻي آهي تہ بکر ۽ سندس اوسي پاسي واري.علائقي بابت، سندس درياهي پيٽ بنجڻ کان صديون اڳ يا پرسان درياه وهڻ کان ڪي صديون پهريائين ڪهڙيون اجايون سجايون ڳالهيون ڪيون ونديون هيون.

ونسينٽ Vincent ۽ جنهن جي تصنيف ”نيويگيشن آف دي اينشنٽ“ تان گهڻا حوالا ورتا آهن، سو پاڻ ٽالمي ڏانهن پوئتي وجي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ، ”مُصنف (ٽالمي) جو سوگدي Sogdi ۽ سابراڪاءِ Sabracae ، بکر Bekhar آهي. (ڊاڪٽر ونسنٽ بکر جي

هجي ايئن لکي آهي). پر اڳتي هلي وري پاڻ ئي لکي ٿو ته، ”مان بين نگر Binagara کي بکر سمجهان ٿو .... ڪراتيرس کي سوگدي جي ٻيٽ وٽان آرا چوياس Arachos ۽ ڊران جيان Drangiana ڏانهن روانو ڪيو ويو هو. اڳتي هلي اهو وري اچي مکيه لشڪر سان مليو هو. ان کان پوءِ هو پرچس Purchas جو حوالو ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته، ”بکر منصوره جي راڄڌاني برابر آهي. ۽ ساڳئي وقت ٻيٽ به آهي. سکر جو شهر به ٻيٽ تي آهي. مان پوري پروسي سان چئي سگهان ٿو ته پرچس Purchas ايئن ڪڏهن ڪو نه لکيو هوندو، ته منصوره راڄڌاني هو يا بکر خود منصوره آهي. فاضل مصنف تالمي بابت ته سڀ ڪجهه چاڻي ٿو، پر مان ايئن سمجهان ٿو ته ڪيس اهو پتو ڪو نه آهي، ته منصوره شهر جو بنياد ڪنهن رکيو هو. هو بهمن آباد بابت به ڪجهه ڪو نه ٿو ڄاڻي. سنڌ جي راڄڌاني اروڙ جي به ڪُيس ڪا ڪل ڪانهي.

ٿاڊ (ص ٣٣٤) چوي ٿو ته، ”بکر جو ٻيٽ (ٻئي هنڌ وري روهڙي بکر ڪري لکيو آهي. مان سمجهان ٿو ته، سندس خيال ۾ اهي به جدا شهر هوندا) سنڌو درياه ۾ موجود آهي. سڪندر جي سنڌوءَ واري سفر ۾ هن شهر کي نمايان حيثيت حاصل آهي.“ سندس خيال آهي ته ”سانگرو Sangra، سنڌوءَ مان ڦٽي نڪرندڙ هڪ ڇاڙهه آهي.“ اها بکر کان ست ميل اتر طرف دڙي Dura جي ماڳ وٽان ڇڄندي آهي. سندس اهو به ويچار آهي ته اهو ضرور سانگرو درياه هوندو، جيڪو نادر شاهه ۽ محمد شاهه جي صلح وقت ٻنهي حڪومتن جو دنگ مقرر ڪيو ويو هو. اهڙين اجاين ڳالهين کي به تاريخن ۾ جاءِ ڏني ويئي آهي. بنا ڪنهن سوچ ويچار جي سنڌ گزيٽيئر جي مرتب اهو لکي ڇڏيو آهي ته بکر جي علائقي کي بکر ٻيٽ سان وچڙائي منجهايو نه وڃي، جنهن مان هن تاثر ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته انهن ٻنهي نالن ۾ ڪو به ڳانڍاپو ڪو نه آهي. پر اها حقيقت نه آهي. ساڳيو مصنف هڪ

ناياب سند جو اشارو ڏئي ٿو، جيڪا سنہ ١٦١١ع ۾ جهاندار شاهہ بکار جي سيدن کي ڏني هئي. جيڪا وٽن اڃان بہ موجود آهي. (ڪيڏي نہ پراڻي سند آهي) اِهي ان جو تعلق سنڌ جي حڪومت سان بہ هو. اها واقعي اچرج جهڙي ڳالهہ آهي. شايد فاضل مصنف کي اها ڪل ڪانہ آهي، تہ سنڌ دهلي جي مغل شهنشاهت ۾ شامل هئي. سنہ ١١٢٦ (١٧١٤ع) تائين يعني ڪلهوڙا دور تائين سنڌ دهليءَ جي مغلن جي ڏن ڀرو هئي ۽ ١٧٣٩ع جي عهد نامي کان پوءِ اها نادر شاهہ جي ماتحت ٿي وئي. پڙهي ڏسو گزيٽيئر جو صفحو ٦٧٧ جتي سنڌ جي تاريخ جو سونهري ورق لکيل آهي.

پوسٽنس (پرسنل آبزرويشن) چوي ٿو تہ، "سکر جي بندر کي هتان جا ماڻهو "چپڙي بندر" Chpri bunder سڏيندا آهن. اليٽ (انڊين هسٽورين، جلد I ص ٥٢١) پوسٽنس جيان سنڌس تقليد ڪندي چوي ٿو، "ڏيهي ماڻهو سکر کي "چپڙي بندر" نالي سان سڏيندا آهن" مان ايئن لکان ٿو. هن جو ڪجهہ پاڳو جڙتو آهي. هن "چپڙي" جو لفظ ڪٿان آندو آهي، سو مون کي پتو ڪونهيّ ڪو.

(٥٧٨) ابوالفضل جڏهن پنهنجو ڪتاب آئين اڪبري لکي رهيو هو، ان زماني ۾ درياهي وهڪرن ۾ اهڙيون تبديليون آيون جو "اچ" هر دوآبي ڪان ٻاهر نڪري ويو هو ۽ بيرون پنج ند واري علائقي ۾ اچي ويو. آئين اڪبري لکڻ پوري ٿيڻ تائين اُچ ان خطي ۾ موجود رهيو. ملتان راوي جي رُخ متجڻ ڪري ٻاري دو آبي ۾ اچي ويو جيئن هاڻي آهي.

(٥٧٩) هن ڪان اڳ ۾، بياس سان ملڻ ڪان پهريائين راوي چناب سان ملندي هئي. اهو سنگم ملتان پرسان اوپر طرف ٿيندو هو. اهو ئي سبب آهي، جو ملتان جي ان پاسي کي "طرف راوي " سڏيو ويندو آهي.

(٥٨٠) هن حقيقت جي تصديق ابن بطوطہ بہ ڪئي آهي. سنڌوءَ بابت ٻڌائي ٿو تہ، " هو سنڌوءَ جي ڪناري وٽ تاريخ پهرين محرم ٧٣٤ هہ (١١ سيپٽيمبر ١٣٣٥ ع) پهتو هو. ان ڪان پوءِ هو پنج - آب واري

ٿاڪ وٽ پهتو. بعد ۾ چوي ٿو ته، ”هتان هند ۽ سنڌ جي سلطان جو ملڪ شروع ٿئي ٿو. هتي اهو ضروري هوندو آهي ته جيڪو ماڻهو دنگ تي پهچي ٿو ته ان جو حال احوال ملتان ۾ رهندڙ سنڌ جي امير ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. وهڪري جي سنگم واري ٿاڪ کان هلي جتوئي Jatui - i (قلعي نسخي ۾ جنلي، جتلي ۽ جتوئي لکيل آهي. پر جتوئي کي ترجيح ڏني وئي آهي). ان علائقي ۾ سميرا قوم آباد آهي. (امڪان آهي ته اهي سومرا هجن). اهي ماڻهو جڏهن عربن سنڌ فتح ڪئي هئي، تڏهن کان وٽي هتي آباد آهن. اتان کان هو سوستان پهچي ٿو. پر اوڏانهون ويندي بکر جو ذڪر ڪو نه ٿو ڪري. پر هو سنڌ کان ملتان ايندي بکر اچي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته، ”هي سهڻو شهر آهي، جنهنکي سنڌوءَ جي هڪ ڇاڙهه الڳ ڪري ڇڏيو آهي.“ پر ٻي ڇاڙهه ڪٿي هئي؟ يا مڪيه وهڪرو ڪٿان وهي رهيو هو؟ يا بکر وٽان لنگهڻ کانسواءِ سِوستان ڪيئن پهتو هو؟ مان سمجهان ٿو ته ابن بطوطه بکر کان اچا به اولاهين وهڪري سان وڃي سِوستان پهتو هو ۽ بکر وٽان گذريو ئي ڪو نه هو. پر جيڪڏهن هن سنڌوءَ جي ان ڇاڙهه تان به سفر نه ڪيو آهي، ته سنڌوءَ جي ڪنهن ٻي ڇاڙهه سان هاڪاري ويو هوندو. اها پڪ ”سنڌ هالو“ واري ڇاڙهه هوندي، جيڪا بکر کان ڪجهه فاصلي تان اولهه طرف کان وهندي هئي. اتان کان هو اُچ وسيلي ملتان پهتو هو، جنهن لاءِ چوي ٿو ته ”سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي آباد هو.“

(٥٨١) هن ماڳ جي اوسي پاسي قديم شهرن جا ڪنڊر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جهرڪ شهر جي ٽيهه ميل ڏکڻ - اوپر طرف ڪاڪيجا نالي قديم شهر جا به کنڊر آهن. نقشي ۾ ڪاٽ ٻانيڻ نالي پيو قديم شهر آهي. جيڪو جهرڪ شهر کان چوويهه ميل - ڏکڻ - اوپر ڏس تي آهي. شاهه طريل به پراڻو ماڳ آهي. جيڪو بدين کان اتر - اتر - اوپر طرف تي واقع آهي ۽ سنڌوءَ جي هاٿوڪي ڦاٽ گونيءَ جي اولاهين ڪناري کان

ٻه ميل پري آهي. محبت ديري کان پنج ميل اوپر طرف نظاماڻين نالي قديم ماڳن جو مُچلو آهي. مان سمجهان ٿو ته اهي محمد بن قاسم جي حملي دوران، چوڙ واري علائقي يا ٻيٺ جا نهايت ڏاکڻان ماڳ هئا. ڏسو حاشيه ١٨٧ ۽ حاشيه ٥٣٨

(٥٨٢) مير معصوم بکري پنهنجي تاريخ ۾ لکي ٿو ته جڏهن شاهه بيگ ارغون ٻهريون ٻيرو ٺٽي تي ١١ محرم ٩٢٦ هه (٢ جنوري ١٥٢٠ع) تي ڪاهيو هيو ته هن اتر طرفان لڪي جي جابلو علائقي رستي هلان ڪئي هئي ۽ خان واهه جي ڪناري سان پنهنجي فوجي وانڌ هڻين هڻائين، جيڪو ٺٽي شهر کان سوا پنج ميل کن اتر طرف هو. تنهن زماني ۾ اهو سنڌوءَ جومکيه وهڪرو هو، پر ججهو پاڻي ان کان ڏاکڻي ڦاٽ ۾ وهي رهيو هو.

(٥٨٣) هن دور بابت تاريخ طاهري جو هن ريت حوالو آهي، مولف چوي ٿو ته، ”سنڌ جو اهو علائقو جيڪو هاڻي وڏيڪ سڪيو ستابو ۽ ريان ڪيان آهي (جڏهن ١٦٢١ع ۾ مذڪوره تاريخ لکجي رهي هئي) سو سومرن جي راڄ ۾ ٧٠٠ هه کان ٨٤٣ هه (١٣٠٠ع کان ١٤٣٩ع تائين) جي وچ واري عرصي ۾ برپٽ بيابان هوندو هو. ان جو سبب اهو هو ته سنڌوءَ ۾ پنج آب پاڻي ٿورو اچڻ لڳو هو. جنهن کي بکر کان هيٺان بهمن Bahmin نالي سڏيو ويندو هو. (پراڻو پنج ند، جنهن جو ذڪر مٿي ٻه اچي چڪو آهي) اهو وهڪرو آباد علائقن بدران غير آباد علائقن منجهان وهڻ لڳو هو........ سومرن جو مرڪزي شهر ”محمد طور“ هو. مصنف ان دور جو ٻه ذڪر ڪري ٿو، جڏهن سمن جو قبيلو اوج تي هو. چاڪاڻ ته ان کان هڪدم پوءِ اروڙ جي اوپر کان وهندڙ پاڻيءَ جي وهڪري جي موڙي ڪائڻ جو بيان ڪري ٿو ۽ اها ساڳي روايت بيان ڪري ٿو، جيڪا اڳ بيان ڪيل آهي.“اروڙ شهر جي هيٺان (اروڙ جو شهر ٽڪرين تي ٻڌل آهي . ان جي پروارو علائقو گهڻو اوپر طرف پکڙيل آهي) پنج - آب جو پاڻي وهندو هو. ساڳي وقت جنهن کي

هاڪڙو، واهندا، واهڻ ۾ پڻ نالن سان بہ سڏيو ويندو هو. چاڪاڻ تہ هر ڳوٺ وٽان لنگهڻ ڪان پوءِ ان جو نالو بدلجي ويندو هو. پوءِ ملڪ کي سرسبز ۽ آباد ڪندو، وچي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو.

تاريخ طاهريءَ ۾ جيڪي تاريخون بيان ڪيون ويون آهن، سي سندس بيان مطابق بلڪل غلط آهن. جيڪڏهن هنجون ڏنل تاريخون صحيح آهن. تہ اهو پتو ڪو نہ ٿو پوي تہ سما گهراڻو ڪهڙي دور ۾ اقتدار ۾ آيو؟ سومرا گهراڻي ديبل، لاڙ يا سنڌ جي هيٺين ڀاڱي تي اقتدار ٢٦١هہ (٨٧٤-٧٥ ع) ۾ حاصل ڪري ورتو هو ۽ سنہ ٧٣٨ هہ (٨-١٣٣٧ ع) سندن زوال آيو. ڪائنس پوءِ سما اقتدار ۾ آيا. اهي ٧٥٢ هہ (١٣٥١ع) کان وٺي سنڌ جا آزاد حڪمران رهيا. ڪائنس پوءِ ارغونن جو وارو آيو. ڏسو حاشيہ ٣١٥ جو آخري ڀاڱو.

(٥٨٤) ستلج جڏهن هاڪڙي کان، وهڪرو مَٽي وئي تہ چڻ سندس آخري پرتي ڪنڌڙ شاخ ڪائنس منهن مٽائي وئي. چاڪاڻ تہ اڳين زماني ۾ گهگر ۽ سندس پرتي ڪنڌڙ پڻ شاخن جو پاڻي برسات جي رت کان سواءِ ايترو گهٽو ڪو نہ هوندو هو، جو ستلج يا پڻ پرتي ڪنڌڙ شاخن جي سنگم وارن ٿاڪن تائين پهچي سگهي. سمجهڻ ايئن گهرجي تہ جنهن وقت ستلج هاڪڙي سان سنگم ڪرڻ ڇڏي ڏنو تہ هاڪڙو سُڪي ويو.

(٥٨٥) هي ءَ اهو وهڪرو آهي، جنهن جو سالبئنڪ حوالو ڏنو آهي ۽ وهڪري جو نالو ڊامياڊي (ڊنڊي) Damiadee لکيو اٿس. هو پاڻ بکر آيو هو. هن ڳالهہ ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجائش ڪانہ آهي تہ وهڪرن ۾ تمام گهٽيون تبديليون آيون هيون، جن جو اسان کي پورو پتو پئجي نہ سگهيو آهي.

(٥٨٦) شڪارپور جي ڪليڪٽر هن کي ”خونڻ ليٽ Khoonun Leht سڏيو آهي، جنهن جو بيان حاشيہ ٥٦٣ تي ڏنو ويو آهي. جنهن وسيلي درياہ جو پاڻي وچي هن پراڻي پيٽ ۾ پوندو آهي. وُوڊ

”رپورٽ آن انڊس“ ۾ چوي ٿو ته، ”منڻ ڪوٽ، بکر ۽ غوث پور جي وچ تي سنڌوءَ جي وهڪري جو حصو، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي، سو پهرين بيان ڪيل ڄڄهه کان مٿي اوپر طرف آهي، پنهي طرفن کان ڪنارا ننڍڙا آهن. جنهنجو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته هتي ٻوڏ تمام گهٽي ڪندو آهي. سنه ١٨٣٧ع ۾ جيڪا مزاري علائقي (هي منڻ ڪوٽ جي اولهه ۾ مزارن جي علائقي ڏانهن اشارو ڪري ٿو) ۾ اٿل آئي هئي، سا درياهه کان ويهه ميل پري تائين هلي ويئي هئي. (پاڻي جو هي چاڙهه روجهاڻ ۽ ڪشمور واري پراڻي پيٽ سان وهي رهيو هو جنهن جو اشارو مان مٿي ڏئي آيو آهيان). عام حالتن ۾ اها ٻوڏ ٻارنهن ميل مس ليٽ ڪندي آهي. سامهون غوث پور واري ڪناري سان ٻوڏ سبزل ڪوٽ کان ٿر جي وَٽِ تائين وڃي پهچندي آهي ۽ اتي هاڪڙي جو پٽ آهي.

هيءُ وڏيڪ چوي ٿو ته منڻ ڪوٽ کان مٿان، سنڌوءَ جي مئي مهيني ۾ ماپ ڇهه سئو اٺ گزَ هوندي آهي. چناب ۽ پنج ند يا پنج - آب جي ماپ ١٧٧٦ گزَ هوندي آهي ۽ اونهائي ۾ ٻه ڀيٽو هوندو آهي. سنڌوءَ مان نڪتل واهڙ ۽ واڌو پاڻي اچي چناب ۾ پوندو آهي.

جيڪڏهن اسان ملتان کان اولهه، ديري غازي خان ڏانهن هڪ سڌي ليڪ ڪڍنداسين ۽ وري ملتان کان ١٠٧ ميل ۽ ديري غازي خان کان ٨٨ ميل غوث پور ڏانهن ان کي ڇڪي هلنداسين، جنهنجي پر پاسي هڪ قديم ماڳ، جيڪو منهنجي سمجهه مطابق باسمد آهي، جتي ڪنهن زماني ۾ آب سنڌ يا سنڌو، رود سنڌو هند (پنج - سنڌ) جو گڏيل وهڪرو هتان وهندو هو. ملتان سمنڊ جي مٿاڇري کان ٤٠٢ فوٽ، بسيرا ٤٠٩ فوٽ ديرو غازي خان ٤٤٠ فوٽ، بهاولپور ٣٧٥ فوٽ، علي پور ٣٣٧ فوٽ ۽ غوث پور ٢٩٥ فوٽ مٿي آهي. سنڌو يا آب سنڌ رود سنڌ و هند ان زماني ۾ هن ڊوري مان وهنديون هيون ۽ ٻئي پنهنجو پاڻي هاڪڙي درياه يا واهندا کي ڏينديون هيون. ان کان پوءِ وري

سنڌوءَ جي اوڀر ڪناري سان ٻه هڪ ڊورو هوندو هو، جيڪو بکر ۽ اروڙ تائين ۽ سامهون واري پاسي سان ڪشمور تائين هلندو هو. ٻيو ڊورو وڪڙ ڪري اولهه طرف "سنڌ هالتو" ڏانهن هليو ويندو هو. حقيقت اها آهي ته هي ٻه ان جو هڪ ڀاڱو آهي. اولهه واري ڀاڱي ڪاڻ هن جو ترو ڪجهه مٿ ڀرو آهي ۽ بکر ڏانهن لهوارو ٿيندو ٿو وڃي. ٻئي پاسي وري الهندي طرف هڪ ٻيو ڊورو آهي، جيڪو بکر کان اتر - اتر - اولهه ۾ ٽيتاليهه ميل ڏور آهي ۽ شڪارپور ڏانهن هلندو وڃي ميهڙ پڄي ٿو ۽ شهداد پور (شهداد ڪوٽ) ۽ ڳڙهي خيري کان ايندڙ ڊوري سان اتي ملي ٿو ۽ ڏکڻ طرف رُخ ڪري ٿو. ڏسو حاشيو٥٧٥

(٥٨٧) هتان جي ماڻهن "ڏانڊي" يا "ڊانڊي" جي جيڪا وصف ڀڏائي آهي، سا اڳ ۾ ئي بيان ڪري آيا آهيون.

(٥٨٨) وچ وارو ننڍو وهڪرو گهٽو مفاصلو جدا ڪونه وهندو هو ۽ ستلج جي بياس سان ملڻ کان اڳ ۾ وري ستلج سان ملي ويندو هو.

(٥٨٩) ڪن ماڻهن گهاري جو مطلب گپ، گيچڙ يا لٽ سمجهيو آهي. پر هن لفظ جي اها معنيٰ ڪا نه آهي. هن لفظ جي هجي ۽ صورتخطي گهاره يا گهارو آهي. گپ جي معنيٰ واري لفظ جيٰ لکت گارو آهي، جيڪو لنبڻ جي ڪم يا ڪنڀرن جي ڪتب ايندو آهي. ڏسو حاشيه ٧٣

(٥٩٠) هيءُ بلڪل پهريون ڀيرو آهي جو ستلج، پنج ند يا پنج آب جو ڀاڱو بڻيو آهي، نه ته اڳي اهو درياه هاڪڙي جي ڀرتي ڪندڙ شاخ هو ۽ هيٺ خانپور يا خير ڳڙهه وٽ هاڪڙي سان ملندو هو. تاريخ اهو ڪڏهن به ڪا نه ٿي ٻڌائي ته ستلج ڪڏهن الهندي ڏانهن سُرڪي ويئي آهي.

(٥٩١) ڏسو ص ٣٠٢

(٥٩٢) ١٨١٩ع واري ڌرتيءَ جي ڌوڏي، سامونڊي ڪناري ڀرسان گهٽي تبديلي آندي. ان ڌوڏي اتر طرف ڪيترو اثر ڪيو، تنهن لاءِ ڪجهه به چئي ڪو نه ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته اتر ۾ ان جا ڪي واضح

نشان ڪو نہ مليا آهن.

(۵۹۳) ڏسو صفحو ۵۰۴

(۵۹۴) ملتان ۽ بکر جي سرڪارين ۾ جيڪي درياهي تبديلين اثر پيدا ڪيا، تن جو ذڪر ابوالفضل جي تصنيف کان وڌيڪ ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ملي ڪو نہ سگهندو. هن بياس ۽ ستلج جي وچ تي بست جلندر جي علائقي ڪهرور - Kuhror جي ڪيترن ڳوٺن جو ذڪر آيو آهي. ملتان، موجوده دور جيان ٻاري دوآبي ۾ هو. پر اچ، اٻاوڙو، پٽي واهڻ(هيءُ پٽين جو ماڳ هو)، بليدين جو جمشير، بلوچن جي دودائي، ڏهرن جي ديراوال (موجوده دور ۾ ديراوار سڏيو ويندو آهي.) ڏهرن جي سوراءِ يا سيوراهي، فتح پور ڳوٺ، ڪهرور، غازي پور جو مهلول، رَيڙي راڄپرRajpur - دود خان Dud Khan (هن جو نالو شايد تازو بدلايو ويو آهي ۽ هتان جي ماڻهن جو ذڪر بہ ڪو نہ ٿو ملي)، موءَ (هاڻي هنڪي موءَ مبارڪ سڏيو ويندو آهي) پٽين جو ماروت Marut (جيڪو موج ڳڙهہ کان ايڪيهہ ميل اتر - اوڀر طرف آهي) مهند ۽ سيت پور SitPur اهي سڀ بيرون پنج ند واري علائقي ۾ شامل آهن. هنن مان دودائي، فتح پور، سيت پور ۽ شايد جمشير سنڌوءَ جي اولاهينءَ ڪنڌيءَ سان آهن. اڳين صديءَ ۾ جيڪا آخري ۽ وڏي اٿل پٿل آئي. تنهن کان پوءِ سيت پور ۽ ٻيا مٿيل نالن وارا ماڳ اڄا بہ درياہ جي اولهہ پار رهجي ويا هئا ۽ اُهي پنج ند کان ٻاهر هئا. هاڻي سيت پور سنڌوءَ جي ايرندي ڪنڌيءَ سار سنڌ ساگر دوآبي ۾ ۽ موجوده دور ۾ مظفر ڳڙهہ جي علائقي ۾ آهي. اُچ، اوٻاوڙو، پٽي واهڻ، سوراءِ يا سوراهي، موءَ يا موءِ مبارڪ ، ماروت ۽ ٻيا ماڳ اڄان بہ پنج ند واري علائقي کان ٻاهر آهن، پر اهي سنڌوءَ جي اوڀر طرف آهن.

مگر ٻئي پاسي جتوئي محال، جيڪي پنج - ند جي علائقي کان ٻاهر ۽ بکر سرڪار ۾ آهن، سي هن وڏي اٿل پٿل کان اڳ ۾ "سيت پور" جيان سنڌوءَ جي اولهہ ۾ هئا. پر هاڻي جتوئي، سنڌ ساگر دوآبہ

۾ سنڌوءَ جي اپرندي پاسي آهي.

ماتيلي جو محال ٻه بکر سرڪار ۾ آهي. ۽ سنڌوءَ جي اپرندي طرف آهي. ٻيا محال ٻه سنڌوءَ جي اوپر پاسي آهن، انهن مان هڪ اروڙ ٻه آهي، جنهن کي قلعو آهي. بکر ٻه نهايت سگهارو قلعو آهي. بلاچ من جي آئين اڪبريءَ ماتيلي بدران "مانهالا" ڪري لکيو آهي. هن کان سواءِ ٻيا ٻه ڪيترا نالا آهن. جن جي هجي غلط لکي ويئي آهي. اڪبر نامي جي ڇاپي نسخي ۾ هيءُ لفظ "متيلو" ۽ ڪاٿي "متيلو" آهي.

ويڊ Wade ۽ مئڪ سن Macke son سنہ ٣٣ - ١٨٣٢ع ۾ هرياري گهاري يا نيلي درياهه وٽان اڪريا هئا. (انهن ٻه هن گڏيل وهڪري کي غلطيءَ وچان ستلج سڏيو آهي.) سندن چوڻ آهي تہ، "چڪرا (چاڪر) جيڪو غوث پور کان چارڪوه اتر - اوپر طرف آهي، سو سنڌوءَ کان گهوڙ يسواريءَ رستي ڏهن منٽن جي پنڌ تي آهي. مٺڻ ڪوٽ ان وقت جي الهندي يا ساڄي ڪناري کان ٽي ميل پري هو. هتي "چڪرا" جي ماڳ وٽان وهڪرو پار ڪيو ، جيڪو پنج ند سان سنگم کان پوءِ ڪجهہ هيٺ پرو هو. اهو نئون پنج ند آهي، جنهن جو ذڪر سندن تصنيف ۾ موجود آهي. سندن چوڻ آهي تہ، پنج ند جو پاٽي "ڳنپير ڳوٺ" ۽ "مُهر ڳوٺ" جي وچ تي هڪ وڏي وهڪري ۾ پئجي رهيو هو. "مُهر جو ڳوٺ" مذڪوره سنگم کان اپرندي پاسي آهي. ان دور ۾ جڏهن چاڙهہ تيندو هو تہ مٺڻ ڪوٽ جي چوڌاري پاٽي ڦري ويندو هو.

(٥٩٥) سمجهہ ۾ ايئن اچي ٿو تہ نئين ريلوي يا "سائودرن پنجاب ريلوي" گهگهر ۽ هاڪڙي درياهہ جي پراڻن پيٽن سان پور ويجهو سان هلندي. امڪان اهو آهي تہ چاڙهہ جي رُت ۾ ٻڏي ويندي. اسان کي چڻ اهو يقين ٿي ويو آهي تہ جيڪڏهن ضروري قدم نہ کنيا ويا، تہ ريلوي جو کاتو ۽ ٺيڪيدار، قديم تاريخي ماڳن تان سرون ڪڍي ڪٽي روڙي ٺٽائي وجي ريل بند تي رکندا ۽ اهي اهم ماڳ هميشہ لاءِ تباهہ ٿي ويندا. اهڙن پراڻن ٿاڪن کي ڳولهي لهڻ واسطي عقابي اکيون رکيون وڃن، جيڪي اهڙن لڪل خزانن کي ڳولهي لهن.

The End

سنڌ جو مهراڻ

راورٽي

مترجم عطا محمد ڀنڀرو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڙِڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪِڙِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٽي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ، چالاڪِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)